ڌرتيءَ تي سرڳ

راڌا سوامي ستسنگ، بياس (پنجاب)

ڌرتيءَ تي سرڳ

ليکڪ

دريائي لعل ڪپور

راڌا سوامي ستسنگ- بياس (پنجاب)

فهرست

باب پهريون

باب ٻيو

باب ٽيون

ڇپائيندڙ
ايس - ايل سونڌي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ، بياس
ضلع امرتسر (پنجاب)

پهريون ڇاپو] ڊسمبر ١٩٧٨ [جلد ٧٠٠٠
ٻيون ڇاپو] آڪٽوبر ١٩٨٧ [جلد ٥٠٠٠

ڇپيندڙ :
راشٽريه پرنٽنگ ورڪس، ڏگي چونڪ، اجمير

Printed at : Rashtrya Printing works, Diggi Chowk, Ajmer

ارپڻ پٽر

مان هيءَ تڇ ڀيٽا پنهنجي پياري ستگرو دين ديال مهاراج ساون سنگهه جن جي پوتر چرن ڪملن ۾ ارپڻ ڪريان ٿو جيتوڻيڪ ڪين ڪنهن به ڀيٽا جي ضرورت ڪونه آهي.

داتا جي! ڪاغذ جي هنن ٿورن ٽڪرن سان گڏ ڪجھ اهڙا به وڏا وڏا انبار آندا اٿم، جن جو ذرو به توهان وٽ ڪونه آهي. انسان اهو ئي ارپڻ ڪري سگهي ٿو جيڪي وٽس موجود هوندو آهي. مون وٽ جيڪي به ڪجھ آهي، اهو توهان کي ارپڻ ڪريان ٿو. مون وٽ ڪجھ ٿورو نه آهي، خزانن جا خزانا ڀريا پيا آهن.

ايرشا ۽ دويش جا، ڪروڌ ۽ تنگدليءَ جا، لالچ ۽ لوڀ جا، مان ۽ اهنڪار جا، ڪام ۽ موهه جا، بي رحمي ۽ انياءَ جا، ۽ آشا ۽ ترشنا جا! پاپن جي ڍيرن جا گاڏا ڀري کڻي آيو آهيان.

منهنجي ڪرمن جي ان ڪاري بنديءَ تي ڪميا جو قلم ڦيرائڻ لاءِ رڳو توهانجي مس ڪڙيءَ ۾ ئي ڪافي مس آهي. توهين رحمت جا ساگر آهيو، اناٿن جا ناٿ ۽ نربلن جا ٻل آهيو. توهين سمرٿ آهيو، سدا بخشنده آهيو. ڪرپا ڪري پنهنجو قلم کڻو ۽ رحمت ڀريو اهو حڪم لکو ته توهان هن اياڻي مهاپاپيءَ جي سڀني گناهن کي معاف ڪري ڇڏيو.

ڪريما به بخشائي بر حال ما، ڪي هستم اسيري ڪمند هوا.
نه داريم غير از تو فريادرس، تون ئي عاصيان را خطا بخشو بس.



حضور مهاراج ساون سنگهه جي

ليکڪ بابت

هن پستڪ جي ليکڪ ديوان دريائي لعل ڪپور جن کي هڪ يوڳيہ جج ۽ مالي منتريءَ جي روپ ۾ مان اُن وقت کان وٺي سڃاڻان جڏهن هو ان عهدي تي ڪپورٿلا جي اڳينءَ رياست ۾ ڪم ڪندا هئا. پر سندن قابل ليکڪ هئڻ جو پتو تڏهن پيو جڏهن هنن رٽائر ٿيڻ کانپوءِ قلم هٿ ۾ کنيو.

سندن انگريزي پستڪ 'ڪال آف دي گريٽ ماسٽر' (سنت سماگم) تہ ايتري قدر پسند پيو جو اُن جو ڇهريون ڇاپو ٻن سالن ۾ ئي خلاص ٿي ويو ۽ هينئر ان جو ٻيو ڇاپو نڪري چڪو آهي. "ڌرتيءَ تي سرڳ" ۾ هنن ڏيرا بابا جئمل سنگهہ جو مختصر اتهاس ۽ انهن مهان سنت ستگرن جا ورتانت لکيا آهن جن هن نندي بستيءَ کي ان شان ۽ بلنديءَ تي پهچايو آهي جو اڄ اها بستي دنيا ۾ هڪ روحانيت جو مرڪز بڻجي پيئي آهي.

سندن لکڻ جي ڍنگ، مان ئي سمجهي سگهجي ٿو تہ هو وڏا ودوان آهن ۽ پرمارٿ جي باري ۾ سندن گهرو اڀياس ڪيل آهي. هنن مهان ستگرن حضور مهاراج بابا ساون سنگهہ جن کان سنہ ١٩١٠ع ۾ نامدان ورتو ۽ ٣٨ سالن تائين حضور جن جي چرنن ۾ رهڻ جو سوڀاڳيہ ۽ فخر حاصل ڪيو. حضور جن جي جوتي جوت سمائڻ بعد سندن گدي نشين مهاتمائن جي مهر ڀري ڇتر ڇايا ۾ هو بلڪل ويجهو رهندا آيا آهن.

ما پر گناهيم، تو دريائي رحمتي، جائي ڪي فضلي تست چي
باشد گناهي ما. *

توهانجي در جو بيڪاري
دريائي لعل

---

* هي دين ديال! منهنجي حال تي رحم ڪر. مان اندرين جي وس ۾ ڦاٿو پيو آهيان. تو کانسواءِ منهنجو فرياد ٻڌڻ وارو ڪو ڪونه آهي. تون ئي گنهگارن جا پاپ بخشڻ وارو آهين. مان پاپن سان ڀريو پيو آهيان. تون رحمت جو ساگر آهين. تنهنجي ديا جي ساگر اڳيان منهنجا پاپ ڪهڙي چيز آهن!

ڇپائيندڙ جي طرفان

'ڌرتيءَ تي سرڳ'، ديوان صاحب دريائي لعل ڪپور جي مشهور اردو پستڪ 'فردوس برين بر روئي زمين' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي. هن ۾ ديوان صاحب ڏيرا بابا ڄمل سنگهه جي استاپنا ۽ وڪاس جو ورتانت ڏنو آهي. ڏيري جو اتهاس هڪ طرح ته انهن مهان سنتن جي جيون جو ورتانت آهي، جن جي اپار ڪرپا ۽ ديا مهر، پريم ۽ محنت سان آستان، جو هڪ ويران بيابان هو سو اڄ وڏي هڪ پوتر ۽ سهڻو باغ بڻجي پيو آهي. ان سان گڏ هي سنت مت جي وستار جو مرڪز آهي ۽ پنجاب جهڙي هڪ ننڍي علائقي کان شروعات ڪري اڄ اهو سنت مت جو سنديش نه رڳو ڀارت جي هر هڪ شهر ۽ پرانت ۾ پر دنيا جي سڀني ديشن ۾ ڦهليو آهي. ليکڪ هن پستڪ ۾ راڌا سوامي ستسنگ، بياس جو اتهاس لکيو آهي ۽ ان سان گڏ هنن جي مهان گرو صاحبن جي پوتر ۽ آدرشي جيون، سنتن ديا مهر جا ورتانت، سنتن مهما ۽ مهانتا کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ديوان صاحب بي-اي-ايل-ايل-بي پاس ڪري جالنڌر ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ جلد ئي هو سٺن وڪيلن مان ليکجڻ لڳا. ستن سالن بعد سرڪار کين جج جي عهدي تي مقرر ڪيو. هوُ ڪپورٿلا رياست ۾ مالي منتري به رهي چڪا آهن. سنه ١٩٤٧ ۾ رٽائر ڪرڻ بعد پنهنجو گهڻو وقت ڏيري

هينئر به هوءُ ڪيترن سالن کان ڏيري ۾ ئي رهندا آهن. اڄ ڪلهه هوءُ سنت ستگرو بابا چرن سنگهه مهاراج جن جا پرسنل سيڪريٽري آهن. جيتوڻيڪ هينئر سندن عمر لڳ ڀڳ ۸۰ ورهين جي آهي ته به ڪين لکڻ جو اُتساهه نوجوانن جهڙو آهي. سندن هن پستڪ سنگت جي هڪ اهم ضرورت پوري ڪئي آهي. مون کي پورو وشواس آهي ته روحانيت جي جگياسين کي هن پستڪ ذريعي سنت مت سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ملندي.

۲۳ ڊسمبر ۱۹۶۶ — پريو ديال شرما

(جي. هاءِ ڪورٽ چنڊيگڙهه)

سندن شڪرگذار آهيون.

اُميد آهي ته پريمي پاٺڪ 'ڌرتيءَ تي سرڳ' ڪتاب سندر ۽ سکيادائڪ سمجهندا ۽ اُهو پڙهي سنت مارگ تي اڳا به وڌيڪ محڪم ارادي ۽ اُتساهه سان وک وڌائيندا.

هن پستڪ جو سنڌي انواد شري منگهارام ديال اجمير نواسي تيار ڪري ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو جنهن لاءِ سندس شڪرگذار آهيون.

نوٽ :- ديوان ديائي لعل ڊسمبر ١٩٧٧ ۾ ڏيري ۾ چولو ڇڏي وڃي پنهنجي ستگرن جي چرنن ۾ سمايا.

ڏيرا بابا جيمل سنگهه — ايس - ايل سونڌي

ڊسمبر ١٩٧٨ — سيڪريٽري

راڌا سوامي ستسنگ بياس

۾ گذاريندا هئا ۽ ١٩٥٧ کان تہ پوري طرح ڏيري ۾ رهڻ
شروع ڪيائون. هو تيز فهم، ودوان، اهڙا سي بزرگ ۽ نمانڻا
ستسنگي آهن. هن وهيءَ ۾ بہ هو ستسنگن ۽ ڏيري جي
شيوا ۾ مصروف هوندا آهن. گذريل ١٦ سالن کان حضور
مهاراج چرنسنگهہ جن جا پرسنل سيڪريٽري آهن.

ديوان صاحب جو انگريزي پستڪ "ڪال آف دي
گريٽ ماسٽر" (هنديءَ ۾ سنت سماگم) تمام لوڪپريہ ثابت
ٿيو آهي. ان جو ترجمو هندي، پنجابي، اُردو، سنڌي ۽
ڪجھ يورپي ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي ۽ ان جو عربي انواد
بہ ڇپجڻ لاءِ تيار آهي. ديوان صاحب ۾ اڄ بہ جوانن جهڙو
اُتساهہ ۽ چستي آهي. 'فردوس بريں' جي اُردو ڇاپي
بعد ڪين پنهنجي گهوڙهي اڀياس ۽ کوج جي دؤران ۾ ڪيترين
ئي حقيقتون مليون ۽ هن عمر ۾ بہ هنن اڻٿڪ محنت ڪري
پنهنجي پستڪ جو هيءُ سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپو تيار ڪيو آهي.

ديوان صاحب جي عمر هن وقت ٨٥ سالن جي لڳ
ڀڳ آهي. هنن ڊسمبر ١٩١٠ تي حضور مهاراج بابا
ساون سنگهہ جن کان نام دان جي دولت حاصل ڪئي ۽
اُنهيءَ وقت کان وٺي لڳاتار ڏيري ۾ ايندا رهيا آهن ۽ ستسنگن
جي شيوا ڪندا رهيا آهن. هنن کي ٦٣ سالن جي اڀياس ۽
ڏيري جي ٽن گرو صاحبن جي چرنن ۾ رهڻ جو سوڀاڳيہ
حاصل ٿيو آهي. هنن ان موقعي جو پورو پورو فائدو ورتو
آهي. ايترن سالن جي انڀوَ، گيان ۽ ڏيري جي وڪاس
جي چڱي طرح ڄاڻ هئڻ سبب هوُ هن ڪتاب لکڻ لاءِ
هر طرح لائق ۽ قابل آهن.

ديوان صاحب هن انمول گرنٿ جا سڀ حق ۽ واسطا
راڌا سوامي ستسنگ بياس کي ڀيٽ ڪيا آهن، جنهن لاءِ اسين

تہ توهانکي فائدو ٿيندو ۽ سچاويڪ ٻين کي بہ اُن مان ڪنهن وقت لاڀ حاصل ٿيندو."

ان وقت جي پريم ڀرئي واتاورڻ کي وساري نٿو سگهجي. جنهن منهنجي دل تي ڏاڍو گهرو اثر ڪيو آهي ۽ جو اڄ (آگري مان) غائب آهي. اُتي جي سچي ستسنگي پائرن ۽ پيئرن کي اسان لاءِ ڏاڍو دلي سنيهہ هو جو اُنهن جي هر گفتي ۽ وهنوار مان ظاهر ظهور ڏسبو هو. جڏهن هو باباجي مهاراج جن ۽ حضور ساون سنگهہ مهاراج جن جي مهما ڪندا هئا تہ دل چوندي هئي تہ اُنهن جا چرن چمان. راءِ بهادر سيٺ سدرشن سنگهہ صاحب (سوامي جي مهاراج جن جا پائٽيا يعني چاچاجي مهاراج سيٺ پرتاپ سنگهہ جا سپتر هئا) جن سان جڏهن حضور مهاراج جن اسانجي واقفيت ڪرائي تہ سيٺ صاحب اُٿي کڙا ٿيا ۽ اسان مان هڪ هڪ کي گلي لڳايائون. اسان ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ سندن چرنن ۾ جهڪي مٿو ٽيڪيون پر سندن ٻانهن مان پاڻ ڇڏائڻ ئي مشڪل هو. ان ڪانپور جي ملاقاتن وقت بہ جڏهن اسين سندن چرنن ۾ جهڪڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين تہ هو اسان کي کڻي پاڪر پائي ڇاتيءَ سان لڳائيندا هئا. باقي ٻين ماڻهن جي پريم بابت تہ توهين پاڻ انومان لڳائي سگهو ٿا! اسين سوامي باغ ۾ رهيل هئاسين جتي چاچاجي صاحب پرتاپ سنگهہ جن جي وقت ۾ باباجي مهاراج جن پنهنجي سنگت جي رهڻ لاءِ ڪوٺڙيون، چؤبارا، رسوئي گهر وغيره ٺهرايا هئا. (اُهي حضور ساون سنگهہ مهاراج جن طرفان شيوا ۾ ڏنل رقم مان ٺهرايا ويا هئا) سڀ ڏينهن ستسنگي پيا ايندا هئا ۽ گهڻي پريم سان وري وري پيا پڇندا هئا تہ ڪنهن بہ چيز جي ضرورت هجي تہ ٻڌايو، ڪا شيوا هجي تہ فرمايو. حضور مهاراج بابا ساون سنگهہ جن کي تہ پنهنجي جتيءَ جي سنڀال ڪرڻ بہ

مهاڳ

هن پوتر پستڪ لکڻ جو آرنڀ حقيقت ۾ سنه ۱۹۱۲ ۾ ٿيو هو، جڏهن مان حضور مهاراج ستگرو دين ديال بابا ساون سنگهه جن سان گڏ سوامي جي مهاراج جن جي ڀنڊاري جي وقت ٻيھريون دفعو آگري ويو هوس. سردار ڀڳت سنگهه وڪيل جالندر وارا، سردار جڳت سنگهه (بعد ۾ سردار بهادر مهاراج جن)، لالا منشي رام، پنڊت ڪشنچند وڪيل امرتسر وارا ۽ ڪي ٻيا ستسنگي به گڏ هئا. ان وقت سوامي جي مهاراج جن جي وقت جا ڪيترائي ستسنگي زنده هئا، مان انهن وٽ وڃي اڳئين وقت جا ورتانت ٻڌندو هوس. هڪ رات جو مان اٽڪل ۱۱ بجي واپس آيس. حضور مهاراج جن ان وقت جاڳي رهيا هئا. اسان جا ٻيا ساٿي، حضور جن جي پلنگ ڀرسان فرش تي ويٺا هئا. مان به چپ چاپ ماٿو ڪري سيني جي پنيان وڃي ويٺس. حضور جن جي پڇڻ تي مون عرض ڪيو، ”حضور! اڄا تائين مون ۾ ٻارن وانگر ڪهاڻيون ٻڌڻ جو شؤق گهٽيو ڪونه آهي. ٻيجي شيواداسيءَ ۽ ٻين جهونن ستسنگين کان باباجي مهاراج جن ۽ سوامي جي مهاراج جن جي ڏينهن جون ڳالهيون ۽ انهن جي چمتڪارن جو احوال ٻڌڻ ويو هوس. ان ۾ وقت گذرڻ جي ته خبر ئي ڪونه پيئي.“ مهاراج جن ڏاڍي خوشي ظاهر ڪئي ۽ جيئن ٻارن کي پيار سان سمجهائبو آهي، ان نموني فرمايائون، ”هيئن ڪريو، هڪ ڪاپي کڻو ان ۾ انهن ڳالهين جو احوال جڏهن به وقت مليو، لکندا وڃو. انهيءَ ۾ هڪ

هميشه ويجهو رهندا هئا سي سڀ چولو ڇڏي چڪا آهن ۽
پاڻ سان اهڙين وارتائن جو اکل خزانو کڻي ويا. اسين سڀ
ٻه مانا ڪائي مٿي چڙهيا آهيون ۽ هاڻ جو سعيو ڪري رهيا
آهيون. اسانجو فرض آهي ته اسين ڏيري جي اتهاس ۽
مهاراج جن جي جيون جا ورتانت لکون جي ايندڙ پيڙهين
لاءِ پريرڻادايڪ ثابت ٿيندا ۽ سنت مت جي روشن راهه
ڏيکاريندا. اهڙي طرح انهن مترن جي زور رکڻ، اتساهه
ڏيڻ، سهيوگ ۽ ساٿ ڏيڻ تي هي ڪاريه شروع ٿيو. ستگرو
دين ديال جن جي ڪرپا سان آهستي قلم هلندو هليو.
پوءِ به ڪجهه پنهنجن ڪمن جي بوج ۽ ڪجهه سستيءَ سبب هي
ڪاريه پوري ڪرڻ ۾ دير پوندي ويئي. پر سنه ١٩٦٤
جي شروع ۾ منهنجي معزز متر راءِ بهادر لالا شنڪرداس مون
کي هڪ خط لکيو ۽ هن ڪاريه کي جلدي پورو ڪرڻ لاءِ
تاڪيد ڪئي. هن لکيو ته گذريل ڇهن ستن سالن ۾ پروفيسر
جگموهن لال، بالڪرام، راءِ بهادر گلونت راءِ، لالا منشيرام
بابو گلاب سنگهه ۽ ڪيترا جهونا ستسنگي چولو ڇڏي چڪا
آهن ۽ هاڻي اسانجي حياتيءَ تي وري ڪهڙو ڀروسو آهي؟
ڪجهه سالن يا مهنن، ٿي سگهي ٿو ته ٿورن هفتن جا مهمان
هجون. هن خط لکڻ کان ٿورائي مهنا پوءِ جڏهن
لالا شنڪرداس به راهه زباني وٺي ويا ته منهنجي دل کي
ڏاڍو صدمو پهتو ۽ سندن خط جا لفظ ياد اچڻ لڳا.
جيتوڻيڪ فيبروري ١٩٦٣ ۾ لکڻ جو ڪاريه لڳ ڀڳ
پورو ٿي چڪو هو پوءِ به ان جي ڇپائڻ ڏانهن منهنجو ڌيان
ڪونه ويو. لالا شنڪرداس جي ديهانت بعد لکيل
ڪتاب وري نظر مان ڪڍي ١٩٦٦ ۾ تيار ڪيو ويو ۽ ڇپائڻ
لاءِ پريس ۾ موڪليو ويو.

هن پستڪ ۾ سنه ١٩١٠ کان اڳ، جون گهٽنائون هيٺين

مشڪل ٿي پوندي هئي. هڪ دفعي ڪنهن نموني سندن جُتي سيٺ سدرشن سنگهه صاحب جن کي هٿ لڳي وئي. اُها پنهنجي مٿي تي رکي سيٺ صاحب جن فرمائڻ لڳا، ”ڏسو، ڪهڙو نه عاليشان تاج پنجاب مان اسان لاءِ آيو آهي.“ واهه! نهنائي، نمرتا ۽ سنتن ۽ مهاتمائن جي جاگير هوندي آهي.

خير، هن اتهاس جي شروعات ته حضور مهاراج جن جي ڪرپا ۽ آشيرواد سان ٿي وئي ۽ سندن دِيا مهر سان ڪيترن ئي سالن ۾ آهستي آهستي چڱو ذخيرو به ڪٺو ٿي ويو. پر ڪڏهن به اهو خيال ۾ نه آيو ته ان کي هڪ پستڪ جي روپ ۾ ڇپايو وڃي. ڏيري ۾ ڪنهن ڀنڊاري جي موقعي تي منهنجي ڪن دوستن خيال ڏيکاريو ته ڏيري جو اتهاس ۽ ان جي مهان سنتن جي باري ۾ ڪجهه ته لکڻ ئي گهرجي. انهن مترن ۾ ڏيري جو سيڪريٽري لالا منشيرام، راءِ بهادر لالا شنڪرداس (رٽائرڊ پبلڪ پراسيڪيوٽر)، راءِ بهادر گلونت راءِ (رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج)، بخشي چانن شاهه (رٽائرڊ انڪم ٽئڪس ڪمشنر)، لالا بالڪرام (رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج)، لالا ارجنداس ۽ لالا ڌنراج شاهه (وڪيل دهلي) هئا. ڪن مترن کي اها خبر هئي ته مان وقت به وقت ڪي ڳالهيون نوٽ ڪندو ويندو آهيان. اُنهن مون تي زور رکيو ته مان پنهنجن نوٽس جي آڌار تي ۽ ٻي سامگري ڪٺي ڪري ڏيري جو اتهاس قلمبند ڪريان. لکڻ جو ته ڪو آزمودو هو ڪونه سو هن ڪاريه کي هٿ ۾ کڻڻ کان ڊڄي هٽڪيس. پر انهن دوستن ۽ پريمين ڏاڍو زور رکيو ۽ مجبور ڪيو. اُنهن ائين به چيو ته ڏن به ڏن جهونا ستسنگي وڃن ٿا هي فاني ۽ اَسار سنسار ڇڏيندا. راءِ صاحب هرناراڻ، سردار ڀڳت سنگهه، سردار شيوا سنگهه وغيره ستسنگي جي سنگرو مهاراج ساون سنگهه جن جي

مونکي ١٩١٠ ۾ نام دان جي انمول بخشش ملي هئي ۽ مان تڏهن کان وٺي هميشه ڏيري ۾ پيو ايندو آهيان. هن پستڪ ۾ ڪيترين ڳالهين مون پنهنجي انڀو ۽ آزمودي مان به لکيون آهن.

'فردوس بريں' جي ٻئي ڇاپي بعد منهنجي ڪن مترن ۽ ستسنگين ڏيري جي اتهاس ۽ باباجي مهاراج جن، حضور مهاراج ساون سنگهه جن ۽ سردار بهادر مهاراج جگت سنگهه جن جي باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ٻڌايو. اهو ڏسندي ۽ مترن جي رت تي مون هن پستڪ ۾ ڪجهه درستيون ڪيون ۽ ان ۾ وڌيڪ گهٽنائون درج ڪيون. ڪيترين ڳالهين جي باري ۾ مون وري به پڇاڳاڇا ڪئي آهي ۽ پستڪ ۾ اڄ تائين ٿيل ورتانت شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هاڻي هيءُ نئين سر سڌاريل ۽ درست ڪيل پستڪ پاٺڪن جي اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان.

سردار بهادر مهاراج جگت سنگهه جن جي باري ۾ اڳئين اردو ڇاپي ۾ تمام گهٽ لکيو هوم. پنڊت لالچند ڏرماڻي ۽ ڏرماڻي ڪٽنب، لالا شنڪرداس سونڌي جي ڪٽنبين (شري ايس - ايل سونڌي، ايئر وائيس مارشل سونڌي) ۽ پروفيسر سردار بلونت سنگهه جن هن وشيه ۾ مونکي چڱي سامگري ڏني آهي. جن ڏينهن ۾ سردار بهادر جن لائلپور زرعي ڪاليج ۾ پروفيسر هئا، تڏهن ڏرماڻي پروار ۽ سونڌي پروار وارا به لائلپور ۾ رهندا هئا ۽ سردار بهادر جن جي بلڪل ويجهو هئا. پنڊت لالچند جن ته هميشه سردار بهادر مهاراج جن سان گڏ ئي رهندا هئا. سردار بلونتسنگهه لائلپور ۾ سردار بهادر جن جا شاگرد هئا ۽ تڏهن کانوٺي آخر تائين سردار بهادر مهاراج جن سان گڏ رهندا هئا. ان ڪانسواءِ ٻيجي رلي، لمبردار جگت سنگهه،

معزز سڄڻن طوفان ملين ورتانتن جي آڌار تي لکيل آهن :-

بابا غريب داس جن، راءِ بهادر سيٺ سدرشن سنگهه جن، بيبي شيواداسي، (هي ٽيئي سوامي جي مهاراج جن جا ستسنگي هئا ۽ بابا جئمل سنگهه مهاراج جن جي ويجهو هئا.) بيبي رکو (ماتا راڌا جن جي شيوڪا) بابا بگا سنگهه، مهنت اندر سنگهه (جيڪو بابا جي مهاراج جن سان گڏ سندن پاٺ ۾ ڪم ڪندو هو ۽ شايد باباجي مهاراج جن جو پهريون ستسنگي هو.) باباجي مهاراج جن جا شيوڪ ڀائي منا سنگهه، بابا نظام الدين صاحب، منشي چانن مل، بيبي رلي، جو پتا ڀائي ملکي رام، ڀائي موتيرام، لالا پرمانند بجاج، بابو گلاب سنگهه جن، ڀائي سرڻ سنگهه ۽ منگهر سنگهه (اهي سڀئي سڄڻ باباجي مهاراج جن جا شش هئا) وڏائيچ ۽ ٻالسراءِ ڳوٺن جا ڪجهه بزرگ، سڄڻ (سردار لال سنگهه، لمبردار جڳت سنگهه وغيره)، ڀائي اروڙ سنگهه ۽ بنتا سنگهه (ٻئي گهڻي وقت تائين مهاراج ساون سنگهه جن جا خاص شيوادار هئا ۽ حضور جن جي سرڪاري نوڪريءَ جي ايامڪاريءَ ۾ ۽ ان ڪانپوءِ ٻه سائين گڏ رهندا آيا)، حضور مهاراج جن جا سپتر سردار بچنت سنگهه جن ۽ ٻين ڪيترن ئي بزرگ ستسنگين، جن جي سمپرڪ ۾ اچڻ جو مونکي سوڀاڳيه حاصل ٿيندو رهيو. خود حضور مهاراج ساون سنگهه جن ڪڏهن ڪڏهن ستسنگن ۾ يا وارتالاپ ڪرڻ مهل گذريل ڳالهين جو ذڪر ڪندا هئا جن جو ٻه مون هن پستڪ ۾ ورنن ڪيو آهي.

سنه ١٩٢٠ ڪانپوءِ جون گهٽنائون، لالا منشيرام، راءِ بهادر گلونت راءِ، راءِ بهادر شنڪرداس، لالا بالڪرام، بخشي چانن شاهه، راءِ صاحب لالا ارجن داس، ڀائي شادي، بيبي رلي ۽ ٻين ڪيترن ئي ستسنگين جو اکين ڏٺل احوال ڏنل آهي.

ڏنو ۽ سمجهيو اهو هن ڪتاب ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هن ۾ پنهنجي ڪمين يا چوڪن لاءِ مان پنهنجي پياري ستگرن کان معافي ٿو گهران ۽ ان سان گڏ اُدار پاٺڪن کان به معافي طلب آهيان.

” اَز بندگاني خطا و اَز بزرگاني عطا “

(ننڍن کان خطائون ٿينديون ئي رهنديون آهن،
وڏن جو ڪم آهي اُهي معاف ڪرڻ)

آخر ۾ منهنجي اِها وينتي آهي ته مون هن پستڪ ۾ ڏيري جي اِتهاس سان گڏ ئي هتي جي مهان سنت ستگرو صاحبن جي مهما پڻ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر سنتن جي مهما ڪو به نٿو ڪري سگهي، اُنهن جي ته مهما اَپر اَپار آهي ۽ نه ڪير انهن کي سمجهي سگهي ٿو. مهان سنت تلسي صاحب جي شبدن ۾ اها ڳالهه دهرايان ٿو.

” جو ڪوئي ڪهي سنت ڪو چينها،
تلسي هاٿ ڪان پر دينها “

منهنجو ته هي پرم سوڀاڳيه ٿيندو جيڪڏهن هيءُ پستڪ منهنجي پياري ستگرن جي دربار ۾ قبول پوندو ۽ پاٺڪن کي به پسند ايندو.

آڪٽوبر ١٩٧٣ اوهانجو

دريائي لعل ڪپوُر

سردار گوردِيال سنگهه، بخشي ملوڪچند، ڊاڪٽر ڪماري سنها، شري رامناٿ مهتا ۽ ڪن ٻين ستسنگين جي سهايتا سان حضور سردار بهادر مهاراج جن جا ورتانت وري لکيا ويا آهن. مان انهن سڀني سڄڻن جو شڪرگذار آهيان.

موجوده سنت ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن جي باري ۾ مون پورو احوال لکيو آهي ۽ ان کي اڄ تائين مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ان ۾ حضور جن جا ڪيترا ستسنگي، ڀارت ۽ وديش جي جدا جدا ستسنگ- ڪيندرن جا سيڪريٽري، ڪماري لُئي هلگر، مسٽر ايڇ ايٿ ويڪلي، مسٽر سيم بُوسا، شري رامناٿ مهتا، پروفيسر جنڪ پُري شري مدن مهتا، شري ڪرشن بابائي ۽ ايئر وائيس مارشل سونڌي (پويان ٻنهي ئي سڄڻ مهاراج جن جي وديشي دؤرن ۾ سندن سفر ۾ سيڪريٽري ٿي رهيا آهن) ۽ ڀارت ۽ وديش جي ٻين ڪيترن ستسنگين ٻه سهايتا ڪئي آهي. مان انهن جو ٻه نهايت شڪرگذار آهيان. هن ڪتاب جي هندي ڇاپي تيار ڪرڻ ۾ شري رويندر سيٺيءَ جيڪا مدد ڪئي آهي ان لاءِ مان کيس ڌنيواد ڏيان ٿو. سڀ کان وڌيڪ شڪرگذار آهيان مان ستگرو دين دِيال جن جو، جنهي دِيا ڀر سان هيءُ پستڪ پورو ڪري سنگت ۽ پاٺڪن جي سيوا ۾ ڏيئي رهيو آهيان. مان ڪو ليکڪ، وچارڪ يا ساهتيڪار ڪونه آهيان. نه مان ڪو گياني آهيان، نه ڪو ودوان آهيان نه ڪو ٻوليءَ جو ماهر يا ٻهاڪن ۽ اصطلاحن جو ڄاڻو آهيان. صحيح روپ ۾ ايترو ضرور چوندس ته سنه ١٩١٠ ۾ هن ناچيز گنهگار کي ستگرو دين دِيال جن پنهنجن پوتر چرنن ۾ استان ڏنو ۽ مون تڏهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٽن مهان سنتن جي ويجهي رهڻ جو فخر حاصل ڪيو آهي. پنهنجي ٦٢ سالن جي عرصي ۾ جيڪي ڪجهه مون

باب پهريون

پوتر ڏيرو ۽ ان جا بانيڪار

ڏيرا بابا جئمل سنگهه جو بنياد سنه ١٨٩١ع ۾ بابا جئمل سنگهه مهاراج جن وڌو. هو ڳوٺ گهمان، تعلقي ٻٽالا جي هڪ جاٽ خاندان مان هئا. سندن پتا صاحب جو نالو سردار جوڌ سنگهه ۽ ماتا صاحبه جو نالو بيبي دياڪور هو. سندن جنم سانوڻ مهني سنبت ١٨٩٦ برابر جولاءِ ١٨٣٩ع ۾ ٿيو. جنم کان ئي سندن لاڙو پرمارٿ ڏانهن هو ۽ سندن دل ايشور ڀڳتي ۽ پرماتما جي پريم سان ڀرپور هئي. گهمان ڳوٺ ۾ نامديو جن جو هڪ ڏيرو آهي جنهن لاءِ عام چوڻي آهي ته نامديو ڀڳت حياتيءَ جا ڪئين پويان سال اُتي اچي رهيو هو. باباجي ننڍي هوندي کان ئي صبوح شام اتي ويندا هئا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُتي جي مهنت ڪيمداس وٽ ويهي گرٻاڻي ٻڌندا هئا. مهنت سندن پريم ۽ شوق کان پرڀاوت ٿي کين ٻاڻي پڙهائڻ شروع ڪئي. انڪري ننڍي عمر ۾ ئي گرنٿ صاحب جو بلڪل شڌ پاٺ ڪري سگهندا هئا ۽ جپ صاحب ۽ سکمني صاحب کين برزبان ياد ٿي ويا هئا. پورن پرش جڏهن هن دنيا ۾ اچن ٿا ته ننڍي عمر کان ئي هنن جي بزرگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳن ٿا. جهڙي طرح وڄ جو چمڪاٽ گهور بادلن جي ڪاري پردي کي چيري ٻاهر اچي ٿو، اهڙيءَ ريت پرماتما جو نُور به هن خاڪي چولي جي پردي ۾ لڪائڻ سان به لڪي نٿو

ڏا رڪاوٽ وجهي سگهن؟ پريم ۽ عشق ڪا نه ڪا واٽ ڳولهي ئي لهي. اُنيءَ سنڀالي ۾ به سنڌن ميل ميلاپ سادن مهاتمائن سان ٿيندو رهيو. هڪ يوگيءَ سان ملاقات ٿين جنهن کين پراڻايام يعني يوگ جو طريقو سيکاريو جنهن ۾ جلد ئي خوب ترقي حاصل ڪيائون. اهو يوگي کين چوڻ لڳو ته ٻچا نون نه اڳئين جنم جو ڪو پورن يوگي ٿو ڏسجين جو هن اڀياس ۾ نون ايتري تيزيءَ سان وڌي رهيو آهين جڏهن ته اهي منزلون اڳيئي طئہ ڪري ڇڏيون آهن. پر بابا جي مهاراج جن ڪافي ترقي ڪري ان اڀياس کي به ڇڏي ڏنو ڇاڪاڻ ته گرنٿ صاحب ته اُن طريقي کي "پران يوگ سب جهگڙا"، چئي ڪنڊن ڪيو آهي. اُن معصوم ۽ نردوش دل ۾ مالڪ جي کوج جاري رهي پر "مرض وڌندو ويو جيئن جيئن دوا ڪئي."

ٿورن ڏينهن کانپوءِ سنڌن پيءُ ٻيجي ٽابو جڏهن بابا جن جو پرمارٿ ڏانهن هيترو جهڪاءُ ڏٺو ته پيءُ کي نياڻو موڪليائين. ٻيجي ٽابوءَ جي نياڻي مطابق ئي سنڌن پتا کين پنهنجي ڳوٺ گهمان وٺي آيو. ان وقت سنڌن عمر ١٢ - ١٣ سال مس هئي. هتي اچي بابا جي مهاراج جن گرو گرنٿ صاحب جو اڀياس اُن راز ڳولهڻ لاءِ ڏاڍي غور سان ڪيو ته گرنٿ صاحب ۾ پراڻ يوگ، ويراڳ، هٺ ڪرم، جپ تپ، تيرٿ ورت، ڪرم ڪانڊ وغيره جو کنڊن ڪيل آهي ته پوءِ باقي اهو ڪهڙو طريقو، اڀياس يا مارگ هو جنهن تي هلي گرو نانڪ صاحب، ڪبير صاحب، نامديو جي، ۽ ٻين پرسنت مهاتمائن ان اوچ گتيءَ کي پراپت ڪيو ۽ انهن پنهنجي باڻيءَ ۾ اڪال پرکس کي ملڻ واسطي پرمارٿ جي ڳولائن لاءِ ڪهڙي رستي جو ذڪر ڪيو آهي. کين اُن مارگ جي تلاش هئي.

سگهي. روحاني سورج جا ڪرڻا هن جسماني قيد ۽ بند مان
نڪري چوطرف پنهنجو شعاع ۽ هڳاءُ ڦهلائي ٿا ڇڏين. بابا
جن جي عمر اجان اٺن نون سالن جي هئي جو سندن زور پرڻ
تي مهنت کيمداس کين "سوهنگ سنٿام" جي جاپ ڪرڻ
جي جڳتي سيکاري. ان جاپ ڪرڻ سان سندن من ايڪاگر
ته ٿيو پر سندن اندر جي روحاني جگياسا شانت نه ٿي.
بابا جن کي ته اُن نام جي تلاش هئي جنهن بابت گرنٿ
صاحب ۾ لکيل آهي، "نامي هي ٿي سڀ ڪڇه هٿا"، ۽
"نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ"، "نام ڪي ڌاري آڪاس
پاتال،" "نام ڪي ڌاري پريان سڀ ڀون." سندن کوجي
من ڀلا اهو ڪيئن ٿي مڃي سگهيو ته زبان سان اُچاري سگهڻ
وارن انهن لفظن کنڊن برهمنڊن جي رچنا ڪئي آهي. ڀلا
ڪي اکري نالا ساري دنيا جي رچڻ جو باعث ٿي سگهن ٿا؟
تنهنڪري اُن سچي نام جي کوج ۾ جنهن جو گرنٿ صاحب ۾ هر
هنڌ ورنن ڪيل آهي، سارو ڏينهن اُنهن سادن مهاتمائن جي
صحبت ۾ ويٺا هوندا هئا، جي سندن ڳوٺ ۾ نامديو جي ڏيري جو
درشن ڪرڻ ايندا هئا انهنجي پاڻ چڱي طرح شيوا ڪندا هئا ۽
ڏينهن رات انهن سان پرمارٿي وارتالاپ ڪندا رهندا هئا. پنهنجي
خانداني زندگي زميننداري لاءِ بلڪل رچي ڪانه هئن. سندن
پتا جي دل ۾ اچي شنڪا پيدا ٿي ته هونهار ڇوڪرو متان
سادن جي صحبت ۾ رهي سادو نه ٿي پوي، تنهنڪري
اهڙي ميل ميلاپ کان دور ڪرڻ لاءِ سندن پتا کين سندن پيڻ
بيبي تابو، جا سنيالي ڳوٺ ۾ رهندي هئي، وٽ موڪلي
ڇڏيو پر "گهايل کي گت گهايل جاني اور نه جاني ڪوءِ."
جنهنڪي هردي ۾ مالڪ سان ملڻ لاءِ تڙف ۽ برهه جا ڦٽ
هجن، ان جي حالت کي سادارڻ دنيادار ماڻهو ڇا سمجهي
سگهندا! ان جي راهه ۾ ڀلا درياءَ، پهاڙ يا مفاصلو کهڙي

ڪانپوءِ سندن مائٽن طرفان باباجي مهاراج جن کي ڪنهن به مخالفت ڪي منهن ڏيڻو نه پيو. ساري عمر شادي ڪونه ڪيائون ۽ ٻال برهمچاري رهيا.

ٿوري وقت کانپوءِ سندن پتا جو ديهانت ٿيو. ان سبب هڪ طرف ته ماتا جي شيوا جو خيال ۽ محبت جي مجبوري ۽ ٻئي طرف مالڪ سان ملڻ جي تڙپ، اندر ئي اندر کين پچائي رهي هئي. عجيب ڪشمڪش هئي. "جنب ڪڻ ته جنب ڳرو ڦر ڪڻ ته ڦر ڳرو" وارو معاملو هو. آخر هڪ ڏينهن پريم پيار سان ماتا کي سمجهائي ڪانئس ٻاهر وڃڻ جي اجازت ورتائون. انساني زندگيءَ جو جيڪو اصلي مقصد آهي، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهر مان نڪري پيا. امرتسر، لاهور، ننڪاڻا صاحب، ايمن آباد وغيره ڪيترن ئي استانن تي ويا مگر اهو ماڻڪ موتي جنهنجي تلاش ۾ سرگردان هئا کين هٿ نه آيو. امرتسر ۾ هڪ اُداسي سادوءَ کان گهور شبد جو اڀياس به سکيا پر چت کي تسلي کين نه آئي. جتي به ڪنهن ڪمائيءَ واري مهاتما جو ڏس ٿي مليو، اتي وڃي ٿي حاضر ٿيا پر پنجن شبدن جو ڀيدي مهاتما کين ڪونه مليو. گهور شبد، پراڻايام، هٺ يوگ، ويدانت وغيره جي باري ۾ ڪيترن ئي ڪامل هندن ۽ مسلمانن فقيرن سان سندن ملاقات ٿي. انهن مان ڪي ته رڌين سڌين جا مالڪ به هئا. ڪيترن ئي کين چيلي بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پر گرنٿ صاحب ۾ جيڪا پوري گروءَ جي پڇاڻ درج ٿيل آهي ته

"گهرمهه گهر ڏکاءِ دي سو ستگر پرکھ سجان،
پنچ شبد ڌنڪار ڌن، تهه باجي شبد نيسان"

ان ڪسوٽيءَ تي ڪوبه ثابت نه بيٺو. پنجن ڏيسن ۽

ڪيترائي دفعا گرنٿ صاحب ۽ ٻين مهاتمائن جي ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪرڻ بعد پاڻ ان نتيجي تي پهتا ته پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڪنهن اهڙي ڪامل مهاتما يعني ”پوري ستگروءَ“ جي ضرورت آهي جو خود اهي سڀ منزلون طئه ڪري چڪو هجي ۽ جگياسن کي اهي منزلون پار ڪرائڻ ۾ سمرٿ هجي. گرنٿ صاحب ۾ اهڙي ڪامل مهاتما جي تلاش ڪرڻ لاءِ هر سٽ، هر صفحي تي ڪئين ڀيرا اهڙا وچن ڏنا ئون. ٻين مهاتمائن جي ٻاڻيءَ ۾ به اهڙن وچنن جي زوردار تائيد ڪيل ڏسي دل ۾ اهو پختو يقين ٿي وين ته پوٿيون پڙهڻ، ويدن شاسترن جي پڙهڻ پڙهائڻ سان، يا ڪنهن به گرنٿ يا ڌرمي پستڪ جي پوڄا يا پرستش ڪرڻ سان ايشور جي پراپتي ناممڪن آهي. وري گرو صاحبن جي ڀڳتيءَ جي طريقي ۽ اڀياس جي نسبت پوري ڇڻ ڇوت ۽ ويچار ڪرڻ بعد اهو نشچو ٿين ته گرو صاحب انحد شبد جا اڀياسي هئا ۽ هنن جو مارگ، ”پنجن شبدن“ جو هو ۽ برهم، پار برهم ۽ سچي لوڪن کان پري جو ست لوڪ ۽ سچکنڊ، آهي جو پرلئه ۽ مها پرلئه کان مٿي آهي، اهوئي سندن مقصد ۽ آدرش هو.

هاڻي اهو ويچارڻ لڳا ته اهڙو مهاتما ڪٿان ملي جو اُن مارگ جو ڀيد سمجهائي. انڪري جيڪو به سادو مهاتما سندن ڄوت ۾ ايندو هو، ان کان راهه جي باري ۾ پڇندا هئا. اُن وقت سندن عمر قريبن ١۴ سال هئي. سندن ماتا پتا کي هنجي آتم بل ۽ محڪم ارادي جو ڪافي اَنڀو ٿي چڪو هو انڪري ڪين شاديءَ جي بندنن ۾ ٻڌڻ چاهيو ٿي پر رب جا عاشق دنيا ۾ ڪيئن ڦاسندا؟ هنن صاف اِنڪار ڪيو. هنجي مائٽن کي سندن طبعيت جي بخوبي خبر هئي انڪري هنن کين پنهنجي موج تي ڇڏي ڏنو، ۽ ان

پنيان ڪونه ٻوڙي رهيو آهيان.

اُتان ٽي ساڌن جي هڪ ٽوليءَ سان گڏجي رشي ڪيش طرف روانا ٿيا، جتي ڪيترا مهنا رهي بيشمار مهاتمائن سان مليا پر اهو امله موتي جنهن جي ڪين تلاش هئي، اهو ڪونه مليو. هتان به مايوس ٿي وري رٽن ڪرڻ وارا هئا ته ڪين هڪ وڏي عمر واري اپياسي مهاتما جو ڏس مليو جيڪو ٽپو بن جي گهاٽي جهنگل ۾ ۱۰-۱۲ ميل اندر رهي تپسيا ڪندو هو ۽ شهر ۾ ڪونه ايندو هو ۽ نڪي ڪنهن کي پاڻ وٽ رهائيندو هو ۽ جهنگل جي ميون ڪندمول وغيره تي پنهنجو گذارو ڪندو هو. باباجي ان مهاتما کي گڏجڻ لاءِ هليا ۽ شام جي وقت اُتي پهتا. اُتي ڏٺائون ته مهاتما رات ڏينهن ويٺو رهي ٿو. هن وڻ سان به نوڙيون لٽڪائي رکيون هيون، ان مان هڪ سان پاٽڪي ٻڌي رکيو اٿس ۽ جڏهن ويهي ويهي ٿڪجي ٿو پوي ته ان جو سهارو وٺي ٿو. جڏهن هُن باباجيءَ کي ڏٺو ته ڪانئس پڇيائين ته توهين هتي ڪيئن آيا آهيو؟ هتي جهنگل ۾ رات جو رڇ ۽ شينهن ايندا آهن. پر باباجن نمرتا سان جواب ڏنو ته جيڪڏهن شينهن توهانکي نٿا کائين ته مونکي ڪيئن کائيندا؟ ان تي هو چپ ٿي ويو. ساري رات باباجن ان گهاٽي جهنگل ۾ ان مهاتما جي آشرم ۾ رهيا. ايتري ننڍي عمر ۾ باباجن جي چاهنا ۽ اهڙي ٽڪي لگن کي ڏسي مهاتما ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڏاڍي پريم سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. آخر مالڪ به ته محنت جو اُجورو ڏيندو. هوءَ ته ماڻهوءَ جي سچيءَ سڪ جو امتحان وٺندو. جيستائين ڪو به ڌاتو ڀڳهرجي پاڻي نٿو ٻڌجي تيستائين سانچي ۾ ڪيئن وجهي سگهبو! آخر ڪيترن سالن جي محنت ۽ هردي جي اُڪير پنهنجو رنگ لاتو.

جڏهن بابا جن پنجن شبدن جي باري ۾ ڪانئن پڇيو ته هن ٽڏو ساه کڻي چيو، ”جيڪا لگن توهانکي آهي اُها

اُتي جي ڏنين جو ٻڌائڻ تہ پري رهيو پر انهن کي تہ اها بہ ڄاڻ ڪونہ هئي تہ پنجن شبدن جو ڪو مارڳ بہ آهي يا نہ. سارو پنجاب ڳولهيائون. سادن جي سڀني استانن ۾ تيرٿن جو رُلڻ ڪيائون. جنهن ٻال اوستا ۾ عام طور ٻار راند روند وغيره ۾ مست هوندا آهن، ان ڪومل عمر ۾ پاڻ پرماتما جي کوج ۾ جڳهہ جڳهہ تي ڦرڻ لڳا، اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي تہ اُن زماني ۾ نہ تہ ڪا ريل گاڏي هئي نہ موٽر، نہ بس، سارو سفر پيدل ئي ڪرڻو پوندو هو. پر جنهن نيڪ ۽ محڪم ارادي جي زير اثر پنهنجي گهر مان نڪتا هئا اُن ۾ ترِ ماتر بہ فرق ڪونہ آيو.

نانڪاڻي صاحب ۾ هڪ سادوءَ کين حضرو (ضلع اٽڪ) نواسي بابا بالڪ سنگهہ جو پتو ڏنو، انڪري ڏيري ڏيري منزلون هڻندا اچي اُتي پهتا. بابا بالڪ سنگهہ جن صاف دل مهاتما هئا. بابا جي مهاراج جن کي چيائون تہ ٻچا! جنهن نام جي توکي تلاش آهي، ان جي مونکي خبر ڪانهي. مان تہ واهگرو واهگروءَ جو جاپ ڪندو آهيان، ان کان وڌيڪ مونکي پتو ڪونهي. اُتي بابا رامسنگهہ جن پيٽي صاحب وارن سان پڻ سندن ملاقات ٿي.

ڏاڍي کوج ڪيائون. نوشهري پشاور ۽ ٻين ڪيترن شهرن مان ٿيندا اچي هوتي مردان جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ پهتا. اُتي سندن ملاقات هڪ گرهستي سادوءَ سان ٿي جنهن سندن خيال جي پٺڀرائي ڪئي ۽ چيو، "پيارا! جنهن مرض ۾ تون مبتلا آهين مان بہ ان جو مريض آهيان. پنجن جو پنجن شبدن جو مارگ آهي ضرور ۽ گرو صاحبن جي اپياس جو بہ اهوئي طريقو هو پر مونکي صرف ٻن شبدن جي ڄاڻ آهي." اِها ڳالهہ ٻڌي باباجي مهاراج جن نهايت خوش ٿيا جو دل ۾ تسلي ٿي وئي تہ محض هڪ وهمي خيال جي

فرمائيندا هئا ته سوامي جن ئي اهو ڪوتڪ رچيو هو.)
انهن ٻن شخصن کان ڏس پتو پڇي سوامي شوديال سنگهه
جي مهاراجن وٽ، پني گليءَ ۾ اچي پهتا.

بابا جئمل سنگهه جن جڏهن اتي پهتا، ان وقت سوامي جي
مهاراج جن ستسنگ ۾ براجمان هئا. بابا جن وڃي سندن چرنن
۾ سر نوايو. کين ڏسي سوامي جي مهاراج جن ڏاڍا پرسن ٿيا
۽ مشڪي فرمائڻ لڳا، ”اسانجو پيارو پراڻو ساٿي اچي ويو
آهي.“ بابا جي حيران هئا ته مون ته هنن کي اڳ ڏٺو
به ڪونهي پوءِ پراڻي ملاقات ڪيئن ٿي! پاڻ ستسنگ ۾
ويهي رهيا. سوامي جي مهاراج جن گرنٿ صاحب* مان شبد
ڪڍي ان جي وياکيا شروع ڪئي. پنهنجي ستسنگ ۾ سوامي
جي مهاراج جن پنجن نامن جو ڀيد، اندرين منزلن جو حال، ڌن
شبد وغيره جي ايتري ته صاف ۽ سپشٽ وياکيا ڪئي جو
هڪ ئي ستسنگ سان بابا جن کي وشواس ٿي ويو ته جنهن
مهاپرش جي کين مدت لاڳر تلاش هئي، اُهي پرم پتا
پرماتما جي ڪرپا سان اڄ مليا آهن.

لاڳيتو ڪيترا ڏينهن بابا جن ستسنگ ۾ شامل ٿيندا رهيا.
سوامي جي مهاراج جن جي موهڻي صورت سندن دل ۾
گهر ڪري ويئي هئي پر ڪڏهن ڪا خاص ڳالهه ٻولهه سوامي
جي مهاراج جن سان ڪانه ڪئي هئائون. رکي رکي ڪري
اِهو خيال دل ۾ ايندو هون ته مان سک آهيان ۽ هي مونا آهن.
مان ٻناڪيس واري ڪيئن گرو ڪري سويڪار
ڪريان! ساڳئي وقت اِهو به پڪو نشچو ٿي ويو هون ته

---

* سوامي جي مهاراج جن گرو گرنٿ صاحب جي باڻي
مان ئي ستسنگ فرمائيندا هئا ۽ نام دان ڏيڻ وقت پنجن
نامن جي ابياس جو طريقو ٻڌائيندا هئا.

مونکي به آهي. هيٺين سالن جي اڀياس ڪري مونکي ڪجهه سڌي ۽ انترياماتا پراپت ٿي آهي پر پنجن شبدن بنا مڪتي ڪانه ٿي سگهي ٿي. مونکي پنهنجي انتري اڀياس دواران معلوم ٿيو آهي ته آگري شهر ۾ هڪ پرم سنت جي ۱۷-۱۸ سالن کان اڀياس ۾ لين هئا، هينئر پرگهٽ ٿيا آهن ۽ پنجن شبدن جي گپت مارگ کي وري ظاهر ڪري رهيا آهن. توهين هتان وڃو". ٻئي ڏينهن بابا جن کي وداع ڪرڻ وقت پريم سان ڪين چوڻ لڳو ته مان به هوريان هوريان هلي آگري اينديس ڇاڪاڻ ته لڳاتار ويهڻ ڪري منهنجا پير ڀاري ٿي پيا آهن.

بابا جن اُتان ٿي آگري پهتا پر مقصد جي پراپتيءَ جي خوشيءَ ۾ ۽ سنت سان ميلاپ جي اُڪير ڪارڻ آگري جي ان سنت جو نالو ۽ پتو به پڇڻ وسري ويس. تنهنڪري آگري پهچڻ ڪانپوءِ به تلاش اڌوري رهي ۽ اڃان به اِها چنتا ۽ ڪنائي هلندي رهي. آگري جي اُن سنت جي گهر، گهٽي بزار يا ٺڪاڻي جو ته ڪين پتو هوئي ڪونه ۽ جنهن کان به ٿي پڇا ڳاڇا ڪيائون ان پنهنجي اڻڄاڻائي ٿي ڏيکاري. هڪ هڪ گهٽي، بزار ۽ محلي ۾ تلاش ڪندا رهيا. ڪيترا ڏينهن ڀٽڪندا رهيا، عجيب پريشاني هئي. هڪڙي ڏينهن جمنا نديءَ جي ڪناري ويهي سوچي رهيا هئا ته هاڻي ڇا ڪجي. هارائي مالڪ اڳيان ارداس ڪرڻ لڳا ته هي مالڪ! مان ته هينئر هارائي ٿڪو آهيان، هاڻي ته تنهنجي ديا مهر جو آسرو آهي. سندن هردو ستگروءَ جي پراپتيءَ لاءِ وياڪل هو، نيڻن ۾ نير جاري هو ته پاسي ۾ ٻه ماڻهو جيڪي سنان ڪري رهيا هئا، انهن جي ڳالهه ٻولهه ڪن تي پيئي. اهي پاڻ ۾ ان مهاتما جي ستسنگ جي مهما ڪري رهيا هئا، جنجي بابا جن کي تلاش هئي. (بابا جي مهاراج جن

ٽي ويو. بار بار گروءَ جي پوتر چرڻ ڪملن ۾ مٿو پئي ٽيڪيائون ۽ بار بار شڪرانا ادا ڪيائون. سندن روم روم ۾ آنند سمايل هو ۽ من خوشيءَ ۾ نچي رهيو هو. سوامي جن فرمايو "تون اسانجو پراڻو ساٿي آهين، هيءَ سڀ ڪمائي تنهنجي اڳيئي ڪيل آهي."

سوامي جي مهاراج جن جهڙو ڪامل مرشد هجي ۽ باباجيءَ جهڙو شائق طالب هجي اهڙو ميل ته ڪو صدين ڪانپوءِ ٿيندو آهي. اُن وقت بابا جي عمر ١٧-١٨ سال هئي. رات ڏينهن نام جي ڪمائيءَ ۾ محو هوندا هئا ۽ ڪيترا ڪيترا ڏينهن ڪوٺيءَ کان ٻاهر به ڪونه نڪرندا هئا. کاڌو پيتو ته بلڪل ڇڏي ڏنو هئائون؛ گروءَ جو درشن ئي زندگيءَ جو سهارو ۽ آڌار بڻجي پيو. کٽ جي بدران بسترو پٽ تي لڳل هوندو هو. ڀڄن سمرن ڪانسواءِ سندن ٻيو ڪو شغل ئي ڪونه هو. ڏينهون ڏينهن اِلاهي عشق جو رنگ مٿن ويو تيزيءَ سان چڙهندو.

هڪ دفعي بابا جن اڀياس ۾ ويٺا ۽ هنن جي سرت اندر لڳي ويئي ۽ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات لڳل رهي. سوامي جي مهاراج جن اُنان اچي لنگهيا. بابا جن جي ورتي اندر ئي لڳل هئي، انڪري نڪي اُٿيا ۽ نه مٿو ٽيڪيائون. سوامي جن هنن جي ورتي پنهنجي توج سان ٻاهر آندي ۽ کانئن پڇيائون ته ٻڌايو ته توهانکي جيڪو گرو نانڪ جو مارگ، اسان ڏنو آهي اهو ٺيڪ آهي يا نه. بابا جن هٿ ٻڌي عرض ڪيو، "حضور جن جو بخشيل رستو بلڪل ٺيڪ آهي. سرت اوچن روحاني منڊلن ۾ وڃي ٿي. پر هڪ جاءِ تي ڪجهه رڪاوٽ درپيش اچي ٿي." سوامي جن فرمايو ته اها رڪاوٽ ساڌارڻ آهي. هي اڀياس تون پهرين ڪري چڪو آهين ۽ هن کان اڳي، اسان سان گڏ اچي چڪو آهين. هي

اهڙو پورن مهاتما ساري هندستان ۾ چراغ کڻي ڳولهڻ سان
به ڪون لڀندو ۽ جنهن ناياب هيري جي ڳولا ۾ هيترو
سارو عرصو حيران ۽ پريشان هوس اهو سوامي جي مهاراج
جن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به هنڌان هٿ نه ايندو. انهيءَ سوچ
ويچار ۾ ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. آخر سوامي جي مهاراج
جن پنهنجي ديا مهر ڪري ڏاڍي پريم ۽ پيار
سان کين چيو، ”بچا تنهنجي دل سک ۽ غير سک جي سوال
جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي يا اڃان ڪرڻو آهي؟“ اهو
ٻڌنديئي بابا جي مهاراج جن جي اکين مان پريم جون آنسون
وهي هليون، جي ڪنهن به طرح بند نٿي ٿيون. سوامي جن
کين آٿت ۽ دلداري ڏيئي فرمايو ته سچ جو ڳولائو
ٿيڻ گهرجي. اهڙن ڀرمن ۾ اَڙجي اڪثر ڪري پرمارٿ جا
کوجي اصليت کان دور رهجي ويندا آهن. تون سوچي ڏس
ته مٿي تي جٽائون رکڻ يا مٿو ڪوڙائڻ، اُن جو مالڪ
جي پراپتيءَ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ توکي واهگروءَ سان
ملڻو آهي يا وارن جي ٻنڌنن ۾ پوڻو آهي؟ شريعت جي
پابندي صرف ڪنهن حد تائين لازمي آهي ۽ جي انکي تو
مقصد بڻايو ته پوءِ حقيقت کان ڪوهه پري ٿي ويندين.

بابا جيءَ جي هردي ۾ پريم جي جذبي اهڙو زور
پڪڙيو جو هنن پنهنجو مستڪ سوامي جي مهاراج جن جي پوتر
چرنن تي کڻي رکيو ۽ سوامي جي مهاراج جن به پنهنجا ٻئي
ديا مهر جا هٿ سندن مٿي تي کڻي رکيا. ٻئي ڏينهن باباجن
کي نام مليو ۽ کين ”پنجن شبدن“ جو پورو ڀيد ڏنو ويو.
برابر ٻه ڏينهن ۽ ٻه راتيون هڪ ننڍي ڪوٺڙيءَ جي اندر
لڳاتار سماڌيءَ ۾ لين رهيا. سندن حالت بلڪل بدلجي
ويئي ۽ تن من نهال ٿي پيو. جنهن انمول رتن جي کوج
۽ تلاش هئي سو اڄ پوري گروءَ جي ڪرپا سان حاصل

ويٺي رهيا. ڪافي رات گذرڻ بعد به سندن سرت مٿين
روحاني منڊلن جو سير ڪندي رهي، سندن خيال ٻاهر
ڪونه آيو. اتي جي ستسنگين سوامي جي مهاراج جن جي
خدمت ۾ عرض ڪيو ته حضور! پلٽڻ ۾ ٿوري غير حاضريءَ
لاءِ سخت سزا ملندي آهي، تنهنڪري هنن کي جلد پنهنجي
پلٽڻ ۾ پهچڻ گهرجي. سوامي جن حڪم ڏنو ته هاڻ کين
ڀڄن مان اُٿاري جلد نوڪريءَ تي موڪلي ڇڏيو. اُتي
جيڪي ستسنگي هئا انهن عرض ڪيو ته حضور سندن
سماڌي لڳي ويئي آهي ۽ اسانجي ڪوشش جي باوجود
سندن خيال ٻاهر ڪونه ٿو اچي. سوامي جي مهاراج جن خود
وڃي ڏٺو ته سندن ورتي لڳي ويئي آهي ۽ کين دين دنيا
جو ڪوبه هوش ڪونهي. ڏاڍو خوش ٿي فرمايائون ته هنن کي
انهيءَ حالت ۾ رهڻ ڏيو. صبوح جو جيڪي ٿيندو اُنکي ڏٺو
ويندو. ساري رات باباجن ڀڄن بندگيءَ ۾ گذاري. صبوح
جو سج اُڀرئي کان اڳ وڃي پلٽڻ ۾ حاضر ٿيا ۽ وردي
پائڻ ڪانسواءِ ئي پنهنجي صوبيدار وٽ پڇڻ لاءِ ٿي ويا ته
رات جي غيرحاضريءَ ڪري مونلاءِ ڪهڙي سزا مقرر ٿي
آهي ته رستي ۾ کين صوبيدار گڏيو جنهنکي سلام ڪري
چيائون ته مونلاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟ صوبيدار چيو ته ڪهڙو
حڪم! باباجن چيو ته ساري رات غير حاضر هئڻ سبب
جيڪا سزا مونلاءِ مقرر ٿي هجي اها ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان.
صوبيدار وائڙو ٿي سندن منهن ۾ نهارڻ لڳو ۽ چيائين ته
تو ساري رات ته مون سان گڏ گشت ڪيو ۽ مئگزين کي
ڪلف لڳائي ڪنجيون مونکي ڏنيون. صبوح جو پنجين ٻجي
به حاضري مهل تون موجود هئين. تنهنجي ڳالهه منهنجي
سمجهه ۾ نٿي اچي، جيڪڏهن ٻيو ڪو هجي ها ته جيڪر
مان چوان ها ته نشي ۾ آهي. باباجن مختصر جواب ڏنو

سڀ تنهنجو اڳيان ئي کيل آهي." ان تي بابا جن پڇيو "حضور! ان جي ڪهڙي ثابتي آهي؟" سوامي جن فرمايو ته جي ثابتي چاهين ٿو ته ڀڄن ۾ ويهه." سوامي جي مهاراج جن کين ڀڄن ۾ وري وهاريو ۽ سندن مٿي تي هٿ رکيائون ۽ پنهنجي توجه ڏيئي هنجي اها رڪاوٽ دور ڪري ڇڏي.

جڏهن وري سوامي جي مهاراج جن بابا جن جي روح کي پنهنجي توجه سان ٻاهر آندو ته باباجن ويندي ڪئي ته مونکي پنهنجي چرنن ۾ رکي هٿي ئي ڀڄن ڪرڻ جي آگيا ڏني وڃي. ان تي سوامي جي مهاراج جن فرمايو ته دنيا ۾ سوارٿ ۽ پرمارٿ ٻئي نباهڻ کپن. جيڪڏهن تياڳي ٿي رهبو ته ٻين جو اناج کائڻو پوندو. مٿو ٽيڪڻ وارا ۽ شيوا ڪرڻ وارا تنهنجي ڪمائي لٽي ويندا. دنيا ۾ پنهنجو جيون نرواهه ڪرڻ لاءِ اڀياسيءَ کي ضرور ڪو نه ڪو ڪم ڪرڻ کپي. سمرن ڀڄن لاءِ حق حلال جي ڪمائي ڏاڍي ضروري آهي.

تنهنڪري بابا جن سوامي جن جي آگيا انوسار پنجابي سک پلٽڻ نمبر ٢٤، جا ان وقت آگري ۾ هئي، ۾ ڀرتي ٿيا. اهو ١٨٥٦ جو واقعو آهي. جيترو عرصو اها پلٽڻ آگري ۾ هئي پاڻ هر روز بنا ناغي جي، پني گليءَ ۾ سوامي جي مهاراج جن جي درشن ۽ ستسنگ لاءِ اچي حاضر ٿيندا هئا. ان زماني جا ڪيترائي واقعا سندن روحاني ترقي ۽ گر ڀڳتيءَ جا مشهور آهن. جيتوڻيڪ پاڻ انهن جو ذڪر به ڪونه ڪرڻ ڏيندا هئا بلڪ اها به سوامي جي مهاراج جن جي ديا مهر ڪري سمجهندا هئا.

هڪ دفعي باباجي، سوامي جي مهاراج جن جي درشن لاءِ شهر ۾ آيا ۽ ستسنگ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ اٿي ئي ڀڄن ۾

مهاراج جن پيار ڀريو جواب ڏنو ته نرم ۽ سخت دل ٻنهي قسمن جا عملدار ايندا ويندا آهن، جهڙو عملدار اچي ان سان گذر ڪرڻ کپي. جيڪڏهن هو سخت مزاج وارو آهي ته توهين نرم مزاج رهي منت خوشامند ڪري پنهنجو وقت ڪاٽيو، هميشه نه گرمي رهندي آهي ۽ نه هميشه سردي.

صوبيدار ڪي جو ڪتي ڪنيو هو سو ٻئي ڏينهن بابا جن کي دفتر ۾ گهرايائين ۽ روزمره واري عادت مطابق چيائين ته مون ٻڌو آهي ته تون گوشت ڪو نه کائيندو آهين ۽ ٻين سپاهين کي به گوشت کائڻ کان منع ڪندو آهين. ياد رک! جو شخص گوشت ڪونه کائيندو انکي فورن نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندس. باباجن نهايت دينتا سان جواب ڏنو، ”جناب! گوشت کائيندڙن سان منهنجو ڪهڙي ڳالهه ۾ به مقابلو ڪرايو. جانورن جي هتيا ڪرڻ ۽ انهنجو ماس کائڻ مها پاپ آهي.“ بابا جن اهڙيءَ ريت صوبيدار کي سمجهائڻ چاهيو مگر صوبيدار غصي ۾ لال ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته مونکي اها ٽان ٽان ٻڌڻي ڪانهي. هتي منهنجو حڪم هلندو. اڄ شام جو جيڪو به مها پرشاد نه کائيندو ان کي سخت سزا ڏني ويندي. باباجن ڪجهه به نه چئي پنهنجي بئرڪ ۾ هليا ويا.

انهيءَ شام جو هميشه وانگر صوبيدار ٻن ڦيٿن واري ٽانگي ۾ سوار ٿي هوا خوريءَ لاءِ گهمڻ ويو. مشڪل سان ڇانوڻيءَ مان ٿورو پري نڪتو هوندو جو هڪدم سندس ٽانگو اونڌو ٿي پيو ۽ کيس سخت چوٽ آئي. آخر ڪن ماڻهن جي مدد سان هنکي گاڏيءَ ۾ ليٽائي گهر ڪڻائي آيا. ملٽري ڊاڪٽر جي ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته هنجي ساڄي ٽنگ، ۽ ڪمر جا هڏا ڀڄي پيا آهن، ڊاڪٽر هڏين کي پنهنجي جڳهه تي وهاري ڪاٺين جي پٽين ۾ ٽنگ ٻڌي ڇڏيس ۽ هڪ

ته غلطي ٿي ويئي ۽ معاف ڪجو. اُهين چئي پنهنجي ٻَرڪ ۾ هليا ويا.

بابا جن شام جو سوامي جي مهاراج جي جي خدمت ۾ وڃي عرض ڪيو ته جنهن سنگرو دين ديال رات منهنجي جڳهه تي نوڪري ڏني آهي هاڻي ان جي نوڪريءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهنجي به نوڪري ڪرڻي ڪانهي. سوامي جن پيار مان ڪڇي کين پاڪر پاتو ۽ دلداري ڏيئي فرمايائون ته ٻچا! پلٽڻ ۾ به تون منهنجي نوڪري ڏيئي رهيو آهين ۽ منهنجي نوڪري سمجهي وڃي ڪم ڪر، باقي نوڪري ڇڏڻي ڪانهي. ان ڪانپوءِ به ڪجهه پيرا اهڙا واقعا ٿيا جن کي سوامي جن هميشه گپت رکڻ لاءِ تاڪيد ڪندا هئا.

مهنت اِندر سنگهه ڳوٺ پنبال، قصور تعلقي ۽ ضلعي لاهور جو رهاڪو پراڻي ستسنگي بابا جي مهاراج جن واري پلٽڻ ۾ ملازم هو ۽ سندن خدمت چاڪري ڪندو هو. ان هيءَ ڳالهه ٻڌائي ته ١٨٧٩ع ۾ جڏهن بابا جي مهاراج جن جي پلٽڻ پشاور ۾ هئي ته اُتي ڪنهن ٻيءَ پلٽڻ مان هڪ صوبيدار بدلي ٿي آيو. ڏاڍو تند مزاج ۽ جبرو ماڻهو هو. ٿوري گهڻي ڳالهه تي زبردستي گارين جو ڏوڙيو وسائي ڏيندو هو. ٿوري ئي وقت ۾ ان جا زيردست عملدار ۽ سپاهي سڀ هن مان بيزار ٿي پيا. ڪنهنجي به نٿي هلي. انهن ڏينهن ۾ باباجن حوالدار هئا ۽ هنن جي بزرگي ۽ ڪمائيءَ جو اثر سڀني جي دلين تي ڇانئجي چڪو هو. سڀني گڏجي هڪ ڏينهن کين عرض ڪيو ته پائي صاحب! هي صوبيدار ته نه ڪنهنجي عزت ٿو ڏسي نه ڪنهن ننڍي وڏي جو لحاظ ٿو رکي، هر وقت سختيءَ سان پيش اچي ٿو. بنا قصور ڪوارٽر گارڊ جي سزا ڏيڻ ته هن لاءِ معمولي ڳالهه آهي. هن ته اسانجي زندگي ئي زهر ڪري ڇڏي آهي. بابا جي

قدمن رکڻ سان ئي منهنجو سڀ درد دور ٿي ويو آهي. مونکان ڏاڍي خطا ٿي وئي آهي، ديا ڪري مونکي معاف ڪريو. اِنسان خطا جو گهر آهي، توهين بخشڻهار آهيو.

بابا جن وڻندڙ نموني جواب ڏنو ته توهان ته منهنجو ڪجهه به بگاڙيو ڪونهي، مان ته توهان جو هڪ معمولي زيردست آهيان. باباجن جي اهڙي نهٺائي ۽ دينتا ڏسي صوبيدار جي اکين مان ڳوڙهن جي ڌارا وهي هلي. آسپاس جيڪي به فوجي جوان بيٺا هئا، سڀ حيران هئا ته هي اهو ئي صوبيدار آهي جنهن ڪلهه تائين ڳالهه ڳالهه تي ڪوارٽر گارڊ جون ڌمڪيون ٿي ڏنيون، جنهن جي زبان تي گار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه هو ئي ڪونه!

باباجن صوبيدار جي ڀڳل عضون تي هٿ ڦيريندي فرمايو، ”گهٻرائجو نه، دک سک شرير جو ڌرم آهي، جلدي آرام ٿي ويندو.“ تنهنکانپوءِ هنکي ذرو به سور نه ٿيو. ٽن مهنن ۾ هنجون ڀڳل هڏيون جڙي ويون ۽ هو هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو. ٻين ٻن مهنن گذرڻ بعد پنهنجو ڪم سنڀالڻ لڳو. پر هاڻي اهو صوبيدار ئي ڪونه رهيو هو. بابا جن جي صحبت ۾ جڻ ته هنجي ڪايا ئي پلٽجي وئي هئي.

ان واردات کانپوءِ باباجن کي پلٽڻ ۾ ڪڏهن به ڪا تڪليف درپيش ڪانه آئي. سڀ آفيسر کين ڏاڍو چاهيندا هئا ۽ سندن وڏي عزت ڪندا هئا. اَنگريز آفيسرن جي دلين تي سندن بزرگيءَ جي ڇاپ هئي. پريڊ تي به کين ڪونه ويڃو پوندو هو. سارو ڏينهن پنهنجن سمرن جو آنند ماڻيندا رهندا هئا. ۱۸۷۷ع ۾ سندن پلٽڻ ڪابل جي لڙائيءَ ۾ پشاور وئي. لڙائيءَ جي ڏينهن ۾ جي پلٽڻ لڙائيءَ ۾ ويندي هئي ته به بابا جن دشمن جي علائقي ۾ وڃي به پنهنجن سمرن ۾ مشغول رهندا هئا. ڪيترا دفعا اهڙا اِتفاق

واريءَ جي ڄوٽري پيو وٽ ٻڌي پلنگ، هيٺ لٽڪائي ڇڏي. پر ڊاڪٽر جي وڃڻ کانپوءِ سور ايترو وڌي ويو جو توبهه! صوبيدار ساري رات ڇٽڪندو ۽ چلائيندو رهيو. هڪ ٻه ڀيرو ڊاڪٽر به آيو پر هنکي آرام ڪونه ٿيو. ٻئي ڏينهن روئي ڇوڙڻ لڳو ته منهنجي ڪٽ ڪڍي حوالدار جيمل سنگهه وٽ هلو. مون هنجي دل کي ڏکويو آهي ۽ جنهن جي سزا مونکي ملي رهي آهي، هاڻي هوئي مونکي شفاياب ڪندا."

جيڪي اتي حاضر هئا انهن چيو ته حوالدار جيمل سنگهه ته هڪ ڪامل فقير آهي، توهانکي هن سان گستاخي ڪرڻ نه کپندي هئي. ان ڏينهن آرتوار هو ۽ آرتوار ڏينهن هميشهه باباجن ٻاهر ڪنهن ايڪانت استان تي وڃي سارو ڏينهن اڀياس ۾ گذاريندا هئا ۽ رات جو موٽي ايندا هئا.

مهنت اندر سنگهه سلسلو جاري رکندي چيو ته ٻئي ڏينهن باباجن ٻڌو ته صوبيدار جي هڏي ڀڄي پيئي آهي ۽ سندس ڪشٽ بابت ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿين. چيائون ته ويچارو عيال وارو آهي، هنجا ٻار ٻچا ڪيئن ڪندا.

باباجن ترت پاڻمرادو صوبيدار جي گهر ويا. صوبيدار گذريل چوويهه ڪلاڪ اهڙي سخت پيڙا ۽ بيچينيءَ ۾ گذاريا هئا جو شل مالڪ ڪنهن دشمن کي به نه ڏيکاري. هن ڪٽ تان اٿي قدمن ۾ ڪرڻ چاهيو ٿي پر باباجن کيس اتي ئي منع ڪئي ۽ چيو ته اٿ نه، هڏيءَ جو جوڙ نه کلي پوي. صوبيدار درد ڀريل آواز ۾ چيو ته اڳي ڪهڙو جڙيل آهي. باباجن فرمايو، "ڪا به چنتا نه ڪريو، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو." صوبيدار چيو ته جنهن عذاب ۽ پيڙا ۾ مون هي ٢٤ ڪلاڪ گذاريا آهن اهڙي پيڙا ته ڪنهنکي دوزخ ۾ به ڪونه ملندي هوندي پر توهانجي

۽ اسانجو اصل کان ميلاپ آهي، هن ذريعي پنجاب ۾ وري نام ڦهليو.

هڪ چڱي ڪمائيءَ وارو مهاتما بابا هنسداس جي راڌا باغ آگري ۾ رهندو هو. هڪ دفعي بابا ساونسنگهه جن ان سان ملڻ ويا. بابا هنسداس جن بابا جيمل سنگهه جن جي ڏاڍي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته سوامي جي مهاراج جن ته اسانکي ٻڪ سان پياريو آهي پر باباجن کي ته ٻنهي هٿن سان ساگر ڀري ڀري ڏنو اٿن، جهڙيءَ طرح ڪو امير پنهنجي دولت لٽائيندو آهي، هنن ته ائين ئي ڪيو آهي.

سنه ١٨٥٧ ۾ جڏهن پلٽڻ کي آگري مان ڪوچ ڪرڻ جو حڪم مليو ته پاڻ سوامي جي مهاراج جن جي شيوا ۾ وينتي ڪيائون ته مان حضوري چرنن کان دور ٿيڻ نٿو چاهيان ۽ مونکي نوڪريءَ تان استيفا ڏيڻ جي اجازت ڏيو. سوامي جن فرمايو، تون انگريزن جي نوڪري ڪونه ڪري رهيو آهين بلڪ منهنجي نوڪريءَ ۾ آهين. مان توسان انگ سنگ رهندس. وري فرمايائون ته اُن پاسي جي ماڻهن جو اُڌار ڪرڻو آهي، اُتي گهڻيئي جيو تنهنجي واٽ نهاري رهيا آهن.

موڪلائڻ وقت باباجن سوامي جي مهاراجن جي چرنن ۾ سيس رکي چرنا اَمرت ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي. سوامي جن فرمايو ته پاڻي کڻي اَچ ۽ چرنا اَمرت ٺهرائي وٺ. باباجن ترت ئي هڪ ننڍي ٿالهه ۾ پاڻي ڀري آيا. سوامي جن اَپار پريم ۽ ديا مهر سان پنهنجا ٻئي چرن کڻي ان ۾ رکيا. باباجن ٿالهه وات تي رکي سمورو جل پي ڇڏيو ۽ وڃڻ وقت پنهنجو مستڪ ستگرن جي چرنن ۾ ٽيڪي رکيو. سوامي جن پنهنجا ڪر ڪمل هنجي مٿي تي رکي ڏاڍي پيار سان کين وداع ڏني.

ٽيندا هئا جو پناڻ (دشمن) سندن ويجهو اچي وهندا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا هئا ته هيءُ درويش ڪامل آهي. هنڪان مڙي لنگهو. جڏهن پلٽڻ ڪوچ ڪندي هئي ۽ رات جو ڪٿي رڪجندي هئي ته بابا جن اوسي پاسي هڪ ڪنڊ ڪوٺي، ساري مٽي هڪ پاسي ڪري ان مٿان پنهنجو ويڙهيل بسترو رکي مٿي وارو پاسو اوچو ڪري، ان جي سهاري ساري رات ڀڄن ۾ مشغول هوندا هئا.

هر سال جيڪا ٻه مهنا حقي موڪل فوجي سپاهين کي ملندي آهي، اها بابا جن هميشه آگري ۾ اچي رهندا هئا ۽ رات ڏينهن ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. هڪ ڏينهن سوامي جن کين ڀڄن ۾ ويٺل ڏسي ديا جي ويگ ۾ فرمايو ته هيءُ "سنت سپاهي" آهي ۽ هيٺين ٻاڻي اُزخود سندن مکاربند مان نڪتي:

"يهه ڏن هيءُ ڏر لوڪ اَگم ڪي،
ڪوئي پڪڙي سنت سپاهي."

ستسنگ ۾ عام طور جڏهن راءِ بهادر سالگرام صاحب جن جي "پريم جي شيوا" ۽ بابا غريب داس جي جي وديا، علميت ۽ دينتا" جي تعريف ٿيندي هئي ته بابا جن جي "روحاني چڙهائي، ۽ وڏي ڪمائيءَ" جو به ضرور ذڪر ٿيندو هو. سوامي جن جي شيوڪن جو تعداد جيتوڻيڪ زياده ڪونه هو پر جيڪي ستسنگي هئا سي چڱو اڀياس ڪندا هئا پر بابا جن لاءِ ته سپني جي واس تي اهائي وائي هوندي هئي ته هن پنجابيءَ ته ڪال ۽ مهاڪال جو تخت ئي لوڏي ڇڏيو آهي. جنهن تي هڪ دفعي سوامي جن ڪلهي فرمايو ته هن پنجاب فتح ڪري ڇڏيو آهي ۽ اصلي پنجابي ٻڻجي پيو آهي. هن جو اشارو اندرين پنجن منزلن کي عبور ڪرڻ جو هو. وري سوامي جن فرمايو ته هن جو

فرمائي چڪا هئا ته جنهنڪي نام جو اڌڪاري سمجهو انکي نام ڏنو پر باباجن اُنهنکي پنهنجي ستگرن جي چرڻن ۾ ئي موڪليندا رهيا. سرب ديال جي آگري ويا ۽ سوامي جي مهاراج جن کان نام دان پراپت ڪيائون.

بابا جن بابت آئيسرن کي خبر پئجي ويئي هئي ته بابا جن تمام وڏي ڪمائيءَ وارا مهاتما آهن ۽ صرف حق حلال جي روٽي ڪمائڻ لاءِ ئي فوج ۾ نوڪري ٿا ڪن. هوءَ سندن ڏاڍي عزت ڪندا هئا. ٢٠ آڪٽومبر ١٨٧٠ ۾ بابا جن جي پلٽڻ ميان مير ڇانوڻيءَ ۾ آئي ۽ اُتي ٽي سال رهي. انهن ڏينهن ۾ بابا جن جڏهن موڪل تي ويندا هئا ته بلسراءِ ۽ وڙائيچ جي وچ تي، بياس نديءَ جي ڪناري، سنسان جهنگل ۾ اچي اڀياس ڪندا هئا ۽ بياس اسٽيشن تان نهالسنگهه تندور واري کان مانيون خريد ڪري ايندا هئا ۽ اهي ڪپڙي ۾ ٻڌي ١٥-١٥ ڏينهن تائين وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن ڀڄن مان اُٿندا هئا ته روٽي پاڻيءَ ۾ پسائي کائيندا هئا.

سنه ١٨٧٣ ۾ سندن پلٽڻ وري جهانسيءَ ۾ آئي ۽ اُتي ٥ سال رهي. جهانسيءَ مان هر موڪل تي آگري ايندا هئا. اهڙي موڪل جو ئي هي ورتانت آهي. هڪ دفعي سوامي جي مهاراج جن پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ايڪانت ۾ ويهي ٻه ٽي ڏينهن ڀڄن ڪرڻ جو نشچو ڪيو، ۽ حڪم ڏنائون ته جيسين مان پاڻ دروازو نه کوليان تيسين ڪير به مون وٽ نه اچي. پوءِ سوامي جن دروازو اندران بند ڪري ڀڄن ۾ ويهي رهيا. ٻئي ڏينهن بابا جئمل سنگهه ٽن ڏينهن جي موڪل وٺي آگري درشن لاءِ آيا. هنن جو نيم هوندو هو ته جڏهن به آگري ايندا هئا ته درشن ڪرڻ بنا ڪجهه به کائيندا پيئندا ڪونه هئا. پنّي گليءَ ۾ پهچڻ سان ڪن شيوادارن کان

بابا جن جي وڃڻ کانپوءِ ٻين ڪيترن ئي پريمي شيوڪن چرنامرت لاءِ عرض ڪيو مگر سوامي جن فرمايو، ”ڀائي! جيڪا اصلي شيءِ هئي سا ته وٺڻ وارو وٺي ويو.“

اُتر پرديش جو هڪ پراڻو ستسنگي، جو سپاهيءَ جو نمبر هو چوڻ لڳو، ”حضور! الائي ڇو ڀائي جئمل سنگهه سان رعايت ۽ لحاظ جي موج ٿا ورتايو. سڀ اَنوکي ديا ۽ رحمت ان کي ئي ٿا بخشو.“

سوامي جن اُتر ڏنو ته هتي رعايت ۽ لحاظ جو ڪهڙو ڪم! هي ته پريم جو مارگ آهي، ڪمائيءَ جو مارگ آهي. جيڪو لوڪ لاڄ يا تن جي پرواهه نه ڪري، من جي واسنائن ۽ آشا ترشنا کي پريم جي بنيءَ ۾ وجهي ڀسم ڪري ڇڏي ٿو، اهو ئي روحاني دولت سان ڀرپور ٿئي ٿو. هن جهڙي ڪمائي ڪنهن ڪئي به آهي ڇا؟ مالڪ جي ذات صرف ڳالهين سان ڪانه ٿي ملي.

سنه ۱۸۵۷ ۾ باباجن جي پلٽڻ دهليءَ ۾ رهي، اُتان پشاور مان ٿيندي انبالي آئي ۽ ۱۸۵۹ ۾ جهانسي هلي وئي، جتي ٽي سال رهي. جڏهن به باباجن کي موڪل ملندي هئي ته سوامي جي مهاراجن جي درشن ۽ ستسنگ لاءِ آگري ضرور ويندا هئا. ۱۸۶۲ ۾ سندن پلٽڻ وري ٻيو دفعو آگري آئي پر ٿورن مهنن کانپوءِ نومبر ۱۸۶۳ ۾ پشاور هلي وئي. ۱۸۶۸ ۾ راولپنڊيءَ ۾ آئي. ۱۸۶۹ ۾ کين هڪ ساڌو سرب ديالسنگهه نالي مليو جو ابيياسي ساڌو هو. هوُ پراڻايام ڪندو هو ۽ گرنٿ صاحب جو پاٺ ۽ ستسنگ ڪندو هو. بابا جي مهاراج جن سان ملي هو ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ساڻن پرمارٿ جي چرچا ڪيائين. بابا جن کان گرو صاحبن جي سکيا ۽ اصلي مطلب يعني پنجن شبدن جي مارگ جي باري ۾ ٻڌي کانئن نام جي گهر ڪئي جيتوڻيڪ سوامي جي مهاراج

سنه ١٨٧٥ع ۾ بابا جن نائڪ بڻيا. ھو موڪل تي آگري ويندا رھيا. سنه ١٨٧٧ ۾ پاڻ سوامي جن جي چرنن ۾ آگري موڪل تي آيا ھئا. موڪلائڻ وقت سوامي جي مھاراج جن فرمايو، ”ھاڻي تنھنجي ۽ منھنجي ھيءَ آخرين ملاقات آھي. منھنجي سنسار جي ياترا سماپت ٿيڻي آھي ۽ تنھنجي ٻي وڏي موڪل ڪان اڳي، ٿي پرم ڌام ھليو ويندس. اڄ کانپوءِ توکي ھن ديھہ سروپ جو ميلاپ ڪونہ ٿيندو.“ ستگروءَ کان وڇوڙي جو ڏک، ڪو پريمي گرمک ئي سمجھي سگھي ٿو. سوامي جي مھاراج جن جا وچن ٻڌي بابا جن جو گلو ڀرجي آيو ۽ نيترن مان آنسن جي ڌارا وھڻ لڳي. سندن اھا حالت ڏسي سوامي جن کين وٺي گلي لڳايو ۽ ڏاڍي پريم ۽ پاٻوھ سان فرمايائون، ”تون منھنجو پيارو سپتر ۽ گرمک شش آھين. مون توکي پنھنجو ئي روپ بڻائي ڇڏيو آھي. توتي صاحب سدا ديال رھندو. منھنجي روم روم توسان خوش آھي.“

بابا جن جو ھڪ گرڀائي چندن سنگھہ نالي ان وقت اُتي موجود ھو. ھو پنجاب جو رھواسي ھو ۽ چڱو اڀياسي ھو. ھن سوامي جي مھاراج جن جي شيوا ۾ وينتي ڪئي تہ حضور جن تہ پرم ڌام وڃڻ جي ڳالھہ ٿا ڪن پر اسانجي سنڀال ۽ رھنمائي ڪير ڪندو ۽ پنجاب ۾ بہ عام ستسنگ جاري ھئڻ کپي.

سوامي جي مھاراج جن فرمايو، ”اِھا وينتي اَڪال پرک، سويڪار ڪري ڇڏي آھي ۽ مالڪ جي دربار مان اھو ڪاريہ اَول ئي ڀائي جيمل سنگھہ کي سونپيو ويو آھي. پنجاب ۾ نام جي ڌارا خوب زور سان وھندي ۽ سڀني جي پوري سنڀال ٿيندي.“ ان کانپوءِ سوامي جن ٻئي پرشاد سان گڏ ھڪ پڳڙي بہ پرساد ڪري باباجن کي ڏني ۽

سوامي جن جي حڪم بابت سڌ پيئي. بابا جن ڪجهه به چوڻ ۽ کائڻ پيئڻ بنا ٻه ڏينهن ويٺا رهيا. ٽئين ڏينهن ڪڇ ستسنگين بابا جن کي چيو ته ڏاڪڻ رکي روشندان مان هيٺ لهي درشن ڪريو. ان ڏينهن بابا جن جي موڪل پوري ٿيڻي هئي، ان هوندي به ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيائون ۽ چيائون ته گروءَ جي حڪم کان ٻاهر نه وڃڻ کپي. ان ڪانپوءِ سوامي جن ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر آيا ۽ بابا جئمل سنگهه جن جي گرمکتا ۽ گرو ڀڳتيءَ تي پرسن ٿي کين ڇاتيءَ سان لڳايو، پوءِ ستگرو دين ديال هنن کي پرشاد ڏيئي گاڏيءَ جي وقت کان اڳ، کين ڏاڍي پريم سان روانو ڪيو.

جهانسيءَ ۾ هڪ سک، اندر سنگهه نالي بابا جن واري پلٽڻ ۾ ڀرتي ٿيو. هو پنڊال ڳوٺ جو رهاڪو هو. بابا جن ڊيوٽيءَ کان پوءِ وارو سمورو وقت ڀڄن سمرن ۾ يا پرمارٿ جي چرچا ۾ وتيت ڪندا هئا. جنهنڪري ڪيترا ماڻهو پرڀاوت ٿي کين نامدان لاءِ وينتي ڪندا هئا. باباجن انهن کي سوامي جن جي چرنن ۾ آگري روانو ڪندا هئا پر سوامي جن ڪيترائي دفعا آگيا ڏني ته هاڻي ڪنهن به شخص کي نام لاءِ مون وٽ نه موڪليو ۽ جنهنکي ٺيڪ سمجهو انکي توهين خود ئي نام ڏيو. انڪري سردار اندر سنگهه ۽ هڪ ٻئي شخص جي پرارٿنا سويڪار ڪري بابا جن سوامي جي مهاراج جن جي حياتيءَ ۾ ئي کين نامدان ڏنو. اندر سنگهه باباجن جي سيوا ۾ رهڻ لڳو. ان ڪانپوءِ پنڊال ڳوٺ جي ڪيترن ماڻهن پياس اچي بابا جن کان نامدان ورتو. بابا جن به ستسنگ لاءِ پنڊال ڳوٺ ۾ ويندا هئا. بابا جن جيڪي پتر پنڊال جي سنگت کي لکيا آهن انهن مان پتو ٿو پوي ته کين انهي جي سنگت لاءِ ڏاڍو پيار هو.

سان سر سبز ڪري سگهي. اُتي ڪنهن ساڏارڻ ساڌوءَ جو وس ڪونه هلندو. ماتا جي چوڻ لڳي، ”چنتا نه ڪر، سوامي جي مهاراج جن اهڙي ئي مهاتما کي اُتي موڪلڻ جو اِنتظام ڪري ڇڏيو آهي. صرف ٿورا مهنا اِنتظار ڪر.“

ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪ ڏينهن ماتاجي اَڌ رات جو اشنان ڪرڻ لاءِ اُٿي ۽ ٻيبي رکو کي سڏ ڪري جاڳائي چيائين ته سياڻي صبوح جو تنهنجو گرو هتي پهچي ويندو. تون جهڙو گرو چاهيندي هئينءَ اهڙوئي سوامي جن موڪليو آهي. سوامي جن جو سريشٽ سپتر ۽ گرمک شيوڪ آهي. ڪيترو ئي وقت اڳ، سوامي جن پنجاب جي ڌرتي هن جي حوالي ڪري ويا آهن. سياڻي اسٽيشن تي وڃي هن کي وٺي اچج.

بابا جئمل سنگهه جن کي ماتاجي ڪجهه ڏينهن ڏاڍي آدرڀاءَ سان پاڻ وٽ ترسايو. موڪلائڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ماتاجي، چاچاجي پرتاب سنگهه ۽ ڪجهه ٻين پراڻن ستسنگين کي پاڻ وٽ گهرايو. پوءِ هڪ پڳڙي* اندران ڪڍي اچي چيائين ته سوامي جن پنهنجي وڃڻ کان اڳ، مونکي هيءَ پڳڙي ڏيئي ويا هئا ۽ مونکي چئي ويا هئا ته جئمل سنگهه ڏاڍو پيارو سپتر ۽ گرمک شش آهي، هيءَ دستار هنجي مٿي تي ٻڌائج.

سڀني جي موجودگيءَ ۾ باباجن جي مٿي تي اِها دستار

---

* اِها پوتر پڳڙي اڃا تائين بياس ڏيري ۾ صحيح سلامت آهي. باباجن جي چولي ڇڏڻ بعد ان پڳڙيءَ سان ئي حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي ”دستار بندي“ ڪئي ويئي هئي. انهن کانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن جي ۽ پوءِ مهاراج چرن سنگهه جن جي مستڪ تي گدي نشينيءَ جي وقت اهائي پڳڙي ٻڌي ويئي هئي.

ڏاڍي پريم سان کين وداع ڪيائون.

پهرين مي ١٨٧٨ع تي باباڄن حولدار بڻيا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ سندن پلٽڻ ڪابل جي طرف موڪلي وئي. ١٨٨٠ع ۾ پلٽڻ ملتان آئي جتي ٻه سال رهي. ١٨٨٣ع ۾ ميان مير ۽ جولاءِ ١٨٨٥ع ۾ راولپنڊي ۽ ١٨٨٧ع ۾ سيالڪوٽ آئي. ان ساري عرصي ۾ باباڄن ڊيوٽيءَ کانپوءِ پنهنجو سمورو وقت سمرڻ ڀڄن ۾ وتيت ڪندا رهيا. موڪلن ۾ ڪجهه وقت گهمان ۾ رهي، بياس نديءَ جي ڪناري هليا ايندا هئا ۽ رات ڏينهن ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. ١٨ آگسٽ ١٨٨١ع تي باباڄن لڳ ڀڳ ٣٤ سال فوج ۾ نوڪري ڪري پينشن وٺي پنهنجي ڳوٺ گهمان ۾ آيا.

بيبي رکو جا پنجاب جي رهواسڻ هئي سا سوامي جي مهاراج جن جي جوتي جوت سمائڻ کانپوءِ به ڪيترو وقت آگري ۾ ماتا راڌا جي شيوا ۾ رهندي هئي. اها هميشه ماتا جن ۽ چاچا جي صاحب (سوامي جي مهاراج جن جو ڀاءُ سيٺ پرتاپ سنگهه جي) جي شيوا ۾ وينتي ڪندي رهي ته پنجاب جيڪا گرن جي ڌرتي آهي، ڪيتري مدت لاڪر نام کان خالي پيئي آهي. ان لاءِ اُتي نام جي پرچار لاءِ ڪنهن مهاتما کي موڪليو وڃي. ماتا جي چوندي هئي ته سوامي جن سارو انتظام ڪري ڇڏيو آهي، ڪو به فڪر نه ڪر. سڀ ڀائي سڀ ڪجهه ڏيندو. هينئر هتي ڪو ساڌُ ڪونهي.

هڪ دفعي بيبي رکو جي وينتي ڪرڻ تي فرمايائون، ”تون اُي چو کين پنجاب وڃين.“ پر بيبي رکو ستسنگ ڇڏي وڃڻ کين چاهيو ۽ عرض ڪرڻ لڳي ته اهو ڪاريه ته ڪنهن سنت مهاتما جو آهي ۽ سنت به اهڙو مهان ۽ پورڻ هئڻ کپي جو پنجاب جهڙي ڪنور ۽ سخت ڌرتيءَ کي نام

جڏهن اِهي پوشاڪ حضور صاحبن کان وٺي باباجن کي ڏني ته پاڻ اها ورتائون.

چاچاجي مهاراج جن هڪ آسڻ آڻي باباجن لاءِ وڇايو ۽ کين اُن تي وهڻ لاءِ چيائون پر باباجن هٿ جوڙي اِنڪار ڪيو. تنهن تي ماتا راڌا جي چوڻ لڳي ته هيءُ آسڻ سوامي جي مهاراج جن جو آهي ۽ پاڻ اهو توهان کي ڏيڻ لاءِ چئي ويا هئا. اهو ٻڌي باباجن آسڻ ٻنهي هٿن ۾ وٺي پنهنجي مستڪ سان لڳايو. اهو آسڻ به ڏيري جي توشاخاني ۾ رکيل آهي.

سوامي جن جي هوندي جڏهن به باباجن وڏي موڪل تي ايندا هئا ته اهو سمورو عرصو سوامي جن جي سيوا ۾ رهي ڀڄن سمرن ۾ مشغول ڪندا هئا. سوامي جن جي جوتي جوت سمائڻ کانپوءِ، ١٨٧٧ کان وٺي باباجن جو اهو نيم هو ته پهرين پنهنجي ڳوٺ گهمان وڃي ٻه ٽي ڏينهن اتي رهندا هئا پوءِ بياس نديءَ جي ڪناري جتي هينئر ڏيرو آهي، اچي ڏينهن رات ڀڄن سمرن ۾ لين رهندا هئا. جيئن اڳي، ئي ذڪر آيل آهي ته بياس اسٽيشن تان ڀائي نهال سنگهه تندور واري کان ٻيسڻ جون ڪجهه روٽيون خريد ڪري، هڙ ۾ ٻڌي وڻ جي ٽاريءَ ۾ لٽڪائي ڇڏيندا هئا. ٽئين چوٿين ڏينهن جڏهن بک لڳندي هئن يا جڏهن ڀڄن تان اٿندا هئا ته هڪ يا ٻه سڪل روٽيون کڻي نديءَ جي پاڻيءَ ۾ پسائي، کائي نديءَ جو پاڻي پي پنهنجي پياس مٽائيندا هئا. هيءُ آستان کين ڏاڍو پسند هو. چئني طرف ويراني ۽ سن سنانت لڳي پيئي هئي. وڙائيچ ۽ بلسراءِ - پاسي واري ڳوٺن ۾ اِها چرچا هئي ته ان آستان تي هڪڙو جن ڀوت رهندو آهي ۽ جيڪو به ان پاسي ويندو آهي انکي هو ماري ڇڏيندو آهي. ڪجهه پير مرد ڳوٺاڻا چوندا هئا ته

ٻڌائي ماتا جيءَ فرمايو، ”توهين پنجاب وڃي سوامي جن جي آگيا جو پوريءَ ريت پالن ڪريو ۽ اُتي سوامي جن جي شڪشا جو پرچار ۽ نام جي بخشش وڃي شروع ڪريو.

ماتا جن ٻيهي رکو کي سندن شيوا لاءِ گڏ موڪليو ۽ کيس حڪم ڏنائين ته باباجن جي شيوا سوامي جي مهاراج جن جي شيوا ڪري سمجهج.

انهن ئي ڏينهن ۾ باباجي مهاراج هڪ دفعي راءِ صاحب سالگرام سان گڏجڻ ويا. اُهي سن ١٨٨٧ ۾ پينشن وٺي آيا هئا ۽ پيپل منڊي آگري ۾ ستسنگ شروع ڪري ڇڏيو هئائون. ماڻهو کين ”حضور صاحب“ ڪري سڏيندا هئا. چاچا پرتاب سنگهه ۽ بابا غريب داس ۽ بابا جئمل سنگهه جن سان گڏ هئا. حضور صاحب ڏاڍي پريم ۽ خوشيءَ سان اُٺي باباجن سان ڀاڪر پائي گڏيا ۽ ڏاڍي سنيهه ۽ سڪ سان روح رهاڻ ڪيائون. پاڻ باباجن کي چيائون، ”ڀائي صاحب، سوامي جن جي اصلي شيوا ته توهان ڪئي آهي، ڀڄن سمرن ڪري نج ڌام ۾ پهچي ويا آهيو.“ باباجن وراڻيو، توهان جهڙي شيوا ڪير ڪري سگهندو، سوامي جن جي توهان تي وڏي ديا مهر هئي.“

ٻئي ڏينهن حضور صاحب هڪ ڀريل ريشمي پوشاڪ کڻي باباجن وٽ آيا پر باباجن اها وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ چيائون، ”هي ريشم ۽ ڪيمخاب توهانکي ئي ٺا سونهن. مون جهڙي غريب هاريءَ کي اِهي ڪهڙي ڪم ايندا.“ حضور صاحبن وري نيزاري ڪندي چيو ”چا! سوامي جي مهاراج جن توهانکي بادشاهن جو به بادشاهه ڪونه بڻايو آهي ۽ روحاني دولت سان ڀرپور ڪونه ڪيو آهي؟“ پر باباجن پوشاڪ سويڪار نه ڪئي. تنهن تي حضور صاحبن چيو ته چڱو، هيءَ هڪ دفعو ڀهري مونکي واپس ڏيو پر ماتا راڌا جي

جو ئي اهو شخص بوٽ کڻي اچي حاضر ٿيو ۽ معافي وٺي
چوڻ لڳو، ”ساري رات هن بوٽ جو منهنجي ڇاتيءَ تي
بوجهه رهيو آهي ۽ مان هڪ پلڪ به سمهي ڪونه سگهيو
آهيان.“ ان ڪانپوءِ ڪنهن به ديو، پريت يا شخص باباجن
جو ڪوبه وروڌ ڪونه ڪيو.

جڏهن ديپڪ ٻرندو آهي ته پتنگ خود بخود ان ڏانهن
ڇڪجي ايندا آهن. سندن مهانتا، روحاني اڀياس ۽ سرل
۽ پرڀاوشالي ستسنگن جي خوشبوءِ جلد ئي آس پاس جي
ڳوٺن ۾ ڦهلجي ويئي. سندن جيون سنت مت جي نيمن جو
هڪ نمونو ۽ آدرش هئي. سندن نيڪ ۽ پوتر رهڻي لوڪن
کي ڇڪڻ لڳي. پنهنجو گذارو پنهنجي پينشن تي ئي ڪندا
هئا. ڪنهنجي ڪابه وستو قبول ڪين ڪندا هئا ۽ نڪي
ٻين مٿان پنهنجو بوجهه وجهندا هئا. (اهائي ريت سندن
جانشينن جي پڻ رهي آهي.) اهڙي مهاتما جي ستسنگ
۾ ڪيئن نه پيڙ هوندي!

پهرين ته باباجي مهاراج هڪ ڪچي ڪوٺڙيءَ ۾ ئي
گذارو ڪندا هئا. پر جڏهن حضور مهاراج ساون سنگهه جن
سندن شيوڪ بڻيا تڏهن هنن جي وينتي ڪرڻ تي ان ڪچي
ڪوٺڙيءَ کي پڪي ڪرائڻ جي اجازت ڏنائون. انهن
ڏينهن ۾ ڏيري ۾ کوهه ڪونه هو. ستسنگي ويجهن ڳوٺن
مان پاڻي آڻيندا هئا، جڏهن سنگت ٿوري هوندي هئي ته
بيبي رکو گهاگهر ۾ پاڻي ڀري ايندي هئي.

هڪ ڏينهن مهاراج ساون سنگهه جن ڏٺو ته بيبي رکو
پاڻيءَ جي گهاگهر کڻي وڏائيچ ڳوٺ کان پيئي اچي. سندن
پڇڻ تي بيبي رکو چيو ته توهانجي اشنان لاءِ وڏائيچ مان
پاڻي کڻي پيئي اچان. اهو ٻڌي حضور جنکي دل ۾ ڏاڍو
افسوس ٿيو ته پاڻيءَ آڻڻ لاءِ بيبي رکو کي ايڏي تڪليف

انهن ڏينهن ۾ ڪيترن کي ڳائين مينهن، جانورن ۽ ماڻهن جي هڏن جا پڃرا پيل نظر ايندا هئا ۽ تنهنڪري ماڻهن ان پاسي اچڻ وڃڻ ئي بند ڪري ڇڏيو هو.

هڪ پهتل اڀياسيءَ کي پڄن بندگي ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو آستان ٿي ملي سگهيو! جڏهن باباجن رٽاير ڪري آيا ته ان استان جي شانتي ۾ واتاورڻ کي پسند ڪري، انڪي ئي پنهنجو نواس اِستان بڻايائون.

وڏائيچ ڳوٺ جا بزرگ چوندا هئا ته انهي ڳوٺ جو هڪ مست فقير جنهنکي "ڪاهنا ڪملا" سڏيندا هئا، بابا جئمل سنگهه جن جي اچڻ کان ڪئين سال اڳ هتي پيو ڦرندو هو. آس پاس جتي به هو ڪا سر پٿر يا پٿر پيل ڏسندو هو ته اُتان کڻي هتي اچي ڍير ڪندو رکندو ويندو هو. ڪير کڻي پڇندو هوس ته هي ڇا پيو ڪرين؟ ته جواب ڏيندو هو ته هتي هڪڙو بادشاهه اچڻ وارو آهي، هنجي محل بنائڻ لاءِ سامان پيو ڪٺو ڪريان. وري چوندو هو ته هتي هڪ وڏو شهر آباد ٿيندو.

وڏائيچ ۽ بلسراءِ جي ڪن بزرگن باباجن کي هتي پنهنجو نواس اِستان بڻائڻ کان خوب روڪيو ڇاڪاڻ جو هڪ ته جهنگل ڪري، جهنگلي جانور، نانگ، بلائون ۽ وڇون ڏاڍا هئا ۽ ٻيو ماڻهن جو اهو خيال هو ته هتي هڪ جِن به رهندو آهي. پر باباجن کين چيو، "ڪجهه به ڊپ ڪونهي، جِن منهنجو بگاڙيندو به ڇا؟"

باباجن جون ڪجهه ڪرامتون ۽ چمتڪاري گهٽنائون به مشهور ٿي چڪيون هيون. هڪ دفعي بلسراءِ جو هڪ ماڻهو ڪنهن ستسنگيءَ جو هڪ نئون بوٽ چورائي کڻي ويو. باباجن کي ان ڳالهه جو پتو پيو ته فرمايائون، "فڪر نه ڪريو، چور پاڻهي اچي بوٽ ڏئي ويندو." ٻئي ڏينهن صبوح

جن کي ٦ سپٽمبر ١٨٩٨ جي خط ۾ هن ريت لکيو، ”پاڻي ڀريائين گهگهيءَ ۾ پيري آگري (چاچا جي سيٺ پرتاب سنگهه جن کي) موڪليو ويو، سڀ سنگت ۾ ورتايو هوندائون. سو کوهه تيار ٿي ويو آهي ۽ پاڻي سنو هٿ آيو آهي، اهو گهڻو ئي آهي ۽ ٿوري ريتي آئي هئي، سو کوهه جي گهرائي اوستائين آهي. ڪم ٢٤ مانگهه، ٨ ڊسمبر جو پورو ٿيو آهي. مهورت توهانجي اچڻ تي ڪرڻو آهي.“

انهن ڏينهن ۾ ئي ستسنگ ۾ مهاراج ساون سنگهه جن بابا جي مهاراج جن کي عرض ڪيو ته حضور سنگت جي رهڻ لاءِ ڪو به مڪان ڪونهي. ان وقت تائين ننڍو ستسنگ گهر هو جو کوهه ٻڌائڻ ڪانپوءِ جيڪي سرون بچيون هيون ان مان ٺهرايو ويو هو. باباجن فرمايو، ”درياهه بلڪل ويجهو آهي.“ پوءِ ٿورو سوچي اجازت ڏيئي ڇڏيائون. انهن ڏينهن ۾ بياس درياهه پاڻ لڳو ۽ ڪناري جي مٽي پاڻيءَ ۾ ڳهلجي پئي ويئي ۽ وڙائيچ ڳوٺ کي به درياهه پاڻ لڳو هو. ڳوٺ وارن مهاراج ساون سنگهه جن کي چيو، ”هي توهين ڇا پيا ڪريو؟ درياهه جيڪا زمين پائي پيو ان ۾ ٿا ڪوٺڙيون ٺهرايو.“ پر حضور جن جواب ڏنو ته باباجن جي سنگت جيڪڏهن انهن ۾ هڪ ڏينهن به رهي، ته اهو مون لاءِ ڪافي آهي، منهنجي ساري شيوا سڦلي ٿيندي.“ سو ان وقت پنج ڪوٺيون هيٺ ۽ چار ڪوٺيون مٿي ٺهرايون ويئون.

آهستي آهستي سنگت وڌڻ لڳي. اهو ڏسي حضور جن وري باباجي مهاراج جن کي وينتي ڪئي ته هڪ وڏو ستسنگ گهر ٺهرائجي جو ننڍي ستسنگ گهر ۾ سنگت سمائجي نٿي سگهي. ان تي باباجن فرمايو ته درياهه ويجهو ئي آهي. هتي وڌيڪ پيسو خرچڻ نه گهرجي. حضور جن

وڻي تي پوي. ان ڏينهن کان وٺي مهاراج ساون سنگهه جن خود و ڙائچ ڀوت جي ڪوُهه مان باباجن لاءِ پاڻي آڻيندا هئا. هڪ ڏينهن باباجن کي عرض ڪيائون ته حضور پاڻيءَ بنا توهانکي ۽ سنگت کي ڏاڍي تڪليف ٿي ٿئي انڪري کوُهه ٺهرائڻ جي اجازت ڏيو ته پاڻيءَ جي تڪليف دور ٿي وڃي.

ان تي باباجن فرمايو، "منهنجو ڇا، مان ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي، مونکي گهڻا ڏينهن هتي رهڻو ڪونه آهي. کوُهه ٺهرائي ڇا ڪندا؟ مان کوُهه سان ٻڌجي رهڻ نٿو چاهيان."

حضور ساون سنگهه مهاراج جن و ينتي ڪئي، "حضور! جي توهين صرف هڪ پيرو به کوُهه جو پاڻي ڪم آڻيندا ته اهو مون لاءِ ڪافي آهي. مان توهانکي کوُهه سان ٻڌڻ نٿو چاهيان."

باباجن فرمايو، "ڀلو ڀلي کوُهه ٺهرايو. مان ته ان سان ٻڌجي ڪونه وهندس. توکي ئي ان سان ٻڌجي هتي رهڻو پوندو." باباجن جي اِها ڳالهه تڏهن سمجهه ۾ آئي جڏهن باباجن حضور جن کي پنهنجي گدي بخشي.

کوهه ٺهرائڻ جي اجازت ملڻ ڪري، کوهه جي سرن لاءِ ڀٽو به لڳايو ويو. باباجن پنهنجي ڪرڪملن سان تاريخ ١٦ مي ١٨٩٧ع تي ڀٽي کي آگ لڳائي ان جو آرنڀ ڪيو. * کوهه ٺهي راس ٿيڻ جو سماچار باباجي مهاراج جن حضور

* ڏيري ۾ سرن جو ڀٽو ان وقت کان وٺي قائم آهي ۽ هينئر به سنگر و ان کي پاڻ ٻاريندا آهن. ڏيري جون سڀ جايون، سڙڪون پنيون وغيره انهيءَ ڀٽي جي سرن مان ٺهيون آهن. جتي اج ڪلهه لنگر آهي، ڀٽو پهرين اتي هو. پوءِ اهو ڏيري جي اُتر ۾ پهاڙيءَ واري حد ۾ لڳايو ويو. اج ڪلهه اهو ڀٽو ڏيري کان ٻاهر ڪيتن ۾ ڪانيوالي جي ڳوٺ پرسان آهي.

ڦهرين ستسنگين مان هو. اُتي جا ڀيا ٻه ڪيترا پريمي ڏيري ڏيري ستسنگ، ٻڌڻ لاءِ اچڻ لڳا پر ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاٿل جيو هنن جي آلوچنا ڪرڻ لڳا ۽ ڪي ته وري باباجي مهاراج جن جي ٻه نندا ڪرڻ لڳا. سنگت ڏکي ٿي باباجن جي شيوا ۾ لکيو. باباجي سدا ديالو ۽ بخشڻهار هئا. پاڻ جواب ڏنائون، "...... ستسنگين کي پاڻ ۾ ڏاڍو ميل ميلاپ رکڻ گهرجي ڇو جو توهين سڀ هڪ ئي آهيو ۽ ستگرو ۾ ڀروسو رکو ته هڪ ڏينهن اسانکي پاڻ سان وٺي هلندا. جيڪڏهن ڪير اسانجي نندا ڪري ته اسانکي گهٻرائجڻ نه گهرجي. سنتن جي موج ٿيندي آهي ۽ جن کي ڀڄن سمرن ڏنو اٿن انهن جو اُڌار ڪري چڪا آهن. جو ستسنگي ڪونهي تنهن کان نندا ڪرائي اُن جو اُڌار ڪندا. ٻيو ڪو ٻه اُپاءُ ڪونهي. اهڙي طرح جيڪي ڀڄن بنا آهن، اُهي ترندا. سنتن جي موج سنت ئي ڄاڻن ٿا. مان توهان تي تمام ڏاڍو راضي آهيان."

ڪيترائي دفعا بابا جن پنهنجن ستسنگين کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيندا هئا ته ڪرمن ڪارڻ توکي تڪليف اچڻ واري آهي، پر ٿورن ڏينهن جي ٻخار ۾ ئي معاف ٿي ويندي. گهڻيئي ڀيرا پنهنجن چٺين ۾ ستسنگين کي لکيو اٿن ته فلاڻي تڪليف توهان تي اچڻ واري آهي پر ٿوري ۾ ئي ڀوڳائي ويندي.

باباجي مهاراج پريم ۽ ديا جي مورتي هئا. سندن ديا مهر جون ڪيتريون ئي ساکيون سندن ستسنگي ٻڌائيندا هئا. حضور مهاراج ساون سنگهه جن هڪ دفعي ڪين خط ۾ عرض ڪيو ته منهنجي آفيس ۾ هڪ ماڻهو ڪم ڪندو آهي جو نام لاءِ خواهشمند آهي. پاڻ اهو ٻه لکيائون ته هو باباجن کي پورڻ پرش مڃي ٿو ۽ چاهنا اٿس ته ڪيس هن جنم ۾

ڏاڍي نمرتا سان عرض ڪيو، ”حضور! جيڪڏهن توهين صرف هڪ ڏينهن به ستسنگ گهر ۾ ستسنگ ڪندا ته به مان شيوا سڦلي سمجهندس. پوءِ پلي درياهه اُنکي ڪٽي به وڃي.“ اهو ٻڌي باباجن وڏي خوشيءَ سان ڪين منظوري ڏني. اهڙي طرح وڏو ستسنگ گهر جيڪو ڪوهه جي پرسان آهي ٺهرايو ويو.

هڪ دفعي اَمرتسر جي هڪ واپاريءَ باباجن کي چيو، ”حضور! توهان هيءَ کهڙي جاءِ پسند ڪئي آهي؟ هتي ته صرف ٻير ۽ ڪنڊن جي جهاڙين ڪانسواءِ ٻيو ڪجي ڪونهي. باباجن چيو، ”ٻچو * منهنجي مرضي آهي ته انهن ٻيرن کي به منش جنم ڏيئي ڇڏيان.“ وڌيڪ فرمايائون، ”هيءَ جڳهه هڪ ڏينهن بياس اسٽيشن تائين وسي ويندي.“

جنهن سنسان جاءِ تي ماڻهو اچڻ کان ڊڄندا هئا اها اڄ سچ پچ صرف آباد ڪونه ٿي آهي مگر ساري سنسار لاءِ روحانيت جو مرڪز بڻجي پيئي آهي.

باباجي مهاراج ستسنگ لاءِ ڪيترائي دفعا ڏاريوال، پنڊال ۽ ڪالي نالي ڳوٺن ۾ ويندا هئا. ڏاريوال، جي سنگت باباجن تي زور رکندي هئي ته پينشن ڪانپوءِ توهين ڏاريوال اچي رهجو ۽ پنهنجو پڪو ٽڪاڻو هتي ئي ٺاهجو. پر باباجن فرمايو، ”هتي درياهه وڌي رهيو آهي، مان پنهنجو ڏيرو ڪنهن مٿانهين هنڌ ٺاهيندس جتي درياهه پائي نه سگهي“ بعد ۾ ڏاريوال ڳوٺ کي درياهه جي ڪري ڪافي نقصان رسيو ۽ ان جو ڪيترو ئي حصو پاڻيءَ ۾ هليو ويو.

پنڊال جو رهواسي اِندر سنگهه باباجي مهاراج جن جي

---

* باباجن پنهنجن ستسنگين کي پيار مان ٻچو ڪري سڏيندا هئا.

اُتي هڪ ڀير ڪٿ تي رکيءِ ڇوڻ لڳا "ڇڱو، هن ڪٿ جو هڪ پائو مٺي ڪرڻ." فتح سنگهه گهڻو ئي زور لڳايو مگر ڪٿ جو پائو ڪٺي ڪين سگهيو ۽ باباجن جي قدمن ۾ جهڪي پيو.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن لاءِ باباجن کي ڏاڍو پيار هوندو هو. حضور جن جي وينتي ڪرڻ تي باباجن سندن ڳوٺ مهما سنگهه والا تشريف وٺي ويا، تڏهن حضور جن کي نام ورتي اڃان ٿورائي ڏينهن ٿيا هئا. سندن اندر جي پاونا هئي ته راڌا سوامي نئون نئون نالو آهي ۽ ماڻهو ان کان اڃان پوريءَ ريت واقف ڪونه ٿيا آهن، انڪري باباجن هٿي ستسنگ ۾ گرنٿ صاحب جو شبد ڪڍڻ ته ڏاڍو چڱو. باباجن جاڻي جاڻهار هئا، گرنٿ صاحب مان ئي شبد ڪنيائون. پر رات جو ٻيبي رکو ڪڏ تي چڙهي وڏي سُر سان سوامي جن جا شبد پڙهڻ لڳي. ٻيبي رکو جو آواز ڪليل هو ۽ جڏهن شبد پڙهندي هئي ته پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ٻيبي رکوکي ڪير تي روڪي سگهيو! حضور جن ٻڌائيندا هئا ته هنجي شبد پڙهڻ ڪري، ڏهن پندرهن منٽن ۾ منهنجي لوڪ لاج ختم ٿي ويئي.

مهاراج ساون سنگهه جن جي اِڇا هئي ته سندن ماتا جن کي نام دان ملي. سندن وينتي ڪرڻ تي باباجي مهاراج جن سندن ماتا جيوڻيءَ، ڌرمپتني ٻيبي ڪشن ڪور، ڏاڏو سردار شير سنگهه جن جي ان وقت عمر ٩٠ سال هئي ۽ سندن وڏي صاحبزادي سردار بچنت سنگهه جن کي نام دان بخشيو. حضور جن جو هڪ منشي نارائڻ سنگهه ڪين ستسنگي ٻڌڻ تي طعنا مهڻا ڏيندو هو. ان به بابا جن کان نام ورتو ۽ آخر پنهنجي سڀني ڪٽنب کي نام ڏيار ياٿين.

ان ڪانپوءِ بابا جن ڪيترائي دفعا مهما سنگهه ويندا رهيا. جڏهن به بابا جن اُتي ايندا هئا ته سندن سموري شيوا

نام ملي. پر باباجن بلڪل صاف انڪار ۾ جواب ڏنو ”جنهن ڏينهن کان ونئي...... اسان تي پڪي پرتيت رکي ڇڪو آهي ان ڏينهن کان ئي رات ڏينهن هن جي ليکي ۾ لڳا آهن. هنڪي نام دان جي ديا مهر، درشٽيءَ سان پهچندي.

هاڻي جيڪڏهن هن جي ديهه به ڇٽي وڃي ته هن کي وري منش ديهه ملندي. چوراسيءَ ۾ ڪين ويندو.“

باباجي مهاراج جن جي باري ۾ سندن ستسنگي ٻڌائيندا هئا ته سندن رنگ هلڪو ڪڻڪ رنگو، قد وچولو، چهرو بلڪل موهيندڙ ۽ پرڀاوشالي، نيتر جوتيمئه، ۽ سندن واڻي پريم ۽ ميٺاج سان ڀرپور هئي. سندن شريرڪ ٻل جي باري ۾ پڻ ڪيتريون ڳالهيون ٻڌيون ويون هيون.

سردار فتح سنگهه دسوُهي وارو پنهنجي وقت جي مشهور جوڌن مان هڪ هو. هو نار جي مالهه کي پاڻيءَ سان ڀريل ڪنگرين سميت کڻي سگهندو هو، ٻن اُٺن کي لڳو لڳ ڪڙو ڪري، انهن مٿان ٽپي ويندو هو. هڪ دفعي اُٺ تي سوار ٿي جهنگل مان اڪيلو پئي ويو. هٿن ۾ سون جا ڪنگڻ پيل هئس. رستي ۾ ٻه داڪو اچي ويا ۽ چيائونس ته ڪنگڻ لاهي ڏي. ان تي فتح سنگهه چيو ته توهان مان هرڪو هڪ هڪ پاسي اچي ۽ منهنجي هٿن مان ڪنگڻ لاهي وڃي. جڏهن ٻئي ڄڻا اُٺ جي ٻنهي پاسن کان ڪنگڻ لاهڻ لاءِ آيا ته فتح سنگهه هڪ هڪ کي وارن کان پڪڙي ميل ڪن تائين لٽڪائيندو هليو. ڏاڍين منٿن سان کين ڇڏيائين. باباجن جي باري ۾ هوُ چوندو هو ته مان ۽ باباجن ١٨٥٧ ۾ گڏ هئاسين. هڪ ڏينهن مون پنهنجي طاقت جي واکاڻ ڪئي ته باباجن چيو ته دنيا ۾ ٻيا به پهلوان پيا آهن، انڪري اهنڪار نه ڪر. فتح سنگهه چوڻ لڳو ته سچي ڳالهه جو اهنڪار ڇو ڪين ڪريان. باباجن ان وقت ڪٽ تي ويٺا هئا،

جوالا سنگھ شبد پڙھندا هئا.

بيبي رلي جا ڇهن ورهين جي عمر کان وٺي ڏيري ۾ رهندي آئي آهي ۽ جنهن باباجي مهاراج جن جا به درشن ڪيا آهن سا ڳالهه ٿي ڪري ته انهن ڏينهن ۾ ڀنڊاري جي وقت سنگت ٽيهه يا چاليهه هوندي هئي ۽ پرشاد ٺاهڻ ۾ ڏهه سير سوجي ۽ ويهه سير کنڊ کپندي هئي. اڄ ڀنڊاري تي ٽي چار لک ماڻهو اچن ٿا ۽ لنگر ۾ صرف هڪ وقت جي ڪاڌي ۾ ٽي چار مڻ لوڻ ٿو کپي.

باباجي مهاراج جن جي وقت ڏيري ۾ ڪو به دڪان ڪونه هو. اٽي دال وغيره ڪانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ ڪانه ملندي هئي. ٽپال هفتي ۾ ٽي ڀيرا ايندي هئي. چٺي لکڻ لاءِ پنو به شهر مان ئي گهرائڻو پوندو هو. باباجن پنهنجا خط بيبي رليءَ جي پتا ملڪيرام کان لکائيندا هئا. ڪيترا دفعا ته پاڻ به لکندا هئا. ستسنگين جي رهڻي سادي هوندي هئي. سادو کائڻ، سادو پهرڻ ۽ پوتر ويچار ان وقت جي خاص خوبي هئي. گيهه ڀوڄن جو ضروري حصو هو پر باباجن جي خوراڪ بلڪل ٿوري هوندي هئي. جيڪي بيبي رکو ٺاهيندي هئي اهو ئي کائيندا هئا. ڪڏهن ته اٺ اٺ ڏينهن ڀڄن ۾ ويٺا هوندا هئا. بيبي رکو ڏاڍي چنتا ۾ پئجي ويندي هئي ۽ وڙائچ مان ايندڙ ستسنگين کي چوندي هئي ته ڀائي! باباجن اڄ ڏهن ڏينهن کان ڀڄن ۾ ويٺا آهن، اُٿڻ جو خيال ئي ڪونه اٿن.

باباجن لاءِ ۽ ٿوڙي آيل سنگت لاءِ بيبي رکو ڀوڄن بڻائيندي هئي ۽ پاڻي ڀري ايندي هئي. بيبي رکو باباجن جي خوب شيوا ڪئي ۽ سندن چرنن ۾ هن جو ڏاڍو پيار ۽ سنيهه هو. انڪري سندس خيال هو ته باباجن کانپوءِ گُرگدي سندن ئي گهر ۾ رهي ۽ باباجن جي ڀاءُ جيوڻ سنگهه

حضور مهاراج جن پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. هڪ ڏفعي بابا جن
لاءِ پاڻ اٽو پيهي رهيا هئا، ڪين جنڊ هلائيندو ڏسي سندن
ننهن سردار ٻچنت سنگهه جن جي ڌرمپتنيءَ عرض ڪيو ته
مان ٿي اٽو پيهان. ان تي حضور جن فرمايو ته ٻچا نه، هيءَ
شيوا منهنجي آهي. خود اٽو پيهي ڀوڄن تيار ڪري بابا
جن کي کارايائون. بابا جن جي اشنان لاءِ خود ئي کوهه مان
پاڻي ڀري ايندا هئا.

بابا جي مهاراج جن ٣٤ سال فوج ۾ ڪم ڪري حق حلال
جي ڪمائي ڪري پنهنجو گذران ڪيو ۽ پينشن وٺي رٽاير
ٿيا. هر مهني پنهنجي پينشن ڏيري کان ٻه ٽي ميل دور
سنيالي ڳوٺ مان وٺڻ ويندا هئا. سندن جيون بلڪل سادو،
رهڻي بلڪل اوچي ۽ پوتر هئي. پينشن مان پنهنجو گذارو
ڪري، ايندڙ سنگت جي شيوا ۾ به خرچ ڪندا هئا. ڪن
ويچهن پريمي ستسنگين کي لنگر ۾ کائڻ ڪونه ڏيندا هئا پر
ڪين پنهنجي رنڌڻي مان ئي کارائيندا هئا. ڪپڙا تمام ٿورا
رکندا هئا. ٺالي ماٺر سامان، هڪ ٿالهي، ڪٽوري، لوٽو،
هڪ کٽ، بسترو، هڪ جتي، چاکڙيون، هڪ لڪڻ ۽ ٿورا
ڪپڙا رکندا هئا. پنهنجن ستسنگين کي هميشه حق حلال جي
ڪمائي ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. فرمائيندا هئا ته اوچا
اصول، پوتر رهڻي ۽ حق حلال جي ڪمائي پڄڻ لاءِ نهايت
ئي ضروري آهن.

بابا جي مهاراج جڏهن به ڏيري ۾ ايندا هئا ته هر روز
ستسنگ ڪندا هئا. ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ چاليهه کان
پنجاهه استري پرش ايندا هئا نه ته روزاني ستسنگ ۾ ته ڪڏهن
چار پنج ته ڪڏهن ست آٺ ماڻهو هوندا هئا. ڪڏهن زمين
تي ٿلهو تڏو وجهي ان مٿان سفيد آسڻ وڇائي ستسنگ
فرمائيندا هئا ته ڪڏهن کٽ تي ويهي. ٻيبي رکو يا پائي

"ميڙ! اڄ باباجي مهاراج جن جو درشن ئي ڪونہ ٿيو." ميڙ ورائيو، "مونکي بہ ڪونہ ٿيو. پر جي اڄ پاڻي نہ ڏينداسين تہ مڪائي سڪي ويندي." رامدتا چوڻ لڳو، "اها بہ تہ گروءَ جي آهي، سڪي تہ سڪڻ ڏينس." ائين چئي ٻئي وري پڃن ۾ ويهي رهيا، جڏهن اندر بابا جن جو درشن ملين تہ ٻئي اُٿي مڪائيءَ کي پاڻي ڏيڻ لڳا.

حضور مهاراج ساون سنگهہ جڏهن بہ ڏيري ۾ ايندا هئا تہ باباجي مهاراج کين هميشہ پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ئي رهائيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ڏيري ۾ صرف ٻہ کٽون هونديون هيون. هڪ باباجي مهاراج جن جي، جا اڄ بہ ڏيري ۾ موجود آهي ۽ ٻي ٻيبي رکو جي کٽ، جا بلڪل ننڍي هئي. سڀ سنگت زمين تي ئي سمهندي هئي. سرديءَ ۾ گاهہ مٿان کيس يا چادر وڇائي ان تي سمهندا هئا. گرميءَ ۾ تڏو يا کيس وڇائيندا هئا. مهاراج ساون سنگهہ جن باباجن جي پلنگ، هيٺان فرش تي ئي سمهي پوندا هئا.

باباجن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ حضور مهاراج جن ڪڏهن بہ اُن ڪوٺڙيءَ ۾ ڪونہ سمهندا هئا. جڏهن بہ ڏيري ۾ ايندا هئا تہ باباجن جي ڪوٺڙيءَ ۾ پڃن تي ضرور ويهندا هئا. پوءِ جڏهن ڪوٺڙيءَ جي جاءِ تي ڪمرو ۽ موجودہ عمارت ٺهي تہ حضور جن ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو تہ باباجي مهاراج جن جي پوتر ڪوٺڙيءَ جون سڀ سرون، سموري مٽي پٿر وغيرہ جو هڪ ٽڪرو بہ ٻاهر نہ وڃي. باباجن جي ڪوٺڙيءَ جي ڀتين ۽ ڇت جي سموري مٽي، سرون وغيرہ ان ئي جاءِ تي پلنٿ (نيم) ۾ وجهائي ان تي باباجن جو ڪمرو ٺهرايو، تنهنڪري ئي ان عمارت جي پلنٿ ايتري مٿي آهي. باباجي مهاراجن جو پلنگ ۽ بسترو اڄ تائين بہ ان ڪمري ۾ ساڳيءَ جاءِ تي رکيل آهي. حضور مهاراج

جي سپتر سوامي سنگهه کي گدي ڏيارڻ چاهيائين ٿي.
باباجي مهاراج ٻيجي رڪو کي سمجهائيندا هئا ته هو هن
وستوءَ جي لائق ڪونهي ۽ هنکي جلدي هن سنسار مان
هلي وڃڻو آهي. سوامي سنگهه باباجن کان پوءِ سنت ٿي
گذاري ويو.

باباجن جا ٻه ڀائر هئا هڪ جيوڻ سنگهه ٻيو دان سنگهه.
ٻنهي جو باباجن سان ڏاڍو پيار هو ۽ ستسنگ ۾ برابر ايندا
هئا. ڪين ٻه ڀينرون ٻيجي تابو ۽ ٻيجي راجو هيون. ٻيجي تابو
شروع ۾ ئي سمجهندي هئي ته سندن ڀاءُ جئمل سنگهه جن
ساڌارڻ منش ڪونه آهن ۽ پنهنجي پريوار وارن کي چوندي
هئي ته هي منهنجو ڀاءُ وڏي ڪمائيءَ وارو مهاتما آهي.
باباجن جي چولي ڇڏڻ کان ٿورو ئي وقت پوءِ ڀائي دان سنگهه
گذاري ويا ۽ سندن ٻيو ڀاءُ ٻه چولو ڇڏي ويو. هن وقت
باباجن جي پريوار ۽ ونس مان ڪير ٻه ڪونهي.

باباجن هميشه ڀڄن ڪرڻ تي زور ڏيندا هئا. سڀني سادن
۽ صاف دل ماڻهن ۾ ڀڄن جي لگن ٻه هوندي هئي.
حضور مهاراج جن ڪڏهن ستسنگ ۾ ان وقت جي
ايپاسين جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. جڏهن حضور مهاراج جن
باباجي مهاراج جن وٽ آيا، اُنهن ڏينهن ۾ مير ۽ رامدتا
نالي ٻه جاٽ منڊالي ڳوٺ مان ايندا هئا. چڱا پريمي هئا.
جيستائين صبوح جو ڀڄن ۾ ڪين باباجي مهاراج جن جو درشن
نه ٿيندو هو تيستائين هو پنهنجي ڪم ڪار کي هٿ ئي
ڪون لائيندا هئا. انهن ڪي روز انتر ۾ باباجن جو درشن
ٿيندو هو. جيڪي پريمي هوندا آهن، گرو ٻه ڪڏهن
ڪڏهن انهنجي آزمائش وٺندو آهي. هڪ دفعي انهن
مڪائي پوکي هئي ۽ فصل وڏي رهيو هو. هڪ دفعي نار
مان پاڻي ڪيڻ جو سندن وارو هو. رامدتا چوڻ لڳو،

لکيو ۽ سيٺ پرتاب سنگهه جن جي طرفان جيڪا چٺي آئي ان جو ذڪر باباجي مهاراج جن، حضور مهاراج ساوڻ سنگهه کي پنهنجي لکيل خط نمبر ١٩٠٢! واري ۾ هن ريت ڪيو آهي، "آگري مان جناب چاچا جن جو حڪمنامو آيو ته ڏهن ميمبرن لاءِ تون صحيح ڪر جيڪي ٺهه ٿيا آهن. مون چاچاجن کي هيءُ عرض ڪيو ته مان حضور سوامي دين ديال جن کي، توهانکي، مهاراج سچيت سنگهه، سدرشن سنگهه ۽ سوامي جن جي ونش ڪانسواءِ ڪنهن کي به ڪونه ڏيندس. هن ڪان اڳ به ڪين ڏنيو اٿم ۽ نڪي پوءِ ڏيندس. وري اهو حڪم ٻيو ڦيرو واپس آيو ته "ائين هئڻ گهربو هو تنهنجي پريت ۽ پرتيت ڏسڻي هئي، سا ڏٺي ويئي ۽ ڏاڍا خوش ٿياسين."

باباجي مهاراج جن جي وقت ۾ سوامي جي مهاراج جن جي ٻاڻي هنديءَ ۾ ڇپجي چڪي هئي پر باباجن جي مرضي هئي ته سار بچن نثر توڙي نظم ٻئي گرمکيءَ ۾ ڇپجن. سنه ١٩٠١ ۾ باباجن سوامي جن جي نندي ڀاءُ سيٺ پرتابسنگهه جن کان آگيا ورتي سار بچن نثر توڙي نظم گرمکيءَ ۾ ڇپجڻ لاءِ ڏنو. باباجي مهاراج، حضور مهاراج ساوڻ سنگهه جن کي پنهنجن چٺين ۾ انهن جي پرڪاشت ڪرڻ لاءِ برابر لکندا رهيا. سندن حڪم هو ته جيڪا پوٿي سيٺ پرتاب سنگهه وٽان آئي آهي ان ۾ هڪ ماترا به گهٽ وڌ نه ٿئي. ان باري ۾ پنهنجي هڪ پتر ۾ لکيائون، "مگر ايترو فرق ضرور هئڻ کپي ته ان ۾ ائين نه لکجي ته سوامي جن جو ڪو به گرو ڪونه هو." ڇاڪاڻ ته باباجن فرمائيندا هئا ته سوامي جي مهاراج جن هاٿرس واري تلسي صاحب کان اُپديش ورتو هو. ١٩٠٣ ۾ ٻئي پستڪ ڇپجي آيا.

باباجي مهاراج هميشه پنهنجن ستسنگن ۾ ٻاهر مکي

جڏهن به نامدان ڏيڻ ويندا هئا يا ڏيري کان باهر ڊوري تي ويندا هئا ته وڃڻ کان اڳ، باباجن جي ڪمري ۾ ٿوري دير لاءِ پڄن ۾ ويندا هئا. اهوئي نيم سردار بهادر مهاراج جن جو ۽ مهاراج چرن سنگهہ جن جو پڻ رهيو آهي.

پيڇي رلي پڌائيندي آهي ته هڪ دفعي سوامي جي مهاراج جن پنهنجي شال باباجن کي بخشي. اها شال باباجن ڪڏهن ڪڏهن پهريندا هئا. چولي ڇڏڻ کان ڪجهه وقت اڳ، باباجن اها شال حضور مهاراج ساون سنگهہ جن کي ڏئي ڇڏي. حضور جن اڪثر ڀنڊاري جي موقعي تي اها يڪي ستسنگ ۾ ويندا هئا. هينئر حضور مهاراج چرن سنگهہ جن ڪڏهن ڪڏهن باباجي مهاراج جن جي ڀنڊاري ڏينهن اها شال پهري ستسنگ ۾ پڌارجندا آهن.

سوامي جي مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ به باباجي، ماتا راڌا جي ۽ چاچا جي سيٺ پرتاب سنگهہ جن وٽ آگري ويندا رهندا هئا. ڪيترا دفعا حضور ساون سنگهہ جن کي به پاڻ سان وٺي ويندا هئا. ماتاجي، چاچاجي توڙي انهن جو سڄو پريوار باباجن جي لاءِ ڏاڍو پريم ڀاءُ رکندا هئا ۽ ڏاڍي عزت ڪندا هئا. اهو پريم آگري مان آيل چٺين يا اوڏانهن لکيل چٺين مان صاف ظاهر ٿئي ٿو. *

هڪ دفعي سيٺ پرتاب سنگهہ جن جي هڪ چٺي باباجن وٽ آئي ته ستسنگ ۾ فرقيبندي ۽ گروهه بندي ٿيندي پيئي وڃي تنهنڪري هڪ صدر سڀا قائم ڪريو جنهن ۾ توهين به هڪ ميمبر هجو.** ان باري ۾ جيڪو جواب باباجن

---

* ڏسو پرمارٿي پتر ڀاڱو پهريون.

** پرمارٿي پتر ڀاڱو پهريون - سوامي باغ آگري جي چٺي نمبر ۴.

ڪيون ته اُنان ۾ هميشه لنگر لاءِ سامان موڪليندا رهيا. اهو نيم اَڄ تائين ۾ هلي پيو ۽ حضور جن جي پريوار طرفان سرسي مان هر سال سوين من سامان ٽرڪ ذريعي موڪليو وڃي ٿو.

راءِ صاحب منشيرام جن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن فرمائيندا هئا ته شيوا وٺڻ پاڻ سان ملي ٿي ۽ ڪڏهن ۾ وڙهت نٿي وڃي. جڏهن اڃان حضور جن کي نام ڪونه مليو هو ته پنهنجي سموري ڪمائي پنهنجي ماتا جي اڳيان آڻي رکندا هئا. ڪڏهن ۾ پنهنجي ذرمپتنيءَ کي ڪونه آڻي ڏنائون. جيڪڏهن هوءَ ڪانئن گهرندي هئي ته ڪيس چوندا هئا ته ماتا جن کان وٺ. جڏهن نام ورتائون ته گهر وارن کي چئي ڇڏيائون ته هاڻي پهريون حق گروءَ جو آهي. خرچ ڪرڻ کان پوءِ پگهار مان جيڪي بچندو هون سو باباجن اڳيان آڻي رکندا هئا. هو جيڪي مناسب سمجهندا هئا سو گهر وارن کي ڏيئي باقي ساڌ سنگت جي شيوا ۾ لڳائي ڇڏيندا هئا انڪري ڏيري ۾ کوهه، ننديو ۽ وڏو ستسنگ گهر، ڪوٺڙيون رنڌڻو وغيره اهي سڀ باباجن، حضور جن جي شيوا مان ٺهرايا. هن ڳالهه جو ذڪر ڪري حضور جن فرمائيندا هئا، "ان شيوا جي عيوض اڄ باباجن لکين روپين جي سالياني آمدني منهنجي اولاد کي بخشي آهي."

حضور جن ڪيترا دفعا باباجي مهاراج جن جون ڳالهيون ستسنگ ۾ ٻڌائيندا هئا. هڪ دفعي چيائون ته باباجن پنهنجي ماتا جو وچن پورو ڪرڻ لاءِ پاڻ هردوار ويا جو ماتا جن کين چئي ڇڏيو هو ته منهنجي هاڏيون تون پاڻ هردوار وڃي پرواهه ڪج. باباجن فرمائيندا هئا ته جڏهن پاڻ هردوار پهتا ته ڏٺائون سندن پريوار جو گهوڙو نالي هڪ

ڪريائن جو کنڊن ڪندا هئا. سنتن جي فوٽي، چتر وغيره
جي پوڄا جي باري ۾ به سندن ويچار بلڪل صاف ۽ سپشٽ
هوندا هئا. پاڻ بار بار حڪم ڏيندا هئا ته فوٽي جي پوڄا
ڪرڻ غلط آهي ۽ ايتري قدر چوندا هئا ته ڪو به ستسنگي
منهنجو فوٽو نه رکي. هڪ دفعي ڪن ستسنگين کين عرض
ڪيو ته حضور! آگري ۾ سوامي جي مهاراج جن جي سماڌي
ٺهرائجي پيئي ۽ اهي ماڻهو چندو به پيا گهرن. ان تي
بابا جن فرمايو، ”سنتن جي تعليم ئي هننجو سچو يادگار آهي.
سماڌين دواران سنت زنده ڪين ٿا رهن. بلڪ اهڙا يادگار
اسانکي پاڻ باهر مکي ساڌن ۾ گهلي ٿا وڃن. سوامي جن
جو اُپديش ته انترمک ابياس جو پئي رهيو آهي.“ پوءِ
باباجن پنهنجي ستسنگين کي حڪم ڏنو ته منهنجي سماڌي
هرگز نه ٺاهجو.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي ڪمائيءَ مان باباجن
هميشه ڏيري جي شيوا ۾ روپيا لڳائيندا هئا. کوهه، ننڍو
۽ وڏو ستسنگ گهر، ڪوٺڙيون ڪمرا وغيره جي ٺهڻ ۾
گهڻي ڀاڱي حضور جن جي تن جي شيوا ٿيل آهي. آگري
۾ سوامي باغ ۾ جيڪي ڪوٺڙيون ٺهيون ان ۾ به حضور جن
جي شيوا جو وڏو حصو آهي. ڪيترا دفعا پهاڙن ۾ نوڪريءَ
واري وقت، اُتان گرم ڪپڙا ۽ بيون اهڙيون شيون حضور جن،
سيٺ پرتاب سنگهه جن لاءِ باباجن کي موڪليندا هئا. باباجن
اهي آگري موڪلي ڇڏيندا هئا ۽ چاچاجن ڏاڍي پريم
سان اُهي سويڪار ڪندا هئا. باباجن ڪيترا ڀيرا
حضور جن کي چوندا هئا ته مهانسنگهه والا زمين مان ڪجهه
اناج ڏيري ۾ موڪليندا ڪريو ۽ باباجن جي حڪم انوسار
حضور جن لنگر لاءِ ڪڻڪ مڪائي وغيره اناج برابر موڪليندا
رهندا هئا. جڏهن حضور مهاراج جن سرسي ۾ زمينون خريد

بخشيش ڪئي.

ڇهن مهنن کانپوءِ هو وري باباجن وٽ اچي چوڻ لڳو ته هي سرت شبد يوگ، جو طريقو نيڪ ناهي، پر پراڻايام جو طريقو سٺو آهي. وري ڪن مهنن کانپوءِ اچي چيائين ته پراڻايام به نيڪ ڪونهي. توهين مونکي ڏيکاريو ته اندر ڇا آهي. ان تي باباجن کيس سمجهايو ته نام جي ڪمائي ڪر. هو هليو ويو. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ باباجن پنهنجي پينشن وٺڻ لاءِ سنڀالي وڃي رهيا هئا ته اهوئي پنڊت ڪين رستي ۾ گڏيو ۽ ضد ڪرڻ لڳو ته هتي ايڪانت آهي، مونکي تورو ئي اندر جو نظارو ڏيکاريو. باباجي مهاراج جن کيس سمجهايو ته تنهنجو نقصان ٿيندو پر هو پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. انڪري باباجن کيس اُتي وهاري پنهنجي توري توڄ ڏني. تؤج ڏيڻ سان ئي هو هڪ طرف ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو، "مونکي سنڀاليو!" باباجن چيس ته اندر مان خيال ڇڏي ڏي، جڏهن خيال ڇڏيائين ته ٻاهر سامت ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو ته اندر ڪروڙين بجليون مون مٿان اچي ڪڙڪيون هيون. پوءِ باباجن کيس چيو ته تنهنجي عمر باقي ٽي سال آهي، ويٺي ته پڄن ڪري وٺ ويٺي ته دنيا جا ڪم ڪاريون ڪر.

پاڻ فرمائيندا هئا ته سنتن سان ڪڏهن به ضد نه ڪجي، بلڪ انهن جي مؤج ۾ رهڻ گهرجي. جڏهن هو مناسب سمجهندا پاڻيهي اندر وٺي ويندا.

هيءَ ورتانت حضور مهاراج ساون سنگهه جن ڪڏهن ڪڏهن ستسنگ ۾ ٻڌائيندا هئا. هڪ دفعي باباجي مهاراج ستسنگ لاءِ امبالي پڌاريا. اُتي مونيرام نيلو ماسٽر ڏاڍو پريمي ستسنگي هو. باباجن هن وٽ ئي لٿا هئا ۽ ڪجهه ڏينهن ستسنگ ڪندا رهيا. باباجن جو ستسنگ ٻڌي مائٽهن

ماڻھو ٻپر جي جوڻ ۾ آهي جنھنجو اُڏار ڪرڻو هو. باباجن ٻپر جا ڪجھ ٻن ڪاڏا ۽ اهو وڻ ٻن ٽن ڏينھن ۾ ٺي سڪي ويو.

هڪ دفعي باباجي مھاراج جن حضور جن سان گڏ مري پهاڙ تي ويا. حضور جن جي بنگلي سامھون موج پُري يا موڪش پُري نالي هڪ پھاڙ هو جو هندن جو تيرٿ آستان هو. اُتي جي خوبصورت درشيہ ڏانھن حضور جن اِشارو ڪندي عرض ڪيو، ”مھاراج جي! ڪھڙو نہ سندر پهاڙ آهي.“ تنھن تي باباجن فرمايو، ”مان پهرين هيءَ جڳھ ڏسي چڪو آهيان.“ حضور جن سمجھيو تہ باباجن فوج ۾ نوڪريءَ واري عرصي ۾ شايد پنھنجي پلٽڻ سان هتي آيا هوندا. جڏهن پڇيائون تہ باباجن جواب ڏنو تہ نہ، ان کان بہ اڳي هتي اچي چڪو آهيان جڏهن اجان اهي پهاڙ ٿيا بہ ڪونہ هئا ۽ هتي ميدان هو.

باباجن ڪيترا دفعا فرمائيندا هئا تہ اڪال پرک، ڪين هن کان اڳي بہ جيون کي سڃڪنب وتي وچڻ لاءِ هتي موڪلي چڪو آهي.

هڪ دفعي باباجن وٽ ٽي پنڊت آيا. انهن جو ڀاڻ ۾ شاستر ارٿ تي مٿيہ هو. انهن مان هڪ چيو تہ هلو تہ مھاراج جئمل سنگھ وٽ هلون، هوُ وڏا مھاتما آهن ۽ سندن آنترڪ چڙهائي آهي. جڏهن اچي پنھنجي شنڪا ٻڌايائون تہ باباجن سھج سڀاءُ ڪين چيو تہ مان سنسڪرت ڪونہ ڄاڻان پر انهن کي پنھنجي ٻنگ سان سوري ڳالھ سمجھائي ڇڏي. تڏهن هنن وينتي ڪئي تہ مھاراج! اسانکي نام ڏيو. باباجن وراڻيو تہ واچڪ گياني ۽ ودوان نام جي ڪمائي نہ ڪري سگھندا. اهو ٻڌي ٻہ پنڊت تہ هليا ويا پر باقي جيڪو رهيو ان نام لاءِ وينتي ڪئي تہ باباجن کيس نام جي

اُتي هلي سيني کي درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪريو." باباڄن فرمايو، "هن وقت مان ڪونہ لهندس ۽ تون هن آرتوار تي ڏيري نہ اچج." مهاراڄ ڄن جو نيم هو تہ جڏهن بہ موڪل وٺي گهر ايندا هئا تہ هر ڪنهن آرتوار تي باباڄن جي ستسنگ ۽ درشن لاءِ ڏيري ضرور ويندا هئا پر حڪم ٻڌي ڏاڍو حيران ٿي ويا تہ ڇا ڳالهہ آهي، اڳي تہ ڪڏهن بہ باباڄيءَ مهاراڄ ڄن اهڙو حڪم ڪونہ ڏنو آهي پر آگيا جو پالن ڪري پنهنجي ڳوٺ هليا ويا.

باباڄن جڏهن ڏيري پهتا تہ کين اهڙو تيز بخار اچي چڙهيو جو هيٺيون ساهہ هيٺ، مٿيون ساهہ مٿي، ائين پئي لڳو تہ شايد ڪونہ بچندا. کين ٻارهن ڏينهن ايترو بخار هو جو سڀ گهٻرائجي ويا. سرير اهڙو تپندو هون جو پير ۾ پيتل کي بہ سيڪ ايندو هو. بيبي رکو ۽ ٻين ستسنگين کين دوا وٺڻ لاءِ عرض ڪيو. جواب ڏنائون، "مان ٻارهن ڏينهن تہ ڪابہ دوا ڪونہ وٺندس." بيبي رکو روئڻ لڳي. باباڄن فرمايو، "مان ڪونہ ٿو وڃان، تون فڪر نہ ڪر."

ٻارهن ڏينهن ڪانپوءِ بخار لٿو ۽ حضور ساون سنگهہ جي مهاراڄ تيرهن چوڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ٻئي آرتوار تي ڏيري آيا تہ کين باباڄن مهاراڄ ڄن جي سخت بيماريءَ جي خبر پيئي تہ باباڄن کي عرض ڪيائون، "حضور! توهان مونکي اچڻ کان منع ڪري ڇڏي، اچان ها تہ ڪجهہ توهانجي شيوا تہ ڪريان ها." باباڄن وراڻيو، "ٻچا! تو کان تہ برداشت ئي ڪونہ ٿئي ها، انڪري ئي مون ٽاري ڇڏيو.

جڏهن حضور ڄن ان تڪليف جو ڪارڻ پڇڻ لاءِ ڏاڍو زور ڀريو تہ باباڄي مهاراڄ ڄن ٻڌايو تہ حڪم سنگهہ جا ڪرم اهڙا ڀاري هئا جو ڪال کيس ست جنم تنتل ٿئي تي تپائي

تي ڏاڍو اثر ٿيو اُتي جي مئجسٽريٽ جو سرشتيدار حڪم سنگهه روز ستسنگ ۾ ايندو هو. هن نامدان لاءِ وينتي ڪئي پر باباجن هن کي ٽاري ڇڏيو. حڪم سنگهه موتيرام سان نامدان وٺڻ جي پنهنجي چاهنا ظاهر ڪئي. موتيرام سوچيو ته هيءُ پڙهيل، هلندڙ وارو ۽ وڏو ماڻهو آهي. جيڪڏهن هي نام وٺندو ته ستسنگ جي رونق وڌي ويندي، ائين سوچي باباجن کي عرض ڪيائين پر باباجن صاف انڪار ڪيو پر ڀائي موتيرام ڏاڍو زور رکيو. ان تي باباجن فرمايو، "چاهي هزار جيون کي نامدان ڏياريو پر حڪم سنگهه لاءِ ضد نه ڪريو ڇاڪاڻ ته هن جا ڪرم ڏاڍا ڀاري آهن." ڀائي موتيرام چوڻ لڳو، "باباجي! جيڪڏهن توهان وٽ اچڻ ڪانپوءِ به ڪرم رهجي وڃن ته پوءِ دنيا ۾ هن لاءِ ٻي ڪهڙي جڳهه آهي؟"

باباجن جو امبالي ۾ رهي مهينو کن ستسنگ ڪرڻ جو وچار هو. پر موتيرام جي ضد ڪري پاڻ فرمايائون، "جيڪڏهن توهين هن کي نام ڏيارڻ ٿا چاهيو ته مان ڪيس نام ڏيندس، پر هتي وڌيڪ ڪونه ترسي سگهندس، نام ڏيئي هڪدم روانو ٿيندس." موتيرام هوڏ ڪونه ڇڏي. چوڻ لڳو، "چڱو مهاراج جي! مان ستسنگ بياس اچي ٻڌندس."

انهيءَ ڪري ٻئي ڏينهن باباجن ٽانگو گهرائي ان ۾ پنهنجو بسترو ٻڌائي رکائي ڇڏيو. حڪم سنگهه کي نام ڏيئي تُرت اُتي ٽانگي ۾ ويهي اسٽيشن تي اچي بياس لاءِ روانا ٿي ويا.

جڏهن گاڏي لڌياني اسٽيشن تي پهتي ته اتفاق سان حضور مهاراج ساون سنگهه جن اسٽيشن تي کين گڏجي ويا ۽ باباجن کي عرض ڪيائون، "حضور! منهنجو ڳوٺ مهانسنگهه والا بلڪل نزديڪ آهي، توهين ڪرپا ڪري

انهن حضور جن کي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن ڪشن سنگهہ جي مڪان کي اچي باهہ لڳي. پاڻ وسائڻ لاءِ کڏ تي چڙهي ويو تہ باهہ ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو.

اهڙي قسم جو ٻيو بہ ورتانت حضور جن ٻڌائيندا هئا. مريءَ ۾ هري سنگهہ نالي حضور جن جو هڪ اردلي هو. هن حضور جن وٽ ٻارهن سال ڪم ڪيو. هڪ دفعي جڏهن باباجن مريءَ آيا هئا تہ حضور جن هري سنگهہ کي باباجن سان ملايو. هنجي وڃڻ کانپوءِ باباجن حضور جن کي چيو، ”توهين هري سنگهہ کي ١٠٠ سال ڪٽي ستسنگ ٻڌايو تہ بہ ڪيس هن جنم ۾ نام ڪونہ ملندو. هنکي تہ پاڻيءَ ۾ ٻڏي مرڻو آهي.“ ڪن سالن کانپوءِ هري سنگهہ پنهنجي گهر هليو ويو. اُتي هن تي هڪ مقدمو ٿي پيو. هو گهٻرائجي ويو ۽ چٺي لکي ڇڏي ويو تہ مان خود اُپگهات ڪريان ٿو، ان لاءِ ڪنهنکي بہ دوشي ٺهرائي نہ پڪڙجو ۽ پوکري ۾ ٽپو ڏيئي ٻڏي مئو.

حضور جن فرمائيندا هئا تہ سنتن جي درشٽيءَ ۾ ڪوبہ پلو يا پرو ڪونهي. هننکي جيو جا ڪرم ائين ڏسڻ ۾ ايندا آهن جيئن اسانکي شيشي جي برتڻ ۾ رکيل شيءِ صاف ۽ چٽي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

باباجي مهاراج جن جي حضور جن کي هدايت هئي تہ مهني ۾ بہ نہ، تہ هڪ خط ضرور لکندا ڪريو. باباجن جيڪي چٺيون حضور جن کي لکيون آهن انهن ۾ حضور جن لاءِ سندن گهرو پريم صاف ظاهر آهي. ان ڳالهہ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ مثال ڏيڻ واجب آهن.

”برخوردار بابو ساون سنگهہ، تون منهنجا پراڻ آهين. تون منهنجو ٻچو آهين، گرمکہ آهين...... مان توتي ڏاڍو ڏاڍو خوش آهيان. تون هڪ ڏينهن ضرور سچکنڊ پهچندين ۽

ها. موتيرام جي ضد ڪري اهي ڪرم اسانکي ڪٽڻا پيا.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن حڪم سنگهه کي زندگي ۾ ان ڳالهه جو پتو لڳڻ ڪونه ڏنو. هنجي گذاري وڃڻ کانپوءِ ئي اها ظاهر ڪيائون.

حضور جن وٽ نوڪريءَ واري سمي ڪشن سنگهه نالي هڪ چوڪيدار هو. تيرهن سال حضور جن جي سيوا ۾ رهيو. خيال نيڪ هئس ۽ باڻيءَ جي پاٺ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوس. اَڌ رات جو اُٿي، اِشنان ڪري پاٺ ڪندو هو. حضور جن جو خيال هو ته هيءُ ماڻهو نيڪ آهي باڻيءَ جو پاٺ ٿو ڪري، هنکي جيڪر نام ملي ته ڏاڍو سٺو. هڪ دفعي جڏهن باباجن حضور جن وٽ درشن ڏيڻ لاءِ پڌاريا هئا ته حضور جن کين ٻڌايو ته ڪشن سنگهه توهان وٽ ايندو. حضور جن جي چوڻ تي ڪشن سنگهه باباجن وٽ آيو، ٿورو وقت ويٺو پر ڪجهه چيائين ڪونه، مٿو ٽيڪي رمندو رهيو. سنت پاڻيهي اڳيان ٿي جيءُ کي ڪونه چوندا آهن ته نام وٺ. ڪشن سنگهه نام ڪونه گهريو.

حضور جن جڏهن آفيس مان آيا ته باباجن کان پڇيائون، ”حضور! توهان وٽ ڪشن سنگهه آيو هو؟“ باباجن جواب ڏنو، ”ها! آيو ته هو پر توهانجو جيئن خيال آهي ائين ڪونه ٿيندو.“ حضور جن چيو ته نيڪ ماڻهو آهي، باڻي نت نيم سان پڙهندو آهي، ڪيس نام ملي وڃي ته تمام سٺو. ان تي باباجن فرمايو، پڙهڻ پاڙهڻ هڪ ڳالهه آهي، نام جو ملڻ ته ڳالهه ئي نرالي آهي. هن جنم ۾ نام ملڻ هن جي ڪرمن ۾ ئي ڪونهي. هن کي باهه ۾ سڙي مرڻو آهي.“

حضور جن ٻڌائيندا هئا ته ڪيترن سالن کانپوءِ جڏهن مان راولپنڊي ويس ته ڪشن سنگهه جي ڳوٺ ڪسرانوا جي سنگت کان پڇيم ته ڪشن سنگهه جو ڪهڙو حال آهي؟

ته توهين اها سڀ منهنجي ئي سيوا ڪري رهيا آهيو. جيڪي گهر ۾ ڪم ڪار ڪريو ٿا سو به ستگروءَ جو ڪم آهي، ڀڄن ۽ سمرن ڪرڻ به ستگروءَ جو ڪم آهي. جڏهن حضور جن لکيو ته مونکي نوڪري ڇڏي پنهنجي چرنن ۾ سيوا جي اجازت ڏيو ته بابا جن جواب ۾ لکيو، "سچکنڊ ته هن پردي پٺيان آهي، دور ڪونه آهي. ڇو ٿا گهٻرايو؟ توهين ضرور گهر ويندا. توهان لکيو آهي ته گهر کي ڇڏي، نوڪري ڇڏي ڀڄن ڪريان. توهانجو گهر ۾ ڇا آهي، نوڪريءَ ۾ ڇا آهي؟ روپين ۾ توهانجو ڇا آهي؟ سوچي ڏسو ته پوءِ انهن کي ڇڏڻ ۾ ڇا رکيو آهي ۽ نه ڇڏڻ ۾ ڇا؟ اها ته بازيگر جي بازي آهي. سنسار سپنو آهي. توهان لکيو، مون روپين بابت ڪنهن سان به ذڪر ڪونه ڪيو آهي ته متان مونکي ايمان نه ٿئي. ايمان ڇو ٿئي؟ توهانجو ان ۾ ڇا آهي؟ سڀ ڪجهه ستگرن جو آهي، توهين صرف ان جا ڪامدار بڻجي رهو."

حضور جن کي شروع کان ئي ڀڄن جي لگن هئي. ڪيترائي دفعا کين خيال ايندو هو ته سرڪاري نوڪريءَ سبب ڀڄن کي زياده وقت نٿو ڏئي سگهجي. پر باباجن کين دنيوي فرض ادائي ۽ ڀڄن ٻنهي لاءِ اُتساهت ڪندا رهندا هئا. فرمائيندا هئا ته ڀڄن ۽ سمرن روز روز ڪرڻ گهر جي پلي گهڙي وقت به مهل ملي سگهيو پر جنهن وقت سرڪاري ڪم ڪريو ٿا ان وقت جو ڀڄن منهنجي ليکي آهي.

هڪ دفعي حضور جن جو وچون صاحبزاد و سردار بسنتسنگهه امتحان ۾ فيل ٿي پيو. حضور جن کي خيال آيو ته منهنجا پٽ پڙهڻ ۾ ڌيان نٿا ڏين، جڏهن پين جا ٻار نندي وهيءَ ۾ ئي من لڳائي پڙهن ٿا. پاڻ اهو ذڪر هڪ خط ۾ ڪيا ئون.

(اُنّي) سدائين مون سان گڏ رهنديون. پوءِ وري جنم ڪونه ٿيندو.”

”توهين مونکي پنهنجي ديهه ۽ پراڻن کان به پيارا آهيو. وري جنم ڪونه ٿيندو. جتي مان رهندس ان جڳهه تي توهين به مون سان گڏ رهندا. مان توهان تي ڏاڍو راضي آهيان.”

”مان توهان تي هر طرح ڏاڍو راضي آهيان. توهين منهنجي سروپ کان نيارا ڪونه آهيو. ڪم ڪار جي ڪري ٻي ديهي تي ڀاسجي.”

حضورجن جا خط ملڻ سان باباجن ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا. پاڻ خود لکيو اٿن، ”جنهن وقت توهانجي چٺي ايندي آهي، ان وقت چت ۾ ايتري خوشي ۽ آنند ٿيندو آهي جو ان جو بيان ٿي نٿو ٿي سگهي.”

ڀائي مناسنگهه جنهن باباجن وٽ ورهيه رهي شيوا ڪئي تنهن هڪ دفعي جي ڳالهه ٻڌائي ته هڪ ڀيري حضور مهاراج جن جي چٺي آئي هئي. مون ڏٺو ته باباجن هر هر اها هٿن ۾ کڻي پئي پڙهي. مونکي سڌ ڪونه هئي ته اهو ڪاغذ ڇا جو هو ۽ ان ۾ ڇا لکيل هو. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائون ته اها چٺي بابو ساون سنگهه جن جي آهي. ڏاڍي پريم ۽ برهه سان ڀرپور آهي ۽ هنن نوڪري ڇڏي، چرنن ۾ اچي رهڻ جي پنهنجي تڙپ ظاهر ڪئي آهي. ان تي مون عرض ڪيو، ”حضور! جڏهن هنن کي ايڏي تڙپ آهي ته ڪين هتي گهرايو.” باباجن فرمايو ته اڃا اُنهن کان گهڻيئي دنيوي ڪم ونڻا آهن، پر ٻڌا! هڪ ڏينهن ايندو جڏهن تون ڏسندين ته سوامي جن هنن کان ڪيتري قدر ڏا پرمارٿ جي شيوا وٺن.

باباجن ڪيترا دفعا حضور مهاراج جن کي لکندا هئا

ان کان پوءِ باباجي مهاراج جن بسنت سنگهه کي چيو، ”وڃ
توکي سوامي جي مهاراج جن بخشي ڇڏيو.“ اهو ورتانت
ڪڏهن ڪڏهن سردار بسنت سنگهه جن به ٻڌائيندا هئا.
مون اها ڳالهه هڪ ٻه دفعو بيبي رکو جي واتان پڻ ٻڌي آهي.

باباجي مهاراج جن حضور جن کي هڪ چٺيءَ ۾ پرمارٿ
جي رهڻيءَ بابت هن ريت هدايت ڪئي، ”سرڪاري
ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن سان به نه ڳالهائڻو ۽ شام جو ڇهين
کان اٺين بجي تائين ڀڄن ۾ وهڻ. پوءِ اٺين کان ڏهين بجي
تائين ستسنگ ڪرڻ. ان کان پوءِ چاهي سمهي پئو چاهي
ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهو. پر صبوح جو ساڍي ٤ بجي
ڀڄن ۾ ويهجو پوءِ سارو ڏينهن سرڪاري ڪم ڪجو ۽ ان
سان گڏ ئي ڳالهه ٻولهه ڪجو. پر جڏهن سرڪاري ڪم مان
فارغ ٿيو ته نڪي ڪنهن سان ڳالهيون ڪجو نڪي
ٻي ستسنگين سان گڏ ويهي پنهنجو وقت خراب ڪجو. روٽي
اڪيلائيءَ ۾ چونڪي ۾ ويهي کائجو. دنيا ۾ پاڻ کي لڪائي
رکڻو آهي پر توهانکي ته مالڪ سان گڏ ڪم ڪرڻو آهي.
توهانجي رهڻي نياري هئڻ کپي. ڪير ڪٿي توهانکي ڪا
شيءِ مفت ۾ ڏئي ته وٺڻي ڪونه آهي. جهڙي طرح مرغابي
سارو ڏينهن ته پاڻيءَ ۾ ترندي آهي پر جنهن وقت اڏامندي
آهي ته سڪل ئي سڪل. سنسار ۾ اهڙيءَ ريت رهڻو آهي.
خود منهنجو اهو عرض آهي ته توهان تي ديا مهر ٿئي،
هن ئي وقت.

اهڙي ڪٺن رهڻيءَ تي حضور مهاراج ساون سنگهه جن
جهڙا پورن پرش ئي رهي سگهيا ٿي. باباجن جي هر هڪ چٺيءَ
۾ اهوئي حڪم هوندو هو ته سرڪاري ڪم مان جنهن به وقت
فرصت ملي ته ڀڄن سمرن ڪجو. حضور مهاراج جن به باباجي
مهاراج جن جي آديش انوسار هلڻ جي پوري ڪوشش

باباجي مهاراج جن جواب ۾ ڪين لکيو، ”بسنتسنگهه لاءِ گهٻرايو نه، ڪيس پڙهائيندا ٻه هلوءِ نقشو ٻه ڪيس سيکاريو. جيڪڏهن ٻه دفعا پاس ڪين ٿيو نه ٻه ڪهڙو هرج آهي، وري پاس ٿي پوندو. هنجي قسمت ڪير ڏسي آيو آهي. توهين اهو ٿا افسوس ڪريو ته منهنجا ٻار ڪونه ٿا پڙهن پر ٻين جا ننڍا ننڍا ٻار ٻه پيا پڙهن. خيال ڪري ڏسو ته ٻين جي پٽن کي نام مليو آهي ڇا؟ هو مرندا تہ نرڪ ۾ ويندا پر توهانجا سپتر پنهنجي گهر پهچندا. توهانجو ونش ٻين سان ڪيئن ٿو ڀيٽي سگهجي!“

هڪ دفعي باباجي مهاراج جن ٻيبي رکو کي ٻڌايو ته ٻچنت سنگهه (حضور مهاراج جن جا وڏا صاحبزاده) جا ڪرم ڏاڍا ڀاري آهن. هنکي پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ وڻ هيٺان ڦاسي ايندي. تنهن تي ٻيبي رکو وينتي ڪئي، ”باباجي، بابو ساون سنگهه ته توهانجو پريمي شيوڪ ۽ گرمک، شش آهي، جيڪڏهن ٻچنت سنگهه سان ائين ٿيندو ته ڇا بابوءَ جن کي دک ڪين ٿيندو؟“ ان جو ڪوبه جواب باباجي مهاراج جن ڪونه ڏنو. ان کان پوءِ جڏهن باباجي مهاراج ٻيبي رکو سان گڏ مهانسنگهه تشريف وٺي ويا ته هڪ ڏينهن ساري رات ڀڄن ۾ ويٺا رهيا. صبوح جو اُٿي ٻيبي رکو کي گهرائي فرمايائون ته منهنجي بستري جي نوڙي کڻي اڱڻ جي وڻ سان ٻڌي لٽڪائي ڇڏ. جڏهن ٻيبي رکو نوڙي وڻ کي ٻڌي لٽڪائي ڇڏي ته باباجن ٻچنت سنگهه کي گهرائي ٻچل نوڙيءَ جي ڦيڙيءَ مان ڦندو ناهي ٻچنت سنگهه جي ڳلي ۾ وڌو ۽ ٻيبي رکو کي حڪم ڏنائون ته جڏهن مان نوڙي ڇڪيان ته ڪپ جي هڪ ئي وار سان سِرُ ڪان مٿيرو ان کي ڪٽي ڇڏ. جڏهن باباجن نوڙيءَ کي ڇڪيو ته ٻيبي رکو ان کي هڪ ئي ڌڪ سان ڪٽي ڇڏيو.

ستسنگ، گهر ۾ ويٺي. اڄ ستسنگ، گهر ۾ مس پير رکيائين ته چئي ويٺي، "هيءَ کهڙي موج بدلجي ويئي" ۽ اُتان ئي پويان پير ڪيائين. باباجن کي اچي چيائين، "نه چاچاجي جو درشن ٿيو، نه توهانجو درشن ٿيو پر هتي ته بابو ساون سنگهه جن آسڻ تي ويٺا هئا."

ان تي باباجن فرمايو، "بيبي، حڪم مڃيندي ڪر."
وري فرمائڻ لڳا، "پهرئين ڏينهن جڏهن بابو ساون سنگهه، بابو ڪاهن سنگهه سان گڏ ستسنگ ۾ آيا هئا، انهيءَ ڏينهن مون توکي چيو هو ته هو اڳيئي انڪوري جيو آهي، هن کان سوامي جي مهاراج جن پرمارٿي ڪم وٺندا پر ان ڳالهه جي اُپتار نه ڪيج."

ان کان پوءِ بيبي رکو سيٺاڻي ستسنگين کي چيو ته وري ڀڄن ۾ وهو ته سيٺيءَ ڀڄن ۾ ويهي رهيا. جڏهن ڀڄن مان اُٿيا ته بيبي رکو پڇڻ لڳي، "بلڪل ٺيڪ ٺيڪ ۽ سچ سچ ٻڌايو ته اڄ توهانکي ڪنهنجو درشن ٿيو." سڀ ستسنگي چوڻ لڳا ته بابو ساون سنگهه جن جا درشن ٿيا آهن.

اهڙيءَ ريت باباجي مهاراج جن ڪيترائي مهنا اول پنهنجي وچڻ ۽ حضور مهاراج ساون سنگهه جن کي پنهنجو جانشين مقرر ڪرڻ بابت صاف اشارا ڏيندا رهيا. انهن ڏينهن ۾ اهي ڳالهيون ٻڌي هڪ ستسنگيءَ باباجي مهاراج جن کي چيو ته مان توهان کانسواءِ ڪنهنکي ڪونه مڃيندس. ان تي باباجن فرمايو ته توهان ماڻهن جو ڪڏهن به اڌار ڪونه ٿيندو. تڏهن ستسنگي هٿ جوڙي عرض ڪيو، "سچي پاتشاهه! مان ته ڏاڍو ڀليل آهيان، ڪرپا ڪري پنهنجي ڳالهه سمجهايو."

باباجن فرمايو، "پرتڪش ويڙل سنت جنهنکي به پنهنجو جانشين مقرر ڪري ٿو ته اُهو هنجو ئي سروپ ٿئي ٿو."

ڪندا هئا. پنهنجي سموري پگهار، باباجن کان پڇي انهنجي آگيا انوسار ئي خرچ ڪندا هئا. باباجن ڪڏهن ڪانئن ايندڙ سال جي آمدنيءَ جي وچور پڇي، پوءِ ڪيئن خرچ ڪرڻ جي باري ۾ هدايتون ڏيندا هئا. ٢٥ نومبر ١٨٩٨ واري خط ۾ باباجن حضور جن کي لکيو، ”اهو به لکجو ته هن سال ڪيترا روپيا آمدني ٿيندي. پگهار ۽ ٻيو هڪجهڙو آهي يا الڳ، لکجو. پوءِ مان توهانکي اُن سال جي ڪمائي خرچ ڪرڻ جي باري ۾ ٻڌائيندس ۽ توهين منهنجا پراڻ آهيو. خود مون سان گڏ رهندا.“

ڏيري ۾ جڏهن ننڍو ستسنگ گهر ٺهي تيار ٿيو ته ان ۾ باباجي مهاراج جن صرف هڪ دفعو ئي ستسنگ ڪيو. پريمي ستسنگين جي بار بار زور ڀرڻ تي فرمايائون، ”هتي بابو ساون سنگهه جن ئي ستسنگ ڪندا رهندا.“

پنهنجي نج ڌام ۾ وڃڻ کان ڪجهه مهنا اڳ پاڻ فرمايائون، ”اسان جو هتي جو ڪم ختم ٿي چڪو آهي.“ وري فرمايائون، ”اسين ڪيتري وقت کان اهو ئي ڪاريه ڪندا رهيا آهيون؛ هن کان پوءِ مات لوڪ ۾ واپس ڪرڻ اينداسين.“

چولي ڇڏڻ کان ڪجهه مهنا پهرين جولاءِ ١٩٠٣ ۾ هڪ آرتوار ڏينهن باباجي مهاراج جن حڪم ڏنو ته سڀ ستسنگي پنهنجن گهر ۾ وڃي پنهنجن تي وهن. پاڻ اُتي ڪونه ويا. بيبي رکو ۽ هڪ ٻيو ستسنگي به اُتي ڪونه ويا باباجن کين حڪم ڏنو ته توهين ٻئي به ستسنگ گهر ۾ وڃي پنهنجن تي وهو. بيبي رکو چوڻ لڳي ته جي توهين هلندا ته اسين به هلنداسين، توهين هلي ستسنگ ڪريو. باباجن چيو، ”تون وڃ ته سهين، ستسنگ ڪرڻ وارو اُتي وينو آهي.“ باباجن جي حڪم ملڻ سان بيبي رکو اُن ستسنگيءَ سان گڏ وئي. ستسنگي ته ٻاهر ويهي رهيو پر بيبي رکو اندر

اهو ٻڌي سنگت جي نيڻن مان نير وهي هليو. ڀائي ملکيرام ڀريل ڪنٺ سان پڇيو، ”حضور! اسانکي ڪنهنجي حوالي ڇڏي ڪري وڃو؟“

باباجن وراڻيو، ”توهين ڪوبہ فڪر نہ ڪريو. اسان ڪانپوءِ بہ بابُو ساون سنگهہ ڪاريہ ڪندو. هنجو مونکان چوڻو تپ ۽ تياڳ هوندو. اسانجي ڪمائيءَ جو جوهر وڃڻ کان پوءِ ئي ظاهر ٿيندو. بابُو ساون سنگهہ دواران لکين جيون جو اُڌار ٿيندو. ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ راڌاسوامي نام جي گونج پيئي پوندي.“

باباجي مهاراج جن جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن جو احوال بيبي رکو ۽ ڀائي ملکيرام جن وقت بوقت حضور مهاراج ساون سنگهہ جن کي ڏيندا رهيا. ٢٥ آڪٽوبر ١٩٠٣ واري خط ۾ بيبي رکو لکيو آهي تہ ٽن چئن ڏينهن کان وٺي باباجن جو خيال اندر ۾ ئي وڌيڪ رهي ٿو ۽ فرمائين ٿا تہ ورتي هاڻي مٿي ئي وڃي ٿي ۽ هيٺ نٿي لهي. جڏهن وچن ولاس ڪن ٿا تہ بلڪل چڱي طرح سمجهائين ٿا ۽ وري سرت چاڙهي ٿا ڇڏين. ڪين ڪابہ بيماري ڪانهي، نڪي ڪا تڪليف اَٿن ۽ نڪي ڪا دوائي ٿا ڪن. هڪ دفعي بيبي ديوان، مهاراج جن وٽ درشن لاءِ ويئي تہ حڪم ڏنائون تہ هاڻي بابُو ساون سنگهہ جي شرن وٺو.“

٢٨ آڪٽوبر ١٩٠٣ مٺُونائُر وارو ڀائي ملکيرام ستسنگ ۾ آيو تہ ڪيس باباجي مهاراج جن پاڻ وٽ گهرائي چيو، ”ڪڇ گپت ڀيد ڪولڻ جو ويچار آهي. هيءُ وچن سوامي جي مهاراج جن جي حڪم سان ٻڌايان ٿو سو تون لک. اناميءَ پد جي آس پاس جيڪي ڏُنيون آهن، انهن لاءِ سوامي جي مهاراج جن جو حڪم آهي تہ ظاهر ڪريو. تنهنڪري اسين اهي ظاهر ڪرڻ چاهيون ٿا.“ ان وقت بيبي رکو پڻ

وري فرمايائون ته ”مان جنهنکي مقرر ڪندس، اهو مونکان ٻه ٽيجسوي هوندو. مان گپت رهيو آهيان پر هو پرگهٽ رهندو. مان ته هر ڪنهن جو لحاظ رکندو هوس مگر هو پرمارٿ ڪانسواءِ ڪنهن سان به ميل جول ڪونه رکندو.“

وري باباجن چوڻ لڳا، ”ڪنهنکي به سنت مت جي سمجهه ڪانهي. جنهنکي پاڻ سنت سمجهه بخشيندو اهو ئي سمجهندو. جيو کي ڪهڙي طاقت آهي.“

هڪ ستسنگيءَ پڇيو ته سنت هڪ چولي مان ٻئي چولي ۾ ڪيئن ٿا سمائجي وڃن. ان تي باباجن فرمايو ته جيئن پاڻيءَ ۾ مصري سمائجي ويندي آهي، پاڻيءَ جو رنگ ڪونه بدلجندو آهي پر سواد بدلجي ويندو آهي.

چولي ڇڏڻ کان ٻي چار مهنا اڳ، باباجن پائي سرڻسنگهه ۽ پائي مگهرسنگهه کي نام دان بخشيو. اهي ٻئي ڪيترو ئي وقت ستسنگ ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن وٽ پاڻسي ٿي رهيا. ٢٦ ڊسمبر ١٩٠٣ ڏينهن باباجن سچکنڊ پڌارڻ کان ٻي ڏينهن اڳ، لالا منگترام کي نام دان بخشيو. لالا منگترام حضور جن جو پهريون سيڪريٽري هو.

باباجن جي پرم ڌام پڌارڻ ۾ ڪجهه ڏينهن اڃا باقي رهيا هئا ته هڪ ستسنگيءَ ذڪر ڪيو ته حضور! هوتي مردان واري بابا ڪرمسنگهه پنهنجي چولي ڇڏڻ کان ڪيترائي ڏينهن اڳ، ٻڌائي ڇڏيو هو ته هاڻي مان جلدئي چولو ڇڏيندس. تنهن تي باباجي مهاراج جن فرمايو، ”ها! مهاتمائن کي طاقت هوندي آهي ته هو ورهين جا ورهيه اَول ئي ٻڌائي ڇڏين ته اسين فلاڻي ڏينهن ۽ فلاڻي تاريخ تي چولو ڇڏينداسين.“ وري فرمايائون، ”منهنجي وڃڻ ۾ باقي ڪي مهنا، يا هفتا ڪونه رهيا آهن، صرف ڪي ڏينهن ئي بچيا آهن.“

ڪڍي ٻاهر ٽي آندو.

ٻاٻاجي مهاراج ۲۸ ڊسمبر جي رات ۽ ۲۹ تاريخ جي صبوح جي وچ ۾ جوتي جوت سمايا. ان وقت حضور مهاراج ساون سنگهه جن ائبٽ آباد ۾ هئا. حضور جن هڪ دفعي ٻاٻاجي مهاراج جن کي عرض ڪيو هو، ”حضور! ڪرپا ڪري پنهنجي انتم سمي مون کي پنهنجي چرنن ۾ رکجو.“ ٻاٻاجن جواب ڏنو، ”نه ٻچا! تون برداشت ڪري ڪونه سگهندين، پر سڀ سنسڪار آدي تنهنجي ئي هٿن سان ٿيندو.“

حضور جن ۲۹ شام جو ڏيري پهچي ويا. ٻئي ڏينهن ۳۰ ڊسمبر صبوح جو ٻاٻا جي مهاراج جن جي پوتر شرير جو سنسڪار حضور جن جي هٿن سان ٿيو. ٻاٻاجي مهاراج پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪئين ڀيرا هدايت ڪندا هئا ته هنن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ هنن جي ڪاٻه سماڌ، ڇتري، چبوترو وغيره ڪجهه به نه ٺهرايو وڃي. ٻاٻاجن جي پوتر شرير جو سنسڪار بياس نديءَ جي ڪناري تي ڪيو ويو. حضور مهاراج جن ٻڌائيندا هئا ته جنهن جاءِ تي ٻاٻاجي مهاراج جن جو سنسڪار ڪيو ويو، اُتي ٻئي ڏينهن ئي درياهه جو پاڻي چڙهي آيو، درياهه اها جڳهه ئي پاڻي ڪڍي ويو ۽ هنن جي هاتي ئي چوندي ڪانه سگهياسين.

ٻاٻاجي مهاراج ٻال اوستا کان ئي آتمڪ اڀياس جا پريمي ۽ ستيه جا کوجي هئا. ٻارهن ورهين جي ڪشور اوستا ۾ پنجن نامن ۽ شبد ڀيد جي کوج ۾ گهر مان نڪري پيا. برابر پنج سال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ تلاش ڪندي ڪيترن ئي مهاتمائن سان ملاقات ڪرڻ بعد آخر ۱۷ سالن جي عمر ۾ سوامي جي مهاراج جن وٽ آگري پهتا ۽ نام دان پراپت ڪيائون. انهيءَ سال ئي پاڻ فوج ۾ ڀرتي ٿيا ۽ ۳۳ سال سينا

حاضر هئي جا چوڻ لڳي ته سوامي جن جي ٻاڻي اچيئي گهڻي اُچاريل آهي. جيڪڏهن دَيا ڪري اَٿو ته سوامي جن کي عرض ڪريو ته انتري دَيا بخشو، باقي ٻاهر لڪڻ جي نه. ان تي باباجي مهاراج ڪجهه دير خاموش رهي بيبي رکو کي چوڻ لڳا ته مون سوامي جي مهاراج جن اڳيان عرض ڪري ڇڏيو آهي. تون گهٻرائج نه.

چوٿين يا پنجين ڊسمبر باباجي مهاراج جن وٽ ڪجهه ستسنگي ويٺا هئا. تڏهن پاڻ فرمايائون ته پوهه جي چترادشي، انگريزي حساب سان ۲۸ ڊسمبر مونکي ضرور وڃڻو آهي.* پوءِ ڪجهه پرمارٿي ڳالهيون ڪيائون ۽ وڌيڪ فرمايائون ته جيڪي ستگروءَ جي حڪم ۽ وچن اندر رهن ٿا سي جيئون مڪت ٿي ويندا آهن.

باباجي مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کان ٻارهن ڏينهن پهرين بيبي رکو وينتي ڪئي، ”باباجي مهاراج! توهان فرمايو هو ته ڇهه گهريالي (جانشين) مقرر ڪندا.“ اُن تي باباجن فرمايو ته پهرين منهنجو خيال هو ته ڇهه هجن. پر هاڻي سوامي جي مهاراج جن جي موج هڪ جي لاءِ آهي، سو هڪ کان ئي ڇهن جو ڪم وٺندا ۽ اهو ڪم بابا ساون سنگهه کان ورتو ويندو.

ڌُر ڌام پڌارڻ کان پندرهن ڏينهن اَول ئي سندن ڪوٺڙيءَ ۾ شبد جي اهڙي زوردار گونج ۽ زبردست ڪشش هئي جو ڀائي مناسنگهه، بيبي رکو ۽ ٻئي هڪ شيوادار ڪانسواءِ جيڪو به ڪوٺڙيءَ ۾ ويو ٿي ته هنجي سرت هڪدم مٿي چڙهي ٿي ويئي ۽ انهن ٻنهي ان کي

---

* باباجي مهاراج جن ۲۸ ڊسمبر رات ۽ ۲۹ ڊسمبر صبوح جي وچ ۾ چولو ڇڏيو.

جتي به رکي. جڏهن انهن جو من تي اثر نه پوي، من سدائين سمان رهي پوءِ ئي شبد ڌن جي مارگ مان ڌر ڌام سچکنڊ وڃڻ جي بخشيش، ستگروءَ جي وچن جي اندران روز روز اچي ٿي.

(٣) توهان لکيو ته ڀڄن نٿو ٿئي. اها ڪا لاچاري ڪانهي پر توهانجي غفلت ۽ بي پرواهي آهي. چاڪاڻ ته ٻئي وقت ڀوڄن ۽ سنا بسنا طعام توهانجو من کائڻ چاهيٿو ۽ کائي ٿو پر ڀڄن سمرن جيڪو سڀ کجهه ڏيئي رهيو آهي ۽ جيڪا خود نرنارائڻي ديهه آهي، جنهن ۾ پرميشور پراپت ٿي سگهيٿو، سو اهڙو پدارٿ ڇو ائين ئي وئرٿ هليو وڃي؟ توهين چئو ٿا ته نوڪري سخت آهي. ڳوٺن جا ڪسان ساري رات هر جوتين ٿا، نار هلائين ٿا، ڪمند جي چرخي هلائين ٿا يا ڪپهه پڇن ٿا، سڀ ڪم رات جو ڪن ٿا. توهانجي عمر سڄائي آهي چاڪاڻ ته توهانکي پورو ستگرو مليو آهي، پورو رستو مليو آهي. توهين جيڪو وقت چنتا ٿا ڪريو اهو وقت ڀڄن جو ڪونه ٿا ڪريو ته وقت سڦلو ٿئي.

(٤) پنهنجي حق حلال جـــي ڪمائيءَ ڪانسواءِ ڪڏهن به ڪنهنجو به کائڻ نه کپي. اهو پرمارٿ جو پهريون ڏاڪو آهي. چاهي ساري دنيا جو راجا هجي ته به منش کي پنهنجي حق جي، پنهنجن هٿن سان ڪمائي ڪري کائڻ کپي. سو حق جي ڪمائي ڪريو. ان مان توهان به کائو، ٻين کي به ڏيو، گهر وارن کي ڏيو ۽ يٿا شڪتي ساڌ سنگت جي به شيوا ڪريو.

(٥) هر وقت ياد رکو ته هن دنيا مان لڏڻو آهي. هن من جي اڌين ٿي جيڪي ڪبه اسين ڪنداسين ان جو ڏنڊ ضرور ڀوڳينداسين. من کي هر وقت سمجهايو ته ستگروءَ جي وچن ۾ رهه. پوءِ ته ان ۾ سچي ڪرڻي اچي ويندي.

۾ رهي ٥٠ سالن جي عمر ۾ پينشن وٺي رٽائر ٿيا. سنه ١٨٧٧-٧٨ ۾ نام جي بخشش شروع ڪيائون، ان وقت سندن عمر ٣٩ سال هئي ۽ سينا ۾ حوالدار هئا. ٥٢ سالن جي عمر ۾ بياس نديءَ جي ڪناري ڏيري ۾ اچي پڪي طرح رهائش اختيار ڪيائون. ٢٣٤٣ خوشنصيب جيون کي نام پردان ڪيائون ۽ ٢٩ ڊسمبر ١٩٠٣ تي ٦٤ سالن جي عمر ۾ جوتي جوت سمايا.

باباجي مهاراج جن جا ڪجهه وچن.

(١) هر وقت من ۾ ائين سمجهو ته سڀ ڪار وهنوار گروءَ جو آهي. منهنجو ڪجهه به ناهي. مان ڪنهنجي به لائق ڪونه آهيان. هيءَ سڀ گروءَ جي وڏيائي آهي. ڀڄن ۽ سمرن روز روز ڪريو. انترمک من ۾ ۽ سرت نرت ۾ ياد رکجي ته ستگروءَ جي چرنن جي شرن ۾ رهڻو آهي. ستگروءَ جي پرتيت رکو ۽ سچي پريت ڪريو. هنجي وچن اندر من کي هلائڻ، سڀ ڪجهه ستگروءَ جو سمجهڻ ۽ پنهنجو ڪجهه به جاڻڻ نه گهرجي. سڀ ڪجهه گروءَ جو آهي، مان آهيان ئي ڪونه. رات ڏينهن سرت کي ستگروءَ جي چرنن ۾ رکڻو آهي. دنيا جو ڪاروبار ڪوڙو ۽ فنا سمجهي ڪرڻو آهي. شبد سروپ ستگروءَ کي انگ سنگ سمجهو.

(٢) جيڪڏهن ١٤ لوڪن جو راڄ ڪٿي ملي ته به خوش نه ٿيڻ کپي ڇاڪاڻ ته اهو ڪوڙو آهي، وڃڻ وارو آهي. فنا چيز سان پريت ڪندا، دوکو کائيندا ۽ جيڪڏهن اهو راڄ واپس کسجي وڃي ته به ناراض نه ٿيڻ کپي ڇاڪاڻ ته جنهن اهو ڏنو، اُن ئي اُهو واپس ورتو. هنجو ئي هو ۽ فنا هو. ڪير ڪيڏو به آدر ڪري يا نندا ڪري آدر ۽ اُستتيءَ ۾ خوش نه ٿجو ۽ نندا ۾ ناراض نه ٿجو. سدائين راضي رهجو ۽ مالڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ کپي ڇاهي هوُ

جا آهن. سڀ سک ... دک جيڪو هن ديهه ۾ ڀوڳيو اٿئون اهو پنهنجو ڦل ضرور ڏيندو .... دک کي سک سمجهو، برداشت ڪريو. سري گرو گرنٿ صاحب جو وچن آهي:

'جي سک ديهه ته تجهه آراڌي، دک ڀي تجهئي ڌيائي.
جي ڀيک ديهه ته اتهي راجا، دک ٻچ سک منائي.'

انهن وچنن کي ياد ڪريو ۽ پنهنجي من کي انهن وچنن تي ويچاريو. حضور سوامي دين ديال جن جو وچن آهي ته 'دک کي گهڙي غنيمت جانو' ڇاڪاڻ ته دک جي گهڙي سڀ کان بهتر آهي جو ان ۾ مالڪ جي ياد ٿي اچي. سو دک، ديا مهر سان ئي اچيٿو، ائين ڪو نه ٿو اچي. ان ڪري دک ۾ گهٻرائڻ نه گهرجي. خيال مالڪ جي طرف رکڻ کپي.

ستگرو سڀ جو ڪرتا آهي. جنهن ڳالهه کي چڱو سمجهندا اهائي ڏيئي ڇڏيندا. جيڪڏهن سک مان فائدو ٿيڻو هوندو ته سک ڏيندا ۽ دک مان فائدو ٿيندو ته دک ڏيندا. انڪري دک سک سمان سمجهو.

(٩) پڪو يقين رکو ته دنيا هميشهه سپني مثل آهي ۽ ان جا سنبنڌي به سپني ماتر آهن. انهن کي بلڪل چڱي طرح فنا ۽ ڪوڙ سمجهي دنيا جو ڪاروهنوار ڪريو. سمرن کي هميشهه چت ۾ رکو. صرف شبد ئي سچو ڌن آهي، باقي سڀ ڪوڙو آهي ۽ ستگروءَ جو وچن سچو آهي، ڪڏهن به مٿيا ڪونهي، ان کي هميشهه هردي ۾ رکو، سمرن کي هميشهه هردي ۾ رکو ۽ شبد ڌن جي آواز ۾ پريم ۽ پرتيت سان نج من ۽ سرت کي لڳايو ۽ ان ۾ لين ٿي وڃو. جنهن وقت ڀڄن ۾ وهو ته شبد ڌن کي ٻڌو، دنيا جون سڀ چنتائون ڦٽيون ڪري ڇڏيو. ان کان وڌو ٻيو ڪير ڪونهي. ان ابياس کي وڌايو، گهٽائڻو ڪونهي.

شهر ۾ رهڻو آهي پر جڻ ته بيابان ۾ رهيل آهيو. بلڪل نيارو ...... ڪنهن به سنساري ڪم ۾ پوري پريت رکي من نه لڳايو. جهڙيءَ ريت مهمان هوندو آهي سڀ ڪم ڪاج ڪندو آهي پر من ۾ ائين سمجهندو آهي ته هي گهر منهنجو ڪونه آهي. سو ڪل ڪائنات ۽ ان جا سڀ مال اسباب فنا آهن ۽ فنا ۽ ڪوڙ سمجهي ڪم ڪاج ڪندو رهجي. من ۽ سرت کي ستگروءَ جي چرنن ۾ رکڻو آهي.

(٦) سڀ ڪان عمدي ڪرڻي اِها آهي ته هي جيوُ پنهنجو آپو ڀاڱ ڇڏي نيارو ٿي ڀيهي ته مان ڪجهه ڪونه آهيان، سڀ ڪجهه ستگروءَ جو آهي. منهنجو ڪجهه به ڪونهي. پنهنجي اندران "مان" پوريءَ ريت نڪري وڃي. پوءِ هي جيڪي به ڪري ٿو، خود مالڪ پاڻ اچي هنجا سڀ ڪارج سنواري ٿو.

(٧) سڀني کي اها تاڪيد آهي ته ڀڄن سمرن روز روز ڪريو ڇو جو ڀڄن ڪانسواءِ ٻي ڪابه چيز پنهنجي ڪانهي. دنيا جو ڪوبه سازو سامان ڏسي مٿان پلجي وڃو، وري هي موقعو هٿ ڪونه اچڻو آهي. من جي اِڇائن پٺيان نه لڳو، صرف ستگروءَ جي وچن اندر رهو. من جي چوڻ تي نه لڳجو. دنيا جو ڪاروهنوار ڪرڻو آهي ۽ پريت ۽ پرتيت ستگروءَ جي چرنن ۾ رکڻي آهي، ڇو جو ڪيترا سوانس ڪٽڻا آهن ۽ ڪيترا گرهه کائڻا آهن— سڀ مقرر ٿيا پيا آهن. دنيا جو ڪم ڪاج پيٽ لاءِ آهي، ڀڄن پنهنجي ترڻ لاءِ آهي. اِهي ٻئي ڪم ڪرڻا آهن. باقيءَ لاءِ من کي ڇڏي ڇڏيو ته تنهنجو چيو ڪونه مڃڻو آهي، من ۾ هميشه ستگروءَ جا وچن اڳيان رکو.

(٨) ڀڄن ۾ گهٻرائجڻ نه گهرجي. بلڪ ائين سمجهجي ته جيو، پنڊ، پراڻ سڀ ستگروءَ جا آهن ۽ واقعي ئي ستگروءَ

هر وقت من ۾ سمرڻ رکڻ کپي. هر وقت ستگروءَ جو سروپ ڪاروبار ڪرڻ وقت من ۾ اُڪريل هجي. هي دنيا جو ڪاروبار ته توهانکي نوڪريءَ طور مليو آهي. سڀ سپني سمان آهي. توهانجا وڏا ڀاڳ آهن جو توهانکي سچکنڊ پهچڻ جو مارگ مليو آهي. هڪ ڏينهن توهانکي ستگرو سچکنڊ وٺي ويندا پنهنجو اهم ڪڍي هننجي شرڻ پڪڙي جهليو.

(١٢) سمرڻ ڀڄن روز روز ڪريو ڇاڪاڻ سمرڻ ڀڄن جي ڪرڻي هينئر منش ديهه ۾ ئي ٿي سگهيٿي. مالڪ اسانکي منش ديهه ۾ ئي ملي سگهي ٿو پر پورو پورو رستو، پوري ستگروءَ جو ميلاپ ۽ انتر ۾ پرتيت ۽ پوري پوري پريت اچي، ڪڏهن به ڪو به آپاءُ يا ڪنهن به قسم جي آپاو جي ڳالهه من ۾ نه اچي تڏهن ئي ڪارج سِڌ ٿي سگهيٿو. نام کان مٿي ٻي ڪابه پدوي ڪانهي. توهانکي مارگ به صحيح مليو آهي، ڀيد به صحيح مليو آهي. من دشمن جي ڪلپنا کان بچو. من جون جيڪي به واسنائون آهن – سڀ ڪوڙيون آهن. من جي ڪلپنا ۽ واسنا ئي ساري جڳت کي ٻڌي دک، سک، جي ساگر ۾ ڦٽو ڪيو آهي. ستگروءَ جي وچن ۾ رهو ۽ شبد ڌن کي پريم ۽ پرتيت سان ٻڌو.

(١٣) جيڪي به ڪم ڪريو ٿا، دل ۾ ائين ئي سمجهو ته سڀ ڪم ستگرو ئي ڪري رهيا آهن. مان ڪجهه به ڪونه ٿو ڪريان. چاهي سنسار جو ڪم هجي، چاهي پرمارٿ جو سڀ ڪم ستگروءَ جو ئي آهي. ”مان“ آهيان ئي ڪونه سڀ ”تون“ ئي آهين. سڀ ستگرو ئي آهي.

سڀ ڪاروهنوار ۾ ائين ئي سمجهو ته اسين ڪجهه به ڪونه ٿا ڪريون، سڀ چڱا ڪم ستگرو پاڻ ئي ڪن ٿا ۽ ٻرا ڪرم اسانجو من ٿو ڪري پر اهي ڪونه ڪرڻا آهن،

(١٠) نرمل ٿيڻ، سچکنڊ پهچڻ جي طاقت پراپت ڪرڻ
الک، اگم ۽ انامي راڌا سواميءَ جي ديش ۾ پهچي، اُن
۾ سمائجي آنند وٺڻ ۽ ڪل بندنن مان ڇوٽڪارو پائي
مڪت ٿيڻ، اهو سڀ شبد ڌن ۽ جا ستگروءَ جو سروپ
آهي، کي روز روز ٻڌي، انهيءَ جي پرتاپ سان ئي
ممڪن ٿي سگهي ٿو، پر اهو شرط آهي ته ستگروءَ جي ديهه
سروپ سان پريت هجي، انهيءَ پريت سان ئي اها پدوي
ملندي. سو سڀڪجهه پهرين انهيءَ سروپ مان ئي ٿو ملي سگهي-
جنهنکي انهيءَ ۾ پرتيت يا ڀروسو ناهي، ان کي ڪجهه به
ڪونه ملندو، ڇاڪاڻ ته هو جيڪو پرم پرش پورڻ ڌڻي
انامي راڌا سوامي آهي، اُهو خود ديهه ڌارڻ ڪري، سنت
سروپ ٻڻجي جيون لاءِ آيو آهي. جنهن کي ان سان پريت
ٿي ويئي ۽ ان تي پرتيت آئي ته ستگرو ئي سڀ ڪجهه
آهي، اهوئي شبد ڌن کي پڪڙي تري ويو.

(١١) ڀڄن سمرن روز روز ڪريو. هر وقت ائين سمجهو
ته هتي پنهنجي ڪا به چيز ڪانهي جا انت سمي اسانجي
سهائتا ڪندي. صرف هڪڙو ستگرو ۽ شبد ڌن ۽ ان جي
ديا مهر کانسواءِ هن جيو جي ڪير به سهايتا نه ڪندو. تنهنڪري
تن سان ته دنيا جا ڪم ڪاريون ڪريو ۽ من سان ۽ سرت
نرت سان نج گهر جو ڪم ڪريو. ستگروءَ جو ڪاريه يعني
ڀڄن ۽ سمرن ڪريو. من ۾ ڪڏهن به ڪنهن شيءِ لاءِ اهو
خيال نه اچي ته هيءَ منهنجي آهي. ڇاهي ساري برهمانڊ
جو راڄا ٻڻجي تڏهن به ائين سمجهڻو آهي ته منهنجو ان
۾ ڪجهه به حصو ڪونهي. مان ته صرف هڪ ڪامدار آهيان.
جيڪي به آهي سو ستگروءَ جو آهي. مان ڪجهه ڪونه
آهيان. هر وقت ستگروءَ جو وچن من ۾ اچيان رهي. مان
ڪي ڪين آهيان، ڪي ڪين آهيان، ڪي ڪين آهيان ۽

باب ٻيون

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جي

١- اوائلي جيون

ڏيري جو بنياد ته بابا جئمل سنگهه مهاراج جن رکيو پر هاڻوڪي ڏيري جا اَڏيندڙ حضور مهاراج ساون سنگهه جن هئا. انهن جي وقت ۾ ڏيري اڳيئين کان اڳري اُنتي ڪئي ۽ ڏيرو ڪچي ڪوٺڙيءَ مان وڌي هڪ سندر بستي بڻجي پيو.

جنم ۽ پريوار :-

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه مهاراج جن جو جنم سانوڻ تاريخ پنجين سنبت ١٩١٥ برابر ٢٧ جولاءِ سنه ١٨٥٨ منگل جي ڏينهن پنهنجي ناناڻي گهر جٽاڻا ڳوٺ ۾ ٿيو. پاڻ لڌياني ضلعي جي مهمانسنگهه ڳوٺ جي مشهور اوچي خاندان گريوال مان هئا. سندن پتا سردار ڪابل سنگهه فوج ۾ صوبيدار ميجر هئا. ان زماني جي انگريزي حڪومت ۾ ڀارتي ماڻهن کي ملندڙ عهدن ۾ اهو سڀ کان وڏو عهدو ليکبو هو. حضور جن جي ماتا صاحبن جو پوتر نالو ماتا جيوني هو. هنن جو خاندان ٽن ڳالهين ڪري پرسڌ هو. شريرڪ سندرتا، نيڪ اخلاق ۽ سادن مهاتمائن جي شيوا جو شوق. هنن وٽ هميشه سادو مهاتما ايندا رهندا هئا. انهن کي ڀوڄن، وستر ۽ راهه خرچ ته ملندو ئي هو پر ڪا ٻي به شيءِ کين گهربي هئي ته اها به کين ملندي هئي. حضور جن

من جي چوڻ موجب ڪونه هلڻو آهي.

(١٤) جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي، ٻولڻو آهي، سڀ خود مالڪ راڌا سواميءَ جي حڪم سان ئي ٿيندو رهيو آهي. هنن ٻنا ڪير به ڪجهه نٿو ڪري سگهي. پڪو ڀروسو رکو منش ڪجهه به نٿو ڪري سگهي نڪي ڪجهه گهٽائي ٿو سگهي نڪي ڪجهه وڌائي ٿو سگهي. جيڪي ڪجهه منش جي ڪرمن موجب سندس حصو هوندو آهي، جيڪي ڪجهه ملڻو اٿس سو ڪيس منش جي دوارن ئي ملي ٿو. جيڪي ڪجهه هنجي ڪرمن انوسار وڃڻو آهي ار ٿات هن ڪان ونڃڻو آهي، ڪرمن ڪان وڌيڪ ڪونه ڏيڻو آهي ته منش جي دوارن ئي ڪسيو وڃي ٿو. تنهنڪري ڪڏهن به ڪا چنتا نه ڪرڻ کپي، جيڪي پنهنجي ڀاڳ ۾ آهي انکي ڪير به ٽاري نٿو سگهي. پنهنجي پرالبڌ تي خوش رهو، ان ڪان نه وڌيڪ ملڻو آهي ۽ نڪي گهٽ ملڻو آهي. حضور دين ديال انامي راڌا سوامي جن جي جيتري موج هوندي، اوترو ئي ملندو ۽ ان ۾ ئي راضي رهو.

(١٥) جنهن ڏينهن جيو کي پورو ستگرو مليو، هن نام ڏن پڪڙائي سڀ ڪجهه ان مهل ئي ٿي چڪو، اها شبد ڏن چاهي ڪڏهن گهٽ ٿئي، وڌي يا دور ٿي وڃي، هي جيو چاهي انکي نه ٻڌي، پر اها هڪ جهڙي ئي آهي. ستگروءَ جي بخشيل دات کي ڪير به ميٽي نٿو سگهي.

—o—

پراپت ٿيو هو. هوءَ تمام نيڪ، ڌرمشت ۽ اڀياسڪ هئي. جڏهن باباجن حضور جن کي پنهنجو جانشين بڻايو ۽ حضور جن سنگت جي رهنمائيءَ جو ڪارج سنڀاليو تڏهن کان ماتاجن حضور جن کي پتر جي ڀاونا سان ڪڏهن به نه ڏٺو. انهيءَ ڏينهن کان ئي ڪين گروءَ جي روپ ۾ ڏسندي هئي ۽ سندن آدر ڪندي هئي. هڪ ڏينهن جو واقعو ته مونکي خود ياد آهي. پورو مهنو ته ياد ڪونهي پر ايترو ضرور ياد اٿم ته مونکي نام دان مليئي ٿورو ئي وقت ٿيو هو. ان ڏينهن جو هوُبهو درشيه اڄ به منهنجي اکين آڏو آهي. شام جو وقت هو. حضور جن پنهنجي ڪمري مان نڪري کليل اڱڻ ۾ اچي ويٺا. سفيد وستر حضور جن جي زيب تن هئا ۽ ماتا جن بہ سفيد وستر پهريا هئا. حضور ماتاجن جي اڳيان هٿ جوڙي بيٺا هئا ۽ ماتا جن حضور جن آڏو هٿ جوڙي بيٺي هئي. حضور جن جو قد لنبو هو پر ان وقت ماتا جن اڳيان ٻالڪ سمان پئي لڳا. ماتاجن جو اوچو قد، پتلو شرير ۽ انوکو مکڙو هو. جنهن تي شهنشاهي روعب سان گڏ پريم ڀري نمرتا هڪ اديت شان سان ڀلڪي رهي هئي. ان وقت جو پورو وارتالاپ مونکي ياد ڪونهي صرف ايترو ضرور ياد اٿم ته حضور جن فرمايو، ”ماتا جي، اوهين هٿ نه جوڙيندا ڪريو.“ ماتا جن پريم پيار ۽ نمرتا سان وراڻيو، ”نه مهاراج! مون لاءِ اهو سنو آهي.“

انهيءَ سال ڪجهہ مهنن کانپوءِ ماتاجن چولو ڇڏيو. سردار ڪابل سنگهہ جن ته ڪيترو وقت اڳي ئي پرلوڪ پڌاريا هئا. حضور جن جو ڏاڏو سردار شير سنگهہ جن سنہ ١٩١٤ تائين حيات هئا ١١٥ سالن جي عمر ۾ سندن ديهانت ٿيو.

ماتاجي ٻڌائيندي هئي تہ هڪ وچتر ڳالهہ حضور جن ۾ ٻالپڻ کان ئي ڏسبي هئي. ننڍي هوندي ڪڏهن به روئندا

جي جنم کان ٽي چار سال اڳ، هڪ مهاتما اڳڪٿي ڪئي هئي ته هن گهر ۾ هڪ نرالو ۽ تيجسوي ٻالڪ جنم وٺندو جو پرماتما جو ڀڳت هوندو ۽ هن جو جس ۽ ڪيرتي ساري سنسار ۾ ڦهلبي.

نالو رکڻ

حضور جن جي جنم کان ٻه ٽي ڏينهن پوءِ حضور جن جي ڏاڏي سردار شير سنگهه، پاسي واري ڳوٺ گهروال جي گردواري جي گرنٿيءَ کي پوٽي ڄمڻ جو شڀ سماچار ٻڌايو ته هن گرنٿ صاحب مان وچن وٺي ٻڌايو ته گرو گرنٿ صاحب جي انوسار ٻالڪ جو نالو ساون سنگهه ٿو نڪري. بابا شير سنگهه جن پرسن ٿي چيو ته منهنجي چت ۾ به اِن ٽن ڏينهن کان وٺي ور ور ڪري اهو ئي نالو پئي آيو. انهيءَ سال برسات جي موسم ۾ مينهن ڪونه وسيو هو ۽ گرميءَ سبب فصل سڪي ويا. هن سال به اڃا تائين برسات ڪانه پيئي هئي. ٻنيون ٻارا ۽ وڻ ٽڻ سڪي ويا هئا ۽ ڀيانڪ ڏڪر پوڻ جو انديشو هو. مهني ڪن کان وٺي هاري ناري آسمان ۾ اکيون پائي ويٺا هئا پر حضور جن جي جنم ڏينهن صبوح کان شام تائين مينهن وسندو رهيو ۽ پوءِ ٻه پورو مهنو برسات وسندي رهي. کوهه ۽ تلاءَ ڀرجي ويا. سڪل کيت هرا ڀرا ٿي جهومڻ لڳا. سڀني جي وات اهائي وائي هئي ته هيءُ ٻار ڏاڍو ڀاڳيوان ڄائو آهي، اچڻ سان اُي رنگ لڳائي ڇڏيو اٿس نه ته ڏڪر پريشان ڪري ها. حضور جن جي نالي نڪرڻ وقت سڀني چيو ته نالو بلڪل صحيح رکيو ويو آهي.

حضور جن جي ٻالڪ اوستا:-

حضور جن جي ماتا جيونيءَ کي باباجن کان نام دان

ھئا. شروع کان ئي کين صفائي رکڻ جي عادت ھئي.
سندن ھٿن، چاھي ڪاپين، ڪتابن ۽ ڪپڙن تي ڪڏھن بہ
مس جو داغ ڪين ڏسبو ھو.

جپ صاحب جو پاٺ :-

ماتاجن کي جپ صاحب ۽ سکمني صاحب برزبان ياد
ھئا. صبوح جو سويل، سورج اُڀرڻ کان اڳ، اُٿي
جپ صاحب جو پاٺ ڪندي ھئي تيستائين ڪجھہ بہ کائيندي
پيئندي ڪونہ ھئي. ھڪ دفعي جڏھن حضور جن جي عمر
اٽڪل ٩-١٠ سال ھئي تہ ماتا جن کي ڏاڍو بخار اچي ويو. ڪيترن
ڏينھن پھرين بخار ھوندي بہ اِشنان ڪري نيم اَنوسار
جپ صاحب جو پاٺ ڪندي رھي، پر اَنين ڏينھن بخار کين
گھڻو تہ ڪمزور ڪري ڇڏيو جو اُٿڻ ئي محال ٿي پيو.
ڳالھائڻ پڻ ٻوتو بہ جڻ بند ٿي ويو. ھيڻائيءَ سبب ھنن مان بہ
ڪين اُٿي سگھي. چت ۾ اِھائي چنتا ھئس تہ ھيترن سالن
۾ اڄ تائين پاٺ ۾ ناغو ڪونہ ٿيو. اڄ پھريون ڏينھن آھي
جو ناغو ٿو پوي. اِھا اِئين ئي سوچي رھي ھئي تہ روزمرہ
پاٺ واري وقت مھاراج جن پنھنجي کٽ تان اُٿي ماتاجن وٽ
اچي پيار سان ڪانئن پڇڻ لڳا، ”اَما، ڇو اڄ جپ صاحب
جو پاٺ ڪونہ ڪندا؟“ ماتاجن جي نيترن ۾ آنسون ڀرجي
آيا. حضور جن پڇيو، ”مان پاٺ ڪريان.“ پھريون بہ چار
پوڙيون ماتاجن سان روزمرہ گڏجي پاٺ ڪرڻ ڪري
کين ياد ھيون پر ماتا جن جي حيرت جي حد ئي ڪونہ
رھي جڏھن ٻالڪ سڄي جپ صاحب جو پاٺ ڏاڍي پريم
سان بلڪل شد ڪري ٻڌايو. خوشيءَ ۾ ڀرجي ماتا جن ٻالڪ
کي ڪٺي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ کيس ڏاڍو پيار ڪيائين.

اِھا ڏينھن مس چڙھيو ھو تہ سڄي ڳوٺ ۾ اِھا خبر

چلائيندا ڪونه هئا ۽ نڪي ٻين ٻارن وانگر ڪنهن به شيءِ
کان ڊڄندا هئا. ٻي ڊپائي ۽ پرسنتا سندن سڀاءَ جو انگ
هيون. ٻن ٽن مهنن جي عمر ۾ سندن عادت هئي ته صبوح
جو ڇهين بجي جاڳندا هئا ۽ پلنگ تي ليٽي ليٽي ڏيئي
جي لاٽ کي ٽڪٽڪي لڳائي ڏسندا رهندا هئا. ائين
پهرين پلنگ تي چپ چاپ ليٽيا پيا هوندا هئا ۽ پوءِ ڏينهن
چڙهڻي پنهنجي مڌر سر سان گن گنائيندا رهندا هئا. ڪيترا
دفعا ليٽندي پنهنجو پاڻ ئي مشڪندا ۽ کلندا رهندا هئا.
سندن پيشانيءَ تي اهڙو نور هو جو سارو للاٽ سج وانگر
پيو چمڪندو هو. اها حالت ته ٻڍاڙيءَ تائين، ٻرڌ اوستا
۾ به قائم رهي. اهڙا سندر ۽ پيارا هوندا هئا جو سڀ
ڪنهنجو جيءُ ڪندو هو ته کين گود ۾ کڻان پر پاڻ گود ۾
اچڻ پسند ڪونه ڪندا هئا ۽ پنهنجي ناپسندگي اهڙي طرح
ظاهر ڪندا هئا جو کڻڻ وارو ازخود ئي کين پلنگ تي
ليٽائي ڇڏيندو هو. ماتاجي جڏهن کين کڻندي هئي ته ان
وقت خوشيءَ سان ويندا هئا. ننڍي هوندي کان ئي ڪاڏو
سوکيم هون پر توري آهار هوندي به سندن شرير جي
سندرتا توڙي شڪتيءَ ۾ ڪڏهن به ڪمي ڪين آئي.
ماتاجي جڏهن سوير صبوح جو سکمني صاحب ۽ جپ صاحب
جو پاٺ ڪندي هئي ته پاڻ چپ چاپ ليٽئي ڌيان سان
ٻڌندا رهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ سندن مکڙو مڌر
مشڪ سان ٽڙي پوندو هو.

ننڍي هوندي گهر کان ٻاهر ٻين ٻارن سان گڏ راند ڪرڻ
لاءِ بلڪل گهٽ ويندا هئا. گهڻو وقت ته پنهنجي اڱڻ ۾
يا گهر سامهون ئي راند ڪندا هئا ۽ ٻيا ٻار به اتيئي ايندا
هئا. پر جڏهن پڙهندا هئا تڏهن به اڪثر ڪري اڪيلائي ۾
پڙهندا هئا. ڪتابن کي صاف ستڙو ۽ ترتيب وار ٺاهي رکندا

پهريون نمبر ايندا هئا. پنهنجي اُستادن جو پڻ سمان آدر ڪندا هئا. اهڙي عزت ڀرئي وهنوار ۽ نيڪ هلت ڪري سڀيئي ماستر منجهائن ڏاڍو خوش رهندا هئا. حضور جن اڪثر ڪري پنهنجي فارسيءَ جي اُستاد منشي جيءَ جي ڳالهه ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته خود ئي کُوهه مان پاڻي ڪڍي منشي جيءَ کي اشنان ڪرائيندا هئا ۽ سندن ساري گهر جو ڪم ڪار وڏي خوشيءَ سان ڪندا هئا. تعليم پوري ڪرڻ کانپوءِ نوڪريءَ واري زماني ۾ حضور جن پنهنجن جهوُنن اُستادن کي وقت به وقت ڪجهه نه ڪجهه نذراني طور موڪليندا رهندا هئا. سندن اُستاد پنڊت دولترام حضور جن جي رٽاير ٿي اچڻ کانپوءِ به ڏيري ۾ ساڻن گڏجڻ ايندو هو. حضور جن هن جو ڏاڍو سنمان ڪندا هئا. پنڊت جي ٻڌائيندو هو ته حضور جن ائبٽ آباد ۽ مري پهاڙن مان ڪيس گرم ڪپڙي جا ٿاڪيا موڪليندا هئا. پنڊت جي ٻڌايو ته مان شروع ۾ ئي چوندو هوس ته هيءُ ڇوڪرو هڪ ڏينهن مهان پرش بڻجندو.

گجروال سڪول مان پاس ٿيڻ کانپوءِ حضور جن لڌياني جي مشن هاءِ سڪول ۾ داخل ٿيا. لڌيانا مهمانسنگهه والا کان ١٤ ميل ڏور آهي. ان زماني ۾ اجا لڌيانا - ڏوُري ريلوي لائين ڪانه پيئي هئي. حضور جن هر ڇنڇر تي سڪول بند ٿيڻ کانپوءِ پنڌ مهمانسنگهه والا ايندا هئا ۽ وري سومر ڏينهن بلڪل سوير صبوح جو لڌياني لاءِ روانا ٿيندا هئا. سومر جو گهران سڄي هفتي جو اناج، اَٽو، دال وغيره پاڻ سان کڻي نڪرندا هئا. اهڙي طرح پيدل هلڻ ۽ سير ڪرڻ جو آڀياس ۽ شوق کين ٻالپڻ کان ئي هوندو هو. ٨٠-٨٥ سالن جي عمر ۾ به حضور سٽسنگ لاءِ پهاڙن ۾ ڪيترائي ميل پنڌ ڪري ويندا هئا. ان زماني ۾ موٽر يا سواري لائق

ڦهلجي ويئي ته هيڏي ننڍي عمر ۾ ننڍي سردار سچي جڳ صاحب جو پاٺ برزبان ڪري ڇڏيو آهي. استري پرش ٽولين ۾ اچڻ لڳا. آس پاس جي ڳوٺن، نارنگ وال ۽ گجروال مان به ڪي نمبردار آيا ته ماتاجي انهن کي چوڻ لڳي، "ڀائي! ڪنهن اهين ئي افواهه ڦهلايو آهي، ٻالڪ ته ڪجهه به ڪونه ڄاڻي." ڀلا ماڻهن کي ڪير ٿو روڪي سگهي. تنگ ٿي ڪري پوءِ ڏينهن ماتاجي ٻار کي وٺي پنهنجي پيڪي جٽاڻا ڳوٺ هلي ويئي. سوچيائين ته هڪ پورنماسيءَ جي چنڊ جهڙو چهرو، ٻيو عقل ۾ اڪابر ۽ سندن مٺين مٺين ڳالهين ڪارڻ ڪيس نظر نه لڳي وڃي. اُتي هڪ مهاتما آيو ۽ ماتاجن کي چيائين، "پتري، هنجي درشن ڪرڻ سان ته لڳل بري نظر جو اثر دور ٿي ويندو، ڀلا ان کي ڪنهن جي نظر لڳي سگهندي؟" ماتاجي چوڻ لڳي، "نه، مهاراج! منهنجي ٻالڪ کي ته لڪل ئي رهڻ ڏيو. ڪٿي توهانجي اها ڳالهه ڦهلجي ويئي ته ماڻهن کان پاڻ ڇڏائڻ ئي مشڪل ٿي پوندو."

وديا پرائڻ :-

حضور جن شروعاتي تعليم نارنگ وال ڳوٺ جي سڪول ۾ ورتي. نارنگ وال ۽ مهانسنگهه ڳوٺ لاڳيتا آهن. حضور جن جو سڪول گهر کان ميل کن پري هو. صبوح جو ويندا هئا ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. ان کانپوءِ حضور جن گجروال ڳوٺ جي مڊل سڪول ۾ ويا جو ٻه اڍائي ميل پري هو. حضور جن سڪول ۾ پيدل ويندا هئا. صبوح جو سڪول وڃڻ وقت منجهند جي روٽي ٽفن ۾ وجهي کڻي ويندا هئا ۽ شام جو گهر موٽندا هئا.

ننڍپڻ کان ئي تيز فهم ۽ محنتي هئا. ڪلاس ۾ سدائين

چيو، ”ماسٽر صاحب، ڇي ته اسين به اهائي ڏيون ٿا جيتري
هي، پوءِ به توهين اسانکي هن جي ٽئين حصي جيترو به
وقت ڪونه ٿا ڏيو.“ هن جواب ڏنو، ”جنهن شاگرد کي
پڙهڻ جو شوق آهي ان ڏانهن اُستاد جو ڌيان پاڻمرادو
ڪينچجي ويندو. توهين ته سارو ڏينهن ڳالهين ۾ ٿي ضايع
ڪريو ٿا ڇڏيو پر هي ته ڪم ئي ڪندو رهي ٿو. اسين
به هنجي اُتساهه ۽ لگن کي ڏسي، هنجو شوق پوري ڪرڻ
لاءِ مجبور ٿي ٿا پئون.“

پنڊت جي پڙهائيندو هو ته حضور جن ڪاليج ۾ ڏاڍا
لوڪپريه هئا. شاگرد توڙي اُستاد سڀئي کين ڏاڍو مان
ڏيندا هئا. کين صفائي ڏاڍي وڻندي هئي. هاسٽل ۾ سندن
ڪمرو صفائي ۽ سجاوٽ جو نمونو هو. هر وقت فرش
بلڪل صاف سٿرو، کٽ تي چادر صاف سٿري پيئي ڏسبي
هئي. ڪاپيون ڪتاب، اوزارن جي پيٽي، قلم، مس
مطلب ته هرڪا شيءِ سنجت سان ميز تي پيئي سونهندي
هئي. جيتوڻيڪ سڀاءُ جا ٿورا ڳالهائو هئا پر کل خوشيءَ ۾
سڀني جو ساٿ ڏيندا هئا ۽ هميشه خوشمزاج رهندا هئا.
اڪثر پڙهائيءَ ۾ ئي مگن هوندا هئا ۽ ڪمري جو دروازو
اندران بند رکندا هئا. سندن شانت ۽ گنڀير سڀاءُ ڪري
ٻين شاگردن تي ڏاڍو روعب هوندو هو. اُدار دل وري
ايترو هئا جو ڪا به شيءِ ڪير ڪٿي گهرندو هون ته هڪدم
اها کيس ڏيئي ڇڏيندا هئا. پنڊت جي چوندو هو، ”پاڻي!
سچ پڇو ته روڙڪي ڪاليج ۾ پڙهائي واري عرصي ۾ مون
ڪڏهن به پني تي، ڪاپي پينسل قلم وغيره تي هڪ
ڪوڏي به هٿان خرچ ڪونه ڪئي.“ حضور جن تنهن تي
کلي فرمائيندا هئا، ”پاڻي! پنڊت کي ڪجهه ته پيٽا ڏيڻي
ئي هئي.“

رسٽا ڪونہ هوندا هئا. پهاڙن ۾ بہ حضور جن اهڙي ڦڙتيءَ سان هلندا هئا جو ڪيترا نوجوان بہ ٿڪجي پٺيان رهجي ويندا هئا.

سرڪاري نوڪري:-

پڙهائي ڪرڻ کانپوءِ ڪجھ وقت گهر ۾ رهي حضور جن ڪيتريءَ جو ڪم ڪار پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪندا رهيا پر ٿوري ئي وقت کانپوءِ کين پنجاب جي سنڌائي کاتي ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ روهتڪ ضلعي ۾ گوهانا نهر تي هڪ سال لاءِ ضلعيدار ٿي رهيا. ان ايراضيءَ ۾ مليريا بخار جو ڏاڍو زور هوندو هو. کين هتي جي آبهوا پاءِ ڪانہ پيئي ۽ بخار سبب نوڪري ڇڏي اچي گهر ويٺا. حقيقت ۾ کين پلٽڻ ۾ نوڪري ڪرڻ جو چاهہ هو. سندن بزرگن کي فوج ۾ ئي نوڪري ڪئي هئي انڪري کين بہ اهو شوق هو. تنهن ڪري گوهانا مان واپس اچي تندرست ٿي، پنجاب پلٽڻ نمبر ١٤ ۾ وڃي ڀرتي ٿيا. چار پنج مهنا فوجي سکيا وٺڻ کان پوءِ، ڪرنل صاحب کين سينا جي عملدارن کي پاڙهڻ جو ڪم سونپيو. پر ڪجھہ وقت کانپوءِ انگريزي آفيسرن جي صلاح تي پاڻ ٿامسن ڪاليج روڙڪيءَ ۾ فوج طرفان اوورسيئر جي ڪلاس ۾ داخل ٿيا.

ٿامسن انجنيرنگ ڪاليج روڙڪيءَ ۾ حضور جن سڀ ڪنهن وشيہ ۾ تمام سٺيون مارڪون کڻي پاس ٿيندا رهيا. ڪپورٿلا جو رٽائرڊ ايس - ڊي - او پنڊت بنسيلال حضور جن جو هم ڪلاسي هو ۽ حضور جن سان ملڻ لاءِ ڏيري ۾ ايندو رهندو هو. هُو ٻڌائيندو هو تہ حضور جن تمام تيز فهم ۽ محنتي هوندا هئا ۽ پنهنجي اُستادن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. تنهنڪري استاد بہ سندن خاص خيال رکندا هئا. هڪ دفعي پنڊت چرچي طور حسابن جي ماسٽر کي

جا پيسا خرچي ڪونہ سگهيا." حضور جن باقي ڇهن پنجن مهينن ۾ اهو سارو ڪم بلڪل سهڻي نموني ۾ سمپورڻ ڪري ڏنو.

شروع کان ئي وٽي حضور جن ۾ نمرتا جو انگ، هوندو هو. حضور جن اڃا نوڪريءَ تي چڙهيا ئي هئا تڏهن جي ڳالهہ آهي. تازو ڪاليج مان آيا هئا تہ جنهن انگريز جي هٿ هيٺ پارٽ ڪم ڪندا هئا اهو بدلي ٿي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي رهيو هو. هو حضور جن مان ڏاڍو خوش هو. جنهن ڏينهن هو ويو ٿي، تہ حضور جن وٽس ويا ۽ چوڻ لڳا، "مان توهان کان هڪ شيءِ جي گهر ڪرڻ آيو آهيان." آفيسر جواب ڏنو، "مان تہ چارج ڏئي چڪو آهيان، مان هاڻي توکي ڇا ٿو ڏئي سگهان." حضور جن ڪيس چيو، "مان ڪاليج مان تازو ئي آيو آهيان ۽ ڪم ڪرڻ جو آزمودو بلڪل معمولي اٿم. مان توهان کان اهوئي ٿو گهران تہ توهان منهنجون جيڪي بہ ڪميون ڪمزوريون ڏٺيون، اهي مونکي ٻڌايو." آفيسر ڏاڍو حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو، "هيترن سالن ۾ اڄ تائين اهڙي گهر تہ مونکان ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي آهي." پوءِ هن کي جيڪي بہ خاميون نظر آيون هيون سي حضور جن کي ٻڌايائين. حضور جن هنجي ڳالهہ کي پورو وزن ڏنو ان لاءِ تہ آئينده ڪار بہ بهتر نموني سر انجام ٿي سگهي.

بابو گلاب سنگهہ حضور جن جي نوڪريءَ واري عرصي ۾ سندن هٿ هيٺ ڪافي وقت هيڊ ڪلارڪ ۽ اسٽور ڪيپر ٿي رهيا. هو انهن ڏينهن جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا تہ حضور جن ڏاڍا محنتي هئا. پنهنجو ڪار بہ اهڙي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪندا هئا جو اسين ڪانئن عمر ۾ ڪافي ننڍا هوندي بہ ٿڪجي چور ٿي پوندا هئاسين. جڏهن بہ ڪو

پنڊت جيءَ ٻڌايو تہ هڪ دفعي حضور جن ڏاڍو عمدو سليپر لنڊياني مان خريد ڪري آيا. انهن ڏينهن ۾ انگريزي بوٽن جو ايترو رواج ڪونہ پيو هو. مونکي اهو سليپر ڏاڍو وڻيو ۽ مون ان جي ڏاڍي تعريف ڪئي. حضور جن جو اهو سڀاءُ هوندو هو تہ ڪنهن بہ شيءِ جي ساراهہ ٻڌي اڳلي کي چوندا هئا تہ جيڪڏهن توکي پسند آهي تہ ڀلي تون کڻ، مان ٻي وٺندس. پر هن ڀيري چيائون، ڀائي! هيءَ سليپر تہ نول ڪشور کي وڻيو آهي ۽ چئي ويو آهي تہ وري موٽي اچي تہ ڪڻان. پر مون اهو سليپر پائي چيو، "نولڪشور سان مان ڀاڙيهي سمجهندس." پنڊت بنسيلال ٻڌايو هو تہ حضور جن هميشہ سويل صبوح جو اشنان ڪري جپ صاحب جو پاٺ ڪندا هئا ۽ رات جو سمهڻ کان اڳ گرواڻيءَ جو پاٺ ضرور ڪندا هئا.

سنہ ١٨٨٢ ۾ حضور جن تمام سنيون مارڪون کڻي روڙڪي ڪاليج مان پاس ٿي پنهنجي فوج ۾ واپس آيا ۽ سندن بدلي ملٽري انجنيئرنگ سروس (ايم - اي - ايس) ۾ ڪئي وئي. پنهنجي نوڪريءَ جو گهڻو عرصو ١٨ سال ڪوهہ مري، ائبٽ آباد، نٿيا گلي، چرات، ڪالا باغ، پشاور وغيرہ هنڌن تي رهيا. سرگوڌا ۾ مونا جو مشهور رمائونٽ ڊيپو بہ سندن نگرانيءَ ۾ ٺهيو آهي. ٽي انگريز آفيسر جن کي اهو ڪم سونپيو ويو هو، وقت سر پورو ڪري ڪونہ سگهيا. انڪري جڏهن انهن کي بدلي ڪري اهو ڪم حضور جن جي سپرد ڪيو ويو تہ هوءُ ڏاڍو ناراض ٿيا تہ هڪ ڏيهي عملدار کي ڪانئن بهتر سمجهو ويو. پر ڪمانڊنگ رايل انجنيرنگ (سي - آر - اي) انهن جي ڪابہ پرواهہ ڪونہ ڪئي ۽ چيائين، "سال پورو ٿيڻ وارو آهي، توهان ستن مهنن ۾ ڪجهہ ڪونہ ڪيو آهي. ان رفتار سان تہ بجيٽ

حصو جنهن ۾ انگريزن جا بنگلا هئا، اُتان سڙڪ جي هيٺان
پائيپ لائين ڪڍي وئي هئي. اُتي ڪن وڏن انگريزي
واپارين جا دڪان ۽ هڪ شاندار گرجا گهر هو. واپارين ۽
پادرين سرڪار کي نوٽيس ڏنو ته جيڪڏهن باروت ڦاٽڻ
سبب اسان جي مال ملڪيت کي ڪو به ڇيهو رسيو، يا
ڪنهن دريءَ جو شيشو به ڀڳو ته ان جو نقصان سرڪار کي
ڀري ڏيڻو پوندو. سرڪار کي ان ڳالهه ڏاڍو فڪرمند ڪيو.
مٿان اهو حڪم آيو ته سرنگهن کي باروت سان اُڏائڻ بند
ڪيو وڃي. تنهن ڪري وري ڇيڻين، متارڪن ۽ وڏن
هٿوڙن سان پٿر ٽاڪڻ شروع ڪيا ويا پر اُتي جو پٿر ڏاڍو
ڪو سخت هو. پنڌرهن ڏينهن ڪانپوءِ تخمينو لڳايو ويو ته
جيڪڏهن ڪم جي رفتار اها رهي ته ٻن سالن ۾ به اهو
ٽڪرو ڪم پورو نه ٿي سگهندو ۽ ساڳئي وقت ساري يوجنا
تي منظور ٿيل رقم ان ٽڪري تي ئي لڳي ويندي.

وڏا وڏا عملدار ڪٺا ٿيا ۽ ان تي ويچار ڪيائون پر ان
مسئلي جو ڪو حل ڪونه نڪتو. آخر حضورجن کي چيو
ويو ته ان جي ڪا تجويز ڪيدن. حضورجن ٻڌايو ته مونکي
هڪ رٿ ذهن ۾ آئي آهي پر ان لاءِ ڪاٺ جا ٽي چار
سؤ سليپر گهرجن. ڪرنل صاحب چيو، "توهين ٽي چار
هزار سليپر وٺو پر هن ڪم کي جيترو به جلدي ٿي سگهي
پورو ڪريو." ڪين ان يوجنا تي مرضيءَ پٽاندر خرچ ڪرڻ
جي اجازت ڏني وئي.

حضورجن هيءَ پربند ڪيو جو ان ٽڪر ۾ پٿرن ۾
سرنگهون لڳائي انهن مٿان ڪاٺ جي سليپرن جا ٻه ٽي
تهه رکي انهن تي ڀاري پٿر رکائي ڇڏيا. ائين ڪرڻ سان
باروت ڦاٽڻ جو پورو زور سليپرن تي ئي ختم ٿي ويو.
ان ٽڪري ۾ پائيپ لائين وجهڻ جو سارو ڪاريه خود پيهي

تمام ذميواريءَ وارو ڪاريه ڪين سونپيو ويندو هو ته انکي سر انجام ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪاڌو پيتو به وسري ويندو هون. پنهنجي زيردستن کي به پوري لگن سان ڪم ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا هئا. جو ڪم ٻيا آفيسر مهني ۾ ڪرائي سگهيا ٿي، اهو حضور جن ۱۵ ڏينهن ۾ ئي پورو ڪرائي ڇڏيندا هئا. پنهنجي نمرتا ۽ مٺن وچنن سبب پنهنجن زيردستن جون دليون ڪينچي ورتيون هئائون. هو سندن حڪم بجاوري ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪندا هئا. حضور جن ڪنهن سان به سختي يا ڪٺور وهنوار ڪين ڪندا هئا. وقت جي پابنديءَ، پنهنجي فرض جي لگن ۽ اِنتظام جا ڪوڏيا هئا. هوءَ پنهنجو مثال پاڻ هئا. سندن ساٿي ۽ هيٺيون عملو به ڪانئن پريرڻا پائي اِنتظام ۽ لگن سان پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ ۾ لڳائي رهندا هئا.

جتي به ڪو ڪٺن ڪاريه هوندو هو ته اُتي حضور جن کي ئي موڪليو ويندو هو. مري واٽر ورڪس به سندن ئي نگرانيءَ ۾ ٿيو هو. پاڻي تمام پريان آڻيو هو. رستي ۾ ايڏا وڏا پٿر ۽ سخت ٽڪريون هيون جن کي پار ڪرڻ ئي محال هو. انهن مان پائيپ لائين ڪٽڻي اڃا ڏاڍو مشڪل ڪم هو. جيڪي انگريز آفيسر ان ڪم ۾ ٻهڙين لڳايا ويا هئا اهي ڇيڻي ۽ هٿوڙي سان پٿر ٽاڪائيندا هئا پر ان ۾ هڪ ته ڪافي وقت لڳو ٿي ۽ ٻيو خرچ به وڌيڪ ٿي آيو. ڪانٽي جي وڏن عملدارن ان تي ويچار ڪرڻ لاءِ ميٽنگ سڏائي. ان ۾ حضور جن اها رٿ رکي ته جيڪڏهن بارود سان سرنگون اُڏائجن ته خرچ ڪافي حد تائين گهٽجي ويندو. حضور جن جي اها رٿ پسند ڪئي وئي ۽ کين اهو ڪاريه سپرد ڪيو ويو. حضور جن جي هدايت ۽ نگهبانيءَ هيٺ اهو ڪاريه تيزيءَ سان ٿيندو رهيو. پهاڙيءَ ۾ شهر جو اهو

مونکي پنهنجي سرير کي چوٽ پهچڻ جو ذرو به خوف ڪونه هو پر اهو خيال ٿي ستائي رهيو هو ته انگريز آفيسر ڇا سوچيندا جن اهڙو اهميت ۽ ذميواريءَ وارو ڪم منهنجي سپرد ڪيو آهي."

حضور جن جا ساٿي عملدار ۽ مزدور ڊپ جا ماريا هڪا ٻڪا ٿي نهاريندا رهيا، ڇو ته حضور جن جي سلامتيءَ جي ڏاڍي چنتا هئي ڇو جو هو حضور جن کي نهايت گهڻو ڀانئيندا هئا. حضور جن سرنگهن وٽ وڃي پهتا ۽ فيوز ڪڍي ڏٺائون ته وٽ جو مٿيون حصو، اٽڪل چوٿون انچ جلي پاڻ کان پاڻيهي وسامي ويو هو. ٻين، ٽين ۽ چوٿين سرنگهه وٽ پهتا ته سڀ هنڌ اهائي حالت ڏٺائون. چار ئي وٽيون مٿان ٿورو ٿورو ٻري وسامي ويون هيون. ڪيئن وساميون، اهو ڪير به سمجهي نه سگهيو. وٽين ۾ ڪا به خرابي ڪونه هئي ڇاڪاڻ ته جڏهن انهن کي مٿان ڪپ سان ڪٽي وري ڪم آندو ويو ته بلڪل صحيح نموني ٻريون.

حضور جن فرمائيندا هئا ته ان مهل ستگرو دين دئيال جي ديا مهر جو جيڪو ڀاءُ من ۾ پيدا ٿيو سو دل ئي ٿي ڄاڻي. روم روم مان گروءَ جا شڪرانا ٿي نڪتا. دل ائين ٿي چاهيو ته تن من اهڙي گروءَ جي چرنن تان گهوري ڇڏيان جنهن اهڙي اوکي گهڙيءَ ۾ منهنجي پئج رکي ۽ منهنجي رکيا ڪئي.

جڏهن حضور جن باباجي مهاراج جن سان ان گهٽنا جو ذڪر ڪيو ته انهن فرمايو ته مالڪ هميشه پنهنجن پيارن جي سهائتا ڪري ٿو. سوامي جي مهاراج توهان جا سڀ ڪم سنواريندو.

حضور جن جو مٺو سڀاءُ ۽ اعليٰ چرتر:-

هر ڪو حضور جن جو مٺو سڀاءُ، فرض اَدائي، سچائي

حضور جن پنهنجي سامھون پٽي ڪرايو. وڏن دڪانن وٽ پھچڻ تائين حضور جن جو زبردست عملو ۽ مزور ان ڪم ۾ ماهر ٿي چڪا هئا ۽ سڄو ڪم بخوبي هلي رهيو هو.

هڪڙي ڏينهن جڏهن گرجا گهر ۽ هڪ انگريز جي وڏي دڪان جي بلڪل نزديڪ ڪم هلي رهيو هو ته حضور جن روزمره جي وقت کان اڳ آيا هئا ۽ نوڪر کي چئي آيا هئا ته کير ڪم واري هنڌ تي کڻي اچي. حضور جن پنهنجي ماڻهن کي سرنگهن ۾ رکيل وٽين کي آگ لڳائڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ٿوري وقت لاءِ کير پيئڻ لاءِ پاسيرو وڃي ويٺا. حضور جن ان هنڌ خود ويهي اُنن سرنگهن ۾ بارود جون وٽيون وڇايون هيون ۽ ان مان ڇهن سرنگهن تي سليپر رکي ڇڏيا هئا ۽ باقي ڇهن تي اڃا سليپر رکڻا هئا. جڏهن حضور جن موٽي آيا ته ڏٺائون ته بارود صحيح ڍنگ سان ڦاٽو هو. انڪري کين چيائون ته هلو باقي ڇهن سرنگهن تي هلي سليپر وڇايون پر اوور سيئر چيو، ”حضور! اسان ته انهن وٽين کي باهه لڳائي چڪا آهيون.“

اهو ٻڌي حضور جن جڻ سناٽي ۾ اچي ويا پر ٻئي ڪن ۾ حضور جن انهن سرنگهن ڏانهن ڊوڙيا جن ۾ آگ لڳائي وئي هئي. سندن خيال هو ته ٿي سگهي ته اهي وٽيون ٻاهر ڪڍي ڇڏجن. گڏ ڪم ڪندڙ آفيسرن کين روڪڻ چاهيو ۽ پڪارڻ لڳا، ”بارود ڦاٽڻ وارو آهي، مهرباني ڪري موٽي اچو“ پر ان وقت حضور جن کي پنهنجو خيال هو ڪٿي! اهو ورتانت هڪ دفعي حضور جن هن ريت ٻڌايو هو. ”ان وقت ازخود ئي منهنجي اندران پرارٿنا نڪري وئي. باباجن کان نام دان مليئي اڃا ٿورائي ڏينهن ٿيا هئا. مون پوري عاجزي ۽ نمرتا سان کين پڪاريو. هي مالڪ هن وقت منهنجي لاج توهانجي هٿن ۾ آهي.

۾ ٽي سال پيا هئا ۽ ٥٥ سال عمر تيڻ کانپوءِ بہ سندن آفيسرن کين رٽائر ڪرڻ نہ ٿي چاهيو بلڪ سٺ ورهين جي عمر تائين کين نوڪريءَ ۾ رکڻ چاهيو ٿي. پر آفيسرن جي ايتري زور بار هوندي بہ حضور جن ٣٥ ورهين جي عمر ۾ پينشن ورتي اُن مها ڪاريہ جي ڪرڻ لاءِ، جنهن لاءِ باباجي مهاراج جن کين چونڊيو هو، ڏيري ۾ اچي رهيا. باجن جي جيون ڪال ۾ حضور جن ڪيترا پيرا نوڪري ڇڏي گروءَ جي چرنن ۾ اچي رهڻ جي اجازت گهري هئي پر باباجن سندن اها پرارٿنا سويڪار ڪو نہ ڪئي.

ماتا جيوني جو پرلوڪ پڌارجڻ:-

حضور مهاراج جن رٽائر ٿي ڏيري ۾ اچي رهيا تہ ٿورن ئي مهنن بعد ماتا جيوني جي پنهنجي نج ڌام پڌاري. هتي مان ماتاجيءَ جي چولي ڇڏڻ جو ورتانت ڏيئي رهيو آهيان جو باباجن جي مهما ڪندي ڪڏهن حضور جن ستسنگ ۾ ٻڌائيندا هئا.

رٽائر ٿيڻ کانپوءِ هڪ دفعي حضور جن ڪنهن ڪم سانگي ڪالا باغ تشريف ورتي ويا هئا. اُتي سندن ڇوٽ مهانسنگهہ والا ڇوٽ مان تار آئي تہ ماتاجي بيمار آهي. ان کان اڳ ماتاجيءَ جي بيماريءَ بابت نڪا ڪا چٺي آئي هئي ۽ نہ ڪو سماچار آيو هو. هينئر اوچتو تار اچڻ ڪري حضور جن سوچيو تہ ضرور ڏاڍو بيمار هوندي. انڪري ڪالا باغ مان جلد روانا ٿيا. جڏهن مهانسنگهہ پهتا تہ ڏٺائون ماتاجي سخت بيمار هئي. حضور جن کي ڏسي ماتاجي فرمائڻ لڳي تہ هاڻي ڪوچ ڪرڻ جي تياري آهي. حضور جن کانئن پڇيو، ”ڪڏهن؟“ ماتاجي شانت رهي. ڪجهہ بہ ڪو نہ ٻڌائين. حضور جن کانئس وري پڇيو، ”ڪا

۽ سيني سان همدرديءَ جي ڀاونا وغيره اُتم گڻن جي واکاڻ ڪندو هو. پنهنجي زيردستن سان سندن وهنوار هميشه دَيا ۽ پريم وارو هوندو هو. بالادست آفيسر سندن قابليت، ڪم جي فرض اَدائي ۽ انهن مڙني کان مٿي سندن پرڀاوشالي شخصيت تي موهت هوندا هئا. جو ڪم انگريز آفيسرن کان ڪو به عملدار ڪرائي نه سگهندو هو اُهو ڪم ڪانئن حضور جن ڪرائي وٺندا هئا.

هڪ دفعي سندن ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ انگريز آفيسر بدلي تي آيو هو جو پنهنجي ڪڙي سڀاءَ، بي رخي ۽ بدمزاجيءَ ڪري ڏاڍو بدنام هو. حضور جن جا ساٿي عملدار چوڻ لڳا ته جيڪڏهن ان کي سڌو ڪري ڇڏيو ته توهانکي مڃينداسين. هڪ مهنو حضور جن سان گڏ ڪم ڪرڻ کانپوءِ هنجي اها حالت بڻي جو حضور جن کان ڪيترين ضروري ڳالهين ۾ صلاح وٺڻ لڳو. نوڪري ڪندڙ ستسنگين کي حضور جن هميشه اها هدايت ڏيندا هئا ته پنهنجي عملدارن جي عزت ڪرڻ، اُنهن جي حڪم جو پالن ڪرڻ، هننجي سڀاءَ مان واقف ٿي ڪم ڪرڻ ۽ پنهنجي زيردستن لاءِ پيار رکڻ، انهن جو هڏ ڏوکي بڻجڻ، اهي سڀ خاصيتون نوڪريءَ ۾ سڦلتا پراپت ڪرڻ جو ذريعو آهن.

حضور جن پنهنجي هڪ آفيسر ڪرنل لانسبريءَ جو ذڪر ڏاڍي پيار ۽ آدر سان ڪندا هئا. ولايت موٽي وڃڻ کان اڳ، هن نام دان لاءِ به وينتي ڪئي هئي پر سندس ڀاڳ ۾ اُن جنم ۾ نام ڪونه هو. هاڻي هنکي هن جنم ۾ نام مليو آهي.

پورا ٢٨ سال قابليت ۽ سڦلتا سان نوڪري پوري ڪري حضور جن ١ اپريل ١٩١١ ۾ رٽائر ڪري ڏيري ۾ آيا. ان وقت ائبٽ آباد ۾ ٺئي مقرر ٿيل هئا. اجا سندن نوڪريءَ

چاڪاڻ ته ڏيري ۾ پربند ڪرڻ جو ڪم ڏاڍو رهيو پيو هو. سوچيائون ته جيسين مان نه پهچندس تيسين باباجي مهاراج ماتاجن کي ڪونه وٺي ويندا، انڪري ڏيري جو ڪم نپٽائي وٺان. جڏهن ڪم سماپت ٿيو ته رات ٿي وئي هئي انڪري ڏيري ۾ ئي رهٽو پين.

ٻئي ڏينهن جڏهن حضور جن بيبي رکو کي ٻڌايو ته ماتاجن جي وڃڻ جي تياري آهي ته هوءَ پڻ ساڻن گڏجي مهانسنگهه ۾ آئي. حضور جن ماتاجيءَ کان حال احوال ورتو ته ماتاجيءَ چيو، "ڪلهه باباجي مهاراج جن آيا هئا ۽ چيائون ته بابوجي اچڻ لاءِ چئي ويا هئا سو ستسنگ ڪري اڃا ڪونه موٽيا آهن ڇا؟" مون چيو ته نه، اڃا ڪونه پهتا آهن. تنهن تي باباجن فرمايو، "ڌيو، ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي، سڀاڻي جڏهن ايندا تڏهن توکي وٺي هلنداسين."

انت سمي ماتا جن جو چهرو خوشي ۽ نُور سان چمڪي رهيو هو. سيني کي ڀڄن ۾ وهڻ لاءِ چيائون جڏهن ڀڄن ڪري اُٿيا ته ماتاجي چولو ڇڏي چڪي هئي.

وواهه ۽ گرهست آشرم:-

حضور جن جي شادي ٢٥-٢٦ سالن جي عمر ۾ ٿي جڏهن اڃا سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيا هئا. هڪ دفعي برهمچريه پالن ڪرڻ جي هدايت ڏيندي حضور جن ٻڌايو ته ڪين سهج برهمچريه پالن ڪرڻ جو موقعو ملندو ٿي رهيو. اُناويهن ورهين جي نوڪريءَ واري عرصي ۾ صرف ٽي دفعا ٻه ٻه مهنا سندن ڌرمپتنيءَ کي ساڻن گڏ رهڻ جو موقعو مليو. باباجي مهاراج جن جي درشن کان ڪجهه ئي وقت پوءِ ته پورڻ برهمچريه جو نيم ڌارڻ ڪيو هئائون. ان وقت سندن عمر قريب ٤٠ سال هئي. ١٩٤٠ ۾ پنهنجي ڌرمپتني

تڪليف آهي ڇا؟" ماتاجي چوڻ لڳي، "ٻي ته ڪا به تڪليف ڪانهي پر ٻن ٽن مهينن کان باباجن جو درشن ڪونه ٿيندو هو ان جو ڏاڍو ڏک هو. پر اڄ اهو درشن پراپت ٿيو ۽ اها تڪليف به دور ٿي وئي آهي." حضور جن ماتاجن تي زور رکيو ته باباجن کان پڇي ته درشن ڇو بند ٿي ويو هو. ان تي ماتاجن ٿوري دير رکي باباجن جو جواب ٻڌايو، "جيڪڏهن ڪنهن ستسنگيءَ کي اندر ۾ روز ستگرن جو درشن ٿيندو آهي ته بيماريءَ جي وقت اهو بند ٿي ويندو آهي ته مٿان شيوڪ بيماريءَ جي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ عرض ڪري وهي. انڪري ئي ستگرو درشن ڪونه ڏيندو آهي." وري حضور جن ڪيس چيو، "باباجن کان پڇ ته ڪڏهن وڃڻو آهي؟" ماتاجن وراڻيو، "پرهينءَ رات جو." اهو ٻڌي حضور جن خاموش ٿي ويا. ماتاجي کين سوچ ۾ پيل ڏسي پڇيو ته ڇو کهڙي ڳالهه آهي. حضور جن فرمايو، "جيڪڏهن باباجن جي اهائي موج آهي ۽ توسان انگ سنگ آهن پوءِ مونکي تنهنجي وڃڻ جو ڏک ڪونهي. صرف اهائي چنتا آهي ته پرهينءَ ڏيري ۾ ستسنگ جو ڏينهن آهي ۽ جيڪڏهن ان ڏينهن مان اُتي نه هوندس ته آيل سنگت مايوس ٿي هلي ويندي. هيڏانهن هن حالت ۾ مان توکي ڇڏي وڃي به نٿو سگهان."

حضور جن جا اهي وچن ٻڌي ماتاجن انتر ۾ ڌيان لڳايو ۽ چيو، "توهين ڀلي وڃو. باباجن چون ٿا ته توهين جڏهن ستسنگ مان موٽي ايندا تڏهن وڃي ٿي هلندا." ان تي حضور جن فرمايو ته مان ستسنگ ڪري انهي ڏينهن ئي موٽي ايندس.

حضور مهاراج جن ڏيري آيا ۽ ٻئي ڏينهن ستسنگ ڪيائون پر ستسنگ کان پوءِ ترت نڪري ڪونه سگهيا

لاءِ ڪيس صلاح ڏيندي هئي. اُتِ دڪ، ته ان مهل ٿي ڪافور ٿي ويندو هو جڏهن هوءَ پريم ڀرڻي آواز ۾ "ٻچا!" ڪري سڏيندي هئي ته هنجي روم روم مان جڻ ته پريم ۽ پيار ٽپڪندو هو. سندن آواز جهيڻو ۽ مِٺاج سان ڀريل ۽ آهستي هو، اِئين ڳالهائيندي هئي جيئن ماءُ پنهنجي لاڏلي کي سمجهائيندي آهي. سدائين کلمک، رهندي هئي. ٢٥-٣٠ سالن جي وڏي عرصي ۾ مون نه ڪڏهن سندس پيشانيءَ تي گهنج، نه ڪروڌ جي ريکا ڏٺي ۽ نه ڪڏهن سندس مکار بند مان ڪو ڪؤڙو وچن ٿي ٻڌو.

حضورجن جا سپتر:-

حضورجن جا ٽي سپتر هئا (١) سردار ٻچنت سنگهه جي (٢) سردار بسنت سنگهه جي (٣) سردار هربنس سنگهه جي. وچين صاحبزادي سردار بسنت سنگهه جن جو ته جوانيءَ ۾ ٣٢ سالن جي عمر ۾ ئي ديهانت ٿي ويو. پنهنجي پويان جوان اِستري ۽ ننڍڙو ٻالڪ ڇڏي ويا. ٿوري ئي وقت کانپوءِ سندن اِستريءَ جو به ديهانت ٿيو. سندن سپتر سردار ستنام سنگهه اڄڪلهه سرسي جو هڪ وڏو زميندار آهي.

سردار ٻچنتسنگهه انگريزن جي حڪومت ۾ ڪيترو وقت سرسي ۾ آنرري مئجسٽريٽ ٿي رهيا. پنهنجي پسگردائيءَ ۾ هردلعزيز ۽ نالي وارا بزرگ هئا. سنه ١٩٥٢ ۾ چولو ڇڏيائون. سندن هڪڙو ئي سپتر سردار نگيندر سنگهه پوري علائقي جي وڏن ماڻهن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

حضورجن جا سڀ کان ننڍا صاحبزادا سردار هربنسنگهه جن هڪ وڏي زرعي فارم ۽ ڪنڊ جي مل جا مالڪ هئا. ٻڌيمان گنڀير، محنتي ته هئا ئي پر نهٺا ۽ گرو ڀڳت به هڪڙا ئي هئا. سندن ٻه سپتر آهن. هڪ سردار چرنسنگهه جي،

پيپي ڪشن ڪور جي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ هڪ دفعي حضور جن چيو ته جيتوڻيڪ پنهنجي استريءَ کي نه ساراهجي پر انهي ديهانت کانپوءِ اها ڳالهه ٻڌائڻ ۾ ڪو به هرج ڪونهي ته هن مونکي پنهنجي پرن نباهڻ ۾ پوري پوري مدد ڪئي ۽ باباجي مهاراج جن جيڪو ڪيس حڪم ڏنو هو ته ”هاڻي ڪيس پنهنجي پاؤ سان نه ڏسج.“ هوءَ ان حڪم تي بلڪل ثابت قدم رهي.

ماتا ڪشن ڪور جي

جن کي پوڄيه ماتا صاحب جي درشن جو سوڀاڳيه پراپت ٿيو هوندو، اُهي ان ڳالهه جي تائيد ڪندا ته ماتاجي اهڙي پوتر آتما هئي جنهنجي درشن سان ئي هردو نرمل ٿي پيو ٿي ۽ من کي شانتي ٿي ملي. هوءَ ديا ۽ مهر جي ساکيات مورت هئي. جڏهن به اسين وڃي پنهنجو سر هنجي چرنن ۾ رکندا هئاسين ته پنهنجا ٻئي هٿ اسانجي مٿي تي ڪٽي رکندي هئي. پوءِ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان گهر جي هرهڪ ياتيءَ جو نالو وٺي ان جي چڱڀلائيءَ جو پڇندي هئي. جڏهن سيني جي خوشحاليءَ ۽ سک سلامتيءَ جو ٻڌندي هئي ته ڏاڍو پرسن ٿيندي هئي. سندن آواز اهڙو مٺو ۽ ڳالهائڻ جو نمونو اهڙو سنيهه مئه هوندو هو جو ٻڌندڙئي هردو سيتل ٿي پوندو هو. هڪ غريب سان به اهڙي آدر ۽ ستڪار سان ڳالهائيندي هئي، جهڙو ڪنهن ڪروڙ پتيءَ سان. سندن اڻ ميو پيار، اپار ڪرپا ۽ همدردي اڳلي کي موهي ڇڏيندي هئي. هردي جي وري اهڙي ڪومل جو ڪنهنجو به دک برداشت ڪري ڪين سگهندي هئي. ڪنهنجو به دک ٻڌي سندس دل ڏاڍو بي آرام ٿيندي هئي ۽ ڏاڍي پريم پيار سان هن جو دک نوورت ڪرڻ

رٽاير ٿيڻ کان پوءِ ڏيري ۾ حضور جن جي چرنن ۾ اچي رهيا هئا ۽ تمام وڏا اپياسي هئا ۽ رات ڏينهن سمرن پڄن ۾ لين رهندا هئا ۽ سڀني سَتسنگين ۾ پهتل ۽ بزرگ مڃيا ويندا هئا. انهنکي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. سڀني کان اڳ حضور جن جي سپترن سردار بهادر مهاراج جن اڳيان سيس نوائي انهنجي چرنن ۾ نمسڪار ڪيو. اهڙا وصيت جيڪا حضور جن سردار بهادر ڄڳتسنگهه جن جي حق ۾ ڪئي، ان تي سڀ کان پهرين وڏي صاحبزادي سردار ٻڃنتسنگهه جن وڏي خوشيءَ سان شاهد طور صحيح ڪئي.

بي. اي، ايل. بي ۽ ٻيو سردار پرشوتمسنگهه جي. سردار چرنسنگهه جن اسانجا موجوده سنت ستگرو آهن. اُن کان پهرين هوُ سرسي ۽ حصار جي تمام وڏن وڪيلن ۾ ڳڻيا ويندا هئا. سردار پرشوتمسنگهه جي بي.اي، ايل.بي سرسي ۾ پنهنجي وڏن جي زرعي فارم سنڀاليندا آهن. پاڻ فوج ۾ ڪپتان هئا ۽ پنهنجي ويرتا لاءِ پرسڌ هئا.

حضور جن جي پٽن ۽ پوٽن جو وهنوار ۽ سڀاءُ اڳين سنتن جي اولاد جي سڀاءَ کان بلڪل نرالو ۽ بي مثال پئي رهيو آهي. اڳين مهاتمائن جو جزوي سنتان سندن آڳيا ۾ رهيو پر اسانجي ستگرو ديِن ديال جي نيڪ اولاد اهڙو مثال قائم ڪيو آهي جو اتهاس ۾ ڳولڻ سان به ڪونه ٿو لڀي. اهي پنهنجي پتا کي هميشه پرماتما سمان پوڄيندا رهيا ۽ هنن جي آڳيا جي پالن ڪرڻ ئي پنهنجو پرم ڪرتويه سمجهندا هئا ۽ هنن جي پرسنتا حاصل ڪرڻ ئي پنهنجو مول مقصد سمجهندا رهيا.

حضور مهاراج ساونسنگهه پرم ڌام سڌارڻ کان ڪجهه ڏينهن اول ئي پنهنجو جانشين ظاهر ڪرڻ وارا هئا ته ٽين پاتشاهي گرو امرداس جن جي وقت بيبي ڀانيءَ وانگر ڪن پريمي ستسنگين ۽ ويجهن شيوادارن حضور جن کي عرض ڪيو، "حضور! گرو گدي گهر جي گهر ۾ ئي رهي." تنهن تي سرڪار جي سپترن هر طرح لائق ۽ قابل هوندي به هٿ ٻڌي وينتي ڪئي، "حضور! گرو گدي ڪا موروثي ورثو ڪانهي جا پتا وٽان پٽ کي ئي ملڻ کپي. سنگت مان حضور جن جنهنکي به اڌڪاري سمجهن انکي پنهنجو جانشين مقرر ڪن." حضور جن پنهنجي سنتان جا اهي اکر ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا. پوءِ حضور جن سردار بهادر جڳتسنگهه ايم.ايس.سي. زرعي ڪاليج لئلپور جي وائيس پرنسيپال، جي

آهي؛ تنهن ۾ شمس تبريز، مولانا روم، خواجه حافظ، امير خسرو وغيره سنتن جا انيڪ عربي ۽ فارسي گرنٿ رکيل آهن. هرڪنهن پستڪ ۾ حضور جن جي هٿ سان ڪيل پينسل يا قلم جا نشان ٿيل آهن ۽ ڪيترن گرنٿن ۾ حضور جن حاشيءَ ۾ ننڍا ننڍا نوٽ به لکيا آهن. اُنهن ۾ هڪڙو گرنٿ صاحب به آهي جنهن جي هر هڪ پني جي پويان هڪ ڪاغذ پيل آهي جنهن تي حضور جن پنهنجي خاص خاص باڻيءَ جي ڪڙين جو اُرٿ ٽيڪا سميت لکيو آهي. ان کي ڏسڻ سان خبر ٿي پوي ٿي ته حضور جن گرنٿ صاحب جو ڪيڏو نه ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. گرمت تي حضور جن پاران لکيل وشال گرنٿ "گرمت سدانت" جي پڙهيان اهو حضور جن جي ورهين جو ڳوڙهو اڀياس هو. حضور جن کي پستڪن پڙهڻ جو ڪيڏو چاهه هو انجو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته "فطوحات مڪي" نالي هڪ عربي ڪتاب جو لڳ ڀڳ ناياب هو، پنهنجي هڪ دوست دوارا مصر مان گهرايو.

باباجي مهاراج جن جي صحبت ۾ اچڻ کان اڳ، حضور جن پنهنجو گهڻو وقت ساڌو مهاتمائن جي سنگ ۾ گذاريندا هئا. ڪو نه ڪو فقير، ساڌو يا مهاتما وٽن ترسيل هوندو ئي هو ڪين ان ڳالهه جو ذرو به سنڪوچ ڪو نه هو ته ساڌو هندو آهي يا مسلمان. پرماتما پراپتيءَ جي مارگ جي کوج ۾ جتي به ڪنهن مهاتما جو ڏس ملندو هون اتي پهچي ويندا هئا. ان سلسلي ۾ حضور جن ڪيترن ئي ڌارمڪ سڀائن ۾ ويا، ڪيترا ئي دفعا ڪن سڀائن ۽ سوسائٽين جا سڀاپتي ۽ سيڪريٽري ٿي رهيا. حضور جن کي سچي پرمارٿ جي اهڙي گهري لڳن هئي جو فرمائيندا هئا ته جي کهڙي به گهٽ ۾ گهٽ ذات واري وٽ اها انمول دولت هوندي ته مان اُنجي

٢. روحاني سکيا جي پراپتي

حضور جن فرمائيندا هئا ته سندن ماتا پتا ۽ ڏاڏي ڏاڏو سڀ ڌرمي ويچارن جا هئا، ان ڪري ئي ٻالپڻ کان منجهن روحانيت جو شوق هوندو هو. جڏهن اڃا ٽن چئن سالن جا مس هئا ته پنهنجي ڏاڏي سان گڏ اُنهن جي آڱر پڪڙي پنهنجي ڳوٺ ۾ ايندڙ سادن مهاتمائن جي درشن لاءِ ويندا رهندا هئا. گهر جا سڀ ڀاتي زالون توڙي مرد ڀرڀات جو اُٿي جپ صاحب جو پاٺ ڪندا هئا. انڪري ڪين به ننڍي هوندي ئي جپ صاحب برزبان ياد ٿي ويو ۽ ٩-١٠ سالن جي عمر ۾ گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. ڪتابن پڙهڻ جو شوق ته ڪين اصل کان ئي وٺي هو پر بيڪار پستڪن پڙهڻ ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪونه ڪندا هئا، صرف ڌارمڪ پستڪ پڙهندا هئا. حضور جن ٻڌائيندا هئا ته دسم گرنٿ، رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت وغيره پستڪ ننڍي هوندي ئي پڙهي ڇڏيا هئائون. ان وقت سٺا ڌرمي پستڪ ڏکيا ملندا هئا پر حضور جن ڪوشش ڪري ڪٿان نه ڪٿان اُهي هٿ ڪندا هئا. پوءِ نوڪريءَ جي وقت ته سندن منشي نول ڪشور لکنو پريس جا سڀئي ڌرمي پستڪن جا اُردو سنسڪرت ۽ ٻيا ڪيترا گرنٿ ڪافي خرچ ڪري گهرايا. پرست مسلمان ليکڪن جا ڪتاب ”ڪيميائي سعادت“ ۽ امام غزاليءَ جو ”اهليائي اُسوم“ ۽ ٻيا ڪيترا فارسي پستڪ وڏو خرچ ڪري گهرايا. حضور جن کي عربي ۽ فارسيءَ جي سٺي ڄاڻ هئي ۽ ڌيري ڌيري انيڪ عربي ۽ فارسي درويشن جا پستڪ وٺي سنگره ٿي ويا، انهن ۾ ڪيترا ته هٿ جا لکيل اصلي ڪتاب پڻ هئا.

حضور جن جي پستڪن جي الماري اڃا تائين موجود

هزارين مسلمان به هئا. ڪن صوفي فقيرن جي صحبت ۾ مولانا روم، شمس تبريز، مجدد الفساني ۽ ٻين درويشن جي ڪتابن جو اڀياس ڪيو. هڪ عيسائي پادريءَ سان بائيبل جي باري ۾ چرچا ڪندا هئا. حضور جن کي ڪنهن به سماج ۾ وڃڻ کان عار ڪو نه هو. ڪٿي غريب توڙي اڇوت جي سنگت ڪرڻي پوي، پر پنهنجي جگياسا کي شانت ڪرڻ لاءِ ان ۾ ڪا به هٻڪ محسوس نه ڪندا هئا. ڪٿي به ڪا چڱائي ڏسڻ ۾ ايندي هئن ته اها گرهڻ ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. اهڙي طرح ٣٥ ورهين جي جمار تائين پورڻ ستگروءَ جي تلاش ۽ ان مهان ڪاريه جي تياري ٿيندي رهي جنهنکي اڳتي جيون ۾ حضور جن کي مڪمل ڪرڻو هو.

جيتوڻيڪ ننڍپڻ کان ئي حضور جن کي ساڌو مهاتمائن سان ملڻ جو شوق هو پر ان هوندي به ٻاهرئين ڏيک ۽ ويس وارن ساڌن وٽ ڪو نه ويندا هئا. ڪين مهاتمائن جي گڻن جي شروع کان ئي پرک هئي. حضور جن جڏهن ايس ڊي. او. هئا، هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن حضور جن گهوڙي تي چڙهي پهاڙن مان لنگهي رهيا هئا. اچانڪ حضور جن جي دل ۾ خوشي ڇانئجي ويئي. دنيادار ته پنهنجي ٻارن کي، دنيوي ڪاميابين وغيره کي ياد ڪري خوش ٿيندا آهن پر هيءَ خوشي ٻئي قسم جي هئي. ازخود ڪين ڏاڍي خوشبوءِ اچڻ لڳي. حضور جن سوچيو ته اپريل جو مهنو آهي شايد خوشبودار وڻن جي گلن جي سگند هوندي پر ترت ئي خيال آين ته مونکي پهاڙن ۾ گهاريندي ١٨ سال ٿي ويا آهن پر ڪڏهن به اهڙي خوشي ۽ خوشبوءِ جو احساس ڪو نه ٿيو اٿم. جيئن جيئن وڌندا ويا ته خوشبوءِ به وڌندي رهي. اڳيان هلي ڏٺائون ته هڪ مست فقير سڙڪ جي ڪناري ويٺو هو ۽ اها خوشبوءِ ان

چرنن ۾ جهڪڻ لاءِ تيار آهيان.

ساڌ و سنت جي سيوا ۽ دان پُن ڪرڻ جي عادت تہ جڻ ڪين ورثي ۾ مِلي هُئي. فقيرن ۽ مهاتمائن جي سيوا ۾ هر وقت تيار هوندا هئا. سنہ ۱۸۹۱ ۾ حضور جن جي بدلي ڪوهہ مريءَ ۾ ٿي. اُتي لالا پرڀورامل شاهوڪار جي هڪ ڌرمسالا هُئي جنهن ۾ امرناٿ ويندڙ ياتري اڪثر ڪري ٽڪندا هئا. حضور جن اُن ڌرمسالا جي پرسان ئي پنهنجي لاءِ هڪ مڪان ڪرائي تي انهيءَ خيال کان ورتو هو تہ مهاتمائن جي ستسنگ جو موقعو آسانيءَ سان ملي سگهي. امرناٿ ڏانهن ويندڙ ساڌن ۾ اها ڳالهہ جلد ئي مشهور ٿي ويئي تہ حضور جن جي گهر سڀني مهاتمائن کي ڀوڄن وستر وغيرہ کان سواءِ رستي جو خرچ بہ ملندو آهي.

اُنهن ڏينهن ۾ حضور جن کي ويدانت، اُپنشد گيتا، يوگ وسشٽ، وغيرہ جي گهري اڀياس ۽ انهن تي منن ڪرڻ جو چڱوئي موقعو ملندو هو. حضور جن انهن ڌرمي پستڪن ۽ مختلف ڌارمڪ فيلسوفين جو اڀياس تمام ودوان مهاتمائن جي صحبت ۾ ڪيو هو، انڪري ڪين ويدانت، درشن ۽ اُپنشدن، وغيرہ جي ڪافي ڄاڻ ٿي ويئي هئي. بابو گلاب سنگهہ ٻڌائيندو هو تہ ڪيترا دفعا سنا سنا اڀياسي مهاتمائون حضور جن سان انهن بابت وارتالاپ ڪرڻ جي اِڇا ڏيکاريندا هئا ۽ رات جو ٻارهين بجي تائين ستسنگ پيو هلندو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ حضور جن هڪ ٻوڌي ڀڪشوءَ سان ٻڌ ۽ جين ڌرم جو مطالع ڪيو. ڪين ڪنهن بہ ڌرم لاءِ ڀيد ڀاو يا پڪشپات ڪين هو. مسلمان فقيرن، صوفين، هندو يوگين، ويدانتي ساڌن مطلب تہ سڀني سان پريم پيار سان ملندا هئا. حضور جن جي اِها اُدار ڀاونا، وشال ۽ ڪشادي درشٽي پڇاڙيءَ تائين هلندي رهي. سندن ستسنگ ۾

اڇا، اڇا ۽ گول گول." حضور جن کلي فرمايو، "بابا! هاڻي تہ تون لالچي ٿي پيو آهين. ڀڙين ڪڏهن چار ڪڏهن پنج وٺندو هئين پر اڄ تہ ويھہ پيو گهرين." چيائين، "مان لالچي ڪين آهيان، ڏن انوسار ئي دان ڏيندو آهي. تون ٻہ هزار ڪٽي آيو آهين تڏهن مون ويھہ گهريا آهن." حضور جن ويھہ روپيہ ڪڍي هنجي اڳيان ڪٽي رکيا. هوءَ چوڻ لڳو، "توکي خبر آهي تہ مونکي روپين جي ضرورت ڪانهي پر مان چاهيان ٿو تہ تنهنجي ڪمائي پوتر ۽ سڦلي ٿئجي." باباڪاهن ٻاڻ وٽ روپيا ڪين رکندو هو. ننڍا ننڍا غريب ٻار اچي سندس ڪپڙن مان روپيا ڪڍي ويندا هئا. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻار آيا ۽ روپيا ڪڍي رمندا رهيا.

هڪ دفعي حضور جن رات جو دير تائين وٽس ويٺا رهيا. اڌ رات ڪانپوءِ هن حضور جن کي چيو، "هاڻي تون وڃ." حضور جن وراڻيو، "اڄ تہ مان خالي هٿين ڪين ويندس. اڄ تہ ضرور توهان کان ڪجھہ وٺي ئي وڃڻو آئم." هن چيو، "توکي اينترو ملندو جنهن جو ڪو انت ئي ڪونهي. پر اڃا اهو وقت ڪونہ آيو آهي. حضور جن کانئس پڇيو، "اهو وقت ڪڏهن ايندو؟ جواب ڏنائين، "بس، اهو وقت اچڻ وارو ئي آهي." حضور جن تنهن تي پڇيس. "اها نعمت توهين ڏيندا يا ڪو ٻيو؟ هن وراڻيو، "توهانجو حصو مون وٽ ڪونهي، ڪو ٻيو ئي ڏيندو." حضور جن سوال ڪيو، "اهو ڪير آهي؟ ڪٿي رهندو آهي؟ ڪجھہ تہ پتو ڏيو." ان تي بابا ڪاهن چيو ۽ "هو تو وٽ پاڻ هلي ايندو. تنهنجي امانت هن وٽ آهي."

ٿيو بہ ائين سنہ ١٨٩٤ ۾ حضور جن هڪ ڏينهن ڪوهہ مري ڀاڙن ۾ پنهنجي دفتر کان هينئين طرف وڃي رهيا. هئا. سامهون بابا جئمل سنگھہ مهاراج جن ۽ ٻيئي رکو ميئين طرف

فقير جي ڪارڻ هئي. حضور جن ادب وچان گهوڙي تان لهي پيا. فقير حضور جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو، ”خوشبوءِ وٽڻ وارو نڪ ته ڪنهن ورلي کي هوندو آهي.“

سنه ١٨٩٤ ۾ جڏهن حضور جن ڪوهه مريءَ ۾ نوڪري ڪندا هئا ته سندن ملاقات بابا جئمل سنگهه مهاراج جن سان ٿي. ان وقت کان حضور جن جي جيون جو هڪ نئون باب شروع ٿيو. ان ڳالهه جو اشارو اول ئي پشاور جي هڪ پهتل فقير بابا ڪاهن ڏنو هو. حضور جن جڏهن نوشهري ۾ نوڪري ڪندا هئا ته اڪثر هن سان ملڻ ويندا هئا. اهو مهاتما ڦگواڙا جي بيدي ڪل مان هو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي پشاور هليو ويو هو. هو سدائين پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مست رهندو هو. لوڪن کي پاڻ وٽ اچڻ ئي ڪين ڏيندو هو ۽ ڪيترا دفعا ته انهنکي گاريون ڏيئي يا لڪڻ سان ڌڪاري ڀڄائي ڪڍندو هو پر حضور جن جڏهن به وٽس ويندا هئا ته ساڻن ڏاڍي آدر ستڪار ۽ پريم سان پيش ايندو هو. حضور جن به هنجي عزت ڪندا هئا ۽ جنهن به شيءِ جي هنکي ضرورت هوندي هئي ته اها کيس آڻي ڏيندا هئا، هڪ دفعي حضور جن ”بلئڪ مائونٽين“ جي لڙائيءَ تان موٽي، هڪ مهني جي موڪل تي گهر وڃي رهيا هئا. وٽن قريب ٻه هزار رپيا هئا. رستي ۾ بابا ڪاهن سان ملڻ لاءِ پشاور اسٽيشن تي لهي پيا ته ڏٺائون ته بابا ڪاهن اڳيئي اسٽيشن تي بيٺو هو. پڇڻ تي چيائين، ”اڄ اسانجي سرڪار ڪي اچڻو هو. سو چيم ته خود ئي وڃي ڪين وٺي اچان.“ حضور جن کي ڏاڍي سڪ ۽ سنيهه سان پنهنجي جاءِ تي وٺي آيو ۽ ڏاڍي دير تائين ڳالهيون ڪندو رهيو. موڪلائڻ وقت حضور جن کيس پنج روپيه پيش ڪيا ڏني. چوڻ لڳو، ”مان ته پورا ويهه وٺندس،

ٻئي ڏينهن حضور جن بابو ڏاهن سنگهه سان گڏجي بابو سکديال آگري واري ستسنگيءَ جي اوطاق تي ويا جتي باباجي مهاراج جن لٿل هئا. حضور جن ٽي چار ڏينهن ستسنگ ٻڌو، انيڪ سوال پڇيا ته ڪين وشواس ٿي ويو ته اِهوئي سچو مارگ آهي. حضور جن ٻڌائيندا هئا ته ٽن چئن ڏينهن جي ستسنگ ڪرڻ سان منهنجا ٢٠-٢٥ سالن جا جيڪي به سنڪلپ وڪلپ ۽ سنسا هئا سڀ دور ٿي ويا.

ڏاڍي نمرتا سان حضورجن باباجي مهاراج جن جي چرنن ۾ نام دان لاءِ وينتي ڪئي پر کين دل ۾ اچا هڪ سنسو هو. راڌا سوامي نالو کين نئون پئي لڳو. تنهنڪري هنن باباجن کي نام لاءِ عرض سان گڏ اها به وينتي ڪئي ته مونکي راڌا سوامي نام نه ڏنو وڃي. باباجن مڌر مشڪ سان ڪانئن پڇيو، "توکي ان نالي لاءِ ڪهڙو اعتراض آهي." حضور جن اُتر ڏنو، "اعتراض ته ڪونهي پر اهو نالو مونکي بلڪل نئون ۽ عجيب پيو لڳي."

تنهن تي بابا جي مهاراج ڪانئن پڇڻ لڳا، "توهين ڪنهن ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪندا آهيو؟ حضور جن وينتي ڪئي پوروڪ چيو ته مان روز جپ صاحب ۽ جاپ صاحب جو پاٺ ڪندو آهيان. باباجن وري پڇيس، "گرو گوبند سنگهه جن جاپ صاحب ۾ پرماتما جا اهڙا ڪيترا نالا ڏنا آهن جي ڪنهن به گرنٿ يا پوٿيءَ ۾ اڳ ڪين آيل آهن." حضور جن وراڻيو، "صحيح انگ ياد ڪونهي پر قريب ٻارهن سؤ ٿيندا."

تنهن تي باباجي مهاراج جن ڏاڍي پيار سان فرمائڻ لڳا، "جڏهن پرماتما جا ٻارهن سؤ نالا جي اڳ ڪنهن به گرنٿ ۾ ڪونه آيل آهن، انهن لاءِ توهانکي ڪو به اعتراض ڪونهي ته پوءِ جي ڪنهن مهاتما ان واهگرو پرماتما جي پيار ۾ اچي

ڏانهن اچي رهيا هئا. حضور جن باباجي مهاراج کي ڏسي سمجهيو ته ڪو فوجي پينشنر سردار آهي جو پنهنجي پينشن وٺڻ لاءِ آيو آهي يا ڪمشنر جي آفيس ۾ هن جي ڪا اپيل هوندي. جڏهن حضور جن باباجن جي اڳيان نڪري ويا ته باباجن ٻيبي رکو کي چوڻ لڳا، "اسين هن سک کي وٺڻ لاءِ هتي آيا آهيون. هيءُ اسانجو پراڻو ساٿي آهي." ٻيبي رکو چوڻ لڳي، "هن ته توهانکي 'واهگرو جي کي فتح' به نه چيو، هي ڇڳو ساٿي ٿيو." باباجن فرمايو، "هن ويچاري کي ڪهڙو پتو، اڄ کان چوٿين ڏينهن هيءُ اسانوٽ ايندو."

ٿيو به ائين. حضور جن فرمائيندا هئا ته انهن ڏينهن ۾ پاڻ هڪ ويدانتيءَ کان ويدانت جي هڪ گرنٿ جو اڀياس ڪندا هئا. ٽئين ڏينهن شام جي وقت جڏهن اهو ساڌو وٽن ويٺو هو ان مهل بابو ڪاهن سنگهه جو باباجن جو ستسنگي ۽ حضور جن جو متر هو، لنگهي آيو، ان حضور جن کي چيو ته توهانکي گهڻي وقت کان ڪنهن ڪمائيءَ واري مهاتما جي تلاش آهي. اڄڪلهه هتي نهايت ئي گڻوان مهاتما پڌاريو آهي. جيڪڏهن درشن ڪرڻو آٿو ته هلو." حضور جن جي پڇڻ تي بابو ڪاهن سنگهه ٻڌايو ته آيل مهاتما راڌاسوامي مارگ جو سنت آهي ۽ سرت شبد يوگ جي اڀياس جي سکيا ٿو ڏئي. ان ويدانتي ساڌوءَ راڌاسوامي نالو ٻڌڻ سان ئي نندا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ چوڻ لڳو، "اهي ماڻهو ناستڪ آهن، ايشور کي مڃين ئي ڪين ۽ مستڪ ۾ هڪ باجو رکي پيا هلن." ان تي حضور جن چيو ته مان انجنيئر آهيان، مون اڄ تائين ڪو به اهڙو باجو ڪونه ڏٺو آهي جو مستڪ ۾ رکي سگهجي. انهيءَ هوندي به اهو ساڌو حضور جن کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ منع ڪري رهيو هو پر هن جي ڳالهين جو حضور جن تي ڪو به اثر ڪونه ٿيو.

صرف هڪ ئي ڪامنا وڃي رهي - ستگروءَ جو ديدار. حضور جن پنهنجي هڪ پتر ۾ لکيو، ”مان سڀڪنهن ٻي نٿو گهران، مان نه توهان کان پريسٽ، پرتيت ۽ توهان جي چرنن جو پيار ئي گهران ٿو.“ باباجي مهاراج جن جي چرنن ۾ اَنـوُت پريت ۽ ڀڄن جي لگن ايتري نه وڌي وئي جو ڪئين ڀيرا عرض ڪيائون ته مونکي پنهنجي چرنن ۾ رهڻ جي اجازت بخشيو، نوڪريءَ ۾ ڀڄن ڪرڻ جو وقت ئي نٿو ملي. پر باباجن فرمائيندا هئا، ”توهين سدائين مون سان گڏ آهيو، دور ڪونه آهيو. جيڪا نوڪري پيا ڪريو اها ٻه منهنجي شيوا آهي. سو پاڻکي ستگروءَ جو ڪامدار سمجهي نوڪري ڪندا رهو.“ نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ به پاڻ برابر ستسنگ ۽ ڀڄن ڪندا رهيا. روز ڇهه ڇهه ڪلاڪ، اَٺ اَٺ ڪلاڪ ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. نوڪريءَ کانپوءِ سمورو وقت پرمارٿ ۾ وتيت ڪندا هئا. رات جو بلڪل ٿورو وقت سمهندا هئا جڏهن ننڊ ايندي هئن ته بيهي ڀڄن ڪندا هئا. بيهي ڀڄن ڪرڻ لاءِ حضور جن پنجن فوٽن جي ٻئراگڻ ٺهرائي هئي جا اڄ به حضور جن جي ڪمري ۾ رکيل آهي.

جڏهن به کين موڪل ملندي هئي ته باباجي مهاراج جن جي چرنن ۾ اچي گذاريندا هئا. سنه ١٨٩٨ ۾ حضور جن هڪ دفعي بياس ۾ آيل هئا. نوڪريءَ تي واپس موٽي وڃڻ وقت باباجن جي حڪم انوسار هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجي گهر ويا. جڏهن اُتان موٽي رهيا هئا ته باباجي مهاراج جن کين بياس اسٽيشن تي گڏيا ۽ کين ڪجهه چوڻ چاهيائون ٿي پر چوڻ مناسب نه سمجهائون. ڏيري ۾ موٽي ٻيجي رکو کي ٻڌايائون ته بابو ساون سنگهه تي ڀاري ڪشٽ اچڻو آهي پر سوامي جن سنڌس رکوالي ڪندا.

ان وقت حضور جن مريءَ کان اَٺ ڏهه ميل پري

هڪ ٻيو ٻہ نالو ڪٿي رکيو تہ ان ۾ ڇا ٿيو؟" وري وڌيڪ فرمايائون، "راڌا سوامي ٻہ ان مالڪ جوئي هڪڙو ٻيو نالو آهي. "راڌا" آتما کي ٿو چئجي ۽ "سوامي" ان جي مالڪ کي. تنهنڪري "راڌا سوامي" جو ارٿ آهي آتما جو سوامي. ڪل مالڪ کي سوامي تہ سڀني مهاتمائن چيو آهي. گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا، "اونچ اپار بي انت سوامي." سوامي جي مهاراج جن ان سان "راڌا" لفظ ڳنڍي ڇڏيو." پوءِ باباجن سوامي جي مهاراج جن جي پستڪ، "سار بچن نظم" مان هي پد ڪڍي حضور جن کي پڙهڻ لاءِ ڏنو.

"راڌا آد سرت ڪا نام سوامي آد شبد نج ڌام.
سرت شبد اور راڌا سوامي دونو نام ايڪ ڪرجاني."

حضور جن کي حقيقت جو پتو پئجي ويو ۽ عرض ڪيائون تہ جيڪڏهن اهو ٻہ ان پرپورڻ پرماتما جو ٻيو ٻہ هڪ نالو ئي آهي تہ پوءِ ڪوبہ هرج ڪونهي. ٻئي ڏينهن حضور جن کي نام دان جي بخشش ملي وئي. نام دان کانپوءِ باباجي مهاراج جن حضور جن کي چيو، "هيءَ امانت توهانجي اسان وٽ هئي جا اج توهانجي حوالي ڪئي وئي آهي." ان تي بابا ڪاهن جا هي اکر حضور جن کي ياد آيا، "جنهن وٽ تنهنجي امانت آهي اهو خود ئي تو وٽ ايندو."

نام دان کانپوءِ حضور جن جو خيال پنجن سمرن جي طرف ئي رهڻ لڳو. باباجي مهاراج جن جي چرنن جي پريت ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳي ۽ برهہ ۽ پريم سان پُر ٿيل چٺيون پنهنجي ستگرن جي چرنن ۾ لکندا رهيا. حضور جن لکندا هئا، "توهانجي درشن جي پياس رات ڏينهن رهندي آهي. توهانجي درشن لاءِ ڏينهن رات مڇليءَ وانگر تڙڦي رهيو آهيان." ڪين سڀ ڪجهہ ستگروءَ جو ئي ڀاسڻ لڳو ۽

ويندي جو پٽو ٿئي ڪونه پوندو ته هڏي ڪٿان ڀڳي آهي. جڏهن پٽو کوليو ويو ته هڏي بلڪل سالم طرح سان جڙيل ڏسڻ ۾ آئي. جڏهن حضور جن اسپتال مان گهر آيا ته باباجي مهاراج جن ڪجهه ڏينهن لاءِ وٽن خيراگليءَ ۾ اچي ترسيا.

حضور جن جي نوڪريءَ وارو عرصو سنساري ڪمن ڪارين ۽ اڀياس ۾ گذرندو رهيو. انهيءَ پهر باباجي مهاراج جن جي چرنن جو پريم ۽ سندن درشن جي تڙپ سندن دل ۾ وڌيل هوندي هئي. باباجي مهاراج جن پنهنجي چٺين ۾ کين هڪ طرف ته ڀڄن ڪرڻ جي پريرڻا ڏيندا رهندا هئا، ٻئي طرف کين سنيهه ۽ پريم ڀريو دلاسو ڏيندا رهندا هئا ته توهانکي درشن جو لاڀ ملي رهيو آهي، توهين ۽ مان الڳ الڳ ڪونه آهيون. توهين منهنجا نج پراڻ آهيو، پيارا پتر آهيو، هميشه مون سان گڏ رهندا.

حضور جن کي باباجي مهاراج جن جو آديش هو ته آفيس جي ڪم ڪار ڪانپوءِ ماڻهن سان زياده ميل جول نه رکجو ۽ شام جو ماڻهن کي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ بنگلي تي اچڻ نه ڏجو. حضور جن ان ڳالهه جو ڌيان رکي هميشه پنهنجو بنگلو ايڪانت واري هنڌ، آباديءَ کان ٻاهر وٺندا هئا. ڪالا باغ ۾ ته حضور جن جو بنگلو بلڪل سنسان جڳهه تي هو. جڏهن سندن بدلي مري پهاڙ تي ٿي ته اتي به پنهنجو بنگلو شهر کان ٻاهر مسواڙ تي ورتائون، جتي بلڪل ايڪانت هئي. ڪو به اهو بنگلو مسواڙ تي ڪونه وٺندو هو جو ماڻهن کي اهو وهم ويٺل هو ته ان ۾ ڀوت رهندو آهي. ماڻهن حضور جن کي منع ڪئي ته اهو بنگلو نه وٺو جو ڀوت بنگلي ۾ رهندڙن کي رات جو پٿر ۽ سرون هڻي ڀڄائي ڇڏيندو آهي. حضور جن انهن کي چيو، ”اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي، مان ۽ ڀوت گڏجي گذارو

خيرآگليءَ ۾ نوڪري ڪندا هئا. آسپاس جيڪي سرڪاري ڪم ڪاريون هليا پئي انهن جي نگراني ڪرڻ لاءِ گهوڙي تي ويندا هئا. حضور جن گهوڙي سواريءَ ۾ ماهر هئا ۽ گهوڙي جي گردن جي وارن کي جهلي اُڇل ڏيئي گهوڙي تي چڙهي ويندا هئا. ٻئي ڏينهن حضور جن کي ڊوري تي ويٺو هو. سندن غير موجودگيءَ ۾ سئيس گهوڙي جي گردن جا وار ڪٽي ڇڏيا هئا پر کين ان بابت ٻڌائڻ وسري ويس. هميشه وانگر جڏهن حضور جن گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ اُن تي هٿ رکي چڙهڻ لڳا ته وار هٿ ۾ ڪين آيا ۽ پاڻ ڪري پيا. ٽنگ جي هڏي مٿان ٽٽي پيئي ۽ ٽنگ لهي پيئي. خبر ملڻ سان اُتي فوج جو ڊاڪٽر کين اسپتال کڻائي ويو، اُتي ڪلوروفارم ڏيئي، هڏي پنهنجي جاءِ تي ٽڪائي پٽو ٻڌي ڇڏيائين.

حضور جن جڏهن اسپتال ۾ داخل هئا ته ڊاڪٽر کين گوشت جو شوروو ۽ پورٽ وائين ڪم آڻڻ لاءِ ڏاڍو زور ڀريو. حضور جن انهن شين جي واپرائڻ کان صاف انڪار ڪيو. ڊاڪٽرن چيو ته جيڪڏهن اهي شيون نه واپرائيندا ته توهانجي صحت وڌيڪ ڪمزور ٿي ويندي ۽ هڏي به ڪانه جڙندي. حضور جن سان جيڪي ٻيا آفيسر گڏ ڪم ڪندا هئا انهن ۽ سندن زيردستن کين عرض ڪيو ته چٺي لکي پنهنجي ستگرن کان ان بابت پڇي ڏسو. انهن جي بار بار زور ڀرڻ تي حضور جن باباجي مهاراج جن جي سيوا ۾ هڪ خط لکيو. بابا جن لکيو ته منهنجو حڪم ته اهوئي آهي جو پهرين ڏنهن هو يعني ماس شراب کان دور رهجو. ڊاڪٽرن کي شڪ هئي ته شايد هڏي نه جڙي يا ٽنگ ۾ ڪو نقص رهجي وڃي پر بابا جن لکيو ته ٽنگ بلڪل ٺيڪ ٿي ويندي ۽ هڏي اهڙي طرح جڙي

ايندا رهندا هئا. انهن سان بنا ڪنهن ڀيد ڀاو جي روحانيت جي چرچا ڪندا هئا. ٻنتاسنگهه ٻڌائيندو هو ته ڪيترا دفعا جڏهن رات جو بلڪل دير سان منهنجي اک کلندي هئي ته حضور جن کي ڀڄن ۾ وينل ڏسندو هوس.

حضور جن کي سڀني قسمن جي ڌرمن، سمپردائن ۽ جاتين لاءِ پيار هوندو هو. سڀني جو آدر ڪندا هئا. ڪنهن ڌرم جي نندا ڪرڻ ته پري رهي مگر ان جي آلوچنا به ڪو نه ڪندا هئا. هڪ عيسائي پادري هميشه حضور جن سان بحث ڪندو رهندو هو. هڪ دفعي جڏهن حضور جن بياس اسٽيشن تي گاڏيءَ مان تي لٿا ته اهو پادري گڏجي وين ۽ چوڻ لڳو، "منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو." حضور جن چيس، "خوشيءَ سان پڇو." تنهن تي چوڻ لڳو، "ٻڌايو ته گرو نانڪ صاحب وڏو آهي، يا ڪبير صاحب وڏو آهي يا بابا جئمل سنگهه جن." ان تي حضور جن فرمائڻ لڳا، "توهين ٻنهي کي منهنجي سامهون آڻيو ته پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس ته وڏو ڪير آهي." هو چوڻ لڳو ته ائين ته ڪري نٿو سگهجي. ان تي حضور جن فرمايو، مون ته بابا جئمل سنگهه جن کي ئي ڏٺو آهي، مان ته انهن کي ئي وڏو چوندس. مون لاءِ ته انهن جي برابر ڪوئي ڪونهي. مونکي ته جيڪي ڪجهه مليو آهي، انهن کان ئي مليو آهي."

حضور جن ۾ اها خاص خوبي هئي جو ٻن ٽن لفظن ۾ مطلب جي ڳالهه سمجهائي ڇڏيندا هئا. حضور جن جڏهن پهاڙن ۾ ملازمت ڪندا هئا ته ساڻن گڏ هڪ مسلمان آفيسر به ڪم ڪندو هو. ان کي حضور جن لاءِ ڏاڍو پيار هوندو هو ۽ ساڳئي وقت سندن ڏاڍي عزت ڪندو هو. هڪ دفعي هو موڪل وٺي حج ڪرڻ تي ويو. وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هن حضور جن کي چيو ته مان حج لاءِ ڪعبي وڃان ٿو

ڪنداسون“

برابر رات جو مڪان تي پٿرن جي ڪرڻ جو آواز اچڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ ڀائي * بنتاسنگهه حضور جن جي نوڪريءَ ۾ هو، هوُ خوف ۾ مڪان کان ٻاهر پڇي نڪتو. شور ۽ پٿرن جي آواز تي حضور جن ٻاهر آيا. ڏٺائون ته جاءِ سان لاڳو هڪ وڻ آهي جنهن ۾ اڪروٽ جهڙا سخت ڦل آهن، جيڪي رات جو تيز هوا لڳڻ سان ڇڻي ٽِين جي ڇت تي زور سان ڪري آواز پيا ڪن. ٻئي ڏينهن حضور جن ان وڻ جو اهو ٽار ئي ڪٽائي ڇڏيو.

بنتاسنگهه ٻڌائيندو هو ته انهن ڏينهن ۾ حضور جن جو خيال رات ڏينهن ڀڄن ۾ لڳل هوندو هو. سندن آهار بلڪل گهٽجي ويو هو ۽ ڪڏهن ته بلڪل کائيندا ئي ڪو نه هئا. ڪڏهن ٻاهر سير ڪرڻ لاءِ خيال ايندو هون ته سئيس کان گهوڙو گهرائيندا هئا جو گهوڙو وٺي اچي ٻاهر بيهندو هو. ان وچ ۾ حضور جن باڻيءَ جو هڪ به شبد پڙهندا هئا ته موج ۾ مگن ٿي ڀڄن ۾ ويهي رهندا هئا. سير جو خيال ئي ڪو نه رهندو هون. دنياداريءَ جون ڳالهيون، گپ شپ ڪڏهن ڪو نه ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو پرمارٿ جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ يا ٻڌڻ ايندو هو ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان سان شبد ۽ گروءَ جي مهما جي باري ۾ وارتالاپ ڪندا رهندا هئا. سندن ساٿي ڪم ڪندڙ يا واقفڪار هندو چاهي مسلمان وٽن

* ڀائي بنتاسنگهه سڄي زندگي حضور جن جي نوڪريءَ ۾ رهيو. حضور جن جي زمين خريد ڪرڻ کانپوءِ هو سرسي ۾ رهي حضور جن جي پريوار جي سيوا ڪرڻ لڳو. ڏاڍو ابياسي هو. حضور جن جي جيون جا ڪيترا ئي ورتانت ٻڌائيندو هو. سنه ١٩٥١ ۾ هن سرسي ۾ ئي چولو ڇڏيو.

رهيو هو. جڏهن هن بابوءَ جي واتان اهي اکر ٻڌا ته هن ٻالڪ توهانکي جاڳايو آهي ته چوڻ لڳو، ”هي ته ڪڏهن جاڳيا ئي ڪينهن، هميشه سدا ئي پيا هوندا آهن.“ ٻئي ڏينهن بابو ڪٿل رام حضور جن کي شڪايت ڏني ته توهانجو ڪلارڪ ڏاڍو شيطان آهي. تنهن تي حضور جن ڏاڍي پريم پيار سان کيس سمجهايو ته پرماتما جي اصلي ڀڳتي ڪهڙي آهي ۽ سچو هري مندر ڪٿي آهي. تورن منڻن جي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ سان هو سمجهي ويو ۽ ٻاهر مکي ڪريائن مان هن جو خيال نڪري ويو. حضور جن پوءِ موهنسنگهه کي به سمجهايو ته ڪڏهن به ڪنهنجي ڀاونائن کي نه ڏکوئجي.

توهانکي اتي لاءِ ڪو ڪم ھجي تہ مونکي ٻڌايو. حضور جن چيس تہ "اتي جي خدا کي منھنجا سلام ڏج." اھو ٻڌي ھو ٻن منٽن لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو پوءِ چوڻ لڳو، "ڇا، اُتي جو ٻيو خدا آھي." حضور جن مشڪي فرمايو تہ پوءِ اُتي ڇا لاءِ ٿا وڃو؟ حضور جن ڪڏھن بہ بحث ڪرڻ پسند ڪونہ ڪندا ھئا. پنھنجي ڳالھہ ٿورن ئي اکرن ۾ ڪري ڇڏيندا ھئا.

ھڪ دفعي جو ذڪر آھي جڏھن پاڻ ايس. ڊي. او ھئا، سندن طبعيت ٺيڪ ڪونہ ھئي ۽ ٿورن ڏينھن جي موڪل ورتي ھئائون. تنھنڪري ھڪ ٻيو ايس. ڊي. او حضور جن جي جاءِ تي آيو جنھنجو نالو بابو ڪشن رام ھو. ھن جو ڳوٺ ڪنا جي پاسي ھو ۽ ھُو حضور جن جي بنگلي ۾ ئي اچي رھيو. ھُو اڍائي ڪلاڪ صبوح جو ۽ اڍائي ڪلاڪ رات جو ٺاڪرن جي پوڄا ڪندو ھو. حضور جن ھن جي ٺاڪرن جي آرام لاءِ پنھنجي پاسي وارو ھڪ ننڍو ڪمرو ڪيس ڏيئي ڇڏيو ھو. ھن وٽ ھڪ اردلي بہ ھوندو ھو. ھڪ دفعي جڏھن رات جو سمھڻ لڳو تہ نوڪر کي سڏي چيائين تہ منھنجي رات واري ٽوپي ڪڍي اچ. نوڪر کي خبر ڪانہ ھئي تہ اھا ڪھڙي ٽوپي آھي. ٺاڪرن جي صندوق ۾ ھڪ ٽوپي پيئي ھئي، ھن اُھائي آڻي ڪيس ڏني. ڏسڻ سان ئي نوڪر کان پڇڻ لڳو تہ ڪٿان ڪڍي آيو آھين؟ نوڪر جواب ڏنو تہ صندوق مان آندي اٿم. اھو ٻڌي ڏاڍو خفي ٿيو ۽ لڳو نوڪر کي گاريون ڏيڻ. پوءِ اُتي پنھنجي ٺاڪرن وٽ ويو ۽ چوڻ لڳو، "ھن ٻالڪ توھانکي ننڊ مان جاڳايو آھي، ڪميا ڪريو، ڪميا ڪريو."

انھن ڏينھن ۾ حضور جن وٽ موھنسنگھ نالي ھڪ ڪلارڪ ھو جو ڏاڍو چرچائي ھو. ھُو بابوءَ جي ڳالھہ ٻڌي

اڃا ڪجهه سال نوڪري ڪرڻي هئي. جڏهن ڪالا باغ ۾ هئا تڏهن ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي بنگلي تي ستسنگ ڪندا هئا پر پاٺڪي لڪل ئي رکندا هئا ڇاڪاڻ ته سنت ڪڏهن به پنهنجي مک سان ائين ڪونه چوندا آهن ته مان گرو آهيان. حضور جن جي فرصت جو سمورو وقت ابياس ۾ ئي وتيت ٿيندو هو. لوڪن سان گڏجڻ مسجڻ ته شروع ڪان ئي گهٽ هوندو هون. انهن ڏينهن ۾ * بابو گجاسنگهه به اُتي ئي هوندا هئا جي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گهر ستسنگ ڪندا هئا. شبد ۽ نام جو صحيح ارٿ ٻڌائي هوُ سنتن جي مهما ڪندا هئا. ماڻهن کي گروائيءَ سان ته پيار هوئي پر ڪين ستگروءَ جي مهما جو پتو ڪونه هو ڇاڪاڻ ته ديهه سروپ گروءَ جي مهما جي ڄاڻ ته سچي گروءَ سان ميلاپ ڪان پوءِ ئي پوي ٿي. هڪڙي ڏينهن ستسنگ ڪانپوءِ ٻه ٽي ستسنگي وينا رهيا. انهن بابو گجاسنگهه کان پڇيو ته جهڙي مهاتما جي اوهين ڳالهه ٿا ڪريو اهڙو مهاتما اڄڪلهه جي زماني ۾ آهي؟ بابو گجاسنگهه چيو ته ها آهي. تنهنتي هنن اهڙي مهاتما جو پتو ٻڌائڻ لاءِ مٿن ڏاڍو زور رکيو. انهن ماڻهن ۾ هڪ ٻه ڄڻا حضور جن جي آفيس ۾ سندن هٿ هيٺ ڪم ڪندا هئا. بابو گجا سنگهه کين چيو ته پنهنجي بابو جيءَ جي وڃي شرن پڪڙيو. اها دولت انهن کان ئي توهانکي ملندي. اهو ٻڌي هو حضور جن کي نامدان لاءِ وينتي ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح سنه ١٩٠٤ ۾ حضور دين ديال جن پهريون پيرو نامدان جي ورکا ڪئي.

ڏيري ڏيري حضور جن وٽ پرمارٿ جا پريمي ايندا

---

* بابو گجاسنگهه، باباجي مهاراج جن جا ستسنگي هئا ۽ حضور مهاراج جن سان ڪافي عرصو گڏ رهيا هئا.

٣. ستسنگ ۽ نام دان

حضور جن جڏهن بہ ڏيري ۾ ايندا هئا تہ سمورو وقت باباجي مهاراج جن جي شيوا، ستسنگ ۽ ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. صبوح جو بابا جن جي اشنان لاءِ وڙائچ مان پنهنجي سِر تي پاڻي ڀري ايندا هئا. کوهہ ٺهڻ کانپوءِ وري پاڻ ئي کوهہ مان پاڻي ڪڍي کڻي ايندا هئا. ان کانپوءِ ٻين ستسنگين سان گڏجي لنگر لاءِ پاڻي ڀريندا هئا. باباجن حضور جن کي اها شيوا ڪندي ڏسي هڪ ڏينهن فرمايو، "بابوُ جي، اها پاڻيءَ جي شيوا مون توهان کان پهرين بہ ورتي آهي." باباجي مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ، ستگرو پد جو ڪم سنڀالڻ کانپوءِ بہ جڏهن حضور جن ڏيري ۾ ايندا هئا تہ لنگر لاءِ ڪجهہ پاڻي پاڻ ڀريندا هئا. سنہ ١٩١١ ۾ رٽاير ڪري پڪي طرح ڏيري ۾ اچي رهڻ کانپوءِ بہ ڀنڊاري ۽ آرتوار جي ستسنگ وارن ڏينهن تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ گهاگهر پاڻيءَ جي ڀري لنگر ۾ کڻي پهچائيندا هئا.

باباجي مهاراج جن جي جوتي جوت سمائجڻ کانپوءِ حضور جن جڏهن بہ ڏيري ۾ ايندا هئا تہ ستسنگ کانپوءِ پنهنجو سمورو وقت ڀڄن ۾ ئي سڦلو ڪندا هئا. ٻيبي رکو سندن اڀياس جي بابت چاچا جي سيٺ پرتاب سنگهہ جن کي لکندي رهندي هئي. هڪ خط جي جواب ۾ چاچا جن ٻيبي رکو کي لکيو، "بابو ساون سنگهہ جو ڀڄن لاءِ شوق ۽ اڀياس لاءِ محنت تہ چار چار ڏينهن کوٺيءَ مان ٻاهر ڪو نہ نڪرندا آهن، پڙهي طبيعت نهايت خوش ٿي."

گدي نشينيءَ کانپوءِ حضور جن ڪجهہ سمي تائين نام جي بخشش شروع ڪو نہ ڪئي. ڪين پينشن جو حقدار بڻجڻ لاءِ

ڏينهن اچا حضور جن، هن وٽ وڃڻ جي تياريءَ ۾ هئا تہ خود ئي حضور جن وٽ اچي پهتو. حضور جن فرمائڻ لڳا، ”مان تہ وٽ اچي رهيو هوس.“ هو عرض ڪرڻ لڳو، ”حضور، اڄ مان توهان کان هڪ شيءِ جي ڀيک منگڻ آيو آهيان.“ حضور جن چيس ”ڇا؟“ هن وينتي ڪئي، ”سچي پاتشاه! هڪ ڀيرو انهن چرنن ۾ متو ٽيڪڻ ڏيو.“ حضور جن کيس سمجهايو تہ مان متو ٽيڪائڻ پسند ڪونہ ڪندو آهيان. هوءُ چوڻ لڳو، ”جيڪڏهن هي توهانجو شرير باباجن جو آهي تہ هڪوار متو ٽيڪڻ ڏيو، جيڪڏهن ناهي تہ ڀلي متو ٽيڪڻ نہ ڏيو.“ ڪو پريمي شش ڪيئن ٿو چئي سگهي تہ منهنجي ديهہ منهنجي ستگروءَ جي ڪونہ آهي، سو حضور جن باباجي مهاراج جن جو ڌيان ڪري کيس چيو تہ چڱو ڀلي متو ٽيڪ. جڏهن هن پنهنجو سر حضور جن جي چرنن ۾ رکيو تہ ان گهڙيءَ چوڻ لڳو، ”منهنجي سورهن سالن جي ڪمائي جا بند پيئجي هئي، هڪدم کُلي پيئي آهي ۽ پيو تہ منهنجي سنڀال ٿي رهي آهي.“

حضور جن کي ان ڏينهن آگري وڃڻو هو، پنڊيان حڪم سنگهہ چولو ڇڏيو. انت سمي نهايت ئي خوش پئي لڳو ۽ ستسنگين کي انتر جون ڳالهيون پئي ٻڌايائين ۽ حضور جن جا گڻ ڳائڻ لڳو.

نام دان جي ذميواري سنڀالڻ کانپوءِ جڏهن بہ حضور جن کي موڪل ملندي هئي تہ ڏيري ۾ اچي رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آگري چاچاجي مهاراج جن وٽ پڻ ويندا هئا. چاچاجي کين گڏجي ڏاڍا پرسن ٿيندا هئا. باباغريبداس جن پڻ چاچا جن وٽ ايندا رهندا هئا، اهي پڻ حضور جن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. هڪ دفعي جڏهن حضور جن آگري آيا تہ چاچاجن کين ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. هڪڙي

رهيا نام جي بخشيش شروع ٿي ويئي ۽ ان وقت کان وٺي ايندڙ چاليهن سالن ۾ نه، صرف گرو صاحبن جي ڌرتي پنجاب، پر ڀارت توڙي سنسار جي ڏورانهن ديشن ۾ به نام جي گونجار ڦهلجي ويئي. حضور جن جي پوري زندگي پرمارٿ ۽ سنگت جي شيوا ۾ لڳي ويئي. ستسنگ، نام دان ۽ سنگت جي شيوا بس اهائي هئي سندن روزمره جي جيون. باباجي مهاراج جن جا ستسنگي ۽ ٻيا نوان پرمارٿ جا ابلاشي سندن چرنن ۾ اچي پنهنجي پرمارٿي پياس بجهائڻ لڳا.

حڪم سنگهه نالي باباجي مهاراج جو هڪ ستسنگي هو جو هڪ منٽ به واندو ڪونه ويهندو هو. رات جو ڀڄن ۽ ڏينهن جو شيوا. خوب محنت ڪيائين، اندر جو پردو کلي پيس پر هضم ڪري ڪونه سگهيو. باباجي مهاراج جن چيس، ”حڪم سنگهه، هضم ڪر.“ پر هو چوڻ لڳو، ”هن وقت جيڪڏهن چارئي ويد پڙهيل پنڊت ڪٺي سامهون اچي ته هو مون سان ڳالهائي به ڪونه سگهندو.“ ۽ پوءِ اندر جي راز جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ان تي باباجن سندس اندر جو رستو بند ڪري ڇڏيو. هن ويهن ئي ننهن جو زور لڳايو پر اندر جو پردو نه کليو. ناراض ٿي پنهنجي ڳوٺ هليو ويو. پر باباجن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ وري ڏيري ۾ موٽي آيو ۽ حضور جن جي شيوا ۾ رهڻ لڳو. جيتوڻيڪ اندر جو پردو بند ٿي رهيو مگر ڀڄن کي نه ڇڏيائين، ڪڏهن ناغو نه وڌائين. ڪڏهن به بيڪار ڪونه ويهندو هو. حڪم انوسار ڀڄن ڪرڻ، باڻيءَ جو پاٺ ڪرڻ يا شيوا ڪرڻ اهو سندس روزمره جو ڪم هو. جيڪڏهن ڪا به شيوا ڪانه هوندي هيس ته توڙيون وٺندو رهندو هو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ بيمار ٿي پيو. حضور مهاراج جن روز هن کي ڏسڻ ويندا هئا. هڪڙي

ٿي انسان ڪيئن تندرست رهي سگهندو! ان تي حضور جن فرمائيندا هئا، ”نام امرت آهي، شرير کي نربل ٿيڻ ڪونه ڏيندو. جو نام ساري رچنا کي کڻي بيٺو آهي، ان لاءِ هڪ شرير کي سنڀالڻ ۾ ڪهڙي ڪٺنائي آهي.“ هڪ ڏينهن ڀائي ٻنتاسنگهه ڪانئن پڇيو، ”ڇا حضور جن کي بک نه ٿي ڪانه لڳندي آهي؟“ حضور جن وراڻيو، ”اندر ۾ نام جو اهو ته آهار ملي جو بک جو نالو نشان ئي مٽجو وڃي.“ ان تي وري هن پڇيو، ”حضور جن ته سمهندا بلڪل ٿورو آهن. ڇا توهانکي ننڊ ڪونه ستائيندي آهي؟“ حضور جن فرمايو، ”خوراڪ ۽ ننڊ ماڻهو جيترو به چاهي گهٽائي يا وڌائي سگهي ٿو. اهو سندس هٿ ۾ آهي. زنده رهڻ لاءِ تمام ٿوري کاڌي ۽ تمام ٿوري ننڊ جي ضرورت آهي. ڀڄن ڪرڻ سان اهي ٻئي پاڻمرادو گهٽجي وڃن ٿا.“

هڪ ته حضور جن جو کاڌو بلڪل ٿورو هوندو هو ٻيو سواد ڏانهن ڪوبه ڌيان ڪونه ڏيندا هئا. ڀائي ٻنتاسنگهه ڪيترائي سال حضور جن جو کاڌو تيار ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن هن ڏاڍي امنگ سان حضور جن لاءِ کيرڻي ٺاهي ۽ کاڌي سان گڏ هڪ ڪٽوري ۾ وجهي کڻي آيو. حضور جن کيرڻي کاڌي. جڏهن ٻنتاسنگهه کاڌو کائڻ لڳو ته ڏٺائين ته کيرڻيءَ ۾ غلطيءَ سان کنڊ بدران لوڻ وجهي ويٺو آهي. ڏاڍو ڏکي ٿيو ته هيڏي غلطي ٿي ويئي ۽ ان سان گڏ اهو به ويچار آيس ته کيرڻيءَ جو هڪ چمچو به نه کائي سگهيو آهيان پر حضور جن چپ چاپ سموري کيرڻي کاڌي. سهڪندو حضور جن وٽ آيو ۽ لڳو معافي گهرڻ. حضور جن فرمايو، ”ڀائي! مونکي ته پتو ئي ڪونه پيو.“ اهڙيون ٻيون به غلطيون ڪيترائي دفعا ڪانئس ٿي وينديون هيون. هڪ دفعي ٻنتاسنگهه کير ۾ کنڊ بدران سوجي وجهي

ڏيئي انهيءَ خوشيءَ ۾ اچي حضور جن کي چوڻ لڳا، ”ٻچا! مان توهان سان ڏاڍو خوش آهيان. ٻڌايو توهانکي ڇا کپي؟ جيڪي کپيوَ سو گهري وٺو.“ حضور جن وراڻيو، ”توهانجو ڏنل سڀ ڪجهه آهي، بس صرف توهانجي ديا مهر گهرجي، ٻي ڪنهن شيءِ جي چاهنا ڪانهي.“ چاچاجن جي وري زور ڀرڻ تي حضور جن عرض ڪيو، ”جيڪڏهن ڪجهه بخشڻ جي ئي موج آهي ته پوءِ جيڪو سوامي جي مهاراج جن جو توهان وٽ گرنٿ صاحب آهي، پردان ڪريو.“ چاچاجن گرنٿ صاحب ڪيائي ڏيڻ وقت آنسن ڀريل نيترن سان چوڻ لڳا، ”سوامي جن کي ته توهين پهرين ئي وٺي ويا آهيو. باقي جيڪا هيءَ سندن نشاني مون وٽ هئي، اها به هينئر توهين کڻي ٿا وڃو.“ ائين چئي حضور جن کي سيني سان لڳائي ڏاڍي پريم سان فرمائڻ لڳا، ”وڃو، توهان تي سوامي جن جي ديا مهر هر وقت رهندي.“ سوامي جي مهاراج جن جو اهو گرنٿ صاحب اڄ به ڏيري ۾ باحفاظت رکيل آهي.

ڏيري ڏيري ڏيري جو ڪارڻ وڌندو رهيو. سنگت به پنهنجي ستگرن جي درشن لاءِ وياڪل ٿيڻ لڳي. تنهن ڪري حضور جن اپريل ١٩١١ ۾ وقت کان به سال اڳ، ئي رٽائر ٿي اچي ڏيري ۾ رهيا. هتي اچڻ سان ئي ستسنگ، شيوا ۽ جگياسن سان ڳالهائڻ ۾ ئي سارو ڏينهن مصروف رهندا هئا. باقي جيڪو به ٿورو وقت ملندو هون اهو ڀڄن ۾ سڦلو ڪندا هئا. حضور جن جي خوراڪ شروع کان ئي ٿوري هوندي هئي، ڏيري ۾ اچڻ کانپوءِ ته اها آڳي باقي گهٽ ٿي ويئي. جيڪي شيوادار سندن ويجهو هئا اهو ڏسي ڏاڍو فڪرمند ٿيندا هئا ۽ حضور جن کي پنهنجي خوراڪ وڌائڻ لاءِ عرض ڪندا هئا. هو چوندا هئا ته ايتري ٿوري خوراڪ

ٻه حضور جن جو لنگر ڪٿي نه. حضور جن باباجن کي وينتي ڪئي هئي ته مون ڪڏهن ٻه ڪنهن اڳيان هٿ ڪونه پساريو آهي، انڪري توهانجو لنگر جاري رهي ۽ مونکي سنگت کي ڪڏهن ٻه ائين چوڻو نه پوي ته اڄ لنگر ۾ فلاڻي شيءِ جي ضرورت آهي. ان تي بابا جن فرمايو، ”ٻچا! توهانجي لنگر ۾ ڪڏهن ٻه ڪا کوٽ ڪونه ٿيندي ۽ لنگر ڪڏهن ٻه ڪونه کٽندو. اڄ تائين اهڙو موقعو ڪونه آيو آهي جو لنگر ۾ ڪا شيءِ کٽي پيئي هجي. حضور جن خود لنگر جي شيوادارن کي چوندا هئا ته سنگت کي لنگر وڏي خوشيءَ ۽ پريم سان کارايو. باباجن جو ڀنڊار اکٽ آهي ۽ ڪڏهن ٻه کوٽ ڪانه پوندي.

ٻيو ور حضور جن گهريو ته جيڪڏهن مان ڪڏهن غصي ۾ اچي ڪنهنکي ٻه ڪجهه چئي وهان ته ٻه هن جو نقصان نه ٿئي. ٽيون اهو ته منهنجو اولاد ڪڏهن ٻه ڪنهن اڏو هٿ نه ڦهلائي. هڪ دفعي حضور جن ڳالهين ڪندي فرمايو ته مالڪ جو تهدل شڪر گذار آهيان جو منهنجو اولاد ڪمائو ۽ صالح آهي، پنهنجو پورهيو ڪري کائي ٿو ۽ سات سنگت جي مفت شيوا ڪري ٿو. ڪنهنجي اڳيان هٿ نٿو ٽنگي. چوٿون ور باباجن اهو ڏنو هو ته جنهنکي ٻه حضور جن نام بخشيندا ان جي پوري پوري سنڀال ٿيندي.

ان ئي پرسنگ ۾ حضور جن فرمائيندا هئا ته باباجي مهاراج جن جو اهو ٻه هڪ وچن هو، ”ٻچا! هتي تيسا - ڪنبڻي (چناري ۽ تغاري) هلندي رهندي.“ باباجن جا اهي وچن بلڪل صحيح ثابت ٿيا آهن، جو جنهن ڏينهن کان باباجي مهاراج جن ڏيري ۾ ڪوٺڙيون ۽ نام گهر ٺهرائڻ جي اجازت حضور جن کي بخشي ان ڏينهن کان وٺي چوناري ۽ تغاري برابر هلي رهيون آهن ۽ جاين جوڙڻ جو ڪارج هڪ ڏينهن

چڙهي پر حضور جن اهڙين ڳالهين جي نڪي شڪايت ڪندا هئا ۽ نڪي ناراض ٿيندا هئا.

حضور جن ستسنگ کان ٻہ ٽي ڪلاڪ اڳ پوڄن ڪرڻ پسند ڪندا هئا يا وري ستسنگ کانپوءِ، ڪيترائي ڀيرا ستسنگ جي دؤرن ۾ حضور جن ڪار ذريعي ستسنگ جي وقت ٿي پهچندا هئا. ٿوري دير آرام ڪري ستسنگ لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو سندن سان گڏ آيل هوندا هئا انهن کي کاڌو کائڻ لاءِ چوندا هئا پر پاڻ ڪونہ کائيندا هئا. ستسنگ سماپت ٿيڻ ۾ ڪڏهن شام جا ٽي چار لڳي ويندا هئا. پهاڙن جي دؤرن ۾ تہ خاص طور ائين ٿي ٿيندو هو. سرديءَ جي ڪري ٻنپهرن جو ٻي ٻجي ستسنگ رکيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ رستا سٺا ڪونہ هوندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن خراب رستن يا پاڻيءَ جي نالن سبب موٽر کي ڪافي دير ٿي ويندي هئي ۽ حضور جن ستسنگ کان صرف پنج ڏهہ منٽ اڳ پهچندا هئا ۽ موٽر مان لهي سڌو ستسنگ ۾ وڃي براجمان ٿيندا هئا. ستسنگ ۾ چار لڳي ويندا هئا، پوءِ لنگر ۾ درشني وجهندا هئا، وري ستسنگين کي ملاقات ڏيندا هئا، ڪڏهن ڪنهن پريميءَ جي وينتي ڪرڻ تي هنجي گهر چرن گهمائڻ ويندا هئا. انهن سڀني مشغولين مان فارغ ٿي جڏهن پنهنجي نواس آستان تي پهچندا هئا تہ اڪثر شام ٿي ويندي هئي. صبوح جو هڪ گلاس کير جو پي نڪرندا هئا ۽ وري شام جو ڇهين ستين ٻجي کاڌو کائيندا هئا. اِهي سڀ ڪاريہ وڏي خوشي ۽ پريم سان ڪندا هئا پر ائين ڪڏهن بہ ظاهر ڪونہ ڪندا هئا تہ پاڻ کاڌو ڪونہ کاڌو آٿن يا کين آرام جي ضرورت آهي.

حضور جن ڪڏهن ڪڏهن فرمائيندا هئا تہ مون باباجي مهاراج جن کان ٽي چار وَر ورتا آهن. پهريون اهو تہ ڪڏهن

ٺهيل هو. حضور مهاراج جن ڏيري ڏيري وڙائچ ۽ ٻلسراءِ جي زميندارن کان ڏاڍي پريم سان ڏيري جي پيسن سان زمين خريد ڪئي. جڏهن ۱۹۵۱-۵۲ ۾ مربع بندي ٿي تڏهن ڏيري جي سموري زمين هڪ ئي ڪاتي ۾ ڪئي ٿي. اڄ ڏيري جي چئني طرف ديوار اڏيل آهي ۽ اٽڪل ۲۰۰ ايڪڙ زمين ان ديوار جي اندر آهي. انڪانسواءِ چوديواريءَ ٻاهران پڻ ڏيري جي ڪافي زمين آهي. ديوار جي ٻاهر بياس نديءَ پاسي ٿوري ٽڪر کي ڇڏي باقي سڀني طرف رستا ٺهيل آهن.

هڪ دفعي حضور جن وارتالاپ ڪندي فرمايو، ”ڀائي! مون ته ڪجهه به ڀڄن سمرن ڪونه ڪيو آهي پر باباجي مهاراج جن مونکي مفت ۾ بخشيو آهي.“ ڀائي بنتاسنگهه جو اُتي موجود هو، چوڻ لڳو، ”حضور! اهو ڇهن ڇهن ۽ نون نون ڪلاڪن جو ڀڄن، ٽي ٽي ڪلاڪ هڪ ئي آسڻ ۾ ويهڻ، بک، پياس ۽ ننڊ جي پرواهه نه ڪرڻ - اهي سڀ ڪنهن به شمار ۾ ڪونه آهن ڇا؟“ حضور جن فرمائڻ لڳا، ”نام ڏاڍي بي بها وستو آهي جي سيس ڏيندي ملي ته به سؤدو سستو آهي.“

جڏهن بنتاسنگهه حضور جن جي محنت، اُپياس ۽ ساڌنا جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو ته لڄ کان ڀارجي ويندا هئا. حضور جن اڪثر ستسنگ ۾ فرمائيندا هئا، ”ڀڄن ڪرڻ جوانيءَ جو موت مرڻو آهي. اهو ڪائرن ۽ ڪمزورن جو ڪم ناهي. رات جو جاڳڻ، گهٽ کائڻ، سڀني قسمن جون تڪليفون برداشت ڪرڻ، من کي لڇائن کان موڙڻ - اهو آسان ڪم ڪونهي.“ وري فرمائيندا هئا، ”اهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿي سگهندو جڏهن سچو ڏينهن ستگروءَ جي پيار کانسواءِ ٻئي ڪنهن پيار لاءِ دل ۾ جاءِ ئي نه

لاءِ ٻه رکيو ڪونهي. وڌندي وڌندي اڄ ڏيرو هڪ وشال ڪالوني ٻڻجي پيو آهي. باباڻن جي وچن انوسار اڄ ٻه عمارتن ٺهڻ جو ڪاريه لڳاتار جاري آهي.

انهن ڏينهن ۾ ڏيري ۾ بلڪل ٿوريون جايون ٺهيل هيون. ٻاهران آيل سنگت، ستسنگ گهر، لام گهر، ورانڊن، چوٻارن وغيره ۾ اچي رهندي هئي. ڪي آفيسر يا پڙهيل لکيل ماڻهو پنهنجن ڇهن نندين ڪوٺڙين ۾ رهندا هئا. ٻيا سڀئي زمين تي سمهندا هئا ۽ پنهنجا بسترا بلڪل هڪ ٻئي سان لڳائي وڇائيندا هئا. صبوح جو ساري سنگت ضروري حاجت لاءِ ڪڏن ڪوٻن ۾ ويندي هئي. اشنان لاءِ يا ته درياهه هو يا کوهه. خود حضور مهاراج جن پرڀات ڪال جو نت ڪريا لاءِ جهنگل ۾ ويندا هئا ۽ کوهه تي اشنان ڪندا هئا. اڄا ٻجلي ڪانه آئي هئي. اسٽيشن کان ڏيري ۾ پيدل ئي اچڻو پوندو هو ۽ رستو ڪيڏن مان هوندو هو.

جڏهن حضور جن ڏيري ۾ اچي رهيا ته پاڻ ٻه ڪم هٿ ۾ کنيائون، هڪ ڏيري جو واڌارو ۽ ٻيو سنت مت جو پرچار. جيئن جيئن سنگت وڌندي رهي مڪان ٺهڻ شروع ٿيا. ڏيري ۾ اندريون سڙڪون تيار ٿيڻ لڳيون ۽ سنگت شيوا ڪري اسٽيشن کان وڙائچ ڳوٺ کان اڳيرو سڙڪ ٺاهي ڇڏي. حضور جن آسپاس جا کيت خريد ڪيا ۽ ڏيري جي وڪاس جو ڪاريه شروع ٿيڻ لڳو، جيترا ٻه مڪان ۽ رستا وغيره ان وقت ٺهيا سڀ حضور جن جي زير نگراني ۽ رهنمائيءَ ۾ ئي ٺهيا. حضور جن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ان ڪاريه جي ديکڀال ڪندا هئا، ساڳئي وقت سنگت ٻه سنڌن موجودگيءَ ۾ اتساهه سان شيوا ڪندي رهندي هئي.

جنهن وقت باباجي مهاراج جن هتي اچي رهيا هئا تڏهن وڙائچ ۽ بلسراءِ جي وچ ۾ بلڪل ٿوري زمين تي ڏيرو

ڪمري ۾ ويٺا هئاسين. اڃا حضور جن تشريف وٺي ڪونه
آيا هئا. راولپنڊيءَ جي ائڊووڪيٽ لالا ڏنراج (جو اڄڪلهه
دهليءَ ۾ آهي) جو پٽا مٿياداس جي به موجود هئا. هنن
ڪيترو وقت حضور جن جي هٿ هيٺ نوڪري ڪئي هئي.
اسان انهن تي حضور جن کان اهو سوال پڇڻ لاءِ زور ڀريو.
حضور جن جي تشريف وٺي اچڻ تي هن سوال پڇيو،
حضور! توهين ڀڄن ڇو ٿا ڪريو؟ حضور جن کي ڀڄن
ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟" پهرين ته حضور جن
ڳالهه کي ٽارڻ لاءِ ڪوشش ڪندي چيو، "ڀڄن سڀني کي
ڪرڻو پوندو آهي، ڀلا ڀڄن نه ڪجي ته ٻيو ڇا ڪجي؟ پر
لالا مٿياداس ڇڏڻ وارو ڪٿي هو. عرض ڪيائين، "باباجي
مهاراج جن ته حضور جن کي نام ڏيڻ وقت ئي روحانيت جي
دولت سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو. فرمايو هئائون ته توهانجي جا
امانت اسان وٽ هئي سا توهانجي سپرد ڪري رهيو آهيان.
آخري ڏينهن ۾ باباجن ائين به ته فرمايو هو ته جيڪو به
سندن پويان ڪم ڪندو اهو ڪانئن ڇوٽو تپ تيج وارو
هوندو، پوءِ به حضور جن ڀڄن ڪرڻ جي تڪليف ڇو
ٿا وٺن."

بابا نظام الدين ملتان وارو به ان وقت اُتي موجود هو،
جنهنکي بابا جئمل سنگهه جن نام بخشيو هو ۽ تمام پراڻو
ستسنگي ۽ ڪمائيءَ وارو مهاتما هو. حضور مهاراج جن پڻ
هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. لالا مٿياداس جو سوال ٻڌي
هڪدم بابا نظام الدين چوڻ لڳو، "بابوُ جي، اهو سڀ ڀڄن
سمرن اسان لاءِ ۽ توهان لاءِ ڪيو وڃي ٿو. 'نظير خود مجاهدا'
يعني خود اڀياس ڪري پنهنجي مثال ڏواران سنت جيون
کي سيکارين ٿا ته مالڪ سان پيار ڪهڙي طرح ڪجي.
جيڪڏهن هوُ پاڻ ڪري اسانکي نه سيکارين ته اسين جيڪر

هوندي ۽ اڀياسي هرهڪ سوانس جي چوڪيداري ڪري
۽ ڏسي تہ چت ۾ گروءَ جي موهڻي مورت ۽ سندس ياد
ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ويچار تہ نٿو اُٿي. من جي پوري ورتي
گروءَ جي چرنن ۾ لڳي رهي ۽ ٻاهر سنسار ۾ صرف پنھنجي
فرض اَدائي نباهڻ لاءِ ورتي. تڏهن ئي وڃي سندس ڪجهہ
پرمارٿي ڪاريہ ٻڻجندو." اهڙي طرح هڪ ڏينهن حضور جن
فرمايو، "سمرن سان ايترو پيار هئڻ کپي جو ڪن پر بہ سمرن
نہ وسري. پپيهي وانگر اَنئي پهر رٽ لڳي رهي. جنھنکي
سمرن سان پيار ڪونهي سمجهو تنھنکي تہ گروءَ جي عشق جي
اڃا تہ هوا ئي ڪونہ لڳي آهي. زباني جمع خرچ سان مالڪ
جي پراپتي نٿي ٿئي. هي تہ ڪرڻيءَ جو مارگ آهي. جو
سر نٿو ڏيئي سگهي اهو اُن پرماتما کي پائي بہ نٿو سگهي.
جيسين هن دنيا جو پيار نہ ڇڏيندو، ستگروءَ جو پيار جاڳندو
بہ ڪيئن؟"

ڪيترائي دفعا اسانجي من ۾ اهو سوال پيدا ٿيندو آهي
تہ حضور جن خود ڪل مالڪ، ساڪيات ستپرش، سڀڪنھن ۽
انامي جا سوامي آهن ۽ سنت جائي جي ڪان ئي سنت هوندا
آهن، پوءِ بہ حضور جن کي ڀڄن سمرن ڪرڻ ۽ ايترا ڪشت
سهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ۽ اڃا بہ حضور جن فرصت
جو وقت ڀڄن سمرن ۾ وتيت ڪن ٿا ۽ رات جو ٻين ٻجي
اُٿي ڀڄن ۾ وهن ٿا. گرو نانڪ صاحب، سوامي جي مهاراج،
باباجي مهاراج ۽ ٻيا سڀ سنت ڀڄن ڪندا رهيا آهن.
انهن کي ايتري ڀڄن ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي؟ پر
اسان مان ڪنھنکي بہ حضور جن کان ان سوال پڇڻ جي همت
ئي نٿي ٿي. حضور جن جو رعب ئي اهڙو هو جو انهن
ڪان ڪوبہ شخصي سوال پڇڻ لاءِ زبان ئي ڪونہ ڪلندي هئي.
هڪ دفعي اسين پنج ڇهہ ستسنگي حضور جن جي

ڪاوڻ آهي تہ دنيا کي اصلي ليکيو ويو آهي پر پرمارٿ
کي رسمي سمجهيو ويو آهي. جهڙيءَ ريت ٻيا ڪم
محنت ۽ پختائيءَ سان سر انجام ڪيو ٿا، اهڙيءَ طرح ئي
ڀڄن نيم ۽ پريم سان ڪندا رهو. اڄ ڪان توهان لاءِ اهو
بلڪل واجب ۽ ضروري آهي تہ ڀڄن واسطي وقت مقرر
ڪريو. وقت جي پابنديءَ بنا ڀڄن ٿي ڪو نہ سگهندو.
جيڪڏهن نيم نٿا نباهيو تہ روٽي بہ حرام ڪري سمجهو.
من اهڙي طرح ئي وس ۾ اچيٿو. اهو ئي من کي وس ۾ رکڻ
جو نسخو آهي، جو توهانکي لکيو ويو آهي. اي پيارا!
ان تي عمل ڪريو ۽ هلندي ڦرندي جاڳندي انجو خيال رکو.

سڀ سنگت طرفان راڌا سوامي
ڏيرا بابا جئمل سنگهه ساون سنگهه
١٩٢٠-١١-٣

حضور جن جو درشن:-

حضور جن جو شان، تيج ۽ سندن سندرتا جو ورنن تہ موجوده زماني جو ڪو والميڪ، ويد وياس، يا گوسوامي تلسيداس ئي ڪري سگهيٿو. لنبو قد، ڀٽلو سبول سرير ڪومل انگ، ڪرپا، ڪروڻا ۽ مشڪ ڀريو پرسن مکہ، ويڪري پيشاني، چهري تي روحاني نُور ۽ چپن تي من موهيندڙ مرڪ، سندن اهڙي رمڻيڪ صورت کي ڏسڻ سان من ڪڏهن بہ نٿي ڍاپيو. اهائي چاهنا ٿي رهي تہ تڪيندو ئي رهان. نيتر اهڙا اوجل موهيندڙ ۽ آنند ميہ، ڄڻ تہ هڪ جهرڻو آهن جن مان دِيا ۽ مهر جون لڳاتار ڌارائون پيئون نڪرن، ائين پئي لڳو تہ بس، انهن نيترن ۾ تہ اَمرت سمايو ئي پيو آهي، جن انهن جو ديدار ڪيو اهو اَمر ٿي ويو. سهاوني ۽ سندڙ مکڙي جي ورنن ڪرڻ ۾ تہ سرسوتي بہ اَسمرٿ آهي. حضور جن ڳالهائيندا هئا تہ سندن مکہ مان ڄڻ تہ

سگهي به نه سگهون."

حضور جن کلهي فرمائڻ لڳا، "ڪري ڏيکارڻ ڪانپوءِ به ڪو ورلو ئي ڪري ٿو." ان تي بابا نظام الدين چيو، "ٺهڪري أي ته انهن جي بدران حضور جن کي ڪرڻو پوي ٿو."

حضور جن هميشه پنهنجن سمرن تي زور ڏيندا هئا. پاڻ سدائين نيم سان پنهنجن ڪندا هئا ۽ سنگت کي به پنهنجن ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا هئا. سن ١٩٢٠ ۾ جڏهن ڪپورٿلا رياست ۾ مونکي وڏي عهدي واري نوڪري ملي ته مون خط ذريعي حضور جن کي اها سوچنا ڏني ۽ ان ڪرپا لاءِ سندن شڪرگذاري ڪيم ته حضور جن لکيو:-

غزيزم (منهنجا پيارا) بابو دريائي لعل جي، راڌاسوامي!
حضور ستگروءِ مهاراج جن جي دبا توهان تي ٿيندي رهي. توهانجو پريم پتر مليو. پڙهي خوشي ٿي ته توهان کي آرام واري نوڪري ملي. جڏهن مالڪ توهانکي آرام بخشيو آهي ته پوءِ توهان لاءِ پڻ اهو لازمي آهي ته هاڻي پنهنجن ۾ لڳو چاڪاڻ ته پنهنجن بنا جيئڻ جو ڪو به نڪاڻو ڪونهي. آدمي دنيوي ڪمن ڪارڻ ۾ ته محنت ڪري ٿو، ڪوشش به ڪري ٿو، خيال به رکي ٿو، پر جڏهن پنهنجن جي مهل ٿئي ٿي ته مونکي چئي ٿي موڪلي وڃي ته "مونکان پنهنجن ڪرايو." نه! ائين نه ڪرڻ کپي. اها گرمکتا ڪانهي. ڪرڻ ته ائين کپي ته جيئن ٻين ڪمن ۾ غفلت نٿي ڪجي تيئن پنهنجن ۾ به غفلت نه ڪرڻ کپي. ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته پنهنجن جو ستسنگيءَ جو اهم فرض آهي، انجي بلڪل پرواهه نٿو ڪري. جهڙيءَ طرح ٻين ڪمن لاءِ مالڪ جي چرنن ۾ پڪار ڪريون ٿا ته اهي پورا ٿين، پر پنهنجن جي سنبنڌ ۾ ائين بلڪل ڪونه ٿو ڪيو وڃي. ان جو اهو

چندرما لهجي ٿا تين، انهن جي انگن جي مهما جو ذڪر ڪهڙن اکرن ۾ ٿو ڪري سگهجي! گوسوامي تلسيداس گروءَ جي چرنن جي هڪ نُنهن جي باري ۾ لکن ٿا :-

"شري گرو پد نکه من گن جوتي، سمرت ديه درشٽ هيه هوتي
دلن موهه تم هنس پرڪاسوُ، بڙي ڀاڳ اُر آو نهه جاسوُ
اُڌر نهه بمل بلوچن هيڪي، مٽهه دوش دک ڀور جني ڪي
جتا سڃنجن آنج درگ، ساڌڪ سڌ سڄان،
ڪؤتڪ ديکهن شئل بن، ڀوُتل ڀور نڌان."

ارٿات، گروءَ جي چرنن جي هڪ ننهن جو پرڪاش رتنن ۽ مڻين جي ڀريل سمنڊ جي پرڪاش سمان آهي. هن جي چرنن جي سمرن سان انتر ۾ دويه درشٽي کُلي پوي ٿي. هنجي سوريه روپي پرڪاش ڪارڻ موهه روپي اندڪار ناس ٿي وڃي ٿو. اهو وڏو ڀاڳيشالي آهي جنهن جي انتر ۾ اهو سمائجي وڃي. انجي پرڪاش سان هرديه جا نيتر کلي پون ٿا، ۽ سنسار روپي انڌيري رات جا مڙيئي دک، دور دفع ٿي وڃن ٿا. جن بہ ستگروءَ جي چرنن جي رج جو سرمو پنهنجي اکين ۾ پاتو، اهي ساڌڪ، سڌ ۽ سڄان بڻجي پيا ۽ پنهنجي اندر ۾ انيڪ پرڪار جي ليلا ڏسندا رهن ٿا.

حضور جن عام طور سفيد وستر پهريندا هئا. اَڇي دستار، اَڇو جئڪيٽ، اَڇو ڪرتو ۽ پئجامو سندن لباس هوندو هو ۽ جڏهن ڏيري کان باهر ويندا هئا تہ مٿان سفيد ڪوٽ بہ پهريندا هئا. سفيد پڳڙي ۽ سفيد وسترن سان سفيد سدا سونهاري ڏاڙهي، ڏاڍي سندر ۽ خوبصورت لڳندي هئي. حضور جن جي شخصيت تہ اُئين ئي دلفريب ۽ من کي مست ڪرڻ واري هئي پر سفيد وستر تہ آقي باقي چڙهه تہ سوني تي سهاڳي جو ڪم ڏيئي رهيا هئا. اهڙي حشمت ۽ رعب ڪنهن ورلي ۾ ڏسڻ ايندا آهن. دل چاهيندي هئي تہ

موتي پيا وسندا هئا.

حضور جن جو سڀاءُ ڏاڍو خوشمزاج هو. جڏهن به ڪا کل چرچي جي ڳالهه ٻڌندا هئا ته سندن اکين، نڪ ۽ منهن، مستڪ، چپ مطلب ته انگ انگ مان کل ڦٽي نڪرندي هئي. ٻار جهڙي سرل، نشڪپٽ مڌر مشڪ جي ڪري سندن منوهر مکڙو لالائيءَ سان چمڪي پوندو هو. ڊگهين نوڪدار ناسڪائن کان هيٺ، چپن کي ڇهندڙ برف جهڙيون سفيد مڇون، صاف ستري نرمل ڏاڙهيءَ سان گڏجي چهري جي روعب ۽ حشمت کي سرس ۽ سوايو ڪري ٿي ڇڏيو. سامهون ايندڙ راجائن ۽ راڻين جا مستڪ به ادب وچان جهڪي ٿي ويا. ڏائي ڳلي تي اک کان هيٺيرو هڪ ڪارو تر هو جنهنجي خوبصورتيءَ اڳيان خواجه حافظ جي لفظن ۾ ته سمرقند ۽ بخارا جي بادشاهت جي قيمت به ڪجهه ڪانه هئي. ساڄي ڳلي تي پائليءَ جي برابر هڪ گول نشان هو. جنهنجي ڪارڻ سبب ڏاڙهيءَ جي پاسي وارا وار پڻ ڪارا لڳي رهيا هئا. اهو نشان مشهوري ۽ مهانتا لاءِ شڀ ڳڻيو ويندو آهي. مستڪ جي نڪ جي سڌائيءَ ۾ مٿين طرف پنج سڌيون ريکائون هيون. لنبيون ٻاهون گوڏن تائين پهتيون ٿي. چرن ڪملن جي سندرتا جو ڪهڙو ورنن ڪريان! ڏسڻ سان ئي دل چاهيو ٿي ته انهن کي چمان ۽ انهن کي لپٽي پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکان. جڏهن به انهن پوتر چرنن ۾ سر جهڪائڻ جو سوڀاڳ پراپت ٿيندو هو ته اندر جو اندڪار ۽ من جا مڙيئي ڏک سور دور ٿي ويندا هئا ۽ هردو ٺري پوندو هو ۽ ڪيترائي ڏينهن بلڪ ڪيترن هفتن تائين ان انوکي آنند جو اثر آتما تي ڇانيل رهندو هو.

اعليٰ سرڪار جي ڪهڙي انگ جو ورنن ڪريان؟ جن جي هڪ روم جي اڳيان ڪروڙين سورج ۽

ڏيري ۾ آيو تہ حضور جن جي درشن ڪرڻ بعد امريڪن
ستسنگين کي پنهنجي هڪ خط ۾ لکيائين "ڪاش! مان
ستگرن جي سروپ جو ورنن ڪري سگهان. پر توهان ڪڏهن
سج لهڻ جي سندر درشيہ جي ورنن ڪرڻ جي ڪوشش
ڪئي آهي؟ ڪو بہ شهنشاهہ اهڙو رعبدار نہ ٿي سگهندو
۽ سندس شان بہ اهڙو جنهن ۾ دل کي ڪشش ڪندڙ
اُتم نهٺائي ۽ مدر نمرتا سمايل هجي. سندن آواز ڏاڍو،
صاف ۽ مٺو آهي جڻ تہ چانديءَ جون گهنڊيون پيئون
گونجن. هنن جي منوهر مشڪ ديا مهر سان ڀرپور آهي ۽
اهو بلڪل صاف چٽيءَ طور ڏسي سگهجي ٿو تہ سندن
ڪومل هردي ۾ سڀني لاءِ پريم ۽ ڪرپا جي ڀاونا سمايل
آهي. انهن وٽ هڪ ڪلاڪ وهڻ ڪانپوءِ انهن جي لاثاني
سروپ ڪانسواءِ مان ڪجهہ بہ سوچي نٿي سگهيس. انهنجي
پاڪيءَ جو رسيلو ميٺاج هينئر بہ منهنجي انتر ۾ گونجي رهيو
آهي. انهنجي موجودگيءَ ۾ سمورو واتاورڻ هڪ انوکي
پرڪاش سان پيو چمڪندو هو. درشن ڪرڻ سان سمجهہ ۾
ايندو تہ حضور جن جو ورنن ڪرڻ ڪيئن نہ ناممڪن آهي.
انهن جو درشن ڪري مان سڀ ڪجهہ ڀلائي ويٺو آهيان.
سندن سهڻي صورت اڄ بہ منهنجي نيترن ۾ گهمي رهي آهي،
مون هن کان اڳ ڪڏهن بہ اهڙي من موهڻي مورت جو
درشن ڪونہ ڪيو آهي. مون کي ڪلپنا ۾ بہ ڪونہ هو تہ
اهڙو انسان بہ ٿي سگهي ٿو"

حضور جن جو ستسنگ، دل کي ڇهندڙ، آلوچنا رهت ۽
اثرائتو هوندو هو. سندن آواز مٺو، سريلو ۽ بلند هو.
پٽي پٽي ڪلاڪ ستسنگ ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ٿڪ جو نالو بہ
ڪونہ ڏسڻ ۾ ايندو هو. جڏهن حضور جن ستسنگ لاءِ اچي
براجمان ٿيندا هئا تہ انهن جي نهايت ئي سندر ۽ موهڻي

ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُڪ، ٻہ ٽہ ڇنڇجي مگر ديدار ڪندو ٿي رهجي.

هڪڙي ڳالهه تي ياد اچي، اها سنه ۱۹۱۴-۱۹۱۵ع جي ڳالهه آهي. ان زماني ۾ مان جالندر ۾ وڪالت ڪندو هوس. منهنجو هڪڙو مسلمان دوست چوڌري رحيم بخش صاحب ايم. اي؛ ايل. ايل. بي. به اُتيئي وڪالت ڪندو هو، جو پوءِ لاهور ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو هو ۽ آخر ۾ پرنسپال جي عهدي تان رٽاير ڪيو هئائين. سندس مرشد هڪ چڱو رسائيءَ وارو بزرگ هو. هڪ دفعي مان ۽ سردار ڀڳت سنگهه وڪيل حضور جن کي اسٽيشن تي ڇڏڻ وياسين. گاڏي ليٽ هئي؛ حضور جن پليٽفارم تي ٽهلڻ لڳا. قسمت سان چوڌري رحيم بخش ۽ سندس مرشد به اسٽيشن تي آيا هئا. جڏهن هنجي مرشد حضور جن کي ڏٺو ته اُتيئي بيهي ويو ۽ ٽڪٽڪي لڳائي حضور جن کي ڏسڻ لڳو. جيڏانهن به حضور جن ويا ٿي ته هن پنهنجو منهن حضور جن ڏانهن ٿي ڪيو. پنج ڏهه منٽ اهائي حالت رهي. آخر هن کان رهيو نه ٿيو. حضور جن وٽ اچي چوڻ لڳو، ”توهانجي چهري جو نور ۽ روحاني جلال اهڙو پيارو ٿو لڳي جو جيءُ چاهي ٿو ته ڏسندو ئي رهان.“ حضور جن فرمايو، ”اها توهانجي هردي جي اُدارتا ۽ پاڪيزگي آهي باقي مون ۾ ته ڪابه خوبي ڪانهي.“ تنهنتي هو چوڻ لڳو، ”بزرگن جي واتان اهڙا نياز ۽ نمرتا ڀريل سخن ڪهڙا نه سهڻا ۽ دل کي ڇهندڙ لڳن ٿا.“ پوءِ به جيستين ٽرين آئي حضور جن سان وارتالاپ ڪندو رهيو. ٻئي ڏينهن چوڌري رحيم بخش ٻڌايو ته حضرت جن چئي رهيا هئا ته توهانجا حضور جن فقيرن جا شهنشاهه آهن.

پرسڌ امريڪن سنسنگي ڊاڪٽر جانسن جڏهن ۱۹۳۲ ۾

هئا. انهن جو هر هڪ لفظ هڪ اهڙو اڪسير مرهم هو جو
سنگت جي دکي ۽ تتل هردن کي سيتلتا ۽ شانتي پردان
ڪندو هو. هر هڪ شبد امرت جي سهاوڻي بوند هئي جا
انهن جي پياسي آتمائن کي ترپت ڪندي هئي. سنگت
ڪافي وڏي تعداد ۾ ڪين بلڪل شانتيءَ ۽ غور سان ٻڌندي
هئي. نر نارين ٻار ٻڍا هرڪو پاڻکي وساري وهندو هو
۽ سڀ چپ چاپ شانتيءَ سان ويٺا رهندا هئا. حضور جن جو
سدا سهاوڻو مکڙو عجيب نور، اگاڌ پريم ۽ شانتيءَ سان پيو
ٻهڪندو هو. اهو هڪ اهڙو اڏيت ۽ موهت ڪندڙ نظارو
هو جو دل جي پٽيءَ تان ڪڏهن به ميسارجڻ جو ڪونهي.
مهاراج جن جي مڌر ۽ گنڀير باڻي ٻڌندڙن کي پنهنجي ميٺاج
۽ سرلتا سان موهي مست ڪري ڇڏيندي هئي. هر هڪ
شخص آتمڪ جاڳرتي، آنترڪ سڦلتا ۽ آنند ميه تازگي محسوس
ڪندو هو.*"

حضور جن جو سڀاءُ ۽ اعليٰ چرتر:-

پنجين پاتشاهي گرو ارجن ديو جن جو وچن آهي-

"هر ڪا سيوڪ سو هر جيها،
ڀيد نه جاڻهه مانس ديها."

ارٿات هريءَ جو سيوڪ هريءَ جو ئي روپ هوندو
آهي. منش ديهه ڌارڻ ڪئي آئس انکري ان ۾ ۽ هريءَ
۾ ڪوبه ڀيد نه سمجهو. ان ۾ ته ذرو به شڪ ڪرڻ جي
گنجائش ڪانهي ته پرماتما ۽ ان جي پيارن سنتن جي وچ ۾ صرف
ديهه جو پردو ڏسڻ ۾ اچيٿو مگر حقيقت ۾ انهن ۾ ڪوبه
ڀيد ڪونهي. هڪ ٻئي مهاتما جو ڪٿن آهي، "هر هرجن
دوئي ايڪ هئه، ٻب ٻچار ڪڇ ناهه." پرماتما ۽ ان جا

* حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي ستسنگن جو انگريزيءَ
۾ ڇپيل پستڪ جي ڀومڪا تان ورتل.

مورت جو درشن ڪري کهڙو نه ملول ۽ گندو هردو باغ بهار ٿي پوندو هو ۽ ناپاڪ اکيون نه ٽڪٽڪي لڳائي، ان انوکي ديدار جو لطف وٺنديون هيون. ستسنگ ۾ جڏهن حضور جن ڪڏهن ڪٿي مشڪندا هئا يا کلندا هئا ته ائين لڳندو هو ته امرت جي ورکا ٿي رهي آهي ۽ سموري فضا خوشنما ۽ آنندمي بڻجي پيئي آهي. سندن اُتي پوتر ستسنگ جنم جنمانترن جي ملين سنسڪارن کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏيندو هو. حضور جن جي ستسنگ ۾ اچي نهايت غليظ ۽ وڪاري جيون ۾ به اهڙو ڦيرو اچي ويندو هو جو سمجهبو هو ته جڻ جائي جم کان ئي نيڪ پاڪ هئا. حضور جن جا پريم ڀريا وچن، ٻڌندڙن جي دلين کي قابو ڪري ڇڏيندا هئا. ستسنگ ۾ اڪثر ڪري سنگت جي نيڻن مان آنسون ٽپڪندا نظر ايندا هئا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ درشن ڪرڻ کانپوءِ به سنگت ڍاپجندي ڪانه هئي ۽ نيڻن اهوئي پئي چاهيو ته ان الوڪڪ ۽ مهان موهڻي مورت کان هڪ پل به پري نه ٿيون.

حضور مهاراج جن جي ستسنگ جي باري ۾ مهاراج چرن سنگهه جن فرمائين ٿا:-

” حضور مهاراج جن جا ستسنگ اڄ به منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن. هزارين ماڻهن چاليهن سالن تائين انهن کي سنسار جي سڀني وستن کان وڌيڪ مهتوپورڻ ڪري ڄاتو آهي. حضور جن جي مکاربند مان نڪتل هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ شبد انهن جو جيون ۽ پراڻ ئي بڻجي پيو. انهن جا ستسنگ آنند ۾ لين ڪري ڇڏيندا هئا، رهبري ۽ رهنمائي ڪندا هئا. لوڪن جي دل ۽ جان کي موهت ڪري ڇڏيندا هئا، انهنجي سوالن جا جواب، انهنجي شنڪائن جو سماڌان ۽ انهن جي هر ضرورت پوري ڪندا

نندا يا نڪته چيني ڪندو ڪونه ڏٺو. ٻين جي عيبن کي ڍڪڻ ته سندن سڀاءُ جو هڪ انگ هو. اڪثر ڪري فرمائيندا هئا، ”سڀ انسان هڪ ئي پرماتما جو اولاد آهن ۽ اسان جا ڀائر آهن پوءِ ٻرو ڪنهن کي چئون“ اهائي هدايت ڪندا هئا، ”ڪنهنجي به برائي نه ڏسو، پنهنجي نظر صرف هن جي گڻن تي رکو. ڪو به اهڙو انسان ڪونهي جنهن ۾ ڪو نه ڪو گڻ نه هجي. جيڪڏهن اسان کي ڪنهن ۾ ڪو به گڻ نظر نٿو اچي ته اهو اسان جي اکين ۽ اسان جي دل جو قصور آهي نه ته مالڪ ته ٻني بشر ۾ موجود آهي.“

ٻار، ٻڍو، جوان، امير، غريب، تندرست، بيمار، خوبصورت، بدصورت، چرترواڻ يا چرتر هيڻ - سڀني کي حضور جن هڪجهڙي پريم ڀري درشٽيءَ سان ڏسندا هئا. ڪير پياڪ ٻالڪ کان وٺي وڏيءَ ڄمار واري بزرگ تائين هرڪو ائين سمجهندو هو ته حضور جن منهنجا آهن. ننڍڙا ٻالڪ سندن چرنن کي پڪڙي ايترو ئي گد گد ٿيندا هئا جيترو ڪ گنڀير بزرگ سندن مکار ٻند مان ڪنهن منجهل مسئلي جو حل ٻڌي خوش ٿيندا هئا. مهاراج جن جو هردو اهڙو ته ڪومل هوندو هو جو ڪنهنجو به دک ڏسي ڪونه سگهندا هئا. ڪو به ڏکن جو ڏتل، مصيبتن جو ماريل اچا سندن سنمک ايندو هو ته سندس سمورا مندا ڪرم پاڻ تي هموار ڪري ڇڏيندا هئا پر ڪڏهن به اُن بابت چپ ڪين چوريندا هئا. پر جيڪڏهن ڪو ٻيو ان جو ذڪر به ڪندو هو ته کيس منع ڪري ڇڏيندا هئا.

هڪ ڳالهه ياد آئي اٿم جنهن جو مون سان واسطو آهي، جون ١٩١١ يا ١٩١٢ ۾ ڪو موڪل جو ڏينهن هو. مان حضور جن جي درشن لاءِ ڏيري آيو هوس ۽ قريب ڏيڍ ٻي ٻجي منجهند جو اچي پهتو هوس. ان وقت سيئي پوڄن ڪري

پيارا سنت جن هڪ ئي هوندا آهن، انهن ۾ ڪا به علحدگي ڪانهي. تنهن ڪري حضور جن جي سڀاءَ ۽ اوچي چرتر جو ورڻن ڪرڻ جهڙو ته اڻ انت، اپار، الک ۽ اگم جي گڻن جو ورڻن ڪرڻو آهي جتي من ۽ بڌيءَ جي پهچ ئي ڪانهي. پنهنجي انڀو جي آڌار تي مان ته صرف ايترو ئي چئي سگهان ٿو ته حضور جن ديا جا ڀنڊار، پريم جا ساگر، ڪروڻا ۽ ڪرپا جا اٿاهه خزانا ۽ مهر ميا ۽ سخاوت جا صاحب هئا. جيڪڏهن کين پراپڪار ۽ اُدارتا جي کاڻ، رحم ۽ بخشش جو مهراڻ ڪري سڏجي ته به غلط نه ٿيندو. جڏهن به ڪو پاپي يا گنهگار سندن سامهون ايندو هو ته رحمت جو ساگر موج ۾ اچي هن جي پاپن جي سموري ميل ۽ غلاظت کي ڌوئي صاف سٿرو بڻائي ڇڏيندو هو. ديا ۽ ڪميا وارو نهايت پوتر هٿڙو هن جي مٿي تي رکي فرمائيندا هئا ته جيو پالڻ هار آهي. جيترو ئي زياده پاپي هوندو هو اوترو پربل لهر سندن ديا جي ساگر مان اُٿندي هئي. صرف سندن سنمک، اچڻ سان، اُن جيو جا ڀلا برا ڪرم، پاپ پڃ، اهڙا صاف ۽ سپشٽ کين ڏسڻ ۾ ايندا هئا جيئن ڪنهن شفاف شيشي جي بوتل ۾ رکيل شيءِ ڏيکاري ڏئي. پر ڪيترو به ڪٺي ڪو پاپي يا گنهگار هوندو هو ته به حضور جن ڪڏهن به هن جي اوگڻن جي اوگهڙ ڪونه ڪندا هئا ۽ نڪي طعني سندو تير هڻي سندس دل ڏکائيندا هئا. مون حضور جن جي مکاربند مان ڪڏهن به ڪو آلوچنا يا طعني جو وچن ڪونه ٻڌو. پاڻ فرمائيندا هئا "سنت جيون جا پاپ ڪونه ڏسندا آهن. جيڪڏهن هو اسان جي ڪرمن کي ويچارين ته جيڪر ڪو به جيو هنن وٽ وهڻ جي لائق ڪونهي." حضور جن کي ته ڪو برو ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو هو. هنن جي دل ۾ ته سڀني لاءِ ديا ۽ مهر جو ڀاو ڀريل هوندو هو. مون ته کين ڪڏهن به ڪنهن جي

جي نواس استان پنڌيان هڪ ڪچي ڪوٺڙي هئي جنهن جو در ٻارهن دريءَ ڍانهن کُلندو هو. حضور جن ان ۾ پساٽي چٽڪارائي، کٽ وڇارائي. ڀائي ٻنتا سنگهه ان تي هڪ فراسي ۽ کيس وڇايو ۽ وهاڻو ناهي رکيو. پوءِ ٻنتا سنگهه کي حڪم ڏنائون ته مٽان سندن ڪمري ۾ پيل گهگهيءَ مان پاڻي ڀري اچي مونکي پياري ۽ هڪ ننڍي گهگهي پاڻيءَ سان ڀري اچي رکي. حضور جن جي آنندمئي درشن ۽ امرت ڀري وچن منهنجو تن من ٺاري سيتل ڪري ڇڏيو. اکين مان شڪر گذاريءَ جا ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا ۽ انهن آنسن کان سواءِ پنهنجي جاٽيچاٽٺهار ستگروءَ آڏو ڀيٽ ڪرڻ لاءِ مون وٽ ٻيو هو به ڇا؟ اندر مان ڏک ڀري صدا نڪري رهي هئي ته هاءِ، گلن کان به ڪومل هن شرير کي مون جهڙي پاپيءَ لاءِ ٻنپهرن جي اهڙي سخت گرميءَ ۽ لُوَ ۾ هيترو ڪشٽ سهڻو پيو آهي. اڄ به اهي ڏيا مهر جون ڳالهيون، ڪرپا ۽ ڪروٽا جون گهڙنائون من تي تري اچن ٿيون ته دل ڀرجي اچيٿي، گلو ڪجهو وڃي ۽ صبر سنڌو ٻند ڀڃي ٿو پوي ۽ نيڻن مان نير وهيو هلي.

مهاراج جن جي سهن شڪتي:-

مهاراج جن جي سهن شڪتي اَپار هئي. گرميءَ جي موسم، ٻنپهرن جو وقت، جيٺ وارو مهنو، ننهڻ اُس هوندي به ٻنا چٽيءَ جي حضور جن ٻنين ۾ پنهنجي رو ٻرو ڪٽڪ ۾ لاٻارو ٻيهي وجهائيندا هئا. اسين ته ٻيهي ٻيهي ٿڪجي پوندا هئاسين ۽ پيا ڪنبدون پاسا ڳولهيندا هئاسين ته من ڪٿي ڪا ڇانو هجي. مگر حضور جن فوجي سپهه سالار وانگر اڏول بيٺا رهندا هئا. من ته گروءَ سان به چالاڪيون ڪيڏڻ کان باز نٿو اچي. ٿڪجي ته مان پوندو هوس پر حضور جن کي

پنهنجي ڪوٺڙين ۾ وڃي آرامي ٿيا هئا. جتي، ڪوٽ، پڪو لاهي مان ٻارهن دريءَ ۾ هڪ ننڍو تڏو وڇائي ليٽي پيس ۽ هڪ پڪي سر مٿي هيٺان وهاڻو ڪري رکيم. ٻارهن دري حضور جن جي نواس استان سان لڳو لڳ آهي. انهي ٽن پاسن کان وڏا وڏا در هئا ۽ فرش پڪين سرن جو هو. ان زماني ۾ به ستسنگ گهر، ٻارهن دري ۽ چوباري کي ڇڏي ستسنگين جي رهڻ خاطر ٻي ڪا به جاءِ ڪونه ٺهي هئي. حضور جن ٻنپهرن جي وقت، مٿين ٻارهن دريءَ سان لاڳو اُڀرندي طرف واري ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيندا هئا. حضور جن لڳاتار ارڙهن سال پهاڙي علائقي ۾ رهي آيا هئا ۽ هتي جي سخت گرميءَ ۾ ڏيري ۾ رهڻ جو اهو سندن پهريون ئي سال هو.

مان ٻارهن دريءَ ۾ ليٽيس ته سهين پر ڇٽن ۽ ننڊ ڪٿي؟ هيٺان ڌرتي تندور وانگر تپي رهي هئي ته مٿان آڪاش مان ٽانڊا ٿي ڪريا. ٻارهن دريءَ جي دروازن مان لُوهه پئي سٽيو، مطلب ته هڪ ڀٽيءَ ۾ پيو هوس ۽ سر پر پچجي رهيو هو. اکيون ٻري رهيون هيون، چپ پياس ڪارڻ سڪي ويا هئا. مان اکيون ٻوٽي پيو هوس ته ڇاتو ڏسان ته حضور دين ديال جن نتهڻ اُس ۾ مٿان چوباري مان لهي منهنجي مٿان ڪان اچي بيٺا آهن. مان گهبرائجي کڙو ٿي بيٺس. حضور جن پڇيو، ”توهين هتي لُوهه ۾ ڪيئن اچي ليٽيا آهيو، جلدي اُٿو.“ ستگروءَ جي اچانڪ درشن ملڻ تي خوشي ته ٿي پر حيران به هوس ته منهنجي هتي ليٽي رهڻ جي سمڪ حضور جن کي پنهنجي بند ڪمري ۾ ڪيئن پيئي.

مان انهن ئي ويچارن ۾ غلطان هوس ته حضور جن ڀائي بنتاسنگهه کي سڏ ڪيو ۽ مون لاءِ کٽ گهرائي. حضور جن

سندن دل ۾ ويچار آيو ته مان باباڄن جي درشن لاءِ آيو آهيان. سهڻيءَ ته هڪ ماٺوءَ لاءِ پراڻن جي آهوتي ڏيئي ڇڏي ۽ مان پنهنجي ستگرو دين ديال جي درشن لاءِ اُس ۽ لُوَ جو ويچار ڪري رهيو آهيان، ائين سوچي حضور جن ان گهڙيءَ ئي پنڌ پيا.

هوڏانهن ڏيري ۾ باباڄي مهاراج جن ان وقت، ٽاڪ منجهند جو پنهنجي ڪوٺڙيءَ مان نڪري ٽهڪ اُس ۾ ٽهلڻ شروع ڪيو. باباڄي مهاراج گرمي ڏاڍي محسوس ڪندا هئا ۽ گهڻو ڪري اُس ۾ ڪونه نڪرندا هئا. بيبي رکو چوڻ لڳي، "مهاراج! توهان ته سردين ۾ به اُس برداشت ڪونه ڪندا آهيو، پوءِ اڄ ٻنپهرن جي اُس ۾ ڪيئن ٿا گهمو؟" باباڄن ڪو به جواب ڪونه ڏنو ۽ ساڳي طرح اُس ۾ ڦرندا ئي رهيا. اجا حضور جن ڏيري کان قريب هڪ ميل پري هئا ته باباڄي مهاراج پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ هليا ويا.

جڏهن حضور جن ڏيري ۾ پهتا ته بيبي رکو کين چوڻ لڳي، "ياءِ! مونکي ته ٻهرين سُڌ پئجي ويئي ته توهين اچي رهيا آهيو." حضور جن جواب ڏنو، "ها! بيبي جي، توهين ته انتريامي مهانما آهيو، توهان کي ته سڀ ڳالهه جو پتو آهي." بيبي رکو چوڻ لڳي، "نه، باباڄن هڪ ڪلاڪ کن اُس ۾ ٽهلي رهيا هئا، اِجهو هينئر پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ويا آهن، مون کي خيال آيو ته اڄ ڪنهن پريميءَ خاطر ئي هيءَ اُس پنهنجي سرير تي سهاري رهيا آهن. جڏهن تو کي ايندو ڏٺم ته سمجهي ويس." حضور جن فرمايو، "برابر! انڪري ته مون کي جيٺ جي منجهند واري اُس جو ذرو به احساس ڪين ٿيو."

حضور جن نه سياري ۾ سرديءَ جي پرواهه ڪندا هئا نڪي اونهاري ۾ گرميءَ جي. ڪٿي اوڙڪ برسات هجي

وڃي چوندو هوس تہ حضور! صبوح کان وٺي اُس ۾ بيٺا آهيو، مهرباني ڪري هينئر هلي ٿورو آرام ڪريو. حضور جن مشڪي فرمائيندا هئا، "ها، هينئر هلون ٿا، باقي ٿورو ڪم ٿي تہ رهيو آهي." حضور جن جي موجودگيءَ جو اهو اثر ٿيندو هو جو ٻن ڏينهن جو ڪم صرف اڌ ڏينهن ۾ پورو ٿي ويندو هو. نہ ڪنهن کي گرمي محسوس ٿيندي هئي نہ سردي. سڀ شيوادار ۽ گروءَ جا پريمي مشين وانگر تيزيءَ سان ڪم ڪندا هئا پر سندن نظر ستگروءَ جي سروپ تي جميل هوندي هئي. هڪ دفعي جو ذڪر آهي، حضور جن اهڙي طرح ئي اُس ۾ بيٺا هئا. مون ڇٽي کولي حضور جن مٿا جهلي ڇانو ڪئي پر پاڻ ڏاڍي مٺي نوع ۾ فرمايائون، "نہ ٻچا! مونکي ان جي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. سنگت بہ تہ اُس ۾ شيوا ڪري رهي آهي."

ان ئي پرسنگ ۾ ٻي بہ هڪ ڳالهہ دل تي تري آئي آهي. حضور جن انهن ڏينهن ۾ ائبٽ آباد ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئا. هڪ دفعي گرميءَ جي موسم ۾ ڏيري لاءِ روانا ٿيا. جڏهن بياس اسٽيشن تي لٿا تہ ٻنپهرن جو وقت هو، تکي اُس ۽ لُوءِ لڳي رهي هئي. ان زماني ۾ اسٽيشن کان ڏيري پيدل ئي اچڻو پوندو هو ۽ حضور جن بہ ٻنپهرن جي ٽنهڻ اُس ۾ ڏيري لاءِ پنڌ پيا. رستي ۾ هڪ ڇانو واري هنڌ ترسي آرام ڪرڻ جو خيال آين تہ پل اُس ٿوري گهٽ ٿئي تہ پوءِ نڪرجي پر ٻيءَ کن ۾ سوچيائون تہ سهٽيءَ، هڪ خاڪي انسان جي پريم ۾ پنهنجي جان جي پرواهہ ڪين ڪئي. اهو ڄاڻندي بہ تہ گهڙو ڪچو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ وهڻ سان ٽٽي ويندو، تڏهن بہ پاڻيءَ ۾ ٽپي پيئي پر عشق جي نالي کي ذري بہ آنچ اچڻ نہ ڏنائين. حضور جن فرمائيندا هئا تہ اها ڳالهہ ياد ڪري

ميل اولهه طرف شاهديري وڃڻو پوندو هو ۽ اُتان پوءِ نهر جي رستي لائپور پهچبو هو. اهو سفر ٽي سوَ ميلن کان ٻه ڪجهه وڌيڪ ٿي هوندو. لائپور پهچي ستسنگ ڪيائون. اُتان نڪري انڪل رات جو ٻين ٽين ٻجي ڪپورٿلا پهتا جتي ڪنهن پريميءَ جي گهر ۾ شاديءَ جو ڪارج هو. حضور جن مقرر وقت کان اڳ، قريب ساڍي ڇئين ٻجي اُتي موجود هئا. آنند ڪارج کانپوءِ صبوح جو ستين اَٺين ٻجي نڪري حضور جن جلندر پهتا. اُتي پهچي جنهن موٽر ڊرائيور کي سردار سيواسنگهه حضور جن کي لائپور مان راولپنڊي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو هو، موڪل ڏني ۽ کيس هڪ پڳڙي ۽ يارهن روپيا انعام طور ڏنا. حضور جن نوڪرن کي انعام ڏيڻ ۾ ڏاڍا اُدار دل هئا. اهو ڊرائيور قوم جو پٺاڻ هو ۽ جلال آباد (افغانستان) جو رهاڪو هو. موڪلائڻ وقت سلام ڪري چوڻ لڳو، "بابا! مون جهڙن ماڻهن کي وري به ياد ڪجو. مان ٽيهن سالن جو جوان ماڻهو ننڊ ۽ ٿڪاوٽ سبب بيحال ٿي پيو آهيان مگر توهان ته نڪا ڪا ننڊ ٿي ڪئي نه ڪجهه کاڌو پيتو. چهري تي اِلاهي نُور پيو چمڪي! توهين اِنسان نه پر خدا جو روپ آهيو." ان وقت حضور جن جي عمر اَسي سالن کان وڌيڪ هئي.

هڪ ٻيو ورتانت ڏيئي هن مضمون کي سماپت ٿو ڪريان. هڪ ڏينهن حضور مهاراج جن جي طبيعت نيڪ ڪونه هئي. گهڻي محنت سبب کين زڪام ۽ بخار ٿي پيو هو. مون سمجهيو ته اڄ حضور جن ستسنگ ۾ ڪونه ويندا. پر اڃا گهڙيءَ ۾ چار لڳائي مس ته پاڻ ستسنگ ۾ وڃڻ لاءِ سنڀري تيار ٿي بيٺا. اسان هٿ جوڙي وينتي ڪئي، "حضور اڄ توهانجي طبيعت ڪجهه ناساز آهي، انڪري ستسنگ ۾ جيڪر نه وڃو." حضور جن ورائيو "نه! منهنجي طبيعت

يا تيز طوفان، مگر جو ڪار ڪرڻو هوندو هون سو ضرور ڪندا هئا. ڪا به طاقت اهو ڪم سر انجام ڪرڻ کان کين روڪي ڪين سگهندي هئي. بد بوءِ يا خوشبوءِ جي به پرواهه ڪو نه ڪندا هئا. هڪ دفعي حضور جن لنگر ۾ پرشاد تي درشني وجهڻ ويا. مان سندن شيوا ۾ ساڻن گڏ ويس جتي مايون وڏن ٿون تي مانيون پچائي رهيون هيون اُتي هڪ بنيءَ مان ڏاڍو ڪارو دونهون نڪري رهيو هو، جهڙو ريل جي انجڻ مان نڪرندو آهي. حضور جن سڌا ان بنيءَ طرف ويا ۽ ان ڪري دونهين جي غبار ۾ وڃي بيٺا. منهنجو ته دم گهٽجڻ لڳو ۽ اڪيلن مان پاڻي اچي ويو. عرض ڪيم، حضور! هتي ڏاڍو دونهون آهي، ٿورو هٽ پاسي بيهو." حضور جن فرمايو، "مونکي ته دونهون ڪجهه نٿو ڪري." ۽ ساڳيءَ جاءِ تي بيٺا رهيا.

سملي ۽ ڊلهائوسيءَ جي پهاڙن ۾ اسين ته حضور جن سان هلي ٿڪجي چُور ٿي پوندا هئاسين مگر حضور جن اهڙو تکڙو ۽ ڦڙتيءَ سان چڙهائيءَ تان هلندا ويندا هئا جو جيڪر فوجي سپاهين کي به پنهنجي پريڊ ۽ پي٠ٽي جا ڏينهن ياد اچي وڃن. موٽر ۾ سفر ڪرڻ جي سندن سهنشيلتا جي ڪا حد ئي ڪو نه هئي. صرف هڪ مثال نموني طور هتي ڏيان ٿو، جنهن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حضور جن ڪيڏي محنت تي هريل هئا. هڪ دفعي جڏهن حضور جن ائبٽ آباد ويا هئا، هيءَ ڳالهه اُنهان موٽڻ جي وقت جي آهي. حضور جن صبوح جو اُٿي اِشنان پاڻيءَ مان فارغ ٿي پهرين ائبٽ آباد ۾ ستسنگ ڪيو. ستسنگ پورو ٿيو مس ته موٽر ۾ چڙهي اچي راولپنڊيءَ پهتا. اُتي سنگت جي وينتي ڪرڻ تي به ڪلاڪ ستسنگ ڪيائون. ستسنگ کان پوءِ اُتان روانا ٿي لائلپور پهتا. لائلپور وڃڻ کان اڳ لاهور کان چار

دروازو کولي اچ." مون عرض ڪيو، "حضور هڪ شخص برابر آيو هو پر مون هن کي مٿي اچڻ کان روڪي ڇڏيو جو حضور جن ڏاڍو ٿڪل آهن." اهو ٻڌي حضور جن حڪم ڏنو ته، وڃ ۽ وڃي هن کي مٿي وٺي اچ. مون هيٺ اچي ڏٺو ته اهو ماڻهو اُتي هوئي ڪونه. ٻاهر اچي ڏٺم ته اُتي به ڪونه هو. مان روڙسنگهه جي دڪان تي ڪيس ڳولهڻ ويس. ڀائي روڙسنگهه حضور جن جي سروس واري زماني ۾ ڪافي عرصو سندن نوڪريءَ ۾ هو. رٽاير ڪرڻ کانپوءِ حضور جن ڪيس ڏيري ۾ هڪ مٺائي ۽ نمڪين جو دڪان کولائي ڏنو هو ۽ پڇاڙيءَ تائين ڏيري ۾ ئي رهيو. پوءِ ان شخص کي وڏي ستسنگ، گهر ۾، آسپاس، آفيس، لئبرري، مطلب ته سڀني هنڌ هن جي تلاش ڪيم پر هو ڪين گڏيو. آخر نراس ٿي موٽي آيس ۽ جڏهن مٿي چڙهڻ لڳس ته ڏسان ته حضور جن جي وراندي ۾ هڪ ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو آهي. مون هٿ جوڙي معافي وٺي ڪيس چيو ته ڀائي! حضور جن توکي ڏاڍو ياد ڪري رهيا آهن، مان ته سڄي ڏيري ۾ توکي ڳولهي آيو آهيان. اهو ٻڌي خوشيءَ سبب هن جي اکين ۾ آنسون تري آيا ۽ منهنجا ٻه ڳوڙها ڳڙي آيا. ٻئي مٿي پهتاسين.

حضور جن آرام ڪرسيءَ ۾ ويهي هن جو انتظار ڪري رهيا هئا. مون سمجهيو ته حضور جن هن کي ٻه چار منٽ وقت ڏيئي وڃي آرامي ٿيندا. پر جيئن حضور جن ڪڏهن ڪڏهن فرمائيندا هئا ته "سنتن کي آرام ڪٿي؟ سنتن جي جاگير ئي بي آرامي آهي." ان شخص ڏاڍي نمرتا ۽ عاجزيءَ سان نام دان لاءِ وينتي ڪئي ۽ حضور جن ڪيس نام دان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مون راءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏاڍي اوير ٿي وئي آهي، حضور جن ٻئي ڏينهن صبوح جو نام دان

بلڪل ٺيڪ آهي، سٽسنگ ۾ ضرور وڃبو." پر مون،
ٻيبي رليءَ ۽ ٻين شيوادارن آرام ڪرڻ لاءِ ٻه ٽي ڀيرا عرض
ڪيو. تنهنتي حضور جن فرمايو، "هن شرير کان جيترو به
ڪم وٺي سگهجي اوترو سٺو. هڪ ڏينهن انکي ٻاهر جي
سپرد ڪرڻو آهي. باباجي مهاراج جن جيڪو ڪارج سونپيو
آهي ان ۾ غفلت ڪرڻ نه جڳائي." جڏهن حضور جن
سٽسنگ ۾ براجمان ٿيا ته چهري تي اهڙو تيج ۽ آواز ۾
اهڙي گرجنا هئي جو ڪنهنکي به شڪ ڪونه پيو ته
حضور جن کي تيز بخار آهي. پورو ڏيڍ ڪلاڪ امرت جي
ورکا ڪري حضور جن پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ پڌاريا. مان
اندران دروازو بند ڪرڻ تي ئي هوس ته هڪ ماڻهو
ڊوڙندو آيو ۽ اچي چيائين ته مان اڃا هينئر پهتو آهيان ۽
حضور مهاراج جن جو درشن ڪرڻو اٿم. مون چيو ته ڀائي! اڄ
سندن طبعيت ٺيڪ ڪونهي. اڃا هينئر اَڍائي ڪلاڪ سٽسنگ
۾ ويهي آيا آهن، انڌيرو ٿي ويو آهي، صبوح جو درشن
ڪجِ. پر هُو زور ڀرڻ لڳو ۽ هوڏ ڪرڻ لڳو ته مونکي
هينئر ئي درشن ڪري واپس وڃڻو آهي، مونکي سڀاڻي
صبوح جو ميرٺ ڇانوڻيءَ ۾ ڊيوٽيءَ تي چڙهڻو آهي. جڏهن
هو ڏاڍو ضد ڪرڻ لڳو ته مونکي به ڏاڍو ڪروڌ اچي
ويو ۽ سختيءَ سان چيومانس، "بابا، سرڪار تي رحم
ڪريو، ڪجهه سال اڃا ڪين- جيئڻ ڏيو." ۽ زبردستي
دروازو بند ڪري اندران ڪڙو پائي ڇڏيم. ان وقت هن
جي منهن تي اهڙي اُداسي ۽ مايوسي ڇانئجي ويئي جو
منهنجي ڪٺور دل کي به چوٽ لڳي ويئي. پر مون در
نه کوليو.

جڏهن مان مٿي پهتس ته مهاراج جن فرمايو، "هڪ ماڻهو
ڏاڍي ڏور انهيءَ پنڌ تان آيو آهي ۽ مونسان ملڻ چاهيندو، وڃي

شرط ۾ پياس هلي وڃيج." پوءِ ڀاءُ کي چوڻ لڳو، "جيڪڏهن تون جنم مرڻ جي ٻنڌنن کان آجو ٿيڻ چاهين ته سڌو پياس وڃي نام دان وٺج."

چٺي پڙهڻ سان ئي منهنجي نيڻن مان نير وهي هليو ۽ سمجهه پيئي ته ڇو اُن ڏينهن حضور جن ناساز طبعيت هوندي به هن کي نام دان بخشيو هو.

گرمي، سردي، بک، پياس، بيماري، تندرستي حضور جن لاءِ سڀ سمان هئا. ڪيتري به ڪٺي بيماري هجي ته به پنهنجي ڪرتويه ۾ ذرو به ڍر نه وجهندا هئا. هاڃي لاڀ جي ڪا به چنتا ڪونه ڪندا هئا. پيسن جي نقصان جي ڪڏهن پرواهه ئي ڪونه ٿيندي هئن. هر حالت ۾ رضا تي راضي، ۽ مالڪ جي موج ۾ مگن رهندا هئا. خوشي توڙي غم، هرش ۽ شوڪ کان مٿي سدائين اڏول رهندا هئا. جيئن هن کان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته حضور جن جو وچون صاحبزادو سردار بسنتسنگهه جي ڦوهه جوانيءَ ۾ ئي چولو ڇڏي ويو پر اهڙي دردناڪ گهٽنا سبب حضور جن جو چت ذرو به ڏولائمان ڪونه ٿيو. جڏهن بسنتسنگهه بيمار هو ته حضور جن هن کي ڪٺائي ڏيري اچي رهيا هئا. ساڻن گڏ بنتاسنگهه پڻ هو. حضور جن ڏٺو ته حالت بگڙجندي پيئي وڃي ۽ اَنت سمو ويجهو اٿس. حضور جن سوچيو ته جي اهڙي حالت ۾ هنکي ڏيري ڪٺي وڃبو ته ٻيبي رڪو روئڻ پٽڻ شروع ڪندي ۽ ضد ٻڌندي ته هنکي جيئدان بخشو. پر حضور جن ته جيڪا باباجن جي موج هئي ان ۾ ئي راضي هئا. تنهنڪري حضور جن هڪ سڪل نالي وٽ ڇايادار وڻ هيٺ ترسي پيا. جڏهن انت سمو آيو ته بسنتسنگهه جي چوڻ لڳو ته باباجي مهاراج اچي ويا آهن. ان تي حضور جن فرمايو، "جڏهن باباجي مهاراج اچي ويا آهن

بخشي سگهن ٿا پر حضور جن حڪم ڏنو ته ڏاڪڻ جو در بند ڪري ڇڏ ۽ ڪنهن کي به مٿي اچڻ نه ڏج. حضور جن ڪيس اُتيئي پاڻ وٽ وهاري نام ڏنو ۽ ايترو گهڻو ڪيس توجه ڏنائون جو مان سوچڻ لڳس ته آخر ڪهڙي ڳالهه آهي؟ ڪافي رات ٿي ويئي ۽ اهو ماڻهو مون کي پنهنجو نالو ۽ ائڊريس لکائي، ان مهل ئي اسٽيشن تي روانو ٿي ويو. حضور جن نام دان ڏيڻ کانپوءِ ضرور اشنان ڪندا هئا پوءِ ڪٿي گرمي هوندي هئي يا سردي، پاڻ نيڪ هوندا هئا يا نه. حضور جن غسلخاني ۾ ويا ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ اچي بستري تي پئجي رهيس. گهڻي ٽڪ هڻڻ ۽ ننڊ اچڻ ڪري ماني کائڻ جو به خيال ڪو نه آيو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ حضور جن مون کي هڪ چٺي پڙهڻ لاءِ ڏني، ان ۾ لکيل هو ته اهو شخص نام وٺڻ کانپوءِ ڏهين ڏينهن گذاري ويو. انت سمي حضور جن هنجي جنهن ريت سنڀال ڪئي ان جو پورو حال لکيل هو. ڪيس صرف ٻه ڏينهن بخار آيو هو. موت کان ٿورو وقت اڳ، هو اُٿي ويٺو ۽ پنهنجي پٽنيءَ ۽ ڀاءُ کي چوڻ لڳو، ”هن وقت منهنجي انتر جو پردو کلي چڪو آهي. ستگروءَ مهاراج مون وٽ ويٺا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن ته تون تياري ڪري وٺ، اسين توکي وٺڻ آيا آهيون.“ وري کين چوڻ لڳو، ”جيڪڏهن توهين منهنجا شبد چنتڪ آهيو ته منهنجي چولي ڇڏڻ کان پوءِ نه توهين روئجو ۽ نه ڪنهن کي روئڻ ڏجو. ڀيرين ته گهر وارن هنجي ڳالهه تي اعتبار ڪو نه ٿي ڪيو ته هڪ ڏينهن بخار آيو اٿس ۽ مرڻ جي سوچنا به اچي ويئي اٿس. جڏهن هن کين وشواس ڏياريو ۽ سندس پٽني پڇڻ لڳي، ”توهان کانپوءِ منهنجو ڇا ٿيندو؟“ هن جواب ڏنو، ”تون ڪا به چنتا نه ڪج، ستگرو مهاراج جن جي

هئا. ساڻن گڏ رهڻ وارا ڀائي شادي توڙي ٻيا شيوادار ٻه ڪنهن جي ٻه شيءِ ڪو نه کائيندا هئا. ڀائي گانڌيرام ته ڪنهن جو آنڌل پرشاد ٻه ڪو نه وٺندو هو.

پوري قيمت چڪائڻ کانسواءِ حضور جن ڪنهن جي ٻه ڪا شيءِ سويڪار ڪين ڪندا هئا. ٻهاڙن پاسي جا ڪجهه ستسنگي، ڏاڍي سڪ مان جڏهن ماکي وغيره آڻيندا هئا يا ڪشمير جا صوف يا چمن جا بادام، انگور وغيره کڻي ايندا هئا ته حضور جن انهن کي ٻيڻو ملهه ڏيئي پوءِ ئي سويڪار ڪندا هئا ۽ ڪين چوندا هئا ته مونکي هنن شين جي ڪهڙي ضرورت آهي مونکي ته توهانجي پيار ۽ پريم جي ضرورت آهي. ٻيءَ رلي هميشه انهن ستسنگين کي چوندي هئي ته حضور جن ڪجهه کائين ته ڪو نه ٿا ۽ هنن جا ٻيڻا پئسا وئرٿ ئي خرچ ٿي وڃن ٿا، انڪري آئينده جيسين توهانکي ڪا شيءِ آڻڻ لاءِ نه لکجي تيسين ڪابه شيءِ نه آڻيندا ڪريو. حضور جن جو هميشه اهوئي حڪم هوندو هو ته اسانکي ايمانداري ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ تي گذارو ڪرڻ کپي ۽ فرمائيندا هئا ته جو ساڌو ٻئي جو هڪ داڻو ٻه وٺيٿو اهو اڳلي جي ڪرمن جو بوجهه پنهنجي سر تي کڻي ٿو ۽ ان جي بدلي ڏيڻ بنا ڇٽي ڪين سگهندو. ڀيکداري ساڌن، مهنتن، پنڊتا پوڄا وٺندڙن، گرنٿين، مندرن مٺن جي پوڄارين ۽ ٻين اهڙن سڀني ماڻهن کي، جن جو گذارو ٻين جي ڪمائيءَ تي هوندو هو، حضور جن نام ڪو نه ڏيندا هئا.

هڪ دفعي مسلمان فقير سائين شرفالدين حضور جن جي شيوا ۾ ڏاڍي ادب ۽ دينتا سان نام دان لاءِ پرارٿنا ڪئي. هن جي گلي ۾ ٽامت جي ڪفني پاتل هئي. حضور جن هن کي انڪار ڪيو. هن جي گهڻي عاجزي ۽ نيزاري ڪرڻ تي

ته پوءِ مان توکي خوشيءَ سان موڪل ڏيان ٿو.“ ٻٽيهه سالن جو جوان، پڙهيل لکيل پٽ، سٺي سرڪاري نوڪريءَ ۾ لڳل، پنجويهن ڇويهن سالن جي هنجي ڏر مٽني، ان جو ننڍڙو ٻار هجي ته ڪنهنجي دل نه ٽٽندي. پر حضور جن بلڪل شانت هئا. ڪڏهن ٻڏائيندا هئا. ”مون ان وقت پنهنجي پڙتال ڪئي ته ڏٺم ته دل ۾ نڪي رنج هو، نڪي خوشي. چٽ ڪوري ڪاغذ سمان هو.“

نيڪ ڪمائي:-

شد آهار ۽ نيڪ ڪمائيءَ جو حضور جن خاص خيال رکندا هئا. اڪثر فرمائيندا هئا ته من جي پوترتا لاءِ شد آهار ڪرڻ ضروري آهي، ”جهڙو کائبو اَن، اهڙو ٿيندو من.“ حضور جن هميشه پنهنجي پگهر جي پورهئي ۽ حق حلال جي ڪمائيءَ تي گذارو ڪندا هئا. پنهنجي جائز ڪمائيءَ کان سواءِ ٻئي جي ڪمائيءَ جو هڪ داڻو به منهن ۾ ڪونه وجهندا هئا ۽ نڪي ڪنهن کان هڪ پيسي جي شيءِ به پنهنجي ذاتي ڪم لاءِ سويڪار ڪندا هئا. هڪ دفعي حضور جن کي سوڍا بائيڪارب گهرائڻي هئي. مونکي چار آنا ڏيئي چيائون ته ايندڙ آرتوار تي انهن جي سوڍا بائيڪارب وٺي اچج.“ مون عرض ڪيو ته حضور پيسا اچي پوءِ وٺندس پر پاڻ فرمايائون، ”نه، پيسا هينئر وٺي رک ۽ انهن مان ئي سوڍا وٺي اچج.“ نڪي ڪنهن کان پيٽا وٺندا هئا ۽ نه ڪنهنجي گهر جو کائيندا پيئندا هئا. جڏهن به ستسنگ لاءِ يا ٻئي ڪم سان ٻاهر ويندا هئا ته ڪاڌو تيار ڪرائي ٽفن ۾ پاڻ سان کڻي ويندا هئا. جيڪڏهن ڪٿي ٻه چار ڏينهن رهڻو هوندو هون ته ماني ٺاهڻ وارو نوڪر پاڻ سان وٺي ويندا هئا ۽ هن کان ئي پنهنجو ڪاڌو تيار ڪرائيندا

"گرو پير سدائي منگڻ جاءِ، تاڪهه مول نه لاڳيئي پاءِ،
گهال ڪاءِ ڪڇ هٿهه ڏيئه نانڪ راهه پڇاڻهه سيئه."

يعني جو گرو ۽ پير سڏائي، ماڻهن اڳيان هٿ ٽنگي ته ۽ هنن کي پيسن مان پيٽ پالي ته، اهو گرو ڪونهي، منگتو آهي. هنجي چرڻن ۾ متو ئي نه ٽيڪيو. جو حق حلال جي ڪمائي ڪري پنهنجي ڪٽنب جو پالڻ پوشڻ ڪريٿو، اهوئي مالڪ جي پراپتيءَ جي مارگ جو ڄاڻڻ وارو هوندو آهي.

جيترا به اوچ ڪوٽيءَ جا مهاتما ٿي گذريا آهن انهن ڪانه ڪا ڪرت ڪري پنهنجو گذارو ڪيو آهي. ڪبير صاحب ساري عمر تاڃو اُڻندو رهيو. روداس جتيون ڳنڍي پنهنجو گذارو ڪيو. نامديو ڪپڙو رڱيندو هو. اهڙيءَ ريت گرو صاحبن کيتي وغيره ڪري جيون نرواهه ڪيو. گرو نانڪ صاحبن ڪرتارپور ۾ کيتي ڪئي. گرو ارجن صاحبن جو لڳايل کوهه اڄ تائين مشهور آهي. باباجي مهاراج جن فوج ۾ نوڪري ڪئي ۽ پينشن تي پنهنجو گذارو ڪري سنگت جي مفت شيوا ڪئي. حضور مهاراج ساون سنگهه جن ته خود مثال بڻجي ڏيکاريو ته سنت ڪهڙيءَ ريت پنهنجي پگهر جي پورهئي تي گذارو ڪن ٿا. سنتن جي لڻ پرمپراءِ اوچي آدرش جو پالڻ اڄ به ڏيري جا سنت ستگرو پوريءَ محڪمتا سان ڪري رهيا آهن.

مولانا روم جو هيءُ ڪلام حضور جن اڪثر پڌائيندا هئا.
"بهري طاعت لقمي حلال تا، ز افزايد ترا رنجو ملال.
لقمي ڪي آن نور افروزو ڪمال، آن بود آورد از قربي حلال.
علمون حڪمت زايداز لقما حلال، عشقو رقت زايداز لقما حلال.
زايداز لقما حلال اندر دهان، ميلي خدمت ازمي رفتن آن جهان

حضور جن فرمايو، "نام جي ڪمائي ڪرڻ لاءِ حق حلال جي ڪمائيءَ جي ضرورت آهي. جو ماڻهو پنهنجي روٽي پاڻ نٿو ڪمائي انکي نام ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟" ٻئي ڏينهن سائينءَ ڪفني لاهي ڪٽي ڦٽي ڪئي، ۽ رواجي ڪپڙا پهري، ڪهاڙو کڻي ڪاٺيون وڍڻ جو ڪم کڻي شروع ڪيو. ان تي حضور جن ڪيس نام بخشي پنهنجي ششن ۾ شامل ڪيو. نام وٺي هو چوڻ لڳو ته سچو ڪلمو مون کي هاڻي مليو آهي ۽ اڄ ئي مان سچو مسلمان بڻيو آهيان. هن محنت ۽ لگن سان نام جي ڪمائي ڪئي. ڪهاڙو کڻي ڏينهن جو بازار ۾ ڪاٺيون وڍڻ جي مزوري ڪندو هو ۽ باقي وقت ڀڄن ۾ لين رهندو هو. ڏاڍو بي ڊپو هوندو هو. پنهنجي برادريءَ ۾ سڀني جي روبرو کليو کلايو پنهنجي مرشد جي مهما ڪندي ڪونه ڊڄندو هو ۽ چئي ڏيندو هو ته جيڪي ڪتابن مان مون کي چاليهن سالن ۾ ڪونه مليو، اهو هن مهرڀرئي مرشد مون کي چاليهن ڏينهن ۾ ڏيئي ڇڏيو. مان جڏهن جلندر ۾ وڪالت ڪندو هوس ته هو مونکي ڪڏهن ملندو هو. هاڻي تــه ڪيتري وقت کان هو ڏسڻ ۾ ڪونـــه آيو آهي، شايد زندگيءَ جي بندنن مان آزاد ٿي چڪو آهي.

حضور جن اڪثر ستسنگ ۾ فرمائيندا هئا ته سچو ستگرو شش جي هڪ پائي به قبول نٿو ڪري. جيڪو به پنهنجي شش جي ڪمائيءَ تي پنهنجو يا پنهنجي پريوار جو گذارو ڪري ٿو، اهو گرو ئي ناهي، ڀڪاري آهي. گرو داتا ٿيندو آهي. هو حق حلال جي ڪمائي ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن جو جيون نرواهه ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪجهه بچيس ٿو ان مان سادسنگت جي سيوا ڪندو آهي. حضور جن گرو نانڪ صاحب جا هي وچن ڪيترا ئي دفعا ٻڌائيندا هئا:-

ٻڌجي اصليت کي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي ٻـ آهوتي ڏيڻي ڇڏي، ان جي ئي جڙ کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪاٽ ڪهاڙا پئي هليا. گرو صاحب ته فرمائيندا هئا، ”مت ڪو ٻرم ڀولي سنسار، گر بن ڪوئي نه اُترس پار.“ ۽ ”بن گر داتي ڪوئي نه پائي، لک ڪوٽي جي ڪرم ڪمائي.“ پر انهنجي اهڙي صاف سپشٽ سکيا جي باوجود ته گروءَ بنا ڪو ٻه مڪتي پراپت ڪري ڪونه سگهندو، ماڻهو گرو ڌارڻ جو وروڌ ڪرڻ لڳا هئا. گرو ڀڳتي ۽ شبد اڀياس جي ڪنهن کي خبر ٻه ڪانه هئي. انگريزي سکيا جي پرڀاو سبب پڙهيل لکيل جوان ناستڪپڻي ۽ ڀؤتڪواد جي طرف ڪشجي رهيا هئا. ڪيترا ته ڌرم کان ئي منهن موڙي بيٺا هئا ۽ مالڪ مان وشواس ئي وڃائي ويٺا هئا.

ٻرسات کان پهرين آسمان ۾ گهور ڪارا بادل ڇانئجي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت پنجاب ۾ ماڻهو گرو صاحبن جي سکيا کي ڀلجي ٻاهر مکي ڪرم ڪانڊ ۾ الجهي پيا هئا. جنهن زمين ۾ گرو صاحبن هڪ دفعو نام جو ٻج ڇٽيو هو اها ئي زمين ناستڪپڻي، اندوشواس ۽ روڙواد جي گرميءَ سبب ويران ٿي ويئي هئي. حضور مهاراج جن پنهنجي ديا مهر سان ستسنگ روپي امرت سان سينچي وري ان کي سرسبز ۽ اُپجائو بڻائڻ ۾ جنبي ويا. چاليهه ورهيه پنهنجي اتڪ محنت سان گرو صاحبن جي ڌرتيءَ جي گهر گهر ۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وري هڪ دفعو نام جو هوڪو ڏنو ۽ سنتن جو وساريل سنديش نه صرف ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ بلڪ دور دراز وديشن ۾ ٻه پهچايو.

حضور جن سنه ١٩١٠ کان ئي ڏيري جي آسپاس وارن استانن ۽ هينئر پاڪستان ۾ آيل پهاڙي علائقن ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ سفر شروع ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ انهن اوائلي

زايداز لقما حلال اي مهه حضور، شوق در دل پاڪي تو
دور ديدا نور.
چون زي لقما تو هست دوام، جهلو غفلت زايد آن را دان حرام."

ارٿاٿ:- خدا جي عبادت لاءِ حلال جي روزي ضروري آهي، ان لاءِ تہ اها دک ۽ ڪليش پيدا نہ ڪري. حلال جي روزيءَ سان گيان، پريم ۽ برهہ پيدا ٿي ٿئي. گرو شيوا جو شوق ۽ مالڪ سان ملڻ جي چاهنا حلال جي روزي ئي اُتپن ڪري ٿي. تنهنجي پاڪ پوتر دل ۾ شوق ۽ تنهنجي اکين ۾ نور پيدا ٿو ٿئي. اي منهنجا دوست! جنهن ڪاڌي کائڻ سان ايرشا، آلس ۽ اگيان وڌي، ان ڪاڌي کي پڪ ئي پڪ غلط ڪمائيءَ وارو سمجھہ.

۴. ستسنگ جا دؤرا ۽ نام جو پرچار

سنہ 1910 ۾ حضور جن جي ستسنگ شروع ٿيڻ کان اڳ پنجاب جي اِها حالت هئي جو اصلي روحانيت الوُپ ٿي ويئي هئي. گرو نانڪ صاحب جي شبد مارگ جي سکشا جو پرڀاءُ ناس ٿي چڪو هو. انهن جي بتايل ابياس جو مارگ ۽ پرماتما جي پراپتيءَ جا آديش ماڻهن جي دلين تان ميسارجي چڪا هئا. گرو صاحبن دواران ڏيکاريل سرت شبد يوگ جي مارگ ۽ پنجن نامن جي ڀيد جو ڪوبہ ڄاڻڻ وارو ڪونہ ٿي مليو. انيڪ ودوان سک بہ گرو گرنٿ صاحب جي سکيا کي ويدانت ۽ يوگ سان ملائڻ ۾ فخر سمجھندا هئا. ڪو گرو صاحبن کي ويدانتي سمجھندو هو تہ ڪو انهن کي يوگ مارگ جا پوئلڳ سمجھندو هو. ڪو ڪو تہ انهن کي ديوي ديوتائن جو اُپاسڪ سمجھندو هو. سنت مت جي جنهن مول سڌانت جي اِستاپنا ڪرڻ لاءِ گرو صاحبن پنهنجو سارو جيون وتيت ڪيو ۽ خود مثال

اهو ڪو لکڻ پڙهڻ يا ڳالهائڻ ۾ اچڻ وارو لفظ ڪونهي. حضور جن جي سمجهائڻ جو ڍنگ، اهڙو سپشٽ ۽ صاف هوندو هو جو هنن جي دلين کي خاطري ٿي ويندي هئي. هڪ دفعي هڪ پيرمرد سک، رامسنگهه نالي حضور جن سان مليو ۽ ٻڌائين ته مون ۸۰۰ دفعا گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪيو آهي. حضور جن چيس، "ڀائي صاحب! مون کي توهان لاءِ عزت آهي پر اهو ٻڌايو ته ڪڏهن اوهان جي آتما اندر ويٺي آهي؟" اندر ۾ پرڪاش آيو آهي؟ چوڻ لڳو ته نه.

جڏهن حضور جن ائبٽ آباد، پشاور، راولپنڊي وغيره شهرن ۾ ٻڌاربا هئا ته سندن ستسنگ ۾ سک، آريه سماجي، ويدانتي، مسلمان ۽ ٻين ڌرمن ۽ فرقن جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. حضور جن سڀني سان پريم سان ملندا هئا ۽ سڀني جي عزت ۽ آدر ڪندا هئا. جڏهن به ڪو ساڻن بحث ڪرڻ ايندو هو ته ڏاڍي پريم ۽ مٺي نوع ۾ پنهنجي ڳالهه کيس ٻڌائيندا هئا ۽ جيڪي هو ٻڌائڻ چاهيندو هو سو شانت چت ٿي ٻڌندا هئا. حضور جن جي نمرتا واري وهنوار سبب بحث ساڌارڻ وارتالاپ ۾ بدلجي ويندو هو. حضور جن نڪي ڪڏهن به پنهنجي ڳالهه مڃائڻ تي زور ڏيندا هئا ۽ نڪي جوش ۾ اچي بحث مباحثو ڪندا هئا. جيڪو به حضور جن سان سمپرڪ ۾ ايندو هو اُن تي حضور جن جي منأس، پريم، نمرتا ۽ پرڀاءُ شالي شخصيت جو گهرو اثر ٿيندو هو. هڪ دفعي وزير آباد ۾ هڪ مسلمان پير حضور جن سان گڏجڻ آيو. حضور جن هن جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ انهن جي تائيد ۾ مولانا رومي، شمس تبريز، حافظ وغيره درويشن جا ڪلام ٻڌايا. ٻه ٽي ڪلاڪ اهو وارتالاپ هلندو رهيو. جڏهن اُٿيو ته ادب سان جهڪيو ۽ اُلٽي پيرن اهڙي

ڏينهن ۾ حضور جن جو گهڻو وقت ته ڏيري جي نرماڻ
ڪاريه ۾ ۽ انتظام ۽ بندوبست ڪرڻ ۾ وتيت ٿيندو هو
تڏهن به جيڪن ئي وقت ملندو هون ته ستسنگ ڪرڻ لاءِ ٻاهر
ضرور ويندا هئا. انهن ڏينهن ۾ امرتسر ۾ صرف ۴-۵، جلندر ۾
۵ يا ۶ ۽ ڪپورٿلا ۾ ۳ ستسنگي هئا. اهڙو ئي حال پنجاب
جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جو هو.

امرتسر، جلندر، لڌيانا، امبالا، لاهور وغيره شهرن ۾
جڏهن حضور جن تشريف وٺي ويندا هئا ته ڪنهن ستسنگيءَ
جي گهر ۾ ستسنگ ٿيندو هو. گرواڻيءَ جو پاٺ ته پنجاب
جي گهر گهر ۾ ٿيندو هو پر ٻاڻيءَ جي صحيح ارٿ جو پتو
ڪنهنکي به ڪونه هو. جڏهن حضور مهاراج جن گرواڻيءَ
جا شبد ڪڍي نام، شبد ۽ ڌيهه ڌاري ستگروءَ جي مهما
سمجهائڻ شروع ڪئي ته ماڻهو وسميءَ ۾ پئجي پڇڻ لڳا ته
ڇا جنهن ٻاڻيءَ کي اسين مدت کان پڙهي رهيا آهيون انجو
اصلي ارٿ هيءُ آهي. ڪيترا ودوان سک حضور جن سان
بحث ڪرڻ ايندا هئا. ڪي ته ائين به چوندا هئا ته توهان
جيڪو شبد ڪنيو آهي، اهو گرنٿ صاحب ۾ ئي ڪونهي.
حضور جن انهنکي ڌاڻي نمرتا ۽ ميتاج سان سمجهائيندا هئا
۽ گرنٿ صاحب مان شبد ڪڍي ڏيکاريندا هئا. ڪيترا دفعا
ته گرو گرنٿ صاحب جو ٻه ٻه سو دفعا پاٺ ڪرڻ وارا
حضور جن وٽ ايندا هئا ۽ چوندا هئا ته "شبد" جو ارٿ
ته اهي "وچن آهن جي گرو صاحبن پنهنجي مک مان فرمايا
آهن." حضور جن انهنکي گرو گرنٿ صاحب مان مثال ڏيئي
سمجهائيندا هئا ته جنهن شبد دواران اُتپتي ۽ پرلئه ٿئي ٿي،
"اُتپت پرلي سبدي هووي" (مانجهه محلا ۳ صفحو ۱۱۷)
جو شبد يا نام ڪنڊن برهمنڊن کي سهارو ڏيو بيٺو آهي،
"نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ"، (گوڙي محلا ۵ صفحو ۲۸۴)

حضور جن فرمايو، ”پاڻ ڏايو سنو.“ هُو حضور جن جي ڪيل وياکيا تي سوال پڇڻ لڳا. حضور جن گرنٿ صاحب جي باڻيءَ جا حوالا ڏيئي جواب ڏيندا رهيا. آخر انهن مان هڪ چوڻ لڳو ته ان ڳالهه جو ڪهڙو ثبوت آهي ته اسانجي اندر شبد وڄي رهيو آهي؟“ حضور جن کانئن پڇيو، ”توهين گرو گرنٿ صاحب کي مڃيندا آهيو؟“ هو چوڻ لڳا، ”ضرور مڃيندا آهيون.“ حضور جن کين چيو ته ڏسو گرو گرنٿ صاحب ۾ ڪهڙا وچن آهن:-

”گهر مهه گهر دکاءِ ديئه سو ستگر پرکـ سجاڻ،
پنچ سبد ڌنڪار ڌن، تهه باجئه سبد نيساڻ.“

تنهن تي هو چوڻ لڳو، ”ها توهان جيڪي ڪجهه بيان ڪيو آهي، سو بلڪل سچ آهي ۽ مان مڃان ٿو.“

انهن ڏينهن ۾ سنتن جي سچي مارگ جي ڀيد جو لوڪن کي پتو ڪونه هو. ڪيترا ڀيرا جڏهن ماڻهو حضور جن کان نام وٺي ويندا هئا ته سندن گهر وارا ۽ برادريءَ وارا ساڻن ناراض ٿيندا هئا ۽ جهيڙو ڪندا هئا. پر جڏهن هو هنن جي اصليت ۽ حقيقت ڄاڻڻ لاءِ ايندا هئا ته هنن جا ئي ٻڌجي پوندا هئا.

مڌيه پرديش جي هڪ واپاريءَ جي ڌرمپتني حضور جن کان نام وٺي ويئي. جڏهن واپاري سيٺ کي ان ڳالهه جو پتو لڳو ته هو اچي مچيو. کيس مارڪٽ ڪرڻ لڳو ۽ ايتري قدر بگڙيو جو کيس گهر مان ڪڍي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويو. تنهن تي استري کيس وينتي ڪري چوڻ لڳي، ”توهين صرف هڪ ڀيرو منهنجي ستگرن جو درشن ڪريو ۽ ستسنگ ٻڌو، پوءِ جيڪو به سلوڪ توهان کي وڻي سو مون سان ڪجو.“ هو ورهين کان پوڄا پاٺ وغيره ڪرم ڪانڊ ڪندو هو. پهرين ته هو ڪجهه مڃيئي ڪونه پيو پر جڏهن گهر وارن به اهائي ڳالهه چيس ته هو حضور جن جي درشن لاءِ آيو. هڪ

طرح ٻاهر نڪتو جيئن حضور جن ڏانهن سندس پٺي نه ٿئي.

ڏيري ڏيري پڙهيل لکيل نوجوان به ستسنگ ۾ اچڻ لڳا. هڪ معزز ماڻهو جو اخبار نويس هو، قدرت سان امرتسر ۾ ڪنهن ستسنگيءَ سان ملڻ آيو. سنت مت جي ڳالهه ٻولهه نڪتي ته بياس اچڻ جي مرضي ٿيس. ويدانت وغيره جو گهرو اڀياس هوس، پترڪار به هو، سوالن پڇڻ ۽ بحث مباحثي ڪرڻ جو شوق هوس. رستي تي ڪي پنجاهه سٺ سوال لکيائين. ٻهريون ستسنگ، ٿيو ته ڪيترن ئي سوالن جو جواب ملي ويس. پر من ڪونه مڃيس. ستسنگ جو وشيه ڪٿي ڪجهه ٻيا سوال لکي ورتائين. ٽئي ڏينهن ستسنگ ٻڌائين ته ڏٺائين ته گهڻن سوالن جا جواب ملي چڪا. حضور جن سان گڏجڻ لاءِ عرض ڪيائين. حضور جن کيس پنهنجي ڪمري ۾ گهرايو. ڪٿان آيا آهيو؟ ڪيئن آيا آهيو، خير يافت پڇڻ کانپوءِ حضور جن وري پڇڻ لڳس، "ڪجهه پڇڻو اٿو." ان معتبر ماڻهوءَ جواب ڏنو، "ها، پڇڻو آهي." حضور جن مشڪي فرمايو ته جيڪي پڇڻو اٿوَ، پڇو. پر هڪ ته پنهنجن سوالن جو گهڻي ڀاڱي ته کيس جواب ملي چڪو هو، ٻيو، باقي سوال هن کان وسري ويا هئا. حضور جن هن کي خاموش ڏسي فرمايو، "پنهنجو ڪاغذ ڪڍو ۽ اجا جيڪي پڇڻو اٿوَ، سو پڇو." هنجا سوال ته الائي ڪيڏانهن ڪافور ٿي ويا، اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيس. هٿ جوڙي چوڻ لڳو، "حضور! ڪرپا ڪريو نام جي بخشش ڪريو."

هڪ دفعي حضور جن ستسنگ ڪري رهيا هئا. وچ ۾ ڪن اڪالين جي پارٽي اچي ويٺي. حضور جن کانئن پڇيو، "جيڪڏهن توهانکي ڪجهه پڇڻو آهي ته مان باڻيءَ جي وياکيا بند ڪريان." هنن جواب ڏنو ته نه. جڏهن شبد سماپت ٿيو ته چوڻ لڳا، "اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي."

ميان صاحب جو وڏو ڀاڱو وروڌ ڪندو هو ۽ سنتن جي آلوچنا ڪندو هو. هو به هڪ دفعي هتي جي رنگ ڏسڻ جي خيال کان آيو ۽ ستسنگ ۾ ڊائين. چوڻ لڳو، ”مان نام ته وٺڻ چاهيان ٿو پر به شرط آهن. هڪ ته مان شڪار ڪرڻ ڪونه ڇڏيندس جو راجا رامچندر به شڪار ڪندو هو. ٻيو مان جيڪو جاپ ڪندو آهيان اهو جاري رکندس.“ تنهن تي حضور جن کيس ڪرم جو سدانت سمجهايو ته ڪهڙي طرح پنهنجي ڪرمن جي ڦل کان وڏا وڏا ودوان، مهاتما ۽ اوتار به نه بچي سگهيا آهن. مانس آهار ۽ شڪار جو ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري اهو کيس ٻڌايو ۽ وڌيڪ کيس چيائون، ”باقي رهي توهانجي جاپ ڪرڻ جي ڳالهه سو مان توهانکي جاپ ڪرڻ جي صحيح ۽ سريشٽ وڌي سمجهائي سگهان ٿو.“ ٻيا به ڪجهه ڏينهن ستسنگ ٻڌي حضور جن کي عرض ڪيائين، ”سچي پاتشاهه! مان مانس شراب ڇڏيان ٿو، هينئر منهنجو ڪو به شرط ڪونهي، ديا پالي مون کي نام بخشو. حضور جن کيس نام دان بخشيو.

ميان امرسنگهه ۽ سندس پريوار جي عرض ڪرڻ تي سنه ١٩٢٦ ۾ حضور جن ٻهريون دفعو چليت ۾ تشريف وٺي ويا. تڏهن موٽر يا بس جو رستو ڪونه هو. ڀهاڙين، نالين ۽ ڪڙڪڙ واري رستن کي، حضور جن ڪٿي موٽر ۾ ڪٿي پيدل هلي طئه ڪيو. رستي ۾ جيڪي ڳوٺ پئي آيا اُتي درشن ۽ ستسنگ پردان ڪري جڏهن حضور جن چليت پهتا ته ماڻهو خوشيءَ ۾ اچي نچڻ لڳا ۽ ٻئنڊ باجن سان حضور جن جو سواگت ڪيائون.

چليت ۾ ٽي پاڙا آهن. ڪن پوڄارين جي چوڻ تي لڳي ٻئي پاڙي جا راجپوت خلاف ٿي بيٺا. انهن پنهنجي محلي ۾ ڍنڍورو ڦيرايو ته جيڪو به ستسنگ ۾ ويندو ان کي

دفعو ستسنگ، ٻڌائين ته حضور جن جي چرنن ۾ مٿو ٽيڪي چوڻ لڳو، ”مهاراج جي، مونکي معافي ڏيو ۽ ڪرپا ڪري نام جي بخشيش ڪريو.“

جڏهن به ڪو ستسنگي حضور جن کي عرض ڪندو هو ته گهر وارا پريشان ٿا ڪن ته حضور جن کين چوندا هئا ته پنهنجو ڀڄن سمرن ڪندا رهو، سيني سان پريم پيار وهنوار ڪريو ۽ ڪنهن سان به بحث نه ڪريو. مالڪ ڪندو سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. حضور جن ڪنهن کي به مندر، گردواري يا گرجا گهر ۾ وڃڻ جي منع ڪونه ڪندا هئا. جڏهن به دؤري ۾ يا شادي وغيره ڪارڻ کين ڪنهن مندر يا گردواري ۾ وڃڻو پوندو هو ته حضور جن ڏاڍي نمرتا سان اتي مٿو ٽيڪي ٻين سان گڏ زمين تي ويهندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن ستسنگيءَ جي سوال پڇڻ تي حضور جن فرمايو ته اسانکي ڪنهن به ڌرم جي نندا يا آلوچنا ڪرڻ نه گهرجي، سيني لاءِ عزت هئڻ کپي ۽ پنهنجي ستگروءَ جو ڌيان ڪري مٿو ٽيڪڻ گهرجي، جيئن ڪهڙي به ڌرم جي پوئلڳ جي دل کي چوٽ نه رسي.

پهاڙن ۾ چليت هڪ ننڍو قصبو آهي. راجپوتن جي بستي آهي. ماڻهو شڪار جا شوقين ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاٿا پيا هئا. ڪن ڪٽنبن کي مسلمان حڪمرانن طرفان ’ميان‘ جو لقب مليل هو. اتي جو ميان امرسنگهه جو پلٽڻ ۾ حوالدار هو، ان جي ملاقات حضور جن جي هڪ پريمي ستسنگي پنڊت جهنڊيرام سان جهيلم ڇانوڻيءَ ۾ ٿي. ان کان سنت مت بابت ٻڌي هو ڏيري ۾ آيو ۽ حضور جن کان نام وٺي ويو. هماچل پهاڙي علائقي ۾ اهوئي پهريون ستسنگي هو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ميان امرسنگهه جي ماتا پتا پڻ ڏيري حضور جن جي شرن ۾ اچي نام دان پراپت ڪيو.

ستسنگي ظاهر ڪرڻ ۾ ٻ جندا هئا. حضور جن اڳيان انهن
پنهنجي تڪليف پيش ڪئي. حضور جن اهو ٻڌي ڀوڻا جو
ڏورو رکيو ۽ رستي ۾ سنگيا، سنتوکـ ڳڙهه وغيره ڪيترن
ئي ڳوٺن ۾ حضور جن ٻه ٻه، ٽي ٽي، ڏينهن ترسي ستسنگ
فرمايو. ڪيترن هنڌ ته سارو ڏينهن گهوڙي جي سواري
ڪري پهچندا هئا ته ڪٿي ٨-٨، ١٠-١٠ ميل ڪن پيدل هلڻو
پوندو هو. سنگيا ۾ ٧٠٠ ۽ سنتوکـ ڳڙهه ۾ ٣٩٠ استري پرشن
کي حضور جن نام دان بخشيو. ڀوڻا ۾ حضور جن ڪجهه
ڏينهن رهي ستسنگ ۽ نام دان ڏنو. حضور جن جي انهن
ڏورن سبب ئي اڄ ان علائقي ۾ پندرهن ويهه هزار ستسنگي
آهن ڀوڻا ۾ سنگت جيڪو ستسنگ گهر پنهنجي شيوا سان
ٺهرايو آهي، اهو پوري علائقي ۾ پنهنجي ڍنگ جو هڪ ئي
آهي يعني سندرتا ۾ ان سان اٽني جي ٻي ڪا به عمارت
مقابلو ڪري نٿي سگهي.

حضور جن ڀوڻا وغيره استانن جا ڪيترا ئي دفعا ڏورو
رکندا هئا. هڪ دفعي ڀوڻا ۾ حضور جن کي هڪ سادو
مليو جو ويدن شاسترن جي آڌار تي حضور جن سان بحث
ڪرڻ لڳو. حضور جن شانتيءَ سان هنکي ٻڌندا رهيا.
جڏهن هو چپ ٿيو ته حضور جن ڪانئس پڇيو، ”مهاتماجي!
توهان جي رسائي ڪيستائين آهي؟ ڪڏهن اندر ۾ پرويش
ڪيو اٿو؟“ اهو ٻڌي هو حيران ٿي چوڻ لڳو، ”اندر ۾
ڇا؟“ حضور جن ائين ته ڪيترا دفعا فرمائيندا هئا ته ودوان
پنڊت، وياڪيا ڪندڙ ۽ عالم فاضل ڪتاب پوٿيون پڙهي
ٻين کي سمجهائيندا وتن ٿا پر پاڻ ڪڏهن اندر ڪونه ٿا وڃن.
سندن پنهنجو گهر ته لٽجي رهيو آهي مگر ٻين جي گهرن جي
چوڪيداري ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن. هڪ دفعي حضور جن
ڳالهه ٻولهه ڪندي فرمايو ته عالم خدا جي دروازي جا

پنجاهه روپيه ڏنڊ ڏيڻو پوندو. ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ ڪير ڪونه آيو سواءِ سرڳواسي جمعدار لالسنگهه جي وڌوا ڀيڻي ڌرم ديوي * جا ڏنڊ جي ڪابه پرواهه نه ڪري ستسنگ ۾ آئي. ڀيڻي ڌرم ديويءَ جي لڳن ۽ مهڪمتا کي ڏسي، ٻيا ماڻهو به ڏنڊ جي پرواهه نه ڪري ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ آيا ۽ حضور جن جي ديا مهر سان وروڌ سماپت ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح مانس شراب جا عادي، پاٺ پوجا ۽ ٻليون چاڙهڻ جي رينبن رسمن ۾ ڦاٿل راجپوتن جي علائقي ۾ حضور جن ڪلييل لفظن ۾ بيڌڙڪ ٿي سنت مت جو هوڪو ڏنو. سادا سودا پهاڙي لوڪ حضور جن جي شرن ۾ اچڻ لڳا. حضور جن اُتي ڪيترن ئي زالن مردن کي نام جي دولت بخشي مالا مال ڪيو.

حضور جن جي نمرتا، پريم ۽ ساهس اڳو وروڌي پڳهر جي پاڻي ٿي ويندا هئا. ڀوڻا جو حال به ڇليت جهڙو ئي هو. سنه ١٩١٨ ۾ هن علائقي جا ڪجهه ماڻهو حضور جن جي باري ۾ ٻڌي ڏيري آيا ۽ نام وٺي ويا. اُتي جا ماڻهو جي ڪرم ڪانڊ ۾ غلطان هئا، ستسنگين جو ڀهشڪار ڪرڻ لڳا. جيتوڻيڪ حضور جن جي ديا ۽ مهر سان ڏيري ڏيري ستسنگ وڌي رهيو هو ۽ مخالفت ڪي ڪجهه گهٽجي ويئي هئي تڏهن به ستسنگي پاڻ کي الڳ رکندا هئا ۽ پاڻ کي

---

* ڀيڻي ڌرم ديويءَ کان حضور جن پوءِ ڏاڍي شيوا ورتي. پهاڙن ۾ ڀيڻي ڌرم ديويءَ جي پريرنا ۽ سٺي رهڻيءَ سبب ستسنگ خوب وڌيو ويجهيو. حضور جن ڪيس ڪالوءَ جي ٻڙ واري ستسنگ گهر جي ديکڀال ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. ڏاڍي اڀياسڻ، پريمڻ ۽ نيڪ ستسنگڻ هئي. ٿورا ئي سال ٿيا آهن جو چولو ڇڏيو اٿس.

شبد، "ڪر نيئون ديدار محل ۾ پيارا هڻ." ڪنهن ۽ پنهنجي وياڪيا ۾ ڪرم ڪانڊ جي اصليت ۽ منش جي شرير ۾ ديوي ديوتائن جي پوري ۽ صحيح اوستا تي خوب روشني وڌي. پنهنجي پروگرام انوسار پنڊتن مان هڪ ودوان اُتي مورتي پوڄا جي پکش ۾ هڪ ننڍو ڀاشڻ ڏنو ۽ حضور جن کان اُتر پڇيو. حضور جن ڏاڍي مٺي نوع ۾ جواب ڏنو ته اصلي هري مندر منش جو شرير آهي. ٻاهر جا مندر ته اسانکي اندر وڃڻ جو اشارو ڪن ٿا. ٻاهريان مندر ته منش جا بڻايل آهن، اهي نقلي آهن، اصلي نه. اصلي مندر ته انسان جو وجود آهي جنهن کي پرماتما پاڻ بڻايو آهي ۽ ان ۾ ئي پاڻ رهيٿو. ان اصلي هر مندر ۾ اسان کي هن جي تلاش ڪرڻ جڳائي ۽ اُتيئي هو ملندو. پوءِ حضور جن ديهه سروپ گروءَ جي ضرورت تي زور ڏيندي فرمايو ته جيڪڏهن ودياٿي ڪنهن اهڙي مهاتما کان پڙهڻ چاهي جو هزارين سال پهرين گذاري ويو آهي يا ڪو شخص پنهنجي مقدمي جو فيصلو راجا وڪرماجيت کان ڪرائڻ چاهي، يا جيڪڏهن ڪو بيمار پنهنجو علاج ڌنونتر وئد کان ڪرائڻ چاهي ته اڄ اهو ڪيئن ٿي سگهيٿو؟

حضور جن جي سرل ۽ سڌي سنواٽي جواب پنڊتن کي شانت ڪري ڇڏيو. انهن مان ڪجهه ته حضور جن جي شرن ۾ اچي پيا پر ٻه ٽي پنڊت مهاتما تلسيرام وٽ ويا ۽ چيائونس، "توهان کي شرم نٿو اچي جو برهمڻ ٿي ڪري هڪڙي سک، جي پيرن ۾ متو ٿا ٽيڪيو!" تلسيرام جوش ۾ ڪين ڇيو، "ذرا ان سک، کي منهنجي نظر سان ڏسو. توهان کي ڪهڙي خبر ته هو ڪهڙي اوچي هستي آهي!"

اڄ سڄانپورا نهرا توڙي آسپاس جي ڳوٺن ۾ هزارين ستسنگي آهن. ڏيري ۾ هر پنڌاري تي سڄانپور، ٻهوٽا،

ڦهريدار آهن، خود ته اندر وڃي ننڍا سگهن پر جي ڪو ڪين ٻڌائي ته ته مان اندر ويو آهيان ته هو مڃڻ لاءِ تيار ڪونهن.

ڦهاڙن ۾ سڄانپور ٺهرا ۾ ٻه ڪجهه ستسنگي هئا جي پنڊتن ۽ آريه سماجين جي ورود ڪري چپ چاپ اڀياس ڪندا هئا ۽ ڏيري اچي حضور جن جو درشن ڪندا رهندا هئا. ١٩٣٩ ۾ حضور جن سڄانپور ٺهرا جو دؤرو رکيو. حضور جن جيپ ۾ نديءَ ڪناري پهتا ۽ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سڄانپور آيا. انهن ڏينهن ۾ سڄانپور ۾ تلسيرام* نالي هڪ اڀياسي مهاتما رهندو هو، جنهنجو ان ايراضيءَ ۾ ڏاڍو پريم ۽ عزت هئي. حضور جن جي ٻيڙي ندي پار ڪري رهي هئي ۽ هوڏانهن ٻئي ڪناري تي هزارن جي تعداد ۾ استريون، پرش حضور جن جو سواگت ڪرڻ لاءِ بيٺا هئا. جڏهن ٻيڙي ويجهو آئي ته ماڻهن ڏٺو ته نديءَ جي بلڪل ڪناري مهاتما تلسيرام بيٺو هو، ڪيس هٿن ۾ گل هئا ۽ بلڪل ادب سان سر جهڪائي بيٺو هو. جنهن وقت حضور جن ڪشتيءَ مان لهي اڳيان چرن وڌايا ته مهاتما تلسيرام سندن چرنن ۾ متو ٽيڪيو، نذراني طور گل پيش ڪيا، ڪجهه چوڻ چاهيائين تي مگر گلو روڪجي ويس ۽ سندس نيڻن مان نير جي ڌارا وهي هلي. حضور جن پنيان هئي، ٻنهي هٿن سان ساڻس راڌاسوامي ڪئي.

حضور جن جي ستسنگ، ڪانپوءِ رات جو تلسيرام درشن لاءِ آيو ۽ حضور جن ڏاڍي پريم سان ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪئي. انهيءَ رات جو پنڊتن ۽ پوڄارين طئه ڪيو ته ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ حضور جن سان بحث ڪري پوڄا پاٺ جي مهما ثابت ڪرڻ کپي. ٻئي ڏينهن حضور جن ڪبير صاحب جو

---

* مهاتما تلسيرام جن جا گرو سترام جي هئا جنکي هڪ مسلمان فقير کان دات ملي هئي.

وغيره شهرن ۾ ڪيترا دفعا سنتسنگ ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. انهن شهرن جي وچ ۾ ننڍن ننڍن ڳوٺن ۽ قصبن ۾ رهي سنتسنگ فرمائيندا هئا.

جڏهن حضور جن سنه ١٩٣٢ ۾ ڪالا باغ پڌاريا ته سندن سان گڏ ويندڙ سنتسنگين کي خبر پيئي ته حضور جن سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪيڏي جفاڪشي ڪندا هئا. ڪالا باغ سمنڊ جي سطح کان ٨-٩ هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي آهي. جنهن رستي تان حضور جن ائبٽ آباد کان وڃي رهيا هئا، اهو رستو حضور جن خود پنهنجي نوڪريءَ جي ايامڪاريءَ ۾ ٺهرايو هو. ان جو گهڻو حصو پهاڙن ۽ ٽڪرين کي ڪاٽي ٺهرايو ويو هو. انهن ڏينهن ۾ حضور جن پنهنجي نواس استان کان ڪافي ميل پري پنهنجي زير نگرانيءَ ۾ ڪم ڪرائيندا هئا ۽ سڄو ڏينهن پهاڙن ۾ گذاريندا هئا. ان سڄي رستي تي حضور جن چنار جا وڻ پوکايا هئا جي هينئر اُسري ڏاڍا سندر ٿي لڳا ان دؤري ۾ حضور جن سان ڊاڪٽر جانسن پڻ گڏ هو، ان پنهنجين چٺين ۾ ان دؤري جو ورنن ڪيو آهي. اڌ رستي تي حضور جن ۽ سنگت هڪ ڪاٺيءَ استان تي رکي. هتي پاڻيءَ جو جهرڻو هو ۽ مسافرن لاءِ وهڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ پهاڙ ڪاٽي جڳهه بنائي ويئي هئي. اهو سندر استان حضور جن پنهنجي نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ بڻايو هو. حضور جن ڪالا باغ ۾ پنهنجي ئي ٺهرايل هڪ ننڍي مڪان ۾ رهيا. پٿر جو ٺهيل اهو بنگلو حضور جن جي ذاتي ملڪيت هو. اهو ڪالا باغ جي بستيءَ کان بلڪل الڳ، هڪ سنسان پهاڙيءَ تي اڏيل هو. ٽن طرفن کان گهري کاهي هئي ۽ چئني طرفن رمڻيڪ نظارو هو. حضور جن ٻنپهرن جو ٻي ٻجي سنتسنگ ڪيو. دور دور جي پهاڙي ڳوٺن مان سنگت آئي هئي. انهي جا چهرا پريم سان ٻهڪي رهيا هئا ۽ سندن نيڻن مان پيار ۽ خوشيءَ جا

بلاسپور، همير پور، پرور، منڊي، نور پور وغيره اِستانن جا هزارين ستسنگي ايندا آهن. قريب قريب سڄو ڪانگڙي جو علائقو ستسنگ جو مرڪز بڻجي ويو آهي.

ديوان تيجو لعل پاوناڻيءَ جي پرارٿنا ڪرڻ تي حضور مهاراج جن ڪراچيءَ تشريف وٺي ويا. ان سمي سنڌ ۾ بلڪل ٿورا ستسنگي هئا. پهرئين ڏينهن ستسنگ ۾ ايترا ٿورا ماڻهو آيا جو ديوان صاحب مايوس ٿي پيو. حضور جن کي عرض ڪيائين، ”مهاراج جي! ستسنگ ۾ تمام ٿورا ماڻهو آهن. منهنجو خيال آهي ته حضور جن جي باري ۾ ۽ سنت مت جي پرچار لاءِ ڪجھ اِشتهار ڇپائي ورهايان جيئن ماڻهن کي خبر پوي. حضور جن مڌر مشڪ سان فرمايو، ”ديوان صاحب! ٿورو صبر ڪريو. توهانجي اِشتهارن جي ضرورت ڪانهي. اِشتهار شايع ڪرڻ وارا پنهنجو پاڻ ايندا.“

ٻئي ڏينهن ڪن ورودين اِشتهار ڇپائي ورهايا ته راڌا سوامين جو گرو ڪراچيءَ ۾ آيو آهي ۽ هو گرنٿ صاحب جي باڻيءَ جو غلط ارٿ ڪري ٿا ٻڌائين، ان ڪري ڪو به انهن جي ستسنگ ۾ نه وڃي. سنڌين ۾ گرواڻيءَ جو پرچار ته گهر گهر ۾ آهي ئي هو. اِشتهار پڙهي ماڻهو ستسنگ ۾ چاهه سان اچڻ لڳا. ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ پير پائڻ جي جڳهه ڪانه هئي. تنهن ڪري ان کان پوءِ ستسنگ ٻاهر کليءَ ميدان ۾ ڪرڻو پيو. تنهن کان پوءِ سنڌين ڏيري ۾ اچڻ شروع ڪيو ۽ نامدان وٺڻ لڳا ۽ اڄ سنگت ۾ سنڌين جو تعداد بلڪل گهڻو آهي.

حضور مهاراج جن ورتمان پاڪستان واري علائقي ۾ ڪافي دفعا دؤرو ڪندا هئا. لاهور، راولپنڊي، لائلپور سيالڪوٽ، پشاور نوشهره، ڪوئيٽا، ملتان، ڪراچي، گجرانوالا، وزير آباد، جهلم، مانٽگومري، ڪالاباغ، ائبٽ آباد

پوڄـــ لڳي ۽ توهان جو سيت پرشاد توهان جي سنگت جي رسنا لائق بڻجي .... سو جي ان وقت گرو صاحب ڪاڏو نہ جونو آهي، ۽ جي گرو صاحب ڪونہ ڪاڏو تہ پوءِ اهو پرشاد ٿيو ئي ڪونہ. هاڻي جڏهن اسين پرشاد ڏيون ٿا تہ ان واهگرو اڪال پرکــ جو ڏيـــان ڪريون ٿا تہ توهان جو پرشاد تيار آهي، توهان جي ساڌ سنگت جي رسنا لائق بڻجي." اهو ٻڌي لوڪن کي تسلي ٿي.

سنہ ١٩٣٢ ۾ ڪالا بـاغ جي دؤري کان اول حضور جن راولپنڊيءَ تشريف وٺي ويا. اُتي ستسنگـ گهر ۾ وڃي رهيا. اهو ستسنگـ پون ٻين سيني جاين کان وڌيڪ سندر ليکبو هو. حضور جن ٦ آڪٽوبر کان ١١ آڪٽوبـــر تائين هر روز ستسنگـ ڪندا رهيا. ستسنگـ ۾ هندو ۽ مسلمان تہ ايندا ئي هئا پر ڏيري ڏيـري سکـ بہ اچڻ لڳا. پهاڙيءَ جي ٻين ڏينهن تي ستسنگـ ۾ سکـ بـالڪل گهڻي تعداد ۾ آيـا هئا. گرو گرنٿ صاحب جي بـاڻيءَ جو صاف ۽ صحيح ارٿ ۽ حضور جن جي پرڀاوشالي شخصيت انهن کي ڪشش وٺي اچڻ لڳي. ١٢ آڪٽوبر صبوح جو حضور جن ڪالاباغ روانا ٿي ويا. وڃڻ کان اڳـ حضور جن فرمايو تہ پاڻ ٢٤ آڪٽوبر منجهند جو واپس ايندا ۽ شام جـو رالپـنڊيءَ ۾ ستسنگـ ڪري، ٢٥ تاريخ صبوح جو ٦ بجي روانا ٿي ويندا.

هوڏانهن سکن جي هڪ فرقي ۾ گهبراهٽ ڇانئجي ويئي تہ جي اهڙيءَ ريت ستسنگـ ٿـيندو رهيو تـہ سـڀ سکـ راڌا سوامي بڻجي ويندا. اڪالي نيتائن ۽ گردوارن جي گرنٿين لکي ڇپي ميٽنگـ ڪئي ۽ اهو طئہ ڪيائون تہ هاڻي راولپنڊيءَ ۾ ستسنگـ ڪرڻ ئي ڪونہ ڏيندا.

مهاراج جن ڪالا باغ، ائبٽ آباد وغيره هنڌن تي ستسنگـ ڪري ٢٤ آڪٽوبر ١٩٣٢ تي منجهند جو ٽين بجي راولپنڊيءَ

لڙڪ وهي رهيا هئا.

١٤ آڪٽوبر ١٩٣٢ تي ڊاڪٽر جانسن هڪ عجيب نظارو ڏٺو. اٺين بجي صبوح جو حضور جن ڪن ننڍن ٻارن ۽ ڇوڪرن کي پنهنجي پاسي ۾ وهاري انهن کي ڏُن ۾ وهڻ جو طريقو سيکاريو ۽ کين ڏن بخشي. اهي سنگين جا ٻار هئا. اُتي پنج ڏينهن سنگت ۾ نام دان ڪان پوءِ حضور جن ١٨ آڪٽوبر ائبٽ آباد آيا. ائبٽ آباد افغانستان جي ويجهو آخرين انگريزي ڇانوڻي هئي. خيبر جو دڙو هتان پري ڪونهي. اُتي حضور جن سان ڪي پير مرد مليا جن حضور جن جي هٿ هيٺ ڪم ڪيو هو. هتي ڪن ماڻهن سنگت ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ لڳا بحث ڪرڻ پر جڏهن حضور جن ڏاڍي پيار ۽ سنڀيءَ سان سندن سوالن جا جواب ڏنا ته سڀ شانت ٿي ويا. حضور جن ڊاڪٽر جانسن سان گڏ ان اسٽان تي به ويا جتي باباجي مهاراج جن اچي سنگت ڪيو هو ۽ اُتي حضور جن جي نوڪري هئي.

انهن ڏينهن ۾ سنگت ۾ بحث يا وروڌ ڪا نئين ڳالهه ڪونه هئي. هڪ دفعي ڪالاباغ ۾ ڪي امير سک سنگت ۾ آيا. ان ڏينهن سنگت کان پوءِ پرشاد ورهايو پئي ويو. سنگت جي نندا ڪرڻ وارن اهو پرچار ڪيو هو ته راڌا سوامين جي سنگت ۾ جُوٺو پرشاد ورتائبو آهي. هڪ سک پرساد وٺڻ کان اڳ، اُتي پڇڻ لڳو، ”جي! ڇا هيءُ پرشاد جُوٺو آهي“ حضور جن ٿورو مشڪي فرمايو، ”جُوٺو آهي به ۽ ناهي به.“ هن ڇيو ته اهي ٻئي ڳالهيون ٿي نٿيون سگهن. حضور جن اُتر ڏنو، ”ها، ٿي سگهن ٿيون. جنهن وقت اسين (گردواري ۾) ارداس ڪندا آهيون ته ”هي سچي پاتشاهه! توهان جو پرشاد تيار آهي. توهان کي

بزرگ بيٺل ڏسڻ ۾ پئي آيو. حضور جن فرمايو ته اُهي بابا جي مهاراج جن هئا. ستگرو سدائين انگ سنگ آهن، انهن کي پنهنجي پريمين جي رکيا جو پورو خيال رهندو آهي.

جڏهن شانتي ٿي ته حضور جن پنهنجي شانت مڌر باڻيءَ ۾ ستسنگ شروع ڪيو. سنگت جي گهٻراهٽ دور ٿي ويئي ۽ ائين پئي لڳو ته ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. ستسنگ کان پوءِ حضور جن اعلان ڪيو ته صبوح جو ستين ٻجي هن ئي استان تي ستسنگ ٿيندو. اهو ستسنگ حضور جن جي پروگرام ۾ ڪونه هو. ان مان صاف ظاهر هو ته حضور جن ورود، ننڍا ۽ تلوارن جي سامهون به ستسنگ جاري رکڻ چاهيو ٿي. ٻئي ڏينهن صبوح جو ستسنگ ۾ پوري شانتي هئي ۽ سکن جو تعداد اڳي کان به اڳرو هو. حضور جن جهيلم، لائلپور ۽ لاهور مان ٿيندا ڏيري پهتا.

ان کان پوءِ راولپنڊيءَ ۾ ستسنگ خوب ٿهليو ۽ ڪيترا سکن جا معزز ۽ بيٺل ڪٽنب حضور جن جي شرڻ ۾ آيا. جڏهن حضور جن ٻيو دفعو ڪن ورهين کان پوءِ راولپنڊي پڌاريا ته ستسنگ کان پوءِ ڪن ستسنگين حضور جن جي ساراهه ڪندي چيو ته ٿورو وقت اڳي حضور جن جي ستسنگ ۾ اڪالين سخت ورود ڪيو هو، حضور جن جي ڪرپا سان هاڻي سڀ شانت ٿي ويا آهن ۽ ستسنگ خوب ترقي ڪئي آهي. حضور جن پريم ۽ نمرتا سان اُتر ڏنو، ”ڀائي صاحب! اها منهنجي خوبي ڪانهي پر گرو نانڪ صاحب جن جي باڻيءَ جي آهي جنهن ۾ سچي روحانيت جي تعليم آهي.“

حضور جن گرميءَ جي مند ۾ ڪجهه ڏينهن ڊلهائوسيءَ وڃي رهندا هئا جتي سنگت به ايندي هئي ۽ ستسنگ، ملاقاتون ۽ پرمارٿ جي چرچا، اهو ڪاريه ڪرم هلندو هو. سيپٽمبر ١٩٤٣ ۾ حضور جن ڊلهائوسيءَ ۾ ناچاڪ ٿي پيا ۽

پهتا. شام جو ستسنگ هو. ستسنگ ۾ اڪالين جو جٿو
ڪرپان ۽ تلوارون ڪڍي آيو. هو ٽڙي پکڙي سنگت جي
وچ ۾ ويهي رهيا. سنگت مان ڪنهن وٽ به هٿيار ڪونه
هو. ڊاڪٽر جانسن پنهنجي خط ۾ لکيو آهي ته ٻه اڪالي
هن جي ڏائي ۽ ساڄي پاسي اچي ويٺا ۽ سامهون تلوارون
رکي ڇڏيائون. حضور جن ستسنگ کان ڪجهه ڪلاڪ اڳ ئي
ڪاروبارين کي چئي ڇڏيو هو ته ستسنگ ۾ پوليس جو
بندوبست ڪرائي رکن پر هنن ان ڳالهه ڏي ڌيان ڪونه
ڏنو. جڏهن حضور جن ستسنگ شروع ڪيو ته ٻه ٽي اڪالي
ٻيهي گوڙ شور ڪرڻ لڳا. ستسنگين هنن کي شانت ڪرائڻ
جي ڪوشش ڪئي پر هو ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونه هئا.
باقي هٿيار بند اڪالين به گوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو،
انهن تلوارون ۽ ڪرپان ڪڍي ڪيا پر ستسنگي بي خوف
ٻڌي انهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. شور ۽
کينچاتاڻ تيز لڳي. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو ته ڏاڍي رتوڇاڻ
ٿيندي پر اُتيئي پوليس اچي ويئي ۽ گوڙ گهمسان ڪندڙ
تتر پتر ٿي ويا. انهي شور غل ۾ سمورو وقت حضور جن
تخت تي بلڪل شانت ۽ استر ۽ اڏول ويٺا رهيا. ان مهل
سندن تيجسوي مکڙو پنهنجي روحاني نور سان ٻهڪي
رهيو هو. حضور جن کان ٿورا فوٽ پري ٽي چار شخص
ڪرپان کڻي بيٺا هئا، جي شور ته مچائي رهيا هئا پر
اڳيان وڌڻ جي همت نٿي ساري سگهيا. حضور جن جي
چهري تي پريشاني رتي ماتر به ڪانه هئي. جن به ان وقت
حضور جن جي طرف نهاريو، اهي حضور جن جي ان انوڀم
۽ انوکي درشن کي ڪڏهن به ڪونه ڀلجندا. ڪجهه ستسنگين
بعد ۾ ٻڌايو ته جيترو دير اڪالين جو ٻغاغو ٿيندو رهيو،
اهو سارو وقت ڪين حضور جن جي پٺيان هڪ تيجسوي

تشريف وٺي ويا هئا ته ماسٽر تارا سنگهه، ڪي اڪالي نيتا ۽ ٻيا به ڪيترا نامور سک، حضور جن سان ملڻ آيا. هو ستسنگ ۾ اچي ويٺا. حضور جن گرو گرنٿ صاحب مان شبد کنيو، قريبن ٢ ڪلاڪ وياکيا ڪيائون. ستسنگ ۾ اٽڪل ٢٠ هزار کن استريون پرش موجود هئا. سنگت بلڪل شانت ۽ اڏول ويٺي هئي. سڀ حضور جن ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي نهاري رهيا هئا ۽ کين پنهنجي ڪا به سڌ ٻڌ ڪانه هئي. ستسنگ کانپوءِ اڪالي نيتا حضور جن کي چوڻ لڳا، "اسين حيران آهيون ته سڌا سادا پهاڙي لوڪ گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻي سمجهن ٿا ۽ اهڙي شانت ڪري ويهي ٻڌن ٿا. ڪيترن جي اکين مان آب جاري هو ۽ ائين پئي لڳو ته هنن کي تن بدن جي سڌ ڪانه هئي."

حضور جن کلي جواب ڏنو، "گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ لاءِ مون هنن ۾ پيار پريو آهي، هاڻي توهان کي ضرورت هجي ته کين ڪجهو- ڪڙو ڀرايو." پوءِ حضور جن کين ڏاڍي سنيهه سان سمجهايو ته گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ کي سمجهي اُن تي عمل ڪرڻ سان انسان صحيح روپ ۾ سک ٿو بڻجي. ٻاهرين پوشاڪ ۽ نشان رکڻ سان سک ڪونه ٿو بڻجي."

حضور جن کي پنهنجن دورن ۾ جتي به ڪي ماڻهو نامدان لاءِ وينتي ڪندا هئا ته حضور جن کين ضرور نامدان بخشيندا هئا. ڪيترا دفعا وڻن جي هيٺ، ميدانن ۾، اوچن پهاڙي استانن ۾ يا ڳوٺ کان پري کلئي ميدان ۾ نامدان جي ورڪا ڪندا هئا. ڊاڪٽر جانسن پنهنجي هڪ خط ۾ ٻڌائي ٿو ته اپريل ۱۹۳۳ ۾ حضور جن هڪ دوري ۾ چار هزار نو سؤ جيون کي نام جي دولت سان مالا مال ڪيو. هيءُ دورو ننڍن ننڍن ڳوٺن جو هو.

ڊاڪٽر چنتا ۾ پئجي ويا، هنن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته گرميءَ جا ڏينهن حضور جن کي ٿوري اوچائي واري پهاڙي اِستان تي گذارڻ کپن. تنهنڪري گگريٽ کان پريان، پرواڻي ۽ چنتپرنيءَ جي پاسي ۾ هڪ اِستان پسند ڪيو ويو. ان اِستان جو نالو ڪالوءَ جي ٻڙ آهي. چئني طرفن کان ڪاهين سان گهيريل هن اِستان ۾ پهاڙيءَ مٿان هڪ ڪشادو ميدان آهي جنهن جي هڪ ڪناري تي ٻڙ جو هڪ شاهي درخت آهي. آسپاس هڪ ميل اندر ڪا به بستي ڪانهي. حضور جن هيءُ اِستان پسند ڪيو ۽ ڪالوءَ جي ٻڙ جي زمين خريد ڪئي ويئي. ڏيري ڏيري سٿسنگ گهر، لنگر ۽ ٻيون جايون ٺهرايون ويون ۽ حضور جن سال ۾ ٻه ٽي دفعا اُتي سٿسنگ لاءِ ويندا رهيا. هيءُ اِستان آسپاس واري علائقي جي سٿسنگ جو مرڪز ٿي پيو ۽ اڄڪلهه ڪالوءَ جي ٻڙ جي چئني طرفن واري ايراضيءَ ۾ قريبن ١٥-٢٠ هزار سٿسنگي آهن. هن علائقي ۾ راجپوتن، برهمڻن ۽ رامداسين (هريجن) جا ڳوٺ آهن. حضور جن ڪالوءَ جي ٻڙ ۾ اهڙو اِستان ٺاهي ڇڏيو جتي سڀ ماڻهو پنهنجا ويڇا وساري، ڪٺا تي سنتن جي روحاني سنديش جو لاڀ وٺي سگهن.

نه رڳو ڪالوءَ جي ٻڙ ۾ مگر پوري ڪانگڙي علائقي ۾ مانس شراب جو رواج هوندو هو، ديويءَ جي پوڄا ۽ ٻل چاڙهڻ جو زور هو ۽ ماڻهن ۾ اڇوتپڻي جو ڀوت سوار هو. حضور جن کي رامداسين لاءِ ڏاڍو پيار هو. سندن سٿسنگن سڀني کي گلي لڳائي ڇڏيو ۽ اڄ سڀني ذاتين جا ماڻهو لنگر ۾ گڏجي ڀوڄن کائين ٿا. حضور جن هن علائقي ۾ روحانيت جو درياءُ وهائي ڇڏيو آهي، ان جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. هتي جا سٿسنگي صاف دل، پريمي ۽ اپياسي آهن.

هڪ دفعي جڏهن حضور مهاراج جن ڪالوءَ جي ٻڙ

ڪري ڇهين ٻجي تائين تيار ٿي ويندا هئا. ساڻن جيڪي ڳڌ هوندا هئا سي جڏهن سنان لاءِ ويندا هئا ته برف ڪان بہ ٿڌي پاڻيءَ ۾ مشڪل سان هٿ منهن ڌوئي هليا ايندا هئا.

انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، حضور جن جي ستسنگين ۾ پساوا جو راو بهادر شوتيان سنگهه جن ڏاڍا پريمي ستسنگي هئا. مهاراج جن کي عرض ڪندا هئا ته حضور! هڪ دفعو پساوا ۾ بہ ستسنگ جي ڪرپا ڪريو. حضور جن فرمائيندا هئا، ”راو صاحب! توهان وٽ بہ ڪڏهن هلنداسين.“ راو صاحب جن بہ ٽي پيرا عرض ڪندا رهيا پر اهوئي جواب ملندو رهندو هون پر پساوا جي پروگرام جي تاريخ ڪانہ ملندي هئي. هڪ دفعي راو صاحب جن حضور جن سان گڏ ستسنگ جي دوري تي ويا. اُتي حضور جن کي هڪ ڪچي مڪان جي ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ رهندي ڏٺائون. راو صاحب اهو ور تانت ڪيترا دفعا ٻڌائيندا هئا. سندن دل ۾ خيال آيو تہ جڏهن حضور جن هن غريب جي ڪچي جاءِ جي هڪ ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾ رهي سگهن ٿا تہ پوءِ مون وٽ اچڻ ۾ ڪين ڪهڙو عذر ٿو ٿي سگهي جڏهن حضور جن لاءِ مون وٽ خاصي حويلي ۽ سينگاريل ڪمرا موجود آهن. جڏهن ڏيري موٽي آيا تہ وري پساوا هلڻ لاءِ عرض ڪيائون. حضور جن وري بہ ڪين ٽاري ڇڏيو. راو صاحب جن ڏاڍو دکي ٿيا، اکين ۾ آنسون اچي وين ۽ رات جو انهيءَ ئي سوچ ۾ مايوس ٿي سمهي پيا. راو صاحب پاڻ ٻڌائيندا هئا تہ رات جو حضور جن سپني ۾ درشن ڏنو ۽ فرمايائون، ”راو صاحب! توهان کي پنهنجي محلن ۽ ڪمرن جو ايمان آهي، پر انهن سپني سان اسان جو ڪهڙو واسطو!“ ٻئي ڏينهن راو صاحب جن حضور جن جي سنمک حاضر ٿيا، اکين مان لڙڪ ڳڙي رهيا هئا، ڪنڌ مان اکر نہ اُڪلين، هٿ جوڙي

انهن ڏينهن ۾ رستا خراب هئا ۽ ڪٿي ته رستا ئي ڪونه هئا. انهن هنڌن تي حضور جن پيدل، گهوڙي تي يا لاريءَ ۾ پهچندا هئا. ڪيترا دفعا ڪين موٽر جي خراب ٿيڻ سبب ڪلاڪن جا ڪلاڪ واٽ تي روڪجڻو پوندو هو ۽ جڏهن مقرر اِستان تي پهچندا هئا ته سڌو ستسنگ ۾ تشريف وٺي ويندا هئا. جگياسو، واقفڪار ۽ ستسنگي انهن دورن ۾ حضور جن کي رات ڏينهن گهيري رکندا هئا. رات جو ١١-١٢ بجي تائين ته هنن جي سوالن جا جواب پيا ڏيندا هئا. جڏهن آرام ڪرڻ لاءِ ويندا هئا ته ان وقت به ٻاهران سنگت پيئي ايندي هئي ۽ ساري رات شبد پيئي پڙهندي هئي. حضور جن سنگت جي شيوا اُڃيان پنهنجي سهنج ۽ آرام جو ڪڏهن به خيال ڪونه ڪندا هئا ۽ ڪيترائي دفعا ساٿن گڏ رهندڙ شيوادار ۽ بندوبست ڪندڙ به ٻلجي ويندا هئا ته حضور جن کي آرام ملڻ کپي. ڪيترن ڳوٺڙن ۾ حضور جن لاءِ هڪ ننڍو ڪمرو يا ڪچي ڪوٺڙي هوندي هئي جنهن ۾ مشڪل سان هڪ کٽ پئجي سگهندي هئي. جڏهن حضور جن سمورو ڪم سماپت ڪري رات جو ١١-١٢ بجي آرام ڪرڻ لاءِ ويندا هئا ته جتي حضور جن ترسندا هئا، اهي گهروارا (ميزبان) رات جو سمهڻ کان اول مٿو ٽيڪڻ ايندا هئا. حضور جن انهن سان ڏاڍي پريم سان هلندا هئا، انهن جي اهنجن ايذائن کي ٻڌي ڪين سمجهائيندا هئا. صبح جو اِشنان ڪرڻ لاءِ ڪيترن هنڌ باٿ روم بدران ٢ ڪٿون اُپيون ڪٽي ڪندا هئا ۽ اهو هوندو هو اِشنان گهر. کليل ميدان، مڪان جي پٺيان دالان يا کليءَ ڇت تي ٻن ڪٽن کي اُڀو ڪري بيهاريندا هئا ۽ انهن جي چوڌاري سنهي چادر ويڙهي ڇڏيندا هئا. پهاڙن ۾ اهڙن ڪيترن هنڌن تي اهڙيءَ ريت ڦاهيل باٿ روم ۾ حضور جن صبوح جو پنجين بجي اِشنان

لاهور، گجرانوال، مريدڪي، ڪموڪي، وزير آباد، گجرات، جهيلم، راولپنڊي، هريپور، ڪالاباغ، نٿيا گلي، ائبٽ آباد پشاور، شڪدو، جهانگيرا، حضرو، گجرخان ۽ سيالڪوٽ وغيره استانن ۾ سٽسنگ، درشن توڙي نام دان بخشيو. انهن استانن تي حضور جن جي سٽسنگ ۾ ڪافي انداز ۾ ماڻهو ايندا هئا. حضور جن سڀني ڌرمن جي مهاتمائن جو آدر ۽ سنمان ڪندا هئا. پشاور ۾ شڪدو جا بابا جاگير سنگهه جن حضورجن وٽ آيا ۽ پنهنجي ڳوٺ شڪدو ۾ هلڻ لاءِ وينتي ڪئي. حضورجن جو ٻين ڏينهن لاءِ نام دان جو پروگرام هو پر بابا جاگير سنگهه جي هٺ جوڙي بار بار وينتي ڪرڻ تي ٻئي ڏينهن حضور جن ٻن ٽن پيرن ۾ نام دان ڏيئي ٻن ڏينهن جو ڪاريه ڪرم هڪ ئي ڏينهن ۾ سماپت ڪري ڇڏيو ۽ بابا جاگير سنگهه جن سان شڪدو تشريف وٺي ويا. اُتي حضورجن جي سٽسنگ ۾ پٺاڻن ۽ مسلمانن جو انداز ڪافي گهڻو هو.

شڪدو کان حضور جن حضرو پڌاريا جتي بابا بالڪسنگهه جي استان تي جانشين مهاتما وزير سنگهه جن سان مليا. بابا بالڪسنگهه جن وٽ، بابا جئملسنگهه جن ڪيترا ميل پنڌ ڪري پنهنجي نامن جي ڀيد جي تلاش ۾ آيا هئا. حضري ۾ پهچڻ سان بابا وزير سنگهه حضور جن سان گڏجڻ آيا. ڏاڍي پريم سان گڏيا ۽ حضورجن لاءِ ڏاڍو پريم ۽ آدر ستڪار ڏيکاريائون. حضورجن جي سٽسنگ ۾ پڻ آيا ۽ سٽسنگ کان پوءِ حضورجن جي مهما ۾ هڪ ڪوتا پڙهي. هتي حضورجن ٥٠ ماڻهن کي نام دان ڏنو.

شري رامناٿ مهتا جو حضور جن سان هن ياترا ۾ گڏ هو، اهو هيءَ ڳالهه ٻڌائيندو آهي ته هن ياترا ۾ حضور جن پشاور جي ويجهو هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن ترسيا. هن ڳوٺ

ڏاڍي مشڪلات سان چيائون ته "حضور! مون کي معاف ڪريو مون کي اهو غرور هو ته .... "حضور جن کيس ڳالهه ئي پوري ڪرڻ ڪونه ڏني. ڏاڍي پيار سان ڪين پاسي ۾ ويهاري راءِ صاحب منشيرام کي چيائون، "پائي! ڊائري ڪيو ۽ ان ۾ پساوا جي تاريخ لکو."

حضور جن جو پساوا جو دؤرو اُتر پرديش ۾ پهريون دؤرو هو. هن ياترا جو پورو حال ۽ راو صاحب شوڏيان سنگهه جن جو گروهه لاءِ پريم جو ورتانت، راءِ صاحب منشيرام پنهنجي ڊائريءَ ۾ درج ڪيو آهي.

سنه ١٩١١ کان ١٩٣٢ تائين حضور جن گهڻو وقت ڏيري ۾ ئي وتيت ڪيو. اهو عرصو سنڌن ڏيان ڏيري جي وڪاس ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. ائين ته حضور جن ستسنگ جي دؤرن ۾ ويندا رهندا هئا پر ١٩٣٢ کان ١٩٤٦ جي وچ واري عرصي ۾ دؤرن کان اهي بلڪل گهٽ هئا. گهڻو ڪري حضور جن ستسنگ لاءِ انهن علائقن ۾ ويندا هئا جي اڄ ڪلهه پاڪستان ۾ آهن. راولپنڊي لاهور وغيره وڏن شهرن ۾ انهن ڏينهن ۾ ستسنگ گهر ٺهي چڪا هئا جڏهن اجا جالندر، لڌياني وغيره شهرن ۾ ته ستسنگ گهرن لاءِ پيڙهه به ڪانه ڪونه ويئي هئي. اهڙي طرح هاڻوڪي پاڪستان جي شهرن ۽ ننڍن ڳوٺن ۾ به ستسنگ گهر ٺهي ويا هئا. لاهور ۾ ته حضور جن سال ۾ ٽي چار دفعا ستسنگ فرمائيندا هئا. سرحدي صوبي جي شهرن جهڙوڪ پشاور، نوشهرا وغيره ۽ رستي ۾ ايندڙ ڳوٺن ۾ پڻ حضور جن ڪيترا دفعا ستسنگ لاءِ ويندا هئا. انهن ستسنگن ۾ هندو ۽ سک ته هوندا هئا، پر مسلمان ۽ پٺاڻ به ڪافي تعداد ۾ ايندا هئا. پشاور وغيره سرحدي علائقي جو آخرين دؤرو حضور جن نومبر ١٩٤٥ ۾ ڪيو هو. هن دؤري ۾ حضور جن

ستگرو ديون ديال هنڪي نام دان ڏنو. سنه ١٩٤٧ ۾ لڏپلاڻ جي وقت ان پناڻ ستسنگيءَ شڪدو، ڇڇرو ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ستسنگين جي رکيا ڪئي ۽ انهنکي سک سلامتيءَ سان هندستان پهچڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي.

هينئر جنهنکي پاڪستان ٿو چئجي اتي حضور جن ١٩٤٦ تائين دؤرا ڪندا رهيا. نومبر ١٩٤٦ ۾ حضور جن بيمار ٿي پيا ۽ ٢٨ نومبر ١٩٤٦ کانپوءِ حضور جن کي ستسنگ جا دؤرا بند ڪرڻا پيا.

باباجي مهاراج جن جي جنم استان گهمان ۾ حضور جن ڪيترائي دفعا ستسنگ ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا. گهمان جي سنگت لاءِ حضور جن کي ڏاڍو پيار هوندو هو. پنهنجي ستگروءَ جي ڳوٺ جي سنگت هئڻ جي ناتي، حضور جن انهن کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. گهمان ۾ باباجي مهاراج جن واري ڪوٺي اڄ به ان ساڳيءَ حالت ۾ موجود آهي جهڙي باباجن جي وقت ۾ هئي. حضور جن جو گهمان وارو پروگرام ڏسڻ وٽان هوندو هو. چئني طرفن کان خوشيءَ ۽ پريم جو ساگر وهندو نظر ايندو هو.

هڪ دفعي جڏهن حضور جن گهمان تشريف وٺي ويا ته گهمان جي ماڻهن حضور جن جي سواگت ۾ ريشمي ڪپڙا، گلن ڦلن سان ڀرت ڀريل چادرون ڪڍي وڇايون. سنگت جا مکڙا خوشيءَ ۽ پيار ۾ ٻهڪي رهيا هئا. جڏهن حضور جن ستسنگ ۾ اچي براجمان ٿيا ته سڀني جي نظر حضور جن ۾ وڃي کتي. حضور جن سنگت جو پريم ڏسي ڏاڍا پرسن ٿيا. ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو، ”مان باباجن جي ڳوٺ وارن جو پيار ڏسي ڏاڍو خوش آهيان. توهين باباجن جو ونس آهيو. مان گهمان سان ڏاڍو خوش آهيان .... ايترو چوندي سندن نيڻن مان پريم جا آنسون وهڻ لڳا ۽ ڳلو روڪجي

۾ صرف پنڊت ئي رهندا هئا. ڪيترائي پنڊت حضور جن جي درشن لاءِ آيا. هڪ پنڊت سڄڻ رات جو حضور جن سان وارتالاپ ڪرڻ آيو ۽ هن سنت مت جي باري ۾ ڪيترائي سوال پڇيا. حضور جن ڏاڍي پريم سان هنن جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ فارس جي سنتن جي ڪلامن جا حوالا ڏيئي ثابت ڪيائون ته سنت چاهي ڪٿي ڪنهن به قوم، مذهب يا ملڪ ۾ آيا هجن، هميشه ساڳي ڳالهه ڪندا آهن. حضور جن اندر جي روحاني منڊلن جا پارسي نالا ٻڌايا ۽ ڪيئن سمجهايائون ته سڀني ڌرمن مذهبن جي شريعت اندر جي راز کان خالي آهي، پر حقيقت ۽ معرفت سڀني جي ساڳي آهي. اٽڪل اڌ رات تائين اهو ئي ذڪر ٿيندو رهيو. آخر ان پنڊت سڄڻ چيو ته توهين جيڪي ڪجهه فرمائي رهيا آهيو سو لڳي ته درست ٿو پر ان ڳالهه جي ڪهڙي ثابتي آهي ته خدا جي ديدار لاءِ جيڪو مارگ توهين ٻڌايو ٿا، اهو صحيح آهي؟ ان تي حضور جن ڪيئن سمرن ڪرڻ جو طريقو ٻڌائي، چيو ته هن نموني توهين هر روز ٻه ڪلاڪ خدا جي ڪهڙي به نام جو ذڪر (سمرن) ڪريو، ۽ مانس شراب کان دور رهجو ۽ چاليهه ڏينهن اڀياس ڪرڻ کانپوءِ جيڪڏهن هن منهنجي ڳالهه جو توهانکي ثبوت نه ملي ته بياس اچي مونکي پڪڙجو.

اهو سڄڻ روحانيت جو شوقين ۽ ارادي جو پڪو هو. ٻئي ڏينهن کان ئي حضور جن جي ٻڌايل اڀياس ۾ لڳي ويو. اڃا هڪ مهنو ئي مس گذريو ته هو ڏيري ۾ اچي حاضر ٿيو. حضور جن جي سامهون پيش ٿي ٻڌايائين ته اڀياس ڪرڻ مهل ڪيئن حضور جن جو درشن ٿيندو آهي. هنجي چهري تي روحاني خوشيءَ جي رونق ۽ اکين ۾ پريم جا آنسون هئا ۽ حضور جن کي نام دان لاءِ عرض ڪري رهيو هو.

حضور جن انهن ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ به وڃي ڪري ستسنگ ۽ نام پردان ڪندا هئا جي هينئر پاڪستان جي سرحدي صوبي ۽ پنجاب پراڃي ويا آهن ۽ جن جي آدمشماري ڇهن پنجن سؤن کان به گهٽ هوندي هئي. حضور جن جي انهن انيڪ ياترائن جو ڪو به تفصيلوار ورتانت ڪونه ٿو ملي. سنه ١٩٣٣ جي سياري ۾ هڪ ڏينهن حضور جن پنهنجي ڪوٺيءَ مان لهي سنگت کي شيوا تي درشن ڏيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. لئبرريءَ ويجهو هڪ ڪافي پيرسن استريءَ اچي مٿو ٽيڪيو. حضور جن ان کي ڏسي فرمائڻ لڳا، ”ماتا، تو ١٤ سال اڳ، خانصپور ڳوٺ ۾ نام ورتو هو ۽ تڏهن ڏيري ۾ اچڻ جي تو مون کان اجازت گهري هئي. ١٤ سال تون ڪٿي هئينءَ؟ تون ٺيڪ ته آهين؟ هيترن سالن کان پوءِ به ستگرو سچائي ۽ حضور جن جا پنهنجپائيءَ وارا وچن ٻڌي اها ٻيڙي مائي وسميءَ ۾ پئجي ويئي. هن جي نظر حضور جن جي پيار ڀريل نيترن ۽ اوجل مکڙي تي ٽڪي رهي ۽ سندس اکين مان پريم ۽ شردا جا آنسون وهي رهيا هئا. حضور جن ڏاڍي سنيهه سان هنجو حال احوال ورتو. ڏيري ڏيري هن پنهنجو سارو ورتانت ٻڌايو ته ڪهڙين گهرو حالتن ۽ مالي مشڪلاتن ڪارڻ هوءَ هيترا سال ڏيري ۾ اچي نه سگهي.

اسان ته ڪڏهن خانصپور ڳوٺ (اڄڪلهه پاڪستان ۾ آهي) جو نالو به ڪونه ٻڌو هو. اهڙي طرح اپريل ١٩٣٣ع ۾ جڏهن حضور جن پهاڙن جي ياترا ڪئي ته ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي ستسنگ پردان ڪيائون. مهاراج جن ٢ اپريل تي ٣٠ ڏينهن جي لنبي ياترا تي روانا ٿيا. جلندر، نوشهره، جهجون، لهلي، سنتوک، ڳڙهه، بني بگي، ڪنبوه، ڪالسنگهي، دساهڙا، نئوهري، انب، ڪوٽيڙا جسوالان،

وين. سنگت ٻه اهو ڏسي پريم ۾ مگهن ٿي ويئي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ سنگت جي پاران هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو، "سچا پاتشاهه! باباڄڻ جو مڪان پراڻو ٿي رهيو آهي، اهو نيڪ ڪرائي پڪو بڻائي ڇڏيو." تنهن تي حضور ڄڻ چيو، مان باباڄڻ جي ياد ۾ ڇا نئو بڻائي سگهان! منهنجو وس هلي ته سارو مڪان سون جو ٺهرائي ڇڏيان، پر باباڄڻ جو حڪم ڪونهي."

هڪ دفعي گهمان وارن حضور ڄڻ کي وينتي ڪئي، "سچا پاتشاهه! اسين ڪڙمي ڪاسبي آهيون. ٿوري عقل وارا آهيون. اسين ستسنگ جي اصولن تي به نٿا هلي سگهون، ڀڄن سمرن ڪرڻ جي ته ڳالهه ئي نه پڇو. توهين بخشڻهار آهيو، اسانکي پنهنجي ديا مهر بخشو." حضور ڄڻ پيار سان جواب ڏنو، "توهين ته باباڄڻ جو ونس آهيو. مونکي ته گهمان جي ڪتي کي به نه ڇڏڻو آهي، ان کي به وٺي ويندس."

گهمان ڳوٺ جي ستسنگين چاهي غير ستسنگين جو حضور ڄڻ لاءِ ڏاڍو پيار هو. اڄ به انهن جو اهو ساڳيو پيار قائم آهي. گهمان وارن ڏيري ۾ خود شيوا ڪئي آهي ۽ اڄ به پيا ڪن. جڏهن به ڪو ضروري ڪم يا محنت ۽ ذميواريءَ جو ڪم اچي پوندو آهي ته خبر ملڻ سان ئي ڏيري ۾ هليا ايندا آهن ۽ جيستائين ڪم پورو نه ٿيندو آهي تيسين ڏيري ۾ ئي رهيا پيا هوندا آهن. باباجي مهاراج ڄڻ جي وقت واري سنگت جي هينئر نئين پيڙهي پيئي هلي پر انهن جو ڏيري جي ستگروءَ لاءِ پيار اهوئي هلندو اچي. گهمان وانگر وڏالاءِ مانڪو ڳوٺن جي سنگت به ضرورت پوڻ تي شيوا لاءِ پهچي ويندي آهي ۽ تن من سان جنبي ڪري شيوا ڪندي آهي.

۾ سڀ سمائجي ويندا هئا. پر حضور جن جي ستسنگ شروع ڪرڻ کان پوءِ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿيندي رهي. ستسنگين جو انداز وڌندو رهيو ۽ ننڍي ستسنگ گهر ۾ وهڻ لاءِ ڪا به جڳهه ڪانه رهي. تنهن ڪري ان جي اولهه طرف ميدان ۾ ستسنگ جو پربنڌ ڪيو ويو. پر ٿوري وقت جي اندر اُها جڳهه به ٿوري ٿيڻ لڳي: پهرين ستسنگ هر آرتوار تي ٿيندو هو پوءِ هفتي بدران پندرهين ڏينهن رکيو ويو ۽ آخر ستسنگ مهني مهني ڪرڻو پيو. ستسنگ ۾ ڏيري ڏيري سنگت چاليهه پنجاهه هزارن ۾ وڃي ٿي. پر هن وقت ماهواري ستسنگن ۾ ٻن ٽن لکن کان مٿي سنگت جي حاضري آهي.

سنه ١٩٣٣ ۾ جڏهن وڏو ستسنگ گهر ۽ بابا جيمل سنگهه هال جي ٺهڻ جو ڪم شروع ٿيو ۽ ان وقت ڏهن هزارن ماڻهن جي حاضري ڌيان ۾ رکي ۽ هال ۾ ايترن ماڻهن جي وهڻ جو بندوبست رکيو ويو پر هال اڃا ٺهيو ئي پئي ته سنگت ايتري قدر وڌي ويئي جو هال ۾ ستسنگ ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو. ان تي حضور جن فرمايو ته چاهي ڪيترائي هال ڪٽي بڻايو پر ستسنگ ته ميدان ۾ ئي ڪرڻو پوندو.

جيئن جيئن سنگت وڌڻ لڳي تيئن تيئن ڪن ڪرم ڪانڊي لوڪن ۾ گهٻراهٽ، ڦهلجڻ لڳي. سنت مت جي هن پربل ڌارا کي روڪڻ لاءِ هنن آلوچنا، ستسنگ جي خلاف پرچار وغيره شروع ڪري ڇڏيو پر ان جو رتيءَ پر به اثر ڪونه ٿيو. آخر ڪن جوشيلن نوجوان سکن ”راڌا سوامي مت وچارڻي سڀا“ نالي هڪ ڪاميٽي بڻائي. اهي ماڻهو ستسنگ جي وقت خاص ڪري ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ سنگت کي ستسنگ ۾ وڃڻ کان روڪيندا هئا ۽ ستسنگ خلاف پرچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڏيري جي سامهون هنن پنهنجو اڏو بڻايو ۽ وڏا وڏا اشتهار لڳائي سنگت کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا

ڪلوھ، سگنائي، نگل، چلهت، گنؤ ۽ اَمبوت ۾ ستسنگ ۽ نام دان پردان ڪري ١ مي ١٩٣٣ تي واپس ڏيري موٽي آيا. انهيءَ پوري ياترا ۾ حضور جن قريب قريب روز ٻہ ستسنگ، پردان ڪندا رهيا ۽ ٤٩٠٠ جيون کي نام بخشيائون.

حضور جن پنجاب کان ٻاهر بہ ستسنگ لاءِ ويندا هئا. اُتر پرديش ۾ پساوھ، بلندشهر، خرجا، ميرٺ وغيرھ هنڌن تي ۽ مڌيہ پرديش ۾ گواليار، اُجين، ديواس، اندور وغيرھ شهرن ۽ ديولي، چتڙاوت، ڪناسيا، ٻلاولي وغيرھ ڳوٺن ۾ ۽ مهاراشٽر ۾ بمبئي، پونا، سانگلي، امراوتي وغيرھ شهرن ۾ ستسنگ لاءِ وڃي چڪا هئا. قريب قريب سڀني اِستانن تي نام جي بخشش بہ ڪئي هئائون. انهن سڀني اِستانن تي اڄ ستسنگ، گهر ٺهي چڪا آهن ۽ ڳوٺن مان يا ڏورانهن هنڌن تان ايندڙ ستسنگين لاءِ شيڊ، لنگر ۽ ٻيون سهوليتون مهيا ڪيون ويئون آهن. ديولي، ڪناسيا وغيرھ ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ ٨٠-٩٠ سيڪڙو ستسنگي آهن ۽ انهن اِستانن تي هر روز ستسنگ، ٿيندو آهي. اهو سڀ حضور مهاراج ساون سنگھ جو ٽنيل ٻج آهي جو اڄڪلھ سرسبز ٿي جهومي رهيو آهي.

حضور جن جي ستسنگ ياترائن جو هتي تفصيلوار ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ راءِ صاحب منشيرام پنهنجي ڊائريءَ ۾ حضور جن جي دؤرن جو پورو وچور سان ورنن ڪيو آهي.

سنہ ١٩١١ ۾ جڏهن حضور جن ڏيري ۾ اچي ستسنگ شروع ڪيو، ان وقت ستسنگين جو تعداد بلڪل ٿورو هو. ٻاٻاجي مهاراج جن لڳ ڀڳ ٢٤٠٠ جيون کي نام دان ڏنو هو. اُنهن ڏينهن ۾ هر آرتوار تي ستسنگ ٿيندو هو ۽ حاضري ٢٠٠ جي قريب هوندي هئي ۽ ننڍي ستسنگ، گهر

يا راڌاسوامي نالي جي ڪنهن کي سڌ ڪانه هئي پر اڄ هڪ هڪ شهر ۽ ڳوٺ ۾ انيڪ ستسنگي آهن. ٻهرين ماڻهن کي ان نالي لاءِ ڪي اعتراض هو، پر اڄ ماڻهو راڌا سوامي مارگ جا پوئلڳ ڪوٺائڻ ۾ فخر ٿا وٺن. انيڪ سک، ستسنگ، ڏاڍي چاهه سان ٻڌندا آهن ۽ ڏيري جي سنت ستگروءَ جو آدر ڪندا آهن. ”ديهه ڌاري ستگروءَ جي ضرورت آهي“، اها حقيقت هاڻي ماڻهو مڃڻ لڳا آهن. پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ هن روحاني سکيا جي روچي وڌي ويئي آهي. هر ستسنگ ۾ سون جي تعداد ۾ شاگرد، ماستر پروفيسر سائنسدان، وڪيل جج شبد ابياس جي جڳتي سکي ڏاڍي چاهه سان نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳي ٿا وڃن. روحانيت جي زوردار ڌارا وهي رهي آهي. ستسنگين جي پوتر جيون، سداچار ۽ نيڪ چرتر ماڻهن جي دلين تي اهڙو اثر وڌو آهي جو سناتن ڌرم، آريه سماج وغيره ٻين سنستائن ۾ هڪ نئين جيون جو آرنڀ ٿي ويو آهي ۽ هر جڳهه ستسنگ ۽ روحانيت جي باري ۾ ذڪر پيو ٿئي. سنت مت جي نندا ڪندڙ به اها ڳالهه مڃين ٿا ته ستسنگي شراب نٿا پيئن، ماس نٿا کائين، رشوت نٿا وٺن، ايمانداري ۽ نمرتا سان زندگي گهارين ٿا ۽ ڪنهن پسوءَ يا پکيءَ کي به ڪشت ڪون ٿا ڏين. اهو سڀ حضور جن جي ستسنگن ۽ لنبن ستسنگ لاءِ ڪيل انيڪ ياترائن جو ڦل آهي. حضور جن جي ديا مهر سان سنت مت جو پرڪاش سنسار جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي چڪو آهي ۽ ڏيرو اڄ ساري دنيا جو هڪ لاثاني مرڪز بڻجي پيو آهي.

اها نه ٿي ٻاهر جي مهر ۽ ڪرپا جي ڳالهه پر جيڪا اندروني ديا جيون تي ٿي رهي آهي ان جو ذڪر ڪير ڪهڙو ڪجي، ڪير ڪري! انتر ۾ ستگرن جي جوتيءَ، درشن،

رهيا. سنگتن ۽ سنتن جي نرمل روحاني سنديش جي خلاف جوشيلا ويا کيان ۽ نعرا لڳائڻ لڳا، پر ان جو ڪو به اثر نه ٿيندو ڏسي انهن بلڪل ستسنگ جي وقت ڪبڏي ۽ ڪشتيءَ جو پروگرام رکيو.

سنگت حضور جن کي عرض ڪيو ته هنن ماڻهن جي ڪاروائي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي. تنهن تي حضور جن فرمايو ته صبر ۽ ڌيرج کان ڪم وٺو. هنن جي ڪم ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وجهو. پنهنجو خيال ستسنگ ۽ اڀياس ۾ لڳائي رکو ۽ ان سان گڏ اهو به حڪم ڏنائون ته انهن ماڻهن مان ڪو به جيڪڏهن لنگر ۾ کائڻ اچي ته ان کي پريم سان کاڌو کارايو وڃي ۽ هنن کي ستسنگ ۾ اچڻ کان نه روڪيو وڃي.

پوءِ جن لاءِ ڪو به بيو بندوبست نه هئڻ سبب مخالفت ڪرڻ وارا لنگر ۾ ئي کائڻ لڳا. شيوادارن جو پريم ۽ شيوا جي ڀاونا، لنگر ۾ مفت پوڄن، کارائڻ جو پورو انتظام، ستسنگين جو پاڻ ۾ پريم وغيره ڏسي هو ڏاڍو پرڀاوت ٿيا ۽ ستسنگ ۾ اچڻ لڳا. حضور جن جي سرل ۽ سپشٽ ستسنگن ۾ گرباڻيءَ جو صحيح ارٿ ٻڌي انهن مان ڪيترا نام وٺي ستسنگي بڻجڻ لڳا. ڪشتي ۽ ڪبڏي اچي ڏسڻ وارا پڻ اُتساهه وچان ستسنگ ۾ ايندا هئا ۽ انهن مان به ڪيترا نام وٺي هليا ويندا هئا. ڌيري ڌيري وروڌ سماپت ٿي ويو ۽ آندولن ڪرڻ وارن اُلٽو اَثر ڏسي پنهنجو آندولن ئي ڪٽي بند ڪيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هن آندولن جا سنچالڪ حضور جن جي سهنشيلتا، پريم ۽ موهيندڙ شخصيت تي پرڀاوت ٿي حضور جن جي چرنن ۾ آيا ۽ ڪيل وهنوار لاءِ کميا گهريائون.

هڪ وقت اهڙو به هو جڏهن پنجاب ۾ سنتن جي سکيا

ته ماتاجي ڏاڍو خوش ٿي ۽ سردار چرنسنگهه کي چوڻ لڳي ته هاڻي شادي جلد ڪر. مڱڻي ڪانپوءِ جڏهن ڦيرون ڦيرو ٻيبي هرجيت ڪور پنهنجي پتا راو بهادر شوڌيانسنگهه جن سان گڏ ڏيري آئي ته ماتاجن ڪيس گود ۾ وهاري پيار ڪيو. ماتاجي حضور جن کان پڇندي هئي، ”چرن جي شادي ڪڏهن ڪندا.“ حضور جن ڪيس چوندا هئا، ”تون پنهنجو موهه ڪڍي ڇڏ. شادي پاڻيهي وقت تي ٿيندي.“

ماتاجي ٦-٧ مهنا ڏيري ۾ ٻيبي رليءَ وٽ رهندي هئي. مارچ ۾ ايندي هئي ۽ سيپٽمبر ۾ هلي ويندي هئي. جڏهن سنه ١٩٤٤ ۾ آئي ته آگسٽ جي ٽئين هفتي ۾ بيمار ٿي پيئي. بيمار ٿيڻ کان ڪجهه وقت اول سردار چرنسنگهه کي چيائين، ”منهنجي مرضي هئي ته تنهنجي شادي ڏسي وڃان پر باباجي مهاراج جن جي موج ڪانهي.“ پوءِ ڪيس ٤٠٠ روپيه ڪڍي ڏنائين ۽ چيائينس ته منهنجي طرفان ڪا دلپسند شيءِ وٺي ڪنوار کي ڏج.

بيمار ٿيڻ کان ٻه مهنا اڳ، سندن گوڏن ۾ سور پوڻ لڳو. هڪ دفعي جڏهن حضور جن کانئس پڇيو ته ڪهڙو حال آهي ته ماتاجن جواب ڏنو ته گوڏن ۾ ڏاڍو سور آهي. تنهن تي حضور جن کلي فرمايو، ”ماڻهن کان مٿو به ته تون ٽيڪائيندي هئينءَ.“

ماتاجن جي بيماريءَ وقت حضور جن ڪين روز درشن ڏيڻ ايندا هئا. ماتاجي ڪمزوريءَ سبب پلنگ تان اٿي چرنن ۾ مٿو ٽيڪي ڪونه سگهندي هئي، انڪري حضور جن کي عرض ڪندي هئي ته مٿو ٽيڪڻ چاهيان ٿي ۽ سندس وينتي ڪرڻ تي حضور جن هڪ ڪانپوءِ ٻيو، چرن مٿي ڪڻندا هئا. ماتاجي ڏاڍي پيار سان ٻنهي هٿن سان چرن پڪڙي پنهنجو مستڪ ڪڻي ان تي رکندي هئي. گذريل ڪيترن

پرڪاش ۽ روحاني نظارا، ڏُن جو پرگهٽ ٿيڻ وغيره، انهن ذاتي انڀون جو ذڪر ڪري نٿو سگهجي. پر ايترو ته صاف ظاهر آهي ته ان اندرين بخشش ۽ ڪرپا جو انڀو ڪرڻ وارا انيڪ پيارا ستسنگ ۾ موجود آهن. اهت سڀي جيئن جيون جي سنڀال ٿي رهي آهي، اهڙا مثال بلڪل گهٽ ملندا هئا. ڪلجڳ جو زمانو، نه ماڻهن ۾ سنجم، نه شريرن ۾ ٻل، نه من ۾ شڪتي، نه هردي ۾ پريم ۽ تنهنڪانسواءِ ڪام ڪروڌ سان رڱيل ٻُڌي! پوءِ سمرن ڪنهنڪان ٿو ٿئي؟ پر جيون جي سنڀال جو اهو حال آهي جو چولي ڇڏڻ کان ڪيترا ڏينهن اڳ ستسنگي ٻڌائي ٿو ته ستگرو دين ديال اندر ۾ پرگهٽ ٿي ويا آهن ۽ فرمائين ٿا ته تنهنجو لهڻو ڏيڻو ختم ٿي چڪو آهي ۽ فلاڻي ڏينهن، هن وقت توکي هتان وٺي هلنداسين ۽ جيو پرسنتا سان ڪل خوشيءَ سان شرير ڇڏي ٿو. وڏن وڏن سورمن، پيرن فقيرن مهاتمائن جون دليون موت وقت ڪنبنديون آهن پر ستسنگي ان گهڙيءَ جو سواگت ڪندي چوندو ته، ”جس مرني سي جگ ڊري
ميري من آنند.“

ستگرو دين ديال جن جي اسيم ڪرپا جو ڪهڙو ورنن ڪجي!

۵- ڪجهه ٻيا پرسنگ

ماتا ڪشن ڪور جو چولو ڇڏڻ

ماتا ڪشن ڪور کي پنهنجي پوٽي سردار چرنسنگهه جن لاءِ ڏاڍو سنيهه هوندو هو. سندس آش هئي ته انهن جي شادي ڏسي وڃان. جڏهن جون ۱۹۴۳ ۾ سندن مڱڻو ٿيو

هينئر سندس خيال اندر لڳو پيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هن کي سُئي چڀيندو ۽ وڏيون وڏيون انجيڪشن ڏيندو. هاڻي ڪيس ڇو پريشان ڪجي؟"

ان تي حضور جن وراڻيو ته جيڪڏهن ڊاڪٽرن کي انجيڪشن نه هڻڻ ڏبي ته پوءِ چوندا ته اسين ته ماتاجي کي بچائي وجهون ها پر ڇا ڪريون، حضور جن انجيڪشن هڻڻ ڪانه ڏني. وري حضور جن فرمائڻ لڳا، "ڊاڪٽرن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. توهين فڪر نه ڪريو، توهان جي امڙ جو ڌيان مٿي لڳو پيو آهي. ڪٿي ڪيترين به انجيڪشن ڪيس هڻندا ته به ڪيس رتيءَ ماتر تڪليف ڪانه محسوس ٿيندي."

مهتا صاحب ته ان مهل ئي لاهور روانو ٿي ويو. هيڏانهن شام جو ڇئين بجي ماتا ڪشن ڪور جو ساهه بلڪل ڌيري هلڻ لڳو. بيبي رلي مٿي حضور جن وٽ ويئي ۽ عرض ڪرڻ لڳي ته ماتاجيءَ جو حال ڪجهه ٺيڪ ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. حضور جن ان مهل ستسنگ ۾ وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئا ۽ ڪيس چيائون، "ڪا ڳالهه ڪانهي. مان اِشنان ڪري اچان ٿو."

سنت ڪونه چاهيندا آهن ته انت سمي جيوَ جو خيال ٻاهر اچي، ايتري قدر جو ٻاهر ديهه سروپ ستگروءَ طرف به نه وڃي. تنهن ڪري حضور جن ان مهل هيٺ ڪونه آيا. جڏهن اشنان ڪري هيٺ آيا ته ماتاجي چولو ڇڏي چڪي هئي. بيبي رليءَ چيو ته امرتسر مان ڳاڙهي رنگ جي شال وٺي اچڻ لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪلجي. حضور جن فرمايو ته ڳاڙهي شال جي ضرورت ڪانهي، منهنجي اَڇي چادر ڍڪائي ڪڍجوس. ان وقت ستسنگ جي گهنٽي وڳي. حضور جن بيبي رليءَ کي چيو ته سنگت کي نه ٻڌائج،

مهنن کان چولي ڇڏڻ جي مرضي هيس ۽ انهيءَ حضور جن کي به وينتي ڪندي هئي پر حضور جن کي پتو هو ته سندس دل ۾ پوٽي جي شادي ڏسڻ جي اڇا هئي؛ انڪري چوندا هئس ته باباجن کان پڇي ڏس. انتر ۾ باباجي مهاراج جن کي عرض ڪندي هئي ته اهوئي جواب ملندو هو ته اسانکي ته ڪو اعتراض ڪونهي پر ٻاهر مهاراج جن کان پڇي ڏس. ٻاهر حضور جن انڪار ڪندا هئا. وڃڻ کان ٻي چار ڏينهن اڳ، حضور جن کي ناراض ٿي چوڻ لڳي، "مون کي ڇوٽا روڪيو." آخر هڪڙي ڏينهن حضور جن درشن ڏيڻ لاءِ پڌاريا ته کيس موڪل ڏنائون ۽ فرمايائون، "چڱو، هاڻي پنهنجو ڌيان اندر ۾ رک." سندس خيال اندر ۾ لڳي ويو ۽ سرت اندر ۾ ايڪاگر ٿي وئي. انت سمي تائين اهائي حالت رهي.

٧ سيپٽمبر ١٩٤٤ صبوح جو جڏهن شري رامناٿ مهتا حضور جن کي مٿو ٽيڪڻ آيو ته حضور جن کيس پاسيرو وٺي چيو، "اڄ شام جو تنهنجي ماتا جي چولو ڇڏيندي، تون هينئر لاهور وڃ ۽ اتان موتئي جا ۽ ٻيا سفيد خوشبودار گل ۽ ڪجهه ٻيو سامان وٺي شام جو پنجين بجي واري گاڏيءَ ۾ موٽي اچج. اسٽيشن تي تنهنجي لاءِ ٽانگو ايندو. حضور جن کيس اهو به ٻڌايو ته گل ڪٿان ملندا.

ايتري ۾ رامناٿ مهتا ڏٺو ته ڊاڪٽر هٿ ۾ انجيڪشن جو پارسل کڻي پيو اچي ۽ ڊاڪٽر حضور جن کي انجيڪشن ڏيکاري چيو ته هي ماتاجي لاءِ گهرايا اٿئون هنن مان ضرور کيس فائدو ٿيندو. حضور جن کيس ماتا جيءَ کي انجيڪشن هڻڻ جي اجازت ڏني. جڏهن ڊاڪٽر صاحب هيٺ وڃي رهيو هو ته رامناٿ مهتا حضور جن کي عرض ڪيو، "حضور! توهان فرمايو ته امان جي اڄ چڙهائي آهي.

آهي؟" ماتاجي ڏاڍي نمرتا سان جواب ڏنو، "مان اوهان جي حڪم ۾ راضي آهيان. منهنجي پنهنجي اِچا ڪا بہ ڪانهي." اهو ٻڌي باباجي مهاراج ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ حڪم فرمايائون تہ اڄ کان پوءِ بابو ساون سنگهہ کي پتيءَ جي ڀاونا سان نہ ڏسجِ.

ماتاجيءَ جي من ۾ چنتا هئي تہ جيڪڏهن باباجي مهاراج، حضور جن جي ڪلهن تي ستسنگ ۽ گرو گديءَ جو بار وجهندا تہ منهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ جڏهن پنهنجو اهو خيال ظاهر ڪيائين تہ باباجي مهاراج جن ڏاڍي پيار سان سندس مٿي تي هٿ رکي فرمايو، "ٻچا! انهن جو ڪو بہ فڪر نہ ڪر، تنهنجن ٻارن لاءِ مان ذميوار آهيان."

ان وقت ماتاجيءَ جي عمر ٣٥ سال هئي. ٽيئي پٽ اڃا ننڍا هئا. سڀ کان ننڍي پٽ هربنس سنگهہ جي عمر ٤-٥ سال هئي. ماتاجيءَ ان ڏينهن کان وٺي ڪڏهن بہ حضور جن کي پتي روپ ۾ نہ ڏٺو. حضور جن جڏهن گدي سنڀالي تہ ماتاجي کين هميشه گرو روپ ۾ ڏسندي رهي. ساري عمر گروءَ جي حڪم ۾ رهي.

سرسي جي زمين :-

حضور مهاراج جن جي مرضي هئي تہ ڪجهہ زمين مانٽگومري يا سرگوڌا ۾ خريد ڪجي. جڏهن باباجي مهاراج جن کي عرض ڪيائون تہ انهن چيو تہ اهو پرديش تہ ڪيترا دفعا اُجڙيو آهي ۽ وري ڪئين دفعا وسيو آهي. اسين توهانکي زمين اهڙي هنڌ وٺي ڏينداسون جو توهانکي ڇڏڻو نہ پوندو. پوءِ حضور جن سرسي ۾ سنہ ١٩١٢-١٩١٣ ۾ شهر کان ٥-٦ ميل پري زمين خريد ڪئي. ان وقت هتي زمين ڏاڍي سستي هئي.

سنگت کي مان پاڻيهي ٻڌائيندس. پوءِ حضور جن ستسنگ ۾ ويا ۽ روزمره وانگر ستسنگ شروع ڪيائون.

شري رام ناٿ مهتا شاهه عالمي دروازي لاهور پرسان گل خريد ڪري شام واري گاڏيءَ ۾ موٽي آيو. اسٽيشن تي ٽانگو بيٺو هو. ٽانگي واري کان پڇيائين ته ڏيري جو ڪهڙو حال آهي؟ ٽانگي واري چيو ته سڀ ٺيڪ آهي. اهو ٻڌي مهتا صاحب گهٻرائجي ويو ته مان جڏهن ٽانگي مان گل ۽ سنسڪار جو سامان ڪڍي لهندس ته سنگت ڇا چوندي! ڏيري پهتو ته ڏٺائين حضور جن ستسنگ پيا ڪن. اهو ڏسي پريشان ٿيو. ستسنگ جي آخر ۾ حضور جن سنگت کي چيو ته "اڄ توهان جي ماتا جي چڙهائي ڪري ويئي آهي سوهتان اٿي هلجو ۽ سنسڪار ڪري اچجو."

ماتا جن جي پوتر شرير تي حضور جن جي سفيد چادر وڌي ويئي. پوترتا ۽ نرملتا جي نشاني سفيد خوشبودار گلن سان ارٿيءَ کي سينگاريو ويو. سنسڪار بياس نديءَ جي ڪناري تي ڪيو ويو. حضور جن به ساري سنگت سان گڏ ارٿيءَ سان ويا.

ماتا جي بلڪل سڌي سادي دل واري ۽ خوش مزاج هئي. سڀني سان پريم ۽ سنيهه ڀريو وهنوار ڪندي هئي ۽ سنگت کي پنهنجي اولاد وانگر پاليندي هئي. سندس جيون پوتر، نرمل ۽ سادو هوندو هو. رهڻي بلڪل اوچي. جڏهن باباجي مهاراج جن اهو نشچيه ڪيو ته ڪانئن پوءِ مهاراج ساون سنگهه جن سنگت جي رهنمائي ڪندا ته هڪ ڏينهن ماتا ڪشن ڪور کي پاڻ وٽ گهرايائون ۽ ڏاڍي پيار سان چرنن ۾ وهاري پنهنجو اهو ويچار ظاهر ڪيائون ۽ ان سان گڏ ڪيس اهو به چيائون ته "منهنجي مرضي آهي ته هاڻي کان ٿي بابو ساون سنگهه برهمچريه ۾ رهي، تنهنجي ڇا مرضي

هئا. هڪ دفعي حضور جن کي چيائون، "حضور جن ڪٿي وڃي زمين ورتي آهي! چئني طرف رڳا مسلمان ئي مسلمان آهن. انڪان ته اسين مهمانسنگهه والا مُئي سنا وينا هئاسين."
حضور جن فرمايو، "فڪر نه ڪريو هتي جي ٻاري ٻاري راڌاسوامي پڪاريندي." حضور جن جا اُهي وچن اڄ پورا ٿيا آهن.

بياس نديءَ ڏيرو:-

سردار امرسنگهه گريوال جڏهن به مهمانسنگهه والا ڏيري ايندا هئا ته اچي حضور جن کي ڳوٺ جو واءُ سناءُ ٻڌائيندا هئا. هڪ دفعي هن ٻڌايو ته ڳوٺ جي ماڻهن مهنت متسنگهه کان پڇيو ته ماڻهو ڇو بابو ساونسنگهه جي پٺ ئي نٿا ڇڏين؟ ته هن جواب ڏنو، "مان به ٻه ٽي دفعا بياس ويو آهيان. پڇا ڪرڻ سان خبر پيئي ته بابو ساونسنگهه وٽ ڪو جادو جو گرنٿ آهي. اُهو پڙهي جڏهن هو ڪنهن ماڻهوءَ ڏي نهاريندا آهن ته اُن تي جادو ٿي ويندو آهي ۽ ان گهڙيءَ ئي اُهو ماڻهو هنن جي زير اثر ٿي پوندو آهي."

اهو ٻڌي حضور جن فرمايو، "هو سچ ٿو چوي. گرو نانڪ صاحب جي ٻاڻيءَ کان مٿي ٻيو ڪهڙو جادو آهي."

وري سردار امرسنگهه چيو ته ڳالهه ٻولهه ڪندي انهن ماڻهن مان ئي هڪ شخص چيو، "هنن پنهنجو ڏيرو بياس نديءَ جي ڪناري تي ٺاهيو آهي. ان مهل راڌاسوامين کي ڏسنداسين جڏهن درياهه اچي سڀ ڪجهه پائي ويندو."

ان وقت حضور جن زور سان چيو، "ڇا باباجي مهاراج جن جي طاقت درياهه کان گهٽ آهي؟"

پهرين درياءُ ڏيري سان لڳو لڳو وهندو هو. هڪ ٻه دفعو نديءَ ۾ ڪرڻ جو حادثو به ٿي پيو هو. اُنهن ڏينهن

جڏهن حضور جن زمين خريد ڪئي ته اها وارياسي هئي ان ۾ ڊڙا ۽ ڪيترائي ڪانٽيدار جهنگلي وڻ ۽ ٻوٽا هئا. پاڻيءَ جو ته ڪٿي نشان ئي ڪونه هو. اهڙي زمين ۾ کيتي ڪرڻ ته محنت جو ڪم هوئي پر اُتي وڃي رهڻ لاءِ وڏي همت ۽ دليريءَ جي ضرورت هئي. چوڌاري ويراني هئي. نانگ ۽ وڇن جي ڪمي ڪانه هئي. آسپاس جي ڳوٺن ۾ آرائين رهندا هئا جا قوم عادتن ڌوهارين ۾ شمار ٿيل آهي.

ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن سردار ڀڳت سنگهه ۽ راءِ صاحب منشيرام سان گڏ حضور جن زمين تي ويا ته سردار ڀڳت سنگهه چوڻ لڳو، "حضور! جيڪڏهن مونکي ڪو هتي مفت ۾ به زمين ڏئي ته به مان ڪونه وٺان." تنهن تي حضور جن کلي فرمايو، "زمين جو قدر ته زميندار ئي ڄاڻي. محنت ڪرڻ سان هيءَ زمين ڏاڍي اپجائو ثابت ٿيندي." اڄ هرياڻا ۾ اهو علائقو سڀ کان سائو ۽ اپجائو ڄاتيو وڃي ٿو.

گهر وارا حضور جن کي عرض ڪندا هئا ته حضور سڪندرپور ۾ آرائين جو ڳوٺ آهي انهن سان ڪيئن گذاري سگهبو؟ حضور جن فرمائيندا هئا، "پريم سان." حضور جن جو پنهنجي پريوار کي اهوئي حڪم هوندو هو ته سڀني سان پيار جو وهنوار ڪريو. انهن کي سک ڏک ۾ سڏ ڏيو ۽ مصيبت جي وقت هنن جي مدد ڪريو. ٿورن ئي سالن جي اندر انهن ئي ڳوٺن جا ماڻهو حضور جن ۽ سندن پريوار سان ڏاڍي پريم ۽ عزت سان پيش اچڻ لڳا. جڏهن حضور جن زمين تي ويندا هئا ته آسپاس وارا مسلمان حضور جن وٽ ايندا هئا ۽ رات جو ١١ ٻجي تائين ويهي پنهنجي ڏک سک جو حال اوريندا هئا ۽ روحانيت جي باري ۾ ڳالهيون ڪندا رهندا هئا.

شروع شروع ۾ سردار بچنت سنگهه جن ڏاڍو گهٻرائيندا

جي بخشش ملڻ سان سندس جيون ئي بدلجي ويو. گهمان ڳوٺ ۾ بلونتسنگهه نالي هڪ ڊاڪوُ هو. جڏهن هن حضور جن جو درشن ڪيو ۽ نام مليس ته ڊاڪوءَ مان مهاتما بڻجي پيو. حضور جن جي آڳيا سان ستسنگ ڪندو هو. جي ماڻهو ڪنهن وقت هن سان نفرت ڪندا هئا اُهيئي پيار ۽ ڌيان سان هن جو ستسنگ ٻڌڻ لڳا.

هڪ دفعي هن علائقي ۾ هڪڙو خونخوار ڊاڪوُ جهلجي پيو. پوليس سب انسپيڪٽر هن کي گرفتار ڪري وٺي ٿي ويو. رستي ۾ بياس آيو. ڊاڪوءَ سب انسپيڪٽر کي چيو، ”ٻڌو اٿئون ته هت هڪ ڪمائيءَ وارو فقير رهندو آهي، جڏهن مون کي وٺي وڃي رهيا آهيو ته رستي ۾ درشن ڪرائيندا هلو. سب انسپيڪٽر سوچيو ته ان ۾ هرج ئي ڪهڙو، اسين به درشن ڪنداسين. تنهن ڪري جيپ ڏيري طرف موڙايائين. سڀني حضور جن جو درشن ڪيو. سب انسپيڪٽر حضور جن کي چيو، ”هن بدمعاش ڊاڪوءَ ڪيترا ظلم ڪيا آهن. توهين دعا ڪريو ته منهنجو ڪيس ڪامياب ٿئي ۽ هن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي.“ حضور مهاراج جن مشڪي فرمايو، ”ڀائي! جنهن سرڪار جو مان شيوڪ آهيان ان جي دربار ۾ ته رڳو معافي ئي آهي.“ ان ڊاڪوءَ تي ڪيس هليو پر هوُ ڇٽي ويو ۽ سڌو حضور جن جي شرن ۾ آيو. ستسنگ ٻڌائين، نام ورتائين ۽ اڀياس ڪري ڊاڪوءَ مان ساڌو بڻجي پيو.

درشن بند ٿي ويو:-

هڪ دفعي ڀروڙ جي هڪ مائيءَ ستسنگ ۾ بيهي عرض ڪيو، ”سچي پاتشاهه! مون کي اندر ۾ هر روز توهانجو درشن ٿيندو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان بند ٿي ويو آهي.“

۾ سنگت نديءَ جي ٻئي پر کان ٻارڻ لاءِ گاهه ڪٽي کڻي
ايندي هئي. درياهه جي ڪناري ٻگهو ۽ ٿلهو گاهه ٿيندو
آهي جو ڪٽي سڄي سال لاءِ رکبو آهي. سنگت صبوح جو
ٻيڙين ۾ چڙهي درياهه پار ڪري ٻئي ڪناري پهچندي هئي
۽ گاهه ڪاٽي ٻيڙين ۾ ڀري شام جو موٽي ايندي هئي.
حضور جن پاڻ روبرو ويهي اها سيوا ڪرائيندا هئا. ڪڏهن
ته گاهه آڻيندي رات جا ۱۱ لڳي ويندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن
پاڻيءَ جي وهڪري سبب، هوا جي رخ ڪارڻ ۽ ٻيڙين ۾
زيادهه وزن هئڻ سبب، آڻڻ ۾ ڏاڍي تڪليف درپيش
ايندي هئي. حضور جن خود به رات جو دير تائين وينا
هوندا هئا. هڪ دفعي اهڙي طرح ڏاڍي دير ٿي وئي.
هڪ سيوادار عرض ڪيو، ”حضور! درياهه ۾ پاڻيءَ جو زور
هو، ٻيڙي آڻڻ ۾ ڏاڍي دير لڳي وئي. درياهه جي ڪري
ڏاڍي پريشاني ٿي ٿئي.“ ان تي حضور جن فرمايو ”چڱو،
ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي. جيڪڏهن بابا جن جي موج ٿي
ته درياهه هٽي ويندو ۽ نديءَ جي ڪناري واري پاسي
زمين اورئين طرف ٿي پوندي.“

ان ڪانپوءِ درياهه جو رخ ڌيري ڌيري بدلجڻ لڳو ۽
درياهه هٽي اٽڪل ۲ ميل ڏيري کان پري ٿي ويو آهي ۽
هاڻي هن ئي ڪپ تان سڄي سال جو گاهه ٻارڻ لاءِ ملندو آهي.

معافي ئي معافي :-

ڪيترائي چور ڌاڙو حضور جن جو درشن ڪري ۽
ستسنگ ٻڌي پنهنجو پاپ ڀريو وهنوار تياڳي ڇڏيندا هئا.
لاڀسنگهه نالي هڪ ڌاڙوءَ جڏهن حضور جن جو ستسنگ ٻڌو
ته پنهنجو سامان ۽ زمين وڪڻي، جن ماڻهن کي ڪڏهن لٽيو
ڦريو هئائين، انهن کي پيسا ڀري ڏنائين. حضور جن کان نام

لڳو، ”حضور! منهنجي ڪچي جهوپڙي ککن ڪانن جي آهي. ان ۾ ٻچل ٽٽل کٽولي ۽ ميري رضائي آهي. حضور توهين هنن کي ٻڌايو ته جنهن رب کي هي ڳولهيندا رهن ٿا ۽ جنهن جي پٺيان ڀڄندا وتن ٿا، اهو خود هر رات جو منهنجي جهوپڙيءَ ۾ چڙن گهمائيندو آهي، منهنجي ڦاٽل ٽٽل ميري رضائي پائيندو آهي ۽ منهنجي بغل ۾ وهندو آهي.“

٦. ڏيري ۾ آڏاوت جو ڪم

جنهن وقت حضور مهاراج جن بابا جئمل سنگهه جن جو درشن ڪيو، ان وقت ڏيري ۾ صرف هڪ ڪچي ڪوٺڙي ۽ ننڍو ڇپر هو. ڪوٺڙيءَ ۾ باباجي نواس ڪندا هئا ۽ ڇپر ۾ بيبي رکو رهندي هئي ۽ رڌيندي هئي. باباجن جي اُئي وقت ۾ حضور مهاراج جن جي پينشن مان اهي ٻئي ڪوٺڙيون پڪيون ڪرايون ويئون هيون ۽ بيبي رکو جي ڪوٺڙيءَ جي پاسي ۾ هڪ ٻي به ڪوٺڙي ٺهرائي وئي. سوامي ساگر ڪوهه، ننڍو ۽ وڏو ستسنگ گهر، چؤبارو، ڪمرا، ورانڊا، ٺهرائڻ جو ذڪر پهرين ڪيو ويو آهي. صرف اهي جايون حضور جن جي گدي نشينيءَ وقت ٺهيل هيون. جڏهن سنه ١٩١١ ۾ حضور جن پينشن وٺي اچي ڏيري ۾ رهڻ لڳا ته نرماڻ ڪاريه ڏاڍو تيزيءَ سان شروع ٿي ويو. اهو سلسلو اهڙو شروع ٿيو آهي جو باباجن جي اڳڪٿي انوسار ۽ حضور جن جي ديا مهر سان اڄ تائين پيو هلي ۽ پيو هلندو.

١٩١١ کانپوءِ سڀ کان پهرين اها ٻه منزلي جاءِ تيار ٿي جنهن جي هيٺين منزل ۾ اڄ پستڪاليه آهي. ان زماني ۾ هتي ٻنيون هيون ۽ ڏيري جي حد ان طرف سوامي ساگر ڪوهه تائين هئي. اولهه طرف ڏيري جي حد ان چبوتري

حضور جن چيس، ”مائي! تو کان ڪا غلطي ٿي هوندي.“ تنهن تي هوءَ مائي چوڻ لڳي، ”تورا ڏينهن ٿيا جو منهنجو جوان پٽ گذاري ويو. مون ستگروءَ جي موج مڃي ڌيرج ڌاريو. پاڙيسري طعنا ڏيڻ لڳا پر مون اصل رنو پٽيو ڪونه. پوءِ گهر وارن سان گڏ جي هن جي هاڏي کڻي هردوار ويس. اُتي لوڪ لڄا جي خيال کان مون به پوڄا ڪئي ۽ پيسا ڀيٽا ۾ ڏنم. ان ڏينهن کان ئي وٺي توهان اندر اچڻ بند ڪري ڇڏيو آهي.“ حضور جن فرمايو، ”چڱو، مائي! ڪن پڪڙ ته آئينده وري ائين ڪونه ڪندينءَ.“ ان مائيءَ پنهنجا ٻئي ڪن پڪڙيا ۽ ڏاڍي سرل نموني ۾ چيائين، ”مان ڪن ٿي پڪڙيان. توهين به ڪن پڪڙيو ته هاڻي اندر مان ڪونه ويندا.“ ان سادي سودي مائيءَ جي ابوجهائيءَ تي حضور جن ڏاڍا ٽهڪ ڏنا ۽ سڄي سنگت به اچي کل ۾ ڇٽڪي.

ڀائي لهڻو هريجن :-

گهمان ڳوٺ جو لهڻي نالي هڪ ڀنگي، ڏاڍو پريمي ۽ اڀياسي ستسنگي هو. ڏيري ۾ ستسنگ ۽ درشن لاءِ ايندو ئي رهندو هو. ستسنگ ۾ سڀني کان پٺيان ويهندو هو پر ڪي سڄڻ هن کي ڏسي ٿورو الڳ هٽي ويندا هئا. اهو ڏسي حضور جن هڪ ڏينهن کيس حڪم ڏنو ته اچي اڳيان ويهه. هو هٻڪيو پر ٻيو دفعو حضور جن جي حڪم ڪرڻ تي اڳيان اچي هڪ طرف ويهي رهيو. جڏهن اُتي ويٺو ته ويٺل پڙهيل لکيل معزز ماڻهو پنهنجا ڪپڙا سميٽي هن کان ٿورو الڳ سري ويٺا. تنهن تي ڀائي لهڻي کي ٿوري کل اچي وئي پر شانت رهيو. هن جي مشڪراهٽ ڏسي حضور جن فرمايو، ”لهڻا! تنهنجي دل ۾ جيڪي آهي سو چئي ظاهر ڪر.“ اهي اکر ٻڌي ڀائي لهڻو هٿ جوڙي چوڻ

مٿيءَ جون پنهنجي سر تي پوئي ان ۾ وڌيون. راولپنڊيءَ وارو لالا راجا رام هن نزاڪت ڀرئي موقعي لاءِ چانديءَ جي هڪ تغاري ۽ سون جي چناري ٺهرائي کڻي آيو. حضور جن پنهنجي پوتر هٿن سان پيڙهه جو پٿر رکيو ۽ ان پٿر توڙي پيڙهه جي سرن جي چنائي پاڻ ڪيائون. پيڙهه ۾ سنگمرمر جي هڪ پيٽي رکي وئي جنهن ۾ حضور سوامي جي مهاراج جن جي پاٺي، "سار بچن چند بند" موجوده زماني جا سڪا ۽ حضور جن جي سيڪريٽري راءِ هرنارائڻ صاحب طرفان لکيل ڏيري جو مختصر اتهاس رکيا ويا. ان اتهاس جي هيٺان حضور جن انگريزيءَ ۾ "اپروُوڊ" (منظور) لکي پنهنجي صحيح ڪئي. پيٽيءَ جي چوڌاري سرن جي چنائي به حضور جن پاڻ ڪئي.

ان سڀني ڀتن جي اڏاوت جو ڪارج پوري طرح حضور مهاراج جن جي نظر هيٺ ٿيو. پاڻ صبوح جو ٧ کان ١١ بجي تائين ۽ شام جو ٣-٤ کان ٦-٧ بجي تائين رهي سمورو ڪم چاهي شيوا پنهنجي سامهون ڪرائيندا هئا. اڏاوت جو ڪوبه ڪم ڪٿي مسترين يا انجنيرن جي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته حضور جن پنهنجي سامهون سرون رکائي ننڍي پيماني تي ڪجهه ڍانچو ٺاهي کين سمجهائيندا هئا. هن ستسنگ گهر جي ٺاهڻ ۾ سنگت ڏاڍي اُتساهه سان شيوا ڪئي ۽ ڪم جو گهڻو حصو شيوا ڪرڻ سان پورو ڪيو. حضور جن سنگت کي پريم پيار سان شيوا ڪندي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا. مهاراج جن هميشه شيوا تي زور ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته شيوا نقد سودو آهي، شيوا ڪرڻ وارو ڪڏهن به گهاٽي ۾ ڪونه رهندو.

بنياد رکڻ مهل جيڪي وياکيان ڪيا ويا انهن جو هتي ذڪر ڪرڻ ممڪن ڪونهي ان هوندي به راءِ هرنارائڻ جي

تائين هئي جو راءِ بهادر گلونتراءِ ۽ راءِ بهادر شنڪرداس جي مڪانن سامهون آهي. انهن مڪانن جي سامهونءَ واري جاءِ هينئر خالي پيئي آهي، اُتان وڙائيچ ڳوٺ ڏانهن رستو ويندو هو. اهو رستو وڙائيچ جي وچ مان نڪري، ننڍو پيچرو ٿي ٻنين مان هلندو نديءَ جو ڪپ وٺي بداٿيهه ڳوٺ ڏانهن وڃي نڪرندو هو. ڏيري ڏيرو ڪشادو ٿيڻ لڳو ۽ نيون جايون ٺهي راس ٿيڻ لڳيون.

حضور جن خود قابل ۽ آزمودگار انجنيئر هئا. ڏيري جون سڀ جايون ۽ رستا، پوري يوجنا آنوسار حضور جن پاڻ ئي رٿيا هئا. حضور جن جي وقت ۾ جيڪي به جايون ڏيري ۾ ٺهيون سڀ حضور جن جي زير نگرانيءَ ۾ ٺهيون آهن. پاڻ روبرو بيهي سمورو ڪاريه ڪرائيندا هئا، پاڻ ئي مسترين ۽ انجنيئرن کي سمجهائيندا هئا ته ڦلاڻو ڪم هن ريت ڪرڻو آهي. سڀ کان سهڻو اڏاوت جو نمونو، جو پوري پنجاب ۾ ڏسڻ جهڙين عمارتن ۾ مجيبو وجيٿو، اهو آهي وڏو ستسنگ گهر جنهن تي 'بابا جئمل سنگهه هال' نالو رکيو ويو آهي. هن عاليشان ستسنگ گهر جي ڊزائين حضور جن خود تيار ڪئي. ان جي سڀ پلان حضور جن خود ٺهرائي هئي. هي سونهري ڪلش سان سجايل پوڻ ڏسڻ لائق آهي. ان جي پيڙهه ۳۰ سيپٽمبر ۱۹۳۴ تي حضور مهاراج جن پنهنجي ڪر ڪملن سان رکي. ان جي شان ۽ سندرتا کي اکرن ۾ ورنن ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

هن عاليشان ستسنگ گهر جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جو نظارو به لاجواب هو. سنگت خوشيءَ ۽ پيار ۾ اچي گلن جي ايتري ته ورکا ڪئي جو اوسي پاسي واري زمين گلن سان ڇانئجي وئي. جڏهن اڏاوت جو ڪم شروع ٿي ڪيو ويو ته حضور دين ديال جن پاڻ انجي پيڙهه رکي ۽ پهريون پنج ٽوڪريون

ڏيري جو بنياد وڌو. انهن ڏينهن ۾ هتي صرف هڪ ڪچي ڪوٺڙي هئي. حضور باباجي مهاراج ١٨٩٤ع ۾ ڪوهه مري تشريف وٺي ويا ۽ اُتي حضور ساون سنگهه جي مهاراج جن کي نام دان بخشيائون. حضور بابا ساون سنگهه جن باباجي مهاراج جن جي حياتيءَ ۾ هڪ ننڍو ستسنگ گهر، هڪ وڏو ستسنگ گهر 'سوامي ساگر' نالي وارو ڪوهه ۽ ستسنگين لاءِ هڪ پڪي بئرڪ ٺهرائي.

٣- باباجي مهاراج جن حضور مهاراج ساون سنگهه جن کي پنهنجو جانشين مقرر ڪري سنه ١٩٠٣ع ۾ جوتي جوت سمايا. هينئر توهين ڏسو وينا ته ڏيري ۾ سوين مڪان لکين روپين جي لاڳت سان ٺهي راس ٿيا آهن. ستسنگ جو سنڌ ديش ديش جي مختلف ڀاڱن ۾ ۽ خاص ڪري پنجاب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويو آهي. جا اُنتي ڏيري، حضور مهاراج جن جي ايامڪاريءَ ۾ ڪئي آهي انجو اِتهاس لکڻ لاءِ هڪ وڏي گرنٿ جي ضرورت ٿيندي. حضور مهاراج جن ست هزار جيون کي نام بخشي چڪا آهن. حضور جن هوشيار پور ضلعي ۾ هڪ مهني جي دوري ۾ لڳ ڀڳ پنج هزار جيون کي ڪال جي پنجي مان ڇڏائي ديال ديش جو ڀاڳي بڻايو آهي.

٤- حضور مهاراج جن جي پرم پوتر سروپ جو جنهن هڪوار درشن ڪيو اهو پار ٿي ويو. جن پيارن کي انتر ۾ حضور جن جو درشن پراپت ٿيو آهي، انهن کي سُڌ آهي حضور ڪيترن ڪنڊن برهمنڊن جا والي آهن. گروءَ کي سمجهڻ ڪو آسان ڪاريه ڪونهي. صرف اهوئي کين سمجهي سگهندو جنهن کي هو پاڻ اها ذات بخشيندا. جيڪو سڄاڳ آهي تنهن کي اندو ڪڏهن به پڪڙي نه سگهندو جيسين سڄاڳو پاڻ وچي کيس پنهنجو هٿ نه پڪڙائي. اسين اندا آهيون

توڙي حضور مهاراج جن جا ڀاشڻ ۽ ڏيري بابت هڪ ننڍو ليک، جي ڀيڙهه ۾ رکيا ويا آهن هتي ڏنا وڃن ٿا.

راءِ هر نارائڻ صاحب جو ڀاشڻ :-

شري حضور مهاراج جي صاحب ۽ پياري ساٿ سنگت جي!

١- سڀ کان اول مان سنگت کان معافي وٺڻ چاهيان ٿو جو ڪلهه شام جو توهانکي اها سوچنا ڏني وئي هئي ته حضور پرم پتا مهاراج جي سڀاٽي صبوح ڀهرين آڪٽوبر ستين بجي ڀيڙهه جو پتر رکندا ۽ ڏيري ۾ ماهواري ستسنگ (اڄ) ڪيو ويندو. پر پوءِ ويچار ڪرڻ سان ائين ٺيڪ سمجهيو ويو ته ٻن هنڌن تي شاميانا لڳائي ۽ وڇائي ڪرڻ بجاءِ هڪ ئي جاءِ تي ٻنهي جو بندوبست ڪجي. عام طور اهو رواج آهي ته جنهن هنڌ اهڙا شڀ ۽ پوتر ڪاريه ٿيندا آهن، اُتي پرشاد ورهائجي. تنهنڪري ڪاروبارين ائين سنگت کي منو وات ڪرائڻ ڪانسواءِ ڇڏڻ سنو ڪونه سمجهيو. تنهن ڪانسواءِ اها ٻه ڳالهه هئي ته جنهن جاءِ تي حضور جن جو تخت لڳايو ويو آهي، اها ساڳي جاءِ آهي جتي ستسنگ گهر ٺهي وڃڻ ڪانپوءِ حضور جن جو تخت هميشه رکيو ويندو. انهن سڀني ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي رات جو ڏيڍ بجي حضورجن اهو هنڌ چونڊي ۽ سنگت تي خاص ديا ڪري، پربنڌ ڪرڻ وارن جي اها وينتي سويڪار ڪئي.

٢- جيئن توهانکي ڪلهه ٻڌايو ويو هو ته حضور بابا جئمل سنگهه جن سنه ١٨٨٩ع ۾ فوج مان رٽاير ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ وڙائچ ۽ بلسراءِ ڳوٺن جي وچ ۾ هن ئي هنڌ ابياس ڪندا رهيا. پاڻ سڄي هفتي لاءِ بياس اسٽيشن تان روٽي خريد ڪري اچي وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن بک لڳندي هئن ته ان مان ٿورا ٽڪر ڇني، نديءَ جي پاڻيءَ ۾ پسائي کائيندا هئا. سنه ١٨٩١ع ۾ حضور باباجي مهاراج جن هن

ڏيري ۾ ڪن ماڻهن ڪي ڇڏي جي باغ ۽ چوپائي مال
جي ديکڀال ڪن ٿا، ٻيو ڪوبہ پگهاردار ڪونهي. ڏيري
۾ اٽڪل ٧٠ يا ٨٠ ساڌو رهن ٿا جي ستگرو شيوا جي
ڀاونا سان ڏيري ۾ شيوا ڪن ٿا ۽ باقي وقت ڀڄن ۽ ابڀاس
۾ سجايو ڪن ٿا.

٦- ڏيري ۾ هينئر جيڪي سنسنگ، گهر آهن سي گهڻي وقت
کان وٺي سنسنگ لاءِ سوڙها ثابت ٿيا آهن. ڪيترو ي وقت
کان سنسنگ شاميانا لڳائي ڪيو وڃي ٿو پر سڀ کان وڏي
ڏکيائي جا هاڻي محسوس ٿيڻ لڳي سا اِها تہ سنگت کي
اُٿڻ وهڻ ۽ سمهڻ لاءِ پوري جڳهہ ڪونہ آهي. تنهنڪري
حضور مهاراج جن، جي ديا ۽ پوترتا جي زنده تصوير
آهن ديا ڪري هي نيون سنسنگ، گهر ٺهرائڻ جو فيصلو
ڪيو. ان تي اٽڪل هڪ لک پنجاهہ هزار روپيا خرچ
ايندو. هي 100' × 140' فوٽ ڊگهو ۽ ويڪرو ٿيندو ۽
انجي ڊزائين انگريزي T (ٽي) وانگر ٿيندي. انجو ڪاٺ
جو ٺهيل ماڊل بابو گجاسنگهہ صاحب انچارج انجنيئر پنهنجي
گهر جي دروازي تي رکي ڇڏيو آهي.

٧- هيءُ پڙن پنجاب ۾ جيڪي ڏسڻ جهڙيون عمارتون آهن
انهن مان هڪ ٿيندو. توهين ان جي اُدگهاٽن جي موقعي
تي پڻ اهڙيءَ ريت اچي ڪنا ٿيندا جيئن اَڄ پيڙهہ رکڻ
وقت آيا آهيو. سڀ کان وڏيڪ ڌنيواد جا پاتر
بابو گجاسنگهہ جن آهن. هو ملٽري ورڪس ۾ ايس.ڊي.او
آهن. هينئر موڪل تي آيا آهن ۽ جلدئي رٽاير ڪري اچڻ
وارا آهن. بال برهمچاري آهن. شادي ڪانہ ڪئي اُٿن ۽
ساري عمر سمرن ڀڄن ۾ گذاري اُٿن. هاڻي ڏيري ۾ رهي
هن نئين سنسنگ، کي ٺهرائي رهيا آهن. ٻيا ڌنيواد جا پاتر
آهن راءِ صاحب نارائڻسنگهہ. توهين هنجي عمر ڏسو، هنجي

گرو سڄاڻي آهي. هو انتر ۾ ڏسي ٿو. اسين من جي وڪارن ۾ پيا وهون ۽ من جي چئي لڳي سڀ ڪار وهنوار پيا ڪريون. اهوئي سبب آهي جو اسانکي پورو وشواس ڪونه ٿو اچي. توهين ڌن آهيو جو پوري گروءَ جو درشن پراپت ٿيو اٿو. ڌن آهي هي جڳه، جڏهن پاڻ ستپرش ديهه ڌاري توهانکي درشن ڏئي رهيو آهي. جن به هن وقت پرم پتا حضور مهاراج جن، جي ست لوڪ ۽ انامي ديش جا مالڪ آهن، جي سکيا کي مڃيو، ان موجب پيروي ڪئي سي چوراسيءَ جي چڪر مان نڪري سچکنڊ جا اڌڪاري بڻجي ويا. حضور جن جي گڻن جي هڪ انش جو ورنن ڪرڻ آهي ساگر کي گهاگهر ۾ بند ڪرڻ.

٥- توهانکي خبر آهي ته پهرين به ڀنڊارا ٿيندا هئا - هڪ گرمين ۾ ۽ ٻيو سردين ۾ ۽ جن ۾ ست اٺ هزار سنگت هوندي هئي. اهڙن موقعن تي پربنڌ رکڻ ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن ٿيون انهن کي خيال ۾ رکي ڀنڊارن جي بدران ماهواري ستسنگ، جو پربنڌ ڪيو ويو جو هر انگريزي مهني جي پهاڙيءَ واري آرتوار تي ٿيندو آهي. هاڻي اهو ماهواري ستسنگ، ڀنڊاري جهڙو ٿي پيو آهي. سڀني ستسنگين کي گروءَ جي لنگر مان کاڌو ملي ٿو ۽ جنهن لاءِ انهن کان ڪجهه به ورتو نٿو وڃي. جيڪي ڪجهه ستسنگي پنهنجي خوشيءَ سان شيوا ۾ ڏئي وڃن ٿا ان مان ئي سارو مهنو خرچ ڪيو وڃي ٿو. انهن پيسن سان نه حضور جن جو ڪو واسطو آهي ۽ نه ڪنهن ٻئي جو. خرچ ۾ نه ته ڪڏهن ڪا ڪوٽ پيئي ۽ نه ڪڏهن ايترو ڪنو ٿيو جو ٻئي ڪنهن ڪم ۾ خرچ ڪرڻ جو سوچجي. جيئن ڪبير صاحب فرمائين ٿا:-

”ڪبير اتنا مانگئے، جا مين ڪٽنب سمائے.
مئن ڀي ڀوکا نه رهون، ساڌ نه ڀوکا جائے.“

پنهنجي ساري عمر اڀياس ۾ وتيت ڪئي."

منهنجي پتا کي ساڌن سان ملڻ جو شوق هو. هو چاهيندا هئا تہ ڪو پورن مهاتما ملي. سک پريوار ۾ پيدا ٿيڻ سبب مون ستن سالن جي عمر ۾ گرنٿ صاحب کي پڙهڻ شروع ڪيو. مون کي ويدانت جو بہ شوق هو. منهنجي سنگت هر مذهب جي بزرگن سان هئي. مان بنا ڪنهن ڀيد ڀاو يا پکشپات جي، پيار سان سڀ ڪنهن ڌرم جي بزرگن سان ملندو هوس، منهنجي چاهنا هئي تہ آريہ سماجي، سناتني، سک، مسلمان يا ڪنهن بہ قوم جو پورو مهاتما ملي پوءِ ڪٿي اهو ڀنگين ۾ ملي. ٻاويهہ سال تلاش ڪندي گذري ويا، پر اهڙو دلپسند مهاتما ڪونہ مليو جو منهنجي سوالن جا تسلي بخش جواب ڏئي. ڪيترائي ڪمائيءَ وارا مهاتما مليا. مون کين چيو تہ ڪجهہ ٻڌايو. انهن جواب ڏنو تہ اڃا اهو وقت ڪونہ آيو آهي، وقت ايندو. آخر اهو وقت اچي ويو. مان ڪوهہ مريءَ ۾ ايڪس. اي. ايس. جي بنگلي تي ڪم ڪري موٽي رهيو هوس تہ مهاراج جي * هڪ شش سان گڏ منهنجي پاسي کان لنگهي ويا. مهاراج جن ان کي چيو تہ اسين هن ماڻهوءَ لاءِ (هتي) آيا آهيون. اسانجو هن سان اڳين جنم جو سنبنڌ آهي. هو ڪلهي چوڻ لڳو تہ هن تہ 'فتح' بہ ڪونہ چئي. مهاراج جن فرمايو، "هن ويچاري کي ڪهڙي خبر! اڄ کان چوٿين ڏينهن هيءُ اسانوٽ ايندو." سو بابو ڪاهن سنگهہ هيڊ ڪلارڪ مونکي چيو تہ توهين ساڌن جا ڳولائو آهيو. اڄڪلهہ هڪ پورن مهاتما ڪوهہ مريءَ ۾ آيو آهي. اچي درشن ڪريو. انهن جي ڪرپا سان مان باباجي مهاراج جن جي درشن ڪرڻ لاءِ ويس. منهنجا ٻاويهن سالن جا سوال ۽

---

* بابا جيمل سنگهہ جي مهاراج

صحت ڏانهن نهاريو. پر اُنهن مان سنڌن ستگروءَ لاءِ پريم جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي. هو ٻه پريم جي مورتي آهن ۽ هن ڪاريه لاءِ ڏيري ۾ رهيل آهن. جيستوڻيڪ سنڌن تندرستي اها اجازت نٿي ڏئي پر پريم جي وس ٿي همت ٻڌي رهيا آهن. اهڙين هستين کي ڏسي وشواس ٿو ٿئي ته هيءَ عمارت جلدي ٺهي راس ٿيندي. مان انهن پريمي ستسنگين جا الڳ، الڳ، نالا نٿو وٺي سگهان جي مستري، ڪلارڪ، اوورسيئر وغيره جي روپ ۾ هن ڪاريه ۾ مدد ڏئي رهيا آهن ۽ جن پنهنجي هٿن سان شيوا ڪري لاڀ ورتو آهي. مان انهن سڀني کي ڌنيواد ڏيان ٿو. ان ڪانسواءِ قريب ١٦٠ ستسنگي پندرهن ڏينهن کان ڪم ڪري رهيا آهن، اهي به ڌنيواد جا پاتر آهن. مونکي چيو ويو آهي ته بلڪل مختصر ڳالهايان. تنهن ڪري هاڻي مان اتينت دينتا ۽ آدر پوروڪ حضور مهاراج پرم پتا جي شيوا ۾ پرارٿنا ٿو ڪريان ته حضور جن پنهنجي پوتر هٿن سان هن رسم کي ادا فرمائين.

تم سلامت رهو هزار برس،
هر برس ڪي هون دن پچاس هزار.


پرم سنت پورڻ ڌڻي حضور مهاراج
بابا ساون سنگهه جن جو ڀاشڻ

هن شڀ موقعي تي حضور جن هڪ ننڍڙو ڀاشڻ ڏنو جو هن ريت آهي:-

”نويدن آهي ته مان اُن خوشيءَ جو بيان ئي نٿو ڪري سگهان جا مون جهڙي ڪامي، ڪروڌي تڇ جيو کي هن رسم ادا ڪرڻ ۾ ٿيندي. اها منهنجي طاقت توڙي لياقت ڪانهي بلڪ ان مهاپرش (باباجي مهاراج) جو ڪم آهي جنهن



ستسنگ گهر:- بنياد رکڻ جو نظارو



ستسنگ گهر

سنسا سڀ حل ٿي ويا. ڇڱن ڏينهن ڪانپوءِ نام لاءِ عرض ڪيم. هنن فرمايو، ”اڃا ٻه سوچي سمجهي وٺ.“ جڏهن مون اڳ پڙهيل پستڪن جو ڌيان ڪيو ته طرح طرح جا سنڪلپ پئي اُٿيا. وري هڪ ڏينهن موڪل وٺي ۽ ستگرن جي ديا سان سڀ سنڪلپ دور ٿي ويا. مونکي نام بخشيو ويو.

باباجي مهاراج جن شادي ڪونه ڪئي. ساري ڄمار ابياس ۾ گذاريائون. آگري وڃي نام وٺائون. چوڏهن سال پلٽڻ ۾ رهيا. چوڏهن سال ابياس ڪيائون. ٻارهن سال هٽي ڏيري ۾ ابياس ڪيائون. ڪڏهن چوندا هئا ته دنيا ۾ ڪنهنکي سمجهائجي؟ منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته اها منهنجي طاقت ڪانهي، جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي اُهو هن مهاتما جي ڪمائيءَ جي برڪت آهي، اُهو سڀ سندن ڪمائيءَ جو پرتاپ آهي. مان ڪجهه نه آهيان سڀ ڪجهه باباجي مهاراج جن پاڻ ڪري رهيا آهن، مان ته هڪ نماڻو سيوڪ آهيان ۽ ان مهاپرش جا شڪرانا ادا ٿو ڪريان جو سنگت جي جتين صاف ڪرڻ جي سيوا مونکي بخشي اٿن.“

پنهنجي مهان ستگروءَ جي گريگتي، پريم ۽ نهايت نمرتا ۽ عاجزيءَ جا اهي وچن ٻڌي سنگت جي دل ڀرجي آئي، سندن گلا خشڪ ٿي ويا ۽ نيڻن مان نير وهڻ لڳو. ان نديءَ پر دلسوز ڀاشڻ ڪانپوءِ ستگرو ديندنيال جن پنهنجي پوتر ڪرڪملن سان ستسنگ گهر جو بنياد رکيو.

پيڙهه جو پٿر:-

راڌا سوامي دَيال ڪي دَيا راڌا سوامي سهاءِ

اڄ آرتوار ڏينهن پندرهين آسو سنبت ١٩٩١ وڪرمي، تاريخ ٣٠ سيپٽمبر ١٩٣٤ هن راڌا سوامي ستسنگ گهر جي

ٻيڙهه جو ٻئو ڀرم سنت پورن ڌڻي سنگرو بابا ساون سنگهه جي مهاراج، گدي نشين ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي مهاراج، جن پنهنجي پوتر ڪرڪملن دوارا ن رکيو. راڌاسوامي ارٿات سنت مت سنستا پرڪ پهرئين گرو ڀرم سنت پورن ڌڻي سيٺ شوديال سنگهه جي - پرسد نالو حضور راڌاسوامي صاحب آگرا نواسي ڪانپوءِ بابا جئمل سنگهه پيا گدي نشين ٿيا ۽ انهن ڪانپوءِ بابا ساون سنگهه جي مهاراج ٽيان سنت سنگرو ٿيا.

هن ڏيري جو بنياد پرم سنت پورن ڌڻي سنگرو بابا جئمل سنگهه جي مهاراج جن وڪرمي سنبت ١٩٤٨ ۾ رکيو.

(اهڙو هڪ ليک، انگريزيءَ ۾ لکي رکيو ويو)

هيٺيون ليک، سار ٻڃن چند - بند، فوٽي، سڪن وغيره سان گڏ ستسنگ، گهر جي ٻيڙهه ۾ رکيو ويو.

ليک

پرم پرش پورن ڌڻي حضور سوامي جي مهاراج جن جو اصلي نالو سيٺ شوديال سنگهه هو. هنن پني گلي آگري جي هڪ نامور سيٺ کتري گهراڻي ۾ جنم اشٽمي تاريخ ٢٥ آگسٽ سنه ١٨١٨ ۾ جنم ورتو. سندن پتا جو نالو سيٺ دلوالي سنگهه جي هو. سندن ڏاڏو سيٺ ملوڪچند جي ڍولپور رياست ۾ ديوان جي عهدي تي رونق افروز هئا. سندن ماتا جو نالو مهامايا هو، جا هاٿرس واري تلسي صاحب جي ڏاڍي پريمڻ سيوڪا هئي. سندن شادي فريدآباد قصبي، ضلعي گڙگانو جي هڪ معزز کتري گهراڻي ۾ ٿي هئي. سندن پتنيءَ جو نالو نارائڻ ديوي جي هو جا پوءِ راڌا جي جي نالي سان پرسد ٿي. کين ڪوبه اولاد ڪونه هو.

سوامي جي مهاراج جن ننڍيءَ عمر ۾ ئي سڀ ڪان اوچي پرمارٿ کي سمجهائڻ شروع ڪيو. پاڻ اٽڪل سترهن ورهين تائين پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ جو دالان جي اندر هو،

مذهبن ڌرمن ۽ پنٿن جي مهاتمائن سان مليا پر ڪنهن وٽان به هنن کي خاطر خواهه جواب ڪونه ملي سگهيو. ان ڏولها ۾ جڏهن سندن عمر ١٨ سال هئي ته رشي ڪيش پهتا. اُتان تپوبن ۾ ويا اُتي هنن کي هڪ سادوءَ ٻڌايو ته آگري شهر ۾ هڪ پورن سنت ستگرو پيدا ٿيا آهن. اُهي ئي ڪيس پنجن شبدن جو ڀيد ڏيئي سگهندا.

اُنهن پنجن شبدن بابت هنن آد گرنٿ صاحب ۾ پڙهيو هو. اها حقيقت معلوم ڪري باباجي مهاراج جن آگري ڏانهن روانا ٿيا ۽ گهڻي ڏولها ۽ پڇا ڪرڻ بعد سوامي جي مهاراج جن جي آستان جو پتو لڳايائون. ڪيترائي ڏينهن ستسنگ ٻڌڻ بعد باباجي مهاراج جن جا سڀ شڪ شڪوڪ دُور ٿي ويا. پوءِ هنن سوامي جي مهاراج جن کان نام جو اُپديش ورتو ۽ سوامي جي مهاراج جن جي حڪم موجب آگري ۾ سکن پلٽڻ نمبر ٢٤ ۾ ڀرتي ٿيا. جيڪا به موڪل يا فرصت ملندي هئن ته پنهنجن سمرن ۾ وتيت ڪندا هئا.

پلٽڻ ۾ ٣٤ سال نوڪري ڪرڻ بعد سوامي جي مهاراج جن جي ديا سان پيرپور تي سنه ١٨٨٩ ۾ رٽائر ڪيائون ۽ بياس نديءَ جي ڪناري بلسراءِ ۽ وڙائچ ڳوٺن جي وچ ۾ اچي رهيا اُن کي هاڻي ” ڏيرا بابا جيمل سنگهه “ ڪري ڪوٺيندا آهن. اُتي هڪ ننڍي ڪٽيا ٺاهي سرت شبد - يوگ جو ابياس ڪرڻ ۾ لڳي ويا. بيبي رکو (جيڪا باباجي مهاراج جن جي شيوا ۾ رهندي هئي) جي وينتي ڪرڻ تي اُن آستان تي باباجن سنه ١٨٩١ ۾ ڏيري جو بنياد وڌو. آڪٽوبر ١٨٩٤ ۾ باباجي مهاراج جن بابو ساون سنگهه جن جيڪي ڪوهه مري ۾ سب ڊويزنل آفيسر ملٽري ورڪس جي عهدي تي هئا، کي نام دان بخشيائون. بابو ساون سنگهه جن باباجي مهاراج جن جي وقت ۾ هڪ ننڍو ستسنگ گهر $30' \times 15'$ ۽

سرت شبد يوگ جو ابياس ڪندا رهيا. ٻه ٻه ڏينهن ان ڪمري مان ٻاهر ئي ڪونه نڪرندا هئا ۽ ان وقت ضروري قدرتي ڪريائن ڏانهن به سندن خيال ڪين ويندو هو. جنوري سنه ١٨٦١ ۾ بسنت پنچميءَ ڏينهن سوامي جي مهاراج جن پنهنجي گهٽي آگري ۾ عام ستسنگ جاري فرمايو ۽ سرت شبد يوگ جي ڳوڙهي رهسيه جو ڪجهه وقت کان گپت ۽ پوشيدو ٿي ويو هو، کي وري عام لوڪن لاءِ پرگهٽ ڪيو ۽ اهڙي ريت جيون تي ديا مهر ۽ اُپڪار ڪيائون. سوامي جي مهاراج جن جي زماني ۾ هر ڌرم ۽ سمپرادا جي ماڻهن ۽ الڳ الڳ ٻيڪن جي مکيه هستين سندن اُپديش جو لاڀ ورتو. سوامي جي مهاراج جن ١٥ جون سنه ١٨٧٨ پرم ڌام پڌاريا.

سوامي جي مهاراج جن ڪانپوءِ ستسنگ جو ڪاريه راءِ بهادر سالگرام، جي اُتر پرديش ۾ پوسٽ ماسٽر جنرل هئا تن پيپل منڊي ۾ ۽ ماتا راڌا جي ۽ سيٺ پرتاپ سنگهه جي (جي سوامي جي مهاراج جن جا ننڍا ڀاءُ هئا) اُنهن پنهنجي گهٽي ۽ سوامي باغ ۾ جاري رکيو. پنجاب ۾ ستسنگ جي سيوا جو ڪاريه بابا جئمل سنگهه مهاراج جن تي رکيو ويو، جيڪي سوامي جي مهاراج جن جا مکيه سيوڪ هئا.

بابا جئمل سنگهه جي مهاراج :-

هو سوامي جي مهاراج جن جي سيوڪن مان مکيه هئا. باباجي مهاراج جن ضلع گورداسپور جي گهمان ڳوٺ ۾ سنه ١٨٣٩ ۾ هڪ جاٽ سک ڪٽنب ۾ جنم ورتو. سندن پتا جو نالو سردار جوڌ سنگهه، ماتا جو نالو ٻيبي ديا ڪؤر هو. گرو گرنٿ صاحب جي پڙهڻ سان باباجي مهاراج جن کي پنهنجن شبدن ۽ نام جو پتو پيو. ان جي تلاش ۾ پاڻ جدا جدا

جا ڪيترا ئي شيوڪ موجود آهن. ستسنگ جي وستار سبب ڏيري ۾ هن وقت سوين پڪا مڪان ڪيترائي لک روپيه خرچ ڪري ٺهرايا ويا آهن. ڏيرو، بياس ريلوي اسٽيشن کان اڍائي ميل پري آهي. سن ١٩٣٢ع کان اڳ، هڪ ڪچو رستو نديءَ جي ڪناري وڙائچ ڳوٺ کان ٿيندو ڏيري تائين ٿي آيو، هينئر هڪ سڌو رستو وڙائچ ڳوٺ کان ٻاهر ڏيري تائين ستسنگين جي خرچ سان ٺهرايو ويو آهي ۽ هاڻي ان کي پڪو ڪرايو ويو آهي. پراڻا ٻئي ستسنگ گهر ستسنگ لاءِ ننڍا معلوم ٿيڻ لڳا. ان ڪري نئون ستسنگ گهر (جنهن جي ايراضي 100' × 140' آهي) جو بنياد ي پٿر ٣٠ سيپٽمبر ١٩٣٤ع تي حضور مهاراج ساون سنگهه جن رکيو آهي.

ڏيري جي وچ ۾ هڪ وڏو اوچو مڪان آهي جنهنجي چوٽي پري کان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اهو مڪان سرڳواسي لالا منگت راءِ پوليس انسپيڪٽر ٺهرايو هو. لالا منگت راءِ بابا جئمل سنگهه مهاراج جن جو آخرين ستسنگي هو ۽ سن ١٩١١ع ۾ پوليس کاتي مان رٽاير ڪري ١٩٢٦ع تائين حضور مهاراج ساون سنگهه جن سان گڏ ڏيري ۾ سنگت جي شيوا (سيڪريٽري جي روپ ۾) ڪندو رهيو.

هن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ اها شيوا هن مضمون جي ليکڪ (راءِ صاحب لالا هرنارائڻ، رٽايرڊ ايڪسٽرا اسسٽنٽ ڪمشنر) کان ورتي وئي ٿي. ڏيرو خريد ڪيل زمين ۾ ٺهرايو ويو آهي ۽ نئين ستسنگ گهر جي اڏاوت بابو گجاسنگهه صاحب (سب ڊويزنل آفيسر ملٽري ورڪس) ۽ راءِ بهادر سردار نارائڻ سنگهه ٺيڪيدار، دهليءَ واري جي نگرانيءَ هيٺ ٿي رهي آهي. هن وقت ماهوار ستسنگ هر مهني جي آخرين آرتوار ڏينهن ٿيندو آهي. ان ۾ اٽڪل ١٥ هزار ستسنگي اچي لاڀ وٺندا آهن. انهن جي کاڌي پيتي

هڪ وڏو ستسنگ گهر 56'×20' ۽ هڪ کوهه (سوامي ساگر نالي) ڏيري ۾ ٺهرايا. باباجي مهاراج جن ۲۹ ڊسمبر ۱۹۰۳ تي بابو ساون سنگهه جن کي پنهنجو گدي نشين مقرر ڪري جوتي جوت سمايا.

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جي:-

بابا ساون سنگهه جن ۵ ساوڻ وڪرمي سنبت 1915 برابر ۲۰ جولاءِ ۱۸۵۸ع تي ڳوٺ مهمانسنگهه والا ضلع لڌياڻه جي هڪ اوچ ۽ مشهور جاٽ گريوال ڪٽنب ۾ جنم ورتو. سندن پتا جو نالو سردار ڪابل سنگهه ۽ ماتا جو نالو جيوڻي هو. سندن پتا فوج ۾ صوبيدار ميجر جي عهدي تي هئا. هو گوجروال ڳوٺ جي سڪول ۾ اينٽرنس تائين تعليم حاصل ڪري فوجي سڪول فرخ آباد ۾ ٻه سال ماستري ڪري وري سنه ۱۸۸۴ع ۾ ٿامسن ڪاليج آف انجنيئرنگ، روڙڪي ۾ انجنيئري جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيا هئا ۽ امتحان پاس ڪرڻ بعد سنه ۱۸۸٦ع ۾ ملٽري ورڪس نوشهره ۾ S.D.O. ٿيا. هو بابا جئمل سنگهه مهاراج جن جي جوتي جوت سمائڻ بعد ۱۹۰۳ع ۾ گديءَ تي ويٺا. نوڪريءَ جي وقت ۾ ٻه ستسنگ لاءِ ڏيري ۾ تشريف فرمائيندا هئا. ملٽري ورڪس جي کاتي ۾ بلڪل ڪاميابيءَ سان نوڪري ڪرڻ بعد سنه ۱۹۱۱ع ۾ سب ڊويزنل آفيسر جي عهدي تان پينشن تي لٿا ۽ اُنهيءَ وقت کان وٺي لڳاتار ڏيري ۾ رهندا آيا ۽ ستسنگ جو مهان ڪاريه ڪندا رهيا. هنن سٺ هزارن کان ٻه وڌيڪ استرين ۽ پرشن کي سرت شبد يوگ جو انمول ڀيد ڏنو.

ستسنگ جو سنديش اُتر پرديش، سرحدي علائقه، بمبئي ڪلڪته، مڌيه ڀارت ۽ خاص طور پنجاب ۾ پهچي چڪو آهي ايتري قدر جو آمريڪا ۾ به حضور مهاراج ساون سنگهه جن

اصل تي ليک جي صحيح - هرناراڻ   تصديق ڪيل
(پينشنر - ايڪسٽرا اسسٽنٽ ڪمشنر)   (اصل تي صحيح)
سيڪريٽري - ڊيرا بابا ڄمل سنگهه   ساون سنگهه
٣٠ سيپٽمبر ١٩٣٤

٧- وديش ۾ نام جو پرچار

سال ١٩١١ سنت مت جي اتهاس ۾ هڪ اهميت ڀريو سال آهي. ڀارت جو هڪ سک ستسنگي سردار ڪيهر سنگهه ڪئناڊا ۾ هڪ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. ١٩١١ ۾ هن کي واشنگٽن ۾ هڪ ٻي نوڪري ملي ويئي ۽ هو واشنگٽن هليو ويو. هڪ ڏينهن شام جو سردار ڪيهر سنگهه ڪيڏانهن پيدل وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هڪ آمريڪن جوڙي (زال مڙس) ڊاڪٽر ۽ شريمتي براڪ جي مٿس نظر پيئي. هنن ڏٺو ته هن هندستاني سردار جي مٿان هڪ اڇي پڳڙي پهريل اڇي ڏاڙهيءَ سان بزرگ شخص هو. ان جو مُکُ يا چهرو سندر ۽ چمڪندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ هو. هو پاڻ کي روڪي نه سگهيا سو سردار ڪيهر سنگهه کان پڇيائون ته "توهان جي مٿان ڪهڙو نوراني پرش يا ديوتا پيو ڏسڻ ۾ اچي؟" اهو سوال ٻڌي ڪيهر سنگهه توري وقت لاءِ حيران ٿي ويو. پوءِ حضور مهاراج جن جي موج سمجهي چوڻ لڳو، "اهي منهنجا سنت ستگرو بابا ساون سنگهه مهاراج جن آهن."

پر ڊاڪٽر ۽ شريمتي براڪ اهو ٻڌي راضي نه ٿيا. ان تي سردار ڪيهر سنگهه انهن کي سنت مت ۽ حضور مهاراج جن جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو. انهن جي جگياسا وڌندي ويئي ۽ هو سردار ڪيهر سنگهه سان وقت به وقت گڏجندا رهيا. ڪجهه ڏينهن ۾ نام لاءِ انهن ٻنهي جي دلين ۾ ايتري ته تڙپ پيدا ٿي جو چوڻ لڳا ته ڪيئن به ڪري اسان کي

جو پربنڌ ستگرن جي لنگر ۾ ڪيو ويندو آهي.

سرت شبد مارگ جو سدانت :-

سرت شبد مارگ ڪو نئون مارگ ڪونه آهي. هيءُ ابياس جو اهو طريقو آهي جو ستجگ، دواپر، تريتا ۽ ڪلجگ ۾ آد کان هلندو آيو آهي. ان کي نه ڪير بدلائي سگهي ٿو نه ڪوئي ان ۾ گهٽ وڌائي ڪري سگهي ٿو. جڏهن هيءُ مارگ گپت ٿي ويندو آهي تڏهن سنت مهاتمائون اچي ان کي جاري ڪندا آهن. ڪبير صاحب، گرو نانڪ صاحب، پلٽو صاحب، دادو ديال، مولانا رومي، شمس تبريز وغيره مهاتمائن هن مارگ جو ڀيد ظاهر ڪيو آهي. هن مارگ جو ڪنهن مذهب، ڌرم، ذات سان واسطو نه آهي، هر ڪو پرش ۽ استري هن نعمت جو حقدار آهي. پرماتما هڪ آهي ۽ ان سان ملڻ جو طريقو به هڪ ئي آهي. اهو پرماتما گهٽ گهٽ ۾ وياپڪ يا موجود آهي ۽ پوري ستگروءَ ذريعي ملي سگهي ٿو. جيستائين پوري ستگروءَ سان ميلاپ نه ٿيو آهي تيستائين ان شبد جي خبر ئي ڪونه ٿي پوي. هندو ان کي ناد يا شبد چوندا آهن، مسلمان ان کي ڪلام - رباني يا ڪلمو چوندا آهن. گرو صاحبن ان کي گرواڻي سچ يا حڪم سڏيو آهي، عيسائي ان کي 'ورڊ' يا ڪلام چوندا آهن. جدا جدا سنتن ڪل مالڪ پرماتما کي جدا جدا نالن سان ياد ڪيو آهي. ڪبير صاحب انکي انامي ڪري ڪوٺيو آهي. گرو نانڪ ديو جن ان کي سوامي يا نرالا به چيو آهي. سوامي جي مهاراج جن ان کي راڌا سوامي جي نالي سان پڪاريو آهي. راڌا جو مطلب آهي آد سرت يعني آتما ۽ سوامي جو مطلب آهي ڪل مالڪ يا آد شبد. انڪري سوامي جن ڪل مالڪ جو نالو راڌا سوامي رکيو آهي.

وڪيائين. حضور جن ڪان منظوري ملڻ تي ١٢ مارچ ١٩٣١ تي ڊاڪٽر جانسن کي شري ٻراڪ ذريعي نام دان جي بخشش ٿي. ساڳئي سال شري هاروي ميرس کي بہ نام مليو. ميرس کي مهاراج جن پنهنجو عيوضي بڻايو ۽ اُن جي معرفت آمريڪا ۾ ستسنگ شروع ڪيو ويو. ڊاڪٽر جانسن کي تہ پنهنجي ستگرن سان ملڻ جي ڏاڍي تڙپ هئي. سنہ ١٩٣٢ ۾ حضور جن کان اجازت ملڻ تي پنهنجي سڄي ميڊيڪل پريڪٽس، پنهنجو خاص دوا خانو، گهر وغيره سڀ ڇڏي هندوستان لاءِ روانو ٿيو. جڏهن ڊاڪٽر جانسن جي جهونن ساٿين دوستن ۽ واقفڪارن اها ڳالهہ ٻڌي تہ ڏاڍا حيران ٿي ويا. ڪيترن ماڻهن کيس روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيترن ئي کيس سمجهايائون تہ اوڏانهن نہ وڃو. اُتي ڇا رکيو آهي ۽ کيس ڪيترائي خط پڻ لکيائون. پر ڊاڪٽر جانسن جي اندر جي حالت، ستگرن لاءِ لڳن بابت اُنهن ماڻهن کي ڪهڙي خبر يا ڪهڙو قدر؟ لنبي ساموندي مسافري پوري ڪري جڏهن ڊاڪٽر جانسن ڏيري پهتو تہ ائين آيو جو جيون ڀر وري واپس وطن جو نالو نہ ورتائين. ڏيري ۾ حضور جن جي چرنن ۾ رهيو، خوب ابياس ڪيائين ۽ سنہ ١٩٣٩ ۾ هتي ئي چولو ڇڏيائين.

هتي اچي ڊاڪٽر جانسن ٻہ ڪتاب لکيا. هڪ آهي اُنهن خطن جو سنگرهہ جي هن ڀارت مان آمريڪن ستسنگين کي لکيا هئا ۽ ٻيو آهي سنت مت جي سڌانتن بابت پوري پوري ڄاڻ،

"دي پاٿ آف د ماسٽرس"

هن وقت تائين وديش جي ستسنگين ۽ جگياسن لاءِ سنت مت تي ڪو بہ پستڪ انگريزيءَ ۾ ڪونہ هو. حضور جن جا ستسنگين ۽ جگياسين ڏانهن لکيل خط ئي اُنهن

نام دان ڏياريو. اسين هندستان تہ وڃي نٿا سگهون. ان تي سردار ڪيهر سنگهہ حضور جن کي سندن باري ۾ خط لکيو. جواب ۾ ستگرو دين ديال جن وٽان حڪم آيو تہ ڊاڪٽر براڪ ۽ سندن پتنيءَ کي سندس پاران نام دان ڏنو وڃي. ستگرن جي آگيا مجب سردار ڪيهر سنگهہ انهن کي حضور جن جي پاران نام دان بخشيو. ان کان ڪجهہ ڏينهن بعد سردار ڪيهر سنگهہ تہ هندستان هليو آيو ليڪن پرمارٿ جا ابلاشي يا چاهڪ آهستي آهستي ڊاڪٽر براڪ وٽ اچڻ لڳا. ڊاڪٽر براڪ کي حضور جن آمريڪا ۾ نام دان ڏيڻ لاءِ پنهنجو عيوضي مقرر ڪيو.

ڊاڪٽر براڪ ۽ سندس پتنيءَ اها شيوا اٽڪل ٢٠ سالن تائين ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي جگياسو وٽن نہ ايندو هو تہ هو پنهنجي شهر کان ٢ هزار ميل لنبو سفر ڪري بہ ان وٽ ويندا هئا. نام ڏيڻ کان اڳ، هو حضور جن کي نام وٺندڙن جو پورو پورو احوال لکي موڪليندو هو ۽ جواب ۾ حضور جن وٽان منظوري اچڻ تي انهن کي نامدان ڏيندو هو.

سنہ ١٩٣١ع ۾ ڊاڪٽر جانسن هڪ آمريڪن ستسنگي شريمتي جوليا ميڪ ولڪن وٽ اچي رهيو. شريمتي ميڪ ولڪن جي عمر ان وقت ٨٠ سال هئي ۽ ١٥-٢٠ سال اڳ نام ورتل هوس. ڊاڪٽر جانسن اُن وقت هڪ سچي روحاني رهبر يا گروءَ جي ڳولها ۾ هو. هن جي M.D. پاس ڪيل هئي ۽ عيسائي ڌرم ۾ D.D پاس هئو ۽ عيسائي ڌرم جو پرچار ڪندڙ پادري ٿي هڪ دفعو هندستان ۾ بہ آيو هو. پر انهيءَ ڪانپوءِ بہ هن کي سنتوش نہ ٿيو. شريمتي ميڪ ولڪن جڏهن سنت مت جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايس تہ ڊاڪٽر جانسن نام وٺڻ لاءِ خواهش ڏيکاري. ڊاڪٽر براڪ سان سمپرڪ

لائلپور زرعي ڪاليج ۾ پرنسيپال هو. سردار بهادر جڳت سنگهه جن اُنهن ڏينهن ۾ اُن ڪاليج ۾ پروفيسر هئا. سردار بهادر جن جي اوچ چرتر، پريم ڀرئي وهنوار ۽ پوتر جيون ڊاڪٽر لشنبر تي ڏاڍو اثر ڪيو ۽ اُنهن جي معرفت بياس آيو. حضور مهاراج جن جيڪا وديشن ۾ نام جي شروعات ڪئي ۽ جيڪو ٻج پوکيو، ان اڄ وڏي وڻ جو روپ ڌارڻ ڪيو آهي.

ان بابت پورو احوال اڳتي ڏنو ويندو.

حضور جن جا فوٽا:-

ستسنگي ڪيترا ڀيرا حضور جن کي فوٽو ڪڍائڻ لاءِ وينتي ڪندا رهيا پر حضور جن اجازت ڪونہ ڏيندا هئا. حضور جن فرمائيندا هئا تہ ماڻهو فوٽي جي پوڄا ڪرڻ لڳندا (مٿو ٽيڪيندا گل چاڙهيندا يا واس ڌوپ ڪندا) ۽ ٻاهر مکيءَ تي پوندا. وديشن مان بہ ستسنگي حضور جن جي فوٽي لاءِ گهر ڪندا رهيا ۽ خط لکندا رهيا. هڪ دفعي هڪ وديشي ستسنگيءَ حضور جن جو هڪڙو هٿ سان فوٽو ڪڍي موڪليو ۽ لکيو تہ ڪيس اندر ۾ اهڙي سروپ جو درشن ٿيو آهي. تڏهن ڪن پريمين حضور جن کي وديشي ستسنگين لاءِ فوٽو ڪڍائڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. حضور جن دَيا ڪري اُنهن کي موڪلڻ لاءِ فوٽو ڪڍارايو. پر آهستي آهستي اُن فوٽي جون ڪاپيون هندستان ۾ بہ ستسنگين وٽ شروع ڪيون. جڏهن مشهور فوٽو گرافر شري رامچند مهتا ۽ شري رامناٿ مهتا ستسنگي ٿيا تہ حضور جن دَيا ڪري پنهنجو فوٽو ڪڍائڻ جي عام اجازت ڏني. پر حضور جن هميشه فرمائيندا هئا تہ فوٽي جي پوڄا يا فوٽي جو ڌيان نہ ڪرڻ کپي، بلڪ فوٽو اهڙي طرح رکڻ گهرجي جيئن گهر ۾ ڪنهن بزرگ، يا ڪنهن

لاءِ هڪ سنت مت تي ساهتيه هو ۽ ڪيترا دفعا هُو حضور جن جي خطن کي پاٺ ۾ گڏجي پڙهندا هئا. انهيءَ وقت سردار شيوا سنگهه (سيشن جج) سار وچن وارتڪ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ حضور جن جي اجازت سان اُهو به ڇپايو ويو. انگلنڊ جو رهواسي ڪرنل سئنڊرس جو برٽش فوج ۾ هڪ عملدار هو سو ۱۹۳۷—۳۸ ۾ هندستان ۾ مقرر ٿيو. هو ۱۹۳۸ ۾ حضور جن جي چرنن ۾ آيو ۽ نام به ورتائين. جڏهن ڊسمبر ۱۹۴۳ ۾ ڪرنل سئنڊرس واپس انگلنڊ وڃڻ لڳو ته حضور جن کيس انگلنڊ لاءِ پنهنجو عيوضي مقرر ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ انگلنڊ ۾ ڪرنل مارٽن ۽ مس روُگ کي نام مليو ۽ اهڙي نموني انگلنڊ ۽ يورپ ۾ ستسنگ شروع ٿيو. ڪرنل سئنڊرس انگريزيءَ ۾ هڪ ننڍو پستڪ ”اِنروائس“ (اندر جو آواز) لکيو جو سنت مت جي جگياسين لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو. ڏکڻ آفريڪا ۾ به سنت مت جي شروعات ۱۹۳۵ ۽ ۱۹۴۰ جي وچ ۾ ٿي. سرڪالن گار بيٽ (هن جو آگسٽ ۱۹۷۲ ۾ ۹۱ سالن جي عمر ۾ ديهانت ٿيو) پنجاب سرڪار ۾ چيف سيڪريٽري ۽ مالي ڪاتي جو ڪمشنر هو. هو به حضور جن جي ويجهو آيو ۽ سنت مت جي خبر پيس. بائيبل جو چڱو اڀياس ڪيو هئائين ۽ روحاني ڳالهين ۾ دلچسپي رکندو هو. جڏهن حضور مهاراج جن جو درشن ڪيائين ۽ سنت مت بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين تڏهن کيس وشواس ٿيو ته اهوئي هڪ مارگ يا رستو آهي جنهن جو اشارو بائيبل ۾ به آهي. حضور جن سرڪالن کي نام دان بخشيو. انهن ڏينهن ۾ ميجر لنٽل ۽ ڊاڪٽر لئنڊر کي به نام دان مليو. اهي ٽيئي سجڻ رٽائر ٿيڻ بعد ڏکڻ آفريڪا ۾ وڃي رهيا ۽ اُنهن جي معرفت اُتي سنت مت جي شروعات ٿي. ڊاڪٽر لئنڊر

مان هڪ الڳ وصيت ڏيئي ڏيري بابا جئمل سنگهه ۾ پنهنجي جاءِ تي گدي نشين مقرر ڪندس ."

پوري وصيت هن نموني آهي :-

مان ، ساون سنگهه (عمر اٽڪل ٨٩ سال) ولد سردار ڪابل سنگهه، ذات جاٽ، رهندڙ ڏيرا بابا جئمل سنگهه، تحصيل ۽ ضلع امرتسر جو آهيان. مان ٻن قسمن جي سمپتيءَ جو مالڪ ۽ سنڀاليندڙ آهيان. پهرين منهنجي خانگي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت جا مونکي ورثي ۾ مليل آهي ۽ يا مون پنهنجي پگهار ۽ سرڪاري پينشن مان ٺاهي آهي. هي ملڪيتون ڳوٺ مهما نسنگهه والا ضلع لڌيانه ۽ سڪندرپور رسولپور، ڪاسن ڪيڙا وغيره. تحصيل سرسا ضلع حصار ۾ آهن. ٻئي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ پرمارٿي سمپتي آهي جا يا ته مونکي پنهنجي ستگرو بابا جئمل سنگهه صاحب کان ورثي ۾ ملي آهي يا جا مون ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي گدي نشين جي روپ ۾ انهن پيسن مان ٺاهي آهي جا راڌا سوامي مت ۽ ڏيري جي ستسنگين وقت به وقت ڀيٽا طور ڏيندا رهيا آهن

ٻئي قسم جي سمپتيءَ جي وچور هيٺينءَ طرح آهي :-

(١) ڳوٺ ٻلسراءِ ۽ وڙائچ ۾ ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي چئن ڀتين جي اندر جيڪا زمين ۽ جيڪي مڪان آهن.

(٢) وڏو ستسنگ گهر ۽ ٻيا مڪان، زمين ۽ پلاٽ جي متئين ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي ڀت کان ٻاهر ٻلسراءِ ۽ وڙائچ ڳوٺن جي حدن ۾ آهن.

(٣) ڳوٺ وڙائچ ۽ بلسراءِ ۾ سڀ زمينون.

(٤) ڳوٺ بوياٽيهه ۾ ڪوٺي (بنگلو) ۽ زمينون (جي بياس ريلوي اسٽيشن جي سامهون آهن)

(٥) ڪوٺي (بنگلو) زمين سوڏي ۽ اگڙ، محلا وگهناٿ پورا

يار دوست جو فوٽو رکيو آهي. پنهنجي مهتا پائرن حضور جن جي مؤوي فلم به ڪڍي ۽ انهن جي مهرباني سان اڄ سنگت حضور مهاراج جن جي فلم ڏسي سندن ياد تازي ڪري ٿي.

٨- ڏيري جو پربنڌ ۽ حضور جن جا وصيت ناما :-

حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي وقت ڏيري جي ڏاڍي ترقي ٿي ۽ ڏيري بر توڙي ٻاهر، ستسنگ جي چڱي جائداد يا ملڪيت ڪٺي ٿي ويئي. حضور دين ديال جن اها جائداد يا ڏيري ۾ شيوا ۾ ملندڙ شيون ۽ نقدي ڪڏهن به پنهنجي شخصي ڪم يا ڪٽنب پريوار لاءِ ڪتب نه آنديون. روحاني خيال کان ۽ سنت مت جي پرمپرا انوسار حضور جن هن سموري ملڪيت جا مالڪ هئا؛ پر هو هميشه اها سنگت جي امانت ڪري رکندا آيا ۽ اُن کي سنڀالي سنگت جي واڌاري ۽ وڪاس ۾ لڳائي. نه رڳو ايترو بلڪ حضور جن پنهنجي شخصي ڪمائيءَ مان به رپيا، سامان وغيره برابر ستسنگ جي شيوا ۾ ڏيندا رهندا هئا ۽ پاڻ به تن من ۽ ڌن جي شيوا جي آدرش جو پالن ڪندا رهيا ۽ آئينده لاءِ به هڪ آدرش قائم ڪيائون. هنن سڀني ڳالهين جو پربنڌ رکڻ لاءِ قانوني نظر کان وقت به وقت وصيتون لکايون جي هيٺ ڏنيون وڃن ٿيون.

(١) ٧٩ ورهين جي عمر ۾ مهاراج جن ٣٠ نومبر ١٩٣٧ تي پنهنجي پهرين وصيت لکائي جا ان ڏينهن تي رجسٽر به ڪرائي ويئي. هن وصيت ۾ حضور جن پنهنجي شخصي ملڪيت ۽ پرمارٿي ملڪيت جي وچور ڏني آهي. پنهنجي خانگي ملڪيت پنهنجي اولاد جي نالي وصيت ڪئي اٿن ۽ پنهنجي روحاني يا پرمارٿي سمپتيءَ جي باري ۾ حضور جن لکيو آهي ته هن سمپتيءَ جو وارث اُهو شخص ٿيندو جنهن کي

بابا جئمل سنگهه ۾ پنهنجي جاءِ تي گدي نشين مقرر ڪندس.
هوُ به مون وانگر ٻئي قسم جي ملڪيت جو پوري طرح
مالڪ هوندو ۽ هنکي به مون وانگر نالي ڦيرائڻ جو حق رهندو.

ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۾ ڪيترن ئي ستسنگين جايون
جوڙايون آهن. اهي سڀ منهنجي مالڪيءَ ۽ قبضي واري
زمين تي منهنجي اجازت سان انهيءَ شرط تي ٺهرايون ويون
آهن ته جيستائين مان يا مون کان پوءِ ڪوبه وارث جو مٿين
ڏيري ۾ اُن وقت گدي نشين هوندو، اُنهن ستسنگين کي يا
ان جي اولاد کي جيڪي مٿين ڏيري جي گدي نشين جا
پوئلڳ هوندا، اهي ئي ڏيري ۾ رهي سگهندا. ساڳئي وقت رهائڻ
لائق هوندا نه ته اُنهن کي رهڻ جو ڪوبه حق نه هوندو ۽ مان
يا منهنجو جاءِ نشين پنهنجي مرضيءَ موجب انهن کي ٻي دخل
ڪري سگهندو. اهڙي نموني ٻي دخل ڪرڻ بعد اُنهن
ستسنگين کي يا اُنهن جي وارثن يا مقرر ڪيل شخص کي ان جاءِ
تي يا ان جي اڏاوت جي قيمت تي ڪنهن به قسم جو اتڪار يا
حق نه رهندو. جيڪڏهن ڪوبه ستسنگي يا ان جو وارث
پنهنجي ٺهرايل مڪان جو ڪنهن ٻئي ستسنگيءَ کي مالڪ
بنائڻ چاهي ته منهنجي اجازت يا مون کانپوءِ منهنجي جاءِ
نشين جي اجازت سان جو اُن وقت مٿين ڏيري ۾
گدي نشين هوندو مالڪ بڻائي سگهي ٿو. راڌاسوامي مت
جي ٻين مرڪزن سان منهنجا ڀائرن وانگر سنبنڌ آهن پر
ڪنهنجو به ڪو سنبنڌ منهنجي ٻئي نمبر ملڪيت سان
نه آهي ۽ نه ئي منهنجو ڪو سنڌن ملڪيت سان واسطو آهي.
اهڙي نموني ڪنهن ٻيءَ ذات يا ڌرم وارن جو ڪوبه
سنبنڌ منهنجي ٻئي نمبر (پرمارٿي) سمپتيءَ سان نه آهي.
هيءُ ڏيرو ۽ ان سان واسطو رکندڙ جائداد منهنجي شخصي
مالڪيءَ هيٺ آهي ۽ مون کانپوءِ منهنجو جانشين به

شهر امرتسر.
(٦) ڪوٺي (بنگلو) زمين سوڌي ۽ اگهر، راوي روڊ لاهور.

(٧) شهر راولپنڊي، محلا گندا نالا ۾ نهرايل سنسنگ، گهر ۽ ان سان شامل دڪان ۽ اگهر.

(٨) زمين ۽ مڪان، ڇوٽ گهمان، ضلع گورداسپور.

(٩) اهي سڀ رپيا جي جدا جدا بئنڪن ۾ منهنجي نالي جمع آهن سواءِ انهن جي جيڪي سنسنگين جا مڪان نهرائڻ لاءِ امانت طور جمع آهن ۽ جن جي وچور ڏيري جي ڪاغذن ۾ موجود آهي.

(١٠) مانٽيگومري ۾ تهيل ڪوٺي (بنگلو) ۽ انجو اگهر.

(١١) بنگلو اگهر سميت، ڪالا باغ نٿيا گلي، ضلع ايبٽ آباد ۾ جنهنجي زمين جا مالڪ زميندار لوڪ آهن.

(١٢) جهيلم شهر ۾ نهرايل سنسنگ، گهر ۽ ان جو اگهر.

مٿي لکيل جاين ۽ ملڪيت کانسواءِ باقي سڀ متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت منهنجي خانگي ۽ وڏن کان ورثي ۾ مليل آهي جا پهرئين قسم جي ملڪيت ۾ شمار ٿيل آهي.

مان چاهيان ٿو ته مونکان پوءِ ڪنهن به قسم جو واد وواد نه ٿئي، انڪري ئي مان سالم هوش حواس ۾ پنهنجي رضا خوشيءَ سان پارط هيءَ وصيت ڪريان ٿو ته منهنجي موت کانپوءِ منهنجي لکيل مٿين پهرئين قسم جي ملڪيت جا وارث منهنجو اولاد ٿيندو يعني ٢ پسٽ سردار بچنت سنگهه ۽ سردار هربنس سنگهه ۽ هڪ پوٽو سردار ست نام سنگهه، چالو قانون ۽ رواج موجب هن ملڪيت جا برابر حصيدار يا مالڪ رهندا.

منهنجي ٻئي قسم جي ملڪيت جو وارث ۽ مالڪ اهو شخص ٿيندو جنهن کي مان هڪ جدا وصيت ذريعي ڏيرا

(١) ڏلهائوسي ۾ ٺهيل ايلسمبيٽر ۽ ڪوزي نڪ نالي ٻه
بنگلا ۽ انهن جا اڱڻ ۽ ان سان واسطو رکندڙ زمين ۽ مڪان.
اها سموري سمپتي منهنجي رهڻ لاءِ، ستسنگ ڪرڻ لاءِ
اُپديش ڏيڻ لاءِ ۽ ٻين سمرن ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي.

(٢) ملتان ۾ ٺهيل ستسنگ گهر اُن سان گڏ جايون ۽ زمينون.

(٣) بنگلو ڳوٺ ٻرور، ضلع ڪانگڙا ۾ ان سان واسطو
رکندڙ زمين، مڪان ۽ پلاٽ.

(٤) اُهي سڀ ستسنگ گهر جي هوشيارپور ۽ ڪانگڙا
جي ضلعن ۾ آهن ۽ اُنهن سان واسطو رکندڙ سڀ حق واسطا.

(٥) ڏسڪاهه، ضلع سيالڪوٽ ۾ سمپتي ۽ ستسنگ گهر.

(٦) گجرانوالا ۾ سمپتي ۽ ستسنگ گهر.

(٧) سيالڪوٽ ۾ سمپتي ۽ ستسنگ گهر.

(٨) اِها ڪل سمپتي منهنجي ستسنگ، اُپديش ۽ ستسنگ
لاءِ ڪم آندي ويندي آهي. هن ملڪيت سان گڏ ڌارمڪ
سمپتي جنهنجو بيان اڳيئن وصيت ۾ اچي چڪو آهي،
ان ۾ منهنجي اولاد جو ڪوبه واسطو نه رهندو. مون ڪانپوءِ
ان جو مالڪ منهنجي طرفان مقرر ڪيل جو منهنجو جانشين
يعني گدي نشين هوندو ان کي ٻه انهيءَ ملڪيت تي
اُهي سڀ حق واسطا هوندا جي مونکي پنهنجي جيون ۾
حاصل آهن.

شبد سنيهي، سچ کنڊ انامي جي واسي سنتن جي اِهائي
ريت اناد ڪال کان هلندي آئي آهي ته ستگروءَ جا شش
۽ ستسنگي اُن کي ڪل مالڪ (پرماتما) جو روپ سمجهن
ٿا ۽ انڪري سموري ڌارمڪ سمپتي جا ان جي نالي تي
هوندي ان جي مالڪپڻي ۾ هوندي آهي. جنهن لاءِ هنکي
ان ۾ نالو ڦيرائڻ جو پورو اڌڪار يا حق هوندو آهي
۽ ٻئي ڪنهنکي به انهن حقن ۾ دست اندازي ڪرڻ جو حق

انهو ايڪ ماتر مالڪ رهندو. انڪري هيءَ وصيت لکي ويئي آهي ته سَند رهي.

٣٠ نومبر ١٩٣٧

شاهد:- (اصل تي صحيح) ساون سنگهه

(اصل تي صحيح) هرنارائڻ شاهد:-

رٽائرڊ اي-اي-سي اصل تي صحيح ڪالاسنگهه

ڏيرا بابا جئمل سنگهه رٽائرڊ آنرري ڪئپٽن - نوُسي

(٢) پنجن سالن کانپوءِ جڏهن اهو ڏٺو ويو ته پرمارٿي سمپتيءَ ۾ چڱي واڌ ٿي آهي ته حضور جن ٢٦ اپريل ١٩٤٢ تي هڪ پوُرڪ Supplementary وصيت ڪئي.

اِها وصيت ٧ جولاءِ ١٩٤٢ تي رجسٽر ڪرائي ويئي انهيءَ پوُرڪ وصيت ذريعي اها سڄي پرمارٿي ملڪيت جا پهرين وصيت کانپوءِ حاصل ٿي هئي ۽ جا حضور جن جي گدي نشين کي ملڻي هئي سا پهرين وصيت جي لسٽ ۾ شامل ڪئي ويئي. اِها پوُرڪ وصيت هن نموني جي آهي:-

مان ساون سنگهه ولد سردار ڪابل سنگهه، ذات جاٽ، شش، حضور مهاراج بابا جئمل سنگهه راڌا سوامي، ڏيرا بابا جئمل سنگهه تحصيل ۽ ضلع امرتسر جو رهاڪو آهيان ۽ بلڪل تندرست شرير سالم هوش حواس ۾ لکان ٿو ته مون هڪ وصيت نامو تاريخ ٣٠ نومبر ١٩٣٧ ۾ لکي رجسٽر ڪرايو آهي. ڇاڪاڻ ته مون مٿيون وصيت نامو لکڻ بعد، خريد وغيره ذريعي ڪافي سمپتي حاصل ڪئي آهي ۽ خريد ڪيل زمين تي پهرئين وانگر بياس جي ستسنگين جي سک، سهنج لاءِ مڪان ٺهرايا آهن. انڪري انهي ملڪيت جي باري ۾ هڪ پوُرڪ Additional وصيت ڪرڻ واجب ٿو سمجهان جا هيٺينءَ طرح آهي:-

سيپٽمبر ١٩٤٧ ۾ ٩٠ سالن جي عمر ۾ دنيوي ڪمن کان
ڇوٽڪارو پائي پنهنجو وقت ڀڄن سمرن ۾ وتيت ڪرڻ لاءِ
۽ ان لاءِ ته حضور جن کي آرام ۽ سهوليت ملي، حضور
مهاراج جن ڏيري ۽ ان سان واسطو رکندڙ سنستائن جو
انتظام وغيره لاءِ هڪ وڏي اهميت ڀري يوجنا ناهي.
انهيءَ مقصد سان حضور جن ٽي ڪاميٽيون مقرر ڪيون. پهرين
مئنيجنگ ڪاميٽي (پربند ڪارڻي سمتي) جنهن جا پريزيڊنٽ
خود پاڻ مهاراج جن ۽ وائيس پريزيڊنٽ سردار بهادر
جڳت سنگهه جن هئا. ڏيري ۽ ان سان واسطو رکندڙ ديش
۽ وديش جي سڀني سنستائن جي نظرداري ۽ پربند لاءِ هيءَ
ڪاميٽي پرمک، (پربند ڪارڻي سمتي) هئي. راءِ صاحب
منشيرام کي ان جو سيڪريٽري ۽ خزانچي مقرر ڪيو ويو.
سردار هربنس سنگهه، سردار بچنت سنگهه ۽ ملڪ راڌا ڪشن
ان جا ميمبر هئا. ٻي ڪاميٽي جا حضور جن ناهي اها
ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي هئي. ان جا ٢٥ ميمبر هئا جن کي ڏيري
جا الڳ الڳ ڪارج سونپيا ويا هئا. حضور مهاراج جن
انجا به پريزيڊنٽ هئا ۽ سردار بهادر جن وائيس پريزيڊنٽ.
هن ڪاميٽيءَ جا ميمبر مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي هدايتن ۽
نگرانيءَ هيٺ پنهنجو ڪاريه ڪندا هئا ۽ مئنيجنگ
ڪاميٽيءَ کي هن جا ميمبر گهٽائڻ يا وڌائڻ يا بدلائڻ جو
پورو پورو حق هو. ٽين هڪ ساڌارڻ رواجي صلاحڪار
سمتي هئي جنهن جا ٥٦ ميمبر ڀارت جي جدا جدا پرانتن مان
ڪنيا ويا هئا. هن ڪاميٽيءَ جا به حضور مهاراج جن
پريزيڊنٽ هئا ۽ سردار بهادر جن وائيس پريزيڊنٽ.

هن اتهاسڪ دستاويز جي آخر ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن
جو هيٺ ڏنل آديش آهي :-

”منهنجي ديهانت ڪانپوءِ به هيءَ پربند جاري رهندو ۽

نہ هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ اهڙا سنت، مالڪ هوندي بہ هن ملڪيت يا ان مان ٿيندڙ اُپت پنهنجي شخصي ڪمن لاءِ استعمال ڪونہ ڪندا آهن. پر پنهنجن ستسنگين جي آتمڪ اُڌار ۽ لاڀ لاءِ ان ملڪيت ۽ اُپت کي ڪم ۾ آڻيندا آهن. منهنجا ستگرو بابا جئمل سنگهہ مهاراج، جن جو ڏيرا بابا جئمل سنگهہ هڪ يادگار آهي اُهي اُنهن پورن سنتن مان آهن ۽ انهن جي لائين يا ريت رواج اجا هلندو اچي ٿو ۽ اڳتي بہ هلندو ايندو. ڇاڪاڻ تہ منهنجو بہ اهو طريقو هلندو آيو آهي تہ مان پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جي اُد رپورنا شخصي يا پرائيويٽ آمدني، پينشن ۽ پنهنجي زرعي زمين کيتي واڙي وغيره مان ڪندو رهندو آهيان. اُنهيءَ ملڪيت جي وچور يا بيان پهرين وصيت ۾ ڏيئي چڪو آهيان. مون ڌارمڪ سمپتي يا ان مان ٿيل آمدني کڏهن بہ پنهنجي ذاتي خرچ يا اولاد لاءِ ڪم نہ آندي آهي. تنهن ڪري هيءُ پورڪ وصيت نامو لکيو ويو آهي تہ هڪ سند هجي ۽ وقت تي ڪم اچي.

اصل تي صحيح ساون سنگهہ

تاريخ ٢٦ اپريل ١٩٤٢ ٢٦-٤-٤٢

لکندڙ:- اصل تي صحيح هرنارائڻ رٽائرڊ ائڊيشنل اسسٽنٽ ڪمشنر ڏيرا بابا جئمل سنگهہ

شاهد- وصيت ڪندڙ هيءَ وصيت منهنجي سامهون لکائي ۽ منهنجي سامهون صحيح ڪئي.

بالڪرام منشيرام ايم- اي

پي - سي - ايس رٽائرڊ پي - سي ايس

وصيت ڪندڙ هيءَ وصيت منهنجي سامهون لکائي ۽ منهنجي سامهون صحيح ڪئي.

اصل تي صحيح چندر بنسي

رٽائرڊ سول سرجن ٢٦-٤-٤٢

ڏيڻ يا صلاح ڏيڻ ۽ ان جي بئنڪ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ
هڪ دفعو ٿيندي پر پريزيڊنٽ جي آديش سان وڌيڪ
ڀيرا به ميٽنگ ڪوٺائي سگهجي. ان جو وائيس پريزيڊنٽ
سردار بهادر جڳت سنگهه، رٽائرڊ پروفيسر زرعي ڪاليج
وارو هوندو ۽ هو شري حضور مهاراج جن جي غير حاضريءَ
۾ پريزيڊنٽ تي ڪم ڪندو. راءِ صاحب لالا منشيرام اُن
ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هوندو.

٢- ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا لسٽ نمبر
٢ ۾ ڏنل آهن. مهاراج جن هن ڪاميٽيءَ جا پريزيڊنٽ هوندا
۽ سردار بهادر جڳت سنگهه جن هن جا وائيس پريزيڊنٽ
هوندا. راءِ صاحب منشيرام هن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري
هوندو. هيءَ ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي پرمک شيوادارن مان
ٺاهي ويندي جي جدا جدا کاتن جا پرڌان مکيا ويندا ۽
پنهنجي پنهنجي کاتن جا سڀ ڪم سياڻپ ۽ ايمانداريءَ سان
پوري ڪرڻ لاءِ جوابدار هوندا اِنلاءِ ته اُهي کاتا راڌا سوامي
ستسنگ ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۽ اُنجي شِشن لاءِ ۽ ستسنگ جي
سمپتيءَ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪارگر بڻجن. هن ڪاميٽيءَ جي جدا جدا
ميمبرن کي ڏنل ڪمن جي وچور لسٽ نمبر ٢ ۾ ڏنل آهي.
جيڪڏهن ڪاميٽيءَ جو ڪو ميمبر ٻين ميمبرن کان صلاح
وٺڻ چاهي ته وٺي سگهي ٿو. پريزيڊنٽ ۽ وائيس پريزيڊنٽ
پنهنجي مرضيءَ سان هن سموري ڪاميٽي يا ان جي هڪ
کاتي جي ميٽنگ جڏهن چاهين ۽ جنهن ڪاري لاءِ چاهين
ڪوٺائي سگهن ٿا.

٣- ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي راڌا سوامي سنستا، ان سان
واسطو رکندڙ سڀ سنستائون ۽ ان جي اڌڪار ۾ سموري
سمپتيءَ سان واسطو رکندڙ سڀ ڌارمڪ ۽ دنيوي ڪمن
لاءِ مئنيجنگ ڪاميٽي مکيه مڃي ويندي. ائڊمنسٽريٽو

مون ڪانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه انهن ٽنهي ڪاميٽين جو پريزيڊنٽ ٿي رهندو ۽ سڀ ڌارمڪ ۽ پرمارٿي اچل سمپتي سندس نالي ۾ رهندي ۽ اها سندس شخصي ملڪيت نه سمجهي ويندي."

هيءُ پورو دستاويز ملڪ راڌا ڪشن کنا، ائڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ پنهنجي هٿ سان لکيو آهي ۽ گواهه يا شاهد جي روپ ۾ ان تي ملڪ راڌا ڪشن کنا ۽ لالا منشيرام صحيحون ڪيون آهن. حضور مهاراج جن انهيءَ دستاويز جي هر هڪ صفحي تي آخر ۾ صحيح ڪئي آهي.

ڊيري جي پربنڌ ۽ انتظام جي رٿا :-

حضور مهاراج ساون سنگهه جن سنت ستسنگ ڊيرا بابا جيمل سنگهه، جي حڪم انوسار راڌا سوامي سنستا ۽ ڪالوني جا ڊيرا بابا جيمل سنگهه نالي ڪوٺي وچي تي ۽ سڀ زمينون، مڪان، ستسنگ گهر ۽ سڀ سمپتي جنهن جو هن سنستا سان سنبنڌ آهي، جيڪي سڄي هندستان يا وديش ۾ به آهن انهن سان واسطو رکندڙ سڀني قسمن جا ڪاريه، انهن جي پربنڌ ۽ انتظام لاءِ هيٺين لکيل يوجنا تيار ڪئي وئي آهي :-

حضور جن جي پراڻپٽي هيٺ ٽي ڪاميٽيون ٺاهيون وڃن جي هن نموني هجن :-

١- جنرل ڪاميٽي
٢- ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي
٣- مئنيجنگ ڪاميٽي

١. جنرل ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا لسٽ نمبر ١ ۾ ڏنل آهن. هن ڪاميٽيءَ جو ڪاريه رهندو هدايتون (Instructions)

لسٽ نمبر ١ جنرل ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا :-

١. مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جا سڀ ميمبر
٢. ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽيءَ جا سڀ ميمبر
٣. بخشي چانن شاهه اسسٽنٽ ڪمشنر انڪم ٽئڪس
٤. لالا رام ناٿ لُوٿرا ڊي - سي
٥. لالا پريو ديال سب جج
٦. مهتا رنگ لال ڪانن ڪلاٿ ڪنٽرولر
٧. شري راميشور ديال ماٿر، پي - سي - ايس
٨. سردار بچتر سنگهه پي - سي - ايس
٩. راءِ بهادر شوديان سنگهه
١٠. بابو هيمچندر دهلي
١١. سردار گربخش سنگهه دهلي
١٢. لالا نندلال بار ائٽ لا
١٣. پنڊت ڪندن لال
١٤. مهتا ايشر سنگهه دهلي
١٥. لالا راموشاهه — لکنو
١٦. لال بلديو سهاءِ — ”
١٧. لالا ديناناٿ — ”
١٨. لالا بابورام — ”
١٩. لالا اروڙچند — امرتسر
٢٠. لالا برج لال — ”
٢١. لالا امرناٿ — ”
٢٢. لالا ناٿورام پٽناگر — ”
٢٣. پروفيسر گوران لال — ”
٢٤. شري ايس - ايس ڀارگوا — ديرادون
٢٥. شري امرناٿ ڀارگوا — دهلي
٢٦. شري ساڌو سنگهه — گهمان

ڪاميٽي، بنا ڪنهن رنڊڪ جي سيني ڳالهين ۾ مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي آديش ۽ نظر ثاني هيٺ ڪاريه ڪندي. پر آرٿڪ يا مالي ڳالهين جي سيني معاملن تي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو پورو اڌڪار رهندو. هن مئنيجنگ ڪاميٽي جا ميمبر هوندا :-

١- حضور مهاراج جن — پريزيڊنٽ
٢- سردار بهادر جگت سنگهه — وائيس پريزيڊنٽ
٣- راءِ صاحب لالا منشيرام — ميمبر
٤- سردار هربنس سنگهه — "
٥- سردار بچنت سنگهه — "
٦- شري راڌا ڪشن کنا ائڊووڪيٽ — "

راءِ صاحب منشيرام هن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ خزانچي تي رهندو ۽ قانون موجب حساب رکندو. رپين پيسن ۽ مالي معاملن جو سڀو بندوبست رکڻ، آفيس قائم ڪرڻ ۽ ضروري رجسٽر ۽ ڪتاب رکڻ لاءِ جوابدار رهندو.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن اڳي به اهڙو آديش ڏنو آهي ته سندن ڏيهانت کانپوءِ به اهو پربنڌ جاري رهندو ۽ ان کانپوءِ سردار بهادر جگت سنگهه انهن ٽنهي ڪاميٽين جو پريزيڊنٽ هوندو ۽ سموري چل ۽ اچل سمپتي ڌارمڪ يا روحاني سمپتيءَ جي روپ ۾، سردار بهادر جگت سنگهه جي نالي ۾ رهندي ۽ اها جائداد ان جي شخصي يا پنهنجي سمپتي نه سمجهي ويندي.

صحيح ڪيل ساون سنگهه — ٢٠-٩-٤٧
شاهد- — شاهد-
منشيرام — راڌا ڪشن کنا
رٽائرڊ پي-سي-ايس — (ائڊووڪيٽ)

٥٤. شري ڀورام	ضلع ڪانگڙا
٥٥. شري ڪشن ديال	"
٥٦. شري پيارا سنگهه	"

(صحيح ڪيل) ساون سنگهه

لسٽ نمبر ٢

ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا ۽ انهن کي سونپيل ڪارج.

حضور مهاراج ساون سنگهه پريزيڊنٽ	سمورو ضابطو رکڻ ۽ ديک ڀال ڪرڻ
سردار بهادر جڳت سنگهه وائيس پريزيڊنٽ	حضور مهاراج جن جي نالي ۾ ڏيرا بابا جيمل سنگهه ۾ سيني کيتي واڙيءَ وارين زمينن ۽ ڏيرا بابا جيمل سنگهه ۾، ڀارت ۽ وديش ۾ سموري غير منقول سمپتي جو انچارج (جيئن سڪندرپور، رسول پور ٽيهڙا، ڪاسن ڪيڙا ۽ ڏڙبي ضلع حصار ۾، سترنگ، گهر سرسا ۾ ۽ جيونت مهان سنگهه والا، ضلع لڌياني ۾ زمينن کي ڇڏي جيڪي حضور مهاراج جن جي شخصي ۽ خود جي ملڪيت آهن ۽ ان سان گڏ سموري آڙت ۽ ان سان واسطو رکندڙ معاملن ۾ گڏيل روپ ۾ جوابدار.

٢٧ شري دليپ سنگهه	گهمان
٢٨. شري بلونت سنگهه	"
٢٩. شري ٻوڙ سنگهه	ويلا
٣٠. شري ارجن سنگهه	"
٣١. شري ڪشن سنگهه لمبردار	وڙائچ
٣٢. شري چنن سنگهه	"
٣٣. شري رام سنگهه	وڊالا
٣٤. شري رامو مل	بلند شهر
٣٥. شري گينڊارام	"
٣٦. شري ٽي ٽي پاوناڻي	ڪراچي
٣٧. ديوان ليلارام	"
٣٨. بابا سومناٿ	بمبئي
٣٩. شري ڊونڊيرام	"
٤٠. سردار پرتاب سنگهه ڊوگرا	ضلع هوشيار پور
٤١. پروفيسر ليکراج	"
٤٢. شريمتي ٽوم ديوي	"
٤٣. شري پريم سنگهه	"
٤٤. شري ديوراج	"
٤٥. آر - ايس گيان چند	"
٤٦. پنڊت لالچند	"
٤٧. ٺاڪر ديال سنگهه	ضلع ڪانگڙا
٤٨. شري نروتچند	"
٤٩. لالا ڀڳت رام	"
٥٠. لالا ڪرتار چند	"
٥١. صوبيدار وڪيل سنگهه	"
٥٢. ماسٽر سرون سنگهه	"
٥٣. دفادار نند سنگهه	"

سردار گوپال سنگهه لنا	ڪپڙي جي اسٽور جو انچارج ۽ سردار ڪرپال سنگهه جي زير ۽ ستسنگي ياترين جي رهائش جو بندوبست رکڻ لاءِ ذميوار
سردار گلاب سنگهه بابا راميشور	ستسنگ ڪرڻ لاءِ گڏيل روپ ۾ ذميوار
سردار گوڪل سنگهه	ستسنگ ڪرڻ لاءِ گڏيل روپ ۾ ذميوار - راءِ صاحب لالا منشيرام جي آديش ۽ نظرداري هيٺ رسد و پاڻي لاءِ انچارج
ملڪ هريرام لالا ديوان چند لالا جگن ناٿ	لنگر جي سڀني ڪمن ۾ گڏيل روپ ۾ انچارج ۽ ذميوار
صوبيدار ميجر شو سنگهه سي بي آءِ	انچارج پهرو ڏيڻ نگراني ڪرڻ ۽ ڏيرا بابا جئمل سنگهه جي حفاظت.
پنڊت ساڌورام وڪيل	انچارج شيوا سميتي ڏيرا بابا جئمل سنگهه .
خليفه نيامت راءِ راءِ بهادر گلونت راءِ	قانوني ڪمن ۽ آفيسرن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ گڏيل روپ ۾ ذميوار .
بيبي لاجو	ستسنگياڻين جي رهائش ۽ آرام جو بندوبست رکڻ جي انچارج.
بيبي رکي	لنگر ۾ ڀوڄن بنائڻ لاءِ انچارج

(صحيح ڪيل) ساون سنگهه

راءِ صاحب لالا منشيرام سيڪريٽري	آرٿڪ ۽ ڌن سان واسطو رکندڙ معاملن جو انچارج ۽ سمورو حساب ڪتاب ۽ رڪارڊ وغيره رکڻ لاءِ ذميوار رهندو.
سردار هربنس سنگهه (حضور مهاراج جن جا سپٽر)	سموري مالي ۽ ڌن سان واسطو رکندڙ معاملن ۾ گڏيل روپ ۾ ذميوار رهندو.
سردار بچنت سنگهه (حضور مهاراج جن جا سپٽر)	" " "
شري راڌا ڪشن ائڊوڪيٽ	" " " سيني قانوني ڳالهين لاءِ ذميوار.
لالا ترلوڪچند	انجنيئرنگ ۽ عمارتن جي اڏاوت جي ڪم جو انچارج ۽ ذميوار.
ڊاڪٽر ديوان چند	انچارج صحت ۽ دواخانو.
سردار هزارا سنگهه	صحت ۽ دواخاني جو گڏيل روپ ۾ ذميوار.
ڀائي شادي	انچارج ورڪشاپ ۽ مشينن جو ڪم.
سردار ڪرپال سنگهه	ڏيري ۾ ايندڙ ستسنگي ڀاترين جي رهائش جو بندوبست ڪرڻ ۽ ستسنگ ڪرڻ ۽ پرمارٿي ساهتيه لاءِ گڏيل روپ ۾ ذميوار.
سردار جگت سنگهه جاٽ وڙائچ وارو	سردار بهادر جگت سنگهه جي آديش ۽ نگرانيءَ ۾ زرعي ڪم ڪارين جي سنڀال ڪرڻ.

هندن تي، شهر ۽ ضلع جالندر، دهلي، ڪوئيٽا (بلوچستان)
۽ سنڌ ۾ آهن. انهيءَ سمپتيءَ ۾ منهنجي اولاد جو ڪو به
حق واسطو ڪونهي آهي. مان ۱۹۰۳-۱۹۰۴ کان هيل تائين
راڌا سوامي ستسنگ جي شيوا گدي نشين جي حيثيت ۾
ڪندو آيو آهيان ۽ هينئر منهنجي عمر اٽڪل ۹۰ سالن جي
آهي. ٻرڌ اوستا ڪارڻ مان هاڻي سڀني ڪمن ڪارين جي خود
ديک ڀال ڪري نٿو سگهان. ان ڪري مون ۳ ڪاميٽيون
مقرر ڪيون آهن انهن مان هڪ آهي مئنيجنگ ڪاميٽي
جنهن جو پريزيڊنٽ مان خود آهيان ۽ وائيس پريزيڊنٽ
سردار بهادر جڳت سنگهه رٽائرڊ پروفيسر زرعي ڪاليج
لائلپور وارو آهي.

هن ڪاميٽيءَ جا ميمبر به مون مقرر ڪيا آهن جن جا نالا
الڳ انگريزيءَ ۾ درج ٿيل آهن. رپين پئسن جو سمورو
حساب ڪتاب هن مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي هٿ ۾ هوندو
۽ ڏيرا بابا جئمل سنگهه سان واسطو رکندڙ سڀني ڳالهين ۾،
سمپتي ۽ جدا جدا هندن تي ٺهرايل ستسنگ گهر ۽ راڌاسوامي
ستسنگ، ڏيرا بابا جئمل سنگهه سان واسطو رکندڙ سموري
ڪاروبار تي هن ڪاميٽيءَ جو ضابطو رهندو. ڏيري
جي خاص شيواڌارين جي هڪ ٻي ڪاميٽي جنهن جو نالو
ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي آهي مون انگريزيءَ ۾ ڌار هڪ ليک
ذريعي قائم ڪئي آهي. هن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا ۽
انهن جا ڪارج مون انگريزيءَ ۾ لکي ڏنا آهن. هيءَ
ڪاميٽي پنهنجو سمورو ڪارج مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي
آديش ۽ نگراني هيٺ ڪندي. مئنيجنگ ڪاميٽيءَ کي هن
ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي گهٽائڻ، وڌائڻ يا بدلائڻ جو
حق رهندو.

هنن ٻن ڪاميٽين کان سواءِ هڪ جنرل ڪاميٽي هدايتون

حضور مهاراج جن هن يوجنا کي ۲۴ سيپٽمبر ۱۹۴۷ تي هڪ وصيت نامي ذريعي پنهنجي منظوري ڏني ۽ ان جي تائيد ڪئي. هيءُ وصيت هيٺئين نموني آهي :-

مان ساون سنگهه ولد سردار ڪابل سنگهه، جاٽ گريوال، گدي نشين راڌا سوامي ستسنگ، ڏيرا بابا جئمل سنگهه تحصيل ۽ ضلع امرتسر جو رهاڪو آهيان ۽ پنهنجي هوش ۽ حواس ۾ گهڻي سوچ ويچار بعد لکان ٿو ته منهنجي شخصي ۽ خود جي سمپتي ڳوٺ مهمانسنگهه والا تحصيل و ضلع لڌيانه ۽ ڳوٺ سڪندرپور، رسولپور ٿيهڙي، ڪاسن کيڙا، ڏڙبي، تحصيل سرسا ضلع حصار ۾ آهي جنهن لاءِ مان الڳ وصيت پنهنجي اولاد جي نالي ڪري چڪو آهيان ۽ ان وصيت انوسار منهنجو اولاد مون کان پوءِ ان سموري سمپتيءَ جو پوري طرح مالڪ رهندو. هڪ ستسنگ گهر سرسي ۾ ٺهرايل آهي انجي جيڪا اڌ زمين شهر طرف آهي- اُها پرمارٿي سمپتي آهي ۽ ٻيو اڌ حصو اولهه طرف آهي، اُهو منهنجي پٽ سردار هربنس سنگهه جي شخصي ملڪيت آهي. هن ستسنگ گهر جو هر قسم جو پربنڌ ۽ نظرداري منهنجي اولاد جي هٿ ۾ رهندي. مٿين سمپتيءَ کانسواءِ ڪيتري ئي پرمارٿي سمپتي چل ۽ اچل پلاٽ ۽ مڪان ڏيرا بابا جئمل سنگهه، ڳوٺ بلسراهه ۽ وڙائچ ضلع امرتسر ۾ منهنجي نالي تي آهن ۽ بئنڪن ۾ وڪيل رپيا ۽ کاتا منهنجي نالي ۾ آهن. اهڙي نموني ستسنگ گهر ۽ ان سان واسطو رکندڙ سڀ قسم جي سمپتي شهر ۽ ضلع امرتسر، لاهور گجرانوالا، جهيلم، راولپنڊي، مانٽيگومري، ملتان ۽ لائلپور ۾، نٿيا گلي ۽ ضلع هزارا ۾، شهر ۽ ضلع سيالڪوٽ ۽ ڊلهائوسي، گهمان ۽ گورداسپور ضلع جي ٻين ڳوٺن ۾، سانگلا هلس، جڙانوالا، شيخوپورا ضلع ۾ ۽ ضلع هوشيارپور ۽ ڪانگڙا جي جدا جدا

سنڌن روحاني وارث جي ناليءَ ٿيندي ان لاءِ ته هن سمجھيو لاءِ ڪنهن به قسم جو قانوني گهوٽالو پيدا نه ٿئي ۽ حضور جن جي جانشين جي ناليءَ ٿيڻ ۾ ڪا به رنڊڪ نه پوي.

٣- انهن دستاويزن ذريعي حضور جن پنهنجي سموري پرمارٿي سمپتي ان شخص جي حق ۾ وصيت ڪري ڇڏي جنهن کي پاڻ جانشين بڻائڻ ٿي چاهيائون يعني ان جو باقي رڳو نالو ظاهر ڪرڻ رهيل هو.

سنه ١٩٣٧ ۽ ١٩٤٢ جي وصيتن جي ناهڻ ۾ ڏيري جي پربنڌ جي يوجنا ۽ ٢٤ سيپٽمبر ١٩٤٧ جي وصيت پڙهڻ سان صاف ظاهر ٿو ٿئي ته مهاراج جن انهن ٻنهي دستاويزن ذريعي پنهنجو ارادو صاف ظاهر ڪري ٻڌايو هو ته هنن ڪانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن گدي نشين ٿيندا. اهڙي نموني تاريخ ٢٠ مارچ ١٩٤٨ تي حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي آخرين وصيت (جاهن ڪانپوءِ مناسب هئڻ تي ڏني ويندي) حضور جن جي اڳئين ارادي موجب ئي هئي.

٩- حضور جن جي ديا مهر جون ڪجهه ساکيون

حضور مهاراج جن جي اپار شڪتي، ڪروڻا، ديا مهر، ڪرپا جو بيان ڪير ٿو ڪري سگهي! هتي سنڌن ديا مهر جون ڪجهه ساکيون بيان ڪجن ٿيون.

گنگو ڊاڪوءَ جي ساکي:-

ڪل مالڪ (پرماتما) جڏهن سنت ستگروءَ جو روپ ڌارڻ ڪري جيون جي اڌار لاءِ سنسار ۾ اچي ٿو تڏهن جيون جي اوگڻن ۽ پاپن جي مَتل ڪونه ٿو ڏسي. اڪثر ڪري سچي سنتن جي ڏينهن ۾ چور، ڊاڪو، گنهگار پاپي سنڌن ستسنگ، ۾ آيا ۽ نام جي ڪرپا سان سنڌن ڪايا ئي پلٽجي ويئي.

يا صلاح ڏيڻ لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. ان جي ميمبرن جا نالا الڳ انگريزيءَ ۾ درج ڪيل آهن. هي نيئي ڪاميٽيون پنهنجو پنهنجو ڪارج منهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي پرڌان پڻي هيٺ ۽ نگرانيءَ ۾ ڪنديون ۽ مون کان پوءِ انهن ٻنهي ڪاميٽين جو پريزيڊنٽ سردار بهادر جڳت سنگهه ٿيندو ۽ مون کان پوءِ سڀني ڌارمڪ سمپتين، جن جو بيان مٿي ڏنو ويو آهي ان جو مالڪ ٿي رهندو ۽ سرڪاري ڪاغذات ۽ رڪارڊ ۾ به هن جو نالو درج ڪيو ويندو. پر هيءَ سمپتي سردار بهادر جي شخصي ۽ خود جي نه سمجهي ويندي.

مون هيءُ پربند پنهنجي جيئري دنيوي ڪاروبار کان ڇوٽڪارو پائي پنهنجو وقت ڀڄن سمرن ۾ وتيت ڪرڻ لاءِ ڪيو آهي ان لاءِ ته مون کي آرام ۽ سهوليت ملي. مون کان پوءِ به هيءُ پربند جاري رهندو ۽ هيءُ نيئي ڪاميٽيون پنهنجو پنهنجو ڪارج ڪنديون رهنديون.

(صحيح ڪيل) ساون سنگهه — ٢٤—٩—١٩٤٧

شاهد — شاهد

صحيح ڪيل منشي رام — صحيح ڪيل راڌا ڪشن کنا

رٽائرڊ پي سي ايس — ائڊووڪيٽ

هنن وصيتن جي پڙهڻ سان صاف ظاهر ٿيندو ته

١- حضور مهاراج ساون سنگهه جن پنهنجي جانشين جي مقرريءَ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو يا گنجائش رکڻ نه چاهيندا هئا ۽ ٣٠ نومبر ١٩٣٧ ۽ ٢٦ اپريل ١٩٤٢ جي پنهنجي وصيت ذريعي صاف ظاهر ڪري چڪا هئا ته حضور جن پنهن جو جانشين هڪ الڳ وصيت ذريعي مقرر ڪندا.

٢- حضور جن پنهنجي پرمارٿي يا روحاني سمپتيءَ جي باري ۾ صاف پڌرائي ڪرڻ ٿي چاهي ته هنن کان پوءِ هيءَ سمپتي

سندس ساٿي ان طرف ويا. اُتي سندن ڪو ڪم ته هو ڪونه ليڪن هو ٺٺاريءَ کي ڪير ٽو ٽاري سگهي؟ ويو ٿي ڀاڳ ۾ پيرٿي ٽيڙ پر نصيب کيس ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن وٺي ويو! پرسان وچڙ تي گنگا سنگهه ۽ سندن ساٿين ڏٺو ته جنهن شخص کي ماري ڪٺي رهيا هئا اُهو سندن ڳوٺ جو ئي هڪ هريجن هو. ان کي پوليس چوريءَ جي ڪيس ۾ پڇا ڳاڇا لاءِ پڪڙي وٺي آئي هئي. ان کي لوهه جي ڪوڪن واريءَ جتيءَ سان ۽ ڏنڊن سان ماري رهيا هئا.

گنگاسنگهه ٿاڻيدار کان پڇيو ته هن کي ڇو ٿا ماريو؟ ان تي ٿاڻيدار کيس گاريون ڏيئي چيو ”ڇا هيءَ تنهنجو پيءُ لڳي يا ڏاڏو ٿئي؟ جيڪڏهن هن سان ڪا همدردي اٿيئي ته سندس جاءِ تي تون هليو اچ. ٿاڻيدار گنگوءَ کي ڪو رواجي ڪسان جو ڇوڪرو ٿي سمجهيو. کيس گنگاسنگهه جي خودداري ۽ همت جي ته خبر ڪونه هئي. گنگاسنگهه گاريون برداشت نه ڪري سگهيو. هن پنهنجو ڏنڊو کنيو ۽ ٿاڻيدار تي وار ڪيو ۽ ان هريجن نوجوان کي چيو ”اُٿ بيوقوف! ڇو پيو مار کائين؟“ اهو ٻڌي هو اُٿي ڪڙو ٿيو. هوڏانهن پوليس وارن به گنگاسنگهه تي لٺين سان وار ڪيو. گنگاسنگهه ۽ سندس ساٿين به لٺيون کنيون پوليس وارا پيچ پائي وٺي ڀڳا ۽ ٿاڻيدار بيهوش ٿي ڪري پيو. هن واردات کان پوءِ هو سڀ لڪي ڀڄي ويا. پوليس ڏاڍي ڳولها ڪئي پر اُنهن کي پڪڙي نه سگهيا. تڏهن کان وٺي پوليس ۽ گنگا سنگهه وچ ۾ دشمني ڪڙي ٿي ويئي ۽ آهستي آهستي هو گنگا سنگهه مان گنگو ڊاڪو بڻجي ويو. ان کان پوءِ ٿاڻن ۽ پوسٽ آفيسن تي حملا شروع ٿي ويا. سندن هڪ ٽولي ٺهي ويئي ۽ پوليس ان کي پڪڙڻ لاءِ انعام جي پڌرائي ڪئي. گنگوءَ جي سمجهه تيز هئي. وقت سر اهڙي چال

ڀُومبو چور، ٻڌيچند ڊاڪو، سڄڻ ٺڳ، ڪوڏو راڪاس وغيره ڪي نالا اهڙا آهن جن جو سنتن جي ساکين ۾ بيان ڪيل آهي ۽ ان ڪري اُنهن جا نالا مشهور ٿي ويا آهن. پر اهڙا مثال ٻيا به ڪيترائي آهن جي گمنام يا لڪل آهن ۽ اُنهن جو تعداد يا سنکيا گهڻي آهي. حضور ساون سنگهه مهاراج جن جي ديا ۽ ڪروڻا جو ته اهو حال هو جو جڻ ته چونڊي چونڊي پاپين ۽ گنهگارن جو اُڌار ڪرڻ لاءِ ئي آيا هئا. حضور جن خود فرمايو ته سندن حصي ۾ ته سوامي جي مهاراج جن تمام سخت ڪرمن وارا جيوَ ڏنا آهن. هيٺ گنگوءَ نالي هڪ ڊاڪوءَ جو بيان ڪجي ٿو جنهن ۾ حضور جن جي انوکي ديا مهر ظاهر ٿئي ٿي.

گنگو ڊاڪوءَ جو نالو پنجاب جا ماڻهو گهڻو وقت ياد ڪندا رهندا. هتي جو پوليس کاتو ته کيس هميشه ياد ڪندو رهندو. هڪ دفعي هن جو اهڙو ڊاڪو هو جو سندس نالو وٺندي ئي ماڻهن ۾ ڏپ ڇانئجي ويندو هو. گنگو گورداسپور ضلع جي ٻٽالا تحصيل ۾ ٻيجا - چڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو ۽ ذات جو جاٽ هو. سندس اصلي نالو گنگا سنگهه هو. سندس قد ڊگهو ۽ شرير رشٽ پشٽ ۽ سهڻو هوندو هو. ننڍپڻ کان وٺي هو بي ڊپو هو. هو ڪيئن ڊاڪو بڻيو اُها به هڪ لنبي چوڙي ڪٿا آهي. هڪ دفعي جڏهن سندس عمر ١٩-٢٠ سال هئي تڏهن هو پنهنجي ڳوٺ جي ٻين ٻن ساٿين سان گڏ پلٽڻ ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ روانو ٿيو. قدرت سان هو شري هرگوبندپور جي ٿاڻي وٽان اچي لنگهيو. ان وقت ٿاڻيدار صاحب ٿاڻي کان ٻاهر هڪ وڻ جي ڇانو ۾ ڪنهن ڪيس جي باري ۾ جاچ پڙتال ڪري رهيو هو ۽ ان سلسلي ۾ هڪ شخص کي خوب ماري ڪٽي رهيو هو. ان جون دانهون ڪُوڪُون ٻڌي گنگا سنگهه کان رهيو نه ٿيو، هُو ۽

واندي ۾ حضور جن آرام ڪرسيءَ تي براجمان هئا. اسانکي گنگوءَ جي اچڻ جي خبر تڏهن پيئي جڏهن هوُ اوچتو اچي مهاراج جن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ پنهنجو مٿو حضور جن جي پيرن تي رکي ڇڏيو. حضور جن جا چرن پنهنجن ٻانهن ۾ جهلي چوڻ لڳو ”تون رب آهين، مون کي بچاءِ“ حضور جن جواب ۾ چيو ”نه، مان رب نه آهيان. مان ته هڪ رواجي اِنسان آهيان.“ پر هو حضور جن جا چرن پڪڙي ويٺو رهيو ۽ ور ور پيو پرارٿنا ڪري ته مون کي بخشيو، مون کي معاف ڪريو. سندس اکين مان ڳوڙها پئي ڳڙيا. حضور جن ديا ڀري دِرشٽيءَ سان مشڪيو ۽ کيس اُٿاريو ۽ پوءِ ستسنگ لاءِ روانا ٿيا.

شام جو نام دان وقت گنگو به نام وٺڻ وارن جي قطار ۾ ويٺو هو. سؤ کن اڀلاشين (نام وٺندڙن) مان ٿورن کي موٽايو ويو پر گنگوءَ کي اندر موڪليو ويو. حضور جن چيس ”توکي ماس ۽ شراب ڇڏڻو پوندو“ هن چيو، ”شراب ته منهنجي پيٽ پيل آهي. مان اُهو ڇڏي ڪونه سگهندس. توهان ديا پالي مون کي ان کان ڇڏائجو.“ پوءِ حضور جن پڇيو، ”تنهنجي آمدنيءَ جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ هن جواب ڏنو، ”چوري ڪرڻ ۽ ڌاڙا هڻڻ.“ حضور جن فرمايو، ”اهو ڌندو به توکي ڇڏڻو پوندو. ڪو به ايمانداريءَ وارو ڪم شروع ڪر.“

گنگو هٿ جوڙي جواب ڏنو، ”مون کي سڀ ڪجهه منظور آهي پر مون کي بکيو نه مارجو.“ ائين چئي وري حضور جن جي چرنن تي ڪري پيو. حضور جن کيس نام دان بخشيو.

اُنهن کان پوءِ هن فقط هڪ دفعو چوري ڪئي. نام وٺڻ بعد هو گورداسپور ضلع ۾ پنهنجي هڪ رشتيدار جي چوڪريءَ

هلندو هو جو پوليس ڏسي دنگ رهجي ويندي هئي. بندوق هلائڻ ۾ سندس نشان ڪڏهن به خالي نه ويندو هو. ٻي چار ڀيرا پوليس جي حراست ۽ جيل جي مضبوط ڪوٺڙين مان به ڀڄي نڪتو هو. جلد ئي سندس چالاڪي، بي ڊپائي ۽ نرڊائتا جون ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور ٿي ويون. گنگوءَ کي نام دان ملڻ جو ورتانت به ڏاڍو دلچسپ آهي. حضور مهاراج جن انهن ڏينهن ۾ هر ڪنهن سنڪرانت تي امرتسر وڃي ستسنگ فرمائيندا هئا. هڪڙي سنڪرانت جي ڏينهن حضور جن مجيٺا روڊ تان ٿيندا پنهنجي موٽر ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. رستي ۾ ٽانگن، رڪشائن سائيڪلين، موٽرن ۽ پيدل ويندڙن ياترين جي ڏاڍي ڀيڙ لڳي ويئي هئي. جڏهن حضور جن جي موٽر مجيٺا روڊ کان ستسنگ گهر طرف مڙي ته هڪ شخص حضور جن جي موٽر اڳيان ڪري پيو. ڊرائيور موٽر کي روڪيو ۽ حضور جن موٽر مان هيٺ لهي آيا ته ڏسن ته ڇا ٿيو آهي. هڪ شرابي موٽر اڳيان پيو هو پر ڀاڳ سان ان کي ڪا به چوٽ ڪا نه آئي هئي. حضور جن ان شخص جي هڪ ساٿيءَ جي مدد سان ان کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ٿاٻڙجي وري به ڪري پيو. ڪن ستسنگين، جي موٽر ڀرسان اچي ميڙ ڪري بيٺا هئا، ان کي کڻي رستي جي ڪناري طرف آندو. شرابي اڃا به پوري هوش ۾ نه هو. پر حضور جن جي تيجسوي چمڪندڙ چهري ۽ شهنشاهي رعب جو مٿس اثر ٿيو هو. هو پڇڻ لڳو ته موٽر ۾ ڪير چڙهيل هو. سندس ساٿين جي خود به ٿوري نشي ۾ هئا ٻڌايس ته اهو راڌا سوامين جو رب آهي ۽ چون ٿا ته هو ماڻهن کي نرڪ کان بچائيندو آهي. شرابيءَ (گنگو) چيو "ها! برابر ائين پئي لڳو جڻ ته رب (پرماتما) آهي هلو ته ان وٽ هلون." ستسنگ گهر جي

منهنجي ڳالهه ٻڌو. جيڪڏهن ڪير به اُٿيو ته ان کي ماري
ڇڏيندس.“ ڪوٺيءَ ۾ ڄڻ مساڻن وانگر ماٺ ٿي ويئي.
گنگوءَ چيو ”هيل تائين اسان سڀني گڏجي چوريون ڪيون
آهن ۽ ڌاڙا هڻي زندگي بسر ڪئي آهي. هاڻي مونکي هڪ
مهاتما مليو آهي، جنهنجي هڪ نظر سان منهنجي ڪايا
ئي پلٽجي ويئي آهي. مون انجام ڪيو آهي ته هاڻي شراب
نه پيئندس، ڪو به گناهه نه ڪندس ۽ نيڪ حياتي گذاريندس.
اڄ منهنجي هيءَ ٽولي ختم آهي. توهان به هن پاپ جهڙي
زندگي گذارڻ ڇڏي ڏيو. ڪنهن شهر ۾ وڃي ڪو ڪم ڪار
ڪري روزي ڪمايو. مان ايترو ضرور چوندس ته گهٽ
۾ گهٽ هڪ دفعو بياس وڃي سنگرن جا درشن ضرور
ڪجو.“

ان کان پوءِ ڳوٺ وارن يا سندس ساٿين هن کي وري
ڪٿي ڪونه ڏٺو. گمنام رهي جيون وتيت ڪندو هو.
لڪي لڪي هو ڪڏهن حضور جن جو درشن ڪندو هو ۽
بياس ۾ اچي ستسنگ ٻڌندو هو. ان کان پوءِ سندس زندگيءَ
جي وڌيڪ ڪا به خبر ڪونه پيئي آهي. پر ايتري خبر سا
ضرور پيئي آهي ته سندس ڪايا ئي بدلجي ويئي ۽ هو
خوب ڀڄن سمرن ڪندو هو. سال ١٩٤٨ ۾ حضور مهاراج جن
جي جوتي جوت سمائڻ بعد پنهنجو جيئڻ اجايو سمجهي گنگوءَ
پنهنجو پاڻ پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. مٿس ڪيس
هليو. سندس خلاف هتيا، چوري، ڌاڙو هڻڻ وغيره جا
ڪيترائي الزام لڳايا ويا، آخر هن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي،
جنهن جي هاءِ ڪورٽ به منظوري ڏني. کيس ڦاسيءَ تي
لٽڪائڻ لاءِ امبالا جيل ۾ موڪليو ويو. هو جيل ۾ به لڳاتار
سمرن ڀڄن ڪندو رهيو. ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ کان ٿورا
ڏينهن اڳ، جيلن جو انسپيڪٽر جنرل امبالا جيل جي

جي شاديءَ ۾ ويو. جيڪي وٽس هو سو سڀ خرچ ڪري ڇڏيائين، رات جو هڪ شاهوڪار جي گهر ۾ گهڙي ويو. ان جي لوهه جي پيٽيءَ جو تالو ڀڳائين. سؤ جي نوٽن جو هڪ بنڊل هٿ ۾ کنيائين ته لوهه جي پيٽيءَ جو ڳرو ڍڪڻ مٿان اچي سندس ٻانهن تي ڪريو. ٻانهن ۾ ڏک به لڳس ۽ هٿ اندر ڦاسجي پيس. پيٽي ٺهيل اهڙي ڍنگ سان هئي جو ڪوشش ڪرڻ سان به هٿ ڪڍي نه سگهيو. ٿڪجي ٻي وس ٿي پيو ۽ ڀڄي نڪرڻ جي اميد ڇڏي ڏنائين. اوچتو ڏٺائين ته سامهون مهاراج جن بيٺا آهن. پيٽيءَ مان هٿ ڇڏائي فرمايائونس، "تو واعدو ڪيو هو ته ڪڏهن به چوري نه ڪندس. هاڻي جان بچائي ڀڄي وڃ. هيءُ سڀ ڪجھ هتي ئي پيو هجي."

اُن کانپوءِ هن وري چوري ڪونه ڪئي. نام وٺڻ بعد جنهن ڏينهن هو پنهنجي ڳوٺ ۾ آيو ته سندس ساٿي شام جو شراب جي محفل لڳائڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا. پهرين ته گنگو انڪار ڪرڻ لڳو پر ساٿي ڪٿي ٿا ڇڏينس. هن ڪين انڪار ڪيو، هٿ جوڙيا پر هو نه مڙيا. اُنهن فيصلو ڪيو ته هن جا هٿ پير ٻڌي چار ماڻهو کيس زمين تي ليٽائي پوءِ شراب جي بوتل سندس منهن ۾ وجهن. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي آخر گنگوءَ مڃيو. سڀني پنهنجن پنهنجن گلاسن ۾ شراب ڀري پيئڻ شروع ڪيو. گنگوءَ اڃا گلاس منهن تي ٿي رکيو ته مهاراج جن سامهون ڏسڻ ۾ آيس ۽ چيائونس، "پنهنجو واعدو ياد ڪر."

گنگو هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. شراب جو گلاس زمين تي ڦٽو ڪيائين ۽ يڪدم ٻاهر نڪري آيو. جلد ئي هڪ بندوق کڻي واپس آيو ۽ پنهنجن ساٿين کي چيائين، "توهان کي خبر آهي ته منهنجو نشان ڪڏهن به گسندو نه آهي ۽ مون هيل تائين ڪڏهن به حڪم جي انحرافي برداشت ڪونه ڪئي آهي، تنهن ڪري جتي ويٺا آهيو اتي ويٺا هجو ۽ مات ڪري

بابا ساون سنگهہ جن مون جهڙي پاپيءَ کي تاريو آهي."
پوءِ هو ستگرو دين ديال جن جو ڌيان ڪري ڦاسيءَ جي
تختي تي چڙهي ويو. ان وقت خوشيءَ ۾ سندس چهرو
چمڪي رهيو هو. پنهنجي هٿن سان ڦاسيءَ جي رسي
پنهنجي ڳلي ۾ وڌائين ۽ ڦاسي ڏيندڙ کي چيائين، "ڀائي
وٺ، هاڻي تون پنهنجو ڪم ڪر."

مئجسٽريٽ، جيلر ۽ ڊاڪٽر کي هن جا آخرين لفظ جي
هن چيا، سي هئا، "جيڪڏهن ڪڏهن به ٿي سگهيو ته بياس
وڃي ڏيهہ ڌاري موجود هہ پرماتما جو درشن ضرور ڪجو.
ڌن ستگرو بابا ساون سنگهہ! ڌن ستگرو."

ڦاسيءَ بعد گنگوءَ جو لاش ڏيري ۾ آندو ويو. اها سنہ ١٩٤٩
جي ڳالهہ آهي. سردار بهادر مهاراج جن جي آديش موجب
هن جو آخرين سنسڪار ڏيري ۾ ئي ڪرايو ويو.

بابو بوٽاداس جي ساکي:-

بياس ريلوي اسٽيشن تي بابو بوٽاداس نالي نئون اسٽيشن
ماسٽر مقرر ٿي آيو. هو انتظام جو ڪوڏيو هو ۽ قاعدي
قانون موجب ڪم ڪندو هو. قانون جو پالن ڪرڻ آهي
ته سٺو پر ڪڏهن ڪا چڱي ڳالهہ به جي حد کان مٿي
ويندي آهي ته ڏاڍي پريشاني پيدا ڪندي آهي. سنگت
هن جي سختيءَ ۽ قاعدي جي پابنديءَ سبب گهٻرائجڻ لڳي.
بابو بوٽاداس جي اچڻ کان ڪجهہ وقت بعد پهاڙن جي سنگت
حضور مهاراج جن کي عرض ڪيو، "حضور هيءُ جو نئون
اسٽيشن ماسٽر آيو آهي سو سنگين کي ڏاڍو تنگ ٿو ڪري.
اسان کي سنگ بڌندي دير ٿي وڃي ٿي ۽ ٻڌو ڙندا ڏاڍي
مشڪلات سان گاڏيءَ جي وقت اسٽيشن تي پهچون ٿا پر
پوءِ اسان کي ٽڪيٽون ڪونہ ٿيون ملن. جيڪڏهن اسين

انسپيڪشن ڪرڻ آيو. جڏهن هو ڳنگوءَ جي ڪوٺڙيءَ اڳيان لنگهيو ته جيلر کي چيائين ته هي وڏو خطرناڪ ڏوهاري آهي. هي ڪيترا ڀيرا جيل مان ڀڄي نڪتو آهي. هن تي سخت نگراني رکڻ گهرجي. انسپيڪٽر جنرل جي وڃڻ بعد ڳنگوءَ جيلر کي چيو، "ڏسو هينئر به مان ڀڄي وڃان ها، مون سڀ ڪجهه تيار ڪري ڇڏيو هو ليڪن منهنجي ستگرن راهه جو مون کي درشن ڏنو ۽ چيو ته هاڻي تنهنجو آخرين وقت اچي چڪو آهي هاڻي ڀڄڻ جو ڪو به ويچار يا خيال نه ڪر." پوءِ ڳنگوءَ چيو، "جيڪڏهن توهان کي وشواس نه ٿئي ته هلي ڏسو. ڪوٺيءَ جي پٺيان دريءَ جون شيخون مون ڪاٽي ڇڏيون آهن. مان ڪنهن مهل به اهي ڪڍي ٿو سگهان. مان اها ڳالهه توهان جي آفيسرن جي سامهون ٻڌايان ها پر اهو خيال ڪيم ته توهان تي نه ڪي ڇنڊا پون. ان ڪري ڪٽي ماٺ ڪيم متان توهان کي ڪو نقصان پوي." اهو ٻڌي جيلر کيس ڌنيواد ڏنو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ هنکي ڦاسي ملڻي هئي. اُهي ٽي ڏينهن هن خوب سمرن ڀڄن ۾ گذاريا. صبوح جو جڏهن جيل جو ڊاڪٽر هن کي تپاسڻ آيو ته ڏٺائين ته سندس وزن ٻه پائونڊ وڌيل هئو ۽ ان وقت هو ڏاڍو خوش هو. هن جي نبض جي رفتار بلڪل ٺيڪ هئي، دل جي ڌڙڪن ۾ به ڪو نقص ڪونه هو ۽ ڪا به گهٻراهٽ معلوم ڪونه ٿي ڪيائين.

ڦاسيءَ کان اڳ، ڪانئس آخرين اڇا يا تمنا بابت پڇيو ويو. ڳنگوءَ چيو، "منهنجو لاش بياس ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۾ پهچائجو ۽ منهنجو سنسڪار به اُتي ڪيو وڃي." مئجسٽريٽ پڇيو، "ٻي به ڪا خواهش يا مرضي هجي ته ٻڌاءِ." ڳنگوءَ جواب ڏنو، "ٻي ڪا به اڇا يا تمنا ڪونه آهي. مون ته منش جنم جو لاڀ ڪونه ورتو پر ڌن آهن منهنجا ستگرو

موجود هئا. جيڪڏهن مان اُهو سمورو وقت اسٽيشن ماسٽر سان گڏ نہ هجان ها تہ هو ضرور سمجهي ها تہ مون سموري وارتالاپ جو ذڪر گرو مهاراج جن کي اڳ ۾ ئي ڪيو آهي. ستسنگ ۾ مان موٽندي هو مون کان پڇڻ لڳا، "مهاراج جن کي اسان جي ڳالهين جي ڪيئن خبر پيئي؟ هنن اُنهيءَ ئي وشيہ تي ڳالهايو جنهن تي اسين چرچا ڪري رهيا هئاسون. ڪيترا پيرا تہ ائين ٿيو جو جيڪو سوال منهنجي دل ۾ پئي اُٿيو، مهاراج جن گڏو گڏ ان جو جواب ڏيندا رهيا." مون چيو، "ان جو جواب تہ توهان مهاراج جن کان ئي پڇي سگهو ٿا. مان تہ ايترو چوندس تہ توهان کي جيڪي ڪجهہ سپاٽي يا پرهيزيءَ پڇڻو آهي، اُهو بہ کين معلوم آهي." ان تي بابو بوٽاداس حيرت مان پڇيو، "مهاراج جن تہ ضرور انترجامي ٿا نظر اچن، پر توهان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيو تہ مون کي سپاٽي يا پرهيزيءَ بہ ستسنگ ۾ اچڻو آهي؟" مون جواب ۾ چيو "نہ رڳو اها ڳالهہ پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ توهان نام دان بہ وٺندا" هن وراڻيو، "نہ، نام تہ مان ڪونہ وٺندس. ها سپاٽي ۽ پرهيزيءَ منهنجي آفيسر ستسنگ ٻڌڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ تہ هو بہ ڏينهن وڌيڪ ترسندو ۽ هو چاهي ٿو تہ بياس اچڻ جو ضرور فائدو وٺڻ گهرجي."

ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو، "ڏسو دنيا جا ماڻهو ڪيترا نہ ڀرمن ۾ پيا آهن. ڪي چون ٿا تہ استريءَ جو پتي ئي سندس گرو آهي ۽ ٻئي گرو ڌارڻ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪونہ اٿس. پر اهو نٿا سوچين تہ جيڪڏهن پتي خود شرابي، ڪبابي، مورک ۽ اگياني هجي تہ هو ڪيئن پنهنجي استريءَ جو بيڙو پار ڪندو؟ هو خود ٻڏي رهيو آهي تہ استريءَ کي بہ پاڻ سان نرڪ ۾ وٺي ويندو.

ريل جي ڀڃڻ تان ٽا لنگهون ته هو اسان کي پوليس جي حوالي ٿو ڪري. ڀهريون اسٽيشن ماستر ڏاڍو سٺو ماڻهو هو." ان تي حضور جن فرمايو، "خيال نه ڪريو اسٽيشن ماستر کي سمجهائي ڇڏينداسين."

ان کان ٿورا ڏينهن پوءِ جي ڳالهه آهي جو هڪ آرتوار جو ستسنگ هو. قدرتي بابو ٻوٽاداس هڪ آفيسر سان گڏ ستسنگ جو "ميلو" ڏسڻ لاءِ ڏيري ۾ آيو. ٻوٽاداس هڪ اوچي ذات جو براهمڻ هو. جڏهن هو ڏيري ۾ پهتو ته مان دفتر جي ٻاهران ورانڊي ۾ ويٺو هوس. اسٽيشن ماستر صاحب پنهنجي ۽ پنهنجي آفيسر جي واقفيت ڪرائي ۽ چيو، "اڄ اسان جي موڪل جو ڏينهن هو. اسان سوچيو ته هلي ميلو ڏسي اچون." پوءِ ستسنگ جي باري ۾ پڇڻ لڳو. گروءَ جي ضرورت تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. هڪ ڪلاڪ ڳالهين ڪرڻ بعد هن اهو رايو ڏنو، "مان ته براهمڻ آهيان. براهمڻ خود دنيا جا گرو ٿيندا آهن، اُنهن کي ته ڪو گرو ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪونه هوندي آهي." مان ان کي جواب ڏيڻ تي هوس ته حضور جن پنهنجي ڪوٺيءَ مان نڪري مون ڏانهن آيا. حضور جن بابو ٻوُٽاداس تي ديا مهر ڀريل درشٽي وڌي. مون عرض ڪيو ته هي بياس جو اسٽيشن ماستر صاحب آهي. حضور جن فرمايو، "ها، مون کي معلوم آهي. هنن کي ڪجهه چانهه وغيره به پياري آٿو يا نه؟" مون چيو "حضور، چرچا ڪندي اها ڳالهه ئي وسري ويئي." حضور جن فرمايو، "هنن کي چانهه پياري ستسنگ ۾ وٺي اچو."

ٻنهي ڄڻن ڌيان سان ستسنگ ٻڌو. خاص ڪري اسٽيشن ماستر بت بڻجي ويٺو هو. حضور جن شبد جي مهما ۽ گرو ڀڳتيءَ جا ٢ شبد کنيا. حضور جن ستسنگ اهڙي نموني شروع ڪيو جڻ ته ورانڊي ۾ ٿيل ڳالهين وقت حضور جن

ويندو هوس. سندس مٿن ايترو نرمل ۽ نماڻو ٿي ويو جو پنهنجن زيردستن کي به ڪڏهن ڏاڍيان سڏ ڪونه ڪندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ گهڻو ڪري اسٽيشن ماسٽر پاڻ رات جو ڊيوٽي نه ڏيندو هو ۽ اهو ڪم پنهنجن زيردستن حوالي ڪري ويندو هو. پر هاڻي بوٽاداس پنهنجي ڊيوٽي خود ادا ڪندو هو ۽ پنهنجن زيردستن جو هميشه خيال رکندو هو. هاڻي ياترين جون شڪايتون دور ٿي ويون. هر هڪ ڳالهه ۾ هنن جي سک سهوليت جو خيال رکندو هو ۽ اُنهن کي پاڻ مدد ڪندو هو. هن باري ۾ هڪ ننڍي وارتا يا گهٽنا جو بيان ڪيو وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن شام جو گاڏيءَ مان امبالا جو هڪ معزز ستسنگي بياس اسٽيشن تي لٿو. اسٽيشن تي ان وقت ڪو ڪُلي ڪونه هو. گاڏي هلي وئي ۽ پليٽفارم به خالي ٿي ويو. اهو بابو ڏاڍي مشڪلات سان سامان کڻي ٽانگا اسٽينڊ تائين آيو، پر ان وقت اُتي ڪوبه ٽانگو موجود ڪونه هو. اُنهن ڏينهن ۾ ٽانگا تمام ٿورا هوندا هئا. بابو پريشان ٿي ويو ته ڇا ڪجي. ايتري ۾ اُتي بابو بوٽاداس گهمندو اچي نڪتو. هن مسافر کي پريشان ڏسي پڇيو ته کيس ڪٿي وڃڻو آهي؟ هن جواب ڏنو، ”مونکي ڏيري وڃڻو آهي، ستسنگ لاءِ آيو آهيان.“ بوٽاداس چيو، ”مونکي به ڏيري هلڻو آهي. مان توهانجو سامان کڻي ٿو هلان“ ان ڏينهن هنجي موڪل جو ڏينهن هو ۽ ڪپڙا به رواجي پيل هئس. ستسنگي بابوءَ سمجهيو ته ڪو رواجي ڪسان هوندو. پڇيائينس ته سامان کڻڻ جو ڇا وٺندين؟ بوٽاداس جواب ڏنو، ”جيڪي ڏيندا سو وٺندس.“

بوٽاداس ان جي پيٽي ۽ بسترو مٿي تي رکي هلڻ لڳو. ٿورو پري هلڻ بعد ٿڪجي پيو ۽ ٿورو ترسيو. وري هلڻ

اهڙي طرح سمجهدار ۽ سياڻا لوڪ انهيءَ خيال جا آهن ته اسين ئي براهمڻ آهيون ۽ خود دنيا جا گرو آهيون، اسان کي گرو ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪونه آهي. پر جيڪو ملاح جو ڇوڪرو ٻيڙي هلائڻ نه سکيو آهي اهو ياترين کي طوفاني درياهه مان ڪيئن پار وٺي ويندو؟ هو ته ٻيڙيءَ کي وچ سير ۾ ٻوڙي ڇڏيندو. ڏهه ڪلاس انگريزيءَ جا پاس ڪري دفتر ۾ نوڪري ٿو ڪري ۽ رات ڏينهن ڪم ۾ ايترو ته مشغول ٿو رهي جو ان کي مٿي کڻڻ جي به فرصت ڪونه ٿي ملي. جنهنکي خود پنهنجن ٻارن جي لکائي پڙهائيءَ تي نظرداري رکڻ جو وقت ڪونه ٿو ملي سو ٻين کي ڪهڙو گيان ڏيندو؟ جنهن خود ڪنهن شهر جو رستو نه ڏٺو آهي سو ٻين کي رستو ڪيئن ڏيکاريندو"؟

هن ستسنگ، بابو بوٽاداس جا سڀ شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا ۽ پرمن جي مَٿل سندس دل مان ڪڍي ڇڏي. هاڻي ته روزانو شام جو اسٽيشن کان سائيڪل تي چڙهي ستسنگ ۾ اچڻ سندس نيم ٿي ويو. هڪ ڏينهن هن مونکي چيو، "توهانجي اڳئين سچي نڪتي. منهنجو خيال آهي ته نام وٺان. سچي ڳالهه کي مڃڻ کان ڪڏهن به انڪار نه ڪرڻ گهرجي."

بابو بوٽاداس کي نام ملي ويو. نام ته ٻين به سوين ماڻهن کي ملي ٿو، پر بابو بوٽاداس جي ته ڪايا ئي بدلجي وئي. هو پهرئين وانگر بوٽاداس ڪونه هو. خوب ڀڄن ڪرڻ لڳو. ڏينهن رات جڏهن به سرڪاري ڪم کان فارغ ٿيندو هو يا کيس فرصت ملندي هئي ته ڀڄن ۾ ويهي رهندو هو. گروءَ جي ڌيان ۾ مست رهندو هو. ڪرسيءَ تي به ويٺي ويٺي ڪڏهن شبد اهڙو زور سان ٻڌندو هو جو سندس اکيون بند ٿي وينديون هيون ۽ قلم هٿ ۾ رهجي

ويندو هوس. سندس من اڀترو نرمل ۽ نماڻو ٿي ويو جو پنهنجن زيردستن کي به ڪڏهن ڏاڍيان سڏ ڪونه ڪندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ گهڻو ڪري اسٽيشن ماستر پاڻ رات جو ڊيوٽي نه ڏيندو هو ۽ اهو ڪم پنهنجن زيردستن حوالي ڪري ويندو هو. پر هاڻي بوٽاداس پنهنجي ڊيوٽي خود اَدا ڪندو هو ۽ پنهنجن زيردستن جو هميشه خيال رکندو هو. هاڻي ياترين جون شڪايتون دور ٿي ويون. هر هڪ ڳالهه ۾ هنن جي سک سهوليت جو خيال رکندو هو ۽ اُنهن کي پاڻ مدد ڪندو هو. هن باري ۾ هڪ ننڍي وارتا يا گهٽنا جو بيان ڪيو وڃي ٿو.

هڪ ڏينهن شام جو گاڏيءَ مان امبالا جو هڪ معزز ستسنگي بياس اسٽيشن تي لٿو. اسٽيشن تي ان وقت ڪو ڪُولي ڪونه هو. گاڏي هلي وئي ۽ پليٽفارم به خالي ٿي ويو. اُهو بابو ڏاڍي مشڪلات سان سامان کڻي ٽانگا اسٽينڊ تائين آيو، پر ان وقت اُتي ڪوبه ٽانگو موجود ڪونه هو. اُنهن ڏينهن ۾ ٽانگا تمام ٿورا هوندا هئا. بابو پريشان پئي ٿيو ته ڇا ڪجي. ايتري ۾ اُتي بابو بوٽاداس گهمندو اچي نڪتو. هن مسافر کي پريشان ڏسي پڇيو ته ڪيس ڪٿي وڃڻو آهي؟ هن جواب ڏنو، "مونکي ڏيري وڃڻو آهي، ستسنگ لاءِ آيو آهيان." بوٽاداس چيو، "مونکي به ڏيري هلڻو آهي. مان توهانجو سامان کڻي ٿو هلان." ان ڏينهن هنجي موڪل جو ڏينهن هو ۽ ڪپڙا به رواجي پيل هئس. ستسنگي بابوءَ سمجهيو ته ڪو رواجي ڪسان هوندو. پڇيائينس ته سامان کڻڻ جو ڇا وٺندين؟ بوٽاداس جواب ڏنو، "جيڪي ڏيندا سو وٺندس."

بوٽاداس ان جي پيٽي ۽ بسترو مٿي تي رکي هلڻ لڳو. ٿورو پري هلڻ بعد ٿڪجي پيو ۽ ٿورو ترسيو. وري هلڻ

اهڙي طرح سمجهدار ۽ سياڻا لوڪ انهيءَ خيال جا آهن تہ اسين ٻہ براهمڻ آهيون ۽ خود دنيا جا گرو آهيون، اسان کي گرو ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونہ آهي. پر جيڪو ملاح جو ڇوڪرو ٻيڙي هلائڻ نہ سکيو آهي اهو ياترين کي طوفاني درياهہ مان ڪيئن پار وٺي ويندو؟ هو تہ ٻيڙيءَ کي وچ سير ۾ ٻوڙي ڇڏيندو. ڏهہ ڪلاس انگريزيءَ جا پاس ڪري دفتر ۾ نوڪري ٿو ڪري ۽ رات ڏينهن ڪم ۾ ايترو تہ مشغول ٿو رهي جو ان کي مٿي کنهڻ جي بہ فرصت ڪونہ ٿي ملي. جنهنکي خود پنهنجن ٻارن جي لکائي پڙهائيءَ تي نظرداري رکڻ جو وقت ڪونہ ٿو ملي سو ٻين کي ڪهڙو گيان ڏيندو؟ جنهن خود ڪنهن شهر جو رستو نہ ڏٺو آهي سو ٻين کي رستو ڪيئن ڏيکاريندو“؟

هن ستسنگ، بابو بوٽاداس جا سڀ شڪ شبها دور ڪري ڇڏيا ۽ پرمن جي مٿل سندس دل مان ڪڍي ڇڏي. هاڻي تہ روزانو شام جو اسٽيشن کان سائيڪل تي چڙهي ستسنگ ۾ اچڻ سندس نيم ٿي ويو. هڪ ڏينهن هن مونکي چيو، ”توهانجي اڳئين سچي نڪتي. منهنجو خيال آهي تہ نام وٺان. سچي ڳالهہ کي مڃڻ کان ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪرڻ گهرجي.“

بابو بوٽاداس کي نام ملي ويو. نام تہ ٻين بہ سوين ماڻهن کي مليو ٿو، پر بابو بوٽاداس جي تہ ڪايا ئي بدلجي ويئي. هو پهرئين وانگر بوٽاداس ڪونہ هو. خوب ڀڄن ڪرڻ لڳو. ڏينهن رات جڏهن بہ سرڪاري ڪم کان فارغ ٿيندو هو يا ڪيس فرصت ملندي هئي تہ ڀڄن ۾ ويهي رهندو هو. گروءَ جي ڌيان ۾ مست رهندو هو. ڪرسيءَ تي بہ ويٺي ويٺي ڪڏهن ڪڏهن شبد اهڙو زور سان ٻڌندو هو جو سندس اکيون بند ٿي وينديون هيون ۽ قلم هٿ ۾ رهجي

۾ پرارٿنا ڪئي، حضور! اڄ اسٽيشن ماسٽر صاحب جي رات جي ڊيوٽي آهي. شام کان ئي اسٽيشن تي هڪ ٽرئفڪ انسپيڪٽر آيل آهي. هو هڪ انتظام پسند انگريز آهي ۽ سياه جو ڪنور آهي. حضور جن چيو ته بوٽاداس کي پوڄڻ مان اُٿاري ڇڏيوس ته هڪدم اسٽيشن تي پهچي وڃي ۽ موٽر ڊرائيور کي چئو ته ان کي موٽر ۾ چاڙهي ڇڏي اچي. اسسٽنٽ اسٽيشن ماسٽر چيو ته اسان ڪيس اُٿارڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪيترا ڀيرا نزديڪ وڃي سڏ ڪيا آهن پر هو اُٿي ئي نٿو. ان تي مهاراج جن فرمايو ”چڱو، ڇڏيوس ته ويٺو هجي. جيڪي ٿيڻو هوندو سو ٿيندو.“ اسسٽنٽ اسٽيشن ماسٽر جڏهن حضور جن وٽان آيو ته ڏاڍي ڳڻتي وٺي ويس، چوڻ لڳو، ”اسٽيشن ماسٽر ته هاڻي ضرور ڊسمس ڪيو ويندو. مان به ان جي جاءِ تي ڪم نٿو ڪري سگهان ڇاڪاڻ ته ٽرئفڪ انسپيڪٽر کي خبر آهي ته مون اڄ موڪل ورتي آهي ۽ اسٽيشن جي حساب ڪتاب ۽ رجسٽرن وغيره جي پيٽيءَ جي چابي به بوٽاداس وٽ آهي.“ ماڻهن چيو ته صاحب هينئر سمهيو پيو هوندو. هن جواب ڏنو ته صاحب سمهڻ وارو ماڻهو ئي ڪونهي. هو هميشه ايندو ئي رات جي وقت آهي ۽ پنهنجي انسپيڪشن به رات جو ١٢ بجي شروع ڪندو آهي.

اُنهيءَ رات جو اسسٽنٽ اسٽيشن ماسٽر به ڊيري ۾ رهي پيو. اسٽيشن تي وڃي صاحب جي سامهون بيهڻ جي هن ۾ به همت ڪانه هئي. سڄي رات انگريز ٽرئفڪ انسپيڪٽر جي شڪل سندس اکين اڳيان پئي ڦري. صبوح ٿيندي ئي وڃي بوٽاداس کي اُٿاريائين ۽ ڪيس اسٽيشن ڏانهن وٺي وڃڻ لڳو. پر بوٽاداس چوڻ لڳو ته هو مهاراج جن جي درشن ڪرڻ کان سواءِ نه هلندو. حضور جن صبوح جو دير تائين پوڄن ڪندا

لڳو. اهڙي طرح ٻيهندو ٻيهندو مشڪل سان هڪ ميل پنڌ ڪيو هوندائين تہ پگهر سان سڄو پسي ويو ۽ ٿڪجي ٻهي رهيو. هوڏانهن هوءَ بابو ڏيري ۾ پهچڻ لاءِ جلد بازي ڪري رهيو هو. ٻيهندو ٻيهندو ۽ بابوءَ جا سخت وچن ٻڌندو اٽڪل اڌ رستو طئہ ڪيو هوندائين تہ هوڏانهن حضور جن جو هڪ شيوڪ سوهن ايندو ڏسڻ ۾ آيو. پرسان اچڻ تي هن اسٽيشن ماستر کي سڃاڻي ورتو ۽ ان کان سامان وٺي پاڻ کنيائين. سوهن چيو، ”مون کي اها خبر ئي ڪونہ پيئي تہ جو حضور مهاراج جن مون کي اسٽيشن ڏانهن موڪلي رهيا آهن. هاڻي خبر پيئي تہ ڳالهہ ڪهڙي هئي.“

امبالا واري بابوءَ کي جڏهن خبر پيئي تہ سندس سامان کڻندڙ شخص تہ ٻياس اسٽيشن جو اسٽيشن ماستر هو تہ ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ معافي گهرڻ لڳو. بوٽاداس چيو، ”معافي گهرڻ جي ڪا ڳالهہ ڪونہ آهي. هيءَ تہ منهنجا ڀاڳہ آهن جو ستگرن جي پريميءَ جي شيوا ڪرڻ جو هڪ موقعو مليو.“ جڏهن ڏيري ۾ پهتا تہ حضور مهاراج جن بابو بوٽاداس لاءِ انتظار ڪري رهيا هئا. امبالا واري شخص کان حال معلوم ڪري، حضور جن بوٽاداس تي ڏاڍو خوش ٿيا.

هڪ دفعي بوٽاداس اسٽيشن ماستر ستسنگ لاءِ شام جو ۵ بجي ڏيري ۾ آيو. ستسنگ ٻڌي اندر ۾ اهڙي لگن لڳي ويس ۽ پريم جاڳيس جو ستسنگ مان اُٿندي ئي ڏيري جي هڪ ڪمري ۾ وڃي ڌيان ۾ ويهي رهيو. ورتي اندر لڳي ويس ۽ تن بدن جي سڌ ڀلجي ويو. هوڏانهن جڏهن رات جو بوٽاداس ۹ بجي تائين اسٽيشن تي ڪونہ پهتو تہ اسسٽنٽ اسٽيشن ماستر ڏيري ۾ آيو. اُنهيءَ کيس (بوٽاداس کي) اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جي سرت يا خيال ٻاهر ڪونہ آيو. آخر هن ڏهين بجي حضور مهاراج جن جي شيوا

بدلي ڪرائڻ نٿو چاهي. ان تي ڪيس بياس اسٽيشن تي ٽي مهينن گريڊ ڏنو ويو.

هاڻي ته بوٽاداس جو اهو حال هو جو هو پاڻ کي گروهه جو نوڪر ٿي سمجهڻ لڳو. سنگتين جي سيوا ئي جڻ سندس سرڪاري ڊيوٽي هئي. جيڪڏهن ڪو سنگتي رات واري گاڏيءَ ۾ لهندو هو ته ان کي پنهنجي گهر وٺي ويندو هو، هنجي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو هو. سنگت ۾ وڃڻ وقت ڪنهن جو ٿيلهو يا ڪا هڙ کڻي هلندو هو، ڪڏهن ڪنهن جو ٻار کڻي هلندو هو. گرميءَ جي موسم ۾ اسٽيشن جي ٻنهي پاسي ٿڌو پاڻي ۽ شربت پيارڻ جو پياؤ لڳائيندو هو. پگهار جو گهڻو حصو سنگت جي سيوا ۾ خرچ ڪندو هو. هڪ دفعي سندس ڪٽنب جي ڀاتين مهاراج جن جي سيوا ۾ شڪايت ڪئي ته حضور جن جواب ڏنو ته پرمارٿ ۾ خرچ ڪرڻ سان ڌن گهٽبو ڪونه، آهي پاڻ وڌندو آهي. ٿورن ڏينهن کانپوءِ هن جو پٽ به اسٽيشن ماستر جي عهدي تي مقرر ٿيو. بابو بوٽاداس جو ٻيو هڪ ننڍو ورتانت ڏيئي هن ساکيءَ کي سماپت ڪيو وڃي ٿو. شايد مهاڀاري لڙائيءَ وارا ڏينهن هئا يا ان کانپوءِ ڪنهن سبب ملڪ ۾ گاسليٽ جي ڏاڍي تنگي ٿي پيئي هئي ۽ گاسليٽ ملندو ئي ڪونه هو. سو به هڪ ڪٽنب لاءِ مهني ۾ مشڪل سان ٿوريون بوتلون ملنديون هيون. هيڏانهن ڏيري ۾ بابا جي مهاراج جن جي ڀنڊاري جو وقت هو ۽ تيل ختم ٿي ويو هو. اُنهن ڏينهن ۾ بجلي ڪونه هئي. امرتسر مان به ماڻهو موٽي آيا ۽ چيائون ته ڊپٽي ڪمشنر رڳو هڪ ڊبو ڏيڻ منظور ڪيو آهي. سنگت جا پر بندڪ ڏاڍي مشڪلات ۾ اچي ويا ته ۲۵-۳۰ هزار ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو بندوبست ڪيئن ٿي سگهندو؟ ڪيئن اُنهن کي انڌيري ۾

هئا. جڏهن اٺين بجي ٻاهر پڌاريا ته بابو بوٽاداس کي حڪم
ڪيائون ته جلدي وڃي پنهنجي ڪم تي چڙهو. پنهنجي
ڊيوٽيءَ کان ڪڏهن به غير حاضر نه رهڻ گهرجي. پرساد
وٺي بابو بوٽاداس هليو ويو. جڏهن اٽڪل ١٠ بجه ڌاري
اسٽيشن پهتا ته ڏسن ته صاحب ان وقت ويٽنگ روم ۾ ئي
ويٺو هو. اسٽيشن ماستر هٿ منهن ڌوئي پنهنجي ڊريس
بدلائي دفتر ۾ اچي ويٺو. رجسٽر ڪڍي ميز تي رکيائين ۽
رات جي پنهنجي غير حاضريءَ جي نتيجي جو انتظار
ڪرڻ لڳو.

جڏهن صاحب دفتر ۾ آيو ته بابو بوٽاداس سندس اڳيان
رجسٽر وغيره رکي ڇڏيو، "مهرباني ڪري رجسٽر، رڪارڊ
وغيره تپاسيو.

اهو ٻڌي صاحب اچرج ۾ پئجي ويو ۽ ڏانهس نهارڻ
لڳو. پوءِ چيائينس، "هاڻي ڪهڙا! رجسٽر باقي رهيل آهن؟
سڀ رجسٽر ته توهان ڪالهه رات جو ڏيکاري ڇڏيا آهن.
مون اُنهن تي ريمارڪ به لکي ڇڏيا آهن." اهو ٻڌي
بابو بوٽاداس جي هرديءَ ۾ ستگرن لاءِ ڏاڍو پريم ڀاءُ وڌيو
۽ شڪراني طور اکين ۾ آنسون ڀرجي آيس. چپ چاپ
ماٺ ميٺ ۾ دفتر کان ٻاهر نڪري آيو. ريمارڪ ۾ لکيل
هو، "مون هن کيتر ۾ سڀني اسٽيشن ماسترن ۾ بابو بوٽاداس جو
ڪم تمام سٺو، ايمانداريءَ وارو ۽ بنا غلطيءَ جي ڏٺو آهي.
هيءُ ڪنهن وڏي عهدي جي لائق آهي." وڏا عملدار ان
جي رپورٽ جو تمام گهڻو قدر ڪندا هئا. هڪ مهني بعد
بابو بوٽاداس کي هڪ ليٽر مليو ته توهانکي سينيئر **Senior**
گريڊ ڏيئي ڪنهن وڏيءَ اسٽيشن تي مقرر ڪرڻ جي رٿا
آهي، ان ڪري ٻڌايو ته ڪهڙي اسٽيشن تي توهانکي مقرر
ڪجي. پر بابو بوٽاداس جواب ڏنو ته هوءَ بياس کان ٻاهر

بابو ٻوٽاداس واپس اسٽيشن تي پهتو ته انسپيڪٽر اچي ويٺو هو. ٻين اسٽيشنن تان چيڪنگ ڪري آيو هو. ٻوٽاداس کي ڏسي چيائين، ”ڪنهن بدمعاش ڪُوڙي خبر لکي اسان کي پريشان ڪيو آهي، سڀني اسٽيشنن جو اسٽور پورو هو.“ بابو ٻوٽاداس سمجهيو ته ويچارن ڪٿان نه ڪٿان آٽي پورائي ڪئي هوندي. هن انسپيڪٽر کي چيو، ”صاحب منهنجي اسٽور ۾ ته ڇهن ڏٻن جي کوٽ آهي.“ اسٽور جو دروازو کولي انسپيڪٽر کي اندر وٺي ويو. انسپيڪٽر جاچ ڪئي ته سڀ ڏٻا پورا هئا. چيائين، ”ڏٻا ته سڀ برابر آهن.“ بابو ٻوٽاداس چيو، ”صاحب شايد توهان خالي ڏٻا به ڳڻي ويا آهيو. مان توهان کي ڏوکو ڏيڻ نٿو چاهيان.“ پوءِ ڏٻن کي کڻي ڏنائين ته سڀ ڀريل هئا. انسپيڪٽر چيو، ”مان ڄاڻان ٿو ته توهين تمام ايماندار آهيو. اسين ڪوڙي رپورٽ ڪرڻ واري کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ ان تي سخت ڪاروائي ڪنداسين.“ هيڏانهن انسپيڪٽر واپس ويو ۽ هوڏانهن بابو ٻوٽاداس ڏيري ڏانهن ڊوڙندو ويو. اچي حضور جن جي شيوا ۾ سموري گهٽنا جو احوال ڪيائين. ”ڌن ستگرو ڌن ستگرو“ چوندو ٿي ويو، زمين تان سر مٿي نه پيو کڻي. احسان ۽ پريم ڀريا آنسون پئي وهيس. حضور جن چيو، ”ڀائي مون کي ته ان ڳالهه بابت ڪابه خبر ڪونه آهي. اها ديا ڪرڻ واري ڪا ٻي طاقت آهي.“ پوءِ گهڙي کن ماٺ ۾ رهي وري فرمايائون، ”اهڙين ڳالهين جو شور مچائڻ نه گهرجي.“

ساکي بٽالا شهر جي هڪ مولويءَ صاحب جي:-

هڪ دفعي بٽالا شهر جي هڪ مسلمان عورت، جنهن جو نالو بيبي حشمت هو، ڪن ٻين ستسنگين سان اتفاق سان

رسوئي ڪارائبي ۽ اُنهن جي رهڻ جي هنڌن تي ۽ رستن ۽ چونڪن تي ڪيئن روشني ڪئي ويندي.

بابو بوٽاداس کي انهيءَ مشڪلات جي خبر پيئي ته پڇيائين ته پنداري وقت ڪيترا تيل جا دٻا کپندا؟ پنداريءَ چيو ته جيڪڏهن ٻارهن دٻا ملي سگهن ته ڪم ٿي ويندو. ڪمرن ۾ ٻارڻ لاءِ ميڻ بتيون گهرائيندا سين. اسٽيشن ماستر جي اسٽور ۾ اسٽيشن تي بتين ٻارڻ لاءِ گاسليٽ جا ٦ دٻا موجود هئا. ٻئي ڏينهن بوٽاداس پلوان، هميرا، ڪرتارپر ۽ ٻناريءَ جي اسٽيشن ماسترن کي وينتي ڪري ٿوري وقت لاءِ اَٺ دٻا اوڌر طور گهرائي ورتا. اهڙي نموني چوڏهن دٻا ڪٺا ڪري ڏيري ۾ پهچائي ڏنا. پنداري جو وقت آرام سان گذريو، پر ڳالهه چڱي ڦهلجي ويئي. ڪرتارپر جي ڪنهن بابوءَ وڏي آفيسر کي گمنام چٺي لکي ڪري چغلي هنئين. ان ڪري اسٽور چيڪ ڪرڻ لاءِ انسپيڪٽر اچي ويو. هاڻي ته بابو بوٽاداس وٽ انهن اسٽيشن ماسترن جا ماڻهو آيا ته يڪدم تيل واپس ڪريو يا ڪو ٻيو بندوبست ڪريو نه ته سڀ جيل ۾ ويندا سين. بوٽاداس لاءِ ته ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو ته ڀڄي وڃي ستگرن جي چرنن ۾ پوي. جڏهن ڏيري ۾ اچي حضور مهاراج جن اڳيان سموري ڳالهه ڪري ٻڌايائين ته حضور جن ڏاڍا ناراض ٿيا ۽ فرمايائون، "سرڪاري چوري ڪري شيون ڪٺي اچڻ ۾ ڪهڙي عقلمندي آهي؟ توهان ڏيري کي به بدنام ٿا ڪريو ۽ خود به مصيبت ۾ ٿا پئو، سو هاڻي جيئن ٿي سگهيو تيئن وڃي انتظام ڪريو."

ويچارو بوٽاداس ڪهڙو انتظام ڪري. گاسليٽ ته ڪٿي به ملي نٿي سگهيو. ٻين اسٽيشن وارا گاريون ڏيڻ لڳا ته هن ڀلي مڙس چڱو اسان کي ڦاسائي وڌو. خير، جڏهن

پٽيءَ تي تيڻ لڳو. گهر ۾ اُشانتي ڦهلجي ويئي ۽ بيبي
حشمت کي گهر وارا پريشان ڪرڻ لڳا. ٿورن ڏينهن بعد ڳالهه
ايترو وڌي ويئي جو مولوي صاحب چئي ڏنو ته انهن
جو نڪاح قائم نه رهندو ۽ بيبي حشمت جي پٽيءَ کي کپي
ته کيس طلاق ڏيئي گهر مان ڪڍي ڇڏي. بيبي حشمت
ٻارن ٻچن واري بزرگ عورت هئي سا ڪري ته ڇا ڪري
۽ وڃي ته ڪيڏانهن وڃي؟ ڏاڍو ڏکي ۽ پريشان ٿي گروءَ
وٽ آئي ۽ اکين مان ڳوڙها آڻي حضور جن کي سمورو
احوال ٻڌايائين. حضور جن کيس آٿت ڏنو ۽ فرمايائون،
”ڪجهه ڪونهي. صبر ۽ ٻچن ڪندي رهه. پٽيءَ کي مٺ
محبت ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪر ۽ سندس ڇوڙڻ موجب
ڪم ڪندي ڪر.“ بيبي حشمت واپس گهر آئي ۽ اڳتي
جو احوال مولوي صاحب جي لفظن ۾ ڏنو وڃي ٿو جيئن
هن پاڻ مونکي ٻڌايو. ”مان رات جو نماز کانپوءِ پنهنجي
ڪوٺڙيءَ جو دروازو بند ڪري ۽ ٻتي وسائي نفل پڙهڻ
لڳس. اڃا نفل شروع ڪيم ته ڪوٺڙيءَ ۾ هڪدم ٻجليءَ
جهڙي تيز روشني ٿي ويئي ۽ ان مان هڪ شخص نڪتو
جنهنجي ڏاڙهي سفيد هئي، قد لنبو هوس ۽ ڪپڙا به سفيد
پهريل هئس. ان جو جمال ۽ جلال اهڙو هو جو ان ڏانهن
نهاري نٿي سگهيس. ان کي ڏسي مان گهبرائجي ويس ۽
ڪلمو ۽ نماز سڀ وسري ويم. مون ڏڄندي ڏڄندي انکي
هٿ جوڙي عرض ڪيو، ”صاحب! توهان ڪير آهيو ۽
اوهان کي ڇا کپي؟ مون توهان جو ڇا بگاڙيو آهي؟“
اُن بزرگ جواب ڏنو، ”تون خدا جي پيارن بندن کي
پريشان ڪرين ٿو. صبوح ٿيندي ئي بيبي حشمت ۽ انجي
خاوند (پٽيءَ) وٽ وڃي ان کان معافي وٺ. پنهنجي غلطي
قبول ڪجهه ۽ اُنهن ٻنهي کي پاڻ سان وٺي اسان وٽ پهچي

ڏيري ۾ آئي. ڪجھ ڏينهن ستسنگ ٻڌائين ۽ وڃڻ وقت
مهاراج جن کان نام به ورتي ويئي. نام وٺڻ وقت جڏهن ان
بيبيءَ ٻڌايو ته هوءَ مسلمان آهي ته حضور جن کانئس پڇيو،
”بيبي تنهنجا گهر وارا توکي پريشان ته ڪونه ڪندا؟“ هن
ڏاڍي دليريءَ سان جواب ڏنو ته مان رب جو نالو
وٺي رهي آهيان، رب جو نالو وٺڻ ته ڪو گناهه ڪونه
آهي جو مون کي ماڻهو پريشان ڪن.“ حضور جن ان جي
جواب تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ نام دان جي بخشش ڪيائونس.
اُها بيبي همٿ واري ۽ محنت ڪندڙ هئي. واپس گهر اچي
ڏاڍي لگن سان نيمائتو ڀڄن سمرن ڪرڻ لڳي. اصل ۾ ته
ڀڄن ۽ اڀياس آهي به محنتي ماڻهن جو ڪم. نازڪ مزاج
۽ ضعيف ماڻهو ڇا ڀڄن ڪري سگهندا! ڀڄن ته آهي من کي
روڪڻ ۽ جوانيءَ جو موت مرڻ. بيبي حشمت خوب محنت
ڪئي. پنهنجي گهر ۾ ماس مڇي رڌڻ کان انڪار ڪيائين.
ستگرن جي دیا مهر سان سندس پتي به ڪو خاص اعتراض
نه وٺندو هو ۽ گهر ۾ شانتي لڳي پيئي هوندي هئي. جنهن
باغ ۾ بيبي حشمت جو پتي ڪم ڪندو هو اُتي هڪ
مولوي صاحب رهندو هو. هڪ ڏينهن پڇڻ لڳو ته ڪيترن
ڏينهن کان بيبي حشمت ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي اچي؟ هوءَ خوش
ته آهي؟ پتيءَ جواب ڏنو ته ها هوءَ خوش آهي ۽ هاڻي
رات ڏينهن الله جي عبادت ۾ لڳي پيئي آهي. ڳالهين
ڪندي مولوي صاحب کي خبر پيئي ته هوءَ ماس ۽ بيضا ڪونه
کائيندي آهي ۽ هن هڪ سک مهاتما کي پنهنجو گرو
ڪيو آهي. مولوي ۽ پنڊت ته شريعت ۽ ڪرم ڪانڊ جا
قيدي هوندا آهن. اُهي ڀلا اها ڳالهه ڪيئن ٿا برداشت ڪن؟
مولوي صاحب سندس پتيءَ جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا.
آهستي آهستي مولوي صاحب جي ڳالهين جو اثر سندس

بہ انسان کي سجدو ڪرڻ شرع (ڌرم) جي خلاف ٿو سمجهان.“ پر ان وقت مان پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڪو هوس ۽ درويش جو روپ بہ ڪجهہ اهڙو هو جو منهنجو مٿو خود بخود جهڪي ويو. حيرانيءَ جي ڳالهہ اها ٿي جو حضور جن پنهنجا پير پري ڪونہ ڪيا. مون سندن پوتر چرنن سان مٿو ڇهايو تہ مون کي پنهنجو هوش نہ رهيو. دل تي اهڙي خوشي ڇانئجي ويئي جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي. حضور جن يڪدم پنهنجي پوتر هٿن سان منهنجو مٿو مٿي ڪيو پر منهنجي دل چاهيو ٿي تہ اُنهن قدمن کي ڇهيو ئي رهان.

حضور جن مون کي هڪ مسلمان ستسنگي ميان چراغ الدين جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ کيس فرمايو، ”هيءُ اسان جو پراڻو واقفڪار آهي. ان جو چڱي طرح خيال رکجِ.“ پر هاڻي منهنجو خيال ڪهڙو ڪرڻو هو! مان تہ ميان چراغ الدين جي ڪوٺڙيءَ ۾ پهچندئي کٽ تي ليٽي پيس، ڪنهن سان بہ مونکي ڳالهائڻ نٿي وڻيو.“

ٻئي ڏينهن مرشد ڪامل مون کي نام دان بخشيو ۽ چوڏهن طبقن جو حال ظاهر ڪيو ۽ مون کي کولي سمجهايو. حقيقت ۽ معرفت جي رستي تي لڳائي ڇڏيائون. ڇا ٿي سمجهيم ۽ اصليت ڪهڙي نڪتي؟ هاڻي تہ توهان جي اڳيان جهڙو آهيان تهڙو ويٺو آهيان بس هاڻي مون لاءِ مرشد ئي سڀ ڪجهہ آهي. اُنهن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي.“

سردار گرديال سنگهہ ڊي. ايس. پي. جي ساکي (سندس زباني):-

مون کي حضور مهاراج جن ٻارهين مارچ ١٩٣٦ تي ديا ڪري نام دان بخشيو هو. حضور جن جي مهربانين جو تہ بيان

وڃ." ايترو چئي ڪري اهو بزرگ غائب ٿي ويو. منهنجي دل تي عجيب حيرت ۽ دهشت ڇانئجي وئي، ننڊ اُڏامي وئي. اُنهيءَ بزرگ جي صورت اکين اڳيان پئي گهمي. ٻئي ڏينهن صبوح جو مان رات واري واردات جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ته سامهون ٻيبي حشمت ۽ ان جو خاوند ايندا ڏٺم. اُنهن کي ڏسي منهنجي بدن ۾ ڏڪڻي وٺي وئي. اُنهن جي هٿ ۾ ڳنڍڙي ۽ ڪجهه سامان هو. ائين پئي معلوم ٿيو ته ڪيڏانهن سفر ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. اُنهن جي نزديڪ اچڻ تي اڃا مون ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو ٿي ته اُن کان اڳيئي اُنهن چيو، "مرشد جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ٿيو آهي. توهانجو ڪهڙو خيال آهي؟" مون يڪدم چيو، "مان به توهان سان گڏ هلندس." منهنجي انهيءَ جواب تي اُنهن کي ذرو به عجب نه لڳو بلڪ ٻيبي حشمت مشڪي چيو، "مرشد جو اهڙو ئي حڪم هو. منهنجي دل ۾ خيال آيو ته شايد رات واري واقعات جي اُنهن کي خبر پيئي آهي. مون ان جو ذڪر ٿي ڪيو ته ٻيبي حشمت چيو، "رات جو مرشد مهربان جو ديدار ٿيو هو، اُنهن فرمايو ته مولوي صاحب کي پاڻ سان مون وٺي اچجو. مون مولوي صاحب کي سمجهائي ڇڏيو آهي." اسين سڀ ڏيري کان ڪجهه مفاصلي تي هئاسين ته حضور مهاراج جن ٿورن ستسنگين سان ايندا ڏٺاسين. ڏانهن نهاري ڏٺم ته ڏسنديئي دنگ رهجي ويس. اُهائي سفيد ڏاڙهي، لنبو قد ۽ سفيد پوشاڪ هئن. پرسان اچڻ تي مونکي ڏسي مشڪيائون ۽ فرمايائون ته مولوي صاحب! توهين اچي ويا، ڏاڍو سٺو ٿيو.

ٻيبي حشمت ۽ سندس پتي مهاراج جن اڳيان سجدو ڪيو ليڪن مهاراج جن پنهنجي هٿيا ۽ فرمايائون، "مان ڪنهن

گهر جلايا پئي ويا، پر حضور جن مونکي اهڙو حوصلو ۽ وشواس ڏياريو هو ۽ منهنجي اهڙي سنڀال ڪئي جو مونکي ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءُ ڪونه ٿي ٿيو. مون ائين محسوس پئي ڪيو ته ڪا طاقت لوهه جي ڍال وانگر منهنجي شرير ۽ پراڻن جي رکيا ڪري رهي آهي. مان بلڪل بي خوف ريل رستي لائلپور مان ٽينڊو جهنگ پهتس. اتي به گوڙ شور لڳو پيو هو. ١٥ آگسٽ تي پاڪستان ٺهيو. مون هندستان ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ لکي ڏنو. ١٥ آگسٽ گذري ويئي. پر مونکي بالا عملدارن وٽان ڪو به حڪم ڪونه مليو ته ڇا ڪريان ۽ ڪيڏانهن وڃان. جهنگ ضلع ۾ هنسا، لوٽ مار باهيون ڏيڻ ڪري مونکي پنهنجي جان بچائڻ مشڪل ٿي پيئي.

مان سيشن هائوس ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي بنگلي پرسان هڪ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هوس. هٿيارن سان مان پنهنجي مڪان جي اندر بند هوس ۽ ڏسڻ لڳس ته منهنجو نصيب مونکي ڪٿي ٿو وٺي وڃي. هاڻي ته پوليس جا جوان به لٽ مار ۾ لڳي ويا هئا. ٢٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي صبوح جو منهنجي مڪان تي هڪ هندو سپاهي آيو ۽ پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته سندس پتني ۽ ٻار ڏاڍي خطري ۾ آهن. انهن جي حياتي بچائي وڃي. مون انهن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي مڪان جو دروازو ٿورو کوليو. منهنجو دروازو ٿورو کولڻ ۽ مسلمانن جو هڪ وڏو ٽولو منهنجي مڪان ۾ گهسي آيو، انهن وٽ لٺيون، تلوارون، ۽ ٻيا خطرناڪ هٿيار هئا. انهن منهنجي مڪان کي لٽڻ ڦرڻ شروع ڪيو. ٻه ڪانسٽيبل جي منهنجي زير رهي چڪا هئا مون ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳا ته ڀريائين هن سک کي ختم ڪريو. ان وقت منهنجا هوش حواس ٿي اڏامي ويا. ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي

ٺڪو ڪري سگھجي. پر اُنهن جي خاص ديا مهر جي هڪ ساکي هتي لکان ٿو.

هيءَ ڳالهه ان وقت جي آهي جڏهن پارٽ جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان ٺهيو. ان وقت مان جهنگ، شهر ۾ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر پوليس جي عهدي تي مقرر ٿيو هوس. جهنگ ضلع ۾ ان وقت جيڪي قرلت، مار ڪٽ ۽ خون خرابيءَ جون واوداتون ٿيون اُنهن جي هتي لکڻ جي ضرورت ڪونه آهي. مان جولاءِ ١٩٤٧ جي آخرين هفتي ۾ ٿورن ڏينهن لاءِ موڪل وٺي حضور جن جي چرنن ۾ حاضر ٿيو هوس. ٻار ٻچا به مون سان گڏ هئا. ديش جي حالت خراب ڏسي مون حضور جن کي عرض ڪيو ته نوڪريءَ تي واپس جهنگ وڃان يا نه؟ حضور جن ڪجهه سيڪنڊن لاءِ اکيون بند ڪري ۽ ڪجهه سوچي حڪم ڏنو، ”چڱو، جيڪي ٿيڻو آهي تنهن کي ڏنو ويندو. نوڪريءَ تي وڃ ليڪن ٻار ٻچا پاڻ سان نه وٺي وڃج. هميشه گروءَ کي ياد رکج. تنهنجو وار به ونگو نه ٿيندو.“ حضور جن جو اهو مون کي آخرين درشن هو. هاءِ! هاءِ! جيڪڏهن ان مهل اها خبر هجي ها ته حضور جن کي جلد ئي هن مرتيو لوڪ مان وڃڻو آهي ته ڪڏهن به سندن پوتر چرنن کان دور نه ٿيان ها، پوءِ نوڪريءَ جو ڪٽڻي ڇا به ٿئي ها.

مان ڏيري مان روانو ٿي موگا پهتس. گھروارن ڏاڍو ضد ڪيو ته اسين به جهنگ هلنداسون. پر مون حضور جن جي حڪم جو پالن ڪندي اُنهن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ کان صاف انڪار ڪيو. موگا مان اڪيلو روانو ٿيس ۽ بس ذريعي فيروزپور کان ٿيندو لاهور پهتس. شهر ۾ سناٽو ڇانيو پيو هو. بزار بند هئي لاهور هڪ اُجڙيل بستيءَ وانگر پئي لڳو. لٽ مار ۽ دنگا فساد ٿي رهيا هئا ۽ ماڻهن جا

جي از حد ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيو. اهو ايس- پي مون تي ڏاڍو مهربان هو. مون ان سان گڏجڻ جي خواهش ڏيکاري پر مون کي ان سان گڏجڻ جو موقعو ئي نه ڏنو ويو.

جيل ۾ مون کي جيڪي به مون تڪليفون هيون سي ته برابر هيون پر چانهه کان سواءِ ڏاڍي پريشاني ٿي پيئي. مان چانهه پيئڻ جو ڏاڍو عادتي هوس، ڏينهن ۾ ٻه ٽي پيرا ته ضرور پيئندو هوس. هينئر چانهه نه ملڻ سبب اهڙو حال ٿيو جو بيان نه ٿو ڪري سگهان. صبوح جو چانهه نه ملندي هئي ته قبضي ٿي پوندي هئي. مون جيل جي آفيسرن کي وينتي ڪئي ته منهنجي آگسٽ مهني جي پگهار گهرائي منهنجي خرچ تي مون کي چانهه ڏيندا ڪريو. پر انهن ڏينهن ۾ ڇا هندو ڇا مسلمان سڀني ۾ همدردي ۽ انسانيت جي ڀاونا ختم ٿي چڪي هئي. چانهه نه ملڻ ڪري سڄو ڏينهن طبعيت ڍلي رهندي هئي. تندرستي به بگڙڻ لڳي ۽ سنڌن ۾ سوُر ٿيڻ لڳو. پر شڪر آهي جو هن قيد سبب چانهه جي خراب عادت ڪجهه وقت کان پوءِ ڇڏائجي وئي.

منهنجي هڪ دوست، مسٽر رائن کي منهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. هن مون کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه نه وريو. ڪجهه وقت تائين ته مون کي اها اميد هئي ته اولهه پنجاب ۾ پنهنجا مٽ ۽ لائلپور ۾ رهندڙ رشتيدار منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ ايندا پر سڄي پنجاب ۾ دنگا ۽ فساد شروع ٿي ويا هئا ۽ هندو ۽ سک، پاڪستان مان ۽ مسلمان هندوستان مان جانيون بچائي ڀڄي رهيا هئا. آهستي آهستي منهنجي جيل مان نڪرڻ جي اميد به ختم ٿي وئي. مون کي ٻڌايائون ته خون جي ڏوهه جو تسوتي مقدمو هلندو. ڏاڍي چنتا ۽ پريشانيءَ ۾ ڏينهن پئي گذريا. هاڻي حالت اها ٿي جو نه

ته ڪريان ته ڇا ڪريان ۽ ڪيئن جان بچايان؟ ان مهل ستگرو دين ديال جن جو سروپ منهنجي سامهون ظاهر ٿيو ۽ فرمايائون ته سرڪاري پستول تو وٽ آهي، اهو ڪڍي سيني کي ڀيڇاري ڇڏ. تنهنجو وار به وانگو نه ٿيندو.

مان هڪ ميز تي چڙهي ويٺس. پنهنجو سرڪاري پستول ٿاڻي للڪار ڪري چيم، "هليا اچو! مرڻ کان اڳ توهان مان هڪ ڏهن ماڻهو ماري ڪري پوءِ مرندس" هڪ ٻه فاير اُنهن جي پيرن ۾ ڪيم. گولي چنڊ سان لڳي اهو سمورو ٽولو وٺي ڀڳو. ڏاڍو نازڪ موقعو هو. مون وري مڪان جو دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو. ٻن ڪلاڪن بعد فوج جو هٿيار بند دستو آيو ۽ منهنجي مڪان کي گهيرو ڪري ڇڏيائون. ان فوجي دستي جو آفيسر هڪ بلوچي ڪرنل هو اُنهي منهنجا هٿيار کسي ورتا ۽ چيو ته توکي قلم ٣٠٢ هيٺ خون جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو وڃي ٿو. مون کي سڌو جيل ۾ وٺي ويا ۽ هڪ ٻئرڪ ۾ اڪيلو بند ڪري ڇڏيائون. مان حيران ٿي ويس ته ڇو مون کي قيد ڪيو ويو آهي. بعد ۾ معلوم ٿيو ته منهنجي گهر لٽيندڙن کان ڪو لاش آڻي آفيسرن اڳيان رکيو هو ۽ منهنجي خلاف اُن جي قتل جو الزام لڳايو ويو. مون ان سموري گهٽنا جي رپورٽ لکي ڪري پنهنجي ايس پي (سپرنٽينڊنٽ) ڏانهن موڪلڻ لاءِ پيش ڪئي پر پوءِ خبر پيئي ته رپورٽ ايس- پي صاحب کي پهتي ڪونه هئي.

اُنهن ڏينهن ۾ ضلع جو ايس- پي مسٽر جي وائن هڪ شريف ۽ نيڪ انگريز شخص هو. دنگا فساد شروع ٿيڻ کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ، ان کي آءِ جي پوليس ڪنهن ضروري ڪم سان لاهور گهرايو هو ۽ هو ٽون ڏينهن تائين اُتي مشغول رهيو. موٽي اچڻ تي هن دنگا فساد روڪڻ

منهنجي سامهون ظاهراڻ ظهور بيٺا آهن. سندن نيٽرن مان
پريم جا نوري ڪرڻا نڪري رهيا هئا. پنهنجي مٺڙي آواز
۾ فرمايائون، "گهٻرائڻ جي ڪا به ضرورت ڪونه آهي.
سڀ ٺيڪ ٿي ويندو." ائين چئي هڪدم الوپ ٿي ويا. مان
حيران ٿي ويس ته ڳالهه ڇا آهي. مان سمهيل به ڪونه هوس ان
ڪري اهو سپنو به ڪونه هو. خير ان گهٽنا سبب مون کي
ڌيرج آيو ۽ گهٻراهٽ دور ٿي ويئي ۽ دل ۾ شانتي محسوس
ڪيم. اهڙي نموني جيل ۾ ڏينهن گذرندا رهيا. دک ۾
گرو ڏاڍو ياد ايندو آهي. جڏهن گرو ياد آيو ته پوءِ
دک درد ڪٿي ٿو رهي سگهي! جيل ۾ مون کي 'سي'
ڪلاس مليو هو. هڪ ڏينهن قدرت سان ڊپٽي ڪمشنر،
پوليس سپرنٽينڊنٽ ۽ هڪ راڄڪيه ميمبر سيد يوسف شاهه
ٻئريسٽر جيل ڏسڻ آيا. جڏهن مون وٽ آيا ته ايس-پي
چيو ته هي ماڻهو ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس هو ۽ هڪ
نيڪ ۽ لائق آفيسر هو. هن کي گهٽ ۾ گهٽ "بي" ڪلاس
ته ملڻ گهرجي. ان تي نيٺ سهمت ٿيا ۽ مون کي "بي"
ڪلاس مليو. اهو به منهنجي ستگرن جي ڪرپا سان ٿيو.
نه ته جيڪر "سي" ڪلاس ۾ ئي پيو هجان ها. دهليءَ
جي مشهور سرجن ڊاڪٽر جوشيءَ کي ڊاڪٽر قريشيءَ
نالي هڪ شخص گولي هڻي ماري وڌو هو. ڊاڪٽر قريشيءَ
کي ڦاسيءَ جي سزا ملي ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ به سزا قائم رکي
ويئي. پاڪستان سرڪار ان کي بچائڻ ٿي چاهيو. هڪ ڏينهن
سيد يوسف شاهه آيو ۽ ٻڌايائين ته قيدين جي مٽاسٽا جون
ڳالهيون پيئون هلن. ٿوري وقت ڪانپوءِ خبر پيئي ته ٻنهي
سرڪارن قيدين جي مٽاسٽا جو فاهه ڪيو آهي ۽ اسان کي
جلد ئي هندستان موڪليو ويندو. مان ڏاڍو خوش ٿيس.
خوشيءَ ۾ من ڦوليو نه ساماڻجي. سڄي شرير ۾ خوشيءَ جي

هو ڪو دوست نه مددگار، نه مٽ مائٽ، نه ڪو پريمي، نه ڪوئي مهربان. چوڌاري اونداهه ئي اونداهه هو. جيل مان ڇوٽڪارو يا جان بچائڻ جو ڪوبه اُپاءُ ڪونه هو. مان ايترو ته گهٻرائجي ويس جو ڪجھ ڇئي نه ٿو سگهجي. مون جيل جي آفيسرن کي پرارٿنا ڪئي ته مونکي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. جواب مليو ته تنهنجو عدالت ۾ پهچڻ مشڪل آهي ڇو ته رستي ۾ ئي ماڻهو توکي ماري ڇڏيندا. وڌيڪ مان ڇا ٿي ڪري سگهيس؟ روئي روئي پرماتما کي پرارٿنا ڪندو رهيس ته هي مالڪ! هاڻي هن زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏي!

ستگرن جي ديا سان مونکي نام ته ١٩٣٦ ۾ مليو هو پر نه مون پڄن ڪيو هو نه اندر ڪا رسائي ٿي هئي. سرت سمٽي ڪيئن جڏهن سمرن پڄن ۾ مون ايتري لاپرواهي ۽ گروءَ جي حڪم جي انحرافي پئي ڪئي. ان وقت دل ۾ ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ ڇيم ته ڏڪار آهي اهڙي زندگيءَ تي جو مون اهڙن مهان ستگرن جي ڪابه شيوا نه ڪئي، نه انهن سان پيار ڪيو ۽ نه سندن حڪم جي تعميل ئي ڪئي. موت سامهون نظر اچي رهيو هو. پر هاڻي پڇتائڻ مان ڪهڙو فائدو! مون هيل تائين ته سڀ ڪجھ پنهنجي من ۽ بڌيءَ انوسار پئي ڪيو. گرو جن جي ديا مهر ۽ ڪرپا جي مون کي ڪهڙي ڄاڻ هئي!

سيپٽمبر جا آخرين ڏينهن هئا. مان رات جو پنهنجي ٻئرڪ ۾ ڏاڍو ڏکي ۽ پريشان ويٺو هوس، ننڊ جو ته نالو به ڪونه هو. گهري چنتا ۽ سخت گهٻراهٽ جي حالت ۾ مان مٽيءَ جي چبوتري تي ليٽيو پيو هوس ۽ دل ۾ زار زار روئي رهيو هوس ۽ ڏاڍو ڏکي هوس. اوچتو ڇا ٿو ڏسان ته حضور مهاراج جن پنهنجي موهيندڙ ۽ سندر سروپ ۾

هڪ ٻي سهاري وڏوا جهڙپ تي ويئي.

۴ اپريل ۱۹۴۸ع اچي ويئي. ڪيترن قيدين کي هندستان موڪلڻ لاءِ جيل خاني کان ٻاهر ريلوي اسٽيشن تي پهچايو ويو پر انهن ۾ منهنجو وارو ڪونه هو. انهن جي گاڏي اٽڪل ۸ بجي رواني ٿي ويئي. ڏينهن جو ۱۰ بجي ڌاري جيل جي آفيسرن مونکي ۽ ڪيترن ٻين قيدين کي حڪم ڏنو ته فورن تيار ٿي وڃو. توهان سڀني کي هندستان موڪليو ويندو. چيف سيڪريٽريءَ جي خاص سفارش توهان لاءِ آئي آهي. اسانجو کاڌو تيار پئي ٿيو ۽ تيار ٿيڻ تي هو پر اسان رڌل پڪل کاڌو اُتيئي ڇڏيو ۽ چيوسين ته هاڻي کاڌو به وڃي هندستان کائينداسين. منهنجي من ۾ هڪ ٻه دفعو اهو خيال ضرور ٿيو ته ستگرو مهاراج جن جا وچن ته ڪجهه ٻيا ئي هئا. پر جا ڳالهه من جي خواهش جي خلاف هوندي آهي ته من ان کي ڪنهن نه ڪنهن بهاني رد ڪندو آهي. جيل جي ڏيوڙهيءَ ۾ اچي اسين هلڻ لاءِ انتظار ڪري رهيا هئاسين. هتي اچي جيل جي وارڊن جي حرڪتن ۽ اُنهن جي اشارن ۽ چهرن مان اسانکي شڪ پئجي پيو ته دال ۾ ڪجهه ڪالا هئي. ان سان گڏ حضور جن جا وچن به ياد آيا ته اجا اٽڪل هڪ سال وڌيڪ جيل ۾ رهندين. مون پنهنجن ساٿين کي چيو ته ڪجهه هيرا ڦيري ٿيڻ جو انديشو پيو معلوم ٿئي. اُنهن سڀني وٽ مونکي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چوڻ لڳا ته پوليس وارا هميشه وهمي ٿيندا آهن. خير، انتظار ڪندي شام جا ٦ لڳي ويا تڏهن وڃي قيدين کي وٺي وڃڻ لاءِ هڪ لاري آئي. اسانکي ان لاريءَ ۾ بند ڪيو ويو ۽ ٻڌايائون ته اها لاري اسانکي سڌو هندستان وٺي ويندي. ان ۾ پنج قيدي اڳ ئي ويٺا هئا. اُنهن کي سينٽرل جيل مان آندو ويو هو. منهنجا ساٿي خوشيءَ ۾ ڦوليا نه سمائجن پر

لهر ٻوڙي ويئي. ۲ يا ۳ نومبر ۱۹۴۷ تي سج لهڻ بعد مان روز وانگر پڙهڻ ۾ ويٺي رهيس. ٿوري دير بعد هن دفعي وري به اچانڪ حضور مهاراج جن درشن ڏنو ۽ فرمايائون، ”اڃا به اٽڪل هڪ سال تائين جيل ۾ رهڻو پوندو.“ اهو حڪم فرمائي حضور جن الوپ ٿي ويا. هن دفعي به منهنجي سرت ڪونه سمجهي هئي. حضور جن هڪ عجيب حالت پيدا ڪري درشن ڏنو هو. جلد ئي پنهنجي ملڪ پهچڻ جي خوشي ختم ٿي ويئي پر ستگرن جي درشن جي خوشي گهٽ نه هئي. حضور جن جي موج تي راضي رهيس. ڏينهن گذرندا ويا. مون ڪيترائي خط حضور مهاراج جن ۽ گهر وارن کي لکيا پر ڪنهن وٽان به جواب ڪونه آيو.

ٻنهي سرڪارن جا آفيسر مٽا سٽا جي فهرست تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويا. مارچ جي آخر ۾ فيصلو ٿيو ته ۴ اپريل ۱۹۴۷ کان مٽا سٽا شروع ٿي ويندي. ان وچ ۾ مون کي مهاراج جن جو هڪ خط مليو جنهن ۾ لکيل هو، ”مون تنهنجي سڀني خطن جا جواب ڏنا آهن. جيڪڏهن نه مليا آهن ته ڪا به چنتا نه ڪج. مالڪ تي ڀروسو رکي ۽ پڙهڻ سمرن ڪندو رهج“ اهو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. مارچ ۱۹۴۸ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ ميجر سردار سنگهه مون سان گڏجڻ آيو. انهيءَ ٻڌايو ته حضور جن ڏاڍا بيمار آهن. انڪري منهنجي من ۾ ڏاڍي چنتا پيدا ٿي ويئي. ۳ اپريل تي منهنجو مٽر ڊاڪٽر ديوراج هاندا مون سان گڏجڻ لاءِ بوسٽرل جيل لاهور ۾ آيو. انهيءَ حضور جن جي چولي ڇڏڻ جي دردناڪ خبر ٻڌائي. منهنجون سڀ اميدون مٽيءَ ۾ ملي ويون. مان محسوس ڪرڻ لڳس ته مان صفا تباهه ٿي ويو آهيان، هينئر منهنجو ڪو به همدرد ۽ مددگار نه رهيو. منهنجي حالت

ٻانواٻول لڳو ٿي پيو هوندو هو. اُنهيءَ ڏينهن اِن رحمت پُرنَي شبد منهنجو سمورو دک، درد دُور ڪري ڇڏيو ۽ اِن ڪانپوءِ ڪنهن به وقت منهنجي من ۾ ڪا به چنتا پيدا ڪونه ٿي. مونکي حضور مهاراج جن جي پوٽي سردار نگيندر سنگهه ”گرمت سڌانت“ ۽ ”شبد کي مهما ڪي شبد“ نالي ٻه ڪتاب موڪليا جي مان شوق سان پڙهندو رهيس.

مون حضور مهاراج جن جي هڪ ستسنگ ۾ ٻڌو هو ته ستسنگيءَ کي پنهنجي ستگروءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان مٿو نيڪڻ نه گهرجي. مون کي اها خبر ملي هئي ته حضور مهاراج جن سردار بهادر جگت سنگهه جن کي پنهنجو گدي نشين مقرر ڪيو آهي پر مون سوچيو ته منهنجا گرو ته هليا ويا، هاڻي مونکي بياس وڃي ڇا ڪرڻو آهي. اُتي هاڻي منهنجو ڪير آهي ۽ هوُ پنهنجو جانشين ته مقرر ڪري ويا آهن پر هيءُ سر جو حضور جن جي چرنن ۾ جهڪيو آهي سو ڪنهن ٻئي جي اڳيان ڪيئن جهڪندو؟ مان پنهنجي گروءَ کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان مٿو نه نيڪيندس. سو خيال پئي ڪيم ته جڏهن منهنجو پريتم ئي هليو ويو ته مان به ان سان گڏ مري مٽجي ويس ۽ منهنجو پريم به ويو.

اڪثر محمد بوٽا جو هي شعر پڙهندو هوس:-

”هامن غمان داکؤن هووي اِکو يار دردي سو پي نس گيا.
پئي بندگي نه قبول ميري، سجدا ڪر ديان مٿڙا گهس گيا.
ڪيتي لک هزار تي ڪئي ترلي جاني اک نه دلي دي دس گيا.
محمد بوٽا بي پرواه سوهنا سانون روندياں ديک کي هس گيا.

(مطلب ته منهنجي غم کي دور ڪرڻ وارو هاڻي ڪير هو جڏهن منهنجي ڪشت کي جاڻڻ وارو هڪ ئي پريتم هو اُهو به ڇڏي ويو. سجدو ڪري منهنجو مٿو گسي ويو ليڪن منهنجي بندگي ان جي در تي قبول نه پيئي.

مان ڪجهه نراس هوس ۽ سوچي رهيو هوس ته گروءَ جا وچن ڪيئن ڪوڙا ٿيندا؟ لاري جهي ٽي روڊ تان ٿيندي راويءَ جي پل تي چڙهي ۽ اولهه طرف هلڻ لڳي. منهنجا ساٿي روئڻ لڳا. انهن کي شڪ پيو ته اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ پيا وٺي وڃن. مون ڪالهه ڏنو ۽ انهن کي تسلي ڏني ته چنتا نه ڪريو. هڪ سپاهي جو ڪنهن وقت منهنجو زيردست هو تنهن ٻڌايو ته اسان کي راولپنڊيءَ جي سينٽرل جيل ۾ ٿا وٺي وڃن. ڊاڪٽر قريشي ۽ ڪي ٻيا مسلمان قيدي اڳ پاڪستان ڪوٺيا پهتا آهن. اسان کي انهيءَ وقت ڇڏيندا جڏهن ڊاڪٽر قريشي هتي پهچي ويندو. اڌ رات ڌاري اسين ٿڪايل ۽ اڃايل سينٽرل جيل راولپنڊي پهتاسين. رات جو اسان کي جيل جي اسپتال ۾ رکيو ويو. صبوح جو اسان کي ٻيا به هندو ۽ سک قيدي گڏيا. اهي به جلد هندستان وڃڻ جي آس رکي ويٺا هئا. اسان جي اچڻ سان انهن جي دلين ۾ ڀروسائي جاڳي پئي ۽ ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته قيدين جي ادلي بدلي جلد ٿيڻ واري ڪونه آهي. ۵ اپريل تي اسان کي جيل جي تنگ ۽ انڌيري ڪوٺڙين ۾ بند ڪيو ويو. اسين سڀ ڏاڍا دکي هئاسين. اسان جي حالت انهيءَ پکيءَ جهڙي هئي جو شڪاريءَ جي ڄار مان نڪري ورڻي اچي ان ۾ ڦاسندو آهي. انهيءَ رات جو جڏهن مان سمهي رهيو هوس تڏهن حضور جن هڪ عجيب ڪرپا ڪئي. مون کي هيل تائين خبر ڪونه هئي ته شبد ڌن جو آواز ڪهڙو ٿيندو آهي ۽ ان جو اصل ٺڪاڻو ڪٿي آهي. انهيءَ رات جو وڏي گهڙيال يا گهنڊ جو گونجندڙ آواز خود بخود مستڪ ۾ اندر ٻڌڻ ۾ آيو. هن ۾ مون ته ڪا به ڪوشش ڪونه ڪئي، نڪو ڪو حصو، جنهن کي پرارٿنا ڪئي. مان روزانو نيم انوسار ڀڄن ۾ وهندو ته هوس ليڪن من ته

ٻيو ته خط لکيم ته شبد ٻڌڻ ۾ نٿو اچي ۽ نه ئي ڀڄن ۾ من ٿو لڳي. حضور جن وٽان جواب آيو ته سمرڻ ڀڄن بنا ڪنهن ناغي ڪندو رهه. اهو خيال نه ڪر ته شبد ٻڌڻ ۾ اچي ٿو يا نه، مالڪ جڏهن ٺيڪ سمجهندو ۽ جڏهن واجب سمجهندو تڏهن اهو ڪم پاڻيهي ٿيندو. پوءِ ڪجھ وقت لاءِ اسانکي واپس بورسٽل جيل لاهور ۾ رکيو ويو. آخر ٣ يا ٤ نومبر ١٩٤٨ تي اسانکي لاهور مان فيروزپور آندو ويو ۽ اتي اسان کي آزاد ڪيو ويو. مان مٿي لکي چڪو آهيان ته جھنگ جيل ۾ حضور جن درشن جي بخشش ڪري فرمايو هو ته اجا هڪ سال توکي جيل ۾ رهڻو پوندو. اهي وچن نومبر ١٩٤٧ ۾ فرمايائون ۽ مان نومبر ١٩٤٨ ۾ هڪ سال بعد آزاد ٿيس.

هتي اهو ٻڌائڻ ٺيڪ ٿيندو ته جيل جا ڪرمچاري ڪيترا ڀيرا چوندا هئا ته هن سک کي گرفتار نه ڪرڻ کپندو هو. هن کي گرفتار ڪرڻ کان ئي اڳ ماري ڇڏڻ کپندو هو. پر "واڪي رام ماري ڪوڻ؟" هيءَ ته ستگورن جي اپار ديا مهر هئي جو مونکي جيل ۾ آندو ويو ۽ ان سبب منهنجي جان بچي ويئي.

فيروزپور کان مان سڌو بياس حضور سردار بهادر مهاراج جن جي پوتر چرنن ۾ مٿو ٽيڪڻ لاءِ پهچي ويس، ڀاڳ، مان سندن درشن ٿيو. حضور جن مون سان ڏاڍي ديا ۽ ڪرپا سان گڏيا. ايترو ته پيار ڏنائون جنهن جو ورنن نٿو ڪري سگهان. شام جو مان ستسنگ ۾ حاضر ٿيس. اها ٥ نومبر ١٩٤٨ جي ڳالهه آهي. حضور سردار بهادر صاحب جن ستسنگ شروع ڪيو مان بلڪل سامهون ويٺو هوس. ڇا ٿو ڏسان ته تخت تي سردار بهادر جڳت سنگهه مهاراج جن جي بدران حضور بابا ساون سنگهه مهاراج جن ديهه سروپ ۾ براجمان هئا. مان حيران ٿي ويس. اکين ۾ آنسون ڀرجي آيا. ان

مون لکين هزارين پرارٿنائون ڪيون، ورلاپ ڪيا ليڪن پريتم دل جي ڳالهه نه ٻڌائي ويا. محمد ٻُڌا چوي تو ته هوُ سهڻو بي پرواهه پريتم مونکي رئندو ڏسي کلندو هليو ويو،

حضور جن جي وڇوڙي جو خيال هميشه ٿيندو رهندو هو پر ٻيو ڪو چارو نه ٿي ڪونه هو. سوچيم ته گروءَ جي اينترين مهربانين هوندي به ديهه سروپ جو لاڀ ورتم ۽ نه سندن حڪم جو پالن ڪيم. اهو ڏک مونکي هر وقت هميشه ستائيندو رهيو. هڪ رات جو ٣ بجي روز وانگر ڀڄن ۾ ويٺس پر منهنجي حالت ئي عجيب ٿي ويئي. حضور مهاراج جن پنهنجي نوري سروپ ۾ ظاهر ٿيا. انهن جي مک جي چوڌاري پرڪاش منڊل هو جنهن مان ڪرڻا نڪري رهيا هئا. چمڪندڙ جوتيءَ ميه پوشاڪ هئن ۽ سندن روم روم مان روشنيءَ جا ڪرڻا نڪري رهيا هئا. ڪافي دير تائين مون هيءُ سهڻو ڪشش ڪندڙ نظارو ڏٺو. پوءِ اهو سروپ آهستي آهستي بدلجڻ لڳو ۽ سردار بهادر جڳت سنگهه جن جي جوتي ميه سروپ ۾ بدلجي ويو. ان وچ ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن پنهنجي پوتر مک مان وچن فرمايا، "هيءُ شرير به منهنجو ئي آهي. ڏس! دوکو نه کائج" ڪجهه دير بعد اهو نظارو ختم ٿي ويو. مونکي بيحد خوشي ٿي. صبوح ٿيندي ئي هڪ خط لکي، سردار بهادر مهاراج جن کان معافي گهريم ۽ ان ۾ سمورو ورتانت لکي موڪليم ۽ هڪ جدا خط سردار ڀڳت سنگهه (حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا سپتر) کي به لکيم. هاڻي حوصلو بلند ٿيو. مان ڏاڍو خوش ٿيس منهنجو رنگ ئي بدلجي ويو. منهنجو نصيب کليو هو. ڏک، درد ئي وسري ويم. هاڻي اها ئي ڪامنا يا منشا هئي ته جلد وڃي حضور سردار بهادر جن جي چرنن ۾ متو ٽيڪيان. سردار بهادر مهاراج جن کي وري

گهڻو وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ گذارڻ لڳو. ڳوٺ ۽ آسپاس ۾ ماڻهن کان سامان ۽ روپيا کسڻ، ڌاڙا ڌمڪيون ڏيڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ ته هن جو روزانو ڌنڌو ٿي پيو هو. بدن ۾ رشت پشت ۽ سياهه ۾ بي ڌڙو ته هوئي، ماڻهو ٻه هن کان ڊڄڻ لڳا. انهن حرڪتن جي ڪري ئي ته هو ستگرن جي شرڻ ۾ آيو. ڪيترا دفعا ٻياس ويندڙ واٽهڙن کي به ميان شادي رستي ۾ پريشان ڪندو هو ۽ انهن کان سامان ستڙو ڪسيندو هو. هڪ ڏينهن ڀائي ميلارام ستسنگيءَ حضور مهاراج جن اڳيان عرض ڪيو ته ڏاڙيوال ڳوٺ کان ايندڙ سنگت کي هڪ بدمعاش نوجوان ڏاڍو پريشان ڪري رهيو آهي. ان تي مهاراج جن فرمايو ته وري جي ڪا شرارت يا حرڪت ڪري ته ڇڏيوس ته ڏيري ۾ اچي.

تورن ڏينهن کان پوءِ ميلارام ڏيري ڏانهن اچي رهيو هو. رستي تي ڀائي شادي گڏجي ويس. هو ڪيس بيهاري سامان ڦرڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ميلارام چيس، ”مان ته هڪ ڪمزور انسان آهيان. تنهنجو مقابلو ته ڪري نٿو سگهان. جيڪڏهن مقابلو ڪرڻو اٿيئي ته ڏيري ۾ منهنجي گروءَ وٽ هليو اچ. اُهي تمام طاقت وارا آهن.“ ڀائي شادي هن جو چئلينج هڪدم قبول ڪيو ۽ ڏيري وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪڙي ڏينهن ڀائي شادي سنيالا ڳوٺ مان ڪشتي ڏسندو واپس پئي آيو ۽ ڏيري جي پرسان لنگهيو ته ڀائي ميلارام جو چئلينج يا للڪار ياد آيس. پنهنجي ساٿين سان گڏ ڏيري آيو. ان وقت لئبرريءَ پرسان هڪ ننڍي ميدان تي ستسنگ پئي ٿيو. پنهنجن ساٿين سميت هو به اُتي ويهي ستسنگ ٻڌڻ لڳو. جڏهن ستسنگ سماپت ٿيو ته سڀ لهڻ تي هو. ڏاڙيوال ڏيري کان ٥-٦ ميل پري هو، ان ڪري شاديءَ جا ساٿي

سان گڏ اهڙي خوشي ۽ پرسنتا تي جا بيان ڪري نٿي سگهجي. ٻين ڪيترن ئي سنسنگين ۾ اهو نظارو ڏٺو. بعد ۾ ڪن ٻين موقعن تي ۾ اهڙا نظارا ڏسڻ ۾ آيا.

سردار ڀڳونت سنگهه صاحب سان گڏجڻ تي پتو پيو ته منهنجو خط ڪيس مليو هو ۽ هن اهو سنسنگ ۾ پڙهي ٻڌائڻ تي چاهيو پر سردار بهادر مهاراج جن ڪيس ائين ڪرڻ نه ڏنو ۽ خط وٺي پاڻ وٽ رکيائون.

تاريخ ١٥-٤-١٩٤٩ گرديال سنگهه

ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس

حصار.

١٠- ڏيري جا شيوڪ ۽ شيوڪائون

ا- ڀائي شادي:-

ڀائي شاديءَ جو جنم ڏاريوال ڳوٺ جي هڪ نندي مسلمان ڪٽنب ۾ ٿيو هو. ٻالپڻ ۾ ئي هن کي ڪشتي لڙڻ ۽ ڪسرت ڪرڻ جو شوق هوندو هو. ڪيس ڪشتي سيکاريندڙ پهلوان انهيءَ شرط تي شش بڻايو ته ڳوٺ کان باهر سڀني ۽ عورتن جي سنگ کان پري رهي. هن سڄي عمر وواهه نه ڪيو. هن کي شروع کان ئي مشين جي ڪم جو شوق هوندو هو. هوتي مردان ۾ هن ٿوري وقت لاءِ هڪ پل جي ٺهڻ وقت هڪ انگريز آفيسر هيٺان ڪم ڪيو، ۽ مڪينڪ جو ڪم سکيو هو. پوءِ امرتسر ۾ هڪ مسلمان مستريءَ وٽ تيل جي انجڻين تي ڪم ڪندو هو. اُتي ڪم ڪري هو هڪ سنو مستري ٿي پيو هو. جڏهن به هو پنهنجي ڳوٺ ايندو هو ته جهڳڙالو ڇوڪرن سان گڏ پاڻ به اُڌم يا جهيڙو فساد ڪندو هو. ٢٠-٢٢ سالن جي عمر کانپوءِ

جواب ڏنو تہ سندس ڳوٺ پرسان آهي توريءَ دير ۾ پهچي ويندا.

شاديءَ مهاراج جن سان ڪجھ بہ نہ ڳالهايو پر ستگرن جو ڪشش ڪندڙ سروپ من ۾ سمائجي ويو هوس. ڳوٺ ۾ آرام ڪونہ آيس ۽ ٻن ڏينهن کانپوءِ ڪنهن کي بہ ٻڌائڻ کانسواءِ ٿي هو ڏيري پهچي ويو ۽ اُتين آيو جو وري واپس نہ ويو. ان وقت شاديءَ جي عمر ٢٣-٢٤ سال هئي. شام جو ستسنگ ٻڌائين. حضور جن ستسنگ ۾ فرمايو تہ جيڪي ماڻهو پرائو ڌن، مال ملڪيت لٽين ٿا، ڦرين ٿا اُنهن کي سزا ڀوڳڻي پوي ٿي ۽ پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙڻو پوي ٿو. ستسنگ ۾ سمورو وقت شاديءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. ٻئي ڏينهن حضور جن کان نام دان گهريائين. حضور جن کيس نام دان بخشيو. نام ملڻ سان ڀائي شاديءَ جي ڪايا ئي پلٽجي ويئي. اُٺ پهر ڇانڊ بدوان هن ۾ پريم ۽ ديننا اچي ويا. چڱو اڀياس ڪرڻ لڳو ۽ هميشه حضور جن سان گڏ رهندو هو.

هڪ دفعي ڳوٺ مان خبر آيس تہ سندس ماءُ بيمار هئي. ڀائي شادي ماتا جي خبر لهڻ لاءِ هليو پر اڌ رستي تان واپس آيو. جنهن ڏينهن کان هو ستگرن جي چرنن ۾ آيو هو تڏهن کان سڀ ڪجھ ڇڏي آيو هو. هنڪي ستگرن کان هڪ ڏينهن بہ پري رهڻ منظور نہ هو. تنهنڪري هو واپس موٽي آيو. رات جو ڀائي شادي حضور جن جي ڪمري جي دروازي ٻاهران سمهندو هو. اُن رات حضور جن کيس سڏ ڪيو ۽ فرمايائون ”شادي تنهنجي ماتا چولو ڇڏي ويئي آهي. ستگرن ان جي سنڀال ڪئي آهي.“

ڀائي شادي هڪ سنو مستري ۽ مڪينڪ هو. ليٿ مشين آئل انجڻ ۽ ٽرئڪٽرن کي هلائڻ، مرمت ڪرڻ ۾ هوشيار

موٽي هلڻ لاءِ تڪڙ ڪرڻ لڳا. پر مهاراج جن جو درشن ڪري شاديءَ جي ته حالت ئي بدلجي ويئي هئي. مهاراج جن سان ملڻ لاءِ مرضي ٿيس. پنهنجي ساٿين کي چيائين، ”ولي الله سائين جي دربار ۾ اچي بنا هن سان ملڻ جي هاڻ واجب نه آهي.“

اهو ٻڌي شاديءَ جو اُستاد، جو سندس چاچو به هو، ناراض ٿيو ۽ چيائينس ته جلد هلو. شاديءَ جي وڃڻ تي مرضي ڪونه هئي ۽ نه وري پنهنجي استاد کي ناراض ڪرڻ ٿي چاهيائين. ڪجهه دير تائين ته انهيءَ ٻڌتر ۾ بيٺو رهيو. پر جڏهن سندس ساٿين زور ڀريس ۽ اُستاد به ڪاوڙيو ۽ هلڻ لاءِ حڪم ڪيائينس ته اُداس من سان هلڻ لڳو. پر ستگرن جا هٿ وڏا ٿيندا آهن جو اَنت ئي ڏيپ (بيٽ) نو کنڊ ۽ چوڏهن طبق اُنهن جي هٿ ۾ هوندا آهن. کنڊن برهمنڊن مٿان ستگرن جي نظر پوندي آهي، هو جاءِ جاءِ ظاهر هوندا آهن.

”چينٽي کي پڳ نيور باجي،
وهه ڀي صاحب سنتا هئي.“

جڏهن هو ڪنهن به جيو کي پنهنجي طرف ڇڪيندا آهن ته پوءِ اُنهن جي رحمت کي ڪير روڪي سگهندو آهي؟ ڪنهن چيو آهي، ”ڪيڙا ٿاپ ديوي بادشاهي“ اُهي ماڻهو اڃا ٿورو پنڌ اڳتي هليا ته سامهون مهاراج جن کي ايندو ڏٺائون. ڀائي شادي سڀني کان اڳيان هو. حضور مهاراج جن دين ديال اُن تي پنهنجي مهر ڀري درشٽي وڌي، جنهن باري ۾ ڪبير صاحب جن فرمايو آهي :-

”ميرا مارا ڦر جيئي تو هاٿ نه ڱهون ڪمان“

حضور جن شاديءَ جي اُستاد سان ڪجهه ڳالهايو ۽ فرمايائون ته هن وقت انڌيري ۾ ڪيئن ويندا، سڀاڻي وڃجو. پر هن

مون کي هن درگاهه مان ملي ٿي اها ٻيو ڪير به ڏيئي نٿو سگهي.“ ٻائي شاديءَ لاءِ مکيه ڳالهه هئي گروهه جي شيوا. ۽ سڄي حياتي ستگرن سان گڏ رهيو ڪڏهن به انهن کان الڳ نه ٿيو.

ڪيترا ڀيرا ڪن سنڌي مسلمان ڪٽنبن مان ڪيس شاديءَ لاءِ آڇ ٿي پر هن کي شادي ڪرڻ پسند نه هئي. جيڪڏهن اسين هن کي ڪڏهن به شادي ڪرڻ لاءِ چوندا هئاسين ته جواب ڏيندو هو، ”مان ته پاڻ ’شادي‘ آهيان ٻي شادي ڇا ڪندس؟“ استرين کان ته هن کي ڏاڍي نفرت هئي. سمورو وقت ستگرن جي شيوا گروءَ لاءِ پوڄا ۽ ڀڄن سمرن ۾ لڳائيندو هو. ستگرن کان هڪ ڏينهن وڇوڙي سبب به ڏاڍو وياڪل ٿيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ڪم سانگي اڪيلو ٻاهر وڃڻو پوندو هوس ته سانجهيءَ ڏينهن موٽي ايندو هو. سندس ڀڄن سمرن بابت راءِ صاحب منشيرام پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو ته جڏهن اسين ستگرن سان گڏ دوري تي ويندا هئاسين ته هو (شادي) ۽ مان هڪ ڪمري ۾ رهندا هئاسين. رات جو ڏسوس ته کٽ تي ويهي ڀڄن سمرن ڪندو هو. هو ننڊ گهٽ ڪندو هو.

شادي لکي پڙهي ڪونه ڄاڻندو هو پر کيس اندروني گيان هو. جڏهن روحانيت جون ڳالهيون ڪندو هو ته سندس سمجهه ۽ سياڻپ جي خبر پوندي هئي. ستگرن جون ساکيون، ستگرن جي مهما ۽ مهانتا تي ڳالهائيندو هو ته چڱا پڙهيل ڳڙهيل حيران ٿي ويندا هئا ۽ وينا ٻڌندا ها. ستگرن جي چمتڪارن جا ورتانت به کيس خوب ياد هوندا هئا. هروقت ستگرن سان گڏ باڊي گارڊ وانگر رهندو هو. جڏهن به گروجن ٻاهر ڪنهن سفر تي ويندا هئا ته شادي ڊرائيور جي پرسان ئي وهندو هو. حضورجن پنهنجي ڪمري ۾ هوندا هئا ته

هو. هڪ دفعي هو مهاراج جن سان گڏ لاهور ويو. اُتان هڪ پيگل آئل انجڻ تمام ٿوري ملهه تي وٺي آيو. ٿورن ڏينهن ۾ ان جي مرمت ڪري چالو حالت ۾ آندائين. پوءِ ان سان ڏيري ۾ بجلي چالو ڪري ڇڏيائين. هڪ دفعي سلطانپور مان ٢٥٠ رپين ۾ هڪ بيڪار ۽ پيگل ٽرئڪٽر خريد ڪري آيو ۽ ان کي اهڙي طرح ٺيڪ ڪيائين جو ڪيترا سال اُهو ڏيري ۾ کيتي باڙي ڪرڻ جي ڪم ۾ ايندو هو. اهڙي نموني هو پيگل ٽُٽل انجڻيون سستي اگهه ۾ خريد ڪري اُنهن کي درست ڪري وري وڪڻندو هو. ڏيري ۾ سندس هڪ اٽي پيهڻ جي مشين لڳل هئي. انهن ڪمن ڪرڻ سان هن جي آمدني سندس خرچ کان وڌيڪ ٿيندي هئي.

هو پنهنجي روزي ڪمائي، گذارو ڪندو هو. پنهنجي ڳاڍي پيتي جو ڏاڍو خيال رکندو هو. ڪڏهن به ڪنهن کان ڪابه شيءِ شڪل نه وٺندو هو. ڪڏهن به ٻاهر ويندو هو ته ڪاڏو ڇڏيو پر لسي يا شربت به ڪونه پيئندو هو. پنهنجو ڪاڌو بزار مان پنهنجن پئسن سان خريد ڪندو هو. جڏهن حضور مهاراج جن سان ٻاهر دوري تي ويندو هو ته حضور جن جي روٽي کائيندو هو. بٽالا جا مسلمان لوهار ڀائي شاديءَ جي مشينن بابت ڄاڻ جو ڏاڍو قدر ڪندا هئا ۽ کيس هڪ فقير دوست سمجهي کيس عزت سان ڏسندا هئا. ڪيترا ڀيرا ڀائي شاديءَ کي چوندا هئا ته اسان وٽ رهي ڪم ڪر. تنهنجي رهڻ سان هزارين رپيا ڪمائي سگهبا ۽ توهان به چڱو ڪمائيندين. ڪن ڪارخانن جي مالڪن به هن کي سٺي پگهار تي نوڪريءَ ۾ رکڻ چاهيو ته پر هن جواب ڏنو، "هاڻي هن بادشاه جي نوڪري ڇڏي ڪنهن ٻئي هنڌ وڃڻ تي مرضي نٿي ٿئي. جيڪا پگهار

مرڻ ڇو ڪين ڏنو؟ مون جهڙيون هزارين جياتيون حضور جن جي هڪ وار تان قربان ٿي وڃن ته به ٿوريون آهن."

جڏهن حضور جن سڪندرپور (سرسي) ۾ زمين خريد ڪئي ته ڀائي شادي به حضور جن سان گڏ اُتي ويندو هو ۽ ٽريڪٽر وغيره هلائيندو هو. ان ڪانپوءِ ڪنب جي ڪارخاني ۾ به مشين جي ديکڀال ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪندو هو. ستگرن جي ڪٽنب پروار لاءِ ڪيس بيحد گهڻو پريم هوندو هو. راءِ صاحب منشيرام جا لفظ آهن ته گرن جي اولاد لاءِ جان به قربان ڪندو هو. گرن جي اولاد سان ڏاڍو سڪ مان گڏبو هو. هنن وٽ ڪاڌو ڪائي ۽ چانهه پي اهڙو خوش ٿيندو هو جڻ ته ڪيس ڪا دولت يا خزانو مليو هجي. هو گهڻو ڪري چوندو هو ته سردار چرن سنگهه جن کان حضور جن شيوا جو گهڻو ڪم وٺندا. حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي چولي ڇڏڻ بعد ڀائي شاديءَ جو من ملول ۽ اُداس ٿي پيو. جيتوڻيڪ سردار بهادر مهاراج جن ۽ انهن ڪانپوءِ موجوده سرڪار حضور مهاراج چرن سنگهه جن جي چرنن ۾ به ڀائي شاديءَ جي گهڻي ۽ گهري پريت هئي ته به پنهنجي ديهه سروپ ستگرن جي ويوڳ ۽ وڇوڙي جو ڪيس گهرو دک محسوس ٿيندو هو.

سنه ١٩٥٢ ۾ جڏهن مهاراج چرن سنگهه جن هڪ دفعي سرسي وڃي رهيا هئا ته ڀائي شادي وٽن شيوا لاءِ آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو، "هي چار هزار رپيا منهنجا ميڙيل آهن. اُهي توهين شيوا ۾ لڳائي ڇڏجو. منهنجي هڪ اٽي جي مشين آهي، اُها بيجي رليءَ کي ڏيندا." ان تي حضور جن فرمايو، "وڃڻ لاءِ تڪڙ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اڃا ڪجهه وقت ترسو." چيائين ته هاڻي منهنجو من هن دنيا ۾ رهڻ جي نٿو ڪري. پوءِ شاديءَ ڪلندي چيو، "مون

شادي ٻاھر وراندي ۾ ترڏو (چٽائي) وڇائي ان تي وھندو ھو. سنگرو دين ديال جن جي ٻه مٿس بيحد ديا ھئي.

ھڪ دفعي سڪندرپر کان سرسي اچڻ وقت رستي ۾ شاديءَ جو پير ھڪ نانگ مٿان اچي ويو. نانگ ھڪدم چڪ پائي ورتس. نانگ به اھڙو زھريلو ھو جو جنھن کي چڪ پائي سو ڪڏھن نه بچي. ٿوري وقت ۾ پائي شادي زمين تي ڪري پيو ۽ منھن جو رنگ ڪارائجي ويس. حضور مھاراج جن گھوڙي تي چڙھيل اڳيان وڃي رھيا ھئا. جڏھن اسان کين اطلاع ڏيڻ چاھيو ته شاديءَ اٿين ڪرڻ کان اسان کي روڪيو جڏھن مون چيو ته حضور مھاراج جن کي ٻڌائڻ ضروري آھي ته چوڻ لڳو، ”ڇا لاءِ؟ ان لاءِ ته ھو اچي منھنجو زھر پنھنجي سر تي سھن؟ نه نه حضور جن کي نه ٻڌايو.“ ھو بيھوش ٿي ويو يا شايد مري ويو. حضور جن ٿورو اڳتي وڌي ويا ھئا. پر اوچتو حضور جن پنيان مڙي ڏٺو ۽ اسان کي پريشان ڏسي ڪري موٽي اسان وٽ آيا. حضور جن ان وقت چيو ته ھڪ نم جي وڻ جي ٽاري ڪٽي اچو. پر اتي نم ته ڇڏيو، ڪو ٻيو وڻ ٽڻ ڪونه ھو. پري ھڪ ننڍو ٻوٽو ڏسي حضور جن فرمايو ته چڱو، ان مان ئي ھڪ ٽاري ڪٽي اچو. ٽاري وٺي پائي شاديءَ جي شرير مٿان ڦيرائڻ لڳا ۽ چيائون، ”مون ٻڌو آھي ته ھن طرح ٽاري ڦيرائبي آھي ته نانگ جو زھر لھي ويندو آھي.“ ڏھن منٽن اندر پائي شاديءَ اکيون کوليون. جڏھن ھوش ۾ آيو ته شادي خوش ٿيڻ بدران ٻاڻ ناراض ٿيو. سندس اکين ۾ ڳوڙھا ھئا. پڇيائين مونکي شڪايت ڏنائين ته حضور جن کي توھان ڇو ٻڌايو. پوءِ حضور مھاراج جن کي فرياد ڪيائين، ”سچي پاتشاھ! مان انھيءَ لائق ڪٿي ھوس جو توھان منھنجو زھر پاڻ تي ھموار ڪيو؟ مونکي

جي ڊومسپتنيءَ) جي سيوا ۾ رهي خوب ڀڄن سمرڻ ڪندي رهي.

بابا جيمل سنگهه مهاراج جن جڏهن رناير ڪيو تڏهن ماتاجي کيس (ٻيبي رکو ڪي) باباجي مهاراج جن سان پنجاب موڪلي ڇڏيو. هوءَ تمام گهٽوان، نبر ۽ همت واري عورت هئي. ڀڄن ۽ برهمچريه جي جهلڪ تهن جي روم روم مان پيئي بکندي هئي. تپ ۽ تيج سندس منهن مان پيو چمڪا ڏيندو هو. سندس آواز بلند ۽ تمام مٺو هوندو هو. ڳائڻ جو به شوق هوندو هوس. گرو ڀڳتيءَ جا شبد اهڙي پريم ۽ سڪ سان ڳائيندي هئي جو ٻڌندڙن جي اکين مان پريم جا آنسون وهندا هئا. شروع شروع ۾ باباجي مهاراج جن جي ستسنگ ۾ پاٺ پڙهندي هئي. حاضر جوابيءَ ۾ تمام هوشيار ۽ ڀڄن سمرڻ جي ڳالهين ۾ قابل ۽ نبر هوندي هئي. ٧٠-٧٥ سالن جي عمر ۾ به اهڙي همت واري ۽ ڦڙت هوندي هئي جڻ ٣٥-٤٠ ورهيه جي عورت هئي. هن باباجي مهاراج جن ۽ سنگت جي ڏاڍي سيوا ڪئي. ڪاٺ وتيار ڪرڻ، پاڻي ڀرڻ، لنگر ۾ ڀوڄن تيار ڪرڻ وغيره سڀ ڪم ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان ڪندي هئي ۽ باباجي مهاراج جن کي سوامي جي مهاراج جن جو روپ ڪري سمجهندي هئي. سندس تپسيا تيج ۽ پريمڌ بابت ڪيتريون وارتائون مشهور آهن. انهن مان پنهنجي اکين ڏٺي ڳالهه ٿو ٻڌايانوَ. گهڻي وقت جي ڳالهه آهي جڏهن مون نام ورتو هو ۽ ڏيري ۾ اچڻ لڳو هوس. مون کي سنهن سفيد ڪپڙن پائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. هڪ دفعي پنهنجي پتنيءَ سان گڏ ستسنگ ٻڌڻ لاءِ ڏيري ۾ آيو هوس. صبوح جو وقت هو. مون کي نيري رنگ جي ولائتي ڪپڙي جو سوٽ ۽ مٿي تي ٽوپلو پيل هو. منهنجي پتنيءَ کي ريشمي ڪپڙا ۽

زالن کان نفرت ته ڏاڍي ڪئي پر منهنجو آخرين سنسڪار ته ڏيري جي ٻيبين جي (زناني) گهاٽ تي ڪندا." ان تي حضور جن چيو، "اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي مان اڃي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي سنسڪار ڪرائيندس" ڀائي شادي ڪجهه دير ته خاموش رهيو پوءِ چوڻ لڳو، "حضور! ڪير به توهان لاءِ ڪونه ترسندو. اول ئي سنسڪار ڪري ڇڏيندا." ان کانپوءِ ڀائي شاديءَ حضور جن کي ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان مٿو ٽيڪي موڪلايو.

١٥ نومبر ١٩٥٢ تي ڪجهه ڏينهن بيمار ٿيڻ بعد اڌ رات جو ڀائي شادي هن ناسونت سنسار کان هميشه لاءِ موڪلائي پياري ستگرن جي چرنن ۾ لين ٿي ويو. بيماريءَ ۾ گهڻو وقت سندس خيال اندر ۾ لڳو پيو هوندو هو. جڏهن پڇندا هئس ته ڪهڙو حال آهي؟ ته چوندو هو ته اندران ٻاهر اچڻ تي دل ئي نٿي ٿئي. ڀائي شاديءَ جي چولي ڇڏڻ جي خبر بابت تار ملندي ئي موجوده سرڪار سڪندرپر مان موٽر ۾ ڏيري لاءِ روانا ٿي ويا، پر پربندڪن هن جو اڳئي سنسڪار ڪري ڇڏيو هو.

هت ڪن اهڙين ٻيبين (عورتن) جو بيان ڪرڻ به واجب سمجهو وڃي ٿو، جن سڄي حياتي سنساري سکن کي ٺوڪر هڻي ڏيري ۽ ستگرن جي سيوا ۾ گذاري.

٢- ٻيبي رکو:-

سڀني ستسنگين کي هن جي نالي جي ڄاڻ آهي ڇو ته هن کان اڳ به سندس نالو اچي چڪو آهي. هوءَ چڱي ڪمائيءَ واري ۽ گرو ڀڳتڻ هئي. ننڍيءَ اوستا ۾ ئي دنيا جي جهنجهٽن کان پري رهي ايشور ڀڳتيءَ ۾ لڳي وئي هئي. ڪيترا سال ته پوج ماتا جي (حضور سوامي جي مهاراج جن

گرجنا ڪري چيو، ”تنهنجي اهڙي همت! توکي منهنجي گروه جي دربار جي بي ادبي ڪرڻ جي همت ڪيئن ٿي آهي؟“ ڏيري مان ٻاهر نڪرندي هئي ته هٿ ۾ هڪ سنهو لڪڻ کڻندي هئي، ٿاڻيدار مٿان اولاريائين. بيبي رکو جون تيجسوي اکيون ۽ لال چهرو ۽ ڪروڌ ڀريل وچن ٻڌي ٿاڻيدار ڏڪڻ لڳو ۽ جهٽ پٽ بوٽ، ڪمر بند وغيره ڇڏو ڪري ونئي ڀڳو. سندس پٺيان سپاهي به ڀڄڻ لڳا. ٿاڻيدار صاحب ڀڄندو جڏهن وڙائيچ گوٺ ۾ پهتو ته اُتي جو لمبردار هن کي اهڙيءَ حالت ۾ ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو. چيائينس ته مون سان گڏ هلو ته پٽڪو، ڪمر بند ۽ پٽو کڻي اچون. پر ٿاڻيدار صاحب کي وري همت ڪونه ٿي جو بيبي رکو جي سامهون وڃي سگهي. هوڏانهن بيبي رکو جي ڪاوڙ به گهڙي کن ڪان پوءِ لهي ويئي. هڪ مال چاريندڙ هٿان ٿاڻيدار جي پڳڙي، بوٽ، پٽو ۽ ڪمر بند گوٺ ۾ موڪلي ڏنائين.

بيبي رکو جو روعب ئي اهڙو هو جو ماڻهوءَ کي همت ڪونه ٿيندي هئي جو سانس بحث ڪري. آخرين ڇهن مهنن ۾ سندس نظر گهٽ ٿي ويئي هئي. آخرين وقت ۾ (سنه ١٩٣٣-٣٤) هوءَ امرتسر ۾ سردار گنڊا سنگهه وٽ رهندي هئي. سردار صاحب جي پٽني جا بيبي رکو جي آخرين وقت سندس پرسان هئي سا ٻڌائيندي هئي ته جنهن ڏينهن بيبي رکو چولو ڇڏڻ واري هئي انهيءَ ڏينهن سويل ئي چيائين، ”اڄ مون کي هيءَ دنيا ڇڏڻي آهي.“ انت سمي چوڻ لڳي ته باباجي مهاراج جن ۽ بابا ساون سنگهه جن جا اندر ۾ درشن پيا ٿين. ڏاڍي خوش پئي ڏسڻ ۾ آئي ۽ منهن لال لڳو پيو هوس. حضور مهاراج جن موٽر موڪلي بيبي رکو جو لاش ڏيري ۾ گهرايو ۽ ان جو سنسڪار ڪرايو.

زيور پيل هئا. بيبي رکو منهنجي پٽنيءَ جو سواڳت ڪندي فرمايو ”ڏيري ۾ آئو تو بيٽي بن ڪر آيا ڪرو، ٻهو بن ڪر گهر ۾ بڻتو.“ ائين چئي سنڌس زيور لهرائي ڇڏيائين بيبي رکو هميشه سادي رهڻ لاءِ هدايت ڪندي هئي. چاهي ڪير ڪيترو به امير هجي تڏهن به هن سان رواجي سنسنگيءَ وانگر وهنوار ڪندي هئي ۽ سيوا جي مهما ٻڌائيندي هئي.

هڪ ٿاڻيدار جي به ڳالهه ٻڌائڻ جهڙي آهي. بابا جئمل سنگهه مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ بعد بيبي رکو اڪيلي ڏيري ۾ رهندي هئي، اڃا حضور مهاراج ساون سنگهه جن رٽائر ڪونه ٿيا هئا. هڪ ڏينهن جڏهن صبوح جو سويل روزانو ڪريا ڪرم کان فارغ ٿي جهنگل مان واپس آئي ته ڇا ٿي ڏسي ته هڪ ٿاڻيدار صاحب ٻاهرين ڏريءَ ۾ (اُها باباجي مهاراج جن جي ڪوٺڙيءَ پرسان اولهه طرف ٺهيل هئي ۽ هاڻي حضور ساون سنگهه مهاراج جن جي رهائشي جاءِ جي پٽ اندر اچي ويئي آهي) سنڌس کٽ تي سمهيو پيو هو. يونيفارم جو ٻ گهو ٻوٽ لاهي هيٺ رکيو هئائين ۽ چيلهه جو پٽو، پستول ۽ ڪارتوسن جو پٽو مٿي کان رکيو هئائين. مٿي تان پٽڪو لاهي رکيو هئائين ۽ ٻه پوليس وارا سپاهي هيٺ چٽائي (تڏو) وڇائي ويٺا هئا.

بيبي رکو ٿاڻيدار ۽ سنڌس سپاهين جي حالت پنهنجي گروءَ جي بي ادبي ڪري سمجهي. پوءِ پڇيائين ته ڇو آيو آهين ۽ ڪنهن جي حڪم سان کٽ تي ويٺو آهين ۽ هي چٽائي وڇائي ويٺا آهن؟ ٿاڻيدار رکائيءَ مان جواب ڏنو ته مان ٿاڻيدار آهيان، انڪري مون کي ڪنهن جي به حڪم يا اجازت جي ضرورت ڪانه آهي. اهو ٻڌي بيبي رکو

ته هن ئي سنڌن پالڻ پوشڻ ڪيو هو. حضور جن ۽ انهن جي ڪٽنب پروار جا ڀاتي سنڌس ڏاڍي عزت ڪندا آهن ۽ حضور جن سنڌس راءِ يا صلاح جو ڏاڍو قدر ڪندا آهن.

٤- ٻيبي رکي:-

هوءَ اوچ ڪوٽيءَ جي مهاتما هئي. هن جو پتا سردار منگل سنگهه جالنڌر ضلع جي ٻڙا پنڊ ڳوٺ ۾ درزڪو ڌنڌو ڪندو هو. ننڍيءَ عمر ۾ ئي هوءَ وڌوا ٻڌجي پيئي ۽ اچي ڏيري ۾ رهڻ لڳي. سڄو ڏينهن ڀڄن سمرن، ستسنگ، شيوا ۽ ٻاڻيءَ جو پاٺ پڙهڻ ۾ گذاريندي هئي. خوب ابياس ڪندي هئي ۽ ستگرن جي ڪرپا سان اندر چڱي رسائي حاصل ڪئي هئائين. ابياس جو اهو حال هوس جو ڪيترا ڪيترا ڏينهن خيال ٻاهر ئي ڪونه ايندو هوس. سنه ١٩١٨ ۾ ته اهو حال هوس جو ٦-٧ مهنا سنڌس خيال گهڻو وقت اندر ۾ ئي لڳل هوندو هو، دين دنيا جي خبر ئي ڪونه پوندي هئس. نه کاڌي پيتي جي سڌ، نه ڪنهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٿيندو هوس. حضور جن صبوح ۽ شام ٻئي وقت وٽس ايندا هئا ۽ راڌا سوامي چئي ڪري کانئس حال احوال پڇندا هئا. کيس پنهنجي روبرو ٢-٣ چمچا کير جا پياري ايندا هئا. هڪ مائي هميشه وٽس پرسان رهندي هئي. ڪيترن مهنن کانپوءِ جڏهن سرت جو اندر ۾ ٽڪاءُ پڪو ٿي ويس ته پوءِ آهستي مهاراج جن سنڌس خيال کي ٻاهر آڻڻ شروع ڪيو. ان ۾ به ڪيترائي مهنا لڳي ويا. بعد ۾ اهڙي حالت ٿي ويس جو سڄي رات ڀڄن ۾ ويٺي هوندي هئي. هاڻ ته "دست به ڪار (هٿ ڪاج ۾) هوندي به دل به يار" (دل پريتم ۾) رهندي هئس. گرو هميشه انگ سنگ رهندو هوس. جڏهن اکيون بند ڪندي هئي ته

بيبي رلي :-

هن جو پتا ڀائي ملکيرام جالندر ضلع جي متاپر ڳوٺ جو رهواسي هئو ۽ بابا جئمل سنگهه مهاراج جن جي سڀ کان پهرين شيوڪن مان هڪ هو. بيبي رلي سنڌس سڪيلڌي ڌيءُ هئي. ننڍي وهيءَ ۾ ئي هن کي نام مليو هو. ٩-١٠ سالن جي عمر ۾ هن جو وواهه به ٿيو هو ۽ ٿورن مهنن کانپوءِ پتيءَ جو منهن ڏسڻ کان اڳ، ئي وڌوا بڻجي ويئي. پوءِ ته سڄي عمر گروءَ جي شيوا ۽ ڀڄن سمرن ۾ گذاريائين.

حضور مهاراج جن جي شخصي رنڌڻي جي سنڀال هن جي حوالي هئي. حضور جن وٽ ايندڙ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو سنڌس مهمان هوندا هئا. هوءَ پريم سان رسوئي تيار ڪندي هئي. جنهن پريم سان هوءَ شيوا ڪندي هئي، اهڙو مثال ڪو مشڪل ملندو. هنڪي حضور مهاراج جن جي ڪٽنب پرِوار جا ٻالڪ هميشهه 'ٻاجي' ڪري سڏيندا هئا. آهستي آهستي سموري سنگت کيس عزت وچان 'ٻاجي' سڏڻ لڳي. سنڌس آواز ڏاڍو مٺو ۽ وڻندڙ هو. جيتوڻيڪ ڳائڻ وڄائڻ ڪنهن کان ڪونه سکي هئي پوءِ به لئه ۽ ڌُن سان ڪو به راڳ، هڪ دفعو ٻڌندي هئي ته اهڙو ئي ڳائيندي هئي. هن وقت به سنڌس آواز ۾ اُهوئي ميناج ڀريل آهي. پلٽو صاحب جون ڪنب ليون، تلسي صاحب جي ٻاڻي ۽ گرو گرنٿ صاحب جا شبد ڏاڍي پريم سان پڙهي ٻڌائيندي آهي. اڃا به سنڌس آواز ۾ اُهوئي ميناج ۽ لئه موجود آهي.

باباجي مهاراج جن کان وٺي حضور مهاراج چرن سنگهه جن تائين هوءَ ڏيري جي سنت ستگرن جي شيوا ڪندي آئي آهي. موجوده سرڪار مهاراج چرن سنگهه جن ته ٻال اوستا کان ئي ڏيري ۾ بيبي رليءَ وٽ رهندا هئا. ۽ انهن چڱجي

عزت ڪندي هئي.

۵- بيبي لاجو:-

هوءَ جالنڌر پرسان هڪ ننڍي شهر جي رهاڪو هئي. سندس پتا چڱو شاهوڪار ماڻهو هو. هوءَ به ننڍي عمر ۾ ئي وڌوا ٻڻجي پيئي. حضور جن جي گهڻيئي سال پريم سان شيوا ڪيائين. پر امير گهراڻي ۽ ماتا پتا جي لاڏلي ڌيءَ هئڻ سبب منجهس اهنڪار ضرور هو. اڪثر ٻين عورتن سان پيئي جهڳڙا ڪندي هئي. سردار بهادر مهاراج جن جي گديءَ تي براجمان ٿيڻ وقت هوءَ ڏيري مان هلي ويئي.

١١- آخرين ڏينهن

حضور مهاراج جن پنهنجي موڪلائڻ کان گهڻو اڳ، ئي هن مرتيو لوڪ کي تياڳڻ بابت اشارا ڏيڻ شروع ڪيا هئا. حضور جن جي صحت جو خيال ڪري جڏهن ڪو به ويجهو شيواداري کين ڪجهه آرام ڪرڻ لاءِ چوندو هو ته فرمائيندا هئا، "هاڻي هيءُ شرير پڙهو ٿي چڪو آهي. هاڻي مان جوان شرير ۾ ايندس." سنه ١٩٤٧ جي جون ۾ اسين حضور جن وٽ دفتر ۾ ويٺا هئاسين. حضور جن گذريل ٻن ماهواري ستسنگن کان نام دان ڪونه ڏنو هو. ڳالهين ڪندي گياني ڪرمسنگهه ٻڌايو ته هيل تائين حضور جن هڪ لک، پنجويهه هزار ٽي سؤ پنجهتر (١٢٥،٣٧٥) جيون کي نام دان بخشي انهن جو اڌار ڪيو آهي. ان تي پرسان ويٺل هڪ صاحب چيو، "حضور سچي پاتشاهه جن ته انيڪ جيون کي نام جي دولت بخشي آهي. هاڻي ته ستسنگي گهڻيئي ٿي ويا آهن."

اهو ٻڌي حضور جن فرمايو، "هينئر ڇا ٿيو آهي اڃا جنهن ۾ ٻڪي به ڪونه پيئي آهي (پوڙهيءَ مان ڦاڳو به ڪونه ڪٽيو

اندر ۾ ساڪيات گروءَ جو درشن ٿيندو هوس.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ان وقت سنڌس سرت اندر ٽڪڻ شروع ڪيو هو. هڪ ڏينهن حضور جن ڪمري کان ٻاهر وڃي ڪن ماڻهن سان وارتالاپ ڪيو. بيبي رکي حضور جن جي ڪوٺڙيءَ جي پٺ جي سهاري وڃي هئي، اکيون بند هئس ۽ خيال اندر ۾ لڳل هوس. اوچتو بيبي رلي جا پرسان وڃي هئس تنهن وٺي شور مچايو، ”مهاراج جي! ڏسو ته، هن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي!“ حضور جن اُٿي ڏٺو ته بيبي رکيءَ جو ڪنڌ پٺي لڙ ڪيو، ۽ چهري تي موت جا نشان ڇانيل هئس ۽ رنگ، هيڊ جهڙو پيلو ٿي ويو هوس، بنا ڪنهن چر پر جي وڃي هئي. حضور جن سڏ ڪيس پر ڪوبه جواب ڪونه ڏنائين. ان تي حضور جن پنهنجو هٿ ڪٽي هنجي مٿي تي رکيو ته اهڙي ته زور سان وٺي رڙ ڪيائين جو جڻ ته ڏاڍي تڪليف يا پيڙا ۾ هئي. حضور جن پڇيس ”ڪهڙو حال آهي؟“ چيائين، ”مان نرڪ ۾ هلي وئي آهيان.“ حضور جن چيس ”سمرڻ جاري رک،“ جواب ڏنائين ته سمرڻ بلڪل ياد ڪونه آهي. پڇيائونس ”شبد ٻڌڻ ۾ اچيئي ٿو؟“ چيائين ”اصل نه“ ان تي مهاراج جن پڇيس ”منهنجو آواز ته ٻڌين ٿي؟ ان کي پڪڙي ڪري ان جي پٺيان پٺيان هلندي اچ“ ٿوري وقت کانپوءِ بيبي رکي هوش ۾ آئي ته چوڻ لڳي، ”وڃي وڃي منهنجو خيال اندر ۾ هليو ويو. هڪ پاسي ڏاڍا ڇلائڻ جا درد پريل آواز اچي رهيا هئا. آواز ٻڌي مان ان طرف هلي ويس ته وڃي نرڪ اندر پهتس. آسپاس دردناڪ حال ڏسي ڪري مان ڏاڍو گهٻرائجي ويس. منهنجو رت ئي سڪي ويو. اڳتي توهان پاڻ ڄاڻو ٿا.“ چڱو وقت ٿيو آهي جو بيبي رکي چولو ڇڏي وئي آهي. سنگت سنڌس ڏاڍي

اڳ، حضور جن جا گهڻا ستسنگي پاڪستان واري علائقي ۾ ٿي هئا.

حضور جن سال ڏيڍ اڳ ۾ ٿي ايندڙ مصيبت بابت اشارا ڏيندا رهندا هئا. ڪڏهن ته ائين فرمائيندا هئا ته تمام زبردست آندي اچڻي آهي پر باباجي مهاراج جن ستسنگين جي رکيا ڪندا. جڏهن هندستان ۽ پاڪستان جي علائقن ۾ هر هنڌ دنگا فساد، لڙائي، جهڳڙا، لوٽ مار جون خبرون اچڻ لڳيون ته حضور جن ستسنگين کي حڪم ڏنو ته ڪنهن سان به دشمني نه رکجو. پنهنجن دلين ۾ ڪنهن ڏانهن به ويرورود جي ڀاونا نه رکجو، ڪنهن سان به ڇيڙ ڇاڙ نه ڪجو. سڀني کي پيار ڪجو. مالڪ جي دربار ۾ ته ڪنهنجي به دل ڏکوئڻ وڏو پاپ سمجهيو ويندو آهي.

ڏيري ۾ آسپاس وارن ڳوٺن ۽ شهرن مان مسلمان ڀڄندا ڏيري ۾ اچي پناهه وٺڻ لڳا. حضور جن اُنهن کي گهڻي پيار ۽ همدرديءَ سان ڏيري ۾ رکيو. اُنهن جون ڳالهيون ٻڌائون اُنهن کي دم دلاسو ڏنائون، لنگر ۾ ٻنهي وقت کاڌي سان گڏ ڪجهه نقد روپيا پئسا، ڪپڙو لٽو ڏيئي انهن جي مدد به ڪيائون. اُنهن ڏينهن ۾ مسلمانن کان ستايل ستسنگي شرنارٿي به پاڪستان مان اچي رهيا هئا. اُنهن کي به ڏيري ۾ پناهه ڏني ويئي. ان وقت هندو شرنارٿين ۽ مسلمان شرنارٿين پنهنجي دشمني وساري ڇڏي ۽ گڏ رهڻ لڳا. حضور جن جي حڪم سان شيواداري ٻنهي قومن جي ماڻهن جي پيار سان سار سنڀال لهندا هئا ۽ اُنهن کي هر طرح آرام ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سڄي رات لنگر چالو هو ۽ ايندڙ شرنارٿين کي کاڌو مفت کارايو ويندو هو. جڏهن مسلمان شرنارٿي هتان وڃڻ لاءِ پروگرام ٺاهي رهيا هئا ته حضور جن اُنهن کي چيو ته جيستائين توهان کي پاڪستان تائين وٺي وڃڻ لاءِ ڪا ملٽريءَ جي مدد

آهي)“ پوءِ منٽ کن ماٺ ۾ رهي چيائون، ”مون تہ پنهنجي نباهي. مون کانپوءِ جيڪو ايندو تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟“

اهي آخرين لفظ ٻڌي ڪري ڏڪي وياسين. ائين تہ ٿورا سال اڳ، ٻہ هڪ ڀيرا دفعو حضور جن جي مک مان اهڙا وچن ٻڌا هئاسين پر هن دفعي حضور جن اهڙي ڍنگ سان ڳالهہ ڪئي جو اسانجون تہ دليون ئي ڏهلجي ويون. سڀ ماٺ ڪيو ويٺا هئا. حضور جن اسان ڪي خاموشيءَ ۾ ڏسي وري فرمايو، ”ڪو وقت هو جڏهن پنجاب ۾ ماڻهو ”زاتا سواءِ“ نالي کان نفرت ڪندا هئا. هاڻي تہ جڳهہ جڳهہ هر هنڌ ماڻهو اهوئي نالو چئي رهيا آهن. هيئر تہ پهاڙي علائقن ۾ بہ هر جڳهہ تي ستسنگ گهر ٺهي ويا آهن. اهي اُهيئي ڏوگرا ۽ راجپوت آهن جي هميشہ گرو صاحبن جو وروڌ ڪندا هئا. هاڻي اهي ئي تہ پريمي ستسنگي آهن ۽ توهان جي ستسنگ ۾ سيني کان وڌيڪ شيوا ڪري رهيا آهن.“

آگسٽ ١٩٤٧ ۾ ڀارت جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي کان ٧-٨ مهينا اڳ ئي پنهي علائقن ۾ جهڳڙا، لوٽ مار، دنگا فساد وغيرہ شروع ٿي ويا هئا. ماڻهو ٻي گهر ٺيندا ويا. سامان سڙو وغيرہ ڇڏي ڪري جانيون بچائڻ جي فڪر ۾ هندو هندستان ڏانهن ۽ مسلمان پاڪستان ڏانهن ڀڄي رهيا هئا. پاڪستان واري علائقي ۾ ستسنگي گهٽي انداز ۾ هئا. ڪوبہ وڏو شهر اهڙو ڪونہ هو جتي ستسنگي نہ هئا. ننڍين ننڍين پهاڙي علائقن ۾ تہ هزارين ستسنگي هئا. لاهور، راولپنڊي، لائلپور، ملتان، ائبٽ آباد، سيالڪوٽ، وغيرہ شهرن ۾ تہ سٺا سهڻا ستسنگ گهر ٺهيل هئا. پر جهيلم، حضرو، ڪالا باغ، وزير آباد، نوشهرا، مانٽيگومري، گجرانوالا وغيرہ هنڌن ۾ بہ ستسنگ جي زمين ۽ ستسنگ گهر هئا. ورهاڱي کان

ان ڪري انهن جو اچڻ صفا گهٽجي ويو.

سڪندر پر ڳوٺ ۾ ۽ آسپاس وارن ڳوٺن ۾ گهڻا مسلمان رهندا هئا. دنگا فساد شروع ٿيڻ تي اهي ٻچي اچي سڪندر پر ۾ حضور جن جي بنگلي ۾ پناهه وٺڻ لڳا. حضور جن جي ننڍي سپتر سردار هربنس سنگهه صاحب انهن کي پاڻ وٽ رهايو. اتي ۽ انهن کي ڪاڌو ۽ ٻيون ضروري شيون مفت ڏنيون وينديون هيون. حضور جن کي جڏهن اها خبر پيئي ته ڏاڍو خوش ٿيا ۽ پنهنجي سپتر ۽ پوٽن کي سنديش موڪليائون ته ڪنهن سان ۾ دشمني نه رکجو. سڀ ڪنهن کي پيار سان رهائجو. انهن جي هر طرح حفاظت ڪجو ۽ جيستائين انهن لاءِ سلامتيءَ سان پاڪستان وڃڻ جو بندوبست ٿئي تيستائين انهن کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏجو. ان ڪري سردار هربنس سنگهه جن انهن کي اٽڪل ٽي مهنا پاڻ وٽ رهايو ۽ کين ڪاڌو وغيره مفت ڏنو ويندو هو. جڏهن ان ايراضيءَ ۾ ڪجهه شانتي ٿي تڏهن هن انهن کي راجستان واري رستي کان پاڪستان موڪليو. وڃڻ وقت انهن کي رستي لاءِ اٽو، دال وغيره راشن ڏنو ويو ۽ ڪيترن ميلن تائين پنهنجن آدمين ذريعي انهن کي سلامت پهچايو ويو. پاڪستان ۾ پهچڻ تي انهن مان ڪيترن ماڻهن پنهنجي پهچ جي خبرچار بابت خط لکيا جن ۾ حضور جن جي ڪٽنب پروار جي پريم پريل وهنوار بابت ڏاڍي شڪرگذاري ظاهر ڪئي.

حضور جن موجوده پاڪستاني علائقن ۾ ٤٠ سالن تائين هر هنڌ وڃي جيڪو ستسنگ ۽ نام جو ٻج پوکيو هو، جڏهن ورهاڱو ٿيو، تڏهن اهو ٻج وڏي وڻ ٿي ويو هو. قدرت جي سخت ۽ تيز طوفان اُن وڻ کي اُکوڙي ڇڏيو پر اُنهيءَ طوفان ان ٻج کي ايترو ته پري پري تائين ڦهلايو آهي

نه ملي تيستائين توهين هتي ئي رهيا پيا هجو. هتي توهين بلڪل بي فڪر ٿي رهو. ٻه ٽي ڏينهن پيرا اُنهن کي خبرون پئي آيون ته فلاڻي ريل گاڏي شرنارٿين کي ڪٽي لاهور وڃي رهي آهي پر حضور جن انهن کي وڃڻ کان منع ڪئي.

بياس اسٽيشن کان اڳتي حضور جن پاڻ موٽر ۾ چڙهي هڪ مسلم شرنارٿي ڪئمپ ۾ تشريف وٺي ويا. اُنهيءَ ڪئمپ جي سنڀال هڪ بلوچي ريجيمينٽ (پلٽڻ) جا هٿيار بند سپاهي ڪري رهيا هئا. حضور جن پنهنجي موٽر ۾ ڪئمپ ۾ اندر لنگهي ويا ۽ ريجيمينٽ جي آفيسر سان گڏيا. حضور جن فرمايو ”توهين گهبرائجو نه. همت ڌاريو. مالڪ جي اِهائي مؤج آهي. جيڪي غريب مسلمان توهان وٽ آهن اُنهن جي سنڀال ڪريو اُنهن کي دم دلاسو ڏيو ۽ اُنهن کي پيار سان وٺي وڃجو. بياس ۾ ٻه ڪيترائي مسلمان اسان وٽ رهيا پيا آهن، اُنهنکي ٻه پوريءَ حفاظت سان ۽ گهڻي پيار سان وٺي وڃجو.“

حضور مهاراج جن جا اِهي پريم ڀريل وچن ٻڌي، اُنهيءَ مسلمان فوجي عملدار ڏاڍي ادب سان سر جهڪايو ۽ حضور جن کي سلام ڪيو ۽ سندس اکين مان آنسون وهڻ لڳا.

جڏهن بلوچي فوجين جي ٽرڪ ڏيري ۾ مسلمان شرنارٿين کي وٺڻ آئي ته سنگت اُنهن کي پريم پيار سان الوداع ڪئي. اُنهن وٽان ڪيترائي خط پٽ آيا جن ۾ اُنهن حضور جن جي ڪرپا ۽ سنگت جي پيار جي ڏاڍي تعريف لکي هئي. ڪي مسلمان ته وڃڻ لاءِ به راضي نه ٿيا ۽ ڏيري ۾ ئي رهي پيا ۽ اڃا تائين اُتيئي آهن.

پاڪستان ۾ ڪيترائي مسلمان ستسنگي به هئا. اُهي ورهاڱي بعد سالن تائين ستسنگ ۽ درشن لاءِ بياس ايندا رهيا. ١٩٦٥ع ۾ لڙائيءَ بعد ٻنهي ملڪن جي سرحد تي پابندي لڳائي وئي،

نومبر جي پهرئين هفتي ۾ اننڊپور ۽ روپڙ به ويا. ان کان
پوءِ حضور جن ٢٦ ۽ ٢٧ نومبر لاهور ويا. اهو حضور جن
جو پاڪستان جو آخرين دؤرو هو. ٢٨ نومبر تي موٽر ۾
سڪندرپور پهتا. انهيءَ ڏينهن خبر پيئي ته حضور جن جي
صحت ٺيڪ نه آهي. ان کان پوءِ حضور جن جي تندرستي
آخرين دم تائين اُهائي رهي. ڪڏهن تڪليف گهٽجي ڪڏهن
ٿوري ٿيندي هئي. ڊاڪٽر علاج ڪندا رهيا، ليڪن پورو
فائدو ڪونه پوندو هو. بي چاڪائي ڪشت ۽ ڪمزوري
هوندي به حضور جن ٽي چار مهنا پنهنجو ستسنگ جو ڪاريه
جيتري قدر ٿي سگهيو اوتري قدر چالو رکيو. ١٢ ڊسمبر
١٩٤٦ تي حضور جن سڪندرپور مان صبوح جو ساڍي ستين
بجي روانا ٿيا ۽ شام جو ستين بجي ڏاري ڏيري ۾ پهتا.
طبيعت ٺيڪ نه هوندي به حضور جن رستي ۾ سرسا، ملوٽ،
مڪتسر، ڪوٽ ڪپورا، پنج گرائي، باڙيان، موگا، لڌيانا،
فلؤر، ڦگواڙا، جلندر ۽ ڪپورٿلا ۾ ترسندا سنگت کي درشن
ڏيندا آيا. ڊسمبر واري ڀنڊاري ۾ حضور جن هميشه وانگر
ستسنگ، شيوا، ملاقات ۽ نام دان جا ڪاريه ڪندا رهيا.

سنگت کي خبر پئجي ويئي هئي ته حضور جن جي
صحت ٺيڪ نه آهي ۽ ڊاڪٽرن کي ڏاڍي چنتا ٿي پيئي
آهي پر حضور جن کي ڪيتري سخت تڪليف آهي اُنجو اندازو
لڳائي نٿي سگهيا. ڊسمبر واري ڀنڊاري کان پوءِ جڏهن
حضور جن شيوادارن کي پرساد ڏيڻ ويا ته اُتي هڪ جهوني
شيواداريءَ عرض ڪيو، ”سچا پاتشاه! اهڙي موج فرمايو
جو بيماري حضور جن جي شرير تي ڪڏهن به نه اچي.“
حضور مهاراج جن جواب ڏنو، ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو تو وٽ
اچي پنهنجي بيماريءَ، غريبيءَ يا مشڪلات جي ڪهاڻي
ٻڌائي ته توکي قياس ڪونه پوندو؟ ڇا تون ائين نه چاهيندين

جو هندستان جي هر پرانت ۽ هر شهر ۾ پهچي ويو. (ڏهٺو ڪري سنڌين جي معرفت)

پاڪستان مان نڪتل سنگتي (سنڌي) هندستان ۾ چئني طرف، هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويا ۽ اُنهن جي سمپرڪ ۾ اچي سڄي ديش ۾ سنت مت ڦهلجي ويو آهي. انهن مان ڪيترا ماڻهو (سنڌ ورقي) ڀارت کان ٻاهر لنڪا، انڊونيشيا سينگاپور، هانگ ڪانگ، جپان وغيره پري اوڀر وارن ملڪن ۾ ۽ آمريڪا، انگلنڊ ۽ ويسٽ انڊيز وغيره ملڪن ۾ پهچي ويا آهن. اڄ انهن سڀني هنڌن تي ڪيترائي سنگتي ٿي ويا آهن. ۽ ولايت ۾ به سنت مت جي لهر ڦهلي آهي. پاڪستان ٺهيو، سنگتين جا گهر تباهه ٿي ويا، پر سنڌن سنڀال ٿي. ٻري ٻري وارن علائقن مان اُهي نڪري اچي ستگرن جي ڪرپا سان هندستان ۾ سلامت پهتا. ستگر دين ديال جن جي ڪرپا، رکيا ۽ سنڀال جو اُنهن کي ظاهران ظهور انڀؤ ٿيو. قدم قدم تي خطرن هئڻ جي باوجود به اُنهن جو وار ونگو نه ٿيو. ستگرن جي ديا مهر جا جيڪي اُنهن کي انڀو ٿيا، اُنهن جو جيڪڏهن ويهي ذڪر لکجي ته ڪيترائي ڪتاب لکجي سگهجن ٿا. پر ڪرمن جو حساب ته چڪائڻو ئي پوي ٿو. سنگت تي ايندڙ ڪرمن جو حساب رحم دل ستگرن پنهنجو پاڻ تي سَنو ۽ هموار ڪري اُنهن کي بچايو.

نومبر ١٩٤٦ ۾ حضور جن جڏهن سڪندرپر تشريف وٺي ويا تڏهن حضور جن جي طبعيت خراب ٿي پيئي. ائين ٿي لڳو ته حضور جن جي صحت ڪجهه ڏينهن اڳ، ئي ٺيڪ نه هئي پر ڊاڪٽرن کي ان جي خبر نومبر ۾ پيئي. حضور جن آڪٽوبر ۾ گجرانوالا، وزير آباد، لاهور ۽ لائلپور جو دؤرو ڪيو ۽ ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ پرور ۽ ڪانگڙا جو دؤرو ڪيو

سردار هربنس سنگهه جن ڪين عرض ڪيو، ”چرن سنگهه ته وڪالت سبب ٻاهر ٿو رهي ۽ ڪپتان پرشوتم سنگهه به فوج ۾ نوڪري سبب ٻاهر ٿو رهي. ايڏي وڏي جڳهه مون اڪيلي کي کهڙي ڪم ايندي؟“ ان تي مهاراج جن فرمايو، ”منهنجي سنگت ڪٿي رهندي؟“ اُنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن حضور جن شري گوپال سنگهه لنا کي چاليهه روپيا ڏنا ۽ فرمايائون، ”ڪيترا سال اڳ منهنجي دفتر ۾ هڪ اردلي هو، اُنهيءَ اهي روپيا مون وٽ رکيا هئا. هڪ دفعي هو موڪل وٺي ويو ۽ وري واپس ڪونه آيو. مان ان لاءِ انتظار ڪندو رهيس. ان جي رشتيدارن ۽ وارثن جي ڏاڍي ڳولها ڪيم ته رقم اُن جي ٻارن ٻچن کي ڏيان پر اُنهن جو ڪو به پتو ڪونه پيو. هاڻي اهي رُوپيا ڪڍي وڃي راءِ صاحب (منشيرام) کي ڏجو ته شيوا ۾ جمع ڪري ڇڏي.“ اپريل، مي ۽ جون ماهواري ستسنگ هميشهه وانگر ٿيا. حضور جن ڪان جيترو ٿي سگهيو اوترو آفيس، ٽپال ۽ ڏيري جي ڪمن ڪارين کي پورو ڪندا رهيا. پر طبيعت ۾ ته ڪو به سڌارو ڪونه ٿيو. جولاءِ ۾ سنگت حضور جن جو جنم ڏينهن ملهايو پر واڳورڻ ۾ مايوسي پئجي لڳي. سيپٽمبر ١٩٤٧ جي شروع ۾ ته حضور جن اشاري ۾ پئي ٻڌايو ته هاڻي هو هلڻ وارا آهن. ١٧ سيپٽمبر ١٩٤٧ تي اسو مهني جي سنڪرانت جو ستسنگ هو. ستسنگ سماپت ٿيڻ تي حضور جن فرمايو، ”مون سڄي زندگي پنهنجي حق حلال جي ڪمائي ڪري گذارو ڪيو آهي ۽ اهڙي طرح باباجي مهاراج جن جي حڪم جي تعميل ڪئي آهي. سنگت جو هڪ پئسو به پنهنجي شخصي ڪم ۾ نه آندو اٿم؟ بلڪ ڪڏهن به پنهنجي شخصي ڪمن لاءِ قرض طور به ستسنگ مان پئسو نه ورتو اٿم. ٻاهر ستسنگ ڪرڻ لاءِ مون ڏيري جي موٽر جو استعمال سو ضرور

ته ان جي تڪليف دُور ٿئي؟"

جنوري ١٩٤٧ ۾ حضور جن سڪندرپر پڌاريا. طبعيت ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو هو. وڃاڻي ڪان اڳ ئي دنگا فساد شروع ٿي ويا هئا، دنگن فسادن ۽ قتلت جون دردناڪ خبرون اچي رهيون هيون. ستگرن ستسنگين جي ڪيئن رکيا ۽ سنڀال ڪئي اُن جو بيان ماڻهن خود ٻڌايو يا خطن ۾ لکي رهيا هئا. ١٦ فيبروري تي حضور جن اوتو طرف دؤرو رکيو. اُتي پيٽي صاحب جي نام ڊارين گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ رکايو هو ۽ حضور جن کي ان موقعي تي پڌارڻ لاءِ تمام گهڻي قدر وينتي ڪئي هئي. سفر ۽ ٿڪاوٽ سبب ١٧ فيبروري تي تڪليف وري وڌي ويئي پر حضور جن هميشه وانگر ڪم ڪندا رهيا ۽ هليا چليا پئي. ٢٧ فيبروري تي حضور جن واپس ڏيري ۾ آيا. هن دفعي به مهاراج جن رستي ۾ جڳهه جڳهه ترسندا سنگت کي درشن ڏيندا آيا. ٦ مارچ حضور جن صبوح جو ويلا ٻجوُ ۾ ۽ شام جو گهمان ۾ ستسنگ فرمايو. ڊاڪٽر حضور جن کي دوائون ڏيندا رهيا ۽ انجيڪشن هڻندا رهيا. جڏهن ڪمزوري وڌندي هئي ته حضور جن ڪجهه وقت آرام ڪندا هئا، نه ته ستسنگ ۾ وڃڻ ۽ ماڻهن کي گڏجڻ جو ڪم جاري رکندا هئا. ١٩ اپريل ١٩٤٧ تي حضور جن سڪندرپر ويا ۽ ٢٤ اپريل واپس ڏيري ۾ اچي ويا. اهو حضور جن جو سڪندرپر جو آخرين دؤرو هو. سڪندرپر جي هن دؤري ۽ ان کان اڳ دؤرن ۾ حضور جن اُتي پنهنجي بنگلي گريوال هائوس جي اڏاوت جو ڪم نظر مان ڪيندا رهيا. پاڻ خود سامهون ويهي ڪري ڪم ڪرائيندا هئا. ڪتب جي پاتين کي فرمائيندا هئا ته مڪان جو آخرين حصو جلدي پورو ڪريو مون کي وڌيڪ وقت ڪونه آهي. هڪ دفعي حضور جن جي سيڪٽر

موجب حضور جن ٽي ڪاميٽيون ناهيون. (١) جنرل
ڪاميٽي جنهن ۾ جدا جدا هندن جا جهونا ۽ پريمي ستسنگي
ا. اُن ڪاميٽيءَ جو ڪم هو هدايتون يا صلاحون ڏيڻ.
٢) ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي جنهن ۾ ٢٥ ميمبر هئا جن جي
والي ڏيري جي بندوبست بابت جدا جدا ڪاريه سونپيل
ئا. (٣) مئنيجنگ ڪاميٽي جنهن ۾ ڇهه ميمبر هئا. ڏيري
باهر جي سڀني ستسنگ، سينٽرن لاءِ اها هڪ مکيه ڪاميٽي
ٽي. حضور مهاراج جن انهن ٽنهي ڪاميٽين جا پريزيڊنٽ ۽
ردار بهادر جڳت سنگهه جن وائيس پريزيڊنٽ هئا. حضور جن
ن يوجنا جي آخر ۾ صاف لفظن ۾ فرمايو آهي، حضور جن
ي ڊيهانت ڪانپوءِ اهو پربنڌ يا بندوبست جاري رهندو ۽
ندن ڪانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن انهن ٽنهي
ڪاميٽين جا پريزيڊنٽ ٿي رهندا ۽ سموري چل ۽ اچل
متحرڪ ۽ غير متحرڪ) ڌارمڪ يا روحاني جائداد سردار
هادر جڳت سنگهه جن جي نالي ۾ رهندي ۽ اها سندن
ذاتي جائداد نه سمجهي ويندي. (اهو سڄو دستاويز ملڪ
اڌاڪشن ڪنا، ائڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ جي هٿن جو لکيل
آهي ۽ شاهد جي روپ ۾ ان تي راڌاڪشن ڪنا ۽ لالا منشيرام
جون صحيحون پيل آهن). حضور مهاراج جن انهيءَ دستاويز
جي هر هڪ صفحي تي ۽ آخر ۾ به صحيحون ڪيون آهن.
حضور جن ٢٤ سيپٽمبر ١٩٤٧ تي هڪ وصيت نامو لکائي هن
يوجنا جي منظوري ڏني ۽ ان جي تائيد ڪئي آهي. هن
يوجنا ۽ وصيت نامي ۾ اها ڳالهه صاف ظاهر ڪيل آهي ته،
سندن ڪانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن کي پنهنجو گدي نشين
مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اٿن.

٢٩ سيپٽمبر ١٩٤٧ تي صبوح جو حضور جن کي ڊاڪٽري
تپاس ۽ علاج لاءِ موٽر ۾ امرتسر وٺي ويا. حضور جن جي

ڪيو آهي يا ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن باغ مان ڀاڄي آٽي پيهي رليءَ رڌي کارائي هجي. انهن ٻنهي ڳالهين لاءِ سنگت کان معافي ٿو گهران. مون کي جيڪڏهن ڪنهن کان ڪجهه وٺڻو آهي ته مان اهو ڇڏي ٿو ڏيان. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪجهه مون کان وٺڻو آهي ته اهو ٻڌائي ۽ مون کان وٺي وڃي." پوءِ فرمايائون، "ڪنهن کي به مون جيڪڏهن ڪهڙو ڳالهايو هجي ته اهو مونکي معاف ڪري."

اهي وچن ٻڌي سنگت ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ سنگت گهبرائجي ويئي. ٻئي ڏينهن حضور جن جي هن ڳالهه جي خبر پوندي ئي آسپاس کان ڪافي سنگت اچي ويئي. سڀني جي چهرن تي مايوسي ڇانئجي ويئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. حضور جن انهن ڏينهن ۾ بنگلي جي مٿان سنگت کي درشن ڏيندا هئا. درشن جي وقت لمبردار جڳت سنگهه حضور جن وٽ مٿي وڃي عرض ڪيو، "سچا پاتشاهه! توهان جا وچن ٻڌي سنگت ڏاڍو گهبرائجي ويئي آهي. توهان پنهنجا وچن ڦيرايو ۽ سنگت کي چئو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي." حضور جن مٿان سنگت کي درشن ڏنو ۽ فرمايائون، "مونکي جيڪي چوڻو هو سو مون چيو آهي، جڳت سنگهه لمبردار چاهي ٿو ته مان ڪوڙ ڳالهايان. مان ته باباجي مهاراج جن جي موج ۾ راضي آهيان." منجهند جو ٻن پهرن بعد حضور جن پنهنجي ڪتابن جي ڪٻٽ مان ڪتاب ڇانٽڻ شروع ڪيا. جيڪي ڪتاب پنهنجن پئسن سان خريد ڪيا هئائون، اهي ڪٻٽ ۾ رکيائون باقي سڀ ڪتاب ڏيري جي لئبرريءَ ۾ موڪلي ڏنائون.

٢٠ سيپٽمبر تي حضور جن ملڪ راڌا ڪشن، راءِ صاحب منشيرام کي ٻن سنسنگين کي سڏايو ۽ ڏيري جي بندوبست بابت سوچي ويچاري هڪ يوجنا (٢١٧ صفحي ۾ ڏنل) ٻڌائي.

صلاح ڪري هنن حضور جن کان اجازت وٺي ڊاڪٽر سمٿ
کي تار موڪلي. امرتسر ۾ حضور جن جي صحت ڪجهه سڌرڻ
لڳي. ٢٤ ڊسمبر تي حضور جن امرتسر مان ڏيري آيا. ڇاڪاڻ
ته ٢٩ ڊسمبر تي باباجي مهاراج جن جي ڀنڊاري جو ڏينهن
هو ۽ حضور جن ٻاهران ايندڙ سنگت کي درشن ڪرڻ ٿي
چاهيو. طبعيت اڳئين کان ڪجهه ٺيڪ هئي پر ڪمزوري تمام
گهڻي هئي. موٽر جي سفر جي تڪليف هوندي به حضور جن
ڏيري ۾ پهچندي ئي موٽر مان لهي ستسنگ ۾ سنگت کي
ڪجهه وقت لاءِ درشن ڏنو. ٢٩ ڊسمبر تي حضور جن ڀنڊاري
جي ستسنگ ۾ آيا پر ستسنگ ڪونه ڪيائون. بابو گلاب سنگهه جن
ستسنگ ڪيو. ستسنگ کانپوءِ حضور جن جي طرفان هڪ
پڙدائي پڙهي ٻڌائي ويئي. جنهن ۾ حضور جن پنهنجي گذريل
١٣-١٤ مهنن جي بيماريءَ جو سمورو احوال سنگت کي ٻڌايو.
حضور جن سنگت کي اها پڙدائي هڪ خط جي نموني ۾
لکي هئي. ان جا ڪي ٽڪر هيٺ ڏنا وڃن ٿا :-

پيارا ڀائي صاحبان ۽ حضور مهاراج جن جي پياري
سنگت! اڄ ڀنڊاري جو ڏينهن آهي جو اسين هر سال وڏي
خوشيءَ سان ملهائيندا آهيون. پر افسوس، هن سال مالڪ جي
موج، دنيا کي گهڻو بي آرام ۽ پريشان ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته
ماڻهو دکي حالت ۾ گهرن مان ڪڍيا ويا آهن. ڪي سامان
کڻي سگهيا ته ڪي ڪونه کڻي سگهيا. مونکي ان ڳالهه جو
افسوس آهي پر مالڪ جي موج اڳيان ڪو بيو چارو ڪونه
آهي تنهنڪري سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻو ئي پوي ٿو.
اگرچ دنيا ۾ ماڻهن دک سٺو آهي پر انهن ١٤ مهنن ۾ سنگت
کي دکي ڏسي مون به ڪو سک جو ساهه ڪونه کنيو آهي....
”منهنجن ستگرن منهنجي هن بيماريءَ ۾ ڪا چڱائي ڏني
هوندي ۽ ڪو نه ڪو بوجو لاٿو هوندو.“ ان کان اڳ حضور جن

تڪليف وڌندي ويئي، ڪمزوري به چڱي هئي. امرتسر ۾ به صحت ۾ سڌارو ڪونه ٿيو ۽ سڀني کي چنتا وڌي ويئي. امرتسر ۾ حضور جن ستسنگ گهر ۾ رهيل هئا. ستسنگ گهر جا ڪمرا، هال، دالان ۽ ميدان پاڪستان مان ايندڙ شرنارٿين سان ڀريا پيا هئا. گهڻا ماڻهو ته گهرن مان بنا پئسي ۽ بنا سامان جي نڪتا هئا. جڏهن پاڪستان ۾ انهن جي گهرن تي حملا ٿيا ۽ لٽ مار شروع ٿي ته اهي جهڙي حالت ۾ هئا ان حالت ۾ گهرن جي پوين دروازن کان ڀڄي نڪتا هئا. پري پري وارن علائقن مان به ستسنگين جي سک سانت سان اچڻ جون خبرون اچي رهيون هيون. ڪالا باغ، ائبٽ آباد، پشاور، وغيره هنڌن مان سنگت ڪهڙي نموني نڪري، هندستان ۾ آئي، ان جو بيان ٻڌي وار ڪڙا ٿي ويا ٿي. انهيءَ سموري مصيبت ۾ ڪهڙي نموني حضور جن انهن جي رکيا ڪئي، ڪهڙي نموني پري پري وارن هنڌن تي پاڻ پرگهٽ ٿي انهن کي ڪڍيائون، دلاسو ڏنائون ۽ همت وڌايائون، اهو سمورو احوال شرنارٿي ٻڌائيندا رهيا. امرتسر جي ستسنگ گهر ۾ به حضور جن جي حڪم سان لنگر جاري ڪيو ويو هو. ايتري ڪمزوري ۽ تڪليف ۾ به حضور جن جو خيال ستسنگين ڏانهن هو. ڏينهن ۾ ٻه ٽي دفعا انهن کي درشن ڏيندا هئا ۽ پاڪستان مان ايندڙ شرنارٿين سان برابر گڏجندا رهندا هئا، سندن حال احوال ٻڌندا هئا ۽ انهن کي ڌيرج ڏيندا هئا. حضور جن جو پوٽو سردار چرن سنگهه صاحب جن انهن ڏينهن ۾ سرسي ۾ وڪالت ڪندا هئا. حضور جن انهن کي پاڻ وٽ امرتسر ۾ سڏايو. حضور جن جي صحت ۽ ڊاڪٽرن جي چنتا ڏسي سردار چرن سنگهه جن حضور جن جي علاج لاءِ مشهور هوميوپيٿي ڊاڪٽر سمٿ کي جنيوا مان گهرائڻ جو ويچار ڪيو. ڪٽنب جي ڀاتين سان

صاحب جن ڊاڪٽر سمت کي سملي، دهلي، آگرا وغيره
شهر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويا ۽ خود جهاز تي چاڙهي آيا.
ڊسمبر ١٩٤٧ ۾ امرتسر مان واپس اچڻ بعد حضور جن آخرين
وقت تائين ڏيري ۾ ئي رهيا. بيماريءَ جي ڏينهن ۾ هو
صبوح شام جو سنگت کي مٿان پنهنجي ڪوٺيءَ مان درشن
ڏيندا هئا. ڪن ڪن ستسنگين سان گڏجندا به هئا ۽ انهن
جي مسئلن کي ٻڌي جواب ڏيندا هئا. ڪيترا ڀيرا ڊاڪٽر
سمت کي سنت مت جي باري ۾ ڪجھ نه ڪجھ ٻڌائيندا هئا
۽ هن جي سوالن جا جواب ڏيندا هئا. بيماريءَ جي ڏينهن
۾ به حضور جن سنگت کي درشن، ملاقات چاهيندڙن کي
گڏجڻ، سيڪريٽريءَ سان ڏيري بابت ڳالهيون ٻولهيون
ڪرڻ، نيپال وغيره ڏسڻ ۽ آخر ۾ رات جو سمهڻ کان اڳ،
ڪٽنب جي ڀاتين ۽ ويجهن ستسنگين سان گڏجڻ جا ڪم
ڪندا رهيا. حضور جن هن فاني دنيا مان وڃڻ بابت، ڪيترن
ڏينهن کان اشارا ڏيندا رهيا هئا. هڪ ڀيري ٻيبي رليءَ
کين وينتي ڪئي ته حضور جن کي ڪمزوري تمام گهڻي
آهي ان ڪري ٿورو ٿورو وقت رکي ڪجھ خوراڪ کائڻ
گهرجي. حضور جن جواب ڏنو، "نه هاڻي هيءُ چولو پراڻو
ٿي ويو آهي. هاڻي مان جوان ٿي ايندس." حضور جن جي
هن بيماريءَ وقت آڪٽوبر ١٩٤٧ کان ٢ اپريل ١٩٤٨ تائين
موجوده سرڪار سردار چرنسنگهه صاحب جن سندن شيوا
۾ رهيا. حضور جن جي بيماريءَ جي آخرين ڇهن مهنن ۾ هوءُ
ئي ڪٽنب جا هڪ ڀاتي هئا جي حضور مهاراج جن وٽ
لڳاتار ويٺا هوندا هئا. شري سوهن سنگهه ڀنڊاري به انهن
ڏينهن ۾ حضور جن جي حاضريءَ ۾ هو ۽ گهڻي شيوا ڪندو
هو. اهڙي نموني ڊاڪٽر هزارا سنگهه به حضور جن جي بيماري
واري عرصي ۾ وٽن رهيو پيو هو ۽ انت سمي تائين ڏاڍي

نومبر ١٩٤٦ ۾ جڏهن سردار بچنت سنگھ جي پوٽيءَ جي وواهه وقت سرسي ويا هئا تڏهن کان جيڪا تڪليف شروع ٿي هئي ان جو پورو احوال ڏنل هو ۽ علاج وغيره جو حال ٻڌائيندي فرمايائون ته جڏهن ڪو علاج ڪارگر ثابت نه ٿيو ته مان مالڪ جي رضا تي راضي رهيس، ۽ ان وقت تائين ستسنگ جو ڪم جيترو مونکان ٿي سگهيو، ڪندو رهيس.

پوءِ حضور جن سيپٽمبر ١٩٤٧ ۾ امرتسر وڃڻ، اتي تڪليف جو وڌڻ ۽ ڊاڪٽرن جي علاج وغيره جو پورو احوال ٻڌايو. جن ڊاڪٽرن، ستسنگين ۽ عورتن انهن ڏينهن ۾ حضور جن جي سيوا ڪئي، انهن لاءِ شڪر گذاري ظاهر ڪيائون ۽ ان ڪانپوءِ لکيائون ته ڇاڪاڻ ته مان عام ستسنگين سان ملي نه ٿو سگهان ان ڪري انهن کان معافي ٿو گهران.

٢٩ ڊسمبر تي ڊاڪٽر پئري سمٿ جنيوا مان ڏيري ۾ پهچي ويو. هن ٻه ڏينهن حضور جن جي تپاس ڪئي ۽ بيماريءَ جو سمورو حال سمجهڻ بعد علاج شروع ڪيو. ڊاڪٽر سمٿ تڏهن کان آخرين وقت تائين مهاراج جن جو علاج ڪندو رهيو. هن ڏاڍي لگن، سيوا ڀاو ۽ پريم سان علاج ڪيو ۽ حضور جن هن مان ڏاڍا خوش هئا. حضور جن پنهنجي پوٽي سردار چرنسنگھ صاحب جن کي حڪم ڏنو ته ڊاڪٽر سمٿ جي ڏيري ۾ پوري ديک ڀال ڪن. هڪ ڏينهن حضور جن هنن کي فرمايو، "ڪٿي ائين نه ٿئي جو ڊاڪٽر سمٿ کي مون کانپوءِ ڪمر پهچي به نه، ان لاءِ مون کان پوءِ ڊاڪٽر سمٿ جو خيال رکندا ۽ ان کي هندستان ۾ جيڪا به جڳهه يا شهر هو ڏسڻ چاهي اهو ڏيکارجو ۽ جڏهن وڃڻ چاهي تڏهن ڏاڍي پيار ۽ عزت سان ان کي روانو ڪجو."

حضور جن جي انهيءَ حڪم انوسار سردار چرنسنگھ

تہ ڪنھن جي حق ۾ لکان؟ حضور جن جواب ڏنو، 'جڳت سنگھہ جي نالي.' انھيءَ تي مان دفتر ۾ واپس آيس ۽ اچي حضور جن جا پھريان ٻہ وصيت ناما جيڪي ڏيري جي جائداد سان واسطو رکندڙ ھئا ۽ ٻيا دستاويز جيڪي ڏيري جي تجوريءَ ۾ رکيل ھئا اُھي جاچيا. اُنھن کي ڏسي خبر پيئي تہ وڌيڪ لنبي چوڙي وصيت لکڻ جي ضرورت ڪونہ آھي ڇاڪاڻ تہ اُنھن ٻن وصيت نامن ۾ حضور جن پنھنجي خانگي يعني شخصي ۽ پرمارٿي ملڪيت جي باري ۾ وستار سان آديش ڏيئي چڪا ھئا. رڳو سندن جانشين جو نالو لکڻ ۽ نامزد ڪرڻ باقي رھيل ھو. ان ڪري ھڪ ننڍي وصيت لکي ڪري مان حضور جن جي سيوا ۾ حاضر ٿيس. اُتي ڊاڪٽر سمٿ، حضور جن جا سيڪٽر سردار ٻچنت سنگھہ ۽ پوٽو سردار چرنسنگھہ صاحب جن موجود ھئا. مون اُھو وصيت نامو حضور جن اڳيان پيش ڪيو. منجھند جو وقت ھو. حضور جن پلنگ تي ليٽيا پيا ھئا. اُنھن کي اُٿاري وھاريو ويو ۽ اُنھن عينڪ پائي وصيت نامو ٻہ دفعا پڙھيو. پوءِ مونکي حڪم فرمايائون تہ اھو پڙھي سڀني کي ٻڌاءِ. مون اُتي سڀني ويٺل شخصن کي پڙھي ٻڌايو ۽ پوءِ دستاويز واپس حضور جن کي ڏنو. سردار چرنسنگھہ صاحب جن وٽ حضور جن جي فائونٽين پين ھئي. ھُنن اُھا حضور جن کي صحيح ڪرڻ لاءِ ڏني تہ ڊاڪٽر سمٿ پنھنجي پين حضور جن اڳيان پيش ڪندي چيو، "ڪرپا ڪري اھو فخر مونکي ڏنو وڃي." ان تي مھاراج جن ڊاڪٽر صاحب جي پين وٺي ان سان وصيت نامي تي صحيح ڪئي. بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب کي اسان چيو تہ توھين ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ان تي تصديق ڪريو تہ حضور جن پوري ھوش وحواس ۾ آھن. پوءِ سردار ٻچنت سنگھہ ۽

پريم سان حضور جن جي سيوا ڪندو رهيو.

٢٠ مارچ ١٩٤٨ تي حضور مهاراج جن سردار بهادر جڳت سنگهه جن کي پنهنجو جا نشين مقرر ڪيائون ۽ سندن حق ۾ وصيت نامو به ڪري ڇڏيائون. سردار بهادر جڳت سنگهه جن پنهنجي پريم، ڀڳتي، نمرتا، اوچ ڪمائي، پوتر رهڻي وغيره گڻن کان اڳيئي مشهور هئا. حضور جن جي هن فيصلي سڀني کي ڏيري ۾ رهندڙن ۽ سيوادارن ڏاڍي پريم سان سويڪار ڪيو. ڪيترن اڀياسي ستسنگين کي ته خبر هئي ته سردار بهادر جن کي سنگت جي رهنمائي ۽ جيون جي سنڀال جو بار سپرد ڪيو ويندو. وصيت راءِ صاحب منشيرام کان لکائي وئي. هو به ڪيترن ورهين کان حضور جن جو سيڪريٽري هو. شاهدن جي روپ ۾ حضور جن جي وڏي سپٽر سردار بچنت سنگهه جن ۽ پوٽي سردار چرن سنگهه صاحب جن صحيحون ڪيون. وصيت تي ڊاڪٽر سمٿ به صحيح ڪئي ۽ حضور جن جي پوريءَ طرح هوش و حواس ۾ هئڻ بابت سرٽيفڪيٽ ڏنو.

هيٺ لکيل سٽون راءِ صاحب منشيرام جي ڊائريءَ مان ڏنيون وڃن ٿيون. اهي هن وصيت بابت چڱي روشني وجهن ٿيون :-

" ڪلهه ٢٠ مارچ ١٩٤٧ ڇنڇر ڏينهن صبوح جو حضور جن وٽان دفتر ۾ حڪم مليو ته وصيت لکڻ لاءِ مهاراج جن ياد فرمايو آهي. مان جلدي اتي ويس ته ڏٺم ته سردار بهادر جڳت سنگهه جن منهن ٻڌي ويٺا هئا جڏ ته ٻچن ۾ ويٺا هئا. سردار بچنت سنگهه ۽ سردار چرنسنگهه انهيءَ ڪمري ۾ ويٺا هئا. مان ٻئي ڪمري ۾ هليو ويس جتي حضور جن جو پلنگ هو. اتي مون ڊاڪٽر سمٿ کي ويٺل ڏٺو. حضور جن فرمايو ته اسان جي وصيت لکي اچو. مون پڇيو

حضور جن جي آخرين وصيت هن نموني آهي :-

”مان ساون سنگهه، ولد سردار ڪابل سنگهه، ذات گريوال گدي نشين ڏيرا بابا ڄيمل سنگهه، تحصيل ضلع امرتسر، هن دستاويز ذريعي هيٺ لکيل وصيت ڪريان ٿو :—

هن وصيت کان اڳ، مون پنهنجي شخصي ملڪيت ۽ پرمارٿي (ستسنگ) جي جائداد جي باري ۾ وصيت ڪري ڇڏي آهي پر هيل تائين ڪنهن کي به منهنجي جڳهه تي ڏيري ۾ مون کانپوءِ گدي نشين نامزد ڪونه ڪيو آهي. انڪري هينئر مان پنهنجي پوري هوش و حواس ۾ ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب سردار بهادر جڳت سنگهه ايم.ايس.سي رٽائرڊ پروفيسر انگريڪلچرل ڪاليج، لائلپور کي ڏيرا بابا ڄيمل سنگهه ۽ ان سان واسطو رکندڙ سڀني ستسنگين لاءِ پنهنجو جانشين مقرر ڪريان ٿو. جيڪي ڪار، مان ڪندو آيو آهيان اُهي سڀ ڪار، مون کان پوءِ سردار بهادر ڪندو رهندو. انڪري هيءَ وصيت نامو لکيو ويو آهي ته سند ٿي رهي ۽ ضرورت وقت ڪم ۾ اچي.“

ڏيرا بابا ڄيمل سنگهه — بقلم

تاريخ ٢٠ مارچ ١٩٤٨ — منشي رام سيڪريٽري

وصيت ڪندڙ جي صحيح

ساون سنگهه

شاهد — شاهد

چرن سنگهه ائڊووڪيٽ — بچنت سنگهه (حضور جن جا وڏا پٽ)

وصيت تي ڊاڪٽر سمٿ جو نوٽ :-

وصيت ڪندڙ جنهنجو مان علاج ڪري رهيو آهيان، منهنجي سامهون هيءَ دستاويز خود ٻه دفعا پڙهيو ۽ سندن سيڪريٽريءَ لالا منشي رام به اهو پڙهي ٻڌايو. وصيت ڪندڙ سردار ساون سنگهه اُن تي منهنجي موجودگيءَ ۾

سردار چرنسنگهه جن ٻه أنهي شاهدن جي روپ ۾ صحيحون ڪيون ۽ حضور جن وري انهي پڙتال ڪرڻ بعد أهو وصيت نامو موٽڪي ڏنو. ٢٩ مارچ، ڪلهه هن مهني جو آخرين آرتوار هو. ماهواري ستسنگ ۾ حضور جن جي بيماريءَ سبب ڏيري ۾ سنگت تمام گهڻي آيل هئي. ڇنڇر ڏينهن رات جو منهنجو، بيبي رلي ۽ سردار ٻچنت سنگهه جو اهو خيال هو ته هاڻي جڏهن حضور جن پنهنجيءَ جاءِ تي سردار بهادر جگت سنگهه جن کي وصيت ڪري مقرر ڪيو آهي ۽ أن جي خبر خاص خاص ستسنگين کي پهچي چڪي آهي، ان ڪري بهتر ٿيندو ته ان ڳالهه جي سوچنا سڀاڻي آرتوار ڏينهن ماهواري ستسنگ ۾ سنگت کي ڏيڻ گهرجي. انهي خيال کان صلاح ڪرڻ لاءِ اسان دفتر واري ڪمري ۾ ملڪ راڌا ڪشن ائڊووڪيٽ ۽ سردار ڪرپال سنگهه کي ڪوٺايو. سردار بهادر کي ٻه سڏايو ويو هو، پر هو نه آيا. أنهيءَ مهل اِها رٿ رکي وئي ته سڀاڻي جڏهن سردار ڪرپال سنگهه جن آرتوار جو ستسنگ سماپت ڪن ته اها پڌرائي ڪري ڇڏين ته حضور جن پنهنجو جانشين سردار بهادر جگت سنگهه کي وصيت نامي ذريعي مقرر ڪيو آهي. پر ملڪ صاحب ۽ سردار ڪرپال سنگهه اهو اعتراض أٿاريو ته اها پڌرائي ٻڌي سنگت روئندي گهر ويندي؛ رڳو ايترو چيو وڃي ته حضور جن پنهنجو جانشين مقرر ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري ستسنگ جي سماپتيءَ بعد سردار ڪرپال سنگهه اها پڌرائي ڪري ڇڏي.”

حالانڪ پڌرائيءَ ۾ سردار بهادر جگت سنگهه جو نالو ڪونه ورتو ويو پر سنگت کي حضور جن جي جانشين جي نالي جو پتو پئجي ويو ۽ ستسنگ کان ڪجهه وقت پوءِ حضور جن جي گدي نشين جو نالو هر ڪنهن ستسنگيءَ جي زبان تي هو.

۾ حضور جن جي درشن ڪرڻ سان ڏسبو هو. انڪري سندن
ستسنگين جو من اِها ڳالهه ڪونه مڃيندو هو ته حضور جن
باقي ٿوري وقت لاءِ ئي آهن. حضور جن جي چڙهائيءَ جو
ورنن ڊاڪٽر سمت وسنتاو سان ڪيو آهي. اُن جو ترجمو
پوءِ ڏنو ويو آهي ان ڪري هن باري ۾ هتي وڌيڪ ڪجهه
نٿو لکيو وڃي.

٢ اپريل ١٩٤٨ صبوح کان ئي سنگت حضور جن جي
ڪوٺيءَ جي ٻاهران ڪٺي ٿي ويئي هئي. جڏهن مٿان
حضور جن جا پوٽا سردار چرنسنگهه جن هيٺ آيا ته اُنهن جو
منهن ڏسي سنگت سمجهي ويئي ته حضور مهاراج جن پنهنجي
نج گهر (سچکنڊ) ۾ پهچي ويا آهن. سمورو واتاورڻ روئڻ،
آهُون پرڻ ۽ سڏڪا پرڻ سان ڀرجي ويو. سڀني اهو خيال
ڪيو ته سنسڪار هڪ ڏينهن پوءِ ڪيو وڃي جيئن ٻاهرين
سنگت به اچي آخرين درشن ڪري سگهي. پر ٿوري دير
ڪانپوءِ اها خبر آئي ته ڏيري ڏانهن ايندڙ سنگت جڏهن
حضور جن جي چڙهائيءَ جو دردناڪ سماچار ٻڌو ته هڪ ٻه
ستسنگي رستي ۾ ئي درياهه (نديءَ) ۾ ٽپو ڏيئي ٻڏي
مري ويا. اهڙي طرح ڏيري جي ڪمپائونڊر راميشور زهر
کائي پراڻ تياڳيا. جڏهن اهي خبرون مٿي حضور جن، جي
ڪوٺيءَ ۾ پهتيون ته سردار بهادر مهاراج جن، جي گهر وارن
۽ ويجهن ستسنگين سان گڏ حضور جن جي شرير پرسان ويٺا
هئا، اُٿيا ۽ حضور جن جي چرنن ۾ مٿو ٽيڪيائون ۽ حڪم
ڏنائون ته اڄ ئي سنسڪار ڪريو. ان ڪري سنسڪار جي
تياري ان مهل ئي شروع ڪيائون.

جڏهن حضور جن جو پوتر سرير ارٿيءَ تي ناهي سينگاري
ڪري ٻاهر بياس نديءَ ڏانهن کڻي وڃڻ لڳا ته هر طرف
کان روئڻ رڙڻ ۽ سڏڪن پرڻ جا آواز اچي رهيا هئا. ڙالون

صحيح ڪئي. مان سرٽيفڪيٽ ٿو ڏيان ته وصيت ڪندڙ پوري هوش ۽ حواس ۾ آهن ۽ هنن پنهنجي خود مرضيءَ سان هن تي صحيح ڪئي آهي.

(اصل تي صحيح ڪيل)
ڊاڪٽر پيري سمٿ
رهندڙ جنيوا (سئٽزرلنڊ)
هندستان جو ٽڪ لڳي ٣٠ منٽ ٽائيم
٢٠ مارچ ١٩٤٧

سيل - رجسٽرار
جالنڌر
(صحيح) گور بچن سنگهه
سب رجسٽرار

٣١ مارچ رات جو حضور جن ڀائي ڀان سنگهه ڀائيءَ گي سڏايو ۽ سوامي جي مهاراج جن جو هيءُ شبد پڙهڻ لاءِ حڪم ڏنائون،

”ڏام اپني چلو ڀائي، پرائي ديش ڪيوُن رهنا.“

حضور جن جي بنگلي جي هيٺان سنگت لڳاتار ويٺي هوندي هئي. جڏهن سنگت مٿان، هن شبد جا وچن ٻڌا ته سڀني جون دليون نا اُميد ۽ مايوس ٿي ويون جو سمجهيائون ته حضور ستگرو دين ديال جن ڌر ڌام وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽرن ٿي اُميد لاهي ڇڏي هئي ۽ جواب به ڏيئي چڪا هئا ته به سنگت آس لڳائي ويٺي رهي هئي ته شايد حضور جن پنهنجي مؤج بدلائيندا. ايترن مهنن جي بيماريءَ ڪري حضور جن جو شرير تمام نبل ۽ ضعيف ٿي ويو هو ليڪن جڏهن حضور جن مٿان درشن ڏيندا هئا تڏهن ڪيترا پريمي ستسنگي حضور جن جي چهري تي اُهوئي تيج ۽ جلال ڏسندا هئا جيڪو تندرستيءَ

ٿي. سڀني جي اکين مان آنسوُن جهر جهر ڪري پئي وهيا. ماڻهو هڪ ٻئي جي منهن ڏي پيا نهارين ۽ هيڏي هوڏي پيا اچن وڃن. آتما شرير جي قيد ۾ ترقي رهي هئي ۽ ان کي ٽوڙي نڪري وڃڻ تي چاهيو.

۴ اپريل تي هاڻي چوندڻ جو ڪاريه ٿيو. جنهن استان تي سنسڪار ڪيو ويو هو انڪي هاڻي چوندڻ ڪانپوءِ بلڪل صاف ڪيو ويو. ڦل ۽ رک، سان گڏ ٽي-ٽي فوٽ مٽي به نديءَ ۾ وڌي وئي ۽ ان استان تي ٻي مٽي ڀري وئي جيئن زمين سڌي سنئين ٿئي. پر شيوادارين اُتي وڏا بانس جا لڪڙا وغيره کوڙيا ۽ ان ۾ جهنڊيون وغيره لڳايون ويون ان لاءِ ته ٻري ڪان ان آستان جي خبر پوي. سنگت اوڏانهن مٿي ٽيڪڻ لاءِ وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن ماڻهن جو خيال هو ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي يادگيريءَ ۾ ان استان تي ڪجهه ٺهرائجي. پر ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اهڙو زور وارو سخت طوفان لڳو ۽ برسات پيئي جو جهنڊيون سڀ اُڏامي ويون، بانس جا لڪڙا پاڙئ ۾ لڙهي ويا ۽ ان استان جو ڪوبه نالو نشان ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. ڳولهڻ سان به سنگت ان استان جو پتو لڳائي نه سگهي. حضور مهاراج جن جي مهان ڪاريه، سنت مت جي اوچن آدرشن جي پالنا، سندن نرمل جيون، سندن نيڪ رهڻي، سندن پوتر ۽ پريرڪ وچن، سندن اپار پريم ۽ اسيمر ديا، مهر جون ڳالهيون ۽ سندن آديش ۽ سکيائون اسان لاءِ سندن اصلي يادگار آهن.

حضور جن پنهنجي سموري زندگي پرماوت ۾ لڳائي هئي پر گڏو گڏ پنهنجا خانگي ڪاريه به ڪندا رهندا هئا، جيئن پنهنجي گذاري لاءِ ٻئي تي آڌار نه رکن. ساري عمر آتم نربر رهيا. ۲۴-۲۵ سالن جي عمر ۾ ملٽريءَ ۾ انجنيئر جي عهدي لاءِ پرتي ٿيا، ۲۸ سالن جي عمر ۾ ايس.ڊي.او. ٿيا

مرد، امير غريب، ٻڍا جوان، سڀ زار زار روئڻ لڳا. ٻيا ته ڇڏيو پر نينڍا ٻار به اُداس ۽ ڏکي ڏسڻ ۾ آيا. تار ٽيليفون وغيره ذريعي سنگت کي اطلاع ڏنو ويو ۽ دهلي ۽ ٻين وڏن شهرن مان هوائي جهازن ذريعي ۽ موٽرن وغيره ۾ سنگت اچڻ لڳي. خبر نه آهي ايتري ڀيڙ ڪيئن ڪني ٿي ويئي جو ڏيري ۾ تر ڇنڊڻ جي به جاءِ ڪونه هئي. چوڌاري رڙيون ورلاپ ۽ روڄن جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيا. ائين ٿي لڳو ته قدرت به روئي رهي آهي ڇاڪاڻ ته سخت طوفان لڳڻ شروع ٿي ويو ۽ ايتري مٽي آڪاس ۾ اُڏامي جو چوڌاري اُنڌيرو ڇانئجي ويو.

سنسڪار لاءِ بياس نديءَ جي ڪناري، ڏيري کان ٻه ٽي ميل پري هڪ جڳهه چونڊي ويئي. جڏهن ارٿي تيار ٿي ويئي ته حضور جن جا سڀ کان وڏا سپتر سردار بچنت سنگهه صاحب، سردار بهادر مهاراج جن کي چيو ته چِتا کي توهين باهه ڏيو. ڇاڪاڻ ته اهو ڪاريه گهر وارن جو ۽ سو به سڀ کان وڏي سپتر جو ٿيندو آهي، تنهن ڪري سردار بهادر مهاراج جن انڪار ڪيو. ان تي سردار بچنت سنگهه چيو ”توهين ئي حضور مهاراج جن جا اصلي سپتر آهيو توهان ئي سنسڪار ڪريو. اسان جي دنيوي رشتي کان توهان جو رشتو گهڻو اوچو آهي.“ ان تي سردار بهادر مهاراج جن سنسڪار ڪيو.

جڏهن سرڪار (ستگرن) جي استول (پنجن تتن جو ٿهيل) شرير اگنيءَ کي ارپڻ ڪري موٽيا ته مونکي ڏيرو بلڪل سنسان ۽ ويران نظر اچي رهيو هو. جنهن خوشبودار هوا سان هيءُ باغ بهار لڳو پيو هو، اُها هوا ئي بند ٿي ويئي هئي. هينئر ته ڇئني پاسن کان سرءُ جي موسم پئي لڳي. باهر اُجڙيل باغ هو ته اندر ۾ اُداسي مايوسي ۽ سڄ پئي معلوم

حالت ۾ جوتي جوت سمايا. ڪنهن به پيڙا، بيچيني يا گهٻراهٽ ڪانسواءِ، شانتيءَ ۽ صبر سان پنهنجي نج گهر ڏانهن ڪوچ ڪري ويا جنهن نموني ڪو ڏيئو تيل کپي وڃڻ تي آهستي آهستي وسامندو ويندو آهي اهڙي طرح سندن نبض جي رفتار ۽ ساهه کڻڻ آهستي آهستي گهٽجندو ويو.

ديهي تياڳڻ کان ٻه هفتا اڳ، جڏهن حضور جن ٿورو ٺيڪ هئا تڏهن ٢٠ مارچ تي اُنهن پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان سنگت کي درشن ڏنو. ان کانپوءِ منجهند جو ڏيڍ بجي حضور جن جي وڏي صاحبزادي (جو ٦٨ سالن جو بزرگ آهي ۽ جنهنجي ڏاڙهي سفيد ٿي ويئي آهي) حضور جن جو پوٽو، پرائيويٽ سيڪريٽري، وشواس پاتر شيوادارڻ بيبي رَلي ۽ منهنجي حاضريءَ ۾ سيڪريٽريءَ حضور جن کي اُهو ڪاغذ ڏنو جنهن ۾ حضور جن جي حڪم انوسار سندن آخرين اِڇائون لکيل هيون، مهاراج جن پنهنجي پڙهڻ واري عينڪ گهري، شانتيءَ سان اُها اکين تي رکيائون ۽ ٿورو ڏڪندڙ هٿن سان اُهو ڪاغذ هٿ ۾ ورتائون. حضور جن آهستي تمام خبرداريءَ سان هر هڪ سٽ شروع کان آخر تائين پڙهي ۽ پوءِ سيڪريٽريءَ ڏانهن نهاري ڪاغذ واپس ڏنائون. ان کانپوءِ حضور جن پنج منٽ خاموش رهيا ۽ پنهنجي سامهون نهاري رهيا هئا. ائين پئي لڳو ڄڻ حضور جن ڪنهن ڌيان يا سوچ ۾ لڳل هئا. اُنهيءَ مهل چئني طرف خاموشي يا ماٺ لڳي پيئي هئي. وري حضور جن اُهو دستاويز ٻيو دفعو گهري ورتو ۽ اُهو وري ساڳئي نموني ساوڌانيءَ سان پڙهيائون ۽ سيڪريٽريءَ کي ڏيندي حڪم ڪيائون ته سڀني کي پڙهي ٻڌايو. سيڪريٽريءَ اُهو پڙهي ٻڌايو. دستاويز پڙهي ٻڌائڻ کانپوءِ سيڪريٽريءَ مهاراج جن کان پڇيو ”حضور! اِهو ٺيڪ

۽ ٢٧ سالن جي نوڪري بعد ٥٣ سالن جي عمر ۾ رٽائر ڪيائون. سنه ١٨٩٤ ۾ جڏهن سندن عمر ٣٦ سال هئي، تڏهن بابا جي مهاراج جن سان ملاقات ٿين ۽ نام دان به مليس. ان کان ٩ سال پوءِ ٤٥ سالن جي عمر ۾ باباجي مهاراج جن کين پنهنجو گدي نشين بڻايو ۽ ستسنگ، نام دان ۽ جيون جي اُڌار ڪرڻ جو ڪاريه کين سپرد ڪيائون. اهي ڪاريه حضور جن ڏاڍي پريم ۽ لگن سان آخر تائين ادا ڪندا رهيا. سنه ١٩١١ ۾ هو ٥٣ سالن جي عمر ۾ رٽائر ڪري ڏيري ۾ پڪي طرح اچي رهيا ۽ ٣٧ سال هتي رهيا. حضور جن ٥٤ سال ستسنگ ۽ نام جو پرچار ڪيو ۽ ٢ اپريل ١٩٤٨ تي ٩٠ سالن جي عمر ۾ جوتي جوت سمايا.

حضور جن سوا لک کان به وڌيڪ جيون کي نام دان بخشيو ۽ اُنهن جو اُڌار ڪيائون. ان کانسواءِ اهڙا بي شمار ماڻهو آهن جن حضور جن جي ستسنگن ۽ درشن جو لاڀ ورتو. حضور جن جي جوتي جوت سمائڻ تي ستسنگين کي ڏاڍو صدمو پهتو پر جن رڳو ستسنگ ٻڌو هو يا رڳو هڪ ٻه دفعو درشن ڪيو هو، انهن کي به ڏاڍو ڏک ٿيو. جڏهن امرتسر ۾ هيءَ خبر اخبار جي عيوضيءَ کي ڇپائڻ لاءِ ڏني ويئي ته ان به ٻڌي روئي ڏنو. جيتوڻيڪ هُو ستسنگي ڪونه هو، رڳو ٢-٣ ڀيرا حضور جن جو درشن ڪيو هئائين.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن جو جوتي جوت سمائڻ ۽ آخرين درشن

(ليکڪ - ڊاڪٽر پئري سمٿ، جنيوا)

اهڙي سخت بيماري هوندي به حضور جن بلڪل شانتمي

پڇمڙي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هئا. ڪلهن تي هڪ سفيد سنهي شال ويڙهيل هئن ۽ سندن مٿو پٽڪيل ڪونه هو. دستار بدل ڪونه هئن. سندن نيترن ۾ اپار آتمڪ شڪتي ۽ تيج کي ظاهر ڪندڙ اها جوتي ۽ چمڪ هئي جنهنجو بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. سندن سڄي شرير مان اهڙيون چيتن ڌارائون نڪري رهيون هيون جن جو ورنن ڪري نٿو سگهجي ڇو ته اهي اٿاهه ۽ الوڪڪ هيون. حضور مهاراج جاڳي جاڳڻهار جن جي اکيان اسين پاڻ کي تمام نبل ۽ تڇ محسوس ڪري رهيا هئاسين. ان ڪانپوءِ اسان تي هڪ سندر سهڻي اندروني شانتي ڇانئجي ويئي، جنهنڪري اسانجي چوڌاري دنيا هوندي به دنيا پلجي ويئي. اسان کي پنهنجي سڌ بڌ ڪونه رهي. اسانجي اکين مان پريم ۽ شردا جا لڙڪ جاري هئا. اسين پنهنجي مهان ستگرن جي آتمڪ واتاورڻ جي پرم آنند ۾ لين ٿي وياسين.

آخرين درشن ۽ سنسڪار:-

جڏهن مهاراج جن آخرين ساهه کنيو تڏهن مان پنهنجي ستگرن جي پوتر هٿ کي جهلي هڪ ننڍي اسٽول تي ويٺو هوس ۽ سندن نوراني نيترن ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي نهاري رهيو هوس. مون سندن آخرين ساهه کڻڻ ڏٺو ۽ سندن دل جي آخرين ڌڙڪن محسوس ڪئي. مان اٿي بيٺس. مونکي پنهنجي ڪم جو آزمودو هو. گنڀيرتا سان ۽ ماٺ ڪري مون جهڪيل سر ۽ پنل اکين سان ستسنگين طرف نهاريو. پر وارو ڪمرو به ستسنگين سان ڀريل هو انهن جي اکين ۾ به آنسون هيون ۽ سندن سر جهڪيل هئا. گهڻي دک ۽ ٽٽل دل سان مون ستگرن جي چرنن ۾ مٿو ٽيڪيو جنهنجو مطلب اهو هو ته ”سڀ ڪجهه سماپت ٿي ويو.“

آهي" حضور جن جواب ڏنو "ها" ۽ پنهنجو ڪنڌ لوڏي منظوري ظاهر ڪيائون. پوءِ حضور جن پنهنجي پين گهري. مون پنهنجي پين پيش ڪئي. پين هٿ ۾ کڻي حضور جن پنهنجي پوٽي، (سردار چرنسنگهه) ڏانهن نهاريو ڇاڪاڻ ته اُنهن تي تمام گهڻو وشواس هون. ان بعد مهاراج جن اُنهيءَ اصول دستاويز تي صحيح پاتي جنهن ۾ حضور جن جي جانشين جو نالو ۽ حضور جن جي آخرين اڇا لکيل هئي.

مون حضور جن جي صحيح ڪرڻ ۽ ان جي ضروري پڌرائي ڪرڻ سان گڏ سرٽيفڪيٽ ڏنو ته صحيح ڪرڻ مهل حضور جن پنهنجي پوري هوش ۽ حواس ۾ آهن ۽ اُنهن پنهنجي رضا خوشيءَ، بنا ڪنهن زور بار جي صحيح ڪئي آهي. اُنهيءَ شانت ۽ الوڪ واتاورڻ ۾ مهاراج جن جو ڪهڙو نه نرالو شان هو! سندن مک جي شوڀا ڪيتري نه نوراني، اُدار ۽ پرڀاءِ شالي هئي! جيتوڻيڪ سندن هٿ ٿورو ڏڪيا پئي ته به سندن هر هڪ ڪريا سهڻي شاندار ۽ ڪشش ڪندڙ هئي. دستاويز تي جيڪو صحيح ڪرڻ جو ڪاريه حضور جن ڪيو ۽ جنهن نموني ڪيو تنهن اسان جي دلين کي پريم ۽ ڀاونا سان ڀرپور ڪري ڇڏيو. جوڙيل هٿن، پريم ۽ ڀاو ڀريل دلين سان اسانجا سر ازخود سندن پوتر چرنن ۾ جهڪي ويا. ان وقت هو اسانجي سامهون ديهه سروپ ۾ موجود هئا ڇاڪاڻ ته پنهنجي وصيت ذريعي اِها پڌرائي ڪري چڪا هئا ته ڪجهه وقت کانپوءِ هو اسان وٽ ديهه سروپ ۾ ڪونه هوندا. اُها خاموشي ۽ اُن کان به وڌيڪ اُها پورڻ اندروني شانتي جا ستگرن جي اپار دَيا مهر سان اسانجي روم روم ۽ رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي هئي، سا اسين ڪڏهن ڪونه وساريندا سين.

اُن وقت حضور جن پنهنجي پلنگ تي هڪ ٿلهي نيري

هڪدم نوان ستگرو اُٿيا، شانتيءَ سان پنهنجي شال لاٿائون، هڪ ننڍو پتل جو لوٽو ڪڍيائون. اُن ۾ پاڻي ڀريائون ۽ پيرن مان چپ چاپ لنگهي پنهنجي پياري ستگرن جي چرنن ۾ پهتا. اُتي پيو ڪير به ڪونه هو. هنن حضور جن جي چرنن تان ڪپڙا هٽائي ڏاڍي عزت ۽ ڀڳتيءَ ڀاءُ سان آخرين دفعو سندن پوتر چرڻ ڌوتا. اُهو پوتر جل هڪ برتڻ ۾ ڪٺو ڪيائون. جنهن نموني هنن اُهو ڪاريه ڪيو اُن ۾ ڪهڙي نه سوڀيا ۽ شان هو! هي اهميت ڀريو ڪاريه هنن اهڙي ته پريم ۽ ڌينتا سان بنا ڪنهن ادمبر جي ڪيو جو مونکي پورو وشواس آهي ته سندن هن پوتر ڪاريه ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان ڪونه ويو. پنهنجو پوتر فرض پورو ڪري اُنهن موٽي اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺا جڻ ڪو پاڇو لنگهي ويو. پوءِ پنهنجي شال ويڙهي اچي مان ڪري منهنجي پرسان ويٺا. ٻيا ماڻهو پنهنجو ڪاريه ڪندا رهيا.

مهاراج جن جي پهرين ماڙ جي ڇت تي سنگت جي ڀيڙ کي روڪڻ لاءِ ڪجهه شيواڌاري بيهارڻا پيا مگر ان دروازا ئي نه ٽٽي وڃن. پنهنجي پياري ستگرن جي درشن لاءِ سنگت ڏاڍي وياڪل هئي ۽ ڀيڙ مان ماڻهو هر هر اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ٻاهران اسانکي ماڻهن جو روئڻ چيخڻ پڪارون ڪرڻ ۽ دکي آواز سان چلائڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڪمرن ۽ ٻاهر جو واتاورڻ دک، درد سان ڀريل هو. مان اندر ئي ويٺو هوس. ڪجهه مکيه ستسنگي مرڪزن ڏانهن تار رستي اها دک ڀري خبر ڏيڻ ۽ چندن جون ڪاٺيون ۽ سنسڪار لاءِ ٻي گهربل سامگري آڻڻ لاءِ حضور مهاراج جن جو هڪ پوٽو بياس ريلوي اسٽيشن تان ٽيهندو امرتسر لاءِ روانو ٿي ويو.

ان وچ ۾ ڏيري ۾ چڱا ماڻهو ڪٺا ٿي ويا. منهنجي اکيان

٢ اپريل ١٩٤٨ جو ڏينهن هو. ان وقت ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۾ صبح جو ساڍا اٺ لڳا هئا. ڪهڙو نه دردناڪ وقت هو. هر هڪ ستسنگيءَ جي دل کي ڪهڙو نه سخت صدمو رسيو هو! ڇا ڳالهه حقيقت ۾ سچ هئي؟ ٿوري وقت لاءِ اسين وائڙا ٿي وياسين. گهڙيءَ گهڙيءَ اها آس لڳائي ويٺا هئاسين ته من ڪو چمتڪار ٿي پوي. پوءِ ته اوچتو پياري ستگرن جي وڇوڙي جي سخت صدمي سبب مٿين ڪمري ۾ روئڻ رڙڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ انڪري هيٺ ويٺل ستسنگين کي ان دردناڪ گهٽنا جي خبر ملي ويئي.

گذريل ٻن ڏينهن کان مهاراج جن جو ڪمرو ۽ ٻيا وارا ڪمرا ستسنگين سان ڀريا پيا هوندا هئا. اُهي بنا ڪاڌي پيتي رات ڏينهن پنهنجي ستگرن ۾ اکيون پائي ويٺا هئا. حضور مهاراج جن ٿورا ڏينهن اڳ اها اِڇا ظاهر ڪئي هئي ته سندن ڪمري ۾ اُهي ستسنگي وهن، جيڪي شانتيءَ سان سمرن ڪندا رهن.

مهاراج جن جا ٻه ٽي ويجها شيوڪ ۽ سندن پٽ ۽ پوٽا پنهنجي ستگرن جي پوتر شرير جو آخرين سنسڪار ڪرڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا. اُنهن صابڻ ۽ پاڻيءَ سان مهاراج جن جي ديهه کي اشنان ڪرائي، سفيد ڪڙتو ۽ گهري رنگ جا ڪپڙا پهرايا. ان وقت سڀ ماڻهو حضور جن کي اِشنان ڪرائڻ ۾ لڳا پيا هئا، ڪو سندن پوتر سر ڌوئي رهيو هو، ته ڪو سندن مک منڊل، ته ڪو سندن هٿ، ته ڪو سندن ڪلهن کي ڌوئي رهيو هو. ان مهل حضور جن جو وفادار ڪمپائونڊر هزارا سنگهه ڪمري جي هڪ ڪنڊ ۾ شوڪ ۽ درد ۾ بنا ڪنهن سهاري پيو هو. منجهس ڳالهائڻ ته ڇڏيو پر چرڻ پرڻ جي شڪتي به ڪونه هئي. ڪمري جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ مان سردار بهادر جڳت سنگهه جي پرسان پرارٿنا ۾ سر جهڪايو ويٺو هوس.

جي پوتر شرير اڳيان متو ٽيڪيندا، شردانجلي ارپڻ ڪندا ويا. هي سڀ سڄيءَ پاوِنا سان ٿي رهيو هو. هر هڪ شخص کي سندن درشن لاءِ ۽ متو ٽيڪڻ لاءِ پربل چاهنا هئي. سنگت جي وڌندڙ ڀيڙ کي روڪڻ لاءِ شيواڌارين جو هڪ ٽولو ناهيو ويو هو ڇاڪاڻ ته ڪنهن کي به وشواس نٿي آيو ته ڪو مهاراج جن چولو ڇڏي چڪا هئا ۽ هر ڪنهن پنهنجي اکين سان ڏسي ڪري يقين ڪرڻ ٿي چاهيو. سڀ ماٿو حضور مهاراج جن جي شرير اڳيان گل، عطر وغيره رکندا ٿي ويا. هوڏانهن آخرين سنسڪار لاءِ هنن جي آسپاس خوشبودار سامگري پئي رکيائون ان ڪانپوءِ هنن کي هڪ ارٿيءَ تي رکيو ويو. ارٿي لال سونهري ڪپڙي سان سينگاريل هئي.

هاڻي اهو فيصلو ڪرڻو هو ته انتم سنسڪار هينئر ئي ڪيو وڃي يا پوءِ، ڇاڪاڻ ته ڪيترن ئي ستسنگين ائين پئي وينتي ڪئي ته سنسڪار ڪجهه ڏينهن بعد ڪيو وڃي ته سندن متر ۽ ڪٽنبي جن کي اڃا تائين خبر ڪونه ملي هئي سي به اچي ستگرن جو آخرين درشن ڪري سگهن. پر هندستان ۾ اهو رواج آهي ته سنسڪار اُنهيءَ ڏينهن ئي ڪرڻ گهرجي ۽ هن ملڪ جو هوا پاڻي ۽ گرم موسم کي ڏسي آخرين سنسڪار مهل ڪرڻ به مشڪل هو. انڪري اهو طئه ڪيو ويو ته اُنهيءَ ڏينهن شام جو سج لٿي اڳني سنسڪار ڪيو وڃي.

شام جو ٥ بجي تيز هوا ۽ طوفان لڳڻ شروع ٿي ويو، آسمان ۾ مٽي پرجي ويئي ۽ چوڌاري واتاورڻ ڌنڌلو ٿي ويو. ائين پئي لڳو ڄڻ قدرت به اُن مهل دک سبب وياڪل هئي. چڱيءَ طرح سينگاريل ارٿي مٿي صندل تي سجاوٽ سان رکي ويئي ۽ اُن کي ستگرن جي ويجهن ٢١ ستسنگين ڪلهو ڏنو. اُنهن ۾ نوان ستگرو سردار بهادر جگت سنگهه صاحب جن

دکدائي ۽ دل سوز اهڙا درشيہ ڏسڻ ۾ آيا جي شايد ڪنهن بہ ملڪ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪونہ ڏٺا هوندا. سڄي ڪالونيءَ ۾ اها خبر پکڙجي ويئي ۽ سنگت جون آهون ۽ ورلاپ نهايت دردناڪ هئا. هڪ ڪلاڪ اندر ئي هزارن ڪان بہ وڌيڪ ماڻهو اچي ويا ۽ ڏهين بجي تائين تہ آس پاس وارن ڳوٺن ۽ شهرن مان ڏهہ هزارن کان بہ وڌيڪ ماڻهو اچي ويا. پنهنجي ستگرن جي پريت ۽ ڀڳتيءَ ۾ روئندا، ڳوڙها ڳاڙيندا، شوڪ ۾ ورلاپ ڪندا پئي آيا. ڪيترا تہ بيهوش ٿي ويا. هڪ نوجوان ستسنگيءَ ڪيچ ڪائي ڪري پراڻ تياڳيا. هو پنهنجي ستگرن کان سواءِ زنده رهي نہ ٿي سگهيو. شوڪ ۽ سنتاپ جي انهيءَ نظاري جو ورنن ٿي نٿو سگهي.

ستگرن جي شرير کي تيار ڪرڻ بعد، سڀني جي درشن لاءِ هيٺ اڱڻ ۾ آندو ويو. جنهن گاديلي تي حضور جن جي شرير کي رکيو ويو اهو هڪ سهڻي پرس پريل چادر سان سجايل هو ۽ گاديلو هڪ سندر سهڻي وڏي غاليچي تي رکيل هو. دروازي پرسان ٿلهي تي حضور جن جو شرير رکيل هو ۽ اهل ستسنگي هڪ هڪ ڪري پرسان درشن ڪندا هلندا ٿي ويا. اهو درشن ڪرڻ جو ڪاريہ بنا رڪجڻ جي پنجن ڪلاڪن تائين چالو رهيو. سڀ پنهنجي پياري ستگرن جي لاءِ آخرين شردانجلي ڏيئي، آخرين درشن ڪري رهيا هئا. حضور جن جو مکہ منڊل سنگمرمر وانگر سفيد ۽ استر هو پر اُن ۾ هيئنر بہ گهري شانتي ۽ سوڀيا هئي. سنگت جي دک، ورلاپن ۽ روئڻ رڙڻ جي نظارن جو ورنن ڪرڻ ڏکيو آهي. مونکي ان وقت خبر پيئي تہ "عشق" ۽ "پريم" سچ پچ ڇا ٿيندو آهي. نيچ ۾ نيچ ذات کان وٺي اوُچي ۾ اوُچي ذات جي ماڻهن، اڇوتن، ڀنگين کان وٺي براهمڻن ۽ پنڊتن، مسلمانن، هندن ۽ سڀني ڌرمن جا ماڻهو اچي مهاراج جن

پيرڻ ٻنهي پاسن کان هٿن ويٺي هئي ۽ اُن مان هڪ شاندار شخص اڀيان وڌي آيو. ان جي منهن ۾ دوئي سوڀيا ۽ سونهن هئي ۽ اکيون پريم ۽ ديا سان ڀريل هيون. اُهي هئا نوان ستگرو، جي ٻئي هٿ وڌائي مون ڏانهن اچي رهيا هئا ۽ پڇڻ لڳا ته مان توهان وٽ ويهي سگهان ٿو؟ منهنجي ٽٽل دل ۽ نراشا جو کهڙو نه سٺو جواب هو! ستگرن جي اپار ديا مهر جو اُهو کهڙو نه اثرائتو ۽ دل کي ڏيڍ ۽ تسلي بخش آئت هو! اسين ماٿ ڪري ٻيٺا هئاسين مان شرڌا سان انتم سنسڪار جي ريت رسم ڏسي رهيو هوس. چکيا مان اگنيءَ جا اُلا مٿي پئي اُڏاڻا. سنگت شبد ڳائي رهي هئي. ماڻهو چکيا ۾ سوپاريون، کجور، جايفل وجهي رهيا هئا. هوا تيز لڳي رهي هئي. ٿوري ٿوري برسات پئي پيئي. قدرت ۾ به اُداسي، مايوسي ۽ انڌيرو ڇانئجي ويو هو.

ٿوري وقت کانپوءِ سردار بهادر مهاراج جن اُٿيا ۽ مونکي پاڻ سان هلڻ لاءِ چيائون. مان برسات ۽ تيز هوا ۾ پنهنجي چٺي کولي هنن سان گڏ پئي آيس. ٻين وانگر مان به پنهنجي پتلون هٿ سان مٿي ڪري پئي هليس جئن اها برسات ۽ گپ چپ سبب خراب نه ٿئي. اوچتو جيئن اسان ٻيهي پنيان چکيا جون چمڪندڙ باهه جون لاٽون ڏٺيون ته طوفان ۽ برسات بند ٿي ويا هئا ۽ ڏيري جي پنيان هڪ قدرتي سج لٿي جو سندر نظارو ڏسڻ ۾ آيو. اُنجي روشنيءَ ۾ ستگرن جي ٺهرايل ستسنگ گهر جو پاڇو صاف پئي ڏسڻ ۾ آيو. پنيان آسمان جي لالاڻ سبب ستسنگ گهر جو اهو نظارو ڏاڍو سهڻو، سندر ۽ ڪشش ڪندڙ پئي لڳو. هڪ طرف ته سنگت جي ٻيهد پيڙ جي وچ ۾ چکيا تي ستگرن جو پوتر شرير هو ۽ ٻئي طرف چکيا وانگر ئي آڪاش لال لڳو پيو هو جڻ آڪاش

۾ هئا. ارٿيءَ سان سنگت ڏيري کان ٽي ميل پري بياس نديءَ جي ڪناري طرف هلندي هلي. سنگت کي رستيءَ جي ڏڪن تان ۽ گوڏن تائين پاڻيءَ مان لنگهڻو ٿي پيو. انهيءَ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ لڳي ويو. ويهہ هزار ماڻهو گل وغيره ڇٽڪاريندا ۽ پيرن ۾ هڪ ٻئي کي ٺيلها ڏيندا هلندا ٿي ويا. انهن جي هلڻ سبب ايتري تہ مٽي اُڏامندي رهي جو ارٿي کڻندڙ بہ ڏسڻ ۾ نہ پيا اچن. ارٿي کڻندڙ وارو وٽندا هلندا رهيا ارٿيءَ جي چئني پاسن کان هڪ نوڙي ٻڌي ويئي هئي پر پيڙ ايتري زبردست هئي جو ٿوري ئي وقت ۾ گهيرو ٽٽي پيو ڇو تہ هرڪو پيو چاهي تہ چکيا جي ڀرسان هجان. چکيا چندن وغيره ڪاٺين سان تيار ڪئي ڪيائون. چندن جي ڪاٺين جا ٽڪر هڪ ٻئي کي ڏيندا ويا. جڏهن چکيا تيار ٿي تڏهن ستگرن جو پوتر شرير ان مٿان رکيو ويو ۽ وري مٿان بہ ڪاٺيون رکيون ويون. وچ وچ ۾ گيهہ، اگربتيون چندن ڪافور وغيره خوشبودار شيون رکيون ويون ۽ بعد ۾ چکيا کي اگنيءَ حوالي ڪيو ويو.

مان پنهنجي اسسٽنٽ ڊاڪٽر پُري سان گڏ پيڙ کان نڪري پنيان هوس مطلب تہ اسين سڀني کان اڪيلا بيٺا هئاسين ۽ من ۾ ستگرن جي چرنن ۾ پرارٿنا ڪري رهيا هئاسين. جسماني طور هو اسان کي ڇڏي ويا هئا. مون کي تہ ائين پئي لڳو ڄڻ مان هڪ بي واهہ وديشي هوس. مان اهو ئي سوچي رهيو هوس تہ ڇا مان زندهہ آهيان! مان پاڻ کي چئي رهيو هوس، ”هاڻي تہ مان اهڙو هڪ اناٿ آهيان جنهن سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو آهي، بي واهہ، بي وسيلي ٿي ويو آهيان، جنهن کي نہ ڪو آسرو ڏيڻ وارو آهي ۽ نہ مدد ڪرڻ وارو آهي. مان هڪ اها آتما آهيان جا سنسار ۾ پنهنجو مارگ ئي ڀلائي ويٺي هئي...... “ ۽ هن وقت

اٿهيءَ ڳالهه منهنجي اندر ۾ اهڙي ڇاپ يا مهر لڳائي جا ڪڏهن به نه مٽجي سگهندي. مان اها گهڙي ڪڏهن به نه وساري سگهندس جا گهڙي اڄ مون لاءِ تمام پوتر آهي بلڪ اها مون لاءِ هڪ وردان آهي.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن هڪ پورڻ سنت ۽ سچا ستگرو هئا. هو اڄ به شش جي اندر ۾ موجود آهن ۽ شش اڄ به اندر ۾ سندن نوراني سروپ جو درشن ڪري سگهن ٿا.

—88088—

۽ هن ڪڏهن نہ وسرندڙ انتم سنسڪار جي نظاري جو هڪ نقل هو. چڪيا وٽ چار شيواداري پهري لاءِ بيهاريا ويا هئا. چڪيا ۾ ڏيڍ ڏينهن تائين آگ ٻري پئي. ٢ اپريل جي اها رات ڏاڍي ڀيانڪ هئي. سخت طوفان ۽ مينهن، آسمان ۾ هلندڙ بادلن جي گجگوڙ، هر هر ڪنوڻ يا بجليءَ جا چمڪاٽ ۽ آخر ۾ تيز برسات جو وسڪارو! اهڙي هوندي بہ اُهي چار ستسنگي چڪيا جي پهري تي پختا ويٺا هئا. اگني، ستگرن جي پوتر سرير کي پنهنجي گود ۾ گهيري رهي هئي. قدرت جي ڪوپ يا طوفان جي ڄڻ تہ اُنهن کي ڪا بہ پرواهہ ڪونہ هئي.

٤ اپريل تي منجهند ڌاري ڦلن (هاڏين) چونڊڻ جي رسم ادا ٿي. ڦلن کي ڪڍڻ لاءِ چڪيا مٿان ڪير ڇنڊيو ويو. ان ڪانپوءِ مهاراج جن جي ڪٽنبين ۽ اُنهن جي ويجهن ششن ڏولن ۾ ڦل ۽ رک ميڙي وجهڻ شروع ڪئي. اٽڪل ٽي سؤ ستسنگي هڪ قطار ڪري چڪيا کان نديءَ جي وچ تائين بيٺا هئا. ڏول ۽ بالٽيون اُن وقت کان وٺي هڪ ٻئي کي پهچائيندا ويا. ڦل ۽ رک ۽ سنسڪار ڪرڻ واري جڳهہ جي مٽي نديءَ ۾ پروان ڪيائون. اِن رسم ادا ڪرڻ ۾ شام ٿي ويئي.

واپس وڃڻ لاءِ سنگت ڏاڍي ديا ڪري مون لاءِ گهوڙي جو بندوبست ڪيو هو. حضور مهاراج جن جي ٽي مهنا شيوا ۽ علاج ڪرڻ لاءِ جنهن نموني ماڻهن اچي منهنجي شڪرگذاري ڪئي، اهو نظارو بہ دل اڏاريندڙ هو. نوان ستگرو خود منهنجي رهائشي جڳهہ تي آيا. انهن مونکي ڀاڪر پائي ڏاڍي ديا ۽ پريم مان احسان ظاهر ڪيو. منهنجي بہ دل ڀرجي آئي. مان چئي سگهان ٿو تہ انهيءَ مهل مونکي هڪ ستگروءَ مان ٻئي ۾ جوت بدلجڻ جو سچو انڀو يا آزمودو حاصل ٿيو.



حضور مہاراج بہادر جگت سنگھ جی

باب ٽيون

سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جي

سردار بهادر جڳت سنگهه جن جا پتا سردار ڀولا سنگهه جي جالندر ضلع ۾ نؤسي ڳوٺ جا مشهور زميندار هئا. ڳوٺ ۾ سندن گهڻيون هلنديون پهچنديون ۽ مڃتا هوندي هئي ۽ سندن ڪٽنب ان ايراضيءَ جي مکيه زميندارن ۾ ڳڻيو ويندو هو. سردار جڳت سنگهه جن جو جنم ٢٧ جولاءِ ١٨٨٤ ۾ ٿيو. ننڍي وهيءَ ۾ ئي هو خوش مزاج، شانتيءَ ۽ مٺو ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن سندن عمر ٥ سال هئي تڏهن سندن ماتا جو ديهانت ٿيو ۽ سندن پتا جي چاچيءَ کين پاليو نپايو. سندن ڪٽنب جا ڀاتي هميشه ساڌن سنتن جي شيوا ۽ مهاتمائن جي سنگت جا پريمي هوندا هئا ۽ ننڍي کان ئي پاڻ به انهن سان گڏ سنتن مهاتمائن وٽ ويندا هئا. ٻالپڻ ۾ گردواري جي گرنٿيءَ کان گرمکي اکر سکڻ شروع ڪيائون، بعد ۾ مشن اسڪول جالندر ۾ داخل ٿيا. سندن پڙهڻ ۾ ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي ۽ هميشه فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيندا هئا. پڙهڻ سان گڏ کين راندين جو به ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ هاڪي ۽ فوٽ بال رانديون تمام چڱيءَ طرح ڪندا هئا. مشن اسڪول جالندر مان ميٽرڪ پاس ڪري گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ داخل ٿيا ۽ اُتان ايم. ايس. سي. (M.Sc.) ڊگري حاصل ڪيائون. سندن هم ڪلاسي ٻڌائين ٿا ته ڪاليج ۾ وديارٿين تي سندن همدردي، پيار، سادگي ۽ نمرتا جو سٺو اثر هو ۽ شاگرد سندن

خوب عزت ڪندا هئا. ڪاليج جي عرصي ۾ ئي ڪين سندن اوچ رهڻي، پوتر جيون ۽ سنجم سبب "گروجي" ڪري سڏيندا هئا.

سن ١٩٠٩ ۾ ايم. ايس. سي. (M.Sc) امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪين اُن ڪاليج ۾ ئي ريسرچ اسڪالر ڪري مقرر ڪيو ويو. پوءِ لئلپور انگريڪلچرل (زرعي) ڪاليج جو پرنسپال ڊاڪٽر بارنس جو سندن پرئڪٽيڪل امتحان وٺڻ آيو هو اُن تي سندن ڏاڍو اثر ويٺو ۽ گهڻو ضد ڪري ڪين لئلپور وٺي ويو. اُتي ڪين زرعي ڪاليج ۾ ڪيمسٽريءَ جو اسسٽنٽ پروفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو.

سردار بهادر جن شاگردن کي پڙهائڻ ۾ لڳن ۽ دلچسپي رکندا هئا ۽ ساڻن ڏاڍي محنت ڪندا هئا. ٿورن ئي ڏينهن ۾ هو پنهنجن شاگردن ۾ لوڪ پريه بڻيا. سندن پاڙهڻ جو ڍنگ اهڙو هوندو هو جو کهڙي به خشڪ وشيه (Subject) کي آسان ۽ وڻندڙ بڻائي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته پرنسپال ڊاڪٽر بارنس به چپ چاپ اچي سندن ڪلاس ۾ ويهندو هو ۽ سندن ليڪچر ٻڌندو هو.

شاگرد نه رڳو سندن عزت ڪندا هئا پر ڪين ڏاڍو ڀائيندا به هئا ۽ سندن هر ڪا ڳالهه يڪدم مڃڻ لاءِ تيار ٿيندا هئا. هو انتظام جو تمام گهڻو خيال رکندا هئا. پاڻ به انتظام جا پابند هوندا هئا ۽ شاگردن کي به انتظام ۾ رهڻ لاءِ پيار سان چوندا هئا. جو شاگرد پنهنجي ڪم ۾ ڪمزور هوندو هو يا ان ڪم ۾ اڀياس ڪرڻ چاهيندو هو، انکي ڪاليج جي وقت کانپوءِ به اتي ويهي مفت پاڙهيندا هئا.

ٽينس ۽ هاڪيءَ ۾ ڏاڍا هوشيار رانديگر هوندا هئا. هاڪيءَ ۾ ته هو سيني رانديگرن ۾ اول هوندا هئا ۽ سندن ڪانسواءِ ٽيم ٻاهر راند ڪرڻ لاءِ وڃي نه سگهندي هئي. رانديگر به

کي مالي مدد ڏيئي تعليم ڏياريندا هئا. جڏهن ٻه ڪو شاگرد ڪنهن تڪليف هيٺ ايندو هو ۽ اها خبر سردار بهادر جن کي ملندي هئي ته هڪدم هن کي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته هڪ ڇوڪرو بلوچستان مان آيو هو ۽ ڪيترن مهينن گذرڻ بعد ٻه هن ڪاليج جي داخلا، پڙهائي ۽ هاسٽل في نه ڀري هئي. هن کي امتحان ۾ ويهڻ کان روڪيو ويو ۽ اها خبر جڏهن سردار بهادر جن کي پيئي ته هُنن اُن ڇوڪري کان في نه ڀرڻ جو سبب پڇيو. هن ٻڌايو ته گهران اڃا تائين ڪي پئسا ڪونه آيا آهن. ڪيس ڇيائون ته پنهنجي پتا کي تار ڪري پئسا گهرائي وٺ نه ته امتحان ۾ ويهي نه سگهندين. ڇوڪري جواب ڏنو، "سائين توهين ٻه ته اسان جا پتا آهيو." اهي لفظ ٻڌندي ئي سردار بهادر جن پنهنجو چيڪ بوڪ گهرائي سؤ روپيا ان ڇوڪري جي فيءَ جا جمع ڪرائي ڇڏيا. ڪجهه وقت بعد ان ڇوڪري وٽ گهر وارن وٽان پئسا اچي ويا. هو اهي روپيا کڻي وٽن آيو ۽ هن جڏهن روپيا ڪڍي ميز تي رکيا ته سردار بهادر جن هن کان پڇيو "ڇا جا روپيا آهن؟" هن جواب ۾ چيو، "هيءُ اُهي روپيا آهن جيڪي توهان ڏنا هئا." اُهو ٻڌي سردار بهادر جن فرمايو "ڪم پورو ٿيو ته پوءِ هاڻي مان تنهنجو پتا نه آهيان ڇا؟" ۽ کيس روپيا موٽائي ڏنائون.

هنن ڪاليج جو ڪاروبار هميشه سنگروءَ جو ڪاريه سمجهي پوري لگن ۽ محنت سان ڪيو. اُنهن ڏينهن ۾ هڪ دفعي پنهنجي دوست راءِ بهادر شنڪرداس سونديءَ جي پٽ شري ڪندن سونديءَ* جو پنهنجي وديارٿي جيون ۾

* شري ڪندن ايل. سوندي پارٽيشن وارو سينا ۾ ايئر وائيس مارشل جي عهدي تان رٽائر ٿي اڄڪلهه ڏيري ۾ رهندا آهن.

آدرشي هوندا هئا. راندين جي ميدان ۾ هو وديارٿين سان
اهڙو وهنوار ڪندا هئا جو شاگرد ائين نه سمجهن ته هو
پنهنجي اُستاد سان گڏ پيا راند ڪن. سن ١٩٠٩ع ۾ هو حضور
مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي چرنن ۾ آيا. ان وقت حضور
مهاراج جن نوڪريءَ ۾ هئا ۽ ائبٽ آباد ۾ هئا. سردار بهادر جن
پنهنجي وڏي ڀاءُ ڀڳت سنگهه ۽ راءِ صاحب منشي رام سان
گڏ حضور جن جي درشن لاءِ ائبٽ آباد تشريف وٺي ويا. اُتي
ستسنگ ٻڌائون ۽ نام ورتائون. نام وٺي نام جي ايتري
ڪمائي ڪيائون جو اهڙي ڪمائي ڪو ورلي ڪري سگهندو.
جنهن لگن ۽ محنت سان ڪاليج ۾ ڪم ڪري رهيا هئا اهڙي
لگن سان پنهنجو فرصت جو سمورو عرصو سمرن ڀڄن کي
ڏيندا هئا. گهر جو سارو ڪاروبار پنڊت * لالچند کي سونپي
ڏنائون. اهو به سندن سنگ ۾ اچي ستسنگي بڻيو هو. سردار
بهادر مهاراج جن ڪڏهن به پاڻ وٽ پئسو پائي ڪونه رکندا
هئا. پگهار ملڻ سان پنڊت جيءَ کي ڏيئي ڇڏيندا هئا، هو
سندن سمورو خرچ پکو هلائيندو هو. پاڻ ڪيترن ئي شاگردن

---

* پنڊت لالچند ڏرماني ڪاليج واري عرصي ۾
سردار بهادر جڳت سنگهه مهاراج جن جو شاگرد هو ۽ پوءِ هنن
سان گڏ اگريڪلچر ڪاليج لائلپور ۾ ساڻن گڏ پروفيسر ٿي
رهيو. هو سردار بهادر مهاراج جن جا گهرا مِتر ۽ ويجها ساٿي
هئا. هميشه ساڻن گڏ رهندا هئا. جڏهن به سردار بهادر
مهاراج جن ڏيري ويندا هئا ته پنڊت جي پڻ ساڻن گڏ ويندا
هئا. سردار بهادر مهاراج جن جي نيڪ صحبت ۾ نه صرف
پاڻ نام جي رنگ ۾ رڱجي ويا پر سندن ماتا پتا ۽ ڪٽنب
جا ٻيا ڀاتي پڻ ستسنگي بڻيا. هن وقت پاڻ رٽائر ڪري
گهڻو وقت ڏيري ۾ وتيت ڪندا آهن.

سان سنبڌ سبب ڪاليج ۾ جو نرمل واتاورڻ پيدا ٿيو هو ان جي چرچا هر هڪ جي وات تي هوندي هئي. انهن گڻن ڪري ئي کين لقب عطا ٿيو هو.

پاڻ فرمائيندا هئا ته ستسنگيءَ کي سنت مت جي باري ۾ پرچار ڪرڻ يا ڪنهن کي به ڪجهه چوڻ جي ضرورت نه هئڻ گهرجي. هن جي رهڻي اهڙي اوچ هئڻ کپي جو ماڻهو هن کي ڏسي پاڻيهي ڏانهن ڇڪجي اچن ۽ پاڻيهي ان مارگ جي تحقيقات ڪرڻ لڳن. سردار بهادر جن جي جيون ان ڳالهه جو هڪ زنده مثال هو. سندن اوچ رهڻيءَ جي اثر هيٺ سندن ڪيترا وديارٿي ۽ ساٿي ۽ پروفيسر ڏيري ۾ آيا ۽ حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن کان نام دان ورتائون. سندن پرنسيپال ڊاڪٽر لئنبر خود پنهنجيءَ اڇا سان ڏيري ۾ اچي نام دان ورتو. هن انهن سان ڪڏهن به سنت مت بابت ڪو ذڪر ڪونه ڪيو هو. سندن پوتر جيون ۽ اوچ اخلاق جي اثر ڪري اهي پاڻ اچي پڇا ڳاڇا ڪندا هئا ۽ پنڊت لالچند جن کي وٺي ڏيري ۾ ايندا هئا. ٻالپڻ کان ئي سردار بهادر جن جي روچي پرمارٿ ڏانهن هوندي هئي. نام دان بعد ته نام جي ڪمائي ڪرڻ ۽ ستگرو جي پيڇيءَ ئي سندن جيون جو مکيه مقصد هوندو هو. نام دان وٺڻ کان ڪجهه ڏينهن بعد ڀراڌريءَ ۾ ڪنهن جي موت تي رکايل گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ تي پاڻ ويا. سنتن جي باڻي ته اسان ماڻهن ڪيترا ئي دفعا ٻڌي هوندي پر هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا آهيون. پر جيڪي آتمائون ڌر ڌام کان ڪنهن خاص مقصد لاءِ اچن ٿيون انهن جي چال ئي نرالي هوندي آهي. گرو گرنٿ صاحب جي باڻيءَ مان هيٺين ڪڙي ٻڌائون - " اوڙ ڪاج تيري ڪتئي نه ڪام، مل سادهه سنگت ڀڄ ڪيول نام. سرنجام لاڳـ ڀوجل

لئبارٽريءَ ۾ رهندو هو ان کي چپائون ته نالو وٺڻ بعد ڪين نه وڃڻ ڏين سمورڻ پر پڙهائي نوڪري وغيره سڀ ڪم پنهنجي ستگروءَ جو ڪارڻ سمجهي پوري لگن ۽ ساوڌاني سان ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪم پوري هوشياري ۽ ڪوشش سان ڪرڻ گهرجي ڇو ته اهو سڀ ڪم ستگرن جو آهي. سردار بهادر مهاراج جن ڪاليج ۾ ڪم اهڙيءَ ڀاونا سان ڪيو جو بيماري، تندرستي، گرمي ۽ سردي ڪين پنهنجي فرض ادائي نباهڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ نه وجهنديون هيون. پاڻ ڪاليج جي يونيورسٽي ٽريننگ (وشو وديالي سئنڪ سکيا دل) جا مکيه ممبر هئا ۽ هر سال نومبر ۾ پنهنجي دل سميت ٽريننگ ڪئمپ ۾ ويندا هئا. سن ۱۹۴۱ ۾ هو ڏاڍا بي چاڪ ٿي پيا ۽ شرير ۾ ڏاڍي پيڙا هئي. پرنسپال کي سندن بيماريءَ جي خبر پيئي ته چيائونس ته ڪئمپ جي ڊيوٽي کان موڪل وٺو ڇاڪاڻ ته اُتي ٽريننگ پريڊ وغيره جو ڪم تمام سخت ٿيندو آهي. پاڻ ڪو به جواب ڪونه ڏنائون پر جنهن ڏينهن سندن سئنڪ دل وڃي رهيو هو ته پاڻ به ان ۾ شامل هئا ۽ اُتي وڃي پورا پندرهن ڏينهن سمورو وقت ڊيوٽي ڏنائون. کين انگريز سرڪار سردار بهادر جو لقب عطا ڪيو هو. انهن ڏينهن ۾ وڏن انگريزي آفيسرن جي خوشامند، حڪومت ۾ مدد، جنگ ۾ پئسو پنجڙ ڏيڻ يا حڪومت جي فائدي ۾ ڪنهن به راجنيتڪ يا سماجڪ ڪم لاءِ، لقب عطا ڪيا ويندا هئا. هوءَ ڪڏهن به آفيسرن سان گڏجڻ ڪونه ويندا هئا. خوشامند ته پري رهي پر وزٽ وارتالاپ به نه ڪندا هئا ۽ ڪاليج جي ڊيوٽي بعد سمورو وقت روحاني ابياس ۾ گذاريندا هئا پر سندن شخصيت جو اثر، اوُچ آدرشي جيون، ڪارج ڪرڻ ۾ لگن، سداچار، انوشاسن جو شوق، وقت جي پابندي، وديارٿين لاءِ پريم ۽ همدردي ۽ ساٿي پروفيسرن

سندن ڌرم پتني هميشه نؤسي يا جلندر ۾ رهندي هئي ۽ ڪڏهن به لاهور ڪونه آئي.

سندن پتني شريمتي سدا ڪؤر نيڪ سشيل ۽ سٺي اخلاق واري هئي. هن جا ويچار اوچا هئا ۽ هن سردار بهادر جن کي پنهنجي اوچ آدرش تي مدد ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪا رنڊڪ نه وڌي. کيس به حضور مهاراج جن کان نام دان مليو هو ۽ پنهنجو سمورو وقت ڀڄن سمرن ۾ گذاريندي هئي. ڪڏهن به مات ڪري ڪونه ويهندي هئي. گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ بعد ڀڄن سمرن ۾ يا چرخو ڪتڻ ۾ مشغول هوندي هئي. کيس موجوده سرڪار حضور مهاراج چرنسنگهه جن لاءِ ڏاڍو پيار هوندو هو. پنهنجا آخرين سال ڏيري ۾ گذاريائين. مارچ ١٩٦٤ ۾ اٽڪل ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ ڏيري ۾ ئي چولو ڇڏيائين. آخرين وقت به بلڪل پرسن چت هئي ۽ سندن منهن هميشه خوشيءَ ۾ پئي ٻهڪيو.

سردار بهادر جن جا سپتر سردار جسونت سنگهه تيز بُڌيءَ وارا ۽ تمام لائق شخص هئا. هن انجنيئريءَ ۾ ڀارت ۽ ولايت ۾ وڏي ڊگري حاصل ڪئي هئي ۽ پنجاب سرڪار جي انجنيئري کاتي ۾ وڏا عملدار هئا. ڀاڪرا نانگل بند جي ٺهڻ ۾ سندن ڪافي هٿ هو ۽ پنهنجي آخرين وقت تائين پاڻ اُتي چيف انجنيئر جي عهدي تي رهيا. هو اُدار چت ولڻا ملڻا ۽ سٺي اخلاق وارا وڏا پريمي ستسنگي هئا.

سردار بهادر جڳت سنگهه صاحب جي سموري زندگي هڪ سچي ابياسي ۽ تپسويءَ جي زندگي هئي. کين نه دنيا جي پدارٿن جي ڪا چاهنا هئي ۽ نه اُنهن ۾ ڪو ڦاسندا ئي هئا. کين ڪو به کائڻ پيئڻ جو شوق نه هوندو هو، نڪي سير تماشي ۾ ڪا رُچي هئن. جيڪڏهن کين ڪو به شوق هو ته رڳو پنهنجي ڪرتويه پالن ڪرڻ جو ۽ روحاني ابياس ڪرڻ

ترن کيءِ، جنم ٻرتا جاٽ رنگ مايا کيءِ" اِها تک سندن دل ۾ پيهي ويئي سندن سپاءِ ويچاروان هو. ڪين اوُچن آدرشن تي عمل ڪرڻ جي شروع ڪان عادت پيل هئي. فيصلو ڪيائون ته جڏهن منش جنم جو اصلي مقصد "ڀؤ جل ترن" آهي ته پوءِ "ڀڄ ڪيول نام" ئي منش جو مقصد هئڻ کپي. سندن ماتا پتا سندن مڱڻو بالپڻ ۾ ئي ڪرائي ڇڏيو هو پر سندن وواهه اڃا تائين ڪونه ٿيو هو. تعليم پوري ڪرڻ بعد گهر وارن ساڻن شاديءَ جو ذڪر ڪيو ته جواب ۾ پڇيائون ته گرو گرنٿ صاحب ۾ ان لاءِ ڪٿي آديش ڪيل آهي؟ گرو صاحبن ته "ڀڄ ڪيول نام" جو ئي حڪم ڪيو آهي.

ڪيترن ڏينهن تائين گهر وارا شادي ڪرڻ لاءِ زور ڀريندا رهيا پر انهن جون سڀ ڪوششون وئرٿ ويون. سردار بهادر جن جا سؤمت سردار پرگٽ سنگهه جن سياڻا هئا. انهن حضور مهاراج - ستگرو دين ديال جن جي چرنن ۾ اها ڳالهه پيش ڪندي پرارٿنا ڪئي، حضور! ڪيترا سال اڳ منهنجي پتا ۽ چاچاجن هنن جو مڱڻو هڪ سٺي ڪٽنب ۾ ڪري ڇڏيو هو. هاڻي ته اها ڇوڪري به سامائي آهي. جيڪڏهن هينئر اهو مڱڻو ٽوڙي ڇڏينداسين ته اهڙي ڇوڪريءَ جو مڱڻو ٻيا سٺي ڪٽنب وارا قبول ئي ڪونه ڪندا ۽ اسان جي سڄي علائقي ۾ بدنامي ٿيندي ۽ اسان تي ڪوبه وشواس نه ڪندو. اها ڳالهه ٻڌي حضور مهاراج جن فرمايو "سڀني گرو صاحبن ۽ سنتن شادي ڪئي آهي. سنتان پيدا ڪرڻ لاءِ شادي ڪرڻ ضروري آهي ۽ شادي ڪرڻ ئي کپي." حضور جن جي حڪم اڳيان سردار بهادر جن مستڪ نوايو ۽ آگيا انوسار شادي به ڪئي. پر هنن پنهنجي پتنيءَ کي پاڻ وٽ ڪي ٿورا مهنا رهايو. هڪ پٽ جي جنم بعد

ڪڍا ڻيا ۽ چيائون، ”ڇا! سرڪار ڪان راه وٺڻ بعد توهين مون وٽ آيا ڪيئن آهيو! ڇا مان هنن ڪان بهتر راه ڏيئي سگهندس؟ يا سندن راه ڪان ڪا نياري صلاح ڏيئي سگهندس؟ سندن راه وٺڻ بعد مون ڪان راه وٺڻ جي ڪا ضرورت به هئي ڇا؟“

هو پنهنجن وديارٿين جي دک، درد جو هميشه گهڻو خيال رکندا هئا. هڪ دفعي هنن ڏٺو ته سندن نيوٽوريل گروپ ۾ هڪ ڇوڪرو تمام اداس ويٺو آهي. پاڻ ڪلاس بعد وٽس آيا ۽ ڏاڍي پيار سان پڇيائونس ته اداس ڇو آهين؟ سندن پريم ڀريل وچن ٻڌي ڇوڪري جي اکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ ڳالهائي نه سگهيو. سردار بهادر جن چپ چاپ هليا آيا. ان بابت ٻين کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي معلوم ٿين ته ان جي پيءُ جي مالي حالت تمام خراب هئي ۽ ڪاليج جي پڙهائي چالو رکڻ لاءِ وٽس ڪو ساڌن ڪونه هو. اها ڳالهه معلوم ٿيڻ تي سردار بهادر جن ان جون فيون پاڻ جمع ڪرايون ۽ پورو ٻن سالن جي پڙهائيءَ جو خرچ پاڻ ڪندا رهيا. جڏهن پڙهي لکي ڪري ان وديارٿيءَ کي نوڪري به سٺي ملي ويئي ته هن پنهنجي پهرين پگهار آڻي سردار بهادر جن اڳيان رکي. پڇيائونس ”هي ڇا آهي؟“ هن جواب ڏنو، ”سائين هيءَ منهنجي پهرين پگهار آهي. مون تي ته توهانجو گهڻو ئي قرض آهي“ پاڻ فرمايائون ”ڇا مان اوڌر ۽ ليڻ ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندو آهيان ڇا؟ اهو سڀ ڪجهه وساري ڇڏ ۽ پگهار جا پئسا پنهنجي پيءُ کي موڪلي ڏي.“

اهڙي طرح هڪ صاحب، جو اڄ ڪلهه ڀارت سرڪار ۾ وڏي عهدي وارو آفيسر آهي، سو جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هو تڏهن ان جي پتا جو ديهانت ٿي ويو ۽ پئسي جي تنگيءَ سبب پڙهائي بند ڪرڻ جي نوبت اچي ويس. سردار بهادر جن کي جڏهن اها خبر ملي ته ڪاليج ۽ هاسٽل وغيره

جو ۽ ان ۾ هو اهڙو ته مگن رهندا هئا جو آس پاس جي سڀني ڳالهين کان بي خبر هوندا هئا. بس ڪاليج وڃڻ ۽ بعد ۾ جيڪو به وقت ملندو هون سو پڙهڻ سمرڻ ۾ لڳائيندا هئا. ڪڏهن هڪ منٽ به اجايو نه وڃائيندا هئا. صبوح جو ڪاليج جي وقت کان ڏهه منٽ اڳ تيار ٿيندا هئا ته اهي ڏهه منٽ به پڙهڻ ۾ ويهي رهندا هئا، نوڪر کي رسوئي پائڻ لاءِ چوندا هئا ۽ جيڪو وقت هو ڪاڌو گرم ڪرڻ ۾ وٺندو هو اهو به پڙهڻ سمرڻ کي ڏيندا هئا. شام جو ضرور گهمڻ نڪرندا هئا پر صبوح جو اڪيلا. جيڪڏهن ڪنهن به ڏينهن پنبمس لالچند يا ڪو ٻيو متر گڏ هوندو هون ته سمورو وقت ماٺ ۾ رهندا هئا. سردار بهادر جن سير ڪندي سمرڻ ڪندا هئا ۽ موٽي اچي پڙهڻ ۾ ويهندا هئا. حضور مهاراج جن کين لئلپور ۾ ستسنگ ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. هر آرتوار تي هو ستسنگ ڪندا هئا. ستسنگ شروع ڪرڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ پڙهڻ ۾ ضرور ويهندا هئا. سندن سندر ۽ اثرائتو ستسنگ ٻڌي ڪيترائي شخص سنت مت ۾ آيا. لئلپور ۽ آسپاس جا جيترا به ماڻهو ستسنگ ۾ آيا، انهن مان گهڻا سندن اوچي رهڻي ۽ آنند دائڪ ستسنگ کان متاثر ٿي ستسنگ ۾ آيا هئا. سندن ستسنگ ٻڌي ڪڏهن ڪڏهن ڪي جگياسو شام جو وٽن ايندا هئا. انهن سان سنت مت ۽ ستگرن جون ڳالهيون ڪندي رات جا هڪ ٻه وڄي ويندا هئا. بي بجي انهن کان موڪلائي پڙهڻ ۾ ويهي رهندا هئا.

هڪ دفعي لئلپور ۾ هڪ ستسنگي سردار بهادر جن وٽ پنهنجي پٽ جي پڙهائي ۽ سندس آئيندي جي باري ۾ صلاح وٺڻ آيو. پاڻ سندس ڳالهيون ٻڌندا رهيا. سموري ڳالهه ڪري هن چيو، ”مون هن باري ۾ حضور مهاراج جن کان به صلاح ورتي هئي..“ اهو ٻڌي سردار بهادر جن اُٿي

وٺي ويو. ولايت وڃي هن اُتي ئي نوڪري ڪئي ۽ وري واپس ڪونه آيو ۽ نه ڪنهن جا روپيا ئي موٽايائين. هڪ ڏينهن راءِ بهادر شنڪرداس سونڌي وٽ پارٽي هئي. سردار بهادر جن به اتي موجود هئا. ڳالهين ڪندي راءِ بهادر شنڪرداس جن چيو، ”پروفيسر .... وڏو دوکيباز نڪتو. ٻئنڪ جا روپيا ته وٺي ويو پر جڳت سنگهه جا روپيا به هضم ڪري ويو.“ ان تي سردار سنت سنگهه* جو اُتي حاضر هو ڪانئن پڇيو ”گروجي توهان جا ڪيترا روپيا کٽي ويو آهي؟“ سردار بهادر مهاراج جن يڪدم جواب ڏنو ”منهنجو ڪجهه به ڪونه کٽي ويو آهي.“ جڏهن ٻيا ماڻهو هليا ويا ته راءِ بهادر شنڪرداس ڪانئن پڇيو، ”ڇو جڳت سنگهه توهان کوڙ ڪڏهن کان ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي؟ توهان ته روپيا هن کي ڏنا هئا ۽ هاڻي انڪار ٿا ڪريو؟“ سردار بهادر جن گهڻي نمرتا سان جواب ڏنو، ”مان دوست جي ڳالهه ماڻهن اڳيان ڪيئن ظاهر ڪريان!“ اهو جواب ٻڌي راءِ بهادر هڪ منٽ لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڏاڍي سنمان سان چيائين ”گروجي اهڙيون ڳالهيون توهين ئي ڪري سگهو ٿا!“

لاهور ۾ پنهنجي ڪاليج جي نوڪريءَ واري عرصي ۾ سردار بهادر جن ٢٥-٣٠ وديارٿين جو شروع کان آخر تائين سموري پڙهائيءَ جو خرچ پاڻ ڪيو. ننڍين ننڍين رقمن جي ته ڪنهن کي به خبر ڪونه آهي ته ڪيترو خرچ ڪيو هوندائون. گهڻي ڀاڱي اها مدد پاڻ نه پر پنڊت لالچند جي معرفت ڏيندا هئا. ڪيترن وديارٿين کي ته آخر تائين معلوم

* سردار سنت سنگهه جي، راءِ بهادر شنڪرداس جو ۽ سردار بهادر مهاراج جن جو دوست هو ۽ شهر جو هڪ معزز ماڻهو هو.

جون فيون پنهنجي کيسي مان ڏيندا رهيا ۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن به ڪنهن سان باقي به نه ڪيائون. سردار بهادر مهاراج جن جو شخصي خرچ تمام ٿورو هو. پگهار جو ڪجهه حصو ضرورت مند وديارٿين جي مدد ۾ ۽ مهمانن جي خاطرداريءَ تي خرچ ڪرڻ بعد جيڪي ڪجهه بچندو هو سو هر ڇهن مهينن بعد هڪ لفافي ۾ بند ڪري پنهنجي وڏي ڀاءُ سردار ٻڪيت سنگهه صاحب جن کي ڏيندا هئا. ڪڏهن به هنن کان ڪو به حساب ڪونه پڇندا هئا ۽ نه اهو پڇندا هئا ته روپيا ڪيئن خرچ ٿيا.

نام ونڊڻ بعد هنن ڪڏهن به حضور مهاراج جن کان وقت نه گهريو، نڪي ڪڏهن ڪو سوال ڪيو. ايتري قدر جو ڪڏهن به مهاراج جن سان ڳالهه ٻولهه به ڪونه ڪندا هئا، هميشه ستگروءَ جي حڪم ۾ رهندا هئا. جڏهن حضور جن جي درشن لاءِ ويندا هئا ته ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهندا هئا ۽ ٽڪٽڪي لڳائي درشن ڪندا هئا. سڀ ڪم ڪار ستگرو جو ڌيان ڪري پوءِ ڪندا هئا، ايتري قدر جو هڪ ڪمري مان ٻئي ڪمري ڏانهن ويندي به ڪن پل نيڻ بند ڪري ستگرو جو ڌيان ڪري پوءِ ويندا هئا.

سردار بهادر جن جي جنهن سان به هڪ دفعو مترتا ٿي ويئي، ان سان زندگي ڀر نباهيندا رهيا. ماڻهن ڪڏهن ڪڏهن سندن دوستيءَ جو غلط فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڻ ڪڏهن به اهڙي ڳالهه جي شڪايت ڪونه ڪيائون ۽ پنهنجي مترتا ۾ ذرو به فرق نه آندائون.

هڪ دفعي لائلپور زرعي ڪاليج جو هڪ پروفيسر جو سردار بهادر جن جو دوست هو، سيريڪلچرل جي ٽريننگ لاءِ ولايت ويو. وڃڻ کان اڳ، ڪانئن چڱي خاصي رقم اڌاري طور ورتي ويو. اهڙي طرح ڪجهه روپيا بئنڪ مان به اڌارا

جي دل تي انهيءَ اُلٽو اثر پوندو.“ ٻئي ڏينهن ڪمپيرا چوراڻي ويندڙ ڇوڪري وٽن اچي پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو ۽ معافي طلب ٿيو. سردار بهادر جن هنکي ڏاڍي پيار سان سمجهايو ته جيڪا گذري سا گذري هاڻي اها ڳالهه ئي وساري ڇڏ ۽ نيڪيءَ جي راهه تي قدم رکي هلڻ جي ڪوشش ڪر. اهو ڇوڪرو اڄ مرڪزي سرڪار ۾ وڏو عملدار آهي.

سردار بهادر جن ڪڏهن به ڪنهن جي نندا ڪرڻ ته پري رهي پر ڪا آلوچنا به نه ڪندا هئا. ڪنهن به ڌرم، ذات يا ديش لاءِ ڪو خراب لفظ نه ڳالهائيندا هئا. پنڊت لالچند جن پنهنجي اَنڀو مان جون ١٩٢١ جو هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو ته هڪ دفعي هن ڪاليج ۾ پنهنجي بالادست عملدارن جي شڪايت ڪئي. شڪايت ٻڌي سردار بهادر جن پنڊت لالچند کي چيو، ”مالڪ هر هڪ منش کي سندس ڪرمن انوسار عقل بخشي ٿو ۽ هر هڪ انسان اهو ئي ٿو چاهي ته ٻين جي سامهون پاڻ کي عقلمند سڏائي. جيڪڏهن ٻئي جو عقل توهان کي پسند نه آهي ته توهان کي به ڪو حق ڪونه آهي جو ان شخص کان نفرت ڪريو يا اُن کي برو ڀلو ڪوٺيو.“ وڌيڪ فرمايائون، ”ڪڏهن به ڪنهن منش، ڪنهن قوم، ڪنهن مذهب ۽ ڪنهن ملڪ کان نفرت نه ڪريو، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو گناهه ڪونه آهي.“ پوءِ پنڊت جيءَ کي چيائون ته وڃي ان عملدار کان نندا ڪرڻ لاءِ معافي وٺ. جڏهن پنڊت ان آفيسر وٽ معافي وٺڻ ويو ته سموري ڳالهه ٻڌي ان جي دل پگهري پيئي، هن پنڊت کي ڏاڍي عزت ۽ پيار ڏنو. جڏهن پنڊت لالچند کي زرعي ڪاليج ۾ نوڪري ملي ته سردار بهادر جن کيس صلاح ڏني ته ڪڏهن به غلط بياني نه ڪريو. جيڪڏهن پنهنجو قصور سمجهو ته اهو قبول ڪريو. نوڪري حضور مهاراج جن جي

نه ٽيو ته اِها مدد ڪنهن ڪئي آهي. ٻن وديارٿين کي ته
پنهنجي خرچ سان ولايت موڪلي اوچ تعليم ڏيارايائون.
ايس ايم. ناصر کي جو سندن ليڪچر ٽيبل اسسٽنٽ هو انکي
پاڻ سنه ١٩٢٠ ۾ پنهنجي خرچ سان تعليم لاءِ انگلنڊ موڪليائون.
اها خبر پنڊت لالچند جن کي به ڪونه هئي. جڏهن هو
موٽي آيو ته هن پاڻ ٻڌايو ته ڪيئن سردار بهادر جن پنهنجي
خرچ سان ولايت موڪليو هو.

سڀ سان ديا ڀاءُ رکندا هئا. هو سهن شيلتا ۽ ڪميا جي
ته مورتي هئا. هڪ دفعي بنگال مان هڪ امير گهراڻي جو
وديارٿي Ph.D لاءِ سندن ڪاليج ۾ آيو. هن وٽ هڪ سٺي
۽ قيمتي ڪئميرا هئي. هڪ ڇوڪري سندس ڪئميرا
چوري ڪئي. پرنسيپال سردار بهادر جن کي گهرائي چيو ته
ڪئميرا چوري ٿيڻ ۾ ڪاليج جي بدنامي آهي، ان ڪري
چور کي پڪڙائڻ ۽ ڪئميرا هٿ ڪرڻ کپي.

سردار بهادر جن جواب ڏنو ته ڪئميرا ته ملي ويندي
پر شرط اهو آهي ته کڻندڙ کي سزا نه ڏيندا. بلڪ ان جو
نالو به نه پڇندا. هنن اپيل ڪئي ته ڪئميرا جي چوري
ٿيڻ ۾ ڪاليج جي ڏاڍي بدنامي آهي. جيڪو وديارٿي
ڪئميرا کڻي ويو آهي اهو ڪئميرا کڻي منهنجي موٽر ۾
رکي وڃي. ٻئي ڏينهن منجهند جو چور خود ڪئميرا رکي
ويو. پرنسيپال سردار بهادر جن کان ڇوڪري جو نالو پڇيو،
پر هنن جواب ڏنو ته شرط اهو هو ته نالو نه پڇندا. ڪن
ماڻهن سردار بهادر جن سان بحث ڪيو ته هو هڪ چور کي
يڪي رهيا هئا، ان کي سزا ملڻ کپندي هئي. هنن سڀني
جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ جواب ڏنائون، "مان چور کي لڪائي
ڪونه رهيو آهيان پر ان کي پڪو چور ٿيڻ کان بچائي
رهيو آهيان. سزا جي ڪري هنجي زندگي بگڙجندي ۽ هن

هن ڏانهن نهاري پڇيو "ڇو جڳت سنگهه؟" ان تي سردار بهادر جن هٿ جوڙي وينتي ڪئي، "جيڪا حضور جن جي مؤج" اهو ٻڌي مهاراج جن ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فرمايائون، "شاباس! ستسنگيءَ کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي." هو هر ڪنهن ڇنڇر تي ڪاليج بعد لئلپور کان روانا ٿيندا هئا ۽ رات جو ٩-١٠ بجي تائين ڏيري ۾ پهچندا هئا ۽ آرتوار رات جو واپس هليا ويندا هئا. حضور مهاراج جن ٻئي ڇنڇر رات جو سندن انتظار ڪندا هئا. ڏيري ۾ پهچندي ئي هو حضور جن جي درشن لاءِ مٿي ويندا هئا ۽ بعد ۾ ڀوڄن ڪندا هئا. ڪيترا دفعا دير ٿيڻ سبب ڀوڄن ڪري نه سگهندا هئا. هڪ دفعي حضور جن کين فرمايو ته موڪل جي ڏينهن ۾ پرنسپال کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت وٺي ايندا ڪريو. هوُ هر ڇنڇر تي پرنسپال ڊاڪٽر لئمبر کان اجازت وٺي ايندا هئا. آهستي آهستي پرنسپال جي آفيس ۾ ڇنڇر ڏينهن وڃڻ جي سندن هڪ عادت ٻڌجي پيئي. جڏهن ئي هوُ وڃي آفيس ۾ ويهندا هئا ته ڊاڪٽر لئمبر کين چوندو هو، "ها توهين بياس وڃي سگهو ٿا." اهو هڪ نيم ٿي ويو ته هو هر ڇنڇر تي آفيس ۾ وڃي ويهندا هئا ۽ چوندا ڪجهه به نه هئا ۽ پرنسپال کين ڏسي اجازت ڏيندو هو.

هڪ ڇنڇر تي سردار بهادر جن هميشه جيان ڊاڪٽر لئمبر جي آفيس ۾ اچي ويهي رهيا. هن چيو، "ها! جڳت سنگهه، توهين وڃي سگهو ٿا" ٻاهر اچي ياد پين ته سومر به ته موڪل جو ڏينهن آهي. موٽي آفيس ۾ اچي ويهي رهيا. ڊاڪٽر لئمبر جڏهن کين ٻيو دفعو ايندو ڏٺو تڏهن سندن مستڪ ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي نهارڻ لڳو. ڪجهه دير بعد هن چيو، "ها! توهين سومر ڏينهن ۾ لئلپور کان ٻاهر رهي سگهو ٿا. آئينده موڪل جي ڏينهن مون کان اجازت وٺڻ لاءِ نه

سمجهي ڪريو. وقت جا پابند رهو ۽ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ غفلت نه ڪريو. غلطي ڪرڻ ۽ بي ايماني ڪرڻ کان بچندا رهو. هميشه پنهنجي آفيسر جي عزت ڪريو.

زندگيءَ ۾ جيڪا به ڳالهه ٿيندي هئي سا ستگرن جي موج سمجهندا هئا ۽ ان تي راضي رهندا هئا. سک، دک، بيماري وغيره سڀ برابر سمجهندا هئا ۽ شانت چت رهندا هئا. ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه جي شڪايت ڪرڻ ته پري رهي پر ڪڏهن ناراضپو به نه ڏيکاريندا هئا. سنه ١٩٢٠ ۾ امپيريل ائگريڪلچر سروس ڪميشن ڪين انڊين ائگريڪلچر سروس لاءِ چونڊيو. ان وقت ڪيميڪل ڪاتي ۾ ته ڪا جاءِ خالي ڪانه هئي پر ڪجهه وقت بعد هڪ جاءِ خالي ٿي. اهو عهدو ڪلاس پهرين جو هو. ڪين مقرريءَ جو خط لکيو پئي ويو ته ان وچ ۾ هڪ وزير، سر جوڳيندر سنگهه جي ويجهي عزيز کي، ڊپٽي هيٺ اچي مقرر ڪيو.

سردار بهادر جي دوستن ۽ ساٿين کي اها ڳالهه بلڪل ڪانه وڻي. انهن هن بي انصافيءَ خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ سردار بهادر جن کي ان لاءِ مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ان ڳالهه خلاف ڪو قدم کڻڻ لاءِ راضي نه ٿيا. سندن پياءُ سردار پرڀت سنگهه به ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ان لاءِ بالا عملدارن کي خط لکي دو ڪرائڻ گهرجي.

جڏهن چنڊ ڏينهن سردار بهادر جن لائلپور کان بياس اچي رهيا هئا ته ريل گاڏيءَ ۾ سچو وقت پنڊت لالچند ساڻن بحث ڪندو رهيو ته چو نتا آواز اٿاريو. پر هو پنهنجي اراديءَ تي اڏول رهيا ۽ فرمايائون، "منهنجي سرڪار ته حضور مهاراج جن آهن. جيڪي ڪجهه ٿيو آهي، اهو سندن موج کان سواءِ نه ٿيو آهي." بياس ۾ سردار پرڀت سنگهه سندن وڏو سموري ڳالهه حضور مهاراج جن کي ٻڌائي. حضور جن

مان ايندي ئي پڇن ۾ ويهي رهندا هئا ۽ نوڪر ڪمري ۾ ڪاڌو رکي ويندو هو. جڏهن پڇن تان اُٿندا هئا تڏهن ڪاڌو کائيندا هئا. صبوح جو پڇن تان اُٿي کير جو گلاس پي ڪاليج هليا ويندا هئا. جنهن ڏينهن سردار شيوا سنگهه جي ٽريننگ پوري ٿي، ان ڏينهن هو سردار بهادر جن سان گڏيو ۽ چوڻ لڳو، ”سائين! مان اڄ وڃان ٿو.“ سردار بهادر جن ڪانئس پڇيو، ”توهان جو هتي ڪيئن اچڻ ٿيو؟“ ان تي شيوا سنگهه ٻڌايو ته هو ٽريننگ وٺڻ لاءِ آيو هو، وڌيڪ چيائين ”سردار ڀڳتسنگهه جي مهرباني سان!“..... ڀائي صاحب جو نالو ٻڌي سردار بهادر جن وچ ۾ ئي چيو، ”جڏهن توهانکي ڀائي صاحب جن موڪليو ته توهانکي مون وٽ اچي رهڻ کپندو هو.“ اهڙا هڪ ٻه نه پر ڪيترا واقعا ٿيا هئا. سندن گهر مهمانن لاءِ هميشه کليل رهندو هو.

جولاءِ ١٩٤٣ ۾ اٽڪل ٣٢ سال نوڪري ڪرڻ بعد رٽاير ڪيائون. پينشن جا فارم تيار ڪرڻ لاءِ سندن پاسپورٽ سائيز فوٽي جي ضرورت هئي. جڏهن پنڊت لالچند سان گڏ لئلپور شهر ۾ هڪ فوٽي گرافر جي دڪان تي ويا ته ڳالهه ڳالهه ۾ ظاهر ٿيو ته هو لئلپور شهر ۾ ١٨ سالن بعد آيا هئا. ڪاليج جي وديارٿين ۽ پروفيسرن کين الوداعي پارٽي ڏيڻ ٿي چاهي. پرنسيپال به سندن هڪ وڏو رنگين فوٽو ڪاليج جي وڏي هال ۾ ٽنگڻ ٿي چاهيو پر سردار بهادر جن کي اهي ڳالهيون پسند ڪونه هيون ۽ هنن اهو به نٿي چاهيو ته کين الوداعي ڪرڻ وقت وديارٿي ۽ مِتر جدائيءَ سبب اکين ۾ آنسون آڻين. انڪري هڪ ڏينهن اڳ، هو ماٺ ميٺ ۾ اُتان روانا ٿيا ۽ ڏيري ۾ آيا. اچڻ کان اڳ، پنهنجو سڄو گهر پنڊت لالچند کي سونپي آيا ۽ چيائون ته جو سامان ڪيس کپي سو پاڻ وٽ رکي باقي سامان وڏي ڀاءُ سردار

ايندا ڪريو. منهنجي طرفان توهان کي اجازت آهي ته هرڪو موڪل جو ڏينهن توهين پلي بياس ۾ گذاريو." بعد ۾ ڊاڪٽر لئلپر ٻڌايو ته جڏهن ٻيو دفعو سردار بهادر جن وٽس آفيس ۾ آيا ته سندن چهري ۾ نهارڻ سان کيس حضور مهاراج ساون سنگهه جن جو درشن ٿيو.

سردار بهادر جن وٽ لئلپر ۾ سندن عزيز ۽ دوست ايندا هئا ته انهن کي پاڻ وٽ رهائيندا هئا. مهمانن لاءِ الڳ ڪمرو هوندو هو ۽ نوڪر کي هدايت هئي ته انهن جي پوري پوري خاطري ڪري ۽ مهل سر کين کير، ناشتو ۽ کاڌو کارائيندو ڪري. پر مهمانن جي اچڻ وڃڻ سبب پنهنجي ڪاليج جي ڪارن ۽ ڀڄن سمرن ۾ ڪا به رڪاوٽ اچڻ ڪين ڏيندا هئا. ڪيترا دفعا ته مهمان ڪافي ڏينهن وٽن رهيا پيا هوندا هئا ته به انهن کي ساڻن گڏجڻ جو موقعو ئي نه ملندو هو. هڪ دفعي شري جگنناٿ چاولا جو اڄ ڪلهه هڪ وڏو آفيسر آهي، وٽن اچي رهيو. ٨-١٠ ڏينهن تائين ته هن کي سردار بهادر جن سان ملڻ جو وجهه ئي ڪونه مليو. جڏهن وڃڻ لڳو ته کين گڏيو. سردار بهادر جن کيس ڏسي پڇيو، "توهين ڪڏهن آيا آهيو؟" چاولا صاحب جواب ڏنو ته کيس آئي ٨-١٠ ڏينهن ٿيا هئا. ان تي سردار بهادر جن فرمايو "توهين ڪٿي لٿا آهيو؟ توهانکي مون وٽ اچي رهڻ کپندو هو."

هڪ دفعي سردار شيوا سنگهه (جنهن آخر ۾ سيشن جج ٿي رٽائر ڪيو) هڪ مهني لاءِ ڪنهن ٽريننگ لاءِ لئلپر آيو. سردار پرڀت سنگهه سان ان جي چڱي واقفيت هئي ۽ ان جي چوڻ تي ئي هو سردار بهادر جن وٽ اچي رهيو. نوڪر سردار پرڀت سنگهه جو نالو ٻڌي هن کي رهايو. سڄو مهنو هنجو سردار بهادر جن سان گڏجڻ ڪونه ٿيو. سردار بهادر جن ڪاليج

ڪين فرمايو، ”جڳت سنگهه هاڻي ڏاڙهي رکايو.“
حڪم جو پالن ڪندي ان ڏينهن کان وٺي ڏاڙهي رکائڻ
شروع ڪيائون. سيپٽمبر ١٩٤٧ ۾ حضور مهاراج جن ڏيري
جي پربنڌ لاءِ هڪ رٿا ناهي، جنهن ۾ ٽي ڪاميٽيون هيون.
ٽنهي لاءِ پريزيڊنٽ حضور جن هئا ۽ وائيس پريزيڊنٽ
سردار بهادر جن. ان بعد حضور جن، هڪ وصيت ذريعي
سردار بهادر جن کي پاڻ کان پوءِ ٽنهي ڪاميٽين جو پريزيڊنٽ
مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان سان گڏ اها به وصيت
ڪئي ته ستسنگ جي سموري پرمارٿي سمپتي حضور جن
کان پوءِ سردار بهادر جن جي نالي رهندي ۽ اها سندن
شخصي سمپتي نه ليکي ويندي. انهن دستاويزن جو ذڪر
اڳي ڪيل آهي. سيپٽمبر جي آخرين هفتي ۾ حضور مهاراج
ساون سنگهه جن علاج لاءِ امرتسر ويا. وڃڻ کان اڳي، ڏيري
جي مکيه بانيڪارن کي پنهنجو پنهنجو سونپيل ڪم ڪرڻ لاءِ
هدايت ڏني ويئي ۽ سردار بهادر جن کي سڀني جي مٿان
پرڌان بڻايو ويو. سڀني کي حڪم ڏنو ويو ته سڀ ڏيري
۾ رهن ۽ پنهنجو پنهنجو ڪاريه ڪندا رهن ۽ ڪير به امرتسر
نه اچي. آڪٽوبر جي پهرئين هفتي ۾ موجوده سرڪار
سردار چرنسنگهه جن سڪندرپر کان موٽر رستي ڏيري
آيا. ڏٺائون ته ڏيري ۾ سردار بهادر جن کانسواءِ ٻيو ڪوبه
ذميوار شخص موجود ڪونه هو. کين اهو معلوم نه هو ته
مهاراج جن سڀني کي ڏيري ۾ رهڻ لاءِ هدايت ڪئي هئي.
هنن سردار بهادر جن کي چيو، ”مان موٽر ۾ آيو آهيان ۽ توهين
به مون سان گڏ امرتسر موٽر ۾ هلو ۽ شام جو گڏجي واپس اچجو.“
سردار بهادر جن جواب ڏنو، ”مهاراج جن جو حڪم آهي ته
ڏيري ۾ رهجو سو مان هلي ڪونه سگهندس“ ان تي
سردار چرنسنگهه ڪجهه مکيه ستسنگين جا نالا وٺي پڇيو ته هو

ڀڳتسنگهہ جن وٽ موڪلي ڇڏي. ڏيري ۾ اچي وري ڪونہ پڇيائون تہ سامان جو ڇا ٿيو! جيڪو سامان پنڊت جيءَ جالنڌر موڪليو اُهو ڪڏهن کولي ڪونہ ڏٺائون. مال ملڪيت سان تہ شروع کان ئي موهہ ڪونہ هون. سنساري پدارٿن کان بلڪل نرموهي رهندا هئا. گهر جي جاءِ، کيتي ٻاڙي واري زمين وغيرہ مان ڪيئي هزارين روپين جي آمدني هئي. ان جي وصولي ۽ ٻيو انتظام سردار ڀڳت سنگهہ جن ڪندا هئا. پاڻ ڪڏهن بہ هنن کان ڪونہ پڇيائون تہ ڪيتري آمدني ٿي يا ڪيترو خرچ ٿيو.

رٽائر ٿيڻ بعد سرڪاري ملازم پراويڊنٽ فنڊ وغيرہ هزارين روپين جي رقم جي باري ۾ پنڊت لالچند ٻڌائيندو هو تہ پاڻ جالنڌر اچي سردار ڀڳت سنگهہ کي ٻڌائڻ بنا سندن منشيءَ کي اها رقم ڏيئي سندن کاتي ۾ جمع ڪرائي ڇڏي جڏهن منشيءَ سردار ڀڳت سنگهہ سان ڳالهہ ڪئي تہ هنجي اکين مان آنسو وهڻ لڳا.

رٽائر ٿي ڏيري ۾ اچڻ کان پوءِ بہ سندن ڪاريہ هو، ستسنگ، درشن ۽ ڀڄن سمرن ڪرڻ. حضور مهاراج جن، ولايت مان ايندڙ خطن جا جواب لکڻ جي شيوا، پروفيسر ڄڳموهن لال سان گڏ ڪين سونپي هئي. ڏيري ۾ لنگر ۾ روٽي ڪارائڻ جي شيوا بہ ڪين ملايل هئي. هوُ اُها شيوا ڏاڍي لگن ۽ پيار سان ڪندا هئا. حضور جن جي حڪم سان هو هر آرتوار تي لائلپور ۾ ستسنگ ڪندا هئا، پر ڏيري ۾ هنن حضور جن جي حاضريءَ ۾ ڪڏهن بہ ستسنگ ڪونہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ ستگرو سان گڏ وهڻ ڪڏهن بہ نہ چاهيندا هئا. سردار بهادر جن کي جوانيءَ ۾ ڏاڙهي رکيل ڪونہ هوندي هئي. هر روز ڏاڙهي لاهيندا هئا. جڏهن ڏينهن رٽائر ٿي ڏيري ۾ آيا تہ حضور مهاراج بابا ساون سنگهہ جن

ساوَن سنگهہ جن جي چرنن ۾ سندن ڏاڍي شردا هوندي هئي ۽ چوندا هئا تہ حضور جن سنتن جا شهنشاهہ آهن ۽ باقي ٻيا سڀ فقير سندن اڌين آهن. سردار بهادر جن ڪڏهن ڪڏهن سائين جن وٽ ويندا هئا تہ هو ڏاڍو خوش ٿي کيس گڏجندا هئا. سائين لسوڙي شاهہ چوندو هو تہ عام ماڻهن کي فقيرن جي اکيان وهڻ بہ نٿو اچي. انهن کي کپي تہ سردار جڳت سنگهہ کان اها ڳالهہ سکن تہ الله لوڪن اکيان ڪيئن وهڻ گهرجي. جڏهن سردار بهادر جن بياس ويندا هئا تہ سائين جن کين چوندا هئا، ”وڏيءَ سرڪار جي نوري دربار ۾ وڃو تہ شهنشاهہ جي قدمن ۾ منهنجا سلام ڏجو.“ حضور مهاراج جن جڏهن لئلپور ويندا هئا تڏهن سائين جن سندن سواگت لاءِ پنهنجي دروازي وٽ سر جهڪائي بيٺا هوندا هئا. حضور جن جي اچڻ تي حضور جن جي قدمن ۾ سر جهڪائي سجدو ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سائين حضور جن وٽ روحاني رازن بابت ڪو نہ ڪو نياپو موڪليندا هئا. سردار بهادر جن سندن سنديش حضور مهاراج جن کي ڏيندا هئا ۽ جيڪو جواب ملندو هو، سو لئلپور اچي سائينءَ کي ڏيندا هئا. هڪ دفعي اهڙي نموني جڏهن سردار بهادر جن حضور جن جو نياپو سائين لسوڙي شاهہ کي ٻڌايو تہ سائين جن وچن ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مستيءَ ۾ اچي ويا. موج ۾ اچي سردار بهادر جن کي ڪٺي ڀاڪر پاتائون ۽ چيائون، ”ڇو تہ سردار صاحب اڄ توکي رڱي ڇڏيون؟“ سردار بهادر جن هڪدم جواب ڏنو، ”نہ سائين صاحب، نہ رڱجو.“ سائين اهڙي نموني وري چوڻ لڳو، ”ٻيو دفعو تو پڇان ٿو تہ توکي رڱي ڇڏيون“ سردار بهادر جن شانتمئہ ۽ محڪم ارادي سان چيو، ”نہ سائين.“ ٽيون دفعو چيائون، ”سردار! تون چوين تہ توکي هينئر ئي رڱي ڇڏيون.“ سردار بهادر هڪدم سندن ڀاڪر

سڀ ڪٿي آهن؟ سردار بهادر جن جواب ڏنو ته هتي ته ڪير به ڪونه آهي.

جڏهن سردار چرنسنگهه صاحب امرتسر پهتا ته هنن حضور مهاراج جن سان سردار بهادر سان ڪيل وارتالاپ جو ذڪر ڪيو ته ڏيري ۾ هن وقت صرف اڪيلا هوئي آهن. اهو ٻڌي حضور مهاراج جن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ فرمايائون، "سڄي ڏيري ۾ رڳو سردار بهادر ئي منهنجي حڪم جي پالنا ڪئي آهي." سردار چرنسنگهه جن ڏنو ته ڏيري جا ٻيا سڀ مکيه پربندڪ ڪنهن نه ڪنهن بهاني امرتسر ۾ موجود هئا. ٻئي ڏينهن صبوح جو حضور مهاراج جن کين حڪم ڏنو ته ڏيري ۾ وڃي سردار بهادر کي پاڻ سان وٺي اچو. هنن چيو ته جيسين حضور جن کان صاف حڪم نه ملندو تيستائين هو ڏيرو ڇڏي ڪونه ايندا.

حضور مهاراج جن راءِ صاحب منشيرام کي سڏائي هڪ خط لکايو. سردار چرنسنگهه صاحبن اچي اهو خط هنن کي ڏنو ۽ کين پاڻ سان امرتسر وٺي آيا. امرتسر ۾ حضور مهاراج جن ڏيري نالي سيٺي کاتن ۾ جدا جدا بئنڪن ۾ پنهنجي نالي سان گڏ سردار بهادر جن جو نالو به درج ڪرايو. ان جو مطلب ته اُنهن ٻنهي مان ڪير به پئسا ڪڍائي يا رکي سگهيو ٿي.

سردار بهادر جن هميشهه پنهنجي ستگرن کي پرماتما جو روپ سمجهندا هئا ۽ ڪڏهن به هنن کي منش - ڀاو سان ڪونه ڏسندا هئا. گروءَ لاءِ پريم ۽ ڀڳتيءَ جو ته هو زنده مثال هئا, سندن شردا ۽ وشواس جي هيءَ وارتا سندن ساٿي پنڊت لالچند ٻڌائيندا آهن.

لائلپور ۾ سائين لسوڙي شاهه نالي هڪ اپياسي مهاتما هوندو هو. پري پري کان ماڻهو سندن درشن ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجون مرادون پوريون ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا. حضور بابا

ڀاتي ۽ ڪيترائي خاص ستسنگي آيا هئا. سڀني کان اڳ سردار بچنت سنگهه جن هڪ ننڍي تقرير ڪئي. هن چيو، ”پيارې ساڌ سنگت، ١٩ مارچ تي حضور مهاراج جن مونکي سڏايو هو ۽ فرمايائون ته مونکي خوشي آهي جو منهنجي ڪٽنب جا ڀاتي آگياڪاري آهن. جهڙي طرح توهين منهنجا پٽ آهيو اهڙي طرح سردار بهادر جن به منهنجو نيون پٽ آهي. توهين سندن آگيا ۾ رهجو، سندن چرنن ۾ پريت ڌارجو ۽ کين منهنجو روپ ڪري مڃجو. حضور مهاراج جن جي حڪم انوسار مان هيءَ پڳڙي سردار بهادر صاحبن کي حضور مهاراج جن جي طرفان پيش ڪريان ٿو.“

ايترو چئي سردار بچنت سنگهه پڳڙي کڻي سردار بهادر مهاراج جگت سنگهه جن کي پيش ڪئي جا وٺي نمرتا سان مستڪ تي لڳايائون. ٿوري مهل ستگرن جو ڌيان ڌري مٿي تي ٻڌائون. سردار بچنت سنگهه سردار بهادر جن کي نرڙ تي ڪنڱسر جو تلڪ لڳايو ۽ مٿو ٽيڪيو. ان بعد سڀني حاضر بزرگن ۽ ساري سنگت به اچي مٿو ٽيڪيو.

راءِ صاحب منشي رام حضور مهاراج جن جو ٢٠ مارچ ١٩٤٨ وارو وصيت نامو سنگت کي پڙهي ٻڌايو ته حضور مهاراج جن ڪانپوءِ سردار بهادر جگت سنگهه جن سندن گدي نشين رهندا ۽ اهي سڀ ڪاريه جيڪي حضور مهاراج جن پاڻ ڪندا هئا سي ادا ڪندا. ان بعد سردار بهادر مهاراج جن سنگت کي ڪجهه پروچن ٻڌايا ته ڪهڙي نموني مهاراج جن کين گدي سنڀالڻ لاءِ چيو هو ۽ ڪهڙي نموني پاڻ هٿ جوڙي انڪار ڪيائون ۽ ڪيئن حضور مهاراج جن کين وري سڏائي فرمايو، ”جگت سنگهه هيءُ اسانجو حڪم آهي.“ ان ڪري کين حڪم اڳيان جهڪڻو ئي پيو هو. پوءِ سردار بهادر جن فرمايو، ”مان ته هڪ بيمار شرير آهيان. ايترو

ماڻ پاڻ چڙهائي ۾ قدم پٽيندي هئي چيو "نہ رڳجو! نہ رڳجو!!
نہ رڳجو!!! رڳڻو هجي تہ بہ نہ رڳجو!" پوءِ صاف صاف
چيائون تہ رڳڻ وارا منهنجا ستگرو جڏهن ٺيڪ سمجهندا
تڏهن رڳي ڇڏيندا!" اهي وچن ٻڌي سائين لسوڙي شاهہ
نهايت خوش ٿيا. چيائون، "شاباس سردار! جهڙو ڪامل مرشد،
اهڙو ئي لائق مريد! ماڻ تہ تنهنجو وشواس ڏسي رهيو
هوس." حضور ستگرو دين ديال مهاراج ساون سنگهہ جن
چولي ڇڏڻ کان اٽڪل ٢ هفتا اڳ، ٢٠ مارچ ١٩٤٨ صبوح
جو سردار بهادر جڳت سنگهہ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين
سندن گدي سنڀالڻ لاءِ چيو. ان تي سردار بهادر جن هٿ
جوڙي وينتي ڪئي "حضور! هيءَ شهنشاهہ جي گدي
شهنشاهن کي سونهين ٿي. شال سدائين سلامت رهو. ماڻ تہ
اوهان جو داس آهيان." ان کان وڌيڪ هو ڪجهہ بہ ڳالهائي
نہ سگهيا ۽ ٻاهر نڪري آيا پر حضور مهاراج جن کين ٻيو دفعو
سڏايو. اچي هٿ جوڙي بيهي رهيا. حضور جن وري بہ
ساڳي ڳالهہ ڪئي ۽ فرمايائون "هيءُ منهنجو حڪم آهي" ان
تي سردار بهادر جن چرنن ۾ متو ٽيڪي ٻاهر نڪري آيا.
ان وقت سندن اکين مان زار زار آنسون وهڻ لڳا. ٢ اپريل
حضور جن ستسنگ، نام دان ۽ جيون جي اڌار جو بار
سردار بهادر جي ڪلهن تي رکي جوتي جوت سمايا.

١٣ اپريل ١٩٤٨ تي گدي نشينيءَ جي رسم پوري ٿي.
پري پري کان سنگت اچي ويئي هئي. ان وقت ترن تارن
مان بابا ديوا سنگهہ جن، نامدارين جا گرو مهاراج پرتاب سنگهہ جن
(پٽي صاحب وارا) ۽ انهن جا ڪي مکيہ شيوڪ، ديال باغ
آگري مان ستگرو مهتا صاحب طرفان سندن سيڪريٽري ۽
سردار بچنت سنگهہ، سردار هربنس سنگهہ، سردار چرنسنگهہ،
ڪپتان پرشوتم سنگهہ ۽ حضور مهاراج جن جي ڪٽنب جا ڀيا

توهان جي شيوا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. مان سندن حڪم جي پوريءَ طرح پالنا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس."

سردار بهادر ڪرتار سنگهه (ڊائريڪٽر انگريڪلچر پنجاب) حضور مهاراج ڄڳت سنگهه جن جو جهونو مِتر هو. جن ڏينهن ۾ سردار بهادر جن لائلپور ۾ پروفيسر هئا تڏهن هو سندن نيڪيءَ ۽ اوچ رهڻيءَ کان متاثر ٿي بياس آيو. وڏن مهاراج جن جو ستسنگ، پڌائين ۽ نامُ دان به ورتي ويو هو.

سردار بهادر مهاراج جن ڪڏهن به هن سان سنت مت بابت چرچا ڪونه ڪئي هئي. ڪرتار سنگهه به ساڻن ڪا اهڙي ڳالهه ڪونه ڪئي هئي. مات ميٽ ۾ بياس آيو، درشن ڪيائين ۽ نامُ دان ورتي ويو. سردار بهادر مهاراج جن جو ذڪر ڪندي چوندو هو، "زندگيءَ ۾ فقط ٻن شخصن کي پيار ڪندو آهيان ۽ ڄاڻان به انهن ٻن کان ٿو. هڪ آهي منهنجي ماتا ۽ ٻيو آهي منهنجو پيارو متر سردار بهادر ڄڳت سنگهه." جڏهن سردار بهادر مهاراج جن ڊيري ۾ آيا ۽ گرو گديءَ تي براجمان ٿيا ته سردار ڪرتار سنگهه پنڊت لالچند کي هڪ خط لکيو.

"حضور مهاراج جن جي دنيا ڇڏڻ تي مونکي جيڪو صدمو رسيو آهي ان جو مان بيان ئي نٿو ڪري سگهان پر ان سان گڏ سردار بهادر جن جي گدي نشين ٿيڻ تي به دک ٿيو جو هاڻي مون هڪ گهرو دوست وڃايو آهي ڇاڪاڻ ته هو هاڻي منهنجا ستگرو بڻيا آهن."

ڪيترا جهونا ستسنگي جن کي پنهنجي پياري ستگرن جي جوتي جوت سمائڻ سبب سخت صدمو پهتو هو، اهي ڏيري ۾ اچڻ تي اڳين وانگر خوشي محسوس نه ڪندا هئا. جڏهن هو ڏيري ۾ آيا ته ستسنگ ۾ انهن کي سردار بهادر جن جي جڳهه تي وڏن مهاراج جن جو درشن ٿيو. سردار بهادر

حڪم ته مان ڪري به نٿو سگهان پر حضور جن جو حڪم مڃڻ
پنهنجو فرض ٿو سمجهان. هيءَ پڳڙي سنگت جي مدد سان
قائم رهندي ايندي، منهنجي اوهان کي اها وينتي آهي
ته جيئن پهرين پڇن سمرن ۽ شيوا ڪئي اٿو تيئن
ڪندا اچجو.“

جنهن لڳن، انوشاسن ۽ هوشياريءَ سان سردار بهادر جن
ڪاليج جو ڪاروبار، ستگروءَ جو ڪاروبار سمجهي ڪندا هئا
اهڙي ڀاونا سان هاڻي ستسنگ، نام دان ۽ ڏيري جو پربنڌ
ڪرڻ جو ڪاروبار ڪندا رهيا، فرق رڳو اهو هو ته ڪاليج
جي عرصي ۾ سندن عمر ننڍي هئي ۽ تندرستي سٺي هئي،
پر تندرستي يا عمر ڪين پنهنجي ستگرن جي سنگت جي
شيوا ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهيون.

هن سموري وقت پاڻ کي ستگرن جو داس ۽ سنگت
جو شيوادار پئي سڏيو. وديشي ستسنگين کي سندن هيءُ
لکيل خط ستگرن لاءِ پريم ۽ نمرتا جو هڪ سندر مثال آهي:-

”منهنجا پيارا آمريڪن ڀائر ۽ ڀينرون،

اسان جي پرم پريه ستگرن جي هن فاني دنيا مان جوتي
جوت سمائڻ جي خبر ٻڌي اوهان سڀني کي ڏاڍو
صدمو پهتو هوندو. ستسنگ جو آنند ۽ گهٽجي ويو آهي.
سندن پيارو سهڻو سروپ اسان جي اکين کان غائب ٿي ويو
آهي. پر ياد رکو ستگرو ڪڏهن به مرندا ڪونه آهن. هو
سدائين اسان سان نوري ۽ شبد سروپ ۾ ساڻ رهندا آهن
۽ هو اسان جي اندر آهن. اسان جا ستگرو اڄ به مٿين
روحاني منڊلن مان ڪاروبار ڪندا رهن ٿا. هو سدائين
پنهنجن شيوڪن جي سنڀال ڪري رهيا آهن. اوهان کي
گهرجي ته سندن حڪم انوسار لڳن سان ابياس ڪريو ۽
پنهنجي اندر سندن درشن ڪريو. حضور مهاراج جن مونکي

ڏنڏ ٻين ڇهن ڄڻن کي نام مليو. شري ڪمد ڪمار گهوش (ڪماري سنها جو سؤمت) ڪماري ودياوتي مظفر پُر واري، ڪپتان رگهناٿ سنگهه ۽ ان جي ڌرمپتنيءَ پريم لتا، انهن کي نام دان ڏيڻ بعد ٻئي ڏينهن صبوح جو سردار بهادر مهاراج جن سنگت کي نام دان ڏيڻ شروع ڪيو. اهڙي نموني ڊاڪٽر ڪماري سنها کي سڀ کان اول حضور مهاراج جن جو نام ڏيڻ جو وچن پورو ٿيو.

هتي حضور سردار بهادر مهاراج جن جو پاڪپٽ جي سنگت کي لکيل هڪ خط ڏيئي رهيو آهيان جو سندن پريم پري وائيءَ، مينتاج ۽ نمرتا جو مثال آهي ۽ ان ۾ پاڻ نام دان بابت به ذڪر ڪيو اٿن.

”پياري حضور مهاراج جن جي پياري ساڌ سنگت! راڌا سوامي. اوهان جو پريم پتر مليو، پڙهي احوال معلوم ٿيو. توهان ڪيترائي دفعا حضور مهاراج جن جي پوتر مکاروند مان وچن ٻڌا هوندا -

”ڪبير سڀ تي هم بري - هم تج ڀلا سڀ ڪوءِ،
جن ائسا ڪر ٻوجهيا - ميت همارا سوءِ.“

سو ڀائرو اگر ڪو پاپي ۽ گنهگار آهي ته هيءُ داس آهي ڇو ته پاڻيءَ ۾ ڇيل آهي :-

”جس پياري سڱ نيهه، تس آگي مر چليئي،
ڌرگ، جيوڻ سنسار، تاڪي پاڇي جيوڻا“

پر حضور جن فرمائيندا هئا ته سنت مت ۾ اهميت حڪم مڃڻ کي آهي. مونکي طاقت نه آهي جو سندن حڪم جي پالنا ڪري سگهان. هيءَ ته سندن ديا مهر آهي ته هو پنهنجي حڪم مڃڻ جي شڪتي بخشين. پر جيڪو نام جي باري ۾ توهان سوال مونکان پڇيو آهي، ان لاءِ مان ڇا ٻڌايان. حضور مهاراج جن جا وچن اوهان کي لکان ٿو. ١٠ جولاءِ ١٩٤٤

مهاراج جن ستسنگين کي اهو پيار ۽ سهارو ڏنو جيڪو ڪين وڏن مهاراج جن حضور ساون سنگهه جن کان مليو هو ۽ ٿورن ئي مهنن ۾ سنگت انهن وانگر سندن چرنن ۾ ايندي رهي ۽ هنن کي وڏن مهاراج جن جو روپ سمجهڻ لڳي. سردار بهادر جن ٣٠ ڊسمبر ١٩٤٨ کان نام دان جي بخشش شروع ڪئي. ان باري ۾ هڪ واقعي جو ذڪر ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر (ڪماري) سنها ۽ سندس ڀاءُ ڊسمبر ١٩٤٦ ۾ پهريون دفعو ڏيري ۾ آيا. حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا درشن ڪيائون ۽ ستسنگ به ٻڌائون. ان بعد هو ١٩٤٧ ۾ به ايندا رهيا. آخر هڪ ڏينهن ڪماري سنها حضور مهاراج جن کان وقت وٺي نام دان لاءِ وينتي ڪئي. حضور جن انهن ڏينهن ۾ ناچاق هئا ۽ نام دان ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو هئائون.

حضور جن فرمايو، ”هن وقت ته نام دان بند آهي. جڏهن ٺيڪ ٿيندس ۽ نام دان ڏيڻ شروع ڪندس ته سڀني کان اول توهان کي ئي ڏيندس.“ ڪماري سنها ان بعد نام دان جي آشا رکي ٢-٣ ڀيرا ڏيري آئي پر حضور جن جي صحت ۾ ڪو به سڌارو ڪونه آيو هو ۽ آخر ٢ اپريل ١٩٤٨ تي هو ڌر ڌام سڌاريا. ڪماري سنها کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان سان گڏ ڪيس من ۾ اهو ويچار آيو ته نام دان جو وچن اڌ ۾ ئي رهجي ويو. ڊسمبر ١٩٤٨ ۾ ڪماري سنها پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀين ساٿين سان گڏ ڏيري ۾ آئي. دل ۾ نام نه ملڻ جي ڏک سان گڏ ڪيس سنت جا وچن پورا نه ٿيڻ جو کٽڪو پيدا ٿيو هو. ڪنهن سان به اهڙي ڳالهه ڪونه ٿي ڪيائين پر ڪيس نراشا سبب اداسي ضرور هئي. ٢٩ ڊسمبر تي باباجي مهاراج جن جي پهراڙي جو ستسنگ هو. ٣٠ ڊسمبر ١٩٤٨ شام جو سردار بهادر مهاراج جن ڪماري سنها ۽ هن جي ڀاءُ کي سڏايو ۽ انهن کي نام دان ڏنو. ڪماري سنها سان

آئينده جي ڪهڙي خبر؟ جيڪو ڀڄن سمرن اسين ڪريون ٿا، اُهو ئي اسان سان هلندو. ٻيو ته ڇڏيو پر هيءُ اسان جو سِرُ جنهن جو اسين رات ڏينهن پالڻ پوشڻ ڪريون ٿا، اُهو به هتي ڇڏي وينداسين. هت اسان جو ڪجهه به نه آهي رڳو ٻه شيون اسانجون پنهنجون آهن، هڪ ستگرو ٻيو نام. انهن ٻنهي سان اسانجو پيار ڪونهي. من لڳي توڙي نه لڳي توهين بنا ناغي وقت ڏيو. ڀڄن مهل من کي روڪيو. مهاراج جن جي سروپ کي پنهنجي مستڪ ۾ ٽڪائڻ جي ڪوشش روز روز ڪندا رهو. آهستي آهستي من مڃي ويندو. هي جلدي جو ڪم نه آهي. هن ۾ سالن جي محنت کپي."

حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي چولي ڇڏڻ بعد هڪ دفعي راءِ بهادر شنڪرداس جي ڌرم پتني ڏيري ۾ آئي. سردار بهادر مهاراج جن جي سامهون آئي ته پاڻ کي روڪي نه سگهي ۽ حضور مهاراج جن کي ياد ڪري روئڻ لڳي. سردار بهادر جن فرمايو: "مائي تو ته روئي پنهنجو من هلڪو ڪيو پر مونکي ته انهيءَ جي به اجازت نه آهي."

گدي نشينيءَ بعد حضور سردار بهادر جن جي روزاني زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو. ڏيري جو ڪم، مائٽن سان ملاقات، شيوا، ستسنگ، نام دان وغيره ۾ سڄو ڏينهن مشغول رهندا هئا. صحت سٺي نه هوندي به سڄو ڏينهن ڪم ۾ لڳا رهندا هئا. نام دان ڏيڻ ۾ ته ڪڏهن ڪين رات جو ٻه ٽي وڄي ويندا هئا ۽ شام جي ڀڄن ڪرڻ لاءِ وقت به نه ملندو هو. رات جو دير سان نام دان جو ڪاريه پورو ڪري جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ ايندا هئا ته ڀڄن ۾ ويٺي رهندا هئا. ٻئي ڏينهن صبوح کان وري ساڳيو ئي ڪم ڪار. سڄي زندگي سندن هڪ ئي مقصد رهيو، ڀڄن سمرن ۽ پنهنجي ستگرن جي حڪم جي پالنا. سنسار جي هر هڪ ڪاريه ۾

جي ڏينهن پاڻيءَ عرض ڪيو، ”سچا پاتشاهه! بابا غريبداس جا وچن آهن ته جيستائين ڪنهن جي پهچ پاربرهم تائين نه آهي اُن کي نام نه ڏيڻ گهرجي. شري حضور مهاراج جن جواب ڏنو، ”دراصل ته نام سچ کنڊ ۾ پهچڻ بعد ڏيڻ گهرجي ۽ سو به تڏهن جڏهن ستگرو حڪم فرمائين. ستگرن جي حڪم ڪانسواءِ جيون جو بوجو ڪٽڻ ڪا سولي ڳالهه ڪونه آهي. مان به جن کي نام ڏيان ٿو تن کي باباجي مهاراج جن جي حوالي ڪريان ٿو.“ هاڻي جڏهن پرم سنت ستگرو مهاراج جن خود چئي ويا آهن ته اڄڪلهه ساڌ سنگت پاڻ سوچي. مون ۹ مهنا نام ڪونه ڏنو جيستوڻيڪ گرو مهاراج جن خود به حڪم ڏيئي ويا ۽ لکيت ۾ فرمائي ويا. سو مون جو نوَ مهنا نام نه ڏنو ته ان جو ڪارڻ نه پڇو ۽ هيءُ ڏيرو منهنجي لاءِ ڪعبو آهي. حضور باباجي مهاراج ۽ حضور مهاراج جن هن مهان پوتر آستان تي ويهي، ٦٠-٦٥ سال ڀڄن ڪيو آهي ۽ جيون کي نام دان بخشيو آهي ۽ جيڪا ساڌ سنگت جي شيوا مون لاءِ مقرر ڪري ويا آهن سا جيسترو وقت مون کان ڪرائيندا، سندن ديا مهر سان ڪندو رهندس. جڏهن سڏ ڪندا ته هليو ويندس.

”گهلي آوهه ناڻڪا سدي اُٺي جاءِ“ (مان مالڪ جي حڪم سان اچان ٿو ۽ سڏائڻ تي واپس وڃان ٿو.) سو گهبرائڻ جي ڪا به ضرورت ڪونه آهي. جيڪي ستگرو اسان کي پاڪستان جي برندڙ باهه مان ڪڍي آيا ۽ جن اسان لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏني سي اسان جي هر وقت سنڀال ڪري رهيا آهن :- ”جنم مرڻ دهوُ مهه ناهي، جن پر اُپڪاري آئي،“ جيئه دان دي ڀڳتي لائن، هر سئه لئن ملائي.“ ڀڄن سمرن ۾ ناغو نه ٿيڻ کپي. پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيو ته دنيا جا رنگ، ڀيا ڦرن گهرن، لهن ۽ چڙهن. سو

وقت هو. سردار بهادر جن هيٺ لٿا. ٻيءَ ويليءَ کين ٻڌايو ته سردار چرنسنگهه توهان لاءِ هڪ شال آندي آهي. چيائون ”مون وٽ هڪ شال اڳيئي آهي ٻي ڇا ڪندس.“ مهاراج چرنسنگهه جن ڪجهه نه ڳالهايو، شال هٿ ۾ جهلي بيٺا رهيا. سردار بهادر جن هڪ منٽ رکي مشڪيو، پنهنجي شال لاهي سردار چرنسنگهه جي ڪلهي تي رکيائون ۽ سندن آندل شال پائي ستسنگ ۾ هليا ويا.

سردار بهادر جن گدي نشينيءَ بعد ڪيترو ئي وقت پنهنجي ڪمري ۾ رهيا پيا هئا. سنگت ۽ جهونن ستسنگين جي گهڻي چوڻ تي به حضور مهاراج جن جي ڪوٺيءَ ۾ نه رهيا. حضور مهاراج جن جي وڏي سپتر سردار بچنت سنگهه جن کين وري وري زور ڀرڻ لڳا. سردار بهادر جن هنن جو ڏاڍو آدر ستڪار ڪندا هئا. سندن بار بار چوڻ تي گدي نشينيءَ جي ڇهن ستن مهنن بعد اچي حضور مهاراج جن جي خاص ڪمرن پنيان هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ رهيا. هو ڪڏهن به حضور مهاراج جن جي ڪرسيءَ تي نه ويٺا پر ماڻهن جي ملاقات وقت حضور جن جي ڪرسيءَ ڀرسان پٽ تي ويهي رهندا هئا. حضور جن جي پلنگ، گاديلي، صوفا وغيره تي اصل ڪونه ويٺا، پائدان تي پير نه ڌريائون. حضور جن مونڍ ۾ جنهن پاسي وهندا هئا، ان طرف ڪڏهن به نه ويٺا. آڪٽوبر ١٩٥١ ۾ جڏهن حضور سردار بهادر جن تمام ڪمزور ٿي ويا ۽ ستسنگ ۾ به وڃي نه سگهندا هئا ته ڀائي شاديءَ کين عرض ڪيو ته سنگت کي مٿان بيهي درشن ڏيو، پر هنن اها ڳالهه نه مڃي. چيائون، ”مان ائين نٿو ڪري سگهان. حضور مهاراج جن شهنشاهه هئا. مان انهن جي برابري ڪيئن ڪري سگهندس.“ آخرين ڏينهن ۾، جڏهن هو بي چاڪ هئا تڏهن جي ڳالهه آهي، هو پنهنجي ٽپال پنهنجي هٿن سان کوليندا هئا، روزانو

پنهنجي ستگرن جي سيوا ڪندا هئا ۽ پاڻ کي شيواداري سمجهي ڪاريه ڪندا هئا. سنسار جو سڀ ڪم ستگرن جي پرسنتا لاءِ ڪندا رهيا. ستگروءَ جو پد سنڀاليندي ۽ اپار شڪتي هوندي به هميشه نمائا ۽ عاجز رهندا هئا. سنت مت جي جيڪا سکيا ڏيندا هئا ان تي خود عمل ڪري مثال پيش ڪندا هئا. ڪيترا دفعا وڏن ستسنگي ايندا هئا ته انهن کي چوندا هئا ته جڏهن به ڏيري ۾ اچو ته پنهنجي اکين تي ڪوپا چاڙهي اچو يعني پنهنجي نظر ۽ پنهنجا خيال رڳو ستگرن طرف رکو ۽ من ۾ سندن آس لڳائي رکو. باقي دنيا، دنياداري ۽ ستسنگين طرف خيال ئي نه ڏيو.

حضور بهادر جن سادي جيون گذاريندا هئا. پوشاڪ بلڪل سادي ۽ ڪپڙا به گهڻو ڦاٽل هوندا هئن. رڳو ٢ يا ٣ ڪڙتا پاجاما هوندا هئن. هڪ دفعي بيبي رلي چار وڳا سبائڻ تي چاهيا ته چيائونس، ”بيبي ايترا ڪپڙا ڇا ڪندس؟“ هڪ دفعي موجوده سرڪار مهاراج چرنسنگه جن سندن لاءِ ٦ رومال آندا. بيبي رليءَ حضور سردار بهادر جن کي عرض ڪيو، ”مهاراج هنن (سردار چرنسنگه مهاراج) توهان لاءِ رومال آندا آهن. فرمايائون ”مون وٽ به رومال آهن. هڪ کيسي ۾ پيو آهي ٻيو ڌوئي تو سڪڻ وڌو آهي. هيءُ رومال ڌوپجڻ ويندو ته ٻيو کيسي ۾ وجهنداسين. ٻيا رومال مان ڇا ڪندس؟“ سردار چرنسنگه جن کي ڏاڍو پيائيندا هئا. پنڊت لالچند ٻڌائيندو آهي ته جڏهن به سردار بهادر جن سندن ذڪر ڪندا هئا ته فرمائيندا هئا ”چرن جي کهڙي ڳالهه ڪجي، هو شهنشاهه آهي.“

هڪ دفعي مهاراج چرنسنگه ڪشمير ويا. اتان هو سردار بهادر جن لاءِ هڪ گرم شال وٺي آيا. هنن بيبي رليءَ کي چيو ته سردار بهادر جن لاءِ شال آندي اٿم. ستسنگ جو

ڪل چرچي سان گڏ پيار ۽ ميٺاج بہ ڏيکاريندا هئا. سندن مذاق جون ڪيتريون ئي ڳالهيون اڄ بہ سنگتي ٻڌائيندا آهن. هڪ ڀيري هڪ سنگتيءَ کين عرض ڪيو، ”مهاراج! جڏهن مان پوڄا ۾ ويهان ٿو تہ منهنجو گوڏن تائين سماءُ ٿيو وڃي ٿو اندر ۾ تہ ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.“ سردار بهادر جن فرمايو، ”ڀائي! پرماتما کان ٿوري غلطي ٿي ويئي آهي، هن اکيون ڏاڍو پري رکيون آهن. جيڪڏهن اهڙيءَ اکيون گوڏن تي هجن ها تہ توکي سڀ ڪجهہ ڏسڻ ۾ اچي ها.“ پوءِ ان کي پيار سان سمجهايائون تہ اڀياس ۾ اچا بہ وڌيڪ ايڪاگرتا حاصل ڪري توجہ (ڌيان) کي اکين جي ڀرسان آڻيو. جڏهن اتي پهچندا تہ شبد بہ ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ اندر ۾ نظارا بہ ڏسڻ ۾ ايندا.

هڪ ڏينهن سردار بهادر مهاراج جن دفتر جي ورانڊي ۾ ويٺا هئا. ڀرسان سيڪريٽري راءِ صاحب منشي رام ۽ ڪي ٻيا سنگتي بہ ويٺا هئا. ڪوٺي جي سامهون هڪ جوڙو پنهنجي پنهنجي خوشيءَ ۾ کلندا اچي رهيا هئا. حضور جن منشي رام کي چيو، ”ڏسو راءِ صاحب، هو ٻئي ڪيئن نہ بلڪل خوشيءَ ۾ اچي رهيا آهن پر مون وٽ اچڻ سان روئڻ لڳندا.“ ٿيو بہ ائين. جڏهن ٻئي حضور سردار بهادر جن وٽ آيا تہ ٺٺو ٺيڪي روئڻ لڳا. پاڻ فرمايائون، ”ڀائي! مون ۾ ضرور ڪو نقص هوندو جو مون کي ڏسي روئڻ لڳا آهيو. هينئر توهان کليو پئي.“ اهو ٻڌي هو ڏاڍا لڄي ٿيا ۽ معاف ڪري ويهي رهيا. پوءِ حضور جن ڏاڍي غور سان انهن جي ڳالهہ ٻڌي ۽ کين تسلي ڏني.

هڪ دفعي سنگت ۾ درباري داس شبد پڙهي رهيو هو،

”ڪڪر پالا مينهن برسي - پي ديکن جائي“

اگر طوفان ۽ زور زور سان برسات پوي تہ بہ گرو

ڪيترائي خط پيا ايندا هئا. پاڻ شاديءَ ڏٺو تہ کين ڳهڻي ڪمزوريءَ سبب ايترا خط هٿ سان کولڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي. سو وڏن مهاراج جن جي ميز تان هڪ سهڻو پيپر ڪٽر کڻي آيو ۽ اچي کين ڏنو. اُهو هٿ ۾ وٺي مسڪ کي چهايائون. گهڙي کن ڏاڍي پريم پياءُ سان ان کي ڏسندا رهيا ۽ موٽائي شاديءَ کي ڏيئي چيائون تہ وڃي واپس سرڪار جي ميز تي رکي اچ.

هڪ دفعي سردار بهادر مهاراج جن وٽ آفيس ۾ هڪ شيواداري آيو ۽ عرض ڪيائين، ”مهاراج مونکي اِنصاف کپي.“ مشڪي چيائون، ”هتي اِنصاف ڪونہ ملندو“ ان تي اُنهيءَ شيواداريءَ چيو، ”حضور مان تہ جهڳڙي جو سمورو ڪارڻ توهان کي ٻڌائي چڪو آهيان ۽ هاڻي توهين ئي نياءُ ڪريو.“ مهاراج جن وري فرمايو، ”مان چئي چڪو آهيان تہ هتي نياءُ نٿو ملي.“ اهي وچن ٻڌي شيواداري حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ سچا پاتشاهہ! هتي بہ نياءُ نہ ملندو تہ ٻيو وري ڪٿان ملندو؟ سردار بهادر مهاراج جن تمام مٺاڄ سان جواب ڏنو، ”ڀائي! حضور مهاراج جن جي دربار ۾ تہ دَيا ملندي آهي. نياءُ تہ ڪال جي دنيا ۾ ملندو آهي. ستگرن وٽ عدل نہ پر فضل ئي ملندو آهي.“ انهن ٿورن لفظن ۾ هُنن تمام ڳوڙهي ڳالهہ کيس سمجهائي ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ حضور مهاراج جن ٤٥ سالن جي عرصي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جو واد وواد ٻڌي جج بڻجي فيصلو ڪونہ ڏنو، پر پريم پيار سان سمجهائيندا هئا. واد وواد نپٽائڻ لاءِ صلاح ڏيندا هئا ۽ دَيا مهر ڪري مدد ڪندا هئا. دَيا مهر جي اهائي ريت سردار بهادر مهاراج جن هلائيندا آيا ۽ اڄ بہ اُها ريت قائم آهي. سردار بهادر مهاراج جن ڏاڍا مذاقي بہ هوندا هئا. موقعو ڀائي ڪل چرچو بہ ڪندا هئا، پر اهڙي

هوندو هو. عام طور ۴۵ منٽن کان وڌيڪ ستسنگ نه ڪندا هئا. چوندا هئا ته عام ماڻهو ۴۰-۴۵ منٽن کان وڌيڪ ڳالهيون ڌيان سان ٻڌي نه سگهندا آهن تنهنڪري وڌيڪ وقت ستسنگ ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. سندن واڻي ميٺاج ڀريل هوندي هئي ۽ وياکيا به عام فهم هوندي هئي. بغير ڪنهن ڇل ڪپٽ جي ڳالهه صاف صاف چوندا هئا پر ڪڏهن به ڪنهن به مت متانتر جي آلوچنا ڪونه ڪندا هئا.

صحت ٺيڪ نه هوندي به ستسنگ لاءِ ٻاهر دوري تي به ويندا هئا. ڪانگڙا ضلعي جي پهاڙي ايراضين ۾ ڪيترا دفعا ويا. دهلي، امرتسر، لڌياني، جلندر، ڦگواڙا وغيره شهرن ۾ پاڪستان مان ستسنگي اچي رهڻ لڳا هئا. حضور سردار بهادر جن هر هنڌ ستسنگ ڪندا هئا ۽ سنگت سان ملي ڪري انهن کي دلداري ڏيندا هئا.

هو انتظام جا ڪوڏيا هوندا هئا. فوجي ستسنگين سان ملي ڪري ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. ڀارت جو ورهاڱو ٿيڻ بعد بياس ۽ ٻروارن هنڌن تي فوجي پيا ايندا ويندا هئا. ڪيترا ڀيرا غير ستسنگي فوجي سپاهي به سندن درشن ڪرڻ لاءِ ايندا هئا ۽ جڏهن به هو ايندا هئا تڏهن حضور سردار بهادر جن انهن سان ڏاڍي پريم ڀاو سان گڏجندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن ستسنگيءَ ڪانئن پڇيو، "حضور! توهين فوجي ستسنگين جي ايتري عزت ڇو ڪندا آهيو؟ جواب ڏنائون ته باباجي مهاراج جن ۽ حضور مهاراج جن ڪيترا سال جنهن محڪمي ۾ شيوا ڪري حق حلال جي ڪمائي ڪئي، ان محڪمي جي ماڻهن کي ڀلا ڇو نه عزت سان ڏٺو وڃي؟ پوءِ فرمايائون ته فوجين ۾ انتظام ۽ ڊيوٽيءَ جي پابندي وارو ڀاوَ ساراهه جوڳو هوندو آهي.

هڪ ڀيري هندستان سان پاڪستان جا سنبنڌ تمام

جي دَرشن لاءِ ضرور ويندس. سنگت به ڏاڍي پريم سان
شبد پڙهي رهي هئي. برسات جا ڏينهن هئا. اوچتو برسات
پوڻ لڳي. سنگت جلد ئي اُٿي وڃي ورانڊي ۾ ويٺي.
سردار بهادر جن مشڪندي فرمايو، ”هي منت اڳ، توهان
گروءَ جي پيار جون اهڙيون ڳالهيون پئي ڪيون ۽ هينئر
به ڦڙا مينهن جا پيا ته سڀ وٺي ڀڳا.“

جولاءِ جي ڏينهن ۾ ڀنڊاري کان ڪجهه ڏينهن اڳ، هڪ
ڏينهن شام جو ستسنگ پئي ٿيو، اوچتو اچي برسات پيئي.
ڪن ماڻهن وٽي ڇٽيون کوليون ۽ ڪي ورانڊي ڏانهن
ڀڄڻ لڳا. سردار بهادر مهاراج جن فرمايو، ”اهڙا ڏينهن گرمي
گرمي پئي چيو ته ڀڳوان کو مينهن وساءِ ۽ پرماتما هينئر
مينهن وسايو آهي ته وٺي ٿا ڀڄو.“ اهڙي طرح ستسنگ
ڪندا رهيا. ماڻهن ڇٽيون بند ڪري ڇڏيون ۽ ورانڊي
وارا به واپس اچي ويٺا. حضور جن ۽ ساري سنگت برسات
۾ ڀڄندا رهيا پر ستسنگ چالو رهيو. جڏهن ستسنگ پورو
ڪري اُٿڻ لڳا ته حضور جن منتاج سان چيو، ”اندر وڃڻ
لاءِ به اهڙي ئي هٺ يا ضد ڪرڻ جي ضرورت آهي.“

هڪ وڏ گهراڻي عورت هڪ ڀيري سندن لاءِ هڪ
قيمتي ريشمي رضائي ۽ مخمل جو گاديلو ڪٽي آئي، عرض
ڪيائين، ”وڏن مهاراج جن پڄن مهل مونکي حڪم ڏنو
آهي ته توهان جي لاءِ رضائي ۽ گاديلو ڪٽي اچان.“ سردار
بهادر مهاراج جن کلي ڪري چيو، ”ڀيڻ! مهاراج جن مونکي
به چيو هو ته ... رضائي ۽ گاديلو آڻيندي، پر اُهي شيون
نه وٺج.“ پوءِ پيار سان کيس سمجهائيندي فرمايائون، ”مان
نه ڪاڏي جي رضائي ۽ ڪاڏيءَ جو بسترو ڪم آڻيندو آهيان،
هي ريشمي شيون مون لاءِ ڪهڙي ڪم جون!“

سردار بهادر مهاراج جن جو ستسنگ سرل، سڌو سنواتو

ستسنگ ڪرڻو پيو. ’ڪالو جي ٻيڙ‘ ۾ صبوح ۽ شام جو ستسنگ ڪرڻ ۽ نام دان ڏيڻ بعد ٢٣ جولاءِ ١٩٥١ واپس ڏيري ۾ موٽي آيا.

سندن صحت ۾ ڪو به سڌارو ڪونه آيو ۽ ڪمزوري وڌندي ويئي. جولاءِ ۽ آگسٽ وارن مهينن ۾ پنهنجو روزانو ڪاريه ڪرم ڪندا رهيا. انهن ڏينهن ۾ آس پاس جي فوجي ڪئمپن مان ستسنگي ۽ غير ستسنگي سپاهي سندن درشن لاءِ ايندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن هو سنت مت جي باري ۾ سوال پڇندا هئا ۽ سردار بهادر مهاراج جن انهن کي ٻه ٻه ٽي ٽي ڪلاڪ ڏيندا هئا ۽ ڪيترا ڀيرا اُنهن لاءِ ستسنگ به ڪندا هئا. جيڪڏهن اُنهن مان ڪي فوجي نام دان لاءِ عرض ڪندا هئا ته هو پنهنجي آرام ۽ صحت جو خيال نه ڪري اُنهن کي نام دان به ڏيندا هئا ڪڏهن ته ائين ڪندي ڏينهن جو ٣-٤ به لڳي ويندا هئا. وري پنجين ٻجي کان ستسنگ ٿيندو هو ته اُتي وڃي وهندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ پنجاب جي ڳوٺن ۾ ڪيمن جي حد بنديءَ جو ڪاريه چالو ٿي ويو. ان سلسلي ۾ تحصيلدار ۽ ڳوٺاڻا وٽن ايندا هئا. سردار بهادر جن اُنهن سان حد بنديءَ جي باري ۾ چڱو وقت پيا ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جڏهن اُنهن مان ڪو به سچڻ پرمارٿ جي باري ۾ سوال ڪندو هو ته هو ان سان پرمارٿ جي باري ۾ به ڳالهيون تيستائين ڪندا رهندا هئا جيستائين هن جي پوري تسلي ٿئي.

پر سندن صحت ڏن بدن ويئي پٽتي پوندي. ڪي جهونا ستسنگي کين آرام ڪرڻ ۽ ستسنگ ۽ ٻيو ڪاريه گهٽ ڪرڻ لاءِ منٿ ڪندا هئا پر حضور جن پنهنجو ڪم نيم سان ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن هڪ جهوني ستسنگيءَ عرض ڪيو، ”حضور جن سان فوجي سپاهي ۽ ٻيا ستسنگي ڏينهن جو ڪنهن به

بگڙجي پيا ۽ ٻنهي ملڪن جون فوجون سرحد تي ڪڙيون ڪيون ويٺيون. ماڻهو سرحد وارين ايراضين مان لڏي اچڻ لڳا. ڏيري ۾ به ڪن ماڻهن جو خيال ٿيو ته اُتان نڪري ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ هلجي. اُنهن حضور سردار بهادر جن کان پڇيو ته ڇا جنگ لڳندي؟ جيڪڏهن جنگ لڳي ته اسين ڪنهن ٻئي سلامتيءَ واري هنڌ تي هليا هلون؟ مهاراج جن مشڪي فرمايو، ”ڀائي اهڙيون ڳالهيون ته وڃي ڪنهن جوتشيءَ کان پڇو. مونکي ايتري ئي خبر آهي جي آس پاس ۽ ڏيري جا سڀ ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي به وڃن ته به مان ته هتي ئي رهيو پيو هوندس ڇو ته ’سچي سرڪار‘* ته مونکي هتي ئي رهڻ جو حڪم فرمايو آهي. هو پنهنجن ستگرو حضور مهاراج ساون سنگهه جن جو نالو ڪڏهن نه ڳنهندا هئا. ڪڏهن ڪو خط يا ليک پڙهندا هئا ۽ جيڪڏهن ان ۾ حضور مهاراج جن جو نالو ايندو هو ته هو روڪجي ويندا هئا ۽ ڏاڍي مٺي آواز ۾ چوندا هئا، ”هينئر سچي سرڪار جو نالو آهي.“ پوءِ اڳتي پڙهڻ شروع ڪندا هئا.

سردار بهادر مهاراج جن جو جولاءِ 1951 کان شرير ويو پي رهندو پر هنن ستسنگ، نام دان ۽ ڏيري جي پربنڌ جو ڪاربه بدستور جاري رکيو. جولاءِ ۾ هنن ’ڪالو جي بڙ‘ جو دؤرو رکيو. ڪمزوريءَ سبب هو اسٽيشن وڃڻ ۾ ليٽي سفر ڪري رهيا هئا. جڏهن ٺاڪ منجهند جو هوشيارپور کان ٿي لنگهيا ته ڏٺائون ته سنگت بنا ڪنهن اطلاع جي ستسنگ جو بندوبست ڪيو هو. سنگت جي منٿ ڪرڻ تي هو اُها ڳالهه ٽاري نه سگهيا ۽ سخت گرميءَ ۾ اُتي ستسنگ فرمايائون. اڳتي هلڻ تي ڳڳريٽ ۾ به اهڙي نموني

---

* سردار بهادر مهاراج حضور مهاراج، بابا ساون سنگهه جن جو ذڪر ”سچي سرڪار“ چئي ڪري ڪندا هئا.

مهاراج جن جو آخرين ستسنگ هو.

چولي چڏڻ کان اٽڪل ڇهه مهنا اڳ، حضور سردار بهادر صاحبن جي حڪم موجب راه صاحب منشيرام ٻئنڪ جي ڪاتن جا خالي فارم سردار چرنسنگهه جن وٽ سرسي موڪليا، ان سان گڏ ٻن ٽن سٽن ۾ هڪ لکيل نياپو به هو ته سردار بهادر جن جو حڪم آهي ته انهن خالي ڪاغذن تي پنهنجي صحيح ڪري موڪلين. صحيح ڇا لاء کپي، ان بابت ڪجهه به لکيل نه هو. سردار چرنسنگهه صاحب جن حڪم جي پوئواري ڪري فارم صحيح ڪري موڪليا. فارمن اچڻ تي سردار بهادر جن ٻئنڪن ۾ ڏيري جي سيني ڪاتن ۾، جي سندن نالي ۾ هئا اُنهن ۾ هاڻي سردار چرنسنگهه جن جو نالو به وڌو ويو ته ٻنهي مان ڪو به پئسا رکي يا ڪيائي سگهيو ٿي.

سيپٽمبر ١٩٥١ ۾ سردار چرنسنگهه جن کي چونڊن ۾ بيهڻ لاء ڪانگريس طرفان ٽڪيٽ ڏيئي ڏنائون ته هو پنهنجي پتا سردار هربنس سنگهه جن ۽ چاچي سردار ٻچنت سنگهه جن سان گڏ ڏيري آيا. سندن پتا سردار بهادر مهاراج جن کي عرض ڪيو، "حضور! چرنسنگهه چونڊن ۾ اميدوار بيهڻ ٿو چاهي. ڪانگريس جو نيتا کيس ٽڪيٽ ڏيڻ ٿو چاهي. جي اجازت ڏيو ته ٽڪيٽ وٺي ۽ اليڪشن لڙي." اهو ٻڌي سردار بهادر مهاراج جن هڪدم اُٿي ويٺا ۽ ناراضپو ڏيکاري سردار چرنسنگهه کي فرمايائون، "نه! هرگز نه اهو ڪم توهان لاء نه آهي ۽ انهو خيال ئي ڇڏي ڏيو. توهين ڏسو حضور مهاراج جن جي کهڙي موج آهي." ان تي سردار چرنسنگهه صاحب جن سندن حڪم اڳيان سر نوايو ۽ چونڊن ۾ بيهڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن هو ڪمري مان هليا ويا ته ڀائي شادي‌ء سردار بهادر صاحبن کي عرض ڪيو، "حضور ان ۾ کهڙو هرج آهي جي چرنسنگهه جن اليڪشن ۾ بيهن؟

وقت ملاقات ڪرڻ اچن ٿا ۽ حضور جن کي آرام ڪرڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي ......" سردار بهادر مهاراج جن ڏاڍي پريم ڀاءُ سان فرمايو، "مونکي ته لڳي ٿيٺو ٿو پوي جو مان حضور مهاراج جن جي پياري ساڌ سنگت کي ايترو پيار نه ڏيئي سگهيو آهيان جيترو حضور جن ڏيندا هئا!"

سيپٽمبر ١٩٥١ع جي آخرين هفتي ٿائين ڪمزوري تمام وڌي ويئي. سيني کي چنتا وٺي ويئي. سردار بهادر صاحب جي سپتر شري جسونت سنگهه ڪشمير مان ڊاڪٽر بلونت سنگهه کي گهرايو. ڊاڪٽر بلونت سنگهه اتي جو هڪ مشهور ڊاڪٽر هو. ستسنگي به هو ۽ پهريائين به سندن علاج ڪيو هئائين، پر صحت ۾ ڪو به ڦيرو ڪونه آيو. ٢٠ سيپٽمبر بعد سندن صحت ايتري بگڙجي ويئي جو سردار بهادر مهاراج جن ستسنگ به ڪري نٿي سگهيا ۽ ڊاڪٽر به کين منع ڪئي هئي. ٣٠ سيپٽمبر تي حضور سردار بهادر جن ستسنگ ڪرڻ جو خيال ڪيو. ڊاڪٽر بلونت سنگهه ۽ ڊاڪٽر ديوانچند کين ڪوٺيءَ کان هيٺ لهڻ جي به منع ڪئي پر هنن جواب ڏنو، "مونکي ستسنگ ۾ ضرور وڃڻو آهي." ان تي ڊاڪٽرن کين ڪرسيءَ تي وهاري هيٺ آڻڻ ۽ وري مٿي کڻي وڃڻ لاءِ چيو پر پاڻ پنڊت لالچند جي سهاري پاڻيهي هيٺ لهي آيا ۽ موڙ ۾ ويهي ستسنگ ۾ پڌاريا ستسنگ ۾ هنن سوامي جي مهاراج جن جو شبد "ستگرو شرڻ گهو ميري پياري، ڪرم جگات چڪاءِ" کنيو ۽ اڌ ڪلاڪ صاف آواز ۾ ان جي وياکيا ڪئي. ستسنگ بعد پاڻ واپس ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويا. ٻئي ڊاڪٽر ڏاڍو گهبرائجي ويا پر ستسنگ بعد جڏهن کين تپاس ڪري ڏٺائون ته دل ۽ نبض جي چال ٺيڪ هئي ۽ صحت تي ڪو به خراب اثر نه پيو. اهو ستسنگ حضور سردار بهادر

پوءِ ويندس.“

١٤ آڪٽوبر ١٩٥١ تي هڪ آمريڪن جگياسو مسٽر جڙري ايف سيفنس شري ٻرج لال ڪپور سان گڏ ڏيري ۾ آيو. مسٽر سيفنس آمريڪن ايلچي خاني جي بمبئي آفيس ۾ هڪ وڏو آفيسر هو. ان ڏينهن حضور سردار بهادر جن ڪن سبب ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪرڻ لڳا، ان ڪري مسٽر سيفنس سان ڪجهه به ڳالهائي نه سگهيا. پر سيفنس صاحب جي دل ۾ نام وٺڻ لاءِ ڏاڍي تڙپ پيدا ٿي هئي. وٽ ڪ وقت به رهي نٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن کي ٽورن ڏينهن ۾ واپس آمريڪا وڃڻو هو. مهجهند جو جگموهن لال هن سان گڏجڻ ويو ته هن چيو ته مونکي نام وٺڻ جي ڏاڍي اڇا هئي. پروفيسر صاحب مهاراج جن جي صحت ڏسي سيفنس صاحب کي ڪو به دلاسو ڪونه ڏنو ۽ نه اهڙي ڳالهه حضور مهاراج جن سان ڪئي. ٻئي ڏينهن ١٥ آڪٽوبر تي به حضور سردار بهادر صاحب جن جي صحت اهائي هئي پر شام جو مسٽر سيفنس کي سڏايائون ۽ ان کي نام دان جي بخشيش ڪيائون. نام دان وقت حضور جن جو آواز بلڪل اڳئين وانگر صاف هو. هيءَ سردار بهادر مهاراج جن جو پڇاڙيءَ جو نام دان هو. ١٦ آڪٽوبر صبوح جو مسٽر سيفنس واپس ويو.

شري رامناٿ مهتا (دهلي وارو) سردار بهادر مهاراج جن جي هيءَ ڳالهه ٻڌائيندا آهن. آڪٽوبر ١٩٥١ جي ٻئي هفتي ۾ رامناٿ مهتا ڏيري ۾ آيو هو دهلي ۾ هڪ جهوني ستسنگيءَ ڪنهن جي اثر هيٺ اچي سردار بهادر جن جي خلاف پرچار شروع ڪري ڇڏيو هو. ان ستسنگيءَ رامناٿ مهتا سان به اهڙيون ڳالهيون ڪيون جن ۾ سردار بهادر مهاراج جن جي ايمانداريءَ تي دوش ڌريو هو. سچ ڏانهن گند اڇلائڻ

سندن اليڪشن لڙڻ جي خواهش آهي ۽ هو ضرور ان ۾ گهندا به. توهان کين بالڪل سخت لفظن ۾ منع ڪئي." ان تي سردار بهادر مهاراج جن فرمايو، "مان نه چوندس ته ڀلا ٻيو ڪير چوندو؟" پوءِ ٿوري ماٺ بعد ڏاڍي مٺاج سان فرمايائون، "ڀائي شادي! حضور مهاراج جن ڪن هنن کان تمام گهڻو ڪم ورتو آهي."

جولاءِ 1951 جي آخرين هفتي ۾ جڏهن جهونن ستسنگين کي خبر پيئي ته سردار بهادر مهاراج جن جي صحت چنتا جنڪ آهي ته هو کين پنهنجو جانشين مقرر ڪرڻ ۽ وصيت لکائڻ لاءِ عرض ڪرڻ لڳا ته جواب ۾ فرمايائون، "خيال نه ڪريو وقت تي سڀ ڪجهه ٻڌايو ويندو. جيئن جيئن سندن صحت وئي ڪمزور ٿيندي ته ماڻهن ۾ به جانشين جو نالو معلوم ڪرڻ جي اڻ تڻ پيدا ٿيندي وئي. سيپٽمبر ۾ ڪن ماڻهن لمبردار جڳت سنگهه کي ان لاءِ سندن شيوا ۾ موڪليو. سردار بهادر جن صاف لفظن ۾ چئي ڏنو، "مان ڪو خاطر خواهه بندوبست ڪري ويندس، ٻي خبر نه ويندس." ڪجهه ڏينهن بعد ڪن جهونن ستسنگين وري ٻيجي رليءِ کان ان لاءِ کين چوايو ۽ وري به ساڳيو ئي جواب مليِن.

آڪٽوبر جي شروع ۾ اُنهن ماڻهن ڀائي سرين سنگهه کي سندس ڳوٺ مان سڏايو. ڀائي سرين سنگهه باباجي مهاراج جن جا ستسنگي هئا ۽ ڪيترائي سال وڏن مهاراج جن جا پاسي تي رهيا هئا. ڀائي سرين سنگهه عرض ڪيو، "حضور! توهان جي صحت سٺي ڪونه آهي. ڪرپا ڪري پوءِ جو به انتظام ڪري وڃو." حضور جن جواب ڏنو، "ڀائي صاحب! هنن ماڻهن توهان کي خواهه مخواهه تڪليف ڏني آهي. مون ته هنن کي چيو آهي ته پڪيءَ طرح ۽ بلڪل ٺيڪ انتظام ڪري

”توهان جي حالت بلڪل نازڪ آهي ۽ ڇٽي نٿو سگهجي ته ايندڙ ڪن ڪلاڪن ۾ ڇا به ٿئي. توهان کي گهرجي ته پنهنجو جانشين مقرر ڪري ڇڏيو.“ ان تي سردار بهادر مهاراج جن ٿورو مشڪندي فرمايو، ”ڊاڪٽر صاحب توهين سمجهو ٿا ته مان گهڙي پل جو مهمان آهيان! پر خاطري ڪريو مان ته اڄوڪي رات هن دنيا ۾ رهندس.“

شام جو حضور جن جو ڌيان اندر لڳل هو. سندن شرير به بلڪل ڪمزور ٿي ويو هو. وڙائچ ڳوٺ جا ستسنگي چنن سنگهه ۽ فوجا سنگهه روز شام جو درشن لاءِ ايندا هئا. جڏهن هو آيا ۽ سندن حالت ڏٺائون ته روئڻ لڳا. سردار بهادر مهاراج جن اکيون کوليون ۽ ڏاڍي پيار سان صاف آواز ۾ چيائون، ”ڀائي، وڃو، بيفڪر ٿي وڃي سمهي پئو. مان اڄ ڪونه ٿو وڃان.“

٢٢ آڪٽوبر صبوح جو جڏهن ڊاڪٽر هر روز وانگر تپاس ڪري هليو ويو ته حضور جن اٽڪل ٨ بجي هن کي وري سڏايو ۽ فرمايائون، ”ڊاڪٽر صاحب! اڄ جيڪي پڇڻو اٿو سو پڇي وٺو.“ پوءِ حڪم ڏنائون ته جج صاحب* کي چئو ته سردار چرنسنگهه سيٺي، سردار هربنس سنگهه گريوال سڪندرپر کي تار ڏيئي گهرائي ۽ ان جي نالي وصيت لکي ڪٺي اچي.“ حضور بهادر مهاراج جن جا اهي وچن ٻڌي ڪمري ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. هاڻي ظاهر هو ته حضور جن اڄ هن ناسونت سنسار کي ڇڏڻ لاءِ فيصلو ڪري چڪا هئا. پوءِ سردار بهادر مهاراج جن گانڌي رام کي حڪم ڏنو ته جج صاحب کي سڏايو.

---

* راءِ صاحب منشيرام، جو رٽائر ٿي اچڻ کان اڳ سيشن جج هو.

واري جي بيهودي ڪوشش تي شري رام ناٿ مهتا
ڀورين ته ڪو ڌيان ئي ڪو نه ڏنو پر جڏهن ڪن ٻين
ستسنگين به اچي ڪيس چيو ته فلاڻو جهونو ستسنگي ڏيري
۾ سردار بهادر مهاراج جن خلاف پرچار ڪري رهيو آهي ته
مهتا صاحب، سردار بهادر مهاراج جن سان ان جو ذڪر ڪرڻ
جو فيصلو ڪيو.

آڪٽوبر ١٩٥١ ۾ سردار بهادر مهاراج جن جي تندرستي
خراب ٿي پيئي هئي ۽ هو به هن فاني دنيا کي ڇڏڻ جو
نشچو ڪري چڪا هئا. موٽي دهليءَ وڃڻ کان اڳ،
مهتا صاحب جڏهن حضور سردار بهادر جن کي متو ٽيڪڻ
ويا ته عرض ڪيائون ته فلاڻو ستسنگي حضور جن تي دوش
لڳائي رهيو آهي. حضور جن رام ناٿ کي پنهنجي پلنگ،
پرسان وهاريو ۽ ڏاڍي مٺڙ آواز ۾ فرمايائون. "....ڪي چوندا
ته اهڙن ڳالهين ڪرڻ مان ڪيس فائدو نه ٿيندو." ڪجهه وقت
ماٺ ۾ رهي وري فرمايائون "هيءَ ڳالهه مون کي چوڻ
ته نه گهرجي پر هاڻي منهنجو آخرين وقت آهي ان ڪري
چوڻ ۾ ڪو به حرج ڪونهي. منهنجي سچيءَ سرڪار
ستگرن مون کي جيڪا هيءَ اڇي ڏاڙهي صاف ستري
بخشيش ڪئي آهي ان کي اِئين ئي بي داغ ستگرن جي چرنن
۾ سونپي رهيو آهيان." اها ڳالهه سردار بهادر مهاراج جن
جي چولي ڇڏڻ کان ڏهه ڏينهن اڳ جي آهي. ٢٠ آڪٽوبر
تي وري ڪن بزرگ، ستسنگين ڪانئن سندن جانشين جو
نالو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن صاف لفظن ۾
جواب ڏنو، "گهبرايو نه، وڃڻ کان اڳ، سڀ ڪجهه
ٻڌائي ويندس."

٢١ آڪٽوبر صبوح جو ڊاڪٽر بلونت سنگهه ۽ ڊاڪٽر
ديوانچند سندن تپاس ڪئي ۽ ڊاڪٽر بلونتسنگهه چيو،

وصيت تيار ڪري اچ. مون پڇيو، ”ڪنهن جي حق ۾؟“ فرمايائون ته سردار چرن سنگهه جي حق ۾. مون ٻيو ڪجهه ڪونه پڇيو، ڇاڪاڻ ته مونکي معلوم هو ته حضور جن پنهنجا سڀ پرمارٿي حساب ڪتاب سردار چرن سنگهه گريوال سپتر سردار هربنس سنگهه جي نالي اڳيئي مون کان ڪرائي ڇڏيا هئا. مان پنهنجي ڪمري ۾ وصيت نامو لکڻ لڳس ته هڪ ماڻهو اچي چيو ته جلد کڻي اچو. مون چيو ته اڃا تيار نه ٿيو آهي وري ٻيو ماڻهو آيو. مونکي ٻه جيڪي ڪجهه سمجهه ۾ آيو سو لکي جلدي کڻي ويس. اهڙي حالت ڪونه هئي جيئن جڻ ته ڪو جلد ئي هن سنسار مان ڪوچ ڪري رهيو هجي. اُتي ديوان دريائي لال، سردار گورديال سنگهه* ڊاڪٽر بلونت سنگهه، سردار ٻچنت سنگهه صاحب، پنڊت لالچند وغيره ويٺا هئا. مون پهرين وصيت نامي تي ڊاڪٽر صاحب کان تصديق ڪرائي ته حضور پنهنجي پوري هوش ۽ حواس ۾ آهن. پوءِ سڀني حاضرين جي روبرو مون وصيت نامو اکر ٻه اکر پڙهي سڀني کي ۽ حضور سردار بهادر جن کي ٻڌايو. پوءِ حضور جن جي اڳيان رکيم ته پاڻ عينڪ گهرايائون ۽ عينڪ پائي سمورو مضمون اکر ٻه اکر شروع کان آخر تائين غور سان پڙهيائون ۽ سڀني حاضرين جي روبرو ان تي پنهنجي صحيح ڪيائون. بس پوءِ جيڪي صاحب موجود هئا انهن به صحيحون ڪيون ۽ مان وصيت نامو پورو ڪري موٽائي کڻي آيس. حضور سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن جو وصيت نامو هيٺ ڏنو وڃي ٿو:-

مان سردار بهادر جڳت سنگهه ولد سردار ٻولا سنگهه، ذات جاٽ سک، گدي نشين ڊيرا بابا ڄمل سنگهه تحصيل

---

* سردار ٻچنت سنگهه جو پٽ ۽ سردار بهادر مهاراج جن جو ڀائٽيو.

سردار ٻچنت سنگھه صاحب جن روزانو صبوح جو اچي مٿو ٽيڪي ويندا هئا، ۲۲ آڪٽوبر تي به هو نيم انوسار اچي هليا ويا. ٿوري وقت ۾ وصيت ٺهڻ جي ڳالهه ڏيري ۾ ڦهلجي وئي. جڏهن اها ڳالهه سردار ٻچنت سنگھه جن کي معلوم ٿي ته هو جلد ئي ٻيو دفعو سردار بهادر مهاراج جن وٽ آيا ۽ اکين ۾ آنسون آڻي هٿ جوڙي وينتي ڪيائون، "حضور جن اسانکي توهانجي حوالي ڪري ويا هئا. توهان ائين جلد نه وڃو. ٺيڪ ٿي اسان جيون جي سنڀال ڪريو. چرنسنگھه اڃا ٻار آهي. توهين گدي ته ڪنهن ڪمائيءَ واري بزرگ کي ڏيو." سردار بهادر جن هٿ مٿي ڪري بلڪل ديوتا سان چيو، "ڀائي صاحب! جيڪي ڪجھ مان ڪري رهيو آهيان پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق نه ڪري رهيو آهيان پر حضور مهاراج جن ۽ باباجي مهاراج جن جي حڪم موجب ڪري رهيو آهيان."

ان وقت راءِ صاحب منشي رام اچي ويو. سردار بهادر مهاراج جن حڪم ڏنو، "وصيت تيار ڪري کڻي اچو." راءِ صاحب پڇيو ته ڪنهن جي نالي؟ حضور جن جواب ڏنو، "سردار چرنسنگھه جي نالي." پوءِ راءِ صاحب کي چيائون ته سردار چرنسنگھه کي سڪندرپور مان تار ڏيئي گهرايو. وصيت نامي ٺاهڻ جي باري ۾ راءِ صاحب منشي رام جي ڊائريءَ مان ۲۲ آڪٽوبر ١٩٥١ ڏينهن واري لکيت هتي ڏني وڃي ٿي :-

"۲۲ آڪٽوبر- ان ڏينهن صبوح جو اٺ ٻجا. ان محل مان سنان ڪرڻ لاءِ ڪپڙا لاهي رهيو هوس ته شري گانڌي ڀا منوهرلال حضوري شيوادار مون وٽ آيو ته جلدي ۾ هلو حضور جن ياد فرمايو آهي. ڪپڙا پائي ڊوڙندو ويس ته حضور ٻاهرئين ڪمري ۾ کٽ تي ليٽيا پيا هئا. فرمايائون ته

اهد :- دريائي لال ڪپور
ڀيون مالي سيڪريٽري ڪپورٿلا اسٽيٽ
اٽي رهندڙ ڏيري ۾
لچند ٽرماٽي پي اي ايس
رعي ڪيميڪل پروفيسر II
نجاب هاٽي موڪل تي ڏيري ۾
٥١-١٠-٢٢

گوردیال سنگهه
نوٽري پبلڪ جالندر
٥١-١٠-٢٢
بچنت سنگهه گريوال
٥١-١٠-٢٢

پنڊت لالچند ٻڌائيندو آهي تہ وصيت لکائڻ کان پوءِ
ڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا تہ ان وقت حضور سردار بهادر جن
ي منهن تي ڏاڍي خوشي هئي. هنن ٻئي هٿ جوڙي چيو،
شڪر آهي، حضور جن جي امانت حضور جن وٽ وئي."
وصيت نامو ٢٢ آڪٽوبر کان اڳ نہ ڪرڻ ۽ ايترا ڏينهن
نهنجي جانشين جو نالو ظاهر نہ ڪرڻ ۾ حضور سردار بهادر جن
ي ڪجھ مؤج هئي. هنن کي خبر هئي تہ سندن جانشين
ردار چرنسنگهه گدي سنڀالڻ قبول ڪو نہ ڪندا ۽ کانئن
نهنجو فيصلو واپس وٺڻ لاءِ وينتي ڪندا. ان سان گڏ اها
الهہ بہ ٿي سگهي ٿي تہ ٣٥ سالن جي عمر ۾ مٿن اهڙي
ڪاريہ جو بوج پوڻ سندن ماتا پتا کي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ها.
ڳٽي هلي اها ڳالهہ بہ ظاهر ٿيندي تہ انهن ڳالهين کي ڌيان
ر رکي حضور سردار بهادر جن اهو سمورو ڪم ڪيئن نـ
مهٽي ۽ سولي طريقي ڪري ڏيکاريو. ٢١ آڪٽوبر صبوح
ءو هنن سردار هربنس سنگهه جن، جي انهن ڏينهن ۾ ڏيري
ر رهيل هئا، کي سڏايو ۽ چيائون، "منهنجي طبيعت هاڻي
ٺيڪ آهي. اڄ توهين پل سڪندرپر هليا وڃو. اتي او هان
جي ضرورت آهي." سو آگيا انوسار سردار هربنس سنگهه جن
سڪندرپر لاءِ روانا ٿي ويا. وڃڻ کان اڳ، جڏهن
هو حضور سردار بهادر جن وٽ مٿو ٽيڪڻ آيا تہ حضور جن
چرنسنگهه جن لاءِ هيءُ سنديش موڪليو، "هنن کي چوندا

۽ ضلع امرتسر جو رهاڪو آهيان. مان اڄ ڪلهه بيمار ٿو گذاريان. حياتيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونه آهي انڪري پنهنجي پوري هوش حواس سان مان پنهنجي اِڇا انوسار هيءَ وصيت ڪريان ٿو ته جيستائين مان زنده آهيان ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ سڀ مال ملڪيت جو پورو مالڪ ٿي رهندس ۽ مون کان پوءِ سردار چرنسنگهه گريوال سپتر سردار هربنس سنگهه گريوال ذات جاٽ سک، رهاڪو سڪندرپر تحصيل سرسا، ضلع حسار. ڏيرا بابا جئمل سنگهه ۾ گدي نشين ٿيندا ۽ ڪل مال ملڪيت متحرڪ توڙي غير متحرڪ، بئنڪن ۾ جمع ٿيل رقمون ۽ سڀ ستسنگ گهر، جي ڏيرا بابا جئمل سنگهه سان واسطو رکن ٿا يا رکندا هئا، انهن سڀني جو مون وانگر ۽ مون کان اڳي گدي نشين بابا ساون سنگهه جن وانگر مالڪ رهندا. هن وصيت نامي جو منهنجي شخصي ۽ وڏن جي ملڪيت تي اثر نه پوندو. ان ڪري هي وصيت نامو لکيو ويو آهي جا هڪ سند سمجهي ويندي. مان اها به پڪ رائي ڪريان ٿو ته مون وانگر سردار چرنسنگهه ستسنگ به ڪندا ۽ نامردان به ڏيندا رهندا.

لکندڙ :-

اصل تي صحيح جڳت سنگهه
١٩٥١-١٠-٢٢

اصل تي صحيح منشي رام
سيڪريٽري ڏيرا بابا جئمل سنگهه
١٩٥١-١٠-٢٢

مان سرٽيفڪيٽ ٿو ڏيان ته وصيت ڪندڙ سردار بهادر جڳت سنگهه جن گذريل هڪ مهني کان منهنجي علاج هيٺ رهيا آهن ۽ هاڻي به منهنجي علاج هيٺ آهن ۽ هو هن وقت پوري هوش ۽ حواس ۾ آهن.

١٩٥١-١٠-٢٢

اصل تي صحيح بلونت سنگهه ايف آر سي ايس
تاريخ ١٩٥١-١٠-٢٢ رٽائرڊ چيف ميڊيڪل آفيسر ڪشمير

ميواري کٽڻ کان صاف انڪار ڪن ها جيئن ان کان
ڳي، سردار بهادر مهاراج جن حضور بابا ساون سنگهه جن کي انڪار
ڪندا آيا هئا. حضور بابا ساون سنگهه جن کي جڏهن ۱۹۰۳ ۾
ر گدي ملي ته بيبي رکو مونکي ٻڌايو ته گدي نشينيءَ
وقت حضور مهاراج جن جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهي رهيا هئا.

۲۲ آڪٽوبر منجهند جو حضور سردار بهادر جن بيبي رلي
۽ پنڊت لالچند کي فرمايو، "منهنجي چولي ڇڏڻ بعد منهنجي
شرير کي وڌيڪ وقت نه رکجو. ڪنهن به مت مائٽ يا
ستسنگيءَ جي اچڻ جو انتظار نه ڪجو. شرير کي سنان نه
ڪرائجو. اگني سنسڪار نديءَ جي ڪناري ڪجو ۽ اُنهيءَ
وقت ڦُل (هاڏيون) دريا ۾ پروان ڪجو جيئن ان جاءِ جو
نام نشان به ڏسڻ ۾ نه اچي." اهي وچن ٻڌي بيبي رلي چوڻ
لڳي ته بهتر ٿيندو ته حضور جن اهو حڪم ڏيري جي سيني
پرمک ستسنگين کي سڏائي ڏين. ان تي حضور سردار بهادر
مهاراج جن، سردار ٻچنت سنگهه، بابو گلاب سنگهه ۽ ڏيري جي
ٻين پرمک ستسنگين کي سڏايو. اُنهن ۾ لمبردار جڳت سنگهه
۽ چوڪيدار جڳت سنگهه به هئا. اُنهن جي اچڻ تي هنن
لمبردار جڳت سنگهه کي فرمايو ته مون جيڪي هدايتون
پنهنجي انتم سنسڪار جي باري ۾ توکي ڏنيون هيون، اهي
سيني کي ٻڌاءِ. لمبردار جڳت سنگهه حضور جن جون ڪجهه
ڏينهن اڳ ڏنل هدايتون ٻڌايون. اُهي به بلڪل ساڳيون
هيون جي حضور جن بيبي رليءَ کي ۽ پنڊت لالچند کي
ڏنيون هيون. اُهي ٻڌي سيني عرض ڪيو ته حضور جن
جي حڪم جي پوري پوري پالنا ڪئي ويندي. منجهند
جو اٽڪل ۱۲ بجي پنڊت لالچند کي چيائون، "پنڊت جي،

---

* روحاني ڊائري ڀاڱو ٻيو صفحو ۲۱۷

تہ بلڪل نہ گھٻرائين. مون چوڻ لاءِ جيڪي ڪجھ چيو آهي سو سندن فائدي لاءِ چيو آهي ۽ اهو بہ وڏن مهاراج جن جي حڪم سان ئي چيو آهي. ڏسجو تہ مهاراج جن جي ڪهڙي موج ٿي ٿئي ۽ مهاراج جن جا ٿا ڪن. مان تہ هنن سان ڏاڍو خوش آهيان.“

ان ڏينهن شام جو سردار بهادر مهاراج جن، سردار چرنسنگھ صاحب جي ماتا ٻيجي شام ڪؤر کي چيو تہ منهنجي طبيعت ٺيڪ آهي. توهين سڀاڻي صبوح جو موگي* هليا وڃو. آگيا پائي، هوءِ بہ ٢٢ آڪٽوبر صبوح جو ٦ بجي موگي لاءِ رواني ٿي ويئي. اهڙي نموني حضور جن پنهنجي وصيت لکائڻ کان اڳ، پنهنجي جانشين جي ماتا پتا کي ڏيري مان ٻاهر موڪلي ڇڏيو ان لاءِ تہ هو ڪين پنهنجو فيصلو ڦيرائڻ لاءِ عرض نہ ڪن. سردار بهادر صاحب جن وصيت لکڻ بعد سردار چرنسنگھ جن کي ٢٢ آڪٽوبر صبوح جو تار ڪري گهرايو. اُها تار ڪين منجهند ڪانپوءِ سرسي ۾ اٽڪل ٤-٥ بجي ڌاري ملي. هو ترت پنهنجي پتا سان گڏ روانا ٿيا. پر رستي ۾ موٽر خراب ٿيڻ سبب ٻئي ڏينهن ڏيري ۾ ان مهل پهتا جڏهن سردار بهادر مهاراج جن جو آخرين سنسڪار پئي ڪيو ويو. هن باري ۾ راءِ صاحب منشي رام جي ڊائريءَ مان ڪجھ ذڪر پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. هو لکن ٿا تہ مهاراج چرنسنگھ جن جي دير سان پهچڻ ۾ بہ ڪجھ مالڪ جي موج هئي. ڇو تہ جيڪڏهن سردار چرنسنگھ جن، سردار بهادر صاحب جن جي هوندي وٽن اچن ها ۽ هو ڪين گدي سنڀالڻ لاءِ چون ها تہ شايد سردار چرنسنگھ جن اها

---

* موگا (ضلع فيروزپور) ماتا شام ڪؤر جو پيڪو شهر آهي.

ٿو ٿئي. ديا ڪريو ۽ ٺيڪ ٿيو، اڃا اسانکي نه ڇڏيو."
سردار بهادر مهاراج جن پيار سان هنکي سمجهايو ۽ فرمايائون،
"جيڪا حضور مهاراج جن جي موج آهي اها ٺيڪ آهي. تون
منهنجي ڳالهه ياد رکج." سندن اشارو آخرين سنسڪار واري
حڪم ڏانهن هو. ٨ ۽ ٩ بجي جي وچ ۾ پروفيسر جڳموهن لال ۽
سردار بهادر مهاراج جن جا پٽ سردار جسونت سنگهه مٿو
ٽيڪڻ آيا. ٿوري دير ويهي رهيا. پوءِ حضور جن جي آگيا
پائي هليا ويا. رات جو ٩ بجي حضور جن جو شيوادار منوهر
کير جو گلاس کڻي آيو. هنن هڪ ڪوپ کير پيتو، گرڙيون
ڪيون ۽ واپس ليٽي پيا. ڊاڪٽر هزارا سنگهه، پنڊت لالچند
سان گڏ حضور مهاراج جن جي شيوا ۾ رهندو هو. هنن هنکي
مشڪي چيو، "چڱو ڊاڪٽر، اڄ سويل ئي.... ." بعد ۾ ڊاڪٽر
هزارا سنگهه پنڊت کي ٻڌايو ته حضور سردار بهادر صاحب
ان کان ڪيترائي ڏينهن اڳ چئي ڇڏيو هو ته فلاڻي تاريخ
اڍائي ۽ ٽين بجي وچ ۾ راتجو هن ناسونت سنسار کي هميشه لاءِ
الوداع ڪندا. ان سان گڏ هنن پنهنجي جا نشين سردار
چرنسنگهه صاحب جو نالو ٻڌايو هو. پر انهن ٻنهي ڳالهين
کي ظاهر ڪرڻ جي منع ڪئي هئائون. جيتوڻيڪ مهاراج جن
جي صحت تمام ڪري ويئي هئي ۽ ڪمزوري ۽ درد به
ڏاڍو هو پر سندن منهن مان شانتي، خوشي ۽ مشڪ
پئي بکي. ڪمري جي واتاورڻ ۾ به هڪ عجيب روحاني
شانتي* جو وايو منڊل لڳو پيو هو. اٽڪل سوائين نوين بجي هنن
پنڊت لالچند کي چيو، "مان ڪجهه وقت لاءِ ليٽي پوان ٿو،
مونکي جاڳائجو نه." پوءِ ته خيال اندر لڳائي ڇڏيائون. رات
جو ١١ بجي پنڊت کي سڏ ڪيائون ۽ چيائون، "ڏسو اندر
گرمي ته نه آهي." پنڊت عرض ڪيو، "حضور گرمي ته
برابر آهي." هنن چيو، "پرواهه نه آهي اندر هلو." حضور جن

هن بيمار شريرَ کي هيئنئر رکڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ هن کي هيئنئر ڇڏيون ٿا." پنڊت جواب ڏنو، "سائين اها توهان جي مؤج آهي جڏهن توهانجي مرضي، نيڪ ٿي پئو." ان تي فرمايائون، "اهو خيال ڇڏي ڏي."

ٿوريءَ دير بعد هنن مس هلڪرَ ۽ راجا صاحب ۽ راڻي صاحبہ سانگليءَ کي درشن ڏنو ۽ ڪجھ وقت اُنهن سان ڳالهيون ڪيون. اٽڪل ٣-٤ بجي راءِ صاحب منشي رام ۽ ڪي بيا ماڻهو آيا. حضور سردار بهادر جن کي ساهہ کڻڻ ۾ سخت تڪليف ٿي، ان هوندي بہ هنن ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. بيبي رليءَ پڇيو "هاڻي مون لاءِ ڪهڙي آگيا آهي ۽ مان ڪٿي وڃي رهان؟ هنن جواب ڏنو، ڏيري ۾ ان ئي ڪوٺيءَ ۾ رهج." راءِ صاحب پڻ اهو ساڳيو سوال ٻن شخصي شيوادارن گاندي رام ۽ منوهر لال جي باري ۾ پڇيو. جواب ۾ فرمايائون تہ اُهي بہ ڏيري ۾ ئي رهندا.

رات جو اٽڪل ٨ بجي راءِ صاحب منشي رام وري حضور جن وٽ آيو ۽ ڏيري جي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون ڪندو رهيو. وڃڻ کان اڳ، چيائين، "حضور مون ٽي سال ٻوڙ ٻڪ ڪري سيني جائدادن جو پربنڌ ڪري، هاڻي مس شانتيءَ جو ساهہ کڻڻ شروع ڪيو هو تہ توهين بہ ٿا موڪلايو ۽ وري بہ ساڳيا گوڙ بکيڙا مچندا. توهان جو جانشين بلڪل نئون آهي" اهو ٻڌي سردار بهادر مهاراج جن راءِ صاحب کي ڏاڍي پيار سان سمجهايو تہ ڪابہ چنتا نہ ڪجو، حوصلو بلند رکجو ۽ توهين ڏسندا تہ مالڪ جي مؤج ڪهڙي ٿي ٿئي.

راءِ صاحب جي وڃڻ بعد لمبردار جڳت سنگهہ آيو ۽ ٿو ٿيڪي ويهي رهيو. حضور سردار بهادر جن ڪيس چيو "لمبردار جي! وڃي سمهي پئو." لمبردار اُن تي عرض ڪيو، حضور سچا پاتشاهہ! اجا پهريون زخم ڀريو ئي ڪونهي تہ ٻيو زخم

ڏني ته هڪ ڪلاڪ بعد بند ٿي ويئي. ساهه کڻڻ به بند ٿي ويو. منهن تي گهري شانتي، سوڀيا ۽ مڌر مشڪ هئي. ناسونت شرير تياڳي چڪا هئا. ان وقت صبوح جو ٢ لڳي ٤٠ منٽ ٿيا هئا.

ڊريءَ تي ڪڙڪي جو آواز ٻڌي هيٺئين ڪمري مان ٻيبي راڻي مٿي چڙهي آئي. آهستي آهستي اها خبر سڄي ڏيري ۾ ڦهلجي ويئي ته سنگت مٿي اچڻ لڳي. ٿوري ئي وقت ۾ درشن ڪندڙن جي ڀيڙ لڳي ويئي. جڏهن ڏٺائون ته مٿي جڳهه نه آهي تڏهن حضور سردار بهادر مهاراج جن جي پوتر شرير کي نام - گهر جي ورانڊي ۾ آڻي رکيائون.

حضور سردار بهادر صاحبن جي ڏنل هدايتن انوسار ارٿي بلڪل سادي ٺاهي ويئي. شرير مٿان هڪ اڇي چادر وڌي ويئي. منجهند کان ٿورو اڳ، ارٿي بياس نديءَ طرف کڻي آيا. حڪم جو پالن ڪندي سنسڪار ڏيري کان اڍائي يا ٣ ميل پري بياس نديءَ جي بلڪل ڪناري تي ڪيو ويو. حضور جن جي ناسونت شرير کي سندن سپتر سردار جسونت سنگهه جن لڪڙا ڏنا. حضور جن پنهنجي هوندي ئي چئي ڇڏيو هو ته هاڏي ۽ رک به سنسڪار بعد ئي درياهه ۾ پروان ڪجو. اگني سنسڪار بعد اگنيءَ کي ڪير پاڻي گڏي ان سان ٺاريو ويو ۽ اگنيءَ جي آس پاس نالي ٺاهي درياهه جو پاڻي اندر آڻي، اهو هنڌ سڄو پاڻيءَ سان پوري ڇڏيائون.

حضور سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن کي ٢٥ سالن جي عمر ۾ حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن کان نام دان مليو هو. نام دان ملڻ بعد هنن پنهنجي رهڻي بدلي ڇڏي. سرڪاري نوڪريءَ بعد سمورو وقت ڀڄن سمرن ۾ وتيت ڪندا هئا. سنه ١٩٤٣ع ۾ لڳ ڀڳ ٣٣ سالن جي نوڪريءَ

جي هدايت انوسار سندن پلنگ دريءَ جي ڀرسان رکيو ويو. پوءِ حضور سردار بهادر جن ڊاڪٽر هزارا سنگهه کي سڏايو ان کي اينيما (ڊُوش) ڪرڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر هزارا سنگهه حڪم جي تعميل ڪئي. ان بعد پنڊت لالچند کي چيائون ته آلو ٽوال ڪري سندن سڄي شرير کي اُگهي. پنڊت آلو ٽوال کڻي حضور جن جو سڄو شرير اُگهي صاف ڪيو ۽ پوءِ هڪ سڪل ٽوال کڻي اُن سان به سندن شرير کي اگهي صاف ڪيو. حضور جن نئون ڪڙتو ۽ نئين ڌوتي پاتي. ان وقت هو ڏاڍا خوش نظر پئي آيا. مشڪي ڪري پنڊت جيءَ جي طرف نهاريائون ۽ پيار سان هن جي مٿي تي هٿ ڦيريائون. اُن بعد پنڊت ۽ ڊاڪٽر هزارا سنگهه کي فرمايائون، "ڏسو هينئر مان بلڪل صاف سٿرو ٿي ويو آهيان. ڪپڙا بدلايا آهن هاڻي منهنجي شرير ڇڏڻ بعد نه سنان ڪرائجو ۽ نڪي ڪپڙا بدلائجو."

ان وقت حضور جن جو شيوادار گانڌي رام به آيو. هُن گانڌي رام کي چئي ڇڏيو هو ته هو ٻڌائڻ کانسواءِ نه ويندا پر ڪو نه ڪو اشارو ڏيئي پوءِ ويندا. گانڌي رام کي ڏسي فرمايائون، "سنتو، (سردار بهادر مهاراج جن گانڌي رام کي "سنتو" سڏيندا هئا) هينئر مان سمهي ٿو پوان. مونکي جاڳائجِ نه" ائين چئي حضور سردار بهادر جن ساڄي طرف پاسو ورايو. دشالو ڇڪي ڪلهن تائين ڪيائون. پنڊت ۽ گانڌي رام کي چيائون ته توهين به سمهي پئو. پوءِ ته پنهنجي ڌيان ۾ لڳي ويا. حضور جن جو حڪم مڃي هو ٻئي به ڀرسان ليٽي پيا.

رات جو پورا ٢ لڳي ٣٨ منٽ ٿيا ته سردار بهادر مهاراج جن پنهنجي کابي هٿ سان، پلنگ ڀرسان دريءَ تي ڪڙڪو ڪيو، پنڊت ۽ گانڌي رام هڪدم اُٿي آيا. پنڊت نبض

جڏهن ڪو ٻيو ماڻهو اهي ساڳيا وچن چوي ۽ توکي غصو نه لڳي."

٤- من جي عادت آهي ته اهو ڀاڳ کي ڏوهه ڪونه ڏيندو بلڪ چوندو ته نام ورتي ١٥ سال ٿي ويا آهن پر وريو ڪجھ ڪونه آهي. پر هو ڀاڳ کان اهو سوال پڇي ته انهن ١٥ سالن ۾ ڀاڳ ڇا ڪيو اٿس؟ ته من ڀاڳمرادو جواب ڏيندو ته جيڪو ڪم ستگرن فرمايو سو ته مون ڪيو ئي ڪونه آهي. جا ساڌنا ستگرن ٻڌائي اها مون ڪئي ڪونه. دوا پيٽ ۾ ڪانه پر آڳي طاق تي رکي ڇڏيم. هيءَ محنت جي چيز آهي اسان کي ته تهيل تڪيل شيءِ کپي. جيڪڏهن جيوُ پنهنجو فرض پورو ڪندو ته ستگرو به پنهنجو فرض پاڻيهي پورو ڪندو. ڪري ڏسو.

٥- جو اندر وڃڻ چاهي ٿو، ان کي ته محنت ڪرڻي ٿي پوندي. جيتري محنت دنياداريءَ لاءِ ڪريو ٿا جيڪڏهن اوتري محنت نام جي ڪمائيءَ لاءِ ڪريو ته ٻيڙا پار سمجهو. اسين ستسنگ ۾ روز ٻڌون ٿا ته مالڪ اسانجي اندر آهي، نام به اسانجي اندر آهي، مالڪ اسانجو هرڪو ڪاريه ڏسي رهيو آهي. اها ڳالهه رڳو ٻڌي ڇڏي اٿئون. پر اسانکي ان مالڪ جو ڪو ڊپ ته آهي ڪونه جيستائين ڊپ نه آهي تيستائين ڀڳتي ٿي نه سگهندي.

٦- ستگرن جي ڀاڻي مڃڻ جو مطلب آهي ته جيڪو حڪم ستگرو ڏين ان جي پوئواري ڪجي. تنهي ڇا ٿو؟ جو ان بدران اسان جو من پنهنجي ٻڌيءَ جي ساهميءَ ۾ ان حڪم جي تور تور ڪري. ڪڏهن ته اهو حڪم پنهنجي عقل جي ساهميءَ ۾ نيڪ ٿو لڳيس پر ڪيترا دفعا ان حڪم ۾ کيس پنهنجي تچ ٻڌيءَ جي انوسار نقص معلوم ٿين ٿا. پوءِ يا ته هٻڪندي حڪم جي تعميل ڪريٿو يا ته

بعد هنن ٥٩ سالن جي عمر ۾ پينشن وٺي رٽاير ڪيو ۽ ڏيري ۾ آيا ۽ آخرين دم تائين ڏيري ۾ رهيا. اپريل ١٩٤٨ ۾ ٦٤ سالن جي عمر ۾ گرو گدي سنڀاليائون ۽ ساڍا ٽي سال سنگت جي شيوا، ستسنگ ۽ نام جو پرچار ڪرڻ بعد ٢٢ آڪٽوبر ١٩٥١ تي ٦٧ سالن جي عمر ۾ جوتي جوت سمايا. ايتري توري عرصي ۾ هنن ١٨،١١١ جيون کي نامدان بخشيو.

سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن جا چونڊ وچن

١- پنهنجي ڀڄن ۾ ڪنهن به ڳالهه جي رڪاوٽ اچڻ نه ڏيو. ستسنگيءَ کي ڪڏهن به سنساري ڪمن ڪارين ۽ وهنوار ۾ پاڻ کي ايترو نه ڦاسائڻ گهرجي جو کيس ڀڄن سمرن ۾ رنڊڪ پوي ۽ من جي اسٿرتا وڃائي وهي. سنت مت اسانکي دنيا کان منهن موڙڻ نٿو سيکاري. اهو مت سيکاري ٿو ته دنيا کان مٿي چڙهو. دنيا ۾ رهندي به اندر ۾ ان کان الڳ رهو.

٢- تياڳي ڪير آهي؟ اهو جنهن پنهنجي شرير جي چيتنتا کي سمٽي اکين جي وچ تي ايڪاگر ڪيو آهي ۽ ديهه کان الڳ ٿيو آهي. گرهستي هجي يا تياڳي هجي، اصل تياڳ ته آهي شرير کي خالي ڪرڻ يا جڙ چيتن جي ڳنڍ کي کولڻ. شرير جڙ آهي ۽ آتما چيتن آهي. جنهن جيئري ئي پنهنجو خيال ديهه مان ڪڍيو آهي اهو دنيا کان نيارو آهي. اُنهيءَ من کي جيتيو آهي.

٣- هڪ دفعي هڪ شخص حضور سردار بهادر مهاراج جن وٽ آيو، چوڻ لڳو ته حضور مان ڏاڍو گنهگار، مورک ۽ نالائق آهيان. ائين هوُ پنهنجا گناهه ٻڌائڻ لڳو. حضور جن مشڪي فرمايو، ”ڀائي! تو پنهنجي ته آلوچنا ڪئي ۽ پاڻ کي ڀلو برو به ڪوٺيو پر سچي نمرتا ته ڏهن آهي

ڦاسايو. هر ڪاربہ جي پرکڻ جي ڪسوٽي اهائي آهي تہ ڇا ائين ڪرڻ سان اسانجي ڀڄن سمرن ۾ رنڊڪ پوندي؟ جي ها تہ اهو بنا ڪٽڪي ڇڏي ڏيو.

١٠- دنيادارن جون سڀ دنيوي آشائون بيڪار ٿيو وڃن. دنيادار پنهنجا مال تہ خوش ٿي ڦٻائي ٿو پر ائين نٿو سمجهي تہ پائي پائي جو حساب ڏيڻو آهي، ڪيترو لوڙڻو پوندو. دنيا جا پدارٿ هتي بہ ڪم ڪونہ ٿا اچن ۽ اڳتي بہ ڪم نہ ايندا. منش پنهنجو املهہ جنم موهہ مايا جي آس اُميد ۾ وڃائي ٿو ڇڏي. هو گهاٽي جو سؤدو پيو ڪري. سو ڌن دولت جا غلام نہ بڻجو. اُن مان ضرورت آهر ڪم وٺو. پر هڪ ٻيو ڪم جو خاص ڪم يا اصلي ڪم آهي، اهو ڪريو ۽ جنهن جي ڪرڻ لاءِ منش جنم مليو آهي. باقي ٻيا سڀ ڪم ڪاريون اُن خاص ڪم لاءِ ٿي ڪجن ٿا. جي اُهو ڪم وساري وينا تہ باقي سڀ ڪم اجايا ۽ وئرٿ ويا.

١١- جيڪي ماڻهو آشا منشا کان مٿي آهن يعني جن سنسار جون آشائون ترشنائون ڇڏيون آهن، اُهي ائين ٿا چون، "اي مالڪ! هيءَ سڀ توهان جي ذات يا ڪرپا آهي، جيون جو ڪو وس ڪونہ ٿو هلي. جئين نچاوي تئين نچڻ. يعني جيئن تون نچائي رهيو آهين اسين نچي رهيا آهيون." هاڻي جيڪڏهن منمک، اهڙو خيال من ۾ آڻين تہ هو ائين چوندا تہ اسان جي وس ۾ ڪابہ ڳالهہ ڪونہ آهي. جيڪي ٿئي ٿو سو سڀ مالڪ ڪري ٿو ۽ هو اڀياس ڪرڻ بہ ڇڏي ٿا ڏين. پر انهن جي حالت اها آهي جو هو دنيا جي ڪمن پٺيان ڊوڙن ٿا پر ڀڄن سمرن مالڪ تي ٿا ڇڏين ۽ چون ٿا تہ اهو مالڪ جي هٿ ۾ آهي. سنتن جي هدايت انوسار هلو. اهو موقعو آهي مالڪ جي آشا رکڻ جو ۽ مالڪ جي آسرو وٺڻ جو. جيڪڏهن ٻاهرين ڪمن ڪارين ڪرڻ ۾ من دخل ٿو ڏئي

تعميل ڪري ٿي نٿو. ستگروءَ جي حڪم مڃڻ جو اهو طريقو نيڪ نه آهي.

٧- سنت مت پريم ۽ پريتا جو مارگ آهي، دٻاءُ يا زور زبردستيءَ جو ڪم نه آهي. انهن سمجهڻ غلط آهي ته اسين جيڪڏهن سمرن ڀڄن ڪندا رهون ته ستگرو اسانجي رهڻي، ڪرڻي ۽ چال چلگت جو خيال ڪونه ڪندا. روحاني اڀياس ۾ جيڪا ترقي ٿئي ٿي سا اسانجي رهڻيءَ ۽ ويچارن جي آڌار تي ٿئي ٿي. اوچي رهڻي ۽ پوتر ويچار سنت مت جا مکيه ۽ ضروري انگ آهن.

٨- پرماتما کان پرماتما گهرو. داتا سان گڏ سندس ذات ٻه ملندي. سڀ کان وڏي خواهش اِها هئڻ کپي ته اسانکي ڪا چاهنا ٿي نه اُتپن ٿئي. دنيا جون شيون ته گهرندي گهرندي ختم ٿي وينديون ۽ پوءِ ٻه انهن لاءِ هٿ ٽنگڻو ٿو پوي. دنيا جون آشائون ۽ ڪامنائون ڇڏي ڏيو. ڪيستائين اُنهن جي آسري رهندا؟ اُنهن جو آسرو ته صرف موت تائين وٺي سگهو ٿا. ڇو نٿا ان جي آس رکو جو هميشه توهان سان سنگ رهي. ان جو پلئه سوگهو ڪري پڪڙيو.

٩- اسان جي زندگيءَ جو اصلي مقصد آهي پنهنجي سرت کي سمٽي تيسري تل ۾ آڻڻ پر اسانکي پنهنجن سنساري ذميوارين کان گهٻرائڻ نه گهرجي. اسان کي گهرجي ته ايمانداريءَ ۽ نيڪ نيتيءَ سان ڪار يه ڪندي پنهنجي روزي ڪمايون. ڀڄن سمرن جي زندگيءَ جو مطلب ڪو آلس يا بنا ڪنهن ستانت جي زندگيءَ جو ناهي. اسانکي ته پرمارٿ توڙي سوارٿ ٻنهي محڪم ارادي سان پورا ڪرڻ گهرجن. پنهنجا سماجڪ فرض پورا ڪريو. ٻيون ذميواريون هجن ته اهي ٻه نباهيو پر جيڪو پنهنجو اصلي ڪم اندر وڃڻ جو آهي سو نه وساريو. دنيا جي ڪمن ڪارين ۾ ڦاڻ کي نه

ڏٺو ڏسي ان جو ڌيان ڪچو ڇڏبو، اُن جو وشواس يا ڀروسو به ڪچو ٿي ڇڏبو. ڇا ڪڏهن ڪنهن جي به ماتا چاهيندي تہ سندس ٻالڪ دکي ٿئي پر جڏهن ٻالڪ کي ڪا تڪليف ٿئي ٿي تہ ماتا ان جي روئڻ رڙڻ جي پرواهہ نہ ڪري ڊاڪٽر کان ڪوڙي دوا آڻي ان کي پياري ٿي. هوءَ ٻالڪ جو ڀلو چاهي ٿي.

توهين گهٻرايو نہ. توري اندر ۾ جهاتي پايو. ستگرو سدائين توهان سان انگ سنگ آهي، ان جي پريم پيار ۾ ڪڏهن ڪمي ڪونہ ٿيندي آهي.

١٣- جيڪي ماڻهو مالها ڦيرين ٿا يا جپ تپ ڪن ٿا، جپ صاحب وغيرهہ پڙهن ٿا اُنهن جو خيال جپ ڪرڻ وقت ٻاهر ويٺو. ان ڪري جپ ڪرڻ ۾ ڪو فائدو ڪونہ آهي. جپ جو مقصد آهي ڌيان کي اندر لڳائڻ. جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا تہ گيتا يا جپ صاحب وغيرهہ پڙهڻ جو ڦل مرڻ کانپوءِ ملندو، اُهي ڀليل آهن. پاٺ پڙهڻ جو مطلب آهي ڌيان يا خيال کي ٻاهران هٽائي اندر ۾ آڻڻ. جيڪڏهن پاٺ مهل خيال ٻاهر ويو تہ پاٺ پڙهڻ مان ڪجهہ هٿ حاصل نہ ٿيندو.

١٤- زندگيءَ جي ڪاميابي يا ناڪاميابيءَ جي باري ۾ دنيادارن جو خيال بلڪل غلط هوندو آهي ۽ هو ڀرم ۾ قائل هوندا آهن. اُنهن جو مقصد آهي دنيا جا سک ۽ فائدا حاصل ڪرڻ. هنن کي منش چولي جي قيمت ۽ قدر ڪونهي. منش جنم جي اعلي مقصد جي تہ اُنهن کي ڪابہ ٻوجهہ ڪونہ آهي. اسان کي سندن نقطہ چينيءَ جي ڪابہ چنتا ڪرڻ نہ گهرجي. هو اهو ڪونہ ٿا ڄاڻن تہ منش جو اصل مقصد آهي، پنهنجي اندر وڃي ستگروءَ جي نوري سروپ يعني شبد سان ميلاپ ڪرڻ، جيئن اسين جنم مرڻ جي بندن

ته سمجهو ته من ٻچن به ڪري سگهبو. من ڪڏهن به ماٺ ڪري ڪونه ٿو وهي. ان کي ٻچن سمرڻ ۾ مشغول رکو.

١٢- زمانو هميشه بدلجندو رهيو ۽ بدلجندو رهندو. پر نام ڪڏهن به نه ٿو بدلجي، نام جي ڌارا بدستور جاري آهي. نام ۾ سڀ تبديليون ڪرڻ وارو آهي. جيستائين اسانجو خيال نام سان نه جڙندو تيستائين اسانجي حالت بدلجندي رهندي يعني ڪڏهن سک، ڪڏهن ڏک، ايندو. انڪري سنتن وري وري اهائي هدايت ڏني ڪئي آهي ته پنهنجي توجه کي نون دوارن مان ڪڍو ۽ اندر شبد سان جوڙيو. جيئن جيئن اسين ائين ڪنداسين ۽ اسانجو خيال شرير مان نڪرندو ۽ نام جو وس ايندو تيئن تيئن اسان ۾ سهڻ شڪتي ۽ استرتا ايندي. تڏهن ئي آتما مايا جي ناسونت (فاني) حالتن کي ڇڏي ڏيندي، ۽ نام جي دائمي حالت ۾ داخل ٿيندي ٿي. پوءِ هميشه واسطي سک حاصل ڪري ٿي ۽ جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو پائي ٿي.

ستگروءَ جنهن ڏينهن نام ڏنو آهي ان ڏينهن کان اندر اهڙو انتظام ڪري رهيو آهي جو شش پنهنجي پرالبڌ به ڀوڳيندو رهي ۽ سندس سچ کنڊ ۾ پهچڻ جو به رستو ٺهندو وڃي. جيڪڏهن شش ستگروءَ جي حڪم ۾ وشواس رکي پريم پيار سان محنت ڪري يعني ان جي ڪم جي پوئواري ڪري ته ڪيس ڌيرج صبر ۽ شانتي به حاصل ٿيندي. پر جيڪڏهن سندن حڪم جي پوئواري ڪرڻ ۾ غفلت ٿو ڪري ته وقت جي ڦرڻ ۽ سک ڏک جون چوٽون ٿو کائي. اهڙي حالت ۾ رڳو ڏک ۽ چنتا ۾ ئي ستگروءَ کي ياد ڪري ٿو. حالانڪ ائين ياد ڪرڻ جو به شش کي لاڀ ملي ٿو. ستگرو ڪڏهن به ڪا ڀل چُوڪ ڪونه ٿا ڪن هوَ شبد سروپي آهن پر جيستائين نئون دوار خالي ڪري ستگروءَ کي اندر ۾

اسانجي اڳين جنمن ۾ آهن يعني اهي اسان جي اڳين جنمن جي ڪرمن انوسار ٿي آهن. اهي ڳالهيون سمجهي اسان کي انهن ڀاونائن يا خيالن کان پاڻ کي مٿي چاڙهڻ گهرجي ۽ انهن جي ٻنڌن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي. صحيح طريقو ته هيءُ آهي ته توهان پنهنجا فرض بنا سوارٿ پورا ڪريو ۽ انهن جو ڦل ستگرن جي موج تي ڇڏيو.

١٧- منش جي اندر ۾ ته نام جو سنبنڌ پريو پيو آهي ان کي ڪٻي ته ٻيءُ ڪري اهو پيئي. اهو وڏن ڀاڳن يا قسمت سان ملي ٿو. پر اسان کي ان ۾ وشواس ئي نٿو جمي ته ڪو اندر آهي يا آهيئي ڪونه. اسين اُٿڻ ۾ ڍلائي ڪيون ٿا آلس يا سستي ڪيون ٿا ۽ سمهڻ ۾ به ساڳي ڪار ڪيون ٿا ۽ ائين آلس ۾ سڄو ڏينهن وڃايون ٿا. جيڪڏهن دنيا جا ڪم ڍلائي يا سستيءَ ڪرڻ سان نٿا ٿي سگهن ته ڍلو رهڻ سان ڀڄن وري ڪيئن ٿي سگهندو. نام جي ڪمائي ڪرڻ ته بهادرن جو ڪم آهي سوُرمن جو ڪم آهي. ڍلن ۽ سست ماڻهن جي جاءِ نه آهي. اهو ته چست ماڻهو ئي ڪري سگهن ٿا. سوُرما يا بهادر ماڻهو دنيا جا سخت يا ڪٺن ڪم ڪندي به اڀياس ڪرڻ لاءِ ٻه اڍائي ڪلاڪ بچائين ٿا. پر جن کي سڄو ڏينهن فرصت يا واندڪائي آهي، انهن کي ڏسو ته اڀياس ڪرڻ لاءِ وقت ئي ڪونهي.

کان ڇوٽڪارو پائي سگهون، جنهن ۾ اناد ڪال کان وٺي
قائل آهيون. ماڻهو ته اها ڳالهه ئي وساري ٿا وڃن ته هڪ
ڏينهن موت کين انهن سڀني پدارٿن ۽ شڪلين جن سان
سندن پيار لڳل آهي انهن کان وڇوڙي ڇڏيندو. ۽ شايد
منش جنم جو هي دُرلڀ موقعو وري جُڳن تائين ڪونه
ملندو. اِها ڳالهه وساري هوُ پنهنجو ڏاڍو نقصان ڪري رهيا
آهن. اُهي خوشنصيب آهن جي پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي
ناڪاميابيءَ سبب اِهو سبق سکيا آهن. اهڙيون ناڪاميابيون
جي اسان کي اهو سبق ٿيون سيکارين، اُهي دنيوي سڦلتائن
کان صد بار بهتر آهن ڇو ته اُهي اسان کي پنهنجي اصلي مقصد
کان ئي ڀلائي ٿيون ڇڏين.

١٥- ڀڳتيءَ کان ڪوبه خالي ڪونه آهي. هر ڪو ڪنهن
نه ڪنهن جي پيار ۾ قائل آهي. پر ڪهڙو پيار منش لاءِ
لاڀدايڪ آهي؟ اُهو آهي گروءَ جو پيار، گروءَ جي ڀڳتي.
منش جنهن جي ڀڳتي ڪندو ان جو ئي روُپ بڻبندو.
پاڻ سان گڏ رکيو گروءَ جي ڀڳتي هلندي. ان رستي ئي جيو
اندر ۾ ستگرن جي چرنن تائين پهچي سگهي ٿو. سوامي جي
مهاراج جن فرمائين ٿا :-

” گرو ڀڳتي بن شبد ۾ پيٺي،
وهه پي مانش مورک جان.“

سروپ به پريم ذريعي ايندو. جڏهن پيار ويو ته
سروپ به ويندو هليو. پيار سان گڏ محنت ڪيو ته سروپ
۽ شبد اُتي ٽڪيل رهي. ڪمائي ڪرڻ سان پيار ٿو پيدا
ٿئي ۽ پيار ڪرڻ سان شبد ٿو ظاهر ٿئي.

١٦- اسان جا اڳين جنمن جا ڪرم سي هن جنم جا سنسڪار
آهن. منوورتي ۽ ويچارن يا خيالن ذريعي اُهي ظاهر ٿين ٿا.
اسان جو پيار ۽ نفرت، پسندي يا ناپسنديءَ جون پاڙون

وديش ۾ پرڪاش ۽ جاڳرتا جي ڪرڻن کي ڦهلائڻو هو. ڏيري ۾ اچڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ حضور مهاراج جن کين ”شبد - ڌن“ بخشي ۽ ڪجهه وقت روز ابياس ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ اِئين ننڍي عمر هوندي به روز نيم انوسار ابياس ڪندا هئا.

ٻالپڻ کان ئي شانت، گنڀير ۽ خوش مزاج هئا. جنهن وڏي ذميواريءَ کي اڳيان هلي کين سنڀالڻو هو، اُن جي لياقت جا آثار هنن ۾ شروع کان ئي هئا. ڏيري جي ڪيترن ابياسي ستسنگين کي، اُنهن ڏينهن ۾ خبر هئي ته هي اڳتي هلي ڏيري جو پربند ۽ سنگت جي رهنمائيءَ جو ڪم سنڀاليندا.

* شري بابورام ٽيلر ماسٽر پنهنجو اهڙو انڀو ڪڏهن ڪڏهن ٻڌائيندا هئا. هڪ ڏينهن بابورام جي حضور مهاراج جن جي درشن ۽ ستسنگ لاءِ ڏيري ۾ آيل هو. اُن وقت حضور جن مٿي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ جي چبوتري جي ورانڊي ۾ ويٺا هئا. بابورام جيءَ حضور جن کي مٿو ٽيڪيو ۽ ويهي رهيو. اُن وقت، مهاراج چرنسنگهه جي، جن جي عمر پنج يا ڇهه سال هئي راند ڪندي اُتي اچي نڪتا. کين ڏسندي ئي بابورام جيءَ پنهنجي جڳهه تان اُٿي سندن چرنن ۾ مٿو ٽيڪي، ”راڌا سوامي“ چيو. ٻالڪ جي چرنن ۾ اهڙي طرح مٿو ٽيڪيندو ڏسي حضور وڏن مهاراج جن، کانئس پڇيو ”بابورام! توهان ائين ڇو ڪيو؟ بابورام جيءَ اُن تي جواب ڏنو، ”حضور! مونکي ته ائين ڪجهه نظر ۾ آيو.“ حضور مهاراج جن مشڪندي فرمايو ”بابورام! جيڪي ڪجهه تو

---

* شري بابورام ٽيلر ماسٽر بابا جيمل سنگهه مهاراج جن جا ستسنگي هئا. ابياسي ۽ بزرگ پريمي هئا. گهڻن سالن کان لکنوءَ ۾ ستسنگ ۾ پاٺ ڪندا هئا. کين چولي ڇڏئي ٻه ٽي سال ٿيا آهن. سندن عمر ۹۰ سالن کان مٿي هئي.

باب چوٿون

حضور مهاراج چرنسنگھ جي

١- شروعاتي جيون

حضور مهاراج چرنسنگھ جن، سردار هربنسنگھ جن جا وڏا پٽ ۽ حضور مهاراج ساون سنگھ جن جا پوٽا آهن. هنن ١٢ ڊسمبر ١٩١٦ ۾ پنهنجي ناناڻي گهر، موگا (ضلع فيروزپور) ۾ جنم ورتو. ٻالپڻ کان ئي، حضور مهاراج جن جو هنن سان بيحد پيار هو. سندن بالغ ٿيڻ کان پوءِ ته حضور جن سندن لائقي ۽ ٻُڌيءَ (سياڻپ) ۾ ڏاڍو وشواس ڪندا هئا ۽ گهڻيئي دفعا خاص اهميت وارن ڪمن ۾ هنن کان صلاح پڇندا هئا. هنن ڪين ڪڏهن به ڏاڍو نه سمجهيو پر پرم پتا پرماتما جو روپ جاڻي سندن هر آگيا کي مڃڻ ۽ اُن جي رضا ۾ راضي رهڻ جو پنهنجو اول نمبر فرض سمجهيو.

سنه ١٩٢٠-٢١ ۾ جڏهن سندن عمر اٽڪل چار يا پنج سال هئي، حضور مهاراج جن هنن کي ٻاڻ وٺ ڏيري ۾ گهرائي ورتو. ستگرو جن جي ويجهو، حضورجن جي سنڀال هيٺ ڏيري ۾ رهندي هنن پنهنجي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم حاصل ڪئي. اهڙي طرح ٻالپڻ ۾ ئي حضور مهاراج جن، سندن اندر اهڙي نه روحانيت جي جوت جاڳرت ڪئي جنهن سان اڳيان هلي ڪين ديش

توکي ڪوبہ پاپ نہ لڳندو. هيءَ سنگت جي شيوا آهي“ ٻالڪ جي اهڙيءَ سرلتا ۽ معصوميت سيني موجود هہ ماڻهن جي دلين ۾ هڪ پريم جي لهر پيدا ڪري ڇڏي. اسان سوچيو تہ ٻار ڪتن کي ڇا پڇائي سگهندا. مهاراج جن شايد کين خوش ڪرڻ جي خيال کان انهين ئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هڪ ٻن ڏينهن کانپوءِ ڏيري ۾ هڪ ٻہ ڪتو نہ ڏسي، ڏاڍو عجب لڳو. هن ٻالڪ هڪدم حڪم جي پالنا ڪري، گنڀيرتا سان هيءَ شيوا سنڀالي ۽ ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجيءَ سياڻپ ۽ سوجهہ ٻوجهہ جي اهڙي پرچيہ ڏني جو ماڻهو سندن ساراهہ جا ٻہ ڪ پڙڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيا.

ڏيري ۾ اچڻ لاءِ گهڻيئي دروازا هئا. انهن سيني دروازن تي هنن ٻہ ٻہ ڇوڪرا ٻيهاري ڇڏيا. صرف اولهہ واري دروازي کي ڪليل رکيو جتان سيني ڪتن کي گهيرو ڪري ٻاهر ڪڍيو ويو. ان بعد اتي بہ ٻن ڇوڪرن کي ٻيهاري ڇڏيائون جيئن ڪتا واپس نہ اچي سگهن. اهڙي طرح ڪتن کي ڏيري مان ٻاهر پڇايو ويو.

بلسراءِ ڳوٺ ۾ پرائيمري تعليم کانپوءِ هنن ”بابا بڪالا“ جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي ”بابا بڪالا“ ڏيري کان اٽڪل ٣ ميل پري آهي. انهن ڏينهن ۾ ”بابا بڪالا“ وڃڻ لاءِ کيتن کي پار ڪري وڃڻو پوندو هو. هنن کي ايتري ننڍي عمر ۾ ٻہ روز ٣ ميل پنڌ ڪري اچڻو وڃڻو پوندو هو. حضور جن کي اهڙي طرح ٻالپڻ کان ئي پنڌ ڪرڻ جو شوق ۽ ابياس ٿي ويو. اسڪول ۾ پڙهائيءَ کانپوءِ فوٽ بال وغيرهہ راند ڪري جڏهن ڏيري طرف رخ ڪندا هئا تہ ڪافي شام ٿي ويندي هئي ۽ ڏيري پهچندي پهچندي کين بلڪل اوندهہ ٿي ويندي هئي. ستگرو دين ديال جن لاءِ پريم ۽ سندن شرن ۾ رهڻ جي ڀاونا هنن ۾ شروعات

ڏيو اِهو بلڪل ٺيڪ آهي ۽ جيڪي ڪجھ توکي نظر آيو، اُهو صحيح آهي."

ڏيري ۾ اچڻ کان ڪجھ وقت پوءِ مهاراج چرنسنگھ جن بلسراءِ جي هڪ پرائيمري اسڪول ۾ پنهنجي تعليم شروع ڪئي. اسڪول ڏيري کان اٽڪل هڪ ميل پري هو ۽ پاڻ اسڪول پنڌ ويندا هئا. پڙهائيءَ کانپوءِ باقي وقت حضور مهاراج جن وٽ ئي رهندا هئا. ستسنگ نهايت پريم سان ٻڌندا هئا. جڏهن ڇهن يا ستن سالن جا هئا ته هڪ ڏينهن پنهنجن ڪجھ ساٿين سان گڏجي حضور مهاراج جن جي شيوا ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون "مهاراج جي! اسين به شيوا ڪرڻ چاهيون ٿا. ڪا شيوا ٻڌايو." حضور دين ديال ٻالڪ جي اهڙي نشڪپٽ ۽ ابوجهائيءَ ڀري عرض تي بيحد خوش ٿيا ۽ بيبي رليءَ کي چيائون ته پرساد هجي ته کڻي اچ ۽ هنن ٻارن کي ڏي. (اصلي پرساد ته اُهو ئي آهي جو ستگرو خوش ٿي بنا گهرڻ جي پنهنجيءَ ديا سان ڏين. اهڙي پرساد جو هڪ ڪڻو به شيوڪ جي ڪارج کي سِڌ ڪري ٿو) حضور جن سڀني ٻالڪن کي پنهنجن ڪرڪملن (هٿن) سان بيسڻ جا لڏون پرساد ڏنو ۽ موجوده سرڪار (موجوده ستگرو) کي فرمايائون، "ڏيري ۾ رولو ڪتا تمام گهڻا ٿي پيا آهن. تنهنجي شيوا اِهائي آهي ته ڪتن کي ڏيري مان ڀڄائي ڪڍ."

ٻيا سڀ ٻار ته پرساد وٺي کلندا ٻاهر نڪري ويا پر هن نهايت نرالي ٻالڪ ڏاڍي معصوميت ڀري نوع ۾، حضور مهاراج جن جي چرنن ۾ جهڪي مٿو ٽيڪي عرض ڪيو، "لٺ هٿڻ کانسواءِ ته ڪتا ڪو نه نڪرندا. اسان کي هنن کي مارڻ سان ته پاپ لڳندو."

اِهو ٻڌي حضور جن نهايت پريم سان فرمايو "نه پٽ!

سڀ ڪجهه توهانجي هٿن ۾ آهي جيڪا توهانجي مرضي هجي اُهو ٻڌايو" اِها ڳرو ڀڳتي ۽ شرن ۾ رهڻ جي ڀاونا هنن ۾ ٻالپڻ کان ئي هئي.

ٻالڪ اوستا ۾ ٻيبي رلي هنن جي ديک ڀال ڪندي هئي. ٻيبي رليءَ کي حضور جن 'ٻوُٽاجي' سڏيندا آهن. تنهن ڪري سڄي سنگت به کين 'ٻوُٽا جي' ڪري سڏيندي آهي. ٻوُٽاجي ٻڌائيندي آهي ته مهاراج چرنسنگهه جي ٻالپڻ کان ئي شانت ۽ ڌيرج وان هئا. جيڪڏهن هنن جي ڪا به شيءِ ٻيو ڪير ٻار کڻي ويندو هو ته هو ڪيس ڪجهه به نه چوندا هئا بلڪ ڪانئس واپس به نه گهرندا هئا. ڪٽنب جا ٻيا ٻار گهڻو ڪري هنن جا نوان نوان ڪپڙا، قلم وغيره کڻي ويندا هئا. جڏهن ٿورا وڏا ٿيا ته هنن کي ڪئميرا ڏني وئي جنهنجي ملڻ تي هو بيحد خوش ٿيا. پر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هنن جي ڪئميرا ڪٽنب جا ٻار کڻي ويا. اُن هوندي به هنن نه ڪجهه چيو ۽ نه وري ڪا ناراضگي ئي ظاهر ڪئي.

هڪ دفعي ٻوُٽاجيءَ کين نئون ٻوُٽ گهرائي ڏنو ۽ اسڪول وڃڻ وقت کين پاتو ۽ هميشه وانگر "بابا بڪالا" جي طرف پنڌ هلڻ شروع ڪيائون. جڏهن اٽڪل ٻه يا ٽي فرلانگ مس هليا ته ٻوُٽ ننڍي هئڻ سبب کين پيرن ۾ ٿورو چڀڻ لڳو ۽ هلڻ مشڪل ٿي پيو. اُن ڪري ٻوُٽ لاهي هڪ جهاڙيءَ ۾ رکي، اُگهاڙي پير هلڻ لڳا. شام جو واپس اچڻ وقت، جهاڙيءَ مان ٻوُٽ کڻي، پائي، ڏيري پهتا. اهڙي طرح حضور جن روز ڪندا رهيا. ڏيري کان ڪجهه پري وڃي، ٻوُٽ کولي، کيٽن ۽ ڏنگن ڦڏن رستن تان اُگهاڙا پير ڪري ٣ ميل پري اسڪول پهچندا هئا ۽ شام جو واپس اچڻ وقت ٻوُٽ پائي ڇڏيندا هئا. شڪايت ڪرڻ هنن جي سڀاءُ ۾ ئي ڪونه هو. حضور وڏا مهاراج جن اُنهن

کان ئي هئي. حضور جن ڪڏهن فرمائيندا آهن، ”گدي نشين ٿيڻ تائين مون ڪو به سنت مت جو ڪتاب نه پڙهيو. منهنجي لاءِ ته حضور مهاراج جن ئي ”سنت مت“ هئا. سندن وچن، سندن ڪارڻ ۽ خود پاڻ مون لاءِ سنت مت جو هڪ ساکيات روپ هئا.“

هنن جا اهڙا وچن ٻڌي مونکي حضور مهاراج جن جا وچن ياد اچن ٿا. جيڪي ستسنگ ۾ پنهنجي ستگرو بابا جئمل سنگهه جي مهاراج جن لاءِ فرمائيندا هئا ”مون کي ڪنهن به ويدشاستر گرنٿ پوٿي يا ستسنگ جي ضرورت ڪونهي. منهنجي لاءِ ته باباجن جا خط ئي سڀ کان مهان گرنٿ ۽ شاستر آهن.“

مهاراج چرنسنگهه جن جي ڪشور اوستا جو هڪ واقعو آهي. هڪ ڏينهن حضور وڏن مهاراج جن هنن کان پڇيو ”برخوردار (پٽ)! تون وڏو ٿي ڇا ٿيڻ چاهيندين پوت، ڪپوت يا سپوت؟“ تنهن تي هنن پڇيو ته سپوت يا ڪپوت ڇا ٿيندو آهي؟ حضور مهاراج جن سمجهائيندي فرمايو ته ”پوت“ نه اهو آهي جيڪو پنهنجي پتا جي مليل دؤلت کي سنڀالي رکندو آهي پر نه اُن مان فائدو وٺندو آهي ۽ نه اُن کي وڌائيندو آهي ۽ نه وري اُها وڃائيندو آهي. ”ڪپوت“ اُهو ٿيندو آهي جو پنهنجي پتا جي دؤلت کي سنڀالڻ ۽ وڌائڻ ته پري رهيو پر اُن کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ ”سپوت“ اُهو آهي جو پنهنجي پتا کان پراپت ٿيل دؤلت جو قدر ڪندو آهي. اُنکي چڱي طرح ڪم ۾ آڻيندو آهي ۽ اُنکي وڌائيندو به آهي ۽ پنهنجي پتا جو نالو روشن ڪندو آهي.“ اهڙي طرح سمجهائڻ کانپوءِ مهاراج جن هنن کان وري پڇيو ”تون ڇا بڻجڻ چاهيندين؟“ حضور جن سهج سڀاءُ جواب ڏنو ”هر ڪنهن جي اِڇا ته ”سپوت“ بڻجڻ جي هوندي آهي پر

ڪهي؟" هُنَ جواب ڏنو "ڪجهه نه گهرجي" حضور جن وري پڇيو "جيڪي ڪجهه تون گهرندين مان توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." هُنَ وري به اهوئي جواب ڏنو. حضور دين ديال جن ٽيون دفعو اهيئي وچن دهرايا. تڏهن هُنَ گهڻي نمرتا سان عرض ڪيو، "مونکي ته صرف توهانجي گهرج آهي" بالڪ جو اهڙو جواب ٻڌي مهاراج جن جي مک تي هڪ خوشيءَ ڀري مٺڙ مشڪ جهلڪي ۽ فرمايائون، "پٽ! تون مونکي پائيندين."

پڙهائيءَ جي ڏينهن ۾ به ٻار سنگت جي شيوا ڪندا هئا. ڪن کي ڀاڄائڻ جي شيوا ڪانپوءِ هُنَ کي لنگر ۾ لالٽين صفا ڪرڻ جي شيوا ملي. اُنهن ڏينهن ۾ ڏيري ۾ بجلي ڪونه هئي. گاسليٽ جا لالٽين ۽ چمنيون هر جڳهه ٻاريون وينديون هيون. اُنهن کي روز صاف ڪري تيل ڀري تيار ڪيو ويندو هو. گاسليٽ سان ڀريل ڪارن لالٽينن کي صاف ڪرڻ جي شيوا هُنَ ڏاڍي پريم سان ڪئي. اُن کانپوءِ هڪ ٻي شيوا جيڪا ڪجهه وڏي ٿيڻ کانپوءِ هُنَ سنڀالي ۽ گهڻي وقت تائين ڪندا رهيا، اُها هئي سنگت جي جُتن جي سنڀال. (اڄ اِهو سوچيندي هڪ عجيب ڏڏڪو ٿو اچي ته خود ستپرش ستگرو اسانجي جُتن کي سنڀاليندا رهيا.) اُنهن ڏينهن ۾ هزارين ماڻهو پنهنجا جُتا ميدان ۾ لاهي ستسنگ ٻڌڻ ويندا هئا. ستسنگ جي سماپتيءَ تي ڏاڍي گوڙ ٿيندي هئي ۽ گهڻن ماڻهن جا جُتا گم ٿي ويندا هئا. هُنَ اُن شيوا جو تمام سٺي ڍنگ سان پربنڌ ڪيو. زالن ۽ مردن جي جتين جو الڳ الڳ رکڻ جو پربنڌ ڪيائون. ٽڪيٽ يا ٽوڪن ٺهرايا ۽ جتين رکڻ لاءِ خانا ٺهرايا. اڄ تائين جتين رکڻ جو اهڙوئي پربنڌ هلي رهيو آهي.

پنهنجي جوانيءَ ۾ جڏهن حضور جن ڏيري ۾ ايندا هئا

ڏينهن ۾ روز شام جو ڏيري کان ٻاهر گهمڻ لاءِ ويندا هئا. هڪ ڏينهن اُن طرف ٿي ويا جتان هي اسڪول کان واپس ايندا هئا. شام جو وقت هو اسڪول کان واپس اچي رهيا هئا. حضور مهاراج جن هنن کي ايندو ڏسي ڀائي شاديءَ کي چيو ”ڏس! * ڪاڪي جي پيرن ۾ شايد بوٽ ڪونهي.“ جڏهن هو اڳيان آيا ۽ حضور مهاراج جن کي متو ٽيڪيائون تہ حضور جن هنن کان پڇيو ”بوٽ ڪٿي آهي؟“ هنن عرض ڪيو ”بوٽ پائي هلڻ مشڪل آهي تنهنڪري جهاڙيءَ ۾ رکيو اٿم.“ حضور مهاراج جن هنن کي پيار سان ڏيري ۾ وٺي آيا ۽ بيبي رليءَ کي ٻئي بوٽ گهرائڻ جو حڪم ڏنو. ڪنهن ڳالهہ جي شڪايت تہ پري رهي، پر ڪڏهن ناراضگي بہ ظاهر ڪونہ ڪندا هئا.

حضور مهاراج جي هنن کي بيحد پيار ڪندا هئا. اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن حضور سڪندرپور ويندا هئا تہ هنن کي گڏ وٺي ويندا هئا ۽ وري گڏ واپس وٺي ايندا هئا. هنن لاءِ ڏيرو ئي سندن گهر هو ۽ حضور مهاراج جن، سندن ماتا پتا ۽ پريوار هئا. ايتري ننڍي عمر هوندي بہ ڪين حضور جن لاءِ اٿاهہ شرڌا ۽ پريم هو. شري درگاداس سهگل، جو اڄڪلهہ چنڊيگڙهہ ۾ ”ٽوئرسٽ وڀاڳ“ جو (سنچالڪ) پربندڪ آهي، پنهنجي اکين ڏٺو هڪ واقعو ٻڌائيندا آهن. تڏهن مهاراج چرنسنگهہ جن جي عمر ڏهہ يا ٻارهن سال هئي. هڪ ڏينهن شام جو اسڪول کان واپس اچي هنن حضور مهاراج جن جي چرنن ۾ متو ٽيڪيو ۽ ٻنهي ٻانهن سان سندن چرنن کي لپٽجي ويا. حضور جن هنن کي پيار ڪندي فرمايو ”پٽ مان توسان ڏاڍو خوش آهيان. ٻڌاءِ توکي ڇا

* ”ڪاڪا“ پنجاب ۾ پٽ کي چيو ويندو آهي

جي سنڀال هيٺ تعليم ورتي. ڪپور ٿلا ڏيري کان اٽڪل ويهه ميل پري آهي. آرتوار ۽ ٻيون موڪلون حضور مهاراج جن وٽ ڏيري ۾ گذاريندا هئا. گرميءَ جي موڪلن ۾ ۽ جُون جولاءِ آگسٽ جي گرمين جي ڏينهن ۾ جڏهن به هو ڏيري ۾ ايندا هئا ته ستسنگ ۾ حضور مهاراج جن کي وڃڻو هڻڻ جي شيوا ڪندا هئا. هيءَ شيوا پاڻ، سندن پتا سردار هربنس سنگهه صاحب ۽ سندن ننڍو ڀاءُ ڪپتان پرشوتم سنگهه ڪندا هئا. پر جڏهن به هو ڏيري ۾ اڪيلا هوندا هئا ته ستسنگ جو سڄو وقت حضور جن کي پاڻ ئي وڃڻو هلائيندا هئا. حضور مهاراج جن گهڻيئي دفعا ڏيڍ ڏيڍ، ٻه ٻه ڪلاڪ به ستسنگ ڪندا هئا ۽ هي پورو وقت بنا روڪڻ جي وڃڻي هڻڻ جي شيوا ڪندا رهندا هئا. مهاراج چرنسنگهه جي ٻالپڻ جون ڪيچ ڳالهيون جيڪي مون آزمودي طور محسوس ڪيون، آهي هتي لکڻ چاهيندس. هڪ ڳالهه جيڪا مان ڪڏهن به ڀلجي نه سگهندس، اها آهي هنن جو حضور مهاراج جن جي چرنن کي زور ڏيڻ جي شيوا. جڏهن هي ۽ هنن جو ڀاءُ "شوتي" (ڪپتان پرشوتم سنگهه کي اسين پيار وچان "شوتي" ڪري سڏيندا هئاسين) ننڍا هئا، ته گهڻيئي دفعا ستگرو دين ديال مهاراج ساون سنگهه جن جي چرنن کي زور ڏيڻ لاءِ اچي وهندا هئا. اُن وقت مهاراج چرنسنگهه جن جي مک تي هڪ انوکي خوشي نظر ايندي هئي.

جڏهن هنن جي عمر پنج يا ڇهه سال هئي تڏهن جو مونکي هڪ آزمودو آهي. مان هر آرتوار تي ڏيري ايندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن هنن جي لاءِ ۽ شوتيءَ لاءِ ڪا نه ڪا ننڍي شيءِ وٺي ايندو هوس، جيئن ته رنگ برنگي پيپر - ويٽ، رنگين پينسلون هولڊر وغيره. هڪ ڏينهن سندن لاءِ هڪ ٽڪنڊي سائي رنگ جي پينسل آندم. اُنکي هٿ ۾ ڪٽي

ته ڪا نه ڪا شيوا ضرور ڪندا هئا. لنگر ۾ ڪيترن قسمن جي شيوا ڪندا هئا. جيئن ته ڪٽڪ، اٽي ۽ دالين جي ڀاري ٿيلهن کي کڻي هڪ جڳهه تان ٻي جڳهه تي رکڻ، سنگت ۾ ڀوڄن ورهائڻ، پاڻي ڀرڻ وغيره. سنگت ۾ ٻين شيوادارن سان هنن جو وهنوار ايترو ته پريم ۽ نمرتا ڀريو هو جو هنن کي ڪڏهن به اهو محسوس نه ٿيو ته هو ستگرو دين ديال جي پريوار جي ڀاتين مان آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪي نوان شيوادار جيڪي هنن کي سڃاڻندا ڪونه هئا، پنهنجي سڀاءَ وس ٿي هنن کي رڪائيءَ سان ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا پر هي خوشيءَ سان انهن جي حڪم جي بجاوري ڪندا هئا.

٣٠ جنوري ١٩٣٣ ۾ حضور مهاراج جن هنن کي نام جي بخشش ڏني ۽ ان مارگ جو ڀيد ڏنو، جنهن مارگ تي لکن ماڻهن کي لڳائي ڪيئن، انهن جو ڪلياڻ ڪرڻو هو. جيتوڻيڪ پاڻ پنهنجي ابياس جو ذڪر ڪڏهن به نه ڪندا آهن پر هو نيم سان ابياس ڪندا هئا. ڪاليج جي ڏينهن ۾ هنن جو خيال ستسنگ ۽ ڀڄن سمرن ۾ ايترو ته وڌي ويو جو حضور مهاراج جن هنن کي فرمايو، ”تنهنجي ڀڄن ڪرڻ جو وقت اڃا ڪونه آيو آهي هينئر پنهنجي پڙهائيءَ ۾ وڌيڪ ڌيان ڏي.“ ان ڪانپوءِ جڏهن هو سرسي ۾ وڪالت ڪندا هئا ته پنهنجي گهر جي اڳيان ستسنگ گهر جي ڇت جي مٿان هڪ ٺهيل ننڍي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ڀڄن ۾ ويهندا هئا ۽ نوڪر کي سندن حڪم مليل هو ته جيڪڏهن ڪو به متر کين گڏجڻ اچي ته کيس چوي ته هو گهر ۾ ڪونهن.

سنه ١٩٣٣ ۾ هنن بابا بڪالا جي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ رڻڌير ڪاليج ڪپورٿلا ۾ انٽرميجيئيٽ پهرئين سال ۾ داخلا ورتي. ڪپورٿلا ۾ هنن پروفيسر جڳموهن لعل

هڪ پَن بہ مان هن لاءِ آڻي نہ سگهيس.

اهڙي طرح هڪ ٻئي واقعي جو ورنن ڪريان ٿو. هيءَ بہ هنن جي ٻالپڻ جي وقت جي ڳالهہ آهي. شام جو ستسنگ جو وقت هو اٽڪل چار لڳا هوندا. پستڪاليہ جي سامهون ميدان ۾ ستسنگ لاءِ دريون وڇايون پئي ويئون. اُن وقت هوءُ پڙهندا پڙهندا اسانجي پرسان لنگهندا چوندا ويا، "اندر وڇايو ٻاهر نہ وڇايو." وڇائيندڙ هن ٻالڪ جي ڳالهہ ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏيئي پنهنجو ڪم ڪندا رهيا. ترت وڇائجي ويا ۽ ستسنگي اچي وهڻ لڳا. مان حضور جن سان گڏ جي ستسنگ ۾ ايندو هوس حضور جن جي ڪوٺيءَ ڏانهن وڃي رهيو هوس تہ هنن اچي منهنجي هٿ کي پڪڙي، روڪي چيو، "توهان جون دريون پسي وينديون. اندر وڇايو." مون هڪ ٻار جي مذاق سمجهي کلي ڏنو. اُس ڪافي تيز هئي آڪاش بلڪل صاف هو. جيڪڏهن مان اُن وقت وڃي چوان ها تہ دريون اندر وڇايو، ٻاهر پسي وينديون تہ سنگت مونکي چريو سمجهي ها. تنهنڪري مون سندن ڳالهہ کي هڪ ٻار جي ڳالهہ کان وڌيڪ اهميت نہ ڏني ۽ مٿي حضور جن وٽ هليو ويس. حضور جن اُن وقت ڪنهن ستسنگيءَ کي وقت ڏيئي رهيا هئا. مونکي وراندي ۾ پهچندي کي ١٠ منٽ گذريا هوندا تہ ڇا ٿو ڏسان، اولهہ کان آنڌي، طوفان اچي رهيو آهي جيڪو سڄي آڪاس ۾ ڇانئجي رهيو آهي. ايتري ۾ حضور جن اچي ويا ۽ چيائون "ستسنگ ۾ هلون." مون عرض ڪيو، "حضور! دريون تہ وڇائجي چڪيون آهن، سنگت بہ ويٺي آهي پر اولهہ طرف ڪارا بادل چڙهي رهيا آهن." مهاراج جن ڏسي فرمايو "هيءَ تہ آنڌي آهي ۽ بارش جا بادل آهن. سيوادارن کي چئو جلدي اندر دريون وڇائين." حضور جن جي مک مان

هُن فرمايو، ”ڪپ تہ توهين وٺي ڪالہ آيا آهيو، هُن پينسل ڪي گهڙيو ڪيئن؟ مون چيو، ”چڱو پٽ! ٻئي آرتوار تي ضرور وٺي ايندس.“ تنهن تي هُن فرمايو، ”نہ، هينئر ڪپ ڇا ايندو؟“ مون چيو، ”ٻئي دفعي ضرور وٺي ايندس.“ پر هُن ورائيو، ”جيڪو توهان ڪي وٺي اچڻو هو اُهو توهين وٺي آيا. هينئر ڇا وٺي ايندا!“ اهڙي طرح فرمائي هو هليا ويا.

ايندڙ ڇنڇر تي ڏيري ۾ اچڻ ڪان پهرين مون ٻہ ڪپ ۽ ٻہ ڊائريون گهرايون ۽ پنهنجي نوڪر کي ڏيئي ڪيس بئگ ۾ رکڻ لاءِ چيو. جڏهن ڏيري ۾ پهتس تہ هيءُ ۽ شوٽي، ڪن ٻين ڇوڪرن سان دروازي جي پرسان راند ڪري رهيا هئا. مون هُن کي چيو، ”تنهنجي لاءِ ڪپ وٺي آيو آهيان ۽ ڊون وارو اچ، وٺي وڃ“ هُن تہ منهنجي ڳالهہ ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏي. پر شوٽي پڇندو مون وٽ آيو. جڏهن مون پنهنجي بئگ کولي تہ حيران ٿي ويس، نہ تہ ان ۾ ڪپ هئا ۽ نہ وري ڊائريون. پورو سامان ڪڍي ڏٺم پر اُهي شيون نہ مليون. ڏاڍو عجب لڳو. پنهنجي ڳالهہ نہ پوري ڪري سگهڻ تي ٻہ شرم آيم. ٻئي دفعي ٻہ ڪپ مون پاڻ پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ۾ وڌا پر ڏيري ۾ اچڻ تي ڏٺم تہ کيسو خالي هو. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ ڪرسمس جو ڏڻ (تيوهار) آيو مون جلندر ڇانوڻيءَ تي ڪرسد جي پارسيءَ جي دڪان تان ڪجھ سندر رانديڪا ۽ ٻہ ڪپ وٺي پاڻ پنهنجي سامهون هڪ دٻي ۾ بند ڪرايا. پر اُهو دٻو بدنصيبيءَ سان گاڏيءَ جي مٿينءَ سميت ٽٽي رهجي ويو. باقي سڄو سامان تہ هيٺ لاٿو ويو پر دٻو پلجي ويو. اُن بعد اُهو بہ وقت آيو جڏهن ڪپور ٿلا رياست ۾ اسٽيشنري ويا ڳچا، گهڻن سالن تائين مون وٽ رهيو پر هن سنت بالڪ جي وچن ڪانپوءِ.

۾ ماهر (هوشيار) هئا. ڪاليج ۾ سندن دوست هنن جون شيون کڻي ويندا هئا ته ڪين ڪجهه به نه چوندا هئا. هڪ دفعي سڪندرپر مان ڪو ماڻهو لاهور آيو. گهر مان هنن جي لاءِ ٻيسڻ جي لڏن جو هڪ دٻو اُن ماڻهوءَ هٿان موڪليو ويو هو، دٻي کي ڏسندي ئي هنن هاسٽل جي سڀني دوستن کي آواز ڏنو ۽ ڪجهه ئي منٽن ۾ سڀني گڏجي دٻي کي صاف ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح هڪ دفعي هڪ ستسنگي هنن جي لاءِ سڪندرپر مان ماهوار خرچ لاءِ ڪجهه روپيا کڻي آيو. جڏهن هو پاڻ، ستسنگيءَ کي نه گڏيا ته هن روپيا هنن جي هڪ ويجهي دوست کي ڏنا ته هو کين ڏئي. گهر مان جڏهن خط آيو ته خرچ لاءِ ڪجهه روپيا هڪ ستسنگي، هنن جي فلاڻي دوست کي ڏئي ويو آهي ته هنن اُن دوست کان پڇيو، ”گهر مان جيڪي روپيا آيا هئا اُهي ڪٿي آهن؟“ دوست جواب ڏنو، ”آيا ته هئا پر مونکان خرچ ٿي ويا.“ ان تي هنن شانت ڀاءُ سان فرمايو، ”ڪائي ڳالهه ناهي، ٻئي مهني وري اچي ويندا.“

اِنهن ننڍين ننڍين ڳالهين لکڻ جو منهنجو صرف اِهو ئي مطلب آهي ته هو ٻالپڻ کان ئي ٻين ٻارن کان بلڪل انوکا ۽ الڳ هئا. گنڀيرتا، سهنشيلتا ۽ اُدارتا وغيره، اُن وقت به سندن ۾ نهايت گهڻي هئي. ستگروءَ لاءِ پريم ۽ ڀڳتي، اُنهن جي موج ۽ مرضيءَ موجب رهڻ، سنگت جي سيوا جو شوق وغيره گڻ، سندن ۾ ننڍي هوندي کان ئي ظاهر هئا. ڪڏهن به هنن جي مک مان سخت لفظ، ڪنهن ڪو نه ٻڌا. ڪروڌ ڪندي ۽ ناراض ٿيندي نه ڏٺو. ڪنهنجي دل کي دکي ڪري نه سگهندا هئا. شروع کان ئي سندن شخصيت ٻين کان ڪجهه الڳ ۽ انوکي هئي. ٻال اوستا کان ئي هنن ۾ سنتن جا گڻ ۽ لڇڻ ظاهر هئا. اِنهن ڳالهين کي ياد ڪندي

اهي ٿي وڃن ٻڌي مان عجب ۾ پئجي ويس.

رنڌير ڪاليج ڪپور ٿلا مان انٽر پاس ڪري هنن گارڊن ڪاليج راولپنڊيءَ ۾ بي.اي.جي پڇاڙيئن سال لاءِ داخلا ورتي. پنهنجي اُدارتا، سهنشيلتا ۽ خوش مزاجيءَ ڪري ڪاليج ۾ جلدي ٿي لوڪ پريه ٿي ويا. جنهن به وديارٿيءَ جا هو دوست بڻيا، اُن سان پنهنجي دوستي هميشه نباهيندا آيا آهن. حضور جن جا هم ڪلاسي ۽ دوست اڄ به سنڌن مان اُهو ئي پريم ۽ مترتا جو وهنوار حاصل ڪري رهيا آهن. هوءَ سنڌن ٻالپڻ ۽ وديارٿي جيون جي وقت جون گهٽنائون ٻڌائيندا آهن. منهنجو پٽ سريشور ٻالپڻ ۾ گهڻو وقت ڏيري ۾ رهندو هو ۽ هنن سان گڏ راند ڪندو هو. هوءَ ڪافي شيطان ۽ چنچل هو. هو گهٽنائي دفعا ٻڌائيندو آهي ته حضور جن ٻالپڻ ۾ به ڪافي گنڀير ۽ شانت هئا. اُنهن ڏينهن ۾ پنڊاري جي وقت سنگت لاءِ ننڍا ننڍا تنبو لڳائيندا هئا. هڪ دفعي ٻارن اُنهن تي راند ڪرڻ شروع ڪئي. نوڙيءَ کي پڪڙي هڪ پاسي چڙهندا هئا ۽ ٻئي پاسي لاهيءَ تي لهندا هئا. شيوادار کين منع ڪندا هئا ۽ تنبن ۾ اندر رهڻ واري سنگت به ناراض ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تنبو ڦاٽي به پوندا هئا. هڪ دفعي مهاراج چرنسنگهه جن به ٻين ٻارن سان گڏ هئا پر الڳ بيهي پيا ڏسن. سريشور ۽ ٻين ساٿين کين گهڻوئي چيو ته هو به چڙهن ۽ گسڪن. ڏاڍي زور بار ڪرڻ ڪانپوءِ هوءَ راضي ٿيا پر تنبوءَ جي اڳيان وڃي رڪجي ويا ۽ واپس هلي آيا سريشور ٻڌائيندو آهي ته اسين جيڪڏهن کين شرارت ڪرڻ لاءِ مجبور به ڪندا هئاسين تڏهن به هوءَ ڪڏهن اُتسهائيندڙ يا اجايو ڪم نه ڪندا هئا.

اسڪول ۽ ڪاليج ۾ رانديون وقت خوب راند ڪندا هئا. هاڪي، فوٽ بال ۽ ٽينس جو شوق هون ۽ ٽنهي رانديون

جون ١٩٤٣ ۾ حضور مهاراج جن هنن جو مڱڻو راو بهادر شوديان سنگهه جي، پساوا (ضلع علي ڳڙهه) جي رئيس جي ڌيءُ سان ڪرايو. حضور مهاراج هن رشتي تي ڏاڍو خوش ٿيا. راءِ بهادر شوديان سنگهه جي جنهن کي اسين سڀ راو صاحب چوندا هئاسين، ڏاڍا پريمي ستسنگي هئا. شروع کان ئي سندن لاڙو ڌرم پاسي هو ۽ پوڄا پاٺ جا شوقين هئا. حضور مهاراج جن جي لهه وچڙ ۾ آيا، ستسنگ ٻڌائون ۽ نام ورتائون. پوڄا پاٺ ڇڏجي وين ۽ ستگرن جي ڪرپا سان نام جي رنگ ۾ رنگجي ويا. رئيس ۽ جاگيردار هوندي به هنن ۾ بيحد نمرتا هئي گرو ۽ گروءَ جي سنگت سان بيحد پريم هون. هنن جي پريم ڀري وينتيءَ جي ڪارڻ، حضور مهاراج جن مئي ١٩٤٣ ۾ پساوا ۾ ستسنگ جو پروگرام رکيو. اُتي حضور جن، راو صاحب جي وڏي پٽ ڪنور رامڪشنسنگهه ۽ هن جي ڪٽنب جي ڀاتين ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن کي نام دان بخشيو.

٢٥ نومبر ١٩٤٤ جي صبوح جو حضور مهاراج چرنسنگهه جن جو شبھ وواهه پساوا ۾ راو صاحب جي ڌيءُ بيبي هرجيت ڪوَر سان ٿيو. ڄڃ ۾ حضور ساون سنگهه جي مهاراج جن، ڪٽنب جا ڀاتي ۽ ٻيا گهڻيئي خاص خاص ستسنگي شامل هئا. حضور مهاراج جن پساوا ۾ به ٽي ستسنگ به ڪيا. راو صاحب جي خاطرداري ۽ پريم ڪري سڄي سنگت ۽ حضور مهاراج جن ڏاڍا خوش ٿيا.

ستگرو جن جي ڪٽنب سان ايتري ويجهي سمبنڌ ٿي وڃڻ تي به، راو صاحب جي نمرتا ۽ ستگرو ڀڳتي ۾ ڪا به ڪمي ڪونه آئي. حضور وڏن مهاراج جن کان پوءِ سردار بهادر مهاراج جن جي لاءِ به راو صاحب کي اهائي شرڌا هئي. جڏهن آڪٽوبر 1951 ۾ مهاراج چرنسنگهه جن کي گرو گدي

هنن جي گدي نشيني واري ڏينهن مون پنهنجي تقرير ۾ سنگت
کي چيو هو ته سنت ٻالپڻ کان ئي سنت ٿيندا آهن.

بي.اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ هنن لاهور جي لا ـ ڪاليج
مان قانون جي ڊگري پرائيوٽ ڪئي. ١٩٤٢ ۾ سرسي ۽ حصار
۾ وڪاليت ڪرڻ شروع ڪيائون. وڪالت جي پوري
ڪمائي هو ستگرو حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي چرڻن
۾ اچي رکندا هئا. حضور مهاراج جن اُن مان جيڪي ٺيڪ
سمجهندا هئا اوترا روپيا کين ڏيندا هئا، ڪجهه شيوا ۾ موڪليندا
هئا ۽ باقي پاڻ وٽ امانت جي روپ ۾ رکندا هئا.

ڪجهه ئي وقت ۾ سندن سياڻپ، سُڌ - ٻڌ، محنت ۽
سچائيءَ جي ڪري، وڪالت ۾ ڪافي ترقي ٿي ۽ هنن جي
ڳڻپ اُن علائقي جي برک، وڪيلن ۾ ٿيڻ لڳي. سندن
دوست، وڪيل ۽ جج به هنن جي ايمانداري ڏسي سندن
عزت ڪندا هئا. جلد ئي سرسي ۾ مشهور ٿي ويا ۽ ڪجهه
راجنيتڪ نيتائن ١٩٤٥ ۾ کين چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ چيو پر
ستگرو حضور وڏن مهاراج جن جي پڇڻ کانسواءِ، هنن ان
باري ۾ ڪو به فيصلو نه ڏنو. تنهنڪري هو حضور جن جي
حڪم لاءِ وٽن ويا.

حضور مهاراج جن ڏٺو ته هنن جي دوستن ۽ ڪٽنب جي
ساٿين جي ذاتي مرضي آهي ته هو چونڊن لاءِ بيهن،
تنهنڪري کين فرمايو ته جيئن هو ٺيڪ سمجهن تيئن ڪن. پر
حضور جن ته هنن کي ٻئي ڪم لاءِ چونڊي رکيو هو. جڏهن
سندن ساٿين ۽ ڪجهه پراڻن ستسنگين حضور جن کان اجازت
۽ چونڊن ۾ سڦلتا لاءِ آشيرواد لاءِ عرض ڪيو تڏهن حضور جن
بلڪل صاف فرمايو، "چونڊون ۽ راجنيتي هنن جو ڪم
ناهي هنن کان بابا جي مهاراج جن کي ڪجهه ٻيو ئي ڪم
وٺڻو آهي."

ان حڪم جو پالڻ ڪندي هنن پنهنجي تمام سٺي وڪالت ڇڏي ڏني. آڪٽوبر ١٩٤٧ کان ٢ اپريل ١٩٤٨ تائين حضور مهاراج جن جي شيوا ۾ رهيا. حضور جن جي جوتي جوت سمائڻ کانپوءِ سڪندر پور ۾ اچي پنهنجي پتا کي کيتيءَ جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لڳا ۽ تمام جلدي کيتي ۽ ڪنڊ جي ڪارخانن جي پوري ڪم کي پنهنجيءَ لياقت ۽ سياڻپ سان سنڀالڻ لڳا.

حضور جن جو پتا صاحب

حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي پتا صاحب سردار هربنس سنگهه جن جي باري ۾ ٻه اکر لکڻ ضروري آهن. هيءُ مهاراج ساون سنگهه جن جا سڀني کان ننڍا سپتر هئا. هيءُ هميشه پنهنجي ستگرو ۽ پتا جي حڪم ۾ رهندا هئا. سنسار جو هر هڪ ڪم، ستگروءَ جو سمجهي ڪندا هئا. سڀاءُ جا شانت گنڀير ۽ نرم دل هئا. جڏهن حضور مهاراج جن سرسي ۾ زمين خريد ڪئي ته هنن ان ڪم کي سنڀاليو: زمين بلڪل اُجڙيل ۽ اوٻڙ کاٻڙ حالت ۾ هئي. هنن ڏينهن رات محنت ڪري اُن کي ٺيڪ ڪيو ۽ اُپجائو بڻايو. پنهنجي تندرستيءَ جي ڪابه چنتا نه ڪري صبوح جو ٻي ٽي بجي اُٿي ڪم ڪرائيندا هئا ۽ گهڻيئي دفعا پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽرڪٽر هلائيندا هئا. جڏهن حضور جن پنهنجي پٽن ۾ زمين کي ورهايو ته سڀني کي سڏ ڪرائي اُنهن جي ويچار کان واقف ٿيڻ چاهيو. سردار هربنس سنگهه جن عرض ڪيو "هيءُ منهنجا وڏا ڀائر آهن، هنن کي جيڪا زمين پسند هجي اُها هنن کي ڏيو." پاڻ هڪ اُجڙيل زمين جو حصو سويڪار ڪري ڪافي صبر سان محنت ڪئي ۽ اُنکي اُپجائو بڻايو.

زمين جي پيدائش مان، اناج، ڳڙ، ڪنڊ وغيره ٽرڪن ۾

ملي، تڏهن راو صاحب ٻنا ڪنهن لڄ ۽ هٻڪ جي کين ستگروءَ جي روپ ۾ سويڪار ڪيو ۽ کين ڪڏهن به ناتيءَ جي روپ ۾ نه ڏٺو. پنهنجي ڌيءُ ٻيبي هرجيت ڪؤر کي به اُن ڏينهن کان نالو وٺي نه سڏ ڪيائون ۽ هن جي هميشه عزت ڪندا رهيا. راو صاحب ١٢ جنوري ١٩٦۴ ۾ ٧٦ سالن جي عمر ۾ چولو ڇڏيو.

سيپٽمبر ١٩۴٧ ۾ سرڪار، مهاراج چرنسنگهه جن کي سرسي ۾ جج مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، هنن جي ڪٽنب جا ياتي دوست ۽ پيارا ڏاڍا خوش ٿيا. پر هنن پنهنجي ستگرن جي حڪم کان سواءِ ان باري ۾ ڪو به فيصلو نه ڪيو. سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن ناچاڪ هئڻ سبب امرتسر ويا. حضور جن جي صحت جي باري ۾ ٻڌندي ئي هيءُ به امرتسر آيا. جڏهن حضور جن جي تندرستي ڪجهه ٺيڪ ٿيڻ لڳي ته هڪ ٻن پراڻن ستسنگين حضور جن کي عرض ڪيو ته پنجاب سرڪار سردار چرنسنگهه جن کي جج جو پد ڏيڻ ٿي چاهي. تنهن تي حضور مهاراج جن فرمايو، "نه هيءُ ڪم هن لاءِ ڪونهي." ڪجهه ماڻهو وري به حضور جن کي عرض ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن هڪ خاص ستسنگيءَ (جيڪو پاڻ هڪ رٽائرڊ سيشن جج هو.) مهاراج جن کي ڪافي نمرتا پرئي نوع ۾ وينتي ڪئي ته کين جج جي پد لاءِ منظوري ڏين. حضور جن جواب ڏنو. "جج بڻجڻ ۾ ڇا رکيو آهي؟ جج ڇا ٿيندو آهي؟ اجايو ڪيس لاءِ پاسي وڃڻ لاءِ زبردستي نه ڪريو." وري حضور جن کين چيو، "پٽ! جج بڻجي توکي ڇا ڪرڻو آهي؟ ڏس ته سهڻين بابا جن جي ڪهڙي موج آهي." ڪجهه دير کانپوءِ حضور جن وري فرمايو، "هاڻي وڪالت ڇڏي پنهنجي پتا جي مدد ڪر هن جي صحت ڪمزور ٿي رهي آهي."

هميشه دَيا مهر رهندي." شيوا ۽ پريم جو انگ، ماتا شيام ڪؤر ۾ اڃا تائين آهي ۽ ايتري وڏي اوسٿا هوندي به سڪندڙ پر ۾ ايندڙ سنگت جي شيوا جو پورو ڪم پاڻ ڪرائيندي آهي. گرو ڀڳتي، پريم، شيوا ۽ شاهه دلي حضور جن جي سڄي پريوار جو خاص گڻ آهي.

سردار هربنس سنگهه صاحب جن جو پورو جيون هڪ سنت ۽ تپسويءَ وانگر هو. هنن ڪڏهن به ستگرن جي حڪم کي ٽارڻ جي ڪوشش نه ڪئي. هر هڪ ڪم هنن جي حڪم سان ڪيو. جڏهن سردار بهادر مهاراج جن گديءَ تي ويٺا ته هنن کي به پنهنجي ستگرو دين ديال حضور ساون سنگهه مهاراج جن جو روپ سمجهيو ۽ پنهنجو هر هڪ ڪم انهيءَ طرح پڇي ڪندا هئا. انهيءَ پيار ۽ ڀڳتيءَ سان کين سڪندر پر اچڻ لاءِ وينتي ڪندا هئا ۽ کين پنهنجو ستگرو ۽ پنهنجي پريوار جو وڏو سمجهي سندن شيوا ڪندا هئا. جڏهن سردار بهادر مهاراج جن هنن جي وڏي پٽ سردار چرنسنگهه جن کي پنهنجو جانشين بڻايو، اُن وقت سردار هربنس سنگهه جن جي صحت ڪمزور ٿي چڪي هئي، کين شوڳر ۽ سنڌن ۾ سور رهندو هو. پاڻ کيمت ۽ ڪنب جي فئڪٽريءَ جو پورو ڪم مهاراج چرنسنگهه جن کي ڏيئي ڇڏيائون. پٽ کي گرو گدي ملڻ جو ارٿ اهو ٿيو ته سڄي ذميواري وري پاڻ کڻن. پر هنن پنهنجي ستگروءَ جي حڪم سامهون پنهنجو سر جهڪايو. جڏهن مهاراج چرنسنگهه جن سندن وڏي عمر ۽ ڪمزور صحت ڏسي چنتا ۾ پئجي ويا تڏهن هنن، سندن حوصلو وڌايو ۽ اِن ذميواريءَ کي بنا چنتا، منظور ڪرڻ لاءِ کين پريرڻا ڏني. جهڙي طرح هنن پنهنجي پتا کي ڪڏهن به پتا نه پر هميشه ستگرو سمجهيو، اهڙي طرح گرو گديءَ تي ويهڻ کانپوءِ هنن پٽ کي پٽ جي نظر سان نه ڏٺو.

پرائي ڏيري جي شيوا ۾ موڪليندا رهيا. جڏهن حضور مهاراج جن سڪندر پر ايندا هئا ته سنگت به ايندي هئي ۽ هنن وٽ مهنن تائين به به، ٽي ٽي سؤ سنسنگي لنگر کائيندا هئا. جڏهن سنگت ايندي هئي ته ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. هنن جي ڌرمپتني ماتا شيام ڪؤر (مهاراج چرنسنگهه جن جي ماتا) پنهنجي هٿن سان ڀوڄن ٺاهيندي هئي. صبوح جو ٽي ڇئين بجي اُٺي سنگت جي لاءِ ڪيڙ چانهه، ناشتي وغيره جي شيوا ڪرڻ، ڀوڄن ٺاهڻ ۽ اهڙي طرح سڄو ڪم رات جي يارهين ٻارهين بجي تائين ڪين ڪرڻو پوندو هو. جيستائين سنگت نه کائيندي هئي تيستائين پاڻ به نه کائيندي هئي. هڪ دفعي جو واقعو آهي. جؤن جو مهنو هو سخت گرمي هئي. منجهند جو هڪ کان پوءِ ماتا شيام ڪؤر سنگت کي ڀوڄن کارائي، خود کائڻ لاءِ ويهي رهي هئي ته حضور مهاراج جن آواز ڏنو ۽ فرمايو ته پٽ اٽڪل ٢٥ سنسنگي هينئر آيا آهن. اُنهن کي کاڌو کارايو. ماتا شيام ڪؤر صبوح جو ڇئين بجي کان ڪم ۾ رڌل هئي، ڀوڄن کائي ڪجهه وقت آرام ڪرڻ جو خيال هوس. پر ستگرو جن جا وچن ٻڌندي ئي جلدي هن ڀوڄن ٺاهڻ شروع ڪيو. پنهنجن هٿن سان تندور جون روٽيون ٺاهيون. اهڙيءَ سخت گرميءَ ۾ تندور جي اڳيان ويهڻ به مشڪل هو پر تنهن هوندي به ڏاڍي پريم سان هن روٽيون ٺاهيون. پاڻ روٽيون سيڪيندي ويئي ۽ ماتا ڪشن ڪؤر جي گيهه لڳائيندي ويئي. کاڌو تيار ڪري، سنگت کي ڏاڍي پريم ۽ سنمان سان ڀوڄن کارايو. تنهن کان پوءِ اٽڪل ڇئين بجي خود ڀوڄن کاڌو. جڏهن رڌڻي مان ٻاهر آئي ته حضور مهاراج جن سڏ ڪري فرمايو، "پٽ، تنهنجي شيوا ۽ پريم ڏسي مان ڏاڍو خوش آهيان. تنهنجو ڀنڊار اکٽ رهندو. باباجي مهاراج جن جي تنهنجي مٿان

ماتا شيام ڪنور جي ڪرپا، دَيا ۽ پريم جي مورتي آهي. هڪ پرم سنت جي نُنهن ۽ ٻن مهان سَتگُروءَ جي ماتا ۾ جيڪي اُدارتا ۽ نمرتا جا گڻ هئڻ گهرجن، اُهي سڀ هن ۾ موجود آهن.

حضور جن جو ننڍو ڀاءُ ڪپتان پرشوتم سنگهه به نيڪ دل شانت سڀاءَ وارو ۽ گنڀير آهي. بي.اي.ايل.ايل.بي. پاس ڪري فوج ۾ ڀرتي ٿي ڪپتان جو پد پراپت ڪيائون. جڏهن حضور جن تي گرو-گديءَ جي ذميواري پيئي ته هو فوج جي روشن مستقبل جي چنتا نه ڪري، وقت کان اڳ، نوڪري ڇڏي سڪندرپور ۾ اچي ويا. هُن کي ٻن سالن جي اندر ميجر جو پد ملڻو هو. وقت کان اڳ استعفا ڏيڻ ڪري، کين نه پينشن ملي سگهي ۽ نه وري بهادريءَ لاءِ انعام، جيڪو فوجي هاءِ ڪمانڊ جي حڪم موجب، پينشن سان گڏ ملڻ وارو هو. هڪ دفعي راولپنڊي ريلوي اسٽيشن تي هڪ سپاهيءَ ماڻهن تي گوليون هلائڻ شروع ڪيون. ڪپتان پرشوتم سنگهه بهادريءَ سان بنا ڪنهن هٿيار جي اُن جو مقابلو ڪري هن جي هٿ مان بندوق کسي ورتي. اهڙي همت ڀرئي ڪم ۾ کين گهڻيئي زخم ٿيا ۽ ڪيترن ڏينهن تائين کين اسپتال ۾ رهڻو پيو. سڪندرپور ۾ رهي فارم (کيت) جو ڪم تمام گهڻي قابليت سان سنڀالي رهيا آهن.

حضور جن جي سڀني کان ننڍي ڀاءُ سردار جڳجيت سنگهه جو ديهانت، جوانيءَ ۾ آگسٽ ۱۹۴۸ ۾ ٿيو. هيءُ هڪ خوش مزاج، نيڪ ۽ هونهار جوان هو. نام جي بخشش ڪونه مليل هئس. آخرين ڏينهن ۾ نام وٺڻ جي ڪافي اِڇا هئس. ديهانت کان هڪ ٻه ڏينهن اڳ، کيس حضور مهاراج جن اندر درشن ڏيئي نام جي بخشش ڪئي.

حضور جن کي چار ڀيڻرون آهن. جن جا نالا آهن بيبي

سنه ١٩٥٦ ۾ سردار هربنس سنگھ جن جي صحت ڪافي ڪمزور ٿي ويئي. جولاء جي پڇاڙي کان پوءِ ڏيري ۾ بيمار ٿي پيا. هڪ ڏينهن حضور مهاراج چرنسنگھ جن کي چيائون مونکي حضور مهاراج جن کان پاسپورٽ ته ملي ويو آهي هاڻي توهان کان ويزا (Visa) گھرجي." اهو ٻڌي مهاراج جن ڪجھ وقت شانت رهيا، پوءِ فرمايائون، "جيڪڏهن حضور مهاراج جن اجازت ڏني آهي ته مان ڪيئن تو روڪي سگھان!" اُن ڏينهن کان پوءِ حضور جن جي پتا جو خيال گھڻو وقت اندر ئي اڳل رهندو هو ۽ اُن ڏهن ڏينهن کانپوءِ ١٦ آگسٽ ١٩٥٦ تي هن ناسونت شرير کي ڇڏي ستگرو دين ديال جي چرنن ۾ سمائجي ويا. ٻئي ڏينهن صبوح جو سنسڪار ڪيو ويو پر پنهنجي پتا جي سنسڪار ڪرڻ کان اڳ، مهاراج چرنسنگھ جن ستسنگ ڪيو. هنن سوامي جي مهاراج جن جو شبد "تجھو من پيھ دک، سک، ڪا ڌام" ڪيو ۽ هميشھ وانگر پنهنجي مڌر مٺي واڻيءَ ۾ پريم ۽ شانتيءَ سان اٽڪل هڪ ڪلاڪ تائين شبد جي وياکيا ڪئي.

حضور جن جي ڪٽنب جا ٻيا ڀاتي :-

هتي حضور جن جي پريوار جي ڀاتين جي ٿوري ۾ واقفيت ڏيڻ ضروري آهي. حضور جن جي ماتا ٻيبي شيام ڪؤر جن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. موگا جي هڪ مشهور رئيس سردار پرتاپ سنگھ جيلر جي ڌيءُ آهي. ماتا شيام ڪؤر جو هڪ ڀاءُ سردار تارا سنگھ جي پٽيالا هاءِ ڪورٽ جو جج هو. ٻيو ڀاءُ لالسنگھ جي انگريزن جي زماني ۾ فوج ۾ ڪپتان هو. ڪمانڊر ان چيف جي صلاح سان انگريز سرڪار هنن کي انگلنڊ ۾ بادشاهه جارج پنجين جي اي - ڊي - سي جو پد ڏنو. ٽيون ڀاءُ سردار ڀاڳسنگھ جي جيلر آهي.

لاءِ ونندا آهن.

حضور جن جا ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءُ آهي. پٽ آهن سردار
*جسبير سنگهہ ۽ راٺو **رٺوير سنگهہ. ٻئي پنجاب ۾ تعليم وٺي
رهيا آهن. سندن ڌيءُ نرملجيت ڪؤر بي.اي پاس ڪئي
آهي. هن جو وواهہ دهليءَ جي مشهور واپاري ڪٽنب
سردار ڀائي موهن سنگهہ جي پٽ ڊاڪٽر سردار پرميندر سنگهہ
(پي.ايچ.ڊي) سان ٿيل آهي. ڊاڪٽر پرميندر سنگهہ هڪ
سياڻو، صاف دل ۽ نمرتا ڀريو نؤجوان آهي ۽ هڪ سٺي
ستسنگيءَ جا سڀ گڻ هن ۾ پوري طرح آهن.

٢. گدي نشيني

حضور مهاراج چرنسنگهہ جن پنجاب يونيورسٽي لاهور مان
بي.اي.، ايل. ايل. بي. پاس ڪري سرسي ۾ وڪالت
ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جلد ئي سندن اُتي جي مشهور
وڪيلن ۾ ڳڻپ ٿيڻ لڳي. سرسي جي سماج ۽ جنتا ۾ سندن
ايتري تہ مشهوري ٿي ويئي جو 1951 ۾ ڪانگريس ۽
ڪيتريون پارٽين کين پنجاب جي ودان سڀا جي چونڊن ۾
بيهڻ لاءِ عرض ڪيو. جيڪڏهن هو راجنيتيءَ ۾ اچن ها تہ
کين وزير جو عهدو ضرور ملي ها. پر ڪل مالڪ جي دربار
۾ سندن روحانيت جي بادشاهہ بڻجڻ جو فيصلو ٿي چڪو
هو. چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ سردار بهادر مهاراج جن کين صاف
لفظن ۾ منع ڪري ڇڏي، جنهن جو پورو بيان مٿي اچي
چڪو آهي.

---

* سردار جسوير سنگهہ

** راٺو رٺوير سنگهہ پنهنجي کيتي باڙي جو ڪم سڦلتا
سان سنڀالي رهيو آهي.

ستنام ڪؤر، بيبي گرنام ڪؤر (ڌرمپتني ڪرنل تيجيندر سنگهه سڌو)، بيبي مهيندر ڪؤر (ڌرمپتني سردار گرمک سنگهه ڍلن) ۽ بيبي بلجيندر ڪؤر (ڌرمپتني ميجر پرتيپال سنگهه مان) سڀني کان وڏي ڀيڻ ستنام ڪؤر جي پتيءَ جو ديهانت ٿي چڪو آهي. کيس هڪ ڌيءُ ۽ هڪ پٽ آهي.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي ڌرمپتني بيبي هرجيت ڪؤر پساوا جي مشهور رئيس ۽ پريمي ستسنگي راو بهادر شو ڌيان سنگهه جن (جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي) جي ڌيءُ آهي. نهايت سشيل، سياڻي ۽ نيڪ دل آهي. جڏهن حضور جن کي سردار بهادر مهاراج جن پنهنجو جانشين بڻايو اُن وقت بيبي هرجيت ڪؤر جي عمر اٽڪل ٢٤ سال هئي ۽ کيس گود ۾ ڇهن مهنن جو پٽ هو. اُن وقت پتيءَ کي پرمارٿي جيون ۾ ارپڻ ڪرڻ، هڪ نهايت مشڪل امتحان هو. پر تنهن هوندي به هن همت دليرتا ۽ گنڀيرتا سان ستگرن جي آگيا اڳيان پنهنجو سر جهڪايو، ۽ هڪ تپسيا ڀريو جيون گذارڻ قبول ڪيو. اُن وقت ان ڳالهه جو خيال ڪندي سڀني گهر وارن جي دل دهلجي ويئي. خود حضور جن به پريشان ٿي سگهيا ٿي پر هن عرض ڪيو، ”مان نٿي چاهيان ته ستگرن جي حڪم جو پالن ڪرڻ ۽ سنگت جي رهنمائيءَ جي هن ذميواريءَ کي منظور ڪرڻ ۾، مان توهانجي مارگ ۾ رڪاوٽ بڻجان. توهين مهاراج جن جي حڪم کي سويڪار ڪريو.“ سندس اها سنگت جي شيوا، شرڌا ۽ ساراهه جوڳي آهي. گهر جي ڪم ۽ ٻارن جي ديک ڀال ڪندي به قدرتي علاج ڪرڻ جا امتحان پاس ڪيائين ۽ حضور جن جي اجازت سان ڏيري ۾ هن هڪ قدرتي علاج جو سينٽر کوليو آهي، جتي پڙهيل لکيل شيوادار ڪم ڪري رهيا آهن. علاج لاءِ ٤٠-٥٠ مريض روز ايندا آهن ۽ سينٽر مان

جي پٽا سردار هربنس سنگهه جن کي ڏيري مان سڪندر پر ۽ ماتا شيام ڪؤر کي موٽي موڪلي ڇڏيو هو.

٢٢ آڪٽوبر ١٩٥١ جو ڏينهن هو. حضور مهاراج چرنسنگهه جن اُن ڏينهن امبالا کان واپس سڪندر پر پهتا هئا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ چاچاجي (سردار هربنس سنگهه جن کي هو چاچاجي چوندا هئا) منجهند جي وقت سڪندر پر پهتا. حضور جن هنن کان پڇيو تہ "سردار بهادر جن ڪيئن آهن؟" سندن پٽا جواب ڏنو تہ سردار بهادر جن فرمايو آهي تہ مان ٺيڪ آهيان ۽ هنن مونکي هتي موٽي اچڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي. پوءِ هنن حضور جن کي سردار بهادر جي مهاراج جن جو نياپو ڏنو.

چاچا جن جي اچڻ کان ڪجهه دير پوءِ انڪل ڏينهن جو ٤ بجي، ڏيري مان سردار بهادر مهاراج جن جي تار آئي، "چرن کي موڪليو." تار پڙهي حضور جن هڪ منٽ لاءِ سوچ ۾ پئجي ويا تہ صرف منهنجي لاءِ تار ڇو موڪلي وئي آهي. پر وري اهو بہ خيال آين تہ شايد سردار بهادر مهاراج جن جي طبيعت ڪافي خراب آهي. چاچاجيءَ هنن کي جلدي تيار ٿيڻ لاءِ چيو. تار ملڻ کانپوءِ اڌ ڪلاڪ جي اندر حضور جن چاچاجيءَ سان گڏ پنهنجي "هلمين ڪار" ۾ ڏيري لاءِ روانا ٿيا.

رستي ۾ نهر جي پاڻيءَ سبب 'اُنو' جو چڪر لڳائڻو پيو. ڪجهه اڳيان وڌيا تہ موٽر خراب ٿي پيئي ۽ ٺيڪ ڪرڻ ۾ ڪيترا ڪلاڪ لڳي ويا. رات ٿي ويئي. پر سردار بهادر جي مهاراج جن جي طبيعت جي چنتا ۾ وقت جو ڪوبہ خيال نہ ڪري اڳتي هلندا رهيا. رات جو ٢-٣٠ ۽ ٣ بجي جي وچ جو وقت هو، اڃا اڌ رستو بہ پار ڪونہ ڪري سگهيا هئا. حضور چرنسنگهه جي مهاراج جن پاڻ موٽر هلائي رهيا هئا. اوچتو حضور جن کي تيز روشني ڏسڻ ۾ آئي ۽

حضور سردار بهادر مهاراج جن جي منع ڪرڻ ڪانپوءِ ڪنهن به بحث ڪرڻ جو سوال ئي نٿي اُٿيو. هنن جهڙي طرح حضور ساون سنگهه جي مهاراج جن جي اِڇا انوسار ١٩٤٧ ۾ پنهنجي سٺي جميل وڪالت کي ڇڏي ڏنو، اهڙي طرح هنن چونڊن جو خيال به دل مان ڪڍي ڇڏيو. ٻالپڻ کان ئي ڪنهن به خواهش يا پنهنجي مرضيءَ کي پورو ڪرڻ، هنن جي سڀاءَ ۾ ئي ڪونه هو. جيڪڏهن ڪين ڪا به خواهش دل ۾ هوندي هئي ۽ اُها رواجي طرح پوري ٿي ويندي هئي ته اُن ۾ پرسن رهندا هئا ۽ جيڪڏهن پوري نه ٿيندي هئي ته افسوس ڪونه ڪندا هئا. مالڪ جي موج ۽ مرضيءَ ۾ شڪرگذار ۽ بنا ڪنهن چنتا جي رهندا هئا. هنن سردار بهادر مهاراج جن جي حڪم کي آخرين فيصلو سمجهي چونڊن جي ڳالهه کي بلڪل وساري ڇڏيو، جيتوڻيڪ هنن جا دوست ۽ پيارا اِن تي نراش ۽ دکي ٿيا.

جڏهن حضور جن ڏيري ۾ گرو گديءَ کي سنڀاليو تڏهن اهي راجنيتي نيتا، جيڪي هنن کي چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ چئي رهيا هئا، ڏاڍا خوش ٿيا. 1951 ۾ نومبر يا ڊسمبر ۾ اُهي ماڻهو هنن وٽ آيا ۽ کين چيائون، ”اسان کي ڏاڍي خوشي آهي ته توهين راڌا سوامي ستسنگ جي اهميت ڀري پد تي براجمان آهيو. هينئر توهين پنهنجن ستسنگين کي حڪم ڏيو ته هو پنهنجو ووٽ اسان جي پارٽيءَ کي ڏين.“ حضور جن نمرتا سان جواب ڏنو ته اسين اهڙو حڪم نه ڏيئي سگهنداسين، ڇاڪاڻ ته ستسنگ هڪ روحاني ڪاريه آهي ۽ ستگرو ۽ سنگت جو سنبنڌ آتمڪ ٿيندو آهي. راجنيتي ويچار ڌارا، سنگت جو هڪ شخصي مسئلو آهي جنهن ۾ اسين دخل ڏيئي نٿا سگهون. جيئن ته پهرين لکيو ويو آهي ته جوتي جوت سمائڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، سردار بهادر مهاراج جن، هنن

جنهن وقت ڏيري ۾ پهتا ته چؤ طرف سناٽو ۽ خاموشي هئي. چاچاجيءَ کي پڪ ٿي ته حضور جن جي ڳالهه ٺيڪ آهي. حقيقت ۾ سردار بهادر جن هن سنسار کي ڇڏي ويا آهن. اُن وقت سردار بهادر جن جو آخرين سنسڪار بياس نديءَ جي ڪناري تي ٿي رهيو هو. چاچاجي ۽ حضور جن سردار بهادر جن جي ڪوٺيءَ طرف روانا ٿيا. اُتي بيبي رلي گڏ ين. چاچاجي ۽ حضور جن کي ڏسي هوءَ روئڻ لڳي. چاچاجيءَ چيو، "بيبي جي اسانجي اچڻ جو انتظار ته ڪريو ها. سنسڪار ڪرڻ ۾ ايتري جلدي ڇو ڪئي وئي؟" بيبي رليءَ جواب ڏنو، "چا ڪجي! سردار بهادر مهاراج جن جو اهوئي حڪم هو ته جلدي سنسڪار ڪيو وڃي."

حضور مهاراج چرنسنگهه جن پنهنجي پتا سان گڏ نديءَ طرف ويا. ستگروءَ جي وڇوڙي جي اپار دک، آخرين درشن نه هئڻ جي پيڙا ۽ سنسڪار وقت به نه پهچڻ جي نراشا ۾ حضور جن هلندا ٿي ويا. سندن اکين مان آنسو ن وهي رهيا هئا.

سنسڪار واري جڳهه کان اجا ڪجهه پري هئا ته ڪماري گيان (سردار بهادر جن جي پوٽي) جيڪا اُن وقت ننڍي ٻالڪا هئي، مس لئيس هلگر جو هٿ پڪڙي اچي رهي هئي. هن حضور جن کي ڏسندي آڱر سان اِشارو ڪيو ۽ مس هلگر کي هنن ڏانهن نهارڻ لاءِ چيو. ٻالڪا مس هلگر کي ٻڌائي رهي هئي، "هيءُ ئي نوان ستگرو آهن" پر حضور جن جو اوڏانهن ڌيان نه ويو.

سنسڪار جي جڳهه تي پهچڻ سان ئي ٻلسراءِ جي جڳتسنگهه (جنهن کي ماٺهو مال - آفيسر ڪري سڏيندا هئا) حضور جن کي ڏنو. هن سنگت کي چيو ته ڏسو، سردار بهادر مهاراج جي، جن لاءِ حڪم ڏنو آهي، اُهي اچي رهيا آهن ۽ ٺيڪ اُن

سردار بهادر مهاراج جن جو درشن ٿين. هنن کي موٽر يا اسٽيئرنگ جو خيال نه رهيو. موٽر ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري ويئي ۽ رستي تان هيٺ لهي روڪجي ويئي. حضور جن موٽر جي اسٽيئرنگ تي مٿو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون. چپ چاپ ويٺا رهيا. چاچاجي موٽر مان لهي، ٻئي پاسي اچي هنن کان پڇيو، "پٽ! ڇا ڳالهه آهي؟ طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟" حضور جن ڪجهه وقت ساڳي طرح شانت رهيا، پوءِ پنهنجي پتا کي چيائون، "ڪار توهان هلايو مون کان هلائي نٿي وڃي." چاچاجي چپ چاپ ڪار هلائڻ لاءِ ويٺا. ڪار رستي تي آئي، ڏيري ڏي هلائڻ لڳا. حضور جن اکيون بند ڪري شانت ويٺا هئا. ڪجهه دير کانپوءِ هنن چاچا جيءَ کي ٻڌايو ته سردار بهادر جي چولو ڇڏي ويا آهن.

سڄو رستو خاموش رهيا. لڳاتار هلندي صبح جو موگي پهتا. اُتي ماتا شيام ڪؤر جي کي ڏسي ڪين عجب لڳو. هن ٻڌايو ته سردار بهادر مهاراج جن جي حڪم سان ٢٢ آڪٽوبر صبح جو ڏيري کان موگي پهتي آهيان. چاچاجيءَ صرف ڪين ايترو ئي ٻڌايو ته سردار بهادر مهاراج جن جي طبيعت ڪافي خراب آهي. اسين هن وقت ڏيري وڃي رهيا آهيون. ماتا جي حيران ٿي چيو، "ڪالهه ئي هنن مونکي موڪليو ۽ چيو ته هينئر منهنجي طبيعت ٺيڪ آهي." موگي ۾ چاچاجيءَ چانهه پيتي، حضور جن ڪجهه به نه کاڌو پيتو. ماتا شيام ڪؤر جي به سندن سان گڏ هلي ۽ سڀ ڏيري لاءِ روانا ٿيا. ڪجهه دير ڪار هلائڻ کانپوءِ چاچاجيءَ جي چوڻ تي حضور جن موٽر اسٽيئرنگ سنڀالي پر ڪجهه ئي منٽن ۾ موٽر روڪي چاچا جي کي چيائون، "مون کان نٿي هلائي وڃي. توهين ئي هلايو."

وڪندا آهن. پر سچا سنت ڪڏهن به گرو بڻجڻ جي تمنا رکڻ نه ٿيو پر اُن کان پري رهڻ چاهيندا آهن. پر پنهنجي ستگروءَ جي حڪم ڪري لاچار ٿي اهڙي مهان ذميواري کي کڻڻ قبول ڪندا آهن. پوري زندگي پاڻ کي گروءَ جو داس ۽ سنگت جو شيوڪ سمجهي ڪم ڪندا آهن. اَپار شڪتيءَ جا مالڪ هوندي به هو سدائين نهٺا ۽ نماڻا رهن ٿا.

مهاراج چرنسنگهه جن، سردار بهادر جن جي خاص شيوڪن ۽ ڏيري جي خاص ستسنگين کي سڏائي سردار بهادر جن جي آخرين ڏينهن جو ۽ وصيت جو پورو پورو احوال پڇيو. پنڊت لالچند، ڊاڪٽر هزاراسنگهه، گانڌي رام، بيبي رلي، لالا منشيرام ڀائي شادي ۽ ٻين سان گڏيا. سڀني جو هڪ جهڙو ئي احوال هو ۽ ڪا به اهڙي شڪ شبهه جي ڳالهه ڪانه هئي.

هڪ ڀيرو ڏينهن ڪانپور راءِ صاحب منشيرام حضور جن وٽ آيو. هن عرض ڪيو ته هڪ چيڪ تي حضور جن جي صحيح گهرجي. حضور جن پڇيو منهنجي صحيح ڇو گهرجي؟ تنهن تي راءِ صاحب ٻڌايو ته سردار بهادر مهاراج جن پنهنجي وڃڻ کان گهڻيئي مهنا اڳ، بئنڪ ۾ ڏيري جي سڀني کاتن ۾ سندن نالو به شامل ڪرايو هو. تڏهن حضور جن کي ياد آيو ته لالا منشيرام جيءَ، سردار بهادر جي مهاراج جن جي حڪم سان چيڪي بئنڪ جا خالي فارم صحيح ڪرڻ لاءِ وٽن موڪليا هئا، اهي ان لاءِ ئي هئا.

ڏيري جي خاص ستسنگين ۽ حضور جن جي پرِوار جي بزرگن جي راءِ سان گدي نشينيءَ جي تاريخ ۴ نومبر مقرر ڪئي ويئي. حضور جن ڪجهه ڏينهن لاءِ سڪندرپور ويا. پر اُتي به ستگروءَ جي وڇوڙي جو دک ۽ اُداسي سندن گهٽ ڪانه ٿي. ۳ نومبر هو واپس ڏيري ۾ آيا.

گدي نشينيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ، حضور جن جي وڏي

وقت حضور جن جي دوست سردار گربخشسنگهه رٽائر ۽ اُن سان گڏ لڪشميچندر ڏروماڻيءَ کين ڏنو ۽ اچي سندن چرڻن تي مٿو ٽيڪيو.

حضور جن سمجهي ويا ته سردار بهادر مهاراج جن کين ئي پنهنجو 'جانشين' مقرر ڪري ويا آهن. حضور جن جي اکين مان بي اختيار لڙڪن جي ڌارا وهڻ لڳي. من ڀرجي آيس. آواز روڪجي ويو ۽ هڪدم ڏيري طرف هلڻ لڳا. حضور جن جي ئي وچن ۾ ”اُن وقت ڏيري تائين واپس اچڻ مشڪل ٿي پيو.“ ڏيري ۾ ايندي ئي هنن پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي جذبات کي روڪي نه سگهيا.

هڪ ته پياري ستگروءَ جي وڇوڙي جو اپار شوڪ ۽ ٻيو وري گرو گديءَ جي مشڪل ذميواري! حضور جن پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نه آيا. سڄو پريوار ڏک ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا هو. ناچار پتا جي لاءِ کيتيءَ جو محنت ڀريو ڪم، جنهن لئي ڪم کان فارغ ٿي پنهنجو وقت ڏيري ۾ گذارڻ جو ٿي سوچيو. پتنيءَ اڳيان هو هڪ سياسي جيون ۽ اُهو به ٢٤ سالن جي جوانيءَ ۾! ۽ ننڍا ننڍا ٻار! ان وقت جي ڪلپنا ڪندي ئي دل ڏهلجي ٿي وڃي، پر حضور جن جي ماتا پتا ۽ ڌرمپتنيءَ ڪافي همت ۽ صبر کان ڪم ورتو. پنهنجي ڏک کي دل اندر دٻائي، پنهنجي ستگروءَ جي حڪم جي پالن ڪرڻ ۾ حضور جن جي همت افزائي ڪئي. حضور جن جي ماتا پتا ۽ پتنيءَ جي هن تياڳ ـــ لاءِ سنگت سندن هميشه شڪر گذار رهندي.

دينتا ۽ نمرتا، جيڪي سنتن جا خاص گڻ آهن، حضور جن ۾ شروع کان ئي ڪافي انداز ۾ موجود هئا. ماڻهو گرو گديءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ حيلا هلائيندا آهن ۽ گرو بڻجڻ جي تمنا

کان گھٽيءَ ٻدل ڳالهيون سنگت کي ٻڌايون ته جڏهن مهاراج چرنسنگھه جن ٻن مهنن جا ننڍڙا ٻالڪ هئا ته هنن جي ماتا پتا حضور مهاراج جن جي اڳيان اچي ڪين رکيو. حضور مهاراج جن ڏاڍو خوش ٿيا، مشڪي ڪين پيار ڪيو ۽ فرمايائون، "هيءُ ٻالڪ ڏاڍو ڀاڳ وارو آهي. خود روحاني دؤلت جو مالڪ ٿيندو ۽ ٻين کي ان دؤلت سان مالامال ڪندو."

وري بابو گلاب سنگھه جيءَ ٿوري ۾ تقرير ڪندي سردار بهادر مهاراج جن کي شرڌانجلي پيش ڪئي ۽ مهاراج چرنسنگھه جن کي عرض ڪيو ته ستگروءَ جي حڪم انوسار هو گرو گديءَ تي براجمان ٿيڻ جي ڪرپا ڪن. حضور جن پنهنجيءَ جڳهه تان اُٿيا، سنگت جي اڳيان اچي نمرتا سان متو ٽيڪيو ۽ براجمان ٿيا.

لائوڊ اسپيڪر حضور جن جي اڳيان رکيو ويو. اُن وقت حضور جن سنگت کي جيڪي وچن چيا اُهي هن طرح هئا.

"حضور مهاراج جن لاءِ منهنجي پيار، سردار بهادر مهاراج جن جي حڪم ۽ سنگت جي پريم مونکي مجبور ڪري ڇڏيو آهي ته ڏيري ۽ سنگت جي شيوا جو حڪم، جيڪو سردار بهادر مهاراج جن مونکي ڏنئي ويا آهن، اُنجي پالن ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪريان. پر جڏهن مان پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجين ڪمزورين کي ڏسان ٿو ته سمجھه ۾ نٿو اچي ۽ منهنجي دل گھٻرائجي وڃي ٿي ته سندن ايڏي وڏي حڪم جي پالنا ڪيئن ڪريان.

اِنهيءَ سوچ ويچار ۾ ٿي هيترا ڏينهن مان سنگت جو درشن ڪري نه سگھيس جنهن جي لاءِ مان سنگت کان معافي چاهيان ٿو.

مان سنگت کي صاف صاف عرض ڪرڻ چاهيان ٿو ته مان ڪنهن به قسم جي روحانيت جي دعويٰ نٿو ڪريان بلڪ

چاچي سردار ٻچنتسنگهه جن کين ٻڌايو ته سياڻي گدي نشينيءَ جي وقت هُو کين سوامي جي مهاراج جن جي پڳڙي پيش ڪندا ۽ متو ٽيڪيندا. اهو ٻڌي پنهنجي وڏي چاچي کي عرض ڪيائون، ”توهين متو نه ٽيڪجو. اهو مونکان هرگز برداشت نه ٿيندو ته منهنجا پوڄيه بزرگ مونکي متو ٽيڪين.“ پر هُو حضور جن جي ڳالهه کي مڃڻ لاءِ راضي نه ٿيا. هنن جو چوڻ هو، ”هينئر توهين منهنجا ڀائٽيا نه پر منهنجا ستگرو آهيو ۽ مان متو ضرور ٽيڪيندس.“ حضور جن جي اکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ بار بار کين متو نه ٽيڪڻ لاءِ وينتي ڪرڻ لڳا. هوڏانهن سندن چاچي جي اکين مان به پريم جا ڳوڙها وهڻ لڳا پر پنهنجي ڳالهه تي مُحڪم رهيا.

۴ نومبر 1951 گدي نشينيءَ جو ڏينهن هو. سنگت پريان پريان کان آيل هئي ۽ ستسنگ گهر جي ميدان ۾ تر ڄيتري به جڳهه ڪانه هئي. سنت پرتاپ سنگهه جي (پٽيءَ صاحب وارا) بابا ديوا سنگهه جي (ترن تارن)، گدي نشين شري رامداس صاحب جن سراءِ روهلا جا گرو ۽ ٻيا مهاتما آيا هئا. منجهند جو ٻي بجي ڪم شروع ٿيو. گروائيءَ جي پاٺ ڪانپوءِ گلاب سنگهه جيءَ، سوامي جي مهاراج جن جي هڪ نندي شبد جو مختصر ارٿ ڪيو.

بابو گلاب سنگهه جيءَ جي ستسنگ ڪانپوءِ هن ڪتاب جي ليکڪ، سردار بهادر مهاراج ڄگتسنگهه جن جي وصيت پڙهي سنگت کي ٻڌائي ۽ مهاراج چرنسنگهه جن جي باري ۾ به شبد چيا ته ڪهڙي طرح صاف دل ۽ نمرتا، ٻالپڻ کان ئي سندن سڀاءُ ۾ هئي. ڪجهه پنهنجا ۽ ڪجهه ٻين جا آزمودا ٻڌائي اهو ظاهر ڪيو ته ستگرو ديندديال ساون سنگهه مهاراج جن، کين شروع کان ئي ان ڪم لاءِ چونڊي رکيو هو. ليکڪ، ڊاڪٽر ٿيرٿرام (سڪندرپر، سرسا)

جيڪي ڳڻ هڪ سچي ستسنگيءَ ۾ هئڻ گهرجن، اُنهن مان
ڪو به ڳڻ مونکي پاڻ ۾ نظر نٿو اچي.

حضور مهاراج جن جي آخرين ڏينهن ۾ اُنهن جي چرنن ۾
رهي سندن سيوا ڪرڻ جو موقعو خوش قسمتيءَ سان مونکي
ضرور مليو پر سردار بهادر مهاراج جن ته مونکي اهڙو موقعو
به ڪونه ڏنو. مان ايترو ته بدقسمت آهيان جو سندن
سنسڪار کان به پوءِ پهتس ۽ سندن آخرين درشن به ڪونه
ڪري سگهيس. هتي اچي سندن حڪم پڙهي مان حيران ٿي
ويس. سندن هن حڪم جي خبر مونکي اُنهن خوش قسمت
پريمي ستسنگين مان پيئي جيڪي سندن اڳيان موجود هئا.
مونکي هينئر ان کانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي
ته سندن حڪم انوسار سنگت ۽ ڏيري جي سيوا ڪريان.
مان سنگت کي وينتي ٿو ڪريان ته مونکي پنهنجو هڪ
ننڍو عزيز سمجهي، ننڍو ڀاءُ سمجهي، سنگت پنهنجي ۽
ڏيري جي سيوا ڪرڻ جو موقعو ڏئي پر جيڪڏهن سنگت
مونکي ڪنهن ٻيءَ درشٽيءَ سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي
ته مان سمجهندس ته سنگت مونکي پنهنجي ۽ ڏيري جي سيوا
ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ نٿي چاهي ۽ اها مون سان هڪ
بي انصافي ٿيندي.


سردار بهادر جن جي وڃڻ جو اسان سڀني کي تمام گهرو
صدمو پهتو آهي. هينئر اسان اڃا حضور مهاراج جن جي
وڇوڙي جي ڏک کي وساري ئي نه سگهيا آهيون ته
سردار بهادر جن به اسان کي ڇڏي ويا. اهڙيون هستيون
سنسار ۾ تمام گهٽ اينديون آهن. ڪو ورلو مهان يوگيشور
ئي هنن جهڙي پوتر ۽ بي داغ زندگيءَ گذاري سگهي ٿو.
هن ڏک جي وقت اسانکي گهبرائجڻ نه گهرجي پر "سرت شبد"
جو مارگ، جيڪو هو اسانکي ڏيکاري ويا آهن، ان تي

پڪي وشواس سان هلڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. حضور سچا پاتشاهه فرمائيندا هئا ته هو سڀني سان انگ سنگ آهن. سندن اِهي وچن صرف منهنجي لاءِ نه آهن، پر سڄي سنگت جي لاءِ آهن. ڏيري جي سڀني پريمي شيوادارن کي منهنجي وينتي آهي ته جيڪا به شيوا کين هو سونپي ويا آهن، اُن کي پوري طرح نباهين.

اڄ سنگت سردار بهادر جن جي ياد ۾ دور دور کان اچي گڏ ٿي آهي. هتي اچي درشن ڏيڻ لاءِ مان سڄي سنگت جو شڪرگذار آهيان."

"مون ڪلهه به ڏيري جي ڪجهه ستسنگين کي سڏائي، عرض ڪيو هو ۽ اڄ به سڄي سنگت کي اِهو ئي عرض ڪريان ٿو ته مان پاڻ کي اُن لاءِ لائق نٿو سمجهان ته اهڙن اوچ مهاپرشن جي پڳڙي مان پنهنجي مٿي تي ٻڌي سگهان. پر حضور مهاراج جن لاءِ سنگت جي وشواس ۽ پريم جي ڪارڻ مجبور ٿي، مون پنهنجو پاڻ سنگت جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي، جيئن سنگت مناسب سمجهي، ڪري سگهي ٿي."

حضور جن جا وچن پريم ۽ ميناج سان ڀرپور هئا. سڄي سنگت، سندن دينتا ۽ نهٺائيءَ ڀريا وچن ٻڌي، پريم ۾ مگن ٿي ويئي. سڀني جي اکين مان پريم جا آنسون وهڻ لڳا ۽ سڏڪن جا آواز اچڻ لڳا. سندن نمرتا ڀريل وچن، گرونانڪ، ڪبير، پلٽو وغيره مهان سنتن جي ياد کي تازو ڪري ڇڏيو جن پنهنجو پاڻ کي "نيچ ڪرما"، "غريب بيچارا"، "لالا گولا" وغيره شبدن سان پڪاريو آهي. حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن پاڻ کي "سنگت جو داس" "داسن جو داس" ڪري سڏيندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ تمام نمرتا ڀريل لفظن جو استعمال ڪندا هئا. حقيقت ۾ سچي دينتا سنتن ۾ ئي ملي ٿي.



حضور مہاراج چرنسنگھ جی

ستگرو سچي پاتشاهہ جي داس ٻڌجي رهڻ ۾ جيڪو آنند هو، اُهو مالڪ ٻُڌجڻ ۾ ڪٿي! سندن چرنن ۾ وهڻ جو جيڪو موقعو مليو، اُها هڪ وڏي خوش قسمتي هُئي. اُنجي برابر دنيا ۾ ڪابہ نعمت ڪانهي. بندگي ۽ ڀڳتيءَ ۾ جيڪو آنند آهي، اُهو گرو ٻڌجڻ ۽ گرو گديءَ جي ذميوارين ۾ ڪونهي. جيڪڏهن سردار بهادر جن يا حضور مهاراج جن اِن باري ۾ مونکان پڇن ها تہ مان ڪڏهن بہ هن ذميواريءَ کي قبول نہ ڪريان ها. ستگرو سچي پاتشاهہ حضور مهاراج جن جي چرنن ۾ جيڪا بادشاهي مون ماڻي اُها هينئر ڪٿي!"

حضور جن جي مک مان اهڙا ستگروءَ لاءِ پريم ۽ نمرتا ڀريل وچن ٻڌي منهنجون اکيون ڀرجي آيون. مون پڇڻ چاهيو ٿي تہ ڇا "هرڪا سيوڪ سوهر جيها" نہ ٿيندو آهي؟ ڇا ستگرو سچي پاتشاهہ جن توهانکي پنهنجو نج روپ (اصلي روپ) نہ ڏنو آهي؟ ڇا شيوڪ سوامي ۽ سوامي شيوڪ نہ ٿيندو آهي؟ پر من ڀرجي آيو، آواز نہ نڪتو. آنسون وهڻ ٿي هئا ۽ مان چپ چاپ ٻاهر نڪري آيس.

حضور مهاراج چرنسنگهہ جن جي ستگرو پد تي براجمان ٿيڻ جا اِشارا ڪافي عرصي کان پهرين ملندا رهيا. هڪ دفعي ڊلهائوسي ۾ منهنجي ۽ پروفيسر جڳموهن لعل جي عرض ڪرڻ تي مهاراج ساون سنگهہ جن صاف فرمايو تہ هڪ ڏينهن هي هن ذميواريءَ کي کڻندا ۽ سنگت جي رهنمائي ڪندا. سردار بهادر مهاراج جن هنن کي جڏهن پنهنجو جانشين مقرر ڪيو تڏهن منهنجي دوست * ملڪ راڌا ڪشن هڪ ڏينهن

---

* ملڪ راڌا ڪشن پنجاب ۽ هريانا جا مشهور وڪيل آهن جن جو ذڪر پهرين اچي چڪو آهي.

حضور جن جي تشريف کان پوءِ، سردار ٻچنسنگھ جن حضور جن کي اُها * شال پهرائي جيڪا سوامي جن، بابا جئمل سنگهہ جن کي بخشي هئي ۽ جا حضور وڏا مهاراج جن ڪڏهن ستسنگ ۾ پائي ايندا هئا. حضور جن اها شال تمام گهڻي عزت ۽ پيار سان پاتي، پوءِ وڏي چاچي کين اُها پڳڙي پيش ڪئي جيڪا سوامي جي مهاراج جن کان باباجي مهاراج جن کي ملي هئي. باباجيءَ جن کان حضور مهاراج جن کي ۽ حضور مهاراج جن کان سردار بهادر جن کي ملي هئي. حضور جن اُن ڳاڙهي رنگ جي ريشمي پڳڙيءَ کي پنهنجي مستڪ سان لڳايو ۽ پنهنجي مٿي تي ٻڌائون. اُن بعد، وڏي چاچيءَ تمام گهڻي پريم ۽ عزت سان کين متو ٽيڪيو. سڄيءَ سنگت متو ٽيڪي "راڌا سوامي" ڪئي، جنهن کي حضور جن هٿ جوڙي نمرتا سان پنهنجو مستڪ جهڪائي سويڪار ڪيو. اُن وقت حضور جن جي اکين مان آنسوُ وهي رهيا هئا پر سندن چهري تي هڪ گهري گنڀير شانتي هئي ۽ سندن مک روحاني شان سان چمڪي رهيو هو. سنگت جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. سڀني جو من ڀرجي آيو ۽ سڀني جي اندر پريم جون لهرون اُٿڻ لڳيون.

مونکي ته هنن جي پهرين ملاقات مان ئي وشواس ٿي ويو ته ستگرو دين ديال جن، منش جيون جي سڀال ۽ نام دان جو مشڪل ڪم هڪ مهان هستيءَ ۽ لائق رهبر جي هٿن ۾ سونپي ويا آهن. هڪ ڏينهن جڏهن مان وٽن اڪيلو وينو هوس ته مون پنهنجي جذبات کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان تي حضور جن فرمايو "ديوان صاحب!

* هن شال جو ذڪر پهرين ڪيو ويو آهي. ڏسو صفحو ٤٠

ستسنگ ڪيو. ستسنگ جي سماپت ٿيڻ تي باباجي
مهاراج جن جا بزرگ ستسنگي بابو گلا بسنگهه جن اُٿيا ۽ چيو
ته مان ڪجهه عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. حضور جن جي اجازت
سان لائوڊ اسپيڪر جي اڳيان اچي هنن ڪيچ منٽ ڳالهايو ۽
هي عرض ڪيو :-

”حضور جن جي شيوا ۾ مان هن ڪان اڳ ٻه گهڻيئي
دفعا پرارٿنا ڪري چڪو آهيان ته هوُ نام جي بخشش شروع
ڪن. نام جا پياسي جيو تڙڦي رهيا آهن. پهرين جڏهن مان
دهلي ۾ ويو هوس ته گهڻني پريمين مونکي چيو ته هن دفعي
جيڪڏهن مهاراج جي نام دان جي بخشش نه ڪندا ته اسين،
دهلي اچڻ تي سندن مونن جي اڳيان ليٽي پونداسين ۽ نام
ڏيڻ کانسواءِ وڃڻ نه ڏينداسين. سڄي سنگت اچ آس لڳائي
ويٺي آهي. مان، اچ وري پنهنجي طرفان، سنگت ۽ نام جي
ابلاشين جي طرفان وينتي ڪريان ٿو ته حضور جن نام جي
خزاني جا دروازا کولين ۽ نام جي سڪايل جيون جي پياس
مٽائين.“

بابو گلا بسنگهه جن جي تقرير سڀني دلين تي گهرو اثر ڪيو.
سنگت جون دليون ڀرجي آيون. نام جا ابلاشي پنهنجي جذبات
جي هن صاف بيان تي نهال ٿي ويا. سنگت خاموش ويٺي
هئي. سڀني جي نظر حضور مهاراج جن جي مک تي هئي.
حضور جن جي نيڻن ۾ نير ڀرجي آيو هو. هنن بابو گلا بسنگهه جن
جي تقرير جي جواب ۾ فرمايو، ”هن کان اڳ ٻه بابو جي
۽ بزرگ ستسنگي مونکي نام ڏيڻ لاءِ عرض ڪري چڪا
آهن. حضور سردار بهادر جن به مونکي حڪم فرمائي ويا
آهن. مان ته ستگرن ۽ سنگت جو داس آهيان......“
حضور جن وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيا. من ڀرجي آيو.
ڳالهائڻ مشڪل ٿي پيو ۽ نيڻن مان نير وهڻ لڳو. سڄي سنگت

ٻڌايو ته حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ته، گهڻو وقت اڳ، هنن جي گرو گدي سنڀالڻ جي باري ۾ مونکي ٻڌايو هو.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن فيبروري ١٩٥٢ جي ماهواري ستسنگ جي وقت پنهنجو پهريون ستسنگ فرمايو. هنن تلسي صاحب جن جو شبد ”دل کا حجرا صاف کر جانا کي آني کي ليئي“ کنيو ۽ ڏاڍي پريم سان اُن جو ڀاوُ ارٿ سمجهايو. سندن مڌر ۽ امرت ڀريا وچن ٻڌي سنگت نهال ٿي وئي. ڀائي شادي ۽ ايترو خوش ٿيو جو اُن جو چهرو خوشيءَ وچان ٻاڙهو ٿي ويو. چئني طرفن جو وايو منڊل آتساهه ۽ روحانيت سان ڀرجي ويو.

پر اڃا تائين حضور جن نام دان جي بخشيش شروع کونه ڪئي هئي. جيو تڙپي رهيا هئا. حضور جن کي ماڻهن عرض ڪيو ۽ پراڻن بزرگ، ستسنگين التجا ڪئي ته نام دان ڏيڻ شروع ڪن، پر موج نه ٿي. اپريل ١٩٥٢ ۾ آميريڪا جي هڪ استري شريمتي ڪزنگر ڏيري آئي، حضور جن جي درشن ۽ ستسنگ، هن تي ڪافي اثر ڪيو. نام جي بخشيش لاءِ پرارٿنا ڪرڻ لڳي. حضور جن پنهنجي ديا ڪري ١ اپريل ١٩٥٢ تي گيس نام دان بخشيو. ان کانپوءِ ٥ جون ١٩٥٣ حضور جن ڏيري جي موجوده سيڪريٽري شري ڪنا جي ماتا، ڌرمپتني شريمتي ستيه وتي ڪنا ۽ سندن پٽ شري جتيندر ڪنا کي نام بخشيو. پر اڃا تائين حضور جن نام جي عام بخشيش شروع نه ڪئي هئي.

آرتوار ٢٥ آڪٽوبر ١٩٥٣ جي ڏينهن حضور سردار بهادر مهاراج جن جو ڀنڊارو هو. سنگت ڪافي تعداد ۾ آئي هئي. ستسنگ، گهر جو ميدان ڀرجي ويو هو. حضور مهاراج چرنسنگهه جن اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ جو، ڪافي تاثير ڀريو

سمانجهي ويا ته شريمتي آليويئر حضور مهاراج چرنسنگهه جن کي نامدان لاءِ عرض ڪيو. حضور جن جواب ڏنو ته مون نامُ ڏيڻ شروع ڪونه ڪيو آهي. جڏهن شروع ڪندس ته توکي اطلاع ڏنو ويندو. ٢٦ آڪٽوبر جي صبوح جو شريمتي آليويئر ڊربن ۾ جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي ڪجهه پڙهي رهي هئي ته اوچتو هن کي ائين لڳو ته ڪو تيجسوي سروپ هن جي سامهون اچي چئي ويو ته نامدان شروع ٿي ويو آهي، تون اچي سگهين ٿي. شريمتي آليويئر اجا تائين حضور جن جو ڪو به فوٽو ڪونه ڏٺو هو. پر هن کي ان انداز لڳائڻ ۾ دير ڪانه لڳي ته هيءَ دلڪش ۽ موهيندڙ هستي ڪير هئي. هيءُ تجربو ايترو ته صاف هو جو هن هڪدم سفر جي تياري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ستن ڏينهن جي اندر سامونڊي جهاز ۾ ڀارت طرف رواني ٿي ويئي. مدي جي تپ ۽ وڏي ماتا جا ٽڪا هن سڀ گڏ ٿي هٽايا جنهن ڪري هن سامونڊي ياترا بخار ۽ بي آراميءَ ۾ گذاري. نومبر ۾ ڏيري پهتي ۽ ١ جنوري ١٩٥٤ تي کيس حضور جن نامدان بخشيو.

٣- راڌا سوامي ستسنگ بياس

سوسائٽيءَ جو نرماڻ

دنيا جا ماڻهو، جن کي اصليت جو گيان ڪونهي، سمجهندا آهن ته ستگرو ٻڌڻ شايد ڪو وڏو فائديمند سؤدو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن دنيادار، خود غرض ۽ لالچي ماڻهوءَ لاءِ گرو ٻڌڻ فائديمند هجي، پر حضور مهاراج چرنسنگهه جن ۽ سندن پروار کي جيڪو سندن گرو ٻڌڻ ۾ فائدو پهتو اُنجو انداز هيٺ ڏنل ڳالهين مان صاف لڳي

ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. حضور جن ڪجهه دير ترسي وري ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي پر وري به مَن ڀرجي آين.

ٻئي ڏينهن ۲۶ آڪٽوبر ۱۹۵۳، ستگرو دين ديال پنهنجي ديا مهر جو ڀنڊار کولي ڇڏيو ۽ ۹ بجي صبوح جو نام دان جي بخشيش شروع ڪئي. حضور جن پنهنجي ڪوٺيءَ مان نڪتا ۽ وڏن مهاراج جن جي ڪوٺيءَ ۾ ويا. سنگت رستي جي ٻنهي پاسن کان درشن لاءِ بيٺي هئي. سردار بهادر مهاراج جن جي ڏنل شال ڪين پيئي هئي، جنهن جو ذڪر اڳ* ۾ اچي چڪو آهي. جڏهن هو حضور مهاراج جن جي ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪتا تڏهن سندن مک تي هڪ عجيب روحاني پرڪاش هو. سنگت کي درشن سان نهال ڪندي، وڏي ستسنگ گهر ۾ پهتا ۽ نام جي بخشيش شروع ڪيائون.

اهڙي طرح وديش ۾ به نام جي بخشيش، جيڪا سردار بهادر مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کان پوءِ بند ٿي ويئي هئي، واپس شروع ٿي ويئي. وديش ۾ حضور جن جي ستسنگين ۽ نام جي پرچار جو ورنن اڳيان ڪيو ويندو.

هتي نام دان سان لاڳاپو رکندڙ هڪ واقعي جو بيان ڏنو وڃي ٿو.

ڏکڻ آفريڪا جي ڊربن شهر ۾ رهندڙ هڪ ورڌ اوستا جي استري شريمتي ايمي - آليويئر گهڻن سالن کان سنت مت ۾ دلچسپي وٺي رهي هئي. هن سردار بهادر مهاراج جن کي چٺي لکي نام دان جي لاءِ پرارٿنا ڪئي. جواب مليس ته اڃا سندس وقت ڪونه آيو آهي. وقت اچڻ تي نام دان جو انتظام ڪيو ويندو.

سنه ۱۹۵۱ ۾ جڏهن حضور سردار بهادر جن جوتي جوت

---

* ڏسو صفحو ۳۴۰

پنهنجو پرمارٿي ڌن، جيئن ٻه چاهي استعمال ڪري سگهي ٿو. پنهنجي شيوڪن وٽان مليل هر پرڪار جي ڀيٽا ۽ شيوا ۽ پنهنجي ستگروءَ وٽان مليل پورو ڌن، هنن جو پنهنجو ڌن سمجهيو ويندو آهي ۽ اهڙي ڌن کي استعمال ڪرڻ جي حق تي ڪو ٻه بندش يا روڪ ڪانهي. پر ڏيري جي سڀني ستگرو صاحبن ان ڌن کي پنهنجي لاءِ استعمال نه ڪيو آهي. سنگت وٽان ڏنل ڀيٽا ۽ سمورو پرمارٿي ڌن، هميشه ستسنگ جي واڌاري، ترقي ۽ سنگت جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ۾ آندو ويندو آهي.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن ١٩٥٧ ۾ سڀ پرمارٿي ڌن دولت لاءِ هڪ ٽرسٽ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. جڏهن هنن اهو ويچار راءِ صاحب منشيرام، راءِ بهادر شنڪرداس ۽ ڪجهه ٻين بزرگ، ستسنگين جي اڳيان رکيو تڏهن انهن، ان ويچار جي مخالفت ڪئي ۽ عرض ڪيو ته سنت مت جي بنيادي اصول ۽ رواج موجب، هن سڀ روحاني جائداد ۽ شيوا ۾ آيل ڌن جا هو خود مالڪ آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه سندن نالي تي ئي هئڻ گهرجي. پر حضور جن فرمايو، "شروع کان ئي ڏيري جا ستگرو ان ڌن کي سنگت جي امانت جي روپ ۾ رکندا ۽ سنڀاليندا آيا آهن. حقيقت ۾ مان انجو ٽرسٽي آهيان. تنهنڪري مان چاهيان ٿو ته ان اصول ۽ رواج کي قانوني روپ ڏنو وڃي جيئن آئينده لاءِ هڪ دائمي بندوبست هجي ۽ ڏيري جو سڀ ڪم، سٺي ڍنگ سان هلندو رهي." حضور جن اهو ٻه سمجهيو ته اهڙي طرح انتظام ڪرڻ سان حضور جن کي ستسنگ ۽ سنگت جي شيوا لاءِ وڌيڪ وقت ملي سگهندو.

اهڙي طرح حضور جن پاڻ کي سڀ جائداد جو ٽرسٽي مقرر ڪيو ۽ ٢٥ آڪٽوبر ١٩٥٧ تي هڪ "رجسٽرڊ دستاويز"

سگهي ٿو.

مهاراج چرنسنگهه جن پنهنجي علائقي جي مشهور وڪيلن ۾ ڳڻيا ويندا هئا ۽ وڪالت مان ٻن هزارن کان به وڌيڪ سندن ماهوار آمدني هئي. هنن کي هڪ وڏي فارم آهي جنهن ۾ هڪ کنڊ جو ڪارخانو آهي. سرسي ۾ رهي وڪالت سان گڏ پنهنجي کيتيءَ ۽ کنڊ جي ڪارخاني جي ديک ڀال به ڪري سگهيا ٿي. گديءَ تي ٻراجمان ٿيڻ ڪانپوءِ سرسي ڇڏڻ جو نتيجو اهو نڪتو ته کين وڪالت جي آمدنيءَ جي قرباني ڪرڻي پيئي ۽ ٻيو کيتي ۽ کنڊ جي ڪارخاني جي سنڀال لاءِ هنن جي ڀاءُ ڪپتان پرشوتمسنگهه کي پنهنجي فوجي نوڪريءَ مان استعفا ڏيڻي پيئي. ڪپتان پرشوتمسنگهه جن جي ڳڻپ وڏن بهادر ۽ قابل آفيسرن ۾ ڪئي ويندي هئي ۽ جلد ئي ميجر ٿيڻ وارا هئا. اڄ هنن جا ساٿي ڪرنل ۽ برگيڊيئر بڻجي ويا آهن.

هتي اهو بيان ڪرڻ بي مناسب نه ٿيندو ته سنگت جي ڀيٽا يا شيوا ۾ ڏنل ڌن مان هنن ڪڏهن به هڪ پئسو پنهنجي لاءِ يا پنهنجي پرٻوار لاءِ خرچ ڪونه ڪيو. هنن جو ۽ هنن کان اڳ سڀني ستگرو صاحبن جو اهوئي اُصول رهيو آهي ۽ هوءُ هميشه ان تي محڪم ازادي ۽ ايمانداري سان هلندا رهيا آهن. اهائي سچن سنتن جي نشاني آهي. سنساري ماڻهو ته ڌن دولت جي پٺيان مست ٿي ڦرندا آهن ۽ اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ يا دوکي ڏيڻ کان به باز نه ايندا آهن. پر سنت هميشه پنهنجي حق حلال جي ڪمائيءَ تي گذران ڪن ٿا ۽ اُن ۾ ئي راضي ۽ خوش رهن ٿا.

اهو سنت مت ۽ خاص ڪري راڌا سوامي مت جو بنيادي اُصول آهي ته ستگرو ديهه ڌاري پرماتما ٿيندو آهي ۽ هوءُ

شري رامجي داس آهلوواليه ايم. اي.
(رٽائرڊ ايجنٽ، امپيريل بئنڪ آف انڊيا)
شري ملڪ راڌا ڪشن کنا ايم. اي.، ايل. ايل. بي.
(ائڊووڪيٽ حصار)
لالا تاراچند اگروال، پي. سي. ايس.
(ڊپٽي ڪسٽوڊين جنرل ڀارت سرڪار)
شري ڪشوريلعل ڀارگو (واپاري دهلي)
شري سوميشور سهاءِ ڀارگو (واپاري)
شري اي رنگاراو نئڊو (واپاري ناگپور)
شري ليلارام شامداس ڏاسواڻي (واپاري)
راءِ بهادر شنڪرداس بي. اي.، ايل. ايل. بي.
(ائڊووڪيٽ، رٽائرڊ پبلڪ پراسيڪيوٽر)
شري دامودرداس آءِ. اي. ايس. (سرڪاري آفيسر)
سردار گلابسنگهه بندوا (رٽائرڊ سرڪاري ڪرمچاري)

سردار گلابسنگهه بندوا سوسائٽيءَ جو پهريون سپاهي هو. هيءُ هڪ بزرگ ستسنگي هو. باباجي مهاراج جن هن کي نام جي بخشش ڏني ۽ پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي هيٺان ڪم ڪري چڪو هو ۽ حضور جن وٽ گهڻيئي سال رهي چڪو هو. سردار گلابسنگهه جي ديهانت کانپوءِ راجا صاحب سانگلي شريمنت چنتامڻ راو آپا صاحب پٽوردن ڪي. سي. ايس. آءِ، پدم ڀوشڻ سپاهي بڻيو. اُن کان پوءِ راڻي لڪشمي ٻائي راجواڙي ايم-آر-سي-ايس (ڌرمپتني ميجر جنرل سرگواسي راجواڙي) سپاهي بڻي.

سوسائٽيءَ جا پهريان ڪاروبار هلائيندڙ ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا :-

۱- شري راءِ صاحب منشيرام، ايم. اي. (چيئرمن)

ذريعي ان اِڇا کي قانوني روپ ڏنو. اُنهيءَ ڏينهن تي حضور جن ان سڄي جائداد کي "رجسٽرڊ ٽرسٽ سوسائٽي راڌا سوامي ستسنگ، بياس" جي نالي سپرد ڪري ڇڏيو. راڌا سوامي ستسنگ، بياس ١١ آڪٽوبر ١٩٥٧ تي رجسٽريشن ائڪٽ ٢١ (١٨٦٠) موجب رجسٽر ڪئي وئي هئي.

سوسائٽيءَ جو روحاني مقصد هيٺ ڏجي ٿو:-

راڌا سوامي مت جي اُنهن روحاني ۽ اخلاقي سڌانتن جو پرچار ۽ ترقي ڪرڻ، جن جو راڌا سوامي بياس جي سنت ستگرو صاحبن ڪيو هو.

سوسائٽي جي اصولن ۾ انتظام سان لاڳاپيو رکندڙ ڪيئي ڪم به آهن. ان مان ڪجھ آهن، ڏيري ۽ ڏيري جي ٻاهر ٻين شهرن ۾ ستسنگ جو انتظام ڪرڻ، لنگر جو بندوبست ڪرڻ، سادن شيوادارن ۽ ستسنگين جي رهڻ جو انتظام ڪرڻ ۽ اُنهن جي ضرورتن ۽ آرام جو خيال رکڻ. راڌا سوامي مت جي ساهتيه جي ڇپائڻ ۽ وڪڻڻ جو انتظام ۽ ڀارت ۽ وديش ۾ اهڙي ساهتيه جو پرچار ڪرڻ، ڪالوني ۾ هڪ اسپتال، پستڪاليه ۽ ريڊنگ روم هلائڻ جو انتظام، راڌا سوامي ڪالوني بياس، ستسنگ گهرن ۽ ستسنگ جي ٻين جائدادن جي ديک ڀال بندوبست ۽ ترقيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن، حضور وڏن مهاراج جن ۽ سردار بهادر مهاراج جن جي وشواس يوڳيه ستسنگين مان هيٺين ستسنگين کي هن سوسائٽيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو:-

مهاراج چرنسنگهه گريوال سنيالينڊز (سرنڪشڪ)
شري جڳموهن لعل (رٽائرڊ وائيس پرنسيپال)
راءِ صاحب منشيرام. ايم. اي. (رٽائرڊ ضلع ۽ سيشن جج)
شريمتي پرڪاشوتي سوڍ ايم. ايل. اي.
(اُپ منتري سماج- ڪلياڻ ويڀاڳ، (اُتر پرديش)

جيڪو حضور جن ڏيري ۾ ڪيو، ان جي پوري اهميت ۽ مستقبل تي، ان جي اثر جو انداز ته تواريخ نويس ئي لڳائي سگهندا. مهاتما گانڌيءَ ۽ آزاديءَ کان پوءِ جواهر لعل نهروءَ ۽ اُنجي سرڪار، قانون ذريعي ديش ۾ ڇوت ڇات کي ختم ڪرڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪئي. پر ڀنگي چمار وغيره کي هريجن سڏڻ کانپوءِ به هو اڇوت ئي رهيا. ڪبير صاحب، رويداس وغيره اعليٰ درجي جي مهاتمائن انهن جاتين ۾ جنم ورتو. تنهن هوندي به اهي جاتيون سماج ۾ ٻين وڏين جاتين جي درجي تائين پهچي نه سگهيون. هن ڪيترين صدين جي پراڻي بيماريءَ جو علاج ڪو ورلو ئي ڪري سگهيو ٿي. سنتجڳ کان وٺي اڄ تائين ان مسئلي جو علاج رشين منين، ودوانن ۽ سماج سڌارڪن جي سمجهه کان ٻاهر رهيو. شري رامچندر جيءَ جي زماني ۾ هڪ شودر کي شاسترن جي پڙهڻ جي اپراڌ ڪارڻ موت جي سزا ڏني وئي. رام ڀڳتڻي ڀيلڻي شبريءَ جي مثال جي ته سڀني کي خبر آهي ته ڪهڙي طرح رشين جي ڪنيائن (ڇوڪرين) جي اڳيان ڀاري پاڻ ۽ تلاءَ جي پاڻيءَ کي ڇهڻ ڪري هن جي بي عزتي ڪئي وئي هئي. پنجاب ۽ اُتر پرديش ۾ هريجن جي هٿ جو ڇهيل ڀوڄن به نه کاڌو ويندو هو ۽ اُنهن کي اوچ درجي وارين جاتين جي کوهن تان پاڻي ڀرڻ ۽ اُنهن جي مندرن ۾ پوڄا ڪرڻ جو حق به ڪونه هو. ڏکڻ ڀارت ۾ ته هريجن جي پاڇي کان به پاڻ کي بچايو ويندو هو.

سنتن ڪڏهن به ذات پات جو ڀيد نه رکيو. باباجن جي ستسنگين ۾ هندو مسلمان براهمڻ هريجن سڀني جاتين جا ماڻهو هئا. اُن زماني ۾ به باباجن پنهنجي سڀني جاتين جي ستسنگين جي گهرن ۾ وڃي ستسنگ ڪندا هئا. اهڙي طرح ڪانگڙا ضلعي جي پهاڙي علائقن ۾ حضور مهاراج ساون سنگهه جن جا

٢- شري رامچنداس آهلوُواليه ايم. اي. (سيڪريٽري)
٣- ديوان ليلارام شامداس ڏاسواڻي (ميمبر)

راءِ صاحب منشيرام جي ديهانت کانپوءِ شري تاراچند اگروال ڪاروباري ڪاميٽي جو چيئرمن بڻيو. شري رامچنداس آهلوُواليا جي ديهانت کانپوءِ شري ڪي- ايل- کنا کي ٽرسٽ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. لڳاتار بيمار رهڻ ڪري لالا تاراچند جي اگروال استعفا ڏني آهي ۽ هنجي جڳهه تي شري جال- پي- قاصد (بمبئي جو هڪ رٽايرڊ پارسي واپاري) چيئرمن ٿيو آهي. سوسائٽيءَ جي سياڻن ۾ ڪجهه خاص پراڻن ستسنگين کي ب ڪوٺايو ويندو آهي جيئن اُنهن جي آزمودن جو فائدو وٺي سگهجي.

سوسائٽيءَ جا قاعدا ۽ قانون، باقاعدي ڇپيل آهن ۽ اُنهن موجب سڄو ڪاروبار هلايو ويندو آهي. ڏيري جو ۽ ڏيري کان ٻاهر ستسنگ، گهرن جو سڄو انتظام ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن جي رهنمائيءَ ۾ سوسائٽي تمام سٺي نموني ڪري رهي آهي. سوسائٽيءَ جو باقاعدي حساب ڪتاب رکيو ويندو آهي. ۽ هر سال اُن جي آڊٽ ٿيندي آهي. ڪو ب ستسنگي حساب ڏسي سگهي ٿو. حساب ۽ ساليانيءَ رپورٽ جا نقل (ڪاپيون) ديش ۽ وديش جي ستسنگ، گهرن جي سيڪريٽري صاحبن کي موڪليون وينديون آهن. ڏيري جي سيني وڀاڳن جو ڪم الڳ، الڳ، ميمبرن ۽ قابل شيوادارن جي حوالي آهي. هي ميمبر ۽ شيوادار آزمودگار ۽ وڏن عهدن تان رٽاير ٿيل آهن ۽ ڏيري ۾ رهي تمام گهڻي قابليت، محنت ۽ ايمانداريءَ سان بنا پگهار شيوا ڪري رهيا آهن.

٤- هڪ اهميت ڀريو ستارو

هتي مان اُن بنيادي سماج ستاريءَ جو ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان

پرماتما جي نه ڪا قوم آهي، نه اُنجو ڪو مذهب ۽ نه ڪو ملڪ آهي. پرماتما انسان کي ٺاهيو آهي. هيءُ قومون ۽ مذهب ته اسان جا ٺاهيل آهن. اسانجي آتما اُن پرماتما جو هڪ انش آهي، اُن ستنام روپي سمنڊ جي بوند آهي. جيڪڏهن سمنڊ جي ڪا ذات ڪانهي، ته پوءِ بوند جي ڪهڙي ذات پات ٿي سگهي ٿي! جڏهن سورج جي ڪا ذات ڪانهي ته ڪرڻي جي ڪهڙي ذات ٿي سگهي ٿي!"

اسين هن دنيا جا انسان، اجايو اِنهن ذات پات، قومن مذهبن جي جهيڙن ۾ ڦاسجي ويا آهيون. اسان سڀني کي پنهنجي ذات پات کي هٽائي ڇڏي وڃڻو آهي. نه اڄ تائين اِهي ذاتيون پاتيون ڪنهن سان گڏ ويون آهن ۽ نه ڪڏهن وڃي سگهن ٿيون. اُتي ڪو به اهو نه پڇندو ته تون هندو آهين يا مسلمان، سک آهين يا عيسائي؟ يا تون هندستان مان آيو آهين يا آمريڪا مان يا آفريڪا مان؟ اُتي اسانجا ڪرم ڏٺا ويندا، اسانجو ڀڳتي ڀاءُ ڏٺو ويندو. مشهور مسلمان فقير بلي شاهه به اِئين ٿا فرمائين-

"عملان اُتي هون نبيڙي، ڪڙي رهن ڳٺان جاتان"

جيڪو پنهنجي عملن ۽ ڪرمن طرف ڌيان ڏيندو آهي اُن جو ئي نبيرو ٿيندو آهي. اُنجو ئي حساب ڪتاب ختم ٿيندو آهي، جنهن کي پنهنجي ذات پات جو اهنڪار آهي، انکي اُتي ڪير به نه پڇندو. پلٽوُ صاحب جن فرمائين ٿا-

"پلٽو اونچي جات ڪا مت ڪوئي ڪري هنڪار
صاحب کي دربار ۾ ڪيول ڀڳت پيار."

"پرماتما هڪ آهي. اُنهيءَ اسان سڀني کي پيدا ڪيو آهي. هر انسان کي هن اکيون، نڪ، ڪن، هٿ، پير وغيره هڪجهڙا ڏنا آهن. موسم جي فرق هئڻ سبب اسانجي رنگ، روپ ۾ برابر ڪجهه تبديلي ٿي وڃي ٿي. پر مالڪ جي

گهڻيئي ستسنگي رامداسين (هريجن) مان هئا ۽ اُنهن جي گهر وڃندا هئا، درشن ڏيندا هئا ۽ ستسنگ ڪندا هئا. سردار بهادر مهاراج جن به ڪڏهن ڀيد ڀاؤ جو ويچار نه ڪيو. هنن به پهاڙي علائقن جي دؤرن ۾ هريجنن جي گهرن ۾ ستسنگ ڪيو ۽ اُنهن جي گهرن ۾ پنهنجا چرن ڪمل گهمايا پر اجا تائين سنگت جي دل ۾ پراڻا سنسڪار گهر ڪيو ويٺا هئا ۽ بين ڪيترن ئي جڳهين تي سنگت، هريجن ستسنگين سان گڏ ڀوڄن ڪونه ڪندي هئي. لنگر ۾ هريجن الڳ کاڌو کائيندا هئا ۽ پهاڙن ۾ رامداسين جو لنگر الڳ ٿيندو هو.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن سنگت ۾ هن ڀيد ڀاو جي وهنوار کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. گدي نشين ٿيڻ کان ڪجهه وقت پوءِ حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي جنم ڏن جي ڀنڊاري وقت، هڪ ڏينهن هنن سنگت کي فرمايو، "مان ڪجهه وقت کان هڪ گنڀير ۽ ضروري ڳالهه تي ويچار ڪري رهيو آهيان، جيڪا اڄ سنگت جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. هر ڌرم ۽ جاتيءَ جا نيتا، سڀ اوتار پيغمبر، رشي مني ۽ ويد قران، بائيبل وغيرهه سڀ ڌارمڪ گرنٿ ان ڳالهه کي مڃين ٿا ته پرماتما اسان سڀني جو پتا آهي ۽ هندو، مسلمان، سک، عيسائي، جين، ٻڌ وغيرهه سڀ انسان هن جا ٻالڪ آهن. هندستان، چين، جپان وغيرهه ديشن جو به مالڪ اُهوئي آهي ۽ عرب ايران امريڪا، افريڪا وغيرهه جو به اُهوئي سوامي ۽ ڪرتار آهي. نه اُن پرماتما جي ڪا ذات آهي ۽ نه ئي اسانجي آتما جي ڪا ذات آهي. ڪنهن به اڄ تائين ائين نه چيو آهي ته پرماتما هندو آهي يا هو سک آهي، عيسائي آهي يا مسلمان آهي. مسلمان فقير به هن کي "رب العالمين" چئي پڪارين ٿا. يعني اهو رب يا پرماتما جيڪو سڄي عالم (سنسار) جو هڪ ئي آهي، اُن

جيڪو وڏا وڏا سماج سڌارڪ به نه ڪري سگهيا. انڪري ڪجهه پراڻن ستسنگين حضور جن کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن لنگر ۾ سڀني کي گڏ وهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته سنگت ۾ اَشانتي ڦهلجي وڃڻ جو انديشو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته سنگت ڏيري ۾ اچڻ گهٽ ڪري ڇڏي. پر حضور جن اُنهن کي پيار سان سمجهايو ۽ پنهنجي فيصلي تي قائم رهيا. جنهن ڏينهن پهريون دفعو سڀني ذاتين جي ماڻهن کي گڏ کاڌو کارائڻ شروع ڪرڻ وارا هئا، مهاراج جن خود لنگر ۾ ويا. پر حضور جن ڏٺو ته جيتوڻيڪ هريجنن جي قطار الڳ نه هئي تنهن هوندي به باقي سنگت جي قطارن کان ٿورو پري هئي ۽ هو سڀ گڏ ويٺا هئا. اِهو صاف هو ته ڀيد ڀاؤ جي ڀاونا اڃا تائين لڪل روپ ۾ موجود هئي. اِهو ڏسي حضور جن خود هريجنن جي قطار ۾ ويهي رهيا. حضور جن کي هنن قطار ۾ ويهندو ڏسي، راءِ صاحب منشيرام، اُنوقت جي ڀنڊاري شري جڳناٿ ۽ ڏيري جي ٻين ڪجهه خاص شيوادارن به اُن قطار ۾ ويهي ڀوڄن کاڌو.

اُن ڪانپوءِ حضور جن ڏيري جي سڀني آفيسرن، پراڻن ستسنگين، شيوادارن، ستسنگ ڪنڊڪٽرن وغيره کي پنهنجي گهر ڀوڄن لاءِ دعوت ڏني. اُنهن ۾ براهمڻ، وئش، شودر، هندو، سک، مسلمان وغيره سڀني ذاتين جا ماڻهو هئا. حضور جن سڀني کي گڏ وهاريو. حضور جن جي ڪٽنب جي ڀاتين ڏاڍي پيار ۽ عزت سان سڀني کي ڀوڄن کارايو ۽ حضور جن پنهنجي هٿ سان سڀني کي پرساد ورهايو. اهڙي طرح حضور جن جي پنهنجي مثال ۽ ديا مهر سان جلدي لنگر ۾ براهمڻ، راجپوت وئش ۽ شودر، هندو، سک، عيسائي، ۽ مسلمان سڀ پنهنجو ڀيد ڀاؤ ڀلجي گڏ ڀوڄن کائڻ لڳا. لنگر هينئر اِيترو ته وڏي ويو آهي جو هڪ دفعي ۾ سٺ سٺ

بخشيش اسان سڀني کي هڪ جهڙي ڏني آهي. جڏهن پرماتما اسان سڀني جي اندر آهي، اسين سڀ هن جا ٻالڪ آهيون، هن جو انش آهيون، تنهن هوندي به جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان نفرت ڪري ٿو ته هو پرماتما سان نفرت ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪير ڪنهن انسان کي نيچ يا اڇوت سمجهي رهيو آهي ته هو دراصل ان مالڪ کي اڇوت سمجهي رهيو آهي. هرهڪ جي اندر اهو پرماتما ويٺو آهي. اسين خراب يا نيچ ڪنهن کي ٿا چئي سگهون!

ستسنگين ۾ ذات پات جو ڀيد ڀاؤ نه هئڻ گهرجي. اسين سڀ ستسنگي پاڻ ۾ ڀائر آهيون اسان ۾ ڪو به اوچ يا نيچ ڪونهي، ڪو به اُتم يا اَڇوت ڪونهي. اسان سڀني جو پتا ستپرش آهي ۽ اسانجي ذات ۽ قوم ستنام آهي. ان ڪري مان سنگت کي وينتي ڪريان ٿو ته اڄ کان ستسنگ ۾ يا لنگر ۾ ڪنهن به قسم جو ڀيد ڀاءُ جو ورتاءُ نه ڪيو وڃي. هڪ صاف سٿري ستسنگيءَ کي، ڇاهي هو ڪهڙي به نيچ ذات جو هجي، لنگر ۾ ڀوڄن ٺاهڻ ۽ پائڻ جو اوترو ئي حق آهي جيترو ڪنهن به ٻيءَ ذات جي ماڻهوءَ کي آهي. لنگر جو دوار سڀني جي لاءِ کليل آهي، جيڪو چاهي شيوا ڪري. تنهن ڪري سڀ سنگت گڏ ويهي پريم پيار سان گڏجي ڀوڄن ڪري."

حضور جن کي خبر پيئي ته اسين ڪيترا تنگ دل ۽ پراڻن سنسڪارن جا پوڄاري آهيون، ان ڪري هنن آخر ۾ فرمايو، "جيڪي ماڻهو ستسنگ ۾ اچي به اهڙي پرڪار جي اوچ نيچ جو خيال ڪن ٿا اُنهن جو ستسنگ ۾ اچڻ جو ڪهڙو فائدو آهي. مان عرض ڪندس ته هتي اچي اهڙي طرح ڀيد ڀاؤ جو ورتاءُ نه ڪن." هرهڪ نئين سڌاري جي خلافت ته ٿيندي آهي ۽ هيءَ ته هڪ اهڙو سڌار هو

جو سامان به هو. ڪجھ براهمڻ ۽ پروهت به، جن کي شايد امرناٿ ۾ پوڄا وغيره ڪرائڻ جو خاص حق هو، سيني کان اڳ لنيون ڪٽي هلي رهيا هئا. گهڻيئي ياتري جن ۾ گهڻو انداز ساڌن جو هو پنڌ هلي رهيا هئا. ڪافي ڀاڙي جي گهوڙن تي سوار هئا. مون به هڪ گهوڙو ڀاڙي تي ڪيو. پهلگام ۽ چندن باڙيءَ جي برف جي پل تائين ته ڪو به خاص واقعو ڪو نه ٿيو. پر اڳيان هلي جڏهن اسين ١٤-١٥ هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي پهتاسين ته مونکي ڪجهه گهٻراهٽ ٿيڻ لڳي. اسين هڪ سوڙهي پهاڙي رستي تان هلي رهيا هئاسين. رستو ايترو ته سوڙهو هو جو اسين هڪ قطار ۾ هڪ ٻئي جي پٺيان وڃي رهيا هئاسين. مان گهوڙي تي سوار هوس. خبر ڪونهي ته پهاڙي گهوڙن ۽ گهوڙي وارن کي گهري کاهيءَ جي ڪناري تي هلڻ جي عادت ڇو ٿيندي آهي. مون گهوڙي کي کاهيءَ جي ڪناري کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ان کاهيءَ جي طرف ئي هلندو رهيو. اها کاهي به هزارين فوٽ اونهي هئي. جيڪڏهن ڪير ڪري پوي ته سندس هڏ گڏ ڀڄي پون. اوچتو منهنجي اکين جي اڳيان اندڪار ڇانئجڻ لڳو. ائين ڀاسجڻ لڳو ته بيهوشي اچڻ واري آهي. مون پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجھ اڳيان هلڻ کانپوءِ مان بيهوش ٿي ويس ۽ مان گهوڙي تان کاهيءَ ۾ ڪري پيس. ٿورو هوش هو ۽ مون ڏٺو ته هڪ موهيندڙ سک سڄڻ، جنهن کي اڇا ڪپڙا پيل هئا، مونکي پنهنجين مضبوط ٻانهن ۾ سنڀاليو. صرف هڪ دفعو ان سندر مکڙي ۽ نوراني نيڻن کي ڏٺم ۽ وري مان بيهوش ٿي ويس. خبر ڪونهي ڪيتري دير تائين بيهوش رهيس، شايد ٥-١٠ منٽ رهيو هوندس. جڏهن ڪجهه هوش آيو، ڏٺم ته منهنجو مٿو انهيءَ سڄڻ جي گود

هزار ماڻهو گڏ ويهي ڪاتو ڪائيندا آهن.

حضور جن جي هن سُتار جو اثر آهستي آهستي ٻاهرين سينٽرن ۾ به ٿيڻ لڳو. اڄ جتي به حضور جن جي ستسنگ جي پروگرام وقت لنگر جو بندوبست ٿيو ويندو آهي، اُتي سڀ ماڻهو گڏ ويهي ڀوڄن ڪندا آهن. ڪانگڙا ضلعي ۾ جتي ستسنگين ۾ براهمڻن، راجپوتن ۽ رامداسين (هريجنن) جو گهڻو تعداد آهي اُتي به جڏهن حضور جن ستسنگ لاءِ ويندا آهن ته سڀني جي لاءِ هڪ ئي لنگر هلندو آهي ۽ سڀ پريم سان هڪ قطار ۾ گڏجي ڪاتو ڪائيندا آهن.

٥- ستگرو جن جي ديا مهر جا ڪجھ ورتانت

١. ستگرو ڪهڙي طرح جيئون کي پنهنجن چرنن ۾ گهرائيندا آهن؟

ڪلڪتي جي هڪ ڪاليج ۾ فلسفيءَ جي پروفيسر شري گهوشال پنهنجو تجربو هن طرح بيان ڪيو-

”گذريل سال جڏهن ڪاليج ۾ گرمين جون موڪلون ٿيون ته مون ڪشمير ۽ امرناٿ جي ياترا ڪرڻ جو اِرادو ڪيو. اِهو سفر اٽڪل ڏيڍ ٻه هزار لنبو هو. پر امرناٿ جا پهاڙ جيڪي هزارن فوٽن جي اوچائيءَ تائين برف سان ڍڪيل هئا ۽ هڪ غفا جي موهيندڙ، عجيب ۽ غريب ڪٿائن منهنجي دل ۾ ايترو ته شوق پيدا ڪيو جو مون ان ياترا ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. ڪجھ دوستن کي گڏ هلڻ لاءِ چيم پر ڪو به تيار ڪونه ٿيو. آخر ۾ ڪلڪتي مان اڪيلوئي هن ياترا لاءِ روانو ٿيس. گاڏيءَ ۾ امرتسر ۽ اُتان بس ذريعي پٺانڪوٽ ۽ جمون مان ٿيندو سرينگر پهتس. سرينگر کان اسين اٽڪل ٣٠٠ ياتري هڪ سرڪاري ملازم جي نگهبانيءَ ۾ امرناٿ طرف روانا ٿياسين. اسان سان گڏ ڊاڪٽر ۽ فرسٽ ايڊ

ڏنو، صرف گهمڻ لاءِ آيو آهيان. امرناٿ، ڪشمير وغيره جي سفر تان موٽي رهيو هوس، سوچيم ته امرتسر به ڏسان. انڪري هتي آيو آهيان." اُن سڄڻ چيو، "جيڪڏهن توهين اهڙين جڳهين جي سير لاءِ آيا آهيو ته پوءِ توهان کي هڪ ٻي به جڳهه ڏسڻ گهرجي جيڪا اڳيان ئي آهي ۽ جتي مان خود وڃي رهيو آهيان." مان اُن سان گڏ ان جڳهه تي وڃڻ لاءِ راضي ٿي ويس.

اٽڪل هڪ ڪلاڪ جي اندر اسين واڌا سوامي ڪالوني بياس ۾ پهتاسين. اُن وقت لئبرريءَ جي سامهون کليءَ ميدان ۾ ستسنگ ٿي رهيو هو. منهنجي ساٿيءَ مونکي ستسنگ ٻڌڻ لاءِ چيو. مان خود فيلسوفيءَ جو پروفيسر هوس ۽ ويدانت ۽ شٽ درشن جو سٺو ودوان سمجهيو ويندو هوس. پنهنجي ساٿيءَ جي چوڻ تي بي دليو ستسنگ ۾ ويٺس. وهڻ ڪانپوءِ جڏهن مون اسٽيج پاسي نظر ڪئي ته منهنجي حيرانيءَ جي ڪا حد نه رهي. منهنجي سامهون اهوئي نوراني ساکيات ستپرش براجمان هو، جنهن مونکي امرناٿ جي سفر ۾ ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ کان بچايو هو. اسان ٻنهي جون اکيون مليون، هو ٿورو مشڪڻ لڳا ۽ پريم ۽ پرڪاش جي هڪ ڌارا جهٽڪ هنن جي نيڻن مان نڪري منهنجي اندر سمائجي ويئي. پوءِ ته منهنجي لاءِ ستسنگ ۾ وهڻ مشڪل ٿي پيو. مون ٻوڙي سندن چرنن ۾ ڪرڻ ٿي چاهيو. ستسنگ جو اهو اڌ ڪلاڪ گذارڻ منهنجي لاءِ ڀاري ٿي پيو.

ستسنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ مان ڀڄندو گرديو طرف ويس، ۽ مون سندن چرنن ۾ متو ٽيڪڻ چاهيو ٿي پر هنن مونکي پنهنجي ٻانهن سان جهلي روڪي ڇڏيو. مان بيان ٿي نٿو ڪري سگهان ته سندن انهيءَ سپرش سان منهنجي ڪهڙي حالت ٿي. منهنجي دل پريم سان ڀرجي آئي ۽ اکين ۾

۾ هو ۽ هن پنهنجو پيار ڀريو هٿڙو منهنجي مٿي تي ڦيرائي گهمايو. پوءِ اُن سهڻي چيو، "چڱو، وري گڏجنداسين" ايترو چئي هوءَ منهنجيءَ نظر کان اوجهل ٿي ويو. مون گهوڙي واري کان پڇيو "هو ڪير هو، جنهن مونکي ڪرڻ وقت سنڀاليو، اهو ڪيڏانهن ويو؟" گهوڙي واري سمجهيو ته اجا مان پوري هوش ۾ ڪونه آهيان تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان پر جڏهن مون پنهنجو سوال وري دهرايو ته هن جواب ڏنو، "مون ته ڪنهن کي به توهانجي اڳيان ڪونه ڏٺو. توهين صرف ڪاهيءَ جي ڪناري تي بيهوش پيا هئا. مون جيئن ئي توهانکي بيهوش ٿيندو ڏٺو، ڊاڪٽر جي تلاش ۾ ڊوڙيس پر ڊاڪٽر کي هڪدم ڳولهي نه سگهيس ان ڪري واپس آيو آهيان" مونکي عجب لڳو ته هو مهربان شخص اهڙي طرح ڇو هليو ويو ۽ گهوڙي واري هنکي ڇو نه ڏٺو.

اسين امرناٿ پهتاسين. اُتي مونکي برف ۽ اوچن پهاڙن کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نه آيو. جنهن روحانيت جي اُڪير منهنجي من ۾ ٻالپڻ کان هئي اها پوري ڪونه ٿي. مان انڪل هڪ مهني تائين ڪشمير جي گهاٽين ۾ گهمندو رهيس. ڪيترن ئي ڏسڻ لائق جڳهين جو سير ڪيم. قدرت جا ڪيترائي خوبصورت ۽ دلڪش نظارا ڏٺم پر پنهنجي ان بچائيندڙ جو اُهو سهڻو موهيندڙ مک، لڳاتار منهنجي من ۾ وسي رهيو هو.

موٽندي مان امرتسر ۾ دربار صاحب ۽ سکن جي پوتر جڳهين کي ڏسڻ ويس. دربار صاحب ۾ هڪ نيڪ ماڻهو مونکي مليو ۽ پنهنجيءَ ڪار ۾ مونکي امرتسر جون اتهاسڪ جڳهيون ڏيکارڻ لاءِ تيار ٿيو. ڳالهين ڪندي هن مونکان پڇيو ته منهنجو پنجاب ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ مون جواب

ستگرن مون تي ديا مهر ۽ پريم ڀري درشٽي وجهي مونکي نهال ڪري ڇڏيو. مان هن سنسار کي ۽ ٻارڪي هڪ دم لاءِ وساري وينس.

٢- ”ديهه سروپ ۾ ايندا“

سنه ١٩٥٣ ۾ جڏهن حضور مهاراج چرنسنگهه جن ستسنگ لاءِ دهلي آيا هئا تڏهن جو هيءُ واقعو بخشي خوشالچند جن ٻڌائيندا آهن. حضور جن بخشي جيءَ کي سڏائي فرمايو، ”باباجي مهاراج جن جو بزرگ ستسنگي ڀائي نارائڻداس جي دهليءَ ۾ رهندو آهي اُنکي وڃي چئو ته مان سڀاڻي شام جو ٤ بجي هنن سان گڏجڻ ايندس.“

بخشي خوشالچند جي، ڀائي نارائڻداس سان واقفيت هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن هن سان گڏجڻ ويندو هو. جڏهن هو ڀائي نارائڻداس جي گهر پهتو ۽ دروازو کڙڪايائين ته اندران ڀائي صاحب آواز ڏنو، ”بخشي جي اندر اچو.“ بخشي جيءَ چاڪ چڱيلائيءَ جو حال پڇڻ کانپوءِ هنن کان پڇيو، ”ڀائي صاحب! توهانکي ڪيئن خبر پيئي تہ مان آيو آهيان؟“ مون ته آواز به نه ڏنو.“ ڀائي نارائڻداس ان جو ڪو به جواب نه ڏنو، پر چيائين، ”بخشي جي جيڪو نياپو کڻي آيا آهيو، سو ڏيو.“ اهو ٻڌي بخشي جي وڌيڪ حيران ٿيو. هن کي ڄاڻ هئي ته ڀائي نارائڻداس جن هڪ سنا ايپاسي آهن ۽ ڪافي وقت ڀڄن سمرن ۾ گذاريندا آهن. ضرور هن ڳالهه ۾ ڪو راز آهي. سو بخشي جي چيس، ڀائي صاحب ڀهرين ته اهو ٻڌايو ته توهان کي اها خبر ڪيئن پيئي ته مان آيو آهيان ۽ ڪو نياپو کڻي آيو آهيان؟“

پهرين ته ڀائي نارائڻداس ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي پر بخشي جيءَ جي گهڻي زور بار ڪرڻ تي هنن ٻڌايو ته ڪالهه

آنسون اچي ويا. دل ڀڄي ٿي ته سندن چرنن کي چمان. گرديو جن فرمايو، ”تون اچي وئين. ڏاڍو سٺو ڪيئه.“ مون جواب ڏنو، ”مهاراج! مان نه آيو آهيان. توهين مونکي پڪڙي وٺي آيا آهيو.“ مهاراج جن چيو، ”ڇگهو هينئر تون ٿڪل هوندين. آرام ڪر، پوءِ ڳالهيون ڪنداسين.“ ائين چئي هوءُ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هليا ويا.

مون پنهنجي ساٿيءَ کان پڇيو ته ستگرو ڪشمير کان ڪڏهن واپس آيا آهن؟ هن جواب ڏنو ته مهاراج جن ته هن سال ڪشمير ويا ئي ڪونهن. مان حيران ٿي ويس ۽ سوچڻ لڳس ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته مهاراج جن ڪشمير نه ويا هجن. هو ته مونکي خود امرنات جي رستي تي مليا هئا.

ٻئي ڏينهن مهاراج جن گڏجڻ جو وقت ڏنو. هنن سنت مت جا بنيادي سڌانت سمجهايا. سرت شبد يوگ ۽ ويدانت ۾ فرق ٻڌايو ۽ اهو به سمجهايو ته سنت مت ڀڳتيءَ جو مارگ آهي. ابياس ۽ عمل ڪرڻ جو رستو آهي. مان چپ چاپ ٻڌندو رهيس. هينئر مونکي ڳالهائڻ جي ڪا به ضرورت ڪونه هئي. ستگرن جي ڪلهه واري سپرش جي مستي ۽ خمار جو منهنجي دل تي اڃا تائين اثر هو. هنن جي درشن ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ مان سڄي رات سمهي نه سگهيس. دل ۾ هڪ اهڙي پريت ۽ خوشي سمايل هئي جو دنيا جي ڪا سڌ ٻڌ نه رهي. گرديو جن فرمايو، ”ڪو سوال پڇڻو هجيئي ته خوشيءَ سان پڇي سگهين ٿو.“ منهنجي اکين مان آنسون وهڻ لڳا. پريم جي جذبات وچان منهنجو آواز نٿي نڪتو. مون گڊ گڊ ٿي پڇيو، ”امرنات جي ياترا ۾ توهين مونکي گڏيا هئا نه؟ هنن مشڪندي فرمايو، ”نه مان ته ڪيڏانهن ڪونه ويو هوس.“ هتي ئي هوس.“ وري منهنجي

قسم جي رڪاوٽ اچڻ نه ڏني. حضور سردار بهادر جن به
پنهنجي ناچاڪائي هوندي به جڳهه جڳهه وڃي ستسنگ ڪيو ۽
نام دان ڏنو. پرم سنتن جي اُن مهان پرمپرا کي کهڙي طرح
موجود هئا. حضور مهاراج چرنسنگهه جن جاري رکيو ۽ کهڙي
نموني، ديش وديش ۾ وڃي لوڪن کي درشن ڏنو، ستسنگ
ڪيو ۽ نام دان ڏيئي جيون کي نهال ڪيو ۽ ان جو بيان
ڪرڻ لاءِ جدا گرنٿ لکڻ ضروري آهي. هتي تـه رڳو
حضور جن جي ڀارت ۽ وديش جي ڪجهه دورن ۽ ان سان
واسطو رکندڙ ڪن ڳالهين جو ورنن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
وئي آهي.

حضور جن جي ستسنگ ياترائن جي شروعات مئي، جون
۱۹۵۲ کان ٿي. اُن وقت حضور جن پنهنجي ڊلهائوسي واري
رهائشي ڪوٺيءَ ۾ ۽ ڊلهائوسيءَ جي آس پاس وارن پهاڙي
هنڌن تي ستسنگ ڪيو. ان کان اڳـه، حضور جن ۲۳ مارچ
۱۹۵۲ تي امرتسر ۾ ستسنگ ڪيو جنهن ۾ سنگت ايتري
آئي جو ستسنگ گهر واري ميدان کان به گهٽي هئي.
نومبر ۱۹۵۳ ۾ حضور جن پهريون دفعو دهليءَ ۾ ستسنگ فرمايو.
ستسنگ، کلئي ميدان ۾ ڪرڻو پيو ۽ سنگت ۱۵ هزارن کان
به وڌيڪ هئي.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي ڀارت ۾ وڏي دوري
جي شروعات نومبر ۱۹۵۵ کان ٿي جڏهن حضور جن سهارنپور
ديرادون، ڪانپور، لکنو، پساوا ۽ دهلي ۾ ستسنگ فرمايو.
انهن سڀني شهرن ۾ سنگت وڌندي وئي ۽ پاڪستان مان
به سنگت اچي ڀارت ۾ وسندي وئي. انهن شهرن ۾ اڳـه،
ستسنگ ۾ ڪڏهن به ايتري سنگت نه آئي هئي.

ديرادون جي پهرين ياترا بابت ڊاڪٽر ڪماري سنها
ٻڌايو ته سنه ۱۹۴۹ ۾ ڪماري سنها جي ماتا ڪلڪتي مان

اندر مونکي باباجي مهاراج جن درشن ڏنو ۽ فرمايو، "نارائڻداس پرينهن شام جو ۴ بجي مان ديهه سروپ ۾ تو وٽ ايندس." پوءِ بخشي جيءَ حضور جن جو نياپو کين ڏنو جنهن کي ٻڌي پائي صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بخشي جي کي اهڙي آتم نياپي ڏيڻ تي هر گهڙي ڌنيواد ڏيڻ لڳو. بخشي جيءَ چيو، "توهان کي نه پهرين ئي معلوم هو. مونکي ڌنيواد ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت؟" نارائڻداس جواب ڏنو، "جڏهن اندر ستگروءَ جو ڪو فرمان ملي ۽ ٻاهر انجي تصديق ٿئي ته خوشي ٿيڻ قدرتي آهي."

ٻئي ڏينهن شام جو ۴ بجي مهاراج جن پائي نارائڻداس وٽ آيا. بخشي جي به حضور جن سان گڏ هو. حضور جن اٽڪل اڌ ڪلاڪ اُتي ويٺا. سڄو وقت پائي نارائڻداس جي درشٽي حضور جن جي نوراني چهري تي ٽڪيل هئي ۽ سندس چهرو خوشيءَ ۽ آنند وچان چمڪي رهيو هو.

٦- حضور جن جي ستسنگ جا دورا

گرو نانڪ صاحب، ڪبير، روداس ۽ ٻين سنتن جي جيون چرتر پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هنن ديش جي جدا جدا هنڌن تي رٽن ڪندي پرماتما کان وڇڙيل جيون (آتمائن) کي نام سان جوڙي هن چوراسيءَ جي پيانڪ جيل خاني مان ڪڍي اصل ديش سچ کنڊ پهچايو. حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي ستسنگ ياترائن جو بيان هن کان اڳ اچي چڪو آهي ته ڪيئن ۸۸ سالن جي ٻڍ اوستا ۾ به پري پري شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي جيون کي درشن ڏنائون، ستسنگ ڪيائون، نام دان جي بخشش ڪري انهن جو اُڌار ڪيائون. هنن نه پنهنجي صحت جو ڪو خيال ڪيو ۽ نه سفر جي تڪليف جي پرواهه ڪئي. پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ ۾ هنن ڪنهن به

(ديراون جي ستسنگ جو پربنڌڪ) کي چيو "پارگوا صاحب، هن پيرڻ کي منهنجو اڄ جو پروگرام ٻڌايو." پروگرام ۾ لکيل هو ته 'ستسنگ، بعد ۱۱ بجه ڊاڪٽر مس سنها جي ماتا جي گهر وڃڻو آهي.' حضور جن فرمايو، "پيرڻ، تنهنجي دهليءَ مان اچڻ جي ڪا ضرورت ڪونه هئي." ڪماري سنها کي سردار بهادر جن جا وچن ياد آيا ۽ اکين مان خوشيءَ ۽ احسانمنديءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳس.

انهيءَ سال حضور جن ۲ تاريخ کان ۷ ڊسمبر تائين بمبئيءَ، ڪلياڻ ۽ چيمبور ۾ ۽ ۹ ۽ ۱۰ ڊسمبر تي سانگليءَ ۾ ستسنگ فرمايا. بمبئيءَ مان موٽندي حضور جن ۱۴ ڊسمبر اندور پهتا. ۱۴ ڊسمبر صبوح جو رتلام ۽ شام جو ديواس ۾ ستسنگ ڪري، ۱۵ ڊسمبر حضور جن ديولي ڳوٺ ۾ ٻه ستسنگ فرمايو.

ديولي اندور کان اٽڪل ۴۵ ميل پري هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. اُتي ۹۰ سيڪڙو گهر ستسنگين جا آهن. اُهو ڳوٺ پڪي رستي کان ۱۰ ميل پري آهي ۽ جيپ ۾ چڙهي کيتن مان لنگهڻو پوندو آهي. حضور مهاراج ساون سنگهه جن جڏهن ڊسمبر ۱۹۳۹ ۾ اندور پڌاريا هئا تڏهن ۳ ڏينهن ديوليءَ ۾ به ويا هئا. اُتي حضور جن ۱۳ ۽ ۱۴ تاريخ ستسنگ ڪيو ۽ ٽئين ڏينهن نام دان بخشيو. جڏهن ۱۵ ڊسمبر ۱۹۳۹ تي حضور وڏا مهاراج جن ديوليءَ مان واپس اچڻ لڳا ته اُتي جي ۳-۴ مکيه ستسنگين عرض ڪيو ته حضور جن ديا مهر ڪري ديوليءَ ۾ وري به درشن ڏين. هنن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. حضور جن جواب ۾ فرمايو، "پاڻي خيال نه ڪرايو. ستگرو هميشه انگ سنگ آهن. مان توهان سان بلڪل خوش آهيان. مان وري به ٻه دفعا توهانجي شهر ۾ ايندس." پر اُن بعد حضور بابا ساون سنگهه جن جو ديوليءَ ۾ اچڻ نه ٿي سگهيو ۽ اپريل ۱۹۴۸ ۾ هو ڌر ڌام سڌاريا. ديوليءَ جي اُنهن ۳-۴

ٻڌا اطلاع لکنوءَ اچي ويئي ۽ کيس چوڻ لڳي، ”مان تنهنجي
گرديو جو درشن ڪرڻ لاءِ بياس وڃي رهي آهيان.“
ڪماري سنها کي موڪلن ملڻ ۾ باقي ۲ ڏينهن هئا. ان
ڪري پنهنجي ماتا کي ۲-۳ ڏينهن ترسي گڏ هلڻ لاءِ چيائين
پر جنهن ڏينهن ڏيري لاءِ هلڻو هو ان کان هڪ ڏينهن اڳ،
سندس ماتا بيمار ٿي پيئي ۽ ڏيري وڃي نه سگهي. ڪماري
سنها ڏاڍي دکي ٿي ۽ جڏهن ڏيري آئي تڏهن پنهنجن
ستگرن سردار بهادر مهاراج جن جي چرنن ۾ ماتا جي درشن
ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بابت عرض ڪيائين ۽ پڇتاءُ ۽ دک،
سبب سندس اکين مان آنسون وهڻ لڳا ۽ چوڻ لڳي ته سندس
گناهن جو بار تڏهن هلڪو ٿيندو جڏهن حضور جن کيس
پنهنجو ڪندا. سردار بهادر جن ديا مهر ڀريل آواز ۾ فرمايو،
”بلڪل ٺيڪ، فڪر نه ڪر. اها آتما اڄ کان ئي مهاراج جن
جي ٿي ويئي.“ پر ڪماري سنها کي اڃا شانتي نه ملي.
عرض ڪيائين، ”مهاراج جي، امان ته شايد ڏيري ۾ نه به اچي
سگهي پر اهڙي ديا ڪريو جو هن کي هن جنم ۾ ئي درشن
ضرور ملي.“ حضور سردار بهادر جن دلداري ڏيندي فرمايو،
”ها ضرور ملندس ستگرو خود وڃي کيس درشن ڏيندا.“
پر ماتا کي سردار بهادر جن جو درشن نصيب نه ٿيو. آڪٽوبر
۱۹۵۱ ۾ حضور سردار بهادر جن جوتي جوت سمايا. جڏهن
حضور مهاراج چرنسنگهه جن پهريون ڀيرو ديرادون پڌاريا،
تڏهن ڪماري سنها جي ڀيڻ ديرادون ۾ هئي ۽ ماتا جي
به اُن وقت رهيل هئي. ڪماري سنها دهليءَ ۾ نوڪري
ڪندي هئي. هوءَ حضور جن کي، ماتا جيءَ کي گهر هلي
درشن ڏيڻ لاءِ وينتي ڪرڻ واسطي رات واري گاڏيءَ
۾ چڙهي صبوح جو ديرادون پهتي. ستسنگ کان اڳ،
حضور جن وٽ آئي. حضور جن کيس ڏسي پيارگوا صاحب،

اندور ٻڌايا تڏهن جي ڳالهه آهي. هڪ ستسنگيءَ حضور جن سان اڪيلو ملاقات لاءِ وقت وٺي عرض ڪرڻ ٿي چاهيو پر ملاقات جو وقت گذري ويو هو. شيوادار کي ڏاڍيون منٿون ڪرڻ لڳو پر اُن صاف چيس ته هينئر ملاقات نه ٿي سگهندي. پروگرام جي آخرين ڏينهن تي شيوادارن کي پرساد ڏيڻ بعد حضور جن فرمايو ته ڪنهن کي به ملاقات لاءِ وقت گهرجي ته ان کي وٺي اچو. اتي جي سيڪريٽريءَ اُنهيءَ ستسنگيءَ کي حضور جن وٽ موڪليو. ٢-٣ منٽ حضور جن سان ڳالهائي اُهو ستسنگي ٻاهر آيو ۽ سيڪريٽريءَ جي پيرن تي ڪري پيو. هن جي اکين مان پريم جا آنسون وهڻ لڳا. منهن ۾ عجيب خوشي هيَس. سيڪريٽريءَ جي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته ڪيس ١٢ سال اڳ، حضور مهاراج ساون سنگهه جن کان نام دان مليو. هنجو ستگرن جي ديا مهر سان ڀڄن سمرن چڱو ٿيندو هو. اندر جو انڀو کليو ۽ آتما ٽئين منڊلن ۾ وڃڻ لڳي پر ڪجهه وقت بعد ڪانئس ڪو گناهه ٿي پيو ۽ ستگرن پنهنجي ڏات واپس ورتي ۽ اندر ۾ چڙهائي بند ٿي ويئي. شبد ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. ڏهه سال بي آراميءَ ۽ تڙڦ ۾ گذاريم ۽ ڏاڍو دکي هوس. اهو سمورو احوال ٻڌائي چوڻ لڳو، "اڄ مون جڏهن ستگرن جي چرنن ۾ مٿو ٽيڪيو ۽ معافي طلب ٿيس ته سندن ديا مهر ٿي، بند رستو کلي پيو آهي ۽ شبد به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو."

حضور جن جو حڪم آهي ته سندن پروگرام وقت نڪي اشتهار وراهيا وڃن ۽ نڪي ڪو پرچار ڪيو وڃي ۽ ستسنگ، جو پربنڌ سادي نموني ڪيو وڃي. ان حڪم جو جتي ڪٿي پالن ڪيو وڃي ٿو پر اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچي ته ڪيئن ۽ ڪٿان ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ٿا اچن. بمبئيءَ ۾ اُنهن ڏينهن ۾ ٢ يا ٣ سؤ ستسنگي هوندا هئا ۽ حضور جن

پريمي ستسنگين کي ستگرو دين ديال جي وڇوڙي سبب ڏاڍو ڏک ٿيو. ان سان گڏ ان ڳالهه سندن دلين ۾ ڪٿڪو پيدا ڪيو ته ستگرن جو ديوليءَ ۾ ٢ دفعا وري درشن ڏيڻ جو وچن ڪيئن اڌ ۾ رهجي ويو.

پر ستگرو ۽ سندن جانشين هڪ ئي روپ ٿيندا آهن. جيئن بابا جي مهاراج جن وڏن مهاراج جن کي جانشين مقرر ڪرڻ وقت فرمايو هو ته سنت هڪ مان ٻئي سروپ ۾ ائين داخل ٿين ٿا جيئن پاڻيءَ ۾ مصري ملي ويندي آهي. پاڻيءَ جو رنگ نه بدلجندو آهي پر سواد ضرور بدلجندو آهي. ڊسمبر سنه ١٩٥٥ ۾ جڏهن حضور مهاراج چرنسنگهه جن اندور جو دورو رکيو ته فرمايائون ته ديوليءَ ۾ به ستسنگ ڪبو. حضور جن ١٥ ڊسمبر صبوح جو ديوليءَ پڌاريا ۽ ستسنگ فرمايائون. (سنه ١٩٣٩ ۾ ١٥ ڊسمبر جي ڏينهن ئي حضور وڏن مهاراج جن به دفعا ديوليءَ ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ فرمايو هو.) ڪيچ پريمي ستسنگين کي ستسنگ وقت حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي روپ ۾ درشن ٿيو. اهڙي طرح ١٩٥٦ جي ڊسمبر ۾ حضور جن اندور جي ستسنگ سان گڏ ٻيو دفعو وري ديوليءَ جو پروگرام رکيو ۽ سنگت کي درشن ڏيئي نهال ڪيو. تڏهن جهونن ستسنگين ٻڌايو ته کهڙي نموني وڏن مهاراج جن جو ٢ دفعا ديوليءَ اچڻ جو وچن پورو ٿيو. جتي به حضور جن پڌاريا اتي سنگت نام دان لاءِ وينتي ڪئي. پر گرو مهاراج جن اڳواٽ رٿيل پروگرام سبب ڪٿي به نام دان لاءِ ترسي نه سگهيا. حضور جن ٻئي دوري ۾ نام دان جو دلاسو ڏنو. وري ١٩٥٦ ۾ حضور جن بمبئيءَ ۽ اندور ۾ نام دان بخشيو. ١٩٥٥ ۽ ١٩٥٦ ۾ حضور جن اندور ۾ اُنهيءَ هنڌ ستسنگ فرمايا جتي ١٩٣٣ ۾ حضور وڏا مهاراج جن اچي رهيا هئا. ڊسمبر ١٩٥٦ ۾ جڏهن حضور جن

کي نام دان بخشيائون. ان ۾ رات جا ۱۰ لڳي ويا. ۵ تاريخ سويل سج اُڀرڻ کان گھڻو اڳ، موٽر ۾ چڙھي ساڍي ڏھين بجي الھ آباد پھتا ۽ سڌو ستسنگ، پنڊال ۾ وڃي ستسنگ، فرمايائون. ساڍي ۱۲ بجي ستسنگ، سماپت ٿيو ۽ حضور جن اُتان سڌو لوڪل سيڪريٽريءَ جي گھر ويا. اُتي جڳاسين کي وقت ڏنائون ۽ سنگت ۾ پرساد ورهايو ويو، ان ۾ ٻه ٻه اڍائي لڳي ويا. ڀوڄن ڪرڻ بعد سوائين ٽين بجي اسٽيشن ڏانھن روانا ٿيا ۽ ۴ بجي واريءَ گاڏيءَ ۾ ڪٽنيءَ لاءِ روانا ٿيا. ڪٽنيءَ ۾ رات جو ۱۱ بجي پھتا. ٦، ۷ ۽ ۸ نومبر تي ڪٽنيءَ ۾ ستسنگ، ڪيائون. روزانو ۴۰-۵۰ ماڻھن کي ملاقات ٻه ڏنائون ۷ ۽ ۸ تاريخ روز ۳ دفعا ڪل ۸۴۲ جيون کي نام دان ڏنائون ۽ ۸ نومبر تي شام واريءَ گاڏيءَ ۾ بلاسپور لاءِ روانا ٿيا. سڄي رات ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ بعد ٻئي ڏينھن صبوح جو ٦ بجي بلاسپور پھتا. اسٽيشن تي سنگت کي درشن ڏيئي رائپور لاءِ گاڏي بدلايائون ۽ صبوح جو ساڍي ۱۰ بجي رائپور پھتا. ۹ تاريخ شام جو ۽ ۱۰ تاريخ صبوح جو رائپور ۾ ستسنگ، فرمايائون. پوءِ اڪولا لاءِ روانا ٿيا ۽ رات جو ۱۱ بجي اڪولا پھتا. اسٽيشن تي ڪافي سنگت اچي ڪٺي ٿي ھئي. ۱۱ ۽ ۱۲ نومبر تي حضور جن اڪولا ۾ ستسنگ، ڪيو ۽ ۱۰۱٦ جيون کي نام دان بخشيو. صبوح جو نام دان ۽ شام جو ستسنگ، جو لڳاتار پروگرام ھوندو ٿي ھو. وچ ۾ ملاقات وارن کي ٻه وقت ڏنو پئي ويو. ۱۳ نومبر تي صبوح واري گاڏيءَ ۾ سوار ٿي حضور جن ۱۱ بجي ناگپور پھتا. ۱۳ تاريخ شام جو ۽ ۱۴ تاريخ صبوح جو ستسنگ، ڪيائون ۽ شام جو حيدرآباد، بنگلور ۽ مدراس لاءِ روانا ٿيا. انھن ٽنھي شھرن ۾ ٻه ٻه ستسنگ، ڪيائون. حضور جن ۲۵ نومبر تي ريل رستي ڏيري پھتا. اڄ سان ڏيري جو ڪم ٻه شروع ٿي ويو. ان ۾ ۴-۵

جي ستسنگ ۾ پنجن هزارن کان به وڌيڪ سنگت آئي.

حضور جن اهڙي نموني ديش جي جدا جدا هنڌن تي سنتن جي پوتر ۽ اُتم آدرشن جو پرچار شروع ڪيو. سندن مڌر صاف ۽ سرل ستسنگ ٻڌي غريب، امير، پڙهيل، اڻپڙهيل، ٻار ٻڍا هر ذات جا ماڻهو ڇڪجي اچن ٿا. ڪيترا جگياسو حضور جن سان روبرو ملي پنهنجا مسئلا حل ڪرائين ٿا. اهڙي طرح جيڪو ٻج حضور بابا ساون سنگهه مهاراج جن پوکيو، اُهو مهاراج چرنسنگهه جن جي محنت، پريم پيار ۽ دَيا مهر سان جلد ئي ڦليو ڦوليو آهي. جيئن حضور جن جا دؤرا شروع ٿيا ته هو هر سال آگسٽ يا سيپٽمبر کان اپريل ۽ ڪڏهن ڪڏهن مي تائين ستسنگ لاءِ ڏيري کان ٻاهر ويندا آهن. گهڻو ڪري سيني هنڌن تي نامدان ڏيندا آهن. هرهنڌ ٥٠ ڪن ستسنگين کي روز ملاقات لاءِ وقت ڏيندا آهن. ١٩٦١ تائين حضور جن هر سال اٽڪل ٥٠-٦٠ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ روحي ستسنگ فرمائيندا رهيا. اهي دؤرا نهايت لنبا ۽ ڪٺن هوندا آهن. حضور جن جي اهڙي هڪ ستسنگ جي دؤري جو احوال هيٺ ڏجي ٿو، ان مان سمجهي سگهبو ته اهو دؤرو ڪيترو نه ڪٺن هو.

٢ نومبر شام جو حضور جن ڏيري مان موٽر رستي امرتسر پهتا ۽ رات جو ڪلڪتي ميل ۾ چڙهي ٣ نومبر منجهند بعد لکنوءِ پهتا. رستي ۾ هر ڪنهن وڏيءَ اسٽيشن تي سنگت حضور جن جي آرام جو خيال نه ڪري وڏي تعداد ۾ درشن لاءِ ايندي رهي. حضور جن کي رات جو ٣-٤ ڀيرا اُٿي پنهنجي گاڏي کان ٻاهر اچي درشن ڏيڻو پيو. لکنوءِ پهچندي ئي ستسنگين ۽ جگياسين جي ته ڀيڙ لڳي ويئي. شام جو ٥ کان ٧ بجي تائين ستسنگ فرمايائون. ٻئي ڏينهن ٤ نومبر صبوح جو وري ستسنگ ٿيو ۽ شام جو ٢٧٥ زالن ۽ مردن

جنوريءَ جي شروع ۾ ٻڙودا، احمد آباد، ڪلڪتي ۽ ڻاڻا نگر ڏانهن روانا ٿيا. ڪيترن ڏينهن کان اُتي جا ستسنگي حضور جن جي ستسنگ جي امرت ورکا جي آس لڳائي ويٺا هئا. وچڻ وقت مهاراج جن ١٢-١٣ جنوري تي دهلي ۾ ٻه ستسنگ فرمايا ۽ نام دان به ڏنو. اُتان ١٤-١٥ جنوري ٻڙودي، ١٦، ١٧ ۽ ١٨ جنوري احمد آباد ۽ ٢٠-٢١ جنوري ڻاڻا نگر ۾ ستسنگ فرمايائون. ڻاڻا نگر ۾ حضور جن نام دان بخشيو. ان کانپوءِ ڪلڪتي ۾ ٢٢ کان ٢٥ جنوري تائين ستسنگ ۽ نام دان ڏيئي واپس ڏيري آيا.

اهو لکڻ ته سولو آهي ته ٢ ڏينهن فلاڻي هنڌ ستسنگ ٿيو ۽ ٢ ڏينهن فلاڻي هنڌ ٿيو. پر ڏينهن رات جو سفر، ڏينهن ۾ ٢-٢ دفعا ستسنگ ڪرڻ، نام دان ڏيڻ، ماڻهن کي ملاقات ڏيڻ ۽ ٻين ڪمن جو احساس تڏهن ٿيندو جڏهن اهڙا ڪاريه ڪري ڏسجن ته انهن ۾ ڪيتري ڪٺنائي، ٿڪاوٽ، تڪليف، بي آرامي ۽ لڳاتار سفر ڪرڻ سان پريشاني پيدا ٿئي ٿي. آرام گهٽ ۽ لڳاتار مشغوليءَ جو اندازو لڳائڻ سولو نه آهي. اها ڳالهه ڪا هڪ اڌ مهني لاءِ هجي ته به ٺيڪ، هتي ته هر سال ۽ سڄي عمر اهو ڪم ٿيندو رهي ٿو. تڏهن من ۾ اهو ويچار پيدا ٿو ٿئي ته اها ڪا خدائي طاقت آهي جا رڳو جيون جي اُڌار ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

سنه ١٩٦٢ ۾ حضور مهاراج چرنسنگهه جن اهو فيصلو ڪيو ته هر هڪ پرانت جي جدا جدا شهرن ۾ وڃڻ بدران هر هڪ پرانت ۾ هڪ يا ٻن هنڌن تي وڃجي جتي آس پاس جا ستسنگي ۽ جگيياسو به اچي ٤-٥ ستسنگ ٻڌن ۽ نام دان جو لاڀ حاصل ڪن. انڪري حضور جن دهلي، ناگپور، بمبئي، سانگلي، اندور، ڻاڻا نگر، ستپور، ڄئپور، اجمير سڪندرپر

ڏينهن ڏاڍو مشغول رهيا ۽ بعد ۾ ٣٠ نومبر صبوح جو ساڍي پنجين بجي موٽر ذريعي دهليءَ لاءِ روانا ٿيا. رستي تي ڪرنال ۾ ڏيڍ ڪلاڪ ستسنگ ڪيائون ۽ ڪجھ ستسنگين کي وقت ڏيڻ بعد رات جو دهليءَ پهتا. حضور جن ١ ڊسمبر صبوح جو هوائي جهاز ذريعي بمبئيءَ پهتا ۽ ٦ ڏينهن بمبئيءَ ۽ ڪلياڻ ۾ ستسنگ فرمايائون. بمبئيءَ ۾ ٧٠٠ جيون کي نام دان بخشيائون. ان بعد حضور جن سانگلي پهتا. اُتي ٻه ڏينهن ستسنگ ڪيائون ۽ نام دان به ڏنائون. سانگليءَ کان بمبئي ايندي واپس دهليءَ ۾ پڌاريا ۽ اُتي ٻه ٻه ستسنگ فرمايائون. اُتان موٽر رستي ١٤ ڊسمبر پٽيالا ۾ ١٥ ۽ ١٦ ڊسمبر چنڊيگڙهه ۾ ستسنگ ڪيائون. هڪ ڏينهن لاءِ سرسي مان ٿيندا ١٨ ڊسمبر ڏيري موٽي آيا.

ڏيري ۾ ايندي ئي باباجي مهاراج جن جي ڀنڊاري جو ڪم شروع ٿيو. اڄ ڪالهه ته ڀنڊاري وارن ڏينهن تي ستسنگي ١٠-١٢ ڏينهن اڳ ئي اچڻ شروع ڪن ٿا ۽ هڪ لک کان به وڌيڪ ماڻهن جي رهڻ جو بندوبست ڪرڻ، ڀوڄن ڀنڊار وغيره جو بندوبست ڪرڻ، سنگت کي ملاقات ڏيڻ، آفيس جو ڪم، ديش وديش مان ايندڙ ٽپال جو نيڪال وغيره ڪاريه لڳاتار ٿيندا رهن ٿا. يورپ، آمريڪا، آفريڪا وغيره ملڪن مان آيل ستسنگين ۽ جگياسين جي ديک ڀال، اُنهن سان روزانو صبوح ۽ شام جو ملاقات، روز شام جو انگريزيءَ ۾ ستسنگ، نون جگياسين جي شنڪائن جو نوارڻ، جهونن ستسنگين جي روحاني ڪنناين کي دُور ڪرڻ، ڪيترن ئي ملاقاتين سان گڏجڻ، ڀنڊاري وقت روز ٢ دفعا ستسنگ ۽ شيوا تي وڃڻ. ايترو ڪم سنڀالڻ ڪا رواجي ڳالهه ڪانه آهي. اڄ ڪلهه ٧-٨ ڏينهن ته نام دان ۾ ئي لڳي وڃن ٿا. ڀنڊاري ۽ ڏيري جي ٻين ڪمن کي ڀوري طرح سنڀالي

بندوبست شروع ۾ حضور جن طرفان ڪيو ويندو هو.
هاٽي ۾ لنگر لاءِ ڪاٺ، اٽو، دال وغيره گهٽي پاڳي
حضور جن ۽ سندن ڪٽنب طرفان ڏنو ويندو. سڪندر پر
۾ ستسنگ، جي سينٽر جو وڪاس تيز رفتار سان ٿي رهيو
آهي ۽ هن وقت لنگر، ٽيوب ويل، پاڻيءَ جي ٽانڪي، نل،
سنگت جي رهڻ لاءِ ۽ ماڙ جڳهه وغيره ٺهي تيار ٿيا آهن ۽
ڪم اڄ تائين چالو آهي.

ستسنگ لاءِ پورو پربند حضور جن جي زير نظر سندن
ننڍو ڀاءُ ڪپتان پرشوتم سنگهه ڪندو آهي. حضور جن جي
ستسنگ ۾ اٽڪل ٢٥ کان ٣٠ هزارن تائين سنگت ايندي
آهي. ان ۾ گهٽي پاڳي باگڙ (راجستان) جا رهواسي هوندا
آهن. ستسنگ جي وقت حضور جن جي ڪوٺي ۾ مهمانن
سان پرچي ويندي آهي ۽ انهنجي لاءِ خاطر خواهه بندوبست
ڪيو ويندو آهي.

لڳ ڀڳ، هر سال آگسٽ سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مهنن
۾ حضور جن پنجاب، هماليه ۽ ڪانگڙا جي پهاڙي ايراضين
۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن. ان ۾ ڀهونٽا، سجانپور ٽهرا،
منڊي، پرور، پالمپر، اونا، ڪالو ڪي بڙ وغيره هنڌ آهن.
گرميءَ ۾ جڏهن ۾ حضور سري ننگر، ڊلهائوسي يا مسوري
ويندا آهن ته اتي هميشه هر ڪنهن آرتوار تي ستسنگ
فرمائيندا آهن. پاڪستان ٺهڻ بعد ڪالاباغ، ائبٽ آباد وغيره
شهرن جي سنگت پنجور، ڪالڪا وغيره هنڌن تي اچي پاڻ
کي وسايو آهي. انهن لاءِ حضور جن سملا ۽ چنڊيگڙهه ۾
ستسنگ ڏيندا آهن. چنڊيگڙهه ۾ ٥٠ هزارن کان ۾ وڌيڪ
سنگت ايندي آهي. انهن سڀني هنڌن تي ستسنگ ۽ نامدان
جو پروگرام هوندو ٿي آهي. حضور جن سال ۾ هڪ دفعو
۽ ڪڏهن ٻن سالن ۾ هڪ دفعو سملي ۾ ستسنگ

(سرسي) وغيره ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن کي ستسنگ جا سينٽر مقرر ڪيا آهن ۽ انهن سينٽرن تي ۸ کان ۱۰ ايڪڙ زمين خريد ڪئي ويئي آهي. انهن هنڌن تي ستسنگ گهر، سنگت جي رهڻ لاءِ پڪا شيڊ، کوهه، پاڻيءَ لاءِ ٽانڪيون، پائيپ لائين، نل، سنان گهر، ڪاڪوس وغيره ٺهرايا پيا وڃن. انهن مان ڪيترن هنڌن تي حضور جن جي ستسنگ وقت لنگر به چالو ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ سڀني کي مفت کاڌو ملندو آهي. ڪن هنڌن تي ڀوجن ڀنڊار به چالو ڪيا ويندا آهن جتي رُوپئي يا سوا رُوپئي ٿالهي ڏني ويندي آهي. ان ۾ روٽي، دال، چانور، ڀاڄي، کٽاڻ وغيره ڏنا ويندا آهن. اهڙن هنڌن تي ڀوجن ڀنڊار لاءِ الڳ شيڊ وغيره ٺهرايا ويا آهن. اهڙن ستسنگ سينٽرن ٺهڻ بعد حضور مهاراج جن جا دؤرا گهٽ ڪونه ٿيا آهن. هاڻي به انهن سينٽرن ۽ ٻين مکيه شهرن ۾ هر سال حضور جن جا ۳۰-۴۰ پروگرام ٿيندا وڃن ٿا. هر هنڌ ۲-۳ ڏينهن ستسنگ ڪندا آهن ۽ نام دان به ڏيندا آهن. راجستان ۾ گنگانگر، جوڌپور، جيسلمير وغيره شهرن ۾ وڏي تعداد ۾ ستسنگي رهن ٿا. انهن جي سهوليت لاءِ حضور جن اجمير، جئپور، الور، گنگانگر وغيره شهرن ۾ ستسنگ ڪندا رهن ٿا. پر هريانا پرانت ٺهڻ بعد گنگانگر، سرسي، حصار وغيره جي ستسنگين لاءِ حضور جن پنهنجي ڳوٺ سڪندرپور ۾ ستسنگ جو پروگرام شروع ڪيو آهي. سڪندرپور ۾ حضور جن سال ۾ ٻه يا ٽي ڀيرا ستسنگ ڪن ٿا. حضور جن ۽ حضور جن جي ڪٽنب وارن سڪندرپور ۾ پنهنجي فارم (Farm) ۾ رستي جي ڀرسان ۹ ايڪڙ زمين ستسنگ لاءِ دان ۾ ڏني آهي. ان جي چئني پاسن کان حضور جن جي ڪٽنبين پڪي چؤديواري ڪڍائي ڇڏي آهي. سڪندرپور جي ستسنگ، جو سمورو خرچ، لنگر ۽ ٻيو

خاص مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ئي سنڌ ن ڪاريءَ هوندو آهي. سفر سفر ڪرڻ لاءِ ڪوٽ ڳڙهه ۾ اچي حضور جن اهڙي هنڌ نالو جو ٻيج پوکيو جتي عام لوڪ ماس کائيندڙ آهن ۽ جن ۾ ٻل چاڙهڻ جو رواج آهي ۽ منجهن اند وشواس به گهڻو آهي. اچ ڪوٽ ڳڙهه ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۾ اٽڪل ڏيڍ يا ٻه هزار ستسنگي آهن ۽ اتي جا رهواسي هر ڪنهن سرديءَ جي موسم ۾ ڏيري اچي نالو دان وٺندا آهن.

حضور جن گذريل ۲۰ سالن ۾ ديش جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ هر هنڌ وڃي ستسنگ فرمايا آهن. اچ ستگرن جي انهن ستسنگ ياترائن سبب ديش ۾ ڪو اهڙو شهر نه هوندو جنهن ۾ ستسنگي نه هوندو. ديش جي ورهاڱي بعد ڪلڪتي ۾ به ڪي ستسنگي وڃي رهيا آهن. حضور جن انهن جي وينتي ڪرڻ تي ڪلڪتي ۾ به ستسنگ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي اُتي به سنگت چڱي وڌي ويئي آهي. گذريل ۱۵ سالن ۾ حضور جن ۸-۱۰ دفعا ڪلڪتي تشريف وٺي ويا آهن. ڪيترائي بنگالي ڪٽنب به سنت مت ڏانهن مائل ٿيا آهن. ڪلڪتي جو شهر ڪيترا دفعا راجنيتيءَ سبب اشانتيءَ جو مرڪز رهيو آهي. سنه ۱۹۶۴ ۾ جڏهن حضور جن ڪلڪتي ويا ته اُن وقت اُتي فساد ٿي رهيا هئا ۽ گولين جي ٺڪا ٺڪي لڳي پيئي هئي. جڏهن حضور جن ستسنگ لاءِ وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ حضور جن جي موٽر کي به هڪ گولي لڳي. ڊرائيور گهبرائجي ويو پر حضور جن هن کي چيو ته گهبراءِ نه، ستسنگ ميدان ڏانهن هليو هل. اهڙي اشانت وايو منڊل ۾ به ستگرن ڏاڍي پريم سان ڏيڍ ڪلاڪ ستسنگ فرمايو. ستسنگ محمد علي پارڪ ۾ ٿيو ۽ اُتي سمورو وقت گولين چٽڻ جو آواز پيئي ٻڌڻ ۾ آيو. حضور جن کي ڏسي

ڪرڻ لاءِ ويندا آهن. سمليءَ ۾ حضور جن جو ستسنگ، ٻڌڻ
لاءِ آس پاس جي پهاڙي هنڌن تان سنگت ايندي آهي.
انهن هنڌن ۾ مکيه هنڌ آهن سولن، سنگيان، ڌرمپر، بروگ،
ڪنبا گهاٽ، اوچ گهاٽ، سالوگن، سباٿو، چئل وغيره.

هڪ دفعي جڏهن حضور جن ستسنگ لاءِ سملي پڌاريا
ته ڪجهه پريمي ستسنگين جي منٿ ڪرڻ تي موٽر رستي
ڪوٽ ڳڙهه تائين گهمڻ ويا. ڪوٽ ڳڙهه سملي کان ۵۰-۶۰
ميل پري سمنڊ کان ۸-۹ هزار فوٽ اوچائيءَ تي آهي. هتان
پار تبت جي سرحد رڳو ۸۰ ميل آهي. حضور جن ۱۹۶۶
۾ پنهنجي سملي واري ڪاريه ڪرم سان گڏ هڪ ستسنگ،
ڪوٽ ڳڙهه ۾ به رکيو. ٻن ڪلاڪن جو پُر اثر ستسنگ،
پهاڙي ايراضيءَ جي سڌن سادن ماڻهن ڏاڍي پريم ۽ شردا
سان ٻڌو ۽ ان بعد سملي ۾ ڏيري ۾ اچي نام دان وٺڻ شروع
ڪيو. آڪٽوبر ۱۹۶۸ ۾ حضور جن وري ڪوٽ ڳڙهه پڌاريا
۽ اتي ٻه راتيون رهيا. وڃڻ وقت رستي ۾ برسات پئي
پيئي ۽ برف پئي وسي. جڏهن حضور جن ڪوٽ ڳڙهه کان
اٽڪل ۳ ميل پري هئا تڏهن برسات بند ٿي ويئي پر اڳتي
موٽر وڃي نٿي سگهي ڇاڪاڻ ته رستو برف سان ڍڪيل
هو. سو حضور جن پهاڙي ايراضيءَ ۾ اڍائي ميل پيدل هليا.
اتي حضور جن ۳ ستسنگ فرمايا ۽ ۲۱۰ جيون کي نام دان
به ڏنو. جنهن وقت حضور جن نام دان ڏيڻ شروع ڪيو
ته تبت جي سرحد تان ڪنهن ڳوٺ مان ۳ شخص آيا. هنن
ٻڌو ته ڪو وڏو سنت مهاتما ڪوٽ ڳڙهه ۾ آيل آهي. سو
۸۰ ميل پيدل هلي اچي ٺيڪ نام دان وقت اتي پهتا ۽
سندن وينتي قبول ڪري انهن کي به نام دان بخشيائون.

ڪوٽ ڳڙهه جي دوري مان ظاهر آهي ته ستگرن جي
هر هڪ ڪاريه ۾ ڪو نه ڪو راز ڀريل هوندو آهي ۽ ڪنهن

۾ ٻيھر ڏھہ ڏينهن ستسنگ جو فرمايو تہ ڳوٺ جا سڀ ماڻھو
اچي ستسنگ ٻڌڻ لڳا. حضور جن گرو گرنٿ صاحب مان
ھڪ شبد ڪڍيو ۽ ان جي زوردار وياکيا ڪئي. ڳوٺاڻا ستسنگ
ٻڌي نھايت خوش ٿيا. ھو حضور جن سان گڏجڻ بہ آيا.
حضور جن بہ بزرگن سان نمرتا پوروڪ سر جھڪائي گڏيا ۽
ھڪ جيڏن سان ڏاڍي پريم ۽ سڪ سان مليا. سڀني کي ائين
پئي لڳو تہ سندن ڪٽنب پريوار جو سڃڻ سالن بعد ڪين مليو
ھو. اُتي ستسنگ ۾ اٽڪل ۲۰ ھزار سنگت ھئي. ۲۵-۳۰ ڄڻا
ود يشي ستسنگي بہ آيل ھئا جن کي ڏسي ڳوٺاڻا وائڙا ٿي
ويا، انھن لاءِ اھا فخر جي ڳالھہ ھئي تہ سندن ڳوٺ ۽ سندن
ڪٽنب پريوار جي ھڪ شخص جي ايڏي عزت ٿي رھي
آھي پر سنت مت جي اصلي سکيا ڏانھن ھو مائل نہ ٿيا ھئا،
يا بي خبر رھيا.

حضور جن سال ۾ ۲ دفعا مھانسنگھہ والا ۾ ستسنگ ڪرڻ
شروع ڪيو. آھستي آھستي ڳوٺاڻن ۾ حضور جن لاءِ پريم ۽
شرڌا وڌندي ويئي ۽ سندن سنت مت ڏانھن لاڙو ٿيڻ لڳو ھو.
حضور جن ۽ سندن ڪٽنب وارن مھانسنگھہ والا ۾ پنھنجي
ساري جائداد ۽ زمين ستسنگ کي ڏني آھي. وڏن
مھاراج جن جي رھائشي جاءِ کي مرمت ڪرائي ٺيڪ ڪرايو
ويو آھي. ڪجھ ستسنگ ٻڌڻ بعد ڳوٺاڻا نام دان لاءِ پرارٿنا
ڪرڻ لڳا. پر حضور جن فرمايو تہ نام دان لاءِ بياس اچو.

مھانسنگھہ والا ۾ حضور جن جي ستسنگن ۾ حاضري وڌندي
رھي. آس پاس جا ڳوٺاڻا بہ ڇڪجي ايندا رھيا. گوجروال
۽ ناروڻگ وال جتي وڏن مھاراج جن پرائمري تعليم حاصل
ڪئي ھئي اتي جا ڳوٺاڻا بہ ستسنگ ۾ اچڻ لڳا. ھاڻي جڏھن
بہ حضور جن ويندا آھن تہ ناروڻگ وال جا رھواسي رستي
تي سواگت دروازا ٺاھي سواگت ڪندا آھن. دروازن تي

سنگت ۾ بلڪل شانت ويٺي هئي. بنگال ته ٺهيو پر اڄ ڪلهه بهار، آسام ۽ منيپور ۾ به ستسنگي رهن ٿا ۽ اُتي ڪيترن شهرن ۾ هفتي ۾ هڪ ڏينهن ستسنگ ٿيندو آهي. اهڙي طرح مدراس، آندرا، ڪيرل وغيره ڪيترن ئي پرانتن ۾ به ستسنگي رهن ٿا ۽ حضور جن بنگلور، مدراس، حيدرآباد وغيره شهرن ۾ ستسنگ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن ۽ سردار بهادر مهاراج ڄڳت سنگهه جن وانگر ئي مهاراج چرنسنگهه جن به گهماڻ ۽ گهماڻ جي سنگت لاءِ ڏاڍو پريم ڀاءُ رکندا آيا آهن پر ڪين پنهنجن ستگرن جي جنم آستان مهانسنگهه والا جو گهڻو خيال رهندو آهي. حضور وڏا مهاراج جن پنهنجي ڳوٺ مهانسنگهه والا ويندا هئا پر اُتي ستسنگ شايد ڪڏهن به ڪونه ڪيائون. حضور مهاراج چرنسنگهه جن مهانسنگهه والا ۾ ستسنگ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. مهانسنگهه والا لڌياني کان ۱۴ ميل پري آهي. اُتي جي آدمشماري هڪ هزار کن ٿيندي. ماڻهو بهادر ۽ ايشور ڀڳت آهن. اُتي جا جوان گهڻي ڀاڱي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ چاهيندا آهن. حضور وڏا مهاراج جن ۽ سندن پتا سردار ڪابل سنگهه جن پڻ فوج ۾ وڏا عملدار هئا. ٻنهي مهاڀاري جنگين ۾ ڳوٺ جي فوجي سئنڪن پنهنجي ويرتا ۽ قربانيءَ جا مثال ڏيکاريا هئا. پر ڳوٺاڻا سنت مت کان شروع کان ئي پري ڀڄندا هئا. جڏهن باباجي مهاراج جن ستسنگ لاءِ پڌاريا هئا ته ستسنگ ۾ رڳو ۱۰-۱۵ ماڻهو ايندا هئا. اُنهن ۾ به اڌ کان مٿي حضور جن جي ڪٽنب جا ڀاتي هوندا هئا. ان ڳوٺ جا رهواسي حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن کي پنهنجي ڳوٺ جو هڪ بزرگ ۽ پنهنجو مائٽ سمجهندا هئا پر حضور جن جي مهما پوري طرح هنن ڪونه سمجهي. جڏهن حضور مهاراج چرنسنگهه جن مهانسنگهه والا

رستو ٺاهي ڇڏيو ۽ ستسنگ به مقرر وقت تي ٿيو. ان ستسنگ ۾ اٽڪل هڪ لک سنگت آيل هئي. لنگر، پوڇڻ ڀنڊار، بس اسٽينڊ، سائيڪل اسٽينڊ، پنڊال، بجلي، پاڻي وغيره جو پورو پورو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ ڳوٺاڻن ٻاهران آيل سنگت کي رهائش لاءِ پنهنجي گهرن جا دروازا کولي ڇڏيا.

اهڙي طرح حضور جن پنهنجن وڏن جي آستان ۽ خاص ڪري وڏن مهاراج جن جي جنم آستان جي رهواسين ۾ پريم پيار پيدا ڪيو ۽ پنهنجي ديا مهر سان انهن کي نهال ڪيو.

حضور جن جي لڳاتار دورن سبب اڄ ديش جي هزارين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هر آرتوار تي سنگت ڪٺي ٿئي ٿي ۽ اتي ستسنگ ٿيندا رهن ٿا. هن وقت ديش ۾ اٽڪل ۴۰۷ هنڌن تي ستسنگ گهر، ستسنگ لاءِ زمين وغيره آهن. روحانيت جو درياءُ وهي رهيو آهي ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ اتساهه وڌي رهيو آهي. ٻاهر مکي ڪريائن ۽ ڪرم ڪانڊ کان ماڻهن جي رُچي هٽندي وڃي ٿي ۽ سچي پرمارٿ کي ڄاڻڻ لاءِ ماڻهو سجاڳ ٿي رهيا آهن. حضور جن کي سچن جگياسين لاءِ اپار ديا مهر، پريم پيار ۽ محبت آهي. پنهنجي سک، سهنج، سهوليت ۽ صحت جو خيال نه ڪري حضور جن سخت محنت ڪري ديش ۽ وديش ۾ سنت مت جي جوت جڳائيندا رهيا آهن، جيون کي نامدان بخشي رهيا آهن ۽ سنگت کي مڪتيءَ جي مارگ ڏانهن هلائي رهيا آهن. هنن سنگت جي جيڪا رهنمائي ۽ سيوا ڪئي آهي اهڙو مثال اتهاس ۾ ڪو نه ملي سگهندو.

۷- حضور مهاراج چرنسنگهه جن جون وديش ياترائون

سنت ڪنهن هڪ ديش يا ذات لاءِ سنسار ۾ ڪو نه ٿا اچن.

وڏن اکرن ۾ "راڌا سوامي" لکندا آهن ۽ آيل سنگت کي ڏاڍي پريم پيار سان "راڌا سوامي" چئي ڪيڪاريندا آهن. انهن ڳوٺن جا رهاڪو باباجي مهاراج ۽ حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي وقت ۾ 'راڌا سوامي' نالي وٺڻ کان نه رڳو ڇرڪندا هئا پر ڪاوڙبا به هئا. ڪيترا ستسنگ، ٻڌڻ بعد مهما سنگهه والا جا ڳوٺاڻا ستسنگ، ۾ ڪابه شيوا يا مدد ڪونه ڪندا هئا. درشڪن وانگر پري بيهندا هئا. هاڻي ڪجھ سال اڳ، ستسنگ، جي پروگرام کان ست ڏينهن اڳ، برسات اهڙي سخت زور سان پيئي جو ڪچي رستي تي گپ چڪ ڪري موٽر يا ٽرڪ هلي نه سگهي. ڏيري مان جيڪي شيوادار ٽرڪ ۾ تنبو وغيره کڻي ويا تن تنبو وغيره ڳوٺ کان هڪ ميل ٻاهر پڪي رستي تي لاٿا. برسات ٿوري ٿوري پئي پيئي ۽ ڏيري جي سيڪريٽريءَ حضور مهاراج جن کي عرض ڪيو ته رستي تي گپ چڪ ايتري آهي جو سامان ڳوٺ تائين پهچائڻ مشڪل آهي ۽ سنگت کي به اُتي پهچڻ ۾ ڏاڍي دقت ٿيندي ان ڪري ستسنگ، جو پروگرام رد ڪيو وڃي. حضور جن فرمايو ته جيڪڏهن مهما سنگهه والا جا رهواسي چون ته پوءِ ڀلي پروگرام ڪئنسل ڪيو وڃي نه ته نه.

هوڏانهن نارنگ، والا ڳوٺ جي رهواسين پنهنجن گاڏين ۾ شاميانا رکڻ شروع ڪيا جيئن ستسنگ، سندن ڳوٺ ۾ ڪاليج واري ميدان ۾ ٿي سگهي. اهو ڏسي مهما سنگهه والا جي رهواسين جو به پريم جاڳيو ۽ سڀ ڳوٺ جا رهواسي رستي کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ويا. هڪ ڳوٺاڻي جي جڳهه خراب حالت ۾ ڪرڻ تي هئي. انهن سڀني چيو ته هن جڳهه کي ڪيرايو وڃي ۽ ان جي سرن، پٿرن ۽ مٽيءَ سان رستو پڪو ڪري ڇڏجي. انهن ائين ڪيائون. ڳوٺاڻن ٻن ڏينهن ۾

۽ انگلنڊ، آمريڪا وغيره ديشن جي سنگت ڪيترا سال
وينتي ڪندي رهي ته اچي درشن ڏيو. حضور جن سندن
عرض اگهايو ۽ مي ۱۹۶۱ کان پنهنجي وديش ياترا شروع
ڪئي. گذريل ۱۰-۱۱ سالن ۾ حضور جن ست ڀيرا وديشن
جا دؤرا ڪري چڪا آهن. اُنهن دؤرن جو ڪجهه احوال
اڳتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

ولايت جي هڪ دؤري ۾ هڪ دفعي ڪنهن حضور جن کان
سوال پڇيو ته توهين ڪيتريون ٻوليون ڄاڻندا آهيو؟ حضور جن
ڏاڍي پريم پيار ۽ سهج ڀاءُ سان جواب ڏنو، "پيارا مترا! مونکي ته
هڪ ئي ٻولي ايندي آهي ۽ اُها آهي "پريم جي ٻولي."

پريم جي انهي ڀاشا ۾ سنتن جو سنديش کڻي پرم سنت
ستگرو يورپ، آمريڪا، آفريڪا، ۽ ٻين دور دراز ملڪن جي
دؤرن تي نڪتا. اُنهن ملڪن ۾ اڳي، ڪنهن به سنت
مهاتما پير نه گهمايا هئا. جنهن پريم ۽ دِيا جي لهر ديش جي
ڪوني ڪوني جي جدا جدا ٻولين ڳالهائيندڙن کي پاڻ ڏانهن
ڇڪي ستگرن جي چرنن ۾ آندو، اها لهر هاڻي دنيا جي ٻين
ملڪن ۾ به ڪم ڪري رهي آهي.

جڏهن ميڪسيڪو ۾ هڪ عورت ستسنگ بعد ڏاڍي
پريم ڀاءُ ۽ شرڌا سان عرض ڪيو، "مان اوهان جي ڏاڍي
شڪرگذار آهيان جو اوهان پنهنجي ديش کان ايترو پري
اسان جي ملڪ ۾ آيا آهيو." ته حضور جن ڏاڍي پيار سان
جواب ڏنو، "ڀيڻ! مان ته سڀني ديشن جو آهيان ۽ سڀ
ديش منهنجا آهن." جڏهن حضور جن پنهنجي ياترا بعد ڪنهن
ديش مان واپس ايندا هئا تڏهن اتي جا رهواسي ائين محسوس
ڪندا هئا ته ڪو سندن سڳو مائٽ يا دوست يا پيارو ساٿي
موڪلائي رهيو آهي.

اڄ حضور مهاراج چرنسنگهه جن جا ستسنگي سنسار جي

نہ اُنهن جو ڪو ڪنهن ديش يا قوم سان خاص سنبنڌ هوندو آهي. سڀ ديش سڀ قومون پنهنجون سمجهندا آهن. هوءَ ديش وديش جي ڀن ڀيد کان پري هوندا آهن. هنن جو سنديش سڀني ملڪن جي رهواسين لاءِ ۽ سڄي سنسار لاءِ هوندو آهي. حضور سچا پاتشاهہ ساون سنگهہ جن فرمائيندا هئا تہ اڃا تہ سنت مت جي شروعات آهي. سنت مت يورپ، آمريڪا وغيره ٻاهرين ڪيترن ديشن ۾ ڦهلجڻو آهي. اڄ حضور جن جا وچن سچا ثابت ٿي رهيا آهن ۽ مهاراج چرنسنگهہ جن جي اپار ديا مهر ۽ محنت سبب سنت مت سنسار جي ڪوني ڪوني ۾ ڦهلجي رهيو آهي.

جئين اڳــ، لکيو ويو آهي تہ ڀارت کان ٻاهر سنت مت جي شروعات سنہ ١٩١٠-١١ ۾ ٿي هئي. پر جڏهن اسان جي موجوده سنت ستگرو حضور مهاراج چرنسنگهہ جن ١٩٥٣ ۾ نام دان ڏيڻ شروع ڪيو اُن وقت تائين ڀارت کان ٻاهر ڪل ٢٧٢ ستسنگي هئا، تڏهن يورپ ۾ رڳو ٻہ، آفريڪا ۾ ٤ ۽ انگلنڊ ۾ ١٥-٢٠ ستسنگي هئا. هينئر يورپ جي هر ملڪ ۾ ستسنگي آهن. اڄ هالنڊ جهڙي ننڍڙي ملڪ ۾ سوين ستسنگي آهن ۽ جرمني، فرانس، بيلجم، ڊينمارڪ، سئٽزرلئنڊ ناروي، سويڊن، آسٽريا، اٽلي، اسپين، گريس وغيره ديشن ۾ بہ ستسنگي رهن ٿا. آسٽريليا، نيوزيلئنڊ وغيره ملڪن ۾ جتي سنت مت جو نالو بہ ڪونہ هو، اڄ اُتي ڪيترائي ستسنگي آهن. حضور جن ١٩٦٨ ۾ نيوزيلئنڊ ويا. اڄ ان ننڍڙي ٻيٽ ۾ اٽڪل ١٠٠ ستسنگي آهن ۽ نام دان لاءِ ڪيترائي انتظار ڪري رهيا آهن. آمريڪا جي سنگت وڏن مهاراج جن کي آمريڪا اچڻ لاءِ وينتي ڪندي رهندي هئي. پر حضور جن لاءِ صحت جي خيال کان ايڏي وڏي سامونڊي مسافري ڪرڻ مشڪل هو. حضور مهاراج چرنسنگهہ جن کي

ڀورو ڀورو حل ڏيائون. سنت مت جي سڌانتن کي سرل نموني ۾ سمجهايو ۽ ستسنگين جي گهر وڃي انهن ۽ انهن جي ڪٽنب پريوار کي درشن ڏنو. ڪيترن هنڌ بيمار ستسنگين يا انهن جي عزيزن وٽ اسپتال ۾ وڃي حال احوال پڇيو. نہ رڳو ستسنگين جي پرانت يا شهرن ۾ ويا پر ڪيترا ڀيرا سؤ سؤ، ٻہ ٻہ سؤ ميل سفر ڪري انهن جي گهر ۾ وڃي کين درشن ڏنائون. گرو نانڪ صاحب جا وچن، "جن تم پيجي، تنهہ بلائي، سک سهج سيتي گهر آئو" حضور جن عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريا.

١- پهريون دؤرو (دور اوڀر طرف) ١٩٦١

حضور جن ٨ مي ١٩٦١ تي ڏيري مان هلي دهلي ۽ بمبئي مان ٿيندا اوڀر وارن ملڪن جي دؤري لاءِ روانا ٿيا. شري رامناٿ مهتا حضور جن سان گڏ سيڪريٽريءَ جي روپ ۾ ويا. حضور جن سلون (لنڪا)، سائگان، بئنگڪاڪ، سينگاپور، هانگ ڪانگ، ٽوڪيو ۽ جپان جي ڪجهہ ٻين شهرن ۾ ستسنگ جي امرت ورکا ڪئي ۽ نام دان بخشي جيون جو اڌار ڪيو. پارس مان اوڀر ملڪن ۾ اچي اُتي رهندڙ ستسنگين ۽ جگياسين کي حضور جن درشن ڏنو ۽ ستسنگ بخشيو. حضور جن جي ديا مهر جي ڪيترن ئي ساکين مان هت هڪ بيان ڪجي ٿي، جا هڪ روسي عورت* جي حضور جن جي چرنن ۾ اچڻ بابت آهي.

اها عورت هانگ ڪانگ جي هڪ ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. انهيءَ پنهنجو انڀو لکي موڪليو آهي جو هيٺ مختصر

---

* شريمتي ڪرا اسٽراسر :— هنکي ١٩٦٢ ۾ نام دان مليو.

اُتي کان وڏيڪ ملڪن ۾ رهن ٿا. جيڪي ملڪ اڄ هڪٻئي جا دشمن آهن انهن جا رهواسي ٻه ڏينهن اڳ ۾ اچي سڀ مٽ ڀيڻ وساري ٿا ڇڏين ۽ پريم ڀاوَ سان رهن ٿا. ڏکڻ آفريڪا جا گورا لوڪ پنهنجي ملڪ جي رنگ ڀيد واري نيتي وساري اڄ ٻه ڏيري ۾ اچي هندستانين سان گڏ ملي جلي رهن ٿا. ڪجهه سال اڳ، جڏهن اِزرائيل ۽ عرب ملڪن وچ ۾ نه رڳو ڪشمڪش هئي پر هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا هئا، ان وقت ٻنهي ملڪن جا ڪي ستسنگي ڏيري ۾ آيا هئا. ڏيري ۾ ڏاڍي پريم سان رهندا هئا ۽ واپس وڃڻ وقت بياس مان هڪ ئي ريل ۾ چڙهي روانا ٿيا. ريل ۾ ٻه پاڻ ۾ ڏاڍي سک ۽ پريم ڀريون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ اها اميد پئي رکيائون ته ڪنهن ڏينهن وري ٻيهر گڏ جندا سين. انهن سان گڏ جيڪي ٻيا مسافر به چڙهيل هئا تن کي جڏهن خبر پيئي ته انهن ۾ ڪي عرب ملڪ جا ته ڪي اِزرائيل ملڪ جا رهواسي آهن ته هو حيران ٿي ويا ڇاڪاڻ ته راڄنيتي سبب ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جا دشمن هئا.

پنهنجي ودیش ياترا کان اڳ، سيني سينٽرن جي ستسنگين کي لکيو ويو هو ته حضور جن جي اچڻ تي ڪنهن به قسم جو ڏيکاءُ، پرچار وغيره نه ڪن، پوسٽرن، ٽيليويزن، اخبارن ذريعي پرچار نه ڪن. صرف ستسنگين ۽ جگياسين کي پروگرام کان واقف ڪن، سيني ملڪن ۾ حضور جن جي حڪم جي پوئواري ڪئي ويئي پر اُتي ڪاري جيو ڇڪجي پئي آيا جتي اڳ، رڳو ۱۵-۲۰ ستسنگي هئا اُتي به ستسنگ ۾ ڏيڍ ٻه هزار ستسنگي ۽ جگياسو ايندا رهيا.

انهن ياترائن ۾ حضور جن سيني هنڌن تي ڪيترن جگياسين ۽ ستسنگين کي ملاقات ڏني. اُنهن جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ سندن مسئلن کي چڱي طرح ٻڌو ۽ اُنهن جو

سندس گلو ڀريل هو. ڪنهن به نمسڪار وغيره بنا، چوڻ لڳي، ”مون کي ۴-۵ ڏينهن کان توهانجا درشن پئي ٿيا آهن.“ حضور جن ديا ڀالي مشڪي جواب ۾ فرمايو، ”مونکي ته ڪا اهڙي سُڌ نه آهي.“

اُها ڀرينڻ چوڻ لڳي، ”پر مونکي ته برابر درشن پئي ٿيا. توهان کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هو جو مونکي درشن ڏيندو هجي.“ حضور جن ساڳئي نموني مشڪي چيو، ”جڏهن توکي معلوم آهي ته پوءِ مان ان باري ۾ ڇا ٿو چئي سگهان؟“

ان بعد جيترا به ڏينهن حضور جن هانگ ڪانگ ۾ رهيا اُها ڀرينڻ روز ستسنگ ۾ ايندي رهي. پنجابيءَ جو هڪ اکر به ڪونه سمجهندي هئي. پر لڳاتار مهاراج جن جي سندر مکڙي جو ٽڪٽڪي لڳائي درشن ڪندي رهي. ڪيترا ڀيرا سندس اکين مان پريم ڀريا آنسون وهڻ لڳندا هئا. صبوح جو، منجهند جو شام جو جتي به ستگروءَ ويندا هئا هوءَ اُتي ويندي هئي. نه ڪڏهن ڪا پرارٿنا ڪندي هئي نه ڪو سوال ئي پڇندي هئي. ستگروءَ جي من موهيندڙ مکڙي کي چڪور وانگر ڏسندي رهندي هئي. جڏهن هانگ ڪانگ مان هلڻ وقت حضور جن هوائي اڏي جي ريسٽ هائوس ۾ ويٺا هئا ته اُن چيو، ”بيشڪ توهين ئي منهنجا پيارا عيسيٰ مسيح آهيو.“

حضور جن ديننتا ۽ نمرتا سان جواب ڏنو، ”مان ته هنن جي چرنن جي ڌوڙ برابر به نه آهيان.“ هوءَ چوڻ لڳي، ”جيڪڏهن توهين عيسيٰ نه آهيو ته خود پرم پتا پرماتما آهيو....“

سندس گلو گهٽجي ويو وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائي سگهي. هوءَ پنهنجا ڳوڙها به روڪي نه سگهي. هاڻي هنکي نام دان به مليو آهي ۽ ٿوري وقت ۾ هن چڱي روحاني ترقي

لفظن ۾ ڏنو ويٿو :-

حضور جن جي هانگ ڪانگ، پهچڻ کان ڪجھ ڏينهن اڳ، ڪيس حضور جن جا درشن ٿيڻ لڳا. پر ڪيس سمجھہ ۾ نہ پيو اچي تہ سامهون ايندڙ، ڪشش ڪندڙ بزرگ، پرش، هو ڪير؟ درشن ڪرڻ سان ڪيس خوشي بہ ڏاڍي ٿيندي هئي ۽ پاڻ کي شانت چت سمجھڻ لڳي ۽ منجهس آنند جي ڀاونا لڳاتار پيدا ٿيندي رهي. پر خيال ايندو هوس تہ اُهو مهاتما آهي ڪير؟ ڇا هو سندس پيارو مسيح حضرت عيسيٰ هو؟ پر حضرت عيسيٰ جا جيترا فوٽا هن ڏٺا هئا اُنهن سڀني ۾ هن کي ننڍي ۽ ڀوري رنگ جي ڏاڙهي ھوندي هئي ۽ درشن ڏيندڙ مهاتما جي ڏاڙهي وڏي ۽ سفيد هئي. ان کان سواءِ هنجي مٿي تي بہ اهو ڪجھہ پٽڪو هو جو حضرت عيسيٰ ڪڏهن بہ نہ پاتو هو.

انهيءَ سوچ ويچار ۾ سندس ڪجھ ڏينهن گذريا. هڪ ڏينهن جڏهن صبوح جو اخبار پڙهي رهي هئي تہ ان ۾ هڪ فوٽو ڏٺائين، اُن جي هيٺان ٿوري ۾ خبر ڇپيل هئي تہ پرم سنت مهاراج چرنسنگھہ جن اڄ شام جو ۵ بجي سک گردواري ۾ ستسنگ فرمائيندا. فوٽو ڏسندي ئي خوشيءَ وچان سندس وات کُليو ٿي ويا. اهو تہ اُنهيءَ مهاتما جو فوٽو هو جنهن جا ڪجھ ڏينهن اڳ، ڪيس درشن پئي ٿيا. سندس من ۾ هڪ عجيب قسم جي خوشي ۽ آنند پيدا ٿيو. اخبار هٿ ۾ کڻي هوءَ هڪدم اخبار جي آفيس ۾ ويئي. اُتان پڇا ڪرڻ تي اخبار جي سمپادڪ کيس ٻڌايو تہ کيس اها خبر ڪونہ هئي تہ اُهو مهاتما ڪٿي لٿل آهي. پڇائيندي پڇائيندي هوءَ ستسنگ جي ٽائيم تي گردواري ۾ پهتي. اُتي اُن ساڳئي سروپ جو درشن ڪري اکين مان آنسون اچڻ لڳس ۽ گلي مان آواز نہ پيو نڪريس. جڏهن مهاراج جن سان ملي تہ بہ

وڃي. ستسنگين کي ائين ٻه ڇهو ويو هو ته هوائي اڏي تي نه اچن پر انهيءَ هوندي ٻه جن جي گهر ۾ ستگرن کي رهڻو هو، اهي پنهنجي موٽر وٺي هوائي اڏي تي آيا هئا. پرسان هڪ وڏو هال مسواڙ تي ورتو ويو هو جنهن ۾ اٽڪل ۲۵۰ ستسنگي ۽ جگياسو درشن لاءِ شانتيءَ سان ويٺا هئا. حضور جن هوائي اَڏي کان سڌو اُتي ويا ۽ ۲۰-۲۵ منٽ ويهي سنگت کي درشن ڏنائون. هڪ انگريز دوست ان وقت جو احوال هن ريت لکيو آهي :- ”.... سڀ کان خاص اها ڳالهه هئي جو سڀني جون اکيون ستگرن جي سهاوني مکڙي تي ٽڪيل هيون، بلڪل خاموشي هئي ۽ اسانجون دليون پريم ۾ جهومي رهيون هيون. .... منش کي زندگيءَ ۾ اهڙيون املهه گهڙيون ڪڏهن نصيب ٿينديون آهن. اسان جي ملڪ تي اڳ ۾ ڪيترا پيرا حملا ٿي چڪا آهن ۽ اُنهن کي هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، پر جنهن نموني هن پيري حضور مهاراج جن پنهنجي پريم سان هن ملڪ تي آتمڪ وجيه حاصل ڪئي آهي ان جو مثال ڪڏهن به نه ملي سگهندو.“

هڪ ٻئي سڄڻ وري سوندي صاحب جي رهائشي جڳهه بابت لکيو آهي، ” اهو هنڌ ريلوي جي ان اسٽيشن وانگر ٿي لڳو جا مسافرن سان ڪڇا ڪچ ڀريل هوندي آهي. اُتي سڄو ڏينهن سنگت پئي آئي ۽ وئي ۽ جسماني ۽ روحاني آنند پئي لٽيو. ٻين ملڪن مان به گهڻا ستسنگي لنڊن پهچي ويا هئا. سر ڪالن گار بيٽ ۽ شري سيم بوُسا ۱۰-۱۲ ستسنگين سميت ڏکڻ آفريڪا مان آيل هئا لڳ ڀڳ ايترائي ستسنگي ۽ جگياسو آميريڪا، هالنڊ، سٽزرلئنڊ، جرمني وغيره ملڪن مان آيل هئا. جوُن ۽ جوُلاءِ جي مهني کي انگلنڊ ۾ ”موسم جا راجا“ ڪري مڃيو ويندو آهي. هڪ ته چمڪندڙ

ڪئي آهي.

۱۸ جولاءِ ۱۹۶۱ تي حضور جن اوڀر وارن ملڪن جو دؤرو سڪ، سانت سان پورو ڪري ڏيري واپس آيا ۽ اُتي اڳئين وانگر وري چهل پهل شروع ٿي ويئي.

۲- يورپ جو دؤرو- ۱۹۶۲

ڪيتري وقت کان يورپ جي ستسنگين حضور جن کي وينتيءَ ڀريا خط پئي لکيا ته حضور جي اسانکي اچي درشن ڏيو. اهو سلسلو سنه ۱۹۵۳ کان هلندو پئي آيو. ڪجهه سالن بعد انگلنڊ جي سنگت گڏجي هڪ پرارٿنا پتر حضور جن جي شيوا ۾ لکيو. وري سنه ۱۹۶۱ ۾ جڏهن اُتي جا ڪجھ هندستاني ۽ انگريز ستسنگي پورو هوائي جهاز ڪري حضور جن جي درشن لاءِ ڏيري آيا ته اُنهن وري به هڪ دفعو پرارٿنا ڪئي. دلين جي سڪ ۽ پريم پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ حضور جن انگلنڊ وڃڻ قبول ڪيو.

حضور مهاراج جن ۱۹ اپريل ۱۹۶۲ تي يورپ جي دؤري لاءِ ڏيري مان روانا ٿيا. پروفيسر جنڪ راج پُري (پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ فيلسوفيءَ جو پروفيسر هو) حضور جن سان سيڪريٽري ٿي ويو. بمبئيءَ مان ۲۱ اپريل تي هوائي جهاز رستي ايران، لبنان، ترڪي، اٽلي، سئٽزرلئنڊ، جرمني ۽ سويڊن جي ستسنگين ۽ جگياسين کي درشن ڏيندا ۸ جون صبوح جو لنڊن پهتا. هتي مان حضور جن جي هن دؤري جو احوال تفصيلوار نه ڏيندس ڇاڪاڻ ته ڪرنل سئنڊرس ان دؤري جي باري ۾ هڪ پستڪ ڇپائي چڪو آهي.

حضور جن جو چوڻ هو ته سندن اچڻ تي ڪوبه ڏيکاءُ يا سواگت سماروهه وغيره نه ڪيو وڃي. ستسنگ جو پربنڌ سادي نموني ڪيو وڃي ۽ ڪنهن به قسم جو پرچار نه ڪيو

۾ ڪيو جو سڀ ماڻهو راضي ٿي ويا. هتي ان جو رڳو هڪ مثال ڏنو وڃي ٿو.

اهڙين پرارٿنائن سبب ۽ ستسنگين جي گهڻي منت ڪرڻ تي مهاراج جن لنڊن کان ۵ ميل پري هڪ هنڌ گارڊن پارٽي وٺڻ منظور ڪئي، ان لاءِ ته هڪ ئي وقت هڪ هنڌ، گهڻي ۾ گهڻا ستسنگي هڪبئي سان ملي جلي سگهن ۽ گڏ ڪجهه وقت روح رهاڻ به ڪن. ان لاءِ ٻن ڪلاڪن کان به وڌيڪ وقت جي ضرورت هئي. اُتي پهچڻ تي مکيه پرٻندڪ عرض ڪيو ”مهاراج جي! ٽي چار ماڻهو جيڪي نام دان وقت لنڊن پهچي نه سگهيا هئا، اهي نام دان لاءِ ڏاڍا منتظر آهن ۽ نام وٺڻ ٿا چاهين.“ حضور جن مشڪي فرمايو، ”پارٽي صاحب مون کان هڪ ڪم ڪرايو، يا ته انهن کي نام دان ڏياريو يا پنهنجي پارٽيءَ جي اڇا پوري ڪريو.“ ان تي اُنهن نمرتا پوروڪ وينتي ڪئي، ”مهاراج جي اوهان جي هتي تشريف فرمائڻ سان ئي اسان جي اڇا پوري ٿي وئي آهي. جيڪڏهن توهين واجب سمجهو ته هنن کي نام دان به ضرور بخشو.“ وارتالاپ ۽ لنچ پارٽيءَ بعد ان چانهه جلد پي ورتائون ۽ اهڙي نموني نام دان لاءِ ۲ ڪلاڪ بچايا ويا.

انهن سڀني ڳالهين جو احوال ته ڪرنل سئنڊرس جي پستڪ ۾ آيو هوندو. مان حضور جن جي ديا مهر جي باري ۾ اُتي جي ڪجهه ستسنگين جي لکيل خطن مان حوالا پيش ڪريان ٿو.

”منهنجا پيارا ستگرو، راڌا سوامي. هيءَ ننڍڙو خط رڳو اوهانجي ديا ۽ مهر جي شڪر ادائي ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان. مون هڪ اهڙو چمتڪار ڏٺو هو جو خبر ناهي توهان کي عجيب لڳندو يا نه. حضور جن کي ياد هوندو ته هڪ

سورج جا سونهري ڪرڻا ۽ اُن سان گڏ پوري ستگرن جي ديا مهر جي مکي، منڊل مان جيڪي آتمڪ ڌارائون نڪتيون تي، تن ڪين ڏاڍو مگن ڪري ڇڏيو هو. انهي ڳالهين سبب واتاورڻ اهڙو بڻيو جو لنڊن جڻ سرڳ سمان بڻجي پيو هو. آنند ۽ خوشيءَ جي لهرن ۾ ستسنگي ڀاڳ ڪي ڀاڄي ويا هئا. ستگرن جي دل خوش ۽ مگن هئي. سندن چهرو مٿي مرڪ ۽ آنند سان ڀرپور هو ۽ مارشل سونديءَ جو گهر به روشن لڳو پيو هو.

۹ جون کان ۲۶ جون تائين حضور جن لنڊن ۽ آس پاس وارن هنڌن تي ستسنگ جي امرت ورکا ڪئي ۽ ڪن هنڌ تي نام دان به بخشيو. انگلنڊ ۾ ڀارتي ستسنگي به ڪافي انداز ۾ آهن. اُهي اُتي رهي نوڪري، واپار وغيره ڪندا آهن. اُنهن لاءِ ستگرن ٻه ٽي ستسنگ هندستانيءَ ۾ به ڪيا. انگريزيءَ ۾ ستسنگ بعد جگياسن کي سوالن پڇڻ جو موقعو به ڏنو ويو. اهو سوالن جوابن جو ڪاريه ڏاڍو لاڀدايڪ ۽ وندرائيندڙ هو. ستگرن سان الڳ ملاقات ڪرڻ وارا به گهڻيئي هئا. انهن ملاقاتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻه ٻه يا ٽي ٽي ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ۳۰-۴۰ ماڻهن کي گڏ ملاقات ڏيندا هئا. ايتري مشغول ڪاريه ڪرم ۾ پربندڪ ڏاڍو ٿڪجي پوندا هئا. پر حضور جن ديا مهر ڪندي ڪونه ٿڪبا هئا. ڪيترن ماڻهن حضور جن کي پنهنجن گهرن ۾ پوتر چرن گهمائڻ لاءِ وينتي ڪئي. حضور جن سڀني سڪڻن جي دل رکي. ڪيترن حضور جن کي پنهنجن موٽرن ۾ وٺي وڃڻ لاءِ پنهنجي گهر ۾ رهڻ لاءِ، وٽن ناشتو، ڀوڄن، چانهه ڪافي وغيره پيئڻ لاءِ منٿون ڪيون پر اهو سڀ ڪم ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. پر حضور جن ان مسئلي جو به حل اهڙو سياڻپ ۽ سرل نموني

جڏهن توهين هتي هئا مونکي ان پريم پيار جي انڀو جو
بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ئي ڪونہ ٿا ملن جو توهان مونکي بنا منهنجي
ڪنهن ڪوشش جي، بخشيو هو. مان ان مهان موقعي کي
ڪڏهن بہ نٿو وساري سگهان جڏهن مون پنهنجي پياري
ستگرن کي هتي ديهہ سروپ ۾ ڏٺو. ان ڪري مونکي
ڀڄن سمرن ڪرڻ ۾ ڏاڍي مدد ملي. ' اسين دل و جان سان
اوهانجا شڪر گذار آهيون' ائين چوڻ ٿيندو پنهنجي دل جي
گهرائين جو اُتورو اظهار ۽ ڪمزوري بيان ڪرڻ. اسين وري
وري اُهي گهڙيون ياد ڪري رهيا آهيون جن ۾ توهان تمام
گهڻي ديا مهر ڪري اسانکي پيار ڪيو جهڙي طرح ڪو پتا
پنهنجن پيارن ٻالڪن کي پيار ڏيندو آهي."

"جڏهن توهين اسانجي ديش ۾ پڌاريا تڏهن توهان
اسانکي ڪهڙي نہ املهہ چيز بخشي. جڏهن مون توهانکي
نام دان لاءِ وينتي ڪئي تڏهن مونکي ڪو اهڙو خيال بہ
نہ آيو هو تہ ڪهڙو املهہ خزانو مان گهري رهيو هوس. پر
هاڻي ڀڄن سمرن ۽ ستسنگ ڪرڻ سان کي قدر معلوم ٿيو
آهي ۽ مان محسوس ٿو ڪريان تہ مان ڪيترو نہ خوشقسمت
آهيان .... مونکي تہ ائين ٿو لڳي تہ هڪ بيجان کي نئين
جان ملي وئي آهي."

حضور مهاراج جي ! اسين توهان جي پوروپ پڌارڻ لاءِ
ڪهڙن لفظن ۾ شڪر ادائي ڪريون؟ اهو هڪ اهڙو انوکو
۽ عجيب انڀو هو جنهنجو بيان ڪري نٿو سگهجي. حضور جن
جي هتان تشريف فرمائڻ بعد مونکي ستين منڊلن جي سٿو
ڪرڻ جي ايتري خواهش ڪونہ آهي جيتري لڳاتار توهان
جي درشن ڪرڻ جي....... هينئر تہ مان توهان جي درشن
ڪرڻ کانسواءِ زنده رهي نٿو سگهان. هيءَ زندگي اجائي
چئبي جيڪڏهن اُها اوهانکي ارپڻ نہ ڪجي. صرف اوهانجي

ڏينهن صبوح جي وقت جڏهن توهين هتي هئا ته مون ستسنگ بعد عرض ڪيو هو ته مون توهان کي ستسنگ، وقت هڪ ٻئي روپ ۾ ڏٺو آهي. ان وقت مون کي معلوم نه هو ته اهو روپ ڪهڙي مهاتما جو هو. پر اڄ هڪ فوٽو ڏسڻ سان معلوم ٿيو ته اهي سوامي جي مهاراج جن هئا. اڄ صبوح جو پوڄن بعد مون هڪ پستڪ پڙهڻ شروع ڪيو، ان ۾ لکيل هو ته سوامي جي مهاراج جن ١٥ جون ١٨٧٨ تي منجهند جو اٽڪل ٢ بجي ڌاري چولو ڇڏيو هو، تڏهن مون کي ياد آيو ته توهان به هتي ١٥ جون ١٩٦٢ تي منجهند جو اٽڪل ٢ بجي پنهنجا پوتر چرن گهمايا هئا. ممڪن هجي ته انهن ٻنهي ڳالهين جو پاڻ ۾ سنبنڌ نه هجي. مان ته ان کي هڪ وچتر گهٽنا سمجهي رهيو آهيان. .... مان حضور جن جي اڳين انيڪ مهربانين لاءِ جيڪا مون مٿان هاڻي به ديا مهر ڪري رهيا آهن انهن سڀني لاءِ گهڻو گهڻو شڪر گذار آهيان."

"جڏهن حضور جن هتي آيا هئا ته ائين معلوم ٿيندو هو ته مان نهايت شانتي، خوشي ۽ آنند جي واتاورڻ ۾ هوس. حضور جن جي وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ جڏهن مون کين آخرين الوداع ڪئي ۽ حضور جن بيحد ديا مهر ڪري مون سان هٿ ملائي موڪلايو ته مون کي ائين معلوم ٿيو ته ڪا آتمڪ جوت مون ۾ سمائجي ويئي، جنهن ڪري منهنجي اندر جا سڀ پاپ ناس ٿي ويا ۽ آتما صاف ۽ نرمل ٿي پيئي. ائين پئي معلوم ٿيو ته مون لاءِ هاڻي خوشي ۽ آنند ئي هو. منهنجي زندگي ۽ ويچار ڌارا ئي بدلجي ويئي. حضور جن جيڪي ڪجهه مون لاءِ ڪيو آهي انهيءَ جو مان لفظن ۾ بيان ئي نٿو ڪري سگهان ۽ نه ئي ان لاءِ پوري طرح شڪرانا ادا ڪري سگهان ٿو."

سمجهان ٿو پرم پري صورت ساڪيات مون اڳيان بيٺي آهي ۽ ان جي شرير مان ديا مهر ۽ شانتيءَ جون لهرون نڪري رهيون هيون. انهن پڻ معلوم ٿيو ته جڻ اسين پرم پتا پرماتما جي سنمک بيٺا آهيون. اهڙن مهان پوتر پلڪن جي ورنن ڪرڻ جي زبان کي طاقت نه آهي. جڏهن ايلنگ جي ٽائون هال ۾ منهنجي نظر پهريون دفعو ان سهاوڻي صورت تي پيئي ته منهنجي اکين مان لڙڪن جي ڌارا وهڻ لڳي ۽ دل پريم سان ڀرپور ٿي ويئي.

حضور جن آخرين ستسنگ انگريزيءَ ۾ فرمايو. ان وقت ڪرنل سئنڊرس هڪ ننڍي تقرير ۾ حضور جن جي ڪرپا ۽ ديا مهر لاءِ کين ڌنيواد ڏني. اها تقرير ڏاڍي وڻندڙ هئي. حضور جن جو جواب به ديا مهر وارو هو. جواب جي آخر ۾ فرمايائون، "مان توهان سڀني کي ائين چوندس ته نيڪي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان هلو. جيڪڏهن توهين سدا سنوان ۽ سچا هوندا ته هيءُ مارگ به سڌو ۽ سولو ٿيندو."

حضور جن جي آخرين ستسنگ جون اهي گهڙيون وسرڻ جون نه آهن ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ ديا مهر ڀريل هئي. سڀني جون دليون خوشيءَ ۾ ڀرپور هيون. ڪيترن ئي رومال ڪڍي پنهنجي اکين جا ڳوڙها پئي اُگهيا. پر ڪن آهن اُهي پريم ڀريل لڙڪ جي ستگرن جي پيار ۾ ٿي نڪتا. ان وقت دلين ۾ پريم ڀاؤ اڇلون ڏيئي رهيو هو. ڪو به اهڙو جيءُ اُتي ڪونه هو جو ستگرن کي پيار نه ڪندو هجي بلڪ سڀ ائين محسوس ڪري رهيا هئاسين ته اسين هنن جي پريم ۽ پيار لاءِ ڪيتري قدر لائق آهيون؟

حضور جن لنڊن مان ٢٦ جون تي هوائي جهاز ذريعي روانا ٿيا. رستي ۾ يورپ ۽ وچ اوڀر جي ڪجھ هنڌن تي ستسنگ ڪندا ٧ جولاءِ دهليءَ پڌاريا. ٻئي ڏينهن مهاراج جن

وري روشن ملڻ جي اُميد جي سهاري زنده رهان ٿو ۽ ان
اُميد سبب مايوسيءَ کان بچيل رهان ٿو.“

”حضور جن جي هتي پڌارڻ تي جا ديا مهر ۽ داس
مونکي حاصل ٿي آهي ان سبب منهنجي دل ۾ پريم پيدا
ٿيو آهي ۽ مان بار بار شڪرانا مڃي رهيو آهيان. توهانجي
هتي پڌارڻ ۽ توهانجي ديهه سروپ جو درشن ڪرڻ اهو
هڪ عجيب انڀؤ هو ۽ انڪري منهنجي جيون ۾ ڏاڍو ڦيرو
اچي ويو آهي.“

”توهان جيڪا املهه داس مونکي بخشي آهي انلاءِ
شڪرانا مڃڻ چاهيان ٿو. ليڪن انکي ورنن ڪرڻ لاءِ پورا
لفظ ئي ڪونه ٿا ملن. مان توهانجي چرنن ۾ اچي توهانجو
سچو شيوڪ بڻجڻ ٿو چاهيان.“

هتي هڪ خط جو سار ڏيڻ ٿو چاهيان جو لنڊن جي هڪ
ستسنگيءَ بمبئيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست کي لکيو هو :-
”جيئن ته توهانکي خبر آهي ته مهاراج جن جو اسانجي ملڪ
۾ اچڻ هڪ اهم اتهاسڪ واقعو آهي. ڪير ٿو چئي سگهي ته
اسانجي ملڪ کي ڪنهن پوري گروءَ جي پوتر چرن گهمائڻ
جو اهو پهريون ئي موقعو مليو آهي ۽ حضور جن پهريان ئي سنت
ستگرو آهن جن هتي پنهنجا پوتر چرن گهمايا آهن. اها ڳالهه
هن ديش لاءِ وسارڻ جهڙي نه آهي بلڪ سڀني ستسنگين لاءِ
اهميت ڀري ڳالهه آهي چاڪاڻ ته اُهي ستگروءَ جي درشن لاءِ
واجهائي رهيا هئا. پر افسوس ته ان ڳالهه جو آهي جو اهو
وقت جلد ئي گذري ويو ۽ هاڻي ته سندن ياد ئي وڃي
رهي آهي. پر اها ياد به اهڙي آهي جا زندگي ڀر ڪونه
وسرندي. جيڪو مهاتما جڏهن چاهي، سچکنڊ وڃي سگهي،
سو يورپ يا انگلنڊ ۾ ڪي سهڻا هفتا ڏسڻ ڪونه آيو هو.
مهاراج جن جو درشن هڪ اتي پت انڀؤ هو ۽ مان ائين ڀيو

جي جدا جدا سينٽرن جي مکيه ستسنگين سان پروگرام جي باري ۾ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. جڏهن هانگ ڪانگ، سينگاپور سائگان، ملايا، جپان وغيره شهرن جي ستسنگين کي خبر پيئي ته اُنهن جا خط ۽ تارون اچڻ لڳيون ته حضور جن اوڀر واري رستي کان وڃن ۽ واٽ تي کين به درشن ڏيڻ جي ڪرپا ڪن. اهڙي طرح انگلنڊ جي سنگت به وينتي ڪئي.

مهاراج جن ١٩٦٤ جي شروع ۾ فيصلو ڪيو ته ٢ اپريل واري ڀنڊاري بعد ڪنهن به وقت آمريڪا ويندا ۽ جولاءِ جي ڀنڊاري کان اڳ موٽي ايندا. هنن اوڀر ۽ يورپ جي ستسنگين جي وينتي قبول ڪئي ته وڃڻ وقت اوڀر وارن ملڪن ۾ ستسنگ ڪندا ويندا ۽ موٽندي انگلنڊ مان به ٿيندا ايندا.

٢ اپريل ١٩٦٤ تي حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي ڀنڊاري جو ڏينهن هو. ڀنڊاري بعد ٦-٧ ڏينهن نامدان ڏيڻ ۾ لڳا. پوءِ حضور جن ٩ اپريل ستسنگ لاءِ دهليءَ پڌاريا. ٣ ڏينهن ستسنگ ۽ نامدان جو پروگرام هو. بعد ۾ مهاراج جن ١٦ اپريل ڏيري ۾ آيا ۽ اچڻ سان ئي آمريڪا وڃڻ جي تياري شروع ٿي ويئي. ٤-٥ ڏينهن حضور جن ڏيري جي هر هڪ کاتي جي انچارج سان گڏجڻ ۽ کين هدايتون ڏيڻ، ڀنڊاري سبب رهيل ڪم پورا ڪرڻ، پنهنجي دوري جي بندوبست لاءِ اُتي جي پريمين کي خط لکائڻ وغيره ڪيترائي ڪم ڪيا ۽ پوءِ ڏيري مان روانا ٿيا. ٻن ڏينهن لاءِ سڪندرپور مان ٿيندا حضور جن ٢٣ اپريل شام جو دهليءَ پهتا. اُتان ٢٥ اپريل صبوح جو سوائين پنجين بجي واري هوائي جهاز ۾ حضور جن دور اوڀر وارن ملڪن ۽ آمريڪا جي دوري لاءِ روانا ٿيا. آمريڪا جا پريمي ستسنگي ڊاڪٽر اسٽون ۽ هنجي پتني مس لئيس هلگر به حضور جن سان هن ياترا ۾ شامل هئا. ايئروائيس مارشل سونڌي

پوسا روڊ ستسنگ، ميدان ۾ سنگت کي درشن ڏنو. پوءِ هڪ ڏينهن لاءِ سڪندر پر مان ٿيندا حضور جن ١١ جولاءِ شام جو ڏيري پهتا. حضور جن جي غير حاضريءَ ۾ ڏيرو ڄڻ بسو لڳو پيو هوندو هو. اُتي حضور جن جي اچڻ سان نئين جيون اچي ويئي ۽ چئني پاسي خوشي ۽ آنند جون لهرون ڇوليون هڻڻ لڳيون. ڇهل پهل مچي ويئي.

٣- دور اوڀر، آمريڪا، برٽن ۽ يورپ جو دؤرو-١٩٦٤

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن فرمائيندا هئا، ”بي آرامي سنتن جي جاگير آهي.“ جيون جو اُپڪار ڪرڻ لاءِ سنت پنهنجن تڪليفن ۽ اهنجن جي ڪا به چنتا ڪونه ڪندا آهن. حضور مهاراج چرنسنگهه جن به پنهنجو مهان ڪاريه پورو ڪرڻ لاءِ هر سال ڀارت ۾ ڀري ڀري ڪيترن هنڌن تي وڃي ستسنگ فرمائيندا آهن، اهڙي ڀاونا سان حضور جن وديشين لاءِ به ياترا ڪرڻ قبول ڪيو ۽ اپريل ١٩٦٤ ۾ پنهنجي نئين وڏي ۽ اهميت ڀرئي دؤري لاءِ روانا ٿيا.

ڪيترن سالن کان آمريڪا جا ستسنگي وينتي ڪندا رهيا ته حضور جن آمريڪا به اچن. حضور جن جي يورپ ياترا بعد زباني ۽ لکيت ۾ پرارٿنا پتر ايندا رهيا، ان ڪري مهاراج جن کي به ديا ڀالي سندن عرض قبول ڪرڻو پيو ۽ چوندا هئا ته مالڪ کي منظور هوندو ته گرمين ۾ يعني ١٩٦٤ جي مي جون ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪبي. جڏهن ڀارت جي وايو سينا جي وڏي عملدار ايئر وائيس مارشل ڪي٠ ايل سونديءَ حضور جن سان سيڪريٽريءَ جي روپ ۾ آمريڪا هلڻ جي رٿ سندن اڳيان رکي ته حضور جن جي دؤري جي باري ۾ شروعاتي تياريون ٿيڻ لڳيون. پاسپورٽ، ويزا ۽ خرچ لاءِ زرو بئنڪ سان لکپڙهه شروع ڪئي ويئي. آمريڪا

بئنڪاڪ ۾ ان وقت رڳو ١٠ ستسنگي هئا. پر ستسنگ ۾ ٻن هزارن کان به وڌيڪ ماڻهو آيل هئا. اُنهن حضور جن جي مڌر واڻيءَ ۾ سنتن جو نرمل روحاني سنديش ٻڌو. حضور جن اتي ٽي ستسنگ فرمايا، ڪيترن جگياسين کي ملاقاتون ڏنيون ۽ نام دان بخشيو.

حضور جن بئنڪاڪ مان ٢٨ اپريل شام جو سينگاپور پهتا. اُتي به هوائي اڏي تي ڪيترائي جگياسو سواگت لاءِ آيل هئا. سينگاپور ۾ مهاراج جن ٻه ستسنگ ڪيا. اُتي ٣-٤ سؤ ماڻهو آيا هئا. آخرين ڏينهن تي حضور جن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي پيڙ لڳي وئي ۽ حضور جن به اڌ رات تائين اُنهن سان گڏجندا رهيا ۽ سندن سوالن جا جواب ڏيندا رهيا. حضور جن سينگاپور ۾ ٢٤ ڄڻن کي نام دان بخشيو.

پهرين مي صبوح جو ٩ بجي هوائي جهاز ۾ روانا ٿيا ۽ ١١ بجي سائگان پهتا. سائگان ۾ حضور جن رڳو ٢٦ ڪلاڪ ترسيا. اُتي حضور جن جو پروگرام تمام مشغوليءَ ڀريو هو ۽ کين آرام ڪرڻ لاءِ به وقت ڪونه ملي سگهيو. ان ٿوري وقت ۾ حضور جن هڪ ستسنگ فرمايو، ماڻهن کي ملاقاتون ڏنيون. جگياسين سان گڏيا ۽ اُنهن جي سوالن جا جواب ڏنائون. ستگرن سڀني ستسنگين ۽ اُنهن جي ڪٽنبين کي الڳ الڳ وقت ڏنو، پر ٻنڌڪن سان ستسنگ جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ نام دان به ڏنو. ستسنگ ۾ ٣٠٠ کان به وڌيڪ ماڻهو آيل هئا. ڀارتي ايلچي شري گنجو، شريمتي گنجو ۽ ايلچي خاني جا وڏا اڌڪاري به حضور جن جي ستسنگ ۾ آيا هئا ۽ وري ٢ دفعا حضور جن سان گڏجڻ به آيا. اُنهن سنت مت ۾ ڏاڍي رُچي ڏيکاري ۽ حضور جن اُنهن کي سنت مت تي ڪجهه انگريزي پستڪ موڪليا.

٢ مي ١٩٦٤ منجهند جو روانا ٿي حضور جن شام جو

حضور جن جو هن ڏوري ۾ سيڪريٽري ٿي رهيو.

هن ڏوري ۾ حضور جن جا ستسنگ، پاٺ، جگياسين سان
ملڻ، هندي شنڪائن جو سماڌان، ڏوري جو بيان، حضور جن
جي سواگت وقت سنگت جو اپار آنند ۽ موڪلائڻ وقت
سنگت جي اُداسي ۽ وڇوڙي جا لڙڪ، حضور جن جي ديا
مهر جون ساکيون، پارٽي راجدوتن ۽ ٻين آفيسرن جي ملاقات
وغيره جو هن پستڪ ۾ تفصيلوار بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي،
ان هوندي به ان ورتانت جون ڪجهه جهلڪون پيش ڪرڻ
جي ڪوشش ڪئي اٿم.

حضور مهاراج جن ٢٥ اپريل ١٩٦۴ تي صبوح جو اٺڪل
پنجين بجي روانا ٿيا ۽ چئن ڪلاڪن جي هوائي سفر ڪرڻ
بعد ان ئي ڏينهن لوڪل ٽائيم جي انوسار ڏهه لڳي چاليهه
منٽين بئنڪاڪ پهتا. هوائي اڏي تي ستسنگي، انهن جا
مِتر ۽ ڪٽنب جي ماڻهن کانسواءِ ڪيترائي جگياسو ۽ الڳ-
الڳ ڌارمڪ سنستائن جا عيوضي به حضور جن جي سواگت
لاءِ آيل هئا. دهليءَ مان رواني ٿيڻ کان اول حضور جن جو
پروگرام تمام مشغولين سان ڀرپور هو ۽ پڇاڙيءَ واري ڏينهن
ته حضور جن کي رات جو ساڍي ٻارهين بجي تائين سامان
ٻڌڻ جي به فرصت ڪونه هئي. صبوح جو ٻي بجي اُٿي،
سامان وغيره سهيڙي حضور جن چئين بجي کان ٿورو اڳ
هوائي اڏي لاءِ روانا ٿيا ۽ انڪري کين صرف ڏيڍ ڪلاڪ
آرام ڪرڻ لاءِ مليو. پر بئنڪاڪ پهچڻ تي حضور جن جي
مک منڊل تي تازگي ۽ پرڪاش هو ۽ سندن چهرو پريم ۽
ديا پري مشڪ سبب خوش نظر پئي آيو. سنگت ۽ جگياسو
کين ڏسندا ئي رهيا. حضور جن جا درشن ڪري سڀني جي
دلين ۾ خوشيءَ ۽ اُمنگ جون لهرون پئي اُٿيون، جي سندن
چهرن مان ظاهر پئي ڏٺيون.

سوالن جا ڪيئن ڪهڙا جواب مليا ان جو بيان ڪئليفورنيا جي
هڪ ستسنگيءَ هيٺين ريت ڪيو آهي :-

"آخر اُهو ڏينهن اچي ويو جڏهن اسان پنهنجي پياري
ستگروءَ کي پنهنجي سامهون ظاهران ظهور ڏٺو. جڏهن سندن
هوائي جهاز هوائي پٽيءَ تي لهي رهيو هو ته اسان جي اندر
۾ هڪ عجيب خوشيءَ ۽ اسيم آنند جي ڌارا وهڻ لڳي. اسان
جي نظر دروازي ڏانهن ويئي جتي مهاراج جن بيٺا هئا. اسين
ان جو بيان ڪيئن ڪريون! سندن سروپ جو بيان ڪرڻ ئي
مشڪل آهي. سندن سروپ سندن فوٽي جهڙو ئي ته هو پر
ان کان به وڌيڪ هو. ان ۾ هڪ نرالي سونهن ۽ ڪشش هئي.
منجهن ايتريون ته خوبيون هيون جن جو بيان ڪري نٿو سگهجي.
ستگرو ڪهڙا هوندا، ان بابت اسان جون سڀ ڪلپنائون ۽
سڀ آشائون پوريون ٿي ويون بلڪ اسان کي سندن سروپ
۾ اُهي گڻ ڏسڻ ۾ آيا، جي ڪڏهن ڪلپنا ۾ به نه آيا هئا.
هاڻي جيڪڏهن ڪير ڪٿي اسان کان پڇي ته مهاراج جن ڪيئن
آهن؟ ته اسان وٽ اهڙي سوال جو ڪو به جواب ڪونهي
آهي. اسين ائين ئي چونداسين ته توهين خود ڏسي فيصلو
ڪري سگهو ٿا."

هوائي اڏي تي نه رڳو لاس اينجلس جا ستسنگي آيل هئا
پر سئنفرئنسسڪو، ٽيڪساس، اريزونا وغيره ڪيترن شهرن
جا ماڻهو به آيل هئا حضور جن جي پهرين درشن جي جهلڪ
سان ئي ماڻهو خوشيءَ ۾ ٻرجي ويا. هوائي اڏي جا آفيسر ۽ ٻيا
ماڻهو پڇڻ لڳا ته هي سڀڻ آهي ڪير؟ جواب مليس، "اسان
جا ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن آهن." ڪن ماڻهن کي خبر
هئي ته ڀارت ۾ رياستن جي راجائن کي "مهاراجا" ڪري
ڪوٺيو ويندو آهي. اُنهن پاڻ ۾ چيو ته "هان" سچ پچ
ڪو مهاراجا ئي ٿو لڳي." جتان به حضور جن لنگهيا ماڻهو رستي

هانگ ڪانگ پهتا. اُتي ٻه ٽي ڏينهن سَتسنگ، ملاقات ۽ نامدان جو پروگرام هو. ٥ مئي حضور جن هانگ ڪانگ مان شام جو ساڍي ڇهين بجي روانا ٿيا ۽ رات جو سوائين اٺين بجي ٽوڪيو پهتا. اُتي سَتسنگين جو تعداد گهٽ هئڻ سبب حضور جن کي ڪجهه وقت آرام ڪرڻ لاءِ مليو. ڪين آرام جي به سخت ضرورت هئي. سَتسنگين سان گڏجڻ، جگياسين کي ملاقات ۽ اُنهن جي سوالن جا جواب ڏيڻ، اهي سڀ ڪاريه پورا ڪري حضور جن ٧ مئي رات جو پوڻين ڏهين بجي ٽوڪيو مان نڪتا ۽ ساڍا ٦ ڪلاڪ هوائي جهاز ۾ سفر ڪري هونو لولو پهتا. ان وقت هونو لولو ۾ ٨ مئي صبوح جو سوا ٩ لڳا هئا. هونو لولو ۾ حضور جن ٢٥ ڪلاڪ ترسيا ۽ ان وقت ۾ هنن جگياسين سان ملاقات سوالن جا جواب، سَتسنگين سان گڏجڻ وغيره ڪاريه پورا ڪري ٩ تاريخ صبوح جو ڪن شخصن کي نامدان به ڏنو. نامدان بعد صبوح جو ساڍي ١١ بجي هوائي جهاز رستي سندن اهميت ڀري آمريڪا ياترا شروع ٿي. حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي آمريڪا ياترا هڪ اتهاسڪ ياترا آهي. موجوده اتهاس ۾ هيل تائين ته ڪنهن به سنت، ڪنهن شبد سروپي يا شبد ابياسي پورن گروءَ آمريڪا جي ڌرتيءَ تي پير نه پاتو هو. سالن کان سنگت پنهنجي سَتگرو دين ديال جي ديهه سروپ جو درشن ڪرڻ لاءِ تڙپي رهي هئي. جنهن وقت سَتگرو دين ديال هوائي جهاز ذريعي لاس اينجلس ڏانهن اچي رهيا هئا، سندن سَتسنگي هوائي اڏي تي منتظر اکين سان سندن واٽ نهاري رهيا هئا. هو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ته سَتگرو مهاراج چرنسنگهه جن ڪيئن ۽ ڪهڙا هوندا! ڇا جيئن هو فوٽو ۾ ڪشش ڪندڙ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، اهڙائي هوندا؟ اُنهن جي آتمڪ ۽ تيجسوي سروپ جي مهما جا ٻڌي اٿئون، ڇا اهڙائي هوندا؟ اُنهن

وٽ هڪ ڀيرو وري درشن ڏيڻ آيو هو.

ٻئي ڏينهن اتي جي مشهور هوٽل 'بالٽيمور' جي 'رنيسانس روم' ۾ سٽسنگ جو بندوبست ڪيو ويو هو. شري هاروي مائر (جيڪو آميريڪا ۾ حضور جن جي عيوضين مان هڪ هو)، ڏاڍي پريم ڀاءُ ڀريل لفظن ۾ حضور جن جي واقفيت ڪرائي. سواگت ڪندي هن ڪجهه ڳالهايو ۽ حضور جن جي، ايتري تڪليف وٺي ڀارت کان ايترو پري آميريڪا اچڻ لاءِ پڻ شڪرگذاري ظاهر ڪئي.

ان جي جواب ۾ حضور جن هڪ ننڍي پريم ۽ ديا مهر سان ڀريل تقرير ڪئي. حضور جن سڪ ڀريل سواگت لاءِ شڪر ادائي ڪندي فرمايو ته مون لاءِ آميريڪا اچڻ هڪ خاص اهميت ڀري ڳالهه آهي. مان اڄ پاڻ کي آميريڪن ڀوميءَ جي ان حصي تي بيٺل ڏسان ٿو جتي اڄ کان ٥٠ سال اڳ، حضور مهاراج جن طرفان پهرئين آميريڪن کي نام دان مليو هو. هتان ئي آميريڪا ۾ سنت مت جي شروعات ٿي هئي. مون لاءِ ته اِها خوشيءَ ۽ سوڀاڳيه جي ڳالهه آهي ته اڄ مان توهانجي وچ ۾ موجود آهيان. مان ڀارت جي لکين ستسنگين طرفان اوهانکي دل سان راڌا سوامي ڏيان ٿو ۽ اُنهن وٽان توهان لاءِ شڀ ڪامنائون کڻي آيو آهيان.

وري حضور جن فرمائڻ لڳا ته هن ياترا ۾ منهنجي اها ڪوشش رهندي ته گهڻي ۾ گهڻن ستسنگين سان گڏجاڻ ۽ کين الڳ، وقت ڏيئي روح رهاڻ ڪريان. وقت جي ڪميءَ ۽ جدا جدا مرڪزن ۾ وڃڻ سبب، ٿي سگهي ٿو ته مرضي هوندي به منهنجو ڪن ماڻهن سان گڏجڻ نه به ٿي سگهي. پر مان اُميد ڪريان ٿو ته اهڙا ڀائر ۽ ڀينر جن کي مان الڳ، وقت نه ڏيئي سگهان، اُهي منهنجي مشڪلات سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا. مان توهانکي وشواس ٿو ڏياريان ته منهنجي پياري

تان هٽي پري ٿي ٿي بيٺا. ڪيترا ماڻهو ادب وچان سدا ٿي ٿي بيٺا. مطلب ته سڀني جي نظر حضور جن جي ڪشش ڪندڙ مک، منڊل ڏانهن هئي. ستسنگين جي خوشي ۽ آنند جي ته ڪا ڳالهه ئي نه پڇو. انهن جا منهن خوشيءَ ۽ آنند سبب چمڪي رهيا هئا. سندن اکين مان آنسون پئي وهيا ۽ سڄو واتاورڻ پريم سان ٽمٽار هو. هن مشهور هوائي اڏي تي ڪرمچارين ۽ اڌڪارين ته دنيا جا هزارين مشهور ماڻهو، راشٽرپتي بادشاهه، نيتا، ائڪٽر ۽ ٻين مهان سنتن جو سواگت ۽ انهن کي الوداع ڪندو ڏٺو هو پر مهاراج جن جي اچڻ جو هيءُ نرالو نظارو هو. انهن مان ڪن پوءِ ٻڌايو ته هنن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن به اهڙو پريم، ڀاو ۽ ڀڳتيءَ ڀريل نظارو ڪونه ڏٺو هو. سچ به ائين آهي ته ڀڳتي ۽ پريم جي ڀاونائن جو مقابلو، سواگت جون جهنڊيون، رنگ برنگي سواگتي ٽنيا يا دروازا ڪيئن ڪري سگهندا؟

اهو سڀاويڪ هو ته ستسنگي پريم ۽ آدر سبب حضور جن لاءِ ادب ڀاوُ رکن. جڏهن هو محسوس ڪري رهيا هئا ته پرماتما انساني جامي ۾ سندن سامهون اچي رهيو آهي ته ڪين پنهنجي ڪمين ۽ ڪمزورين جو خيال اچڻ به سڀاويڪ هو. ان ڪري هو ادب ۽ ڪجهه هٻڪ ڪري پري ٿي بيٺا. ستگرو سندن ڀاونائن کي ڄاتو ٿي. هُن هوائي جهاز مان لهڻ بعد انهن ڏانهن پريم ۽ ڪرپا ڀريل مشڪ سان نهاريو ۽ پنهنجو سمجهي انهن سان ائين گڏيا جو سڀني محسوس ڪيو ته ڪو سندن ويجهو دوست، ڪوئي پيارو عزيز يا مائٽ ڪنهن دور دراز ديس مان کين گڏجڻ آيو هو. پوءِ حضور جن انهن سان ڪلمک ۽ سهج سڀاءَ سان ائين ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون جو گنڀيرتا جو واتاورڻ ۽ دوريءَ جو ڀاوُ لهي ويو. سنگت محسوس ڪيو ته ڄڻ عيسيٰ مسيح پنهنجن پيارن ششن

سئن فرئنسسڪو ۾ ستسنگ، جي امرت ورکا ڪيائون ۽ نام دان ڏيئي جگياسين کي مڪتيءَ جو مارگ ڏيکاريون.

٢٢ مي حضور مهاراج جن هوائي جهاز رستي وئنڪوئر (ڪئناڊا) پهتا. هتي حضور جن شري ۽ شريمتي جتيندر کنا (بياس جي سيڪريٽري شري کي ايل کنا جو پٽ ڪئناڊا ۾ انجنيئر جي عهدي تي آهي. سندس پتني بمبئيءَ جي ستسنگ، سيڪريٽري شري ڀاڀاٽيءَ جي سپتري آهي) جا مهمان ٿي رهيا. هتان هوائي جهاز ۾ سيئٽل مان ٿيندا مهاراج جن ٢٦ مي منئا پولس پهتا.

منئا پولس ۾ حضور جن جو پروگرام ڪنهن اخبار ۾ ڇپايو هو انڪري آمريڪا جي مشهور براڊڪاسٽنگ، ڪمپني اي بي سي جي منئا پولس آفيس جي آفيسر ڪرنل برگ، (منئا پولس ستسنگ، جو پربندڪ ۽ حضور جن جو عيوضي آهي) تي زور آندو ته حضور جن کي ٽيليويزن تي انٽرويو ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي وڃي. انهيءَ ڏينهن حضور جن ٽيليويزن تي پنڊت جواهر لال نهروءَ جي ديهانت جي خبر ٻڌي هئي. حضور جن کي خبر هئي ته ٽيليويزن وارن جا سوال اڪثر ڀارت جي راجنيتيءَ تي هوندا آهن. انڪري حضور جن فرمايو ته کين راجنيتيءَ سان ڪو به لڳاءُ يا چاهه ڪونهي ۽ نه ئي حضور جن ڪڏهن ٽيليويزن ذريعي پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن. پر ٽيليويزن وارن ڪرنل برگ، کي مڃايو ۽ حضور جن سان واعدو ڪيو ته ملاقات ۾ راجنيتي يا ڀارت بابت کي به سوال نه پڇيا ويندا. رڳو ادياتمڪ وشيه تي سوال پڇيا ويندا. جيتوڻيڪ حضور جن سنت مت جي وياکيا ۽ پرچار لاءِ اهڙي نموني جي پروگرام کي ڪڏهن به ڪا اهميت نه ڏني هئي پوءِ به ڪرنل برگ، جي عرض ڪرڻ تي اُن کي ٽاري نه سگهيا ۽ ملاقات لاءِ منظوري ڏنائون. ٢٧ مي

ستگرو حضور مهاراج جن جي وچن انوسار توهانجي هن سندر ۽ رميڻڪ ملڪ ۾ سنت مت جو آئينده مهان ۽ اُوجل ٿيندو. اهڙي فرمايائون، "اها ڳالهه نه وسارجو ته پرماتما جي سچي کوجين ۽ جگياسين جي سهايتا ڪرڻ توهان سڀني جي ذميواري آهي. اسانکي ته سنت مت جي آدرشن تي هلڻي جيئري اُي هڪ مثال ٿي ڏيکارڻ گهرجي."

حضور جن جي تقرير کانپوءِ ستسنگ، ٿيو ۽ ان بعد مهاراج جن سڀني آيل سڄڻن سان الڳ، الڳ، ٿي گڏيا. جن ستگورن کان گڏجڻ لاءِ جدا ٽائيم ٿي گهريو ته اُنهن کي جدا ٽائيم به ڏنائون. حضور جن صبوح جو ٨ بجي کان ١ بجي تائين ۽ شام جو ٦ کان ساڍي ڏهين بجي تائين ماڻهن سان گڏجندا رهندا هئا. ان کانسواءِ ستسنگ، سوال جواب ۽ ننڍي پيماني تي ملاقاتون به ٿينديون رهيون.

لاس ائنجلس ۾ مهاراج جن ڪيترن ٿي ابلاشين کي نام دان ڏنو. اُتان حضور جن موٽر رستي سين ڊيئيگو لاءِ روانا ٿيا. حضور جن کي لمبي رستي کانوٽي هليا جيئن وامت تي جن ستسنگي حضور مهاراج جن کي سندن گهرن ۾ چرن گهمائڻ لاءِ عرض ڪيو هو اُنهن وٽان به ٿيندا وڃن. اهڙي طرح حضور جن وائيٽ واٽر (جتي پام اسپرنگ، يُوڪيولپي وغيره هندن جي سنگت به مؤجود هئي) ۽ ڪن ٻين هندن تان ٿيندا اچي سين ڊيئيگو پهتا. اُتي به ستسنگ، سوال جواب ملاقاتن وغيره جو پروگرام هو. اُتان حضور جن موٽر رستي واپس لاس ائنجلس آيا ۽ اُنهيءَ ڏينهن شام جو ساڍي ۴ بجي هوائي جهاز رستي سئن فرئنسسڪو پهتا. هتي حضور جن جو ٽن ڏينهن جو پروگرام هو جنهن ۾ ستسنگ، سوال جواب ۽ ملاقاتن کانسواءِ ڪن ستسنگين جي گهرن ۾ چرن گهمائڻ ۽ بيمار ستسنگين کي اسپتال ۾ گڏجڻ به هو. ٽي ڏينهن

اسٽوڊيو جو وايو منڊل بي چئني، ڪچاءُ، شور غل ۽ اُتيجنا پورڻ (جوش ڏيارڻ بندڙ) هوندو آهي پر تـوهانجي اچڻ سان يڪدم امن امان، خاموشي ۽ شانتيءَ پـريو وايـو مـنڊل ٿي ويو. اسٽوڊيو جي واتاورڻ ۾ يڪدم عجيب ڦيرو آيـل ڏسي هوءَ حيران ٿي ويئي تـه اهو ٿيو ڪيئن؟

حضور جن پنهنجي سڀاويڪ مٺڙ مرڪ سان جواب ڏنو، ”جيڪڏهن منش جو من امن ۽ شانتيءَ سان پرپور هوندو تـه ان مان شانتيءَ جون لهرون پيون اُٿي ڏيئي نڪرنديون.“

منا پـولس ۾ ٢٨ مي تي يونيٽيرين سوسائٽي جي هال ۾ ستسنگين ۽ جگياسين جي هڪ ميٽنگ ۾ ڪرنل بـرگ، هڪ ليڪچر ڪيو جنهنجو سار هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

”حضور مهاراج جي، شري سونديءَ، ستسنگي ڀائرو ۽ دوستو! اسانجي زنـدگيءَ ۾ ڪيترا ڀـيرا اهڙيون اهميت واريون گهٽنائون ٿين ٿـيون جي زندگيءَ جي حالت ۾ ٿي ڦيرو آڻي ٿيون ڇڏين. منهنجي حياتيءَ ۾ اهڙيون ٣ گهٽنائون ٿيون آهن جن ڪري منهنجي ڪايا ئي پلٽجي ويئي آهي. پهرين گهٽنا اها ٿي جو مـنهنجي هـٿن ۾ هڪ آمـريڪن ڊاڪٽر جو لکيل ڪتاب ”دي پـاٿ آف دي ماسٽرس“ آيـو. ان ڪتاب جي ليکڪ ڪيترا سال ڀارت ۾ هڪ مهان ستـگروءَ جي چرنـن ۾ رهي گذاريا هئا. مـون اهو ڪتاب ڪيترائي ڀيرا پڙهيو ۽ آخر اهو فيصلو ڪيو تـه مونکي انهيءَ آستان جي کوجنا ڪرڻ کپي جتي ان ڪتاب جي ليکڪ اها سکيا حاصل ڪئي. ٻي گهٽنا نومبر ١٩٥٩ جي هئي جو هڪ صبوح جو مونکي ڀارت ڏانهن وڃڻو پيو. مونکي اهو معلوم ڪونه هو تـه بياس نالي هڪ ننڍو ڳوٺ جنهنجو ان ڪتاب ۾ ورنن ڪيل هو سو ڀارت ۾ ڪٿي هو. فوجي هوائي جهاز ۾ مان دهليءَ پهتس. اتان ريل رستي امرتسر ۽ امرتسر کان بس

تي منجهند کاڌو ملاقات (انٽرويو) جو وقت رکيو ويو. سوالن جي جوابن ۾ حضور جن سنت مت جي مُول سدانتن تي تمام ٿورن لفظن ۾ سمجهاڻي ڏني. حضور جن فرمايو ته سنت مت نه ته ڪو ڌرم آهي ۽ نه ڌرم بدلائڻ ۾ وشواس ٿو رکي. اصلي ڌرم ته اُهو آهي جو اسانکي مالڪ سان ملائي. جيڪڏهن اسين اُدارتا ۽ سچي ۽ صاف دل سان کولها ڪريون ته خبر پوندي ته سڀني ڌرمن جو مُول سدانت ساڳيو آهي. حضور جن ويشنو ڪاڌي تي زور ڏنو ۽ هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ته پرماتما جو اصلي مندر اسانجو شرير آهي. انٽرويو وٺندڙ ڪماري لوُئي ليپارڊ ته حضور جن کي ڀارت جي راڄنيتيءَ ڏانهن آڻڻ تي چاهيو. هن سوالن جوابن وقت نهايت چترائيءَ سان پڇيو ته ڇا پردان منتري نهرو به سنت مت جي اصولن ۾ وشواس رکندو هو؟ حضور جن جواب ۾ فرمايو، ”نه، هُو ته هڪ وڏو راڄنيتي اڳوان هو. هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪهڙو اڀياس ڪندو هو سا مونکي خبر ڪونه آهي.“

ان ڪماريءَ وري پڇيو، ”توهانجي خيال موجب سندس ديهانت جو ڀارت تي ڪهڙو اثر پوندو؟“ هوءَ ڏاڍي چترائيءَ سان ڳالهه کي ڀارت جي راڄنيتيءَ ڏانهن موڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پر حضور جن هن سوال جو جواب اهڙو سرل ۽ صاف لفظن ۾ ڏنو جو هوءَ وري راڄنيتيءَ باري ۾ ڳالهائي نه سگهي. حضور جن جواب ۾ فرمايو، ”اها ته مونکي خبر ڪونه آهي. مان ڪو سياسي اڳوان ڪونه آهيان پر نهروءَ بنا هندستان جو خيال ڪرڻ به ڏکيو آهي. هن کي هندستان جا سڀ ماڻهو پيار ڪندا هئا. سڀني جو هن ۾ وشواس هو.“

ڪماري لوُئي ليپارڊ بعد ۾ حضور جن کي چيو ته عام طور

کير کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ کائي پي نہ ٿي سگهيس. پر جڏهن ڏينهن حضور جن واپس ڏيري ۾ آيا ان ڏينهن منهنجي طبيعت بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي. مون سمجهيو تہ نام دان کان اڳ، منهنجي ڪڇ ٻرن ڪرمن جو حساب ڪتاب چڪائڻ ضروري هو ۽ منهنجي هن بيماريءَ ذريعي ستگرن اُهو حساب ڪتاب چڪائي ڇڏيو. ستگرو پنهنجي ديا مهر سان پنهنجن پريمين ۽ اڀياسي شش جي ڪرمن جو بار سوريءَ مان ڪنڊو ڪري ٿا ڇڏين. نہ معلوم منهنجي ڪيترن سالن جي بيماريءَ جو بار ستگرن ڏهن ڏينهن ۾ لاهي ڇڏيو."

"منهنجي زندگيءَ ۾ نيئن گهٽنا جا ٿي سا هيءَ آهي. تندرستي ٺيڪ ٿيڻ تي مون مهاراج جن اڳيان حاضر ٿي ووي نام دان وٺڻ جو نشچو ڪيو. منهنجي وينتي ڪرڻ تي مهاراج جن جي سندر مکڙي تي ديا ڀري مرڪ آئي ۽ فرمايائون تہ شام جو توکي نام ملندو.

اُن بعد ڪرنل برگہ بياس نديءَ جي اولهہ واري ڪناري تي وسيل ڏيرا بابا جئمل سنگهہ ۽ اُتي جي رهواسين جي باري ۾ وستار سان ٻڌايو تہ هن روحاني ڪيندر ۾ ڪنهن بہ قسم جي ذات رنگہ ۽ قوم جو ڪو بہ ڀيد ڀاؤ نہ هوندو آهي هتي سڀني ذاتين ڌرمن ۽ قومن جا ماڻهو امير غريب، اوُچ نيچ، ذات ۽ رنگہ جي ڀيد ڀاؤ کي وساري پاڻ ۾ پريم پيار سان رهن ٿا. زندگيءَ جون سڀ گهرجون ۽ سهوليتون هتي موجود آهن. هتي جا شش يا ستسنگي دنيا کي تياڳي رواجي ساڌن وانگر زندگي ڪونہ گذاريندا آهن بلڪ دنيا ۾ رهي ڪري، پنهنجين ذميوارين جو پالن ڪري پنهنجو روحاني اڀياس ڪندا رهن ٿا. هتي جا ستگرو خود هن باري ۾ مثال قائم ڪندا آيا آهن ۽ پنهنجي آجيوڪا خود ڪمائي ساڌ سنگت جي مفت سيوا ڪندا آهن.

رستي بياس اسٽيشن تي آيس. اتان ٻن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏيءَ ۾ جنهنکي ٽانگو چوندا آهن، ان ۾ اُتي پهتس جنهن لاءِ مون سمجهيو ٿي ته ڪا ڪچي جڳهه يا جهوپڙي هوندي، پر مون ته اُتي هڪ سندر مڪانن واري ڪالوني ڏٺي. سيڪريٽريءَ جي در وٽ اچي ٽانگو بيٺو. مونکي ڏسي هو مون وٽ آيو. مون هنکي پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو ته مان ڪٿان آيو آهيان ۽ ڪهڙي ڪم سان آيو آهيان. هن مونکي مهاراج جن جي ڪوٺيءَ ڏانهن موڪلي ڏنو. اُها جاءِ ٻه پوسان ئي هئي. ستگرن جو پهريون درشن مون لاءِ هڪ عجيب نعمت هئي. هنن ڏاڍي پيار سان منهنجو آدر ستڪار ڪيو.

منهنجو بياس اچڻ جو مقصد ئي هو نام وٺڻ. جڏهن مون ستگرن کي نام لاءِ وينتي ڪئي ۽ عرض ڪيو ته مان نام وٺڻ ٿو چاهيان ته هنن پڇيو، "توهانکي ماس ڇڏئي گهڻو وقت ٿيو آهي؟" مون چيو ته اوترو وقت جڏهن کان مان ڏيري ۾ پهتو آهيان، يعني ٢ ڪلاڪ. ان تي مهاراج جن فرمايو ته نام دان لاءِ اها ڳالهه ضروري آهي ته جگياسوءَ کي ماس شراب ڇڏئي ڪافي وقت ٿيو هجي جيئن هو سمجهي سگهي ته ماس شراب بنا ويشنو ٿي برابر رهي سگهندو. مهاراج جن فرمايو، "توهين چاهيو ته خوشيءَ سان ڏيري ۾ رهي سگهو ٿا پر اهو بهتر ٿيندو ته ويشنو کاڌي کائڻ جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ، آمريڪا وڃي ٽي مهنا ويشنو کاڌي تي رهي ڏسو." مان ايترو وقت ته ڀارت ۾ رهي نٿي سگهيس ان ڪري تمام اُداس ۽ نراس ٿي پيس. مهاراج جن ١٠ ڏينهن لاءِ ٻاهر ٿي ويا. مون اها ڳالهه طئه ڪئي ته مهاراج جن جي واپس اچڻ تائين ڏيري ۾ رهندس. ٻئي ڏينهن مهاراج جن جي وڃڻ بعد مان ڏاڍو بيمار ٿي پيس ۽ بستري ۾ ئي ليٽيو پيو هوس.

ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن، جي اسانجي سامهون ظاهران ظهور
پراجمان آهن."

ڪرنل برگ جي ليڪچر بعد حضور جن جيڪي جواب ۾
فرمايو سو هن ريت آهي :-

"مان ڪرنل ارنيسٽ برگ ۽ منيا پولس ۾ راڌا سوامي
فائونڊيشن بياس جي ٻين ميمبرن جو شڪرگذار آهيان جو
انهن اڄ شام جو مون کي اوهان سان گڏجڻ جو موقعو
ڏنو آهي.

جيئن ته توهان مان ڪن سڄڻن کي اهو معلوم آهي ته
مان آمريڪا ۾ هڪ پرچارڪ يا ڪنهن ڌرم نيتا جي
حيثيت ۾ ڪونه آيو آهيان پر ڪن مترن جي زور ڀرڻ تي
آيو آهيان ان لاءِ ته توهانکي سنتن جي ان سکيا جي روپ
ريکا (سچي حقيقت) کان واقف ڪريان، جنهنکي پارس ۾
سنت مت ڪوٺيو وڃي ٿو ۽ جنهنجو اُديش آهي آتم گيان
ذريعي پرماتما کي پائڻ. سنت مت ڪو نئون مارگ، يا ڌرم
ڪونه آهي ۽ نه اُهو ڪو ڪنهن خاص ملڪ يا قوم تائين
محدود آهي. هيءُ ته سڀني ڌرمن جو سارتت آهي جنهنکي
اسين دنيوي پدارٿن ڏانهن ضرورت کان وڌيڪ موهه رکڻ
سبب ڀلجي ويا آهيون.

مونکي آمريڪا ۾ آئي ٣ هفتا ٿي ويا آهن. ان عرصي
۾ توهانجي ملڪ جي الڳ الڳ سماجڪ، ڌارمڪ ۽
تعليميافته لوڪن سان گڏجڻ ٿيو آهي. اُنهن پرستسنگي ۽ جگياسو
ٻئي آهن. مونکي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته سڀني جي
دلين ۾ اها ڀاونا پيدا ٿي رهي آهي ته رڳو دنيوي پدارٿن،
ملڪيت ۽ مان شان حاصل ڪرڻ سان سچي شانتي ۽ خوشي
ڪونه ٿي ملي سگهي ۽ ان لاءِ شانتي ۽ خوشيءَ جي کوج
راشٽريه يا انتر راشٽريه سطح تي ڪئي پئي وڃي.

پورن گروءَ جي مهانتا ٻڌائيندي ڪرنل برگ چيو، ”پوري ستگروءَ جي هڪ هيءَ به خوبي آهي ته هو پنهنجن ششن جي دنيوي زندگيءَ ۾ گهڻو ڪري ڪا به دست اندازي نه ڪندا آهن ۽ نه هو دنيا ۾ ڪنهن سڌارڪ جو ڪم ڪرڻ ٿا اچن. هو سک، دک، خوشي رنج، جنم مرڻ جي چڪر مان جيون کي ڪڍڻ لاءِ اچن ٿا. سندن چوڻ آهي ته جيڪڏهن اڀياسي هر حال ۾ پرماتما جي ڪئي تي، مالڪ جي رضا تي راضي رهندو ته کيس روحاني ترقيءَ ۾ مدد ملندي. ان ڪري هو پنهنجن ششن جي ڀلائيءَ لاءِ واپار ۾ سڦلتا، دنيوي ڪاروبار ۾ ڪاميابي، عدالتي جهڳڙن ۾ جيت، امتحان ۾ سوڀ، سٺي نوڪري ڏيارڻ جون ڳالهيون ڪون ڪندا آهن پر هو ان ڳالهه تي زور ڏيندا آهن ته سک دک، سڦلتا، هار جيت، تندرستي، بيماري، مان اپمان، خوشي رنج وغيره سڀني کي هڪ جهڙو ڪري سمجهو ۽ هر حالت ۾ پنهنجي روحاني اڀياس کي وڌيڪ ضروري سمجهو. جيڪڏهن ڪو شخص مال ملڪيت ۽ سک ۾ خوشيءَ ۾ ڀرجي وڃي يا غريبي ۽ مصيبت مهل تنگ تي پڇن بندگي ڪرڻ وساري ڇڏي ته پوءِ پڇن ڪڏهن ڪري سگهندو ؟

پنهنجي ڀاشڻ جي آخر ۾ ڪرنل برگ ٻڌايو ”پارس جا پورن سنت ۽ مهاتمائون صدين لاڪر ائين سمجهائيندا آيا آهن ته رڳو ديهه سروپ سچو گرو ئي جيون کي مڪتيءَ جي مارگ تي وٺي وڃي سگهي ٿو. ان وشئه تي اُنهن گرنٿن جا گرنٿ لکيا آهن ته پرماتما هڪ آهي. اُهو پرماتما ئي ستگروءَ جو روپ ڌاري جيون کي سنسار مان واپس وٺي وڃڻ لاءِ اچيٿو. اڄ اسانجا وڏا ڀاڳ، آهن جو اهڙا سچا سنت ستگرو اسانجي وچ ۾ وينا آهن ۽ اُهي آهن اسانجا پرم سنت

سطح تي ته ظاهر ٿيندي ويندي. اڄ اسانجو لاڙو پرماتما کي وساري سنساري پدارٿن، سکن ۽ خوشين کي ڳولهڻ ۾ لڳل آهي. جيترو وقت اسين انهن ڏانهن لاڙو ڪريون ٿا، اوترو ئي وقت اسين نراس ۽ دکي ٿا ٿيون. اسين هن سنسار ۾ رهندي به وڏو ڀڳتي ۽ پيار ذريعي سچو سک، حاصل ڪري سگهون ٿا. جيئن هڪ ٻالڪ پنهنجي پتا جي آڱر پڪڙي نمائش يا ميلو ڏسڻ وڃي ٿو ۽ اُتي شين کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. هُو سمجهي ٿو ته ڪيس اِها خوشي وڏو ميلي جي شين مان ئي ملي رهي آهي. پر اِتفاق سان جيڪڏهن پتا جي آڱر ڇڏائجي وڃي ٿي ۽ پتا کان وڇڙي وڃي ٿو ته نمائش يا ميلي واريون شيون اُتي موجود هوندي به هُو روئڻ پٽڻ لڳي ٿو ۽ ڪا به چيز هن کي ڪونه ٿي وڻي. تڏهن هن کي معلوم ٿئي ٿو ته نمائش ۽ ان ۾ رکيل سامان مان تيستائين خوشي ملي سگهيس ٿي جيستائين پتا جو هٿ پڪڙي وٺو هو. اهڙي طرح اهو مالڪ اسانجو پتا آهي. هيءَ دنيا جي نمائش يا ميلو اسانکي تيستائين سک ڏيئي سگهي ٿو جيستائين اسانجي لنؤ يا پيار پرماتما سان جڙيل هوندو.

جيستائين اسين اندر ۾ شانتي حاصل نٿا ڪريون تيستائين ٻاهر به شانتي پائي نٿا سگهون. ڇاهي مالڪ اسان لاءِ ٻاهر ڪٿي ڪيترا به سک، سامان ميسر ڪيا هجن. پوءِ به اسين اندر ۾ بي آرام ۽ اشانت رهنداسين. سنت ڪولي چون ٿا ته جيستائين اسانجي آتما واپس پنهنجي اصلي ديش، جو سچي شانتي ۽ دائما آنند وارو هنڌ آهي، اتي نه پهچندي تيستائين ان جي شانتيءَ ۽ سک، واري کوج پوري نه ٿيندي ۽ نه اُها پنهنجي اصلي مقصد کي حاصل ڪري سگهندي. پرماتما لاءِ سچي ڳولها ته اسانکي پنهنجي زندهه مندر ۾،

آمريڪا ۾ جو سماجڪ ۽ آرٿڪ ترقي ۽ سائنس ۾ اُنتي ٿي آهي اها ڳالهه ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پر مونکي ائين ٿو لڳي ته ماڻهو هاڻي اها حقيقت محسوس ڪرڻ لڳا آهن ته انهن سڀني ڪاميابين حاصل ڪندي به اُنهن کي سچو سک ۽ سچي خوشي حاصل نه ٿي سگهي آهي ۽ اها ڳالهه آهي به سچي. جيڪڏهن اسين بنا ڪنهن پکش پات ۽ صاف دل سان ويهي ويچار ڪريون ته اسين ڏسنداسين ته جنهن سچي سک ۽ سچي شانتيءَ لاءِ اسين کوج ڪري رهيا آهيون اُها ته هڪ سپني برابر آهي جا رڳو ڏٺي اٿئون پر حاصل نه ٿي آهي. اهو انڪري آهي جو اسانجي کوج هميشه راجنيتڪ، سماجڪ ۽ آرٿڪ سطح تي ٿي رهي آهي. اسان ڪڏهن به منش ماتر يا آتمڪ ويچارن سان وشو شانتي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪونه ڪئي آهي. سڄي سنسار کي هڪ ئي قسم جي راجنيتڪ ڍانچي ۾ يا هڪ جهڙي حالت ۾ آڻڻ ته ممڪن ڪونهي. اتهاس ان لاءِ شاهد آهي ته اهڙي ڳالهه اڄ تائين نه ٿي سگهي آهي. پر آتمڪ يا روحاني آڌار تي سڄي دنيا هڪ حالت ۾ اچي سگهي ٿي ۽ اها روحانيت ئي هڪ اهڙو ساڌن آهي جو سڀني کي هڪ هنڌ ڪٺو ڪري سڀني جي اندر ۾ پريم ۽ شانتيءَ جو ٻج پوکي سگهي ٿو.

پرماتما هڪ آهي ۽ اُهو اسان سڀني جي اندر موجود آهي. اها هڪ اهڙي سچي ڳالهه آهي جنهن لاءِ ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. جيتري پرماتما لاءِ اسانجي اندر ۾ ڀڳتي هوندي، پيار هوندو اوترو ئي وڌيڪ اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا وينداسين. جيترو وڌيڪ اسين پرماتما کي وساري وهنداسين، اوترو ئي اسين هڪ ٻئي کان دُور ۽ خلاف ٿينداسين. اها دُوري سماجڪ، راشٽريه ۽ انتر راشٽريه

جواب، ملاقاتون، ستسنگين جي گهر ۾ وڃي انهن ۽ انهن جي ڪٽنبين کي گڏجڻ، ان ۾ سڄو ڏينهن لڳي ٿي ويو. حضور جن کي ڪڏهن ته رات جو ۱۲ بجي کان اڳ فرصت ٿي ڪونه ملندي هئي. جيئن ٻين بندن تي ٿين هتي به آخرين ڏينهن تي نام دان به بخشيائون.

شڪاگو کان ڊٽرائيٽ ۽ پٽسبرگ مان ٿيندا حضور جن ۱۱ جون تي واشنگٽن پهتا. اُتي حضور جن شري ويڪلي جي ڪمري ۾ ۵ ڏينهن رهيا. ان ڪمري ۾ مهاراج جن صبوح شام ستسنگ، سوال جواب ۽ ملاقاتون ڏنيون. اهو پروگرام صبوح جو ۸ بجي شروع ٿيندو هو ۽ رات جو ۱۱ بجي تائين ٿيندو رهندو هو. انهن پنجن ڏينهن ۾ رڳو ۳ ڀيرا ان ڪمري کان ٻاهر نڪتا ۽ سو به تمام ٿوري وقت لاءِ.

واشنگٽن ۾ ڀارتي راجدوت شري بي. ڪي. نهرو حضور جن جي انٽرويو ٽيليويزن تي ڏني هئي. حضور جن جي وچنن جو مٿس ڏاڍو اثر ٿيو هو. هن حضور جن کي پاڻ وٽ کانو کائڻ لاءِ دعوت پڻ ڏني.

حضور جن جي آمريڪا اچڻ ۽ واشنگٽن ۾ تشريف فرمائڻ جي خبر واشنگٽن جي سک گردواري وارن کي پيئي ته اُنهن چاهيو ٿي ته حضور جن گردواري ۾ اچي ڪجهه پرواچن ڪن. سردار جوگيندر سنگهه نالي هڪ سک نوجوان گردواري طرفان اُهو پرارٿنا پتر کڻي حضور جن سان گڏجڻ آيو. واشنگٽن جي ستسنگ پربندڪ ۽ حضور جن جي ميزبان شري ويڪلي سردار جوڳيندر سنگهه جي ڳالهه ٻڌي ۽ کين حضور جن جي اڳيان پيش ڪيو. شري ويڪلي حضور جن سان انهي واقفيت ڪرائي ئي رهيو هو ته ڇا ٿو ڏسي ته جوڳيندر سنگهه گوڏن ڀر ويهي حضور جن جي چرنن ۾ پنهنجو مٿو رکيو ۽ رئڻهارڪو منهن ڪري نام دان لاءِ عرض ڪري رهيو هو.

پنهنجي ديهه ۾ ڪرڻي پوندي. حضرت عيسيٰ اها ڳالهه تمام سٺي سهڻي نموني ۾ سمجهائي، 'جيڪڏهن توهانجي اک، هڪ ئي وڃي ته توهانجو سڄو شرير روشنيءَ سان ڀرپور ٿي ويندو.' جيستائين اسين اُن اک، کي کولي ڪري اندر ۾ روشني نه ڏسنداسين تيستائين اسانجي اگيان جو پردو دُور نه ٿيندو. اسين پنهنجي اندر توڙي ٻاهر شانتي تڏهن حاصل ڪري سگهنداسين جڏهن اندر ۾ اُن روشنيءَ کي ڏسون، ان پرڪاش کي پنهنجو جيون ٻڻائي ڇڏيون ۽ ان ۾ ئي سمائجي وڃون. اهوئي سچو آتمڪ سک، ۽ سچو آنند آهي. جيڪڏهن اسين انهيءَ طرف ڪوچ يا ڳولها ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته سچي ۽ دائمي سک، جو مقصد پراپت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين."

حضور جن پاشڻ ڏيڻ بعد ستسنگ، فرمايو. منيا پولس کان روانو ٿيڻ کان اڳ، حضور جن ٢٩ مي تي ڪن جگياسين کي نامدان به ڏنو. حضور جن ٢٩ مي هوائي جهاز ۾ شڪاگو پهتا.

شڪاگو ۾ پربندڪن مهاراج جن جي رهائش جو بندوبست شهر کان اٽڪل ٣٥-٤٠ ميل پري هڪ هوٽل ۾ ڪيو هو. اُتي ٻين هنڌن تان به سنگت اچي رهي هئي. پر اُتي موٽرن، بسين ۽ ٽرڪن جو شور غل تمام گهڻو هو ايتري قدر جو رات ڏينهن هڪ منٽ لاءِ به سانت ڪونه هئي. اهو ڏسي، پربندڪن چاهيو ته حضور جن جي رهڻ لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ بندوبست ڪجي، پر حضور جن اُتي ئي رهڻ پسند ڪيو ڇاڪاڻ ته انهيءَ هوٽل ۾ فلوريڊا، مسوري، مسيسپي، آرڪانسس، ونسڪانسن ۽ ڪجهه ٻين رياستن جا ستسنگي پڻ رهيل هئا. حضور جن اُنهن کي نراس نٿي ڪرڻ چاهيو. هتي به حضور جن جو ڪاريه ڪرم ڄٽيل هو. صبوح ۽ شام جو ستسنگ، سوال

به موج ٿي وئي جو کيس گهر کان هزارين ميل پري نامدان مليو.

مهاراج جن سک گردواري ۾ پنجابيءَ ۾ اٽڪل ٤٠ منٽ نهايت اثرائتو پرواچن ڪيو. گردوارو ٻڌندڙن سان ڀرجي ويو هو. حضور جن پنهنجي ڀاشڻ ۾ گورو گرنٿ صاحب مان ڪيترا مثال ڏيندي انهيءَ نام ۽ شبد جو سچو ارٿ ٻڌايو، جنهنجي مهما گرو گرنٿ صاحب جي هر هڪ صفحي ۽ هر هڪ پد ۾ ڏنل آهي. حضور جن سمجهايو ته اُهو نام يا شبد لکڻ پڙهڻ ۽ چوڻ ۾ نٿو اچي سگهي. اُهو ڪو ٻاهر به ڪونهي، اسان جي شرير اندر آهي ۽ اُتي ئي کوج ڪرڻ سان ملندو. اهڙي نموني اُهو ڪل مالڪ، واهگرو، اڪال پرک، به ڪٿي ٻاهر جهنگلن، پهاڙن يا مندرن مسجدن يا گردوارن ۾ ڪونه آهي، اُهو به اسانجي ديهه يا وجود اندر آهي. نه ڪڏهن ڪنهن کي ٻاهر مليو آهي نه ملندو. آخر ۾ ديهه سروپ ستگروءَ جي ضرورت تي حضور جن تمام سرل ۽ صاف لفظن ۾ زور ڏنو. آيل سک سردارن حضور جن جا پرواچن ڌيان سان ٻڌا، سڀني جي نظر ستگرن جي مک منڊل ڏانهن هئي ۽ بلڪل شانتيءَ سان ٻڌي رهيا هئا.

واشنگٽن مان ١٥ جون موٽر رستي حضور جن ايٽلانٽا سٽي پهتا. جتي به مهاراج جن پئي ويا اُتي ماڻهن جي نظر پاڻمرادو سندن ڏانهن پئي ڊوڙي. جتي به حضور جن پهتا ٿي ته اُتي جي واتاورڻ ۾ عجيب خوشي ۽ شانتي ڇانئجي ٿي ويئي. جيڪڏهن پيدل هلندا هئا ته رستي تي ماڻهو کين ڏسڻ لاءِ بيهي ويندا هئا. ڪنهن هوٽل ۾ ويندا هئا ته اُتي ويٽر وغيره پنهنجو ڪم ڇڏي به حضور جن ڏانهن ڏسندا رهندا هئا. سڀ ماڻهو ائين ٿي چوندا هئا ته ”هو آهن ڪير؟“

حضور جن هن کي اُتي ويهڻ لاءِ چيو، جڏهن هو اُتي ويٺو ته هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هو عرض ڪرڻ لڳو، "حضور جي! مونکي نام دان بخشو" حضور جن ديا ڀري درشٽي ۽ مرڪڻ سان هنکي ڏسي پڇيو، "تو آخرين دفعو ماس ڪڏهن کاڌو آهي؟" هن چيو، "اڄ صبوح جو" حضور جن پڇيو، "هاڻي ته ڪونه کائيندين؟" جواب ڏنائين، "نه حضور هاڻي ڪڏهن به نه کائيندس." حضور جن چيو، "چڱو ته ڏينهن ستسنگ ۾ اچڄ ۽ سومر ڏينهن صبوح جو ۸ بجي هتي اچڄ." سردار جوڳيندر سنگهه نام دان جو دلاسو ملڻ تي خوش ٿيندو ويو. جڏهن شري ويڪلي ڏٺو ته جنهن مقصد سان هو حضور جن وٽ آيو هو سو مقصد اُهو پورو ٿيو ته هن کيس ياد ڏياريو ۽ حضور جن کي عرض ڪيائين، "مهاراج جي هي ته توهانکي سک گرد واري ۾ اچي ڪجهه چوڻ لاءِ عرض ڪرڻ آيو هو."

حضور جن خوشيءَ سان اها ڳالهه به سويڪار ڪئي. سومر تاريخ ۱۵ جون، صبوح جو ۸ بجي ستگرو دين ديال سردار جوڳيندر سنگهه کي اڪيلو پنجابيءَ ۾ نام دان بخشيو. ان وقت حضور جن جي اجازت سان اٽڪل ۲۵ آمريڪي ستسنگي به اُتي موجود هئا. بعد ۾ جوڳيندر سنگهه شري ويڪلي کي پنهنجو احوال ٻڌايو ته هو ڏيري جي بلڪل پرسان بلسراءِ ڳوٺ جو رهاڪو هو پر هن ڪڏهن به ڏيري ۾ پير ڪونه پاتو هو ۽ نه ڪڏهن ستگرن جو درشن ئي ڪيو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنڊاري جي ڏينهن تي ستگرن جو آواز لائوڊ اسپيڪر تي ٻڌندو هو پر هن ڪڏهن به ان ڳالهين کي ڌيان ڪونه ڏنو. کيس آمريڪا ۾ ڀارتي ايلچي خاني ۾ نوڪري ملي وئي هئي ۽ ڪجهه سال ٿيا ته هو آمريڪا ۾ آيو هو. هتي حضور جن جو درشن ڪري هن ۾ جيڪي ديبل سنسڪار هئا سي اُڀري آيا. حضور جن جي

عمارت جي هڪ ميٽنگ، هال جو ڪجهه حصو ڏيکاريو ويو
جتي عيوضي پنهنجي ڪن تي "ايئرفون" رکي تقريرن جو
ترجمو جدا جدا ٻولين ۾ ٻڌي سگهن ٿا، تڏهن حضور جن فرمايو،
"جيڪڏهن اسين هڪ ٻولي، سا به پيار جي ٻولي سکي
ڇڏيون ته سڀ جهيڙا جهڳڙا ئي بند ٿي وڃن." اهڙي
نموني مهاراج جن راشٽر سنگهه (U.N O.) جي وڏي ميٽنگ
هال کي ڏسي فرمايو، "جيڪڏهن گهڻن ملڪن جي جاءِ
تي رڳو هڪ ئي ملڪ هجي ته صلح سانت سان رهي سگهون
۽ اهڙي ايڪتا رڳو روحاني آڌار رستي ئي حاصل ڪري
سگهجي ٿي."

نيويارڪ ۾ حضور جن جي آمريڪا ياترا جو آخرين پروگرام
هو. حضور جن هتي به ڪن جگياسين کي نام دان بخشيو ۽ ڪن
ٻين کي سنت مت تي ساهتيه پڙهڻ ۽ ڪجهه وقت ويشنو
کاڌو کائڻ لاءِ چيو ته ڏسن ته هو زندگيءَ ۾ ويشنو کاڌي
تي رهي سگهن ٿا يا نه.

حضور جن جي هيءَ سموري مسافري بلڪل مشغوليءَ
واري ۽ ٿڪائيندڙ هئي. صبوح ۽ شام جو ستسنگ، سوال
جواب ۽ ملاقاتن جو نه ايترو ڪم هو جو حضور جن رات جو
۱۲ بجي کان اڳ، ڪڏهن به، واندا نه ٿيندا هئا. ستسنگين
سان گڏجڻ، انهن کي اسپتالن ۾ وڃي ڏسي حال احوال پڇڻ
۽ درشن ڏيڻ، شخصي ملاقات ڏيڻ. هڪ هنڌ پروگرام
پورو ٿئي ته جيت هوائي جهاز رستي ٻئي هنڌ پهچڻ.
حضور جن جا سيڪريٽري ۽ پربندڪ به ٿڪجي پوندا هئا پر
مهاراج جن مشڪندا رهندا هئا ۽ مهر ڀري درشٽيءَ سان رهندا
هئا ۽ سندن نوراني پيشانيءَ ۾ رتي پر به ڪمي ڪانه آئي.
هر هنڌ ستسنگرن کان ڪيترا جگياسو سوال پڇندا هئا جن جا
جواب يڪدم ڏيندا هئا، انهن سوالن پٺيان روحانيت پريم

ائٽلانٽاسٽيءَ ۾ حضور جن فوٽ پاٿ تان پٺيءَ لنگهيا ته رستي جي هڪ پاسي کان هڪ جڳهه ۾ جهنڊيون پٽيءَ ٽنگيائون. جيئن مزدورن سٽگرن کي ڏٺو ته پنهنجو ڪم اُتيئي ڇڏي ڏاڍي غور سان حضور جن کي ڏسندا رهيا ۽ آميريڪن ڍنگ سان رڙ ڪري چوڻ لڳا ”ها ئي! ڊيئر!!“ حضور جن مٺي نهاريو ۽ ٻيهي ڪري مشڪي هٿ مٿي ڪري اُنهن جي ڪيڪارڻ جو جواب ڏنو. مزدورن جا منهن خوشيءَ سبب چمڪڻ لڳا ۽ جيستائين حضور جن تي نظر پئي تيستائين هنن ڏانهن نهاريندا رهيا.

ائٽلانٽاسٽيءَ مان حضور جن موٽر ۾ تاريخ ١٦ جوُن نيويارڪ پهتا. حضور جن جي لنبي پروگرام کي ڏسي سنگت کي خيال ٿيو ته مهاراج جن ڪجهه ڏينهن آرام ڪن ته چڱو. پربنڌڪن حضور جن کي وينتي ڪئي ته نيويارڪ کان انگلينڊ ڏانهن مسافري هوائي جهاز ۾ نه پر ساموُنڊي جهاز ۾ ڪن ته ڪين ٥-٦ ڏينهن چڱا آرام ڪرڻ لاءِ ملي ويندا. سيني جي گهڻي چوڻ تي هنن اها ڳالهه منظور ڪئي.

نيويارڪ ۾ پربنڌڪن حضور جن جي آرام جي خيال کان پروگرام هن ريت ٺاهيو هو ته روزانو رڳو ستسنگ هئڻ کپي ۽ ٿورو وقت ملاقات وارن لاءِ. نيويارڪ پهچڻ تي حضور جن پنهنجو پروگرام ڏٺو ۽ ان ۾ گهڻي ڦيرڦار ڪري ڇڏي. روزانو هڪ ستسنگ بدران ٻه ستسنگ ۽ جيڪو باقي وقت رهيو سو صبوح منجهند شام جو ماڻهن سان گڏجڻ لاءِ رکيو، ۽ اڃا به جيڪو وقت بچيو ته ان ۾ ستسنگين جي گهر وڃي انهن جي ڪٽنبين سان گڏجڻ جي منظوري ڏني.

١٩ جوُن تي ڪن ستسنگين جي منٿ ڪرڻ تي حضور جن (U.N.O.) سنيڪت راشٽر بلڊنگ ڏسڻ ويا. سٽگرن سڄي عمارت چڱي دلچسپيءَ سان ڏٺي. جڏهن حضور جن کي

۲۴ جون ۱۹۶۴ حضور جن "ڪئمبن ميري" نالي سامونڊي جهاز رستي انگلنڊ لاءِ روانا ٿيا. بندرگاهه تي ڪيترائي ستسنگي الوداع ڪرڻ آيا هئا. مهاراج جن سڀني سان هٿ ملايو، سنگت کي پريم سان پرٻنڌ ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏني ۽ هر هڪ ستسنگيءَ کي پنهنجي دِيا مهر جي درشٽيءَ سان نهال ڪيو. جهاز آهستي آهستي روانو ٿيو. مٿي ڊيڪ تي ٻيڙ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي ۽ گهڻن بادلن جي وچ مان هڪدم سج نڪرڻ وانگر ستگرو انهن مان ريلنگ تائين آيا ۽ پنهنجو هٿ مٿي لوڏي موڪلائي ڪري رهيا هئا. سنگت ان آنندمئه درشن ڪرڻ لاءِ ٻٽ ٻڌي بيٺي رهي. آهستي آهستي جهاز پري ٿيندو ويو پر ستگرو دين ديال جيستائين جهاز اکين کان دور ٿيندو ٿي ويو تيستائين اُتي انين ئي هٿ مٿي جهلي بيٺا هئا. آخر جهاز انهن ڏسڻ ۾ آيو جڻ هڪ ٻيڙي هو ۽ نيٺ اکين کان غائب ٿي ويو. سنگت جي دلين ۾ وڇوڙي سبب ورهه ۽ پيار جا آنسون وهڻ لڳا ۽ اُهو جڻ هڪ ستگرن جي پريم ۽ پيار جو پرساد هو.

۳۰ جون ۱۹۶۴ صبوح جو ۷ بجي حضور جن جو جهاز انگلنڊ جي سامونڊي ڪناري تي پهتو. حضور جن اُتان ريل رستي واٽرلو اسٽيشن تي پهتا جتي اولهه ۽ پارس جا ڪيترا ستسنگي سواگت لاءِ موجود هئا. اُنهن جا منهن خوشيءَ وچان ٽڙي چمڪيا ۽ سندن اکين ۾ آنسون ٽريل هئا. حضور جن جو سندر سروپ ڏسي ڪيترا ماڻهو بيهي رهيا. پورٽر ۽ ڪُولي ٻه پنهنجو ڪم ڇڏي حضور جن جي ڪشش ڪندڙ سروپ کي ڏسندا رهيا. اسٽيشن کان حضور جن سڌا لنڊن جي ڪاڪسٽن هال ۾ ويا جتي ۳۰۰ کان ٻه وڌيڪ ستسنگي درشن لاءِ ويٺا هئا.

لنڊن ۾ ٻه ستسنگ، سوال جواب ۽ ملاقاتن جو پُٽيل

۽ همدردي هئي.

جڏهن ڪنهن شخص ڪانئن پڇيو، "توهانکي آمريڪا ڪيئن لڳي؟" ته حضور جن فرمايو، "هر هڪ ديش انهي رهاڪن سان ٺهي ٿو ۽ آمريڪن مونکي ڏاڍا پيارا ٿا لڳن."

نيويارڪ ۾ حضور جن موڪلائڻ کان اڳ، هڪ پريس اُتساهه پريو (هدايت پريل) سنديش ڏنو جنهنجي آخر ۾ فرمايو، "مان توهانجي ديش مان بلڪل خوش ٿي وڃان ٿو ۽ جنهن اُديش يا مقصد سان مان آيو هوس سو هن ياترا ڪرڻ سان پورو ٿيو آهي ۽ اُهو اُديش هو آمريڪن ستسنگين جي ويچارن ۽ خيالن کي سمجهڻ ۽ سندن ويجهو اچڻ. مان سمجهان ٿو ته ان مقصد کي پوري ڪرڻ ۾ توهانجي اندر ڪافي پريم ۽ ڀڳتيءَ جي ڀاونا جاڳي آهي ۽ مونکي ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته منهنجي پياري ستگرو حضور مهاراج جن جو پريم ۽ ديا وري مونکي توهانجي وچ ۾ وٺي ايندي."

حضور جن جي انهن پريم پريل لفظن جدائيءَ جي گهڙين ۾ به سنگت جي دلين ۾ آشا ۽ اُمنگ، پيدا ڪيو.

هڪ پريندڪ هيٺين لفظن ۾ پنهنجي ۽ سنگت طرفان احسانمندي ظاهر ڪئي، "مهاراج جي! توهان هتي اچي جيڪا اڻ مئي بخشيش ۽ اٿاهه پرساد ڏنو آهي اُهو ٿورو اسين ڪڏهن به لاهي نه سگهنداسين."

حضور جن پريم ۽ ديا ڀريءَ درشٽيءَ سان نهاريندي گنڀيرتا سان جواب ڏنو، "مان به هتان خالي هٿين ڪونه ٿو موٽي وڃان. سنيهه ڀري موڪ، خوشي ۽ پيار جو توهان سڀني مونکي ڏنو آهي، اها املهه ڀيٽ پاڻ سان کڻي وڃي رهيو آهيان. اهي پريم پريل وچن ٻڌي سڀني جون دليون ڀرجي آيون ۽ سندن اکيون احسانمندي ۽ شڪرگذاريءَ جي ڳوڙهن سان آليون ٿي ويون.

۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو سمجهنداسين اوترو وڌيڪ اسين پرماتما جي ويجهو ايندا سين ۽ پرماتما کي پيارا لڳنداسين. ستسنگ ۾ اسان کي هميشه سچائي ۽ مترتا رکڻ گهرجي. پاڻ ۾ پريم ۽ پيار هئڻ گهرجي. هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڀاونا هئڻ گهرجي. هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي، هڪ ٻئي جي وشواس کي مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنت مارگ تي مڪم رهڻ لاءِ هڪ ٻئي جو سهايڪ بڻجڻ گهرجي. اها ئي هڪ ٻئي جي سچي سيوا آهي. مان هميشه اهائي صلاح ڏيندو آيو آهيان ته اسانجي ستسنگ جو دروازو سڀني لاءِ کليل رهي. اسين سڀني کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار رهون. اسان وٽ ايندڙ ۽ ستسنگ ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جو اسين پريم پيار سان آدرستڪار ڪريون ان لاءِ اسان کي پنهنجي اندر پريم ۽ پيار پيدا ڪرڻو پوندو. اهو پريم ئي ٻين تي اثر ڪندو. پريم ئي اها وستو آهي جا ٻين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي ڪري. جيڪڏهن اسانجي اندر ۾ پريم پيار نه آهي ۽ اسانجي ستسنگ ۾ پريم ڀاءُ نه آهي ته ان جو اِهو مطلب ٿيندو ته سنت مت مطابق اسين جنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ ٿا چاهيون ان کان اسين گهڻو پري هونداسين. ان ڪري وري به اوهان کي اهوئي چوندس جيڪي حضرت عيسيٰ مسيح چيو آهي، ”هڪ ٻئي کي پيار ڪريو“ (Love one another)

لنڊن، جينيوا ۽ روم مان ٿيندا حضور جن ۱۳ جولاءِ بمبئي ۽ ۱۴ جولاءِ دهليءَ پهتا. هن محنت ڪش ياترا بعد ۱۶ جولاءِ تي ڏيري ۾ پهتا. حضور جن اڳيئي هدايت ڪري ڇڏي هئي ته ڏيري جو ڪو به اڌڪاري ڪو به ستسنگي يا رشتيدار مٽ مائٽ بمبئي يا دهليءَ سواگت لاءِ نه اچي ۽ ڏيري ۾ به سندن سواگت لاءِ ڪا به تياري نه ڪئي وڃي.

پروگرام هو. هتي جي سنگت منئاپولس ۾ حضور جن جي ٽيليويزن واري ملاقات بابت ٻڌو هو. ان ڪري اُنهن حضورجن کي نويدن ڪئي تہ سنت مت جو پرچار ڪرڻ لاءِ ٽيليويزن جو استعمال ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ٻين مَتن جا اڳوان بہ ائين ئي ڪري رهيا آهن. مهاراج جن کي ڪڏهن بہ اشتهار وجهائڻ يا پرچار ڪرڻ پسند نہ هوندو آهي. هنن جواب ڏنو تہ هن نموني پرچار ۽ پڌرائپ ڪرڻ مان ڪو فائدو ڪونہ آهي. جيڪي جيو آتمائون هن مارگ تي اچڻ لاءِ تيار آهن، اُهي پاڻهي ايندي يون. اُنهن کي ڪو بہ روڪي نٿو سگهي ۽ اهڙي طرح جيڪي آتمائون ان لاءِ تيار ڪونہ آهن اُنهنکي آڻڻ لاءِ ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهجي.

حضورجن لنڊن ۾ اولهہ وارن ملڪن جي ستسنگين ۽ جگياسين لاءِ انگريزيءَ ۾، پارتواسي سنگت لاءِ پنجابيءَ ۾ ستسنگ ڪيا. اهڙي نموني هنن ١٢ جڻن کي انگريزيءَ ۾ ۽ ٨١ پارتواسين کي پنجابيءَ ۾ نام دان ڏنو. حضور جن جي هيءَ ياترا خاص ڪري آميريڪا واسين لاءِ هئي. سنگت جي وينتي ڪرڻ تي هنن موٽندي لنڊن ۾ اچڻ جي اجازت ڏني هئي. حضور جن هتي فقط ٧ ڏينهن رهي سگهيا. موڪلائڻ وقت هنن سنديش ڏيندي فرمايو :-

" موڪلائڻ وقت مان اوهان کي ڪجهہ چوڻ ٿو چاهيان، صلاح طور مون کي ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻو ڪونہ آهي ۽ اُپديشن سان تہ ڪتاب پريا پيا آهن. مونکي تہ رڳو اهائي صلاح يا رٽ ڏيڻي آهي تہ ستسنگين ۽ ٻين سڀني کي پاڻ ۾ پريم پاؤ رکڻ گهرجي. جيترو وڌيڪ توهين هڪ ٻئي جي ويجهو ايندا اوترو ئي توهين منهنجي ويجهو ايندا ۽ اوترو ئي مونکي بہ پيارا لڳندا. اسانکي اها ڳالهہ هميشهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيترو وڌيڪ اسين هڪ ٻئي کي پيار ڪنداسين

ستسنگين ۽ جگياسين کي خلاصو ملاقات بہ ڏني. ٧ مي تي رات جو ٨ بجي تينزانيا مان کي پارٽي ستسنگي ۽ جگياسو هوائي جهاز رستي نئروبي آيا پر اُنهن کي اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ ستسنگ جو پروگرام شام جو پورو ٿي چڪو هو ۽ مهاراج جن ٨ تاريخ صبوح جو جهانسبرگ لاءِ وڃي رهيا هئا. پوءِ بہ پن منٽن لاءِ درشن ڪرڻ جي خواهش رکي، هو حضور جن جي رهائشي جڳهہ تي پهتا. ان وقت حضور جن پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ ويا هئا. اُنهن جي اچڻ جي خبر پڌي حضور جن ٻاهر بيٺڪ ۾ اچي اُنهن سان گڏيا. ڪجهہ وهنواري ڳالهين ڪرڻ بعد هڪ جگياسوءَ سنت مت جي مؤل سدانتن بابت ڪجهہ سوال پڇيا. مهاراج جن اُنهن جا وستار پوروڪ جواب ڏنا ۽ وري ڪلاڪ تائين سوالن جوابن جو سلسلو جاري رهيو. سڀني ڏينهن جي لاڳيتي پروگرام جي باوجود حضور جن انهن جي سوالن جا جواب ڌيرج سان ڏيندا رهيا. اُنهن ۾ ستسنگ نہ ٻڌڻ ڪري جا نراشا يا نا اُميدي پيدا ٿي هئي اُها ڏسي حضور جن اُنهن کي وشواس ڏياريو تہ ڏکڻ آفريڪا کان موٽندي دارالسلام ۾ ترسي ستسنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

جهانسبرگ جي هوائي اڏي کان مهاراج جن سڌو بي.پي. سينٽر جي هال ۾ سنگت کي درشن ڏيڻ لاءِ ويا. هال سڄو پرجي ويو هو. مهاراج جن جي ايندي ئي سنگت ۾ هڪدم سانت ٿي وئي. حضور جن ٻئي هٿ جوڙي سنگت کي راڌا سوامي ڪئي ۽ تخت تي وڃي براجمان ٿيا. سيني جون اکيون ستگرو جي ڪشش ڪندڙ سروپ ڏانهن ٽڪٽڪي لڳائي ڏسڻ لڳيون. شانتي لڳي پيئي هئي ۽ سنگت پريم ۽ آنند جي امرت پريل ڌارائن ۾ جهومي رهي هئي. گهڻا ستسنگي حياتيءَ ۾ پهريون دفعو ستگرو جي ديهہ

ان هدايت جو پوري طرح پالن ڪيو ويو. اسان جو انومان هو ته مهاراج جن ١٦ جولاءِ شام جو ڏيري پهچندا پر هو شام جي بدران منجهند جو ٢ بجي چپ چاپ پنهنجي ڪوٺيءَ تي پهچي ويا. ان تي مون مهاراج جن کي نويدن ڪئي، ”حضور جن جي هر هڪ ڳالهه جو اسين پالن ڪنداسين پر ايترو گهٽ وقت اسانکي پنهنجي درشن کان محروم نه رکن.“

۴-ڏکڻ آفريڪا، يورپ، ازرائيل ١٩٦٦

ڏکڻ آفريڪا ۾ سنت مت جي شروعات ٻي مهاڀاري جنگ، ڪانپور تي. تڏهن سر ڪارن گار بيٽ، ميجر لٽل ۽ ڊاڪٽر لئنبر رنايو ڪري آتي رهڻ لڳا. پر ١٩٥١ تائين ڏکڻ آفريڪا ۾ فقط چار ستسنگي هئا. حضور مهاراج چرنسنگهه جن ١٩٥٣ ۾ ڏکڻ آفريڪا جي ڪن جگياسين کي نام دان بخشيو ۽ حضور جن جي اُتساهه ڏيارڻ ۽ ديا مهر سان سنگت آهستي آهستي وڌڻ لڳي. سنه ١٩٦٥ تائين ستسنگين جو تعداد ٣٥٠ تائين پهچي ويو. جيتوڻيڪ گذريل ڪيترن سالن کان ڏکڻ آفريڪا مان سنگت ڏيري ۾ اچي مهاراج جن جا درشن ڪندي رهي هئي پر به گهڻا ستسنگي ايترو پري کان اچڻ ۾ سمرٿ نه هئا. حضور جن جي آمريڪا ياترا بعد اُنهن ۾ به اُميد جاڳي ته هڪ ڏينهن ستگرو ڏکڻ آفريڪا ايندا ۽ ان ڪري انهن وٽان ستگرن کي پرارٿنا پتر اچڻ شروع ٿي ويا. حضور جن ١٩٦٦ ۾ ڏکڻ آفريڪا اچڻ جي منظوري ڏني ۽ ٥ مي ١٩٦٦ تي بمبئي مان هوائي جهاز رستي نئروبي (اوڀر آفريڪا) پهتا. هن ياترا ۾ پروفيسر جنڪ راج پري حضور جن جا سيڪريٽري هئا. نئروبي ۾ ڪينيا، يوگنڊا، زمبيا، کماسي (گهانا)، سوازيلئنڊ ۽ روڊيشيا مان سنگت آيل هئي. هتي ستگرن ستسنگ، فرمايا ۽ سڀني

ڍنگ جي ضرورت ڪانه آهي. هتي ته فقط ٻنا ڇل ڪپٽ جي پريم سان ڳالهائڻ گهرجي. دل جي دل سان وارتا آهي.”

۱۲ مي صبوح جو موٽر ۾ ۲۷۰ ميل سفر ڪري حضور جن منجهند جو سوازيلئنڊ پهتا. هتي ايندي ئي حضور جن آيل ستسنگين کي درشن ڏنو، ٿوري دير ڳالهيون ڪيون. رسوئي کائڻ بعد حضور جن سڀني ستسنگين کي جدا جدا وقت ڏنو ۽ شام جو بائيبل مان ستسنگ ڪيو.

ٻئي ڏينهن ۱۳ مي صبوح جو حضور جن موٽر رستي وائيٽ رور ڏانهن روانا ٿيا ۽ منجهند جو هڪ ٻجي بعد اُتي پهتا. اُتي حضور جن جو پروگرام تمام ٿوري وقت جو هو. منجهند جي کاني وقت ۴۰-۵۰ ستسنگي ۽ جگياسو حاضر هئا. اُنهن حضور جن سان گڏ کانو کاڌو. پوءِ جن ڪرڻ کانپوءِ ترت ستسنگ شروع ٿيو جنهن ۾ ستسنگ ۽ ملاقات جو ڪاريه ختم ٿيڻ بعد مهاراج جن موٽر ۾ رات جو ۱۰ ٻجي جهانسبرگ پهتا.

ڏکڻ آفريڪا ۾ حضور جن جا عيوضي شري سيم ٻوسا مهاراج جن جي رٿيل پروگرام بابت لکيو آهي، ”جيتوٽيڪ مهاراج جن کي سائوٿ آفريڪا ۾ آئي رڳو ۵-۶ ڏينهن ٿيا آهن پوءِ به مونکي سندن روزانو پروگرام ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ ڏٺو ته ڪيئن سندن پروگرام تيز رفتار سان پئي پورو ٿيو. ڪو به رواجي اِنسان مهنن ۽ سالن تائين روزانو اهڙي تيز رفتار سان پنهنجي زندگي گذاري نٿو سگهندو. پر مهاراج جن چاهي هندستان ۾، چاهي ڏکڻ آفريڪا يا يورپ ۾ هجن سندن لاءِ ڪو به فرق ڪونه هو. سندن پروگرام ۽ انکي پوري ڪرڻ جي رفتار هميشه اُهائي هئي. منهنجا ڀاڳ، هئا جو منهنجو صبوح جو سويل مهاراج جن سان گڏجڻ ٿيندو هو. روز صبوح جو ساڍي ڇهين ٻجي حضور جن لاءِ چانهه

سروپ جو ظاهران ظهور درشن ڪري رهيا هئا. هنن جون اکيون خوشيءَ ۽ احسانمنديءَ جي ڳوڙهن سبب آليون هيون. پروفيسر جنڪ پُري ان وقت جو بيان هن ريت ڪيو آهي، ”ستسنگي پنهنجي ستگرن جي درشن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي سُڌ ٻڌ ڀلائي ويٺا هئا. سندن منهن مان ئي پريم جي ڀاونا ظاهر ڏسڻ ۾ ٿي آئي.“

جهانسبرگ ۾ هڪدم ستسنگ، سوال جواب، ملاقاتون وغيره جو گهڻو ئي پروگرام شروع ٿي ويو. حضور جن گهڻي ۾ گهڻن ماڻهن سان گڏجڻ ٿي چاهيو. پر ٻنڌڪن ڪي حضور جن جي هدايت هئي ته ڪنهن به ملاقات ڪندڙ کي انڪار نه ڪيو وڃي. ان لاءِ اهڙو بندوبست ڪيو ويو جو حضور جن روزانو هڪ گارڊن پارٽي ۾ شامل ٿيا. جتي روز ۴۰-۵۰ ماڻهو اچي ڪنا ٿيندا هئا ۽ حضور جن انهن سان وارتالاپ ڪندا هئا. حضور جن انهن مان هر هڪ سان شخصي طور يا سڀني سان گڏ ڏيڍ ڪلاڪ گڏ با هئا. اهڙي طرح صبوح جو ڪاڏي کائڻ وقت به ۱۰-۱۵ ماڻهو ايندا هئا، اُنهن سان به وارتالاپ ڪندا هئا. گهڻا ستسنگي پنهنجي پياري ستگرن جو درشن پهريون دفعو ڪري رهيا هئا. ملاقات وقت اُنهن جي دلين ۾ هٻڪ ۽ گهٻراهٽ ٿيندي هئي. پر حضور جن جا پريم ڀريل وچن ٻڌي اُنهن جي هٻڪ لهي ويندي هئي ۽ اُنهن کي ائين لڳندو هو ته مهاراج جن سان سندن ڪا جهوني جاڻ پڇاڻ هئي. هڪ ستسنگ ۾ هڪ ستسنگيءَ پڇيو، ”چا توهين اسانکي ٻڌائي سگهندا ته اسين توهانکي شخصي ملاقات وقت ڪيئن پيش اچون ۽ ڪيئن توهان سان ڳالهايون؟“ حضور جن مينناج ۽ پريم ڀريل آواز ۾ جواب ڏنو، ”ڀائي صاحب! اسين سڀ هڪ ئي روحاني مارگ تي هلي رهيا آهيون. هتي ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن خاص

جهانسبرگ، ڇڏڻ کان ٿورو وقت پوءِ حضور جن سنگت کي درشن ڏنو ۽ بعد ۾ ٦٢ ڄڻن کي نام دان به ڏنو.

درشن وقت مهاراج جن موڪلائڻ وقت ڪجهه پروچن چيا. فرمايائون، "توهانجي سندر سهڻي ملڪ ۾ منهنجي ياترا جو اڄ آخرين ڏينهن آهي. مونکي خوشي ٿي آهي جو مان گهڻو ڪري سڀني ڪيندرن ۾ وڃي سگهيو آهيان ۽ ماڻهن سان ڪاني وقت، گارڊن پارٽين ۾، هوائي بندرن تي ۽ ويندي رستن جي ڪنارن تي گڏيل روپ ۾ يا جدا جدا گڏجي سگهيو آهيان.

توهانجي اندر ۾ آتمڪ گيان سمجهڻ جي پياس ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. توهانجي هارديڪ سواگت، پريم ڀري ورتاءُ، توهانجي ڀڳتي ۽ پريم سبب مان توهان سڀني جو شڪرگذار آهيان. مان توهانکي وشواس ڏيارڻ ٿو چاهيان ته جيتوڻيڪ هن ديش ۾ منهنجو رهڻ ٿوري وقت لاءِ ٿيو آهي ته به توهانجو پريم وري به مونکي توهانجي وچ ۾ ڇڪي ايندو.

مان توهانکي عيسيٰ مسيح جي ڳالهه ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان جا اُنهن اڄ کان ٢ هزار سال اڳ چئي هئي. هن چيو هو ته "منهنجو پهريون آديش آهي ته پنهنجي دل و جان سان، پنهنجي وس يا طاقت آهر پنهنجي آتما سان، پرم پتا پرماتما کي پيار ڪريو." ان بعد هن وڌيڪ فرمايو هو، "منهنجو ٻيو آديش آهي ته پنهنجي پاڙيسريءَ سان اوترو ئي پيار ڪريو جيترو توهين پاڻ کي پيار ٿا ڪريو." پر اها ڳالهه هرگز نه وسارجو ته سڄو سنسار اسانجو پاڙيسري آهي ۽ اُهو مالڪ اسان سڀني جي اندر موجود آهي. انڪري اسان کي سڀني سان پيار ڪرڻ کپي ۽ انهن سڀني سان پيار ڪرڻو آهي جنکي پرماتما پيدا ڪيو آهي. دنيا جي سڀني اوتارن

جو پيالو کڻي مان سندن ڪمري ۾ ويندو هوس ۽ رات جو مهاراج جن جي آرام ڪرڻ واري ڪمري جي دروازي تائين کين ڇڏي ايندو هوس. راڌا سوامي ڇڻي موڻ وارو شخص مان ئي هوس. مهاراج جن ڪڏهن به اڌ رات کان اڳ، پنهنجي ڪمري ۾ نه وڃي سگهندا هئا. ان مان اهو انومان لڳائي سگهجي ٿو ته آرام لاءِ کين ڪيترو گهٽ وقت ملندو هو. مان ته ايترو ئي چئي سگهان ٿو ته پنجن ڏينهن جي ٿوري عرصي ۾ ئي پروفيسر پوري ۽ مان بنا ننڊ ۽ ٿڪاوٽ سبب چور ٿي پياسين."

۱۵ مي منجهند جو حضور جن لينيشيا ۾ ستسنگ پردان ڪيو. جهانسبرگ ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ٻين سڀني هنڌن تي مهاراج جن جو پروگرام گهڻو ڪري ساڳيو ئي رهيو. ستسنگ، ماڻهن سان ملاقات، کاڌو کائڻ وقت ۽ چانهه مهل به ستسنگين ۽ جگياسين سان وارتالاپ ڪرڻ، سوال جواب، ستسنگين جي گهرن ۾ وڃي اُنهن سان گڏجڻ ۽ منجهند جو آرام مهل خطن جا جواب لکائڻ يا اڳتي لاءِ پروگرام جي باري ۾ پربندڪن سان ڳالهيون ڪرڻ.

ستسنگ ۾ ۵۰۰ کان ۷۵۰ ماڻهو ايندا هئا. جهانسبرگ جي لينگهيم هوٽل جي وڏي هال ۾ ۴۵۰ ماڻهن جي وهڻ جو بندوبست هو پر اُتي هر ستسنگ ۾ ۷۰۰-۷۵۰ ماڻهو اچي وهندا هئا ۽ ڪيترن کي بيهي رهڻو پوندو هو. ستسنگ جو وقت شام جو ۸ بجي کان هو پر سنگت ڇهين بجي کان اچڻ شروع ٿي ويندي هئي.

جهانسبرگ مان حضور جن ۱۸ مي تي ڪيپ ٽائون ۽ ۲۲ مي تي ڊربن پهتا. ٻنهي هنڌن تي پنج ڏينهن ستسنگ پروگرام بعد ۲٦ مي صبوح جو واپس جهانسبرگ آيا. حضور جن کي اُنهيءَ ڏينهن شام جو انگلنڊ ۽ يورپ جي ياترا لاءِ روانو ٿيڻو هو.

ٿوري عرصي ۾ حضور جن جي اچڻ جو تمام گهرو اثر ٿيو هو. ستسنگين ۾ نئون اُتساهه جاڳيو هو ۽ اُنهن جو پاڻ ۾ پريم به وڌيو هو. حضور جن جي درشن ۽ ستسنگ مان ڪيترن جگياسين جون شنڪائون دور ٿي ويون. هڪ جهوني ستسنگيءَ جي پتنيءَ جي اچ تائين سنت مت ۾ دلچسپي ڪانه هئي ان هوندي به هوءَ پنهنجي پتيءَ جي جيون ۾ ڪا رنڊڪ ڪانه وجهندي هئي پر هوءَ خود ماس کائيندي هئي. جڏهن حضور جن تشريف وٺي ويا ته هن خيال ڪيو ته پتيءَ جي گروءَ جو درشن ڪرڻ گهرجي. صبوح جو روزمره وانگر ناشتو ڪري ستسنگ ۾ آئي. سندس چوڻ هو، ”جڏهن مهاراج جن هال ۾ گهڙيا ۽ تخت تي براجمان ٿيا ته مون محسوس ڪيو ته هن مهاسندر سروپ جو درشن ڪرڻ مون لاءِ وڏي خوش قسمتي ۽ وردان هو. جيترو وقت ستگروءَ جو درشن ٿيو مان استر ويٺي هئس. منهنجي اکين مان خوشيءَ ۽ آنند جا آنسون وهي رهيا هئا. مون سمجهيو ٿي ته مان پنهنجي پتيءَ جي جنهن گروءَ کي ڏسڻ آئي هئس سو سچ پچ منهنجو گرو، منهنجو پتا ماتا، منهنجو ساٿي، مترُ ۽ رهبر آهي.“ ۽ شام جو هن نام دان لاءِ عرض ڪيو.

اهڙي طرح ڏکڻ آفريڪا جي بچاءَ کاتي يا پوليس کاتي جي هڪ آفيسر کي حضور جن جي پروگرام تي چوڪسي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. هنجو ڪم هو مخفي طور نظرداري ڪرڻ ته مهاراج جن جون تقريرون ڏکڻ آفريڪا جي ملڪ، نيتي (policy) ۽ راجنيتيءَ خلاف ته ڪونه هيون. هُو سڀني ياترا وقت حضور جن جي ستسنگ ۾ ايندو رهيو. آخر ۾ هڪ ڏينهن هُو اکين ۾ ڳوڙها آڻي حضور جن اڳيان آيو ۽ نام دان لاءِ وينتي ڪرڻ لڳو. اج اُهو شخص

۽ اوليائن ۽ سڀني سنتن مهاتمائن جا اُپديش به انهن ئي هدايتن تي ٻڌل آهن. جيڪڏهن اسين انهن ئي حڪمن جو پڪي ارادي سان پالن ڪنداسين ته اسين سنتن مهاتمائن جي سکيا جو سار گرهڻ ڪري سگهنداسين."

"توهانکي پنهنجي منزل جي، مقصد جي خبر آهي. اوستائين پهچڻ جي مارگ جي به خبر آهي. مان توهانکي اِهائي صلاح ڏيئي سگهان ٿو ته هن مارگ، تي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان گڏ محڪم ارادي سان هلندا هلو."

شام جو ساڍي ڇهين بجي حضور جن جڏهن هوائي اڏي تي پهتا ته اتي اٽڪل ۴۰۰ ماڻهو الوداع ڪرڻ لاءِ موجود هئا. اولهه ملڪ جي ريت رواج انوسار مهاراج جن اُنهن سڀني سان هٿ ملايو. ڪي اهڙا ماڻهو هئا جي هوائي اڏي تي ڪنهن ٻئي ڪم سانگي آيل هئا ۽ اُنهن حضور جن کي اڳ، ڪڏهن ڏٺو به ڪونه هو. اُهي به حضور جن سان هٿ ملائڻ لاءِ اچي سامهون بيٺا. اُنهن مان هڪ عورت پوءِ ٻڌايو ته ان سريشٽ شخص سان هٿ ملائڻ کان پاڻ روڪي نه سگهي جيتوڻيڪ اها خبر به ڪونه هئس ته هو هئا ڪير.

حضور جن جي هن ڏکڻ آفريڪا جي ياترا سبب ستسنگ، ۾ هڪ نئين جان اچي ويئي. مهاراج جن جي اچڻ کان اڳ، ڏکڻ آفريڪا ۾ اٽڪل ۳۵۰ ستسنگي هئا. اڄ سنگت جو عدد وڌي ٻن هزارن کان به مٿي ٿيو آهي. ڪيترائي جگياسو سنت مت ۾ رُچي وڃي رهيا آهن ۽ ويشنو ڪاڌو کائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڏکڻ آفريڪا ۾ اڄ ۲۰ هنڌن تي ستسنگ، ڪيندر آهن. وائيٽ رور ۾ هڪ ستسنگ، گهر ٺهي تيار ٿيو آهي ۽ جهانسبرگ، ۾ ستسنگ، گهر لاءِ زمين خريد ڪئي ويئي آهي.

حضور جن رڳو ۱۸ ڏينهن لاءِ ڏکڻ آفريڪا ۾ هئا. هن

شري سيم ٻُوسا رستي ۾ هڪ ننڍي شهر جي سٺي سهڻي هوٽل جي سامهون موٽر بيهاري. هن جو خيال هو تہ هوٽل مان ڪافي وغيرہ موٽر ۾ ئي گهرائي وٺي ڇاڪاڻ تہ هوٽل رڳو گورن لوڪن لاءِ هئي. ان ۾ ٻين ماڻهن کي اندر اچڻ بہ نہ ڏيندا هئا. پر موٽر جي بيهڻ تي مهاراج جن هوٽل ڏانهن هليا. شري سيم ٻُوسا ۽ ان جا ساٿي گهٻرائجي ويا تہ متان هوٽل جو مالڪ حضور جن سان اڻ وڻندڙ وهنوار ڪري. اُنهيءَ ويچار ۾ ڪجهہ وقت اُتيئي بيٺا هئا. جڏهن هوٽل ۾ ويا تہ ڏٺائون تہ مهاراج جي هوٽل ۾ وچين ميز وٽ ويٺا هئا ۽ ويٽر ڏاڍي ادب سان ڪافيءَ لاءِ آرڊر وٺي رهيو هو. مئنيجر، ڪائونٽر تي وينل ڪلارڪ، ويٽر ۽ ٻين سڀني جي نظر حضور جن جي مک منڊل تي هئي. هو ٽڪٽڪي لڳائي کين ڏسي رهيا هئا ۽ وايُو منڊل ۾ عجيب خوشي پيدا ٿي وئي.

اُتي ارڙهن ڏينهن جي عرصي ۾ حضور جن ۷۰۰ ماڻهن کي شخصي ملاقاتون ڏنيون. هنن جا مسئلا ڌيان سان ٻڌا ۽ اُنهن جي باري ۾ صلاح ڏني. ان ڪانسواءِ روزانو پوڄن يا چانهہ پارٽيءَ وقت ۴۰-۵۰ ماڻهن کي وقت ڏنائون. حضور جن پنهنجي يا ستسنگ جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جي پرچار ڪرڻ جي اِجازت نہ ڏني هئي. جيتوڻيڪ انهيءَ حڪم جو پوري طرح پالن ڪيو ويو تہ بہ ستسنگن ۾ ۷۰۰-۸۰۰ ماڻهو ايندا رهيا. حضور جن ٽن هفتن تي ۹۷ ماڻهن کي نام دان بخشيو. اُنهن ۾ فقط ۹ ڀارتواسي هئا. جڏهن هوائي اَڏي تي هڪ ستسنگيءَ اکين ۾ ڳوڙها آڻي چيو، ”مون کي ڏاڍو ڏک آهي جو توهين اسان کي ڇڏي هليا ٿا وڃو.“ تہ حضور جن ڪُومل ۽ پريم ڀريل آواز ۾ جواب ڏنو، ”ڇا مان توهان کي ڇڏي ٿو وڃان؟“ جڏهن وڏو

ڏکڻ آفريڪا جي اُتساهي ۽ پريمي ستسنگين مان هڪ آهي.

هن رنگ ڀيد ۾ وشواس رکندڙ ملڪ ۾ اڄ ٩٠ سيڪڙو کان به وڌيڪ ستسنگي يورپي گورا لوڪ آهن. اُهي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان گڏ ڀارت جي هن پرم سنت جي چرڻن ۾ ويهي پرمارٿ يا آتم اُڌار جو مارگ گرهڻ ڪري رهيا آهن ۽ ڪارن لوڪن سان پريم ۽ پيار سان ملي جلي هلن ٿا. ڏکڻ آفريڪا ۾ جتي به مهاراج جن ويا اُتي جا ماڻهو ۽ عملدار جڏهن حضور جن اڳيان آيا ته هنن سڀ ڀيد ڀاؤ وساري ڇڏيا. سوازيلئنڊ مان موٽندي جڏهن ڏکڻ آفريڪا جي سرحد جي "چيڪ پوسٽ" (ناڪو يا چونڪي) تي پاسپورٽ ڏيکارڻ لاءِ موٽر بيٺي ته حضور جن قدرتي انهيءَ چيڪ پوسٽ ۾ ويا جنهن تي لکيل هو "فقط يورپين لاءِ" ڀرسان ٻي چيڪ پوسٽ هئي جا ڪارن لوڪن لاءِ هئي. ڏکڻ آفريڪا جي پوليس رنگ ڀيد جي نيمن کي النگهن ڪرڻ وارن سان تمام رُکو يا اڻ وڻندڙ ورتاءُ ڪندي آهي پر چيڪ پوسٽ جو پوليس آفيسر حضور جن کي ڏسي ادب سان اُٿي بيٺو ۽ پاسپورٽ ڏنائين. ان ۾ پارٽي ناگرتا بابت صاف لکيل هو. هو هر وقت حضور جن کي سَر (Sir) ڪري سڏيندو رهيو پر ساڻن جيڪي ٻيا يورپين هئا تن کي سَر ڪونه ٿي سڏيائين. پاسپورٽ بابت ضروري داخلا پوري ڪرڻ بعد هن 'شڪرانا' چئي پاسپورٽ مهاراج جن کي موٽائي ڏنو. ٻيا ستسنگي حيران ٿي ويا جو حضور جن کي ٻيءَ چونڪيءَ تي وڃڻ لاءِ ڪونه چيائون ۽ ساڻن نمرتا ۽ ادب سان پيش آيا. اها مريادا رواجي طرح پوليس آفيسرن ۾ ڪونه هوندي آهي.

اهڙي نموني هڪ دفعي حضور جن موٽر ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي رهيا هئا. پر جنهن موٽر ۾ ڪافي ۽ ناشتي جو سامان هو اُها تمام پوئتي هئي. ان ڪري

تي پٽ تي ويهي رهي. مهاراج جن پڌاريا، راڌا سوامي ڪيائون ۽ هنن جي سامهون اچي ويٺا. سنگت ٻنا اک ڇنڀڻ جي پنهنجي پياري ستگروءَ ڏانهن نهاري رهي هئي. سڀ بلڪل خاموش هئا. سنگت ڏاڍي سڪ ۽ شردا ۾ ويٺي هئي. سندن اکين مان پريم جا آنسون يا ڳوڙها وهي رهيا هئا. ان وقت اهڙي قسم جو عجيب نظارو ڏسي هوائي اڏي جا عملدار حيرت ۾ ويٺا رهيا. پوءِ انگريز سارجنٽ ٻڌايو ته هوائي اڏي تي گذريل ۱۲ سالن جي نوڪريءَ ۾ هن ڪڏهن به اهڙو انتظام، اهڙو پريم ڀاءُ ۽ سڪ ۽ شردا ڀريل نظارو ڪونه ڏٺو هو.

جڏهن مهاراج جن هوائي بندر کان پنهنجي رهائشي جڳهه تي پهتا ته رات جا ۲ لڳا هئا. ڪي ستسنگي حضور جن جي فلئٽ ۾ سندن درشن لاءِ ترسيا ويٺا هئا. هو سالن بعد گروجن جو درشن ڪري رهيا هئا. ان خوشيءَ ۾ اها به سڌ نه پئي ته ڪو رات جا ۲ لڳي ويا آهن ۽ ديالو ستگرو به سندن پريم کي ڏسي کين هلي وڃڻ لاءِ نه چيو. انهن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ ۳ لڳي ويا ۽ پوءِ حضور جن آرامي ٿيا. انهيءَ سموري مسافريءَ ۾ حضور جن کي ننڊ ڪرڻ لاءِ وقت ئي ڪونه مليو. جڏهن حضور جن سان اهڙي ڳالهه ڪئي ويئي ته فرمايائون، "مون کي پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي." لنڊن ۾ حضور جن جو اٽڪل ٻن هفتن جو پروگرام هو. هن دفعي حضور جن لنڊن کان ٻاهر ٻين هنڌن تي به ويا. ٻن هفتن جي ستسنگ، نام دان وغيره بعد حضور جن ۲۵ جون تي فرئنڪ فرٽ (جرمني) پهتا. حضور جن جي هيءَ ياترا مکيه طور ڏکڻ آفريڪا، اوڀر آفريڪا ۽ انگلينڊ لاءِ هئي. پوءِ به حضور جن يورپ ۾ رڳو فرئنڪ فرٽ (جرمني) جينيوا (سئٽزرلئنڊ) ۽ وائنا

جيت هوائي جهاز ستگرن کي وٺي آڪاش ڏانهن اُڏاڻو تي تڏهن سنگت جي اکين مان آنسون وهڻ لڳا پر اُن سان گڏ هوُ اندر ۾ ستگرن کي انگ سنگ محسوس ڪري رهيا هئا جو ديهه سروپ جي دُور هوندي به ستگرو هميشه انگ سنگ هوندا آهن.

جهانسبرگ کان نئروبي مان ٿيندا حضور جن ٢٧ مي تي دارالسلام پهتا. اُتي حضور جن ٢٧ ۽ ٢٨ تاريخ تي ستسنگ ڪيا ۽ ڪن پريمين کي نام دان به بخشيو. مهاراج جن ٢٩ مي تي ممباسا پهتا. ٿڪاوٽ ۽ لڳاتار مسافري ڪرڻ سبب حضور جن جي صحت خراب ٿي پيئي، پر سنگت کي نراس نه ڪرڻ جي خيال کان حضور جن پنهنجو پروگرام قائم رکيو. هڪ ڏينهن جي مشغول پروگرام بعد حضور جن واپس نئروبيءَ مان ٿيندا ١ جوُن تي ڪيرو پهتا. ڪيرو (مصر) کان مهاراج جن ٥ جوُن تي لنڊن آيا.

لنڊن ۾ حضور جن جو هوائي جهاز ٩ ڪلاڪ دير سان پهتو. شام جو ڇئين بجي کان اٽڪل ٣٠٠ زالون مرد حضور جن جي درشن ۽ سواگت لاءِ آيا هئا. اُنهن ۾ گهڻا ڀارتواسي هئا. اُهي رات جو هڪ بجي تائين هوائي اَڏي تي ئي رهي پيا. اُتي ايتري وقت تائين اهڙي ڀيڙ ڏسي آفيسرن جي من ۾ ڪجهه شنڪا پيدا ٿي ته ڪا گڙٻڙ نه ٿي پوي يا مٿان صلح ۾ رخنو نه پوي. هڪ پوليس سارجنٽ ۽ ڪي پوليس جا سپاهي اُتي اچي ويا. سارجنٽ هڪ ستسنگيءَ کان پڇيو ته ڪير اچي رهيو آهي؟ هن جواب ۾ چيو، ”اسانجا ستگرو اچي رهيا آهن.“ پر سارجنٽ ڪجهه به سمجهي نه سگهيو ۽ انتظام جي باري ۾ هن جي چنتا دُور نه ٿي. رات جو جڏهن هڪ بجي حضور جن جو هوائي جهاز آيو تڏهن اٽڪل ٣٠٠ ماڻهن جي سنگت (ڀارتواسي ۽ يورپين) هوائي اَڏي

جي ڪن ڪتابن جو هيبرو ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.
حضور جن ١۴ جولاءِ صبوح جو بمبئي پهتا. ١۴ جولاءِ صبوح
جو بمبئي ۾ ۽ ١٥ جولاءِ صبوح جو دهليءَ ۾ سنگت کي
درشن ڏيندا ١٦ جولاءِ صبوح جو ڏيري پهتا.

٥. آسٽريليا ۽ نيوزيلئنڊ جو دورو ١٩٦٨

حضور جن ٦ مي ١٩٦٨ صبوح جو دهليءَ مان هوائي جهاز
رستي روانا ٿيا ۽ اٽڪل ۴ ڪلاڪ سفر ڪري بئنڪاڪ
پهتا. هوائي اڏي تي ٽي سؤ ڪان بہ وڌيڪ ماڻهو درشن لاءِ آيل
هئا. بئنڪاڪ پهچڻ سان حضور جن جو رٿيل پروگرام شروع
ٿي ويو. ان ۾ صبوح جو درشن، شام جو ستسنگ، ڏيهن
جو ملاقاتون ۽ ستسنگين وٽ وڃڻ جو پروگرام هو. اهڙي
پروگرام جي وچ ۾ حضور جن ٩ مي تي ڪن پريمين کي
نام دان بہ بخشيو. هتي ستسنگن ۾ سنگت ٧٠٠ ڪان بہ مٿي
ايندي هئي. هن دؤري ۾ شري مدن مهتا حضور جن سان
فارين سيڪريٽري هو. شريمتي بي جانسي* بہ هن دؤري
۾ حضور جن سان گڏ هئي.

بئنڪاڪ مان ١١ مي حضور جن هانگ ڪانگ پهتا.
هتي بہ ساڳيوئي پروگرام هو. هانگ ڪانگ ۾ حضور جن هڪ
ستسنگ سک گردواري ۾ فرمايو. گردوارو سکن ۽
پارتواسين سان ڀرجي ويو. انهن ۾ ستسنگي رڳو ٢٥ يا ٣٠

---

* شريمتي بي. جانسي انگلنڊ جي هڪ بزرگ پريمڻ
ستسنگياڻي آهي. هوءَ ڪيترا سال لنڊن ۾ رهي ستسنگ
۽ سنگت جي پريم سان شيوا ڪندي رهي، اڄ ڪلهہ هوءَ
نيوزيلئنڊ ۾ رهندي آهي ۽ اُتي جي ستسنگ جي مکيہ
ڪم ڪندڙن مان هڪ آهي.

(آسٽريا) ويا. اُتي ٢٨ تاريخ تائين حضور جن ستسنگ، ڪيا. سڀني ستسنگين سان الڳ، الڳ، گڏيا ۽ سنگت جي وينتي ڪرڻ تي اُنهن سان گڏ جرمنيءَ ۾ ڪي اِتهاسڪ آستان به ڏسڻ ويا. انهن ٽن ڏينهن ۾ حضور جن صبوح کان رات تائين پنهنجو سمورو وقت سنگت سان گڏ گذاريو. ٢٩ جوُن هوائي جهاز ۾ جينيوا وڃڻ وارا هئا. شام جو جرمنيءَ جي ستسنگين خيال ڪيو ته جيڪڏهن حضور جن موٽر ۾ جينيوا وڃن ته ڪين به ساڻن گڏ وڃڻ جو موقعو ملندو. جڏهن اهو خيال حضور جن اڳيان رکيائون ته اُها ڳالهه، حضور جن خوشيءَ سان قبول ڪئي. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان حضور جن کي ٨-١٠ ڪلاڪ موٽر ۾ سفر ڪرڻو پيو نه ته هوائي جهاز ۾ هڪ ڪلاڪ مس لڳي ها. اهڙي نموني حضور جن صبوح جو فرئنڪ فرٽ مان موٽر رستي نڪتا ۽ شام جو ٧ بجي جينيوا پهتا. ٽن موٽرن ۾ جرمنيءَ جا ڪي ٻيا ستسنگي به گڏ آيا.

جينيوا ۾ حضور جن ٥-٦ ڏينهن ستسنگ، فرمايو، هتي يورپ جي ٻين شهرن مان به سنگت آيل هئي. جينيوا کان مهاراج جن ٻن ڏينهن لاءِ وائنا ويا. ڪماسي (گهانا) جي هڪ ڀارتواسي عورت حضور جن جي درشن لاءِ نئروبيءَ نه اچي سگهي هئي ۽ جڏهن هوءَ لنڊن ۽ جينيوا ۾ به نه اچي سگهي ته وائنا ۾ اچي پهتي. حضور جن ديا مهر ڪري ان کي وائنا ۾ نام دان ڏنو. وائنا مان حضور جن ١٠ جولاءِ رات جو اِزرائيل پهتا. هتي جا ٥ ستسنگي اُميد رکي ويٺا هئا ته حضور جن ڀارت موٽڻ وقت اُنهن کي به درشن ڏيندا ويندا. حضور جن ٻي ڏينهن اِزرائيل ۾ اُنهن سان گڏ گذاريا ۽ ڪن جگيياسين سان گڏيا. حضور جن جي هن پروگرام سبب هتي جي ماڻهن جو سنت مت ڏانهن لاڙو وڌيو آهي ۽ سنت مت

هانگ ڪانگ ۾ سنگت حضور جن کي نام دان لاءِ وينتي ڪئي. حضور جن پنهنجي جپان ياترا کان موٽي اچڻ بعد نام دان ڏيڻ سويڪار ڪيو. حضور جن جو پروگرام ٻهرين رکيو اوير لاءِ هو ۽ سندن خيال هو تہ سينگاپور کانپوءِ موٽي ڀارت ويندا. پر آسٽريليا، نيوزيلينڊ ۽ انڊونيشيا مان ستسنگين جي خطن اچڻ تي حضور جن جو خيال انهن ملڪن ۾ بہ وڃڻ جو ٿيو. هانگ ڪانگ ۾ تہ انهن ملڪن مان تارون ۽ ٽيليفون اچڻ لڳا تہ جڏهن مهاراج جن ايڏو ويجهو اچي چڪا آهن تہ ٿورو هلي اسان وٽ بہ اچي درشن ڏين. انهن خطن ۾ اهڙي تہ سوز ۽ نمرتا سان وينتي ڪئي وئي هئي جو مهاراج جن کين انڪار ڪري نہ سگهيا ۽ انهن ملڪن لاءِ بہ پروگرام رٿيو ويو.

هانگ ڪانگ مان هوائي جهاز رستي حضور جن ١٦ مي تي ٽوڪيو (جپان) پهتا. ٽوڪيو کانسواءِ حضور جن ڪوبي ۽ اوساڪا وغيره هنڌن تي بہ ويا. ستسنگن ۾ سنگت ٢٠٠ کن هئي. ڪيترن جگياسين ملاقات ورتي ۽ سنت مت بابت پنهنجن سوالن ذريعي شنڪائن جو نوارڻ ڪيو. جپان مان مهاراج جن واپس هانگ ڪانگ آيا. اتي ٢ ستسنگ فرمايائون ۽ ٣٠ مي تي ڪن جگياسين کي نام دان بخشيائون. هانگ ڪانگ مان حضور جن ٣١ مي تي سينگاپور آيا. هتي بہ حضور جن جو اهوئي پروگرام هو. هنن چار ستسنگ ڪيا ۽ ٢٥ ڄڻن کي نام دان بخشيو. سينگاپور ۾ ستسنگن ۾ سنگت هڪ هزار کان بہ مٿي هئي. سينگاپور مان ٻالي ٻيٽ مان ٿيندا مهاراج جن ٨ جون تي جڪارتا (انڊونيشا) پهتا. هتي جگياسين جو تعداد تمام گهڻو هو. ڇهن ڏينهن جي ستسنگ، درشن، سوال جواب وغيره جي پروگرام بعد ١٢ جون حضور جن ٤٩ ڄڻن کي نام دان ڏنو. جڪارتا کان اٽڪل ٩

هئا. ستسنگ، کان اڳ هانگ ڪانگ جي هڪ مکيه سک، سڀڻ حضور جن جي واقفيت ڪرائي. ان جي تقرير مريادا انوسار نه هئي. هن ڏاڍي رڪائيءَ سان چتايو ته مهاراج جن اهڙي ڪا به ڳالهه نه چون جا سکن جي دلين کي ڏکوئي، يا اُنهن جي ويچارن جي خلاف هجي.

مهاراج جن ڪڏهن به ستسنگ، ۾ ڪنهن جي به نقطچيني نه ڪندا آهن. پر سنتن جي سنديش جو اصلي ارٿ کولي پڌرو ڪڏهن به نه هچڪندا آهن. حضور جن پنهنجي پريم ڀريل واڻي ۽ سهڻي سرل ۽ اثرائتي نموني ڏيڍ ڪلاڪ ستسنگ، ۾ گرونانڪ صاحب جي سکيا چڱي طرح سمجهائي. حضور جن اُنهيءَ نام ۽ شبد جو سچو مطلب سمجهايو جنهنجو بيان سڀني گرو صاحبن پنهنجي هر هڪ شبد ۾ ڪيو آهي. حضور جن فرمايو ته سچو نام لکڻ پڙهڻ ۾ نٿو اچي، سچو شبد ٻاهريون سنگيت نه آهي پر اُهو اندر جو ڪيرتن آهي جو ستگروءَ جي ديکشا ملڻ سان جگياسو، نون دوارن کي خالي ڪري جيئري ئي مري پنهنجي اندر اُهو آواز يا شبد ٻڌي سگهي ٿو. سچي امرتسر به اسانجي شرير اندر آهي. اُن ۾ سنان ڪرڻ سان هي جيوُ آتما جنم مرڻ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿي. آخر ۾ حضور جن ديهه سروپ گروءَ جي مهما ۽ ان جي ضرورت تي زور ڏنو. حضور جن پنهنجي هر هڪ نقطي تي گرو گرنٿ صاحب مان حوالا ڏيئي سمجهايو.

سڀئي گردواري ۾ شانتي لڳي پيئي هئي. ماڻهو نهايت ڌيان سان حضور جن جا امرت ڀريل وچن ٻڌي رهيا هئا ۽ سندن نظر مهاراج جن جي موهيندڙ ۽ سندر روپ تي هئي. ستسنگ، بعد اُنهيءَ سک، سڀڻ حضور جن کي گردواري ۾ پڌارڻ ۽ ستسنگ، ڪرڻ ۽ درشن ڏيڻ لاءِ شڪرگذاريءَ جو اظهار ڪيو.

جو مٿن ڏاڍو اثر ٿيو ۽ جڏهن خبر پيئن ته اهو هنڌ روحانيت جو هڪ مرڪز آهي جتي هڪ مهاتما روز ستسنگ ڪندو آهي، هنن خيال ڪيو ته ستسنگ ۾ نه وڃڻ ٺيڪ ناهي. سو ستسنگ ۾ آيا. حضور جن جي موهيندڙ ۽ سندر چهري جي درشن جو مٿن ڏاڍو اثر ٿيو ۽ ٻن ٽن ڏينهن بدران انڪل هڪ مهنو اُتي رهيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ حضور جن کي نام دان لاءِ عرض ڪيائون. اهي زال مڙس نيوزيلئنڊ ۾ پهريان ستسنگي ٿيا.

نيوزيلئنڊ ۾ ڏاڍي ٿڌ هئي ڇاڪاڻ ته هتي مي - جون ۾ سيارو ٿيندو آهي. ڪرائيسٽ چرچ ۾ حضور جن ستسنگين سان گڏيا ۽ ستسنگ به ڪيو. ٢١ جون تي حضور جن نيوزيلئنڊ جي راڄڌاني آڪلئنڊ پڌاريا. اُتي حضور جن ٽي ستسنگ فرمايا. پهرئين ستسنگ ۾ ٤٩ ماڻهو ٻئي ۾ ٦٠ ۽ ٽئين ۾ ٧٠ ماڻهو آيا. سڀني حضور جن کان الڳ الڳ ملاقات ورتي ۽ ڪيترائي سوال پڇيا. ٣٠ جون آڪلئنڊ مان رواني ٿيڻ کان اڳ، مهاراج جن ٢٢ ماڻهن کي نام دان بخشيو. حضور جن جي هن دؤري سبب هن ننڍي سهڻي ملڪ ۾ سنت مت ڄاڻڻ لاءِ شؤق وڌندو ويو ۽ آهستي آهستي جگياسين کي ڪشش ٿيا ڇڪ ٿيڻ لڳي. هن وقت اُتي ١٠٠ کان به وڌيڪ ستسنگي آهن ۽ ايترائي جگياسو به آهن. ٣٠ جون تي مهاراج جن نيوزيلئنڊ مان فجي بيٽ پڌاريا. هتي ننڍي، سؤوا، نوميا وغيره هنڌن تي ستسنگ ۽ درشن ڏنائون ۽ ٨ جولاءِ تي رات جو ١٠ بجي سينگاپور پهتا. ٩ جؤلاءِ صبوح جو درشن ۽ جگياسين کي ملاقاتون ڏنائون. شام جو ستسنگ ٿيو ايتري لمبي سفر ۽ ڳتيل پروگرام جي باوجود حضور جن ١٠ تاريخ جو سڄو ڏينهن ستسنگ جي ڪاريه ۾ گذاريو. جيتوڻيڪ حضور مهاراج جن سينگاپور ۾ نام دان

ڪلاڪن جي هوائي مسافري ڪرڻ بعد حضور جن ١٣ جون آسٽريليا پهتا.

آسٽريليا ۾ سنت مت جي شروعات ١٩٦٥ ۾ ٿي. جڏهن مهاراج جن ڏيري ۾ ٻن آسٽريليا واسين کي نام دان ڏنو. حضور جن جي دوري وقت هتي ١٠-١١ ستسنگي هئا. اهي ديش جي جدا جدا هنڌن يا شهرن ۾ رهندا هئا. هتي مهاراج جن ٻه ڏينهن صبوح ۽ شام ستسنگ فرمايو ۽ جگياسين جي سوالن جا جواب ڏنا ۽ وري ١٥ جون شام جو ستسنگ بعد نام دان ڏنو. آسٽريليا ۾ مهاراج جن جي دوري سبب سنت مت لاءِ شوق وڌڻ لڳو. اڄ اتي ١٠٠ کان به وڌيڪ ستسنگي آهن ۽ ڪيترا جگياسو سنتن جي سکيا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

سڊني (آسٽريليا) مان هوائي جهاز ۾ مهاراج جن ١٨ جون تي ڪرائيسٽ چرچ (نيو زيلنڊ) پهتا. نيو زيلنڊ ۾ سنت مت جي شروعات سن ١٩٦٤ ۾ ٿي. هڪ انگريز جوڙي انگلنڊ مان وڃي نيوزيلنڊ رهڻ تي چاهيو. هو هڪ وڏي موٽر (جنهن ۾ وهڻ سمهڻ، کاڌي تيار ڪرڻ لاءِ جڳهه هئي) ۾ سفر ڪري رهيا هئا. يورپ، وچ اوڀر، افغانستان ۽ پاڪستان مان ٿيندا جڏهن امرتسر پهتا ته اتي ٣-٤ ڏينهن رهي آرام ڪرڻ تي چاهيائون پر ڪٿي به هو پنهنجي موٽر بيهاريندا هئا ته اتي ٻارن ۽ ڏسندڙن جي ڀيڙ لڳي ويندي هئي. ان ڪارڻ پريشان ٿي اهڙو هنڌ ڳولهڻ لڳا جتي ايڪانت ملي سگهي ۽ هو بنا ڪنهن وگهن يا رنڊڪ جي ڪجهه ڏينهن آرام ڪري سگهن. ڪنهن کين ڏيري ۾ وڃڻ لاءِ صلاح ڏني ۽ چيو ته اتي ڪيترائي انگريز لوڪ اچي رهندا آهن. ان ڪري هو امرتسر مان ڏيري آيا. کين راڌي جي ڪوٺيءَ پرسان رهايو ويو. ڏيري جي پربنڌ ۽ بندوبست

مليو. ايٿينس (گريس) ۾ هوائي اڏي تي سواگت لاءِ ٢۴ ستسنگي موجود هئا. انهن حضور جن کي عرض ڪيو ته اوهان کي ٩ بجي اتهاسڪ آستان ڏيکارڻ جو پروگرام رٿيل آهي ۽ سڀ ستسنگي به حضور جن سان بس ۾ هلندا. پروفيسر جنڪ پري (حضور جن جو هن دوري ۾ فارين سيڪريٽري) رٿ ڏني ته حضور جن اهو پروگرام رد ڪن ڇاڪاڻ ته ٻه ڏينهن دهليءَ ۾ آرام نه ڪيو اٿن ۽ سڄي رات هوائي جهاز ۾ سفر ڪيو اٿن، تنهنڪري حضور جن نهايت ٿڪل هوندا. پر حضور جن سنگت کي نراس نٿي ڪرڻ چاهيو. ان ڪري هنن اهو پروگرام سويڪار ڪيو. هوٽل ۾ پهچڻ سان تيار ٿي، ناشتو ڪري مهاراج جن سنگت سان گڏ گهمڻ نڪتا. ٽئين پهر ڪن مائٽن کي ملاقات ڏيڻ بعد رات جو ٨ بجي کان ستسنگ شروع ٿيو. ستسنگ ۾ ٣٠ مائٽن جي اچڻ جي اميد هئي پر اُتي ته هڪ سَوَ کان به وڌيڪ ستسنگي ۽ جگياسو آيا هئا. ستسنگ بعد سوال جواب ٿيا ۽ اهڙي نموني ستسنگ ساڍي ڏهين بجي پورو ٿيو. ڏيري مان هلڻ وقت حضور جن جو هتي نام دان ڏيڻ جو ويچار ڪونه هو پر ايٿينس ۽ اڳيان پڻ سڀني هنڌن تي حضور جن جي ستسنگن ڪانپوءِ جگياسين نام دان لاءِ ايتري قدر وينتي ڪئي جو مهاراج جن انهن کي اِنڪار ڪري نه سگهيا ۽ سڄي دوري ۾ گهڻو ڪري سڀني هنڌن تي نام دان بخشيائون.

٢۴ اپريل تي جينيوا سئٽزرلئنڊ لاءِ رواني ٿيڻ کان اڳ، حضور جن ڪن مائٽن کي نام دان ڏنو. حضور جن ٢۴ اپريل تي ڏينهن جو ساڍي ڇئين بجي جينيوا پهتا ۽ اچڻ سان ڪن ستسنگين کي الڳ الڳ وقت ڏنائون. هتي جرمني، اٽلي، فرانس، ناروي سويڊن، هالنڊ، ڏکڻ آفريڪا ۽ آمريڪا مان به ستسنگي آيا هئا. حضور جن انهن کي به شخصي طور

ڏنو هو ۽ هن ڏهين نام دان جو ڪو به پروگرام ڪونه هو
پر ڪن ماڻهن کي نام دان لاءِ چاهنا ٿي. انهنجي پريل
اچا ڏسي حضور جن ڏينهن جو ٣ بجي نام دان شروع ڪيو.
حضور جن سينگاپر ۾ ١٢ پارتواسي ۽ ٨ چيناڻي ناگرڪن کي
نام دان بخشيو. نام دان ۾ ٣ ڪلاڪ لڳي ويا. حضور جن
اُتان سڌو هوائي اڏي لاءِ روانا ٿيا، جاڪارتا ته بمبئي لاءِ
هوائي جهاز ستين بجي روانو ٿيڻو هو.

جڏهن حضور جن جو هوائي جهاز بمبئي پهتو ته اُن وقت
بمبئيءَ ۾ رات جو هڪ لڳو هو. ڪسٽم وغيره مان ٿيندا
هوائي اڏي تي آيل ستسنگين سان گڏجي جڏهن حضور جن
شري ڪرشن باباڻيءَ جي گهر پهتا ته ان وقت رات جا ايائي
لڳا هئا. صبوح جو ٩ بجي سنگت کي درشن ڏيڻ جو
پروگرام هو. صبوح جو ٨ بجي کان ئي ماڻهن جي ملاقات شروع
ٿي ويئي. نوين بجي جڏهن حضور جن باندرا جي ستسنگ گهر
۾ پهتا ته سنگت جي پريم کان ڏسي اهڙي موج ٿي جو
حضور جن انڪل منو ڪلاڪ زوردار ستسنگ فرمايو.

٦- يورپ آميريڪا ايشيا ياترا - ١٩٧٠

اپريل وارو پنڊارو ۽ اندور ۽ دهليءَ جي ستسنگن جي
پروگرام پوري ڪرڻ وقت حضور مهاراج جن ٢١ اپريل رات
جو ١٠ بجي هوائي جهاز رستي ساڍن ڏهن ڪلاڪن جي سفر
بعد ٢٢ اپريل صبوح جو ساڍي پنجين بجي ايٿينس پهتا. دهليءَ
۾ ٢٠ ۽ ٢١ اپريل مهاراج جن جو چڱو وڏو پروگرام هو ۽ ٢١
تاريخ ته صبوح جو ٨ بجي کان رات جو دهلي هوائي اڏي
تي پهچڻ تائين حضور جن کي هڪ منٽ جي به فرصت ڪونه
ملي هوائي جهاز رستي ۾ ڪراچي، ڪويت ۽ بيروت ۾
بيٺو جنهن ڪري مهاراج جن کي ڪجهه وقت آرام ڪرڻ لاءِ

ستسنگ ڪيائون. پنجابي ستسنگ ۾ ٢٥٠٠ ۽ انگريزي ستسنگ ۾ ٨٠٠ کان ١٠٠٠ ماڻهو حاضر هئا. ٣ مي صبوح جو ١٠ کان ١٢ بجي تائين انگريزيءَ ۾ ۽ شام جو ٣ کان ٥ بجي تائين پنجابيءَ ۾ ستسنگ ٿيو. پنجابي ستسنگ ۾ ٻني هزار ماڻهو شامل ٿيا پر رايل ٿيئٽر هال ۾ رڳو ٢٣٠٠ ماڻهن جي وهڻ جو بندوبست هو. ان ڪري ڪيترن ماڻهن ستسنگ بيٺي ٻڌو پر سنگت ايتري گهڻي هئي جو ٻن هزارن کي وهارڻ بعد به پربندڪن کي هال جا دروازا بند ڪرڻا پيا ۽ ڪيترا ماڻهو اندر اچي نه سگهيا. ٻاهر رستي تي به ڪافي سنگت بيٺي هئي. ايتري ڀيڙ ڏسي ڪيترا پوليس جا سپاهي اچي ويا. پر سنگت بلڪل شانتيءَ سان بيٺي رهي. ستسنگ بعد هال مان ٻاهر نڪرڻ مهل حضور جن جو درشن ڪري سنگت هلي وئي. ايتري شانتي ۽ انتظام کي ڏسي پوليس عملدار حيران ٿي ويا. ڀيڙ کي ڏسي انهن کي ڊپ ٿيو ته متان ڪو گوڙ ٿي پوي.

حضور جن جو هي دؤرو مکيه طور آميريڪا ۽ ڪئناڊا لاءِ هو. ان ڪري حضور جن پنجن ڏينهن کان وڌيڪ وقت لنڊن ۾ نه ڏئي سگهيا. پربندڪن پنجن ڏينهن جي ٿوري عرصي ۾ گهڻو ڪجهه پروگرام ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو، تنهنڪري حضور جن هتي ڏاڍو مشغول رهيا. وقت جي ڪميءَ سبب مهاراج جن لنڊن ۾ نام دان جو پروگرام منظور نه ڪيو هو پر جگياسين جي چاهنا، تڙپ ڏسي نام دان ڏيڻ قبول ڪيائون.

٤ مي صبوح جو ٩ بجي کان ١ بجي تائين حضور جن ستسنگين ۽ جگياسين کي شخصي ملاقاتون ڏنيون ۽ منجهند بعد نام دان به بخشيائون، ٢٣٥ ڀارتواسين مان ٢١١ کي نام دان ڏنائون ۽ ڪرنل سئنڊرس کي ٣٥ يورپين کي نام دان ڏيڻ

ملاقاتون ڏنيون، ٽي ستسنگ فرمايائون ۽ پنهنجي جرمن عيوضي شري وال برگ، کي ڏهن ماڻهن کي نام دان ڏيڻ جو حڪم ڏنائون.

يورپ ۾ اچي هلي مهاراج جن ائمسٽرڊيم (هالينڊ) آيا جتي ٢٨، ٢٩ ۽ ٣٠ اپريل تي روزانو ٻه ڪلاڪ ستسنگ فرمايائون. روزانو صبوح جو درشن جو پروگرام هوندو هو. پر پهرئين ڏينهن ئي درشن جي وقت هڪ جگياسوءَ سوال پڇيو ۽ ان بعد وڌيڪ سوال جواب ٿيا. ٻيا ٻه ڏينهن به ساڳئي نموني پروگرام هلايو ويو ۽ اهڙي نموني حضور جن کي ٻه دفعا صبوح ۽ شام ستسنگ ڪرڻو پيو. ستسنگن ۾ ٢٥٠ کان ٻه وڌيڪ سنگت هئي. ڇهن ڏينهن ۾ ١٢٥ کان به وڌيڪ ماڻهن کي جدا جدا وقت ڏنائون. ١ مي تي جگياسين کي نام دان بخشيائون ۽ پوءِ شام جو ۴ بجي واري هوائي جهاز ۾ چڙهي ٥ بجي لنڊن پهتا.

لنڊن هوائي اڏي کان مهاراج جن سڌو پارٽي وڊ پارٽي يونين هال ۾ ويا جتي اٽڪل ٨٠٠ ماڻهو درشن لاءِ انتظار ۾ وينا هئا. سنگت پنهنجي پياري ستگرون جا درشن ڪري نهايت خوش ٿي. درشن جي آنند ملڻ سان ڇهن سالن جو وڇوڙو وسري وين. حضور جن جي نيترن مان ڪرپا، ديا، مهر ۽ پريم جون ڌارائون نڪري رهيون هيون ۽ سنگت به اکين ڇنڀڻ کانسواءِ سندن ڪومل ۽ سندر سروپ جو درشن ڪري رهي هئي. رات جي ڀوڄن بعد حضور جن کن پرمک ستسنگين ۽ ماڻهن سان گڏيا.

ٻين ۽ ٽين مي تي حضور جن جو پروگرام به نهايت مشغول رهيو. ٻئي ڏينهن حضور جن ٻه ٻه ستسنگ فرمايا. ٢ مي تي ڀارتواسين لاءِ صبوح جو ١٠ بجي کان ١٢ بجي تائين ۽ يورپين سنگت لاءِ شام جو ساڍي ٽين بجي کان ٥ بجي تائين

وقت کي نباهيندا رهيا.

برمودا ۾ حضور جن فقط ٢٤ ڪلاڪ رهيا ۽ اُتان ٧ مي تي هوائي جهاز ۾ شام جو ساڍي پنجين بجي باراباداس پهتا. هتي هڪ ستسنگ فرمايائون، جنهن ۾ ٥٠ ماڻهو آيل هئا. اُنهن ۾ گهڻا جگياسو هئا. حضور جن سڀني جگياسين سان جدا جدا گڏيا. باراباداس مان ٨ مي تي سوائين ڇهن بجي ٽرينيڊاڊ (پورٽ آف اسپين) آيا. حضور جن هتي ٻه ستسنگ ڪيا. جن ۾ اٽڪل ٩٠ کن ماڻهو هئا. ڪيترن جگياسين کي ملاقاتون ڏنائون ۽ ١٢ ڄڻن کي نام دان به بخشيائون. مهاراج جن ١٣ مي تي ڪنگسٽن ۽ ١٥ تي مانٽيگوبي ۾ ستسنگ فرمايا. مانٽيگوبي ۾ ڀارتي هاءِ ڪمشنر آيو هو. هتان اٽڪل ٦ ڪلاڪن جي هوائي سفر بعد مهاراج جن ١٦ مي تي شام جو ساڍي ستين بجي ميڪسيڪو پهتا. ميڪسيڪو ۾ اٽڪل ٤٠ ستسنگي درشن لاءِ هوائي اڏي تي آيا هئا. هوائي اڏي کان حضور جن سڌو اُتي ويا، جتي سنگت درشن لاءِ ويٺي هئي. ١٧، ١٨ ۽ ١٩ مي تي ميڪسيڪو ۾ پروگرام هو. روز صبوح جو مهاراج جن ستسنگين ۽ جگياسين سان گڏجندا هئا ۽ شام جو ستسنگ ٿيندو هو. ستسنگ جو اسپينش ٻوليءَ ۾ ترجمو پئي ڪيو ويو ۽ ان بعد سوال جواب ٿيا. سڄي پروگرام ۾ ٢-٣ ڪلاڪ لڳي ٿي ويا. آخرين ڏينهن تي حضور جن نام دان به بخشيو.

٢٠ مي صبوح جو هوائي جهاز رستي حضور جن واشنگٽن لاءِ روانا ٿيا. واٽ تي هوائي جهاز سينٽ اينٽونيو ۽ ڊلاس ۾ ٿورو وقت بيٺو. سينٽ اينٽونيو ۾ ١٠٠ ۽ ڊلاس ۾ اٽڪل ٢٠٠ ستسنگي هوائي اڏي تي درشن لاءِ آيا هئا. اُنهن حضور جن جي سواگت ۾ هڪ پريم ڀريو گيت ڳايو. پريم ۽ ڀڳتي ڀرئي هن واتاورڻ هوائي اڏي جي عملدارن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. واشنگٽن ۾ حضور جن فقط ٤٨ ڪلاڪ رهيا پر اُن ٿوري

جو حڪم ڏنائون.

هن دوري ۾ سندن فارين سيڪريٽري پروفيسر جنڪ پوريءَ جي سپتر راجيندر جو واهه لنڊن ۾ رهندڙ جهوني سنسنگي شري هر مهيندر آهوڄا جي سپتري ڪرڻ سان ٿيو. حضور جن ان واهه جي شب اُتسو ۾ به شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڪيترائي پارٽي، انگريز، يورپين ۽ آمريڪن سنسنگي به حاضر هئا.

هن دفعي ٿوري وقت هجڻ سبب حضور جن لنڊن کان ٻاهر جي سنسنگ، سينٽرن ۾ نه وڃي سگهيا پر سڀني ديش جي جدا جدا هنڌن کان سنسنگي لنڊن آيا هئا، ٻين ملڪن مان به سنگت آيل هئي. رڳو هالنڊ مان ٣٠ ۽ لاسپاماس مان ١٨ سنسنگي آيل هئا. ٺٺو ڪٽنب جا ان وقت لنڊن ۾ ٣٢ ماڻهو موجود هئا. سنسنگ ۾ آيل ٻارن کي جدا پري ڪري وهاريو ويو هو جتي انهن جي نظرداري ڪرڻ لاءِ هڪ خوش مزاج نرس ڊيوٽيءَ تي هئي ۽ وندر لاءِ رانديڪا وغيره رکيا ويا هئا. سنسنگ بعد حضور جن ٻارن کي به درشن ڏيندا هئا.

لنڊن مان ٦ مي صبوح جو ١٠-٤٠ تي روانا ٿيا. ٧ ڪلاڪن جي سفر بعد مهاراج جن برمودا (ويسٽ انڊيز) پهتا. ان وقت برمودا ۾ منجهند جو هڪ لڳو هو. جڏهن برمودا ۾ رات جو ١١ بجي حضور جن سمهڻ واري ڪمري ۾ ويا ان وقت لنڊن ۾ رات جا ٣ لڳا هئا. اهڙي طرح هوائي جهاز جي لنبي مسافري ڪري مهاراج جن لنڊن ۾ صبوح جو ٣-٤ بجي اُٿيا هئا سو لڳ ڀڳ پورا ٢٤ ڪلاڪ جاڳندا رهيا. هن سموري مسافريءَ ۾ ڪيترا اهڙا موقعا بڻيا جو نه آرام ۽ ڀوڄن جو وقت هيٺ مٿي ٿي ويو. اهڙي ٿڪاوٽ ۽ بي آراميءَ هوندي به پربندڪن جي رٿيل پروگرام انوسار

ڪئي ۽ چيو، ”مونکي ته ائين ٿو معلوم ٿئي ته مان خود پرماتما سان ڳالهائي رهيو آهيان.“

هتي مان حضور مهاراج جن طرفان ڏيري جي سيڪريٽري شري ڪي. ايل. کنا کي واشنگٽن مان ٢١ مي ١٩٧٠ تي لکيل خط مان ڪجهه ٽڪرا ڏيڻ چاهيان ٿو. سڄو خط نمرتا ۽ پريم سان ڀريل آهي :-

”توهانجي پريم پتر لاءِ ڌنيواد. اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ته ڏيري جو سڀ ڪم ڪار سک شانتيءَ سان ٿي رهيو آهي. ڇو ڪونه ائين ٿيندو، جڏهن مون سڀ ڪم ڪار حضور مهاراج جن جي پريمي ۽ نسوارٿي ستسنگين جي حوالي ڪيو آهي. سڀ کان وڌيڪ خود حضور مهاراج جن هميشه پنهنجي سنگت تي ديا ڪري رهيا آهن. اسين ته فقط ڪٺپتلين وانگر آهيون ۽ پنهنجي بُڌيءَ انوسار پنهنجي فرض ادائي ڪري رهيا آهيون.“

”حضور مهاراج جن جي ديا مهر سان منهنجو دؤرو ستسنگ جي خيال کان نهايت سٺو رهيو آهي، اهو توهان کي شري جنڪ پُريءَ جي خطن مان معلوم ٿيو هوندو. جتي به مان ويو آهيان، چڱي سنگت چڪجي اچي رهي آهي. هتي ماڻهن ۾ پرمارٿ لاءِ چڱي ترڦ آهي ۽ هاڻي هو به سمجهي ويا آهن ته دنيوي پدارٿن ۽ ڪاميابين مان ڪين سچو سک يا من جي شانتي ڪونه ملي سگهندي. هاڻي هو کلي دل سان ويچار ڪري رهيا آهن ۽ پراڻين رسمن رواجن ۽ انڌ وشواس مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

”منهنجي صحت بلڪل ٺيڪ آهي. جيتوڻيڪ هيءَ لنبي هوائي مسافري تڪليف واري آهي ۽ وقت جي ڦير ڦار سبب ننڊ به نصيب ڪونه ٿيندي آهي پر مونکي ته

عرصي ۾ حضور جن ٻه ستسنگ، ڪيتريون ملاقاتون ۽ سوالن جوابن جو ڪاريه ڪرم پورو ڪيو ۽ ستسنگين ۽ جگياسين سان اڌ رات تائين گڏجندا رهيا. هتي حضور جن شري ويڪلي جي جاءِ ۾ رهندا هئا. جڏهن ٻه مهاراج جن ڪنهن ستسنگيءَ جي گهر ۾ رهندا هئا ته رواجي طرح اهو ستسنگي پنهنجي گهر ۾ ستسنگين ۽ جگياسين کي فرصت وقت ٽيند ڏيئي حضور جن سان ملاقات ڪرائيندو هو. اُنهن ملاقاتن ۾ ۳۰-۴۰ ماڻهو ٿي ويندا هئا ۽ اهي ملاقاتون رواجي طرح سماڄڪ نه پر سنت مت جي سڌانتن تي روشني وجهڻ ۽ سوال جواب ڪرڻ لاءِ ٿينديون هيون.

واشنگٽن ۾ حضور جن جي ڊرائنگ روم ۾ اهڙي هڪ ميٽنگ ٿي رهي هئي. جگياسو سنت مت جي باري ۾ سوال پڇي رهيا هئا. حضور جن جا جواب سولا ۽ صاف هئا. آيل مهمانن ۾ هڪ شخص جو ظاهري سمجهو ۽ سياڻو ٿي لڳو پر حقيقت ۾ نهايت عجيب سڀاءَ وارو انسان هو. هُو حضور جن جو ستسنگي ڪونه هو ۽ نه جگياسو ٿي معلوم ٿيو ڇاڪاڻ ته هن کي سچي ستگروءَ جي ضرورت جي پوري ڄاڻ نه هئي. سندس مجبوري اها هئي جو هو مهاراج جن کي ستگروءَ جي روپ ۾ مڃڻ لاءِ تيار نه هو. سندس ڳالهائڻ تمام اڻنگو هو ۽ هن پنهنجي سوالن ذريعي حضور جن کي ڪاوڙائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پر سندس اها ڪوشش وئرٿ ويئي ڇاڪاڻ ته حضور جن ڪنهن به بحث ۾ نه پيا. هن جي ڪٺل يا اڻنگن سوالن سبب ستگرن جي سڀاويڪ استرتا، دَيا مهر ۽ نمرتا ۾ ڪو به فرق نه آيو. حضور جن هن جي هر ڳالهه جو جواب ڏاڍي پيار ۽ مٺاج سان ڏنو.

اڻنگي وارتالاپ جي آخر ۾ اُن شخص ويندي وقت ڏاڍي نمرتا سان، سک ۽ شرڌا سان حضور جن جي شڪرادائي

بعد سوال پڇيا ويا ۽ حضور جن اُنهن جا چڱيءَ طرح جواب ڏنا. ٢٣، ٢٤ ۽ ٢٥ تاريخ روزانو منجهند جو ٻين ٻجي کان ساڍي پنجين ٻجي تائين ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڇهين ٻجي تائين ستسنگ ۽ سوال جواب ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن سوالن جوابن وقت هڪ ٢٠ سالن جي نوجوان ستسنگيءَ ڏاڍي شرڌا ۽ نمرتا سان پڇيو، "مهاراج جي! اسان سڀني کي پنهنجو ڪو نه ڪو دک لڳل ئي آهي. جنهنجي اسان کي ئي خبر آهي پر منهنجا ستگرو! ڇا توهان کي به ڪو دک آهي؟"

جڏهن اُهو نوجوان ڳالهائي رهيو هو ته حضور جن ڏاڍي پريم ۽ ديا سان هن ڏانهن نهاري رهيا هئا. حضور جن جو مک هڪ نرالي شان ۽ نور سان چمڪي رهيو هو ۽ نيترن مان ديا مهر ۽ پريم جو ڌارائون اُڇلون ڏيئي نڪري رهيون هيون. پوءِ حضور جن مٺي آواز ۾ جواب ڏنو، "منهنجا متر! توهان جو دک ئي منهنجو دک آهي." سڄي هال ۾ گنڀير خاموشي ڇانئجي ويئي. مهاراج جن وڌيڪ فرمايو، "جڏهن منهنجا ستسنگي پريشان ۽ دکي آهن تڏهن مان پڻ دکي آهيان تنهنڪري سدائين خوش رهو."

حضور جن ٢٢ مي تي نيويارڪ پهچڻ کان ٿورو وقت پوءِ شام جو ٧ ٻجي ستسنگ فرمايو ۽ ان کانپوءِ جگياسين ۽ پربنڌڪن سان مليا ۽ پروگرام جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون. ان ڪري ڪافي دير ٿي ويئي. شري ويڪلي حضور جن کي وينتي ڪئي ته دير سبب حضور جن ڪاڌو کائي نه سگهيا آهن تنهنڪري هوٽل مان ٻاهر هلي هڪ گلاس کير جو يا ڪافيءَ جو پيئن. حضور جن ان لاءِ اجازت ڏني ۽ شري ويڪلي ۽ پروفيسر پريءَ سان گڏ هڪ ننڍي هوٽل ۾ ويا. ان وقت رات جا ١١ لڳا هئا ۽ ڪيفي ۾ ماڻهو به ٿورا هئا. شري ويڪليءَ ٿورو ڪلپي چيو، "مهاراج جي آخر اسين ستسنگين

پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ ۾ ئي خوشي ٿيندي آهي ۽ ماڻهن ۾ حضور مهاراج جن جي سنديش لاءِ سندن شوق ڏسي خوشي ٿيندي آهي. روزانو هڪ ئي قسم جو پروگرام ڏاڍو ٿڪائيندڙ ٿئي ٿو پر اهو ڏسي ڏاڍو سنتوش ۽ خوشي محسوس ٿيندي آهي ته حضور مهاراج جن جو مقصد سندن دِيا مهر سان پورو ٿي رهيو آهي. پنهنجي ستسنگ جي پروگرام پوري ڪرڻ ۾ مان سک ۽ آرام محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ سنگت جي پريم ۽ پيار سبب پنهنجو سڀ سک آرام وسري ويندو آهي."

هن خط جي آخر ۾ حضور جن پنهنجي خوشمزاج سڀاءَ هئڻ سبب هوائي جهازن کي زوريءَ ڪيرُبا ڏانهن اڏائي وڃڻ جي گهٽنائن جو ذڪر ڪندي فرمائين ٿا ته هوائي جهازن کي هٿيارن جي زور تي زوريءَ ڪيرُبا وٺي وڃڻ جي باري ۾ پارتي اخبارن ۾ گهڻو ڪجهه پڙهيو اٿم پر جيتوڻيڪ مان ڪيرُبا ۽ ان جي آس پاس هوائي جهازن ۾ مسافري ڪري رهيو آهيان پر اهڙو مفت ۾ هوائي سفر جو موقعو مونکي ڪونه مليو آهي.

واشنگٽن ۾ مهاراج جن پنهنجي سيڪريٽري پروفيسر جنڪ پُري ۽ ٻين ڪيترن ستسنگين سان گڏ هوائي جهاز رستي ٢٢ مي شام جو ساڍي پنجين بجي نيويارڪ پهتا. آمريڪا ۾ ڪيترا ستسنگي حضور جن سان گڏ هڪ شهر کان ٻئي شهر ويندا آهن. ڪيترا پيرا هوائي جهاز ۾ هڪ ئي وقت ٤٠-٥٠ ماڻهن کي گڏ ويشنو کاڌو کائيندو ۽ شراب کان پرهيز ڪندو ڏسي هوائي عملدار عجب کائيندا آهن.

مهاراج جن نيويارڪ ۾ اسٽيٽلر هلٽن هوٽل ۾ رهيا. هوائي اڏي کان سڌو هوٽل ۾ پهتا ۽ اڌ ڪلاڪ بعد حضور جن ستسنگ فرمايو، ان ۾ ٨٠٠ ماڻهو آيل هئا. هميشه وانگر ستسنگ

قطار لڳي ويٺي هئي. شري ويڪلي انهن سڀني کي ڇڏي ڪري مستري ۽ نوڪرياڻيءَ کي اندر وٺي ويو. حضور جن کي عرض ڪيائين ”مهاراج جي! مهرباني ڪري معاف ڪندا مان هنن کي اوهان وٽ آڻڻ جي بغير رهي نه سگهيس. شري ويڪليءَ پنهنجي ڳالهه اڃا پوري ڪانه ڪئي ته حضور جن پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿيا. حضور جن جو مکڙو منڊل ديا مهر ۽ پريم سان ڀريل هو ۽ سندن چمڪندڙ نيترن مان پريم ۽ ديا جون ڌارائون پئي نڪتيون. مستري ۽ نوڪرياڻي ٻئي خوشيءَ ۾ مخمور بڻيا رهيا. سندن نظرون ان سندر سهڻن نيترن واري شخص ۾ کتل هيون. منهن بند هون ۽ سندن چهرا خوشيءَ ۾ پئي چمڪيا. پوءِ حضور جن اُنهن سان هٿ ملايو ۽ سندن ڪلهن تي پيار جي ٿڦڪي ڏيئي کين وڃڻ جي اجازت ڏني.

مستري ۽ نوڪرياڻي هيائٽي (ويسٽ انڊيز) جا رهاڪو هئا. ٻئي هن هوٽل ۾ نوڪر هئا. مستري ته مرمت جو ڪم ڪندو هو ۽ نوڪرياڻي ڪمرن جي صفائي ڪندي هئي. ٻن ٽن منٽن جي ملاقات بعد جڏهن هو ٻاهر آيا ته سندن چهرا خوشيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا ۽ سندن اکين ۾ احسان منديءَ جا آنسو ڀرجي آيا هئا.

٢٦ مي صبوح جو حضور جن ڊيٽرائيٽ لاءِ روانا ٿيا. جنهن وقت هوائي اڏي ڏانهن وڃڻ لاءِ حضور جن پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتا ته حضور جن جي درشن لاءِ آيل ستسنگين هڪ عجيب نظارو ڏٺو. حضور جن جي ڪمري کان لفٽ تائين ويندڙ هڪ ننڍي رستي جي ٻنهي پاسن کان هوٽل جا نوڪر، مستري ۽ نوڪرياڻيون قطار ڪيو بيٺا هئا. اُهي هن سندر نيترن واري شخص جو آخرين درشن ڪرڻ لاءِ قطار ڪيو بيٺا هئا. حضور جن جڏهن ٻاهر آيا ته قطار ۾ بيٺل

ڪان ٻيءِ ڪجهه وقت ايڪانت ۾ آرام ۾ گذارڻ ۾ سڦل ٿيا آهيون. هتي ڪو به ستسنگي ڪو نه آهي." حضور جن مشڪي فرمايو، "نه نه! توهان جو انومان غلط آهي. اسانجي پنهنجي ميز تي ستسنگي آهن." حضور جن جي پنهنجي هڪ ميز وٽ ڪنڊ ۾ ڇهه ستسنگي ويٺا هئا. اُهي نيويارڪ ۾ پهريون دفعو ئي آيا هئا. هنن مهاراج جن جو درشن اڳ ڪڏهن ڪونه ڪيو هو ۽ مهاراج جن به انهن کي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. پر ستگرو ته پنهنجي آتمائن کي هميشه سڃاڻندا آهن.

اسٽيٽلر هلٽن هوٽل ۾ روز صبوح جو مهاراج جن ستسنگين سان گڏجندا هئا. ٻاهر ڊرائنگ روم ۾ ٦٠-٧٠ ماڻهو ڪنا ٿي ويندا هئا. حضور جن انهن سان پنهنجي ڪمري ۾ الڳ، الڳ، گڏجندا هئا. هڪ ڏينهن ملاقاتن وقت هوٽل جو هڪ مستري ۽ هڪ نوڪرياڻي بيڊ ۾ اندر آيا. مستريءَ جي هڪ هٿ ۾ اوزارن جو ٿيلهو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ هڪ لسٽ هئي، جنهن ۾ لکيل هو ته هن ڪمري سان گڏ واري ٻاٿ روم جي هڪ نلڪي ۾ ڪجهه خرابي آهي. شري ويڪلي هنن کي ترت ٻاهر ترسڻ لاءِ چيو ۽ حضور جن جي ڪمري مان ٿيندو ٻاٿ روم ۾ ويو. پر اُتي ته سڀ نلڪا ٺيڪ هئا. هن ٻاهر اچي مستريءَ ۽ نوڪرياڻيءَ کي چيو ته ڪين اُها لسٽ غلط ملي آهي. هن ڪمري جي ٻاٿ روم جي نلڪن ۾ ڪا به خرابي ڪونه آهي. اهو ٻڌي ڪري ٻئي گهڙي کن ته ماٺ ڪري بيٺا هئا. پوءِ مستريءَ همت ڪري چيو، "ها اهو سچ آهي ته ڪا به خرابي ڪونه آهي. اسان هيءَ لسٽ پاڻ ٺاهي آهي ڇاڪاڻ ته اسين ان سندر نيترن واري مهاتما جي صورت ڏسڻ ٿا چاهيون." هنن جي سرل ۽ ٻنا ڇل ڪپٽ واري ڳالهه شري ويڪليءَ جي دل کي ڏاڍي وڻي. ان وقت مهاراج جن سان گڏجڻ وارن جي ڊگهي

ٿيا، آهي ڪتا ڪري هڪ پستڪ ۾ ڇپايا پيا وڃن ان ڪري هتي اُنهن ستسنگن ۽ ستگرن جي جوابن جو ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي. سوالن جي باري ۾ رڳو هڪ نمونو مثال هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

آمريڪا جي هڪ اُوڀر واري پرديش ۾ مهاراج جن سوالن جا جواب ڏيئي رهيا هئا. هال پرچار پنڌ سؤ ستسنگين ۽ جگياسو وينا هئا. هڪ نوجوان جگياسوءَ پڇيو، "مهاراج جي! منهنجي خيال ۾ شادي ڪرڻ جي ڪا خاص ضرورت ڪونہ آهي، شادي تہ فقط سنساري رسم آهي. شاديءَ جو سرٽيفڪيٽ هڪ ڪاغذ جو ٽڪر ئي تہ آهي. جيڪڏهن زال مڙس جو پاڻ ۾ سچ پچ پريم آهي تہ هو وواهہ ڪن يا ائين پيا گذارين ان ۾ ڪهڙو فرق ٿو پوي؟"

مهاراج جن پنهنجي سياويڪ مزاج سان جواب ڏنو، "سنت مت جو مقصد سماجڪ ڪرانتي ڪانہ آهي پر آتم گيان ۽ پرماتما جي پراپتي آهي. سنتن جي مارگ تي هلڻ لاءِ اسانکي هڪ نيڪ انسان ۽ سٺو ناگرڪ ٿيڻ گهرجي. اسانکي پنهنجي ديش جي قانون کي مڃڻ گهرجي، پنهنجي ذميواري ۽ فرض ادائيءَ جو پالن ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن هڪ ٻئي سان سچ پچ پيار آهي تہ وواهہ ڪرڻ ۾ ڪوبہ اعتراض ڇو ٿيڻ گهرجي؟ اهو ياد رکو تہ ڪيترا پيرا جنهنکي توهين 'پيار' ٿا چئو اُها سچ پچ هڪ واسنا آهي. ڪيترا پيرا اسين اهي ڳالهيون پنهنجي فرض ادائيءَ کان بچڻ لاءِ ٿا ڪريون. انهن ڳالهين جي اوٽ ۾ پنهنجي جوابداريءَ کان بچڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. اڄ ڪلهہ جي نئين زماني ۾ اسين نٿا ڄاڻون تہ پريم ۽ واسنا ۾ ڪهڙو فرق آهي! انڪري اڄ وواهڪ جيون ۾ ايتري اُلجهن ۽ گهڻي آهي ۽ انڪري طلاق ٿا ٿين.

هر هڪ شخص جي پرڻام کي هُن سويڪار ڪيو ۽ پنهنجي دِيا درشٽيءَ سان اُنهن کي نهال ڪري ڇڏيو.

ڊيٽرائيٽ ۾ حضور جن چار ستسنگ ڏنا، هتي به ستسنگ وغيره جو پروگرام ٻين هنڌن جهڙو ئي رهيو. ستسنگن ۾ لڳ ڀڳ ٤٠٠ سنگت ٿي ويندي هئي. حضور جن ٻن ڏينهن ۾ ٢٣ ابلاشين کي نام دان بخشيو، انڪان اڳ نيوارڪ ۾ مهاراج جن ٣٤ ماڻهن کي نام دان ڏيڻ قبول ڪيو هو ۽ اُهو ڪار ۾ پنهنجي نيوارڪ جي عيوضيءَ کي سونپيو.

ڊيٽرائيٽ ۾ هڪ ڏينهن، شام جو وقت ٻارن کي درشن ڏيڻ لاءِ رکيو ويو هو. ان ۾ ماتا جي گود ۾ ڪجهه مهنن جي ٻار کان وٺندي ١٠ سالن جي عمر تائين ٻار موجود هئا. مهاراج جن کي ڏسي ٻار خوشيءَ ۾ ڦوليا نه سمايا. ڪي ٤-٥ سالن جا ٻار پنهنجن جاين تي ويهي نه سگهيا ۽ اُٿي حضور جن وٽ هليا آيا. هڪ ڇهن سالن جي ٻالڪ پنهنجن ٻنهي هٿن سان حضور جن جون آڱريون پڪڙيون ۽ حضور جن ڏانهن نهارڻ لڳو. حضور جن پيار مان هن جي پٺي ٿپري ۽ پڇيائونس، "توکي ڪو دوست آهي؟"

ٻالڪ آهستي چيو "نه، رڳو هڪ آهي"

حضور جن پڇيو، "ڀلا اُهو ڪير آهي؟"

اهو ننڍڙو ٻالڪ جو اڃا حضور جن جو هٿ جهلي بيٺو هو ۽ سندس اکيون حضور جن جي سندر چهري ۾ کتل هيون، تنهن پنهنجو سڄو هٿ مٿي کنيو ۽ پنهنجي آڱر سان حضور جن جي مک ڏانهن اشارو ڪري چيو، "تو هين!" هن ننڍي ٻالڪ جو جواب ٻڌي سڀني جون اکيون ڀرجي آيون. حقيقت ۾ هن ناسونت سنسار ۾ فقط ستگرو ئي اسانجو سچو متر، ساٿي ۽ سهائڪ آهي.

ستگرن جا آمريڪا ۾ جيڪي ستسنگ ۽ سوال جواب

ماڻھو ايندا ھئا.

شڪاگو مان مھاراج جن منيا پولس ۾ آيا. اُتي به ٻه ستسنگ ڪيائون. شڪاگو ۽ منيا پولس مان ٨ جون تي حضور جن ڪئناڊا لاءِ روانا ٿيا.

ڪئناڊا ۾ ستسنگي ٻري ٻري ھندن تي رھندڙ آھن. اُتي ڪيترا پارٽي ستسنگي به آھن. سنت ڪنھن به نموني پنھنجن ستسنگين کي پنھنجي چرنن ۾ آڻيندا آھن.

ان بابت حضور جن جي عيوضي، ڊاڪٽر جتيندر ڪنا ھڪ واقعو ٻڌائي. حضور جن جي اچڻ کان ٢ ھفتا اڳ جي ڳالھه آھي. ڪجھ ڏينھن کان ڊاڪٽر جتيندر جي ڌرمپتني دروُ پنھنجي جڳھه جي سامھون ھڪ سک ڇوڪري کي ايندو ويندو پيئي ڏسندي ھئي. ھن سمجھيو ته اھو ڇوڪرو شايد ڪٿي پرسان رھندو ھوندو، انڪري ان جي ماتا سان گڏ جي ڇوڪين پنھنجي ڊيشواسيءَ جي ويجھي اچڻ جي خوشي حاصل ڪجي. انھيءَ خيال سان شريمتي دروُ ڪنا ھڪ ڏينھن انھيءَ ڇوڪري کي سڏايو. اُھو ٻالڪ جڏھن گھر ۾ اندر آيو ته اُن جي نظر ڊرائنگ روم جي ديوار تي لڳل حضور جن جي فوٽي تي پيئي. ھن جي چھري تي حيرت ۽ آنند جا آثار ھئا. چوڻ لڳو، ”ھيءُ اسان جي مھاراج جن جو فوٽو آھي. منھنجي ماءُ ته ستسنگڻ آھي.“ اھو ٻڌي شريمتي دروُءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي. ھن ٻالڪ کي چيو ته پنھنجيءَ ماءُ کي چئج ته مھاراج جن ٻن ھفتن کان پوءِ وئنڪوور (ڪئناڊا) ۾ اچي رھيا آھن. اُنھيءَ وقت ھن جو پتا ڪئناڊا جي ڪنھن ڏورانھين شھر ۾ ھو. اُن کي به اطلاع ڏنو ويو ۽ اُھو ستسنگي ڪٽنب ۽ ان سان گڏ ڪجھ ٻيا پريمي پوري وقت تي حضور جن جي ستسنگ ۽ درشن لاءِ اچي سگھيا.

جيڪڏهن اڄ ڪلهه جي سماج شاديءَ جي بندن بنا يا آزاد زندگيءَ لاءِ اجازت ڏئي ٿي ته انجو اهو مطلب ڪونهي ته اها زندگي نيڪ آهي.

سنت مت اسانکي پنهنجي جوابداري محسوس ڪرڻ ۽ انکي پوري طرح نباهي روحاني ابياس ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. اهو اهڙو مارگ نه آهي جو پنهنجي فرض ادائيءَ کان پاسو ڪرڻ سيکاري.

گرهست جيون ۾ اسين پنهنجي ڪرمن جو حساب سولائيءَ سان چڪائي سگهون ٿا. انڪري سنتن هميشه نيڪ ۽ سنجم واري زندگي بسر ڪرڻ تي زور ڏنو آهي.“

انهيءَ هال جي ٻئي حصي ۾ انهيءَ نوجوان جي پريتما به ويٺي هئي. هن پوءِ ٻڌايو ته جڏهن ستگرو انهيءَ سوال جو جواب ڏئي رهيا هئا ته ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ سندن نظر لڳاتار مٿس هئي. ان کان ٢-٣ ڏينهن پوءِ اُهي ٻئي حضور جن جي لوڪل عيوضيءَ وٽ آيا ۽ چيائون ته اسان نام دان وٺڻ لاءِ پڪو ارادو ڪيو آهي. اسين هينئر جدا جدا رهون ٿا. اسان جي قانون مطابق شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي، هاڻي پياري ستگرن کي اسانجي اها پرارٿنا آهي ته اسان کي نام دان بخشڻ جي ڪرپا ڪن ۽ هڪ سٺي ستسنگيءَ وانگر نيڪ زندگي بسر ڪرڻ جي طاقت بخشين.

هو پنهنجي ڳالهه ٻڌائي رهيا هئا ته اُنهن جي اکين مان ڳوڙها پئي وهيا. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هنن جي شادي ٿي وئي ۽ انهيءَ کانپوءِ انهنکي نام دان به مليو.

ڊيٽرائيٽ مان حضور جن ٨٠٠ ميل هوائي سفر ڪري شڪاگو آيا. شڪاگو ۾ حضور جن چار ستسنگ فرمايا ۽ ڪيترن ماڻهن کي نام دان به ڏنو. ستسنگين ۾ ٧٠٠-٨٠٠

وڏيڪ هو.

هن سڄي دؤري ۾ حضور جن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته وڌ ۾ وڌ ستسنگين سان شخصي طور گڏ جن ۽ سڀني نون جگياسين کي الڳ الڳ وقت ڏين. انهيءَ ڪري حضور جن جو سڀني شهرن ۾ پروگرام نهايت مشغول رهندو هو ۽ ڪيترا ڀيرا ته اڌ رات تائين جگياسين سان وارتالاپ ٿيندو هو. حضور جن جي آمريڪا ياترا جي رفتار ايتري تيز هئي جو ڪنهن به مشن لاءِ اهڙو پروگرام، ايترو وقت نباهڻ ناممڪن آهي. حضور جن پنهنجي ٢٨ جون واري خط ۾ لکيو، ”مان نٿو سمجهان ته مون ڪو ڪنهن به ستسنگ جي دؤري تي ايتري سخت محنت ڪئي هوندي پر حضور مهاراج جن جي ديا مهر سان منهنجي صحت بلڪل ٺيڪ آهي.“

لاس اينجلس جي پروگرام سان گڏ حضور جن جو آمريڪا جو پروگرام سماپت ٿيو ۽ ٢٨ جون تي حضور جن ساموندي جهاز رستي هونو لولو لاءِ روانا ٿيا. ايتري ڪٺن پروگرام پوري ڪرڻ بعد حضور جن کي ٤-٥ ڏينهن آرام ملي سگهي، انهيءَ خيال کان ئي ساموندي ياترا جو پروگرام ٺاهيو ويو هو.

حضور جن جو جهاز ٣ جولاءِ صبوح جو ١١ بجي هونولولو پهتو. بندرگاهه تي اٽڪل ٥٠ ماڻهو درشن لاءِ آيا هئا. پنهنجي رهائشي جاءِ تي پهچڻ بعد حضور جن سڀني ستسنگين ۽ جگياسين سان هڪ ئي وقت گڏيا ۽ انهن سان سنت مت جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون. ان کانپوءِ حضور جن ڪن جگياسين کي الڳ الڳ وقت ڏنو. ٤ جولاءِ تي ٻه ساڳيو پروگرام هو. ٥ تاريخ تي حضور جن ڪن پريمين کي نام دان بخشيو.

وئنڪوور ۾ مهاراج جن ٽي ستسنگ ڪيا ۽ هڪ ڏينهن لاءِ وڪٽوريا ويا. اُتي هڪ ستسنگ فرمايائون. اُنهيءَ رات جو موٽي وئنڪوور آيا. ستسنگ ۾ ٣٥٠ ماڻهو آيا. مهاراج جن ٤٠ ماڻهن کي نامدان ڏنو ۽ گهڻو ڪري سڀئي ستسنگي گڏيا اڪيلا مهاراج جن سان مليا.

حضور جن ١٤ جون تي ڪئناڊا کان واپس آمريڪا لاءِ روانا ٿيا ۽ اُنهيءَ ڏينهن سئنفرئنسسڪو پهتا. هتان مهاراج جن جي دوري جو سڀ کان وڏو پروگرام شروع ٿيو. آمريڪا جي هن پرانت ۾ سڀني کان وڌيڪ ستسنگي آهن. سئنفرئنسسڪو جي هوائي اڏي کان حضور جن سڌو اُنهيءَ هنڌ ويا جتي اٽڪل ٩٠٠ ستسنگي ۽ جگياسو درشن لاءِ ويٺا هئا. حضور جن هتي چار ستسنگ فرمايا جن ۾ ٨٠٠ کان ١٠٠٠ تائين سنگت ايندي هئي. روزانو صبوح جو ملاقاتون ڏنيون وينديون هيون ۽ حضور جن ڪيترن سان ننڍين ننڍين ٽولين ۾ به گڏيا.

سئنفرئنسسڪو کان مهاراج جن لاس اينجلس آيا. هتي ستسنگين جو عدد سڀني کان وڌيڪ هو. ستسنگن ۾ ١٥٠٠ کان به وڌيڪ سنگت ايندي هئي ۽ جڏهن مهاراج جن ستسنگ بعد هال کان ٻاهر ايندا هئا ته ڪيترا ستسنگي ٻاهر رستي تي درشن ڪرڻ لاءِ قطارون ٺاهي بيٺا هوندا هئا. هتي حضور جن پنج ستسنگ فرمايا ۽ ڪيترن کي خاص ملاقاتون ڏنيون. صبوح جو ملاقاتن بعد روزانو اٽڪل ١٥٠ ستسنگي ۽ جگياسو حضور جن وٽ ايندا هئا ۽ حضور جن اُنهن جي وچ ۾ گهمندي ڦرندي ساڻن ڳالهيون به ڪندا هئا. روزانو ١٥٠ ماڻهن جي نئين ٽولي ايندي هئي. لاس اينجلس ۾ حضور جن ١٧٨ ماڻهن کي نامدان ڏنو. آمريڪا ۾ هڪ ڏينهن ۾ نامدان وٺڻ وارن جو تعداد هتي سڀني کان

اوڀر وارن ملڪن جي ستسنگين حضورجن کي پرارٿنا ڪئي ته وري جڏهن تشريف فرمائين ته ڪين وڌيڪ وقت ڏين. آمريڪا جي دوري وقت ۾ جولاءِ جي پڇاڙي جو وقت ويجهو پهچندو ٿي ويو ان ڪري ان وقت سنگت جو عرض قبولي ڪونه سگهيا. پر سنگت جي پريم، وره ۽ اکين ۾ لڙڪن کي ڏسي حضورجن کي به خيال ٿيو ۽ ٻئي سال اچڻ جو واعدو ڪيائون.

١٥ مئي ١٩٧١ تي حضورجن دهليءَ مان صبوح جو ساڍي ستين بجي هوائي جهاز رستي روانا ٿي شام جو سوائين پنجين بجي هانگ ڪانگ پهتا. واٽ تي هوائي جهاز بئنڪاڪ ۾ ٥٠ منٽن لاءِ بيٺو. حضورجن هوائي اڏي تي آيل سنگت کي درشن ڏنو. هن دوري ۾ بمبئي ستسنگ جو سيڪريٽري شري ڪرشن ٻاٻاڻي حضورجن سان گڏ هو.

هانگ ڪانگ ۾ مهاراج جن ٻه ستسنگ فرمايا ۽ روزانو جگيياسين کي وقت ڏنو. ٣٥ ڄڻن نام دان لاءِ عرض ڪيو. حضورجن فرمايو ته جپان مان موٽندي نام دان جو پروگرام رکيو ويندو.

هانگ ڪانگ مان ٢٠ مئي تي روانا ٿي حضورجن ساڳئي ڏينهن شام جو ۴ بجي منيلا (فلپائين) پهتا. ڪيترا ڀارتواسي ۽ فلپائين واسي هوائي اڏي تي درشن لاءِ آيا هئا. اٽڪل مني ڪلاڪ جي آرام ڪرڻ بعد منيلا جي هندو مندر ۾ مهاراج جن پهريون دفعو ستسنگ ڪيو جنهن ۾ اٽڪل ٥٠٠ ماڻهو آيا هئا. مندر ۾ ايتري جڳهه ڪونه هئي ان ڪري ماڻهن کي گهٽيءَ ۾، اڱڻ ۾ ۽ ٻاهر رستي تي به ويهڻو پيو. ان ڪري ٻئي ڏينهن ستسنگ بي-ويو هوٽل جي وڏي هال ۾ رکيو ويو جنهن ۾ ماڻهو ٦٠٠ کان به وڌيڪ آيا هئا. انهن ستسنگين ۾ گهڻا ماڻهو جگيياسو هئا. حضورجن منيلا ۾ چار

٥ جولاءِ صبوح جو ساڍي ١١ بجي هوائي جهاز رستي سٽن ڪلاڪن جي سفر بعد ٽوڪيو (جپان) ۾ پهتا. پر جڏهن حضور جن ٽوڪيو پهتا ان وقت اُتي تاريخ ٦ جولاءِ هئي ۽ ڏينهن جا ساڍا ٽي لڳا هئا. جپان ۾ هن دفعي حضور جن جي سنسنگين جو پروگرام ڪونه هو پر حضور جن سنسنگين ۽ جگياسين سان روز صبوح ۽ شام جو گڏجندا هئا.

جپان مان حضور جن ١١ جولاءِ تي ڏينهن جو ٻين بجي هانگ ڪانگ آيا، ٻه سنسنگ ڪيائون ۽ سنسنگين ۽ جگياسين کي ملاقاتون ڏنائون. هانگ ڪانگ ۾ هن دفعي حضور جن جو نامدان جو پروگرام ڪونه هو پر نام وٺندڙن جي وينتي قبول ڪري نامدان به بخشيائون. هانگ ڪانگ کان حضور جن ١٤ جولاءِ شام جو ساڍي ٤ بجي بمبئيءَ لاءِ روانا ٿيا. رستي ۾ هوائي جهاز ٤٥ منٽن لاءِ بئنڪاڪ ۾ ترسيو. حضور جن اُتي هوائي اڏي تي آيل سنگت کي درشن ڏنو. ٨-٩ ڪلاڪن جي سفر بعد مهاراج جن رات جو ١١ بجي ڌاري بمبئي پهتا.

حضور جن ٻئي ڏينهن ١٥ جولاءِ تي بمبئيءَ ۾ صبوح جو سنگت کي درشن ڏنو ۽ اٽڪل ٤٠ منٽن لاءِ سنسنگ به ڪيو. اهڙي طرح حضور جن ١٦ جولاءِ تي دهليءَ ۾ سنگت کي درشن ڏنو ۽ ١٧ جولاءِ تي صبوح جو ڏيري پڌاريا. ڏيري ۾ ايندي ئي ايترن ڏينهن جي رهيل ڪم ڪار ۾ لڳا ۽ جولاءِ جي ڀنڊاري لاءِ پروگرام شروع ٿي ويو.

٧- اوڀر جو دؤرو- ١٩٧١

حضور جن اڳئين دؤري ۾ جڏهن هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ وغيره شهرن ۾ ڪٿي ٻه ڏينهن ته ڪٿي ٽي ڏينهن، ڪٿي ڪجهه ڪلاڪ رهيا هئا ۽ موٽي ڀارت آيا ته

جو ٽائيم ڏنائون. ڀوڄن بعد ٿوري دير آرام ڪري ساڍي ٽين بجي کان سوائين پنجين بجي تائين وري به جگياسين کي ملاقات ڏنائون ۽ پوڻين ڇهين کان پوڻين اٺين تائين ستسنگ ڪيائون. هتي سنگت لاءِ لنگر جو بندوبست ڪيو ويو هو. حضور جن ستسنگ کانپوءِ لنگر ۾ تيار ٿيل ڀوڄن تي درشٽي وڌي. پنهنجي نواس آستان تي پهچڻ بعد حضور جن ٻن ٽن نون جگياسين کي به ملڻ جو وقت ڏنو. سندن سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ سوا ڪلاڪ لڳي ويو ۽ اهڙي طرح رات جا ١٠ لڳي ويا.

٨ جون تي به حضور جن لاءِ ساڳيو پروگرام هو. صبوح جو درشن ۽ درشن کانپوءِ ملاقاتون ۽ شام جو ساڍي پنجين بجي ستسنگ. هن ستسنگ ۾ ١٥٠٠ ماڻهو آيل هئا. حضور جن پورا ٻه ڪلاڪ ستسنگ فرمايو. ستسنگ کانپوءِ لنگر مان ٿيندا، حضور جن پنهنجي رهائش تي آيا ته ڪي ماڻهو ساڻن گڏجڻ لاءِ ويٺا هئا. حضور جن اُنهن سان به مليا ۽ جدا جدا وشين تي سوال پڇيا ويا. هڪ سڄڻ پرش پڇيو ته ”مهاراج جي! اسين ته صدين کان جهوني طريقي پرماتما جي تلاش ڪري رهيا آهيون. سائنس ترقي ڪري الائي ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتي آهي. ان جي مدد سان منش چنڊ تائين سفر ڪري آيو آهي. ان هوندي به ڇو پرماتما کي پائڻ لاءِ اُهو ئي جهونو ساڌن هليو ٿو اچي؟ ڇا ان ۾ ڪا ڦير گهير ٿي نٿي سگهي يا ڪا اهڙي رعايت نٿي ٿي سگهي ته اِنسان ماس ۽ شراب کي ڇڏڻ بنا پرماتما کي پائي سگهي؟“ انهيءَ سوال کي ٻڌي حضور جن ٿورو مشڪيا ۽ فرمايو ”ڀائي صاحب، بيشڪ سڀ ڪجهه بدلجي ويو آهي. منش جي ٻُڌي، گيان ۽ وگيان گهڻي ترقي ڪئي آهي. پر اها ڳالهه نه ڀلجي وڃو ته انهن سڀني ڦيرين ڦارين هوندي به

زوردار ستسنگ فرمايا ۽ ڪيترن جگياسين سان بہ گڏيا. اُنهن ۾ گهڻا فلپائين جا رهاڪو هئا. هڪ فيلسوفيءَ جو پروفيسر ۽ ڪي وديارٿي بہ مهاراج جن سان گڏيا. حضور جن سندن سوالن جا جواب ڏنا ۽ کين سنت مت جي سڌانتن جي باري ۾ سمجهايو. ان وقت اُنهن مان ڪن نام دان لاءِ وينتي ڪئي ۽ عرض ڪيو تہ هنن حضور جن جي منيلا اچڻ کان اڳ ئي وشنو کاڌو کائڻ شروع ڪيو هو. ٢٥ مي تي هوائي اڏي ڏانهن وڃڻ کان اڳ ٣٤ جيون کي نام دان بخشيائون.

حضور جن منيلا مان منجهند جو هڪ لڳي ٢٠ منٽ هوائي جهاز ذريعي روانا ٿيا ۽ ساڳئي ڏينهن شام جو ساڍي ستين بجي ٽوڪيو (جپان) پهتا. جپان ۾ حضور جن ٽوڪيو، اوساڪا ۽ ڪوبي ۾ ستسنگ فرمايا ۽ جگياسين کي ملاقاتون ڏنيون. سنگت گهٽ هئڻ سبب ٽوڪيو ۾ ستسنگ بدران حضور جن جگياسين سان گڏيا ۽ سندن سوالن جا جواب ڏيئي سندن شنڪائون دور ڪيون. ڪوبي ۾ حضور جن ٣٠ ۽ ٣١ مي تي ستسنگ فرمايا ۽ ١ جون تي نام دان ڏنو.

جپان مان تائپي مان ٿيندا حضور جن ٣ جون شام جو هانگ ڪانگ پهتا. سنگت جي وينتي ڪرڻ تي حضور جن هتي بہ ستسنگ ڪيا. ٥ جون شام جو ٣٣ جڻن کي نام دان بخشيائون ۽ ستسنگين کي گڏجڻ لاءِ وقت ڏنائون. ٦ جون صبوح جو حضور جن بئنڪاڪ لاءِ روانا ٿيا ۽ ساڳئي ڏينهن ساڍي ٩ بجي ڌاري اتي پهچي ويا.

حضور جن جي درشن لاءِ هوائي اڏي تي ٢٠٠ ماڻهو آيا هئا. شام جو مهاراج جن بئنڪاڪ ۾ پنهنجو پهريون ستسنگ فرمايو جنهن ۾ اٽڪل ٧٠٠ ماڻهو آيل هئا. هتي سنگت کي پنهنجو ستسنگ هال آهي جنهن ۾ حضور جن ٧ جون تي صبوح جو درشن ڏنو. درشن ڪانپوءِ ڪن ماڻهن کي الڳ الڳ گڏجڻ

٢٧٠٠ ڪلوميٽر لنبو رستو پار ڪرڻ ۾ ٥ ڏينهن لڳا. واٽ
تي حضور جن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ستسنگين کي درشن ڏنو.
١٥ جون تي منجهند ڪانپوءِ سينگاپور پهتا. ٿوري دير آرام
ڪرڻ بعد مهاراج جن سينگاپور جي مکيه بانيڪارن سان گڏيا
۽ ايندڙ ٤-٥ ڏينهن جي پروگرام بابت ڳالهيون ڪيون.

سينگاپور ۾ حضور جن چار ستسنگ فرمايا ۽ روز ڪيترن
ئي جگياسين کي الڳ الڳ ملاقاتون ڏنائون. سينگاپور جي
چيني ناگرڪن لاءِ حضور جن هڪ ستسنگ انگريزيءَ ۾
ڪيو ۽ سندن سوالن جا جواب ڏنا. ان کانپوءِ حضور جن
انهن سان الڳ الڳ گڏيا. شام جو ٦ بجي تائين مشغول رهڻ
بعد حضور جن شام جو ساڍي ستين بجي ستسنگ ڪيو.
جنهن ۾ اٽڪل هڪ هزار ماڻهو موجود هئا. ٻين ٻن ڏينهن
تي به ساڳيو ئي پروگرام رهيو.

٢٠ جون تي حضور جن صبوح جو ٢٣ پريمين کي پنجابيءَ
۾ نام دان ڏنو ۽ شام جو ٨ ڄڻن کي انگريزيءَ ۾. انهن اٺن
مان ڇهه چين جا رهواسي هئا جي سينگاپور ۾ وسي ويا هئا.
حضور جن جي هن دوري سبب سينگاپور ۾ سنت مت لاءِ
رُچي وڌڻ لڳي آهي ۽ اڄ ڪيترائي ماڻهو نامدان لاءِ
وينتي ڪري رهيا آهن. هتي گهڻا ستسنگي ڀارتواسي آهن.
اتي جي رهندڙ چينين لوڪن ۾ به سنت مت لاءِ شوق ۽
چاهه وڌي رهيو آهي ۽ انهن مان ڪي نام دان لاءِ وينتي
ڪري رهيا آهن.

٢١ جون صبوح جو سنگت کي درشن ڏيڻ بعد حضور جن
هوائي جهاز ذريعي بالي بيٽ لاءِ روانا ٿيا. واٽ تي هوائي
جهاز ٤٠ منٽن لاءِ جڪارتا ۾ لٿو جتي سنگت هوائي اڏي
تي درشن لاءِ آيل هئي. پربندڪ حضور جن کي خاص مهمانن
جي ڪمري (وي. آءِ. پي. رُوم) ۾ وٺي ويا پر اتي سڀ

جنم ۽ مرڻ ڪڏهن به بدلجي نٿو. اها حقيقت آهي ته هن بدلجندڙ سنسار ۾ ڪرمن جو قانون اٽل آهي، اهو بدلجي نٿو سگهي. خدا، واهگرو و پرماتما ساڳيو ئي آهي، ساڳيو ئي هو ۽ ساڳيو ئي هوندو. هو انهن سڀني قيد قاعدن کان پري آهي ان ڪري ان کي پائڻ يا حاصل ڪرڻ جو مارگ به بدلجي نٿو سگهي. پرماتما جي در تي ڪنهن به قسم جي رشوت يا پاسخاطري هلي نٿي سگهي. پريو پراپتيءَ جي مارگ ۾ هلندڙن کي پنهنجي رهڻيءَ ۾ ڪابه ڇوٽ يا رعايت ڪونه ٿي ملي سگهي. ڇاڪاڻ ته ڪرمن جو قانون سڀني لاءِ ساڳيو آهي.“

وري حضور جن ٽورو ڪلهي فرمايو، ”جيڪڏهن توهين ان پراڻي پرماتما کي نئين پرماتما ۾ بدلايو ته ان سان ملڻ جو رستو به بدلجي سگهي ٿو!“

٩ جون صبوح جو درشن ۽ ساڍي ٽين بجي نامدان ڏنائون. شام جو ڪي آمريڪن جگياسو، ڀارتي راجدوت شري بي. ڪي. بئنرجي، بئنڪاڪ ۾ اِزرائيل جو راجدوت ۽ ان جي پتني، هڪ لوڪل پادريءَ جي پتني ۽ ڪي ٻيا ماڻهو حضور جن سان گڏجڻ لاءِ آيا. ڏيڍ ڪلاڪ تائين حضور جن سنت مت جي باري ۾ سوالن جا جواب ڏنا ۽ سرل نموني کين سمجهايو. عيسيٰ مسيح جو سنديش، اپنشد جو مارگ، ڪرمن جو سدانت، شبد مارگ، ويشنو ڪاڌو وغيره جدا جدا وشين تي سوال پڇيا ويا. حضور جن ڪيترن سوالن جا جواب بائيبل مان حوالا ڏيئي سمجهايا. حضور جن جا پورا پورا جواب ٻڌي مٿن چڱو اثر ٿيو ۽ هنن سنت مت تي لکيل ڪتابن جي گهر ڪئي.

١٠ جون صبوح جو سنگت کي درشن ڏيڻ کانپوءِ مهاراج جن بئنڪاڪ کان سينگاپور لاءِ موٽر رستي روانا ٿيا.

١ جولاءِ تي ٻه صبوح جو درشن، پوءِ ساڍي يارهين ٻجي کان ڏيڍ ٻجي تائين ۽ شام جو ٥ ٻجي کان ٦ ٻجي تائين ملاقاتون ۽ ٧ کان ٩ ٻجي تائين ستسنگ جو پروگرام هو. حضور جن انڪل ٥٠ ستسنگين ۽ جگياسين کي ٻه گڏجڻ لاءِ ٽائيم ڏنو.

٢ جولاءِ جڪارتا ۾ مهاراج جن جو سڀ کان وڌيڪ مشغوليءَ وارو ڏينهن هو. صبوح جو ساڍي اٺين کان ساڍي نوين تائين ملاقاتون ۽ پوءِ ڪن ضروري خطن جا جواب لکائيندا رهيا. شام جو ٤ کان ٨ ٻجي تائين ٥٦ ڀاڳيه شالي جيون کي نام دان بخشيائون. ان کان پوءِ ٨ ٻجه سنگت کي ۽ ٩ ٻجه شيوادارن کي پرساد ڏنائون. پرساد ڏيڻ وقت حضور جن شيوادارن سان ٿورو ڳالهايو ۽ اُنهن کي ڀاڳ ۾ پريم ڀاؤ رکڻ، پريم سان شيوا ڪرڻ، ابياس ڪرڻ ۽ سچي ستسنگيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏني.

٣ جولاءِ حضور جن صبوح جو سنگت کي درشن ڏئي ٧ ٻجه واري هوائي جهاز ۾ سينگاپور لاءِ روانا ٿيا. حضور جن سينگاپور ۾ فقط هڪ رات رهيا ۽ ٤ جولاءِ تي ڪولمبو (شري لنڪا) لاءِ روانا ٿيا، اُنکان اڳ سنگت کي درشن ڏنائون.

حضور جن جو هوائي جهاز جڏهن ڪولمبي پهتو ته ان وقت رات جا ١٠ لڳا هئا، اُنهن ڏينهن ۾ ڪجهه راجنيتڪ اشانتيءَ کي دٻائڻ لاءِ لنڪا جي سرڪار ملڪ ۾ بلڪ سخت فوجي ڪاروائي ڪئي هئي يعني بغير اجازت ۽ سخت تلاشيءَ جي رات جو ڪابه موٽر هلي نٿي سگهي. جيتوڻيڪ پربنڌڪن اجازت ورتي به هئي پر رستي تي ٤-٥ فوجي چونڪيون هيون. انڪري مهاراج جن کي رات جي وقت وٺي وڃڻ نٿي چاهيائون ڇاڪاڻ ته اُنهن چونڪين تي فوجين جو وهنوار سٺو نه هو ۽ ان کان سواءِ رات جو اينڌڙن جي

ستسنگي ماڻهو نٿي سگهيا ان ڪري حضور جن اُتي ٻاهر آيا ۽ اڌ ڪلاڪ تائين سڀني ستسنگين کي درشن ڏيندا رهيا.

٢٥ جُون شام جو ساڍي پنجين بجي حضور جن سورابايا (انڊونيشيا) پهتا. پنهنجي رهائشي جاءِ تي پهچڻ کان ٿورو پوءِ ستسنگ ڪيائون جنهن ۾ قريب ٣٠٠ ماڻهو آيا هئا. سورابايا ۾ مهاراج جن تمام ٿورو وقت رهيا ان ڪري ٢٦ جون سڄو ڏينهن بلڪل مشغول رهيا. صبوح جو ٨ بجي کان ساڍي اٺين بجي تائين درشن ڏيڻ بعد حضور جن ٣٧ پريمين کي نام دان بخشيو. اٽڪل ساڍي ١٢ بجي نام دان جي ڪاريه کان واندا ٿي ڀوڄن ڪيائون ۽ ٿوري وقت کانپوءِ ستسنگين ۽ جگياسين سان ملندا رهيا. شام جو ساڍي ستين کان ساڍي نوين بجي تائين ستسنگ ڪيائون. ڪين رات جو ١٠ بجي ڀوڄن لاءِ مس وقت مليو. ان کانپوءِ لوڪل ستسنگ پربنڌڪن سان ڪجهه وارتالاپ ڪيائون ۽ اهڙي نموني رات جا ٻارهن لڳي ويا. ٢٧ جون صبوح جو ٨ بجي حضور جن ستسنگ ۾ پڌاريا ۽ حضور جن جي فارين ياترا جي سيڪريٽري شري ڪرشن ٻاٻاڻيءَ ستسنگ ڪيو. ستسنگ کانپوءِ حضور جن موٽر ۾ جڪارتا لاءِ روانا ٿيا.

جڪارتا سورابايا کان ٩٠٠ ڪلوميٽر پري آهي. حضور جن ٻه راتيون واٽ تي ترسيا ۽ رستي ۾ سنگت کي درشن ڏيندي ٢٩ جون شام جو جڪارتا پهتا. ٣٠ جون صبوح جو ساڍي ستين بجي مهاراج جن سنگت کي درشن ڏنو ۽ ٿورو پوءِ ٢٥ جگياسين کي ملاقات لاءِ الڳ الڳ وقت ڏنو. شام جو ٥ بجي حضور جن وري ٻه ڪن ماڻهن سان گڏيا. شام جو ٧ بجي ستسنگ ٿيو جنهن ۾ اٽڪل ٦٠٠ ماڻهو هڪ ڪلاڪ ۽ ٤٠ منٽ ستسنگ ۾ حضور جن جا امرت ڀريل وچن بلڪل غور سان ٻڌندا رهيا.

ته جئين توهان جي موٽرن کي نه روڪين. فون ڪري هو وري آيو ۽ هٿ جوڙي نمسڪار ڪيائين. هڪ هڪ ڪري سڀ سنڌڪ اڳتي وڌي آيا ۽ انهن حضور جن جا درشن ڪيا. ان ڪانپور حضور جن ۽ سنگت ڪنهن به چونڪيءَ تي بيهڻ بنا آرام سان شهر ۾ پهتا.

ڪولمبو ۾ مهاراج جن ٻه ستسنگ فرمايا ۽ ڪيترن جگياسين کي گڏجڻ لاءِ ٽائيم به ڏنائون. ١ جولاءِ تي حضور جن منجهند ڌاري بمبئيءَ پڌاريا. بمبئيءَ ۾ حضور جن شام جو سنگت کي درشن ڏنو. ١١ جولاءِ تي مهاراج جن دهليءَ جي سنگت کي درشن ڏنو ۽ اتان ٻن ڏينهن لاءِ سڪندرپور مان ٿيندا حضور جن موٽي ڏيري آيا. هميشه وانگر پروگرام اڳيئي رٿيل هو ۽ ٢٥ جولاءِ تي پنڌارو هو. ڏيري ۾ اچڻ سان ڪم ۾ مشغول ٿي ويا.

حضور مهاراج جن جي انهن دورن سبب گهڻو ڪري سڀني ملڪن ۾ نوجوان طبقي ۾ سنت مت لاءِ ڪافي رُچي پيدا ٿي آهي. پراڻين رسمن رواجن ۽ تنگ ويچارن وغيره سبب بيزار ٿي، انهن ملڪن ۾ نئين پيڙهي سک ۽ شانتيءَ جي ڳولها ۾ ۽ دک درد وسارڻ لاءِ نشيدار شين جو استعمال ڪري رهي آهي. حضور جن جي ستسنگ ٻڌڻ سان ڪيترن نوجوانن تي سٺو اثر پيو آهي ۽ هو به نام دان وٺي رهيا آهن ۽ ڪيترا ته سنت مارگ تي پختائيءَ سان هلڻ لاءِ خواهشمند آهن. انهن نوجوانن ۾ ڪي هپي لوڪ به آهن جي سنت مارگ ۾ آيا آهن ۽ ستگرو دين ديال جن جي ڪرپا ۽ پريرڻا سان دکن ۽ ڪشٽن کان ڇوٽڪارو پائي هڪ نئين زندگي شروع ڪئي اٿن.

ڪجهه سال اڳ، اهڙا ٻه هپي جوان ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ڏيري آيا هئا. مهاراج جن جا ستسنگ ٻڌائون. پنهنجي

تلاشي ٻه ورتي ويندي هئي. پر پنڊتن کي ڊپ هو تہ
ڪٿي سنگت جي هن مهان مهمان سان فوجي ڪو اوڻائڻ
وهنوار نہ ڪن. ان ڪري اتي جي سيڪريٽري حضور جن
کي نويدن ڪئي تہ رات جي وقت فوجي چونڪين تي
پريشاني ٿيندي تنهنڪري بهتر ٿيندو تہ شهر ۾ وڃڻ بدران
رات جو هوائي اڏي تي ئي ريسٽ هائوس ۾ ترسن. پر
حضور جن فرمايو تہ هتي ترسڻ جي بدران پنهنجي
رهائش واري جاء تي رهڻ پسند ڪندا. ان تي سيڪريٽري"
وينتي ڪئي "مهاراج جي! هنن فوجين کي وڏيون اختياريون
مليل آهن. رات جو ايندڙن تي بندوقون تيار رکندا آهن
۽ ٿوري اُبهرائيءَ تي گولي هلائيندا آهن. اسان حضور جن
۽ هتي آيل سڀني ستسنگين لاءِ هوائي اڏي تي ڪمرا بہ
رزرو ڪرائي ڇڏيا آهن." مهاراج جن مشڪي فرمايو، "خيال
نہ ڪريو رستي ۾ جيڪي ٿيندو تنهنکي ڏٺو ويندو."

ان ڪري رات جو ١١ بجي ڇهن پنجن موٽرن ۾ حضور جن
۽ ستسنگي شهر ڏانهن روانا ٿيا. واٽ تي پهرين سنگت
چونڪيءَ تي موٽر بيهاري وئي. اڳترين موٽرن جو قافلو
ڏسي سنگت بندوقون ڪشي بيهي ويا. اُنهن جو آفيسر
وڏي اڳيان آيو ۽ پڇيائين تہ رات جو هن وقت اڳتريون
موٽرون ڪيڏانهن وڃي رهيون آهن؟ جڏهن ان کي ٻڌايو
ويو تہ هڪ مهان مهاتما ڪولمبو ۾ آيو آهي ۽ موٽر ۾ ويٺل
آهي تہ ان بابت جاچ ڪرڻ لاءِ هوُ خود موٽرن ۾ ڏسڻ لڳو.
مهاراج جن کي ڏسندي ئي سندس رخ نرم ٿي ويو. بندوق
هيٺ ٿي وئي ۽ ان جي نظر مهاراج جن جي مک منڊل تي
ٽڪي وئي. ٿوري دير لاءِ حضور جن ڏانهن نهاريندو
رهيو. پوءِ شرڌا سان سر نمائي چيائين تہ ٿورو ترسو، مان
اڳيان ايندڙ سڀني ملٽري چونڪين تي فون ڪري ٿو ڇڏيان

بدليل جيون ڇگهو اثر وڌو. ايلچيخاني ۾ انهن جي شاديءَ جي رسم ادا ڪئي ويئي ۽ بعد ۾ انهن کي آمريڪا موڪليو ويو. اتي انهن ڪورٽ ۾ پنهنجو ڏوھہ قبول ڪيو ۽ جيل جي سزا پنهنجي سنگرن جو ڀاڳو مڃي ڀوڳي. اڄ اهي ٻئي ڏاڍا پريمي ستسنگي آهن.

سنگرن جي پريماءَ ۽ پريرڻا سبب زندگيءَ ۾ اهڙي عجيب ڦيري اچڻ جا ڪيترائي مثال آهن. نوجوان طبقي کي جو اڄ نراشا ۽ نا اميدي ٿي رهي آهي انهن کي سنگرو آشا ۽ اتسيءَ جو سنديش ڏيئي رهيا آهن. ڪين نئين جيون گذارڻ لاءِ پريرڻا ڏيئي رهيا آهن. صرف نوجوان طبقو نه پر پرماتما جي کوج ۾ لڳل ڪيترن ئي جيون کي مهاراج جن سچي راھہ ڏيکاري رهيا آهن. آمريڪا ۾ هڪ ٽريپسٽ مٺ (جتي پادري سخت تپسيا جهڙوڪ اپواس - مؤن رکڻ، سنجم ڌارڻ وغيرھہ نيم پالين ٿا ۽ پنهنجي گروھ کانسواءِ ڪنهن ٻئي سان ڳالهائين به ڪونه) جو پادري ۱۴ سالن تائين ڪٺن تپسيا ڪري رهيو هو تنهنکي جڏهن ڪجهه به حاصل نه ٿيو ته هو پنهنجي گروھ کان موڪل وٺي مٺ کان ٻاهر نڪتو. پرماتما کي پائڻ جي کوج ۾ هو جدا جدا ڌرمي سوسائٽين ۾ وڃڻ لڳو، پر ڪيس نراشا ۽ نا اميديءَ کانسواءِ ڪجهه به نه مليو. هڪ ڏينهن ڪيس ڪنهن واقفڪار کان ڊاڪٽر جانسن جو ڪتاب ”دي پاٿ آف دي ماسٽرس“ مليو. اهو پڙهي هنکي ائين لڳو ڄڻ سالن کانپوءِ جنهن مارگ جي تلاش ڪري رهيو هو سو ملي ويو آهي. پنهنجي شهر ۾ ستسنگ ۾ وڃڻ لڳو. سندس شنڪائون دور ٿي ويون. مهاراج جن ڪيس نام دان ڏيڻ سويڪار ڪيو، جنهن چيز جي چوڏهن سالن کان سخت محنت سان ڳولها ڪري رهيو هو سا ڪيس مهاراج جن جي ديا مهر سان حاصل ٿي ويئي. جنهن روحاني پريم لاءِ ايترا

گذريل زندگيءَ مان ڪڪ ٿي ويراڳي ٻڻجي پيا ۽ پڇتائڻ لڳا ۽ نشيدار شيون، جن کان هڪ ڏينهن به رهي نه سگهندا هئا بلڪل ڇڏي ڏنائون. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ نامردان لاءِ وينتي ڪرڻ لڳا. حضور جن ديا مهر ڪري انهن کي نامردان بخشيو ۽ هو ڏاڍي پريم پيار سان ابياس ۾ لڳي ويا. آهستي آهستي انهن جي ڪايا ئي پلٽجي وئي. جڏهن ٽن مهنن بعد اپريل ۾ گيسٽ هائوس بند ڪرڻ جو وقت آيو ته هو حضور جن وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون ته هنن ٻنهي تي نشيدار شين جي خريد ۽ وڪري جي ڏوهه ۾ آمريڪا ۾ مقدمو هلي رهيو هو. ٻنهي کي سندن مائٽن ضمانت تي ڇڏايو هو. ٻئي ڪورٽ جي تاريخ کان اڳ پنهنجي ملڪ مان چپ چاپ ڀڄي نڪتا هئا. ڪيترن هفتن تان ڀٽڪندا ڀٽڪندا بياس اچي پهتا. بياس اچڻ کان اڳ ٻئي شادي ڪرڻ کانسواءِ ئي گڏ رهندا هئا. پر هتي اچڻ بعد هو الڳ الڳ رهن ٿا. پنهنجو حال ٻڌائي عرض ڪيائون ته هاڻي کين سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪن ۽ ڪيڏانهن وڃن.

حضور جن سموري وارتا ٻڌي کين صلاح ڏني ته پهرين ته توهين پاڻ ۾ شادي ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ڀڄن سمرن لاءِ نيمائتو گرهست جيون گذارڻ نيڪ آهي. ٻي رٿ مهاراج جن کين اها ڏني ته آمريڪن راجدوت وٽ وڃي پيش پئو ۽ پنهنجي ملڪ جي قانون موجب جي سزا ملي ته اُها مالڪ جي موج يا پرالبڌ سمجهي ڀوڳڻ جي ڪوشش ڪريو.

اُنهن ستگرن جي صلاح مڃي. جنهن جيل جي سزا کان ڀڄي نڪتا هئا اُها خوشي خوشي ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ستگرن جي بخشيل نامردان جي ٻل سبب هاڻي هو بيخوف هئا. حضور جن کان موڪلائي ٻئي جڻا دهليءَ ۾ آمريڪن راجدوت وٽ پيش پيا. راجدوت ۽ ٻين آفيسرن تي سندن

مهاراج بابا ساون سنگهه جن پوکيو انکي موجود ھ. مهاراج جن پريم ۽ ديا جو پاڻي ڏيئي پنهنجي توجه ۽ محنت سان سنڀاليو ۽ جو اڄ سندر وڻ جي روپ ۾ ڦليو ڦوليو آهي ۽ جنهنجي سک ۽ شانتي ڏيندڙ ڇانو ۾ ويهي سنساري تپت سبب دکي جيوَ دائمي شانتي ۽ آنند ماڻي رهيا آهن.

اڄ آمريڪا، ڪئناڊا، هوائي ٻيٽ، ميڪسيڪو، ويسٽ انڊيز ۽ فلپائينس کان وٺي انگلنڊ، يورپ، وچ اوڀر، اوڀر ۽ ڏکڻ آفريڪا تائين، جپان، هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ، مليشيا، انڊونيشيا کان وٺي فجي ٻيٽ، آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ تائين، سڀني ملڪن جا رهاڪو مهاراج جن کي وري وري سندن ملڪن ۾ اچي درشن ڏيڻ لاءِ وينتي ڪري رهيا آهن. مهاراج جن به سندن زوردار وينتي ۽ پرارٿنا ڀريل عرض تي ويچار ڪن ٿا ۽ سندن ملڪن ۾ ياترائون ڪندا رهندا.

وديش ياترائن کانپوءِ مهاراج جن کي لکيل بيشمار خطن مان فقط هڪ خط جو نمونو هيٺ ڏنو وڃي ٿو، جنهن مان حضور جن جي دؤري جي ڪارڻ جيڪو گهرو اثر ۽ روحاني پريرنا پيدا ٿي آهي انهيءَ جو اندازو لڳائي سگهبو.

”توهان سان رڳو هڪ گهڙيءَ جي رهاڻ، پرماتما جي پريم ۽ سوڀيا جو اهو امرت رس ڏئي ٿي، جنهن جون ذرائون توهان مان هر وقت نڪري رهيون آهن. گذريل سومر تي ستسنگ کان اڳ، توهان سان گڏجي مونکي ڏاڍي خوشي ۽ آنند حاصل ٿيو آهي. منهنجي مترن به توهان سان ملاقات ڪري آنند پاتو آهي. موٽڻ وقت پنهنجي سؤ ميلن واري سفر ۾ اسين انهن ڳالهين ڪرڻ ۾ لين هئاسين.

توهان اسانجي ڌرمي پستڪن جي گهرائيءَ ۾ وڃي ”بوڪ آف سينٽ جان“ جي وياکيا ڪندي جيڪي انمول رتن ظاهر ڪيا آهن انهن لاءِ هڪ آمريڪن جي ناتي مان

سال پوءِ ترقيو سو به ڪيس ستسنگين جي سنگت ڪرڻ سان ملي ويو. پنهنجي هڪ خط ۾ هو لکيٿو ته پنهنجن ستسنگي ڀائرن ۽ ڀينرن سان جنهن نرمل روحاني پريم جو مان انڀو ڪريان ٿو سو ته مونکي ڪلپنا ۾ به ڪونه هو. جنهن چيز جي هوُ ورهين کان آشا ۽ اُميد ڪندو آيو هو سا هن مارگ تي هلڻ سان حاصل ڪئي اٿس.

حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي انهن ڏورن جو اصلي لاڀ ته وقت ئي پڌائيندو جيئن ستگرن پاڻ ڊيٽرائيٽ (آميريڪا) ۾ هڪ ستسنگ ۾ هڪ ستسنگيءَ جي سوال پڇڻ تي ته توهين ڊيٽرائيٽ ڇو آيا؟ فرمايو، ”وقت ايندو جو توهانکي خبر پوندي.“ پر اهو ظاهر آهي ته انهن ڏورن ڪري سنگت ۾ پريم جو وستار ٿيو آهي. هڪ ٻئي لاءِ سڪ، هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڀاونا وڌي آهي. سنت مت لاءِ اُتساهه ۽ سچي جگياسا جاڳي آهي ۽ ويشنو کاڌو کائڻ ۽ نيڪ جيون گذارڻ لاءِ اُتساهه وڌيل آهي. ڪيترن ستسنگين پنهنجي پياري ستگروءَ جي ديهه سروپ جو درشن ڪري اهو انڀو ڪيو آهي ته ديهه سروپ گرو ڇا ٿيندو آهي. انجي ورهه، ڀڳتي ۽ پريم ڇا ٿيندو آهي!

اِتهاس ۾ پهريون دفعو ئي هڪ مهان سنت دنيا جي پري پري ملڪن ۾ وڃي سنت مت جو صاف نرمل روحاني سنديش جدا جدا ڌرمن ۽ قومن جي الڳ الڳ ٻولين وارن ماڻهن تائين پهچايو آهي. هن مهان ۽ ڪٺن ڪاريه کي پوري ڪرڻ لاءِ ستگرو ڏين ڏيال تڪليفون، پريشانيون برداشت ڪيون ۽ پنهنجي سک سهنج ۽ صحت جو خيال نه ڪيائون. اڄ ڀارت کان ٻاهر هزارين ستسنگي آهن. اٽڪل ٢٥٠ ستسنگ جا مرڪز آهن ۽ ڪيترا جگياسو هن مارگ تي هلڻ لاءِ خواهشمند آهن. ست سال اڳ، وديش ۾ جيڪو ٻج

ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙن وقتن تي سنگت جي ڪرمن جو بوجھ هوُ خود پنهنجي سر تي هموار ڪندا آهن ۽ سنگت جي رکيا ڪندا آهن. ديش جي ورهاڱي وقت جيڪا ملڪ ۾ سخت رتوڇاڻ ٿي، ان وقت پرم سنت حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن پنهنجن ستسنگين جي رکيا ڪئي، اُنهن کي سلامتيءَ وارن هنڌن تي موڪلڻ ۾ مدد ڪئي ۽ سندن بوجهي هلڪي ڪرڻ ۾ ايترو تہ ڪشت، مصيبت ۽ سخت بيماري پاڻ تي همور ڪئي جو پنهنجي پراڻن جي بہ قرباني ڏني. ستگرن جي رکيا، ديا ۽ مهر جو انيڪ جن هزارين هندو ۽ مسلمان ستسنگين، سندن رشتيدارن ۽ ويجهن مترن کيو سي اڄ بہ موجود آهن.

٦ سيپٽمبر ١٩٦٥ تي ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جڏهن جنگ ڇڙي انوقت مهاراج چرنسنگهہ جن ڏلهائوسيءَ ۾ هئا. ريڊيو ۾ جنگ لڳڻ جي خبر ٻڌندي موٽر ۾ چڙهي ڏيري لاءِ روانا ٿيا. اُهو رستو ان سرحد واريءَ ايراضيءَ ۾ هو جتي جنگ لڳي رهي هئي. پر حضور جن انهيءَ خوف خطري جي پرواهہ نہ ڪري بياس هليا آيا. سڄي رستي ۾ گولين جا آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا.

حضور جن جي پڌارجڻ تي ڏيري جي رهواسين جو حوصلو بلند ٿيو ۽ جنگ جي ختم ٿيڻ تائين ڪين ڪنهن بہ قسم جو دل ۾ ڊپ ڊاءُ يا چنتا فڪر ڪو نہ هو. امرتسر، جالندر گرداسپور، پٺانڪوٽ، بٽالا، جمون وغيرهہ شهرن مان ستسنگي ۽ ٻيا ڪيترا، سندن مت مائٽ، يار دوست پڻ اچي ڏيري ۾ ستگرن جي رکيا ۽ ڇترڇايا ۾ رهڻ لڳا. ڇمب ۽ جوريان جي اُجڙيل ايراضين جا سڀ ماڻهو ڏيري ۾ اچي رهيا.

جتي آس پاس وارين ايراضين ۾ گهٻراهٽ ۽ جوش وارو وايو منڊل هو اُتي ڏيري ۾ هميشهہ وانگر پورن شانتي ۽

توهانجو دل و جان سان شڪر گذار آهيان. اسانجي ڌرمي گرنٿن ذريعي اسانکي سمجهائي ڏيڻ جو جيڪو نمونو توهان اختيار ڪيو آهي سو منش جاتيءَ جي اندروني ايڪتا جو احساس ڏئي ٿو. توهانجا ستسنگ، ٻڌندڙن کي پوتر جيون گذارڻ لاءِ هدايت ڪن ٿا. جيستائين اسين اهو نٿا سمجهون ته پرم پتا پرماتما هڪ آهي ۽ هو سڀني جي روپ ۾ پنهنجن ٻالڪن سان ڳالهائي ٿو، تيستائين اسين ان سان ايڪتا يا ميلاپ جو انڀوُ ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟ ۽ جڏهن هڪ مسيح دنيا جي ٻئي ملڪ مان پنهنجي شخصي انڀوُ ذريعي حاصل ڪيل روحاني خوشي ۽ آنند پائڻ جو طريقو اسانکي ٻڌائي رهيو آهي ته بيشڪ اها پرماتما جي ڪرپا ۽ دَيا سمجهڻ کپي. اسان سڀني کي نرمل ۽ صاف ٻڌي ۽ ڪليل دل سان ان پريم ۽ ڪرپا جو لاڀ وٺڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي."

توهان کان جيڪي سوال پڇيا ويا ۽ توهان جيڪي اُنهن جا جواب ڏنا، انهن جو اسان تي تمام گهڻو ۽ گهرو اثر ٿيو آهي. مان سمجهي سگهان ٿي ته توهانکي بياس ۽ پنهنجو ديش ڇڏي هتي پنهنجن ستسنگين ۽ پرماتما جي پيارن جي شيوا لاءِ ايترو پري آميريڪا اچڻ ۾ ڪيتري تڪليف وٺڻي پيئي هوندي. توهان جي ڪرپا ۽ بخشش لاءِ شڪرگذاري ڪرڻ وارن ۾ مان اڪيلي ڪونه آهيان سڄو آميريڪا جو ملڪ اوهان جو شڪرگذار آهي. اُميد ٿي ڪريان ته ڪنهن ڏينهن ڀارت اچي توهان جا درشن ڪري پنهنجي آتما کي ترپت ڪندس."

٨- جنگ وقت ڏيرو

جڏهن ٻه سنگت مٿان ڪو ڪشت يا مصيبت اچي ٿي تڏهن سنت پنهنجي ڪرپا ۽ اپار دَيا مهر ڪري ان کي دُور

نومبر ١٩٧١ جي آخرين هفتي ۾ مهاراج جن ناچاڪ ٿي پيا. اجمير ۽ جئپور جي دوري بعد حضور جن کي دهليءَ ۾ هارٽ اٽيڪ (دل جي تڪليف) ٿي ۽ چنڊيگڙهه ۽ بمبئيءَ جي ستسنگ جا پروگرام رد ڪرڻا پيا. ٣ ڊسمبر تي جڏهن وري ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ ڇڙي تڏهن حضور جن دهليءَ ۾ اسپتال ۾ زير علاج هئا ۽ ڊاڪٽرن پوري آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. ڊاڪٽرن جي صلاح تي مٽن مائٽن ۽ ويجهن ستسنگين حضور جن کي جنگ بابت خبر نه ڏني ۽ ونن اخبار به ڪڍي وڃڻ جي منع ڪيل هئي ۽ ڪمري مان ريڊيو به هٽايو ويو هو. پر ٤ ڊسمبر تي صبوح جو مهاراج جن ريڊيو گهرايو ۽ خبرون ٻڌيون. جنگ ڇڙڻ جي خبر پوندي ئي مهاراج جن ڏيري وڃڻ جو ارادو ڪيو. ڊاڪٽرن حضور جن کي منع ڪئي ۽ چيو ته توهانجي صحت اهڙي نه آهي جو توهين بستري مان اُٿي سگهو. دوستن مائٽن ستسنگين ۽ ڪٽنبين به گهڻو ئي چيو ته حضور جن تندرستيءَ جي اهڙي حالت ۾ ڏيري نه وڃن. پر حضور جن فرمايو، ”هن وقت منهنجو فرض آهي ته مان ڏيري ۾ سنگت وٽ هجان ۽ هاڻي مان دهليءَ ۾ رهي نه سگهندس.“ سڀني جي صلاح ۽ وينتيءَ جي باوجود حضور جن پنهنجي ارادي تي اٽل رهيا ۽ ٦ ڊسمبر ڏيري پهچي ويا.

هن دفعي به سموري جنگ واري عرصي ۾ حضور جن ڏيري ۾ رهيا. ڇمب، نوشهرو، ماڌوپر، جمون، پٺانڪوٽ ۽ سرحد جي ايراضيءَ ۾ ڪيترا ستسنگي هئا. ستگرن هن ڪٺن وقت سنگت جي جهڪا رکيا ڪئي، اُن جا ڪيترائي اهڙا ورتانت آهن ته ڪيئن مهاراج جن کي انهن جا ڪرم پنهنجي شرير تي سهڻا پيا.

هن جنگ وقت به ڏيري ۾ پوري شانتي ۽ بيفڪريءَ

بيفڪريءَ جو واتاورڻ هو. روزانو سٽسنگ ٿيندو هو. هميشه وانگر روز شام جو شيوا بہ ٿيندي هئي جتي حضور جن پاڻ سمورو وقت موجود هوندا هئا. آس پاس جي سنگت جي اچڻ سبب ستسنگ هال ۾ نہ ٿي سگھندو هو ان ڪري ستسنگ باهر کليءَ ميدان ۾ شاميانو هيٺ ڪرڻو پوندو هو. شيوا ۾ هزارين پريمي شريڪ ٿيندا هئا. بمگولن جي فائرنگ جا ڌماڪا رات ڏينهن پيا پيا هئا ۽ ديون دروازا بمن فائرنگ سبب پيا ڪِڙڪندا هئا. رات جو بلڪل اونده ڪئي ويندي هئي ۽ مهاراج جن خود رات جو چپ چاپ اڪيلا ڏيري جو چڪر هڻندا هئا ۽ ڏسندا هئا تہ جيئن بلئڪ آئوٽ جي نيمن جو پوريءَ طرح پالن ڪيو وڃي ۽ ڪنهن کي بہ بيچيني ۽ ڊپ تہ ڪونہ ٿو ٿئي. ستگرن سنگت کي ايترو تہ حوصلو ۽ وشواس ڏياريو جو ڪنهن بہ قسم جي گھبراهٽ يا چنتا جو نالو نشان بہ نہ هو. ٻڍا مرد ۽ زالون بہ ڏيرو ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. پنهنجن ستگرن ۾ سندن پورو پورو وشواس هو. سنگت پنهنجي ستگرن جي موج ۾ خوش هئي. جنگ جي ان سموري عرصي ۾ ڏيري ۾ ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف ڪونہ ٿي بلڪ ستسنگ، درشن، شيوا ۽ ٻين سمورن جو پروگرام بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهيو.

هڪ دفعي فوجي عملدارن صلاح ڏني تہ ڏيرو سرحد جي تمام ويجھي هئڻ ڪري خطري کان خالي نہ آهي. چڱو ٿيندو تہ هنن ڏينهن ۾ ڏيري ۾ ستسنگ ڪرڻ بند ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ ڪنهن ٻئي پرانت ۾ ان جو بندوبست ڪيو وڃي. پر حضور جن جي ديا مهر سان ستسنگ ساڳئي نموني جاري رهيو. ڪنهن قسم جي جڳهه مٽائڻ جي ضرورت ڪونہ پيئي.

نه وڃو پر مهاراج جن جي وچن تي هنن کي پورن وشواس هو ۽ هو پنهنجي فيصلي تي پختا رهيا. هو ١٧ ڊسمبر تي ڏيري لاءِ روانا ٿيا. جڏهن دهليءَ پهتا ته خبر پيئي ته جنگ، بندي قائم ٿي وئي آهي ۽ لڙائي ختم ٿي چڪي آهي.

انهن ٻنهي جنگين جي وقت ۾ قسمت سان مونکي مهاراج جن جي ويجهو رهڻ جو موقعو مليو. مونکي هڪ ڏينهن به سندن چهري تي اداسي، چنتا يا گهٻراهٽ جو ڪو نشان ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هميشه وانگر هو شانت، پرسن چت ۽ نشچنت رهندا هئا. سندن مکاروند مان مون ڪڏهن به ڪنهن شخص يا ملڪ جي نندا نه ٻڌي. ڪنهنجي به جيت يا هار تي اتيجنا ڪونه ڏني. حضور جن نرموهي ۽ مالڪ جي موج ۾ خوش رهندا هئا. جڏهن ڪو ستسنگي ڪنهن به ملڪ لاءِ ڪا به دويش ڀاءُ واري ڳالهه ڪندو هو ته حضور جن هنڪي ڪشادي نظر سان ڏسڻ لاءِ هدايت ڪندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته جو ڪجهه ٿئيٿو سو ڪرمن جي قانون انوسار ٿئيٿو. اسانکي پنهنجي ديش ۽ سماج لاءِ پنهنجو فرض پالڻ ڪرڻ گهرجي پر ڪنهن لاءِ به نفرت رکڻ نه گهرجي. منش پرماتما جي ناليءَ ۾ هڪٻئي سان وير ڀاءُ رکڻ ته سکيو آهي پر ڪهڙو نه چڱو ٿئي، جي اسين ان جي نالي ۾ پاڻ ۾ پيار ڪرڻ سکون.

٩- ڏيري جو وڪاس ۽ نيون اڏاوتون

بابا جيمل سنگهه مهاراج جن جي وقت ڏيري ۾ باباجن جي ڪوٺي، ست اٺ ڪمرا، نام گهر، ننڍو ستسنگ، گهر ۽ کوهه هوندا هئا. حضور مهاراج جن جي وقت ۾ ڏيري جو وڪاس شروع ٿيو ۽ ڪيترا مڪان، لنگر، وڏو ستسنگ، گهر ٺهي تيار ٿيا. سردار بهادر مهاراج جن جي وقت ۾ ڪا خاص

وارو واتاورڻ هو. ڏيري جي رهواسين ۽ ٻين ستسنگين کان سواءِ ٻاهرين ملڪن مان به ٥٠-٦٠ ستسنگي آيل هئا. انهن ۾ يورپ انگلنڊ، آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا وغيره ملڪن جا رهاڪو هئا. جڏهن اُنهن کي سرحد کان پري ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ ڏانهن وٺي وڃڻ جي رٿ ڏني ويئي ته هو به ڏيرو ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا. اُنهن کي دوستن ۽ مائٽن وٽان تارون اچڻ لڳيون ته جنگ وقت بياس ۾ نه رهن ۾ ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ تي هليا وڃن يا موٽي پنهنجي ملڪ ۾ اچن. پر هو ڏيري کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار نه هئا.

هتي مان هڪ ستسنگي ڀيڻ جي وشواس جو ورتانت ڏيڻ چاهيان ٿو. اندور جي رهاڪو منهنجي هڪ واقفڪار ڀيڻ ستسنگياڻي آهي. هن ۽ ان جي پتيءَ ٥ ڊسمبر تي صبوح جو حضور جن کي دهليءَ فون ڪيو. هنن حضور جن جي صحت جي باري ۾ پڇيو ۽ ڏيري ۾ اچڻ لاءِ اجازت گهري. مهاراج جن فرمايو ته لڙائي ختم ٿيڻ کانپوءِ اچجو. ان تي هنن وينتي ڪئي، ”مهاراج جي! ڪرپا ڪري اسانکي تاريخ ٻڌائيندا ته ڪهڙي تاريخ تي رزرويشن ڪرائجي ڇو ته ڪيتريون ريل گاڏيون بند ڪيون ويون آهن. ان ڪري ٽرين ۾ جاءِ به مشڪل ٿي ملي.“ حضور جن جواب ۾ فرمايو ته ١٧ ڊسمبر جي رزرويشن ڪرائي سگهو ٿا. ان ڪري هنن ٦ ڊسمبر تي ١٧ ڊسمبر لاءِ ٽڪيٽون خريد ڪيون ۽ رزرويشن ڪرائي ڇڏي. جڏهن گهر ۾ ماتا پتا ۽ ڪٽنب جي ٻين ڀاتين کي خبر پيئي ته هو کين چوڻ لڳا ته اهڙي وقت بياس نه وڃو ڇو ته رستي ۾ خطرو آهي. ريل گاڏين مٿان بم اڇلايا وڃن ٿا. ڪي دوست ۽ ستسنگي هنن جي ڏيري وڃڻ واري فيصلي کي سندن ڀاري غلطي سمجهڻ لڳا ۽ کين سمجهائڻ لڳا ته

اِتري جڳھ ڪونہ هئي. لنگر جي سامھون ڏيري جا مڪان
وغيرہ هئا پر پنهنجان هئا، ٣٠-٣٠ فوٽ ٤٠-٤٠ فوٽ اونها
کڏا. حضور جن فرمايو تہ لنگر کي پنهنجين پاسي ئي وڌائي
سگهجيٿو. ان لاءِ کڏا پورڻ شروع ڪرڻا پوندا.

اهو ٻڌي شري اهلو واليا چيو، "حضور انهن اونهن ۽
ايترن ڪشادن کڏن کي پورڻ جو ڪم ممڪن نہ آهي.
جيڪڏهن پورڻ جو ڪم شروع بہ ڪيو وڃي تہ پوري ڪرڻ
۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ٻارهن سال لڳي ويندا." راءِ صاحب
منشيرام بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي ۽ چيو، "مهاراج جي!
جيئن آهي تيئن ٺاهڻ ڏيو، ائين ئي وقت پيو گذرندو."

پر حضور جن جواب ڏنو، "جيڪڏهن هيءُ ڪم پوري ڪرڻ
۾ ڏهہ سال بہ لڳي وڃن تہ بہ پرواهہ نہ آهي. اُن ڪانپوءِ تہ
سنگت آرام سان پوڄن ڪائي سگهندي."

ٻئي ڏينهن سنسنگ ڪانپوءِ سنگتن اُنهن کڏن کي مٽيءَ سان
پورڻ جي شيوا لاءِ سنگت کي چيو ۽ اُنهيءَ ڏينهن شام جو ئي
ڪم شروع ٿي ويو. سنگت نديءَ جي طرف جيڪي دڙا
هئا اُنهن کي کوٽي مٽي آڻڻ لڳي. پهريائين تہ ائين ٿي لڳو
تہ سڀ پيچ هن مهان ڪاريہ پوري ڪرڻ ۾ ڏهن سالن کان
بہ وڌيڪ وقت لڳندو. پر آهستي آهستي شيوا ۾ سنگت
وڌندي ويئي. حضور جن خود شيوا جو سمورو وقت صبوح
۽ شام جو اچي سنگت جي سامھون وهندا هئا. آهستي آهستي
کڏا پرجندا ويا. پنبداري وارن ڏينهن ۾ ٨-١٠ هزار سنسنگي
هن مهان شرمدان ۾ لڳي ويندا هئا. ٻن ايرائي سالن اندر
کڏا پرجي ويا. لکين فوٽ مٽي پري ويئي ۽ ايڏو وڏو
ميدان تيار ٿي ويو جو هڪ دفعي ١٥-٢٠ هزار ماڻهو ويهي
پوڄن ڪرڻ لڳا.

مٽيءَ جي شيوا اڄ تائين جاري آهي. لنگر جو هيءُ

نئين اڏاوت ڪونہ ٿي پر جھونن مڪانن جي مرمت، کوھ کي اونھو ڪرڻ، ان ۾ پمپ لڳائڻ وغيرہ ڪم ٿيا ھئا.

حضور مھاراج چرنسنگھہ جڏھن گدي تي براجمان ٿيا تہ سنگت ۾ وڌندي ويئي ۽ سنگت جي رھائش لاءِ مڪان، لنگر ۾ ڀوڄن تيار ڪرڻ ۽ کارائڻ لاءِ جڳھہ، ستسنگ جو ميدان وغيرہ سڀ ننڍا ھئا. جتي ڀنڊاري وقت ٥٠ کان ٧٥ ھزارن تائين سنگت ايندي ھئي اتي ٿورن سالن ۾ ان جو تعداد ھڪ لکہ کان ٻہ مٿي ٿي ويو ۽ اڄ ڪلھہ تہ اھو عدد وڌي ٽن چئن لکن تي پھتو آھي. ھت ڏيري جي وڪاس جو مختصر بيان ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آھي.

سنہ ١٩٥٤ جي ڳالھہ آھي. ان وقت لنگر ۾ ھڪ وقت ٽي چار ھزار ماڻھو ڀوڄن کائي سگھندا ھئا. پر سنگت مٿو لکہ کن ھوندي ھئي ۽ لنگر ۾ ٢٤ ئي ڪلاڪ پيو ھلندو ھو.

ھڪ ڏينھن ڀنڊاري جي وقت مھاراج جن کي رات جو ٻي اڍائي بجي تائين لنگر مان ڇھل پھل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. حضور جن جي پڇڻ تي تہ ايتري رات گذرڻ کانپوءِ بہ لنگر ۾ ڇا پيئي ٿيو، خبر پيئي تہ سنگت ڀوڄن پيئي کاڌو ۽ اڃا ٻہ ھزار کن ماڻھو انتظار ۾ ويٺا ھئا. اھو ٻڌي مھاراج جن کي ڏاڍو خيال ٿيو تہ سنگت کي ايتري پريشاني ٿي رھي آھي جو شام جو کاڌو کائڻ لاءِ رات جو ٻي ٽين بجي تائين انتظار ڪرڻو ٿو پوي. ٻئي ڏينھن پاڻ راءِ صاحب منشي رام ۽ شري اھلوواليا (ستسنگ جي سيڪريٽري) کي وٺي لنگر ۾ ويا. لنگر ۾ رسوئي تيار ڪرڻ واري جڳھہ تہ وڌائي سگھيا ٿي پر سنگت کي وھاري کارائڻ لاءِ جڳھہ نہ ھئي. حضور جن جو خيال ھو تہ ھڪ دفعي گھٽ ۾ گھٽ ١٥-٢٠ ھزار ماڻھن جي وھڻ جو بندوبست ٿيڻ گھرجي تہ سموري سنگت ٻن ٽن دفعن ۾ ڀوڄن ڪري سگھي. پر لنگر ۾

سڀ ڪلهو ڪلهي سان ملائي گڏجي هيءَ شيوا پريم سان ڪندا آهن. ان ۾ ٧٠ سالن جا پيدا زالون مرد ٻه هوندا آهن ته ٦-٧ سالن جا ٻالڪ ٻه. رشت پشت ڪسان ٻه هوندا آهن ته ڪمزور شهري ٻه. هاڻي ته جيڪي ودڀشي زالون مرد ڏيري ۾ ايندا آهن اُهي ٻه شيوا پريم سان ڪندا آهن.

ڏيري ۾ ڪيترائي وزير ۽ نيتا هيءُ نظارو ڏسي حيرت ۾ پوندا آهن. ڪجهه سال اڳ هڪ ودڀشي ٽيليويزن ڪمپني ڀارت ۾ مکيه هندن جا فوٽا ڪيندي ڏيري ۾ ٻه آئي هئي. ات ڏهه ماڻهو هئا. جڏهن اُنهن مٽيءَ جي شيوا جو نظارو ڏٺو ته پڇڻ لڳا ته هنن کي مزوري گهڻي ملندي آهي؟ کين ٻڌايو ويو ته هيءَ پريم ۽ ڀڳتي ڀاو جي شيوا آهي، تنهنڪري ڪنهن به مزوري ڏيڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي، پوءِ ته اُنهن کي وشواس ئي نه پيو ٿئي. هنن کي ڪيئن سمجهائي سگهي ته هن نمرتا ڀري شيوا لاءِ مزدوري ستگرن جو اُهو درشن آهي، سندن پريم ڀري درشٽي آهي جنهن لاءِ شش پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي.

سکن جي اتهاس جو هڪ مشهور ودوان هڪ دفعي ڏيري آيو، ستسنگ ٻڌائين، لنگر جو بندوبست ڏٺائين، ايتري سنگت کي هڪ ئي وقت روٽي کارائڻ جو پربند ڏٺائين، شام جو مٽيءَ جي شيوا تي ويو. ٻه ڏينهن ڏيري ۾ رهيو. ويڻ وقت چيائين ته مون گرو صاحبن جي اتهاس ۾ ستگروءَ جي لاءِ سنگت جي ڀڳتي ۽ شيوا جي باري ۾ پڙهيو هو پر فقط پڙهيو هو، ڏٺو ڪونه هو ۽ هنن سچي ڳالهين جي ڪلپنا به نٿي ڪري سگهيس. پر هتي اچي مونکي ائين لڳو آهي ته مان گرو صاحبن جي باري ۾ پڙهيل، ستگروءَ جي مهما ۽ سنگت جي پريم جون ڳالهيون ظاهران

ميدان ۾ ڪجهه وقت بعد ننڍو معلوم ٿيڻ لڳو. حضور جن مٽيءَ جي شيوا ڪرائي ان جيڏا ٻيءَ ۾ وڏا ميدان ٻيا به تيار ڪرايا. اڄ لنگر ۾ هڪ ئي وقت ٥٠-٦٠ هزار ماڻهو آرام سان ويهي کاڌو کائي سگهن ٿا.

پنڊاري جي ڏينهن ۾ اڄ ڪلهه هڪ وقت ٻه لک ماڻهو لنگر ۾ ڀوجن ورتائيندا آهن. ايترن ماڻهن جي کائڻ بعد به سڄو لنگر اهڙو صاف سٿرو هوندو آهي جو کائڻ بعد ڪير به ڪونه چئي سگهندو ته ايترن ماڻهن هتي ڀوجن ڪيو هو. حضور مهاراج جن جي زير نظر ۽ سندن حڪم انوسار شري سوهن سنگهه، پنڊاري ۽ لنگر جو سڄو بندوبست ڪري رهيو آهي. لنگر ۾ ايترن ماڻهن لاءِ ڦلڪا وڏن وڏن توون تي پچايا ويندا آهن. ڀوجن تيار ڪرڻ جو سڀ ڪاريه- سبزي ڪترڻ، اٽو ڳوهڻ، روٽي پچائڻ، دال ڀاڄي وغيره تيار ڪرڻ سنگت ڏاڍي پريم ۽ شيوا ڀاؤ سان ڪري رهي آهي.

لنگر سڀني لاءِ کليل هوندو آهي. چاهي ڪو ستسنگي هجي يا غير ستسنگي. هر ڪنهن کي ڏاڍي پريم سان کاڌو کارايو ويندو آهي. لنگر ۾ ذات ورڻ، اوچ نيچ، امير غريب جو ڪو به ڀيد ڀاؤ ڪونه هوندو آهي. سڀ هڪ ئي قطار ۾ ويهي کائيندا آهن. سڀني کي کاڌو ٿالهين ۾ پائي ڏنو ويندو آهي. کاڌي کائڻ بعد هٿ ڌوئڻ لاءِ نلڪا لڳل آهن ۽ برتڻ صاف ڪرڻ لاءِ پڪي جڳهه ٺهيل آهي.

لنگر لاءِ کڏا پورڻ بعد هن پريم ڀري مٽيءَ جي شيوا ذريعي سنگت ڏيري جي ٻين حصن ۾ به وڏا وڏا کڏا پوري ميدان ٺاهي ڇڏيا آهن. انهن ۽ ٻين سڀني شيوا جي ڪمن پٺيان حضور جن جو پريم، پريرڻا ۽ شڪتي هوندي آهي.

ڏيري ۾ شيوا جو نظارو ڏسڻ لائق آهي. امير، غريب، پڙهيل، اڻ پڙهيل، وڪيل، پروفيسر، جج، وڏا وڏا عملدار

سون سان پڪا ٺهرايا ويا آهن. مهاراج جن ڏيري ۾ اچڻ جا سڀ رستا ۽ ڏيري جا اندريان سڀ مکيه رستا ڏامر سان پڪا ٺهرايا آهن. ڏيري جي چوديواريءَ ٻاهران ٽن پاسن ۾ پڪا رستا ٺهي ويا آهن ۽ هاڻي بياس نديءَ واري طرف به پٽ پرسان رستو ٺاهيو پيو وڃي.

لنگر ۾ هڪ ٢٠ هزار چورس فوٽ (٢٠٠'X١٠٠') وارو وڏو شيڊ ٺهرايو ويو آهي، جنهن جي وچ ۾ ڪٿي به ڪو ٿنڀو يا ٿوڻي وغيره ڪونه آهي. ان جي هيٺان برسات جي ڏينهن ۾ سنگت ويهي کاڌو کائيندي آهي ۽ لڳ ڀڳ پنج هزار ماڻهو هڪ ڀيري کاڌو کائي سگهندا آهن. تازو حضور جن اُن ۾ پنکا به لڳايا آهن ته گرميءَ جي موسم ۾ هتي سنگت آرام به ڪري سگهي. حضور جن اهڙو پيو به هڪ شيڊ ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

سن ١٩٥٥-٥٤ ۾ حضور جن ستسنگ گهر جي اولهه ۾ هڪ به ماڙ وڏي عمارت ٺهرائي آهي جنهن ۾ اٽڪل ١٥٠ ڪمرا آهن. اُن جو نالو ساڌو آشرم آهي. اُهي ڪمرا سنگت جي رهڻ لاءِ ڪم ۾ ايندا آهن.

وڏي ستسنگ گهر (بابا جئمل سنگهه هال) جي اڱڻ سان پراڻي ڪچي اڏاوت ڍهرائي اڱڻ چڱو وڏو ۽ ڪشادو ڪيو ويو آهي. پراڻي اوچي پٽ جي جاءِ تي لوهه جي ريلنگ لڳائي وئي آهي جنهنڪري ستسنگ گهر جي سونهن وڌي وئي آهي. هال جي اندر پنکا لڳايا ويا آهن ۽ گرميءَ ۾ سنگت هتي آرام ڪندي آهي.

سن ١٩٥٥ ۾ ٿي ڀنڊاري جي ستسنگن ۾ سنگت جو عدد اينترو وڌي ويو جو ڀنڊاري جو ستسنگ جو هيلتائين وڏي ستسنگ گهر جي ميدان ۾ ڪيو ويندو هو سو ٻاهر ڪڍڻو پيو. ٻاهر جي ميدان کي (جتي پهرين ڏيري جا

ظهور ڏسي رهيو آهيان.

هڪ دفعي ڏکڻ آفريڪا جو مشهور سنسنگي سرڪارلن گاربيٽ ڏيري ۾ آيو هو. سندس عمر ۸۸ سال هئي. ان ڪري پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ شيوا نه ٿي ڪري سگهيو. شيوا جي وقت حضور جن جي پرسان اچي ويٺو. ڪجهه وقت شيوا جو ڪاريه ڏسڻ بعد چيائين، ”مهاراج جي! ڪي ماڻهو ته ٽوڪرين ۾ خوب مٽي ڀري کڻي ٿا اچن پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جن جي ٽوڪرين ۾ مشڪل ۲ منيون مٽي هوندي. انهن جي شيوا جو ڪهڙو فائدو آهي؟“ حضور جن جواب ڏنو. ”سر ڪارلن! هر هڪ پنهنجي شڪتيءَ انوسار شيوا ٿو ڪري. ان شيوا پٺيان جا پريم ۽ ڀڳتيءَ جي ڀاونا آهي اها اهميت واري آهي، نه ڪ مٽي ٿوري آهي يا گهڻي.“

سو ڏيري ۾ ڪيترن قسمن جي شيوائن ۾ مکيه شيوا مٽيءَ جي شيوا آهي. سال ۾ سنگت ۴۰-۵۰ لک ڪيوب فوٽ مٽي کڻڻ ۾ ڀريندي آهي. اهڙي قسم جي شيوا ذريعي اڄ ڏيري ۾ ڪيترا ايڪڙ زمين سنئين سڌي ڪري ڪارائتي ڪئي وئي آهي.

ائين کڏا ڀرائي، زمين سڌي ڪرائي مهاراج جن ڏيري جي ڏکڻ واري حصي ۾ ۲۵ پڪا شيڊ ٺهرايا آهن جن ۾ ماهوار سنسنگ ۽ ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ زالون اچي رهنديون آهن. هڪ هڪ شيڊ ۾ اٽڪل ٽي، چار سو زالون رهنديون آهن. انهن ۾ تازو حضور جن پنکا به لڳارايا آهن. انهن شيڊن جي پرسان ٽي زالن لاءِ پڪا سنان گهر ۽ فلش جا ڪاڪوس ٺهرايا ويا آهن. شيڊن جي آس پاس ۽ وچ ۾ کليل ميدان آهن، جن ۾ ڇٻر لڳل آهي. سڀ شيڊ پڪن رستن سان جڙيل آهن.

سنگت جي شيوا ذريعي ڏيري جي اندر چونڪ ۽ رستا

نئدا ڪوهه پوري چڙيا آهن ۽ اُنهن تي هاڻي سنگت جي رهڻ لاءِ مڪان ٺهي ويا آهن.

پاڻيءَ جي سٺي بندوبست سبب ڏيري ۾ ڪيترائي گاهه جا ميدان ۽ نئدا نئدا باغيچا لڳايا ويا آهن ۽ رستن جي ٻنهي پاسن کان سندر گلن وارن وڻن جون قطارون لڳايون ويون آهن. ڪيترن کليل ميدانن ۾ يوڪليپٽس ۽ ٻين هزارين قسمن جا وڻ پوکيا ويا آهن. اڄ سنگت انهن وڻن هيٺان ويهي آرام ڪندي آهي.

سلامتيءَ جي خيال کان ڏيري جي چئني طرفن کان ڀت هئڻ ضروري هئي. حضور جن ڏيري جي چئني پاسن کان سرن جي پڪي ڇهه فوٽ اوچي ڀت ڏياري ڇڏي آهي. ڀت جي مٿان ٻه فوٽ اوچائي تائين ڪنڊن واريون تارون هڻايون ويون آهن. هر هڪ پاسي اچڻ وڃڻ لاءِ وڏا ڦاٽڪ آهن ۽ هر هڪ ڦاٽڪ وٽ چوڪيدارن لاءِ ڪمرا ٺهيل آهن. ڊسمبر ١٩٧٠ ۾ بياس نديءَ جي اُتل واري پاسي کان به ڀت ڏياري وئي آهي. ٣٥٠٠ فوٽ ڊگهي ڀت (اوچائي ڇهه فوٽ) ٽي ڦاٽڪ ۽ ١١ ڪمرا سنگت شيوا ڪري ١٥ ڏينهن ۾ تيار ڪيا هئا. ڀت ٺهڻ سان گڏ ڏيري جي چئن ئي پاسن کان حد ٺهي وئي آهي. ڀت جي اندر ڏيري جي اراضي اٽڪل ٻه سؤ ايڪڙ ٿيندي. ڀت جي ٻاهر به سٽسنگ جي زمين آهي جا اٽڪل ٢٠ ايڪڙ ٿيندي.

ايتري سنگت جي اچڻ سان به ڏيري ۾ صفائيءَ جو بندوبست تحسين جوڳو آهي. شيواداري چڱي طرح صفائي رکندا آهن ۽ حضور جن جي اپار دَيا مهر سان ايتري گهڻي سنگت ڪٺي ٿيڻ تي ڪڏهن به ڪا بيماري پيدا ڪونه ٿي آهي. ڏيري ۾ ڪيترن هنڌ عام سنان گهر به ٺهرايل آهن. ڏيري ۾ عورتن لاءِ الڳ الڳ سنان گهر آهن.

ڪيت هئا) سڌو ڪيو ويو ته ان ۾ ٻه لک، ماڻهو ويهي سگهن.
ڇهن پنجن سالن ۾ ان کي اڃا به وڌائڻو پيو ۽ هاڻي ٻه سال
اڳ، ان ۾ ٣-٤ ايڪڙ زمين ٻي به شامل ڪئي ويئي آهي.
هاڻي ته ماهوار سٽسنگن ۾ ٻن لکن کان به وڌيڪ سنگت ايندي
آهي ۽ سٽسنگ بعد انهيءَ ميدان ۾ ڪرڻو پوندو آهي.

ڏيري ۾ حضور جن هڪ نئين بستي ٺهرائي آهي جنهن ۾
٢٥٠ کان مٿي بنگلا ٽائيپ مڪان آهن. انهن ۾ ڪي، هڪ
ڪمري وارا، ڪي ٻن ڪمرن وارا ۽ ڪي ٽن ڪمرن وارا
آهن. ڪمرن جي اڳيان لان (چبر) ۽ ڪشادو رستو آهي ۽
پٺيان پڪو رستو آهي. سڀني مڪانن ۾ بجلي ۽ پاڻيءَ جو
بندوبست آهي، فلش جا ڪاڪوس آهن ۽ پٺيان پست سان
هڪ چونڪ آهي. اهڙي نموني جي مڪانن ٺهڻ جو ڪم
اڃا به ٿي رهيو آهي ۽ اهڙا ڪيترا مڪان هينئر به ٺهن
پيا. اهي مڪان لاڳت کان به گهٽ قيمت تي سٽسنگين کي
ڏنا ويا آهن. سڄي بستيءَ ۾ پاڻيءَ ڊرينيج (پاڻيءَ جو
نيڪال) جو سٺو پربند ڪيل آهي ۽ صفائيءَ تي پورو ڌيان
ڏنو ويندو آهي. سڀني گهرن، جاين وغيره ۾ پاڻي ٢٤ ئي
ڪلاڪ ميسر آهي. وڌندڙ سنگت لاءِ لان (گاهه جو ميدان)
۽ رستن جي ڪنارن تي جيڪي وڻ آهن انهن کي پاڻي
ڏيڻ جي به ضرورت وڌي ويئي آهي. ڏيري ۾ جو کوهه
آهي ان مان پورت نٿي ٿي سگهي ان ڪري حضور جن
نوان ٽيوب ويل ٺهرايا آهن ۽ ٦٠-٧٠ فوٽ اوچيون ٽي
وڏيون پاڻيءَ جون ٽانڪيون ٺهرايون آهن جن مان هر هڪ
۾ ٥٠ هزار گئلن پاڻي ايندو آهي. سڄي ڏيري ۾ پائيپ
لائين ذريعي پاڻي باقاعدي سپلاءِ ڪيو ويندو آهي ۽ ڏيري
جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي سگهندو آهي. ٽيوب ويل ۽
پاڻيءَ جي ٽانڪين جي بندوبست سان گڏ سنگت ڪيترا نيا

دال چانور تيل وغيره سامگري ۽ ڏندن جو پائوڊر، صابڻ وغيره يعني روزمره کم ايندڙ شيون ملنديون آهن. هن اسٽور ۾ به شيون بنا ڪنهن نفعي جي وڪرو ڪيون وينديون آهن.

ڏيري ۾ ٿيندڙ سڀ اڏاوت ۽ وڪاس جا ڪارج حضور مهاراج چرنسنگهه جن جي شخصي هدايتن ۽ نظرداري هيٺ ٿيا آهن ۽ ٿين پيا. هرهڪ مڪان جو نقشو حضور جن جي حڪم انوسار ٺاهيو ويندو آهي ۽ حضور جن انهن نقشن کي چڱي طرح جاچيندا آهن ۽ پوءِ اڏاوت جي منظوري ڏيندا آهن. سٺا سٺا آزمودگار انجنيئر به حضور جن جي هن باري ۾ رُچي ۽ ڄاڻ ڏسي حيران ٿيندا آهن. اهڙي طرح مٿيئن جي شيوا يا ٻئي ڪنهن قسم جي شيوا جو سمورو ڪم حضور جن جي حڪم، اجازت ۽ نظر ثانيءَ ۾ ٿيندو رهندو آهي. حضور جن خود شيوا جي وقت اچي ويندا آهن ۽ سندن موجودگي سنگت کي پريم ۽ اُتساهه سان شيوا ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏيندي آهي.

حضور مهاراج ساون سنگهه مهاراج جن جي وقت کان وٺي ڏيري ۾ هڪ فري لئبرري ۽ ريڊنگ روم آهن. لئبرري کي هاڻي ”مهاراج ساون سنگهه لئبرري“ ڪوٺيو ويندو آهي. روحاني ۽ سنت مت ساهتيه جي دِشٽيءَ کان هيءَ لئبرري پنجاب ۾ پنهنجي ڍنگ جي هڪ ئي لئبرري آهي. اُن ۾ انگريزي، هندي، اُردو، پنجابي، سنڌي وغيره ٻولين ۾ ڪتاب رکيل آهن. فارسي ۽ عربيءَ جا به ڪي چونڊ ڪتاب مؤجود آهن.

وڌندڙ سنگت کي سنت مت ساهتيه پهچائڻ جي دِشٽيءَ کان راڌاسوامي ستسنگ بياس جو پنهنجو پرڪاشن وڀاڳ آهي جو حضور جن جي نگرانيءَ ۾ الڳ الڳ ڀاشائن ۾

سڄي ڏيري ۾ هن وقت سنان ڪرڻ لاءِ ٤-٥ هزار نلڪا لڳل آهن. اهڙي نموني ١٥٠٠ فلش جا ڪاڪوس به ٺهيل آهن.

ڏيري ۾ مهاراج جن سنگت لاءِ ڪيترائي سڀ سهنج ميسر ڪرايا آهن. هڪ ڀوڄن ڀنڊار آهي جتان سنگت پنهنجي لاءِ ڀوڄن خريد ڪري کائي سگهي ٿي، جنهن لاءِ هڪ ٿالهيءَ لاءِ ٥٠ پيسا هاڻي هڪ روپيو آهي. ان ۾ ڦلڪا، ڀاڄيون جيتريون کائو، روڪ ٽوڪ ڪانهي. ڀلي پيٽ ڀري کائو. ڀوڄن ڀنڊار جي سامگري، برتڻ سامان رکڻ لاءِ کاڌو تيار ڪرڻ وغيره لاءِ الڳ مڪان آهن. کاڌو کائڻ لاءِ به وڏا هال آهن. اُنهن ۾ ڪرسيون، ميزون رکيل آهن ۽ پنکا به لڳل آهن بجليءَ جو به پورو بندوبست ڪيل آهي. شروع ۾ کاڌو کائڻ لاءِ هڪ هال ٺهرايو ويو هو پر ڇاڪاڻ ته اهو پورو نٿي پيو ته چار سال اڳ هڪ ٻيو به هال ٺهرايو ويو. ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ ڀوڄن ڀنڊار ۾ ٦-٧ هزار ماڻهو صبوح جو ۽ اوترا ئي شام جو رسوئي کائيندا آهن. کاڌو اسٽيل جي ٿالهين ۾ پائي ڏنو ويندو آهي. ڪانو کارائڻ، برتن صاف ڪرڻ وغيره جو ڪار نه شيوا ڀاوي پريمي ستسنگي ڪندا آهن. اُنهن ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، واپاري، وڪيل، آفيسر ۽ زالون مرد هوندا آهن.

ڀوڄن ڀنڊار ڀرسان ئي چانهه ۽ ناشتو ڪرڻ لاءِ ڪئنٽين هوندي آهي جنهن ۾ سنگت چانهه، پڪوڙا، سنبوسا، ڊبل روٽي وغيره ناشتي جو سامان خريد ڪري سگهندي آهي. ڀنڊاري جي وقت سنا تازا ميوا خريد ڪري آندا ويندا آهن ۽ سنگت کي بنا ڪنهن نفعي (خريدان خريد) ڏنا ويندا آهن. حضور جن جي منظوريءَ سان ڏيري ۾ هڪ ننڍو پرووزن يا جنرل اسٽور کوليو ويو آهي، جنهن ۾ اٽو

سان لاڀ وٺي سگھن. هتي ٻن اهميت ڀريل پستڪن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اُنهن ۾ هڪ آهي پرمارٿي پتر (ڀاڱو پهريون) ۽ ٻيو آهي مهاراج چرنسنگھ جن طرفان ڪيل بائيبل جي وياکيا.

’ پرمارٿي پتر ‘ ۾ بابا ڄيمل سنگھ مهاراج جن جا اُهي خط آهن جي هنن حضور مهاراج ساون سنگھ جن کي وقت بوقت لکيا هئا. اهي خط روحاني گيان جو ساگر آهن. انهن خطن کي حضور وڏن مهاراج جن سنڀالي رکيو هو. هوُ اُهي خط وري وري پڙهندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته کين ڪنهن به ويد شاستر، گرنٿ يا پوٿيءَ پڙهڻ جي ضرورت ڪونهي. وٽن سندن ستگرن جون چٺيون آهن جي سندن لاءِ سڀئي شاسترن ۽ گرنٿن کان به وڌيڪ گيان ڀريون آهن. حضور ساون سنگھ مهاراج جن پنهنجي آخرين وصيت ڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ١٩ مارچ ١٩٤٨ تي اهي املهہ چٺيون مهاراج چرنسنگھ جن جي حوالي ڪيون. چٺين ڏيڻ کان اڳ، انهن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايائون ۽ مٿي تي رکيائون. حضور جن جي نيترن مان پريم جا آنسون وهڻ لڳا. گهڻي پيار سان مهاراج جن، چرنسنگھ جن جي هٿن ۾ چٺين جي پيٽي ڏيندي فرمايو، ”پُٽ! هيءَ منهنجي نهايت املھ ۽ درلڀ جائداد آهي جا مان تنهنجي سپرد ڪريان ٿو. اها پريم ۽ سڪ سان سنڀالي رکجانءِ.“

اهي پتر حضور مهاراج چرنسنگھ جن وٽ چڱي طرح سنڀال سان رکيل آهن. هنن ڪرپا ڪري انهن کي ڇپائڻ جي آگيا ڏني، انهيءَ لاءِ ته سنگت باباجي مهاراج جن جا انمول وچن پڙهي انهن مان لاڀ وٺي سگهي. انهن پترن جو هندي، اردو، مرهٽي سنڌي، ۽ انگريزيءَ ۾ انواد ٿي چڪو آهي.

سڀ سنت مهاتما پرم پتا پرماتما روپي ساگر مان اچن ٿا

سنت مت ساهتيہ ڇپائي رهيو آهي. سنہ ١٩٥١ تائين انگريزيءَ ۾ فقط پنج ڇهہ ۽ ٻہ ٽي پنجابيءَ ۾ ڪتاب ڇپايل هئا. پنجابيءَ ۾ پهريون گرنٿ هو "شبد ڪي مهما ڪي شبد" جنهن ۾ حضور مهاراج ساون سنگهہ جن گرو گرنٿ صاحب مان ڪيئي شبد چونڊي سنگرهہ ڪيا هئا. ٻيو حضور ساون سنگهہ مهاراج جن طرفان لکيل "گرمت سڌانت" نالي گرنٿ هو جو ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايو ويو هو.

حضور مهاراج چرنسنگهہ جن ستگرو گديءَ تي ويهڻ سان ئي ان ڳالهہ ڌانهن ڌيان ڏنو. سندن پريرڻا ۽ رهنمائيءَ ۾ سنت مت ساهتيہ جي ڇپائڻ جو ڪاريہ شروع ٿيو هو ۽ اڄ ڀارت جي سڀني مکيہ ٻولين ۾ ڏيري طرفان ڇپايل ساهتيہ ملي رهيو آهي. هندي، انگريزي، پنجابي، اردو، سنڌيءَ ۾ ڪيترائي پستڪ ڇپجي چڪا آهن ۽ مرهٽي، گجراتي، بنگالي، تامل، تيلگو، ڪنڙ ۾ بہ ڪي ڪتاب ڇپايا ويا آهن. اڄ سنت مت ساهتيہ نہ رڳو ڀارت ۾ بلڪ ٻين ديشن ۾ بہ ڪيترن ئي ٻولين ۾ ڇپجي رهيو آهي. انگريزي، فرينچ، اسپئنش، ڊچ، جرمن، گريڪ، لئٽن، پولش، هيبرو ۽ عربيءَ ۾ بہ ڏيري طرفان ڇپايل پستڪن جو ترجمو ٿي چڪو آهي ۽ ٿئي پيو.

حضور مهاراج ساون سنگهہ جن جا پنجابيءَ ۾ ڇهہ ستسنگ، ڇپجي چڪا آهن ۽ انهن جو ترجمو ٻين ڀاشائن ۾ ٿي رهيو آهي. گرمت سڌانت جو هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. اهڙي طرح حضور مهاراج چرنسنگهہ جن جي پستڪن ۽ ستسنگن جو بہ ڪيترن ئي ڀاشائن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

ڏيري طرفان ڇپايل ساهتيہ لاڳت کان بہ گهٽ قيمت تي وڪيو ويندو آهي ان لاءِ تہ سڀئي ستسنگي ۽ جگياسو آسانيءَ

جا ڪيل ستسنگ، ڇپايا ويندا. *

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي پوتر ياد گيريءَ ۾ ڏيري ۾ هڪ اسپتال کولي وئي آهي جنهن جو نالو "مهاراج ساون سنگهه اسپتال" رکيو ويو آهي. اسپتال ۾ هڪ سٺو آزمودگار ڊاڪٽر مقرر ڪيل آهي. پر ستسنگين مان به ڪيترا ڊاڪٽر وقت به وقت اچي اسپتال ۾ مفت سيوا ڪندا آهن. هن وقت اسپتال ۾ ١٦ پلنگن وارو انڊور پيشنٽ وارڊ، رت وغيره جي تپاس لاءِ ليبارٽري ۽ هڪ ننڍو آپريشن ٿيئيٽر آهن. اسپتال ۾ علاج مفت ٿيندو آهي ۽ دوا به مفت ڏني ويندي آهي. ماهواري ستسنگ وارن ڏينهن تي ڏندن، اکين، نڪ، گلي ۽ ڪن جا اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ۽ سرجن وغيره اچي اسپتال جي سيوا ۾ هٿ ونڊائيندا آهن. ڏيري ۾ جڏهن به ڏکڻ آفريڪا جي نٽبو ڪٽنب مان ڪو ڊاڪٽر ايندو آهي ته اهو پنهنجو ڪافي وقت بيمارن جي سيوا ۾ ڏيندو آهي. ڏيري جي آس پاس وارن ڳوٺن ۾ ڪابه فري اسپتال ڪونه آهي ۽ شهر ۾ گهڻي خرچ سبب ڪيترائي بيمار هتي اچي اسپتال جو فائدو وٺندا آهن. انڊور وارڊ هميشه ڀريو پيو هوندو آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ بيمار ايندا رهن ٿا.

سنگت جي آتمڪ لاڀ سان گڏ مهاراج جن جو سنگت جي صحت ڏانهن به گهڻو خيال هوندو آهي. پهاڙي علائقن ۽ ڳوٺن وارن ايراضين جي دورن ۾ حضور جن ڏٺو ته ماڻهن کي اکين جون بيماريون گهڻيون آهن ۽ ڪيترا ماڻهو موتيي سبب پنهنجي نظر وڃائي رهيا آهن. انهيءَ ڪري مهاراج جن سنه ١٩٦٥ ۾ ڏيري ۾ هڪ اکين جي ڪئمپ لڳائي.

---

* اهي پستڪ هاڻي ڏيري جي پاران ڇپجي چُڪا آهن.

۽ مالڪ سان ملڻ جي مارگ جو ساڳيو ئي اُپديش ڏيئي موٽي انهيءَ ساگر ۾ سمائجي ويندا هئا. اُنهن جي وڃڻ بعد لوڪ ٻاهر مکي ڪريائن ۽ رسمن ۾ ڦاسي سندن اصلي اُپديش کي وساري ويهندا آهن. سنت ان حقيقت کي وري ظاهر ڪري سڄڻ جگياسين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. حضور مهاراج چرنسنگهه جن بائيبل جا لڪل امولهه روحاني راز اولهه وارن ملڪن جي جگياسين کي کولي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حضور جن فرمائيندا هئا ته شبد جي مهما، ديهه سروپ ستگروءَ جي ضرورت، ڪرم سدانت ۽ آواگمن (جنم مرڻ) جي نيمن بابت هدايتون بائيبل ۾ به صاف ڏنل آهن. وديش مان ڏيري ۾ ايندڙ جگياسين ۽ ستسنگين کي حضور جن بائيبل جي آڌار تي سنت مت جا سدانت سمجهائڻ شروع ڪيا. ڪجهه وقت کانپوءِ حضور جن بائيبل مان انگريزيءَ ۾ ستسنگ ڪرڻ شروع ڪيو. پنهنجي يورپ، آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا وغيره ملڪن جي ستسنگ ياترائن ۾ جڏهن حضور جن بائيبل جي سينٽ جان جي اڌياءَ جي وياکيا ڪندي ستسنگ فرمايا ته اُتي جي ستسنگين ۽ جگياسين تي ڏاڍو اثر ٿيو. عيسائي مذهب جي واتاورڻ ۾ پليل جگياسين کي مهاراج جن سمجهايو ته سنتن جو مارگ ڪو نئون ڌرم يا مت ڪونه آهي. اهو ته اناد ڪال کان هلندو آيو آهي ۽ حضرت عيسيٰ به اهائي سکيا ڏني آهي. اتي جي سنگت، ستسنگن کي ٽيپ رڪارڊ ڪيو هو ۽ ان جي ڪاپي موڪلي عرض ڪيائون ته مهاراج جن اُهي پستڪ جي روپ ۾ ڇپائڻ جي منظوري ڏين. گهڻو ڪري سڀني ڪيندرن مان حضور جن وٽ اهڙا وينتي پتر آيا هئا ۽ حضور جن ١٩٦٧ ۾ سينٽ جان جي سکيائن تي ڪيل ستسنگن کي ڇپائڻ جي اجازت ڏني. هاڻي سينٽ مٿيو جي سکيائن تي به حضور جن

ايراضي صاف ڪٽي ويندي آهي.

هڪ وڏو آپريشن ٿيئيٽر تيار ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ مريضن کي آپريشن کان اڳ تيار ڪرڻ ۽ آپريشن ڪرڻ جا جدا جدا حصا آهن. مريضن کي پلنگ، چادر، رضائي، ٽوال وغيره ڏيري طرفان ڏنا ويندا آهن. حضور جن جي ديا مهر سان هيل تائين هر سال سڀ آپريشن ڪامياب ويا آهن. ڊاڪٽر پاهوا جي قابليت، شيوا ڀاوُ ۽ لگن سان سڀ مريض ۽ شيوادار ڏاڍو پرڀاوت ٿيندا آهن. موتيي جي آپريشن جي سڦلتا ۾ ڊاڪٽر جي هوشياريءَ سان ڪيل آپريشن بعد مريضن جي ديک ڀال ۽ صفائي به ضروري آهن. ڊاڪٽر پاهوا جي رائي موجب آپريشن جي ڪاميابي سني بندوبست، صفائي ۽ شيوادارن جي رات ڏينهن جي محنت سبب آهي.

هاڻي ڪئمپن ۾ ايندڙن جو تعداد ڏن بدن وڌندڙ آهي ۽ حضور جن جو حڪم آهي ته سڀني قسمن جي ماڻهن کي لاڀ ملڻ گهرجي پوءِ ڪٿي ستسنگي هجن يا غير ستسنگي.

پنجاب سرڪار جي هيلٿ کاتي جي عرض ڪرڻ تي حضور جن بلڊ بئنڪ (رت ڪٺو ڪرڻ لاءِ بئنڪ) ڪاميٽيءَ کي ڏيري ۾ اچي رت دان وٺڻ جي اجازت ڏني آهي. ضرورت انوسار بلڊ بئنڪ جا ڊاڪٽر سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا ڏيري ۾ ايندا آهن. مهاراج جن جي ٿوري ئي اشاري ملڻ سان سنگت رت ڏيڻ لاءِ ڊوڙندي ايندي آهي. پهريون دفعو جڏهن بلڊ بئنڪ وارا رت وٺڻ آيا ته رت ڏيڻ وارا ايترا ماڻهو اچي ويا جو وٽن رت وٺڻ لا يا رکڻ لاءِ جوڳو بندوبست ئي نه هو. هاڻي به ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ اُنهن کي ڪم بند ڪرڻو پوندو آهي ڇاڪاڻ ته هنن وٽ رت رکڻ لاءِ ايترو بندوبست ڪونه هوندو آهي. اهڙي طرح رت دان ڪرڻ وارن کيترن پريمين کي نراس ٿيڻو پوندو.

اُتر پرديش جي سيتاپر جي اکين جي اسپتال مان اکين جا ماهر ڊاڪٽر گهرايا ويا. ديش جو مشهور ڊاڪٽر جي. ايم. پاهوا پنهنجن ڊاڪٽرن جي ٽولي وٺي آيو ۽ فيبروري ١٩٦٥ ۾ ڏيري ۾ پهرين اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي. ٩٥٠ وڏا ۽ ٣٠٠ ننڍا آپريشن ڪيا ويا ۽ اٽڪل ٻن هزارن اکين جي بيمارن جو علاج ڪيو ويو. مهاراج جن جي ديا مهر سان سڀ آپريشن ڪامياب ويا.

سنه ١٩٦٥ کان ١٩٧١ تائين پنج اکين جون ڪئمپون لڳي چڪيون آهن. انهن ڪئمپن جو انتظام سٺي نموني ڪيو ويندو آهي. اکين جي ڪئمپ وقت ڪيترن هنڌن تان سٺسنگي ڊاڪٽر اچي سيوا ڪندا آهن. ڪئمپ جي ڏينهن ۾ اکين جي علاج سان گڏ ٻين بيمارين جو به علاج ڪيو ويندو آهي. هر هڪ مريض جي چڱي طرح تپاس ڪئي ويندي آهي جنهن ۾ رت، پيشاب، رت جو دٻاءُ وغيره. ڳالهين جي چڪاس ڪئي ويندي آهي ۽ آپريشن لائق مريض ڪنيا ويندا آهن. آپريشن سان گڏ ٻين اکين جي بيمارين لاءِ مفت دوا به ڏني ويندي آهي. موتيي جي آپريشن جي مريضن کي عينڪون مفت ڏنيون وينديون آهن. بيمارن لاءِ گهر ٻل ڀوڄن جو پڻ خاطر خواهه بندوبست ڪيو ويندو آهي.

اکين جي ڪئمپ ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، واپاري، وڪيل، سرڪاري آفيسر وغيره زالون ۽ مرد اچي سيوا ڪندا آهن. اُهي سيوادار ديش جي جدا جدا هنڌن تان ايندا آهن ۽ ڪئمپ جو سمورو وقت ڏيري ۾ رهي ڏاڍي پيار سان سيوا ڪندا آهن. ڪئمپ لاءِ ٢٤ جنتا شيڊ ڪم ۾ ايندا آهن. اُهي الڳ الڳ وارڊن ۾ ورهايا ويندا آهن ۽ هر هڪ وارڊ لاءِ ڊاڪٽر ۽ سيوادار مقرر ڪيا ويندا آهن. انهن ڏينهن اڳ سڀ شيڊ ۽ ان جي آس پاس سموري

هُو اُها پريم ڀري شيوا لڳن ۽ محنت سان ڪري رهيو آهي.

سن ١٩٥١ ۾ وديش مان ايندڙ سٽسنگين لاءِ فقط هڪ گيسٽ هائوس هو جنهن ۾ هيٺ مٿي ڪل چار سمهڻ جا ڪمرا هئا. اُنهيءَ وقت سڄي سال ۾ وديش مان ۴ يا ۵ سٽسنگي ايندا هئا پر ٿوري وقت ۾ وديش مان ايندڙن سٽسنگين ۽ جگياسين جو تعداد وڌڻ لڳو ۽ ١٩٥٥ ۾ ٽن ڪمرن وارو هڪ گهر ٺهرايو ويو. ١٩٥٤ ۾ راڻي لڪشمي ٻائي راجواڙي هڪ بنگلو پنهنجي رهڻ لاءِ ٺهرايو هو جنهن کي 'راڻيءَ جي ڪوٺي' چوندا آهن. وديشن مان ايندڙ سنگت کي رهائڻ لاءِ هن اُهو بنگلو مهاراج جن جي حوالي ڪري ڇڏيو پر اُهو به ننڍو محسوس ٿيڻ لڳو ۽ ٿوري وقت کانپوءِ ٨ ڪمرن وارو هڪ ٻه ماڙ گيسٽ هائوس ٻيو به ٺهرايو ويو.

مهاراج جن جي وديشي دورن سبب اُتان ايندڙن جگياسين جو تعداد به وڌڻ لڳو ۽ حضور جن سن ١٩٦٥ ۾ هڪ ٣٧ ڪمرن وارو ٻه ماڙ گيسٽ هائوس ٻيو به ٺهرايو. هيءَ هڪ تمام سندر عمارت آهي. هن ۾ هيٺ هڪ سواگت هال ۽ مٿي هڪ وڏو ميٽنگ هال آهي جنهن ۾ اٽڪل ١٥٠ ماڻهو ڪرسين تي ويهي سگهن ٿا. مهاراج جن هن هال ۾ وديشي سٽسنگين لاءِ روزانو انگريزيءَ ۾ سٽسنگ فرمائيندا آهن. هن گيسٽ هائوس جي پٺئين حصي ۾ هڪ وڏو ڊائيننگ هال (ڀوڄن هال) آهي جنهن ۾ گيسٽ هائوس ۾ رهندڙ سنگت ڀوڄن ڪندي آهي. ان سان گڏ هڪ رسوئي گهر آهي جنهن ۾ انهن لاءِ کاڌو تيار ٿيندو آهي.

هن مهمان گهر جي پوري رٿا ۽ ڊزائين حضور جن پاڻ تيار ڪرائي آهي. سمورو اڏاوت جو ڪارج به حضور جن جي نگرانيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. هوشيار ڪاريگرن جي ڪم

شريمتي هرجيت ڪؤر جنهن کي سنگت عزت وچان " ماتا جي " چوندي آهي تنهن پساوا هائوس (جو سندس پتا راءِ بهادر شوديان سنگهه جي ڪوٺي آهي) ۾ هڪ قدرتي علاج Nature Cure جو سينٽر کوليو آهي. ان ۾ قدرتي شيون- مٽي، پاڻي، ٻاڦ، سج جي ڪرڻن وغيره ذريعي علاج ڪيو ويندو آهي. ان سينٽر جي انچارج ۽ ڊاڪٽر ماتا جي آهي. سندس لگن، محنت ۽ سيوا سبب هيءُ سينٽر ننڍي پيماني وارو هوندي به ديش جي سٺن مکيه سينٽرن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. اهو هلائڻ لاءِ سمورو خرچ ماتا جي پاڻ ڪندي آهي. ڪيندر ۾ لائق ۽ ٽرينڊ شيوادار آهن جي ماتاجيءَ جي نگرانيءَ هيٺ پريم سان ڪاريه ڪري رهيا آهن.

حضور مهاراج ساون سنگهه جن جو پريمي ستسنگي ڊاڪٽر رينڊولف استون گنڊريل ۱۴-۱۵ سالن کان سرديءَ جي مؤسم ۾ ڇهن مهنن لاءِ ڏيري ۾ ايندو رهندو آهي. اپياسي ستسنگي ۽ قابل ليکڪ* هئڻ سان هوُ هڪ سٺو ڊاڪٽر به آهي. سندس علاج جي طريقي "پولارٽي ٿيراپي" جو منش جي شرير جي نسن ۽ پراڻن سان سنبنڌ آهي.

هوُ آميريڪا ۾ به سنه ۱۹۱۴ کان پرئڪٽس ڪري رهيو آهي ۽ اُتي پنهنجي قابليت ذريعي بيشمار ڪٺن بيمارين جو علاج ڪامياٻيءَ سان ڪري چڪو آهي. هن پنهنجي ڊاڪٽري علاج تي ڪيترائي پستڪ لکيا آهن ۽ آميريڪا ۾ هن ڏاڍي هاڪ ڪئي آهي. هوُ ڏيري ۾ رهي پيارس ۽ ٻين ديشن جي سوين بيمارن جو هر سال مفت علاج ڪندو آهي. هن وقت هو ۸۰ ورهين کان به وڌيڪ عمر جو ٿيندو پر اڃ به

*سندس پستڪ 'مسٽڪ بائيبل' چڱو مشهور ٿيو آهي.

ويا ۽ پوڄن ڪيائون ·

پر اهي سڀ جايون اڄا به ڪافي نه آهن. سنه ١٩٧١ ۾ وديشن مان ڪل ٤٦٢ ماڻهو آيا هئا جي ٽن هفتن کان اٺن ڏهن هفتن تائين رهيا. پر هن سال آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا، يورپ، آسٽريليا، نيوزيلينڊ وغيره ديشن مان اينترا سٽسنگي اچڻ لاءِ خواهشمند آهن جو جڳهه جي ڪميءَ سبب اُنهن کي روڪڻو پيو آهي. اهو ڏسي حضور جن گيسٽ هائوس جي ڇاطي ۾ ٽي ٻه ٻيا بنگلا ٺهرائڻ شروع ڪيا آهن جن مان هڪ ۾ ٢٥ ۽ ٻئي ۾ ٣٠ ڊبل بيڊ رومس هوندا. انهي سڀني ڪمرن سان گڏ فلش جا ڪاڪوس ۽ سنان گهر به هوندا. ٺئين ۽ پراڻي گيسٽ هائوس جي سڀني ڪمرن ۾ آرام دائڪ فرنيچر، باٿ روم ۽ ڏينهن رات ٿڌي ۽ گرم پاڻيءَ جو بندوبست ڪيل آهي.

سنگت جي سهوليت، آرام ۽ رهائش لاءِ ڏيري ۾ لڳاتار ڪاريه ٿيندا ٿي رهن ٿا. باباجي مهاراج جن جا وچن هئا ته هتي ”نيسي ڪنڊي چلتي ٿي رهيگي.“ سو اڏاوت جو ڪاريه هميشه هلندو رهندو آهي. ٻاهران ايندڙ سنگت جي سهوليت لاءِ بياس اسٽيشن تي هاڻي سڀ ريل گاڏيون بيهنديون آهن. جي٠ٽي٠ روڊ تي هلندڙ بسون به ڏيري مان ٿينديون اچن وڃن ٿيون. ١٩٥١ تائين ڏيري ۾ بجلي روشني ڪونه هئي. هاڻي نه رڳو ڏيري جي اندر پر هر ڪنهن چونڪ، ميدان ۽ رستي تي ٽيوب لائيٽس لڳل آهن، بلڪ حضور جن جي ديا سان ڏيري کان اسٽيشن ڏانهن ويندڙ سايون ٽن ميلن جي رستي تي به ٽيوب لائيٽس لڳايون ويون آهن. بس، ٽانگن ۽ سائيڪلين جي بيهارڻ لاءِ جڳهيون وڏن ميدانن ۾ ٺاهيون ويون آهن. اڄ ڪلهه ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ سؤ ڏيڍ سؤ بسون ٻاهران اينديون آهن.

ڪي ڇڏي باقي سڀ ڪم سنگت جي شيوا ذريعي پورا ڪيا ويا آهن. مهاراج جن پاڻ انهيءَ شيوا جي وقت اُتي موجود هوندا هئا. جڏهن ڇت ڀرڻ جو وقت آيو تڏهن جولاءِ جي گرميءَ جا ڏينهن هئا. انجنيرن جو خيال هو ته مضبوطيءَ جي خيال کان بهتر ٿيندو ته انهيءَ سيمينٽ جي ڇت ڀرڻ جو ڪم هڪ ئي دفعي ۾ ٿيڻ گهرجي. صبوح جو ٧ بجي کان ڇت ڀرڻ جو ڪم شروع ٿيو. مهاراج جن صبوح جو فقط ١٥ منٽن لاءِ ستسنگ ڪيو ۽ سنگت کي فرمايائون ته هتان اُٿي ڇت ڀرڻ جي شيوا ۾ لڳي وڃو. سنگت به شيوا ۾ جنبي وئي ۽ صبوح جو ساڍي ستين بجي کان ڏينهن جو ٽين بجي تائين اُها شيوا بنا ڪنهن رڪاوٽ جي چالو رهي. حضور جن به سمورو وقت گيسٽ هائوس جي ميدان ۾ هڪ وڻ هيٺان ڪرسيءَ تي ويٺا رهيا. جولاءِ جي سخت گرميءَ ۾ سنگت ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان شيوا ڪري رهي هئي. حضور جن سيني شيوا ڪندڙن کي پنج ڇهه ڀيرا شربت پياريو. انجنيرن عرض ڪيو ته حضور جن ڀوڄن ڪن ۽ ڪجهه وقت آرام وٺن، پر حضور جن اها ڳالهه منظور نه ڪئي. ٽين بجي ڇت ڀرڻ جو ڪم پورو ٿيو. حضور جن صبوح جو ٧ کان ٽين بجي تائين رڳو هڪ پيالو ڪافيءَ ڪانسواءِ ڪجهه کاڌو پيتو ڪونه هو. شيوا ختم ٿيڻ تي مهاراج جن لنگر مان ڀوڄن گهرايو، سيني شيوا ڪندڙن کي پنهنجي سامهون وهاري ڀوڄن ڪارايو ۽ پنهنجي مبارڪ هٿن سان اُنهن کي روٽيءَ جو پرساد ڏنو. اهو نظارو به ڏسڻ جهڙو هو. حضور جن جو مکڙو پريم ۽ خوشيءَ ۾ ٽڙي رهيو هو ۽ ستگرن جا سهاونا درشن ڪري سنگت کان ٿڪاوٽ ئي وسري وئي. جڏهن شيوا ڪندڙن رسوئي کائي ختم ڪئي تڏهن مهاراج جن کين وڃڻ جي اجازت ڏني. پاڻ ٤ بجي ڌاري اُتي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾

ايندو آهي تہ اهو بہ اها ڳالھ سويڪار ڪندو آهي تہ ڏيري ۾ بيحد پريم ۽ شانتيءَ جو واتاورڻ آهي ۽ حقيقت ۾ هي آستان "ڌرتيءَ تي سرڳ" آهي.

١٠- ڏيري ۾ روزانو ڪاريہ ڪرم

ڏيري ۾ رهندڙن ۽ ديش وديش کان هتي ايندڙ ستسنگين ۽ جگياسين لاءِ روز مرهہ جي ڪاريہ ڪرم جا نيم هڪ جهڙا مقرر ڪيل آهن. ستسنگيءَ کي روز صبوح جو سوا ٽين بجي اُٿڻو پوندو آهي پوءِ ڪٽي ڪڙاڪي جي سردي هجي يا گرمي ۽ گُهٽ هجي. سوا ٽين بجي ڏيري ۾ گھگھرو وڄندو آهي. ستسنگي ڏيري جي شانتي ۽ خوشيءَ واري واتاورڻ ۾ رات جي آرام بعد شرير هلڪو ۽ تندرست، ۽ من ۾ آنند محسوس ڪندا آهن ۽ بستري مان اُٿي پنهنجن سمرن لاءِ وهندا آهن. ڏينهن جو ڪو بہ ڪم ڪرڻ کان اڳ مالڪ جي ڀڳتي ۽ عبادت ڪندا آهن. اڍائي ڪلاڪ سرت شبد جو ابياس ڪرڻ کانپوءِ اٽڪل ڇهين بجي هو ڀڄن تان اُٿندا آهن.

گرمين ۾ صبوح جو سوائين اٺين بجي ۽ سردين ۾ ساڍي نوين بجي ستسنگ ٿيندو آهي. جنهن ۾ حضور جن تشريف وٺي ايندا آهن ۽ هڪ يا ڏيڍ ڪلاڪ پنهنجي مڌر واڻي ۽ سرل ڀاشا ۾ ستسنگ فرمائيندا آهن يا حضور جن جي اجازت سان ڪو نہ ڪو ڀائي سندن پرسان ويهي ستسنگ ڪندو آهي ۽ سنگت حضور مهاراج جن جي درشن جو لاڀ وٺندي آهي. سمورو واتاورڻ آتمڪ چيتنتا ۽ اُتساهہ سان ڀريل هوندو آهي ۽ جگياسين کي پنهنجي شنڪائن جو سماڌان ملندو آهي.

ستسنگ بعد سنگت پنهنجي گهرن جا ڪم ڪاريون،

سروس بسن جي تہ ڳالھ ئي نہ پڇو.

ستسنگ ۾ سنگت گھڻو وڏي ويٺي آهي. ڀنڊاري جي ڏينھن ۾ ٽي چار لک تي ويندي آهي. ڪھڙي نموني پورن شانتي ۽ شرڌا سان لوڪ ستسنگ ٻڌندا آهن اهو نظارو ڏسڻ لائق آهي. ستسنگن ۾ لائوڊ اسپيڪرن جو بہ سٺو بندوبست هوندو آهي. شاميانا ۽ فراسن وڇائڻ جي ڪم جو بہ پورو پورو انتظام هوندو آهي ۽ ايتري سنگت جي لاءِ لنگر جا دروازا بہ کليل هوندا آهن. سڀني جي ڏاڍي پريم سان ديک ڀال ڪئي ويندي آهي ۽ سوين ستسنگي ايندڙ سنگت جي سيوا ۾ ڏاڍي لگن ۽ شرڌا سان لڳا پيا هوندا آهن.

جيئن جيئن سيوا جو ڪاريہ وڌندو ويٺو تيئن مهاراج جن جي ديا سان سيوادار بہ اهڙي طرح وڌندا وڃن ٿا. ستگرن جي پريم ۽ ڀڳتيءَ جي پوتر واتاورڻ ۾ سيوادار ڏينھن رات محنت سان ڪم ۾ لڳا پيا هوندا آهن. جڏهن بہ ڪا ضرورت پوندي آهي يا خاص ڪنن سيوا هوندي آهي تہ گھمان، وڊالا، ويلا، مانڪو وغيره ڳوٺن جي سنگت اچي ڏاڍي اُتساهہ سان ڏينھن رات سيوا ڪندي آهي.

پاڻي، بجلي، انجنيرنگ، اڏاوت وغيره سڀني ڪمن لاءِ الڳ الڳ کاتا آهن جن ۾ هوشيار ۽ آزمودگار رٽائرڊ آفيسر، واپاري ۽ ٻيا ناگرڪ مقرر ٿيل آهن. اُهي سيوا ڀاؤ رکندڙ پريمي مفت سيوا ڪندا آهن ۽ پنھنجو گذارو پنھنجي پينشن ۽ ٻي شخصي آمدنيءَ مان ڪندا آهن. ڏيري جي ايتري وڏي پيماني تي وستار ۽ وڪاس جي باوجود پريم، ڀڳتي ۽ روحانيت سان ڀرپور واتاورڻ هميشھ قائم هوندو آهي. سيوا ۽ روحاني اڀياس ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي ۽ سنگت نيم سان سمرن ڀڄن ڪندي آهي. ڪير بہ

ماڻ خاص بسون هلنديون آهن. ڏيري ۾ اُنهن بسن جي بيهڻ لاءِ هڪ عارضي وڏو بس اسٽئنڊ ٺاهيو ويندو آهي، پر تہ بہ اهو پورو نہ پوندو آهي. سنگت کي ڏيري ۾ پهچائڻ لاءِ اسٽيشن ۽ جي-ٽي روڊ تي خاص بسن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي جن ۾ چڙهي سنگت ڏيري ۾ پهچندي آهي.

هزارين شيوادار سنگت جي شيوا لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن، جي سنگت جي ڏاڍي لگن سان شيوا ڪندا آهن جيئن تہ بس اسٽئنڊ ۽ اسٽيشن تي ايندڙ ويندڙ سنگت جي سار سنڀال لهڻ، کين بسن ۽ ريل گاڏين ۾ چاڙهڻ ۽ لاهڻ، اُنهن جو سامان کڻڻ ۽ اُنهن کي ڏيري تائين پهچائڻ وغيره. ٽرين اسٽيشن تي ڏينهن جو پهچي چاهي رات جو يا ٻنپهرن جو شيوادار ۽ بسون هر وقت سنگت جي شيوا لاءِ تيار بيٺا هوندا آهن، جي اُنهن کي تمام پريم ۽ عزت سان ڏيري تائين پهچائيندا آهن. ڏيري ۾ پهچڻ بعد رهائش جي بندوبست جو دفتر ۽ شيوا سمتيءَ وارا سنگت کي رهائش جو سمورو پربنڌ ڪندا آهن ۽ ستگرن جي لنگر، ڀوڄن ڀنڊار ڪئنٽين ۾ چانهہ وغيره جو تمام سٺو بندوبست ٿيل هوندو آهي. ڀنڊاري کان چار پنج ڏينهن اڳ ۾ جيئن جيئن سنگت ڏيري ۾ وڌيڪ ايندي رهندي آهي تہ ڪئنٽين جو تعداد بہ وڌي ٥-٦ تائين پهچي ويندو آهي، ڀيڙ جي ڀاڃيءَ لاءِ جڳهہ جڳهہ تي پياءُ کوليا ويندا آهن جيئن سنگت کي ڪا بہ تڪليف نہ ٿئي. ڪاڌي پيئڻ ۽ رهائش جو سڄو ڪاريہ شيوادار ئي سنڀاليندا آهن. اُنهن وڀاڳن جا انچارج هميشہ ڏيري ۾ رهندڙ، رٽاير آزمودگار سڄڻ هوندا آهن.

صبوح جو ناشتي ۽ چانهہ وغيره بعد ستسنگ ٿيندو

ٻوڄن وغيره ڪري آرام ڪندي آهي سياري ۾ ٽين ٻڄي ۽ اونهاري ۾ ڇهين ٻڄي شيوا جي گهنٽي وڄندي آهي. جيڪي ستسنگي شيوا ڪرڻ چاهيندا آهن ۽ جنکي ڏيري ۾ ڪا ٻي شيوا ڪرڻ لاءِ نہ هوندي آهي، سي ڏاڍي پريم ۽ اُتساهہ سان شيوا ڪندا آهن. اُن وقت حضور جن پاڻ اُتي موجود هوندا آهن.

هيءَ شيوا انيڪ قسمن جي هوندي آهي جا ضرورت ۽ سهوليت انوسار بدلجندي رهندي آهي. ڏيري ۾ سڄو سال شيوا هلندي رهندي آهي، جن مان مکيہ آهن دڙا کوٽي مٽي ڪڍي زمين سڌي ڪرڻ ۽ سروَن ٻڄي روڙي ناهڻ.

ٻن اڍائي ڪلاڪن جي شيوا بعد سنگت واپس پنهنجي رهائشي جاين تي ويندي آهي. شام جو ڇهين ٻڄي کان اٺين ٻڄي تائين رات جي روٽي کائيندا آهن ۽ نوين ٻڄي کان ستسنگي پنهنجن بسترن ۾ وڃي ڪجهہ وقت سمرن ڀڄن ڪري سمهي پوندا آهن.

اهڙي نموني ڏيري ۾ ستسنگين جو ڏينهن اٽڪل ١٨-١٩ ڪلاڪن جو ٿيندو آهي. جنهن ۾ روحاني ابياس، ستسنگ، شيوا يا شرم دان ۽ ڪجهہ وقت آرام لاءِ هوندو آهي.

هر ڀنڊاري تي هن روزمرهہ جي ڪاريہ ڪرم ۾ ضرورت موجب ٿوري ڦير گهير ٿيندي رهندي آهي. ڀنڊاري کان هڪ هفتو پهرين دور دور جي شهرن ۽ ويجهن ڳوٺن مان سنگت اچڻ شروع ٿي ويندي آهي. ڀنڊاري جي ڏينهن نهايت وڏي تعداد ۾ سنگت ڏيري ۾ پهچندي آهي. موٽر، بس، ٽرئڪٽر، ٽيمپو، ٽرالي وغيره جيڪا بہ سواري سنگت کي ملندي آهي اُن ۾ اچي پهچندي آهي. امرتسر، جالندر، ڪپور ٿلا، لڌيانا، هوشيارپر وغيره ويجهن شهرن

وڏن وڏن ٿوَن تي ڇٽني پاسن کان ويهي ڦلڪا پچائينديون آهن. مي جوُن جي سخت گرميءَ ۾ سٽسنگياڻيون ٻنين جي پرسان ويهي پريم سان روٽي پچائينديون آهن ۽ پگهر ۾ بلڪل تر، پر ستگرن جي پريم ۾ لين، شبد ٻه پڙهيون ڳائينديون آهن ۽ گروءَ جي سنگت لاءِ لکن سان پوڄن به تيار ڪنديون آهن.

ايتري وشال سنگت کي کارائڻ پيارڻ جو بندوبست ڪرڻ هڪ نهايت ڏکيو ڪم آهي، صرف ڪا الوڪڪ شڪتي ئي انکي سنڀالي سگهي ٿي. جيئن جيئن سنگت وڌندي پئي وڃي، لنگر جي ايراضي به وڌائي پئي وڃي. اڄ ڪلهه ٣٠-٤٠ هزار سنگت ساڳئي وقت قطارن ۾ ويهي پوڄن ڪندي آهي ۽ پوڄن کارائڻ وارا شيوادار تمام ڦڙتيءَ سان پوڄن ورهائيندا آهن. ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ ڏيڍ ٻه لک سنگت لنگر ۾ پوڄن کائيندي آهي. باقي سنگت پوڄن ڀنڊار ۽ ڪٽنبن ۾ کائيندي آهي. ايتري ڀيڙ هوندي به ڪوبه سڄڻ بنا کاڌي رهجي نه ويندو آهي، اڄ ڪلهه لنگر جي ايراضي اڃا به وڌائي پئي وڃي.

منجهند جي پوڄن ڪرڻ ۽ ٿوري آرام ڪرڻ بعد شيوا جي گهنٽي وڄندي ئي سنگت کليل ميدان ڏانهن شيوا لاءِ ويندي آهي. هيءَ شيوا انيڪ قسمن جي هوندي آهي، نديءَ جي طرف دڙا کوٽي مٽي ڪڍي کڏا پوري زمين سڌي ڪرڻ، ميدان مان گاهه جهاڙيون وغيره ڪڍي ميدان صاف ڪرڻ، نديءَ جي ڪناري تان ٿلها ڪانا ڪپي لنگر ۾ ٻارڻ لاءِ آڻڻ، ريتي سرون وغيره کڻي ڪري جتي جايون ٺهن پيون اُتي رکڻ، سرون پڃي روڙي ٺاهڻ وغيره. مطلب ته ڪيترن ئي قسمن جي شيوا سڄو سال پئي

آهي . اهو ستسنگ، حضور مهاراج جن خود پاڻ ڪندا آهن، ٻه ٽي لک زالون ۽ مرد کليل ميدان ۾ شاميانيءَ جي هيٺان ويهي ستسنگ ٻڌندا آهن . لائوڊ اسپيڪرن ذريعي حضور جن جا امرت ڀريا وچن پريان پريان ويٺلن کي ٻه چڱيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ۽ سنگت حضور جن جي تيجسوي سروپ جو درشن ڪندي، نهايت شانتيءَ ۽ پريم سان سندن امرت واڻيءَ جو آنند وٺندي آهي .

حضور جن جو تيجسوي سروپ ايترو ته پرڀاو شالي هوندو آهي جو هندستاني ٻولي نه سمجهڻ وارا يورپين، امريڪن ۽ وديش مان آيل زالون ۽ مرد سنگمرمر جي مورتيءَ وانگر بنا چرڻ جي ٽڪٽڪي لڳائي حضور جن جي موهيندڙ مکڙي کي تڪيندا رهندا آهن . هو ايترو دور کان پرماتما جي کوج ۾ ڏيري ايندا آهن ۽ ڪجهه مهنا هتي رهي سگهندا آهن، انهن جي آرام ۽ سهوليت جو پورو ڌيان رکيو ويندو آهي.

ستسنگ سماپت ٿيڻ کان اٽڪل ڪلاڪ پوءِ ڌن شيوا جي وقت حضور مهاراج جن اسٽيج تي رکيل ڪرسيءَ تي اچي براجمان ٿيندا آهن ۽ سنگت کي درشن ڏيندا آهن . زالون مرد قطارن ۾ آهستي آهستي حضور جن جي سامهون لنگهي ويجهو درشن ڪري نهال ٿيندا آهن . سنگت پنهنجي اڇا ۽ ڀاونا انوسار رکيل باڪسن ۾ شيوا وجهندي آهي ۽ پرساد وٺندي ٻاهر نڪرندي آهي . ان بعد منجهند جي ڀوڄن لاءِ لنگر يا ڀوڄن پنڊال ڏانهن ويندي آهي .

لنگر ۾ برتن صاف ڪرڻ، اٽو دال وغيره ڪٽي جٽي ڪاڌو تيار ٿئي، اتي اٽي رکڻ، ڪاڌو ڪارائڻ وغيره سڀ ڪاريه ڏاڍي پريم ڀاو سان ٿيندا آهن . زالون صبوح کان وٺي منجهند تائين ۽ منجهند کان وٺي رات تائين لوهه جي

لڳا پيا. هڪ سؤ کن خط انگريزيءَ ۾ باقي هندي، سنڌي، پنجابي، اُردو وغيره ڀاشائن ۾ لکيل هوندا آهن. اُنهن جا جواب بہ اُنهن ئي ڀاشائن ۾ لکايا ويندا آهن. اُنهن چٺين ۾ ستسنگين ۽ جگياسو پرمارٿ ۽ ابياس جي باري ۾ سوال ۽ ڪٽنبي اُلجهن، ڌنڌي ڌاڙيءَ جا مسئلا، بيماري، آپريشن، شادي، اولاد، نوڪري، مقدمي وغيره پريشانين جي باري ۾ ستگرن کان صلاح ۽ ديا مهر لاءِ عرض ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ستسنگين مان اها اُميد رکي ويندي آهي تہ رڳو پرمارٿ ۽ ابياس جي باري ۾ خط لکن پر ان هوندي بہ ٻين ڳالهين بابت بہ اُنهن کي جواب ڏنا ويندا آهن. انگريزيءَ ۾ خط گهڻو ڪري وديش مان ستسنگين ۽ جگياسين وٽان ايندا آهن.

ساڍي يارهين کان ٻارهين ٻجي جي وچ ۾ مهاراج جن لنگر ۾ تشريف فرمائيندا آهن ۽ ڦلڪن پچائڻ، دال ڀاڄي وغيره رڌڻ وارن هنڌن تي ويندا آهن. اُن وقت سنگت ڀوڄن کائڻ لاءِ قطارن ۾ ويٺي هوندي آهي. ڀنڊاري وارن ڏينهن ۾ ساڳئي وقت ٣٠-٣٠ يا ٤٠-٤٠ هزار ماڻهو باقاعدي قطارن ۾ ويٺا هوندا آهن. حضور جن اُنهن جي وچ مان لنگهندا لنگر جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ويندا آهن. سمورو بندوبست نظر مان ڪڍندا آهن ۽ ڀوڄن تي درشٽي وجهندا آهن. اِنتظام، پريم ۽ يڪتائيءَ جو اهو انوکو ۽ عجيب نظارو هوندو آهي.

لنگر مان مهاراج جن سڌو ستسنگ پنڊال ۾ ايندا آهن. جتي سنگت ڌن جي شيوا لاءِ ايندي آهي. سنگت پنهنجي اِڇا ۽ ڀاونا انوسار روپيا يا ڪو ٻيو سامان راڌا سوامي ستسنگ بياس سوسائٽيءَ کي ڀيٽ ڪندي آهي. اها رقم سيڪريٽريءَ جي نگرانيءَ هيٺ ستسنگ جو وشواس جوڳو شيوادار

ٿيندي آهي. ڀر ڀنڊاري جي ڏينهن ۾ اهو نظارو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. شيوا ڪرڻ واري سنگت ايتري ته گهڻي هوندي آهي جو مٿي کڻڻ واريون ٽوڪريون، چاهي روڙي ڀرڻ لاءِ هٿوڙيون ٿوريون ٿي پونديون آهن. امير، غريب، پڙهيل، اڻ پڙهيل، سرڪاري عملدار، وڪيل، پروفيسر، ڊاڪٽر، واپاري، ڪارخانيدار کان وٺي ابوجهه ڪسان ۽ مزور، سڀ ڀيد ڀاو ڀلائي شيوا ۾ لڳي ويندا آهن.

روحاني ستسنگ، ستگروءَ جا درشن، سندن مڌر ۽ انمول وچن ۽ شيوا، سنسار جي دکن ۽ ڪشٽن ۾ دکي ٿيل سنگت کي الوڪڪ شانتي بخشين ٿا.

اهڙي نموني ڏيري ۾ رهندڙن وانگر ئي حضور مهاراج جن جو ڏينهن به ۱۸-۱۹ ڪلاڪن جو ٿئي ٿو، بلڪ ان کان به وڌيڪ مشغول رهندا آهن.

حضور مهاراج جن جو پروگرام صبوح جو ٽين بجي کان شروع ٿيندو آهي. ڀڄن ۽ سنان پاٺيءَ کان فارغ ٿي صبوح جو اٺين يا ساڍي اٺين بجي تيار ٿي پنهنجي آفيس ۾ ايندا آهن. حضور جن جو پرائيويٽ سيڪريٽري خط يا ٻيا ڪاغذ کڻي ايندو آهي. ستسنگ جو سيڪريٽري، ڏيري جا ڪي آفيسر وغيره به سڀئي ڏينهن جي ڪاريه جي باري ۾ صلاح وٺڻ لاءِ موجود هوندا آهن. ان کانپوءِ ساڍي نوين کان يارهين بجي تائين حضور جن ستسنگ فرمائيندا آهن. ستسنگ کانپوءِ جلدي وديش مان آيل ستسنگين سان گڏجندا آهن ۽ ڪن نون آيل مهمانن کي الڳ وقت ڏيندا آهن.

ان وقت حضور جن ٽپال ۾ آيل چٺيون نظر مان ڪڍندا آهن. اڄ ڪلهه اٽڪل ٻه سؤ خط روزانو ايندا آهن جن ۾

آهن. ان کانپوءِ حضور جن، شام جو لنگر جي نظرداري ۽ ڀوڄن تي درشٽي وجهڻ لاءِ لنگر ۾ ويندا آهن.

ساڍي ٦ کان ساڍي ٧ تائين حضور جن گيسٽ هائوس جي ميٽنگ هال ۾ وديش مان آيل ستسنگين ۽ جگياسين لاءِ انگريزيءَ ۾ ستسنگ فرمائيندا آهن. ان وقت حضور جن انهن جي سوالن جا جواب به ڏيندا آهن. اهي سوال سنت مت جي سڌانتن، ڀڄن سمرن ۽ اڀياس کان سواءِ ستسنگيءَ جي روزاني زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مسئلن جي باري ۾ به هوندا آهن. حضور جن هر هڪ سوال جو جواب سرل ۽ صاف سمجهاڻيءَ سان ڏيندا آهن. سوالن جوابن کانپوءِ ستسنگ ٿيندو آهي. حضور جن اڪثر بائيبل مان ستسنگ ڪندا آهن ۽ بائيبل جي وچنن، درشٽانتن ۽ ڪٿائن ۾ لڪل روحانيت جا انمول رتن کولي سمجهائيندا آهن.

انگريزي ستسنگ کانپوءِ حضور جن واپس پنهنجي نواس استان تي اچي ڀوڄن ڪندا آهن ۽ ڀوڄن ڪرڻ کانپوءِ رات جو ٨ بجي کان ٩ بجي يا ساڍي ٩ بجي تائين سندن وقت ستسنگين سان ملڻ يا پنهنجي آفيس ۾ ويهي ڏينهن جو رهيل ڪم پورو ڪرڻ يا ڪنهن نئين پستڪ کي ڇپجڻ کان اڳ، ان کي ڏسڻ ۾ گذرندو آهي. ان کانپوءِ حضور جن پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ هليا ويندا آهن ۽ ١٠-١٥ منٽ پڙهڻ کان پوءِ بتي وسائي ڇڏيندا آهن. ١٩ ڪلاڪن جي محنت ۽ مشغوليءَ بعد رات جو ١٠ بجي ستگرو دين دِيال نندرا جي مرڪز تي توجه ڏيندا آهن يا مٿي روحاني منڊلن جو سير ڪندا آهن اها ته ڪين ٿي خبر. جيئن هڪ پهتل اڀياسي متر هڪ دفعي مونکي ٻڌايو هو ته سنت ستگرو جنهن پرم پتا پرماتما جو سيوڪ هوندو آهي، اهو مالڪ کين هڪ گهڙي به موڪل ڪونه ڏيندو آهي ايتري قدر جو

يا ستسنگيءَ ونندو آهي ۽ پيتا ڏيندڙ کي رسيد وغيره ڏيندا آهن. اها سموري رقم ٽرسٽ جي حساب ڪتاب ۾ جمع ڪئي ويندي آهي ۽ حضور مهاراج جن، سيڪريٽري، ٽرسٽي يا ٻيو ڪو به ڪاريه ڪرتا اها رقم پنهنجي ڪم نه آڻيندو آهي.

منجهند جو ١٢ بجي کان اٽڪل ڏيڍ بجي تائين حضور جن هن شيوا تي ويٺا هوندا آهن. ان وقت اهي ستسنگي جن کي اندروني اڀياس جي باري ۾ ڪجهه پڇڻو هوندو آهي، حضور جن سان ڳالهائي سگهندا آهن.

هن شيوا تان واپس اچڻ بعد ڏيڍ يا ٻه بجي ويندا آهن ۽ حضور جن منجهند جي ڀوڄن ڪرڻ بعد مشڪل سان اڌ يا منو ڪلاڪ آرام ڪري سگهندا آهن. ٣ کان ٤ بجي تائين خطن جا جواب لکائڻ يا ڏيري جي ٻين ڪمن اڪلائڻ بعد حضور جن ٤ بجي اتي ويندا آهن جتي سنگت تن جي شيوا ڪندي آهي. حضور جن اتي هڪ ڪرسيءَ تي براجمان هوندا آهن جو سنگت شيوا ڪندي درشن به ڪري سگهندي آهي. پر ان ڏيڍ ڪلاڪ جي عرصي ۾ به مهاراج جن مشغول رهندا آهن. ملاقات طلب ڪندڙ ستسنگين ۽ جگياسين سان ڳالهائڻ، ڏيري جي انجنيرن سان اڏاوت جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ هندي، سنڌي، پنجابي، اردو وغيره ڀاشائن جي خطن جا جواب لکائڻ ۾ قريب سمورو وقت لڳي ويندو آهي.

شيوا کان پوءِ ساڍي پنجين بجي پنهنجي ڪوٺيءَ تي پهچندا آهن. اتي ڏيري جي سيڪريٽريءَ سان جدا جدا ضروري ڪمن جي بابت ٻولهه ڪندا آهن يا انهن کي پنهنجون رٿون ڏيندا آهن. اتي اٽڪل سوا ڇهه لڳي ويندا

باب پنجون

سنتن جي سکيا

گذريل ٦٢ سالن کان مونکي ٽن پرم مهان سنتن جي چرنن ۾ رهڻ، اُنهن جي آزمودي پوري سکيا حاصل ڪرڻ جو سؤ ڀاڳيه مليو آهي. حقيقت ۾ هنن جي سکيا ئي هنن جي جيون جو مکيه انگ آهي، جنهنجي ورنن ڪرڻ کانسواءِ هي پستڪ اڌورو ئي رهجي ويندو. تنهنڪري هنن جي سکيا جي سار ڪي هتي ٿوري ۾ ڏيئي رهيو آهيان.

سنت ٻُڌل يا پڙهيل ڳالهه جو اُپديش ڪونه ڪندا آهن. جيڪي ڪجهه اُنهن پاڻ ڏٺو آهي، جنهنجو ڪين ذاتي آزمودو مليو آهي، اُهو ئي اُپديش ڪندا آهن. جيئن دادوُ صاحب جن فرمائين ٿا :-

"دادوُ ديکا ديدا، سب ڪوئي ڪهت شنيدا"

يعني ماڻهو ٻڌل ڳالهيون ڪن ٿا پر مون پرماتما کي ساکيات روپ ۾ ڏٺو آهي ۽ ڏسي ڪري چوان ٿو.

سنت ڪٿي ڪهڙيءَ به ذات، ديش يا وقت ۾ ڇو نه آيا هجن پر سڀني جو اُپديش هڪ ئي آهي. هوُ ڪا نئين ذات ٺاهڻ يا ڪنهن نئين ڌرم جو بنياد وجهڻ نٿا اچن. هوُ اسانکي جنم مرڻ جي بندن کان، موهه مايا جي ڄار ۽ چوراسي جي ڀيانڪ قيد کان آزاد ڪرائي، پرم پتا پرماتما سان ملائڻ لاءِ اچن ٿا. پر اهڙن مهاتمائن جي وڇڙڻ کانپوءِ اسين ٻاهر مکي

ننڊرا اوستا ۾ بہ هوءُ سندن دربار ۾ حاضر رهندا آهن. حضور
مهاراج ساون سنگهہ جن فرمائيندا هئا تہ اندر ۾ شبد سان جڙي
وڃڻ تي اڀياسيءَ کي شبد مان ايتري چستي ۽ تازگي
ملندي آهي جو ان کي زياده ننڊ ڪرڻ جي ضرورت
محسوس ڪونہ ٿيندي آهي ۽ سنت تہ خود ديهہ ڌاري
شبد ٿيندا آهن.

بلي شاهه جن فرمائين ٿا ته پرماتما اسان کان الڳ ناهي :-

” بلا شوهه اسان تو وک نهين “

تلسي صاحب فرمائين ٿا ته ڏاڍي افسوس جي ڳالهه آهي جو هر انسان ٻاهر نقلي مندرن ۽ مسجدن ۾ وڃي پرماتما جي تلاش ڪري ٿو. پر اُن مالڪ جو نواس انسان جي شرير روپي قدرتي مندر يا مسجد ۾ آهي. حضرت عيسيٰ جو فرمان آهي ته خدا جي بادشاهت اسانجي اندر ئي آهي ۽ گرو امرداس جن جو ڪٿن آهي ته اسانجي شرير روپي غفا ۾ اکٽ ڀنڊار آهي جنهن ۾ الک ۽ اپار پرماتما نواس ڪري ٿو. ڪبير صاحب جن ته بلڪل کولي فرمايو آهي :-

”ترڪ مسيتي، هندو *ديهري آپ آپ ڪو ڌائي،
الک پرک، گهٽ ڀيتري تاڪو لکا نه جائي“

پرماتما جو ميلاپ صرف منش جنم ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. باقي ڪنهن به جوُڻ کي پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي لياقت ناهي. ديوي ديوتا به منش جنم لاءِ سڪندا آهن. چوُراسيءَ جي چڪر کان پوءِ منش جنم وڏي ڀاڳ سان ملندو آهي. اِهو ئي پرماتما کي پائڻ جو هڪ سڀ کان سٺو املهه موقعو آهي. گرو ارجن ديو جن فرمايو آهي ته اسان گهڻيئي جنم ڪيڙن ۽ پتنگن جا، هاٿين، هرڻن، مڇين وغيره جا ورتا آهن. گهڻيئي جنم پکين ۽ نانگن جا مليا ۽ گهڻيئي جنم گهوڙن جانورن ۽ وڻن ٽڻن جا اسان ورتا آهن. ان کانپوءِ ئي هن منش جنم جو وارو آيو آهي. هيءُ ئي پرماتما کي پائڻ جو موقعو آهي. جنهنجو پورو پورو فائدو وٺڻ گهرجي.

(گوڙي صفحو نمبر ١٧٦-١٠)

---

* مندر

ٿي پئون ٿا. شريعت يا ڪرم ڪانڊ ۾ پاڻ کي اٽڪايون ٿا ۽ سنتن جي اصلي سکيا کي ڀلجي وڃون ٿا. سندن نرمل روحاني اُپديش کي اسين ذات، ڌرم ۽ ديش جي تنگ حدن ۾ محدود ڪري، پاڻ ۾ بحث مباحثا ڪري جهڳڙا پيدا ڪريون ٿا.

سنت چون ٿا ته جنهن ڌرم، ذات سماج يا ديش ۾ اسين پيدا ٿيا آهيون، اُن ۾ پنهنجو جيون گذاريون. مذهب بدلائڻ سان خدا نه ملندو. هيءَ ذات ۽ ڌرم انسان ٺاهيا آهن، پرماتما جا ٺاهيل ڪونه آهن. پرماتما جي ميلاپ لاءِ نه اسانکي ڌرم بدلائڻ جي ضرورت آهي، نه ڪنهن ٻاهرئين ڀيک، ڌارڻ جي، نه مٿي ڪوڙائڻ جي ڪا ضرورت آهي، نه وڏن وارن رکڻ جي، نه گيڙو ڪپڙن پهرڻ جي ضرورت آهي ۽ نه نيرن ۽ پيلن ڪپڙن پائڻ جي. پرماتما کي پراپت ڪرڻ لاءِ، نه ته اسانکي گهر ٻار ڇڏي سنياسي بڻجڻو آهي، نه سماج کان ڀڄي جهنگلن ۾ وڃڻو آهي ۽ نه ئي هنجي تلاش ۾ اسانکي غفائن، پهاڙن ۽ جهنگلن ۾ ڀٽڪڻو آهي.

پرماتما اسانجي شرير جي اندر آهي ۽ نه ٻاهر. جنهنکي به مليو آهي پنهنجي اندر مليو آهي ۽ جنهنکي به ملندو پنهنجي اندر. اسانجو هيءُ شرير ئي سچو "هري مندر" آهي جتي اُهو مالڪ نواس ڪري ٿو. سڀني سنتن جي به اها ئي سکيا آهي. گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا :-

"هري مندر ايهُ سرير هَئي."

دادوُ صاحب جن به فرمائين ٿا ته ماڻهو مالڪ جي تلاش لاءِ ٻاهر ڀٽڪي رهيا آهن. پر هوُ اسانجي اندر ئي آهي :-

"ڪوئي دوڙي دوارڪا ڪوئي ڪاشي جانهہ،
ڪوئي متھرا ڪو چلئي، صاحب گهٽ هي مانهہ"

ڪن ٻين نالن سان ياد ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح رام، خدا وغيره سڀئي نالن جو ڪو نه ڪو معياد ۽ وقت آهي.

جيڪو نالو لکڻ، پڙهڻ ۽ ٻولڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جو وقت مقرر ڪري سگهجي ٿو، اُنکي مهاتمائن ”ورڻاتمڪ“ نام سڏيو آهي. پر جنهن نام سان جڙي انسان کي مڪتي پراپت ڪرڻي آهي، آتما ۽ من جي ڳنڍ کي کولڻو آهي، پنهنجو پاڻ کي سچائي مالڪ کي جاڻڻ جي لائق بڻجڻو آهي، اُن ”نام“ جو ڪو به وقت ڪونهي. اُهو انادي ۽ اننت آهي اُهو ”ڌناتمڪ“ نام آهي، اِهوئي سچو نام آهي. اِهو نه لکڻ ۾ اچي ٿو نه پڙهڻ ۾ ۽ نه وري ٻولڻ ۾.

”ذڪري بيڪام وُبي زُبان اوُ را است“

ان جو ذڪر بنا تارونءَ ۽ زبان جي ڪيو وڃي ٿو. سنتن انکي ’نام‘ ۽ ’شبد‘ چئي پڪاريو آهي. ويدن ’اُدگيت‘ ’نام‘ ۽ ’آڪاش وائي‘ چيو آهي. عيسيٰ مسيح ’ورڊ‘ يا ’لوگاس‘، حضرت محمد صاحب ’ڪُن‘ ۽ ’ڪلام‘ ۽ فارس جي سنتن انکي ’ندائي آسماني‘، ’بانگي اِلاهي‘ وغيره سڏيو آهي. گرونانڪ صاحب ۽ ٻين سنتن ان کي شبد، اَمر سچ باڻي، گرواڻي، حڪم، ڪيرتن، اڪٿ ڪٿا، نرمل ناد وغيره نالن سان پڪاريو آهي.

ان نام يا شبد هن سڄي سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. گرو اَمرداس جن فرمائين ٿا :-

”نامءِ هي تي سب ڪڇ هوئا.“

يعني جيڪي ڪجهه به اسين دنيا ۾ ڏسي رهيا آهيون سڀ نام جي ذريعي ئي پيدا ٿيو آهي. قرآن شريف ۾ آيل آهي ته ’ڪلمي‘ يا ’ڪن‘ جي ذريعي مالڪ دنيا پيدا ڪئي آهي. چين جي فيلسوفي شاسترن ۾ ڏنل آهي ته ”ٽائو“ دنيا جي رچنا ڪئي آهي. حضرت عيسيٰ فرمائين ٿا ”آد ۾ شبد

سوامي جي مهاراج جن جو وچن آهي -

"يهه تن دولڀ تمرني پايا،
کوٽ جنم ڀٽڪا جب کايا"

هاڻي هن جنم کي بيڪار وڃائڻ نہ گهرجي. فارس جي سنتن به اهڙو اُئي ويچار ظاهر ڪيو آهي. مؤلانا روم جن فرمايو آهي تہ ونسپتي وانگر مان گهٽيئي دفعا پيدا ٿيو آهيان ۽ ست سؤ ستر شريرن مون ڌٺا آهن.

"همچو سبزا بارها روئيدا آمد،
هفتو صد هفتاد قالب ديدا آمد."

هڪ ٻئي فارس جي سنت جو چوڻ آهي :-

"گاهي نخل در باغها، گاهي سپرير شاخها"

يعني گهٽيئي دفعا مان گاهہ ۽ ٻاڄيءَ وانگر پيدا ٿيو آهيان ۽ وڻن ۾ ڦل جي روپ ۾ لڳو آهيان.

هن پرم پتا پرماتما، ڪل مالڪ کي سنتن ۽ مهاتمائن پنهنجي پيار وچان انيڪ نالن سان سڏيو آهي. پر مولانا روم جي لفظن ۾ آيل آهي، "اوُ نامي ندارد" هنجو ڪوبہ نالو ڪونهي. اسان اُن مالڪ جا جيترا به نالا رکيا آهن، اُهي سڀ لکڻ پڙهڻ ۽ ٻولڻ ۾ اچن ٿا. اُنهن سڀني جو اسين اِتهاس ٻڌائي سگهون ٿا ۽ وقت مقرر ڪري سگهون ٿا. سوامي جي مهاراج جن جي اچڻ کانپوءِ اسان اُن مالڪ کي "راڌا سوامي" چوڻ شروع ڪيو. گرو نانڪ صاحب کانپوءِ پرماتما کي "واهگرو" چئي، پڪارڻ شروع ڪيو. محمد صاحب کانپوءِ اسين اُن مالڪ کي "الله" چئي ياد ڪرڻ لڳاسين. سوامي جي مهاراج جن کي آئي سؤ سال، گرونانڪ صاحب جن کي پنج سؤ سال ۽ حضرت محمد کي آئي چوڏهن سؤ سال ٿيا آهن پر اج کان سؤ، پنج سؤ، چوڏهن سؤ سال پهرين بہ تہ دنيا جا جيو هئا، اُهو مالڪ بہ هو ۽ ماڻهو اُن کي

سنسار روپي کيت ۾ جيڪڏهن مرچ پوکبا تہ مرچ ۽ جي ڪمند لڳائبو تہ ڪمند جو فصل ڪڻڻ لاءِ اچڻو ئي پوندو جيڪڏهن صرف نيڪ ڪرم ڪريون ٿا تہ سرڳ ۾ پهچي وڃون ٿا پر وقت پوري ڪرڻ کانپوءِ واپس سرڳ مان دنيا ۾ اچڻو پوندو. هن سنسار ۾ ڪٿي بہ سک ناهي. راجا هجي يا فقير، امير هجي يا غريب، ودوان يا اڻپڙهيل، سڀ هتي اچي دکي ٿين ٿا. اسانکي سچو سک، سچي شانتي پنهنجي پرماتما سان واپس وڃي ملڻ يا پنهنجي اصليت ۾ هڪ ٿيڻ سان ئي پراپت ٿئي ٿي.

اسانجو روحاني سفر پيرن جي ترين کانوٺي مٿي جي چوٽيءَ تائين آهي. هن سفر جون بہ منزلون آهن. هڪ اکين تائين ۽ ٻي اکين کان مٿي. اکين کان هيٺ، اکيون، ڪن، نڪ وغيره نودوار آهن جن ذريعي اسانجو خيال ٻاهر سڄي سنسار ۾ ڦهلجي رهيو آهي. انهن نون دوارن ۾ مکتي نہ آهي. اکين کان مٿي من ۽ آتما جو مرڪز آهي. جنهن کي سنتن ”ٽيسرا تل“ يا ”مکتيءَ جو دوار“ سڏيو آهي. مسلمان فقيرن انکي ”نقطہ سويدا“ ۽ حضرت عيسيٰ انکي پنهنجي گهر جو دروازو چئي سمجهايو آهي. ان مرڪز کان هيٺ لهي اسانجو خيال نون دوارن جي رستي سڄي سنسار ۾ ڦهلجي رهيو آهي. اسانجو من سدائين لڳاتار ڀٽڪي رهيو آهي. اسانکي پنهنجي من کي ٻاهرين خيالن کان هٽائي ان مرڪز تي آڻڻو آهي. ان آستان تي اُهو شبد مالڪ جي درگاهہ، ذر ذام مان لڳاتار اچي رهيو آهي. ان مرڪز يا نقطي تي پنهنجي سرت يعني آتما کي آڻي اُن شبد سان جوڙي اسين پنهنجو روحاني سفر شروع ڪري سگهون ٿا. هن روحاني ابياس لاءِ سنت اسانکي سمرن، ڌيان ۽ ڀڄن جو ساڌن ٻڌائين ٿا.

هو، شبد پرماتما سان گڏ هو. سڀ ڪجهه اُنجي ذريعي پيدا ٿيو ۽ جيڪي ڪجهه پيدا ٿيو آهي اُن مان ڪا به شيءِ اُن کانسواءِ ڪونه پيدا ٿي" (جان ١:١،٢،٣)

گرو نانڪ صاحب جن سمجهائيندا آهن:-

"سبدي ڌرتي سبدي آڪاس،
سبدي سبد ڀيا پرگاس،
سگلي سرشٽ سبد ڪي پاڇي،
نانڪ سبد گهٽي گهٽ آڇي."

مسلمان فقيرن به ائين ئي چيو آهي."

شمس تبريز جن فرمائين ٿا ته ان آواز مان عالم يا سنسار پيدا ٿيو آهي-

"عالم از سؤ تي اين ظهور گرفت"

پرماتما ۽ اُنجي هن سچي نام ۾ ڪو به ڀيد ڪونهي. نام ۽ نامي هڪ ئي آهن.

خواجه معين الدين چشتي فرمائين ٿا:-

"مياني اسم ومسمي چو فرق نيست"

يعني نام ۽ ناميءَ جي وچ ۾ ڪو به فرق ڪونهي. هن شبد جي باري ۾ ئي عيسيٰ مسيح چيو آهي" شبد ئي پرماتما هو" (جان ١ : ١)

اسانجي آتما اُن پرماتما جو هڪ انش يا انگ آهي. اُن سنتام روپي سمنڊ جي هڪ بوند آهي. پنهنجيءَ اصليت کان وڇڙي هن سنسار ۾ اچي لڳاتار دک ڀوڳي رهي آهي. هتي اچي هن من جو ساٿ ورتو آهي. من جي اَڌين ٿي، آتما ڪرمن جي جار ۾ ڦاسي ويئي آهي. سٺن يا خراب ڪرمن جي ڦل اُنوسار بار بار دنيا ۾ اچي هنڪي جنمڻو ۽ مرڻو پوي ٿو. هيءُ سنسار ڪرم ڀومي آهي. جهڙا ڪرم اسين ڪريون ٿا اهڙو ئي ڦل ڀوڳڻ لاءِ هتي اچون ٿا. هن

جوڙڻ جو مارگ، آهي.

هن اڀياس ۾ آتما شرير مان سميٽجي "ٽيسري تل" جي پرين سج چنڊ ۽ تارا منڊل کي پار ڪري مٿي وڃي پنهنجي ستگروءَ جي نوراني ۽ شبد سروپ جو درشن ڪري ٿي. ستگروءَ جو اهو پرم چيتن سروپ پنهنجي شش جي آتما کي روحاني منڊلن کي پار ڪرائي ڌر ڌام پهچائي ٿو. شبد جي اڀياس ۽ ستگروءَ جي ڌيان ڌوارا شش پنهنجي گروءَ جي ان نوراني سروپ ۾ لين ٿيڻ لڳي ٿو. گرو نانڪ صاحب هن اوستا جو اشارو ڪندي فرمائين ٿا :-

"آپ ڇوڙ گر مانهه سمائو"

مسلمان درويش ان اوستا کي "فنافي شيخ" يعني پاڻ کي يا پنهنجي هستيءَ کي گروءَ ۾ ڪوهي ڇڏڻ، ڪوٺيو آهي.

هتان ستگرو شش کي مٿين منڊلن ۾ وٺي وڃيٿو ۽ سڀ کان پهرين هو "سهنس دل ڪنول" ۾ پرويش ڪريٿو. ان کي جوڳين "سهستار" به چيو آهي ۽ اهو استان جوڳين جي آخرين منزل آهي. پر سنتن جي روحاني راهه جي اها پهرين منزل آهي انکان مٿي "برهم ديش" اچيٿو. جنهنکي "ترڪٽي" چيو ويو آهي ۽ جنهنکي ايران جي سنتن "مثلثي" چيو آهي. اهو اسانجي من جو اصلي استان آهي. انيڪ رشي مني، جوڳيشر، ولي وغيره هن استان تي وڃي آهن پر سنت ۽ انجا شش انهيءَ کان گهڻو مٿي وڃن ٿا. هتي من جو ساٿ ختم ٿئي ٿو. آتما من جي بندن کان آزاد ٿي وڃيٿي. ان کان پوءِ ترڪٽي ۽ سچکنڊ جي وچ ۾ ٻين منڊلن کي پار ڪندي آتما ڌر ڌام، سچکنڊ يعني پنهنجي نج ديش ۾ پهچي وڃي ٿي. برهم تائين پرلئه ۽ مها پرلئه جو اثر رهي ٿو. ست لوڪ پرلئه ۽ مها پرلئه جي دائري کان پري هڪ نرمل چيتن ڌام آهي جتي پهچڻ سان اسانکي جنم مرڻ جي

اسانجي من کي هميشه سوچڻ ۽ دليلن ڪرڻ جي عادت پيل آهي، اُنکي مهاتما "سمرن" چوندا آهن. جنهنجو سمرن اسين ڪندا آهيون، اُنجي شڪل ٻه اسانجي اکين جي اڳيان اچي ويندي آهي. جيڪڏهن ٻارن ٻچن جو سمرن ڪنداسين ته اُنهنجون شڪليون اکين اڳيان اچي وينديون. جيڪڏهن گهر جي ڪاروبار جا خيال ايندا ته اُهي اسانجي اکين جي سامهون اچي ويندا، اِنکي مهاتما ڌيان ڪرڻ چون ٿا. جنهنجو اسين سمرن ڪريون ٿا اُنجو ڌيان ٻه گڏو گڏ شروع ٿي ويندو آهي. جن شڪلين ۽ پدارٿن جو اسين سمرن ۽ ڌيان ڪريون ٿا، اُنهن سان اسانجو موهه ۽ پيار پيدا ٿئي ٿو.

"جهان آسا تهان باسا"

مؤت کانپوءِ اسين اُن موهه ۽ پيار ۾ جڪڙجي، اُتي اُيي وڃي جنم وٺون ٿا، جتي اسانجو موهه ۽ پيار هوندو آهي. اهڙي طرح سنسار جي شڪلين ۽ پدارٿن جو پيار اسانکي بار بار هن دنيا ۾ وٺي اچيٿو. سنت اسانکي سنسار جي سمرن بدران سچي مالڪ جي نام جو سمرن ۽ سنسار جي ناسونت ۽ بي بقا پدارٿن جي ڌيان بدران، چيتن ۽ اَبناشي جي ڌيان جو طريقو سيکارين ٿا.

سمرن ذريعي اسين پنهنجي ڦهليل خيال کي سميٽي "تيسري تل" ۾ ايڪاگر ڪريون ٿا. ڌيان دواران اُنکي اُتي اِستر ڪريون ٿا ۽ شبد سان جوڙي اُنجي ذريعي مٿين روحاني منڊلن ۾ وڃون ٿا.

اسين من ۽ مايا جي منڊلن کي پار ڪري شد چيتن منڊلن ۾ پرويش ڪري، آخر ڌر ڌام پهچي ۽ پرم پتا، پرماتما ۾ لين ٿي وڃون ٿا. سمرن، ڌيان ۽ ڌن (شبد) جي هن اڀياس کي "سرت - شبد يوگ" جو مارگ ڪوٺيو ويو آهي. ٻين اکرن ۾ هيءُ سرت يعني آتما کي شبد روپي پرماتما سان

آهي يا عرب. * بنا گروءَ روحاني منډلن ۾ پرويش ڪرڻ ناممڪن آهي.

گرو امرداس جن فرمائين ٿا :-

" بن گرو داتي ڪوئي نه پائي، لکه ڪوئي جي ڪرم ڪمائي"

يعني گرو جي بخشيش کانسواءِ پرڀوءَ کي ڪوبه پائي نه سگهندو. ڀلي هو پنهنجو پاڻ ڪروڙن قسمن جا ڪرم ۽ ڪوششون ڪري.

گوسوامي تلسيداس جن به اهڙي ڀاو کي ظاهر ڪندي لکن ٿا :-

" گرو بن ڀؤ نِدي تري نه ڪوئي
جو برنچ شنڪر سم هوئي"

گرو رامداس جن جو وچن آهي :-

" گرو جهاز کيوٽ گرو، گر بن تريٺا نه ڪوءِ
گر پرشاد پربو پائيپي، گر بن مڪتي نه هوءِ"

بائيبل ۾ به گروءَ جي ضرورت تي گهڻن هنڌ بلڪل صاف اشارا ڪيا ويا آهن. حضرت عيسيٰ جن فرمائين ٿا، " جيڪو به پرم پتا وٽ ويندو منهنجي ذريعي ئي ويندو." (جان ١٤ : ٦) ۽ " جيڪو پٽ کي نٿو سڃاڻي اهو پتا کي به نه سڃاڻي سگهندو."

گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا :-

"مت ڪو ڀرم ڀُولي سنسار،
گرو بن ڪوئي نه اُترس پار."

اهائي ڳالهه هاٿرس جي مشهور سنت تلسي صاحب جن

---

* مردي حجي همراهي حاجي طلب
خواهه هندو، خواهه ترڪ عرب

چڪر کان هميشهہ لاءِ ڇوٽڪارو ملي وڃيٿو.

اهڙي مڪتي صرف اُن انسان کي پراپت ٿي سگهي ٿي جنهنکي پورن ستگرو مليو آهي ۽ نام جي اڀياس جو طريقو مليو آهي. صرف سنت ئي اسانکي سمرن ۽ ڌيان جو طريقو ٻڌائي سگهن ٿا ۽ اُهيئي اسانجي آتما کي اندر شبد سان جوڙي سگهن ٿا. سڀني ڌرمن ۾ ويدن، شاسترن، اُپنشدن، پراڻن وغيرهہ ۾ گروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. سنسار ۾ بہ اسين گروءَ کانسواءِ رواجي دنيوي هنر بہ نٿا سکي سگهون. وگيان، ڊاڪٽري، شلپڪاري، لوهار، يا سوناري جو ڪم، موٽر يا هوائي جهاز وغيرهہ هلائڻ جو ڪم، انهن ڪمن جي ماهرن کان ئي سکي سگهون ٿا. ڳالهائڻ، هلڻ، پڙهڻ، لکڻ وغيرهہ جي لاءِ بہ جنم کان ئي اسانکي ڪنهن نہ ڪنهن گروءَ کي ڌارڻ ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن ٻاهرين ڪمن کي سکڻ لاءِ اسانکي گروءَ جي ضرورت پوئٿي تہ پرمارٿ تہ هڪ مشڪل انترمکي اڀياس آهي، جنهنجي باري ۾ اسانکي ڪجهہ بہ خبر ناهي. هن مارگ ۾ اسين هڪ قدم بہ گرو کانسواءِ هلي نٿا سگهون.

ڪبير صاحب جن فرمائين ٿا :-

"وستوُ ڪهين، ڍونڍي ڪهين، ڪهہ بڌ آوهِ هاٿ،
ڪهہ ڪبير تب پائيئي، جب ڀيدي ليجئي ساٿ."

مولانا رومؒ جن فرمائين ٿا تہ بنا پير (گروءَ) جي هن مارگ تي سفر ڪرڻ خطري کان خالي ڪونهي.* جيڪڏهن تون حج تي وڃڻ چاهين ٿو تہ ڪنهن حاجيءَ کي پاڻ سان وٺي وڃ ۽ ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ ڪر تہ هوُ هندو آهي، ترڪ

* "پير را بگزين ڪه بي پير اين سفر
هست پر آفت و پر خوف و خطر"

سنسار ۾ انيڪ سنت مهاتما، پيغمبر ۽ مسيحا آيا آهن جي پنهنجي پنهنجي وقت يا زماني ۾ لوڪن کي سمجهائي هليا ويا. هو ڪيترا به مهان ڇو نه هجن پر اڄ هتي اچي اسانکي 'نام' نٿا ڏيئي سگهن. اڄ جيڪڏهن ڪو شخص چاهي ته بادشاهه جهانگير هنجي مقدمي جو فيصلو ڪري يا لقمان حڪيم هنجي مرض جو علاج ڪري يا اڄ ڪا استري راجا وڪرماجيت سان شادي ڪرڻ چاهي ته اهي سڀ ڳالهيون ناممڪن آهن. اڄ جي مقدمي لاءِ اڄ جو جج، علاج لاءِ موجوده ڊاڪٽر ۽ شاديءَ لاءِ زنده پرش جي ضرورت آهي.

انسان، انسان کي ئي سمجهائي سگهيٿو. اهو قدرت جو قانون آهي. پرماتما هن استول سنسار ۾، زنده پرش ذريعي ڪم ڪريٿو. جيڪڏهن ڪنهن زماني ۾ مهاتما جي اچڻ جي ضرورت هئي ته پوءِ اهو بلڪل صاف ظاهر آهي ته اڄ به اسانکي اهڙي مهاتما جي اهڙي ئي ضرورت آهي جهڙي پهرين هئي. مالڪ جيڪڏهن جيون کي سمجهائڻ چاهيٿو ته انکي منش چولي ۾ اچڻو پوندو، ڪيس ساڌ و يا سنت جو شرير ڌارڻ ڪرڻو ئي پوندو. گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا ته اُن مالڪ ساڌوءَ جي روپ ۾ شرير ڌارڻ ڪيو،

"ساڌ روپ اپنا تن ڌاريا"

(مارو محله ٥-١٠٠٥-٨)

گرو نانڪ صاحب جن جو وچن آهي :-

"گر مهه آپ رکيا ڪرتاري."

(مارو محله ١٠٢٤-١)

گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا ته منهنجو ستگرو رامداس جي ۽ پرماتما هڪ آهن، پر اهو پرماتمائي رامداس نالو ڌارڻ ڪري آيو آهي.

"هر جيئه نام پريٿو رامداس."

فرمائي آهي :-

" بنا * ڪرم ڪسي مرشد ▪ رسيدها ڪي،
٥ راهي نجات دور هئه اُس پار ديکنا "

سڀني سنتن مهاتمائن گروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي ۽ پنهنجي گروءَ جي مهما ڪئي آهي. مؤلانا روم پنهنجي باري ۾ صاف چون ٿا ته " هيءُ معمولي مؤلوي، مؤلانا روم نه بڻجي سگهيو جيستائين "غلامي شمس تبريزي نه شد" هو شمس تبريز جو غلام نه بڻيو. پنهنجي مرشد لاءِ فرمائين ٿا، اي ساقي (مرشد)! تون مؤلانا روم تي ديا مهر جي نظر ڪر. مان ○ قلندر وانگر چوان ٿو ته مان شمس تبريز جو غلام آهيان."

" بيا ساقي عنايت ڪن تو مؤلانا روم را،
غلام شمس تبريزم قلندر وار مي گويم"

نام جي دکشا (نام جو ملڻ) هڪ چيٽن تارا آهي، جا ڪنهن ديهه سروپ ستگروءَ کان يعني موجوده سنت ستگروءَ کان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. گرنٿن پوٿين، ويدن شاسترن کي پڙهڻ سان نام جي مهما جي خبر ته پوي ٿي پر نام پراپت نٿو ٿئي. جهڙي طرح ڊاڪٽري ڪتابن ۾ دوائن جو ذڪر هوندو آهي پر دوائون ڪونه هونديون آهن. دوائون ته ڊاڪٽر جي الماڙيءَ ۾ هونديون آهن. ڊاڪٽري ڪتابن کي ڪٽي انهن مان دوائن جي ڳڻن بابت پڙهڻ سان بيماري ختم نه ٿيندي پر دوا وٺڻ سان ئي ختم ٿيندي.

---

* ديا مهر ▪ پهتل يا پورن ستگرو ٥ مڪتيءَ جو مارگ،
○ اهڙو فقير جيڪو بي پرواهه هجي ۽ شرع جي پابندين (ڪرم ڪانڊ جي بندشن) کي نه مڃيندو هجي.

پاڻ سان ملائي نہ سگھندو.

گرو ارجن صاحب جن فرمايو آهي :-

”گرو پرميسر ايڪو جاڻ.

گرو رامداس صاحب جن سمجھائين ٿا، ”مون شرير جي اندر نام جي ڪمائي ڪري هڪ انوکو نظارو ڏٺو آهي تہ گرو پرماتما آهي ۽ پرماتما گرو آهي، ٻنهي ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي.

(آسا - محلہ ٤، ٤٤٢-١٧)

بائيبل ۾ مهاتما عيسيٰ فرمائين ٿا، ”مون ۾ وشواس ڪيو مان پتا ۾ آهيان ۽ پتا مون ۾ آهي.“ (جان ١٤:١١)

سنسار ۾ سڀ انسان ڪنهن نہ ڪنهن ڀڳتيءَ ۾ لڳل آهن. ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ يا پدارٿ جي پيار ۾ لين آهن، مست ۽ محوُ آهن. ڪو ڌن دولت جو ڀڳت تہ ڪو مانَ ۽ وڏائيءَ جو پريمي. ڪنهنکي ٻارن ٻچن سان پيار آهي تہ ڪنهنکي دوستن ۽ مٽن مائٽن سان. پر اهي دنيا جا سڀ رشتا ناتا ٿوري وقت لاءِ آهن. سڀ پدارٿ بي بقا ۽ ناسونت آهن. اُنهنجي ڀڳتي اسانکي پرم پتا پرماتما سان ملائي نہ سگھندي. اُنهن جو پيار آخر ۾ دک جو ڪارڻ بڻجو پوي. اهڙي طرح قوم ۽ ديش جي ڀڳتي بہ ناسونت ڀڳتي آهي. ويڙ وروڌ ۽ بحث مباحثو دشمنيءَ يا جهڳڙي جي جڙ آهي ۽ ڪيترائي دفعا دک ۽ تباهيءَ جو ڪارڻ ٿي پوي ٿي. اسانکي اُنجي ڀڳتي ڪرڻ گھرجي جيڪو دائم قائم، اسٿر اٽل، امر ۽ ابناسي آهي ۽ اُهو آهي صرف پرماتما. پر پرماتما کي اسان ڏٺو ڪونہ آهي ۽ جنهن کي ڏٺو ڪونهي اُن سان پريم ڪيئن ڪري سگھبو؟ ستگرو ۽ پرماتما هڪ آهن. ستگروءَ جي ڀڳتي پرماتما جي ڀڳتي آهي. ستگروءَ سان پريم پرماتما سان پريم آهي. سنت ستگرو اُن پرم پتا پرماتما جو انش آهن

پورڻ گرو يا ستگروءَ جو اصلي روپ شبد يا نام آهي. هو شبد يا نام مان ئي اچن ٿا ۽ اسانکي شبد يا نام سان جوڙي واپس اُن ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. حضرت عيسيٰ اهڙي مهاتما کي ”ديهه ڌاري شبد“ چيو آهي. اهو شبد جڏهن منش جو جامو ڌاري اسانجي وچ ۾ اچي ٿو تڏهن اسان لاءِ ديهه ڌاري ستگرو بڻجي پوي ٿو. سچو ستگرو ۽ پرماتما هڪ آهن. حضرت عيسيٰ جو فرمان آهي، ”مان ۽ منهنجو پتا هڪ ئي آهيون. (جان: ١٠، ٣٠) ۽ شبد ديهه ڌاري ٿيو ۽ اسانجي وچ ۾ اچي رهيو“ (جان، ١:١٤)

مولانا رُوم فرمائين ٿا ته ”اوليا يا سنت جي اندر ئي سچي مسجد آهي ۽ سڀني لاءِ اهو ئي پرماتما کي سجدي ڪرڻ جو استان آهي.

”مسجدي است اندروني اوليا، سجدا گاهي جملا است آنجا خدا.“

پرماتما ۽ اُنجي سنتن ۾ ڪوبه ڀيد ڪونهي. هو مالڪ جي ڀڳتي ڪري مالڪ جو رُوپ ٿي چڪا آهن. سنت ستگرو اُن ستنام جي سمنڊ جي هڪ لهر هوندا آهن جي دنيا ۾ اچي اسانجي خيال کي شبد يا نام سان جوڙي، پاڻ سان گڏ وٺي اُن ستنام روپي سمنڊ ۾ سمائجي وڃن ٿا.

گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا :-

”هر کا سيوڪ سو هر جيها، ڀيد نه جانو مانس ديها
جيون جل ترنگ اُٿي بهُ ڀاتي ڦر سللي سلل سمائدا.“
(مارو محله ٥، ١٠٧٦-٣)

ستگرو ۽ پرماتما ۾ فرق صرف ايترو ئي آهي ته پرماتما ستگروءَ جو ئي اصلي سروپ آهي ۽ ستگرو منش جي چولي ۾ پرماتما آهي. پرماتما جيستائين ستگروءَ جو روپ ڌارڻ ڪري، انساني جامي ۾ اسان وانگر نه ايندو تيسين هو اسانجي رهنمائي ڪري نه سگهندو، هو اسانکي واپس وٺي،

، ڏي."

"ذر رائي - دردي - دل عطار را"

هن پريم جي مارگ ۾ ڪرم ڪانڊ، شريعت، تپ، تياڳ ۽ دين ايمان سڀ بي مطلب آهن. حافظ صاحب فرمائين ٿا، "زهد (تپ تياڳ) جو جامو جيڪو مون پاتو هو اهو مون مرشد جي عشق جي شراب لاءِ گروي رکي ڇڏيو آهي.

اهڙي طرح امير خسرو چون ٿا ته مان عشق ۾ ڪافر ٿي ويو آهيان (يعني پريم ۾ لين ٿي، دين ۽ ايمان سڀ ڪجهه وڃائي چڪو آهيان) هينئر مونکي مومن ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي."

"هر رگي من تار گشتا، حاجتي زنار نيست" يعني منهنجي رڳ رڳ پريم ۾ پرپور ٿي چڪي آهي. هينئر مونکي زنار يعني جڻيي جي ضرورت ڪونهي. وڌيڪ چيو اٿن ته پريمين کي قيامت جي ڏينهن لاءِ ڪنهنجي به غرض ڪونهي. هنن کي ته صرف پنهنجي پريتم جي نوراني سروپ جي ديدار جي ضرورت آهي.

"عاشقان را روزي محشر با قيامت ڪار نيست،
ڪاري عاشق جز تماشائي جمالي يار نيست."

اهڙي طرح پلٽو صاحب پنهنجي مشهور ڪنڊلي، "سنت نه چاهين مڪتي ڪو، نهين پداورٿ چار" ۾ فرمائين ٿا ته سنت مڪتي، رڌي سڌي، تيرٿ ورت، پنج دان، سرڳ، وئڪنٺ وغيره جي چاهه يا تمنا نٿا رکن. هو انهن پداورٿن کي تڇ ٿا سمجهن. هو صرف پرماتما ۽ انجي ڀڳتي جا خواهشمند آهن. گرو ارجن ديو جن به اهو ويچار ظاهر ڪيو آهي :-

"راج نه چاهون مڪتي نه چاهون،
من پريت چرن ڪملا ري"

(ديوگنداري محلا ٥، ٤٣٤-٣)

۽ اُن مان ئي اچن ٿا ۽ اُن ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. اسين سنگروهه جي پريم سان جڙيل، اُن سان گڏ وڃي، پرماتما ۾ سمائجي وينداسين.

سنسار ۽ سنسار جي پدارٿن جو پيار ۽ اسانجي ”هؤمي“ يعني اهنڪار، سنگروهه سان پريم ۾ سڀ کان وڏيون رڪاوٽون آهن. پنهنجو اهنڪار، موهه ۽ سڀني قسمن جو پيار بلڪ سڀ ڪجهه تياڳڻ ڪرڻ کان سواءِ اُهو روحاني پريم پراپت ٿي نه سگهندو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا ته

”پريم پيالا جو پيئي، سيس دڪشنا دي“

يعني جيڪو به اُن پريم جي پيالي جو سواد وٺڻ چاهي اُنکي پنهنجي سر يعني پنهنجي خودي اهم يا اهنڪار جي ڀيٽا ڏيڻي پوندي.

”يهه تو گهر هئه پريم ڪا، مارگ اگم اگاڌ،
سيس ڪاٽ پگ تل ڌري تب نڪٽ پريم ڪا سواد“

اهڙي طرح خواجه حافظ جن فرمايو آهي ته گهڻ ۾ گهٽ شرط جيڪو عشق لاءِ ضروري آهي، اُهو آهي سر جو ڏيڻ. جيڪڏهن تون ايترو نٿو ڪري سگهين ته پوءِ پريم جو نالو به نه وٺ.

”ڪمينا شرطي وفا ترڪي - سر بود حافظ،
برو اگرز اي ڪار بر نمي آيد.“

پريم ۽ ڀڳتيءَ جو مارگ، قربانيءَ جو مارگ آهي. هي سڀني واسنائن، ترشنائن ۽ ڪامنائن جي تياڳ جو مارگ آهي. نه صرف پنهنجي سڀني دعوائن ۽ حقن کي بلڪ پنهنجي هستي به پنهنجي مرشد ۾ وڃائڻ جو مارگ آهي. فريد اُلدين عطار چون ٿا ته اي مالڪ! ڪافرن کي ڪفر ۽ ڌرماتمائن کي ڌرم - ”ڪفر ڪافر راو دين دينداررا“ مبارڪ هجي، پر عطار کي ته درد ڀري دل جو هڪ ڪڻو بخشيش

اکين باجهه ويکٿا، وڻ کنان سڻٽا
پيران باجهه چلڻا، وڻ هٿان ڪرڻا
جيڀ باجهه بولڻا، ائين جيوت مرڻا
نانڪ حکم پڇاڻ ڪي، تئ خصمي ملڻا
(ماجه محله ۲، ۱۳۹)

اهڙي طرح "جيئري ئي مرڻ" جي ضرورت تي سڀني سنتن زور ڏنو آهي. نون دوارن کي خالي ڪرڻ يا جيئري مرڻ کانسواءِ اسين اندر جي روحاني منڊلن ۾ داخل ٿي نه سگهنداسين. دادو صاحب جن چون ٿا، "دادو پهڻ مر رهو پاڇي مري سب ڪوهِ." قرآن شريف ۾ آيل آهي ته "مُوتُوا قبلنتا مُوتوا" يعني موت کان پهرين مرو" جيئري مرڻ جو هيءُ اڀياس، جڙ کي چيتن کان الڳ ڪرڻ جي ساڌنا آهي. ستگرو جيئري ئي مرڻ جو طريقو سيکاري ٿو ۽ ان اوستا يا حالت تي پهچڻ ۾ اندر پنهنجي شش جي سهايتا ڪري ٿو. ستگرو ئي اسانکي اندر شبد يا نام سان جوڙي سگهي ٿو. نام جي ڪنجي ستگروءَ جي هٿ ۾ آهي.

"ستگر هٿ ڪنجي، هورت در کلڻ ناهين."
(ماجه محله ۳، ۱۲۴-۱۴)

اهڙو پورن گرو وڏن ڀاڳن سان پراپت ٿئي ٿو. گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا ته جنهنجو هي گهر (شرير) آهي، تنهن هن کي تالو لڳائي رکيو آهي ۽ انجي ڪنجي گروءَ کي ڏئي ڇڏي آهي. منش چاهي ڪيترا به اپاءُ ڪري پر ستگروءَ جي شرن ۾ اچڻ کانسواءِ اها ڪنجي ڪيس ملي ڪون سگهندي.

جس ڪا گرهه تن ديئا تالا، ڪنجي گرو سؤنپائي
انڪ اپاءِ ڪري نهين پاوي، بن ستگر سرڻائي."
(گوڙي محله ۵، ۲۰۵)

يعني مان سنسار جا پدارٿ راڄ وغيره نٿو چاهيان، پرلوڪ جا پدارٿ مڪتي وغيره جي به ڪامنا نٿو ڪيان. مان ته صرف پنهنجي ستگروءَ جي چرڻ ڪملن جي پريت چاهيان ٿو."

هن پريم ۽ ڀڳتيءَ سان گڏ نمرتا، ديئنتا، پوترتا، ڪميا، وويڪ، سنتوش وغيره گڻ به هجڻ ضروري آهن. ستگروءَ لاءِ عزت، هن جي آگيا جي هڪدم پوئواري ڪرڻ، هن جي خوشيءَ ۾ خوش ۽ رضا ۾ راضي رهڻ جي ڀاونا هجڻ گهرجي. من ۾ هميشه اهو خيال رهي ته هو پريتم ستگرو دين ديال ڪٿي اسانجي ڪنهن به ڪرٽيءَ تي ناراض يا ناخوش نه ٿي وڃي.

نوَن دوارن کي خالي ڪري جڏهن آتما يا سرت "تيسري تل" ۾ داخل ٿئي ٿي تڏهن شرير "چيتنا رهت" يعني سن ٿي وڃي ٿو. سرت کي سميٽي ان مرڪز تي آڻي ۽ اُتان مٿي روحاني منڊلن ۾ وڃڻ جي اڀياس ۾ اسين اُن حالت مان نڪرون ٿا جيڪا موت جي وقت ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ هن اڀياس ۾ شرير سن ٿي وڃي ٿو تنهن هوندي به پراڻن جو سلسلو جاري رهندو آهي. اڀياسي پنهنجي اڀياس کان پوءِ واپس وري ساڳي چيتن اوستا ۾ اچي وڃي ٿو. ان ڪريا يا اڀياس ۾ شرير کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه ٿو ٿئي. سنتن نون دوارن کي خالي ڪري روحاني منڊلن ۾ وڃڻ جي ان طريقي کي جيئري مرڻ سڏيو آهي. گرو انگد ديو جن هن اوستا يا حالت جو بيان ڪندي فرمائين ٿا ته اسانکي هنن اکين ڪانسواءِ ڏسڻو آهي، هنن ڪنن ڪانسواءِ ٻڌڻو آهي ۽ هنن پيرن ڪانسواءِ هلڻو آهي. هٿن ڪانسواءِ ڪم ڪرڻو آهي ۽ هن زبان ڪانسواءِ ڳالهائڻو آهي. ستگروءَ جي حڪم انوسار اڀياس ڪري اهڙي طرح جيئري مري پرماتما سان ميلاپ ڪرڻو آهي.

ڏنهن کي پڌ. اُهو آسمان اسانجي سنتن آسمانن ۽ ڇهن چڪرن کان پري آهي.

جن خوشقسمت جيون کي پورن ستگروءَ نام بخشيو آهي اُن کي موت ڪانپوءِ جم دوتن سان نہ وڃڻو پوندو. ستگرو موت وقت پاڻ پنهنجي شش کي وٺڻ ايندو آهي. هو اُن جو سچو دوست، ساٿي ۽ رکيا ڪندڙ آهي. هو نہ صرف هن سنسار ۾ پر موت جي وقت بہ نوري سروپ ۾ اسانجي مدد ڪري ٿو. موت ڪانپوءِ بہ اسانجو ساٿ نٿو ڇڏي. گرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا :- ”هن سنسار جي ڪچن يا فنا دوستن جو ساٿ ڇڏي، پورن ستگرو ڳولهي اُنکي پنهنجو سچو متر بڻاءِ ڇاڪاڻ دنيوي مائٽ تہ توکي زندگيءَ ۾ ئي ڇڏي وڃن ٿا، پر ستگرو موت ڪانپوءِ بہ تنهنجو ساٿ نٿو ڇڏي.“ ستگروءَ جي شش کي ڪال يعني ڌرمراءِ وٽ پنهنجي ڪرمن جي حساب ڏيڻ لاءِ وڃڻو نہ پوندو آهي. ڌرمراءِ جي دربار ۾ جتي ٻين کي پنهنجي ڪرمن جو حساب چڪائڻو پوندو آهي اُتي ستگرو موت ڪانپوءِ بہ ستسنگيءَ سان گڏ ويندو آهي ۽ جتي ليکو پڇيو ويندو آهي اُتي هو ساڻ هوندو آهي.

”جتي ليکا منگيئي تتي کڙي دسنهہ“

(سوهي محلہ ۱. ص. ۷۲۹)

ستگرو موت جي مشڪل گهڙيءَ ۾ جمدوت جي مار کان پنهنجن شش کي بچائي ٿو. مولانا روم صاحب فرمائين ٿا تہ اي نادان! مرشد جي دامن کي جلدي پڪڙ جيئن تون موت وقت مصيبت مان ڇوٽڪارو پائي سگهين :-

دامني اوگير زود اي بي گمان،
تا رهي از آفتي آخر زمان،

گرو امرداس صاحب جن جي وچنن ۾ :-

اهوئي ويچار شمس تبريز ظاهر ڪيو آهي. هنجو فرمان آهي ته هن مهان بادشاهه اسانکي ٻاهر ڪيدي دروازو پڪي طرح بند ڪري ڇڏيو آهي. وري هوُ انسان جو جامو پائي خود ئي دروازو کولڻ لاءِ اچيٿو.

آن بادشاهي اعظم در بسته بوُد محڪم،
پوشيده دلقي آدم يعني ڪ بر در آمد"

سڀ سنت پنجن شبدن جو ڀيد ڏيندا آهن. اسانجي نج گهر، سچ کنڊ جي مارگ ۾، اسانجي اندر پنج منزلون آهن. حضرت عيسيٰ به انجو اشارو ڪندي چيو آهي. "منهنجي پتا جي محل ۾ گهڻيئي منزلون آهن." (جان ١۴:٢) اندر هر هڪ منزل جي پنهنجي ڌُن آهي. ستگرو پنهنجي شش کي نام ڏيڻ وقت انهن پنجن منڊلن جي ڌن، پرڪاش وغيره جو ڀيد ٻڌائيندو آهي. هوُ اسانکي انهن پنجن منزلن مان لنگهائي، انهن پنجن ڌنين سان جوڙي پرماتما تائين پهچائي ٿو. سوامي جي مهاراج، گرو نانڪ صاحب، ڪبير، دادوُ، پلٽو وغيره سڀني سنتن جي ٻاڻين ۾ پنجن شبدن يا پنجن نامن جو چڱي طرح ذڪر ڪيو ويو آهي. شمس تبريز، مؤلانا روُم وغيره فارس جي سنتن به انجو بيان ڪيو آهي. مؤلانا روُم جن فرمائين ٿا :-

" بهفتم فلڪ نوبت پنج يابي،
چو خيما زشش جهت بر ڪندا باشي"

يعني جڏهن تون هيٺين ڇهن چڪرن مان نڪري ستين آسمان ۾ پهچي ويندين ته اُتي پنجن نوبتن (شبدن) جي وڄڻ جو آواز ٻڌندين. اهڙي طرح شمس تبريز جن فرمائين ٿا :-

" خاموش پنج نوبت بشنوُ ز آسماني،
ڪانه آسماني بيرون زان هفتواين شش آمد.

يعني خاموشي* سان آسمان مان ايندڙ پنج نوبتون يا

باب ڇهون

ڪجهه اهميت ڀريون ڳالهيون

هن وقت مان ئي صرف اُنهن ڪجهه پراڻن ستسنگين مان باقي رهجي ويا آهيان، جنهن کي حضور سوامي جي مهاراج جن جي چتايل ڪجهه جيون سان ملڻ جو موقعو مليو آهي. ان ڪري ڪجهه اهڙين اهميت ڀرين ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جيڪي ڪنهن به وقت هڪ تواريخي اهميت رکڻ جي حيثيت حاصل ڪري سگهن ٿيون.

١- راڌا سوامي نام :-

سڀ کان پهرين ڳالهه 'راڌا سوامي' نام جي باري ۾ آهي. مثيپيد ان ڳالهه جو آهي ته سوامي جي مهاراج جن 'پنجن نامن' جو اُپديش ڏيندا هئا يا "راڌا سوامي" نام جو؟ ۽ "راڌا سوامي" نام ڌن آتمڪ آهي يا ورڻ آتمڪ؟

راڌا سوامي نام راءِ بهادر سالگرام صاحب ذريعي شروع ڪيو ويو جيئن ته سوامي جي مهاراج جنجي آخرين وچنن ۾ 'وچن نمبر ١٤' ۾ صاف ظاهر لکيل آهي :-

"منهنجو مت ته ستنام ۽ اَنامي جو هو ۽ راڌا سوامي مت سالگرام جو شروع ڪيل آهي اُنکي به هلڻ ڏجو."*

---

* جڏهن به سوامي جي مهاراج جن جا آخرين وچن ديال باغ آگري وارا ڇپائيندا آهن ته خبر نه آهي ته هوُ ان وچن کي ڇو ڇڏي ڏيندا آهن.

جن کو ستگرو مليا، تن کا ليکا نبڙيا.

يعني جن کي ستگرو مليو ويو اُنجي ڪرمن جا سڀ ليکا پورا ٿي ويا.

سنت مت هڪ عملي مارگ آهي. سنت مؤت کانپوءِ مڪتيءَ جو دلاسو نٿا ڏين. هوُ جيئري ئي مڪتي حاصل ڪرڻ جي راهه ٻڌائين ٿا. هوءَ خود اندر روحاني منڊلن ۾ وڃن ٿا ۽ اسانکي ٻه وڃڻ جو ڀيد ٻڌائين ٿا. پنهنجي ستسنگ، ذريعي هوءَ اسانکي سنتن جو سنديش سمجهائين ٿا. اسانجي من ۾ مالڪ سان ملڻ جي اُڪير ۽ شوق پيدا ڪن ٿا. ٻاهر مکي ڪرم ڪانڊ ۽ ڀرمن مان ڪڍي اندر وڃڻ جي خواهش پيدا ڪن ٿا ۽ نام بخشي، شبد سان جوڙي، اسانکي چؤراسيءَ جي قيد مان آزاد ڪري سچو سک، شانتي ۽ آنند بخشين ٿا. ستگروءَ جي شرڻ وٺڻ سان اِنسان ڪال جي جار مان نڪري پرم پتا پرماتما سان ملڻ جي لائق بڻجي ٿو. اسانکي اِهوئي جڳائي ته اهڙي پورن گروءَ جي شرڻ ۾ وڃي، اُن کان نام جي بخشش حاصل ڪري پنهنجي انمول منش جيون جو پورو فائدو وٺون.

* "پهه آرت داسي رچي، پريم سنڌ کي ڌار،
ڌارا اُمنگي پريم کي، جا کا وار نه پار"

فيبروري ١٩١٢ ۾ جڏهن مان پهريون دفعو حضور مهاراج ستگرو دين ديال (بابا ساون سنگهه جن) سان گڏ آگري ويس، ته هن سان ملڻ جو موقعو مليو. جڏهن هوءَ حضور مهاراج جن سان گڏجڻ آئي ته حضور جن جي چرنن ۾ ڪري پيئي، اکين مان لڙڪ وهڻ لڳس، چرنن کي ڇڏيائين ئي نه ٿي. حضور مهاراج جن کي هميشه 'سوامي جي' چوندي هئي ۽ کين سوامي جيءَ جو روپ ئي سمجهندي هئي. سوامي جي مهاراج جن جا چمتڪار ۽ هنن جي وقت جا ورتانت ٻڌڻ لاءِ ڪيترا ئي دفعا مان هن وٽ ويندو هوس. اسين تڏهن سوامي باغ ۾ اُن مڪان ۾ رهيل هئاسين، جيڪو بابا جئمل سنگهه جن جي وقت ۾ حضور مهاراج جن، بياس جي سنگت جي رهڻ لاءِ ٺهرايو هو.

بيبي سيوا داسي به حضور جن جي درشن لاءِ ايندي هئي. هن کان هڪ ڏينهن اسان اهو سوال پڇيو ته توهانکي سوامي جي مهاراج جن پنجن نامن جو سمرن ڏنو هو يا راڌا سوامي نام جو؟ بيبي سيوا داسيءَ جواب ڏنو ته اسانکي حضور سوامي جي مهاراج جن ته اُهو ئي پنجن نامن جو سمرن ڏنو هو جيڪو توهان کي مليو آهي. سوامي جي مهاراج جن آخر تائين پنجن نامن جو اُپديش ڏيندا رهيا. جڏهن کان هيءُ 'راڌا سوامي' لفظ شروع ٿيو آهي، اسين سڀ پاڻ ۾ گڏجڻ وقت هڪ ٻئي کي 'راڌا سوامي' چئي پرڻام ڪندا آهيون پر اُپديش ته حضور سوامي جن پنجن نامن جو ئي ڏيندا رهيا. جيڪو سڀني سنتن جو هڪ ئي رهيو آهي ۽ رهندو.

---

* سار بچن ڇند بند: بچن ڇهون شبد پنجون

پر ان باري ۾ مولکي، سوامي جي مهاراج جن جي چتايل جيترن به مهاتمائن سان ملڻ جو سؤڀاڳيه حاصل ٿيو آهي، اُنهن سڀني منهنجي عرض ڪرڻ تي ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته حضور سوامي جي مهاراج جن ڪين "پنجن نامن" جو ئي اُپديش ڏنو هو ۽ آخر وقت تائين "پنجن نامن" جو ئي اُپديش ڏيندا رهيا. جن مهاتمائن کان مون ان باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي، انهنجو بيان هيٺينءَ طرح آهي.

١- بابا غريبداس جي

هي سوامي جي مهاراج جن جي شش مان اعليٰ درجي جا شش هئا. هنن گهڻي وقت تائين دهليءَ ۾ ستسنگ ڪيو ۽ نام دان ڏيئي جيون جو اُڌار ڪندا رهيا. پاڻ اوچ ڪوٽيءَ جا مهاتما هئا ۽ بلڪل صاف فرمائيندا هئا ته ستگروءَ کان پنجن نامن جو ڀيد حاصل ڪرڻ کانسواءِ ڪو به جيءُ ڌر ڌام نٿو پهچي سگهي. ڪين سوامي جي مهاراج جن "پنجن نامن" جو اُپديش ڏنو هو. بابا غريبداس جن کانپوءِ مهاتما رام بهاريلعل جي گرو گديءَ تي ويٺو. هنکي به بابا غريبداس جيءَ پنجن نامن جو اُپديش ڏنو هو ۽ اُتي هيئنر به اهوئي اُپديش جاري آهي.

٢- بيبي سيوا داسي جي

هيءَ سوامي جي مهاراج ۽ ماتا راڌا جيءَ جي شيوڪا هئي. آخرين وقت تائين پني گلي آگري ۾ سوامي جي مهاراج جن جي جڳهه ۾ رهندي هئي. پريم ۽ ڀڳتيءَ جي هڪ مورتي هئي. سوامي جن جو ذڪر ايندي ئي، هنجي اکين مان پريم جا لڙڪ وهڻ لڳندا هئا. هنجي آرتي سار ٻڌڻ ۾ سوامي جن هنن شبدن ۾ شروع ڪئي آهي :-

ويهي ستسنگ فرمائيندا هئا ۽ پنهنجن ڪومل هٿن سان پرساد ڏيندا هئا، مهر ڀريو هٿ مٿي تي رکندا هئا. پريم ۽ ديا مهر جون ڳالهيون ڪندا هئا. هر هڪ مراد پوري ٿيندي هئي. گهر يا ٻاهر جي، دنيوي يا روحاني، جيڪا تڪليف يا گهرج هوندي هئي، وڃي وينتي ڪئي ناهي ۽ پوري ٿي ناهي. خود مالڪ ست پرش، منش روپ ڌاري جڳ ۾ آيو هو. ڪهڙو بيان ڪريان سندن رحمتن ۽ برڪتن جو! اُنهن کي ياد ڪندي هردي ۾ ڪجهه اهڙي تڙف پيدا ٿي جو آنسون روڪجن ئي نه. دل مان هڪ سرد آهه نڪتي ته هاءِ! جيڪڏهن هڪ دفعو وري اُها موهڻي مورت سامهون اچي درشن ڏئي ته سندن چرنن تي پنهنجو تن من قربان ڪري ڇڏيان. روئندي روئندي مونکي ننڊ اچي ويئي يا جاڳيس پئي اهو نيڪ طرح ياد ڪونهي پر ڇا ٿو ڏسان ته سوامي جي مهاراج ساکيات سامهون بيٺا آهن ۽ فرمايائون، ”گهٻرائين ڇو ٿو؟ مان ڪو توکان پري آهيان؟“ جيڪڏهن ايترو پيار ۽ تڙف اٿيئي ته بياس هليو وڃ.“ ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مون پنهنجو بسترو ٻڌو ۽ بياس لاءِ روانو ٿيس. ڏيري ۾ پهتس ته ستسنگ شروع ٿي رهيو هو. ڇا ٿو ڏسان ته حضور سوامي جي مهاراج جن ٻاط تخت تي براجمان ٿي ستسنگ فرمائي رهيا آهن. اُهيئي تيجسوي اکيون، اُهوئي ڪلمڪ چهرو، اُهو ئي مٺڙو رسيلو آواز ۽ مٿي تي ڦلپيدار ٽوپي، مونکي ڏسي فرمايائون، ”تون اچي وئين- ڏاڍو سٺو ڪيئه.“

اهو ئي مٺڙو آواز ٻڌي منهنجي دل بيحد خوش ٿي ۽ پريم وچان اُڇلجڻ لڳي ۽ اکين ۾ آنسون اچي ويا. ڇست پريم ۾ گد گد ٿيڻ لڳو. پنهنجو سيس سندن چرنن تي رکيم. جڏهن پنهنجو سر مٿي کنيم ته ڏسان ته حضور مهاراج

٣- ٽيون نيڪ ماڻهو، يو- پي ۾ رهڻ وارو هڪ رٽائرڊ پوسٽ ماسٽر هو. نالو ته اُنجو هاڻي ياد نه رهيو آهي ڇو جو اسين هميشه کيس "پوسٽ ماسٽر صاحب" ڪري ئي سڏيندا هئاسين. تمام وڏو اوستاجو ۽ ڪمزور، سنهڙو پر تندرست ماڻهو هو. هن کي سوامي جي مهاراج جن کان نام مليل هو. جڏهن ڏٺو آيو ته هن جي عمر ٩٠ سالن کان مٿي هئي. ٿورو جهڪي هلندو هو پر تمام همت وارو ۽ محنتي شخص هو. آخرين دم تائين پنهنجو سڀ ڪم خود پنهنجي هٿن سان ڪندو هو. هر روز بنا ناغي ستسنگ ۾ ايندو هو. پڻ ۾ ڪجهه گهٽ ايندو هوس، انڪري حضور جن جي تخت جي بلڪل ڀرسان ويهندو هو. انڪل ١٥ سال ڏيري ۾ رهيو ۽ ١٠٩ سالن جي عمر ۾ ١٩٣٢ ۾ هتي ئي چولو ڇڏيائين. تمام سٺي سڀاءُ وارو نيڪ ماڻهو هو. پريم ۽ سچائي جي هڪ مورتي هو. سڀاءُ خوش مزاج، وڏو اوستا ۾ بہ اُتساهي ۽ زنده دل هو. سنگت هنجي ڪافي عزت ڪندي هئي. هو پنهنجو گهڻو وقت پڙهڻ سمرن ۾ گذاريندو هو. * ڊاڪٽر جانسن به هن سان مليندو هو.

هڪ دفعي مون پوسٽ ماسٽر صاحب کان پڇيو ته ڏيري ۾ توهين ايترو پري کان ڪيئن آيا؟ هن حضور مهاراج جن جي ڪوٺيءَ ڏانهن اشارو ڪندي جواب ڏنو، "هن وني اچڻ واري کان پڇو ته هو ڪيئن وٺي آيو آهي؟" منهنجي گهڻي زور ڀرڻ تي هن هيٺيون ورتانت ٻڌايو.

"هڪ ڏينهن مان پڙهڻ تان اُٿيس ته ڏاڍو روئڻ آيو. اُن وقت جي ياد گيري اچي ويئي جڏهن سوامي جي مهاراج جن سامهون

* ڊاڪٽر جانسن پنهنجي ڪتاب "ستگرو ءِ سان گڏ هندم" جي خط نمبر ٢ ۾ هنجو ذڪر ڪيو آهي.

خود فرمايو آهي ته جو نام لکڻ پڙهڻ ۾ آيو آهي اهو ورڻ آتمڪ آهي.“ پوءِ اِن باري ۾ غلط فهمي ڇو ٿيڻ گهرجي؟

”راڌا سوامي“ نالو راءِ بهادر سالگرام جاري ڪيو. سوامي جي مهاراج جن اِنکي هڪ مت جي نالي طور منظور ڪيو. پر هنن اُپديش هميشه پنجن نامن جو ئي ڏنو.

پوسٽ ماسٽر صاحب، سيٺ پرتاپ سنگهه جي (چاچاجي مهاراج دوارا لکيل گرنٿ ”جيون-چريتر سوامي جي مهاراج“ جو به حوالو ڏنو، جنهن ۾ صاف لکيل آهي ته سوامي جي مهاراج هميشه پنجن نامن جو اُپديش ڪندا هئا.

۴- راءِ بهادر سيٺ سدرشن سنگهه جي صاحب :-

هي، حضور سوامي جي مهاراج جن جا ڀائٽيا ۽ چاچاجي مهاراج سيٺ پرتاپ سنگهه جن جا سپتر هئا. ڪين حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي لاءِ بيحد پيار هو ۽ ڪافي شرڌا هئي. ڪيترائي دفعا حضور جن جي درشن لاءِ پنهنجي ڌرمپتنيءَ سميت ڏيري ۾ آيا. هنن جيڪي پريم ۽ شرڌا وچان حضور مهاراج جن کي چٺيون لکيون، اُهي ”پرمارٿي پٽر“ ڀاڱي ٻئين ۾ ڇپجي چڪيون آهن. هڪ دفعي هنن ڏيري ۾ جڳهه ٺهرائي هميشه لاءِ * اُتي رهڻ جو ويچار مهاراج جن

* آگري جي وايومنڊل مان پريشان هئڻ سبب سيٺ سدرشن صاحب ڏيري ۾ رهڻ ٿي چاهيو. پر اُنهن ڏينهن ۾ هتي جي رهڻ لائق جڳهه ٺاهڻ ۾ ڏيڍ ٻه سال لڳي سگهيا ٿي. جڏهن سيٺ صاحب اڳيان اِها ڳالهه رکي ويئي ته هن حضور مهاراج ساون سنگهه جن کي پنهنجي ۴ ڊسمبر ۱۹۳۳ واري خط ۾ لکيو، ”زمين بابت مون توهانکي عرض ڪيو هو پر هينئر ڪجهه ويچار ڪرڻ کان پوءِ اِها درخواست فضول

بابا ساونسنگهه جن وينا آهن. تڏهن سمجهه ۾ آيو ته ڪهڙي طرح
سوامي مهاراج جن هن روپ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.
حيران ٿي ويس ته اسين ڇا سمجهندا هئاسين ۽ ڪٿي پاتوسين.
تڏهن کان هتي ئي آهيان. هاڻي وڃڻو به ڪيڏانهن آهي.
سوامي جي مهاراج جن کانپوءِ، اُنهيءَ ڏينهن جڏهن حضور
مهاراج بابا ساونسنگهه جن جو مون ستسنگ، ٻڌو ته سوامي جي
مهاراج جن جي ستسنگ، جو نظارو سامهون اچي ويو.

پوسٽ ماسٽر صاحب اهو به ٻڌايو ته سوامي جي مهاراج
جن گهڻو ڪري گرنٿ صاحب مان ئي ستسنگ، فرمائيندا
هئا. پنهنجي باڻيءَ جي رچنا کانپوءِ به هنن اهو ئي سلسلو
جاري رکيو ۽ اهو به ٻڌايو ته سوامي جي مهاراج جن جي ڏاڏي
صاحب جي وقت جو لکيل * هڪ گرنٿ صاحب هنن جي
گهر ۾ هو. سوامي جي اُن گرنٿ صاحب مان شبدن جي بلڪل
صاف وياکيا ڪندا ها.

پوسٽ ماسٽر صاحب کان جڏهن مون "راڌا سوامي" نام
جي باري ۾ پڇيو ته هن تمام سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو،
"حضور سوامي جي مهاراج جن ته آخر تائين پنجن نامن جو
اُپديش ڏيندا رهيا. پرم ڌام وڃڻ کان ڪجهه وقت اڳ، هنن
منهنجي پتنيءَ کي نام ڏنو هو. اُن وقت به پنجن نامن جو
ئي سمرن ڏنو هئائون."

جڏهن مون هن کان راڌا سوامي نام جي ڌن آتمڪ نام
هئڻ جي باري ۾ پڇيو ته هن ٿورو کليو ۽ چيو:- "اِن باري
۾ ته ڪو متڀيد جو سوال ئي نه ٿو اُٿي. سوامي جي مهاراج جن

* هيءَ گرنٿ صاحب حضور مهاراج ساون سنگهه جن ڏيري
۾ ڪٺي آيا هئا. اُهو هتي ڪٺي اچڻ جو احوال پهرين ڏنو
ويو آهي

بلڪل نه آهيو. اُپديش ته اسانکي به حضور سوامي جي مهاراج جن ”پنجن نامن“ جو ئي ڏنو هو ۽ آخر تائين ”پنجن نامن“ جو سمرن ئي بخشيندا رهيا. پر جڏهن سوامي جي مهاراج جن ”راڌا سوامي“ نالي کي ڪل مالڪ يا اناميءَ جو نالو ڪري مڃيو ته پوءِ اسانکي به اُن ڪل مالڪ جي نالي کي مڃڻ ۾ ڪو اعتراض نه هئڻ گهرجي.

بخشي جيءَ وري عرض ڪيو، ”حضور! سار بچن ۾ سوامي جي مهاراج جن، جتي راهه جي ڀيد ۽ اڀياس جي طريقن جو ورنن ڪيو آهي، اُتي بلڪل صاف فرمايو آهي، * ”پانچ نام ڪا سمرن ڪرو.“

سيٺ صاحب فرمايو، ”اِهو ٺيڪ آهي. سمرن صرف پنجن نامن جو ئي ڪرڻ گهرجي ۽ سوامي جي مهاراج جن جي اِها ئي هدايت آهي.“ حضور صاحب راءِ سالگرام صاحب جڏهن سوامي جن کي ”راڌا سوامي“ يعني ”روح جو سوامي“ چوڻ شروع ڪيو تڏهن کان آهستي اِهو نالو رواج ۾ اچي ويو. سوامي جي مهاراج جن به اُنکي سويڪار ڪيو. جڏهن عام ماڻهن به اُنکي ”راڌا سوامي وارن جو مت“ يا ”راڌا سوامي مت“ چوڻ شروع ڪيو ته سوامي جي مهاراج جن ”سار بچن“ ۾ اُنجي تشريح هيئن طرح ڪئي:-

”راڌا آد سرت ڪا نام،
سوامي آد شبد نج ڌام.
سرت شبد اور راڌا سوامي،
دونون نام ايڪ ڪر جاني.

جڏهن سوامي جي مهاراج جن اُن نام کي پاڻ سويڪار

---

* سار بچن ڇند- بند، وچن ٣٦، صفحو ١٥٦

جي اڳيان رکيو. مهاراج جن به کين بيحد پيار ڪندا هئا. هڪ دفعي بخشي چانن شاهه ۽ مون، کين به ان باري ۾ عرض ڪيو. هوُ تمام گنڀير ۽ بزرگ شخص هئا. پهرين ته هن صاحب اهو چئي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، ”توهين وڏن ڀاڳن وارا جيو آهيو. توهانکي اهڙو مهان سنت ستگرو مليو آهي. جيڪو نام ستگروءَ توهانکي بخشيو آهي، اُهو ئي سڀ ڪجهه آهي. اُنجي خوب ڪمائي ڪيو ۽ پنهنجو جنم سڦلو ڪريو.“ بخشي چانن شاهه جي وينتي ڪرڻ تي هنن فرمايو، ”اجايو ان اُلجهن ۾ نه پئو. گرو جيڪو پنهنجو ڪمايل نام شش کي ڏئي ٿو، اُهو ئي شش کي پار لڳائڻ ۾ سمرٿ يا سهايڪ ٿئي ٿو.“ پر بخشي چانن شاهه ائين مڃڻ وارو ڪٿي هو. سو ان تي سڌو سوال ڪيائين، ”حضور! توهين سوامي جي مهاراج جن جا پائنيا آهيو ۽ هڪ مهان هستي پڻ. ڪرپا ڪري اهو ٻڌايو ته توهانکي سوامي جيءَ ”پنجن نامن جو اُپديش ڏنو هو يا ”راڌا سوامي“ جو. ۽ ڇا سوامي جي مهاراج جن راڌا سوامي نام کي ’ڌناتمڪ‘ سمجهندا هئا؟ اسانجو عرض صرف اهو ئي آهي ته جيڪڏهن اسين غلط رستي تي هجون ته حضور جن اسانکي صحيح رستي تي لڳائين.“

تنهن تي سيٺ صاحب فرمايو ته توهين غلط رستي تي

ڏسڻ ۾ ٿي اچي. ڇو جو جڳهه ڏيڻ - ٻن سالن ۾ تيار ٿي سگهندي. جيئن ٻه سال گذاريندس، تيئن ٻه ٽي سال ٻيا به گذري ويندا. تنهنڪري ان باري ۾ توهين ڪو به ڪشت نه ڪندا. ماتا جي چويٿي ته جيڪڏهن تڪليف برداشت نه ٿي ته اسين به حضور جن جي چرنن ۾ ڏيري ۾ ايندا سين اُتي مڪان ٺهرائي توهانجي شرط اختيار ڪنداسين.

راءِ صاحب لالا هر نارائڻ ٻه هن وارتالاپ جي دؤران ۾ اچي ويا هئا. هنن پڇيو :- ”حضور! سوامي جي مهاراج جن جي آخرين وچنن ۾ توهانجو به ذڪر آيل آهي ته توهان پڇيو هو ته جيڪڏهن ڪجهه پڇڻو هجي ته ڪنهن کان پڇجي؟ تنهنتي سوامي جن فرمايو ته جنهن کي به ڪجهه پڇڻو هجي ته سالگرام کان پڇي.“ سيٺ صاحب فرمايو ته ها اها هدايت مونکي به فرمائي وئي هئي. مون سوامي جي مهاراج جن کان پڇيو هو ته جيڪڏهن ڪجهه پڇڻو هجي ته ڪنهن کان پڇان؟ ڇو جو مان اُن وقت راءِ بهادر سالگرام صاحب جي ماتحت ڪم ڪندو هوس. سوامي جن فرمايو ته جيڪو ڪجهه پڇڻو هجيئي هن کان پڇندو ڪر. اها هدايت مون لاءِ هئي“

٥- ٻيٻي رڪوءَ

٦- ٻيٻي رلي

ٻيٻي رڪو جي باري ۾ هن کان اڳ وستار سان لکيو ويو آهي. هوءَ گهڻي وقت تائين ”پنّي گلي“ آگري ۾ ”ماتا راڌا جي“ جي شيوا ۾ رهي پنهنجو سمرن ڪندي رهي. ٻيٻي رليءَ چاچاجي مهاراج کان نام ورتو هو. هن کي بابا جئملسنگهه مهاراج جن کان وٺي اڄ تائين ڇهن ستگرن جي شيوا ڪرڻ جو سؤ ڀاڳيه پراپت ٿيو آهي. ٻيٻي رڪو ٻڌائيندي هئي ته هن کي ”پنجن نامن“ جو اُپديش ڏنو ويو هو. ٻيٻي رلي به اهو ئي ٿي فرمائي.

٧- سوامي باغ آگري ۾ ٻيون گديون

حضور سوامي جي مهاراج جن نج ڌام سڌارڻ کان

ڪيو تہ اسانکي بہ اُن سان پيار آهي. اِهو بہ مالڪ جي ٻين نالن وانگر هڪ نالو آهي. مهاتمائن مالڪ جا هزارين نالا رکيا آهن. حضور سوامي جي مهاراج جن جيڪڏهن هڪ ٻيو نالو رکيو تہ ان ۾ اعتراض جي ڪهڙي ڳالهہ آهي.

بخشي ڇانن شاهہ عرض ڪيو، "حضور! اسانکي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. جڏهن سوامي جي مهاراج جن منظور ڪري ڇڏيو تہ اسين بہ ان سان پيار ڪريون ٿا. پر جڏهن اِنکي "ڌناتمڪ نام" چيو وڃي ٿو، تڏهن اسانکي اِهو سوامي جي مهاراج جن جي اُپديش جي بلڪل خلاف ڏسڻ ۾ ٿو اچي. سار ٻچن ۾ سوامي جن "ورڻاتمڪ" ۽ "ڌناتمڪ" نام ۾ تفاوت ٻڌائيندي بلڪل صاف فرمايو آهي، "لکن اور پڙهن ۾ آيا اُسي ورن - آتمڪ گايا." جڏهن "راڌا سوامي" نالو ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ اچي ٿو تہ پوءِ اِهو "ڌناتمڪ" نام ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ تنهنڪري اندرئين نام جي ڌن يا شبد کي ئي "ڌناتمڪ" نام چئي سگهجي ٿو."

سيٺ صاحب فرمايو، "اِهو ٺيڪ آهي، اِن کان ڪنهنکي انڪار ٿي ٿو سگهي؟"

بخشي صاحب وري سوامي جي مهاراج جن جي "آخري ٻچنون" جي وچن نمبر ۱۴ طرف ڌيان ڇڪائيندي پڇيو تہ سوامي جن جي ان وچن جو ڪهڙو مطلب هو تہ "منهنجو مت تہ ستنام ۽ اَنامي جو هو ۽ راڌا سوامي مت سالگرام جو جاري ڪيل آهي، اِن کي بہ هلڻ ڏيو."

اِن تي سيٺ صاحب کلي ڏنو ۽ فرمايو، "اڙي ڀائي! وار جي کل لاهڻ مان ڪهڙو فائدو؟ اِن جو مطلب بلڪل صاف آهي جيڪو تون بہ چڱي طرح سمجهين ٿو. پنهنجي ستگروءَ کي ڪل مالڪ سمجهو ۽ پنهنجو ڀڄن سمرن ڪندا رهو.

آگري جي حالت جو انداز چاچاجي مهاراج جن جو، بابا جئملسنگهه مهاراج جن ڏانهن، تاريخ ١٩ جون، ١٩٠٣ جي خط مان لڳائي سگهجي ٿو. چاچاجي مهاراج جن لکيو هو ”مان ڏسان ٿو ته فرقي بندي ۽ گروهه بندي وڌندي ٿي وڃي. راڌا سوامي ستسنگ ۾ سڀ ستسنگي ايڪتا سان ملي جلي ورتاءُ نٿا ڪن. انهيءَ ڪري مان الهه آباد جي پنڊت صاحب (پنڊت برهم شنڪر مشرا صاحب) سان صلاح ڪرڻ آيو آهيان ته ان لاءِ ڪهڙو انتظام ڪيو وڃي ۽ آخر ان فيصلي تي پهتاسين ته هڪ ’راڌا سوامي ستسنگ سڀا‘ قائم ڪئي وڃي ۽ جنهنجو سڀاپتي، پنڊت صاحب جي ضد ڪري مونکي ڪيو ويو آهي.“ هن خط ۾ چاچاجي مهاراج جن ڏهن ميمبرن جي سڀا ۾، باباجي جن کي به شامل ڪرڻ ٿي چاهيو. خط ۾ هنن اڳيان لکيو، ”هن سڀا ٺهڻ سان اها اُميد آهي ته فرقي بندي سماپت ٿي ويندي ۽ سڀ هڪ ٻئي سان پريم پيار سان، هڪ برادري وانگر وهنوار ڪندا.“

باباجي مهاراج جن، اهڙي قسم جي سڀائن جي فائدي ۾ ڪونه هئا. هنن چاچاجيءَ کي جواب ڏنو ته هو اهڙي قسم جي سڀائن ۾ ميمبر جي روپ ۾ شريڪ ٿيڻ ۾ اسمرٿ آهن ۽ نه ئي هو چاهين ٿا ته بابو ساونسنگهه جن انهيءَ ۾ شامل ٿين. باقي رهيو سڀا جي ميمبرن جي چونڊن جو سوال، ان لاءِ باباجي مهاراج جن اهو شرط رکيو ته سڀني هنن اُپديش اُهو ئي هئڻ گهرجي، جيڪو سوامي جي مهاراج جن جو هو. اُنهن ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي يا ڦيرڦار نه هئڻ گهرجي. چاچاجي مهاراج کي باباجن جي ويچارن جي ڄاڻ هئي تنهنڪري هنن لکيو، ”توهان جي پريت ۽ پرتيت ڏسي مونکي بيحد خوشي ٿي.“

جيستوڻيڪ آگري ۾ چاچاجي مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ

پوءِ ٻه، ڏيري جي سنگرو ٻابا جئملسنگهه مهاراج جن کي آگري لاءِ ڪافي شردا هئي. ماتا راڌا جي ۽ سيٺ پرتاپسنگهه صاحب (چاچا جي مهاراج) ۽ سوامي جي مهاراج جن جي خاندان جي سڀني ڀاتين کي، باباجيءَ لاءِ عزت ۽ پيار هو. باباجي مهاراج جن به گهڻو ڪري سڀني ڀنڊارن تي پنهنجن خاص خاص ستسنگين سان آگري ويندا هئا، جن ۾ مهاراج ساون سنگهه جن مکيه هئا.

سوامي جي مهاراج جن جي پرم ڌام سڌارڻ کان ڪجهه عرصو پوءِ راءِ بهادر سالگرام صاحب پيپل منڊي آگري ۾ ستسنگ ۽ نام دان شروع ڪيو. اُن کانپوءِ پرم نواس پيپل منڊي ۾ لالا ايوڌيا پرساد صاحب (حضور راءِ بهادر سالگرام صاحب جو سپتر) ستسنگ ۽ نام ڏيڻ شروع ڪيو. سنگت مان ڪجهه ماڻهن هنکي گروءَ جي روپ ۾ سويڪار ڪيو پر گهڻن ماڻهن پنڊت برهم شنڪر مشرا صاحب کي راءِ بهادر سالگرام جيءَ جو صحيح جانشين مڃيو. پنڊت برهم شنڪر صاحب کانپوءِ بابو ماڌو پرساد صاحب ظاهر ڪيو ته ”سنت تارا“ هن ۾ آئي آهي ۽ هنن سوامي باغ آگري ۾ نام دان شروع ڪيو. پر ستسنگين جي هڪ حصي ان ڳالهه کي قبول نه ڪيو ۽ بابو ڪامتا پرساد (سرڪار صاحب) کي گرو روپ ۾ مڃيو. ان کانپوءِ سر آنند سروپ صاحب (صاحب جي مهاراج) گدي نشين ٿيا ۽ ديال باغ جو بنياد وڌائون.

بابا جئملسنگهه مهاراج جن جڏهن ڏٺو ته آگرو سوامي جي مهاراج جن جي تعليم ۽ اُصولن کان پري وڃي رهيو آهي، پاٺ ۾ پريم، شيوا ڀاوَ ۽ روحاني ابياس جي طرف سندن جهڪاءُ گهٽ ٿي رهيو آهي ۽ شردا ڀاوَ جي ڪميءَ سبب مٽڀيد پيدا ٿي رهيا آهن ته هنن ان سموري وواد کان پاڻ کي ۽ پنهنجيءَ سنگت کي الڳ رکڻ مناسب سمجهيو.

حضور جن جي پوتر چرن ڪملن ۾ سؤ بار عزت ۽ پيار، نهايت نهٺائي ۽ نمرت نماڻائي ۽ دينتا سان راڌاسوامي قبول پوي. ڪرپا پتر پهتو. توهان مون تي ڏاڍي ڪرپا ڪئي. توهان کان وڌيڪ هن داس کي حضور جن جي درشن جي چاهنا آهي جيڪڏهن هيءُ بندو سفر ڪرڻ لائق هجي ها ته خود حاضر ٿئي ها. پر افسوس! ڪمزوري نهايت گهڻي آهي. ان ڪري توهان اڳيان حاضر ٿيڻ ۾ مجبور ۽ لاچار آهي. توهين ديالو آهيو. ڪرپا ڪري درشن ڏيندا ۽ هن ٻندي کي خوشي بخشي نهال ڪندا."

سيٺ سدرشن سنگهه صاحب سان حضور مهاراج جن جي ملاقات جو نظارو هڪ نهايت انوکو ۽ عجيب هوندو هو. جنهن جي ڏسڻ جي خوش نصيبي مونکي پراپت ٿي هئي. حضور جن، جهڪي، سيٺ صاحب جي چرنن ۾ متي ٽيڪڻ لاءِ اڳيان وڌندا هئا ۽ سيٺ صاحب وري حضور جن جي چرنن ۾. ٻئي، هڪ ٻئي کي جهڪڻ کان روڪيندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي چرنن کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ آخر ٻئي هار کائي نهايت، پريم سان ڳلي ملندا هئا. سيٺ صاحب جي نيڻن ۾ نير ڀرجي ايندو هو ۽ ڪافي دير تائين حضور جن کي ڳلي لڳائي رکندا هئا. اُن وقت وايو منڊل پريم سان ڀرپور ٿي ويندو هو. سڄي ٻنڊل سنگت جون دليون ڀرجي ايندون هيون ۽ سڀن اکين مان پريم جا لڙڪ وهڻ لڳندا هئا. حضور جن جو چهرو هڪ عجيب روحاني روشنيءَ سان چمڪڻ لڳندو هو ۽ سيٺ صاحب جو چهرو آنند وچان ٻهڪندو هو.

هڪ دفعي ديال باغ آگري جي سنگرو صاحب جي مهاراج صاحب (سر آنند سروپ صاحب) ديال باغ ۾ ڪنهن خاص موقعي تي حضور مهاراج جن کي اچڻ لاءِ عرض ڪيو.

ڪانپور ۾ خلافت وڏي ويئي ۽ مقدمي بازيءَ جي به نوبت اچي ويئي. پر ان هوندي به حضور مهاراج ساون سنگهه جن، باباجي مهاراج جن وانگر سيٺين سان پريم ۽ پيار جو وهنوار قائم رکيو. چاچاجي مهاراج جن جي پرم ڌام سڌارڻ کانپوءِ به حضور مهاراج جن، سيٺ سدرشن سنگهه جن سان ساڳئي ئي پريم سان گڏ جندا رهيا. حضور جن ڪيترائي دفعا آگري ويندا رهيا ۽ سيٺ صاحب جن جي به جيستائين صحت ٺيڪ رهي، ڏيري ۾ ايندا رهيا. سيٺ صاحب جن کي به مهاراج ساون سنگهه جن لاءِ ڪافي پيار هو. هُو حضور جن کي ڪافي پريم پريا خط لکندا هئا. هڪ دفعي هُنن حضور جن کي لکيو:-

”[1] مخدوم، [2] مڪرم، [3] معظم، بندا شري حضور سردار صاحب دامي، [4] ڦلڪل متا ٽيڪ، [5] ڪردست بستا راڌا سوامي. حضور کي پوتر چرن ڪنولون ۾ [6] بصد عجز و نياز و [7] انڪسار نهايت اڌينگي ۽ ڊينتا سي راڌا سوامي قبول هو. [8] افتخار ناما عالي پهنچا. [9] ممتاز فرمايا. آپسي زياده اس غلام ڪو حضور کي درشنون کي چاهه [10] ازحد هئي. اگر بندا سفر لائق هوتا تو خود حاضر هوتا. مگر افسوس ڪمزوري نهايت هئي. اسڪي باعث سي حاضري سي مجبُور ولاچار هئي. آپ ديالو هئي، ديا فرما ڪر درشن ديجئي اؤر بندا ڪو ڪرتارٿ ڪيجيئيگا“

”مالڪ، ديالوُ، ست پرش شري حضور سردار صاحب مالڪ روپ، مٿو ٽيڪي هٿ جوڙي توهانکي راڌا سوامي.

---

١. مالڪ ٢. ديالوُ ٣. مهان ۴. مالڪ جو روپ ٥. هٿ جوڙي ٦. سؤ ٧. عزت سان وينتي ٨. پريم ۽ ڪرپا ڀريو خط ٩. ڪرپا ڪئي ١٠. بيحد

وچن فرمايا. اُنهي جواب ۾ حضور مهاراج جن انگل اڌ ڪلاڪ ڀاشڻ ڪيو، جيڪو هڪ قسم جو ستسنگ ئي هو. تنهن کانپوءِ اسان سڀني اهو ڄاڻڻ ٿي چاهيو تہ حضور جن سيٺ صاحب کي ڪاغذ تي ڇا لکي ڏنو هو. پر حضور جن فرمايو تہ اها اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ شخصي ڳالهہ هئي.

اُن بعد حضور مهاراج جن جي دعوت ڏيڻ تي صاحب جي مهاراج پنهنجيءَ سنگت سان گڏ ڏيري ۾ آيا. حضور جن ڪين بيحد پيار سان ڏيري ۾ رهايو ۽ حضور جن جي زور ڀرڻ تي ستسنگ ۾ ڪجهہ وچن فرمايا. ڏيري ۾ سندن ۽ سندن سنگت جو پريم ڀريو سواگت ڪيو ويو. جنهن لاءِ هنن بيحد خوشي ۽ احسانمنديءَ جو اظهار ڪيو. ديال باغ جي ستسنگين کي ڏيري جي ستسنگ جو انتظام، سنگت جي شردا ۽ پريم سان شيوا ڪرڻ، لنگر وغيره جو انتظام ڪافي وڻيو.

حضور مهاراج جن جو سڀني سان پريم ڀريو ۽ سد ڀاونا جو وهنوار هو. بابو ماڌو پرساد صاحب (ستگرو سوامي باغ آگرو) سان بہ مهاراج جن آگري ۾ ملندا رهندا هئا. هڪ دفعي بابو ماڌو پرساد صاحب امرتسر آيا هئا. جڏهن حضور مهاراج جن کي اها سوچنا ملي تہ راءِ صاحب هر نارائڻ جيءَ کي پاڻ سان وٺي، خود امرتسر ويا ۽ عزت ۽ پريم سان شام جو ستسنگ کان پوءِ هنن کي ڏيري وٺي آيا. ستسنگ ۾ حضور جن بابو ماڌو پرساد صاحب کي پنهنجي ساڄي پاسي ويهاريو ۽ سندن توڙي گڏ آيل مهمانن جو آدر ستڪار ڪيو.

٣ "جانشين" مقرر ڪرڻ جو طريقو-

ڏيرا بابا جئمل سنگهہ بياس ۾، جانشين (گدي وارث) مقرر ڪرڻ جو اُهو ئي طريقو آهي، جيڪو هميشهہ کان سنت مت ۾ هلندو آيو آهي. يعني ستگرو پنهنجي چولي ڇڏڻ

حضور جن پنهنجي منظوري ڏني. هميشه وانگر مهاراج جن سوامي باغ ۾ رهيا. حضور جن سان ڏيري جا ڪجهه ستسنگي به ويا هئا، مونکي به هنن سان گڏ وڃڻ جو سڀاڳيه پراپت ٿيو. جڏهن حضور جن، سيٺ سدرشن سنگهه صاحب سان گڏجڻ ويا ته اسين به هنن سان گڏ هئاسين. سيٺ صاحب مهاراج جن کي چيو، "توهانکي دیال باغ وڃڻ جي منظوري نه ڏيڻ کپندي هئي. مونکي سڏايو ويو پر مون کين انڪار ڪيو. توهانکي خبر آهي ته هؤ اسانجي خلاف آهن. توهانجو اُتي وڃڻ مناسب ناهي."

تنهن تي ستگرو دين دیال مهاراج ساونسنگهه جن ٿورو مشڪيا ۽ ڪاغذ جي هڪ ٽڪري تي ڪجهه لکي سيٺ صاحب کي هٿ ۾ ڏنائون. سيٺ صاحب پڙهي، پنهنجي مستڪ تي لڳايو ۽ وري ٻنهي هٿن سان پنهنجي هردي سان لڳايو. هنن جي نيڻن مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڪجهه وقت خاموش رهي، حضور مهاراج جن کي چيو، "توهانجو وچن سچو آهي. منهنجي وڏي ڀل هئي، مان به توهان سان گڏ هلان ها پر مان انڪار ڪري چڪو آهيان."

حضور جن فرمايو "توهين ضرور هلو. هؤ توهانکي خوشيءَ سان وٺي هلندا. جيڪڏهن هؤ توهان کي نه وٺي هلندا ته پوءِ مان به نه ويندس."

ٻئي ڏينهن صبح جو خود پاڻ صاحب جي مهاراج (سر آنند سروپ صاحب) موٽر ۾ حضور جن کي وٺڻ آيا. حضور جن فرمايو ته پهرين سيٺ صاحب موٽر ۾ ويهندا. ان تي صاحب جي مهاراج جن سيٺ صاحب کي راڌا سوامي ڪئي ۽ هلڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ پريم سان موٽر ۾ ويهاريو. تنهن کانپوءِ حضور مهاراج جن ۽ صاحب جي ويٺا. دیال باغ ۾ صاحب جي مهاراج جن حضور جن جي پرچيه ڏيندي سواگت ۾

اڄو ڪي زماني ۾ ٻيو ڪھڙو ٿو ٿي سگھي!

٤- شيوا ۽ ڀيٽا

نقد ڏن، ٻرتن، ڪپڙا، زمين، مڪان، باغ، مشين وغيره، جيڪا به شيءِ ستگروءَ کي ڀيٽا ڏني ٿي وڃي، اُنھن سڀني جو ھُو اڪيلوئي مالڪ ھوندو آھي. ھُو جيئن چاھي انھن جو استعمال ڪري سگھي ٿو. ھُو چاھي ته خود ڪم آڻي ۽ چاھي ته ڪنھن کي به ڏيئي ڇڏي. ستگرو اھا جائداد يا ملڪيت ڪيئن به خرچ ڪري ته ڪنھن به ستسنگي، ڀيٽا ڏيندڙ، ستگروءَ جي سنتان، رشتيدار يا ڪنھن به ٻئي ماڻھوءَ کي ان تي اعتراض ڪرڻ جو ڪو به اڌڪار نٿو ٿي سگھي. پر اسانجي ڏيري جي سڀني گرو صاحبن جو شروع کان ٿي اِھو اُصول رھيو آھي ته ڀيٽا ۾ يا شيوا ۾ ڏنل ڪنھن به شيءِ جو پاڻ لاءِ يا پنھنجي ڪٽنب لاءِ استعمال ڪونه ڪندا آھن. اھڙين سڀني شين کي سنگت جي امانت سمجھي ديکه ڀال ڪندا آھن ۽ اُنجو استعمال سنگت جي آرام ۽ لاڀ لاءِ ڪندا آھن. اِن باري ۾ مان ستگرو ديندیال مھاراج ساون سنگھه جن جي ٢٦ اپريل ١٩٤٢ جي وصيت جو ڪجھ حصو ھتي ڏيان ٿو جيڪو اِن ڳالھه کي بلڪل صاف ظاھر ڪري ٿو.

”شبد سنيھي، سچکنڊ آنامي نواسي سنتن جي اِھا ريت آناد ڪال کان ھلندي آئي آھي ته شش يعني سندن چيلا ستسنگي ھنگي ڪل مالڪ جو روپ سمجھندا آھن ۽ اِن ڪري سڀ ڌارمڪ جائداد جيڪا سندن نالي ھوندي آھي اُنھيءَ تي سندن پورو حق ھوندو آھي ۽ ڪنھن کي به اُنھيءَ اختيار ۾ دخل ڏيڻ جو حق ڪونھي. پر اھڙا سنت، سوامي يا مالڪ ھوندي به ان ڌن يا ان مان حاصل ٿيل آمدنيءَ کي پنھنجي شخصي ڪم ۾ استعمال نٿا ڪن. بلڪ اھا

کان اڳ، پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي، لکي يا زباني ان شش کي
مقرر ڪندا آهن، جنهن کان هو پنهنجي نج ڌام وڃڻ بعد
ستسنگ جي سيوا ۽ جيون کي چلائڻ جو ڪم ڪرائڻ چاهيندا
آهن. اُن کي مقرر ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به اعتراض، دخل ڏيڻ يا
سوال ڪرڻ جو حق ڪونه ٿيندو آهي. گرو خود سمرٿ پرش
۽ ڪل مالڪ آهي جنهنکي هو چاهي، پنهنجيءَ جڳهه تي ڪم
ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو. سنگت هميشه پنهنجي
گروءَ جي حڪم جي سچي دل سان پالنا ڪندي آهي.
جيڪو گروءَ جي حڪم جي بجاوري نٿو ڪري، اهو گروءَ
جو سيوڪ ۽ ستسنگي ڪونهي. سوامي جي مهاراج جن جي
حڪم سان بابا جيمل سنگهه جيون کي چلائيندا رهيا. باباجي
مهاراج جن اهو ڪارج پاڻ کانپوءِ حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن
جي سپرد ڪري ويا. حضور مهاراج جن لکيل وصيت
ذريعي سردار بهادر مهاراج جڳتسنگهه جن کي پنهنجي جڳهه
تي مقرر ڪري ويا. اهڙي طرح سردار بهادر جي مهاراج جن
وصيت دواران موجوده سرڪار مهاراج چرنسنگهه جنکي سنت
ستگرو مقرر ڪري ويا آهن. حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
جن، اڪثر آگري جي ستسنگ جي گدي تي جانشيني جي
باري ۾ بحث مباحثن ۽ جهڳڙن کي ڏسي فرمائيندا هئا ته اهو
مناسب آهي ته ستگرو چولي ڇڏڻ کان اڳ پنهنجي جانشين
جي نالي جو صاف اظهار ڪري وڃي جيئن پوءِ ڪنهن به
جهڳڙي وغيره جو امڪان نه رهي. ان باري ۾ حضور جن
اِئين به فرمائيندا هئا ته پاڻ اهڙي ڪا به گنجائش ڪونه رکندا
انهيءَ ڪري حضور جن چولي ڇڏڻ کان ڏهه ٻارهن ڏينهن
اڳ، هڪ لکيل وصيت نامي ذريعي سردار بهادر جڳتسنگهه
جنکي پنهنجو گدي نشين مقرر ڪري ويا. پنهنجي اِڇا کي،
اُن کان وڌيڪ، ظاهر ڪرڻ جو مناسب ۽ صاف طريقو،

باب ستون

حقيقت جو اظهار

* منظور هئي گذارش احوال واقعي،
مقصود اِس سي قطعي محبت نهين مجهي.
(مرزا غالب)

جيئن ته اڳين باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن کي سڀني سنتن ۽ مهاتمائن لاءِ عزت ۽ آدر هو. ڪنهن ڌرم يا مذهب، فرقي يا شخص جي ڳالهه ته پري رهي، پر هوُ ڪڏهن به ڪنهن جي نڪته چيني ڪونه ڪندا هئا. هردي جي اُدارتا ۽ سهنشيلتا، سنتن جي خاصيت ٿيندي آهي. حضور جن پنهنجي دشمنن جي به ڪڏهن نڪته چيني ڪونه ڪئي. اهڙا انيڪ ورتانت آهن جنهن ۾ ستگرو دين ديال پنهنجي ڳالهه ۽ نڪته چيني ڪرڻ وارن تي به ديا مهر ڪئي ۽ اُنهن کي انت ويلي پنهنجو سهارو بخشيو. سردار بهادر مهاراج جن به، پنهنجي ڪنهن به نڪته چيني* جي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪونه ڪئي. نڪته چيني، بحث مباحثي ۽ ڳالهه جي مارڳ، کان سنت هميشه دور رهيا آهن.

---

* مان سچو ورتانت پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجو مقصد دوستي* جي ٽوڙڻ جو ناهي.

سنسنگين جي روحاني اُنتيءَ لاءِ ڪم آڻين ٿا. منهنجي ستگرن بابا جڳمل سنگهه مهاراج، جن جو "ڏيرو بابا جڳمل سنگهه" هڪ يادگار آهي، هو اُنهن پورن پرم سنتن مان آهن ۽ اُنهن جي پرمپرا اڄا تائين هلندي ٿي اچي ۽ اڳتي به اهڙو ئي سلسلو جاري رهندو. پنهنجو به اهو ئي طريقو هلندو آيو آهي ته مان پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو گذارو پنهنجي شخصي ڪمائي، پينشن ۽ پنهنجي زرعي ۽ ٻيءَ شخصي جائداد جي آمدنيءَ مان ڪندو آيو آهيان. مون پرمارٿي ڏن کي يا اُنجي آمدنيءَ کي پنهنجي شخصي يا سنتان جي خرچ لاءِ ڪڏهن به استعمال ڪونه ڪيو آهي."

هن مهان آدرش ۽ پرمپرا کي ڏيري جي سڀني گرو صاحبن پڪي نشچي سان نباهيو آهي. اڄ ڏيري ۾ هر وقت لنگر جاري رهيٿو. اسپتال، لئبرري وغيره کليل آهن. بجليءَ جي روشني ۽ پنکا، پاڻيءَ جا پمپ ۽ ٽانڪيون، پڪا رستا، شيڊ، مهمان گهر، مڪان باغ باغيچا ۽ وڻ وغيره لڳايا ويا آهن. ستگرو هميشه حق حلال جي ڪمائيءَ تي گذران ڪن ٿا. موجوده سنت ستگرو حضور مهاراج چرنسنگهه جن ته گدي نشينيءَ کان ڪجهه سال پوءِ هڪ رجسٽرڊ سوسائٽي ٺاهي سڀ روپيا پيسا، زمين جائداد ۽ اُنجو پورو انتظام، اُنجي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. هينئر ڀيٽا يا شيوا ۾ جيڪا به رقم ۽ شيون اينديون آهن، سڀ هن سوسائٽيءَ جي کاتي ۾ وينديون آهن. حضور جن ان مان هڪ پيسو به پنهنجي ذاتي ڪم ۾ خرچ ڪونه ڪندا آهن. هو پنهنجو گذارو پنهنجي کيتيءَ جي آمدنيءَ مان ڪندا آهن.

سنگهه جي. اهڙي طرح حضور مهاراج چرنسنگهه جن پاڻ کي ستگروءَ جو شيوڪ ۽ سنگت جو داس سڏيندا آهن.

سنتن ڪڏهن به ماڻهن کي سڏي نام وٺڻ لاءِ ڪونه چيو آهي. هو بنا ڪنهن سوارٿ يا مطلب جي سنت مت جي صاف وياکيا ڪندا آهن. اگياني ۽ غافل جيون کي پريم ۽ وهمن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ نام ۽ شبد جو اصلي ارٿ ۽ مهما سمجهائيندا آهن. پنهنجيءَ اِڇا سان ايندڙ جگياسين کي نام بخشيندا آهن. سڀ بزرگ ۽ پراڻا ستسنگي ان ڳالهه کي سويڪار ڪن ٿا ته سچو سنت ڪڏهن پنهنجي مهما يا وڏائيءَ جو ڍنڍورو ڪونه ڏيندو آهي ته "مون وٽ اچو، مان توهان کي اندر نوراني جوت ڏيکاريندس يا توهان جي اندر شبد کي کوليندس." سچ کي پنهنجي پرڪاش جي پرچار ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! اهڙي طرح سچن سنتن جي مهما به خود ظاهر ٿيندي آهي. اُها ڪنهن اشتهار يا پرچار جي محتاج ڪونهي. سنتن جو سدائين اهوئي دستور رهيو آهي ۽ ٽن مهان سنتن جي شيوا ۾ رهندي مان پوري وشواس سان چئي سگهان ٿو ته ڏيري جي ٽنهي سنت ستگرو صاحبن (مهاراج ساون سنگهه جي، سردار بهادر جگت سنگهه جي ۽ موجوده ستگرو مهاراج چرنسنگهه جي) هن اعليٰ آدرش ۽ مهان پرمپرا کي بلڪل چڱيءَ طرح قائم رکيو آهي.

هتي مان ان باري ۾ هڪ ڏک ڀري ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ٿو چاهيان. جيڪو ڪجهه لکي رهيو آهيان ان ۾ منهنجي ڪنهن لاءِ به برائي يا دشمنيءَ جي ڀاونا ناهي. پنهنجي ستگروءَ جي دَيا ۽ سهنشيلتا جو ڌيان ڪري مون ۽ منهنجن دوستن ڪافي وقت تائين خاموشي اختيار ڪئي. ڏيري ۽ اُنجي مهان سنتن تي لڳايل ڪوڙن الزامن

سنتن جي هن مهان آدرش ۽ پرمپرا ۾ پرم سنت ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن به نڪته چينيءَ جو جواب، پنهنجي نمرتا ڀريل مشڪ ۽ پريم ڀري مٺڙ واڻيءَ ۾ ڏنو آهي. هو ڪيترا ڀيرا فرمائيندا آهن ته سنت مت کي پنهنجي اوچن اُصولن ۽ مهان آدرش جي ذريعي جگياسين کي موهت ڪرڻو آهي ۽ نه ڪنهن ٻئي ڌرم يا مذهب، فرقي، مارگ يا ڪنهن شخص جي آلوچنا ذريعي. سنت مت بحث مباحثي يا کنڊن جو مضمون ڪونهي ۽ نه ئي اسان کي سنتن جي هن مهان اوچي اُپديش کي عام پرچار يا اشتهارن ذريعي ظاهر ڪرڻ گهرجي. حضور جن پنهنجن ستسنگن ۾ ان اعليٰ آدرش کي هميشه قائم رکيو آهي ۽ پنهنجيءَ سنگت کي هدايت ڪندا آهن ته ستسنگ ۾ ڪڏهن به ڪنهنجي گلا يا آلوچنا نه هئڻ گهرجي. ستسنگ ۾ صرف شبد روحانيت جي ڳالهه ٻولهه هئڻ گهرجي. پنهنجي هر هڪ وديشي سفر کان اڳ حضور جن هر ستسنگ سينٽر جي پربندڪ کي هدايت ڪندا آهن ته ڪنهن به قسم جي اشتهار، ٽيليويزن يا ريڊيو ذريعي پرچار يا پوسٽرن ۽ ٻين طريقن سان ماڻهن کي گڏ ڪرڻ يا پروگرام جي مشهوري ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن. ها باقي ستسنگين ۽ سچن جگياسين کي پروگرام جي سوچنا ضرور ڏني وڃي.

ڪنهن به سنت ڪڏهن ائين ڪونه چيو آهي ته "مان گرو آهيان" گرو نانڪ صاحب جن ڪڏهن به ڪونه فرمايو ته "مان گرو آهيان" ۽ نه ٻئي ڪنهن سنت پنهنجي گرو هئڻ جي دعويٰ ڪئي. حضور وڏا مهاراج جن هميشه فرمائيندا هئا ته توهين مونکي پنهنجو ڀاءُ، دوست يا ڪو بزرگ سمجهو. پنهنجي لاءِ حضور جن اهڙا ته نهٺائي ۽ نمرتا ڀريا وچن فرمائيندا هئا جو اُنهن کي دهرائي نٿو

محسوس ٿيو. بخشي چانن شاهہ چيو تہ اهڙي قسم جي ڪوڙين ڳالهين جو کنڊن ڪري اصليت پيش ڪرڻ اسانجو فرض آهي.

ان باري ۾ ڪافي صلاح مصلحت ڪئي ويئي. اسان مان ڪن نيڪ صاحبن جو ويچار هو تہ اهڙين اجاين بي مطلب ڳالهين ڏانهن ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي. سڀني سنتن جي وقت ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿيون آهن. سچائي ڪڏهن لڪڻ جي ڪونهي. اسانکي اهڙين ڪوڙين ڳالهين جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي. هنن سڀني جا ويچار، فراخدلي ۽ سجنتا سان ڀرپور هئا. پر ٻئي طرف اهو بہ ويچار هو تہ پرمارٿ جي جگياسين ۽ حقيقت کي ڄاڻندڙن لاءِ سچائيءَ کي ظاهر ڪرڻ ضروري آهي ۽ ان باري ۾ خاموش رهڻ، اسانجي فرض ادائي ۾ ڪوتاهي ثابت ٿيندي. پروفيسر جڳموهن لعل (حضور وڏن مهاراج جن جي وقت ۾ وديشي خطن جي لکپڙهہ ڪندا هئا) ٻڌايو تہ ڪهڙي طرح سردار ڪرپالسنگهہ جي طرفان ڏيري جي خلافت لکت ۽ زباني طريقن سان، وديشن ۾ ٿي رهي آهي ۽ ڪهڙي طرح هنن جي دوارا لکيل خط، ڊاڪٽر اسٽون ۽ ٻين ستسنگين ڏيري موڪليا آهن جن ۾ سردار صاحب ڏيري تي ڪيترائي الزام لڳايا آهن.

بخشي چانن شاهہ ٻڌايو تہ حضور بابا ساون سنگهہ مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ، مان هڪ ڏينهن درشن لاءِ ۽ طبيعت پڇڻ لاءِ مٿي ويس. اُن ڏينهن حضور جن ڪافي پرسن چت ڏسڻ ۾ ٿي آيا. حضور جن فرمايو، "هينئر هيءُ مڪان پراڻو ٿي چڪو آهي، سو هينئر نئون مڪان جالندر ۾ وٺبو." توهانکي خبر آهي تہ حضور جن پنهنجي شرير کي ڪرايي جو مڪان چوندا هئا. ٻئي ڏينهن حضور جن وري فرمايو، "سڀ جالندر ۾ نڪتو آهي. ڏس ڪيتري تيز روشني آهي." حضور جن جا اشارا سردار بهادر

جي اسان کا بہ پرواھ نہ ڪئي. پر جڏھن اھڙي قسم جون ڳالھيون حد کان ٻاھر ٿيڻ لڳيون، تڏھن مون ۽ ڪجھ بزرگ ستسنگين اھو محسوس ڪيو تہ انھن ڳالھين کي حقيقي روپ ۾ ظاھر نہ ڪرڻ، ٽيندو ڪوڙ کي پناھ ڏيڻ ۽ خاموش رھڻ سان ستسنگين ۾ غلطفھمي پيدا ٿيڻ جو امڪان وھندو.

سنہ ١٩٤٨ جي آخرين مھني ۾ اسانکي اھا خبر ملي تہ سردار ڪرپالسنگھ صاحب، حضور مھاراج بابا ساون سنگھ جن جي بلڪل صاف لکيل حڪم جي خلاف پاڻ کي گرو سڏائي ماڻھن کي نام ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو آھي. پر ڏيري ۾ ان ڳالھ تي ڪنھن بہ ڌيان ڪونہ ڏنو. پر سردار ڪرپالسنگھ جي ۽ آھستي آھستي ڏيري جي خلاف زباني ۽ لکيت روپ ۾ پرچار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪيترين ئي اھڙيون ڳالھيون چوڻ شروع ڪيون جيڪي سچائيءَ کان ڪافي پري ھيون. ڏيري ۾ ان ڳالھ جي ڪابہ پرواھ نہ ڪئي ويئي. چاڪاڻ تہ گلا ۽ ڪوڙ جي اڳيان بہ، سنت ڪڏھن پنھنجو صبر ۽ سھنشيلتا ڪونہ ڇڏيندا آھن.

ھڪ ڀنڊاري جي موقعي تي بخشي چانن شاھ (اسسٽنٽ ڪمشنر انڪم ٽئڪس) ۽ مھتا رنگلعل جي (ڊ ئريڪٽر سول سپلاءِ پنجاب) ڏيري ۾ آيل ھئا. انھن ڪجھ پراڻن ۽ بزرگ ستسنگين کي پنھنجي ڪمري ۾ ڪوٺايو. جن ۾ راءِ صاحب منشيرام، راءِ بھادر گلونت راءِ، لالا بالڪرام، ارجنداس، پروفيسر جڳموھن لال، راءِ بھادر شنڪرداس سوندي ۽ ھن ڪتاب جو ليکڪ، ھئا. ھنن صاحبن اسانکي سردار ڪرپالسنگھ جن جو لکيل انگريزي ڪتاب ”بابا ساون سنگھ جن جو جيون چرتر“ ڏيکاريو ۽ اُن مان ڪجھ ٽڪرا پڙھي ٻڌايا. جن کي ٻڌي اسانکي ڏاڍو عجب لڳو ۽ سڀني کي ڪافي دک

باري ۾ پنهنجا وچن ڪيترائي ڀيرا، گهڻن ئي ستسنگين جي
اڳيان فرمايا آهن ۽ سردار ڪرپالسنگهه جي ڳالهه، جو، ان
ڪانسواءِ ٻيو ڪو به شاهد ڪونهي.

اينترو ڪجهه هوندي به راءِ صاحب منشيرام، راءِ صاحب
ارجنداس ۽ ڪي ٻين سڄڻن جو خيال هو ته اسانکي سردار
ڪرپالسنگهه جي انهن بي بنياد ڳالهين جي ڪا به پرواهه نه
ڪرڻ جڳائي. ۽ بخشي چانن شاهه عرض ڪيو ته جيڪڏهن
سردار ڪرپالسنگهه پنهنجي گرو بڻجڻ جي لاءِ اهو دليل
پيش ڪري ها ته هو سنت پد تائين پهچي چڪو آهي ۽
هيئر دنيا جي جيون جو اڌار ڪرڻ چاهي ٿو يا اهو چوي
ها ته هن کي اندر اهو حڪم ٿيو آهي ته 'هو جيون کي
نام ڏئي' ته ان لاءِ اسانکي ڪو به اعتراض نه ٿئي ها.
هر مت ۽ فرقي ۾ ڪيترائي مهاتما ٿيندا آهن. خود راڌا سوامي
مت ۾ گهڻئي سڄڻ پاڻ کي گرو سڏائيندا آهن. سردار
ڪرپالسنگهه به انهن مان هڪ ٿيو سمجهجي ها. حضور مهاراج جن
جي شش مان ڪن ٻين سڄڻن به گرو بڻجي نام ڏيڻ شروع
ڪيو آهي. اسانکي ان لاءِ ڪو به اعتراض ڪونهي. پر
سردار ڪرپالسنگهه جڏهن اها دعوي ڪري ٿو ته حضور مهاراج
ساون سنگهه جن هن کي جيون جي اڌار ڪرڻ جو ڪم سونپيو
آهي ۽ ان ڳالهه سان گڏ ڏيري جي مهان سنتن تي الزام
لڳائي ٿو ته پوءِ اسانکي ان باري ۾ جاچ ڪري، حقيقت
کي ظاهر ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اسانجي خاموشي ستسنگين
جي دل ۾ غلطفهمي پيدا ڪري سگهي ٿي.

سو ڪافي سوچ ويچار بعد اسين ان فيصلي تي پهتاسين
ته برابر اسانجي خاموش رهڻ سان سنگت ۾ ڀرم پيدا ٿي
سگهي ٿو. سردار ڪرپالسنگهه اسانجو مترتي رهيو آهي ۽
هيئر به اسين هن جا خيرخواهه آهيون. انڪري اسانکي

جڳتسنگهه جن (جلندر جا رهواسي هئا) ۾ سنگرو ڏارا پر گهت تيڻ ڏانهن هئا. تنهن ڪانپوءِ ته حضور جن ان ڳالهه جو اعلان به ڪري ڇڏيو. پر ڏسو ته سردار ڪرپالسنگهه پنهنجي ڪتاب ۾ ڇا ٿو لکي . بخشي جي ڪتاب مان پڙهي ٻڌايو، ”هڪ راس جڏهن مان حضور جن وٽ ويس ته حضور جن فرمايو ته ڪرپالسنگهه، ڏس سورج ڪيترو مٿي چڙهي آيو آهي، ڇا جلندر وارا ان کي ڏسن ٿا؟“ اهو ٻڌائي بخشي جي پڇيو ته ڇا اهڙي طرح جاڻي واڻي ڇپيل ڪوڙ کي غلط ثابت ڪرڻ اسانجو فرض ناهي؟“

مهتا رنگلعل چيو ته حضور مهاراج جن هميشه ڏيري جي عزت ۽ شان جو خيال رکندا هئا ۽ ان کي وڌائڻ جي ڪوشش به ڪندا هئا. ڏيري جي مستقبل جي باري ۾ حضور جن ڪيترائي ڀيرا فرمائيندا هئا ته اڃا ته ڏيري گهڙي ترقي ڪئي آهي! هيءَ ته باباجي مهاراج جن جو لڳايل باغ آهي هنکي اڃا گهڻو ڦلجڻو ڦولجڻو آهي. توهين ڏسندا ته هڪ ڏينهن هنجي روشني، يورپ آمريڪا وغيره، دور دور ديشن ۾ پهچندي.

باباجي مهاراج جن جي ڪمائيءَ جو جوهر ته اڃا ظاهر ٿيڻو آهي. مهتا رنگلعل ٻڌايو ته سردار ڪرپالسنگهه پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته حضور جن هنکي فرمايو ته هينئر توکي ڏيري ۾ رهي ڇا ڪرڻو آهي. هينئر هتي ڪجهه به نه رهيو آهي تون ڪنهن ٻيءَ جڳهه وڃي رهه، وغيره وغيره ۽ سردار ڪرپالسنگهه اهو به لکي ٿو ته حضور جن هن کي فرمايو ته تون دهلي وڃي روحاني ستسنگ شروع ڪر.

اسان سڀني اهو قبول ڪيو ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن ڏيري جي مستقبل ۽ دنيا ۾ سنت مت جي پرچار جي

رهواسي) ۽ ڊاڪٽر هزارا سنگهه (حضور جن جو شخصي
ڊاڪٽر) هر وقت حضور جن جي شيوا ۾ حاضر رهندا هئا.
ڪوبه اُنهن جي اجازت کانسواءِ مٿي وڃي نٿي سگهيو. انهن
ٻنهي سڄڻن جو چوڻ آهي ته حضور جن ١٢ آڪٽوبر يا اُن
کان اڳ، يا پوءِ، اهڙي ڪا ڳالهه، امرتسر ۾ رهائش جي
عرصي ۾، سردار ڪرپالسنگهه کي ڪونه فرمائي هئي. اُنهن
ٻڌايو ته پنج ڇهه ڏينهن اڳ، سردار ڪرپالسنگهه امرتسر
آيو هو ۽ هڪ ٻه پهرو هن حضور جن جي شيوا ۾ حاضر ٿيڻ
لاءِ وينتي ڪئي. پر حضور جن فرمايو ته جڏهن اسين ڏيري
مان رواني ٿيڻ وقت ڪرپالسنگهه کي ڏيري ۾ ئي رهڻ
لاءِ حڪم ڏئي آيا هئاسين ته پوءِ هو امرتسر ڇو آيو آهي ۽
هنکي ڪهڙو ڪم آهي؟

ان مان اهو صاف ظاهر آهي ته سردار ڪرپالسنگهه
حضور مهاراج جن جي چرنن ۾ حاضر ٿي نه سگهيو. ١٢
آڪٽوبر صبوح جو اٽڪل ٩ بجي بيبي رلي مٿي وڃي رهي
هئي. اُن وقت هو به هن سان گڏ مٿي هلي ويو. ڀائي
شاديءَ (جيڪو هميشه مهاراج جن جي شيوا ۾ رهندو هو)
ٻڌايو ته اُن وقت ڪرپالسنگهه جي حضور جن سان ڪا به
اڪيلائيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪونه ٿي، ڇاڪاڻ ته حضور جن،
ڪرپالسنگهه جي امرتسر اچڻ تي پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪئي
۽ فرمايو ته جڏهن حضور جن، سردار بهادر جڳت سنگهه،
ڪرپالسنگهه، ۽ ڪجهه ٻين ستسنگين کي ڏيري ۾ رهڻ
جو حڪم ڏنو هو ته پوءِ ڪرپالسنگهه بنا اجازت جي
هتي ڇو آيو آهي ۽ مهاراج جن، سردار بهادر جن لاءِ
پنهنجي پرسنتا ظاهر ڪئي ۽ فرمايائون ته هو ئي هڪ سچو
آگياڪاري گرمک آهي، جو حڪم مڃي ڏيري مان هتي
ڪونه آيو آهي، حالانڪ هڪ ڏينهن اڳ، مون ڏيري مان

جڳائي ته هن جي ڳالهين جي جاچ ڪري ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچون. اسان سڀني جو اهو ويچار بنا ڪنهن ڀيد ڀاؤ جي هو. اسان محسوس ڪيو ته اسانجو مقصد پنهنجي روحاني ترقي ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجي جاچ ۾ ان نتيجي تي پهچون ٿا ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن واقعي ئي سردار ڪرپالسنگهه کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو ته پوءِ گهڻي نياز ۽ نيڪ دليءَ سان هنجي اڳيان پنهنجو سر نوائڻ وارن شخصن مان اسين پهريان ٿينداسين.

سردار ڪرپالسنگهه جو چوڻ آهي ته ١٢ آڪٽوبر ١٩٤٧ جي صبوح جو ٧ بجي حضور مهاراج بابا ساونسنگهه جن هنکي سڏائي فرمايو، ”مان پنهنجي جاءِ تي، نام ڏيڻ جي لاءِ هينئر توکي مقرر ڪريان ٿو ۽ ڏيري جو باقي انتظام ته مون ڪري ڇڏيو آهي، صرف اهو ڪم رهيل هو جو هينئر تنهنجي حوالي ڪريان ٿو.“

ان باري ۾ جاچ ڪرڻ لاءِ اسين ٽن چئن مهنن تائين ڏيري توڙي ٻاهر جي اٽڪل ٣٠-٤٠ ماڻهن سان گڏياسين. پڇا ڪرڻ بعد جنهن يڪراءِ نتيجي تي پهتاسين، اُنجو مختصر بيان هيٺ ڏنو وڃي ٿو:-

١٢ آڪٽوبر، ١٩٤٧ تي حضور مهاراج ساون سنگهه جن امرتسر ۾ هئا ۽ اُتي ستسنگ گهر جي هيٺين ڪمري ۾ رهيل هئا. سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ حضور جن بيماريءَ سبب ڏيري کان امرتسر علاج لاءِ ويا هئا. آڪٽوبر جي شروعات ۾ حضور جن جي صحت ڪافي چنتا جوڳي هئي. ستسنگي شيوادار ڏينهن رات ڏاڪڻ جي دروازي تي ويٺا هوندا هئا ۽ اُنهن کي حڪم مليل هو ته ڊاڪٽر صاحب جي اجازت کانسواءِ ڪنهن لاءِ به دروازو نه کوليو وڃي. ڊاڪٽر (ميجر) گرو چرنداس ڪپور، ڊاڪٽر هرنامداس اگروال (لڌياني جو

صحيح سميت ڏنو، اُن انوسار ٣ پربند ڪاميٽيون ٺاهيون ويون هيون، جن سڀني جا پريزيڊنٽ، حضور جن پاڻ هئا، ۽ سردار جڳتسنگهه جن کي حضور جن پنهنجو نائب مقرر ڪيو. انهن هدايتن جي پڇاڙيءَ ۾ حضور جن جو فرمان هو ته هنن ڪانپوءِ سردار بهادر جڳتسنگهه انهن ٽنهي ڪاميٽين جو پريزيڊنٽ ٿيندو ۽ سڀئي غير متحرڪ جائداد، ڌارمڪ يا روحاني جائداد سردار بهادر جڳت سنگهه جي نالي رهندي ۽ اُها سندن شخصي جائداد نه سمجهي ويندي. * انهن لکيل هدايتن مان صاف ظاهر آهي ته حضور مهاراج جن گهڻو وقت اڳ ۾ ئي اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سردار بهادر جڳتسنگهه جن هنن جا جانشين ٿيندا. هنن ٽنهي ڪاميٽين کي ٺاهڻ وقت مهاراج جن سردار ڪرپالسنگهه کي ڪابه ذميواريءَ وارو ڪم نه ڏنو ۽ هنکي انتظام ڪاميٽيءَ ۾ به شامل نه ڪيو هو.■

٤. ٢٠ آڪٽوبر ١٩٤٧ تي حضور مهاراج جن پنهنجي موٽر موڪلي سردار بهادر جڳت سنگهه جن کي امرتسر ۾ پاڻ وٽ گهرايو ۽ ستسنگ جي لکين روپين جي کاتن ۾، جيڪي بئنڪ ۾ صرف حضور جن جي نالي ۾ هئا، اُنهن ۾ سردار بهادر جڳتسنگهه جن جو نالو جوڙيو ويو (۽ اهو صاف ظاهر لکائي ڇڏيو ويو ته سردار بهادر اُنهن کاتن کي حضور جن ڪانپوءِ اڪيلائي هلائي سگهندا) ان ڳالهه جو مقصد اهو هو ته حضور جن ڪانپوءِ وارث جو سرٽيفڪيٽ وغيره حاصل

---

* ڏسو صفحو ٣١٦

■ ڏسو ڏيري جي بندوبست جي يوجنا صفحو نمبر ٢٢٠-٢٢١ هن يوجنا جي فهرست ٢ ۾ حضور جن سردار ڪرپالسنگهه کي، بابو گلابسنگهه جي، سردار گوڪل سنگهه ۽ بابا راميشور سان گڏ ستسنگ ڪرڻ جي ذميواري ڏني هئي.

آئي هئي.

ڊاڪٽر هرنامداس ٻڌايو تہ انهن ڏينهن ۾ ڏاڪڻ جو دروازو ٨، ٩ بجي کان اڳ کوليو ويندو هو. ١٢ آڪٽوبر سردار ڪرپالسنگھ جڏهن ٻيبي رليءَ سان گڏ مٿي ويو تہ صرف ٻہ منٽ حضور جن جي اڳيان بيٺو ۽ حضور جن جي ناراضگيءَ ظاهر ڪرڻ سبب هُو هيٺ لهي آيو. ٻيبي رلي ۽ ٻيبي رکي ٻہ ان بيان جي تصديق ڪن ٿيون. ان ڏينهن اٽڪل ١١-١٢ بجي راءِ صاحب منشيرام ۽ دريائي لعل هميشہ وانگر مٿي ويا تہ هنن کي ٻڌايو ويو تہ ڪهڙي طرح سردار ڪرپالسنگھ آيو هو ۽ حضور جن هن تي ناراض ٿيا هئا.

هينئين حقيقتن تي ڪنهن بہ رائي ڏيڻ جي ضرورت ڪونهي :-

١. هڪ طرف تہ سردار ڪرپالسنگھ صاحب جو پنهنجي لاءِ، صرف سندس ئي اهو بيان آهي جنهنجي پٺڀرائي ٻئي ڪنهن بہ شاهد ڪونہ ڪئي آهي. ٻئي طرف ان جي برخلاف بي طرفدار ڇهن معزز شخصن جو بيان آهي جن تي شڪ ڪرڻ جو ڪو بہ ڪارڻ ئي ڪونهي.

٢. جيڪڏهن انهن ڳالهين تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو وڃي تڏهن بہ، ستگرو دين ديال پرم پرش پوُرن ڌڻي حضور مهاراج جن جي لکيل * وصيت ۾ بلڪل صاف لکيل آهي. جنهن موجب حضور جن ۽ سردار بهادر جگتسنگھ جن کي پنهنجو جانشين مقرر ڪيو آهي.

٣. ٢٠ سيپٽمبر ١٩٤٧ ۾ جيڪو، حضور مهاراج جن، لکيل هدايت نامو ستسنگ جي بندوبست جي باري ۾ پنهنجي

* هيءَ وصيت پورين ڏني ويئي آهي. ڏسو صفحو نمبر ٢٩٣

ڪمري ۾ اچي چيو، ”مونکي هينئر حضور جن جي زندگي، گھڻا ڏينهن نظر نٿي اچي. هينئر جلد ئي آئينده جي انتظام لاءِ، هنن کان وصيت وغيره لکائي ڇڏڻ گھرجي.“ اُن وقت ڏيري جا بزرگ معزز ستسنگي (سردار بچنت سنگھ، راءِ صاحب منشيرام، سردار بهادر جڳت سنگھ، پروفيسر ڄڳموهن لعل، سردار چرنسنگھ جن، ڊاڪٽر هزارا سنگھ، ميان شادي، سردار ڪرپالسنگھ وغيره) موجود هئا. سڀني چيو ته اسين حضور جن کي پورڻ پرش پرماتما جو روپ سمجھون ٿا ۽ اسين هنن کي وصيت وغيره جي باري ۾ ڪنهن به قسم جو عرض نٿا ڪري سگھون. اُن وقت به سردار ڪرپالسنگھ، ان ڳالهه جو ذڪر ڪونه ڪيو ته حضور جن سڀ بندوبست ڪري چڪا آهن، سڀ ان باري ۾ تسلي رکن ۽ ٦ مهنا اڳ ۾ ئي هُو سڀ ڪم ڪيس سونپي چڪا آهن. سڀ حاضرين سڄڻ سردار ڪرپالسنگھ جا سنا متر ۽ شڀچنتڪ هئا. اُن وقت هُو سولائيءَ سان ڊاڪٽر جڳچند جي رائي جي جواب ۾ چئي سگھيو ٿي ته حضور جن سڀ انتظام ڪري ڇڏيو آهي، توهين ڪا به چنتا نه ڪريو. سو ان مان صاف ظاهر آهي ته اُن وقت تائين اهڙي ڪا به ڳالهه ڪونه ٿي هئي ۽ ٢٠ مارچ حضور جن جو پنهنجي سيڪريٽري دواران سردار بهادر جڳت سنگھ جي حق ۾ وصيت لکائڻ، ان ڳالهه کي وڌيڪ وزن ٿو ڏئي.

٧. وصيت لکڻ کان اٺ ڏينهن پوءِ، ٢٨ مارچ ١٩٤٨ تي ماهواري ستسنگ ٿيو، جنهن ۾ خود سردار ڪرپالسنگھ، سردار بهادر جڳت سنگھ جن جي حق ۾ لکيل وصيت هٿن ۾ کڻي، پوري ستسنگ ۾ اعلان ڪيو ته سنگت بلڪل نه گھٻرائي ۽ تسلي رکي، مهاراج جن پنهنجو جانشين مقرر ڪري چڪا آهن ۽ هر طرح مناسب انتظام ڪيو ويو آهي.

ڪرڻ ۾ روپيا خرچ نه ڪرڻا پون ۽ ڏيري جو ڪم بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، نئين سنگرو ۽ جي نظر هيٺ چڱي طرح هلندو رهي. اهي سڀ ڳالهيون مهاراج جن جي اُن اِڇا کي صاف ظاهر ڪن ٿيون جيڪي ٢٠ مارچ ١٩٤٨ تي سردار بهادر جڳت سنگهه جن جي حق ۾ ڪيل وصيت ۾ لکيل آهن. جيڪڏهن سردار ڪرپالسنگهه کي گدي ڏني ويئي هجي ها ته پوءِ نقدي ۽ ٻي پرمارٿي جائداد لاءِ، مٿن وشواس ڇو نه ڪيو ويو؟

٥. سردار ڪرپالسنگهه جو چوڻ آهي ته حضور مهاراج جن هن کي اڪيلائي ۾ سڏائي فرمايو هو ته هينئر هُو پنهنجي جڳهه تي پرمارٿي ڪم لاءِ هنکي مقرر ڪن ٿا. پر اها ڳالهه بلڪل سمجهه ۾ نٿي اچي ته اهڙي ضروري ۽ اهميت واري ڳالهه کي، جنهنجو اثر نه صرف ڀارت جي سنگت تي پر ودیش ۾ به هزارين ستسنگين تي پوڻو هو، گپت رکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. اِها حضور مهاراج جن جي يا سردار ڪرپالسنگهه جي، اهڙي ڪا شخصي ڳالهه ته هئي ڪانه جنهنکي اهڙي طرح گپت رکيو وڃي، جو نه سردار ڪرپالسنگهه (٢ اپريل ١٩٤٨ تائين ۽ نه وري اُن کانپوءِ به ڪافي وقت تائين) ڪنهن سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ۽ نه وري حضور مهاراج جن ڪنهن کي ٻڌائي ۽ جنهنجو سنگت ۾ جلدئي ظاهر اعلان ڪرڻ گهربو هو جيئن سردار بهادر جڳت سنگهه جي باري ۾ ڪيو ويو.

٦. ڊاڪٽر پيري سمٿ صاحب جيڪو اُنهن ڏينهن ۾ حضور جن جو علاج ڪري رهيو هو، دهليءَ جي مشهور هوميو پيٿي جي ڊاڪٽر ديوان جئچند کي ١٤-١٥ مارچ ١٩٤٨ تي صلاح لاءِ سڏايو. جڏهن هي ٻئي ڊاڪٽر حضور جن کي تپاسي ڪمري مان ٻاهر نڪتا ته ڊاڪٽر جئچند پر واري

جو گرو ڀائي ۽ بابا جيمل سنگهه جن جي پراڻن ستسنگين مان آهي. هو مهاراج جن جو هڪ وشواسي ستسنگي ۽ صلاحڪار هو. هن اسانکي ٻڌايو، "حضور جن ته هڪ سال اڳ ۾ مونکي فرمايو هو ته هنن کان پوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن ڪم ڪندا." راءِ صاحب ار جنداس سپرنٽينڊنٽ انجنيئر به ان ڳالهه جي تصديق ڪئي.

١٠. بابو گلاب سنگهه، حضور بابا جيمل سنگهه مهاراج جن جو پراڻو ستسنگي ۽ سردار ڪرپال سنگهه جو هڪ ويجهو مائٽ آهي. حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن کي هن تي پورو ڀروسو هو. حضور جن جي نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ هو گهڻو وقت سندن هيڊ ڪلارڪ ۽ ڪانفيڊينشل ڪلارڪ رهي چڪو هو. سردار بهادر جڳت سنگهه جن جي گديءَ نشينيءَ وقت، ٣٠-٤٠ هزار ماڻهن جي سامهون هن پنهنجي تقرير ۾ چيو، "حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن وصيت لکائڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ مون سان ذڪر ڪيو هو ته هنن پنهنجي جڳهه تي پرمارٿي ڪم لاءِ، سردار بهادر جڳتسنگهه جن کي مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن تي مون کين چيو ته حضور! ان کان سٺي چونڊ ٻي ٿي نٿي سگهي. ان ڪم لاءِ هو سڀني کان وڌيڪ لائق هستي آهن. سچائي ۽ يگتيءَ جي مورتي بابو گلابسنگهه جي هن بيان کي، جنهن ۾ سندس ڪوبه شخصي سوارٿ ڪونهي، ڪو به غلط چئي نٿو سگهي. جڏهن سردار ڪرپالسنگهه ڏيري ۾ ايندو هو ته بابو صاحب وٽ ئي رهندو هو. ڇا پنهنجي گرو گديءَ تي مقرر ٿيڻ جو راز سردار صاحب کي، بابو صاحب کان به لڪائڻو هو.؟ حضور جن جي چولي ڇڏڻ کانپوءِ ٻه سردار صاحب هن سان ان ڳالهه جو ذڪر ڪونه ڪيو ته ٦ مهنا اڳ، حضور جن کيس اڪيلائيءَ ۾ گهرائي چيو هو "مون کانپوءِ

٢٧ مارچ شام جو جڏهن راءِ صاحب منشيرام جي آفيس ۾ اسين ١٥-٢٠ ستسنگي وينا هئاسين (جنهن ۾ راءِ صاحب منشيرام، ڪانسواءِ راءِ بهادر گلونت راءِ، ملڪ راڌا ڪرشن صاحب، پروفيسر جڳموهن لعل، بيبي رلي، سردار ڀڳتسنگهه ۽ سردار ڪرپالسنگهه به هئا) اُتي اهو فيصلو ڪيو ويو ته سياڻي ستسنگ، ۾ سردار بهادر جڳتسنگهه صاحب کي جانشين مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو وڃي. اُن وقت سردار ڪرپالسنگهه پنهنجي گدي نشين ٿيڻ جو ذڪر به ڪونه ڪيو. جيڪڏهن سچ پچ هوءَ ٦ مهنا اڳ مقرر ٿي چڪو هو ته ان ڳالهه کي ضرور ظاهر ڪري ها.

٨. سردار ڪرپالسنگهه صاحب ۽ ديوان دريائي لعل حضور مهاراج جن جي جوتي جوت سمائڻ ڪانپوءِ آگسٽ يا سيپٽمبر سنه ١٩٤٨ع ۾ ڪيچ ڏينهن ايڪانت ۾ رهڻ لاءِ رشيڪيش ويا. سردار ڪرپالسنگهه هڪ ڏينهن ديوان دريائي لعل کي چيو ته بابا جئملسنگهه، حضور مهاراج (بابا ساون سنگهه جي) جن سان سردار بهادر کي پنهنجيءَ جڳهه تي مقرر ڪرڻ ۾ خوش ڪونه آهن ۽ چون ٿا، "هيءُ تون ڇا ڪري آيو آهين؟" ۽ اندر مونکي (سردار ڪرپالسنگهه کي) حڪم ڏنو آٿن ته تون ڪنهن نديءَ جي ڪناري پنهنجو نئون آشرم ٺاهه." ديوان دريائي لعل پنهنجي ستگروءَ جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اُتان هليو ويو. ١٢ آڪٽوبر ١٩٤٧ ۾ جيڪڏهن حضور مهاراج جن هن کي گرو گدي سونپي هئي ته پوءِ ان ڳالهه ڪرڻ جو سندن ڪهڙو مطلب هو؟ ڇا بابا ساون سنگهه جي مهاراج جن اهڙو وڏو فيصلو بابا جئملسنگهه جن جي حڪم جي خلاف ڪيو هوندو؟ ان باري ۾ وڌيڪ ڪجهه لکڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي.

٩. سردار سرينسنگهه، حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن

سردار بهادر مهاراج جن کي پنهنجي جڳهه تي مقرر ڪرڻ جو وشواس ڏياريو آهي.

١٣. ٻاهرين ثابتين کان، اعليٰ درجي جي پهتل اپياسين جي اندروني انڀو جي آڌار تي گواهي، وڌيڪ وزندار ۽ اهميت واري آهي. هي، سڀ اپياسي سردار بهادر جڳتسنگهه مهاراج جن جي طرف آهن. اهو سنت مت جو هڪ پڪو وشواس آهي ته اعليٰ درجي جي اپياسين کي اندر، موجوده گروءَ جا درشن ٿيندا رهندا آهن ۽ هڪ گروءَ جي چولي ڇڏڻ تي هنجي جانشين جي سروپ جو به اندر درشن ٿي ويندو آهي. هن وقت ستسنگ ۾ جيڪي پهتل اپياسي آهن جنجي رسائيءَ تي ڪنهن کي به شڪ جي گنجائش نٿي ٿي سگهي، انهن سڀني سردار بهادر جڳتسنگهه جي مهاراج جن جا اندر سنت ستگروءَ جي روپ ۾ درشن ڪيا آهن. ستگروءَ جي درٻار ۾ وڏا وڏا رتن موجود آهن. ٻابا منسارام جي (ٻابا روڙا)، منشي چانڻمل جي ڪپور ٿلا وارو، ٻابو گلابسنگهه، لالا اوڙچند امرتسر نواسي، سردار موهن سنگهه، ٻابا اُجاگر سنگهه ڪپور ٿلا وارو، ٻابا جڳت سنگهه لڌياني وارو، ٻابا ٻڌسنگهه، مؤلوي محمد دين، مؤلوي ابراهيم، پائي وزيرو، * ڊاڪٽر هزارا سنگهه لڌياني وارو، سيٺ سبد ومل، لالا رامداس، بيبي رکي، بيبي رلي، بيبي ڏنو، بيبي ڪرشنا راڻي (جمون واري)، شريمتي ليکراج پري، مائي جوندي جي،

---

* ڊاڪٽر هزارا سنگهه، سردار ڪرپالسنگهه جو پرم متر آهي. هو حضور مهاراج جن جي بيماريءَ وقت شروع کان پڇاڙيءَ تائين حضور جن جي شيوا ۾ حاضر رهيو. ڊاڪٽر صاحب کي حضور مهاراج جن پنهنجي چولي ڇڏڻ کان گهڻا ڏينهن اڳ، نئين روپ ۾ درشن ڏنو هو.

"تون گرو ٿيندين." بابو گلابسنگهه اڄا تائين ڏيري ۾ رهن ٿا ۽ هميشه سردار بهادر مهاراج جن کي حضور مهاراج جن جي جڳهه تي پنهنجو ستگرو مڃين ٿا.

١١. هڪ ڳالهه ٻي به آهي جنهنجو (سردار ڪرپالسنگهه جي دعوى جي باري ۾) ڪو به تسلي بخش جواب ڏئي نٿو سگهي. اهو هيءُ آهي ته خود سردار ڪرپالسنگهه، حضور سردار بهادر جڳتسنگهه مهاراج جن جي چرنن ۾ نام جي چاهڪن کي نام دان جي لاءِ موڪليندو رهيو. هن وقت به هنجو پنهنجي هٿ سان لکيل اهڙو هڪ خط ڏيري جي دفتر ۾ موجود آهي.

١٢. ليفٽيننٽ ڪمانڊر يوگيندر پال ڪپور ڀارتيه نؤ سينا ۾ هڪ وڏو آفيسر آهي. ڏاڍو پريمي ۽ نيڪ سڄڻ آهي. پهرين هن سردار ڪرپالسنگهه کان نام ورتو هو ۽ تن من ڌن سان هنجي شيوا ڪندو رهيو. هنجو چوڻ آهي ته آتي جي ڪي حالتن کان بيزار ٿي هو راتين جون راتيون روئي حضور مهاراج جن جي چرنن ۾ پرارٿنا ڪندو رهيو ته هنکي اصليت جي سوجهي ڏني وڃي. هنکي اندر ۾ حڪم ٿيو ته جيڪڏهن پنهنجيءَ آتما جي ڀلائي چاهين ٿو ته سردار بهادر جڳتسنگهه جي مهاراج جن جي شرن ۾ وڃ. ڊاڪٽر ڪوسلا صاحب (چنڊيگڙهه وارو به پنهنجي باري ۾ اهڙي قسم جي وارتا ٻڌائيندو آهي.) شريمتي پري (شري ايشور چند پري، ڊپٽي ڪمشنر ڌرمشالا، جي ماتا) هڪ گنڀير بزرگ ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ استري آهي. هن کي اندر ۾ حضور مهاراج جن جيڪا پدوي سردار بهادر جن جي ڏيکاري ۽ جيڪا حالت سردار ڪرپالسنگهه جي ڏيکاري، اُها هن صاف صاف بيان ڪئي آهي. اهڙي قسم جا انيڪ ورتانت آهن جن ۾ خود حضور جن ستسنگين کي اندر ۾ درشن ڏيئي

"جلندر مان (جيڪو ڏيري کان اٽڪل ۴٠ ڪلوميٽر پري آهي) ٿڌو پاڻي گهرايو وڃي." وري هڪ ڏينهن شام جو فرمايائون، "هوڏانهن ڏسو جلندر ۾ ڪهڙي نه تيز روشني چمڪي رهي آهي." وري ڪنهن ٻئي ڏينهن فرمايائون، "ڏسو جنهن گهر ۾ مان نواس ڪريان ٿو، اهو پراڻو ۽ ڪمزور ٿي ويو آهي. هينئر هنکي ڇڏي جلندر ۾ هڪ نئون مڪان ونندس." پهرين ته اسان سوچيو ته شايد بيماريءَ سبب حضور جن اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن پر پوءِ حضور جن جي اصلي منشا معلوم ٿي ته هنن جانشين (سردار بهادر صاحب جي باري ۾ اهڙن اشارن سان اسانکي ڪجهه ٻڌائڻ ٿي چاهيو. سردار بهادر جلندر جا رهواسي هئا ۽ حضور جن اسانکي ٻڌائي رهيا هئا ته هنن پنهنجو ڪم هينئر ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي روشني جلندر کان ايندي.

(۲ پنهنجي پرم ڌام وڃڻ کان ٻه هفتا اڳ، جڏهن حضور جن ڪجهه ٺيڪ هئا، تڏهن ۲٠ مارچ هنن پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان سنگت کي درشن ڏنو ۽ اُن کانپوءِ منجهند جو ڏيڍ بجي حضور جن جي وڏي صاحبزادي (جيڪي ٦٨ سالن جا بزرگ هئا ۽ جنهجي ڏاڙهي اڇي ٿي چڪي هئي) حضور جن جي پوٽي، پرائيويٽ سيڪريٽري، وشواس يوگيه شيوادار بيبي رلي ۽ منهنجي حاضريءَ ۾، سيڪريٽريءَ حضور جن کي اهو ڪاغذ ڏنو جنهن ۾ حضور جن جي هدايت انوسار، سندن آخرين اڇائون لکيون ويون هيون. مهاراج جن پنهنجي پڙهڻ جي عينڪ جي گهر ڪئي، اُنکي شانتيءَ سان پاتائون ۽ ٿورو ڏڪندڙ هٿن سان اُن ڪاغذ کي جهليائون. حضور جن آهستي پر تمام گهڻي غور سان هر هڪ سٽ کي شروع کان آخر تائين پڙهيو ۽ وري سيڪريٽريءَ طرف نهاريندي ڪاغذ واپس ڏيئي ڇڏيائون.

شريمتي سوهن لعل کؤڙا (۽ ٻين انيڪ ستسنگين) کي حضور مهاراج جن اندر ۾ سردار بهادر جڳت سنگهه مهاراج جن سان ملايو. ڪانگڙا ضلعي جي پهاڙي علائقي جي هڪ مشهور مهاتما ماتا جانڪيءَ ته ڪيترا ڏينهن اڳ ۾ ئي اُتي جي ستسنگين کي ٻڌايو هو ته هينئر حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جلدي پنهنجي نج ديش واپس وڃڻ وارا آهن ۽ هنن جي جڳهه تي سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن کي تخت تي براجمان ڏنو آهي. هن ماتاجي عمر ١٠٤ سال آهي. هوءَ اڃا تائين زنده آهي ۽ گروءَ نام جي دولت سان ايترو ته ڪيس مالامال ڪيو آهي جو اندر جو سڄو حال خوب ٻڌائيندي رهندي آهي.

١٤. حضور مهاراج جن جي چولي ڇڏڻ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ ڊاڪٽر پيٽري سمٿ هتان روانو ٿيڻ کان اڳ، حضور جن جي ديهانت جي باري ۾ هڪ * ليک لکيو هو جنهنجو سرو هو :-

"بياس ۾ ستگروءَ جو چولو ڇڏڻ."

انهيءَ جي هڪ ٽائيپ ٿيل ڪاپي پروفيسر جڳموهن لعل اسان کي ڏسڻ لاءِ ڏني. جنهن مان ڪجهه ٽڪرا هتي ڏنا وڃن ٿا. انهن مان اصليت جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ ملي ٿي. ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي- "مان محسوس ڪريان ٿو ته هتي اُنهن ٻن ڳالهين جو ذڪر ڪريان جيڪي هن پاري ڪشٽ جي وقت ۾ حضور مهاراج جن جي پورن ستگرو هئڻ جي ثابتي ڏين ٿيون."

"چولي ڇڏڻ کان ڪجهه هفتا اڳ حضور جن فرمايو،

---

* ڊاڪٽر پيٽري سمٿ جي هن ليک جي 'اصلي ڪاپي' ڏيري ۾ مؤجود آهي.

کي پريم ۽ جذبات سان ڀري ڇڏيو. هٿ جوڙي، ڀريل دل ۽ ڀڳتيءَ سان اسان سندن پوتر چرنن ۾ جهڪياسين. هوءَ اُن وقت اسانجي سامهون ديهہ سروپ ۾ موجود هئا پر پنهنجيءَ وصيت ذريعي اِهو ظاهر ڪري چڪا هئا تہ ڪجهہ وقت کانپوءِ هو اسان وٽ اُن ديهہ سروپ ۾ ڪونہ هوندا. مان ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس اُها خاموشي! ۽ اُن کان وڌيڪ اُها پورن روحاني شانتي، جيڪا ستگروءَ جي اپار ديا مهر سان اسانجي روم روم، رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪي هئي."

"اُن وقت حضور جن پنهنجي پلنگ تي هڪ ٿلهي نيري بخمل جي وهاڻي جي سهاري ويٺا هئا. سندن ڪلهن تي هڪ اڇي نرم شال ويڙهيل هئي، مٿي تي دستار ڪونہ هئن. سندن نيترن ۾ اپار روحاني شڪتي، جوتي ۽ چمڪ هئي، جنهنجو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. سندن سچي ديهہ مان اهڙيون تہ چيتن ڌارائون نڪري رهيون هيون جنجو ورنن ڪري نٿو سگهجي، جي آتما ۽ الوڪڪ هيون. حضور جن جي وشالتا جي اڳيان اسين پاڻ کي تمام ننڍو ۽ تڇ محسوس ڪري رهيا هئاسين. اُن کانپوءِ اسان تي هڪ گهري خاموشي ڇانئجي ويئي جنهن اسانکي چئني طرفن جي دنيا کان بيخبر ڪري ڇڏيو. اسانکي ڪا بہ سڌ نہ رهي. اکيون پريم ۽ آنند جي لڙڪن سان ڀرجي ويون. پنهنجي پورن مهان ستگروءَ جي روحاني واتاورڻ جي پرم آنند ۾ مگن ٿي وياسين."

١٥. سردار بهادر جڳت سنگهہ جن کي تہ گرو بڻجڻ جي ذميواري، زبردستي ڏني ويئي. هنن ڪڏهن ان جي اِڇا ئي ڪونہ رکي. بلڪ ٻهرئين دفعي چوڻ تي، اکين ۾ لڙڪ آڻيندي، ان ذميواريءَ کي سويڪار ڪرڻ کان صاف اِنڪار

اُن ڪانپوءِ حضور جن پنج منٽ ڪن خاموش رهيا ۽ پنهنجي سامهون يڪ ٽڪ ڏسندا رهيا. ائين معلوم ٿيو ته حضور جن ڌيان ۾ لين آهن. اُن وقت چئني طرف هڪ عجيب خاموشي هئي. حضور جن وري اُهو دستاويز ٻيو دفعو گهريو ۽ اُن کي وري غور سان پڙهيائون ۽ سيڪريٽريءَ کي ڏيندي حڪم ڏنائون ته هي پڙهي ٻڌاءِ. سيڪريٽريءَ پڙهي ٻڌايو. دستاويز پڙهي سيني کي ٻڌائڻ ڪانپوءِ سيڪريٽريءَ مهاراج جن کان پڇيو "حضور! هيءُ ٺيڪ آهي؟" حضور جن جواب ڏنو "ها" ۽ گڏوگڏ پنهنجو سر ٿورو لوڏي منظوري ڏني. وري حضور جن پنهنجو قلم گهريو. مون پنهنجو قلم سندن اڳيان پيش ڪيو. قلم هٿ ۾ وٺي حضور جن هڪ خاص درشٽيءَ سان پنهنجي پوٽي (سردار چرنسنگهه جي) طرف نهاريو، جن تي حضور جن کي ڪافي وشواس هو. اُن ڪانپوءِ مهاراج جن اُن اهم دستاويز تي صحيح ڪئي، جنهن ۾ حضور جن جي جانشين جو نالو ۽ سندن آخرين اِڇا ظاهر ڪيل هئي.

"مون حضور جن جي صحيح کي، هن ضروري اعلان سان گڏ تصديق ڪئي ته صحيح ڪرڻ وقت حضور جن پوري هوش ۽ حواس ۾ هئا ۽ هُنن هن دستاويز تي خود پنهنجي خوشيءَ سان بنا ڪنهن زور ٻار يا مجبوريءَ جي، صحيح ڪئي آهي."

"اُن شانت ۽ عجيب واتاورڻ ۾ مهاراج جن جو ڇا ته نرالو شان هو! سندن مک منڊل جو تيج ڪهڙو نه نوراني ۽ پر ڀاوشالي هو! جيتوڻيڪ سندن هٿ ڪجهه ڏڪي رهيا هئا پر تنهن هوندي به سندن هر هڪ ڪاريه شاندار ۽ دلڪش هو. دستاويز تي صحيح ڪرڻ جو ڪاريه، جيڪو حضور جن ڪيو ۽ جنهن طريقي سان ڪيائون اُن اسانجي دل

٦ جنوري ١٩٥٢ تي هڪ ٻيو خط ڪيس لکيو. جنھن ۾ هڪ بلڪل بي بنياد ۽ ڪوڙو قصو لکيو ته مھاراج چرنسنگھ جن، سردار ٻچنتسنگھ صاحب (حضور مھاراج بابا ساون سنگھ جن جو سپتر) جي چوڻ تي ٥٠ هزار روپين جو هڪ چيڪ بياس گديءَ تي وهڻ لاءِ ڏنو آهي ۽ هڪ اسٽامپ پيپر تي اهو به لکي ڏنو آهي ته هو ٻن ٽن سالن ڪانپوءِ گدي سردار ٻچنتسنگھ جي پوٽي کي ڏيندا، وغيره وغيره. شري پريم پنڊاويءَ اهو خط حضور مھاراج چرنسنگھ جن جي شيوا ۾ موڪليو. حضور جن ته بيحد دَيالو ۽ ڪميا جا ساگر آهن. هنن خط کي ڪا به اهميت ڪو نه ڏني. پر حضور جن جي ڪيچ وڪيل ستسنگين شيخ سعدي جو هيءُ شعر ياد ڏياريندي ” * نيڪي با بدان چنان است چوُ بد ڪردن برائي نيڪ مردان“ ان ڳالھ تي زور ڏنو ته برداشت ڪرڻ ۽ معافيءَ جي به ڪا حد ٿيندي آهي. سردار ڪرپالسنگھ زباني توڙي لکيت ۾ ڪوڙي پرچار ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪو نه ڇڏي آهي. پر هاڻي جڏهن اها ڳالھ ڪافي حد تائين پهچي چڪي آهي ته پوءِ هنجو ڪجھ تدارڪ ڪرڻ ضروري آهي. حضور چرنسنگھ مھاراج جن ته وري به اهوئي فرمائڻ لڳا ته اسانجو انهن بي بنياد ڳالھين يا غلط بيانن سان ڇا ٿو بگڙ جي؟ ماڻھو پنھنجي عادت پوري ڪندا رهن ۽ اسانکي پنھنجو سياءُ نه ڇڏڻ گھرجي. پر وڪيل مترن سردار ڪرپالسنگھ کي هڪ نوٽيس ڏيئي ئي ڇڏيو ته هن جاڻي واڻي، حسد وچان، غلط بي بنياد ڪوڙيون ۽ اپمان جوڳيون ڳالھيون لکيون آهن جن مان ستسنگين جي

---

* خراب ماڻھن سان نيڪي ڪرڻ، نيڪ ماڻھن سان برائي ڪرڻ جي برابر آهي.

ڪيائون ٻيو دفعو جڏهن حضور مهاراج جن کين سڏائي ڪافي مجبور ڪيو ۽ حڪم ڏنو ته هيءَ ڪاربه کين ڪرڻو ئي پوندو، تڏهن گروهه جي اڳيان سندن سر جهڪي ويو. سڄي گرو صاحبن جو اهوئي حال رهيو آهي. نائين پاتشاهي فرمايو هو ”پنڌ بهت پياري هئي.“ ان جي بلڪل اُبتڙ سردار ڪرپالسنگهه (پنهنجي گروهه جي حڪم جي ڪابه پرواهه نه ڪري) گرو بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، جنهنجي پراڻن ستسنگين کي چڱي طرح ڄاڻ آهي.

١٦. جڏهن سردار بهادر صاحب جن هن مرتيولوڪ کي ڇڏڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ته وري سردار ڪرپالسنگهه کين خط لکيو ته هينئر هو کيس پنهنجي جڳهه تي مقرر ڪري وچن ۽ ڏيري ۾ کيس سڏائين. اهڙي خط جو جواب سردار بهادر صاحب جن، راءِ صاحب منشيرام کان هيٺين طرح لکايو:-
”پائي صاحب، هيءَ گدي منهنجي جائداد ڪونهي. نه مان پنهنجي خوشيءَ يا مرضيءَ سان هن تي ويٺو آهيان ۽ نه ئي اُن جي آئينده جو وارث مقرر ڪرڻ منهنجي اختيار ۾ آهي. مان ته حضور مهاراج جن جو هڪ تڇ سيوڪ آهيان. مونکي ته جيئن مٿان حضور مهاراج جن جو حڪم ٿيندو آهي تيئن ڪندو آهيان. توهان ان باري ۾ جيڪو به عرض ڪرڻ چاهيو، اُهو حضور مهاراج جن جي شيوا ۾ رکو.“

١٧. ڪلڪتي جو شري پريمسنگهه ڀنڊاري، حضور مهاراج جن جو هڪ پريمي ستسنگي آهي جو حضور مهاراج جن گانپوءِ سردار بهادر مهاراج جگت سنگهه جن ۽ هينئر موجوده ستگرو مهاراج چرنسنگهه جن کي سنت ستگرو مڃيندو آهي. سردار ڪرپالسنگهه شري پريم ڀنڊاريءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ ڪيتريون ئي چٺيون لکيون، پر هن تي انهن چٺين جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. ان ڪري سردار ڪرپالسنگهه

کي سويڪار ڪندا."

اُنهن ڏينهن جي ھيءَ واردات آھي تہ ھڪ ماڻھوءَ، جنھن بہ ٽي مهنا ڏيري جي آفيس ۾ خوب محنت ۽ هوشياريءَ سان ڪم ڪري سيڪريٽري صاحب کي خوش ڪيو ۽ ھن جو وشواس بہ حاصل ڪيو. ھڪ ڏينھن صبوح جي وقت، جڏھن سڀ ماڻھو ڏيري کان ٻاهر وڏي ستسنگ، گھر ۾ ستسنگ ٻڌڻ لاءِ ويل هئا، ڏيري جي ضروري ڪاغذن جي الماڙيءَ جو تالو کولي، ڪاغذ ڪڍي ندي اُن ماڻھوءَ کي پڪڙيو ويو. اِتفاق سان سيڪريٽري صاحب ڪنھن ڪم سان اُتي اچي ويو ۽ اُن ماڻھوءَ وٽان سردار صاحب سان لاڳاپو رکندڙ ڪجھ ڪاغذ ھٿ آيا. اھو ماڻھو ٻاھرين طور چوندو ھو تہ ھو بلڪل اڻ پڙھيل آھي، پر ڪيس جڏھن پوليس جي حوالي ڪرڻ لڳا تہ مڃيائين تہ ھو مئٽرڪ پاس آھي ۽ يو- پي (اُتر پرديش) جو رھواسي آھي ۽ ھن پنھنجيءَ اِڇا سان ئي ھيءُ ڪم ڪيو ھو، ڪنھنجي چوڻ تي نہ. حضور جن پنھنجي ديا ڀاوَ ڪارڻ ھن کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

مٿي ڏنل ڳالھين تي ويچار ڪري صحيح نتيجي تي پھچڻ، اسين سچائيءَ جي کوجين تي ڇڏيون. اسانجي صرف اھا پرارٿنا آھي تہ مالڪ پنھنجي مھر ڪري ۽ اسان کي سٺي بُڌي بخشي، جيئن اسين سچ ۽ ڪوڙ کي سڃاڻي سگھون.

ھن جاچ پڙتال جي دوران ۾ بخشي چانن شاھ اسان کي ھڪ ٽپڻي لکي ڏني آھي جنھنجي ھڪ حصي جو سار مختصر طور ھيٺ ڏنو وڃي ٿو:-

حضور مھاراج ساون سنگھ جن جي مشھور پستڪ "گرمت سدانت" جو پھريون ڇاپو سنہ ١٩٢٠-٢٢ ۾ ظاھر ٿيو ھو، جڏھن سردار ڪرپال سنگھ اُھا نام بہ ڪونہ ورتو ھو.

پاوناڻ کي ڪافي صدمو پهتو آهي تنهنڪري يا ته هڪ مهني جي اندر ڪوڙي بيان لاءِ معافي وٺي يا ان جي نتيجي لاءِ تيار رهي. ان تي سردار ڪرپالسنگهه پنهنجي هڪ پراڻي دوست ملڪ راڌاڪشن وڪيل (حصار واري) جي معرفت خط ۾ لکيل بيان کي غلط ۽ ڪوڙو قبول ڪيو ۽ لکيت ۾ * معافي نامو مهاراج چرنسنگهه جن جي شيوا ۾ پيش ڪيو ۽ انهيءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. حضور جن انهيءَ معافي نامي کي سويڪار ڪيو.

١٨. شري پريم ڀنڊاري صاحب کي (جيڪو ڪلڪتي جو هڪ امير واپاري آهي) پنهنجي ڊائري ۾ آڻڻ جي لالچ ۾ سردار ڪرپالسنگهه، اُن ** خط لکڻ وقت ڀلجي ويو هو ته اهڙو بيهودو ۽ ڪوڙو الزام لڳائڻ، قانوني طور اپراڌ آهي، پر ڇهن مهنن ڪانپوءِ جڏهن هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته وري شري پريم ڀنڊاريءَ کان پنهنجي چٺي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ ١٥ جون ١٩٥٢ تي هڪ چٺي لکي ڪيس عرض ڪيو، ”منهنجو ٦ جنوري ١٩٥٢ وارو خط ڪرپا ڪري واپس موڪليو، مان اُن ۾ ڪجهه ڏسڻ چاهيان ٿو. اهو تمام ضروري آهي. مون کي اُميد آهي ته اهو اصلي خط مهرباني ڪري توهين ضرور موڪليندا ۽ منهنجي پرارٿنا

---

* هي معافي نامو ڏيري جي رڪارڊ ۾ حفاظت سان رکيل آهي.

** ان طرح جي ٻي بنياد ۽ ڪوڙي لکيت ۽ پرچار جي اُميد ته ڪنهن ساڌارڻ ستسنگيءَ مان به نٿي ڪري سگهجي. ابياسي ستسنگين جي رهڻي ڪهڻي نهايت اوچي ٿئي ٿي، سنتن جي ته ڳالهه ئي نرالي آهي. هو سچائي ۽ نيڪ پاڪ زندگيءَ جا مجسم روپ ٿين ٿا.

نهايت ضروري آهي.

ڪجهه وقت اڳ، ڏيري جي سيڪريٽري شري ڪي - ايل ڪنا، حضور بابا ساون سنگهه مهاراج جن جون سنه ١٩٣٧ کان ٢٠ مارچ ١٩٤٨ تائين سڀ وصيتون ۽ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٤٧ تي حضور مهاراج جن جي ڏيري جي انتظام ۽ ڪاروبار جي ناهيل رٿا، هڪ ڪتاب جي روپ ۾ ڇپائي آهي. انهن نهايت ضروري تواريخي دستاويزن کي مون هن ڪتاب ۾ به شامل ڪيو آهي. اُنهن کي پڙهڻ سان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن پنهنجي ٢٠ مارچ ١٩٤٨ جي آخرين وصيت کان ڪافي اڳ، اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سندن جانشين ڪير ٿيندو. ڏيري جي بندوبست جي يوجنا جي آخر ۾ مهاراج جن صاف ظاهر ڄاڻايو آهي ته هنن کانپوءِ سردار بهادر جڳت سنگهه جن گدي نشين ٿيندا. حضور جن يوجنا جي آخرين حصي ۾ صاف لکيو آهي ته سندن ديهانت بعد به اهو ئي انتظام قائم رهندو ۽ سردار بهادر جڳت سنگهه (حضور جن جي جڳهه تي) اُنهن نئين ڪاميٽين جو پڻ پريزيڊنٽ ٿيندو ۽ سڀئي جائداد، ڌارمڪ يا روحاني ملڪيت جي روپ ۾ هن جي (سردار بهادر جڳت سنگهه جن جي) نالي ٿيندي ۽ اها سندن ذاتي يا شخصي جائداد نه سمجهي ويندي.

اِن يوجنا کي قانوني روپ ڏيڻ لاءِ حضور مهاراج جن ٻه ضروري ڳالهيون ڪيون. هڪ ته ٢٤ سيپٽمبر ١٩٤٧ ۾ حضور جن هڪ وصيت لکائي جنهن ۾ اها ڳالهه صاف دهرائي. ٻيو ۲ آڪٽوبر ١٩٤٧ ۾ حضور جن، بئنڪن ۾ جمع ٿيل ڏيري جي سيني رقمن جي کاتن ۾ پاڻ سان گڏ سردار بهادر جن جو به نالو جوڙايو ۽ صاف لکايو ته اُنهن کاتن کي ٻنهي مان هڪ يا وارث هلائي سگهندو.

سنه ۱۹۴۲ ۾ هن گرنٿ کي وڌائي ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايو ويو. هيءُ پستڪ گهڻو لوڪ پريه ٿيو آهي. حضور مهاراج جن هن ڪتاب جي اصلي ڪاپيءَ جي سلامتي ۽ سنڀال جي ضرورت نه سمجهي. پر بيحد افسوس ۽ دک جي ڳالهه آهي ته ان جو فائدو وٺي، سردار ڪرپالسنگهه ڪتاب جي اصلي مالڪ جي اجازت ڪانسواءِ، اُن جو ترجمو اُردوءَ ۾ ڪري ڪتاب وڪڻڻ شروع ڪري ڇڏيو. پر هن کي ايترو ڪجهه ڪندي به سنتوش نه مليو ۽ هن اهو چوڻ شروع ڪيو ته هن ڪتاب جا ليکڪ مهاراج بابا ساون سنگهه جن ڪونهن. جڏهن ڪن پريمي ستسنگين پاڻ ۾ گڏجي هنجي ان ناجائز ۽ غير مناسب ڪم تي اعتراض ورتو ته اُن تي هن چيو، "* مون ئي اهو ڪتاب لکي حضور مهاراج جن کي ڏنو هو ۽ حضور جن پنهنجي نالي سان اهو ڇپايو هو."

اسان کي جاچ جي هن نتيجي کي لکڻي، گهڻيئي ورهيه گذري ويا آهن. جن معزز ستسنگي مترن هن جاچ ۾ مدد ڪئي، اُنهن جو مقصد ڪنهنجي جذبات کي چوٽ رسائڻ جو نه هو ۽ نه ئي ڪتاب جي ليکڪ جو اهڙو خيال هو. هن حصي کي لکڻ منهنجي لاءِ هڪ اڻٽر ذميواري ۽ ڏکدائي ضرورت هئي ۽ آهي به جو ته ايندڙ پيڙهين جي ڀلائيءَ لاءِ سچائيءَ کي ظاهر ڪرڻ تواريخ جي دشتيءَ کان

* اها ڳالهه نهايت اهميت ڀري آهي ته حضور مهاراج ساون سنگهه جن جي زندگيءَ ۾ سنه ۱۹۴۸ تائين سردار ڪرپالسنگهه هن ڳالهه جي ڪابه دعوا ڪونه ڪئي ته هُوئي "گرومت سڌانت" جو ليکڪ آهي. حضور جن جي جوتي جوت سمائجڻ کان ڪجهه وقت ڪانپوءِ هن اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون.

جي پهرئين فيصلي جو هڪ حصو آهي. حضور جن ڪيترائي دفعا فرمائيندا هئا ته مان پنهنجي وارث جي باري ۾ ڪنهن به قسم جي شڪ ۽ سنديه جي گنجائش ڪونه رکندس. سنتن هميشه پنهنجي وارث جو اعلان پنهنجي سنگت جي سامهون ڪيو آهي. گرو نانڪ صاحب ۽ ٻين گرو صاحبن جي اتهاس کي ڏسو. بابا جيمل سنگهه مهاراج جن پنهنجي خاص پريمي ستسنگين جي سامهون مهاراج ساون سنگهه جن کي پنهنجو وارث مقرر ڪيو هو. پنهنجي وارث جي باري ۾ سنگت کي ٻڌائڻ هڪ نهايت اهميت ڀريو ڪم آهي ۽ هن ڏيري جي گرو صاحبن هميشه چڱي طرح انهيءَ ڳالهه جو خيال رکيو آهي. حضور مهاراج ساون سنگهه جن هاڻوڪي زماني جي حالتن کي نظر ۾ رکندي ان اعلان کي وصيت ذريعي قانوني روپ ڏنو.

ايترو چوڻ ضروري آهي ته جيڪڏهن ڪو به سچو اها دعويٰ ڪري ٿو ته حضور ستگرو مهاراج ساون سنگهه جن هن کي وارث مقرر ڪيو آهي ته مٿي ڏنل حقيقتن جي اڳيان اهڙي دعويٰ بي بنياد آهي. ها، جيڪڏهن ڪو صاحب اهو چوي ته حضور مهاراج جن هن کي اندر حڪم ڏنو آهي ته نام ڏيڻ شروع ڪر ته اهڙي قسم جي بيان کي انهن صاحبن جي شخصي ڳالهه سمجهي، ان تي مان ڪا به ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ ڪونه چاهيندس. اهڙي قسم جا بيان به ستگرو دين ديال جن جي صاف اعلان ۽ وصيت جي اڳيان ڪيتري اهميت رکن ٿا، ان جو فيصلو مان سنگت ۽ پاڻ تي ڇڏيان ٿو.

سماپت

ان باري ۾ حضور جن جي هن کان اڳ، وصيتن مان ڪجھ مثال ڏيڻ چاهيندس، جن ۾ اهو صاف فرمايو ويو آهي ته ڏيري جي روحاني يعني ڌارمڪ جائداد حضور جن کان پوءِ حضور دواران نامزد گدي نشين جي نالي ٿيندي.

”منهنجي ٻئي قسم جي جائداد جو وارث ۽ مالڪ اهو شخص ٿيندو جنهن کي مان هڪ جدا وصيت ذريعي ڏيرا بابا جيمل سنگھه ۾ پنهنجي استان تي گدي نشين مقرر ڪندس .... هيءُ ڏيرو ۽ اُن سان تعلق رکندڙ جائداد تي منهنجو پورو حق آهي ۽ مون کانپوءِ منهنجي دواران نامزد جانشين جو به اُن تي پورو حق رهندو.“

(وصيت نامو ۳۰ نومبر ۱۹۳۷)

مٿي لکيل وچن مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ۱۹۳۷ ۾ ئي حضور جن اهو چڱي طرح لکي ڇڏيو هو ته، هو پنهنجو گدي نشين، هڪ الڳ وصيت جي دواران مقرر ڪندا.

هن وصيت جي ڪجھ سالن کانپوءِ جڏهن اهو ڏٺو ويو ته ڏيري جي جائداد ۾ ڪجھ واڌارو ٿيو آهي ته حضور ستگرو مهاراج ساون سنگھه جن ۲۶ اپريل ۱۹۴۲ تي هڪ سپليمينٽ وصيت نامو جوڙيو ۽ اُن ۾ وري صاف لکيو ويو ”هن پرمارٿي جائداد سان، منهنجي ٻي پرمارٿي جائداد وانگر، جنهنجو بيان پهرئين وصيت نامي ۾ اچي چڪو آهي، منهنجي اولاد جو ڪجھه به واسطو ڪونه رهندو. مون کانپوءِ اُنجو مالڪ مون دواران نامزد ٿيل جانشين ٿيندو ۽ ان کي مٿي بيان ڪيل جائداد جي باري ۾ اُهي سڀ حق حاصل رهندا جيڪي مون کي منهنجي زندگيءَ ۾ آهن.

(سپليمينٽ وصيت ۲۶ اپريل ۱۹۴۲)

انهيءَ ڪري ۲۰ مارچ ۱۹۴۸ جي پنهنجيءَ آخرين وصيت ذريعي پنهنجي وارث جي نالي جو اظهار ڪرڻ، حضور جن

تڏهن لالا پرتاپ سنگهه جيءَ پڇيو ته ڪڏهن جي موج آهي؟
اُن تي فرمايائون ته منجهند جو يا ٻن پهرن ڪانپوءِ.

وچن ٣. :- ورِي پيارا سنگهه ساڌوءَ ۽ ٻين ستسنگين کي روپيا پيٽ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ بندگي ڪرڻ لڳا، اُن تي جگنناٿ کتري پاڙيسريءَ ڪين چيو ته هن وقت مهاراج جن جي ڏيان ڪي اندر لڳڻ ڏيو. روپين ڏيڻ جو هيءُ وقت ڪونهي. تڏهن سوامي جي مهاراج جن اُن طرف متوجه ٿي فرمايو ته ڏيان اِن جو نالو آهي جڏهن چاهي تڏهن سرت پهچائي ۽ جڏهن چاهي تڏهن سرت لاهي ۽ اسان سرت ستپرش جي گود ۾ پهچائي ڇڏي. پر توهانکي ڪي وچن چوڻ لاءِ هيٺ لهي آيا آهيون.

وچن ٤. :- ورِي اِهو فرمايائون ته توکي خبر آهي ته جڏهن منهنجي عمر ڇهه سال هئي تڏهن کان مان پرمارٿ ۾ لڳو آهيان ۽ تڏهن کان هيءُ اڀياس پڪو ٿيو آهي ۽ هيءُ درشٽانت فرمايو ته ڪڇو ٿارو هجي ۽ هنکي ٻڏڻ وقت ڇڏجي ته هيٺر تون تر. اُن وقت هو ڇا ترندو، هوُ ته ٻڏندو ٿي ۽ جيڪو ننڍي هوندي کان ٿي ترڻ سکي رهيو آهي اُن کي جيڪڏهن درياهه ۾ وجهبو ته هوُ ڪونه ٻڏندو ۽ هيءَ ديهه ته ڇوڙي آهي. هيءَ تي ڪنهنجي به نه رهي آهي. هن جو ڇا آهي ۽ زندگي پر ڀڄن سمرن صرف اِنهيءَ لاءِ آهي ته اُن وقت نه وسري. اِن ڪري اهڙو ته نام جو اڀياس ڪريو جو هلندي چلندي به نام نه وسري.

وچن ٥. :- تنهن ڪانپوءِ سوامي جي مهاراج جن راءِ صاحب سالگرام ۽ ڪجهه ساڌن، ستسنگين ۽ ستسنگياڻين طرف مڙي، ڏيان سان نهاري فرمايو ته جهڙو توهين مونکي سمجهو ٿا اهڙو ئي هيٺر راڌاجيءَ کي سمجهو ۽ راڌاجي ۽ ننڍي ماتاجيءَ کي برابر سمجهو.

ضميمو - ١

حضور سوامي جي مهاراج جن جا آخرين وچن

وچن جيڪي سوامي جي مهاراج جن آخرين ڏينهن تي، انتر ڌيان ٿيڻ وقت، ساڌن، ستسنگين ۽ ستسنگياڻين جي هدايت لاءِ خاص مبارڪ زبان مان فرمايا :-

تاريخ ١٥ جون سن ١٨٧٨ مطابق آکاڙ بدي ايڪم پروا سنبت ١٩٣٥، ڏينهن ڇنڇر، وقت صبوح.

وچن ١. :- چندرسين ستسنگي جيڪو هر پورنماسيءَ تي ڪرمنڊيءَ کان حضور سوامي جي مهاراج جن جي درشن لاءِ ايندو هو، هن کي سوامي جي مهاراج جن پاڻ وٽ سڏائي فرمايو ته هُو ويهي سندن خوب غور سان درشن ڪري ۽ سندن سروپ کي هردي ۾ رکي ڇو جو ٻيءَ پورنماسيءَ تي هن کي سندن درشن ڪونه ٿيندو ۽ هنجي پڳتي پوري ٿي.

وچن ٢. :- صبوح جو ٨ ٻجي سوامي جي مهاراج جن فرمايو ته هينئر هلڻ جي تياري آهي. اُن ڪانپوءِ مهاراج جن سرس کي چاڙهيو ۽ سڀ چيٽن ستا ڇڪي ورتي صرف اکين جا اڇا گولا نظر اچي رهيا هئا ۽ سندن شرير ڪنبڻ لڳو. وري ١٥ منٽن ڪانپوءِ سرس کي لاهي، اُن وقت فرمايائون ته هينئر موج ڦري ويئي آهي. اڃا ديرآهي.

جيڪي ڪجهه پڙهيو هجي ته ڪنهن کان پڙهون ؟ ان تي فرمايائون ته جنهن کي جيڪي ڪجهه پڙهيو هجي ته اهو سالگرام کان پڙهي.

وچن ١٤. :- وري لالا پرتاپسنگهه جي ڏانهن مڙي فرمايائون ته منهنجو مت ته ستنام ۽ اناميءَ جو هو ۽ راڌاسوامي مت سالگرام جو هلايل آهي انڪري ٻه هلڻ ڏجو ۽ ستسنگ جاري رهي ۽ ستسنگ اڳي کان وڌيڪ واڌارو ڪندو

وچن ١٥ :- وري فرمايائون ته سڀ ستسنگي خواهه گرهستي يا ڀيک ڪهڙي طرح به نه گهٻرائين. مان هرهڪ سان انگ سنگ آهيان ۽ سڀني جي سنڀال پهرين کان وڌيڪ ٿيندي.

وچن ١٦ :- وري فرمايائون ته ڪلجگ ۾ ٻيو ڪجهه نه ڪرڻو پوندو، صرف ستگروءَ جي سروپ جو ڌيان ۽ نام جو سمرن ۽ ڌيان نام جو ٻڌندو.

وچن ١٧ :- لالا پرتاپ سنگهه جيءَ عرض ڪيو ته شبد کُلي. ان تي فرمايائون ته ڌُن جو ٻڌڻ ۽ اُن مان آنند پراپت ٿيڻ شبد جو کُلڻ آهي.

وچن ١٨. :- وري سوامي جي مهاراج جن راڌا جيءَ طرف مڙي فرمائڻ لڳا ته مون سوارٿ ۽ پرمارٿ ٻنهي ۾ قدم رکيو آهي يعني ٻنهي جو ورتاءُ ڪيو آهي تنهنڪري سنساري وهنوار به سڀ ڪجهه ۽ سادن کي پنهنجي ريت ڪرڻ ڏجو.

(وري سوامي جي مهاراج جن اڱڻ مان اُٿي اندر ڪمري ۾ تشريف وٺي ويا ۽ انڪل پوڻين ٻي ٻجي ڪانپوءِ منجهند جو انتر ڌيان ٿيا.)

وچن ٦. :- وري راڌا جي مهاراج کي حڪم ڏنائون ته
سڀؤ، ٻڪي ۽ ٻسنو کي پٽ نه ڏجو.

وچن ٧. :- سنمکداس کي فرمايائون ته هنگي سيهي ساڌن
جو مهنت ڪيوسين ۽ انهن فرمايائون ته اهڙي مهنتي نه جيئن
دنيا ۾ جاري آهي يعني سنمکداس ۽ وملداس ساڌن جا
آفيسر ٿيا ۽ انتظام يا بندوبست رکندڙ ساڌن جو هنن سان
تعلق رهندو ۽ باغ ۾ رهن ۽ باغ جو مالڪ پرتاپا
(سيٺ پرتاپ سنگهه).

وچن ٨. :- وري فرمايائون ته گرهستي پنهنجي پوڄا
ساڌن کان نه ڪرائين.

وچن ٩. :- وري رڌي بيبيءَ پڇيو ته اسانجي لاءِ ڪنهن
کي تجويز ڪيو آٿو؟ ان تي فرمايائون ته گرهستين لاءِ راڌاجي
۽ ساڌن لاءِ سنمکداس.

وچن ١٠. :- سوامي جي مهاراج جن فرمايو ته گرهستي
استريون باغ ۾ وڃي ڪنهن به ساڌوءَ جي پوڄا ۽ سيوا نه
ڪن. انهن سڀني کي جڳائي ته راڌاجيءَ جو درشن ۽ پوڄا
ڪن. وري فرمايائون ته شينهن ۽ ٻڪريءَ کي مون هڪ
گهاٽ تي پاڻي پيئاريو آهي ۽ ٻئي ڪنهنجو ڪم ناهي.

وچن ١١. :- وري بيبي ٻڪيءَ عرض ڪيو ته سوامي جي!
مونکي به پاڻ سان گڏ وٺي هلو. ان تي فرمايائون، "تون
گهٻراءِ نه، توکي جلدي سڏائيندا سين. تون اندر ۾ چرنن طرف
زور ڏج.

وچن ١٢. :- وري لالا پرتاپ سنگهه عرض ڪيو ته مون
کي به پاڻ سان وٺي هلو. ان تي فرمايائون ته توکان هيئنر
گهڻو ڪم وٺڻو آهي. باغ ۾ رهندين ۽ ستسنگ ڪندين ۽
ڪرائيندين.

وچن ١٣. :- وري سدرشن سنگهه سدن کان پڇيو ته

ماتا جو نالو	ماتا ديا ڪؤر

سوامي جي مهاراج جن کان
نام دان جي پراپتي سنه ١٨٥٦ ۾
پلٽڻ ۾ نوڪري شروع ڪيائون سنه ١٨٥٦ ۾ (سک رجيمينٽ نمبر ٢٤)

پينشن پراپت ڪيائون	سنه ١٨٨٩ ۾
ڏيري جو بنياد وڪيائون	سنه ١٨٩١ ۾
جوتي جوت سمايا	٢٩ ڊسمبر، ١٩٠٣ ۾
بابا جن جا ڀائر	١. ڀائي دانسنگهه جي ٢. ڀائي جيون سنگهه جي
ڀينرون	١. بيبي تابو ٢. بيبي راجو
وواهه	ڪونه ڪيائون، بال برهمچاري رهيا
پاڻ ڪانپوء جانشين مقرر ڪيائون	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جي

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن

جو جنم	٢٠ جولاءِ ١٨٥٨
پتا جو نالو	سردار ڪابلسنگهه جي (صوبيدار ميجر)
ماتا جو نالو	ماتا جيوني جي
ڏاڏي جو نالو	سردار شير سنگهه جي (١١٥ سالن تائين جيوت رهيا)
ڌرمپتنيءَ جو نالو	ماتا ڪشن ڪؤر جي
ڀائر - ڀينر	ڪو به نه
نوڪري	ملٽري انجنيئر سک رجيمينٽ نمبر ١٤ ۾ (٢٨ سالن تائين)

ضميمو - ٢

سوامي جي مهاراج جن جو نالو	سيٺ شو ديال سنگهہ جي
پتا جو نالو	سيٺ دل واليسنگهہ جي
ماتا جو نالو	(ماتا) مها مايا جي
جنم جي تاريخ	٢٥ آگسٽ سنہ ١٨١٨
ڌرمپتنيءَ جو نالو	ماتا نارايڻي ديوي عرف راڌاجي
سنتان	ڪوبہ نہ
ڀائر	(١) سيٺ پرتاپ سنگهہ صاحب (٢) سيٺ بندرابنسنگهہ صاحب
عام ستسنگ شروع ڪيائون	بسنت پنچمي سنہ ١٨٦١ ۾
جوتي جوت سمايا	١٥ جون سنہ ١٨٧٨ ۾
پاڻ ڪانپوءِ جانشين مقرر ڪيائون	راڌاجيءَ کي آگري لاءِ؛ بابا جيملسنگهہ جي مهاراج جن کي پنجاب لاءِ
راڌاجيءَ جو ديهانت	١ نومبر سنہ ١٨٩٤
بابا جيملسنگهہ جي مهاراج جن جو جنم	جولاءِ ١٨٣٩
جنم استان	ڳوٺ گهومان، تحصيل ٻٽالا (ضلعو گرداسپور)
پتا جو نالو	سردار جوڌ سنگهہ جي

پتا جو نالو	سردار هربنس سنگهه جي (سپٽر حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جا)
ماتا جو نالو	ماتا شيام ڪؤر جي
ڌرمپتنيءَ جو نالو	شريمتي هرجيت ڪؤر جي
پٽ	ڪپتان پرشوتم سنگهه جي
نام جي پراپتي	٣٠ جنوري ١٩٣٣
گديءَ تي براجمان ٿيا	٢٢ آڪٽوبر ١٩٥١

”تون سلامت رهين هزار سال
هر سال جا ڏينهن ٿين لک هزار“

—٥٥—

پينشن پراپت ڪيائون	اپريل سنه ١٩١١ ۾
نام دان جي پراپتي	١٥ آڪٽوبر سنه ١٨٩٤
نام دان بخشيو	١،٢٥،٣٧٥ جيون کي
جوتي جوت سمايا	٢ اپريل سنه ١٩٤٨
	(٩٠ سالن جي عمر ۾)
پاٽ ڪانپوءِ جانشين	سردار بهادر مهاراج
مقرر ڪيائون	جگت سنگهه جن کي
حضور سردار بهادر جگتسنگهه	
جي مهاراج جن جو جنم	٢٠ جولاءِ سنه ١٨٨٤
جنم استان	ڳوٺ نوسيءَ، ضلع جالندر
پتا جو نالو	سردار پولا سنگهه جي
ڌرمپتنيءَ جو نالو	ماتا سدا ڪؤر جي
پت	شري جسونت سنگهه جي
	سپرنٽينڊنگ انجنيئر
نوڪري	گورنمينٽ ڪاليج لاهور مان ١٩٠٨ ۾ ايم-ايس-سي پاس ڪري اُن سال ئي زرعي ڪاليج لائلپور ۾ نوڪري ڪيائون.
نام جي پراپتي	٢٨ ڊسمبر سنه ١٩١٠ ۾
پينشن جي پراپتي	سنه ١٩٤٣ ۾
گديءَ تي براجمان ٿيا	٢ اپريل سنه ١٩٤٨ ۾
جوتي جوت سمايا	٢٢ آڪٽوبر سنه ١٩٥١ ۾
پاٽ ڪانپوءِ جانشين	حضور مهاراج چرنسنگهه جن کي
مقرر ڪيائون	
حضور مهاراج چرنسنگهه	
جن جو جنم	١٢ ڊسمبر ١٩١٦ ۾

سنڌي ڪتابن جي لسٽ

ڪتاب جو نالو	ليکڪ
۱. سار وچن نثر	حضور سوامي جي مهاراج
۲. سار وچن راڌا سوامي (نظم)	حضور سوامي جي مهاراج
۳ پرمارٿي پتر ڀاڱو ۱	بابا جيمل سنگهه جي مهاراج جن جا حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ڏانهن لکيل خط
۴. امرت وچن ڀاڱو ۱	باباجي مهاراج جن جي خطن مان چونڊ وچن
۵. امرت وچن ڀاڱو ۲	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي خطن مان چونڊ وچن
۶. پرمارٿي پتر ڀاڱو ۲	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جا جگياسن ڏانهن لکيل خط
۷. پرمارٿي ساکيون	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جون ستسنگ ۾ ٻڌايل ساکيون
۸. سنتن جي سکيا	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جا ستسنگ
۹. سنت مت	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جا ستسنگ
۱۰. گورمت سار	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي پستڪ "گرمت سڌانت" جو ديباچو
۱۱. گرمت سڌانت (۸۴ وشين وارو)	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۲. سنت مت پرڪاش ڀاڱو ۱	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۳. سنت جيو ڪي وپت چڙاوين	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۴. ڪر نئنون ديدار محل ۾ پيارا هئه	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۵. ڪام ڪروڌ پرهر پرنندا	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۶. نام مارگ	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جو ستسنگ
۱۷. نام ڀڳتي ۽ گروءَ جو مهتو	حضور مهاراج بابا ساون سنگهه
۱۸. آتمڪ وگيان	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه
۱۹. روحاني گل ڦل	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه
۲۰. روحاني گلدستو	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن جا وچن
۲۱. ڀڳتي مهاتم	سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن جو ستسنگ

ڀلنامو

صفحو	سٽ	غلط	درست	صفحو	سٽ	غلط	درست
١٤	١٣	پرايمي	پرئمي	٤٩٢	١٣	کانو	کاڻي
١٥	١	ڏانو	ڏنو	٤٩٣	٣	کيچ	کيچ
٢٤	٩	١٨٨١	١٨٨٩	٤٩٤	٢٢	ڇي	رُڇي
٧٢	١٩	مهانسنگهه	مهاسنگهه	٤٩٧	١٧	کانسوا	کانسواءِ
٨٣	٢٢	ٻاغ	باغ	٥٠٢	٦	نڪتچيني	نڪتچيني
٩١	٢	عربي	عربي	٥٠٩	٥	تيئنر	تيئنر
١١٤	١١	مهاج	مهاراج	٥٣٣	٧	١ جولاءِ	١٠ جولاءِ
١٣١	١٠	ٺ	ت	٥٦٤	٢	گهٽو	گهٽي
١٣٢	٩	کري	ڪاري	٥٦٨	٦	تپجسوي	تپجسوي
١٦٠	٦	ڀهاڙيءَ	ڀهاڙيءَ	٥٨٤	١٤	ضرورت	ضرورت
١٦[illegible]	٧	وت	وت	٥٨٥	٥	گرو	گروءَ
١٦[illegible]	٢٦	آنسون	آنسون	٦٠٠	١	رڻايز	رڻايرب
٢٥[illegible]	١٤	١٩٤٧	١٩٤٨	٦٠٨	٢٢	جئمالستگهه	جئمالسنگهه
٢٩[illegible]	١٠	٥٤	٤٥	٦١٢	٢٦	صاحب جي	صاحب جي مهاراج جن
٣٣[illegible]	٢	سگهه	سنگهه	٦٢٠	٢٧	ٻڏي	ٻڏي
٤٢٠	١	ڏني	ملي	٦٢٢	٢	کانپو	کانپوءَ
٤٤[illegible]	٩	ڀاءُ	ڀاؤ	٦٣٧	٢٤	سردا	سردار

104

DHARITIA TE SURAG
(Sindhi)